
# رُڃ

(ناول)



ج-ع مُنگهاڻي

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# رُڃ

(ناول)

ج. ع. مُنگهاٽي

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو، سنڌ

2011ع

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

ڪتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ

ڇاپو پهريون        سال 2011ع        تعداد پنج سؤ

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

ISBN 978-969-406-028-6

خريداري لاءِ رابطو:

**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**

**تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ**

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)

Email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب ميسرز سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچيءَ مان الهڏنو وگهيو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.



پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌي ادبي بورڊ جي هميشہ اها ڪوشش رهي آهي تہ پنهنجي معزز پڙهندڙن کي سنڌن مطالعي لاءِ سنو ۽ معياري ادب ڏنو وڃي ۽ ان تي عمل ڪندي ڪيترائي شاهڪار ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن، جن کي سنڌي ادب جي تاريخ ۾ اهم ۽ نمايان حيثيت حاصل آهي.

سنڌي ادبي بورڊ پاران لاتعداد ناول ڇپرايا ويا آهن، انهن ۾ شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي مشهور ناولن کان سواءِ جڳ مشهور ناول نگارن جا هن موضوع تي لکيل ڪتاب جنهن ۾ نيٺ ڇا ڪجي، ڪرامازوف ڀائر، جوئاري، پرديسي پادري، سچي محبت، بلو ڪوڪر، رعيتي راڄ گهڻا مشهور آهن. زير نظر ناول ”رُڃ“ ان سلسلي جي ڪڙي آهي جنهن کي مانواري ليکڪا ج.ع مَنگهاڻي صاحبہ لکيو آهي، هيءُ ناول سماج جي ريتن، رسمن، رواجن ۽ گهرو معاملن جي عڪاسي ڪري ٿو جنهن کي تمام سهڻي انداز سان لکيو ويو آهي، هن ڪتاب کي شايع ڪندي نهايت ئي سرهائي محسوس ڪري رهيا آهيون.

اسان کي اميد آهي تہ سنڌي ادب جي معزز پڙهندڙن کي هيءُ ناول پسند ايندو، ان موقعي تي پنهنجي معزز پڙهندڙن جي مفيد مشورن جو پڻ اسان کي اوسيئڙو رهندو جيڪي اسان جي رهنمائي ڪندا.

جام شورو، سنڌ
17- آگسٽ 2011ع

(الهڏتو وگهيو)
سيڪريٽري

# ارپنا

وڇڙي ويل محبتن جي نانءُ:
احترام لائق ياءُ قادر بخش بڪڪ جي نانءُ
جنهن اعتماد ڏنو ۽ لکڻ لاءِ آياريو.

جڪــرو جـــس ڪـــرو، پيـــا مڙيئـــي خـــان
مٿـــي ان مڪـــان، اصـــل هئـــي ايتـــري.
شاهه

۽ مانائتي وڏي اديءَ جي نانءُ
جنهن جي محبتن ۽ شفقتن، بيپرواهيون ۽ چاڳ ڏنا.
جنهن جي هوندي ڪڏهن به پاڻ کي تنها نہ سمجهيم.

جهــڙ نيٽنــؤن نــہ لهــي، ڪڪــر هــون نــہ هــون
ســاريو ســپرين ڪــي، لــڙڪ ڳلــن ســينءُ پــون
ســي مــر رويــو رون، جــن مســافر ســپرين.
شاهه

ج.ع.منگهاڻي

# منگهاڻيءَ جو فن

هــن جــڏهن، پنهنجــي شــعري مجمــوعي، ’خــوابن جــا ايــوان‘ جــي مهاڳ ۾ لکيو، ”کوملتا ۽ کنورتا مــاڻهوءَ (فنکــار) جــي هــٿ وس جــو وٿون آهن، مرضي آهي سندس تہ ان کي کهڙو بہ ويس پارائي...“

ج.ع. منگهــاڻيءَ جــون اهــي سٽون خـاص طـرح سـان ۽ عمـومي طور تي سندس سمورو مهاڳ پڙهڻ کـان پـوءِ لـوک ادب جـي روايـتن/ تحريکن کان ويندي عالمي ادب جي سمورين رمزن، حکايتن ۽ تحريکن ڏانهن ڌيان کڇي وڃي ٿو.

متــين ســٽن ۾ شــاعرا نــہ رڳــو انهيءَ فکر جي ڳالهہ کئي جيکو شــاعر جــي وجــدان جــو شخصــي کرشمو هوندو آهي، پر هن واضح طور تـي شاعريءَ جي گهاڙيٽن جي ترتيـب، مـتن ۽ تخليـق کـي بـہ چـڻ بحث هيٺ آندو هجي.

دنيــا جــي وڏن وڏن نقــادن ان ڳالهہ تـي زور ڏنـو آهـي تـہ شـاعريءَ جو گهاڙيٽو، کنهن کسب، پورهئي يا روايت جو محتاج نہ هوندو آهي پر، فارميٽ، خود شاعر/شاعرا جي

اندر جي اڇل جو ئي نالو آهي. ايذرا پائونڊ بہ ذري گهٽ اها ڳالهہ ڪئي ۽ ان ڏس ۾ هن ۽ ٽي ايس ايليٽ جو فڪري ۽ تنقيدي ورثو جديد حسيت جي قلمڪارن ۽ نقادن لاءِ وڏي ڏِ جو ڪارڻ آهي.

منگهاڻيءَ جي متين ستن مان ذهن انهيءَ ڳالهہ ڪي بہ مڃي ٿو تہ سچائي جي حاصلات ۽ پرک جو ذريعو عقل ناهي، پر اهو وجدان ئي آهي، جيڪو لڪٽيءَ ڪي عقل ۽ تاريخ ڪان ڏار ڪري بيهاري ٿو. اهو صحيح آهي تہ، جڏهن قلمڪار خيالن جي دنيا مان نڪري منطقي نتيجن جي دنيا ۾ پير پائيندو آهي، تڏهن آرٽ ختم ٿي ويندو آهي چاڪاڻ تہ اهو فنڪار جو وجدان ئي آهي جيڪو ٽيڪنڪ جي اهميت تي زور ڏيڻ بدران، جمالياتي سچائي جي جوهر کي نمايان ڪندو آهي.

ج.ع. منگهاڻيءَ جي فڪري لاڙن جو تجزيو ڪبو تہ هوءَ، اسان کي اهڙن فنڪارن مان نظر ايندي، جن جي شاعريءَ ۾ رنگ ۽ نور جا اهڙا پيڪر آهن، جيڪي مڪاني آهن، جن جو قد بت، منهن مهاندو ڏنل وائنل آهي، جن کي پين بہ محسوس ڪيو هوندو، پر انهيءَ جي اظهار لاءِ وٽن ڪو Vision نہ هو يا

انهن وٽ جيڪو تخليقي تجربو هو،
ان جو ادراڪ بہ شايد وٽن ڪونہ هو.
منگهاڻيءَ وٽ جيڪا جذبات
جي شدت آهي، انهيءَ سندس فن کي
اهڃاڻي انداز هوندي بہ سولو ڪري
ڇڏيو آهي. ڇاڪاڻ تہ هن جون
علامتون شخصي هوندي بہ آڏو
واري سماجي ۽ شعري آهنگ جو
احاطو ڪن ٿيون ۽ ڳالهہ پڌري ٿيو
پوي ٿي.
سندس شاعريءَ مان مثال
ڪونہ ٿا ڏيون، پر 'خوابن جي ايوان'
۾ آيل، سندس نثري نظم، ڇتارا،
رينگا، ترائيل، هائيڪا، سانيٽ ۽
ٻيون صنفون هنداڻ سان، هن جي
فن جي غنايت، ذهني سرور جو
ڪارڻ بڻجي ٿي. هن جي ڪلام جي
هيئت، سندس همعصرن جي ڀيٽ ۾
نيم روايتي هوندي بہ شخصي ۽
تخليقي آهي.
منگهاڻيءَ جي شاعري،
رومانس ۽ مزاحمت جي آميزش سان
مرڪي، سڏڪي، روئي پوڻ ۽ پنيءَ
ٻدران، ڇاتيءَ تي گولي کائڻ جو
ساهس بخشي ٿي.
هن جو فن سماجي سچاين سان
ڀرپور آهي، جنهن جو سرچشمو
سندس شخصي ٻڌيماني ۽ وجدان
آهي، پر ان هوندي بہ هوءَ پنهنجي

شاعريءَ ڪي مختلف گهاڙيٽن ۾
ضرور ورچي ٿي، اهو شايد مشرقي
(عروضي) شاعريءَ جي گهري روايت
کان جند نہ ڇڏائي سگهڻ وارو ڪو
مسئلو هوندو ۽ اهو مسئلو عروضي
شاعري ڪندڙن سان ضرور پيش
اچي ٿو.

گذريل ٻن صدين ۾، نئين
حسيت (New Sensibility) جي نقادن تہ
شاعريءَ جي مقصديت يا ڪارج کي
بہ رد ڪيو آهي. هنن جو خيال آهي
تہ، شاعري اهڙو ڪرٽو آهي، جيڪو
پنهنجي روشنيءَ جو پاڻ ڪارڻ آهي.
اونداهين ۾ لڪل شين کي نمايان
ڪرڻ وارو عمل.

ممڪن آهي، فڪري سطح تي
انهيءَ اصول کي ڪو قبول بہ ڪندو
هجي، پر مسئلو اهو آهي تہ مشرق
۾، اهڙو آدرشي معاشرو اڃا وجود ۾
ئي نہ آيو آهي جو فنڪار پنهنجي
سماجي، سياسي ۽ اقتصادي گهرجن
يا حقن واري ڪنهن تحريڪ کي
نيشانبر ڪرڻ ڪانسواءِ، تخليقي
عمل ڪري، نالو ڪڍي سگهي يا
انهيءَ هلچل ۾ پنهنجي پورهئي
(سياسي ۽ ادبي) کي ڳٽائڻ جوڳو
ٻڌائي سگهي.

ج. ع. منگهاڻي نندي ڄمار کان
لکڻ شروع ڪيو، جنهن کي اڄ پريا

ٽيهہ سال ٿيا هوندا ۽ لڳاتار لکي رهي آهي.

هن جي فڪر جون ڏسائون حيران ڪندڙ آهن. شاعري ڪري ٿي، جنهن ۾ سندس لهجو غيرروايتي ۽ اوپرو آهي جيڪو وجود جي گهراين ۾ لهي وڃي ٿو.

ڪهاڻي لکي ٿي ته، شاعرا ج.ع. منگهاڻي ڳوليو نٿي ملي. هن جا موضوع ڌرتيءَ جي سيني مان ابڙڪو ڏيئي ٻاهر اچن ٿا ۽ انهن جا مسئلا ۽ درد، هيانءَ ۾ ڪرٽ وجهيو ڇڏين ٿا. منگهاڻيءَ جي شاعريءَ جو نفيس ۽ ريشمي اسلوب، جڏهن سندس افساني ۾ جانچجي ٿو ته اهو بنهہ ناپيد آهي. هر ڪردار پنهنجي ماحول جي جزئيات ۽ لساني آهنگ سان، پڙهندڙن جي ذهن کي پنهنجي گرفت ۾ آڻيو ڇڏي ٿو. هن جي تازين ٽن ڪهاڻين ، 'ڪربلا، ڏٻڻ ۽ بهتان' جو تجزيو ڪيو ويندو ته نہ رڳو هر ڪهاڻيءَ جو ڊڪشن ۽ تناظر ڌار آهي، پر ونس جيڪا موضوعاتي ويرائٽي آهي، اها ڪيس پنهنجي عهد ۾ وڌيڪ ممتاز بڻايو ڇڏي ٿي.

ج.ع. منگهاڻيءَ جي ادبي ورسٽائلٽي جو دائرو، لطيفيات کان ٿيندي هاڻ ناول تي وڃي پهتو آهي. 'رڃ' تي نظر ٿي ڪجي تہ منگهاڻيءَ

جو فن ڪنهن پراڻي ۽ قيمتي پٿر جيان جرڪندڙ ۽ وسعتن ۾ جل جل ڏياٽيون ٻاريندڙ محسوس ٿي رهيو آهي. سندس ڪرافتمئشپ کي ڏسڻ کان پوءِ ڪوبہ چئي نہ سگهندو تہ هي ناول سندس پهرين جاڪوڙ آهي. هوءَ هڪ مشاق ۽ پورهيت قلمڪار جيان واقعن کي پنهنجي ڏانءَ ۽ ٻوليءَ جي چاڻ سان آرٽ ورڪ جو نمونو بڻايو ڇڏي ٿي. سندس شاعراڻي ٻولي ۽ ان جو استعارو پڙهندڙن کي جادوءَ ۾ جڪڙيو ڇڏي ٿو ۽ اهو هن جو Poetic wonder بہ چئي سگهجي ٿو.

ناول جو سمورو تاڃي پيٽو سندس ڏات ۽ ٻڌيمانيءَ جي جوهر ۽ ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جي آميزش سان نين ڏسائن جا منظر پسائي ٿو. ’رُڃَ‘ سنڌ ۽ بلوچستان جي سرحدن تي جنم وٺندڙ هڪ سچي پريم ڪهاڻي آهي، جنهن جا ڪي مکيہ ڪردار اڃا بہ حال حيات آهن. منگهاڻيءَ ڪمال ڪاريگريءَ سان هڪ واقعي کي پنهنجي اميجري ۽ لفظيات جي سونهن بخشي، ميدانن ۽ جبلن ۾ ڀٽڪندڙ پريم ڪهاڻي کي ڪاغذ تي پلٽائي ڇڏيو آهي. هن جو اسلوب ڪو تڪيو ڪلام ناهي. هوءَ ڌرتيءَ تي بيٺل آهي ۽ اهو ئي ڪارڻ آهي

جو هن جي فن ۾ جمال آهي. هن
ڪنهن نظرئي يا ازم جي آڌار تي نه
پر زندگيءَ جي ڏاڍ جي اٿڙ ڪهاڻي
لکي آهي جيڪا هن جي ذهن سان
طويل عرصي کان چنبڙيل هئي. هوءَ
ماڻهو جي Objective co-relative ۾
پنهنجي فن کي راس ڪرڻ لاءِ
جاکوڙي ٿي.

هن وٽ توفيق آهي جو
پنهنجي لکئي کي معنيٰ به ڏيئي
سگهي آهي. هن جي ڪهاڻي ۾ هڪ
وارداتي جبر موجود آهي. هوءَ
ڪهاڻيءَ ۾ پاڻ داخل نه ٿي آهي، پر
هڪ شعوري جاکوڙ سان ناول جو
تاڃي پيٽو اڻيو آهي. منگهاڻي انهن
ليکڪائن مان آهي جيڪي ڪنهن
چرڪائيندڙ ۽ سگهاري تخليقي عمل
کي عام آڏو آڻڻ لاءِ ڊگهي عرصي
تائين روشنيءَ جو اوسيئڙو ڪيندا
آهن. اهڙي ريت منگهاڻي به دک جي
دوزخ کي دل ۾ سانڍي ان جو
برجستو ۽ سيبائتو اظهار ڪيو آهي.

'رُجَ' جا ڪردار، هن جي
ويجهي تجربي ۾ آيل. سندس
ٻڌيمانيءَ جو سرچشمو محسوس ٿين
ٿا. معاشري جي پرجهل يا ڏتڙيل
ڪردار جي سائڪيءَ جون منگهاڻيءَ
جيڪي علامتون ڏيکاريون آهن،
اهي سماجي زوال پذيريءَ تي چٽر

آهن، جيڪي بلندين يا پستين ۾ رهندي عظمتن ۽ ذلتن، خارجي عوامل يا اندر جي پيچ ڊاهه جي حوالي سان پڙهندڙن کي متحرڪ ۽ موٽيويٽ ڪن ٿا.

ج. ع. منگهاڻيءَ جا ڪردار سرڪشن، اڏول، بهادر نتيجن کان بيپرواهه ڪردار آهن. 'رُجَ' اهڙن ئي ڪردارن جي رومانوي ڪهاڻي ۽ خوبصورت ڊڪشن سان سنواريل ناول آهي.

25 ڊسمبر 2001ع.

**تاج بلوچ**
ايڊيٽر سوجهرو ڪراچي

## باب پهريون

هوءَ پنهنجي شخصيت، سونهن ۽ وقار بدولت پنهنجي سڄي خاندان ۾ منفرد هئي. نہ رڳو خاندان پر هر ويجهي ۽ پرائي لاءِ اهم هئي، سندس ڳالهائڻ ٻولهائڻ، هلڻ چلڻ، کلڻ ۽ کائڻ مطلب تہ سندس هر انداز وڻندڙ ۽ خوبصورت هو. ايئن ٿي نٿي سگهيو تہ هوءَ ڪٿي وڃي ۽ حيثيت عام جهڙي هجي. ڪيس نظرانداز ڪرڻ ڪنهن جي بہ وس ۾ نہ هو. هوءَ هر تقريب ۽ محفل جي رونق ۽ جان هئي. هوءَ جتي بہ ويندي هئي، اها جاءِ ظاهر ظهور اهميت واري ٿي ويندي هئي. هوءَ سردار مهراب خان جي مامي حمل خان جي ڌيءَ هئي ۽ سردار مهراب خان جو مڱڻو، حمل خان جي وڏي ڌيءَ تاج بيبي سان ننڍپڻ ۾ ئي ٿيل هو. جڏهن هوءَ وڏي ٿي تہ سردار مهراب خان پنهنجي ماءُ عزيز جان جي اڳيان سڳ بدلائڻ لاءِ وڏا وس ڪيا، پر هن اهي وس ظاهري سيني جي اڳيان نہ پر رڳو پنهنجي ماءُ اڳيان ڪيا.

”امان تاج بيبي نہ، مون کي جان بيبي ٿي ڪپي، اها وني ڏي.“

عزيز جان حيران ٿي چيو، ”ابا ڳالهائين ڪيئن ٿو، سونت ۾ تہ آهين؟“

”امان، آءٌ مامي حمل خان جي گهر کان ٻاهر تہ نٿو وڃان، بس وڏي نہ ننڍي وني ڏي.“

”شاباس هجئي ابا، اهو سڀ ڳالهائڻ تي. ڪيئن تو اهو سڀ بنا سوچ ۽ سمجهہ جي ڳالهايو، اهو بہ نہ سوچيئي تہ ماٺهو ڇا چوندا. سڄي دنيا کي خبر آهي تہ تنهنجو مڱڻو تاج بيبيءَ سان ٿيل آهي ۽ اها تنهنجي مڱ آهي.“

”نڪاح تہ ڪونہ ٿيو آهي. مڱڻي ۾ ڇا آهي؟“

”..............................!!“

حوا جي اچڻ ڪري، عزيز جان ماٺ ڪئي ۽ جڏهن حوا

ڪمري مان نندي ميز ڪڍي ٻاهر نڪتي تہ سردار مهراب خان اتي ڪمرو لاڪ ڪيو.

عزيز جان ڏک ۽ ڪاوڙ مان چيو، ”واهہ، واهہ سردار، راڄ ڏٺي، پڳ ڏٺي، ۽ ڳالهيون وري اهڙيون ڪوجهيون ۽ غير ذميدارن جهڙيون، تو تہ ابا مون کي وڏو ڏک ڏنو، هاڻي مهرباني ڪري مون سان ان باري ۾ وڌيڪ نہ ڳالهائجان..... ۽ ابا، هي جيڪي مايون ايندي ويندي ڏسين ٿو نہ انهن مان ڪانہ ڪا وڃي ادا حمل خان جي گهر ڳالهہ ڪندي ۽ پوءِ ادا حمل خان کي مان بہ سڃاڻان تہ تون بہ چڱيءَ طرح سان سڃاڻين ٿو، سگ تہ ڇا ڏيندو، پر جيڪي ميارون ٿينديون اهي بہ تون پليءَ پٽ ڄاڻين ٿو، پر اڄ توکي ٿيو ڇا آهي؟ هي ڪهڙو دورو پيو اٿئي، تاج بيبي ۽ جان بيبيءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي، ٻئي هڪجهڙيون پيٽيون آهن.

سردار مهراب خان مشڪي چيو، ”فرق ڪيئن ڪونهي، فرق تہ وڏا آهن امان.“

”ابا، منهنجي دل نہ ساڙ، تاج بيبي تنهنجو سن آهي، جان بيبي تہ توکان گهٽو نندي آهي. اڃان تہ مس هاڻي سامائي آهي.“

”پوءِ بہ امان ڪوشش تہ ڪر ڪوشش ڪرڻ ۾ ڇا هي؟“

عزيز جان تنگ ٿي چيو، ”الائي ابا، هرويرو مون کي تو ساڙين ۽ ٻارين يا الله نہ ڪري عقل اونڌو ٿيو اٿئي.“

ماءُ کي ڏکارو ڏسي سردار مهراب خان ڪيس پاڪر پائي چيو، ”امان، ڪاوڙجين ڇو ٿي؟“

”ڳالهہ بہ تہ ابا، ڏس ڪهڙي ڪئي اٿئي؟“

”نهيو امان، معاف ڪر.“

سردار مهراب خان پنهنجا ٻئي هٿ سندس پيرن تي رکيا تہ عزيز جان جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا. پٽ جا هٿ چمندي چيائين، ”مٺا پٽ، ماڻهو اهوئي ڳالهائي جيڪو سندس منهن تي پوي ۽ نهي. ڪيڏانهن تون، جنهن جي مٿان راڄ جا بار ۽ مظلومن کي انصاف ڏيڻ جون ذميداريون ۽ ڪيڏانهن وري هي ڏک ڏيڻ جون ڳالهيون ۽ بي واجبيون.“

عزيز جان رئي سان اکيون اگهيون تہ سردار مهراب خان اتاولو ٿي سندس هٿ چمڻ لڳو.

”امان امان هي ڇا، تون روئي پيئي؟“

”ابا، جڏهن تنهنجي پيءُ رضا کئي تہ تون مس ڏهن سالن جو هئين ۽ هاڻي خير سان تون پنجويهن سالن جو آهين. اهي پندرهن سال مون نہ رڳو توکي اها تربيت ڏني تہ تون پنهنجي قابل پيءُ وانگيان راڄ ۾ انصاف هلائين، پر اهو سڄو عرصو مون پاڻ راڄ جا فيصلا ڪيا ۽ اڄ توئي مون کي اهو احساس ڏياريو آهي تہ منهنجي تربيت ۾ ڪا کوٽ آهي.“

”امان، خدا جي واسطي مون کي معاف ڪر.“

سردار مهراب خان ٻيهر سندس اڳيان هٿ ٻڌا، ٻنهي ماءُ ۽ پٽ جي محبت مثالي هئي، پر اڄ الائي ڇو سردار مهراب خان ڪيس رنجايو هو. هن سوچيو، ’اهو سڀ مون ڪان جان ٻيبيءَ جي انتهائي حسن ڪرايو آهي، نہ تہ جيڪر هو اهو سڀ ڪيئن سندس اڳيان ڳالهائي ها.‘

عزيز جان، جنهن جا ڪيل فيصلا اڄ بہ مثالي آهن ۽ جيڪا سڄي راڄ ۾ ”وڏي جيجا“ جي نالي سان مشهور آهي، جنهن جي عزت ۽ احترام جو ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي، جنهن هيڏي حويليءَ ۾ پنهنجي سڄي جواني پنهنجي پٽ ۽ راڄ لاءِ وقف ڪري اڪيلي گذاريو هو ۽ پنهنجي جوانيءَ جون سڀ گهرجون پٽ ۽ راڄ لاءِ ٿڏي ڇڏيون هيون. هن ماءُ ۾ نهاري ڪيس خوش ڪرڻ لاءِ چيو، ”امان، معاف ڪر، مون هٿ ڪنيو، پلا جان ٻيبي ڪنهن کي ملندي؟“

عزيز جان ڏانهنس حيرت مان نهاريو ۽ اهو ڏسي تہ مهراب خان هاڻي پنهنجي ڳالهہ تان بنا ڪنهن پڇتاءَ جي رضا ڪارانہ طور دستبردار ٿي چڪو آهي تہ پر سڪون ٿي وئي.

”اها تہ ادي اميران پنهنجي پيڻ جي پٽ کي ڏيندي. ڇو جو هن اڳ ئي چيو هو تہ، جي هڪ ڏيءَ مڙس جي پيڻ کي ڏيندس تہ ٻي ڏيءَ پنهنجي پيڻ کي ڏيندس. هن اها ڳالهہ جان ٻيبيءَ جي

چمنديءَ ئي ڪئي هئي ادا حمل خان جي اڳيان، بلڪ ڪيس ئي چئي هئي ۽ ان مهل جڏهن ادا حمل خان پوڳ مان چيو هيس تہ، اسان جو تنهنجي پيٽ ۾ وجي چا؟ تہ هوءَ ايڏي تہ ڪاوڙي هئي جو حد ئي ڪانهي، چيائين، ”مان ڪو خون ۾ ڏنل آهيان جو پنهنجي ٻچن ۾ بہ حقدار ناهيان. مس مس ڪيس پرچايو هيوسين.“

”پوءِ پلي سندس پاڻيجو ڪهڙو بہ هجي؟“

”نہ ابا ايئن تہ مائٽ پنهنجو ٻچو جهڙي تهڙي ڪي ڪيئن ڏيندو، اهو بہ هيرن جهڙو ٻچو!!“

سردار مهراب خان جي اڳيان جان بيبيءَ جو خوبصورت چهرو اچي ويو ۽ هن دل ئي دل ۾ چيو، ”واقعي هيرن جهڙو ٻچو.“

عزيز جان چيو، ”اها تہ توکي بہ خبر آهي تہ ادي اميران اسان جي خاندان جي ناهي ۽ ادا حمل خان ڪي ڪيڏين ميڙين ۽ منٿن سان ملي هئي.“

سردار مهراب خان ڪلي چيو، ”۽ امان، مامي حمل خان جو مامي اميران سان عشق بہ تہ لوڪان لوڪ مشهور ۽ پڌرو هو.“

عزيز جان مشڪي چيو، ”ها ابا، ادي اميران ڪي ڏسي تہ ادا حمل خان ماڳهين وٽن وجي رهي پيو هو ۽ تيسين نہ اٿيو جيسين هوءَ ڪيس نہ ملي.“

”امان، مامي اميران سهڻي بہ تہ اهڙي ئي آهي نہ، مامي حمل خان ويچاري جو ڪهڙو ڏوهہ، هاڻي بہ جڏهن عمر جي وڏي تي آهي، تڏهن بہ گهڻي سهڻي آهي. جوانيءَ ۾ تہ ڪيڏي خوبصورت هوندي.“

”ها ابا، جڏهن هوءَ پرڻجي اسان وٽ آئي هئي هتي، تہ سندس سونهن ڏسي هرڪو حيران ٿي ويو هو. صفا جند جان بيبيءَ جهڙي هئي.“

جان بيبيءَ جي نالي تي سردار مهراب خان جي دل ڌڙڪي پئي.

”واقعي امان، مامي امير بيبي خوبصورت آهي اجان بہ“

”ها ابا، ۽ ادي اميران جو پيءُ بہ پنهنجي راڄ جو چڱو مڙس

هو ۽ جڏهن ادا حمل خان سگ گهريو تہ چيائين، اسين پنهنجي خاندان کان ٻاهر پنهنجيءَ ذات ۾ بہ سگ نٿا ڏيون ۽ ابا، اسين تہ صفا ڌاريان ٻي ذات جا هئاسين نہ، پر ادا حمل خان وڏا حيلا ۽ جتن ڪيا، امان ۽ بابا کي ونئي ويو وري هتان پڳو سو وچي سائين رزاق شاهہ کي ميڙ ونئي آيو. سائين رزاق شاهہ کي ڏسي هيڪاري ويچاري چاچا نوروز خان ماٺ ڪئي ۽ سگ ڏيڻ لاءِ حامي ڀريائين پر وري بہ سگ جي بدلي سگ ونڻ جي ڳالهہ ڪيائين، پر مان تہ ادا حمل خان جي هڪڙي ئي ڀيڻ هيس اها بہ شاديءَ واري سو بابا، چاچي نوروز خان کي چيو تہ، ادا بدلي جو سگ تہ مون وٽ ڪونهي، تہ وري هن چيو، ڀيٽ ٻڌي ڏيو.“

”اهو وري ڇا آهي امان؟“

سردار مهراب خان نہ سمجهندي پڇيو تہ عزيز جان چيو، ”اهو وري انهن ۾ رواج آهي تہ جي ان مهل سگ جي بدلي ۾ ڪو سگ ناهي تہ پوءِ عيوضي ۾ هو پنهنجي ڏنل ڌيءَ جي ڄميل هڪڙي ڌيءَ ڪٽندا آهن، يعني هڪڙي انهن کي هروڀرو بہ ڏبي پر اسان اهو بہ نہ مڃيو. ادا حمل خان تہ راضي ٿي ويو هو.“

مهراب خان کلي چيو، ”مامو تہ ان مهل هڪڙي ڇا پر پنهنجون سيئي ڌيئرون ڏي ها.“

عزيز جان بہ کلي چيو. ”سچ ٿو چوين ابا، ادا حمل خان تہ ان مهل انهن جا سڀ شرط مڃي ها پر امان کين چيو تہ، سگ آهن پيار ۽ محبتن جا، شرط ۽ ادلي بدلي جون ڳالهيون آهن ويچن جون، اوهان جڏهن پنهنجي ههڙي ملوڪ نياڻي ڌيئي اسان سان مائٽي ٿا ڳنڍيو تہ اسين بہ محبتون ۽ مائٽيون نيائي ڄاڻون. اڄ جڏهن بنا ڪنهن ڏي وٺ جي اوهين اسان تي ننگ ڪري پنهنجو ٻچو اسان کي ڏيو ٿا تہ سياڻي تہ اهي سيئي ٻچا اوهان جا هوندا، انهن کي اوهان کان ڌار ڪير ڪري سگهندو؟ هڪڙي ڇا سيئي ونجو ۽ ڏجو، وري بہ پاڻ ۾ سگين بندين گڏجو ۽ ڳنڍجو. ابا، ادي اميران جا مائٽ بہ وڏا عزت وارا ۽ مانائتا هئا ضد نہ ڪيائون.“

”امان، مامي حمل خان جي انهن سان سڄات ڪيئن ٿي؟“

”ابا، ادي اميران جو ياءُ جعفر خان ادا حمل خان جو دوست هو. ايئن پوءِ جڏهن به ادا حمل خان جو ڪراچي اچڻ وڃڻ ٿيندو هو ته وٽن به ويندو هو ۽ پوءِ جڏهن ادي اميران کي ڏنائين ته هيڪاري موهت ٿي رهڻ ئي اتي لڳو ۽ هتي امان ۽ بابا کي به وهڻ وهه ڪري ڏنائين.“

”امان، يلا مامي حمل خان جو مگٽو ٿيل هو؟“

”نه ابا، مگٽو ٿيل هجي ها ته پوءِ ڳالهه ڏکي ٿئي ها.“

”مگٽو ٿيل چو نه هو، منهنجو ۽ ڀين به سين جو مگٽو نڊيپڻ ۾ ئي ٿيل آهي پوءِ مامي حمل خان جو مگٽو نڊيپڻ ۾ چو نه ٿيو؟“

”اسان جي خاندان ۾ چوڪرين جي هميشه کوٺ رهي آهي. الائي ڪهڙو سبب آهي جو اسان جي خاندان ۾ شروع کان وٽي چوڪريون گهٽ ڄايون آهن. مان به هڪڙي ته مون کي به ڪا ڏيءُ نه ٿي، توڪي الله وڏي ڄمار ڏي هڪڙو ئي ٿيئين، تنهنجي چاچن کي به رڳا پٽ ٿيا. مان جڏهن ڄايس ته چاچا ڪامل خان دهلن دمامن سان مبارڪ ڪٽي آيو ۽ ايندي ساڻ منهنجي پينگهي تي پنهنجي پٽ جي نالي جي پوتي وڌائين ۽ امان مون کي ٻڌايو ته ان مهل بابا کلي چاچا ڪامل خان کي چيو، يلا حمل خان کي ڪٿان پرٽايان؟ ته چاچي کلي چيو ته مون کي موڪل ڏي ته ٻي شادي ڪريان من ڪا ڏيءُ ٿئي ته حمل خان کي ڏيان، ايئن ادا حمل خان رهجي ويو. بابا ۽ چاچو ڪامل خان پاڻ ۾ سؤٽ هئا پر پيائرن کان به مٿي محبتون هين، سو پيائرن جا ڪهڙا ليکا؟ ڪنهن هڪ ڳالهه ڪئي ته بس، اها ئي ٿي ويئي ٻيو وري وچ ۾ ڪونه ڪڇندو.“

مهراب خان کلي چيو، ”مامو حمل خان وڏو ڀاڳ وارو آهي.“

”واقعي ابا، ادا وڏو ڀاڳ وارو آهي جو اهڙي سهڻي ۽ سگهڙ زال مليس. ادا حمل خان کي پهرين جڏهن هڪ ٻي پنيان به پٽ ستار ۽ جبار ٿيا ته پانيوسين ته سندس پير به ڏاڏن ۽ چاچن تي پيو آهي، پر پوءِ الله جي مهرباني ٿي ۽ تاج بيبي ڄائي. تاج بيبيءَ جو جمڻ مون کي ايئن ياد آهي جڻ اڄوڪي ڳالهه، رات جا ٻارهن ٿيا هوندا جو ادا حمل خان جي گهران چار پنج ماڻهو کير ڪٽي آيا.“

مهراب خان پلنگ تي ٽيڪ ڏيئي وهاڻو هنج ۾ رکي ان تي ٺونٺيون ڏيئي ٻنهي هٿن جي پيالي ۾ منهن رکي ماءُ جون ڳالهيون دلچسپي ۽ مزي سان ٻڌي رهيو هو. ٻنهي ماءُ ۽ پٽ جي محبت دوستن جهڙي گهري هئي. گهر ۾ ياتي ٻه رڳو پاڻ ٻه هئا باقي ٻي نوڪرن جي فوج.

وڏو سردار سڪندر خان جڏهن گذاري ويو ته مهراب خان کي ڪوبه ياءُ ۽ ڀيڻ نه هو. چاچا ۽ سؤٽ هئا ۽ انهن جا گهر به ويجها هئا ۽ هو وٽن ويندو به هو ۽ اهي به وٽس ايند هئا، پر انهن جي مزاج ۽ سردار مهراب خان جي مزاج ۾ زمين آسمان جو فرق هو، نوجوان سردار مهراب خان رحمدل ۽ ٻاجهارو هو، پر ٻيا چڱا مڙس عام ماڻهوءَ کي ماڻهو نه پر وهٽ ۽ ڍور ڪري سمجهندا هئا. انهن جون ڳالهيون ، ڪچهريون، فيصلا ۽ مشغلا سڀ سردار مهراب خان جي مزاج جي خلاف ۽ مختلف هئا. سرداريءَ جي پڳ ته مهراب خان کي ٻڌل هئي، پر رعب ۽ وڏاندري سندس سؤٽ ڪندا هئا، جيڪا ڳالهه سردار مهراب خان کي سخت ناپسند هئي، تنهنڪري ئي وٽن گهٽ ويندو هو ۽ اهي به وٽس گهٽو نه ايندا هئا. باقي سندس مزاج پنهنجي ماءُ سان ڏاڍو ملندو هو ۽ ڪيس وٽس وهندي ۽ ساڻس ڳالهيون ڪندي به ڏاڍو مزو ايندو هو، جيڪا سندس سڀ ڪجهه هئي ۽ جي ڪڏهن وٽس ڪو فيصلو ۽ ڪچهري نه هوندي هئي ته هو ٻين سردارن وانگيان فضول شوق ۽ اجايون راتيون نه گذاريندو هو پر پنهنجي ماءُ جي ڪمري ۾ اچي ساڻس ڪچهري ڪندو هو، انهن ڪچهرين ۾ گهڻو ڪري مايون به شريڪ ٿينديون هيون ۽ پنهنجا مسئلا، دلچسپيون ۽ ڪل يوڳ ٻڌائينديون هيون، پر اڄوڪي ڪچهريءَ ۾ ڪنهن کي به شامل نه ڪيو ويو هو ۽ ڪمري جو دروازو بند هو. گهڻن ڏينهن کان پوءِ اڄ صبح جو سردار مهراب خان پنهنجي مامي حمل خان جي گهر ويو هو ۽ اتان جان ٻيبيءَ کي ڏسي مست ٿي موٽيو هو ۽ ايندي ساڻ ايڏي ته سولائي ۽ آسانيءَ سان سڳ بدلائڻ جي ڳالهه ڪئي هئي جو عزيز جان تڙپي پئي هئي ۽ پوءِ ماءُ جو ڏک ڏسي جڻ هو هوش ۾ اچي

ويو تہ هي مون ڇا ڪيو؟ ۽ پوءِ ماءُ ڪي پرچائڻ ۽ خوش ڪرڻ لاءِ پراڻيون ڳالهيون ۽ قصا ڇيڙي وينو ۽ عزيز جان جي دلچسپ انداز ۾ خاندان جي محبتن جون ڳالهين ٻڌي هو اهو سڀ وساري وينو هو تہ انهن ڳالهين جي ڪولڻ جو سبب تہ سندس ئي هڪ عجيب ۽ اڻ وڻندڙ گهرج هئي تہ، تاج بيبي جي بجاءِ ڪيس جان بيبي ڏني وڃي، پر هاڻي هو مشڪي مشڪي ماءُ جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو ۽ عزيز جان جنهن مهل چيو تہ حمل خان جي گهران رات جو ٻارهين وڳي چار پنج ماڻهو ڏيءَ ڄمڻ جي ڪير ڪٽي سندس پيءُ سردار سڪندر خان وٽ آيا تہ سردار مهراب خان مشڪي چيو، ”امان، ڏيءَ جي ڪير بہ ڏبي آهي، ڪير تہ پٽ جي تي ڏجي؟“

عزيز جان مشڪي چيو، ”بيشڪ ابا، ڪير پٽ جي ڏبي آهي، پر هتي اسان وٽ تہ معاملو ئي ابتو آهي نہ، پٽن ڪي الله وڏيون ڄمارون ڏي، ان مني ڀاڄيءَ مان تہ ويڙها پريل آهن، تنهنجي پنجن ڇاڇن مان ٽن ڪي تہ ماڳهين ڏيءَ تي ئي ڪانہ، رڳو چار چار پٽ ٿيا، باقي ٻن ڪي جي هڪڙي هڪڙي ڏيءَ تي تہ اها بہ ٽن ۽ ڇئن پٽن کان پوءِ ۽ انهن ڏيئن جون لنگهن ۽ لورن تہ ڇا پر آڄن ۽ نومڙين بہ ٻوڙون ڪري ڪيرون ورتيون ۽ ادا حمل خان جي ڏيءَ جي ڪير ڏيڻ وقت، خبر اٿئي تہ، الله جنت نصيب ڪري تنهنجي پيءُ ڇا ڏنو هو؟“

مهراب خان مشڪي چيو ”ڇا ڏنو هو؟“

”ماڻهو تہ چار پنج آيا هئا ۽ پوءِ ٻيا بہ ست اٺ ماڻهو ٻوڙي ڪير ڏيڻ آيا هئا، پر سڀ کان پهرين جنهن ڪيس ڪير ڏني هئي ان کي پنهنجي اٽن ۾ جيڪو سيني کان پلو اٺ هو اهو سوني ناڪيليءَ سان سينگاري ڏنو هو، باقي ٻين ڪي بہ گهٽو ئي ڏنائين. ڪير (مبارڪ) ۾ ۽ پوءِ صبح جو تنهنجو پيءُ ۽ مان توکي وٺي مناڀون ڪٽي ادا حمل خان جي گهر مبارڪون ڏيڻ وياسين، اتي ويندي ساڻ تنهنجي پيءُ پنهنجي ڪلهن تان اجرڪ لاهي تاج بيبيءَ جي پينگهي تي وجهي تنهنجي لاءِ سڳ گهريو هو.“

”امان، ان مهل منهنجي عمر گهٽي هئي؟“

”تون چئن سالن جو مس هئين ابا.“

”پوءِ مامي حمل خان کو سوال نہ اتاريو؟“

”ابا، انهن سؤٽن ۾ پيائرن کان متي پيار ۽ محبت هئي ادا حمل خان مون کي چيو، ادي عزيزان، ڏيءَ تہ ڏيانوَ تو پر منهنجا بئي پٽ اوهان پرڻائجو. اسان تہ ٻنهي ڪٽي سندس اڳيان هاڪار ۾ سر نوايو تہ، بيشڪ اها ذميداري اسان جي آهي.“

”مامي امير بيبيءَ ڪجهہ بہ نہ ڪڇيو؟“

”ان مهل تنهنجي پيءُ جي اڳيان تہ ڪلي ڪٽي ماٺ ڪيائين پر پوءِ اسان جي وڃڻ کان پوءِ جيڪا ادا حمل خان سان جٽ ڪيائين، توبهہ!!“

مهراب خان ٿهڪ ڏيئي چيو، ”چا چا امان، ويچاري مامي سان چا ڪيائين؟“

”ها ابا، ادا سان ڏاڍي ڏي وٺ ڪيائين، ماين اچي سڀ الف کان ي تائين مون کي ٻڌايو تہ، ادا حمل خان کيس چيو تہ ٻيءَ ڏيءَ جمندي تہ اها ڪٽي تون ڪٽج، ان تي ادي اميران چيس تہ، ڏيءَ ڄڻڻ ڄڻ منهنجي هٿ ۽ وس ۾ آهي!!

عزيز جان ڪليو تہ مهراب خان بہ کلڻ لڳو.

”پوءِ جڏهن جان بيبي ڄائي پوءِ؟“

”پوءِ تہ ادي اميران شينهن تي بيٺي ۽ ادا حمل خان کي چيائين تہ، مون کي خبر آهي تہ تون سؤٽن وارو آهين ۽ انهن سيني وٽ پٽ آهن پر منهنجي هن ڏيءَ جو نالو بہ نہ وٺجو.“

مهراب خان جي منهن ۾ نهاري چيائين، ”سو ابا، ادي اميران بہ سگهي زال آهي، ڪڏهن بہ توکي جان بيبيءَ جو سڱ نہ ڏيندي. اجان بہ جي تاج بيبي توکي ڏنل نہ هئي پوءِ ڪٽي ماٺهو ڪجهہ ڳالهائي بہ ها، پر هاڻي تہ سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. رڳو ناراضگيون ۽ رنجشون بلڪ دشمنيون ٿينديون ٻيو ڪجهہ بہ هٿ حاصل نہ ٿيندو.“

اها ڳالهہ ڪري ڄڻ وري بہ عزيز جان کيس ساڳي دڳ تي آڻي بيهاريو ۽ هو بہ ساڳي ئي هنڌ تي اچي بيٺو.

”امان، ڪوشش ڪرڻ جو ئي تہ چيو هوم نہ!!“

عزيز جان سندس ڳالهہ ڪٽي چيو، ”نيڪ آهي ابا، مان ڪٽي ڪوشش ڪريان بہ، پر ڇا توکي تاج بيبي نٽي وڻي؟“

”ائين تہ ڪونہ چيو اٿم امان.“

”بيو ڪهڙو مطلب آهي ان ڳالهہ جو، جان بيبي تہ توکي ملندي ڪانہ ۽ بيءَ صورت ۾ تاج بيبيءَ جي دل بہ تو پاران ڪٽي ٿي پوندي. ڇا پوءِ اهو چڱو ٿيندو؟

مهراب خان ڇرڪي چيو، ”نہ امان نہ، ڪا ضرورت ناهي.“

هو سمجهدار هو سو سمجهي ويو. هن تہ پنهنجي دل ڪان مجبور ٿي جڻ لاشعور ۾ وسيل خوبصورت سپني جي من پسند ساٿيان ماڻڻ جي لاحاصل ڪوشش ڪئي هئي. اهو بہ محض ان ڪري تہ سندس خيال موجب جي هن مهل اها ڪوشش نہ ڪندس تہ متان اڳتي هلي ڪنهن خلش جو روپ ڌاري پڇتاءُ بنجي پوي. تنهنڪري منڊ ۾ ئي ماءُ اڳيان اظهار ڪري جواب ماڻي اهو خيال ئي چٽي ڇڏيائين. هونئن بہ تحت الشعور ۽ لاشعور پاڻ ۾ سڀَا سؤٽ ٿين، بئي پياسا بئي هبڇي رهيا آهن هر جنم ۾. سردار مهراب خان پاڻ کي ماءُ کان ڌار سمجهو ئي ڪٽي هو. ماءُ اڳيان اظهار ڪيائين، جڻ پاڻ سان پاڻ ڳالهايائين ۽ پوءِ جڏهن سردار مهراب خان جي شاديءَ جي تاريخ طئي ٿي، ڪنُ ٻڌو ويو تہ هو ايئن خوش هو ۽ تيارين ۾ ايئن وهلور، جڻ تاج بيبي ئي سندس لاشعور جو سپنو هئي، جيڪا کيس ملي. عزيز جان بہ پٽ کي خوش ڏسي پرسڪون ٿي وئي هئي.

شادي جڏهن ڪنهن غريب جي ٿيندي آهي تہ اهو بہ ان کي شانائتي بنائڻ لاءِ هٿ پير هڻندو آهي ۽ وڏا وس ڪندو آهي.

بجار، مدد، اوڌر سوڌر ڪٽي بہ مهل کي منهن ڏيڻ جي وس آهر بلڪ وس ۽ وت کان ٻاهر ڪوششون ڪندو آهي تہ شاديءَ جي ڌم ۽ ڌوم هنڌ هنڌ پکڙي پوءِ پلي پيو عمر ساري قرض ۽ پرتيون پري ۽ ڪيتا لوڙي. باقي اهو ٻڌي پيو نرندو آهي، جڏهن ماڻهو سندس باري ۾ چوندا تہ، فلاڻي جي شاديءَ ۾ تہ ڪتا ۽ ٻلا بہ ڪاڇن

مان ٽرچي ۽ ڪچرجي پيا هئا ۽ دنيا ڪاڏو ۽ ڍوهيو پر ديڳين جون ديڳيون بچي خراب ٿي ويون ۽ هيءَ سردار مهراب خان جي شادي هئي، جتي نڪو ڪاچ جي ڪوٽ نڪو ڪاچ جو ليکو، نڪا خوشين جي حد، نڪو خرچ جو حساب، لورو، لنگهو، مڱتو هرڪو ڍائو پنو لاڳن ۽ ناچن ۾ مست مگن لڳو پيو هو. اندر حويليءَ ۾ ماين جي راڳن ۽ ڳيچن جا مقابلا ۽ بحث ته ٻاهر مردن ۾ ڪيل تماشا، ڏونڪا ۽ ڏانديا. هر رات نئين محفل نوان مشادا. سردار مهراب خان جي سؤٽن ۽ دوستن پاران روز رات جو مينديءَ جون محفلون، ڳائڻن ۽ ناچڻين جون عيدون لڳيون پيون هيون. مينديءَ واريون محفلون ته مهينن کان جاري هيون پر انهن مان اڄ تائين هاشم خان، گلزار خان ۽ طارق خان جون منديون زور هيون.

”اڄ ڪنهن مندي ڪئي آهي؟“ سجڻ ڪانيون ڦوڙيندي اسحاق کان پڇيو.

”اڄ سائين مصطفيٰ خان مندي ڪئي آهي، پر يار اڃان تائين اهي ٽيئي منديون زور آهن هاشم خان ۽ گلزار خان واريون منديون به زور هيون پر سائين طارق خان واري مندي جو مقابلو ئي ڪونهي، مون کي ته اها ئي زور لڳي ها نه؟“

”هئو، پر مون کي ته سيني کان گلزار خان واري مندي زور لڳي. صفا شادين جهڙي هئي ڪيڏو ڪاچ ۽ محفل هئي!“

سجڻ کلهي تي رکيل ميري رومال سان پگهر اگهندي چيو ته اسحاق چڙي چيو، ”اها هاشم خان ۽ طارق خان وارن جي مندي کان به زور هئي؟“

”نه نه، مان ائين ته ڪونه ٿو چوان پر گلزار خان واري منديءَ جي محفل ته يار سيني کان زور هئي، ڏٺيون ڪونه هيئي لاهور ۽ پنجاب واريون ناچڻيون؟“

سجڻ ٿڌو ساهه کڻي ٽڪ ڳوري چيو، ”هاءِ ڙي هاءِ وسرن ئي نٿيون.“

اسحاق کلي چيو، ”تو ته چريا، انهن مٿان پنهنجو الهه تلهه گهوري ڇڏيو.“

سڄڻ خوشيءَ مان ٽڙي چيو، ”اڙي، ڏوڪڙن جي کهڙي ٿو ڳالهه ڪرين، محبوبن مٿان ساهه به گهوري صدقو ڪجي ته ڪا ڳالهه ئي ناهي.“

”هل ڙي هل چريا، پڇڙيوال آهين، سردار مهراب خان جي شادي آهي ان مان به جي ٻچن کي سکي رکي نه سگهندين ته ڪڏهن ڪين سکيو رکندين؟ روز هيتريون گهوڙون ٿيون پون، راڄ تا اچن، پيسن جا جڻ مينهن تا وسن هر منديءَ واري محفل ۾، خبر اٿم ته عاشق پٽ آهين پر پيسا ميڙي مچ ڪري رک! تو واري زال ويچاري اندران حويليءَ مان آنو ٽڪو گهر تي ڪٺي اچي تنهن به ڪلهه پي رنو ته مان به جيڪو گهر تي آٽيان ان جو به سڄڻ ٽڪي ٽڪي جو حساب وني قريو تو وجين، پاڻ نه پاري ڪتا ڌاري، چريا، آئيءَ ويل لاءِ به ڪجهه ٿاري سنيالي رک.“

سڄڻ جو پارو چوٽ چڙهي ويو، ”تون ڙي ڪير آهين، متيون ڏيڻ وارو جو هر هر پيو مون کي چريو چريو چوين، تون پاڻ پنهنجا ڏوڪڙ سنيال، مان ڄاڻان منهنجو ڪم ڄاڻي، تون پاڻ ته وڏو گهر سنيالڻ وارو معتبر مڙس آهين، تون ڙي پاڻ وري کهڙو ٻارن ٻچن کي سکي رکندين؟ اهي وڃي ڪڪڙ ونندين، ويڙهائيندين ۽ هارائيندي! ٻيو وري هي مڙس وڏا ڪاروبار هلائيندو! باقي مان پنهنجيءَ زال کي به ڏسندس، وڏي آئي آهي دانهون ڏيڻ واري مون کي ڪارائڻ واري.“

اڃان اسحاق ڪيس جواب ڏي ئي ڏي ته، سڄڻ جي زال نوران حويليءَ مان نڪتي، سڄڻ قوڙيل ڪانين مان هڪڙي ڪاني ڪٺي متس الار ڪئي ته نوران رڙ ڪري ڀڳي،

”چتو ٿيو آهين چا، مان وڃي تي جيجي عزيز جان کي ٻڌايان.“

اسحاق ڪلي چيو، ”ادي نوران، پري تي بيهه، هينئر سڄڻ کي سڄٽيون ياد پيون آهن سو.....

”تون ڙي وات جهل اسحاقي، مان ڄاڻان منهنجي زال ڄاڻي!!“

اسحاق ڪاوڙجي چيو، "هيڏي سڄڻ، مان يڪو پيو تنهنجو لحاظ ڪريان ته وڏو آهين، ۽ تون چوٽ چڙهندو پيو وڃين، ٻڌ تون ته هڪڙيءَ چماٽ جو بہ ڪاچ ناهين ترڙا ڪڪڙ."

وري پري حويليءَ جي در وٽ بيٺل نوران ڏي نهاري چيائين، "ادي نوران، ڪهڙو ڪم اٿئي؟"

اسحاق، نوران ڪان پڇيو ته سڄڻ بہ ڪنيل ڪاٺي وري ڪاٺين ڏانهن اڇلائي، نوران اسحاق وٽ اچي چيو، "ادا، اڄان تائين ڪير اندر حويلي ۾ نہ پهتو آهي، شفوءَ ڏانهن ڪو ماڻهو موڪل، يا تون پاڻ وڃي واڙي ۾ ڏسي اَءُ ته ڏهائي تي آهي يا نہ؟"

نوران، سڄڻ ڏانهن ڏک مان نهاري اسحاق کي چيو، "ادا، مان تہ هن کي چوڻ آئي هيس پر هن کي الائي ڪهڙي چتي ڪتي ڏاڙهيو آهي، جو ڳالهہ نہ مهاڙ!!"

ڏک مان سڄڻ ڏي نهاري منهن ڦيرائي چيائين، "ادا، جهٽ ڪر."

اسحاق ٻانهن ۾ ٻڌل واچ ۾ نهاري چيو، "ادي، ڏهائي تہ سويل تي ويئي هوندي هينئر تہ چار پيا تين ڏسان تو."

اسحاق کي ويندي ڏسي نوران حويليءَ ڏانهن تي وئي تہ سڄڻ سڏ ڪيس، "نوران، او نوران!"

"....................."

نوران پنيان نهاريو بہ نہ، اندر حويليءَ ۾ گهڙي تي تہ سڄڻ وري سڏ ڪيس، "نوران! ٻڌ تہ تورو هيڏي تہ اَءُ"

"....................."

نوران، ماٺ ماٺ ۾ وتس آئي تہ سڄڻ پيار مان چيس، "مان جي ڪڏهن توڪان ڏوڪڙ پيسو ونان تو تہ تون ان جو دنيا ۾ تي ڍنڍورو ڏين!"

"ڪهڙو ڍنڍورو؟"

"هينئر بہ جڏهن اسحاق جي ڏاڙهيءَ شڳاڻ (طعنو) ڏنم تہ منهنجو متو ڦري ويو هو ۽ مان تو تي ڪاوڙيو هوس."

وري سندس هٿ جهلي تي ڳالهايائين تہ نوران سٽ ڏيئي

پنهنجو هٿ ڇڏائي چيو، ”هي ڪو پهنجو گهر آهي ڇا، وچ ميدان ۾ ٿو هٿ جهلين، ڪنهن جي ڏسي ورتو تـ تون پاڻ تـ خواريو آهين، مون کي بـ خوار ڪندين.“

”زال آهين منهنجي خواري ڪهڙي، سنگتياڻي آهين ڇا، جو هٿ نـ جهليانءِ؟“

”ها ها زال آهيان تنهنجي، وٽيئي تـ پادر هٽين ۽ وٽيئي تـ چميون ڏين دنيا اڳيان، ڇڏ جند منهنجي، اندر حويليءَ ۾ هزار ڪم پيا آهن اهي بـ اڪلائڻا آهن، تون بـ ڪانيون ڦوڙ، اجا تـ سڀ رکيون آهن.“

”مان تـ ڪانيون پي ڦوڙيون جو اسحاق اچي وچ ۾ پيو سو...“

اجا هو ڳالهـ پوري ڪري تنهن کان اڳ حويليءَ مان نڪرندي ئي مُديءَ رڙ ڪئي،

”أئي نوري، تون سجڻ سان پئي مارڪا ڪرين، هتي اسين پيا ڪير لاءِ ٻاٽون ڏيون.“

وري ٿهڪ ڏيئي چيائين، ”خبر اٿم تـ ٻئي ليلا مجنون آهيو پر....“

سجڻ بـ مشڪيو تـ نوران ڪلي چيو، ”هاڻ تون وات جهل چالاڪ، ڪير لاءِ ادا اسحاق ويو آهي هاڻي ايندو هوندو....“

”تيسين تون ادا سجڻ مٿان پيئي ڇانئون ڪر، اندر ٻيو ڪو ڪم آهي ڪي نـ، مائي، ڪو حيا ڪر تو سان بـ دنگ آهن. خبر تـ اٿئي تـ اڄ رات سائين مصطفيٰ خان ميندي آڻيندو، سو هنڌ ناهڻا آهن ٿانوَ ڪڍڻا آهن،“

نوران ڪلي چيو، ”خبر اٿم خبر، تون نـ ٻڌاءِ“

مُدي اندر حويليءَ ۾ گهڙي تـ نوران ڊوڙ ڪري ڪيس پيار مان ڌڪ هڻي ساڻس گڏ اندر حويليءَ ۾ هلي ويئي. سجڻ رڳو نوران ۾ نهاري مشڪندو رهيو. نوران بـ حويليءَ جي در وٽ اچي ڪنڌ ورائي پنيان سجڻ ڏانهن نهاري مشڪيو تـ مديءَ ڪيس ڌڪو ڏيئي اندر حويليءَ ۾ ڪيو. سجڻ ڪنڌ هيٺ ڪري مشڪندو

ڪانيون ڦوڙڻ لڳو.

رات جو مصطفيٰ خان پاران مينديءَ آئي. اندر حويليءَ ۾ سندس ڌيءَ زهره ۽ پائٽي افروز مينديءَ ڪٽائي آيون ۽ اتي به ماين جي محفل لاءِ وڏيون ڳائڻيون ۽ ناچڻيون هيون ۽ ٻاهر مردن جي محفل ۾ سيئي ريڊيو ۽ ٽي وي جا فنڪار گهرايل هئا. زبردست محفل تي پر سيني ڪان وڏيڪ داد، شفيع محمد جمن حاصل ڪيو. مردن واريءَ هن محفل ۾ مصطفيٰ خان ڪنهن به عورت ڳائڻي ۽ ناچڻي کي نه گهرايو هو، سو سڄڻ کي صفا مزو نه آيو.

”راتوڪي محفل مزي واري نه هئي.“

ڳالهائڻ لاءِ ڪيس اهوئي اسحاق مليو.

”رنڊيون نه هيون، ان لاءِ محفل مزي واري نه هئي؟“

”توسان ته ڳالهائڻ ئي خواري آهي.“

”پوءِ چو تو ڳالهائين مون سان، آءٌ ڪو اچي ميڙيون منٿون ڪريانءِ تو ته مون سان ڳالهاءِ؟“

”آهي چا، وڙهو چو ٿا؟“

فقيري ٻنهي کي کهرو ڳالهائيندي ڏسي اڳتي اچي پڇيو ته سڄڻ ڏک مان چيو، ”اڙي، هن سان ماڻهو سنئون ڳالهائي ته هي ابتا ٿو جواب ڏي. مون رڳو ايترو چيو ته راتوڪي محفل ۾ مزو ڪونه هو ته هي وڙهي پيو.“

”ايئن ته نه چئو سڄڻ، رات ته سائين، محمد جمن واري پٽ شفيع ته وڻ ئي وڄائي ڇڏيا، اصل مٺا اتاري ڇڏيائين.“

فقيري جي ائين چوڻ سان اسحاق انهرو ٿي چيو، ”مان به ته ائين چيو هوس نه.“

”تو ايئن چيو هو، تو ته اٽندي ئي مون تي وار ڪيو، رنڊيون ڪونه هيون ان ڪري محفل ۾ مزو نه هو.“

”اها ئي ته ڳالهه هئي، ٻيو ڪيئن محفل ۾ مزو نه هو؟“

فقيري ڪلي چيو، ”ڇڏ ڙي ڪٽي اسحاق، تون هل مون سان گڏ.“

”ڪيڏي؟“

”اڙي هل تہ ڏسي اچون، دڪان تي ڪا نئين ڪيسٽ آئي هجي تہ وٺي اچون.“

”ها هل، مون کي بہ سگريٽ وٺڻا آهن.“

هو ٻئي ويا پي تہ حويليءَ مان مدي نڪتي، ٻنهي کي ويندي ڏسي چيائين، ”ادا، ڪيڏانهن ٿا وڃو؟“

ٻنهي ڪلي چيو، ”هتي ئي آهيون ادي، ڪو ڪم آهي ڇا؟“

”ادا، ڪيڏانهن ٻاهر نڪري نہ وڃجو، ٻئي ڊريور (ڊرائيور) آهيو!!“

”نہ نہ ادي، ڪيڏانهن ويندا سين، هتي ئي آهيون.“

”پر تون تہ ادي، پنهنجي گهر واري جي ڳولا ۾ نڪتي آهين نہ؟“

”ها ادا، سگريٽ وٺڻ ويو آهي ۽ اڃان تائين....“

پري کان هڪ نوجوان کي ايندو ڏسي فقيري چيو، ”علي پيو اچي.“

اسحاق چيس، ”علي، ادي مدي تہ تولاءِ الائي ڪيئن پي ٿي؟“

عليءَ مديءَ جي هٿ ۾ زور سان سگريٽ جو پڪيٽ پڪڙائي مشڪي چيو، ”مون لاءِ ڪانہ ٿي مري، سگريٽ ٿا ختم ٿين پوءِ ٿو مٿو ڦريس.“

مدي سگريٽ ڪٽي مشڪندي ڪلندي حويليءَ ۾ هلي وئي.

گهوٽ ۽ ڪنوار جي گهر وارو فاصلو، پيرن جي پنڌ ڪان مٿي هو، سو ٻار ٻچو گاڏين واري سير ۾ خوش هو. هرڪو هلڻ لاءِ ڪُڙيا ڪنيو ويٺو هو، ٻنا ياڙي جون گاڏيون هر وقت تيار بيٺيون هيون. ميندين جي ڏم، گاڏين جا چڪر، گهوٽ کي ميندي لائي وري ڪنوار ڏانهن ميندي آڻين. رات ”چور ميندي“ هئي. يعني مائٽڪي ميندي، گهوٽ وارن، گهوٽ کي ڏني ۽ ڪنوار وارن ڪنوار کي. سواءِ ويجهي عزيزن جي ٻيو ڪوبہ ان ميندي ۾ شريڪ نہ ٿيندو آهي. ڇو جو ان ميندي جي دعوت هر ڪنهن کي نہ ڏبي آهي، ان ڪري ئي ان ميندي کي چور ميندي ٿو چيو وڃي ۽ اها لڪ ڇپ ۾ ٿيندي آهي، سو رات گاڏين بہ ساهي پٽي. پر اڄ

رات تہ شاديءَ جو عروج هو، جو اڄ شاديءَ جي رات هئي ۽ ميندين جي سر موڙ ميندي، يعني "ساهرڪي" ميندي هئي، گهوٽ وارا ڪنوار ڏي ميندي ڪٽي ويندا ۽ ڪنوار وارا گهوٽ ڏانهن. گاڏين جون ٻنهي پاسن کان قطارون لڳل هيون. ڳائڻين ۽ ناچڻين جون ٽوليون تيار هيون. عزيز جان ياءُ جي گهر ڏانهن چوايو هو تہ پهرين پلي اهي ميندي آڻين ۽ گهوٽ کي ڏيئي وڃن، پوءِ گهوٽيتا اڄي ڪنوار کي ميندي ڏيندا. ٻنهي پاسن کان اڄوڪيءَ منديءَ جون وڏيون تياريون هيون ۽ هر ڪنهن اڄوڪي رات واري تقريب لاءِ شاديءَ جي ڏينهن جهڙي ئي تياري ڪئي هئي. حمل خان جي گهر ۾ بہ وڏيون خوشيون ۽ رونق هئي. هونئن تہ شادي هئي، ڪنوار جو گهر هو ۽ شاديءَ جي رات هئي سو ضرور رونق، خوشيون ۽ تياريون هونديون، پر اڄ سردار مهراب خان لاءِ هتان ڪنوار جي گهران ميندي ڪٽي وڃڻي هئي، سڄي ڳوٺ جون زالون تيار ٿي حمل خان جي گهر پهچي ويون، ۽ هر ڪنهن اهو ٿي چاهيو تہ مان سيني کان زور لڳان، ڪپڙن ۾ سينگار ۾، سونهن ۾ سيني کي وٺان، خوبصورت لڳان، زينت، زبيءَ کي سڌي پنهنجا ڪپڙا ڏيکاريندي فخر مان چيو، "زبي، منهنجا ڪپڙا ڪيئن آهن؟"

"سٺا آهن زبردست."

"الاهي اوچا آهن، خبر اٿئي تہ ادا اقبال دبئيءَ مان آندا آهن."

"ها ها، ڪپڙو تہ ڏسڻ ۾ ئي اوچو آهي، ٻاهر جو، پر سلائي؟"

زينت جي منهن جو پنو لهي ويو.

"ها، مون امان کي گهڻو ئي چيو تہ ڪپڙو سنو آهي، ڪراچيءَ مان سبائي ڏي، روز پيون سائينءَ وارن جون گاڏيون ڪراچي اچن وڃن پر......"

"لالي درزياڻيءَ سبيا آهن نہ؟"

"ها، توکي ڪنهن ٻڌايو؟"

زينت حيرت مان پڇيو تہ زبيءَ کلي چيو، "پري کان پڌرا آهن لاليءَ جا سبيل ڪپڙا، هڪڙي لاوڻ هيٺ تہ ٻي مٿي هوندي، تون تہ پاڻ بہ سني سلائي ٿي ڪرين، پوءِ تو پاڻ چو نہ سبيا؟"

زينت ڏک مان چيو، ”امان چڏي تي يلا، چي، ٻارن جا ڪپڙا ڍڳ رکيا آهن، پهرين انهن جي سلائي ڪر، ڀاڄائيءَ جي تہ توکي بہ سڄي خبر آهي تہ سڄو ڏينهن واندي ويٺي آهي ڪک ڀڃي ٻيٺو ڪونہ ڪري، سندس ٻار آهن پر سڄي سلائي منهنجي مٿي تي آهي. هڪ تہ ادا ٻارن لاءِ ڪپڙو بہ دير سان آندو، ٻيو بس رڳو ڪنهن هڪ بہ ٻار جا ڪپڙا سڀڄڻ ڪان رهجي وڃڻ، پوءِ تہ هوءَ ادا جي اڳيان هيڏو وات ڦاڙيندي ۽ گلائون ڪندي تہ، پاڻ ننڍڙي آهي پهرين پنهنجا ڪپڙا سبيائين ۽ ٻارن جا رهائي ڇڏيائين، امان ويچاريءَ جو بہ ڏوهہ ڪونهي، ننهن جا سور سڄهنس ٿا، باقي ادا تہ زال جي چوڻ تي ڪٽي ڪاٺ ڪلهي تي رکندو.“

وري زبيءَ ۾ فخر مان نهاري چيائين، ”باقي سياٽي جا، شاديءَ واري ڏينهن وارا ڪپڙا مون بہ ڪراچي مان سبايا آهن.“

زبيءَ حيران ٿي ڪيس ڏک هٽي چيو، ”الا وڏي حرامڙي آهين.“

ٻئي ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳيون، پريان ڪان شموءَ ڪين ڪلندي ڏسي ايندي ساڻ دڙڪو ڏيئي چيو، ”چوريون، وانديون وينيون ڪي ڪي ڪريو، اٿو مينديءَ جا ٿال ناهي سڄايو، زريون، ميڻ بتيون ۽ ٻيو سڄو مينديءَ جي سينگارڻ جو سامان حنيفان وٽ هٽيڪو رکيو آهي، وڃي ڪائنس وٺو.“

شموءَ جي بدحواسيءَ تي ٿهڪ ڏيئي چيائيون، ”ابي، ٿال ڪڏهوڪا سڄائي رکيا اٿئون، تون آهين ڪٿي ماسي؟“

شموءَ پريشانيءَ مان ڦڪي ٿي نرڙ تي هٿ هنيو تہ هٿ ۾ جهليل گلاس نڪاءُ تي ويس نرڙ تي، چوڪريون کلڻ لڳيون تہ شموءَ نرڙ مهٽيندي چيو، ”آئي امان، الله حياتي ڏي جيجي جانل کي، سڄو ڏينهن سندس ڪمري ۾ هيس، ٻاهر ڇا ٿو ٿئي ڪا خبر ڪانہ پيم، هاڻي وري جي مينديءَ ۾ خدا نہ ڪري ڪا گهٽتائي ٿيندي تہ جيجي اميران وري مون تي ڪاوڙبي تہ تون وڏي آهين سڀ تنهنجي ذميداري آهي.“

”اها تہ ڳالهہ آهي ماسي.“

”پر امان، جيئي بچي جانل بہ تہ مون کان سواءِ ٻي ڪنهن جو هٿ بہ نٿي سهي!!“

شمو ڳالهائيندي جان بيبيءَ جي ڪمري ڏانهن ويئي.

”زبي، جيجي جان بيبي روز وارين ميندين ۾ بہ ڪيڏو تيار ٿيندي آهي. مرد تہ ڇا پر زالن جا بہ وات ڦاٽي، متيون منجهي ويندون آهن، اڄ تہ شاديءَ جي رات آهي، سندن گهر جي ميندي آهي، اها بہ پاڻ ڪٽائي پيئي سردار مهراب خان ڏانهن وڃي، سو اڄ تہ الائي ڇا پائيندي ۽ ڪيئن تيار ٿيندي.“

”هئو الا، مان بہ يڪو ان ڪري ئي سندس در اڳيان بيٺي آهيان نڪري تہ ڏسان.“

سڀ تياريون مڪمل هيون، زالون منديءَ جا ٿال سجائي ڪنيو بيٺيون هيون، پر جان بيبيءَ جي تياري اڃا شايد مڪمل نہ هئي جو سندس ڪمري جو در اندران ڪان بند هو. مصطفيٰ خان جي ڌيءَ زهره جيڪا جان بيبيءَ جي سؤٽ ڪان علاوه حجائتي ويجهي سهيلي بہ هئي، اها بہ تيار ٿي آئي ۽ ايندي ساڻ پڇيائين، ”جاني ڪٿي آهي؟“

زينت مشڪي چيو، ”اندر ڪمري ۾.“

زهره حيران ٿي رڙ ڪئي، ”اڃا اندر ڪمري ۾ آهي، ڇا ٿي ڪري اسان ڪٿان پنهنجن گهرن مان تيار ٿي وٽس آيا آهيون ۽ هيءَ اڃان پنهنجي ڪمري ڪان ئي ٻاهر نہ نڪتي آهي؟“

سيئي مايون کلڻ لڳيون، زهره اڳيان وڌي دروازي ڪي زور سان ڌڪ هڻي چيو، ”جاني او جاني، آهي ڇا پلا، دماغ تہ سهي اٿئي، مان او ڪٿان تيار ٿي آئي آهيان ۽ تون اڃان.......“

دروازو کليو، جان بيبي، سائي رنگ جي گگهي واري سوٽ ۾ جنهن تي ڪاري ۽ ڳاڙهي رنگ جو پرت پريل هو، فل ميڪ اپ ڪيل مشڪندي ڪمري ڪان ٻاهر نڪتي تہ ماين جا وات ڦاٽي ويا، زهره بہ ڇڻ حيران ٿي وئي. هوءَ صفا اپسرا لڳي رهي هئي. زهره وڌي تہ جان بيبيءَ بہ اڳتي اچي ڪيس پاڪر پاتو تہ زهره ڪيس بي ساختہ ماشاءالله چيو. شمو، آمي، حنيفان ۽ ڪذو جيڪي جان بيبيءَ

جي پويان ئي ڪمري ڪان ٻاهر نڪتيون هيون تہ ماين ڏي نهاري چيو، ”مايون، مهرباني ڪري ماشاءالله“ چئو، جيجي جانل ڪي تيون ڏينهن ڪان تپ آهي، هينئر بہ گوريون ڪاڏيون اٿس......“

”ماشاءالله، ماشاءالله“ گڏيل آواز ٻُري ويو.

ٻاهران ستو ڊوڙندي آئي، ”مايون، ميندي ڪٽي ٻاهر نڪرو ٻاهر مرد تڪڙ پيا ڪن، گاڏيون چالو ڪري بيٺا آهن.“

امير بيبيءَ ايندي ساڻ چيو، ”برقعن جي ضرورت ڪانهي، رات آهي بس، اجرڪون يا وڏيون پوتيون ڪڍجو.“

زهره ڏي نهاري مشڪي وٺس آئي، ”پٽ اچي ويئي آهين، مون سويل ڪان تنهنجون پڇائون ٿي ڪيون.“

”چاچي، جانيءَ ڏانهن نهار تہ سهي، هينئر نڪتي آهي.“

امير بيبيءَ مشڪي جان بيبيءَ ڏانهن نهاريو جيڪا حسن جو شاهڪار بنجي بيٺي هئي. جان بيبي وري پنهنجي ڪمري ۾ آئي زهره بہ ساڻ هيس، هن پنهنجو برقعو پلنگ تي اڇلائي زهره ڪان برقعو وٺي اهو بہ اتي رکيو، پاڻ لاءِ ڪريم ڪلر جي پرت واري وڏي چني ڪنئي ۽ اهڙي ئي پرت واري وڏي چني زهره کي ڏنائين ۽ سيئي اچي گاڏين ۾ وينيون ۽ گاڏيون سردار مهراب خان جي حويليءَ ڏانهن روانيون ٿي ويون.

سردار مهراب خان جي حويليءَ ۾ ڏاڍي ڌوم ڌام لڳي پئي هئي، ٻاهر لائوڊ اسپيڪرن تي سهرا هلي رهيا هئا:

”اهي اڱڻ منهنجي راڻل جا وسندا -- سدا اڱڻ منهجي جڙيل جا وسندا.“

حويليءَ جي اندر ڪنوار ڏانهن ميندي ڪٽي وڃڻ جون تياريون زور شور سان جاري هيون. عزيز جان جيڪا نهايت شفيق ۽ ٻاجهاري هئي ان کي بہ ماٺ ڪري وينل ماين تي چڙ آئي، هڪل ڪري چيائين، ”نازو، مدي، گشان، سڪي وات ۾ مگ پيل اٿو ڇا؟“ ماٺ ڪيو وينيون آهيو، راڳ ڇو نٿيون چئو؟“

گشان ٽپ ڏيئي اٿي ڪلندي وٺس آئي. ”جيجي، سڄو سڪهتو مهينو تيو اٿم، راتيان رات تي محفل هٽان، هاٽي تہ گلو صفا

جواب ڏيئي وينو آهي.“

گشان، وينل نڙيءَ سان ڪسڪن ۾ ڳالهايو تہ عزيز جان مشڪي چيو، ”وج، هينئر ئي وجي گرم پاڻيءَ ۾ تورو لوڻ وجهي ان جا گرڙا ڪر، باقي ميندي‌ءَ سان گڏ ضرور وججين، راڳ پلي ماڻهين ڳائي تون رڳو ناچ ڪجين.“

”آءٌ پاڻ جيجي، ڳلي وٺان پوري آهيان.“

سِڪيءَ وينل نڙيءَ سان جواب ڏنو تہ عزيز جان مشڪي چيو، ”راڳن واريون ۽ نچڻ ڳائڻ واريون بيون بہ گهٽيون ئي آيل آهن ۽ اج واريءَ محفل لاءِ تہ خاص ٻاهران گهرايل بہ آهن، پر اوهين حقدار آهيو گهور جون، سو مان چاهيان ٿي تہ گهور مهل سڀ موجود هجو.“

اهو ٻڌي گشان جي وينل نڙي سجاڳ ٿي پيئي ۽ هن سرهي ٿي اڳتي اچي عزيز جان جي پلنگ وٽ ويهندي ڪيس پيرن ۾ زور ڏيندي چيو، ”جيجي، حق ۽ انصاف جي ڳالهہ بہ تہ اها ئي آهي نہ، هونئن اڳوڻن ڏينهن جي ڳالهہ ڪونہ ٿي ڪريان اسين اوهان جا ٻانها، گولا غلام، پر هنن خوشين وارن ڏينهن جي ڳالهہ ٿي ڪريان تہ اسين هر ڪم ڪريون، رڳو ناچ ڳانو نہ، پر ٽانوَ ٽپو ڏوئڻ، تنوڻ تندو ڪرڻ، ٻوهاري سهاري هٽڻ سڀ ڪم اسان جي مٿي ٿي آهي، ٻاهر اسان جا مرد هر ڪم ڪن، آئي وئي ڪي هنڌ بسترو، ڪٽ پلنگ، رلي رانتو، ڪرئو (ڪونئرو) پاڻي هٿ ڏوئارڻ، ماني ڪارائڻ، ڊوڙ ڊڪ، ڪاني قوڙڻ، پاڻي پرڻ سڀ انهن جي ٻلي، شاديون بہ روز روز ڪونہ ٿيون ٿين، اسين بہ انهن جي آسري ٿا ٽڳون، پر ٿئي هميشہ سڄي راڄ ۾ جتي ڪٿي ايئن جو اسان ڪي رڳو ڪم ۽ هلاڪي سري باقي گهور گهٽ، ڏوڪڙ پيسو، گندي ڪپڙو سڀ ٻاهران آيل ۽ گهرايل فنڪار جهوليون پريو ڪريو ڪٽيو وڃن ۽ اسين منهن پلڪايو ڇيون ڇنيون مر مر نهاريندا رهجيو وڃون. پلي هو بہ ڪٽن، اسين ارها ناهيون پر حساب سان، اسين بہ هي خوشين وارا ڏينهن دعائون گهريو ٿا آٽيون. حقدار آهيون اسين بہ پر....“

گشان پنهنجو ڏک نهايت رواني سان اوري اهڙي ته خوبصورت انداز ۾ جملي کي اڌ ۾ روڪي ماٺ ڪئي جو عزيز جان به حيران ٿي وئي جيڪا نهايت ڌيان سان ٻڌي رهي هئي. ڪيس گشان جو انداز ۽ ڳالهائڻ وڻيو پئي. هن گشان جي مٿي تي پيار ۽ شفقت منجهان هٿ گهمائي چيو، "بيشڪ، سڀ سهي چيئي، نيڪ آهي هاڻي ائين ڪونه ٿيندو. واقعي مون پاڻ به ڏٺو آهي ته جيڪي به ميندي جون محفلون ٿيون آهن ته بنا ڪنهن ڏک ۽ اعتراض جي اوهان پنهنجو حق انهن ٻاهران آيل فنڪارن کي ڏنو آهي، چاڻان ٿي ته اوهان اهو سڀ خوشين کي قائم ۽ برقرار رکڻ لاءِ ڪيو آهي ۽ مان ته ائين به سمجهيو هو جي اوهين ماٺ آهيو ته ضرور اوهان کي به ڪجهه ملندو هوندو، خير هاڻي ائين نه ٿيندو ڪٿي به، مان هينئر ٻاهر تي چوايان ته لنگهن لورن جي گهور ۽ لاڳ انهن کي ملي."

گشان خوش ٿي چيو، "جيجي، هيءَ جيڪا سردار مهراب خان جي شادي آهي نه، اها ته جڻ اسان جو پلو فصل آهي، ان ڪري جيجي، واسطي الله جي ذارين گهوڙن ۽ گهوڙين جي پيل کان اسان جو پلو فصل بچائجو، اجوڪي رات ۽ سڀاڻي ڏينهن واري گهور اسان کي ملي ته اسان جو جڻ حق اسان کي پورو مليو ۽ جڻ اسان جو پلو فصل حفاظت سان لٿو، هونئن به جيجي اسين اوهان جا خريد ٿيل، ورتل ٻڌا ٻانها آهيون. ڪم ڪار جو نڪو حساب نڪو ڪتاب، باقي شادي مهل ۽ خوشي واري ڪاڄ ۾ ته اسين به حساب ڪتاب لهڻا. ٻاهر جا فنڪار ته ماڳهين ٻول تي ٿا اچن، اهي ته اڳوات ايڊوانس ونيو پوءِ ٿا محفل ڪن. اهي گهور ۾ ٻدل ڪونهن، جي گهور ٿوري پوندي پوءِ به هو پنهنجا پئسا پورا وٺندا آهن، پوءِ انهن جو اسان جي گهور ۾ ڇا وڃي؟"

گشان تقرير واري انداز ۾ ڳالهايو ته سيئي مايون گشان کان متاثر ٿيڻ لڳيون.

"هئو جبجي، گشان واقعي به سڀ سچ چيو. لنگها ويچارا راڄ جا مِلڪي ميراثي آهن، اسان غريبن جي شادي جو ته خير آهي،

باقي هي حاڪمن واريون شاديون تہ سچ بہ سندن لاءِ پلو فصل ئي آهن، انهن ۾ جي ڪين پورو حق ملي وجي تہ سندن موجون ٿي وجن.“ سڪان سندن پنيرائي ڪئي، پر ڪراچيءَ ڪان آيل مهمان ريحانہ ڪان گشان جي واتان چيل لفظ ”ايدوانس“ هضم ٿي نہ سگهيو، سو وات ڦاڙي ٺهڪ ڏيئي چيائين، ”واهہ يئي واهہ، وڏي ڳالهہ آهي، هتي جهنگ ۾ ڳوٺاٽيون مايون ”ايدوانس“ جهڙا لفظ پيون ڳالهائين، گشان، تون تہ واقعي پاڻ بہ ”ايدوانس“ آهين، ڳالهائڻ ۾، لباس ۾، ناچ ۽ ڳائڻ ۾ بہ، ڪمال آ يئي.“

”تعريف لاءِ مهرباني ادي، پر مان تہ رهان ئي ڪراچيءَ ۾ ٿي ۽ هاڻي بہ سائين مهراب خان جي شاديءَ لاءِ ڪري آئي آهيان، باقي امان هتي رهندي آهي.“

عزيز جان مشڪي چيو، ”۽ پٽ، گشان شاديءَ ڪان پوءِ ڪراچي ويئي آهي ۽ اتي سندس مڙس ڪم ڪندو آهي ۽ هيءَ پاڻ ڏاڍي ذهين آهي، چون ٿا تہ اتي بہ وڏيون وڏيون محفلون ڪندي آهي ۽ سندس ڳائڻ ۽ نچڻ تہ اوهان بہ ڏٺو هوندو؟“

گشان ڦڪي ٿيندي چيو، ”وڏيون محفلون ڪهڙيون جيجي، بس مڙيئي گذران ٿا ڪريون.“

عزيز جان چرڪي چيو، ”اهو تہ سڀ ٺيڪ پر هاڻي دير نہ ڪريو.“

”چا جي دير جيجي تياري مڪمل آهي.“

”اهو سڀ سنو پر انهن دير ڪئي آهي.“

”چو جيجي پهرين اسين گهوٽيتا ميندي ڪٽي وجون نہ.“

”نہ، مون انهن ڏانهن چوايو آهي تہ پهرين پلي هو ميندي آڻين ۽ گهوٽ کي ڏيئي جيڪو بہ راڳ رس ڪرڻو اٿن اهو ڪري وجن تہ پوءِ وري اسين ميندي ڪٽي اوڏانهن وجون. اسان کي تہ اتي بہ محفل ڪرڻي آهي ۽ وري اچي هتي بہ سجي رات محفل ٿيندي نہ!“

”هتي چو ماسي، هتي تہ ڪنوار وارا سڀ ڪندا نہ!“

ڪراچيءَ ڪان آيل هڪ ٻي مهمان انيلا حيرت مان پڇيو تہ

عزيز جان مشڪي چيو، ”امڙ، ايڏانهن ڪراچيءَ ۾ اهي رواج آهن، هتي اسان وٽ سڀ خرچ ڪاج، خوشيون ۽ محفلون سڀ گهوٽ وارا ڪندا آهن. سياڻي شاديءَ جي ڏينهن بہ هتان اسان وٽان ڪنوار جي گهر ڪاج ۽ ديڳيون ويندين ۽ اتي جيڪي بہ ڄاڃي ۽ مهمان هوندا انهن کي سياڻي اسين ڪارائينداسين.“

”ايئن ڇو ماسي؟“

”شادي تہ اسان جي آهي نہ پٽ!“

”انهن جي بہ تہ شادي آهي، اهي ڪجهہ بہ نہ ڪندا؟“

”هونئن تہ انهن وٽ بہ ڪيترا مهمان ڪيترن ڏينهن کان آيل ۽ رهيل هوندا، انهن کي تہ يڪو اهي پاڻ ئي پيا ڪارائين، اسان تہ شاديءَ جي ڏينهن اتي رهيلن کي ڪارائينداسين.“

”معنيٰ ڪنوار جا مائٽ ڪنوار کي بہ ڪجهہ نہ ڏيندا؟“

”نہ امان، ايئن ڪونهي، نياڻيءَ کي ڏاج تہ اسين بہ گهٽو گهاٽو ٿا ڏيون، پر پنهنجي مرضيءَ تي، هوند آڏار، جيڪو جيترو پڄي سگهندو اوترو حيثيت مطابق ڏيندو آهي باقي هتي اسان وٽ گهوٽيتا اوهان شهر وارن وانگي ناهن جو، ڪنوار وارن کان گهري وٺن، مرضيءَ آهي انهن جي پنهنجي ٻچي کي جيڪو ڏين جيترو ڏين. امان، اهي تہ پنهنجي ڌيءَ تا ڏين، اولاد کان، ٻچي کان مٿي ٻيو ڇا آهي، جو اهي ڏين؟“

”ها ماسي، واقعي بہ اهو سچ آهي ۽ هتي اسان وٽ شهرن ۾ تہ وڏي مصيبت آهي ڇوڪريءَ وارن لاءِ، اتي تہ ڇوڪري وارا ڇوڪريءَ وارن جا تڏا ويڙهائي الهہ تلهہ ڪدي تا ڇڏين. باقاعده لسٽون تا موڪلين تہ، ڪنوار سان گڏ هي بہ هجي هو بہ هجي، فلاڻي شئي بہ ضرور هجي، وري گهوٽ جي ماءُ ۽ ڀينرن پائرن جون فرمائشون ڌار، توبہ زاري آهي اسان وٽ تہ، باقي هتي اوهان وٽ تہ ڇوڪريءَ وارن لاءِ مزو آهي.“

انيلا ڪلي چيو تہ عزيز جان مشڪي چيو، ”ٻيو وري ڇا، ڌهہ ڌهہ ميڙون ڪجن تڏهن مس تو سڳ ملي.“

”ماسي، خبر اٿوَ هاڻي جڏهن ڇوڪري پيدا ٿيندي آهي تہ

مائٽ ڏاڍا پريشان ٿيندا آهن، تہ هن لاءِ ڏاج ڪٿان ايندو؟ شهر ۾ تہ ڇوڪريون ويچاريون پاڻ نوڪريون ڪنديون آهن، تڏهن سندن ڏاج تيار ٿيندو آهي.“
ڳوٺ جون مايون ڪيس حيرت مان ٻڌي رهيون هيون، عزيز جان چيو، ”پر امان، ڪراچيءَ ۾ بہ تہ اسان سنڌين ۾ ٻروچن جا اهي ئي هتي وارا رواج آهن، باقي ڪنوار وارن کي لسٽون ڏيڻ ۾ فرمائشون ڪرڻ تہ ٻاهران آيلن جا وڙ ۾ ريتون آهن، اسان جو انهن ۾ ڇا وڃي؟“
انيلا حيرت مان اڪيون ڦاڙي چيو، ”نہ ماسي نہ، هاڻي اتي شهر ۾ اهو هڪڙو رواج ٿو هلي هر قوم ۾ تہ ڇوڪريءَ وارن کي جيترو ٿي سگهي اوترو لٽجي، باقي ٿي سگهي ٿو تہ ڪراچيءَ جي قديمي ڳوٺن ۾ ايئن نہ هجي ۾ هتي وارو ئي رواج هجي. اسين تہ ماسي، اصل لاڙڪاڻي جا آهيون، بابا جي سروس جي ڪري ڪراچي ۾ آياسين تہ ڪراچي جا ئي ٿي وياسين، مان تہ پيدا ئي ڪراچي ۾ ٿيس. مون تہ اهي ئي رواج ۾ رسمون ڏٺيون، وڏي ادي غزالہ جي شادي ڪراچيءَ ۾ خاندان کان ٻاهر ٿي تہ اهي ئي رسمون اهي ئي لباس پاتاسون، هاڻي تہ شهر ۾ سنڌي ماڻهوبہ عروسي جوڙو غراري جو ٿا بنائين ۾ ڪنوارين کي ٿا پهرائين.“
وري پنهنجي ڳالهہ کي اثرائتو بنائڻ لاءِ اکيون ڦاڙي ڪلها لوڏي مشڪي چيائين،
”بس، جهڙو ديس، تهڙو ويس!“
عزيز جان مشڪي چيو، ”امڙ، ديس تہ پنهنجو آهي پر ويس ضرور پرائو آهي ۾ هتي جي اسان وٽ ڪو اهڙو ويس پائي تہ هرڪو کلي خوار ڪريس.“
مڪٽيءَ تجسس مان پڇيو، ”جيجي، اهو ڪهڙو ويس آهي؟“
عزيز جان ناگواريءَ مان چيو، ”ويس ڪهڙو، اگهاڙو لباس آهي!!“
”جيجي جيجي، ڪنوار وارا مينڌي ڪٽي آيا آهن.“ شبي، ڊوڙندي سهڪندي آئي.
عزيز جان پلنگ تان هيٺ لٿي ۾ ٻيون مايون بہ سيئي اٿي

بينيون ۾ عزيز جان سان گڏ ڪمري ڪان نڪري ورانڊي ۾ آيون، سڄي حويليءَ جون ديوارون ۾ ڇتيون ڇٽيل هيون ۾ هاڻي تہ تازو شاديءَ لاءِ ڪري پالش ڪئي وئي هئي، سو ديوارون، ڇتيون، دريون ۾ دروازا سڀ چمڪي رهيا هئا. ورانڊي ڪي سڄو خالي ڪري ان ۾ قالين وڇائي طول وهاڻا رکيل هئا. هڪڙي پاسي سيج سينگاريل هئي، ڪنواريتيون مينديءَ جا ٿال ڪٽي ڳائيندڙيون نچنديون اڳڻ اورانگهي ورانڊي ۾ آيون. جان بيبيءَ وڌي اڇي عزيز جان سان ڪيڪاريو، عزيز جان ڪيس ڀاڪر پائي نرڙ تي چمي ڏئي چيو، ”ماشاءَالله، الله نظربد کان بچائي.“

وري ڏانهنس نهاري چيائين، ”جاني، جيڪو مون تعويذ ڏنو هيئي، اهو تہ پاتل اٿئي نہ؟“

جان بيبيءَ ڪلي گلي مان تعويذ ڪڍي ڪيس ڏيکاري چيو، ”جي ها پڪي، هي پيل آهي.“

عزيز جان کي اطمينان ٿيو.

”پر پٽ، ادي اميران کي خيال ڪرڻ کپي، ايئن سينگارجي نہ نڪرندي ڪر.“

جان بيبيءَ ڪلي چيو، ”پڪي، شاديءَ ۾ بہ نہ؟“

سندس هيرن موتين جهڙن ڏندن جي جرڪي تي وري بہ عزيز جان دل تي دل ۾ ماشاءَالله چيو تہ زهره ڪلي اڳتي وڌي عزيز جان سان ملندي چيو، ”چاچي، جانيءَ کي ڏسي ٻيو تہ هر ڪو وساري ٿو ڇڏي، پر اوهان بہ اسان کي نہ ڏٺو؟“

عزيز جان مشڪي زهره ڏي نهاري ڪيس ڀاڪر پائي چيو، ”ائي صدقو وڃانءِ زهري، تون ڪا وسارڻ جهڙي آهين، ماٺهين ڪيئن آهي. سياڻي مهراب خان جي نڪاح ۾ بہ ڪانہ ايندي ڇا؟“

”چاچي، امان هونئن تہ نيڪ آهي، پر گوڏ ۾ شور ۾ اچڻ جهڙي ناهي. گهٻرائجي ويندي آهي ٿوري بہ اُچي آواز تي، باقي گوڙ شور لهندو تہ پوءِ ڪنوار کي ڏسڻ ۾ اوهان کي مبارڪ ڏيڻ ضرور ايندي.“

ماين جو شور، ٻارن جون رڙيون، راڳڻ جي ڌم ۾ گهنگهرن

جي ڇما ڇم، مينديءَ جا ٿال سيج جي پر ۾ رکي، مايون جاءِ ڏسنديون وهنديون ويون. گهوٽيتيون، ڪنوارييتين کي عزت سان اهم جاين تي سٺي نموني سان وهاري پاڻ بہ جاءِ ڏسي وينيون. جان بيبيءَ کي سيج جي پر ۾ وهاريائون. هوءَ گهوٽ جي سالي هئي ۽ گهوٽ کي مېندي بہ ڪيس ئي ڏيڻي هئي. عزيز جان هيڏانهن هوڏانهن نهاري شبيءَ کي سڏ ڪيو، "شبي، شهناز ڪٿي آهي؟"

"جيجي اندر ڪمري ۾ آهي، ننيڙو اصل ماٺ ئي نٿو ڪريس."

عزيز جان آهستي ڳالهائيندي اندر ڪمري ڏي ويئي.

"جيئن آئي آهي ننڍڙي کيس پٽ تي ويهڻ ئي نہ ڏنو آهي."

حويليءَ جي بناوت ايئن هئي جو وچ ۾ وڏو هال نما ورانڊو هو ۽ گولائيءَ ۾ ڪمرا هئا. هال جي اندران ڪمرن جا دروازا هئا ۽ هال جو هڪڙو وڏو دروازو هو جيڪو ٻاهر اڱڻ ڏانهن کليو ٿي. ڪمرن جي اندران وري ٻيا ڪمرا هئا. هال مان ٻن ڪندن مان ڏاڪڻيون مٿي ٿي ويون. مٿي سردار مهراب خان لاءِ نئين جاءِ نهرايل هئي، جيڪا هن پنهنجي پسند تي نهرائي هئي. هيٺ بہ ڪمرن جي کوٽ نہ هئي، پر عزيز جان جي خواهش هئي جيئن تہ هيٺ ماڻهن جي سدائين اچ وڃ ۽ پيهہ پيهان هوندي آهي سو شاديءَ کان پوءِ نئون جوڙو پلي نويڪلائيءَ ۾ رهي. عزيز جان وراندي مان ڪمري ۾ آئي تہ ڪمرو خالي هو. هوءَ وري ڪمري جي ڪنڊ مان نڪتل دروازي مان لنگهي اندرين ڪمري ۾ آئي، ان ڪمري جي ڪنڊ کان نڪتل دروازو وري ٻاهرين پاسي هو، اتي هرٽن جون چاريءَ لڳل ڪونيون ۽ پکين جا پڃرا هئا، مور ۽ ٻيا پکي ٻولي ۽ ٽلي رهيا هئا. انبن، ڄموئن ۽ ناريلن جا وڏا، ڊگها ۽ گهاٽا وڻ هئا ۽ درين جي پاسي کان گلاب، موتئي ۽ رات جي راڻي جا ٻوٽا لڳل هئا ۽ رات جي راڻي جي مست خوشبو گلاب ۽ موتئي سان گڏ مهڪي فضا کي سرهاڻين سان مدهوش بنائي ڇڏيو هو. شهناز گلاب جي ٻوٽي پرسان ٻن ٽن سالن جي ننڍڙي ٻار کي ڪلهي تي سمهاري ٽلي رهي هئي، سندس هٿ ۾ گلاب جو گل

هو، جنهن کي هوءَ سونگهي رهي هئي، عزيز جان وٽس ايندي چيو، ”پٽ، ڪنواريتيون مينديءَ ڪٽي آيون آهن.“

شهناز کلي چيو، ”ماسي، دهلن ۽ راڳن جو آواز ته آءٌ به ٻڌي رهي آهيان ۽ آءٌ ته تيار به آهيان پر اڪبر چڙي ته اچان.“

گلاب جي ٻوٽي پرسان بينل، گلاب جو گل هٿ ۾ جهلي، هلڪي گلابي رنگ جي پرت وارن ڪپڙن ۾ هوءَ پاڻ به گلاب جو گل لڳي رهي هئي. عزيز جان سندس ڪلهي تي ستل نندڙي اڪبر کي ڏنو ته هو ستو پيو هو ته چيائين، ”نندڙو سمهي پيو آهي، ڪيس پينگهي ۾ ليٽائي اچي دم پل ويهه. جيئن آئي آهين تيئن بس اتي ئي آهين.“

شهناز کلي چيو، ”چا ڪريان ماسي، ڏسو ته پيا ماٺ ئي نٿو ڪري، ڪا ڳالهه ئي نٿو مڃي، جيئن رات کان آيو آهي تيئن يڪو گهر گهر ۽ بابا بابا پيو ڪري. اوپرا ماڻهو آهن نه، سو ريجهي به نٿو.“

”ماين ڏي به ته نٿو وڃي نه؟“

”ها ماسي، ماين کان به ڊڄي ٿو باقي هڪڙي سهڻي چوڪري آهي، بس ان وٽ ٿوري دير لاءِ وڃي ٿو، اها به الائي ڪٿي آهي!“

”ڪهڙي چوڪري پٽ؟“

”چا نالو اٿس، شبي، ها؟“

”ها ها شبي، اها واقعي سهڻي آهي.“

”نندڙو ته سڄو پنهنجي پيءُ تي ويو آهي، سهڻو به اهڙو ته سگهو به صفا پنهنجي پيءُ جهڙو ئي آهي، صبح جو شبيءَ کي وارن کان اهڙو ته جهليائين جو ويچاريءَ يڪو پي مٽي جي سور جون دانهون ڏنيون.“ شهناز کلي چيو،

”۽ وڏو تي پيءُ جيان ئي سهڻين جي پويان هلندو.“

عزيز جان، شهناز ڏانهن نهاريو جيڪا قداور ۽ نهايت حسين هئي.

”تو کان ڪي ٻيون سهڻيون، جن جي پويان ويندو، پر امان طارق خان کي اهي مهڻا ۽ طعنا نه ڏجانءِ، سهڻيون سندس پويان

پون تہ بي ڳالھہ آهي، باقي پاڻ تہ ڪيڏانهن اڪ چندي ڪٽي نهاري بہ ڪونہ ۽ ان ڳالھہ جي جڳ جهان کي خبر آهي ۽ ڪيس هرڪو سڃاڻي ٿو تہ......"

شهناز اندر ڪمري ۾ اچي اڪبر کي پينگهي ۾ سمهاري ڪلي سندس ڳالھہ ڪٽي چيو، "ماسي، خبر تہ سڃي اوهان کي بہ آهي پوءِ پلي ڪڪ رکوس!"

"ڪڪ ڪهڙا، طارق خان کي ڪهڙن ڪکن جي ضرورت آهي، هو تہ پارايل ميڻ آهي."

شهناز ٺهڪ ڏيئي چيو، "ماسي، پارايل ميڻ ۾ ڪچرو اچي ويو آهي."

"نہ پٽ، ايئن نہ چئو طارق خان کي، هو تہ دنيا وٽ ساريل آهي تہ مڙسن جو مڙس آهي، مهراب خان لاءِ ڪري جڏهن هو اسان وٽ ايندو آهي تہ سندس اچڻ جو ٻڌي، هرڪو ٻوڙي ڪيس ڏسڻ ايندو آهي، پر مجال جو پاڻ ڪنهن تي اک ٻوڙي."

شهناز رئو ناهي مٿي تي رکندي ڪلي چيو، "شبيءَ کي مڙيئي ڪائونس پري رکجو!

عزيز جان بہ مشڪي چيو، "شبيءَ جهڙيون تہ سندس واٽن تي پاڻ کي وڇائين."

عزيز جان، طارق خان جي وڪالت ڪندي شهناز جيڏي تي پيئي، شهناز حيران ٿي ڏانهنس نهاريو ۽ مشڪي چيائين،

"مون کي خبر نہ هئي تہ هتي بہ ٺٽان ملندم!"

عزيز جان ڪلي چيو، "ٺٽان نہ، سس."

شهناز وڏو ٺهڪ ڏنو، پر اڪبر ڏي نهاري جيڪو منيءَ ننڊ ۾ ستو پيو هو، پنهنجي وات تي هٿ رکي ٺهڪ کي دبائي عزيز جان سان گڏ ڪمري کان نڪتي. عزيز جان جي نظر شبيءَ تي پئجي وئي جيڪا جڳ ۽ گلاس ڪٽي پئي وئي، عزيز جان ڪيس سڏ ڪيو، "شبي او شبي!"

"جي جيجي."

"هيڏي آءُ امان."

”جيجي، هي جڳ ۽ گلاس ٻاهر ڏيئي اچان.“

”نہ نہ، اهي نازوءَ کي ڏي ۽ تون سڀ ڪم ڇڏي اچي ننڍڙي اڪبر وٽ ويھہ، متان سجاڳ ٿي ۽ ڏڄي وڃي.“

شبي، گلاس ۽ جڳ نازوءَ کي ڏيئي پاڻ اندر ڪمري ڏي ويئي. عزيز جان، شهناز کي ٻانهن کان جهلي وراندي ۾ آئي. وراندو سڄو زالن مان ڀريل هو، اڳيان وارا ڪمرا بہ سڀ ماين مان ڀريل هئا. وچ ۾ مايون نچي رهيون هيون، وراندي جي هڪ پاسي ننڍڙو اسٽيج ٺهيل هو. جتي ڳائڻيون ڳائي رهيون هيون. ڪي مايون تہ ڏار ٽوليون ٽوليون ٿي سردار مهراب خان تي ٺهيل خاص ڳيچ ۽ سهرا ڳائي رهيون هيون، عزيز جان، شهناز کي ٻانهن کان وٺي ماين مان لنگهندي جن ڪيس گذرڻ لاءِ جاءِ پي ڏني چيائين، ”هتجو امان، متان ڪنهن کي پير نہ لڳي وڃي.“

ماين ڪيس جاءِ ڏيندي چيو، ”نہ جيجي، نہ ، تنهنجا پير اسان جون اکيون.“

عزيز جان، شهناز کي وٺي اچي جان بيبيءَ جي پر ۾ ويهاري چيو، ”جاني، هيءَ تنهنجي مائٽياڻي آهي، پر هتي منهنجي ننهن جي حيثيت ۾ گهوٽيتي آهي.“

جان بيبيءَ، مشڪي نهاريو تہ هڪ نوجوان، خوبصورت شهري عورت هئي، ٻنهي هڪ ٻئي سان ڪيڪاريو. جان بيبيءَ عزيز جان کي آهستي چيو، ”پڦي، ادا مهراب خان کي سڏايو، ڪيڏي دير ٿي آهي.“

”ها پٽ، ڪيس خبر تہ پئجي وئي هوندي تہ ميندي پهچي وئي آهي، وري بہ ماڻهو ٿي موڪليانس.“

جان بيبيءَ شهناز ڏي نهاري چيو، ”ادي، پڦي ٿي چوي تہ منهنجي مائٽياڻي آهين، سو ڪيئن؟“

”پلا هن شور ۾ سڀ ٻڌي سگهنديئين؟“

”ڪوشش تہ پوري ڪندس ٻڌڻ جي.“

”تون ماسي امير بيبي جي ڌيءَ آهين نہ؟“

”ها.“

"اها بہ توکي خبر هوندي تہ چاچا حمل خان جي شادي خاندان کان ٻاهر ٿي آهي."

"ها، اها بہ خبر اٿم."

"ماسي امير بيبي اسان جي خاندان جي آهي."

"اڇا، مان ڪڏهن بہ امان جي مائٽن ۾ نہ ويئي آهيان، ننڍپڻ ۾ ويئي هوندس پر جڏهن کان وڏي ٿي آهيان نہ وئي آهيان، تنهنڪري ڪنهن کي بہ نہ سڃاڻان، باقي ادي تاجي امان سان گڏ ويندي آهي، مامن ۽ ماسيءَ وارن وٽ."

"۽ تون ان ڪري ڪنهن بہ ناناڻي سڱ کان واقف نہ هوندينءَ؟"

"ها واقعي سواءِ مامن ۽ ماسيءَ جي ٻارن کان، جيڪي اسان وٽ هتي ايندا آهن."

سومل ٿڪي اچي جان بيبيءَ وٽ وهندي چيو، "جيجي، آءٌ تہ نچي نچي ٿڪجي پئي آهيان، گهوٽ ڪٿي آهي؟"

عزيز جان چيو، "گهوٽ اچي ٿو امان، ٻاهر ماڻهو گهڻا آيا آهن ڪيس هار پهرائڻ لاءِ، پر جيسين اچي تيسين اوهين سيئي پلي ماني کائي وٺو."

سومل ۽ حنيفان ٻئي گڏ ڳالهائڻ لڳيون، "جيجي، اسين جيڪي بہ هتان ڪنوار وٺان آيا آهيون، اهي سيئي اتان ڪنوار جي گهران کاڌو کائي آيا آهيون."

"پلا چانهہ منائي؟"

عزيز جان مشڪي چيو تہ ملوڪان وينل نڙيءَ سان چيو، "جيجي، سڀ اڪين تي پر پهرين گهوٽ تہ اچي، ان کي مينڌي تہ ڏيون پوءِ."

عزيز جان مشڪي جان بيبيءَ ڏي نهاري چيو، "جاني پٽ، پنهنجين ٻالڪين کي تہ سمجهاءِ!!"

"پڦي، پلي ادا اچي مينڌي ڏياري پوءِ، باقي پڦي، رواج موجب تہ هتي هينئر چانهہ منائي اسان جي هلندي نہ!"

"اهي وري ڪهڙا ٿي ليکا ڪرين جاني؟"

”نهيو پڦي، نتا ڪريون ليڪا، پر پهرين ادا ته اچي نه.“
”تون پي تي ضد ڪرين ته پلا تنهنجي نالي تا سڏرايونس.“
ماين ۾ نهاري چيائين، ”مڪٽي ڪٽي آهي؟“
”جي وڏي جيجي.“
وڏي عمر ۽ ننڍي قد جي تلهي مڪٽي ڦڙتيءَ سان اٿي چيو ته عزيز جان چيس،
”مڪٽي، مهراب خان کي چئو ته بابا، دير پيئي ٿيئي، بس، ٿوري دير لاءِ اندر حويليءَ ۾ آءُ ته مينديءَ جي رسم پوري ڪجي.“
وري مشڪي جان بيبي ڏي نهاري چيائين، ”نه ته چوينس ته تنهنجي سالي ڪاوڙجي ميندي موٽائي ڪٽيو ٿي وڃي.“
جان بيبي ۽ بيون مايون مشڪڻ لڳيون، مڪٽي ڪلندي پنهنجو رئو مٿي تي ٺاهيندي هيٺ مٿي ڪندي وراڻدي ڪان ٻاهر نڪتي.
”گشان، اٿي ته سهي، هينئر ٿو گهوٽ اچي.“
سومل ويني ئي ويني پيرن ۾ ٻڌل گهنگهرن کي هٿن سان چمڪائيندي چيو ته گشان پنهنجي گهنگهرن واري پٽيءَ کي سڪ ٻڌندي ناراضگيءَ مان چيو، ”پلي سائين اچي پوءِ نچندس، الا، مان تڪجي پئي آهيان، ماٺهو آهيان مشين ڪونه آهيان، جيئن آئي آهيان يڪو هِت هُت آءُ پيئي نچان، اوهان کي ڇاهي، نچي ته سڀ ٿيون ڄاڻو، پاڻ مزي سان وينيون آهيو سڀ، رڳو منهنجي مٿان ڪتن واري ٻچ ٿيون ڪريو، باقي پئسن ورهائڻ مهل پٽي ته پوري ٿيون ڪٽو! مجال آهي جو هڪڙو رپيو به هيڏانهن هوڏانهن ٿئي، ان مهل جيڪا پڪائي ۽ هشياري ٿيون ڪريو نه، اها نچڻ ۽ ڳائڻ مهل به ڪريو!!“
گشان وات ڦاڙي ڳالهايو ته سڪيءَ به سيني لنگهين کي هڪل ڪئي،
”سچ ته چوي ٿي گشا، اٿو اٿو.“
پاڻ وري دهل کي ابتا سبتا ڌڪ هڻڻ لڳي. زينو، ختو ۽ ستابيءَ ڏليءَ مان گهنگهرا ڪڍي ٻڌندي چيو.

”ماسي سڪي، ڏيءَ جو پاسو نہ ڪڻ! تو واري ڏيءَ ٻيو وري ڪهڙو تي ڪم ڪري؟“

”ٻي ڪم ڪار لاءِ وقت ۽ وار ملي نہ.....“

گشان ڪاوڙي تہ عزيز جان سڏ ڪيس،

”گلشن!“

”جي وڏي جيجي.“

”پلا اهي بحث ڇيڙڻ هينئر ضروري آهن؟“

عزيز جان ٿورو ڪاوڙجي چيو تہ گشان ڦڪي ٿي آهستي چيو، ”بس جيجي، ڇا ڪريان، مايون ٽيون ڇيرا ڏين سو....“

”گلشن، تون تہ سيني جي اڳواڻ آهين نہ، سو ميار ۽ ذميداري بہ تنهنجي آهي.“

جان بيبيءَ مشڪي چيو، ”ها پڪي، مان بہ ڪيس ليڊر سڏيندي آهيان.“

پريل بدن ۽ وڻندڙ شڪل واري نهايت ذهين گشان خوشيءَ مان ٽڙي وراڻدي جي وچ ۾ اچي نچڻ لڳي:

ميندي شان واري، راڻل مان وارو،
هٿ رڱي آيو مور، ميندي شان واري،
پيرا رڱي آيو خان، ميندي شان واري.....

مڪڻي حويليءَ ڪان ٻاهر نڪتي تہ سامهون ئي نورو ملي ويس جيڪو تڪڙو تڪڙو پي ويو.

”نُورُو، اي نُورُو.“

نوروءَ ڪي الائي ڇو پنيان سڏ ڪرڻ تي چڙ لڳندي آهي. سو ڪاوڙجي چيائين، ”ڇا هي ماسي؟“

”ڇا هي ابا، مان تہ سڌو سنئون ڳالهايو، تون ڪنهن سان وڙهي نڪتو آهين ڇا؟“

”ڇڏ ماسي، ڪيترا پيرا چيو اٿمانءِ تہ جڏهن پنيرو هجان تہ سڏ نہ ڪندي ڪر.“

”ابا، ڪم جي مهل آهي، انيرو پنيرو ڪهڙو؟“

”هاڻي ماسي ڳالهاءِ، پوءِ تنهنجي راڳن مان تو ماٺهو ڦاسي،

اسان کي بہ گھڻا ئي ڪم پيا آھن.“

”آھي ڇا ابا؟“

”بس ماسي، ٽڪي وارا ماڻھو بہ سائينءَ وارن مٿي تي چاڙھي ڇڏيا آھن، ھاڻي ھي ٽرڙو رضو بہ سائينءَ وارن جي ريس ۾ حڪم ٿو ھلائي، اڙي نورو، سگريٽ تہ وني آءُ، ڄڻ پڻس جو نوڪر آھيان.“

نوروءَ خار، ڇڙ ۽ ڪاوڙ مان رضوءَ جا ۽ پنھنجا جملا گڏ گڏ ڳالھائيندي نقل ڪندي پنھنجو ڏک اوريو تہ مکڻيءَ چيو،

”ابا، پئي ڪانھي، ڪم پرين آھي، چم پرين ڪونھي، تو منھنجان بہ لھي ڪونہ پوندو جي سنگريٽ آڻي ڏيندينس.“

”لھي ڪونہ پوندو، ڄڻ وساڻا تازا وينا آھيون، ٽڪا ڪٽا پنھنجي جندي ڪان بيزار آھيوں ۽ ھنن ڏاڙھين جا وري مٿان آڊر!!“

”ائي گھوڙا، منيس!“

مکڻيءَ رڙ ڪري پير مٿي ڪنيو تہ نوروءَ ڇرڪي ڊڄي چيو، ”ڇاھي ماسي ڇا ٿيو؟“

مکڻيءَ پير ۾ چنبڙيل ماڪوڙو ڪڍي اڇلائي چيو، ”ھي ڏس ابا رت ئي ڪڍي ڇڏيائين آھي!!“

”ايڏي رڙ ڄڻ نانگ ڏنگ ھنيو اٿئي.“

مکڻيءَ ھٿ سان ٽڪ پير تي ھڻي چيو، ”ھيڏي تہ نھار ابا، مٿو ڇڄي ويس، پر پير مان وات نہ ڪڍيائين؟“

نوروءَ ڪاوڙجي چيو، ”ڇڏ ھاڻي ماڪوڙي کي ، ٻڌاءِ تہ سھي، سڏ ڇا جي لاءِ ڪيو ھيئي؟“

مکڻيءَ زور سان نرڙ تي ھٿ ھڻي چيو، ”ائي منيس، ھوڏانھن جيجان واريون پيون ڪاوڙبيون تہ مکڻي الائي ڪٿي وڃي مئي آھي. آءٌ بہ صفا ڳجھہ آھيان، جتي ڪٿي ويھيو رھان.“

”اي ماسي، ھاڻي ڦٽ ڪٽي.“

”ابا، سائين مھراب خان کي اندر حويليءَ ۾ وڏي جيجيءَ سڏايو آھي.“

”ماسي، سائينءَ وٽ دنيا وينءِ آهي، مان ڪٿي ٿو ساڻس ڳالهائي سگهان.“

”آءٌ ٿي وڃان؟“

مڪٽيءَ اوطاق ڏانهن الار ڪئي ته نوروءَ ڪاوڙجي چيو، ”هي وري ڪهڙي خواري آهي ماسي، آهين تون به صفا ٻهتر ۾، اوڏانهن سائينءَ ڏانهن وينديءَ؟“

”پيو نه ته ابا، ڪنوار وارا ميندي ڪٽي او..... ڪڏهوڪا آيا آهن، وري هتان به اسان کي ڪنوار ڏانهن ميندي ڪٽي وڃڻو آهي سو.....“

نوروءَ ڪاوڙجي سندس ڳالهه اڌ ۾ ڪٽي چيو، ”تون نه وڃجانءِ اوڏانهن. بيهه! مان ڏسان ٿو چاچا فقيري کي ٿو چوان.“

”ائي صدقو وڃان، سائين طارق خان پيو اچي.“

نوروءَ به سامهون نهاري مشڪيو، هڪ خوبصورت، باوقار، نهايت وجيهه، مرداني حسن جو شاهڪار خوش پوش نوجوان سامهون اچي رهيو هو.

”چا آهي مائي مڪٽي، ٻاهر پيئي گهمين ڦرين.“

”صدقو وڃانءِ سائين، گهمڻ ڦرڻ وري ڪهڙو، وڏي جيجيءَ موڪليو اٿم، ڪنوار وارا سويل کان ميندي ڪٽي آيا آهن، اڃان گهوٽ جو پتو ئي ڪونهي؟“

”ٺيڪ آهي، تون وڃ آءٌ گهوٽ جو پتو ڪري موڪليانس ٿو.“

طارق خان مشڪي اوطاق ڏانهن ويندي چيو.

سردار مهراب خان حويليءَ ۾ گهڙيو ته شور مچي ويو.

”گهوٽ سائين اچي ويو!“

”ها ها، سائين مهراب خان آيو آهي.“

”ائي حوا، گهورون هاڻي گهورجنديون، ڏوڪڙ هاڻ پوندا.“

مُديءَ اندر وينل حوا کي اچي خوشي مان ٻڌايو، جيڪا مناٸي جا ننڍڙا ننڍڙا پور هٿ ۾ جهليو ڪائي رهي هئي. مديءَ جي آواز تي حوا يڪدم منائيءَ جي پورن جو وات ۾ ڦڪُ هٽي رئي سان وات اگهندي ورانڊي ۾ آئي، سردار مهراب خان ورانڊي ۾ آيو ته

گشان کي پنهنجو ڏکيل گلو وسري ويو. تپ ڏيئي اٿي اچي گهگهي آواز سان ڳائي نچڻ لڳي:

منهنجي راٺل جي وڏڙي ڄمار،
هو.... ئو....
منهنجي سهڻل جي جهجهڙي ڄمار،
منهنجو راڄ راٺو ٽلي...

مايون جوش ۾ چوڻ لڳيون:

او بلي... بلي... بلي
منهنجو الله ڏنو ٽلي
او بلي... بلي... بلي.

سردار مهراب خان جي اچڻ جي ڪري ماين ۾ بجلي پرجي ويئي هئي، سومل ڏار ٿولو ٺاهي نچڻ ڳائڻ لڳي.

منهنجا ڪچهريءَ جا مور ميندي لائي هٿن تي،
منهنجا ڪورٽ جا سينگار ميندي لائي پيرن تي.

سردار مهراب خان مشڪندو آهستي آهستي وکون کڻندو سيج وٽ آيو ته جان بيبيءَ اٿي ساٽس ڪيڪاريو. پيون به سڀ سندس سئوٽيون اٿي ساٽس ڪيڪارڻ لڳيون. جان بيبيءَ کي ڏسي مهراب خان ٽڙي پيو.

”مون ته ڪڏهن به ميندي نه لڳائي آهي، نه ئي مڙسن جي هٿن ۽ پيرن تي ميندي نهي ٿي!“

جان بيبيءَ مشڪي شموءَ کان ڪنهبي رنگ جي زريءَ سان پريل چني وٺي سردار مهراب خان جي ڪلهن تي پائي چيو، ”اسان ته ميندي اوهان لاءِ آندي آهي، هاڻي اوهان جي مرضي آهي.“

سردار مهراب خان مشڪي اچي سيج تي وينو ۽ طول وهاڻي تي پرُ ڏيئي شهناز ۾ نهاري چيو، ”ادي، اسان ته پڌو آهي ته ساليون هن مهل وڏا جهيڙا ڪنديون آهن گهوٽ کي ميندي لائڻ لاءِ.“

شهناز مشڪي چيو، ”ها ادا، ايئن ته سولائيءَ سان اسين به جان بيبيءَ کي ميندي لائڻ نه ڏينديوسين.“

”منهنجي پيڻ به جان بيبيءَ جي جوڙ آهي، هر طرح سان.“

سردار مهراب خان جي ٿهڪ تي سڀئي زالون کلڻ لڳيون، پرتي وينل مديءَ به وات ڦاڙي وڏو ٽهڪ ڏنو، جنهن کي اها به خبر نہ هئي تہ سردار مهراب خان ڇا تي کليو آهي، جان بيبي مشڪي سيج جي پير ۾ ٿي ويني تہ سردار مهراب خان کيس هٿ مان جهلي سيج تي پنهنجي پر ۾ ويهاريو ۽ شهناز ۽ پنهنجي سؤٽين کي بہ سڏي پنهنجي پر ۾ ويهاريائين، عزيز جان سيج کان ٿورو پرتي ننڍڙي ڪرسيءَ تي ويني هئي ۽ پٽ جي ڳالهين تي مشڪي رهي هئي. سردار مهراب خان جان بيبيءَ جي منهن ۾ نهاري پنهنجا ٻئي هٿ پويان لڪائي چيو،

”مان تہ مينديءَ ڏيارڻ نٿو چڏيان، پلا هار مجو تا؟“

”ڪٿائڻ هارائڻ اوهان جي هٿ ۾ آهي مان....“

ايترو چئي ماٺ ڪيائين، تہ عزيز جان مشڪي چيو، ”ابا، هٿ ٻاهر ڪڍ تہ پيڻ سونئڻ ڪري.“

سردار مهراب خان پنهنجا ٻئي هٿ جان بيبيءَ جي اڳيان ڪولي کيس ڏيکاري چيو، ”مهينن کان پيون منديون ٿين، ڏس، منهنجا هٿ ڪورا آهن نہ، هاڻي ڇا ٿي چوين؟“

شهناز کلي رڙ ڪئي، ”هي ڇا، اسان کي تہ ميرن وانگيان پنهنجي ئي گهر مان پئي لڳي؟“

سڀني کليو. سردار مهراب خان ٽهڪ ڏيئي جان بيبيءَ ۾ نهاريو جنهن انهري ٿي چيو،

”زبردستي اسين بہ ڪونہ ڪنداسين، ميندي لڳائڻ ڏيندؤ تہ لڳائينداسين نہ تہ نهيو!“

”اڙي اڙي منهنجي سالي تہ ناراض ٿي وئي.“

وري پنهنجا ٻئي هٿ سندس اڳيان کولي سنجيدگيءَ مان چيائين، ”تنهنجي مرضي آهي، جيئن بہ جيتري بہ ميندي لڳائڻ چاهين مون کي ڪو بہ اعتراض ڪونهي مرضيءَ واري آهين!“

سڀئي مايون دلچسپيءَ سان ڏسي رهيون هيون، شموءَ مينديءَ جو ٿال جان بيبيءَ جي اڳيان وڌائي رکيو تہ سردار مهراب خان کلي شهناز کي چيو، ”ادي، پلا مڙسن کي ڳاڙها هٿ نهن تا،

ميندي تہ اوهان ماين لاءِ آهي.“
”ادا، ميندي تہ شادي جو سونٺ ۽ سونهن آهي.“
۽ سردار مهراب خان جي ساڄي هٿ جي چيچ جهلي جان بيبيءَ کي ڏيئي چيائين، ”هان وٺ پلا، ميندي لڳاءِ، تو ڪتيو اسان هارايو.“
جان بيبيءَ مشڪي سردار مهراب خان جي چيچ جهلي ان جي ننهن تي صفا ذرڙي ميندي رکي تہ، عزيز جان اتي هزار جو نوٽ سردار مهراب خان تان گهوري مديءَ جي جهليل ٿال ۾ وڌو تہ مدي خوشي مان ٽڙي نچڻ لڳي:
”ڏيلا.... ڏيلا.... ڏيلا....“
جان بيبي، زهره، شهناز ۽ سهراب خان جون چاچيون ۽ سئوٽيون بہ اتي سردار مهراب خان تان گهورون گهورڻ لڳيون.
مديءَ جي هٿ ۾ جهليل گهور جو ٿال ڏسي شموءَ اتي چيو، ”ادي، هيءَ گهور تہ اسان جي آهي، ميندي بہ اسان جي گهور بہ اسان جي، باقي هتي پلي پنهنجي ميندي ۾ جيءَ بسملاهيون تون ڪٽجان.“
مديءَ مرڪي شموءَ کي هيسائڻ چاهيو،
”چو ادي، سردار جي شادي آهي، جنهن کي وٺي گهور ڪٽي.“
عزيز جان جي نظر ايڏانهن ئي هئي، مديءَ کي چڙٻ ڪديائين،
”مدي، ٿال رک شمو سهي ٿي چوي.“
مديءَ ڦڪي ٿي ٿال شموءَ کي ڏنو تہ شمو خوشيءَ مان ٽڙي، ”ڏيلا.... ڏيلا....“ ڪرڻ لڳي ۽ مدي وڃي گشان سان سس پس ڪرڻ لڳي.
سردار مهراب خان مشڪي جان بيبيءَ ۾ نهاري چيو، ”هاڻي تہ وڃڻ جي اجازت آهي نہ، وڃي سگهان تو؟“
جان بيبيءَ مشڪي ڪنڌ سان هاڪار ڪئي تہ مهراب خان اٿندي چيو، ”هيءَ ڪچهري بہ وٺي تي، پر ٻاهر گهڻا دوست آيل آهن.“

۽ مشڪندو حويليءَ کان ٻاهر نڪتو جتي دهلن ۽ شرناين جي ڌم لڳي پئي هئي، لائوڊ اسپيڪرن تي تيز آواز ۾ سهرا ۽ ڳيچ وڄي رهيا هئا:

ڳَهوٽ جي امان توکي لک مبارڪون،
آسون اميدون تنهنجون الله پڄايون،
منهنجي مولا پڄايون.

”نُورُو، محفل هلي پيئي، هل تہ پاڻ بہ ڳايون، تنهنجو آواز بہ سٺو آهي ۽ منهنجو آواز بہ سٺو آهي.“

شيديءَ، نُورُوءَ کي چيو تہ چاچي فقيري بہ کين همٿايو،

”ها ڙي ها، جيسين وڏا ڳائڻا ڳائين تيسين اوهان وڄي محفل مچايو.“

نوروءَ چيو، ”چاچا، پوڳ بہ ڪنداسين!“

”هئو ابا، شادي آهي، پوڳ تہ ضرور ٿيندا، ڪالهہ ڪونہ ڏٺو هيوَ، دائود ۽ گندو وارن ڪيڏو ڪلايو هو؟“

”چاچا آءٌ او.... اهو راڳ ڳائيندس.“

”ڪهڙو؟“

”گهوٽ جو پيءُ نچي ڙي، گهوٽ جي ماءُ نچي ڙي،
گهوٽ جي پيڻ نچي ڙي، گهوٽ جو ياءُ نچي ڙي،
اسان جو ڪاٽو پي آگهاٽو هليو ساهرين.“ نُورُوءَ گيت جو مکڙو ڳائي ٻڌايو.

چاچي فقيري جوڙي منهن جي وچ تي پوندبو ڏيندي چيو، ”هي تہ وٺ پاڙيا، پاڻ بہ جوتا کائيندين، اسان کي بہ کارائيندين.“

شيديءَ بہ دڄي چيو، ”نورو تہ صفا بينوايو آهي، سردار مهراب خان جي شاديءَ جي محفل ۾ اهي راڳ ڳائيندين؟ اڙي چريا، اهڙا موچڙا کائيندين جو يا عمر نہ وسرندئي.“

”چاچا، هيءَ تہ صفا چٽ آهي، موچڙن کي پاڻ پيو سڏ ڪري.“

”چا لاءِ موچڙا کائيندس، مون کي هي راڳ بنايا آهن چا؟“

چاچي فقيري کيس الار ڪري ڌڪ ٿي هنيو تہ شيديءَ وچ ۾ ايندي چيو، ”ڇڏينس چاچا، چريو آهي صفا.“

چاچو فقيرو سندس نالي گهٽ وڌ ڳالهائيندو هليو ويو، تہ نوروءَ چيو، ”چاچو فقيرو پاڻ جڻ عقل جو اڪابر آهي، پوڳ ۾ ڇا آهي؟“

شيديءَ کيس سمجهائيندي چيو، ”هيڏي نورو، پوڳ مشڪرو هڪجهڙن سان نهندو آهي، تون پاڻ ڏس، ڪيڏي اسين ڪيڏي سائينءَ وارا، ڪاٽو اگهاٽو نهي ٿو، سو بہ سردار مهراب خان لاءِ؟

نُورُو ڳالهہ سمجهي ويو، سندس اکيون حيرت مان ڦاٽي ويون.

”هئوڙي هئو شيدي، آءٌ تہ الا سچي پچي صفا چريو آهيان. اهو جي راڳ ڳايان تہ... “

پنهنجي ڳالهہ اڌ ۾ جهلي، چپ ڏندن هيٺان رکي حيرت ۾ ٻيهي رهيو تہ شيديءَ کيس دلاسو ڏنو،

”نهيو نورو نهيو، بس سڀ خير تي ويو شڪر جو تو اڳ ٻڌايو، هاڻي ڪجهہ ڪونهي.“

سردار مهراب خان جي اتي وڃڻ کان پوءِ ڪنواريتيون اتي سيني آيلن ۽ وينلن کي چانهہ مٺائي ڪارائي ۽ ميندي ورهائي ٿال خالي ڪيا ۽ پوءِ پاڻ وڃڻ لاءِ اٿيون. جان بيبيءَ پهرين عزيز جان کان موڪلايو ۽ پوءِ شهناز کان موڪلائي چيو، ”ميندىءَ سان گڏ اوهان بہ ايندءون نہ؟“

”ضرور، مان ئي گهوٽ جي ڀيڻ آهيان.“

ننڍڙي اڪبر جي روئڻ تي چرڪي چيائين، ”آئي، مون کي تہ پنهنجو ٻچڙو ئي وسري ويو.“

عزيز جان چيس، ”هاڻي جاڳيو آهي. الله جي مهرباني تي يڪو آرام ڪيائين.“

شبي، اڪبر کي ڪٽي آئي تہ شهناز ڪائنس وٺي چيو، ”هاڻي ماسي سڄي رات جيڪو مون کي تنگ ڪندو، اهو بہ راڄ ڏسندو.“

”پٽ، ماين جا لشڪر آهن، تون چو تي پريشان ٿئين، وڃڻ جي تياري ڪر، هاڻي ميندىءَ ڪڍڻ ۾ دير نہ ڪريو!“

ڪنواريتيون گاڏين ۾ چڙهيون تہ گهوٽيتيون بہ ميندين جا

ٽال ڪٽي اچي پنهنجين ڳاڏين ۾ ويهڻ لڳيون. ڳاڏيون اڳ پوءِ حمل خان جي حويليءَ ۾ پهتيون، گهوٽيتين ڳاڏين مان لهندي راڳ ڳايو:

موهيڙي تي اچان، شال پريڙي وڃان.

اندر حويليءَ ۾ گهوٽيتين جا لاڏ ۽ چاڳ شروع ٿيا، سردار مهراب خان جي ته ڪا پيڻ نه هئي پر شهناز سندس پيڻ وارو ڪردار سيبتي طريقي سان نڀائي رهي هئي. ڪنوار کي ميندي ڏيڻ کان وني هر اهو ڪم جيڪو جيڪر سردار مهراب خان جي پيڻ ڪري ها اهي سڀ شهناز جي حوالي هئا. مديءَ ته وڃڻ ساڻ گهور وارو ٿال هٿ ۾ ڪنيو ۽ زور زور سان، "ڏيلا... ڏيلا..." ڪرڻ لڳي. شمو سندس پر مان لنگهي ته هاسيڪار سندس ڪن وٽ وات رکي زور سان، ڏيلا ڏيلا....

ڇيائين ته شموءَ چڙي چيو، "امان، هري هري (آهستي آهستي) نڙي ڦاڙ، اسان جا ٽا ڪن ڦاٽن."

مديءَ ڪيو ٻه ان لاءِ هو ۽ تير نشاني تي ئي لڳو هو، سو ڪي.... کي ڪري ڪلڻ لڳي ته شموءَ نرڙ ۾ گنجهه وجهي چيو،

"ڪمي ڪاءُ امان، اسان کي ٽيپي ماريو نه."

مدي حرامڙي ته اڳ ئي پري پيئي هئي. ڪيس ٿال ڦرڻ وسريو ڪونه هو سو چيائين، "ماسي شمو، هاڻي تون وڏي ٿي ويئي آهين، نندين جي وچ ۾ نه پئو، متان انگڙين سان نه ڪيرائي وجهنئي."

سيئي لنگهيون وات ڦاڙي ٽهڪ ڏيڻ لڳيون، مدي گهور وارو ٿال مڪٽيءَ جي هٿ ۾ ڏيئي پاڻ پيرن ۾ گهنگهرا ٻڌڻ لڳي، ته گشان شڪر ڪري هيٺ ويني،

"ائي مدي الله وڏي حياتي ڏيندئي، مون تان اهو ته لاهه ٿوري دير لاءِ...."

مدي گهنگهرا ٻڌي نچي ڳائڻ لڳي:

چولو چڪن جو ٻانهن ۾ چوڙيون،
او مني مون کي ڏاڍي ٿي وڻين تون....

سيني جون نظرون کنڌ ۾ اکي (ونانهن) ۾ وينل تاج بيبيءَ ڏانهن ويون، جنهن کي پيئري رنگ جا چکن جا ڪپڙا پاتل هئا.

"جيجي تاج بيبيءَ کي پاتل هي اکي وارا ڪپڙا تہ لنگهين کي ملندا نہ؟"

گشان آهستي حنيفان کان پڇيو تہ حنيفان چيو، "الائي، خبر ڪانهي، اسين غريب تہ سيئي توکي بہ خبر آهي تہ ڪنوار کي اکي ۾ پاتل ڪپڙا ڏيئي ڇڏيندا آهيون، باقي هي پانيان تي سردار ايئن نٿا ڪن، پاتل ڪپڙا نہ ڏيندا باقي نوان ضرور ڏيندا."

"تون تہ هتي جي آهين، توکي تہ سڀ خبر هوندي؟"

"تون وري ڪهڙي ٻي آهين، ڪالهہ پرڻجي ڪراچيءَ ويئي آهين، ٻيو ڇا! باقي پانيان تي پاتل ڪپڙا ڪونہ ڏيندا."

"ڪهڙي خبر، اوهين گهر جون آهيون ٻاهر بہ گهٽو نٿيون نڪرو متان توکي ئي ملن، قسم اٿئي دستگير جو، جي توکي مليا تہ مون کي ڏجين، مان بدلي ۾ توکي ٻيا ڪپڙا ڏينديس."

حنيفان کلي چيو، "ايڏا قسم ڇو ٿي ڏين، تون تہ صفا ڇتي ٿي پئي آهين ڪپڙن لاءِ."

گشان آهستي کلي چيو، "ها، الا."

حنيفان چيو، مون کي مليا تہ الا توکي ڏينديس."

گشان، ڪٽي حنيفان کي ڀاڪر پاتا، حنيفان مشڪي مدي ۾ نهاريو جيڪا مستي ۽ وجد ۾ ايئن نچي رهي هئي جو هرڪو حيرانيءَ مان ڪيس ڏسي رهيو هو..

"آئي مديءَ کي تہ ڏسو صفا عربن وانگي پئي نچي."

ملوڪان حيرت مان چيو تہ گشان مشڪي چيو، "ڪيئن ٿي پانئين ملوڪان، اوهان وارو ڪم آهي ڇا؟ هتي آيون هيون تہ نچي بہ نہ ڄاڻو.... مديءَ جي خبر اٿئي؟ دبئيءَ مان ڪمائي آئي آهي!"

ملوڪان کي ڏک ٿيو.

"هئو امان، اوهين ملڪان ملڪ ٿيون هلو، اسين حويلي ۾ بند، پير بہ ٻاهر نہ ڪڍون اسان کي ناچ ڪير سيکاري؟"

گشان کلي حنيفان کي چيو جيڪا مدي جي ناچ ڏسڻ ۾ محو

هئي، ”اَئي هيڏي حنيفان، ملوڪان تہ توري تي بہ ڏمرجيو تي پوي.“
حنيفان جنهن ڪا ڳالهہ نہ ٻڌي هئي ڇرڪي چيائين،
”ڇڏ ملوڪان ڏمر ڪي، آهي ڇا؟“
وري گشان ڪي چيائين، ”نهار تہ سهي مديءَ ڏي ڪمال تي ڪري الا.“
ملوڪان انهري تي چيو، ”حني، مدي دبئيءَ مان عربن ڪان ناچ سکي آئي آهي!“
گشان ڪلي چيو، ”نہ ڙي حني، ملوڪان تہ خار تي ڊاري باقي مدي دبئيءَ مان ڪمائي ضرور آئي آهي.“
حنيفان حيران تي چيو، ”سچي، الا مدي دبئي مان ڪمائي آئي آهي؟“
”هئو الا، بہ تي سال اتي هئي.“
”عربن وٽ ڪم ڪيائين؟“
”ها عربن وٽ!“
”عرب تہ چتا آهن، اڪيلي ويئي هئي؟“
گشان ٺهڪ ڏيئي چيو، ”حنيفان جون ڳالهيون تہ ٻڌو، الائي ڪڏهن مدي دبئي ويئي هئي، هن کي اڄ اچي فڪر ٿيو آهي تہ عرب چتا آهن، نہ ڙي نہ مائي، مدي پنهنجي مڙس سان گڏ ويئي هئي.“
”پوءِ بہ ادي، کهڙي خبر، مڙس تہ هر وقت ساڻس گڏ نہ هوندو!!“
گشان وري ٺهڪ ڏيئي چيو، ”اَئي گهوڙا، حنيَ وات بند ڪر، مدي الا چتي آهي، هي جي ٻڌائين تہ الا تنهنجي سٽڻ لاهيندي!“
حنيفان ڪٽي چپ ڪئي، گشان کي بہ مدي جو ناچ وڻي ويو سو پنهنجي اُچي ۽ سريلي گلي سان راڳ شروع ڪيائين:

ادل منهنجـــو چـــوڏهينءَ جـــو چنـــد،
پينـــر پلـــي پلـــي پلـــي تـــي آيـــو،
راڻـــل منهنجـــو چـــوڏهينءَ جـــو چنـــد.....

گشان جي راڳ تي محفل مست ٿي پئي، مايون ڪنوار تان گهور وجهڻ لڳيون، مڪٽيءَ جو تال نوٽن مان پرجي ويو، گشان جو راڳ ٻڌي مدي بہ خوش ٿي وٽس آئي ۽ ڪائنس سگريٽ وٺي سوٽا

هٽي نڪ ۽ وات مان دونهان ڪڍي مڪٽيءَ جي ٿال ۾ نهاري سرهي ٿي چيائين، ”ماسي، هي ٿال تہ پرجي ويو آهي، ٿيليءَ ۾ اوڳاڙي خالي ڪر.“

مڪٽيءَ ڪي هدايتون ڏيئي پاڻ وري نچڻ لڳي:

وڄ نغارا وڄ، شاهي نوبت وڄي،
منهنجي راڻل جو الاءِ سدا دهل وڄي.

جان بيبيءَ پنهنجي گهر ۾ اچڻ سان وڏي چني پنهنجي ڪمري ۾ اچي پلنگ تي اڇلائي ۽ جوڙي واري ننڍي چني پائي، آيلن جو آذرياءُ ڪرڻ لڳي. مديءَ جو ناچ ۽ راڳ ڪيس بہ وڻيا پي، مدي ۾ نهاري شهناز کي چيائين، ”ادي، اوهان جي محفل زور آهي!“

”نہ ادي، گشان جي ڳالهہ بي آهي.“

”گشان بہ تہ اوهان جي آهي!!“

ان تان ٻئي کلڻ لڳيون.

جنهن مهل بہ جان بيبي، شهناز وٽ آئي ٿي، مايون سندن وڄ ۾ سونهن جو مقابلو ڪرائڻ ۾ لڳي ٿي ويون.

”اسان تہ پانيو ٿي تہ جان بيبيءَ جي سونهن دنگ آهي، پر ملڪ ۾ ماڻهو رهيا پيا آهن.“

جان بيبيءَ جي سؤٽ گل بيبيءَ چيو تہ سندس ئي مائٽياڻي زبيده چيو، ”پوءِ بہ جان بيبيءَ جي ٻي ڳالهہ آهي.“

جُليءَ وچ ۾ پئي چيو، ”آءٌ تہ هن ۾ نهاري وري هُن ۾ ٿي نهاريان ڍئو ئي نٿو ٿئي، پر هوءَ ٻي ڪير آهي؟“

ڪنواريتن مان ڪنهن بہ جواب نہ ڏنس جو ڪيس ڪنهن بہ سڄاتو نٿي، سواءِ زهره، افروز ۽ مهراب خان جي چاچين ۽ سؤٽين جي، امير بيبي آئي ۽ اچي سيني گهوٽيتين کي پليڪار ڏيئي ساڻن ملي. شهناز وٽ آئي تہ شهناز، اٿي ساڻس ڪيڪاريو، امير بيبيءَ ڪيس پاڪر پائي چمي چيو، ”واهہ پٽ واهہ، گهوٽيتي ٿي آئي آهين، تاج بيبي تہ تنهنجي پيڻ آهي.“

”ماسي، دعوت تہ اوهان جي پاران بہ مليل هئي پر اڪبر جي پيءُ جو ادا مهراب خان سان پائرن ڪان بہ متي سگ آهي ۽ ادا

مهراب خان پاڻ اسان کي وني آيو آهي، باقي ماسي، جان بيبيءَ ته مون کي ڪونه سڄاتو!!"

"پٽ، هن جي طبيعت ئي اهڙي آهي، پاهر ته نڪري ئي ڪونه، ايڏانهن اوهان ڏانهن به جڏهن ايندي آهيان ته ڪڏهن به مون سان گڏ نه آئي."

پيار مان تاج بيبيءَ ڏي نهاري چيائين، "اجان تاجي مون سان گڏ ٻه ٽي ڀيرا ايڏانهن آئي آهي."

زبيده ۽ گل بيبي به وٺن آيون.

"چاچي، اسين ته هن کي ڪونه سڃاڻون."

گل بيبيءَ مشڪي امير بيبيءَ کي چيو ته، شهناز به ڪلي چيو، "آءٌ به ماسي، هنن کي ڪونه سڃاڻان."

امير بيبيءَ ڪلي چيو، "مان ٿي اوهان جي هڪ ٻي سان سڃاڻپ ڪرايان."

گل بيبيءَ ڏي نهاري مشڪي شهناز جي ڪلهي تي هٿ رکي چيائين، "هيءَ آهي منهنجي سڳي سئوٽ جي ڌيءَ ۽ سڳي ماروٽ جي پٽ جي گهرواري، سندس نالو شهناز آهي ۽ سندس مڙس جو نالو طارق خان آهي."

۽ وري شهناز کي چيائين، "پٽ هي ٻئي منهنجي گهر واري جي سئوٽن جو ڌيئون آهن، هن جو نالو گل بيبي آهي جيڪا ادا علي خان جي ڌيءَ آهي ۽ هن جو نالو زبيده آهي ۽ هيءَ ادا ايوب خان جي ڌيءَ آهي ۽ هوءَ جيڪا پريان جان بيبيءَ سان گڏ بيٺل آهي، ان جو نالو زهره آهي، اها ادا مصطفيٰ خان جي ڌيءَ آهي."

امير بيبيءَ، زهره ڏي جو اشارو ڪيو ته زهره ۽ جان بيبي ٻئي ڪلنديون آيون. زهره چيو،

"چا آهي چاچي، اسان ڏانهن پيا اشارا ٿين!!"

"پٽ، شهناز جي سڃاڻپ ٿي ڪرايم ۽ اوهان جي سڃاڻپ شهناز سان پي ڪرايم."

زهره ڪلي چيو، "۽ ادي شهناز بابت جانيءَ مون کي ٻڌايو آهي."

امير بيبيءَ هيڏانهن هوڏانهن نهاري چيو، ”افروز ڪٿي آهي ته شهناز ڪي ڏيکاريان؟“

زهره ڪلي چيو، ”اندر ادي تاج بيبيءَ جي ڪمري ۾ آهي، وني تي اچانس.“

زهره اندر ويئي ۽ افروز کي وني آئي. خوبصورت ۽ قداور افروز ڪلندي امير بيبي وٽ آئي ته امير بيبيءَ مشڪي افروز جو هٿ جهلي چيو، ”هيءَ ادا هاشم خان جي ڌيءَ افروز آهي، ڏاڍي جوشيلي ۽ حساس......“

سيئي ڪلڻ لڳيون ته امير بيبيءَ چيو، ”گهڻو اچڻ وڃڻ نٿو ٿئي ته ڄڻ مائٽي ئي مٽجي ٿي وڃي.“

”ايئن نه چئو ماسي، مائٽي اچڻ وڃڻ جي محتاج ناهي، ڀلي گهٽ اچون وڃون، پر مائٽي مٽجي نٿي. هاڻي ڏس، آيا آهيون ته سڄاڻپ ٿي نه؟“

زهره ڪلي چيو، ”اهائي ڇاڇي امير بيبيءَ واري ڳالهه ٿي نه، جڏهن آيا آهيو تڏهن سڄاڻپ ٿي.“

افروز ڪلي چيو، ”اها ڳالهه مون وٽ به هئي، پر مان ادي شهناز جو لحاظ ڪري ماٺ ڪري ويس ۽ زهره چئي ڏني.“

زهره ڪلي چيو، ”لحاظ پنهنجي جاءِ تي حقيقيت پنهنجي جاءِ تي ۽ وڏي ڳالهه اها ته ٻئي اهم ۽ ضروري آهن معنيٰ، مان حقيقت، توهان لحاظ!“

وري سيئي ڪلڻ لڳيون، امير بيبيءَ شهناز کان پڇيو، ”ڪڏهن آئي آهين، طارق خان به آيو آهي؟“

”مان ته ماسي ڪلهه رات آئي آهيان هو ته روز پيو اچي وڃي.“

امير بيبيءَ حيرت مان چيو، ”اتان، ڪراچي مان؟“

”ها ماسي، هن ڪي ڇا آهي! ريڪارڊ قائم ڪرڻا اٿس.“

امير بيبيءَ ڪليو ته جان بيبيءَ مشڪي چيو، ”ڪهڙا ريڪارڊ ادي؟“

”ڊرائيونگ جا، هرڪو حيران آهي ته روز ڪيئن پيو اچي

وڃي، ڪلهہ ڪان هتي آهي اهو بہ ادا مهراب خان ۽ ماسي عزيز جان زبردستيءَ سان ڪيس جهليو آهي.“ وري امير بيبيءَ ڏي مشڪي نهاري چيائين، ”ماسي، اجازت آهي تہ تاج بيبيءَ کي مينديءَ لائيان؟“

”پلي پلي پٽ، اجازت ڪهڙي؟“

جان بيبيءَ کلي چيو، ”امان، هتي مون کي ادا مهراب خان ۽ ادي شهناز ڏاڍو ستايو هو.“

نازوءَ مينديءَ جو ٿال سرڪائي شهناز جي اڳيان رکيو، شهناز ٿوري ميندي کڻي تاج بيبيءَ جي هٿ تي رکي چيو، ”ايئن تہ نہ چئو جان بيبي، مون ڪٿي ستايو هو توکي؟“

”نہ ادي نہ، مان تہ بس چرچو ٿي ڪيو.“

”ٻڌ جان بيبي......“

”ادي، مون کي جاني چوندي ڪر، امان ۽ ادي تاجان بہ مون کي جاني ٿيون چون ۽ منهنجون سڀئي سئوٽيون ۽ سهيليون بہ جاني ٿيون چون.“

”مهرباني جاني، سچ بہ تنهنجو نالو ايڏو ڊگهو آهي جو سڄو ونڻ سان....!!“ سڀئي ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳيون، امير بيبيءَ بہ مشڪيو. شهناز، نازوءَ ۽ مکڻي کي چيو، ”هاڻي هيءَ ميندي مائين کي ورهائي ڏيو ۽ چانهہ منائي بہ کارايو، ماسي عزيز جان چيو آهي تہ ٽڪڙو مونجو پر هاڻي تہ...“

هن ٻانهن ۾ ٻڌل واچ ۾ نهاري چيو، ”اڙي، ادائي پيا ٿين نازو، هڪڙو منائيءَ جي ڏٻو هيڏي آڻ.“

نازوءَ هڪ مختلف قسم جو ڏٻو آڻي ڏنس، جيڪو کولي شهناز ان مان ٿوري منائي کڻي پنهنجي هٿ سان تاج بيبيءَ جي وات ۾ وڌي ۽ منائيءَ جو وڏو ٽڪر کڻي جان بيبيءَ جي وات ۾ زوريءَ وڌائين تہ جان بيبيءَ رڙ ڪري کلي چيو، ”ڏس ڏس، اها ئي تہ زيادتي آهي، مان تہ هتي توسان ايئن ڪونہ ڪيو هو.“

”تو تہ ادا مهراب خان کي بہ منائي نہ کارائي هئي، خبر اٿئي تہ گهوٽ کي مينديءَ کان پوءِ منائي کارائبي آهي ۽ گهوٽ جي پيڻ کي بہ.“

”مان تہ الا، ادا مهراب خان اڳيان ڦڪي پئي ٽيس.“
مايون چانهہ منائي ۾ لڳيون پيون هيون، شهناز اٿندي چيو، ”ماسي، ننڍڙو اڪو بہ الاهي روئندو هوندو ۽ هتي دير بہ تہ ڪيڏي ٿي آهي.“
امير بيبيءَ چيس، ”پٽ، هتي ادي عزيز جان آهي ڪيس روئڻ نہ ڏيندي ۽ پيءُ بہ تہ اتي اٿس.“
”پيءُ ڪٿي ٿو ماڻهن ۾ ڪٽي وڃينس.“
”چو، ڇو نٿو ڪٽي وڃي ماڻهن ۾ پٽ اٿس فخر مان ڪلهي تي چاڙهي وڃينس.“
”اهڙي ڳالهہ ناهي ماسي، ڪلهن تي تہ واقعي بہ چاڙهيندو اٿس پر گهڻن ماڻهن ۾ ۽ گوڙ ۽ رش ۾ ننڍڙو ڏجي ٿو.“
”هان، آءٌ چوان ڇا آهي؟“
شهناز جي تڪڙ ڪرڻ تي سيئي گهوٽيتيون اٿيون ۽ ڪنواريتين سان موڪلائي اچي گاڏين ۾ چڙهيون.
سردار مهراب خان جي حويلي، اوطاقون ۽ چنا ڪنوار وانگي سينگاريل هئا ۽ ماڻهن سان پريل هئا. سڄي رات محفلون ۽ مختلف راڳ ۽ رنگ جون مجلسون هليون. صبح جو ٻانگن ڪان بہ اڳ عزيز جان پاڻ، شهناز کي وٺي سردار مهراب خان جي سيج، ڪنوار جا ڪپڙا ۽ زيور، ڪنوار وٽ پهچائي آئي. پرهہ ڦٽيءَ جي وقت سردار مهراب خان وهنجي سهنجي اچي پنهنجي ڪمري ۾ پلنگ تي وينو. شاديءَ وارو ڏينهن ۽ صبح جو وقت، نڪاح، لائڻ، ساٿ سوئڻ لاءِ اهميت ۽ دلچسپيءَ وارو هوندو آهي، سردار مهراب خان کي تيار ڪيو پي ويو ڪيس بوسڪيءَ جو پهراڻ، اڇي ڪاٽن جي سٿڻ ۽ پيرن ۾ سون ۽ چانديءَ سان مڙهيل سئنڊل پاتل هو، طارق خان ڪيس تيار ڪري رهيو هو. سردار مهراب خان جي حويليءَ ۾ طارق خان ڪان ڪوبہ پردو نہ هو. عزيز جان ڪيس پٽ وانگيان پائيندي هئي. شهناز بہ موڙ ۽ ٻيون سامان جهلي ڪين مشڪي مشڪي ڏسي رهي هئي.
اڄ شهناز کي نيري رنگ جا ڪپڙا پاتل هئا. انهن جي سلائي

۽ پرت اهڙي هئي جڻ شاهي چوغو هجي ۽ جيڪي ڪيس تمام گهڻو نهي بہ رهيا هئا. طارق خان، مهراب خان کي مٿي ۾ لونگي پارائي ۽ پاڻ وري بہ ٽي وکون پري بيهي ڪيس ڏسڻ جانچڻ لڳو ۽ پوءِ پوڳ منجهان پنهنجي هٿ جي شاهد آڱر جو گولو بنائي آڱوٺي مٿان رکي اشاري سان ڪيس عاليشان چيو تہ سيني ڪلي ڏنو.

”هاڻي وارو آهي خوشبو لڳائڻ جو.“

طارق خان جي ايئن چوڻ سان شهناز هڪدم ٽيبل تي رکيل سينٽ جي بوتل ڪڍي ڏني تہ طارق خان چڙ مان چيو، ”پري ڪر سينٽ کي، اها تہ مون کي صفا ڪونہ وڻي ۽ اها تہ توکي بہ خبر آهي.“

”ها مون کي تہ خبر آهي پر هي سڀ مون کي ماسي عزيز جان هٿ ۾ ڏنو آهي.“

طارق خان پنهنجي کيسي مان عطر جي ننڍڙي شيشي ڪڍي تہ، سردار مهراب خان ڪلي چيو، ”ڪهڙو آهي؟“ ”مشڪ آهي.“

”هي تہ تمام گهڻو مهانگو آهي.“

”پلي هجي، مان تہ هيءَ شيشي تنهنجي لاءِ ۽ خاص هن وقت لاءِ ورتي آهي.“

۽ پوءِ سڄي شيشي لڳائي ختم ڪيائين تہ سڄي حويلي مشڪ جي خوشبوءَ سان واسجي خوابن جو منظر پيش ڪرڻ لڳي. طارق خان پلنگ تي رکيل پرت پريل ڪريم ڪلر جي ڪوٽي مهراب خان کي پارائي تہ شهناز اڳيان اچي ڪيس موڙ بڌا تہ تنهي گڏجي ٺهڪ ڏنو، عزيز جان تہ الائي ڪهڙن پورن ۽ سوچن ۾ هئي جو اهي ٺهڪ بہ ڪيس هلڪي مرڪ بہ نہ ڏيئي سگهيا. طارق خان، شهناز کي چيو، ”هار ۽ اجرڪ ڪٿي آهن؟“

”اندر منهنجي ڪمري ۾.“

”هن وقت بہ نتا نڪرن؟“

طارق خان توري چڙ ۽ ڪاوڙ مان چيو تہ شهناز هٿ ۾ جهليل سامان پرواري ٽيبل تي رکي اندر ڪمري ۾ ويئي ۽ نوٽن جو وڏو هار ۽ اجرڪ کڻي آئي. طارق خان پهرين سندس ڪلهن تي

اجرڪ وڏي ۽ پوءِ نوٽن جو تمام وڏو هار پهرايو تہ سردار مهراب خان پلنگ تان اٿي ڪيس ڀاڪر پاتا، عزيز جان پلنگ تي رکيل اجرڪ کڻي اٿي چيو، ”اجرڪ تہ هي آهي مهراب خان جي.“

طارق خان کلي چيو، ”ماسي، مهراب خان لاءِ اجرڪ تہ مون خاص نهرائي آهي ٻوسڪيءَ تي.“

تڏهن عزيز جان پنهنجي هٿ ۾ جهليل اجرڪ، طارق خان جي ڪلهن تي وڌي تہ طارق خان سندس هٿ وٺي اکين تي رکي چميا، مهراب خان وري شهناز جي مٿي تي هٿ رکي ساٽس ڪيڪاريو تہ شهناز کير جو ڀريل گلاس کڻي آڻي عزيز جان کي ڏنو.

”ماسي، هي کير ادا مهراب خان کي پيار.“

مهراب خان وري پلنگ تي ويٺو تہ عزيز جان بہ اداس اداس اچي سندس پير ۾ ويٺي ۽ سندس منهن تان موڙ مٿي ڪري کير جو گلاس سندس چپن سان لاتو. مهراب خان ماءُ کي اداس ڏسي پاڻ بہ اداس ۽ ماٺ ٿي ويو هو. هن کير جي گلاس مان هڪڙو ڍڪ پي گلاس وري ماءُ کي ڏنو، جنهن ساڳي گلاس مان هڪ ڍڪ پاڻ پيتو تہ مهراب خان ڇرڪي چيو، ”چو امان منهنجي اوبر اوهان ڇو پيتي؟“

شهناز کلي چيو، ”ادا، اها بہ هڪڙي رسم آهي ۽ هاڻي اوهان ماءُ جي اوبر پيئو.“ مهراب خان هڪدم ماءُ کان گلاس وٺي باقي سڄو کير پاڻ پي ويو تہ طارق خان واچ ۾ نهاري چيو، ”هاڻي اٿو، نڪاح ۾ دير پئي ٿئي.“

مهراب خان پلنگ تان اٿيو تہ عزيز جان بہ پلنگ تان لٿي، شهناز چيو، ”تورو ترسو تہ ماسي، ادا مهراب خان کي گِري لڳي.“

عزيز جان، مهراب خان کي ڀاڪر پائي چلڪي پئي ۽ سڏڪن ۾ روئڻ لڳي تہ سڄي حويلي ڄڻ سوڳواري جي چادر ۾ ويڙهجي ويئي.

هر اک آلي ٿي ويئي، ماين راڳ ڳائڻ شروع ڪيو:

آءُ جيجل، لڳ گِري.....

پل تنهجي جيجڙي پسي.....

مهراب خان بہ روئي ڏنو تہ طارق خان چيو، ”هي ڇا آهي مهراب خان شاديءَ ۽ خوشيءَ ۾ روئو ٿا؟“

عزيز جان، مهراب خان مان پاڪر ڪڍي رئي سان پنهنجون اکيون اگهي چيو، ”پٽ هي انجهيون تہ مان الائي ڪيتري وقت کان جهلي ويني هيس. مهراب خان جي پيءُ جي ياد هر هر لمحي، هر هڪ پل ايندي ئي رهندي هئي پر هن مهل سندس غيرموجودگي سهي نٿي سگهان.“

مهراب خان بہ پنهنجون اکيون رومال سان اگهي ماءُ جي پيرن تي ٻئي هٿ رکي سندس هٿ وٺي چمڻ لڳو تہ وري بہ ماءُ ۽ پٽ جا نيڻ نارا ٿي وهڻ لڳا، وري بہ سيني جون اکيون لڙڪن مان ٽوبُ ٿي ويون، بس هڪڙو طارق خان ئي سيني ۾ نارمل هو، جنهن تي ماحول جو ڪو اثر نہ هو.

”اٿي يار مهراب خان، ٻاهر ماڻهو تنگ بينا هوندا.“

سردار مهراب خان ۽ طارق خان ڪمري کان نڪري وراندي ۾ آيا جتي مهراب خان جا چاچا، سئوٽ ۽ سيئي ويجها انتظار ۾ بيٺل هئا. مهراب خان کي ڏسڻ شرط گهورون وجهڻ لڳا تہ ماين ”ڇِڏَ“ جو راڳ ڳايو، طارق خان هلڻ لاءِ تڪڙ ڪئي تہ شهناز آهستي چيس، ”هيءَ ڇِڏَ جي مهل آهي ٿورو ترسو تہ سيئي گهورون وجهن.“

مايون راڳ ۽ ناچ ۾ مست ٿي ويون، گشان جو آواز سيني ۾ نمايان ٻڌڻ ۾ پي آيو:

دهلن جي جهڙ سين تون آءُ،
ادا لاڏا شرناين جي شان سين تون آءُ،
هي جي شرنايون، سونهن هن ڇج ۾،
لئي اها ويل گهريڙي تو ماٽي،
آءٌ گهوري وجان هن ڏينهن تان،
پل مهراب خان جي آس پڄي.“

مهراب خان پنهنجي چاچن، سئوٽن ۽ طارق خان سان گڏ

حويليءَ کان ٻاهر نڪتو تہ دوستن ۽ راڄ وارن هارن ۽ گهورن جا ڏوڙيا لائي ڏنا. مهراب خان گاڏيءَ ۾ اچي وينو تہ طارق خان پنهنجي هٿن ۾ جهليل نوٽن جي ڏڦين ڪي ڪولي گاڏيءَ جي مٿان ايئن اڇلائڻ لڳو ڄڻ نوٽن جو مينهن وسي پيو هجي. ننڍا وڏا نوٽ جهٽڻ لاءِ مڪڙن جيان ڊوڙيا گاڏيون حمل خان جي ڳوٺ ڏانهن روانيون ٿيون.

حمل خان جي حويليءَ ۾ ڪنوار لاءِ زيور ۽ ڪپڙا تہ گهوٽ پاران آيل هئا. تاج بيبيءَ جو ڪمرو بند هو ۽ ڪيس سينگار ڪرڻ واريون جان بيبيءَ سميت اندر ڪمري ۾ هيون. امير بيبيءَ اداس اداس پنهنجي ڪمري ۾ ويٺي هئي. ماين جي اچ وڃ ۽ ڄاڄاٽيون پاڻ کي تيار ڪرڻ ۾ مصروف هيون، هرڪا پائنين مان زور هجان، لنگهين لورين جون ڊوڙون، اندر ٻاهر اچ وڃ ۽ پنهنجي تيارين جو فڪر.

”ڪذوءَ کي تہ ڏس، سڀ ڪم ڇڏي پنهنجي ڪپڙن کي پئي استري ڪري.“

سومل، مساڪ هٽندي ستوءَ کي چيو تہ ستوءَ چيس، ”سومل، رات کان وٺي ڪذوءَ الاهي ڪم ڪيو آهي. ٻيا تہ ڪم ڇڏ پر سڄا ميدان ۽ پٽ مينديءَ سان پريل هئا، اهي بہ سڄي رات ڌوتائين، هڪڙو پل بہ نہ ستي آهي.“

”مان ڪو ستي آهيان، سمهڻ لاءِ وقت ڪٿي هو، تون ستي آهين؟!“

”ها خير ستو تہ ڪوبہ نہ هو.“

”شاديءَ جي رات ڪير ٿو سمهي باقي ڪذوءَ هيڪلي اهي ڪم ڪونہ ڪيا آهن، پٽ بہ ملوڪان ۽ ختوءَ ساٽس گڏ ڌوتا آهن. مان تہ سڄي رات ٿانوَ ٺارڻ ۽ سنيالڻ ۾ پوري هيس.“

”اهو بہ شڪر جو نيرن ۽ چانهہ بورچين پچائي آهي نہ تہ اسين تہ سڀ مري وڃون الا، چانهيون ۽ نيرن ٺاهي ٺاهي.“

”اڃان تہ ٻانگ ڪانہ ٿي آهي نہ؟“

”نہ نہ اڃا ڪونہ ٿي آهي.“

”شڪر، مان بہ پنھنجا تھڙا جھڙا ڪپڙا استري ڪنديس، پلي پھرين تون پنھنجا ڪپڙا استري ڪر، جي واندي آھين تہ.“
”منھنجا ڪپڙا تہ ويچاريءَ ڪڏوءَ اڳ ئي استري ڪري ڏنا آھن.“
آءٌ بہ چوان ڪڏوءَ جون يڪيون پيئي ورنديون ڏين. پنھنجو ھانءُ پريل ھو سو....“
”نہ الا، ان لاءِ ڪونہ ٿي چيم، ھونئن بہ ڪڏو سٺي آھي، ھرويرو اندر ۾ بغض ڪونھينس.“
”بغض جو ڪير ٿو چوي ڪڏوءَ کي، ٿانون جا ڏوڏا پيا آھن، راتوڪا بہ اڃا اڻ ڌوتل رکيا آھن، ھيروڪا ڊيگ ڏار، اھا ٿي ڳالھہ ڪريان ٻيو وري ڪھڙي ڪاتي ٿي ڪڏوءَ کي ھٽان؟“
”ھل تہ ٻئي گڏجي ٿيون ٿانوَ ڌوئون..... ھاٽي بس، ڪم جو ھي اڄوڪو ڏينھن آھي، اھو رڳو خير سان پورو ٿئي.“
سومل ساٽس گڏ ويندي چيو، ”ھا سچي بہ.“
ٻئي ٻاھرين ڪنڊ واري نل وٽ رکيل اڌوتن ٿانوَن ڏانھن پي ويون تہ سوڍيءَ رڙ سان ڳالھايو،
”چوريون، ڪو حيا ڪا ديد اٿوَ؟“
”چا ھي سوڍي؟“
”ھا ھا، ماسي بہ نہ چئو، ٻانھي آھيان نہ اوھان جي! سڪٽو ٿيون نالو ونو، سوڍي.“
”ڏي عزت، وٺ عزت سوڍي، مڙيئي سڙيئي لئڙ حيائون پيئي ڪيين، ڪھڙو خون ڪيو اٿئون تنھنجو؟“
”آءٌ تہ آھيان چتي، ٿانوَ پيا آھن ڌوئڻ وارا انھن جو ٿي چيم تہ ڪير ڌوئيندو؟“
”اَنڌي تہ ڪانھي، ٿانوَ ڌونئڻ تہ پي ويونسين، مڙيئي پئي حيائون ڪيين پاڻ تہ سڀ رڳو جيجي جانل جي موسي (ٻھاني) سندس ڪمري ۾ پتريون وينيون آھيو.“
”گھٽو نہ ڳالھاءِ سومل، اسان جي مٿي تي وڏا مڏالا (ذميداريون) آھن، اوھين رڳو مٿچر ڪو ڪم ڪريو پيون ٽنگون رنگايو.“

سومل چڙي پيئي، چڻ چيرو لڳو هجيس، سندس نقل ڪري چيائين، ”اسان جي مٿي تي وڏا مڏالا آهن.... ڪهڙا مڏالا مٿي تي ڪنيو ويني آهين پلا؟ جيڪا بہ بچيل سچيل منائي ٿئي اهي تہ سڀ پليٽون جهپيو ڪٽيو وجين تہ، وجيو تي ڏٿان، هاڻي ڪهڙو ٻرو اٿئي؟ وجي پاڻ ٿانوَ ڌوئو.“

سومل وري بہ سندس نقل ڪيو تہ ختوءَ ڪيس گسٽي (نوڪر نوڪر جي نوڪر) هٽي چيو، ”هل هل سومل، سوڍيءَ ڪي تہ آهي رڳو وڏاندري ڪرٽي.“

”اوهين وڏاندريون آهيو ڪي مان، ڪم ڪرڻ واريون هزار آهن. اوهين الائي ڪهڙا ٿيون ڦاڙها ماريو، جو ايڏا ٿيون نخرا ڪريو؟“

”ها ها، هزار آهن پر رڳو ڪاڏو ڳورڻ لاءِ، ڪم مهل هرڪا هيڏانهن هوڏانهن ڪسڪي ٿي وجي ۽ رهي نالو الله جو، ڪم لاءِ وجي اسين ٿيون رهون.“

سوڍيءَ ڪي جواب نہ آيو سو رڳو حيرت مان وات تي هٿ رکي ڪين ويندي ڏسندي رهي تہ پنيان بچيءَ سڏ ڪيس، ”ماسي سوڍي هيڏي آءُ، جتي ڪٿي وات ورانڊ ڪريو بيٺي آهين.“

”ڇا آهي؟“

وري آهستي آهستي پٽڪندي وئي،

”جيڪا تي آني مان ڦتي، اها وڏاندري.“

بچيءَ وري چيس، ”تنگون گهر نہ، تڪڙي آءُ.“

سوڍيءَ سندس ويجهو اچي چيو، ”تنهنجون ٿنگون پڳيون آهن جو اورتي نٽي اچين؟“

”توسان نہ ڳالهائڻ جو مان تہ سنهن ڪنيو هو، پر جيجي اميران چيو آهي تہ ٻاهران سائين ستار ڪي سڏي آءُ.“

سوڍي ويئي پي تہ بچيءَ پنيان رڙ ڪري چيس، ”تڪڙي وڃ ۽ تڪڙي اچ، ويهي متان رهين.“

سوڍيءَ پنيان ئي هٿ مٿي ڪري لوڏي، ها ها ڪئي.

شمو ٻاهر نڪتي ۽ بچيءَ ڪي سڏ ڪري وري اندر هلي

ويئي. ٻچي ٻہ سندس پويان اندر ويئي. ورانڊي ۾ مايون ڳيچ ڳائي رهيون هيون. ڳوٺ جون اهي سڀ زالون جيڪي هتي رات نہ ٽڪيون هيون ۽ وري رات جو پنهنجي گهرن ڏانهن هليون ويون هيون، اهي بہ سڀ تيار ٿي آيون هيون. امير بيبي ڪريم ڪلر جي ڪپڙن تي ناسي پرت وارا ڪپڙا پائي نهايت باوقار انداز ۾ ماين سان گڏ ويهي ڳالهيون ڪري رهي هئي. تاج بيبيءَ کي تيار ڪري سينگاري سندس ڪمري ۾ ئي پلنگ تي آڻي وهاريائون، عزيز جان جي چوڻ تي ڪيس گچ ۽ سوسيءَ جي سٽڻ پهريل هئي ۽ مٿي تي پٽ جي ڳاڙهي مڪيش سان پريل چني هئي ۽ مٿان اجرڪ پاتل هئي. تاج بيبيءَ جو چهرو ڍڪيل هو. سڄو ڪمرو ماين سان پريل هو، مهراب خان جي سيج ورانڊي جي وچ ۾ سجايل هئي. ڳاڙهي بخمل جي سيج تي سائي مخمل جا سونن جهاٻن وارا طول وهاڻا رکيل هئا. سيج جي چوڦير لنگهين ۽ لورين جو پهرو هو، ڪنهن کي بہ سيج جي ويجهو اچڻ جي اجازت نہ هئي. شمو، آمي ۽ حنيفان حسب معمول جان بيبيءَ جي ڪمري ۾ هيون. جان بيبي، تاج بيبيءَ کي تيار ڪرڻ لاءِ خاص گهرايل ماين سان گڏ، تاج بيبيءَ کي تيار ڪري پوءِ پاڻ تيار ٿيڻ ويئي هئي، گهوٽيتيون بہ اچڻ شروع ٿي ويون هيون. امير بيبيءَ سيني کي پليڪار پي ڏني، هلڪو شور ٿيو.

"جيجي عزيز جان اچي ويئي آهي."

امير بيبي اٿي بيٺي. عزيز جان، شهناز ۽ سردار مهراب خان جون چاچيون ۽ سئوٽيون حويليءَ جي اندر داخل ٿيون، سيني ماين اٿي سندن آجيان ڪئي. امير بيبي، عزيز جان سان ياڪر پائي ملي ۽ ٻين بہ سيني سان ملي، سندس لاءِ خاص بنايل جاءِ ڏانهن وٺي آئي، جيڪا سيج جي پر ۾ هئي، جتي قالين مٿان گاديلا رکي ريشمي چادرون ۽ وهاڻا وڇايل هئا، شهناز ويهندي چيو، "ماسي، جاني ڪٿي آهي؟"

"پٽ، هوءَ تاجان کي تيار ڪري پوءِ پاڻ تيار ٿيڻ وئي آهي، هاڻي ايندي هوندي."

گهنگهرن ۽ دهلن جي آواز تي سيني چرڪي نهاريو ته، گشان، مدي، سڪي ۽ ٻيون نچنديون ڳائينديون حويليءَ ۾ گهڙيون، سيني خوشي جو اظهار ڪيو. سومل ۽ ستو به تيار ٿي آيون، گشان، نئين فيشن جا پرت پريل آسماني رنگ جا ڪپڙا پائي وراندي ۾ نچي رهي هئي:

وني ايندو ونڻ اج ڊولڻو،
ڪنوار ايندو ونڻ اج ڊولڻو،
دل ايندو لٽڻ اج ڊولڻو.
الا، آءٌ ميندي هٿن کي لائيان، آءٌ سرهي سيج وڇايان،
راڻي مومل ڪٿي آهي ياڳ مان الا راڻي مومل.......

ملوڪان ۽ ختو به تيار ٿي آيون. ملوڪان، ختوءَ کي چيو، ”گشان ته ابا، جيجين سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي بيٺي آهي، ڪپڙا ڏسينس ٿي ڪهڙا پاتل اٿس؟“

ختوءَ نڪ کي موڙو ڏيئي چيو، ”مديءَ ڏي ته نهار، اها ڪا گهٽ آهي؟“

مديءَ کي گلابي رنگ جا پرت وارا ڪپڙا پاتل هئا، پان وات ۾ ۽ سگريٽ آگرين ۾ هو ۽ ناز سان نچي رهي هئي. ملوڪان چيو، ”ٻئي هڪ جهڙيون وات ڦاٽيون آهن، هتي جي هتي جي گهور ڪٽيون ڪايون وينيون آهن.“

وري پنهنجي ڪپڙن ڏي نهاري، جيڪي صفا عام هئا، چيائين، ”اسان کي ملي نه ملي ماٺ آهيون، هنن جو وري جيجين اڳيان ڏڏرو ته اسان کي ملي ئي ڪونه ٿو.“

ملوڪان، ختوءَ کي نونٺ هڻي خوشيءَ مان چيو، ”هيڏي ڙي هيڏي، ختو.“

ختوءَ نهاريو ته، جان ٻيبي تيار ٿي پنهنجي ڪمري مان نڪري وراندي ۾ اچي رهي هئي، مڪيش سان پريل ڪارن ڪپڙن ۾ هوءَ چوڏهينءَ جو چنڊ لڳي رهي هئي. شهناز ۽ زهره ٻئي ڪلي اٿيون.

”ايڏي دير؟“

جان بيبي آهستي آهستي وکون کڻندي وٽن آئي. ياڪر پائي ساٽن ملي چيائين، ”مان تہ ادي تاجان کي تيار ڪري پوءِ هاڻي ئي ويئي هيس.“

زهره ۽ شهناز، ڪيس پيار ۽ حيرت مان ڏسي رهيون هيون. اڄ تہ وار بہ مختلف انداز سان بنيل هئا ۽ ميڪ اپ بہ اڳوڻي کان گهرو هو ۽ اڄ هوءَ اڳ کان گهڻو حسين نظر اچي رهي هئي. عزيز جان وٽ اچي هيٺ ويهي سندس پيرن تي هٿ رکي ساڻس ڪيڪاريو تہ عزيز جان ”ماشاءَالله“ چئي کيس ياڪرن ۾ ڀري ڇڏيو.

”جيجي اميران، سائين ستار آيو آهي.“

سوڍيءَ اچي چيو تہ امير بيبي اٿي پنهنجي ڪمري ۾ آئي ۽ پٽ کان پڇيائين، ”ابا نڪاح ٿي ويو؟“

”جي ها امان، نڪاح ٿي ويو، هاڻي مسجد ڏانهن ويا آهن، بس ايندا ئي هوندا.“

”ابا، مون توکي ان لاءِ سڏايو آهي تہ پيءُ سان گڏ اوهان بہ بئي ياڻر تاج بيبيءَ سان موڪلائجو.“

امير بيبيءَ جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا تہ ستار بہ اداس ٿي چيو، ”ها امان..... ضرور، مان جبار کي بہ چوان ٿو.“

”ها ابا، هو نڪا سولي ٿو سمجهي نڪا ونگي تون پاڻ سان گڏ وٺي اچجانس.“

”جي امان.“

ستار امير بيبيءَ جي ڪمري کان ٻاهر پاسي نڪتل دروازي مان ٻاهر نڪري ويو. امير بيبيءَ وري اچي عزيز جان سان گڏ ويني، جان بيبيءَ کي سيئي سندس جيڏيون مائٽياڻيون ۽ سهيليون ورائي ويون هيون.

”اڄ تہ سندس حسن تجلا پيو ڪري.“

گل بيبيءَ چيو تہ زبيده کلي چيس، ”شڪر آهي اڄ تہ مجئي!“

گل بيبيءَ حيرت مان پڇيو، ”ڇا؟“

”اهو تہ جان بيبي سهڻي آهي.“

”اها ڪهڙي ڳالهه ڪرين، مان ڪڏهن چيو آهي ته، جان بيبي سهڻي ڪانهي؟ باقي چاچا حمل خان به وڏي آزادي ڏني اٿس، اسان کي بابا ۽ ادا وارا ڪٿي ٿا هيترو فيشن ڪرڻ ۽ سينگارڻ ڏين. بابا ۽ ادا وارا ته نهيو پر امان به چوندي آهي ته ڪنواريون ڇوڪريون ايترو سينگار نه ڪن.“

زبيده به ڏک مان چيو،

”ها ادي اهو ته سهي ٿي چوين، مان ته پن مساڪ به بابا ۽ ادا وارن کان لڪائي ٿي هڻان، باقي چاچي امير بيبي ڪراچيءَ جي آهي نه، سو چاچي حمل خان تي به اهو اثر آهي. چاچي پاڻ به ڪيڏو ٿي فيشن ڪري، امان واريون ايئن ڪٿي آهن؟“

”اڄا ٿي چوين مون کي ته.......“

ٻاهران مايون ڊوڙنديون آيون.

”سردار مهراب خان حويلي ڏانهن پيو اچي!!“

شمو هڪدم ساٿ سونئڻ واري ٿالي کڻي آئي، سيئي زالون اٿي بينيون سواءِ عزيز جان جي ۽ امير بيبي اٿي پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي. انيلا، عزيز جان کان پڇيو،

”ماسي، هي ڪنوار جي ماءُ ڇو اندر هلي وئي؟“

”پٽ، ڪنوار جي ماءُ، نڪا نانيءَ جي اڄيان ڪندي آهي، نه ئي لانئن ۽ ساٿ سونئڻ ۾ شريڪ ٿيندي آهي.“

”اها نانيءَ سان ملندي ئي ناهي؟“

”ناني سندس ڪمري ۾ وڃي ڪيس ڪيڪاريندو آهي.“

”واقعي ماسي هتي ته ڪنوار وارن لاءِ وڏا مزا آهن.“

گشان، مدي، ملوڪان ۽ ختو چار ئي ڄڻيون هڪ ئي راڳ تي نچڻ لڳيون:

وني ماٽين بنڙا، او، سيج ماٽين سنهڙا،
پلي اڳڻ آئين، لاڏا بنا لا........

جان بيبي ٿالي هٿ ۾ جهلي وراندي جي وڏي دروازي وٽ آئي. زهره، افروز، زبيده ۽ گل بيبي ساٽس گڏ هيون ۽ شهناز به بيٺي هئي ۽ انهن تي ڪلي رهي هئي. زهره ٿالي وٺي ان مان

ڳاڙهي رنگ جو تلهو ڏاڍو ڪٽي جان بيبيءَ کي ڏيندي چيو، ”ڏس جاني، لحاظ ٻحاظ ڪونهي ڪرڻو. ڏانوڻ ضرور ادا مهراب خان جي چيچ ۾ پائڻو اٿئي.“

”الائي ڪير ڪير سندس دوست ۽ سئوٽ ساڻس گڏ ايندا مان الائي ڏانوڻ وجهي سگهان يا نہ؟“

افروز چڙٻ ڏيندي چيس، ”چري آهين ڇا، پلي ڪير بہ اچي توکي ادا مهراب خان جي چيچ ۾ ڏانوڻ وجهي مٿي در واري ڪڙي ۾ ٻڌڻو آهي.“

”هن مهل تہ گهوٽ کي سندس دوست زوريءَ بنا ڏانوڻ وجهڻ جي سيج تي آڻي ويهاريندا آهن، مان ڇا ڪريان؟“

جان بيبيءَ پريشان ٿي چيو تہ، شهناز کلي وٽس آئي تہ جان بيبيءَ منٿ ڪيس، ”ادي، تون سالي ٿيءُ نہ.“

”مان ڇو سالي ٿيان مان تہ ڀيڻ آهيان، پر هي آهي ڇا، ڏڇين ڇو ٿي، هي وقت تہ ڀوڳ مشڪري وارو خوشگوار وقت آهي ان کي ايڏو ڀوائتو ڇو بنائي ڇڏيو اٿئي؟“

جان بيبيءَ مشڪيو پر سندس ان مشڪ ۾ بہ خوف شامل هو.

”ادي، هي سڀ چون ٿيون تہ هرويرو ڏانوڻ وجهان، مان ڇا ڪريان؟“

شهناز کلي زهره کي اک هڻي، جان بيبيءَ کي چيو،

”سچي بہ جاني، سنڀالجانءِ، منهنجو گهر وارو بہ ادا مهراب خان سان گڏجي هتي ايندو، ڇو تہ هيءُ سندس پڦيءَ جو گهر آهي ۽ هتي ادا مهراب خان ۽ هن، ٻنهي اها صلاح ڪئي هئي تہ ڏانوڻ وجهڻ نہ ڏيندا سين ۽ ان ۾ شامل ادا مهراب خان جا سئوٽ بہ هئا، انهن چيو تہ زالون سازش ڪري گهوٽ يعني مرد کي اٺ ٿيون بنائين، سو اسين ڪونہ ڇڏينداسين. هاڻي مرضي آهي تنهنجي.“

جان بيبيءَ ڏپ مان ڏاڍو تاليءَ ۾ اچلائي شهناز کي ڏيندي چيو،

”نہ بابا نہ، مان جهڳڙو ٻڳڙو ٿوري ڪنديس.“

هو ويئي تي تہ سيئي ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳيون، شهناز کلي ڪيس جهلي چيو،

”اڙي، ٻڌ تہ جاني، مان يوڳ تي ڪيو، انهن کي ٿوري هي اسان زالن جون ڳالهيون ياد آهن، هي سان سونئڻ تہ بس ڪل يوڳ، خوشي ۽ رونشي لاءِ آهن، تون وڃين ڪيڏانهن ٿي؟“

شهناز، ڪيس ٿالي هٿ ۾ ڏني تہ جان بيبي وري بہ ڏاڳو هٿ ۾ جهلي اچي دروازي تي بيٺي. گشان واريون نچنديون، وراندي کان ٻاهر نڪري اچي ٻاهر اڱڻ ۾ سردار مهراب خان جي آجيان لاءِ بيٺيون. ٻاهريون گيٽ کليو، سردار مهراب خان موڙ ٻڌل هارن ۽ اجرڪن مان پريل اڱڻ ۾ آيو، ساٽس گڏ طارق خان ۽ سندس سئوٽ اندر آيا، مهراب خان کي ڏسندي ئي چرڪي گشان وڏي آواز سان ڳائي نچڻ لڳي تہ ٻيون بہ ساٽس شامل ٿي ويون:

لوڏي لونگيءَ پاند راڻل آيو،

لوڏي لونگيءَ پاند..... آيوڙي آيو مولا ملايو.....

مهراب خان آهستي آهستي وکون کڻندو وراندي جي در وٽ آيو، جتي جان بيبي پنهنجي سهيلين سان گڏ بيٺي هئي، شهناز اچي عزيز جان سان گڏ وينِي، مهراب خان جي پنيان ئي پنيان طارق خان بوسڪيءَ جي پهراڻ تي ناسي ڪوٽي پائي شاندار انداز ۾ پٽڪو ٻڌل اچي دروازي تي بيٺو تہ جان بيبي ۽ سندس سهيليون گهوٽ ڏي نهارڻ بدران ڪيس ئي ڏسڻ لڳيون. جان بيبي تہ ڇڻ سراپجي ويئي هئي. هيڏو خوبصورت مرد هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هو. مهراب خان، جان بيبيءَ کي سلام ڪيو تہ هن چرڪي ڪيس جواب ڏنو، زهره ڪن ۾ چيس، ”پليڪار توکي ڏيڻ ڪپندي هئي جاني.“

هوءَ ڇڻ سجاڳ ٿي هٿ ۾ جهليل ڏاڳو سردار مهراب خان جي ساڄي هٿ جي چيچ ڏانهن وڌايو تہ سردار مهراب خان مشڪي چيو، ”ايئن تہ سولائيءَ سان مان ڪڏهن بہ پنهنجي چيچ نہ ڏيان.“

سيئي مايون ۽ مرد کلڻ لڳا. طارق خان چيو، ”هي جي اسين هيترا سندس دوست ساٽس گڏجي آيا آهيون، اهي تہ ڪيس ٻنا ڏانوڻ

وڃهڻ جي سيج تي پهچائينداسين.“

طارق خان جو ڊيمو، گنڀير ۽ خوبصورت آواز سندس شاندار شخصيت سان بلڪل ٺهڪندڙ هو، جنهن سيني کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪيو. طارق خان جي آواز تي جان بيبي ڏانهس نهاري دروازي تان هٽي کين گذرڻ لاءِ جاءِ ڏني تہ سندس سيئي سهيليون کيس ڳالهائڻ لڳيون.

”هي ڇا تي ڪري جاني، جاءِ ڇو تي ڏين؟“

”اسان سيني کي شڪست تي ڏين بزدل.“

جان بيبي مشڪي وري اچي در وٽ بيٺي تہ طارق خان کلي چيو، ”ان دير ۾ اسين جيڪر سيج تائين پهچي وڃون پر.........“

هن شاندار طريقي سان پنهنجي ڳالهہ پاڻ ئي اڌ ۾ روڪي تہ مهراب خان کلي پنهنجو هٿ جان بيبيءَ کي ڏيندي چيو، ”هي وٺ هٿ، ڏانوڻ تي وڃهڻ چاهين نہ؟“

شهناز، جيڪا پري کان ڏسي رهي هئي ان اتي کلي چيو ”ادا مهراب خان جتي ڪٿي جانيءَ اڳيان شڪست مڃي اسان کي هارائيندو آهي.“

سيني کليو تہ جان بيبيءَ مشڪي مهراب خان جي ڇيچ جهلي ان ۾ ڏاڳي جو پيچ پائي، ڏاڳي کي مٿي دروازي جي ڪڙي تائين ڪٽي وڃڻ چاهيو تہ مهراب خان مشڪي هٿ کي جهلي ڇڏيو تہ سيئي کلڻ لڳيون. جان بيبيءَ مشڪي آهستي چيو، ”ادا ايئن تہ ڏاڳو ڇڄي پوندو ۽ سونئڻ سنو نہ ٿيندو.“

مهراب خان هڪدم پنهنجو هٿ مٿي ڪٽي ڪڙي تائين آندو تہ جان بيبيءَ ڏاڳو ڪڙي سان ٻڌي ڇڏيو. سيئي زالون تاڙيون وڄائي جان بيبيءَ کي مبارڪون ڏيڻ لڳيون. جان بيبيءَ ڇيچ مان ڏاڳو کولي ٿاليءَ ۾ رکيو ۽ ٿاليءَ مان سرمي داني ڪڍي ٻيا ساٽ ڪرڻ لڳي. سيڪو دلچسپيءَ سان کيس ڏسي رهيو هيو، پر پاڻ الائي ڇو طارق خان ڏي نهاريندي جان بيبيءَ جا هٿ ڏڪي ٿي پيا ۽ طارق خان اهو سڀ ڏسندي محسوس ڪندي لطف اندوز ٿي هلڪو هلڪو مرڪي رهيو هو. سيئي ساٽ پورا ٿيا تہ جان بيبي

هڪدم دروازي اڳيان هٽي ويئي پر انهيءَ مهل ئي زهره، افروز ۽ زبيده واريون اڳيان اچي گهوٽ کان دروازي تان لنگهڻ جا پئسا گهرڻ لڳيون، طارق خان کلي چيو، ”هي وري کهڙي پن آهي؟“

سيني وٺي ٿهڪ ڏنا، جان بيبيءَ ٿورو مشڪي نهاريو تہ طارق خان بہ نهاريو. ٻنهي جون نظرون مليون ۽ جان بيبيءَ اکيون جهڪائي ڇڏيون.

مهراب خان کلي چيو، ”منهنجي ڪيسي ۾ تہ هينئر اٺ آنا يا چار آنا هوندا، گهٽا ڪپن اوهان ڪي؟“

وري بہ سيئي ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳا، طارق خان کلي چيو، ”هڪ ٽڪو منهنجي بہ ڪيسي ۾ هوندو.“

ان تان بہ سيني ٿهڪ ڏنا، پر جان بيبيءَ جو سريلو ٿهڪ سيني ۾ نمايان هو. مهراب خان کلي پنهنجي ڪيسي مان پئسا ڪڍيا، پهرين هزار هزار جا پنج نوٽ جان بيبيءَ جي هٿ ۾ ڏنا ۽ پوءِ ٻين بہ سيني جان بيبيءَ جي مددگار سهيلين کي هڪ هڪ هزار جو نوٽ ڏنو تہ سردار مهراب خان جي هڪ سئوٽ اسد کلي چيو، ”ڪاش، مان بہ ادا مهراب خان جي سالي هجان ها.“

ان تان ايڏا تہ ٿهڪ ٿيا جو سڪيءَ کي تہ اچي کنگهہ ورايو ۽ سندس هٿ مان گهور وارو ٿال هيٺ پٽ تي ڪري پيو، جيڪو ڊوڙ ڪري ختوءَ کنيو. پيسا ملڻ شرط سيئي مايون دروازي تان هٽي ويون. ”ڏيلا... ڏيلا... ڏيلا.“

لنگهين ۽ لورين جا هوڪا ۽ سندن ٿالن ۾ گهورن جا مينهن، مهراب خان، طارق خان ۽ پنهنجن سئوٽن سان گڏ سيج وٽ آيو، سيني ڪيس سيج تي ويهاريو ۽ پاڻ سندس پويان ۽ پر ۾ ٻيهي رهيا. امير بيبيءَ جي ڪمري مان حمل خان، ستار ۽ جبار نڪتا، انهن گهوٽ ۽ سندس دوستن کي پليڪار ڏني ۽ تاج بيبيءَ جي ڪمري ۾ آيا، حمل خان تاج بيبيءَ جي مٿي تي هٿ رکي ڪيس موڪل ڏني تہ هوءَ سڏڪي پئي. ستار ۽ جبار بہ ڪيس مٿي تي هٿ رکي موڪل ڏني. ماين ڪيس پلنگ تان اٿاريو تہ هوءَ پيءُ ۽ ڀائرن سان ڳر لڳي روئڻ لڳي. جان بيبي ۽ سندس سهيليون بہ تاج بيبي

جي ڪمري ۾ آيون، تاج بيبيءَ کي موڪل ڏينديءَ، حمل خان، ستار ۽ جبار بہ روئي ڏنو، حمل خان چيو، ”پٽ، اهو دنيا جو دستور آهي جو پنهنجي جگر جي ٽڪرن کي ٻي گهر وڃڻ لاءِ موڪل ڏبي آهي.“

ايترو چئي هو ٽيئي ڪمري کان ٻاهر نڪري ويا، تہ سيئي مايون پنهنجون انجهون اگهڻ لڳيون جيڪي ميڪ اپ خراب ٿيڻ جي ڊپ کان روڪي ويٺيون هيون، پر جڏهن تاج بيبيءَ کي پيءُ ۽ ڀائرن موڪل ڏني تہ اهي پنهنجا ڳوڙها جهلي نہ سگهيون. شمو، آمي ۽ حنيفان روئي پار وانگي راڳ ڪڇڻ لڳيون:

”جيڏل شال جڙي رهين.....“

سيئي مايون اڃي روئڻ ۾ چٽڪيون، جان بيبي بہ پيڻ کي ياڪر پائي روئڻ لڳي تہ زهره ڪيس دڙڪو ڏيئي چيو، ”چا آهي جاني، چري آهين چا، هي ڏينهن تہ الله سائين سڀني کي ڏيکاري، تاج بيبي تہ پنهنجي پڦيءَ جي گهر ٿي وڃي، سندس سڪيلڌي سردار پٽ سان پرڻجي، چري نہ ٿي جاني، ادي تاج بيبيءَ کي ماٺ ڪراءِ.“

تيسين شهناز ۽ ٻيون مايون بہ ڪمري ۾ آيون، جان بيبيءَ کي روئندي ڏسي شهناز چيو، ”ها، بيشڪ هن مهل روئڻ ايندو آهي، پر تون تہ حد ٿي ڪرين جاني! ٻاهر گهوٽ ۽ سندس دوست سيج تي پيا ڪنوار جو انتظار ڪن ۽ اوهين هتي فلمي سين بنائي ويٺيون آهيو، ڪمال آهي يئي!“

۽ تاج بيبيءَ جي مٿي تي پنهنجي چنيءَ جو پلوءُ رکي چيائين، ”ست سهاڳڻيون پنهنجي چنيءَ جا پلوءُ رکن.“

تہ مهراب خان جون چاچيون ۽ سئوٽيون اڳيان وڌي پلوَ رکڻ لڳيون. گشان، شمو، مدي، ختو ملوڪان، آمي سيئي اکيون اگهنديون اٿيون ۽ سندس اڳيان راڳ ڳائينديون ڪمري کان ٻاهر نڪتيون:

اٿي هل جيڏل، ماءُ پرتيءَ رب کي،
پيءُ ڏنئي موڪل، ياءُ پرتيءَ رب کي!!

مـايون آهسـتي آهسـتي ڪنوار کي وٺـي ڪمـري کـان ٻـاهر نڪتيـون تـہ وراندي ۾ موجـود سـڀني مـاڻهن جـون نظـرون سـواءِ گهوٽ جي، ايڏانهن ئي هيون. ڀيڻ جي ڀنيان ئي اکيون هيٺ، جان بيبي آهستي آهستي هلندي سيج وٽ آئي ۽ پنهنجون اکيون مٿـي کڻي طارق خان ڏي نهاريو تہ هو بہ کيس ئي ڏسي رهيو هو ۽ حيرانيءَ مان سندس روتل ڳاڙهين اکين کي ڏسي رهيو هو جن سندس حسن کي چئوڻو ڪري ڇڏيو هو. ڪنوار کي گهوٽ جي سامهون سيج تي ويهاريائون. عزيز جان مشڪي پٽ کي چيو، "ابا، ماروٽ کي پليڪار ڏي."

مهراب خان، تاج بيبيءَ کي پليڪار ڏني تہ عزيز جان اٿي تـاج بيبيءَ جي مٿي کي چمي ڏيئي سندس مٿو مهراب خان جي مٿي سان ملايو تہ زالن گڏجي لانئن جو راڳ ڳايو:

هيءَ ڀهرين لانو، بابل جي ڪنوار،

نوري........................................

عزيز جان لانئون ڏيئي وينـي تـہ شهناز، طارق خان ۽ مهراب خـان جـي سـئوٽن ۽ سـئوٽين لانئـون ڏنيـون سـت لانئـون پوريـون ڪـري، گهـوٽ ۽ ڪنـوار کي ٻڪـن ۾ چانور وجهي هـڪ ٻي جي هٿن ۾ ارٽ پرٽ ڪرايائون ۽ پوءِ ڪنوار جي مٿي تي ڪپهہ جا ننڍڙا ننڍڙا ٻڙا رکي گهوٽ جي ٻنهي هٿن جي چيچن سان هـڪ هڪ ڪري کڻايائون ۽ پوءِ وري هڪ دلچسپ ساٺ ٿيو. کير جي اڌ ڀريل ڪٽوري ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار جو هڪ هڪ هٿ وجهرائي ٻنهي جي هٿن جون آڱريون هـڪ ٻي سان ڳنڍي ملائي مٿان آڱرين جي وچ ۾ شهناز سوني منڊي اڇلائي تہ مهراب خان هڪدم اها منڊي ڪڍي ورتـي، گهوٽيتـا ٺهـڪ ڏيئـي ڪلڻ لڳـا. جـان بيبـيءَ مشـڪي الائي ڇا سوچي تاج بيبي جي پير ۾ ويهي سندس ڪن ۾ چوڻ لڳي تہ شهناز کلي چيو، "نہ جاني نہ، اها ڳچي نہ هلندي."

"ڳچي کهڙي اوهان منڊي بہ پاڻ وجهـو تـہ ڪٽـي خـوش بـہ پاڻ ٿيو."

"ها منڊي مون وڌي هئي پر ڳچي تہ ڪانہ ڪيم."

”يلا گڇيءَ کي سڱ ٿيندا آهن ڇا، هڪڙي پاسي منڊي وڌي هيئي، مون بہ ڏني هئي، هاڻي مان منڊي وجهنديس!“

ان تان سڀ کلڻ لڳا.

”نيڪ آهي، هاڻي پلي اوهان منڊي وجهو.“

طارق خان جو گنڀير آواز گونجيو، جان بيبيءَ اکيون مٿي کڻي نهاريو تہ هو بہ مشڪي ڪيس ئي ڏسي رهيو هو. جان بيبيءَ اکيون جهڪائي مهراب خان کان منڊي ورتي، وري بہ گهوٽ ۽ ڪنوار جا هٿ ساڳي نموني ملائي ڪير ۾ وجهي، منڊي کي تاج بيبيءَ جي هٿ جي هينان اڇلايو تہ تاج بيبيءَ هڪدم منڊي کڻي ورتي. سڄي حويلي ٽهڪن سان ڀري پئي. طارق خان جو خوبصورت بلند ٽهڪ سيني تي حاوي هو. جان بيبيءَ جون اکيون بار بار طارق خان ڏي ٿي اٿيون ۽ هر بار ڪيس پاڻ ڏانهن تڪيندي ڏٺائين. سيئي ڪنواريتا سرشار هئا، هاڻي آخري ۽ ٽيون ڦيرو ٿيڻو هو.

شهناز کلي چيو، ”مهرباني ڪري هاڻي جانيءَ کي ڪير جي ڪٽوري کان پري ڪريو.“

”نيڪ آهي، مان تہ پري ٿي ٿيان، پر اوهان بہ ويجها نہ اچجو! هاڻي اٽڪريو ماٺهو اچي، جو تہ هيءَ آخري اهم واري آهي.“

طارق خان مشڪي چيو، ”مان.....“

سيئي ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. ڪنواريتن نعرو هنيو، ”نامنظور..... نامنظور.“

عزيز جان بہ مرڪي ڏسي رهي هئي، شهناز چيو، ”يلا ماسي عزيز جان؟“

ٻنهي پارٽين گڏجي چيو، ”منظور، منظور، منظور.“

سردار مهراب خان جي هڪ سئوٽ جنهن جو نالو منظور هو يوڳ مان رڙ ڪري چيو، ”جي جي، مان هتي ئي آهيان.“

جن سمجهيو اهي کلڻ لڳا جن نہ سمجهيو اهي حيران ٿيا. تہ، عزيز جان مشڪي منظور جو هٿ جهلي چيو، ”هي آهي منظور خان، مهراب خان جو سئوٽ.“

پوءِ تہ ٺهڪ ٽڙي پيا، عزيز جان کي منڊي ڏني ويئي. وري بہ ساڳي نموني سندن هٿ کير ۾ وجهي ڳنڊيائون تہ مهراب خان ٽورو اڳيان ٽي تاج بيبيءَ جي ڪن ۾ سرٻاٽ ڪيو.

”تاجان، مون کي هارائجانءِ نہ!“

ڪوبہ ٻڌي نہ سگهيو تہ مهراب خان ڪيس ڇا چيو. جڏهن عزيز جان ٻنهي جي آڱرين مٿان پوري وچ تي منڊي رکي تہ تاج بيبيءَ ڪا ڪوشش ڪا مزاحمت نہ ڪئي بلڪہ سندس آڱريون بلڪل ساڪت رهيون، مهراب خان ٺهڪ ڏيئي کير مان منڊي ڪڍي تہ طارق خان ۽ سندس سئوٽن جا وڏا وڏا ٺهڪ ٻري ويا، گهوٽيتا ڪنواريتن کي چيڙائڻ لڳا،

”اسين کٽي وياسين، اسين آخري ملهہ ماري وياسين!“

جان بيبيءَ ناراض ٿي مهراب خان کان پڇيو، ”سڄي شرارت اوهان جي آهي، الائي ڪهڙي ادي تاجيءَ کي ڏمڪي ڏني اٿوَ؟“

”تنهنجي پيڻ آهي، پاڻ پڇي ڏسينس تہ ڪهڙي ڏمڪي ڏني اٿم.“

جان بيبيءَ، تاج بيبيءَ جي ڪن جي ويجهو اچي پڇيو، ”ادي تاجي، ادا مهراب خان ڏمڪي ڏني هيئي ڇا؟“

تاج بيبيءَ ڪنڌ لوڏي انڪار ڪيو تہ جان بيبيءَ ڪيس پنيءَ تي ڏڪ هڻي چيو، ”ڇمڇي آهين صفا ادا مهراب خان جي.“

ان تي سيني ڪليو پر طارق خان جو شاندار ٺهڪ جان بيبيءَ کي وري بہ پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪري ويو. جان بيبيءَ کي الائي ڇا ٿي ويو هو جو سندس دل اڄ سندس خلاف پي ويئي ۽ هن اهوئي پي چاهيو تہ هوءَ بار بار طارق خان کي ڏسي، سندس دماغ جي يڪي دل کي اها ئي تنبيهہ هئي، ”اها وري ڪهڙي چريائي آهي؟“

پر هن هر بار دل جي چوڻ تي لڳي پي ڏانهنس نهاريو ۽ طارق خان جي اکين بہ ڪيس ٿي پي ڏٺو. مهراب خان، جان بيبيءَ جي مٿي تي هلڪو ڏڪ هڻي چيو، ”ڇو پلا ڏڪ هڻي ۽ ڇمڇي چيئي؟“

جان بيبي، خيالن ۾ هئي، ڇرڪي چيائين، ”ڪنهن کي؟“

وري بہ ٺهڪ ٻريا، طارق خان واچ ۾ نهاري چيو، ”مهراب خان، هتي تہ تمام گهڻي دير ٿي ويئي آهي.“

عزيز جان ڏي نهاري چيائين، ”ماسي، اڃان بہ گهڻي دير آهي ڇا؟“

”پٽ، هاڻي بس منهن ڏيکارڻ جي رسم ٿيندي.“

طارق خان مشڪي هيٺ جهڪي مهراب خان جا موڙ مٿي ڪرڻ چاهيا تہ عزيز جان چيس، ”پٽ، ڇا ٿو ڪرين؟“

”دير پئي ٿئي، گهوٽ جو منهن ڏيکاري، رسم ٿو پوري ڪريان.“

وري بہ ٺهڪ ٻريا، عزيز جان مشڪي چيو، ”پٽ، گهوٽ جو منهن پهرين ڪنوار ڏسندي ۽ پوءِ ٻيا ڏسندا سيئي.“

طارق خان ڪلي موڙن مان هٿ ڪڍيو، تہ جان بيبي، زهره ڪان آرسي وٺي هيٺ گهوٽ ۽ ڪنوار جي وچ ۾ سيج تي رکي، مهراب خان ڏي نهاري چيائين، ”منهن ڏيکارڻي ڇا ڏيندا؟“

جيسين مهراب خان جواب ڏي ان کان اڳ طارق خان چيو، ”اوهين گهوٽ جي منهن ڏيکارڻي گهڻي ڏيندا؟“

طارق خان جو ايترو چوڻ، ٻين سان گڏ مهراب خان بہ وڏو ٺهڪ ڏنو ۽ پوتين ۾ ڍڪيل تاج بيبي بہ کلڻ لڳي جو، سندس بدن هلڪو هلڪو چري رهيو هو. جان بيبيءَ تہ ايترو کليو جو سندس ٻانهيون ڪيس حيرت مان ڏسڻ لڳيون. هنن ڪڏهن بہ جان بيبيءَ کي ايترو کلندي نہ ڏٺو هو. زهره ۽ افروز بہ کلي ڪيس حيرت مان ڏسي رهيون هيون. مايون خوبصورت ۽ قدآور طارق خان ۾ نهاري سس پس ڪرڻ لڳيون.

”هي سهڻو نوجوان ڪير آهي؟“

گشان کلي چيو، ”سائين مهراب خان جو دوست ۽ جيجي امير بيبيءَ جو مائٽ آهي.“

”شاديءَ وارو آهي يا ڪنوارو؟“

بيحد خوبصورت آمنہ، طارق خان ڏي نهاري چيو تہ گشان ٺهڪ ڏيئي چيو، ”آمنہ، سهڻي تون بہ گهٽ ناهين پر هوءَ جيڪا

سائين طارق خان جي پر ۾ سندس جهڙي ئي سهڻي ۽ قدآور مائي بيٺي آهي نه، اها سندس زال آهي."

"طارق خان نالو اٿس؟"

"ها، پر پڇ ڪان پري!"

ماين جا مارڪا جاري هئا، جان بيبيءَ ڪلندي ڪلندي طارق خان ڏانهن نهاريو ته ان مهل طارق خان، شهناز ڏانهن نهاري ڪلي رهيو هو. الائي ڇو جان بيبيءَ جي اندر مان ڪا درد جي سوٽ اڀري ۽ سندس ڪل غائب ٿي ويئي. زهره ۽ افروز ڪلندي مهراب خان کان پڇيو، "ادا ٻڌايو نه، گهٽي ٿا منهن ڏيکارٽي ڏيو؟"

مهراب خان مشڪي ماءُ ڏانهن نهاريو جنهن پنهنجي هٿ ۾ جهليل رومال کولي ان مان ٻه وڏا جڙاءُ وارا خانداني ڪنگڻ ڪڍي مهراب خان کي ڏنا جنهن جان بيبيءَ اڳيان رکي چيو، "هي!!"

جان بيبيءَ ڇرڪي ٻيٺل طارق خان ڏانهن نهاريو، جيڪو مشڪي آرسيءَ ڏانهن نهاري رهيو هو، پر جان بيبيءَ کي پاڻ ڏانهن نهاريندو ڏسي هن مشڪي ڏانهنس نهاريو ته جان بيبيءَ جي من تان ڄڻ مڻن جا بار لهي ويا، هن مشڪي مهراب خان کي ڪنگڻ ڏيندي چيو، "ادا، هي اوهان پاڻ پارائجو."

۽ آهستي آهستي تاج بيبيءَ جي چهري تان پهرين اجرڪ هٽائي ۽ پوءِ آهستي پوتي سرڪائڻ لڳي. مهراب خان جون نظرون تاج بيبيءَ جي چهري ڏانهن هيون ته جان بيبيءَ، تاج بيبيءَ جو متو هيٺ ڪري مهراب خان کي چيو، "ادا، چهرو آرسيءَ ۾ ڏسو،"

طارق خان کلي چيو، "ڇو ڊائريڪٽ ڏسڻ منع آهي ڇا؟"

"جي ها، سڌو سنئون ڏسڻ رسم جي خلاف آهي."

مهراب خان آرسيءَ ڏي نهاري رهيو هو، جان بيبيءَ پوتيءَ کي صفا تورو سرڪائي وري هيٺ ڪري چيو، "ڏٺيوَ؟"

مهراب خان کلي چيو، "نه صفا نه، ڪجهه به نه."

شهناز ٺهڪ ڏيئي چيو، "جانيءَ کي گڇيءَ ڪا سواءِ مزو ئي نٿو اچي، جتي ڪٿي گڇي ٿي ڪري."

جان بيبيءَ مشڪي شهناز ڏانهن نهاري جواب ڏيڻ ٿي چاهيو

جيڪا طارق خان جي بلڪل پر ۾ بيٺل هئي ۽ ٻئي هڪجهڙا شاندار لڳي رهيا هئا. اهو سڀ الائي ڇو، جان بيبيءَ کي نہ وڻيو ۽ هوءَ ماٺ تي ويئي، طارق خان ڪلي چيو، ”مهرباني ڪري جلدي ڪريو.“

عزيز جان بہ چيس، ”جاني پٽ، جلدي ڪر، ٻاهر سيئي انتظار ۾ هوندا.“

اهو ٻڌي جان بيبيءَ ڇرڪي تاج بيبيءَ جي چهري تان پوتي هٽائي ڇڏي، تاج بيبيءَ جون اکيون بند هيون ۽ مهراب خان کيس تڪي رهيو هو. سيني ڪنوار جو چهرو ڏٺو تہ عزيز جان چيس، ”پٽ، تاجان کي ڪنگڻ پاراءِ.“

مهراب خان، تاج بيبيءَ جي چوڙين سان پريل ٻانهن ۾ ڪنگڻ پارائي اٿيو تہ طارق خان سندس چهري تان موڙ مٿي ڪندي چيو، ”اڙي، گهوٽ جو چهرو ڏسڻ اهم ناهي ڇا؟“

وري سيني ڪليو. مهراب خان اٿيو تہ عزيز جان کيس مبارڪ ڏني. هو ماءُ جي پيرن تي هٿ رکي سندس هٿ چمڻ لڳو ۽ پوءِ کيس سيئي مبارڪون ڏيڻ لڳا ۽ هو سيني سان کيڪارڻ لڳو. وري بہ گهوٽ ۽ ڪنوار تان گهورون گهورجڻ لڳيون. مهراب خان ورانڊي جي ٻاهرين دروازي ڏانهن تي ويو تہ عزيز جان وڏي کيس آهستي چيو، ”ابا، ادي اميران سان سندس ڪمري ۾ کيڪارڻ وڃ!“

مهراب خان بہ ڄڻ گهٻرائجي ويو، کيس پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو ۽ ماءُ کي آهستي چيائين، ”واقعي امان، وڏي غلطي پي تي. مامي اميران ڪٿي آهي؟“

”جانيءَ سان گڏجي وڃ پٽ.“

جان بيبيءَ ڏانهن نهاري عزيز جان چيو، ”جاني پٽ، مهراب خان کي ادي اميران ڏانهن وٺي وڃ.“

جان بيبي، مهراب خان کي وٺي امير بيبيءَ جي ڪمري ۾ آئي.

”امان، ادا مهراب خان آيو آهي.“

امير بيبي، مهراب خان کي ڏسي پلنگ تان هيٺ لٿي. مهراب خان ساڻس پيرن پئي مليو. امير بيبيءَ کيس نرڙ تي چمي ڏيئي دعا

ڪئي. ”ابا، الله وڏي حياتي ڏينديئي، شال سدائين خوش ۽ جڙيو هوندين.“

مهراب خان ڪنڌ جهڪائي ”آمين“ چيو تہ امير بيبيءَ پلنگ تي رکيل اجرڪ کڻي سندس ڪلهن تي وڌي ۽ بڪچو، ڳوٿري ۽ رومال جيڪي ٽيئي ريشمي ڏوري سان ٻڌل هئا، رومال جي چئني چيڙن تي سون جا جهاٻا ٻڌل هئا ۽ ريشمي ڏوري جي چيڙن تي بہ ساڳئي نموني جا سونا جهوڙا ٻڌل هئا. ڳوٿري ۽ بڪچي ۾ پستا، بادام يعني سڀ سڪل ميوو پريل هو، اهي کڻي مهراب خان جي ڪلهن تي رکيائين ۽ وري بہ ڪيس دعائون ڏيڻ لڳي، مهراب خان مهرباني مڃي ڪائنس اجازت ورتي.

”مامي، هتي تمام گهڻي دير ٿي ويئي آهي. هاڻي اجازت ڏيو.“

امير بيبيءَ مشڪي ڪيس اجازت ڏني ۽ هو ڪمري ڪان ٻاهر نڪتو، جان بيبي بہ سندس پويان آئي، سيئي مهراب خان جو انتظار ڪري رهيا هئا. مهراب خان سيني دوستن ڏي نهاري ۽ وراندي ڪان ٻاهر نڪرڻ لاءِ وڌيو تہ طارق خان ۽ سندس سئوٽ بہ ٻاهر نڪتا، جان بيبي بنا ڪنهن خيال جي تہ ڪير ڇا سوچيندو، ڇا چوندو؟ طارق خان کي ويندو ڏسندي رهي، بنا ڪنهن ساهيءَ جي مسلسل ڪيس ڏسندي رهي، تان جو هو گيٽ ڪان ٻاهر نڪري ويو. جڏهن ڪيس سهيليون مبارڪ ڏيڻ لڳيون تہ هوءَ ڇرڪي پئي، ”خير مبارڪ!“

# باب ٻيو

تاج بيبي پرڻجي سردار مهراب خان جي حويليءَ ڏانهن هلي ويئي ۽ جان بيبي اڪيلي ۽ اداس رهجي ويئي، هن سوچيو، اداسي تہ پنهنجي جاءِ تي سهي آهي پر هيءَ بيچيني، بي قراري ۽ بي سڪوني تاجيءَ لاءِ تہ ناهي! سندس اڳيان طارق خان جي شاندار، پروقار ۽ خوبصورت شخصيت اچي ويئي ۽ ڪيس پنهنجي بيچيني، بي قراري ۽ بي سڪونيءَ جو سبب ۽ جواب ملي ويو! هوءَ پنهنجي ڪمري ۾ آئي ۽ اچي پينگهي ۾ ويٺي وري اٿي ۽ غيرارادي طور ڪمري ۾ هلڻ لڳي، شمو ڪيس ڏسي رهي هئي اڳتي وڌي چيائين، "جيجي دل تي پٿر رک، ايئن ٿيندو ئي آيو آهي اصل ڪان، جيجي اميران ۽ سائين حمل خان تہ ماءُ پيءُ آهن انهن ڪي جيجي تاجان جي ياد نہ ايندي هوندي ڇا؟ پر اهي تہ امن ۾ آهن تون پاڻ ڪي سنڀال، شاديءَ ڪي اچي هفتو پورو ٿيو آهي ۽ تون......"

"شمو، مهرباني ڪري مون ڪي اڪيلي ڇڏي ڏي!"

شمو ڪيس حيرت مان نهاري ڪمري ڪان ٻاهر نڪري ويئي. اڄ تہ سندس بيچينيءَ جو انت ئي نہ هو، ڪيس ڪنهن بہ ڀهاني ۽ طريقي سڪون نٿي آيو. هڪ ڪمري ڪان ٻي ڪمري ۽ وري ڇت تي مٿي پئي ويئي بنا ڪنهن ساهي جي ڄڻ ٻيهڻ سندس وس ۾ ئي نہ هو.

"جيجي، هي ڇا آهي، خدا جو واسطو اٿئي چانهہ جو ڍڪ تہ پيءُ!"

آمي چانهہ جي ٽري کڻي سندس ڪمري ۾ آئي. جان بيبيءَ بنا ڳالهائڻ جي پاڻ ڪي پينگهي ۾ اڇلايو. آمي ٽري ڪي ٽيبل تي رکي اچي سندس پيرن ڪي زور ڏيڻ لڳي.

"آمي، ڇا ڪريان؟"

اهي لفظ جان بيبيءَ جي وات مان بي ساختہ نڪري پيا هئا پر آميءَ بنا ڪنهن اهميت ڏيڻ جي چيو، ”وڃي جيجي تاجان کي ڏسي اچ، من کو آرام اچي وڃئي.“

جان بيبي پينگهي مان اٿي ويهي رهي، وري اچي صوفي تي ويني تہ آميءَ کيس چانهہ جو ڪوپ ٺاهي هٿ ۾ ڏنو، جيڪو هوءَ بي خياليءَ مان وٺي پيئڻ لڳي. آميءَ ناشتو اڳيان رکيس تہ هن سختي سان انڪار ڪري چيو، ”آمي، تنگ نہ ڪر.“

هوءَ چانهہ پي اچي ڪيسٽ پليئر وٽ ويٺي ۽ ڪيسٽون ڏسڻ لڳي، آمي بہ سندس پويان اچي ويٺي. اجان هوءَ ڪجهہ چوي تہ شموءَ ڪمري ۾ اچي خوشي مان چيو، ”جيجي جانل، جيجي تاجان ۽ سائين مهراب خان آيا آهن.“

جان بيبيءَ ڇرڪي بي يقيني مان کيس ڏٺو تہ شموءَ کلي چيو، ”ها جيجي ها، سائين مهراب خان ۽ جيجي تاجان وارا آيا آهن.“

جان بيبيءَ جي چهري تي ڪجهہ سرهائي آئي.

”ڪٿي آهن؟“

”جيجي اميران ۽ سائين حمل خان جي ڪمري ۾.“

جان بيبي مٿي تي رئو پائي پنهنجي ڪمري کان ٻاهر نڪتي تہ شموءَ ۽ آميءَ هڪ ٻئي ۾ نهاري مرڪيو ڇڻ چونديون هجن تہ هاڻي پيڻ کي ڏسي ضرور کيس قرار ايندو. جان بيبي ماءُ جي ڪمري ۾ گهڙي تہ تاج بيبيءَ ڊوڙ ڪري اچي کيس ڀاڪر پاتا. ٻئي ڀينرون هڪ ٻئي سان ڇڻ ٻڌيجي ويون. سڀئي کين ڏسي مرڪي رهيا هئا.

سردار مهراب خان امير بيبيءَ ۾ نهاري چيو، ”مامي، اسان جي تہ ڪا اهميت ئي ناهي.“

ٻئي ڀيڻيون ڇڻ سجاڳ ٿيون. جان بيبي تاج بيبيءَ مان ڀاڪر ڪڍي مرڪندي مهراب خان وٽ آئي ۽ کيس ڪيڪاري چيو، ”ڇو ادا، اوهان جي اهميت ڇو ناهي؟“

”ننڍپڻ ۾ هڪڙو قصو پڙهيو هوسين تہ ٻہ دوست پاڻ ۾

صلاح ڪري هڪڙو ناٽڪ تيا ڪيڏن. ناٽڪ اهو هو تہ ڇوڪر ڪي ڪوئي نٿو ڏسي سگهي. اهو ڇوڪرو گهٽيون ئي ڪوششون ٿو ڪري تہ ڏسڻ ۾ اچان پر هو پنهنجي ڪوشش ۾ ڪامياب نٿو ٿئي. سندس دوست ان ناٽڪ ۾ پنهنجي اسڪول جي ڪن شاگردن، چوڪيدار ۽ ڪينٽين واري کي بہ شامل ٿا ڪن. ڪجهہ دير لاءِ تہ اهو ڇوڪرو سچي بہ اهو ٿو سمجهي تہ واقعي مان ڪنهن کي بہ نظر نٿو اچان.... سو، ان ڇوڪري جيان مون بہ هينئر بلڪل ايئن ئي محسوس ڪيو هو تہ مان بہ شايد توکي ڏسڻ ۾ نٿو اچان.“

جان بيبيءَ کلي چيو، ”ادا، اهو قصو مون بہ پڙهيو هو ۽ پوءِ اهو نظر نہ اچڻ وارو ڇوڪرو جيڪو پنهنجي دوستن سان تعدي ٿو ڪري اهو بہ تہ ٻڌايو نہ!“ ان تان سڀئي ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. ايتري ۾ ستار ۽ جبار بہ مشڪندا ڪمري ۾ آيا. مهراب خان ۽ تاج بيبيءَ کي ڏسي ساڻن خوشيءَ مان ڪيڪاريو. مهراب خان شرارت مان مرڪي حمل خان کي چيو، ”ماما، هاڻي هنن جو بہ بندوبست ڪريو.“

ستار ۽ جبار ٻنهي ٺهڪ ڏيئي چيو، ”خدا جي واسطي اسان جي آزادي سلب نہ ڪريو اجان ڪجهہ آزاديءَ جو مزو وٺڻ ڏيو.“

وري بہ سڀئي کلڻ لڳا. انهن جا ٺهڪ ٻڌي ٻاهر ورانڊي ۾ وينل شمو، آمي، ملوڪان، ختو، ستو، سومل ۽ سوڍي خوش ٿيڻ لڳيون.

شموءَ نرنديءَ چيو، ”شڪر جو جيجي تاجان آئي!!“

آميءَ سڪون جو ساهہ کڻي چيو، ”ها ادي، ڏٺي تہ هيئي جيجي جانل جي حالت، مان تہ الا ڊڄي وئي هيس.“

تاج بيبي ۽ جان بيبي ٻئي ڪمري کان ٻاهر نڪتيون تہ سڀئي مايون اٿي بيٺيون.

شموءَ چيو، ”جيجي تاجان، شڪر جو اڄ اوهين آيا نہ تہ جيجي جانل هٿن مان ٿي ويئي!!“

تاج بيبيءَ ڊڄي جان بيبيءَ ڏانهن نهاريو. ”ڇا ٿيو هيئي جاني؟“

”ڪجهہ بہ ڪونهي، هيءَ تہ بس مڙيئي تيليءَ مان ٽنب ٽيون ناهين.“

آميءَ کلي چيو، ”جيجي تاجان، جيئن تنهنجي شادي ٿي آهي، جيجي جانل صفا بي آرام ٿي ويئي آهي نڪو رات جو ننڊ نڪو ڏينهن جو آرام.....“

تاج بيبي، جان بيبيءَ کي ڀاڪر پائي چمي ڏيئي چيو، ”ڇو جاني، ايئن ڇو ٿي ڪرين؟“

جان بيبيءَ بنا جواب ڏيڻ جي بس رڳو مرڪي ڏنو تہ تاج بيبي سندس ڪمري ۾ اچي ساٽس گڏ پينگهي ۾ ويهندي چيو، ”خبر اٿئي جاني، اسين هينئر ڇا لاءِ آيا آهيون؟“

”الائي!“

”ادا طارق خان آيو آهي!!“

طارق خان جي نالي تي جان بيبيءَ ڪان ڇرڪ نڪري ويو ۽ سندس دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي. ايترو زور سان جو هن ڀانيو تہ تاج بيبيءَ کي بہ اهو آواز ٻڌڻ ۾ آيو هوندو، پر اهو سندس خيال هو ڇو تہ تاج بيبيءَ سندس ڇرڪڻ تي حيران ٿي چيو، ”ڇا ٿيو جاني؟“

جان بيبيءَ مرڪي پاڻ کي نارمل ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي،

”ڪجهہ بہ نہ، ڪجهہ بہ تہ نہ تاجي، پوءِ؟“

”ادا طارق خان اسان جي دعوت ڪئي آهي پنهنجي ڪراچيءَ واري گهر ۾ ۽ هو اسان کي وٺڻ آيو آهي.“

جان بيبيءَ اتاولائيءَ مان چيو، ”پوءِ وڃو نہ، سٺي ڳالهہ آهي ڪراچي گهمي اچو.“

”اسين تہ وڃون ٿا، پر مون سردار کي چيو تہ جاني بہ اسان سان گڏجي هلي.“

جان بيبيءَ کي الائي ڇا ٿيو. ڪاوڙجي چيائين، ”نہ بابا نہ، آءٌ ڪانہ ٿي هلان پراين دعوتن ۾.“

مهراب خان مشڪندو سندس ڪمري ۾ آيو ۽ سندس ڳالهہ

ٻڌي چيائين،
”ڪهڙيون پرايون دعوتون؟“
جان بيبيءَ ٿورو ڦڪي ٿي چيو، ”اڇو ادا اڇو.“
مهراب خان صوفي تي ويٺو ته سندس پير ۾ ويهندي تاج بيبيءَ چيو، ”جاني، ادا طارق خان جي دعوت ڪي ٿي پرائي دعوت چوي.“
”چو جاني، طارق خان ته تنهنجو مائٽ آهي، پوءِ دعوت پرائي ڪيئن ٿي؟“
جان بيبيءَ جي جواب ڏيڻ کان اڳ امير بيبي مشڪندي ڪمري ۾ آئي ته مهراب خان چيو، ”مامي، اسين جانيءَ کي وٺڻ آيا آهيون ۽ هيءَ هلڻ کان انڪار ٿي ڪري.“
امير بيبيءَ صوفي تي ويهندي چيو، ”چو ڀلا جاني چو ٿي انڪار ڪري؟“
وري جان بيبي ۾ نهاري چيائين، ”جاني، مون سان مهراب خان ڳالهه ڪئي آهي ته طارق خان سندن دعوت ڪئي آهي ۽ هي توکي وٺڻ آيا آهن، تنهنجي پيءُ به اجازت ڏني آهي.“
”نه امان نه، آءٌ ڪانه ٿي وڃان.“
”آخر چو نٿي وڃين ڳالهه ڇا آهي؟“
”امان، دعوت ته ادا مهراب خان ۽ ادي تاجيءَ جي آهي پوءِ مان بس مڙيئي ڪباب ۾ هڏي چو ٿيان.“
اهو ٻڌي مهراب خان وڏا ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳو، ”واهه ڀئي واهه، ڪباب ۾ هڏي سا به تون؟“
جان بيبيءَ ساڳي ڏمر واري انداز ۾ چيو، ”بيو نه ته؟“
تاج بيبيءَ ماءُ کي روئڻهارڪي نموني چيو، ”امان، ڏس نه جاني ڪيئن ٿي ڳالهائي، اسين ڇڻ اوپرا ۽ پرايا هجون.“
امير بيبيءَ جان بيبيءَ کي سمجهائڻ چاهيو، ”ڏس پٽ، ايئن ڪونه ڪبو آهي، اٿي تيار ٿي، منو ٻچو آهين نه.“
جان بيبيءَ پلنگ تي وهندي چيو، ”ڪمال آهي.“
مهراب خان کلي چيو، ”۽ ڪمال کي زوال ٿيندو آهي.“

۽ امير بيبيءَ کي چيائين، ”ڇڏيو مامي، جانيءَ جي مرضي ناهي تہ زبردستي نہ ڪريو، باقي جي هلي ها تہ اسان کي خوشي ٿئي ها.“
مهراب خان اٿنديئي تاج بيبيءَ کي چيو، ”هلو!“
امير بيبيءَ سان گڏ جان بيبيءَ بہ چرڪي پڇيو، ”چو هينئر ئي ٿا وڃو؟“
”طارق خان انتظار ۾ وينو هوندو، اسان کي هتي ئي گهڻي دير ٿي وئي آهي ۽ ڪراچي بہ هينئر ئي وڃڻو آهي.“
”پٽ چانهہ!!“
”نہ مامي، هينئر صفا ناشتو ڪري آيا آهيون، مامو تہ ڪمري ۾ آهي نہ؟“
”ها، اتي ئي هوندو!“
”ساڻس موڪلائي پوءِ هلون ٿا.“
هن تاج بيبيءَ کي ڏنو جيڪا انهري انهري سندس پويان اچي رهي هئي.
”چو پلا تاج، اداس چو ٿي ويئي آهين؟“
”جانيءَ تہ موڊ ئي خراب ڪري ڇڏيو.“
مهراب خان ڪلندو حمل خان جي ڪمري ۾ آيو ۽ ساڻس موڪلايائين تہ حمل خان چيو،
”چو ابا ايترو تڪڙو پيا وڃو، جاني نٿي هلي چا؟“
”ها ماما، جاني اسان سان گڏ نٿي هلي.“
حمل خان پيار مان چيو، ”جاني پنهنجي مرضيءَ واري آهي.“
مهراب خان سيني سان موڪلايو تہ جان بيبي بہ ڪمري ۾ آئي ۽ ڪائنس موڪلائڻ لڳي. مهراب خان ۽ تاج بيبي هليا ويا تہ امير بيبيءَ چيس، ”جاني، تو چڱو نہ ڪيو تاجيءَ جو خيال نہ ڪرين پر مهراب خان کي تہ ڪتو جواب نہ ڏين ها.“
”امان.“
”امان چا، تو صحيح نہ ڪيو.“
جان بيبي وري پنهنجي ڪمري ۾ آئي ۽ اگ ڪان بہ وڏيڪ

بيقرار ٿيڻ لڳي. ڪتابن جي شيلف وٽ اچي هڪدم سٽ ڏيئي شاهه جو رسالو ڪنيو ۽ اچي پينگهي ۾ ويٺي. پنا اٿلائيندي سر يمن ڪلياڻ پڙهڻ لڳي:

سر جو سڄيو سڄڻين، پر پيڏيءَ ڏيئي،
ڪان ڪرنگهر ڪپيو، پڪن سر پيهي،
ويڄنئون ويئي، ته وهيٺي سڄڻين.

بيت پڙهي مس پورو ڪيائين ته لڙڪ سندس نيڻن مان لارون ڪري وهڻ لڳا. هوءَ شاهه جو رسالو هنج ۾ رکي سڏڪن سان روئڻ لڳي. شمو ۽ آمي ڪيس حيرت مان ڏسي رهيون هيون ۽ خبر ئي نه پئي ته هو ڪيس ڏسي رهيون آهن. جڏهن هوءَ باقاعدي روئڻ لڳي ته اهي ٻئي پريشان ٿي ڊوڙي وٽس آيون.

”جيجي جيجي، آهي ڇا؟“

هوءَ ڪنڌ هيٺ ڪري سڏڪڻ لڳي شمو ۽ آمي جيڪي ٻئي سندس عاشق هيون ۽ جن ڪيس نپايو هو اهي ٻئي ڪيس ٻيوسيءَ مان ڏسڻ لڳيون جيڪا ڪين ڪجهه به ٻڌائي نه رهي هئي. ٻڌائي به ته ڇا؟ وٽس ٻڌائڻ لاءِ هو به ڇا؟ بس، سندس من ۾ اڻ تڻ، لوڇ پوڇ ۽ ماندائي هئي، اها به واضح شڪل ۾ نه هئي ان تي به بيزاري، ناراضگي ۽ هلڪي نرم ڪاوڙ جو گهرو پوش پاتل هو. جڏهن هن کي پاڻ به خبر نه هئي ته ڪيس ڇا آهي! ته پوءِ هوءَ ٻين کي ڇا ٻڌائي؟ شمو ۽ آمي سندس مزاج شناس هيون، واقف هيون سندس طبيعت کان، ٻئي پڪيءَ عمر جون تجربيڪار مايون هيون سمجهي ويون ته هيءَ ڳالهه ٻي آهي ۽ پيڻ سان محبت ۽ جدائي جو هن ڳالهه سان ڪوبه تعلق ۽ واسطو ناهي. هيءَ ڪيفيت ڪنهن ٻيءَ ڳالهه جي علامت آهي. هو ٻئي سنجيدگيءَ سان هڪ ٻي سان اکين ئي اکين ۾ ڪجهه ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ لڳيون. هوءَ شاهه جو رسالو پڙهي رهي هئي ته ختو ۽ ملوڪان ڊوڙنديون ڪمري ۾ آيون ۽ سهڪي چوڻ لڳيون،

”جيجي، جيجي......“

جان بيبي پينگهي ۾ ويٺل رهي شمو ۽ آمي گهبرائجي اٿيون.

”يا الله خير، چوريون، ڪجهه وات مان تہ ڦٽو!“

جان بيبيءَ جي پينگهي وٽ اچي ختوءَ سهڪندي چيو، ”جيجي جانل، سائين طارق خان آيو آهي!“

جان بيبي گهبرائجي پينگهي مان اٿي بيٺي ۽ ختوءَ ۾ نهارڻ لڳي. ختوءَ خوش ٿي چيو، ”ها جيجي، سائين طارق خان آيو آهي.“

جان بيبيءَ سوچيو، ”هي چا، مان بہ صفا ڪا چري آهيان، هو ڪو منهنجي لاءِ آيو آهي جو!! بابا، امان ۽ ادا وارن سان ملڻ آيو هوندو ۽ مان!!“ سندس حالت بهتر ٿي ۽ هوءَ وري پينگهي ۾ ويٺي. وري اٿي ڊريسنگ ٽيبل وٽ اچي آرسيءَ ۾ پاڻ کي ڏسڻ لڳي. گهري نيري رنگ جي ڪالهوڪن گهنجن وارن ڪپڙن، بنا ميڪ اپ ۽ وار ڦٽائڻ بغير بہ هوءَ نهايت حسين لڳي رهي هئي. هٿن سان وارن کي پوئتي ڪري پن لڳائي اچي پينگهي ۾ ويٺي ۽ وهاڻي تي رکيل شاهہ جو رسالو کڻي مڙيئي بس غيرارادي طور تي وچ مان کوليائين تہ سر حسيني هو. هوءَ پڙهڻ لڳي:

آيا آس تيام، ٻاروچا پنهور ۾،
پسي پهر پنهون جي، ننهن سئين نيڻ نريام،
گوندر وسريام، سکن شاخون مڪيون.

بيت پڙهي هوءَ حيران ٿي وئي. واهہ لطيف واهہ، حد آهي توسان بہ. ڏاڍا ڏنا تو ڏين ۽ ڏتارين تو. واقف آهين احساسن جو. هوءَ پاڻمرادو مرڪڻ لڳي. ختو وري آئي،

”جيجي، جيجي اميران پئي توکي سڏي!“

جان بيبيءَ جي دل زور سان ڌڙڪي پئي.

”چو، امان چو تي مون کي گهرائي؟“

”جيجي پاڻ ڄاڻو، مان چا ڪريان.“

”نيڪ آهي، تون وڃين امان کي چئو تہ اچان ٿي.“

هن وري شاهہ جو رسالو پڙهڻ چاهيو تہ شموءَ چيو، ”جيجي، هيءُ چاتي ڪرين!“

جان بيبي جنهن جا خيال الائي ڪٿي هئا تنهن بي خياليءَ مان چيو، ”چا تي ڪريان؟“

”اتي تيار ٿي جيجي!“
جان بيبيءَ حيران ٿي چيو، ”ڇا لاءِ تيار ٿيان؟“
”مني، سائين طارق خان پهرين پهرين گهر آيو آهي.“
”پهريون ڀيرو چو، هفتو اڳ به ته آيو هو نه!“
شمو ۽ آمي ٻئي کلڻ لڳيون.
”تڏهن ته جيجي، سائين مهراب خان جي شاديءَ ۾ سندس انيهر بنجي آيو هو، هينئر ته خاص اوهان لاءِ آيو آهي.“
هن لفظ ”خاص“ کي رڳو پاڻ لاءِ سمجهيو. ’ها، هو خاص منهنجي لاءِ آيو آهي،‘ وري اداس ٿي وئي. مان به ڪا چري آهيان. ’اوهان‘ معنيٰ سڀئي. هو خاص منهنجي لاءِ ڇو ايندو ڀلا؟ سندس من ته اهوئي پي چاهيو ته، هوءَ ٻوڙي وجي ڪيس ڏسي ۽ اندر جي اڃ اجهائي..... پر ايئن ڪٿي ممڪن هو! هن ته ڪڏهن سوچيو به نه هو ته ڪيس ڪنهن سان محبت ٿي ويندي! پر هوءَ ته هاڻي به ان ڳالهه کي مجڻ لاءِ تيار نه هئي. هن ته بس، پاڻ کي ڪوٽ جي اوچين ديوارين ۾ بند ڏسي پاڻ کي محفوظ سمجهي اهوئي سوچيو هو ته اڃا ته پيار ڪرڻ لاءِ عمر پئي آهي، هينئر ٿوري ڪو ايترو جلدي ڪو وٽي پوندو، پسند ايندو جو مان سندس لاءِ بيقرار ٿي پونديس. هوءَ ته پنهنجي ڪمري جي درين ۽ دروازن تي پردا چاڙهي مطمئن هئي ته جو به آهي هتي آهي ۽ مان آهيان، اهو سڀ ڪجهه سندس باحيثيت گهراڻي ۽ سندس بي انتها سونهن ٿي چورايو. هن ته اهوئي ٿي ڀانيو ته هوءَ آهي ۽ سندس ساٿي شاهه جو رسالو آهي ۽ بس!! ٻيو ڪجهه به نه، ڪوبه ڏک، ڪوبه غم، ڪا به موسم ۽ ڪوبه شخص ڪيس ڏسترب ڪري اهو ممڪن ئي نه هو، پر ڪيس خبر ئي نه هئي ته درين ۽ دروازن تي ڪيڏا به ڳرا، وزني ۽ گهرا پوش پائجن پر تڏهن به مينهن ۽ نينهن اتي پڪاريندا پهچي ويندا آهن. نرم ٿڌيون هوائون ڪڏهن به بند درين ۽ دروازن کان نااميد ۽ مايوس ٿي موٽي نه ونديون آهن. چريون هوائون ته درماندن سان ملڻ جي آس ۾ واهڻ واهڻ وستي وستي، ڳلي ڳلي رلنديون رهن ٿيون ۽ وچڙيل اڏن کي ملائڻ خاطر جتن ڪنديون

ڪين سڏينديون آهن ۽ انهن تنهائين جي سنيلن ڪي پاڻ سان گڏ چاتل، اٿچاتل ڏيهه جي سفر لاءِ نينڊ ڏينديون آهن. اهي تہ ڪيس بہ تلاش ڪري ونديون ۽ انهن ڪيس تلاش ڪري ورتو هو. شمو ۽ آمي ڪيس خيالن ۾ گم ڏسي، هٿ مٿي ڪٽي سندس لاءِ دعائون گهرڻ لڳيون تہ امير بيبيءَ جي سڏڻ تي ڇرڪي اٿيون.

”شمو، آمي ڪٿي آهيو؟“

ٻنهي جان بيبيءَ جي ڪمري مان نڪري چيو، ”جي جيجي، اسين هتي آهيون.“

”جاني تہ تيار آهي نہ؟“

هنن خاموشيءَ سان جان بيبيءَ ڏانهن اشارو ڪيو، جيڪا پينگهي ۾ اکيون بند ڪري ليٽيل هئي. امير بيبيءَ نرم ڪاوڙ مان چيو، ”جاني، تو سان بہ حد آهي!“

جان بيبيءَ ڇرڪي پينگهي مان اٿي چيو، ”جي امان!!“

امير بيبيءَ ڪيس ساڳين ڪلهوڪن ڪپڙن ۾ ڏسي چيو، ”هي ڀلا ڇا آهي، سويل توکي نہ ٻڌايائون تہ طارق خان آيو آهي؟“

طارق خان جي نالي تي وري بہ سندس دل زور سان ڌڙڪي پئي. آهستي چيائين، ”اسان، ٻڌايو اٿن!“

”پوءِ بہ تون اجان تائين تيار تي نہ آئي آهين؟“

الائي ڇو، جان بيبيءَ طارق خان جي اڳيان اچڻ نٿي چاهيو، شايد ان ڪري ئي تہ نہ صرف سندس اکيون پر سڄو وجود طارق خان جي اڳيان اهو اعلان ڪندو تہ ، ”مون کي توسان محبت آهي.“

چڙي چيائين، ”ڇو امان، منهنجو ملڻ ضروري آهي ڇا؟“

امير بيبيءَ مرڪي چيو، ”مهراب خان ڪيس وڃي ٻڌايو آهي تہ جاني تي ڇوي تہ آءٌ پراين دعوتين ۾ بنا دعوت جي نٿي هلان، سو هينئر طارق خان خاص تنهنجي لاءِ آيو آهي، توکي ونڻ آيو آهي!“

جان بيبي گهبرائجي ويئي،

”امان، مان تہ تيار ئي ناهيان ۽ مون کي تيار ٿيڻ ۾ اجان دير لڳندي!“

”اهو تون پاڻ اچي چوينس.“
”نہ امان نہ!“
امير بيبي سندس ڳالهہ ٻڌڻ کان سواءِ ئي سندس ڪمري مان نڪرندي چيو، ”جلدي آءُ پٽ.“
جان بيبي حيران پريشان خاموش خاموش ويٺي هئي. ڪيس ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ هو ڇا ڪري. شموءَ اڳتي وڌي چيو، ”جيجي..... دير نہ ڪر، سائين طارق خان ڇا سوچيندو. هاڻي تہ تون ئي آهين نہ، صدقو وڃان جيجي تاجان تان اها هتي هئي تہ بس ڪنهن ماڻهو جي اچڻ جو ٻڌندي هئي تہ انهيءَ مهل اچي ساڻس ملندي هئي. هاڻي تہ سڄو بار تنهنجي مٿان آهي مني، سنڀالڻو اٿئي، تون لائق آهين، سڀئي بار سنڀالي سگهندينءَ.“
شموءَ نهايت پيار ۽ پاٻوهہ مان ڪيس سمجهايو تہ هوءَ اٿي واش روم ۾ هلي وئي ۽ شموءَ ٻئي هٿ منهن تان ڦيرائي ڪلمو پڙهيو. ٿوري ئي دير ۾ هوءَ ٻاهر نڪتي. آرسيءَ اڳيان ويهي وارن کي ڦڻي ڏيئي چهري تي لوشن لڳائي ڪپڙن تي ٿورو خوشبوءَ جو اسپري ڪيو تہ شموءَ چيو، ”جيجي، ڪپڙا ساڳيا ئي؟“
”پوءِ ڇاهي؟“
جان بيبيءَ لاپرواهيءَ مان وري بہ پاڻ کي آرسيءَ ۾ ڏٺو ۽ سوچيائين،
”مان وري ڪهڙو سوئمبر ۾ پئي شريڪ ٿيڻ وڃان. هو تہ ٻارن ٻچن وارو آهي. سندس خوبصورت زال آهي جنهن سان هو پيار ڪري ٿو.“ اهو سوچي سندس چهري جو رنگ ڦڪو ٿي ويو. من رڙ ڪئي، نہ وڃ، ڇاهي؟! پر وري ماءُ ۽ پيءُ جو خيال ڪري تہ هو ڇا سوچيندا؟ ۽ پنهنجي ڪمري کان ٻاهر قدم رکيائين تہ سندس پير ڏکي ويا! هوءَ طارق خان سان ملڻ پئي وڃي! اهو طارق خان، جنهن لاءِ سڄو هفتو تڙپي ۽ سوچي گذاريو هئائين. الائي ساڻس اکيون ملائي سگهان يا نہ! هوءَ پنهنجي ماءُ جي ڪمري ۾ آئي تہ امير بيبيءَ چيو، ”جاني ايڏي دير، مان تہ وري بہ توڏانهن پئي آيس.“

سامهون ئي طارق خان صوفي تي ويٺو هو. اهوئي خوبصورت شاندار ۽ باوقار، جان بيبيءَ کي ڏسي هو اٿيو ۽ جان بيبيءَ اکيون مٿي ڪٽي ڪيس پليڪار ڏني. طارق خان جي اکين سان سندس اکيون مليون ته هو صفا ڏکي ويئي ۽ اهو طارق خان ڏنو ۽ صوفي تي ويهندي مرڪي چيائين، ”آهيون ته پراوا پر پراوا به دوستيءَ سان پنهنجا ٿي پوندا آهن، مائٽي نه سهي دوستي سهي.“

ان تان سيئي ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا، جان بيبيءَ اکيون هيٺ ڪري مرڪي ڏنو. طارق خان اڳ ڪيس مڪمل تياري ۽ سينگار ۾ ڏٺو هو پر اڄ بغير ميڪ اپ ۽ گهجيل ڪپڙن ۾ ڏسي سوچيائين، هينئن ته ويتر قيامت ٿي لڳي. طارق خان هڪدم پنهجون اکيون جان بيبيءَ تان هٽائي امير بيبيءَ ۽ حمل خان کي چيو، ”پوءِ فائنل فيصلو ڪهڙو ٿيو؟“

امير بيبيءَ مشڪي چيو، ”هلي پئي پيو وري ڪهڙو فيصلو!“

طارق خان مرڪي جان بيبيءَ ڏي نهاريو جيڪا پريشان ٿي وئي هئي.

”ايئن نه پڇي، فيصلو ته ان کي ڪرڻو آهي جنهن کي هلڻو آهي.“

جان بيبيءَ مرڪي چيو، ”مان ڇا چوان؟“

”جيڪو به وڻيوَ.“

”اهو ته امان ٿي ڇڏي.“

”يعني اوهان هلڻ لاءِ راضي ناهيو؟“

طارق خان افسرده ٿي چيو ته جان بيبيءَ ڇرڪي هڪدم اکيون مٿي ڪنيون ته طارق خان ڪيس اداس نظر آيو. سوچيائين، جيڪو هڪ پيرو ڏسڻ سان دل جي گهراين ۾ لهي وڃي، جنهن لاءِ سوچيندي هر پل هر لمحو گذرندو هجي ان کي پاڻ ئي اداس ڪجي؟

”نه نه، بلڪل نه، ايئن ناهي.“

طارق خان گل جيان ڪڙي چيو، ”ان جي معنيٰ ته اوهان هلو ٿا؟“

جان بيبيءَ دل ۾ چيو، ’طارق خان، مون پيار جي بدلي ۾ پنهنجي مرضي وڪڻي ڇڏي آهي‘، ۽ چيائين، ”جي ها، پر ٿوري دير لڳندي.“

”انتظار ڪرڻ ڪو اسان ڪان سڪي، پر هڪ جهڳڙي لاءِ به تيار رهجو.“

”ڪهڙو جهڳڙو؟“

”ادي تاجان ڏاڍي ڪاوڙيل آهي اوهان تي.“

”آءٌ ته ڏڄي ويئي هيس ته الائي ڇا جو جهڳڙو آهي، ادي تاجان ڪي پرچائڻ اوکو ناهي.“

سيئي کلڻ لڳا. جان بيبيءَ ماءُ ۾ نهاري چيو، ”امان، واپسي ڪڏهن ٿيندي؟“

طارق خان ٿهڪ ڏيئي چيو، ”هينئر هلو ته سهي، پوءِ واپسي به ٿيندي.“

امير بيبيءَ مشڪي چيو، ”پٽ، طارق خان چيو آهي ته پرينهن واپسي ٿيندي.“

”ايترا ڏينهن؟“

طارق خان واچ ۾ نهاري چيو، ”بارنهن ته هتي ئي پيا ٿين، اجان اوهان تياري ڪندا، رات جو ڪراچي پهچبو، جڏهن ته منهنجو پروگرام صبح جو ئي نڪرڻ جو هو..... پر خير.“

جان بيبي خاموشيءَ سان ڪمري ڪان ٻاهر نڪتي ۽ پنهنجي ڪمري ۾ اچي ڪبٽ مان پنهنجا ڪپڙا ۽ ٻيو سامان ڪڍي شموءَ ڪي پيڪ ڪرڻ لاءِ ڏنو ۽ پاڻ تيار ٿيڻ لڳي. سوچيائين، طارق خان جي گهر ۾ ساڻس گڏ ڪيئن رهي سگهنديس؟ سندس ڪنن ۾ طارق خان جو چيل جملو گونجڻ لڳو. پراوا به دوستي سان پنهنجا ٿي پوندا آهن، مائٽي نه سهي دوستي سهي، هن ايئن ڇو چيو؟ ڇا سندس دل ۾ منهنجي لاءِ ڪا جاءِ آهي! نه نه ..... ڪجهه به نه! ’طارق خان، تو ته پنهنجن جذبن کي دوستيءَ جي دلڪش ريپر ۾ ويڙهي ڇڏيو آهي پر مان ايئن ڪري نٿي سگهان!‘ هن جڻ طارق خان کي چيو. وري سوچيائين، هن ته بس هڪ عام ڳالهه ڪئي

آهي، ڪهڙو وري جذبن ڪي دوستيءَ جي ريپر ۾ ويڙهيو اٿس! پاڻ کي پاڻ جواب ڏيئي اداس ٿي پئي. گهري ناسي رنگ جا ڪپڙا پائي تيار ٿي ته شمو به سندس ننڍڙو سوٽ ڪيس کڻي اچي بيٺي. هوءَ آهستي آهستي هلندي ماءُ جي ڪمري ۾ آئي ته طارق خان کيس ڏسي خوشي مان اٿيو، "ايڏي ته دير ڪانه ڪيو!"

وري امير بيبيءَ کي ڏسي چيائين، "يقي، اهي سيئي بهتان ثابت ٿيا ته جان بيبي تيار ٿيڻ ۾ دير ٿي لائي!"

سيني ڪليو. جان بيبيءَ به مشڪيو ته امير بيبيءَ چيو، "پٽ، برقعو پاءِ، طارق خان تڪڙ پيو ڪري ماني به ان ڪري ئي نٿو کائي!"

طارق خان ڪيڪن، بسڪوٽن ۽ ڪاڏي جي ٻي سامان ڏانهن اشارو ڪري چيو، "هيتري ڪاڏي جي باوجود اڃان ٻيو ڪاڏو؟"

"جان بيبيءَ ماءُ کي چيو، "امان، ٻيو ڪير ٿو هلي مون سان گڏ؟"

"شمو ٿي هلي توسان گڏ."

طارق خان چيو، "يقي، اسين آدم خور ناهيون." سيئي ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. طارق خان اٿيئي سيني کي سلام ڪري ساڻن موڪلايو پر سيئي گڏجي گاڏي تائين آيا جتي طارق خان جي نيري رنگ جي ليند ڪروزر سندس شخصيت جيان ئي شان سان بيٺي هئي. شمو سوٽ ڪيس هٿ ۾ کڻي گاڏي جي پنيان ٿي ويئي ته طارق خان کلي چيو، "مائي شمو، تون مونسان گڏ اڳيان ويهه!"

سيني ڪليو ته شموءَ کان ٽهڪ نڪري ويو ۽ سندس اڳيان وارا وڏا ڏند جيڪي هوءَ سدائين هٿ يا رئي سان لڪائڻ جي ڪوشش ڪندي هئي اهي پڌرا ٿي پيا. طارق خان کلي چيو، "سنو ٿيو جو مائي شموءَ جا ڏند ظاهر ٿيا، مان ته سمجهيو هو ته شمو ڻابي آهي." ان تان جان بيبيءَ وٽي جو ٽهڪ ڏنو ته طارق خان سرشار ٿي ڊرائيونگ سيٽ تي وينو. جان بيبي ۽ شمو پنيان وينيون ۽ گاڏي رواني ٿي.

جان بيبيءَ کي طارق خان سان گڏ گاڏي ۾ ويهڻ جو پهريون

اتفاق هو. گاڏي سڄي خوشبوءَ مان مهڪيل هئي. جنهن ۾ طارق خان جي لڳل اعلا عطر سان گڏ سندس وجود جي خوشبو بہ شامل هئي، جنهن جان بيبيءَ کي مست بنائي ڇڏيو هو. هوءَ سوچڻ لڳي، هن مهڪيل سفر کان تي مون ڪجهہ دير اَڳ انڪار ڪيو، هوءَ دل ئي دل ۾ جڻ پاڻ کي لوئڻ لڳي.

طارق خان پنيان نهاري چيو، ”برقعي جا نقاب مٿي ڪٽو، هاڻي تہ يڪو جهنگ ۽ جبل جو سفر آهي، باقي جڏهن مهراب خان جي حويلي ويجهي ايندي تہ مان اڳواٽ اطلاع ڏيئي نقاب هيٺ ڪرائيندس.“

جان بيبيءَ مرڪي نقاب مٿي ڪيا. طارق خان ڏنو تہ ايئن لڳو جڻ چنڊ ڪڪرن مان نڪتو هجي. جان بيبيءَ کي ڪيڏو مزو ۽ خوشي پئي ٿي طارق خان جو چيو مڃيندي. هوءَ جڻ حڪم جي غلام هجي. سوچيائين. ”ڪاش، هو ائين ئي حڪم ڪندو رهي ۽ مان مڃيندي رهان.“ طارق خان وري بہ ڪنڌ ورائي پويان جان بيبيءَ کي ڏٺو تہ شموءَ رڙ ڪري چيو، ”سائين سائين، اڳيان ڏسو، مٽان!!“

طارق خان چرڪي چيو، ”ڪمال آهي مائي شمو، ايڏي رڙ ڪبي آهي ڇا؟ جڻ ٻليءَ جي پڇ تي لت اچي وئي هجي!“

جان بيبيءَ کان ٽهڪ نڪتو تہ وري بہ طارق خان پنيان نهاري پاڻ بہ مرڪي ڏٺو تہ شموءَ ڪيس هٿ ٻڌندي چيو، ”سائين، خدا جي واسطي اسان کي خير سان پهچائجو.“

طارق خان کلي چيو، ”ان ڳالهہ لاءِ مائي شمو، تون بي فڪر ٿي وڃ. اهو احساس مون کي تمام گهڻو آهي تہ هڪ نهايت قيمتي ماڻهو مون سان گڏ آهي.“

جان بيبيءَ جو تہ انگ نري پيو. هوءَ جڻ آڪاشن ۾ اڏامڻ لڳي. دل ۾ چيائين، ’طارق خان، هڪڙو سگ جيڪو لفظن ۾ بيان ڪرڻ کان قاصر آهيان توري مدد ڪر ۽ ٻڌاءِ تہ تون منهنجو ڇا آهين؟ ۽ مان تنهنجي ڇا آهيان؟ ڪهڙو بہ سرشار وقت ۽ موسم جو قرب هجي بيقراري گهٽ ٿئي ئي نٿي، پوءِ مان وقت ۽ موسم

تي کھڙي ميار رکان؟' جھنگ جا رستا، کٽي پٽر کٽي پٽون، کٽي لاھيون، کٽي چاڙھيون، جان بيبي مزي سان ٻاھرين پٽن جا نظارا ڪري رھي ھئي جيڪي اڳ ساوا ھوندا ھئا پر ھاڻي پاڻيءَ جي اٿاٿ ڪري پوٺا بنجي ويا ھئا. ھڪ ھنڌ گاڏيءَ ڪجھہ وڏو ڌڪو کاڌو. جان بيبي سيٽ تان ڪجھہ مٿي ٿي ۽ پاڻ کي جھلڻ جي ڪوشش ڪيائين تہ اڳيان طارق خان جي ڪلھن تي سندس ھٿ اچي ويا، پاڻ سنڀالڻ لاءِ ھن ڪلھن کي جھليو پر پوءِ ھڪدم پنھنجا ھٿ ھٽائي ڇڏيا. طارق خان ھڪدم پنيان نھاري چيو،

"معاف ڪجو، گھڻو ڌڪو تہ نہ آيو؟"

جان بيبيءَ مشڪي انڪار ڪيو. سوچڻ لڳي، 'ھي سفر تہ منھنجي زندگيءَ جي جڻ حاصلات آھي.' ھن پنھنجا ٻئي ھٿ پنھنجي ڇپن تي رکيا جن ۾ طارق خان جي خوشبو ھئي، لمس ھو. ھوءَ ڄڻ پاڻ کان پاڻ ڦڪي ٿيڻ لڳي. اڄ سندس ھن جادوئي ڪيفيت جو اندازو ڪرڻ وارو ڪوبہ نہ ھو. شايد ھوءَ پاڻ بہ نہ! يا تہ شايد طارق خان، جيڪو ڇپن ۾ ئي مرڪي رھيو ھو، جنھن کي ھو فرنٽ مرر ۾ ڏسي رھي ھئي. طارق خان پاڻ ھڪ ڀيرو بہ فرنٽ مرر ڏانھن نہ ڏنو ھو، جان بيبيءَ کي ڄڻ ڏک ٿيو..... پر ڇو؟ پاڻ جيڪو سڄو ھفتو جاڳي ۽ تڙپي گذاريو ھو، ان سان طارق خان تہ ٻدل نہ ھو! نہ ئي ساڻس ڪا اھڙي وارتا ٿي ھئي (شايد) جيڪا ڪيس بيقرار ۽ اتاولو ڪري ھو تہ نھايت پرسڪون انداز ۾ گاڏي ڊرائيو ڪري رھيو ھو ۽ ھوءَ سندس مٿي، ڪلھن ۽ پنيءَ کي ڏسي رھي ھئي. ھوءَ ھن مھل پاڻ کي ڪيڏي ڀاڳوان سمجھي رھي ھئي جو ھن سفر ۾ ڪيس طارق خان جو اڻ ملھہ سات ۽ اڻ ڳڻيو قرب حاصل ھو، جنھن لاءِ ھوءَ ڪجھہ ڏينھن اڳ تصور بہ نٿي ڪري سگھي. شموءَ سگريٽ دکايو ۽ پيئڻ لڳي. سگريٽ جي دونھين تان سدائين گھر ۾ بہ جان بيبيءَ کي ڪنگھہ ٿيندي ھئي ۽ ھوءَ ڪيس ڪمري کان ٻاھر نڪري سگريٽ پيئڻ جو چوندي ھئي. ھيءَ تہ سندس وڏو ڪمرو نہ پر ننڍي گاڏي ھئي (يلي ليند ڪروزر ھئي پر سندس ڪمرو نہ ھو) ۽ ھوءَ شموءَ سان گڏ وينل ھئي ۽ گاڏي

دونهين سان پرجي ويئي هئي. هينئر به جڏهن شموءَ سگريٽ ٻاريو ٿي ته هڪ ته هوءَ طارق خان جي موجودگيءَ ۾ ڪڇي نه سگهي هئي ۽ ٻيو وري اهو سوچي ته پلي هوءَ پنهنجو نشو پورو ڪري، پر تڪڙو ئي کيس کنگهه شروع ٿي وئي، طارق خان گاڏي جي اسپيڊ گهٽ ڪري پڇيو،

”ڇا ٿيو، ڇا جي ڪري کنگهه ٿي آهي؟“

جان ٻيٻيءَ کان اڳ شموءَ سگريٽ اجهائي چيو، ”سائين، جيجي جانل کي سگريٽ جي دونهين سان کنگهه ٿي ٿئي ۽ مون بينوائيءَ کي اها نوائي نه پئي ۽ سنگريٽ دڪائي وينيس.“

جان ٻيٻي پڪي کنگهي رهي هئي. طارق خان گاڏي بيهاري چيو، ”آهين ته ڪا صفا موالڻ مائي شمو، خبر به هيئي ته تنهنجي جيجيءَ کي کنگهه ٿي ٿئي پوءِ به.....“

هن جان ٻيٻيءَ ۾ نهاريو جنهن جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو هو ۽ هوءَ آهستي آهستي اجان به کنگهي رهي هئي. طارق خان ڦيرائين ته ايئر فريشنر ڪڍي گاڏي ۾ اسپري ڪيو ۽ پوءِ پنهنجي پر ۾ رکيل ٿرماس مان ٿڌو پاڻي ڪڍي جان ٻيٻيءَ کي ڏنو. ٿرماس جو ننڍڙو گلاس طارق خان جي وڏي هٿ ۾ لڪي ويو. ۽ جان ٻيٻيءَ جو نازڪ هٿ جڻ سڄوئي طارق خان جي وڏي هٿ ۾ اچي ويو هو، هٿن جي ٽڪراءَ سان جان ٻيٻيءَ جي وجود ۾ جڻ ڪرنٽ ڊوڙي ويو ۽ هن سٽ ڏيئي پنهنجو هٿ پري ڪيو ته ڪجهه پاڻي گلاس مان ڇلڪي سندس ڪپڙن تي ڪريو. طارق خان سندس اکين ۾ نهاري ڪلي پيو. جان ٻيٻيءَ پاڻي پي کيس گلاس واپس ڪيو جيڪو وٺي هن گاڏي اسٽارٽ ڪئي ته شموءَ کنگهڻ شروع ڪيو. طارق خان کلي چيو، ”ڇا آهي مائي شمو، پنهنجي جيجيءَ جي بدلي تون ٿي کنگهين، کنگهه وري ايڏانهن منتقل ٿي آهي ڇا؟“

جان ٻيٻي کلي ته شموءَ کنگهندي چيو، ”سائين هي پليت نشو آهي سنگريٽ نه پيندس ته کنگهه ٿيندي.“

طارق خان کلي چيو، ”خبر اٿئي مائي شمو، ته اسان جي

خاندان ۾ مرد بہ سگريٽ ناهن پيئندا.“

وري کلي چيائين، ”هاڻي ان جو علاج اهو آهي تہ تون گاڏي مان لهي ٻاهر سگريٽ پي پوءِ وري اچي ويهہ.“

جان بيبي ڪيس داد طلب نظرن سان ڏسڻ لڳي ۽ طارق خان بہ مشڪي چڱ مهرباني مڃي. گاڏي بيني تہ شمو هيٺ لهي ٿورو پرتي زمين تي ويهي سگريٽ پيئڻ لڳي. طارق خان کلي چيو، ”مائي شمو، مون تہ توکي اڳ ئي چيو هو تہ اڳيان منهنجي پر ۾ ويهہ پر.....“

طارق خان ڪليو تہ جان بيبي بہ مرڪڻ لڳي. طارق خان پنهنجي واچ ۾ نهاري چيو، ”پهريان تہ شموءَ جي جيجيءَ دير ڪرائي ۽ هاڻي وري شمو پئي دير ڪرائي، مهراب خان ۽ ادي تاجان انتظار ۾ ويٺا هوندا.“

جان بيبيءَ آهستي چيو، ”مون ڪتي دير ڪئي هئي؟ اوهان ئي تہ منهنجي وڪالت ڪندي چيو هو تہ مان دير نہ ڪئي آهي.... ۽ هاڻي!“

”لفظن کي ڏاڍو سنڀاليندي آهين، پر مان هيروڪي دير جي ڳالهہ نٿو ڪريان، صبح جو مهراب خان ۽ ادي تاجان سان ڳڌ اچو ها تہ سويل پهچي وڃو ها!“

جان بيبيءَ مرڪيو تہ طارق خان بہ مرڪي چيو، ”سهي چيم يا ان جو جواب بہ آهي اوهان وٽ؟“

”واقعي ان جو جواب آهي مون وٽ.“

”اڇا معنيٰ پنهنجو قصور تسليم نٿا ڪريو.“

”قصور ڪهڙو. جڏهن دعوت ئي ٻين جي هئي تہ پوءِ مان ڇو هلان.“

”۽ هاڻي؟“

”هاڻي منهنجي بہ دعوت آهي، اهو منهنجو خيال آهي يا....؟“

”مون اوهان جهڙو ماڻهو نہ ڏٺو.“

”ڇا ۾؟“

”ڀڪائيءَ ۾.“

”پڪائي چو، ڪهڙي پڪائي؟“

طارق خان جان بيبيءَ کي ڏنو تہ هن اکيون هيٺ ڪيون، ڪجهہ دير ڪيس ڏسي چيائين،

”اوهان جو اعتراض صحيح هو، واقعي مون کان غلطي ٿي هئي، اوهان کي ڏار دعوت ڏيڻ گهربي هئي.“

هن هڪ هڪ لفظ ڏار ڏار ڪري نهايت باوقار انداز ۾ ڳالهايو ۽ جان بيبي سندس آواز جي سحر ۾ وڪوڙجي ويئي. تڪڙوئي پاڻ سنڀالي موضوع بدلايائين،

”اوهان جي گهرواري ۽ ٻار ڪيئن آهن؟“

”ٻارَ نہ ٻارُ، هڪڙو پٽ اٿم نالو اٿس اڪبر، ڏاڍو شرارتي آهي، باقي منهنجي زال سان تہ مليا آهيو، وري هاڻي ملي ڏسجو تہ ڪيئن آهي!“

”..............“

طارق خان شموءَ کي سڏ ڪري چيو،

”مائي شمو، تنهنجو سگريٽ پورو ٿيو؟“

شموءَ تڪڙو تڪڙو سگريٽ جي ٽوٽي کي چوپاڙي اڇليو ۽ اچي گاڏي ۾ ويٺي.

”سائين، لڪ ٽورا اوهان جا، نہ تہ آءٌ جيجيءَ لاءِ ڪري سنگريٽ نہ پيان ۽ منهنجو مٿو....“

طارق خان گاڏي اسٽارٽ ڪري ڪلي چيو، ”مٿو سنئون ڪٿي آهي جو ڦرندو!“

سيني ڪليو. گاڏي هلندي رهي، ڪجهہ دير کان پوءِ طارق خان پنيان نهاري چيو، ”هاڻي جڻ مهراب خان جي حويلي آئي ڪي آئي!“ جان بيبي سمجهي نہ سگهي ۽ رڳو مشڪي ڏنائين تہ طارق خان ڪلي چيو، ”نقاب هيٺ ڪرڻ چاهيو تہ ڪري ٿا سگهو!“

جان بيبيءَ هڪدم برقعي جا نقاب هيٺ ڪيا تہ طارق خان ڪلي چيو، ”۽ ادي تاجان سان مقابلي لاءِ تياري پڻ.“

جان بيبيءَ مشڪي ڏنو. هن مختصر سفر ۾ جان بيبي جڻ هوائن ۾ اڏامي رهي هئي. هوءَ الائي ڪيترا ڀيرا پنهنجي گهر کان

پنهنجي پڦي عزيز جان جي گهر تائين آئي ويئي هئي. پر هينئر تہ سچو رستو چڻ گلن ۽ خوشبوئن سان مهڪيل ۽ سجايل هو. هن حيرانيءَ مان ڏٺو تہ چا واقعي هي اهوئي ساڳيو رستو آهي، جتان گذرندي هر ڏکي تي هوءَ ستار ۽ جبار تي ڪاوڙجي پوندي هئي تہ، اوهان کي ڊرائيونگ ڪرڻ اچي ئي نٿي، پر هينئر تہ چڻ اهو رستو ڪچو نہ پر ڪو ڏيساور جو هاءِ وي هو جتان بنا ڪنهن تڪليف ۽ مشڪل جي گاڏي هوائن ۾ اڏامندي پي وئي. هوءَ طارق خان جي وجود جي خوشبوءَ ۾ ويڙهجي پاڻ بہ اڏري رهي هئي ۽ ڪيس سڄي ڪائنات اڏامندي پي نظر آئي. طارق خان پنهنجي ڳالهہ جو جواب نہ ٻڌي پنيان نهاريو تہ هوءَ خيالن ۾ گم هئي، طارق خان مشڪي ڪيس ارادتن خيالن ۾ ئي ڇڏي ڏنو. گاڏي بيني تہ هوءَ چڻ سجاڳ ٿي، طارق خان گاڏي مان لهي چيو، "اچو."

پهرين شمو سوٽ ڪيس ڪٽي گاڏيءَ مان لٿي ۽ پوءِ جان بيبي لهي آئي. مهراب خان گيٽ وٽ بيٺو هو، مرڪي اچي چيائين، "ايڏي دير، ڪيڏو انتظار ڪرايو؟"

طارق خان کلي چيو، "منهنجو ڪوبہ ڏوهہ ناهي."

مهراب خان مرڪي جان بيبيءَ کي پليڪار ڏيئي ڪيڪاري چيو، "پوءِ ڪنهنجو ڏوهہ آهي؟"

جان بيبيءَ جي خاموشيءَ تي طارق خان چيو، "الائي ڪنهن جو آهي!!"

شموءَ مهراب خان جي پيرن تي پئي ڪيڪاريو تہ مهراب خان چيو، "اندر سنڀالي وڃجو!"

جان بيبيءَ ڊڄي چيو، "خير تہ آهي؟"

"تاج ڏاڏي ڪاوڙيل آهي تنهنجي مٿان."

"او، آءٌ چوان چا آهي؟"

ان تي مهراب خان ۽ طارق خان ٻنهي کليو ۽ ڪيس وٺي اندر حويليءَ ۾ آيا. اندر اچي جان بيبيءَ برقعو لاهي شموءَ جي هٿ ۾ ڏنو ۽ عزيز جان سان ملڻ لڳي. عزيز جان ڪيس پليڪار ڏيئي ساڻس ڪيڪاري چيو، "پٽ دير ڪيئي!"

”ها پڪي دير ٿي وئي.“

”هينئر جو نئين چوانءِ سويل جي مهراب خان وارن سان اچين ها ته......“

”......................“

جان بيبيءَ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي ته مهراب خان ڪلي چيو، ”تاج ايئن نه ايندي!!“

جان بيبيءَ ڦڪي ٿي چيو، ”پڪي، تاجي ڪٿي آهي؟“

”پنهنجي ڪمري ۾.“

هن تاج بيبيءَ جي ڪمري ڏانهن وک وڌائي ته مهراب خان چيو، ”اسين ڇڏائڻ اچون؟“

ان تان عزيز جان ڪليو، جان بيبي به ڪلندي تاج بيبيءَ جي ڪمري ڏانهن ويئي. شمو سوٽ ڪيس رکي عزيز جان جي پيرن پئي ڪيڪاريو. طارق خان ۽ مهراب خان اتيئي ورانڊي ۾ رکيل صوفن تي ويهي رهيا. عزيز جان شموءَ کان پڇيو، ”ادا حمل خان ۽ ياجائي اميران ته نيڪ آهن نه، تاجان کي ته گهڻو ياد نٿا ڪن؟“

”جيجي، ٻچي جي جدائي، سهڻ کان ٻاهر آهي، پر قدرت جو ئي اهو قانون ۽ دستور آهي ته بادشاهه جي گهر ۾ به نياڻي لاءِ ماني ناهي، نه ته جي ڪنهن هڪ سان ايئن ٿي ها ته جيڪر هانءُ ڦاٽي وڃن. جيجي اميران ته ڏينهن ۾ ڏهه ڀيرا ٿي جيجا تاجان کي سڏي ۽ سندس نالو وٺي. سائين حمل خان مرد آهي ظاهريءَ ۾ ڪجهي پڇي نه ٿو باقي آنڌن جو وڇوڙو، سهڻ کان مٿي آهي. الله سائين جيجي تاجان کي وڏي ڄمار ڏي، هتي بادشاهيءَ ۾ آهي پر تڏهن به گهر ۾ جنهن مهل به سندس پسند جي ڪا شئي رڌبي آهي ته جيجي اميران جا لڙڪ ڪري پوندا آهن.“

عزيز جان مشڪيو، اجان ڪجهه ڳالهائي ته تاج بيبي ۽ جان بيبي ٻئي ڪلنديون ڪمري کان ٻاهر نڪتيون، مهراب خان ڪلي چيو،

”اڙي اڙي، هي ڇا جهڳڙو ته ٿيو ئي ڪونه، اسين ناحق وچ ۾ ڪڙا ٿياسين.“

طارق خان کلي چيو،
”کهڙي خبر، اندر کهڙا حال ٿيا هوندا ۽ هاڻي اسان جي اڳيان کلنديون آيون آهن!!“
تاج بيبي کلي چيو، ”معنيٰ اوهين ٻئي اسان جي جهيڙي ۾ راضي هئا؟“
طارق خان کلي چيو، ”بلڪل، جيئن اسين اچي ڇڏايون.“
عزيز جان سميت سيني کليو ته جان بيبيءَ مرڪي چيو، ”جهيڙو ته ٿيو هو پر خاموشيءَ سان.“
مهراب خان اتاولائي مان چيو، ”ڪيئن ۽ ڪڏهن؟“
”بس جاني بس، وڌيڪ ڪجهه به نه ٻڌائجانءِ!!“
طارق خان کلي چيو، ”اها ته اسان سان بيواجبي ٿي، پاڻهي ٻڌائي هاڻ وري....“
جان بيبيءَ مشڪي چيو، ”واقعي نه ٻڌائڻ بيواجبي ٿيندي، قصو مختصر مان ڪمري ۾ ويس ته ادي تاجان پنيري بيٺي رهي، مون پاڪر پاتس تڏهن به نه ڪڇيائين. پوءِ مان هٿ ٻڌي معافي ورتي تڏهن معاف ڪيائين. الله الله خير صلا.“ طارق خان ڪيس ڏسي رهيو هو. نظرن جي تپش جان بيبيءَ کي گرمائي ڇڏيو ۽ ڪيس وسري ويو ته سيني سان گڏ آهي. طارق خان سندس ڪيفيت سمجهندي ٽپ ڏيئي اٿيو،
”هاڻي وڌيڪ دير نه ڪريو.“
جان بيبيءَ ۽ تاج بيبيءَ برقعا پاتا شموءَ جان بيبيءَ جو ۽ حوا تاج بيبيءَ جو سوٽ ڪيس کنيو، سيئي عزيز جان سان موڪلائي اچي گاڏين ۾ وينا. طارق خان جي لينڊ ڪروزر ۾ جان بيبي ۽ شمو ۽ مهراب خان جي پجيرو ۾ تاج بيبي ۽ حوا وينيون ته طارق خان شموءَ کي چيو، ”مائي شمو، پنهنجا پسينجر ساڀيا ئي آهن سنو ٿيو!“
”هئو سائين، ساڀيا.“
”سويل ته شموءَ پاڻ به ڪنگهيو ۽ اسان کي به ڪنگهايو. هاڻي اسين ڪائنس راڳ ٻڌنداسين.“

جواب ڏيڻ کان اڳ شموءَ ڪنگهيو ته طارق خان ٺهڪ ڏيئي چيو، ”وري ڪنگهه؟“

سيني ڪليو ۽ گاڏيون روانيون ٿيون.

رات ٽيڻ واري هئي طارق خان جي بنگلي ۾ گاڏيون اچي بيٺيون، سيئي گاڏين مان لٿا، نوڪر ڊوڙي آيا، علوءَ، طارق خان وٽ اچي چيو، ”سرڪار، مختيار خان ۽ امداد خان وارا آيا هئا.“

”پوءِ؟“

”پوءِ هليا ويا سرڪار.“

”اوهه، پر کين فون ڪري اچڻ گهربو هو ته جيڪر تڪليف نه ٿين ها، نيڪ آهي هاڻي تون وڃ.“

۽ طارق خان سيني کي وٺي اندر آيو. شهناز وڌي اچي ساڻس ملي.

”ڏاڍي دير ڪيئي، اسان ته بنپهرن کان يڪو انتظار ۾ آهيون.“

طارق خان چيو، ”ها بس دير ٿي وئي، هاڻي ته سڀ تياري آهي نه؟“

شهناز چيو، ”فون به ته واڏانهن ڪونهي ۽ اوهان جو موبائل به سدائين بند ٿو رهي الائي ڇو؟“

طارق خان کي شهناز جو انداز نه آئڙيو جو مهمانن کي توجهه ڏيڻ بداران ساڻس باز پرس ڪرڻ لڳي ويئي هئي.

”ها، اوڏانهن فون ڪونهي ۽ موبائل سروس به ناهي، نيڪ!!“

تاج بيبيءَ ۽ جان بيبيءَ ۾ نهاري چيو، ”برقعا وغيره ته لاهيو.“

شهناز کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو، هڪدم اڳيان وڌي کين برقعا لاهڻ ۾ مدد ڪندي چيو،

”او، مان به ته، هڪ بيو هي ”اڪو“ اصل نٽو ڇڏي، ڪنڌ ۾ ٻانهون وجهيو وينو آهي.“

”نه ادي ڪائي ڳالهه ناهي، اسان برقعا لاهيون ٿيون.“

ٻنهي برقعا لاهي ماين کي ڏنا جيڪي ته ڪري ويڙهي رکڻ لڳيون، شهناز کين ڪمري ۾ وٺي آئي.

”هي اوهان جو ڪمرو آهي ۽ هي واش روم آهي.“

سفر ۾ ڏڳهو هو تاج بيبي ۽ جان بيبيءَ ٻئي ڏاڍيون ٿڪجي پيون هيون.

شهناز ٻنهي ۾ نهاري پردا هٽائي دريون کولي چيو، ”اوهان ٻئي ڏاڍيون ٿڪل ٿيون لڳو، آرام ڪريو، مان اچان ٿي.“

شهناز جي وڃڻ کان پوءِ تاج بيبي ته ڪٽي پاڻ کي پلنگ تي اڇلايو، جان بيبي ڪمري جو جائزو وٺڻ لڳي، بيحد ڪشادو، آرامده ڪمرو، فرنيچر اعليٰ ۽ سليقي سان رکيل، سوچيائين، الائي طارق خان جو هٿ آهي يا شهناز جو ذوق.... هر چيز پنهنجي جاءِ تي سونهين رهي هئي ۽ پاڻ به پلنگ تي ويهي رهي. مهراب خان ۽ طارق خان ڪمري ۾ آيا. تاج بيبي اٿي ويٺي ۽ مهراب خان پاڻ کي تاج بيبيءَ جي پير ۾ ايندي ساڻ اچي اڇلايو. مايون هيٺ قالين تي ويٺيون، طارق خان چيو، ”سفر ڏڳهو هو سو ٿڪل ته ضرور هوندا.“

هن جان بيبيءَ ڏي نهاريو جيڪا نازڪ گل جيان ڪومائجي ويئي هئي ۽ طارق خان جي ڳالهه تي ٿڪل مرڪ سندس چهري تي آئي. طارق خان کي سندس ٿڪاوٽ تڪليف ڏني. هڪدم اٿيو ته سامهون مايون چانهه، ڪافي ۽ شربت جون ٽري کڻي آيون.

”ايڏي دير؟“

طارق خان کي اها ٿوري دير به گهٽي لڳي رهي هئي. مايون ٽري رکي شمو ۽ حوا سان کيڪاري ٻاهر نڪتيون ته ٿوري دير لاءِ جڻ ماٺ ٿي وئي ته مهراب خان چيو، ”ڇا آهي حوا، تنهنجي ٿوتري چو بند آهي؟“

حوا اٻاسي ڏيئي چيو، ”سائين، الا ٿڪي پيئي آهيان.“

شموءَ کلي چيو، ”جواڻ زال آهين ايتري ۾ ٿڪي آهين، کهڙيون کوڏاريون هنيون اٿئي؟“

سيني کليو ته طارق خان جان بيبيءَ ڏانهن ڏسي چيو، ”شمو

پاڻ تڪل ناهي پر شموءَ جي جيجي گهڻو تڪل آهي.“
جان بيبيءَ مرڪي چيو، ”نہ نہ اهڙي ڳالهہ ناهي.“
طارق خان اٿندي واچ ۾ نهاري چيو، ”هينئر اٺ پيا ٿين، ماني ڪيڏيءَ مهل ڪائبي؟“
مهراب خان ليٽي ئي ليٽي چيو، ”نہ يار اجا نہ.“
”نيڪ آهي پلي ٽڪ پچو، ماني نوين ڪان پوءِ ڪائبي، ڪيئن نيڪ آهي نہ؟“
وري بہ مهراب خان جواب ڏنو. ”بلڪل نيڪ.“
طارق خان، جان بيبيءَ ڏانهن ڏٺو جيڪا تڪل تڪل، گلاب جيان مرجهايل پي لڳي.
جان بيبيءَ بہ ڏانهنس نهاريو تہ طارق خان چيو، ”اوهان بہ آرام ڪريو تہ ٽڪ لهي.“
ٿورو سوچي وري چيائين، ”پر هتي مهراب خان جي اڳيان ڪيئن آرام ٿيندو، ايئن نہ؟“
جان بيبيءَ مرڪي ڪنڌ هيٺ ڪيو تہ طارق خان ڪمري ڪان ٻاهر نڪتو. شهناز سامهون ئي گڏيس.
”ٻڌ، هي پروارو ڪمرو بہ ڪولراءِ.“
”چو پلا؟“
”چو پلا جو چا مطلب، اها ڳالهہ تہ توکي اڳ ۾ ئي سوچڻ ڪپندي هئي تہ گهوٽ ڪنوار لاءِ ڌار ۽ ٻين لاءِ ڌار ڪمرو سيٽ ڪرائين ها.“
”مون کي ٻين جي خبر نہ هئي، تو تہ چيو هو تہ مهراب خان ۽ سندس ڪنوار جي دعوت آهي.“
”نيڪ آهي، هاڻي جڏهن ادي تاجان جي پيڻ بہ آهي تہ اها تہ هن ڪمري ۾ سمهي نہ سگهندي!!“
”۽ مايون؟“
طارق خان شهناز جي عجيب سوال تي چڙي چيو، ”چا مطلب، ماين لاءِ ڌار ڪمرو ڪپندو چا؟ اهي تہ پاڳيءَ ۾ نازوءَ سان رهنديون.“

شهناز سامهون واري ڪمري ڏانهن اشارو ڪري چيو، ”اهو ڪمرو تيار آهي.“
طارق خان اتاولو ٿي چيو، ”پوءِ نيڪ آهي تون هن ڪي وٺي اچ، هوءَ ڏاڍي ٿڪل آهي.“
شهناز اوڏانهن وڃڻ لڳي ته طارق خان پاڻ ئي سامهون وارو ڪمرو کولي ڏسڻ لڳو. واقعي ڪمرو صاف سٿرو هو. هن درين تان پردا هٽائي دريون کوليون ته تازي هوا اندر ڪمري ۾ هلي آئي. طارق خان ڪبٽ کولي ايئر فريشنر ڪڍي ڪمري ۾ اسپري ڪيو. دروازي تان لنگهيندي هڪڙي مائيءَ جي مٿس نظر پيئي ته ڊوڙي وٽس اچي چيائين. ”سائين، مون کي چئو، ڇا ڪريان؟“
طارق خان الائي ڪهڙن خيالن ۾ هو ڇرڪي چيائين، ”ڪو ڪم ڪونهي، تون وڃي پنهنجو ڪم ڪر.“
مائي ڪمري کان ٻاهر نڪتي ته طارق خان سڄي ڪمري تي نظر ڊوڙائي. پلنگ تي پيل چادر ۾ ٿورو گهنج هو جيڪو پنهنجي هٿن سان ٺاهي ڪڍڻ لڳو. دروازي تي بيهي ڪمري جو جائزو وٺڻ لڳو. دريءَ وٽ وڏو ڊبل بيڊ پر ۾ ڊريسنگ ٽيبل ان جي پر ۾ وڏو ديواري ڪبٽ، صوفا سيٽ ۽ ننڍيون وڏيون ميزون ۽ وڏي ميز تي رکيل چانديءَ جو خوبصورت نقش نگار وارو گلدان جنهن ۾ تازا گل پيل هئا. ڪمري جي ڪنڊ ۾ مني پلانٽ جون ڪونديون جن مٿان بلبن جي هلڪي روشني جرڪي رهي هئي، ڇت ۾ لڳل خوبصورت فانوس ۽ ديوارن تي سينريون لڳل هيون ۽ هڪڙي سندس رنگين تصوير هئي جيڪا شڪار جي دوران ورتل هئي، جنهن ۾ هو رائيفل سان فائر ڪري رهيو آهي. سڀ نيڪ ٺاڪ ڏسي هو ڪمري کان ٻاهر تي نڪتو ته وري ڪنهن خيال هيٺ پنهنجي ڪيسي مان عطر جي شيشي ڪڍي ڊريسنگ ٽيبل تي رکيائين، پر وري ان ئي مهل ڪڍي ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيائين.
ڪمري جو دروازو بند ڪري ٻاهر نڪتو ته سامهون شهناز هاجره کي وٺي پي آئي ۽ طارق خان پڇيو، ”اجان تائين وٺي نه آئي آهين ڇو؟“

”مون چيو ڪمرو تہ نيڪ آهي، پوءِ بہ ڏسي پوءِ تي جانيءَ ڪي ونئي اچان“
”ڪمرو نيڪ آهي تون ونئي اچينس.“
شهناز ڪلي چيو، ”ادا مهراب خان تہ صفا گهري ننڊ ۾ ستو پيو آهي.“
طارق خان ڪِلي چيو،”جڻ اسان جو پنڌ ننڍو ۽ سندس وڏو پنڌ هو. ايندي ساڻ پاڻ کي کٽي پلنگ تي اڇلايائين، شابس آهي هنن چوڪرين کي جو ٿڪ جو احساس ئي نٿيون ڏيارين.“
”تاجان تہ صحيح آهي باقي جانيءَ کي ڏٺو اٿئي، جڻ گلاب مرجهائجي ويو هجي.“
طارق خان کي اها تشبيهہ وڻي سو کلي چيائين. ”ڪڏهن ڪڏهن تہ شهناز، تون ٻي دل واريون ڳالهيون ڪندي آهين.“
”مثال؟“
طارق خان گل واري ڳالهہ ٽنائي چيو، ”مثال، تو اهو نوٽ ڪيو تہ تاج بيبيءَ جي پيٽ ۾ جان بيبي گهڻو ٿڪل آهي.“
شهناز چيو، ”مايون ويچاريون بہ ڏاڍيون ٿڪل آهن!“
”اهي پلي جان بيبيءَ سان گڏ هجن باقي مهراب خان ۽ ڪنوار ڏار هجن.“
شهناز ڪمري جو دروازو کولي پوءِ جان بيبيءَ کي آٿڻ لاءِ هلي ويئي تہ طارق خان پاڻ اٿيئي ڪمري جي دروازي وٽ چيلهہ تي منيون رکي بيهي رهيو. شهناز، جان بيبيءَ کي ونئي آئي. مايون بہ سندن پويان هيون. شمو، جان بيبيءَ جو سوٽ ڪيس بہ کنيو آئي. ڪمري ۾ اچي طارق خان چيو،
”شمو، سامان ڪٻٽ ۾ ناهي رکجين.“
”سائين، سڄي عمر لاءِ تہ ڪونہ آيا آهيون، سياڻي هليا ويندا سين.“
”ڪير تو چوي تہ سياڻي ٿا وجو؟“
”جيجي جانل ٿي چوي سائين.“
”مائي شمو، مهمان ايندو تہ پنهنجي مرضيءَ سان آهي پر

ويندو ميزبان جي مرضي سان آهي.“
جان بيبيءَ گهبرائجي چيو، ”چا مطلب؟“
طارق خان کان اڳ شهناز چيو، ”مطلب اهو تہ اجان اوهان کي گهمائبو، ڪراچي ڏيکاربي.“
جان بيبيءَ ساڳي ئي نموني چيو، ”نہ نہ، امان ۽ بابا پريشان ٿي ويندا.“
طارق خان ٿهڪ ڏيئي چيو، ”انهن کي آءٌ ٻڌائي آيو آهيان سو، هو پريشان نہ ٿيندا.“
”مون تہ ايترا ڪپڙا بہ ناهن آندا.“
شهناز چيو، ”مون وٽ ڪپڙا گهڻا آهن.“
طارق خان چيو، ”هي ڪراچي آهي هتي ڪنهن بہ شئي جي ڪوٽ ۽ فڪر جي ڳالهہ ناهي.“
وري بہ نهايت پابوهہ مان چيائين، ”گهبرايو نہ، وري بہ جيڪا اوهان جي مرضي هوندي، هينئر تہ آرام ڪريو.“
شهناز کلي چيو، ”توري دير تہ جانيءَ کي ستائڻ ڏيو ها، جاني تہ ايئن پي گهبرائي جڻ ڪيس قيد ۾ رکي سزا ٿا وڌايونس!!“
ڪيس پلنگ تي ويهاري چيائين، ”هاڻي تورو آرام ڪر، تون جي سياڻي وجڻ چاهيندينءَ تہ توکي سياڻي ئي تنهنجي گهر پهچائبو، هاڻي تہ بس نہ؟“
ان تان سيني ڪليو ۽ شهناز ۽ طارق خان ڪمري ڪان ٻاهر نڪتا تہ جان بيبيءَ شموءَ کي چيو، ”دروازو لاڪ ڪري ڇڏ.“
شمو دروازو لاڪ ڪري آئي، ڏسي تہ حوا ننڊ ۾ ستي پئي هئي. کلي چيائين، ”جيجي جانل، هيڏي تہ حوا ۾ نهار جڻ مئي پئي آهي.“
حوا اکيون کولي چيو، ”جاڳان تي جاڳان، توکان بہ ويل آهيان چا؟“
شموءَ پيار مان ڪيس ڏک هٽي چيو، ”ڪيڏي حرامڙي آهي، مون سمجهيو تہ صفا ننڊ ۾ آهي.“
پوءِ پاڻ بہ سندس پر ۾ قالين تي سمهي پئي. جان بيبيءَ

دريءَ کان ٻاهر نهاريو، اڳيان خوبصورت لان هو، دريءَ جي ٻاهران گلن جون ٻاريون هيون، جتان خوشبو اچي سڄي ڪمري کي معطر ڪري ڇڏيو هو، هوءَ اچي پلنگ تي ليٽي. ٽڪ جي ڪري ڪيس ننڊ اچي ويئي.

دروازي تي هلڪو هلڪو کڙڪو ٿيو، جان بيبي جاڳي پيئي. ديوار تي لڳل گهڙيال ۾ ڏٺائين تہ رات جا ڏهہ ٿي رهيا هئا. هوءَ چرڪي اٿي ويٺي ۽ شمو کي اٿاريائين. ”شمو دروازو کول.“

جان بيبيءَ جي آواز تي شمو ۽ حوا ڦٽڙات ڏيئي اٿيون. شموءَ دروازو کوليو تہ شهناز هئي جنهن اندر ايندي چيو، ”واهہ پئي واهہ، ايڏي ننڊ؟“

جان بيبيءَ کلي چيو، ”واقعي، ڪمال ٿي ويو.“

”ڪا وڏي ڳالهہ ناهي، سنو ٿيو تنهنجي ٿڪاوٽ لٿي، هاڻي ڪاڏو تيار آهي اچو.“

جان بيبيءَ مشڪي چيو، ”حاضر......“

شهناز ڪمري کان ٻاهر نڪتي تہ جان بيبي واش روم ۾ ويئي. هٿ منهن ڌوئي آئي ۽ ڊريسنگ ٽيبل اڳيان ويهي وار کولي سيٽ ڪرڻ لڳي. طارق خان جيڪو ڪيس وٺڻ لاءِ آيو هو اهو دروازي وٽ بيهي رهيو. ڊريسنگ ٽيبل بلڪل دروازي جي سامهون هئي. طارق خان کليل وارن ۾ ڪيس ڏسندو ئي رهجي ويو. جان بيبيءَ جا ڊگها گهرا ڪارا ۽ خوبصورت وار سندس حسن کي انتهائي بلندين تائين پهچائي بيٺا هئا. طارق خان سندس بي انتها حسن ۾ محو هو تہ هن هڪدم پنهنجو ڌيان اتان هٽائڻ چاهيو. ان ئي مهل جان بيبيءَ جي نظر دروازي تي بيٺل طارق خان تي پيئي ۽ هوءَ شرمائجي اٿي پلنگ تان رئو کڻي مٿي تي رکيائين. طارق خان مرڪي چيو، ”مون اوهان کي ڊسٽرب ڪيو، پر آءٌ اوهان کي مانيءَ لاءِ وٺڻ آيو هئس.“

۽ ڪمري کان ويندي چيائين، ”پلا ڏسان تہ مهراب خان جا ٽڪ لٿا آهن ڪي نہ.“

طارق خان جي وڃڻ کان پوءِ جان بيبيءَ شموءَ کي چيو،

”دروازو چو نہ بند ڪيئي؟“

”جيجي، جيجي شهناز هاٺي ئي تہ ويئي آهي!!“

”هاٺي لاڪ ڪر.“

شموءَ اٿي دروازو لاڪ ڪيو. جان بيبيءَ وارن کي ڦٽي ڏيئي هلڪو ميڪ اپ ڪري تيار ٿي دروازو کولرايو تہ مهراب خان، تاج بيبي ۽ طارق خان ڪمري ۾ آيا. هوءَ بہ اٿي ساٺن گڏجي ڊائننگ روم ۾ آئي جتي تمام وڏي ٽيبل مختلف ڪاڌن سان ڀريل هئي. شمو ۽ حوا کي مايون پاڻ ڏانهن وٺي ويون. صبح جو نيرن ڪرڻ کان پوءِ طارق خان چيو هو تہ، گهمڻ هلنداسين، سيئي تيار ٿي آيا. جان بيبيءَ سرمئي ڪلر جا پلين جارجيٽ جا ڪپڙا پاتا هئا، جيڪي ڪيس تمام گهٽو پي ٺهيا، تاج بيبي ۽ شهناز بہ تيار ٿي آيون هيون. تاج بيبيءَ کي ميرون ڪلر جا ۽ شهناز کي لائيٽ گرين ڪلر جا ڪپڙا پاتل هئا. ٽيئي برقعا پائي گاڏين وٽ آيون جتي طارق خان ۽ مهراب خان سندن انتظار ڪري رهيا هئا تہ طارق خان جو نوڪر نورو ڊوڙندو آيو، ”سرڪار، ٻاهر مختيار خان ۽ امداد خان وارا آيا آهن.“

”ٻاهر بيٺل آهن يا اندر اوطاق ۾ ويٺا آهن؟“

”سرڪار، اوطاق ۾ نٿا ويهن، چون ٿا تہ تڪڙا آهيون، ڪلهہ بہ آيا هئا.“

”ها يار، اها ڳالهہ ڪلهہ رات ايندي ساڻ علوءَ ٻڌائي هئي. تون وڃ مان اچان ٿو.“

مهراب خان ڏانهن ڏسي چيائين، ”ماٺهن جو ڪم پئي ٿو تہ چون بس هينئر جو هينئر ٿئي، انتظار تہ آهي ڪونہ!

”ڪير آهن ڪهڙو ڪم اٿن؟“

”آهن تہ پنهنجا ئي ماٺهو پر ڪم وڏو اٿن. مان ساٺن ڳالهائي اچان ٿو.“

جان بيبي ڪيس ويندي ڏسي رهي هئي، جيڪو هلڪي آسماني رنگ جي ڪپڙن ۾ ڏاڍو خوبصورت ۽ باوقار لڳي رهيو هو. سندس هلڻ ڪيڏو شاندار آهي! ڪيس پنيرو ويندو ڏسي هوءَ

سوچي رهي هئي. دراز قد طارق خان جو مضبوط ورزشي بدن ۽ خوبصورت انداز ۾ ڪنيل قدم ڏسي، هڪدم لطيف جو بيت دل تي تري آيس:

تان جو ٿين ساماهان، پنيرا سونهن،
سنئون ورائي سپرين، منهن جي مانڊي ڪن،
رڳون سڀ رچن، تن ۾ تازائي ٿئي.

جان بيبيءَ جي دل طارق خان جي وکن ۾ وچڙڻ لڳي. اوچتو مهراب خان چيو، ”تاج، ڏنئي طارق خان جو هلڻ ڪيڏو خوبصورت آهي.“

جان بيبيءَ کان چرڪ نڪري ويو. سوچيائين، ’رڳو مان جذباتي ناهيان پر هو حقيقت ۾ ئي ايڏو خوبصورت آهي ۽ هر ڪنهن کي وڻي ٿو.‘

تاج بيبيءَ مهراب خان کي چيو، واقعي بہ ادا طارق خان جو نہ رڳو هلڻ، پر هو سڄو سهڻو آهي.“

”سچ بہ مامي اميران جو سڄو خاندان خوبصورت آهي.“

تاج بيبيءَ ڏانهنس نهاريو جيڪو ڪريم ڪلر جي ڪپڙن ۾ سهڻو لڳي رهيو هو چيو ”۽ اوهان؟“

”اسين بس مڙيئي ايئن آهيون“

”ڇو ڇو مڙيئي ڇو، بابا سهڻو آهي پڦي عزيز جان سهڻي آهي ۽......“

مهراب خان شرارت مان کلي چيو، ”۽“؟

”۽ اوهان بہ....“

ان تان مهراب خان وٺي ٽهڪ ڏنو تہ جان بيبي جيڪا طارق خان جي خيالن ۾ گم هئي اها ڇرڪي پيئي ۽ انهن ٻنهي جي ڪلڻ تي مڙيئي سڙيئي مرڪڻ لڳي. شهناز جيڪا وري اندر هلي ويئي هئي ان ايندي ساڻ چيو، ”ڇا ڳالهہ آهي ادا، ڇا تان پيا کلو، اڪبر جو پيءُ ڪٿي آهي. هوڏانهن پي تڪڙ ڪيائين ۽ هاڻي پاڻ ئي غائب!!“

مهراب خان کلي چيو، ”ادي، ايندي ساڻ ڪيئي سوال ڪيا

اٿئي، پهرين ڇا جو جواب ڏيون؟"
"پهرين اوهان ٿهڪن جو جواب ڏيو باقي پوءِ."
مهراب خان کِلي چيو، "طارق خان جي خوبصورتي جي ڳالهه تان مون تاج کي چيو ته مامي اميران جو سڄو خاندان خوبصورت آهي ته هن وري چيو ته مان خوبصورت آهيان!"
ان تان سڀئي کلڻ لڳا. تاج بيبيءَ لڄاري ٿي چيو، "ادي، طارق خان لاءِ ڪي ماڻهو آيا آهن اوڏانهن ويو آهي."
جان بيبي خاموش خاموش سڀني جون ڳالهيون ٻڌي رهي هئي ۽ سندس مهاڙ گيٽ طرف هئي ته طارق خان کي گيٽ مان ايندو ڏٺائين. طارق خان ايندي ساڻ چيو، "گهٽي دير ته نه ٿي آهي نه، مس مس ڪانئن جند ڇڏائي اٿم."
سڀني ڏي نهاري پنهجي لينڊ ڪروزر ڏانهن ويندي چيائين، "هلو، تيار آهيو نه سڀ؟"
شهناز کلي چيو، "پر ڪيڏانهن؟"
طارق خان کلي چيو، "سمنڊ تي ٿا هلون."
سڀئي طارق خان جي گهري نيري لينڊ ڪروزر ۾ اچي ويٺا. سمنڊ تي پهتا ته سمنڊ جي ويرين ۽ ڇولين وڏي شور ۽ ڏڏڪن سان وڏي ڪين پليڪار ڏني. طارق خان گاڏي کي ڪناري تي آيل ماڻهن کان گهٽو پري بيهاري چيو، "ڪهڙو پروگرام آهي، هيٺ لهبو، پاڻيءَ ۾ پير وجهبا يا پري کان نظارو ڪبو؟"
سڀئي گاڏيءَ مان هيٺ لٿا. جان بيبيءَ پهريون ڀيرو سمنڊ ڏٺو هو اها حيرت وچان جيئري جاڳندي بيچين ۽ پرجوش سمنڊ کي چلندو ڏسي رهي هئي. سوچيائين، ڪيڏو فرق آهي سمنڊ ۾ ۽ درياهه ۾. مون ڪڏهن تصور به نه ڪيو هو ته سمنڊ هينئن هوندو. هوءَ سڀني کان بي نياز ٿي سمنڊ ڏسي رهي هئي. هوءَ هئي به ته ڏاڍي مختلف سڀني کان. پنهنجي گهر ۾ پڙهڻ سان دلچسپي ۽ لطيفؒ سان عشق ۽ علم حاصل ڪرڻ ۽ هر نئين ڳالهه کي تهه تائين سمجهڻ ۽ سکڻ سندس مقصد هوندو هو. ڪيس گهر ۾ به جڏهن هوءَ سوچ ۾ ٻڏل هوندي هئي ته سندس پائر ڪيس فلاسافر

چئي سجاڳ ڪندا هئا ۽ جڏهن ڪنهن ڏڪئي فيصلي بابت حمل خان، امير بيبيءَ سان خيال ونديندو هو ته ڪيس به شامل ڪندو هو. تاج بيبيءَ کي انهن ڳالهين سان ڪابه دلچسپي نه هئي ۽ هڪ گهر ۾ رهندي به بنهي ڀينرن جا خيال ۽ دلچسپيون مختلف هيون. تاج بيبي گهر ۾ آيل هر ماڻهو سان ملندي ۽ ڪيڪاريندي هئي پر جان بيبيءَ کي اهي مايون وڻنديون هيون جيڪي ڏاڍ سان مقابلو ڪندڙ هيون، ڪيس ڏاڍ سهڻ واريون مايون اصل نه وڻنديون هيون جيڪي اجايو مردن کي مٿي تي چاڙهنديون آهن. هوءَ چوندي هئين ته ظلم سهڻ چڱي ڳالهه ناهي، ماڻهوءَ کي مزاحمت ڪرڻ گهرجي. ڏڪ سهڻ ماڻهپي جي توهين آهي، اها گڏهه جي خاصيت آهي. ٻيا جانور به ڪڏهن ڪڏهن مزاحمت ڪندا آهن، باقي ڪيس اهڙين مظلوم ماين جو ڏک ضرور ٿيندو هو، پر هوءَ ساڻن ويهي ڪچهريون نه ڪندي هئي. باقي هوءَ انهن جي مدد هڙان ۽ وڙان ضرور ڪندي هئي. پنهنجي ماءُ ۽ پيءَ جي مخالفت جي باوجود، حمل خان ۽ امير بيبيءَ جي عجيب عادت هئي هو ڏوڪڙ پيسي سان ڪنهن جي به مدد نه ڪندا هئا. انهن جي الائي ڪهڙي سوچ آهي ته هو جنهن جو به ڪم يا فيصلو ڪن ته اهي ضرور سندن لاءِ تحفي، سوکڙي جي صورت ۾ ڪانه ڪا چيز آڻين! ڪيڏو به غريب ۽ مسڪين هجي اهو به گيهه ۽ ماکيءَ جو پريل شيشو يا ٻڪر ۽ اجرڪ يا ڪپڙا مطلب ته ڪانه ڪا شئي سندس لاءِ آڻي ۽ جي ڪو هٿين خالي ايندو هو ته اهو ويچارو بنا مان جي هليو ويندو آهي ۽ جان بيبي اهڙين ننڍين ڳالهين کي اهميت نه ڏيندي آهي. هن کي متاثر ڪندا آهن يا موهيندا آهن ته بيحد شاندار ۽ باوقار ماڻهو، خوبصورت منظر، مينهن ڪان پوءِ اندلٺ سان سينگاريل آڪاش، شفق، سمنڊ، معطر موسمون ۽ شاهه جو رسالو. هوءَ گهر ڪان ٻاهر تعليم حاصل ڪري نه سگهي هئي پر هوءَ لطيف کي پڙهي ۽ سمجهي ويندي هئي. شايد ان ڪري ته سندس جمڻ ڪان اڳ سندس ماءُ ۽ پيءُ لطيف کي پڙهندا، سمجهندا هئا. هوءَ سمنڊ ڪان مانوس نه هئي، نه ئي هوءَ هن سرڪش ماحول ڪان اڳ متاثر هئي. تاج بيبي اڳ به ماءُ سان گڏ

ڪراچيءَ ۾ پنهنجي مامن ۽ ماسيءَ جي گهر ايندي هئي ۽ انهن ڪيس سمنڊ بہ ڏيکاريو هو پر تاج بيبيءَ کي انهن الهامي ۽ لافاني تحفن سان ڪا دلچسپي نہ هئي نہ ئي ايڏانهن ڪو سندس لاڙو هو. سمنڊ ڏسڻ ڪان پوءِ بہ هن ڪڏهن بہ جان بيبيءَ کي سمنڊ جي دلفريب حسن ڪان متعارف نہ ڪرايو هو. پر اڄ جڏهن هن سمنڊ کي پنهنجي اکين سان ڏٺو تہ حيران ٿي ويئي ۽ ڪيس اهو سڀ وسري ويو تہ ڪيس سيئي حيرت مان ڏسي رهيا آهن. طارق خان کي حيرت مان سمنڊ کي ڏسندڙ اها خوبصورت ڇوڪري ايڏي تہ وڻي جو هو ڪيس ڏسندو ئي رهيو. شهناز ڪلي جان بيبيءَ جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، ”جاني، آهي ڇا هيڏي تہ نهار، سيئي پيا توتي ڪلن.“

جان بيبي ڇرڪي سجاڳ ٿي نهاريو تہ واقعي تاج بيبي ۽ مهراب خان سندس ڏانهن نهاري مرڪي رهيا هئا. پر جڏهن هن طارق خان کي ڏٺو تہ هو نهايت محويت مان ڪيس تڪي رهيو هو. هوءَ جهڙ گهبرائجي ويئي.

”ڇاهي يلا، ڇو تا سيئي مون کي ڏسو ۽ ڪلو؟“

طارق خان سندس معصوميت تي سنجيدگيءَ مان اڳيان وڌي چيو، ”ڪجهہ بہ ناهي، مهراب خان کي تہ آهن بس ٺهڪ ڏيٺا.“

مهراب خان ڪل کي دبائي مرڪڻ لڳو. جان بيبيءَ سمنڊ ڏانهن نهاري چيو، ”ڪيڏو حيرت ناڪ ۽ عاليشان منظر آهي. ٿي وي تي سمنڊ ڏٺو اٿم پر سامهون هينئن حيران ڪندڙ هوندو اهو مون کي تصور بہ نہ هو.“

شهناز ڪلي چيو، ”جاني، برقعو تہ لاهہ.“

جان بيبيءَ ڏٺو تہ شهناز ۽ تاج بيبيءَ برقعا لاهي ڇڏيا هئا. هن بہ پنهنجو برقعو لاٿو تہ طارق خان تيزيءَ سان اڳيان وڌي ڪائونس برقعو وٺي گاڏي ۾ رکيو. اهو سڀ ايترو تہ تڪڙو ۽ غيرارادي طور تي ٿي ويو هو جو سواءِ جان بيبيءَ جي ٻيو ڪوبہ ڪجهہ محسوس ڪري نہ سگهيو هو. البتہ جان بيبيءَ طارق خان جي ان عمل تي حيرت گاڏڙ خوشي محسوس ڪئي هئي ۽ ان جو

اظهار بہ هن تنهن دم ڪوڙ ڪندي ڪيو. ”آءٌ پاڻيءَ ۾ پير پائڻ تي چاهيان!“

شهناز کلي چيو، ”ڀلي، پر پنهنجو هٿ منهنجي هٿ ۾ ضرور ڏجين.“

”ڇو ڀلا، ڇو هٿ ڏيان. مان ڪو ننڍو ٻار آهيان ڇا؟“

مهراب خان کلي چيو، ”ادي شهناز نيڪ ٿي چوي، ڇو جو سمنڊ ڏسي جيڪا تنهنجي حالت آهي، اها نهايت عجيب آهي ۽ هاڻي ادي شهناز سان گڏ آءٌ بہ اهوئي چاهيندس تہ پاڻيءَ ۾ پير پائڻ مهل تنهنجو هٿ ڪنهن مضبوط هٿ ۾ هجي!“

تاج بيبيءَ کلي چيو، ”مضبوط هٿ تہ ادا طارق خان جا آهن.“

جان بيبيءَ ڇرڪي طارق خان ڪي ڏٺو جيڪو پڻ شاندار انداز ۾ ڏانهنس نهاري مشڪي رهيو هو. جان بيبيءَ روئٺهارڪي تي چيو، ”پر ڇو آخر ڇو؟“

مهراب خان ساڳي شرارت واري نموني سان چيو، ”جاني، سيف الملوڪ ڍنڍ جي تہ خبر اٿئي نہ؟“

”ها، خبر اٿم.“

”ڪيئن خبر اٿئي؟“

”مون پڙهيو هو ان جي باري ۾ تہ، اها نهايت پراسرار....“

شهناز ۽ تاج بيبيءَ گڏجي چيو، ”ڇا آهي ان ڍنڍ ۾، ڪهڙي پراسراريت آهي اتي؟“

مهراب خان مرڪي چيو، ”ڄڻنديون تہ نہ؟“

ٻنهي چيو، ”نہ نہ، هتي ڇو اوهان جي اڳيان ڄڻنديونسين؟“

مهراب خان چيو، ”اتي ڇا آهي جو چون ٿا تہ جڏهن چوڏهينءَ جو چنڊ مٿي چڙهندو آهي تہ پريون ڍنڍ تي لهنديون آهن ۽ چانڊوڪيءَ ۾ ڍنڍ ۾ وهنجنديون آهن ۽ چون ٿا تہ چنڊ بہ چوڏهينءَ رات جو ڍنڍ تي هيٺ لهندو نظر ايندو آهي ۽ پوءِ اهو منظر اهڙو تہ جادوئي ٿي پوندو آهي جو انسان جي يقين کان ٻاهر ٿي ويندو آهي. ان مهل ڍنڍ جي سطح بلڪل آرسيءَ جيان شفاف ۽ نوس لڳندي آهي ۽ ڪي ديوانا جيڪي اهو منظر ڏسڻ لاءِ اتي پهچي ويندا آهن

اهي بيخود ٿي ان جادوئي ماحول جي سحر ۾ وڪوڙجي پاڻ کي ڍنڍ ۾ اڇلائيندا آهن. هو ته ايئن سمجهندا آهن ته اهي ڍنڍ جي سطح تان ايئن ڊوڙي ٻي پاسي پهچي ويندا جيئن پريون، پر جيئن ته حقيقت ۾ ڍنڍ تمام گهڻي گهري ۽ اونهي آهي ان ۾ هيٺ هليا ويندا آهن. چون ٿا ته ان منظر ۾ ايڏي ته ڇڪ ۽ ڪشش آهي جو ماڻهو پلي ڪيڏو به عقلمند ۽ مضبوط اعصاب جو ڇو نه هجي پر پاڻ کي جهلي نه سگهندو آهي، اسين جڏهن اتي ويا هئاسين....."

شهناز، تاج بيبيءَ ۽ جان بيبيءَ کان دانهون نڪري ويون،

"اوهان به اتي ويا هئا؟"

تاج بيبيءَ چيو، "ڪڏهن؟"

مهراب خان مرڪي طارق خان کي ڏٺو جيڪو خاموش مرڪي رهيو هو. مهراب خان جي نهارڻ تي ٺهڪ ڏيئي چيائين، "اسين ٻئي گڏ ويا هئاسين سيف الملوڪ ڍنڍ ڏسڻ."

"ڪڏهن، اوهان ته ڳالهه ئي نه ڪئي!!" شهناز رڙ ڪئي.

"تو کان شايد وسري ويئي آهي، اسان ٻئي جڏهن اترين علائقن ڏانهن گهمڻ ويا هئاسين، تڏهن اها ڍنڍ به ڏٺي هئي سين." طارق خان چيو.

شهناز کلي چيو، "اوهان ته ڪڏهن به ان ڍنڍ جي سحر بابت نه ٻڌايو، بلڪ ان جو ڪڏهن ذڪر ئي نه ڪيو؟"

"مون ڀانيو ته مون ڳالهه ڪئي آهي پر نه ڪئي هوندم، ڇو ته پوءِ اسين اتان ئي اڳتي هليا ويا هئاسين ۽ قراقرم کان سڌا "سن ڪيانگ" چائنا هليا ويا هئاسين، ان ڪري شايد ڍنڍ واري ڳالهه ٻڌائڻ وسري ويئي."

جان بيبي طارق خان کي ڌيان سان ٻڌي رهي هئي. چيائين، "ڍنڍ واري ڳالهه سچي آهي، واقعي ايئن آهي، جيئن مشهور آهي؟"

"اهي سڀ ڪجهه شايد اڳ جا قصا هجن، پر جڏهن به سال اڳ اسين اتي ويا هئاسين تڏهن به انهن ڳالهين جو اتي چؤبول وڏو هو. بلڪ ڊپ ۽ ڌهڪاءُ هو. حالانڪ رهڻ لاءِ اتي زبردست ريسٽ هائوس وغيره آهن، پر چيائون پي ته شام جو مغرب کان پوءِ اتي

ڪنهن کي به رهڻ نٿي ڇڏيائون. اسان ته خير اتي صبح جو سويل پهتا هئاسين سو گهمي ڦري ٿڪجي پيا ساڳي ڪمري تي هئاسين جنهن ۾ اسان ڪي پيا هئاسين جو سفر ڪرڻو هو. باقي ڏنڊ جو حسن واقعي وسرڻ جوڳو نه آهي. صفا شفاف نيري پاڻيءَ جو پريل پيالو هجي. مٿان جبلن مان پاڻي اچي ڏنڊ ۾ پوي ۽ ڏنڊ مان بنا ڪنهن شور ۽ آواز جي واڌو پاڻي هڪڙي ناليءَ جيان ٻاهر نڪري ٿو پر ٿورو ئي اڳيان وڏي اهوئي خاموش ناليءَ جي صورت ۾ نڪتل پاڻي پرجوش انداز ۾ اڳتي وڌي ٿو ۽ اها ڳالهه به نهايت پراسرار ٿي لڳي.”

مهراب خان ڪلي چيو، ”ان ڪري ئي ادي شهناز جي ڳالهه سهي آهي ته سيف الملوڪ ڏنڊ جيان جاني به مٿان سمنڊ جي سحر ۾ وڪوڙجي وڃي.”

تاج بيبيءَ ڊڄي جان بيبيءَ جي ٻانهن ۾ جهلي چيو، ”نه جاني نه، آءٌ توکي پاڻي ۾ وڃڻ نه ڏينديس.”

طارق خان اڳتي وڌي اچي چيو، ”نه ادي خير آهي، هتي ڪا به اهڙي ڳالهه ناهي ۽ هتي ويرن ۾ پاڻي به گهرو ناهي، باقي اڳتي وڃڻ ته اسين به نه ڏينداسين جان بيبيءَ کي.”

طارق خان مشڪي جان بيبيءَ ڏانهن نهاريو جيڪا پنهنجي پيرن مان سينڊل ڪڍي پيرن اگهاڙي آهستي آهستي سمنڊ جي سرمئي ريتيءَ تي پير رکندي اڳيان پاڻي ڏانهن وڌي رهي هئي. طارق خان سندس بيحد حسين سفيد پيرن کي ڏسي رهيو هو جيڪي سرمئي ريتي ۽ پاڻيءَ ۾ چمڪي رهيا هئا. طارق خان جي دل انهن حسين سفيد اگهاڙن پيرن ۽ سندس خوبصورت سراپي ۾ وڃائجي وڃڻ چاهيو جنهن کي ڏانوڻ پائيندي پنهنجي وس ۾ ڪندي طارق خان چيو، ”سمنڊ جي دهشت ۽ زور ڏسڻو اٿوَ ته هلو ته هاڪس بي هلون.”

جان بيبيءَ ڇرڪي چيو ”اتي ڇاهي؟”

طارق خان چيو، ”اتي سمنڊ تمام بيچين ۽ اتاولو بلڪه ڪاوڙيل....”

تاج بيبيءَ ڳالھ ڪٽيندي چيو، ”نہ ادا، اوڏانھن نتا هلون.“
ان تي سيئي کلڻ لڳا، جان بيبيءَ انھري تي چيو، ”ڏسڻ ۾ چاهي تاجي؟“
”نہ ابا، تون اتي الائي ڇا ڪرين؟“
”ڇا ڪندس، ٻار آهيان ڇا؟“
۽ پوءِ هوءَ پنھنجي ئي خيالن ۾ پاٽيءَ کان ٻاهر نڪري ريتيءَ جي انھن ننڍڙن ڍڳن ڏي آئي جيڪي پاٽيءَ بڻايا هئا. هوءَ اتيئي ويهي رهي ۽ ريتيءَ مان ننڍڙا ننڍڙا گهرڙا بڻائڻ لڳي. هن تاج بيبيءَ کي جواب بہ پي ڏنا تہ هٿ جي مٿان آلي ريتي رکي وري هٿ کي ريتيءَ جي هيٺان آهستي سرڪائي تي ڪڍيو تہ گهر بنجي تي ويو ۽ هن اهو سڀ ايڏي تہ انھماڪ سان پي ڪيو ڄڻ اڪيلي هجي. تاج بيبيءَ کلي چيو، ”ٻار ناهين تہ هي ڇا پيئي ڪرين؟“
هن ڇرڪي نهاريو تہ سيئي مٿس کلي رهيا هئا سواءِ طارق خان جي. هوءَ ڦڪي تي اتي تہ طارق خان چيو، ”سچ بہ، هتي اسين جيترا بہ آهيون جان بيبي انھن سڀني ۾ ننڍي آهي.“
وري سڀني ۾ نهاري طارق خان چيو، ”يلا سمنڊ ڏنوَ يا ڏسندؤ؟“
جان بيبيءَ ڪانسواءِ ٻين سڀني چيو، ”بس هاڻي هلو.“
طارق خان جان بيبيءَ کان پڇيو، ”اوهان ڇا ٿا چئو؟“
”بس هلو....“
طارق خان واچ ۾ نهاري چيو، ”ماني هتي کائيندا يا اڳتي؟“
مهراب خان پنھنجي واچ ۾ نهاري چيو، ”بہ پيا ٽين پر بک ڪانهي، ناشتو بہ تہ وڏو ڪيو هيوسين.“
شهناز چيو، ”اڳتي هلي کائجي!“
طارق خان مرڪي چيو، ”هي بہ عجيب طريقو آهي. مهمان کان اڳ ميزبان جواب ڏي.“
شهناز کلي چيو، ”ادا مهراب خان تہ چيو آهي.“
طارق خان چيو، ”رڳو مهراب خان ئي تہ ناهي!“

مهراب خان ٽهڪ ڏنو تہ تاج بيبي ۽ جان بيبيءَ چيو، ”اسان کي بہ بڪ ناهي.“

طارق خان ڊرائيونگ سيٽ تي ويهندي چيو، ”چگو گاڏيءَ ۾ ويهو، هاڻي منهنجي مرضي هلندي.“

سيئي گاڏيءَ ۾ وينا تہ شهناز چيو، ”ڪيڏانهن ٿا هلو؟“

طارق خان کلي چيو، ”ٻڌائڻو ناهي.“

مهراب خان کلي چيو، ”واڳ ڏٺي تنهجي وس...“

طارق خان ٽهڪ ڏيئي چيو، ”ها بلڪل.“

۽ گاڏي جڏهن طارق روڊ تي اچي بيٺي تہ مهراب خان کلي چيو، ”هيءُ روڊ ئي طارق خان جي نالي تي آهي!!“

شهناز ٽهڪ ڏنو. جان بيبي حيرانيءَ مان ڏسڻ لڳي. تاج بيبيءَ چيو، ”اهو وري ڪيئن؟“

مهراب خان کلي چيو، ”هي آهي طارق روڊ.“

تاج بيبيءَ حيران ٿي چيو ”سچي!!“

طارق خان ٽهڪ ڏيئي چيو، ”مهراب خان کي تہ آهي اوهان کي تنگ ڪرڻو، باقي هي واقعي طارق روڊ آهي پر منهنجي نالي تي نہ، هي ڪراچي شهر آهي هتي اسان جي محسنن ۽ هيرن جي نالي تي بہ روڊ ناهن، باقي ٻاهران آيلن جي ٽڪي ٽڪي واري ماڻهوءَ جي نالن پويان روڊ ۽ علائقا منسوب آهن.“

مهراب خان چيو، ”طارق خان، هتي جي تو وارا صحافي دوست هجن تہ جيڪر هن موضوع تي سنو ڳالهائين.“

جان بيبيءَ چيو، ”۽ ادا جبار بہ....“

طارق خان مرڪي ڏانهنس نهاري چيو، ”۽ اوهان؟“

”منهنجي معلومات ايتري ناهي پر ادا جبار ٻڌايو آهي تہ هتي جيڪو لطيف بادشاهہ جي نالي پويان روڊ منسوب ڪيو ويو آهي، اهو بہ هڪڙي ننڍي گليءَ جو غير اهم روڊ آهي تہ پوءِ ٻيو ڇا چئجي؟“

طارق خان هن ننڍڙي خوبصورت ڇوڪريءَ جي خوبصورت ذهن تي حيران ٿيڻ لڳو.

”جان بيبي، توکي سياست سان دلچسپي آهي؟“

جان بيبيءَ مرڪي چيو، ”هي تہ سياست ناهي، جياپو آهي، پنهنجي وجود جي هئڻ لاءِ پتوڙ آهي؟“

طارق خان متاثر ٿي چيو، ”واهہ واهہ، ڪمال ڪري ڇڏيو.“

گاڏيءَ مان لهندي طارق خان مهراب کي ڏسي چيو، ”مهراب خان، اسان جي عورت وڏيڪ سجاڳ آهي پر....“

شهناز کلي چيو، ”پر، ان کي تعليم نہ ڏياري پاڻ پوئتي ڪيو اٿوَ.“

طارق خان سنجيده ٿي چيو، ”واقعي اهو سچ آهي.“

۽ سيئي گاڏيءَ مان لهي پيا. اڳيان هڪ وڏو شاپنگ سينٽر هو. شهناز، تاج بيبي ۽ جان بيبي کي وٺي اندر آئي. جان بيبيءَ تہ جڻ ڪو خواب پي ڏٺو. ڪپڙن، جوتن، زيورن ۽ ڪاسميٽڪس جا جرڪندڙ ۽ چمڪندڙ دڪان، ڏينهن جو بہ هيوي لائيٽس ايڏيون جو سج وانگيان روشني اکين کي پي لڳي. طارق خان شاندار انداز ۾ هلندو آهستي آهستي چيزون ڏسندو جان بيبيءَ وٽ آيو.

”ڇا خريد ڪرڻو اٿوَ؟“

جان بيبيءَ چرڪي ڪيس ڏٺو، ”ڪجهہ بہ نہ.“

”ڇو ڪجهہ بہ نہ، خريداري تہ ضرور ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻي آهي سيني کي، اوهان بہ پلي گهمي ڦري پنهنجي پسند جون چيزون ڏسو!“

جان بيبيءَ ڏٺو تہ مهراب خان تاج بيبي ۽ شهناز مختلف هنڌن تي چيزون ڏسي رهيا هئا. جان بيبي جوتن جي هڪ اسٽال تي اچي بيٺي. طارق خان هڪڙو ڪاري رنگ جو نازڪ نازڪ پٽين وارو خوبصورت سينڊل کيس ڏيندي چيو، ”هي پائي ڏسو.“

جان بيبيءَ پاڻ کي بلندين تي پاسيو. طارق خان چيو، ”پايو تہ سهي.“

جان بيبيءَ پنهنجو پاٽل سينڊل لاهي طارق خان جو ڏنل سينڊل پاتو تہ طارق خان حيرانيءَ مان ڏسڻ لڳو تہ پيرن جي خوبصورتيءَ سينڊل کي ڪيڏو اعليٰ ۽ خوبصورت بنائي ڇڏيو هو.

”پورو آهي نہ؟“

جان بيبيءَ پيرن کي اڳيان پويان ڏسي حيرت مان چيو، ”اڙي، هي تہ بلڪل پورو آهي.“

طارق خان کلي چيو، ”اسان جو اندازو ڪيئن ٿا پانيو؟“

جان بيبيءَ مرڪيو تہ طارق خان سندس ڊنڊ جهڙين گهرين اکين ۾ نهاري چيو،

”هيءَ تہ منهنجي پسند آهي، هاڻي اوهان پاڻ پسند ڪريو.“

جان بيبيءَ شرمائي چيو، ”نہ بس، بيو نہ.....“

طارق خان مرڪي چيو، ”سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. مان اوهان جي پسند بہ تہ ڏسان، مهرباني ڪري اوهان پنهنجي پسند ٻڌايو نہ تہ مان وري بہ پنهنجي پسند تي وٺندس.“

جان بيبي مشڪل ۾ پئجي ويئي تہ ڇا ڪري. مهراب خان وارا بہ اتي ئي آيا.

شهناز ايندي ساڻ چيو، ”واهہ واهہ زبردست، هتي تہ عاليشان ڊزائين جا جوتا آهن، اسين تہ خوامخواهہ ٻي پاسي وياسين.“

تاج بيبيءَ اچي پڇيو ”جاني، توڪي ڪهڙو ڊزائين ٿو وڻي؟“

طارق خان بظاهر تہ مهراب خان سان ڳالهائي رهيو هو پر سندس ڌيان انهن ڏانهن هو. جان بيبي ايئن ئي سمجهي رهي هئي تہ هو مهراب خان سان ڳالهين ۾ مشغول آهي، سو تاج بيبيءَ سان گڏ پنهنجي پسند جا جوتا ۽ چپل ڏسڻ لڳي، هڪڙو ناسي رنگ جو جالي دار سينڊل ڪڍي پائي چيائين، ”تاجي، سنو آهي.“

طارق خان هڪدم وٺن اچي مرڪي چيو، ”واقعي لاجواب آهي.“

۽ هڪڙو ڪريم ڪلر جو خوبصورت چمپل ڪڍي ان جو نمبر ڏسي ان کي بہ پيڪ ڪرڻ جو چيائين، تاج بيبيءَ ۽ شهناز بہ پنهنجي پسند جا جوتا پيڪ ڪرايا تہ طارق خان ڪائونٽر تي اچي پئسا ڏيڻ لڳو. اهو ڏسي هن پنهنجو پرس ڪولي تاج بيبيءَ کي نوٽ هٿي چيو، ”هرڪو پنهنجا پئسا پاڻ ڏي نہ.“

اهو ٻڌي طارق خان ٺهڪ ڏيئي چيو، ”گهر هلي حساب ڪتاب ڪنداسين.“

۽ ايئن ئي جوتن، ڪپڙن، خوشبوئن ۽ ميڪ اپ وغيره جي سامانن سان سٽجي سيئي اچي گاڏي ۾ ويٺا تہ طارق خان وري بہ شاپنگ سينٽر ڏانهن ويندي چيو، ”مان اچان ٿو.“

۽ ڪجهہ دير ڪان پوءِ هو موٽي آيو تہ شهناز چيو، ”ڇا ٿيو، ڪا چيز رهجي ويئي هئي ڇا؟“

طارق خان گاڏي اسٽارٽ ڪري سائيڊ مرر ۾ ڏسندي چيو، ”ڪجهہ بہ نہ.“

مهراب خان کي ڏسي چيائين، ”هاڻي تہ بک لڳي هوندي نہ؟“

مهراب خان ٺهڪ ڏيئي چيو، ”بلڪل، هاڻي تہ برداشت ڪان ٻاهر آهي.“

ان تي سيني کلي ڏنو ۽ گاڏي هڪ وڏي هوٽل اڳيان اچي بيٺي. ڪاڏو ڪائي ٻاهر نڪتا تہ طارق خان چيو،

”هاڻي ڪيڏانهن هلون؟“

مهراب خان واچ ۾ ڏسي چيو، ”شام جا پنج پيا ٿين هاڻي گهر هلنداسين.“

طارق خان کلي پنيان سيٽن ڏانهن نهاري چيو، ”معزز خواتين، اوهان جي ڇا راءِ آهي؟“

جان بيبيءَ مشڪيو تہ تاج بيبيءَ کلي چيو، ”جيڪا اوهان ٻنهي قابل عزت مردن جي مرضي.“

ان تي سيئي ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. طارق خان کلي چيو، ”اڄ پهريون ڀيرو ادي تاجان گفتگو ۾ ڀرو ورتو ۽ مزو اچي ويو.“

گهر پهتا تہ مايون ڊوڙي آيون ۽ سامانن جا پيڪيٽ ۽ بڪس ڪٽي اندر رکيائيون، ورانڊي ۾ اچي سيني پنهنجا شاپر کوليا. هرڪو پنهنجي پسند تي فخر ڪري رهيو هو. جان بيبي ماٺ هئي.

تاج بيبيءَ چيو، ”جانيءَ جي پسند سيني کان سٺي آهي.“
طارق خان پنهنجي پسند جون چيزون ڏار ڪندي چيو، ”هي سڀ منهنجي پسند آهي ۽ ٻي جان بيبيءَ جي......“
اهو ڏسي شهناز جي منهن جو پنو لهي ويو، جنهن کي لڪائڻ لاءِ چيائين، ”اڪو، الائي ڪيئن ٿيو هوندو؟“
شموءَ ڪلي چيو، ”جيجي اڪبر اسان سان ايئن تہ نهي ويو، جو سڄو ڏينهن خوش گذاريائين. اوهان کي تہ اصل ياد ئي نہ ڪيائين، هاڻي ستو آهي.“
”پوءِ بہ ڏسان تہ سهي پنهنجي پٽڙي کي.“
مهراب خان سامانن کي ڏسي چيو، ”وڏو خرچ ڪيو اٿئي طارق خان؟“
”يار پيسي جي ڪهڙي اهميت آهي، اوهان جهڙا مهمان بہ تہ روز روز نہ ايندا آهن.“
۽ پنهنجي کيسي مان بہ ننڍيون دٻيون ڪڍي هڪڙي کولي ان مان ڳاڙهن ٻڙن واري منڊي ڪڍي تاج بيبيءَ کي ڏيندي چيائين، ”ادي، هيءَ اوهان لاءِ.“
تاج بيبيءَ مهراب خان ڏانهن نهاريو تہ مهراب خان چيو، ”طارق خان، اها بيواجبي آهي.“
”تون خاموش ٿي تنهنجي لاءِ ناهي، باقي ادي تاجان کي انڪار ڪرڻ نہ کپي.“
تاج بيبيءَ منڊي وٺي چيو، ادا، هي تہ سراسر......“
طارق خان کيس ڳالهائڻ نہ ڏنو، ”ادي، ماٺ ۾ پايو بس.“
۽ ٻي دٻي کولي ان مان سفيد موتي ۽ پر ۾ ننڍڙا زرقون لڳل هڪ نهايت نازڪ ۽ پياري منڊي ڪڍي جان بيبيءَ کي ڏيندي چيو، ”هي اوهان لاءِ، پر هينئر پائي ڏيکاريو.“
جان بيبي پنهنجا هٿ پويان ڪندي چيو، ”نہ نہ هرگز نہ، هيءَ

تہ تمام قيمتي آهي.“

طارق خان کلي چيو، ”قيمت چيز جي نہ پر وقت ۽ جذبي جي ٿيندي آهي، اوهان جي هن کي قبول ڪيو تہ معنيٰ ان جي قيمت وصول ٿي ۽ جذبي خراج پاتو نہ تہ ٻيءَ صورت ۾ هيءَ منهنجي اڳيان اڇلائڻ جي قابل ٿي پوندي.“

جان بيبي طارق خان جي آواز جي سحر ۾ وڪوڙجي ويئي ۽ ڪائنس منڊي وٺي انهيءَ مهل پنهنجي سفيد نازڪ خوبصورت آڱر ۾ پاتي تہ طارق خان مرڪي ايئن ڪيس ڏٺو ڄڻ سندس مهرباني مڃيندو هجي. وري پنهنجي کيسي مان ٻي دٻي ڪڍي چيو، ”هي شهناز لاءِ آهي.“

جان بيبيءَ کي شهناز تي رشڪ اچڻ لڳو، طارق خان نازو کي چيو، ”نازو، شهناز کي وٺي اچ.“

شهناز آئي تہ طارق خان ڪيس منڊي ڏيئي چيو، ”هيءَ تنهنجي لاءِ آهي.“

”ڪهڙي خوشيءَ ۾؟“

تاج بيبيءَ پنهنجو ۽ جان بيبيءَ جو هٿ ڏيکاري چيو، ”ادي هي ڏس، ادا طارق خان ڪيڏا خرچ ۽ تڪليفون ڪيون آهن؟“

شهناز منڊيون ڏسي ڪوبہ اظهار نہ ڪيو، البتہ پنهنجي هٿ ۾ جهليل منڊي ميز تي رکيائين تہ مهراب خان چيو، ”ادي، تون بہ پاءِ تہ ڏسون ڪيئن ٿي لڳي.“

شهناز پنهنجا منڊين مان پريل هٿ ڏيکاري چيو، ”ادا، پاتل اٿم نہ.“

”نہ، هيءَ پائي ڏيکار تہ طارق خان خوش ٿئي!“

اڪبر جي روئڻ تي شهناز اٿي هلي وئي ۽ منڊي اتيئي رکيل رهي، جيڪا طارق خان کڻي پنهنجي کيسي ۾ رکندي چيو، ”هاڻي يلا چانهہ ڪافي هلي نہ.“

مهراب خان کلي چيو، ”يار، چانهيون، مانيون کوڙ کاڌيون
اٿئون، هاڻي ٿورو آرام ڪرڻ گهرجي.“
جان بيبيءَ چيو، ”سياڻي ته گهر هلبو نه؟!“
طارق خان چيو، ”سياڻي نه پرينهن.“
مهراب خان چيو، ”نه يار، سياڻي مون وٽ فيصلو آهي مان ته
ويندس.“
جان بيبيءَ سڪون جو ساهه کنيو ته طارق خان کلي چيو،
”جان بيبيءَ ساهه ته ايئن کنيو آهي، ڄڻ سندس سزا ۾ ڪمي ڪري
ڪيس آزاد ڪيو ويو هجي.“
رات جو سڄي رات خوب ڪچهريون ڪيائون، صبح جو
سويل ناشتو ڪري وڃڻ لاءِ تيار ٿيا. شهناز سان موڪلائيندي جان
بيبيءَ چيو، ”ادي، تون ته اسان سان گڏجي هل نه.“
”هاڻي ئي اتان ٿي آئي آهيان.“
”اهو ته ادا مهراب خان جو گهر هو.“
”اوهان وٽ به ضرور اچبو.“
طارق خان شمو ۽ حوا لاءِ به ڪپڙا وغيره ورتا هئا. اهي ڪين
ڏنائين ته اهي ٻئي هٿ مٿي ڪري دعائون ڏيڻ لڳيون. طارق خان
پنهنجي گاڏيءَ ڏانهن ٿي وڌيو ته مهراب خان چيو،
”نه يار، هاڻي اها تڪليف نه ڪر.“
طارق خان حيران ٿي پڇيو، ”ڪهڙي تڪليف؟“
”اها ئي ته هتان اسان سان گڏجي هلين ۽ واپسيءَ ۾ اڪيلو
اچين. منهنجي گاڏي به وڏي آهي سيئي پورا ٿي ويندا سين.“
”ايئن وري ڪيئن ٿيندو؟“
”يار، اسان وارو اهو جبلن جو سفر ڏاڍو اٽانگو آهي، سو اها
مون تي مهرباني ڪر، هاڻي اسين پاڻهي ويندا سين.“
”جبلن جي اٽانگي سفر جي روئداد ٻڌائڻ کان اڳ اهو به ته

سوچين ها تہ آءٌ گهٽا چڪر هڻندو آهيان تو وٽان؟ مون لاءِ تنهنجو گهر مڪراڻ بہ مٿيون آهن.“

ان تان سيئي ڪلڻ لڳا تہ علوءَ اچي چيو، ”سرڪار، مختيار خان ۽ امداد خان وارا آيا آهن.“

مهراب خان چيو، ”هاڻي اسان کي بہ ڪلي موڪل ڏي، تو کي بہ هتي هزارين ڪم آهن.“

طارق خان سيني ڏانهن نهاري چيو، ”هيءُ بہ عجيب زبردستي آهي.“

تاج بيبيءَ چيو، ”ادا، سردار صحيح ٿو چوي، هينئر بہ ڏسو اوهان لاءِ ماڻهو آيا آهن.“

”ماڻهن جو چاهي اهي تہ پيا ايندا.“

مهراب خان سيني کي اشاري سان پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويهڻ جو چيو تہ اهي سيئي طارق خان ۽ شهناز کان موڪلائي مهراب خان جي پيجيرو ۾ اچي ويٺيون. مهراب خان گاڏي اسٽارٽ ڪري ڪيس سلام ڪيو ۽ گاڏي گيٽ مان نڪري ويئي ۽ طارق خان آهستي آهستي وکون کڻندو اوطاق ڏانهن هليو ويو.

## باب ٽيون

گهر پهچي جان بيبيءَ کي ايئن لڳو ڇڻ هوءَ پنهنجو سڀ ڪجهه ڪراچيءَ ۾ وساري آئي آهي، هن سوچيو، ’گهر ڏانهن اچڻ جي تڪڙ به ته مون پاڻ ئي ڪئي هئي.‘ وري ويچاريائين. ’اتي رهڻ به ڪيڏو امتحان هو مون لاءِ! هڪ هڪ پل سندس نظرن جي حصار ۾ رهندي به ڪائنس ڪيترو پري هيس. مون ته ڪيس پنهنجو ڪيو آهي پر هو منهنجو ناهي! هو شاديءَ وارو آهي، ٻي ڪنهن جي ملڪيت آهي جنهن کي مان پنهنجو پئي سمجهان. اهو احساس ئي ڏنگڻ لاءِ ڪافي آهي ته پرائي شئي کي اندر ۾، دل ۾ ويهاريم. ڪيڏي غلطي ٿي وئي آهي مون کان، پر اهو ته سڀ اڻڄاڻائيءَ مان ٿي ويو، منهنجو ڪهڙو ڏوهه؟ پر ڪي اڻڄاڻائيءَ مان ڪيل غلطيون ۽ ڏوهه سڄي ڄمار لاءِ ناسور ٿي پوندا آهن، شايد اها ئي اڻڄاڻائيءَ ۾ پيار ڪرڻ واري غلطي منهنجي لاءِ به عمر ساريءَ جو ناسور بڻجي ويندي!!‘ طارق خان جي يادن ڪيس درماندو ڪري ڇڏيو. مان ڇا ڪريان؟ اڻ ٽيٽي جڏهن ٿي ويندي آهي تڏهن سڀ ڪجهه ڊانوانڊول ٿي پوندو آهي، ڪابه ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي آهي. سندس سامهون طارق خان جي شاندار ۽ وجيهه شخصيت اچي وئي. هن مرڪي ڏنو.

’ڀلا هيڏي خوبصورت ۽ شاندار ماڻهوءَ کي ڏسي ڪير پنهنجي دل کي ڪيس ڇاهڻ کان جهلي سگهندو! واقعي سچ چيو اٿن ته، ڇوڪريءَ جي دل ۾ هڪڙو لڪل دروازو ٿيندو آهي، جنهن کي هوءَ پنهنجي پسنديده مرد لاءِ کوليندي آهي سو، مون به خوبصورت، باوقار، شاندار ۽ ذهين طارق خان لاءِ دل جو اهو خفيه دروازو کولي ڇڏيو آهي ۽ هو ڏاڪو ڏاڪو چڙهندو دل جي اونهاين تائين پهچي ويو آهي ۽ جڏهن مون تي انڪشاف ٿيو ته، مون کي محبت ٿي وئي آهي ته، مون ڪيڏو رنو هو. رنو ان لاءِ هيم ته مون جنهن ماڳ

ڏانهن وڪ وڌائي آهي ان جي مارڳ جو ڪو پتو ڪو نشان ڪونهي ۽ ڏک اهو تہ اهو سچو هڪ طرفو معاملو آهي. محبتون وڏا سور، درد ۽ گهاءَ تيون ڏين، روح ۾ گهارا تا پئجي وڃن. ٻي ڪنهن ماڻهوءَ سان جڏهن بحث ڪبو آهي تہ ان اڳيان ابتا سبتا دليل ڏيئي اونڌيون ابتيون ڳالهيون ۽ مثال ڏيئي پڇي ونبو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ ڏوهي هوندي بہ پاڻ کي بي ڏوهي ثابت ڪرڻ ۾ ماڻهو ڪامياب ٿي ويندو آهي، پر جڏهن پاڻ سان پاڻ بحث ۽ تڪرار ڪجي تہ پوءِ اهو ڏاڍو تڪليف ده ۽ تڪائيندڙ هوندو آهي.' اڄ جان بيبيءَ کي بہ پاڻ سان بحث تڪرار هو، جنهن ۾ هوءَ ورچي پئي هئي، ان جي باوجود بہ هوءَ پاڻ کي بي ڏوهي ثابت ڪري نہ سگهي هئي! جنهن مهل کان مهراب خان ڪيس گهر پهچائي ويو آهي تنهن مهل کان وٺي هوءَ پاڻ کي هڪ پل بہ سوچن واري ويڙهہ کان آجي رکي نہ سگهي آهي. ماءُ پيءَ ۽ ڀائرن سان ملي ۽ ساڻن خير خيريت ڪرڻ کان پوءِ جيئن هو پنهنجي ڪمري ۾ آئي تہ ڪيس اڇي رات جا ڏهہ ٿيا هئا ۽ اهو سڄو وقت هن سوچن ۾ گذاريو هو. شمو ڪمري ۾ آئي تہ هوءَ سوچن ۾ الوٽ، پينگهي ۾ ليٽيل هئي. شموءَ حيرانيءَ مان چيو، "جيجي، تون جاڳين پئي؟"

"ڇاهي؟" جان بيبيءَ ڇرڪي پڇيو.

"جيجي اميران موڪليو اٿم تہ وڃي ڏس جي جاڳي ٿي تہ ڪاڏي لاءِ وٺي اچينس، پر تون تہ ستي ئي ناهين!"

شموءَ پنهنجون نندڙيون اکيون مهٽيندي چيو، "آءٌ تہ جيجي ايندي ساڻ جيئن اچي ستي آهيان تہ هينئر ملوڪان ۽ ختوءَ گهلي اٿاريو اٿم."

جان بيبي رڳو ڪيس حيرت مان تڪي رهي هئي تہ شموءَ چيو، "جيجي، جيجي اميران کي ڪهڙي ورندي ڏيان؟"

"چوينس تہ بک ڪانهي،" جان بيبيءَ لاپرواهيءَ مان چيو.

"پر جيجي اميران ڪونہ مڃيندي وري بہ مون کي موڪليندي." شموءَ ويندي چيو تہ جان بيبيءَ چيس، "پوءِ نيڪ آهي، مان اچان ٿي."

هوءَ پينگهي مان اٿي واش روم ۾ اچي پاڻ کي آرسيءَ ۾ ڏسڻ لڳي. سندس خوبصورت چهرو ٿڪل ۽ ڪوماڻيل هو، اوچتو آرسيءَ مان طارق خان جو چهرو اڀريو. هن ڇرڪي پويان نهاريو ڪيس اهو منظر ياد آيو جڏهن سندس گهر ۾ هو ڪيس آرسيءَ ۾ ڏسي رهيو هو. هوءَ ٿڌي پاڻيءَ جا ٻڪ ڀري چهري تي اڇلائڻ لڳي، پيرن کي نل هيٺان رکي ڇڏيائين، ٿڌو پاڻي سندس گرم پيرن تي پوندو رهيو، ڪيس ڏاڍي گرمي محسوس ٿي رهي هئي. ڪمري ۾ اچي هٿ منهن اگهي سوچڻ لڳي، امان ايئن نه ڇڏيندي ۽ ماءُ جي ڪمري ۾ هلي آئي.

”پٽ، اسان سڀني سويل ماني کاڌي آهي، توکي ان ڪري نه سڏيم ته ڀلي آرام ڪري وٺ.“ وري سندس منهن ۾ نهاري چيائين، ”پر تون ته ستي ئي ناهين شايد!!“

”ها امان، ننڊ ئي نه آئي بس، ليٽي هيس ۽ بک به اڃان تائين ناهي لڳي.“

”پٽ، ٿورو گهڻو مڙيئي ڪجهه کاءُ، اَن واتي تيءُ.“

”نه امان ذرو به نٿو وڻي.“

شموءَ چيو، ”مني، ڪجهه ته کاءُ، اَن آهي ته ايمان آهي.“

جان بيبيءَ ڪيس ڪو جواب نه ڏنو ته امير بيبيءَ چيو، ”ڀلا پوءِ کير ئي ڪٽي پي ڇڏ.“

”نيڪ آهي امان، پر اهو به هينئر نه، دير سان.“

”دير وري ڪهڙي، اڃان به جاڳنديءَ ڇا بس کير پي سمهي پئو.“

”نيڪ آهي امان.“

”ختو، جانيءَ لاءِ کير آڻي ڏي.“

”امان هتي نه مان پنهنجي ڪمري ۾ پيئندس.“

”نه، پنهنجي ڪمري ۾ الائي پيئين يا نه، هتي منهنجي سامهون پيءُ ته مون کي آرام اچي.“

”امان، سچي به پيئندس.“

”سچي ٻچي ڪونهي، هتي پيءُ.“

”ڪير ۾ ڇا آهي امان، مسئلو بنجي ويو آهي. ڇيم نه ته پيئندس هينئر نتو وٺي.“

”ٺيڪ آهي، تو ڪٽيو مون هارايو. ختو، ڪير جانيءَ جي ڪمري ۾ رک. شمو، تون ته جانيءَ وٽ ٿي سمهين سو يادگيريءَ سان ڪير پيارجانس ماني به نه کاڌي اٿس.“

جان بيبي پنهنجي ڪمري ۾ آئي، ختو ڪير رکي هلي وئي هئي. شموءَ ٻاهران اچي پنهنجو وهاڻو قالين تي اڇلايو. جان بيبيءَ کي ڪتابن جي شيلف وٽ بينل ڏسي چيائين، ”جيجي، مهرباني ڪري ڪير پي آرام ڪر، نه ته صبح جو جيجي اميران مون کي ڳالهائيندي!“

”ٺيڪ آهي پيئندس، تون سمهي پئو.“

”منهنجو ڇا آهي، هينئر جو هينئر سمهي پونديس، الله سائين توکي شل آرام ڏي..... اڳ چوندا هئا ته ماڻهو کي سوليءَ ۾ ڪندن تي به ننڊ ايندي آهي پر توکي ته!“

جان بيبي بڪ شيلف ۾ اچي ڪيسٽيون ڏسڻ لڳي. محمد جمن جي ڪيسٽ ڪڍي ڪيسٽ پليئر ۾ وجهي آن ڪيائين، ”ڪندي سا ڪيئن قرار، جيڏيون جن جو جيئڙو جتن سين.....“

جان بيبيءَ جا لڙڪ ڳلن تان ڳڙڻ لڳا، سندس هانءُ سڏڪڻ لڳو. هن هڪدم ڪيسيٽ پليئر آف ڪيو. شمو ستي پئي هئي ۽ سندس ڪونگهرن جو هلڪو شور ڪمري جي سانت ۾ ٻُري رهيو هو. هن لائيٽ آف ڪئي ۽ پلنگ تي اچي پرواري ليمپ آن ڪيائين ۽ شاهه جو رسالو پڙهڻ لڳي:

نيڻ نه ننڊون ڪن، پيڳو آرس اکڙين،
اجهاميو ٻرن، توکي ساريو سپرين.

سندس نيڻ زاروزار روئڻ لڳا:

ڪڪر منجهه ڪپار، جهڙ نيڻئون نه لهي،
آءُ سڄڻ لهه سار، وره وڪوڙي آهيان.

هوءَ سڏڪن سان روئڻ لڳي، ٻانهن ڊگهي ڪري ليمپ آف ڪيائين ته پنهنجي آڳر ۾ پيل طارق خان جي منڊيءَ تي نظر پيس.

منديءَ تي چپ رکي وهاڻي ۾ منهن ڏيئي سڏڪڻ لڳي:

ستي سنيريوم، ڪو ڳڻ ٻاروچن جو،
ڪنڌ وهاڻو ڀنو، هريو هٿ ٿيوم،
سڄڻ ياد پيوم، جاڙ جيان تي جيڏيون.

سڄي رات سندس لڙڪن مان وهاڻو پسجندو رهيو، پنهنجي روئڻ جي سبب کان هوءَ پاڻ بہ واقف نہ هئي. سمجهہ کان ٻاهر هو سندس روئڻ، ڪڏهن پيلا طارق خان ڪي وعدا وچن ڪيا هئا؟ ڪڏهن هن مون کي پنهنجي دل جا حال ٻڌايا هئا! ڪجهہ بہ تہ نہ! بس، مان مڙئي سڙيئي سندس ويجهو اچي ويس. جنهن جي هن کي خبر بہ ناهي، پکين جي چرچر ۽ ڪڪڙن جي ٻانگن، ماڻهن جي ٻانگن کان اڳ اعلان ڪيو تہ پرهہ ڦٽي ويئي آهي. سهائي محسوس ڪري جان ٻيبي پنهنجون اکيون کولي حسب معمول پنهنجي منقش ڇت ڏانهن نهاري آرس ڀڃي اٿي. اڃان اوندهہ هئي، هوءَ پنهنجي ڪمري مان نڪري ورانڊو ٽپي ٻاهر اڱڻ ۾ اچي وڏا وڏا ساهہ کڻڻ لڳي. اندر ۾ تمام گهٽي گهٽ ۽ ٻوسٽ پي محسوس ڪيائين. هرڻن جي ڪونين وٽ آئي، هرڻ ڪيس سويل ڏسي حيرت مان تکي رهيا هئا. آميءَ جي مٿس نظر پئجي وئي جيڪا ٻاهر رکيل گهڙاونجيءَ تي گهڙا ڀري رکي رهي هئي، وٽس اچي چيائين، جيجي، اڃان تہ ٻانگ بہ نہ ٿي آهي، ايترو سويل ڇو اٿي آهين؟"

ويجهو اچي چيائين، "طبيعت تہ ٺيڪ اٿئي نہ، شمو ڪٿي آهي جيجي؟"

"شمو ستي پئي آهي، مون کي الائي ڇو ننڊ نہ آئي."

"جيجي، ڪلهہ کان جيئن ڪراچيءَ مان آئي آهين ايئن ئي منڌل آهين، ماڻهو گهمي ڦري خوش ٿي ٿا موٽن ۽ تون!؟"

"آمي، طارق خان جو اسان سان ڪهڙو سڱ آهي؟"

"الائي، جيجي، مون کي خبر ڪانهي، شموءَ کي خبر هوندي اها ئي ايندي ويندي آهي اوڏانهن." شمو ننڊاکڙين اکين سان وار ڪنهندي گهٻرايل آئي، "ائي، جيجي جانل تون هتي آهين!! منهنجي

تہ ساھہ ئي ڳڙي ويئي هئي تنهنجو خالي هنڌ ڏسي، اجان تہ صبح ۾ دير آهي. هل هلي آرام ڪر.“
”شمو، طارق خان امان جو چا ٿئي؟“
”جيجي، مون کي بہ جيجي اميران جي خاندان جي گهڻي خبر ناهي پر سائين طارق خان جيجي اميران جي ماروٽ جو پٽ آهي. وڌيڪ تون پاڻ جيجي اميران کان پڇجين.“
جان بيبيءَ جي بيچينيءَ جو انت ئي نہ هو، ڪيس ڪنهن بہ بهاني ۽ طريقي سان آرام نٿي آيو. سڪون جي تلاش ۾ بي مقصد هتان ڪان هتان پي آئي ويئي.
ڪانئين جون پريون پنيءَ تي ڪٽي اچي رڌڻي جي پر ۾ اچلائي ربوءَ ۽ ياروءَ جي نظر جان بيبيءَ تي پئجي ويئي تہ هو ڪيس حيرت مان ڏسڻ لڳا. شموءَ جي نظر مٿن پئجي ويئي تہ دڙڪو ڏيئي چيائين، ”آهي چا، ڪانئون رکيوَ هاڻي هلو، ٻاهر نڪرو.“
يارو تہ ڊپ مان ڊوڙ ڪري وڃي گيٽ وٽ بيٺو، ربوءَ بہ گيٽ ڏانهن ويندي آهستي چيو، ”ماسي آمي، او ماسي آمي!“
”چاهي؟“ آميءَ گهڙو رکي وٽس ايندي چيو، جيڪي جان بيبيءَ کي اندر ويندي ڏسي رهيا هئا.
”جيجي جانل آهي نہ؟“
”ها پوءِ؟“
”خير تہ آهي نہ؟“
”ها خير آهي.“
”پوءِ سويل چو اٿي آهي؟“
”الائي چو، مون کي خبر ناهي، الائي متي ۾ سور اٿس الائي چا.“
آمي گهڙو ڪٽي ويئي تہ ملوڪان رڌڻي مان ٻاهر نڪري چيو، ”ربو، توکي ڪهڙي ”جت پت“ لڳي آهي؟“
ربوءَ ڪيس ڏسي خوشيءَ مان ٽڙندي چيو، ”اڙي، اڙي منهنجي مومل، منهنجي راڻي تہ هتي بيٺي آهي، آءٌ مڙيئي پيو ٻين

جا ٻوٽ تڪيان ۾ ڳالهايان.“
ربو، ملوڪان کي ڏسي نري پيو. ملوڪان شرمائڻ جي ايڪٽنگ ڪندي چيو، ”ڪلهه مون توکي سوپاريون آڻڻ جو چيو هو اهي ڪونه آنديئي چو؟“
”ڪلهه ته هٽ تي ئي نه هيون منهنجي مني، اڄ آٽيندس پر مان جڏهن به گيٽ تي ڪڙڪو ٿو ڪريان ته سيئي ڪوڳيون ٿيون ڊوڙن، تون چو نٿي گيٽ کولڻ اچين؟“
”جيجي اميران جو حڪم آهي ته گيٽ تي نندڙيون نه وڃن. هوءَ اسان ننڍين کي گيٽ تي وڃڻ نٿي ڇڏي.“
”پوءِ پلي آءٌ پنهنجي ملوڪڙيءَ لاءِ سڪي سڪي مري وڃان؟“
اوچتو ختوءَ اچي ٺهڪ ڏيئي چيو، ”ڪونه ٿو مرين ٻرين.“
ملوڪان کي پيار مان ڏک هٽي چيائين، ”اڙي ملوڪي، تون به ڪا وڏي بيشرمي آهين، گهوٽ سان پيئي ايئن منهن اگهاڙي ڳالهائين، جيجي اميران ڏنئي ته اهڙا موچڙا هڻنديئي جو ياد رکندينءَ.“
ربوءَ کلي چيو، ”ختو، آهين ته وڏي حرامڙي تون به، پاڻ جڏهن منوءَ سان ٺهڪ ڏيندي مارڪا ڪندي آهين تڏهن ڪو اسين اوهان جي وچ ۾ پوندا آهيون؟“
”ادا، پوڳ ٿي ڪريان ملوڪيءَ سان.“
” “
.....................
”هيءَ وٺ آءٌ اوهان جي وچ مان هٽيو ٿي وڃان، جيئن وڻيوَ تيئن ڪريو.“
”نه نه تون ٻيني هج آءٌ ٿو وڃان هينئر ٿي شمو هچا اچي.“
”ادا ربو، ڏوڪڙ پيسو ڪو گڏ ڪيو اٿئي شاديءَ لاءِ يا سڀ پان ٻيڙيون ڪري ٿو ڇڏين. سائين حمل خان پي تنهنجي شاديءَ جي ڳالهه ڪئي.“
”الله، سائينءَ وارن کي حياتي ڏي مون کي شاديءَ جو فڪر ئي ڪونهي.“
اهو ٻڌي ملوڪان ڦڪي ٿي ڊوڙ ڪري اندر رڌڻي ۾ هلي

وئي تہ ختوءَ کلي چيو، ”ادا ربو، سائينءَ وارن تي بہ هرويرو ايڏو پروسو نہ ڪجانءِ پنهنجي مڙسي ڪم ايندي نہ تہ ڪانگ اڪيون پٽ ۾ هوندئي. سائين حمل خان پاڻ ٽڪوٽڪي تي رکي ٿو ڳٽي!“

ربوءَ ڪان ٺهڪ ٿي نڪتو سو ڪلهي تي رکيل رومال ڪٽي وات تي رکي کل دبائي چيو، ”اهو جي سائينءَ وارن ٻڌو تہ،“

”تون نہ ٻڌائيندي تہ ڪيئن ٻڌندا؟“

آميءَ کي ايندي ڏسي ربوءَ گيٽ ڏانهن مهاڙ ڪئي تہ آميءَ چيو، ”آهي ڇا ربو اجان بينو آهين، توکي هزار پيرا چيو اٿم جيسين تنهنجي شادي نٿي ٿئي تيسين ملوڪان سان نہ ڳالهائيندو ڪر.“

”هينئر ڪٿي آهي ملوڪان. ننديون مايون خاشيون، هي وڏيون ٻڍيون تہ هڏ چڪ ٿيون وجهن.“

”ها ها، ماڻهين ڪان بہ وڏي آهيان پر هاڻي نڪر گيٽ ڪان.“

وري ختو کي رهڙ ڏيندي چيائين، ”هل هيڏي رڌڻي ڏانهن ختو، تون بہ واندي آهين مارڪن لاءِ.“

ختوءَ رڌڻي ڏي ويندي چڙي چيو، ”ها ها، واندي آهيان جو سڄو ڪم تون ٿي ڪرين نہ، هينئر بہ اٿي جا ڊِڳ ڳوهي آئي آهيان.“

آميءَ ساڻس گڏ رڌڻي ۾ ايندي چيو، ”امان چڙو نہ اوهان جي ئي ڀلي لاءِ ٿي چوان. امان ملوڪان، ڀرين هڪڙو ڪوپ چانهہ جو جيجي جانل لاءِ ناهي ڏي تہ وجي ڏيانس.“

وري بہ فڪر مان چيائين، ”الائي ڇا ٿيو اٿس؟“

”ماسي، نظر لڳي اٿس ٻيو ڇا؟“

ملوڪان چلهي تي چانهہ لاءِ ٿورو پاڻي رکندي چيو، ”هئو ماسي، الا نظر لڳي اٿس، سچي بہ جيئن جيجي تاجان جي شادي ٿي آهي جيجي جانل جي اها حالت آهي.“

”هئو، هئو بيشڪ، هئو.“

”ماسي، مسيت واري ملي وٽان ڦيٽو وني آڻي پيارينس.“

”هئو سچي، شڪر ياد ڏياريئي، هينئر تي وني اچان، ڀرين چانهہ تہ ڏيانس.“

ملوڪان تڪڙ مان چانهہ ناهي ڏنس، اها ڪٽي جان بيبيءَ جي ڪمري ۾ آئي تہ شمو ڪيس تيل لڳائي زور ڏيئي رهي هئي. آمي ڪي چيائين، ”آءٌ تہ ٿڪل هيس ليٽنديئي سمهي پيس ۽ هيءَ سڄي رات نہ ستي آهي.“

آميءَ چانهہ ميز تي رکي چيو، ”جيجي، اٿي چانهہ تہ پيءُ.“

جان بيبيءَ اکيون کوليون جيڪي اوجاڳي سبب ڳاڙهيون هيون، جنهن جي ڪري هوءَ وڌيڪ خوبصورت لڳي رهي هئي. آميءَ آهستي شموءَ کي چيو، ”شمو، جيجي جانل کي اڏرو پڏرو نظر آهي. تون جيجيءَ وٽ ويهہ تہ مان مسيت واري ملي وٽان ڦيٽو ۽ نظر جو سڳو وٺي اچان.“

شموءَ خوش ٿي چيو، ”هئو هئو آمي، سنو ٿيو جو تنهنجي دل ۾ اها ڳالهہ آئي. آءٌ تہ سندس حالت ڏسي هڏ ٻاتاڙجي بينوائي تي ويئي آهيان.“

آمي ڪمري کان ٻاهر ٿي نڪتي تہ شموءَ چيو، ”آمي، ملي وٽان نظر جا پليتا بہ وٺيو اچجان.“

”هئو هئو.“

شموءَ چانهہ جو ڪوپ ڪٽي جان بيبيءَ کي ڏنو ۽ هوءَ آهستي آهستي پيئڻ لڳي.

شموءَ جي نظر راتوڪي رکيل کير واري گلاس تي پئجي وئي جيڪو جيئن جو تيئن ڀريو رکيو هو. هوءَ چرڪي پئي ۽ پيار واري ڪاوڙ مان چيائين، ”هاڻي ڏنئي، منهنجي ٿي جٺ ڪرائين.“

جان بيبيءَ شموءَ کي ڏنو تہ شموءَ کير جي ڀريل گلاس ڏي نهاري چيو، ”هي ڇا آهي، کير تہ تو پيتو ئي ڪونہ، هاڻي جيجي اميران مون تي ڪاوڙبي تہ.....!!“

جان بيبيءَ کيس چانهہ جو خالي ڪوپ ڏيندي چيو، ”هاڻ ڪٽي امان جي ڏسڻ کان اڳ ئي تون پي ڇڏ.“

شموءَ ڏڄي چيو، ”نہ جيجي الله نہ ڪري جو آءٌ تنهنجا وِرا (حصا) کائوان.

وڃي ٿي رڌڻي ۾ رکان، لسي ٻسيءَ جي ڪم ۾ اچي ويندو.

باقي خدا نہ ڪري جو جيجي اميران جي متس نظر پوي، پوءِ تہ مون لاءِ رڳو هونديون ڪاوڙون ۽ جنون."

شموءَ جي وڃڻ ڪان پوءِ جان بيبي اٿي ۽ سوچن ۾ غلطان ڪمري ۾ اچ وڃ ڪرڻ لڳي. امير بيبي سندس ڪمري ۾ آئي. ڪيس اداس ڏسي وٽس اچي چيو، "ڇا آهي جاني، اداس ڇو آهين؟"

ماءُ جي آواز تي ڇرڪي نهاريائين. سندس ڳاڙهيون اوجاڳيل اکيون ڏسي امير بيبيءَ گهبرائجي سندس نرڙ تي هٿ رکيو.

"هي ڇا جاني، توکي تہ تپ آهي."

"نہ امان تپ ناهي."

"پوءِ هي اکيون ڳاڙهيون آهن؟"

جان بيبيءَ سوچيو، 'منهنجي اکين جي ڳاڙهاڻ منهنجي اوجاڳن جي ساکي آهي. شاهدي تي ڏي سيني جي اڳيان تہ منهنجي ننڊ رنل آهي. هاڻي تون ئي صلاح ڏي انهن الزامن کان بچڻ لاءِ جيڪي اوس تہ لڳڻا آهن طارق خان!'

جان بيبيءَ کي ماٺ ڏسي امير بيبيءَ چيو، "ماٺ ڇو آهين جاني؟"

جان بيبيءَ سندس سوال کي نظرانداز ڪري چيو، "امان، تون ڪڏهن طارق خان جي گهر ويئي آهين؟"

"نہ پٽ آءٌ ڪڏهن بہ وٽن نہ ويئي آهيان."

"نہ ئي هو اسان وٽ ڪڏهن آيا آهن."

"ها، هو بہ ڪڏهن اسان وٽ نہ آيا آهن."

"ڇو امان، جڏهن تہ ايڏي ويجهي مائٽي بہ آهي."

"پٽ، جڏهن ماڻهو سڳين بندين نٿو ڳنڍجي تہ پوءِ پلي ڪيڏو بہ ويجهو سڳ ڇو نہ هجي ماڻهو هڪ ٻي کان ڏور ۽ پري ٿو ٿيندو وڃي."

جان بيبي اچي پينگهي ۾ ويٺي تہ امير بيبيءَ وري بہ سندس نرڙ تي هٿ رکي چيو،

"تپ واري گوري کائي ڇڏجين."

"امان، تپ ڪونهي سفر جو ٿڪ آهي."

”خدا ڪري تہ تپ نہ هجي باقي وهنجي سهنجي مون وٽ اچ تہ ڦيٽا وجهانءِ.“

”جي امان.“

امير بيبيءَ جي وڃڻ ڪان پوءِ هوءَ اٿي وهنجڻ لاءِ ويئي. آمي پڙهيل پاٽي ۽ پليتا ڪٽي آئي تہ جان بيبي اجان واش روم ۾ هئي. هوءَ ويهي سندس انتظار ڪرڻ لڳي. ٿوري دير ڪان پوءِ هوءَ واش روم مان نڪتي. هلڪي گلابي رنگ جي ڪپڙن ۾ هوءَ گلاب جو گل لڳي رهي هئي. آرسيءَ اڳيان اچي ويٺي تہ آميءَ کيس پڙهيل پاٽي پيئڻ لاءِ ڏيئي هڪڙو پليتو ڪٽي سندس مٿي تان گهوري ڪمري ڪان ٻاهر ويندي چيو، ”ملي چيو آهي تہ پليتو مٿي تان گهمائي ٻاهہ ۾ وجهجو سو آءٌ وڃي ٿي پليتي کي ٻاهہ ۾ وجهان. ماڻ الله فائدو ڏي.“

آميءَ جي وڃڻ ڪان پوءِ هن اٿي ڪبٽ مان طارق خان جي ڏنل منڊي ڪڍي اچي وري آرسيءَ اڳيان ويٺي. هوءَ منڊيءَ کي ڏسڻ لڳي ۽ الائي ڪهڙي جذبي هيٺ هن منڊيءَ تي پنهنجا گلاب رنگ چپ رکي چڏيا ۽ پاڻ کي يادن جي اوڙاهہ ۾ اڇلي ڇڏيائين. سندس من جي اسڪرين تي طارق خان جو جيئرو جاڳندو شاندار وجود گهمندو، ڦرندو، هلندو، ڳالهائيندو، ڪلندو، ٺهڪ ڏيندو نظر اچڻ لڳو. سوچيائين، ”منهنجي ڇريءَ دل کيس پاڻ وٽ رهائڻ لاءِ ڪا هڪ ساعت بہ نہ وڃائي ۽ مان ان ئي اڻ تڻ ۾ هيس تہ اهو ڇا ٿي ويو؟ ڪيئن ٿيو؟ ڇو جو مان تہ هميشہ انهن اجاين ڪمن ڪان پاڻ کي پاسيرو رکيو..... ها، مان پيار کي هميشہ اجايو چوندي هيس! پر هيئن بيوس ٿيڻ اهو بہ پنهنجي دل هٿان.... سڀ ڪجهہ سمجهندي ڄاڻندي تہ پيار لاءِ ڪابہ سيج سجايل ناهي، سيئي واٽون ڪنڊري ٻير جي ڪنڊن منجهان اٽيت آهن، جتي پير بہ اڪيون ٻنجيو پون ۽ اکيون انڌيون ٿيڻ ڪان انڪار ڪري پيرن کي رتوڇاڻ ٿيندي ڏسنديون آهن، پر پوءِ انهن لاءِ گهٽوئي ڪجنديون ۽ جرجال هارينديون آهن تہ من اهو پاٽي پيرن لاءِ پهو بنجي پوي پر اهي لڙڪ تہ ويتر ٻاهہ لڳائي ڇڏيندا آهن ۽ پوءِ پيرن کي اڪيلي

سر اهو ڪندن ۾ ٽانڊن جو سفر پورو ڪرڻو پوندو آهي پر ڪيستائين؟ اهو جواب نہ پير ٽا ڏيڻ نہ اڪيون!!" آمي اندر اچڻ سان پينگهي سان ٽڪرائي، لوڏي تي جان بيبيءَ ڇرڪي نهاريو، آميءَ ڪلي چيو، "جيجي، پينگهي ۾ گوڏو لڳي ويو."

جان بيبيءَ خاموشيءَ سان منڊي پنهنجي آڱر ۾ پاتي تہ آميءَ ڇرڪي چيو، "ائي، آءٌ بہ صفا چٺ آهيان. جيجي، تنهنجي سهيلي زهره جيجي آئي آهي."

جان بيبي ٽپ ڏيئي اٿي. سندس اداسيءَ ڄڻ ويڇو ڪيو. خوش ٿي پڇيائين، "ڪيڏي مهل آئي ڪٿي آهي؟"

"بس صفا هينئر آئي آهي، جيجي اميران جي ڪمري ۾ آهي."

"ڪنهن سان گڏ آئي آهي؟"

"سائين مصطفيٰ خان سان ۽ هڪڙي مائي بہ ساڻن گڏ آهي."

جان بيبيءَ پنهنجا وار ٽوال سان خشڪ ڪري ڦٽي ڏيئي ٽڪڙو ٽڪڙو وارن ۾ ٻڪل ۽ پنون هٽي رئو مٿي تي پائي پنهنجي ماءُ جي ڪمري ۾ آئي جتي سڀ ويٺل هئا. جان بيبيءَ کي ڏسندي ئي زهره ڊوڙ پائي اچي ساڻس ملي. ٻئي سهيليون ڪلي ڀاڪر پائي مليون تہ سڀ ڪلڻ لڳا. امير بيبيءَ ڪلي چيو، "جاني، هيڏي تہ نهار، تنهنجو چاچو بہ آيو آهي."

جان بيبيءَ هڪدم اچي مصطفيٰ خان کي ڪيڪاريو جنهن سندس مٿي تي چمي ڏيئي پيار مان سندس مٿو پنهنجي ڪلهي سان لايو. مصطفيٰ خان سان ڪيڪاري اچي زهره جي پر ۾ ويني تہ زهره سان آيل مائي، ٻچائي اچي ساڻس ملي. زهره جان بيبيءَ جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي ڳالهيون ڪرڻ لڳي. امير بيبيءَ جان بيبيءَ کي خوش ڏسي پاڻ بہ خوش هئي.

"ادا مصطفيٰ خان، صبح کان، بلڪ ڪلهہ کان جيئن ڪراچيءَ کان آئي آهي، جانيءَ جي طبيعت سهي ناهي. سٺو ٿيو جو اڄ اوهين ٻئي آيا."

زهره ڇرڪي جان بيبيءَ کي ڏٺو جيڪا مرڪي رهي هئي. مصطفيٰ خان چيو، "ادي، جاني ڪراچي ويئي هئي، ڪنهن سان.

اوهان سڀئي ڪراچي ويا هئا؟"

مصطفيٰ خان هڪ ئي وقت ڪيئي سوال ڪيا ته امير بيبيءَ چيو، "ادا، منهنجي ماروٽ جو پٽ طارق خان، مهراب خان جو دوست آهي، ان تاجيءَ ۽ مهراب خان جي دعوت ڪئي هئي ڪراچيءَ ۾ پنهنجي گهر. ادي عزيز جان، مهراب خان ۽ طارق خان پاڻ چيو ته جاني به هلي، بلڪ جڏهن جاني مهراب خان ۽ تاجيءَ سان گڏجي نه ويئي ته هو پاڻ جانيءَ کي وٺڻ آيو. هونئن به تاجيءَ جي شادي ڪانپوءِ جاني گهڻو اڪيلي ۽ اداس ٿي ويئي هئي."

وري زهره ۾ نهاري چيو، جيڪا شڪايتي نظرن سان جان بيبيءَ کي ڏسي رهي هئي.

"پٽ، هاڻي تون به جلدي جلدي ايندي ڪر جانيءَ وٽ."

"جي ها چاچي، هاڻي به مان ڪيترن ڏينهن ڪان يڪو پيئي بابا ۽ ادا مظهر خان کي چوان ته مون کي جانيءَ وٽ وٺي هلو، اڄ بابا وٺي آيو آهي."

جان بيبيءَ ڏانهن نهاري ڪلي چيو،

"جاني به ته اسان وٽ اچي نه."

امير بيبيءَ مشڪي چيو،

"ها ها، ضرور ايندي چو نه ايندي اوهان وٽ."

زهره رُسندي چيو،

"ايترو پري طارق خان وارن ڏانهن ڪراچي وڃي سگهي ٿي، باقي اسان ڏي نٿي اچي سگهي؟"

جان بيبي طارق خان جي نالي وٺڻ سان ته الائي ڪٿي پهچي ويئي هئي، تنهن رڳو مشڪي ڏنو. جان بيبيءَ جي هٿ سان کيڏندي زهره جي نظر جان بيبي کي پيل طارق خان واري منڊي تي پئجي وئي. مشڪي ڪن ۾ چيائينس، "ڪراچيءَ ۾ مڱڻو ڪري ته نه آئي آهين؟"

جان بيبيءَ جي اندر ۾ ڄڻ مانڌاڻ مچي ويو. هوءَ زهره کي سڀ ڳالهيون ٻڌائڻ لاءِ بيچين هئي. سندس هٿ جهلي ڪيس پنهنجي ڪمري ڏانهن گهلي وڃڻ لڳي.

مصطفيٰ خان ۽ حمل خان کليو ۽ امير بيبيءَ چيو "ها پٽ، وچو وچو، اسان وڏڙن جي ڪچهريءَ ۾ اوهان کي ڪٿي مزو ايندو؟"

زهره پنيان نهاري چيو، "نہ چاچي اهڙي ڳالهہ ناهي."

"جاني، چا آهي هتي تا ويهون."

حمل خان کلي چيو "نہ پٽ، اوهان وچو اسان جي ڪچهري اسان ۾ ئي زور آهي."

سيئي کلڻ لڳا ۽ هو ٻئي گڏجي ڪمري ۾ آيون. جان بيبيءَ پنهنجو ڪمرو لاڪ ڪري پاڻ کي کٽي پينگهي ۾ اڇلايو. زهره سندس پر ۾ ويهندي چيو، "چا ڳالهہ آهي جاني، اداس پئي لڳين ۽ هيءَ منڊي ڪڏهن گهڙائي اٿئي، اڳ تہ مون ڪڏهن بہ تو وٽ نہ ڏٺي، تنهنجا ۽ منهنجا زيور تہ هڪ ٻي وٽ ساريل آهن ۽ جڏهن ڪو نئون زيور ونديون آهيون تہ ضرور هڪ ٻي کي ڏيکاريندين ۽ ٻڌائينديون آهيون!!"

"ها واقعي!"

"پوءِ تو مون کي هيءَ منڊي نہ ڏيکاري چو؟"

وري سندس آگر مان منڊي لاهي ڏسي چيائين، "زبردست آهي. ڊزائين بہ سنو آهي تہ ننگ ۽ موتي بہ عاليشان ۽ قيمتي آهن."

"طارق خان ڏني آهي."

"اهو جيڪو ادا مهراب خان جو انيهر ٿيو هو؟"

"توکي بہ ياد آهي نہ اهو."

"اهڙو شاندار ۽ خوبصورت ماڻهو ڪنهن کان وسرندو؟"

"ها زهري، واقعي بہ وسارڻ جهڙو ناهي."

جان بيبيءَ جي جملي تي زهره کيس جوهہ پائي ڏسڻ لڳي.

"ها زهري، اهو منهنجي بہ وسارڻ کان ٻاهر آهي."

"چا، چري آهين چا؟"

"شايد چري آهيان، بلڪ پڪ سان چري آهيان."

"جاني، هو تہ شاديءَ وارو آهي ۽ سندس زال بہ ڏاڍي

خوبصورت ۽ شاندار آهي.“

”مان تہ ڪلهہ سندس گهر مان آئي آهيان ۽ مون کي اها بہ خبر آهي تہ هو پنهنجي زال سان پيار ڪري ٿو ۽ ڪيس هڪڙو خوبصورت پٽ بہ آهي.“

”پوءِ بہ؟“

”ها زهري، پوءِ بہ. ۽ مان توکي اهو بہ ٻڌايان ٿي تہ مان جنهن کي چاهيان ٿي اهو ٿورو نہ پر سڄو ٻين جو آهي. جڏهن تہ مان پيار ۾ شيئر قطئي پسند نہ ڪندي آهيان. جڏهن ننڍپڻ ۾ امان ۽ بابا ٿورو بہ ٻين کي پائيندا هئا تہ مان رڙيون ڪندي هيس ۽ هاڻي اهو سوال جيئڻ جي آس اڳيان شيهي جي ديوار جيان اڇي بيٺو آهي تہ، منهنجو ڇا ٿيندو؟“

زهره تعجب مان ڪيس ڏسي رهي هئي.

”چاچيءَ کي خبر آهي؟“

جان بيبيءَ ڪيس حيرت مان ڏسي چيو، ”هي ڳالهہ امان کي ٻڌائڻ جهڙي آهي؟ ڪنهن کي بہ خبر ناهي. حد تہ اها آهي تہ هن کي بہ خبر ناهي، رڳو توکي خبر آهي بس.“

”ڏس جاني، مان ڪڏهن بہ توکي اها صلاح نہ ڏينديس تہ تون ان راهہ تي پلي اڳتي وڌ. نہ ئي توکي اهو مشورو ڏينديس تہ تون جيڪا اجان شايد ايترو وڌي نہ هوندينءَ پر جيترو بہ اڳيان وڌي آهين اهو غلط راهہ تي پنڌ ڪيو اٿئي. اتان موٽڻ ئي تنهنجي لاءِ بهتر آهي ۽ اها واپسي تنهنجي خوشين ڏانهن واپسي هوندي نہ تہ جنهن راهہ تي تو پير پاتو آهي اها راهہ اهڙي رڻ ڏانهن ٿي وڃي جتي ڪوبہ نخلستان تنهنجي اوسيئڙي ۾ ناهي، جتي وڃي تون ساهي پٽي آرام ڪرين. جاني، اهو رڃ جو سفر اٿئي اڳتي تنهنجي مرضي.“

جان بيبي بس ماٺ ماٺ ۽ اداس اداس ٻڌي رهي هئي. زهره سندس هٿ کي جهلي ڪيس منڊي پارائي چيو، ”هن رڳو توکي ئي منڊي ڏني آهي؟“

”نہ، ادي تاجي ۽ ادي شهناز لاءِ بہ آنديون هئائين.“

"معنيٰ هن خاص تنهنجي لاءِ منڊي نہ آندي هئي؟"

"نہ بلڪل نہ، هن رڳو خاص منهنجي لاءِ نہ آندي هئي، هن تہ سڀني کي ڏنيون هيون."

زهره سندس منهن ۾ نهاريو جيڪا ڪيس اداس بلڪہ ڏکاري لڳي رهي هئي. هن ڪيس ڀاڪر پائي چيو، "ڏس جاني، اسين ٻئي ننڍپڻ کان وٺي گڏ آهيون، سهيليون آهيون، ٻنهي جي ڪابہ ڳالهہ ڪو راز هڪ ٻي کان ڳجهو ناهي، پر مان هن معاملي ۾ ڪڏهن بہ تنهنجي همت افزائي ڪري نہ سگهنديس، جو تہ ڄاڻان ٿي اتي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪونهي باقي وڃائڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ آهي سو مهرباني ڪري پاڻ کي تباهہ نہ ڪر."

زهره ڏٺو تہ جان ٻيبيءَ جي اکين مان لڙڪ لڙي رهيا هئا ۽ اهو شايد پهريون ئي ڀيرو هو، جو هن سندس اکين ۾ ڏک جا لڙڪ ڏٺا هئا نہ تہ اڳ هن تاج ٻيبيءَ جي شاديءَ مهل جيڪو رنو هو اهو روئڻ نظرانداز ڪرڻ جوڳو هو. هوءَ پريشان ٿي وئي.

"اوهہ جاني، تون روئين پئي، معنيٰ ڳالهہ ان حد تائين وڌي ويئي آهي؟"

"مان ڇا ڪريان زهري؟"

"جاني، هينئر ڀلي تون جذباتي ٿي پر نيٺ تہ توکي پاڻ ئي معلوم ٿيندو تہ تون غلط آهين."

"نيٺ ڇا، مون کي تہ هاڻي ئي خبر آهي تہ مان غلط آهيان، پر مان جذباتي ناهيان بيوس آهيان. توکي ڪهڙي خبر تہ مون سڄي رات روئي ۽ اهو سوچي گذاري آهي تہ ان جو انجام ڇا ٿيندو، شايد منهنجي بربادي."

"خدا جي واسطي جاني، اهڙا غلط لفظ پاڻ لاءِ زبان مان نہ ڪڍ."

"زهري، مون کي خبر آهي تہ جتي منهنجو پيار دنگ تو ڪري اتان رڳو تباهي ۽ بربادي جون راهون ڦٽن ٿيون ۽ مان ڄاڻان ٿي تہ منهنجي پيرن کي انهن ئي راهن تي پنڌ ڪرڻو آهي ۽ مان...."

هوءَ وڏيڪ ڪجهہ ڳالهائي تہ دروازي تي کڙڪو ٿيو. جان بيبيءَ هڪدم پنهنجون اکيون اگهيون، دروازو کوليائين تہ آمي بيٺي هئي.

”جيجيون، اوهان کي سڏين پيا تہ اچي کاڌو کائو.“

”وڃي چئو تہ اچون ٿا.“

وري دروازي کي لاڪ ڪري چيائين، ”زهري تون اچ نہ وڃجانءِ. اچ تہ منهنجو هانءُ صفا ڦاٽي ٿو.“

”ٺيڪ آهي بابا کي چونديس، پر امان جي طبيعت بہ ٺيڪ نہ آهي ۽ اها تہ توکي بہ خبر آهي تہ امان مون کانسواءِ کاڌو نہ کائيندي آهي.“

”ها ها، خبر اٿم تہ تون پنجن پائرن جي اڪيلي ڀيڻ آهين پر.......“

کيس پاڪر پائي چيائين، ”زهري، ڪيڏو نہ سٺو ٿيئي ها جي ادا ستار کي تون ملين ها، امان ۽ بابا وارن ڪيڏيون ميڙيون منٿيون ڪيون هيون پر چاچا نہ مڃيو.“

”جاني، ان ۾ بابا جو ڪهڙو ڏوهہ، وڏي چاچا سائين تہ منهنجي ڄاپڻ مهل ئي پنهنجي پٽ جي چني پاتي هئي، پوءِ بابا ڇا ڪري ها.“

”ها، اهائي تہ اسان جي خاندان ۾ مصيبت آهي جو ڇوڪريون گهٽ آهن جيڪا ٿي ڄمي ان لاءِ پوٽي تيار رکي آهي!!“

”پر تنهنجي لاءِ تہ ڪابہ پوٽي نہ هئي.“

”اها تہ امان جي مهرباني آهي نہ تہ منهنجي لاءِ بہ پوٽين جي کوٽ نہ هئي.“

”واقعي چاچي اميران وڏا قهر ڪيا آهن اسان سان. ادا مظهر خان تہ وڏا وس ڪيا تولاءِ پر چاچي اصل ڇوي جاني پنهنجي ڀيڻ کي ڏينديس ۽ توبہ ادا مظهر خان جي دل ٽوڙي.“

”سو وري ڪيئن، مون ڇا ڪيو؟“

”ادا مظهر خان توکي ڪيڏو ٿو چاهي، اها توکي پاڻ بہ خبر آهي پر تون ادا کي هميشہ نظرانداز ڪندي آئي آهين. ادا مظهر

خان کي بہ اھوئي ڏک ھي تہ چاچيءَ جو انڪار درست، پر جاني بہ تہ اسان کي نٽي پائين!!“

جان بيبيءَ ڪنڌ ھيٺ ڪري ڪيس ٻڌي رھي ھئي. زھره اھو سوچي تہ، ھيءَ تہ اڳ ئي ڏکاري آھي ڪيس وڏيڪ نہ ڏکوئجي سو ڪيس پاڪر پائي چيو، ”جاني، جي مان ادا ستار کي ملان ھا تہ تنھنجي پاڇائي ٿيان ھا. ھاڻي تہ سھيلي آھيان، دوست آھيون، ڀلا ايئن سنو يا ھونءَ سنو؟“

”مان جيڪر توکي پاڇائي سمجھان ئي نہ سھيليون ٿي رھون ۽ تون ڏينھن رات مون سان گڏ ھجين ھا ٻيو مون کي ڇا کپي؟“

”جاني، مون بہ تہ اھوئي چاھيو ھو تہ تون ڏينھن رات مون وٽ رھين ۽ ادا مظھر ڇا ڇا نہ ڪيو ھو تولاءِ. تون جي اسان وٽ اچين ھا تہ ادا مظھر جيڪر تنھنجي واٽن ۾ گلاب وڇائي ھا. ھاڻي بہ جڏھن تون ايندي آھين تہ ڪيئن ھو تنھنجي راھن ۾ پنھنجون اکيون وڇائيندو آھي، مون کي تہ الا پنھنجي پياءُ جو الاھي ڏک ٿيندو آھي. جڏھن توکي حسرت مان ڏسندو آھي.“

جان بيبي وري بہ پنھنجو ڪنڌ ھيٺ ڪيو تہ زھره ڪيس پاڪر پائي مرڪي چيو، ”جاني، اھي تہ اسان جي اندر جون ناتمام خواھشيون آھن.“

دروازي تي ڪڙڪو ٿيو جان بيبيءَ اٿي کوليو تہ امير بيبي ھئي.

”ڏسو، ٻنھي وري بہ مون کي تڪليف ڏني نہ. ھاڻي ھلو، سيئي پيا اوھان جو انتظار ڪن ۽ ڪاڌو ٿڌو پيو ٿئي.“

ٻئي ساٿس گڏجي ڪاڌي جي ڪمري ۾ آيون. ڪاڌو کائي وري بہ ٻئي ڪمري ۾ موٽيون.

”زھري، اڄ نہ وڃ.“

”اڄ وڃان يا نہ وڃان پر تنھنجو فڪر تہ ھاڻي مون کي جتي ڪٿي رھندو ۽ مان جتي بہ ھجان پر منھنجو ڌيان توڏانھن ئي رھندو.“

”پر منهنجو ڌيان تہ بس هڪ ئي نقطي تي بيهي رهيو آهي. ڪيڏي بہ ڪوشش ڪريان پر اتان هڪ لمحي لاءِ بہ نٿو هٽي.“

”هن ڪي تنهنجي هن حال جي خبر آهي؟“

”نہ، هن کي ڪوبہ پتو ڪونهي.“

”هن جو هتي پنهنجي گهر ۾ توسان ڪهڙو رويو هو؟“

”بس عام، جيئن مهمانن کي عزت ڏبي آهي تيئن.“

”پوءِ بہ تون ايترو اڳيان وڌي ويئي آهين؟“

جان بيبيءَ اکيون هيٺ ڪري ويٺي هئي. زهره چيو، ”هينئن ڪر جاني، جو تون اسان سان گڏجي هل. ماڻ اتي توکان اهو ڪجهہ وسري وڃي. ادا وارن بہ پئي چيو تہ جانيءَ کي گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن اسان وٽ ايندي.“

”..................“

”اٿي جاني، تياري ڪر، مان توکي پاڻ سان وٺي وينديس.“

”خبر اٿئي زهري تہ مان پاڻ بہ جي چاهيان تہ بہ ڪيس وساري نٿي سگهان.“

”جاني، تون اها بيواجبي نہ رکو پاڻ سان تي ڪرين پر اسان سڀني سان بہ تي ڪرين.“

”ڇڏ زهري ان قصي کي.“

زهره بہ ڪيس خوش ڪرڻ لاءِ پڇيو، ”بيا ڪهڙا تحفا ڏنائين؟“

جان بيبيءَ سڀ آڻي ڪيس ڏيکاريا. ڪريم ڪلر جو نازڪ نازڪ چمپل ڪڍي زهره چيو، ”هي تہ زبردست چمپل آهي.“

”سندس ئي پسند آهي.“

”جهڙو پاڻ عاليشان آهي پسند بہ اهڙي ئي عاليشان اٿس.“

زهره جي وات مان پاڻمرادو طارق خان لاءِ تعريفي جملا نڪري ويا. جان بيبي طارق خان جي تعريف ٻڌي نري پئي ۽ کيس اهو منظر ياد آيو، جڏهن طارق خان سندس لاءِ مشڪي مشڪي خريداري ڪري رهيو هو. زهره چيو، ”هر چيز زبردست ۽ خوبصورت آهي. جڏهن هن جي پسند جي هر شئي خوبصورت عاليشان آهي تہ هو توکي بہ ضرور پسند ڪندو هوندو ۽ تون تہ هر

دل ۾ رهڻ جي قابل آهين سو طارق خان به پاڻ کي بچائي نه سگهيو هوندو. باقي شاديءَ وارو آهي سو اظهار ڪري نه سگهيو هوندو.“

”نه زهري نه، آءٌ ڪيس نتي وٺان.“

”اهو ڪيئن ٿي چوين؟“

”هن هڪ ڀيرو به مون ڏانهن ايئن نه ڏٺو ته هو ڪو مون کي پسند ڪري ٿو!!“

”اظهار لاءِ رڳو زبان ئي ته نه هوندي آهي.“ زهره چيو،

”مان چا آهيان سندس اڳيان، هو ته پاڻ پيار ڪرڻ جي لائق آهي. زهري، هو عام ناهي، سندس گهر ۽ حيثيت سندس شخصيت جهڙا ئي عاليشان آهن. هن کي ڪنهن جي پرواهه ناهي. تون يقين ڪر هن وٽ وقت ئي ناهي ٻي ڪي ڏيڻ جي لاءِ.“

”۽ تون عام آهين؟“

”ها، مان سندس اڳيان پاڻ کي صفا عام ٿي سمجهان.“

”جاني، هاڻي وڌيڪ مان ٻيو ڪجهه به نه ٻڌنديس، بس ماٺ ڪر ۽ آئيندي ڪڏهن به اهو موضوع نه ڪڇج، چريائي به ههڙي. چو اڇي پنهنجي پنيان لٺ وڍي پئي آهين. تون ڀلي پاڻ کي عام چئو پر تون عام ناهين. توکي پيار ڪرڻ وارا توکي چاهڻ وارا ڪيئي آهن، تنهنجو سڳ گهرڻ لاءِ ڪيترن ميڙون منٿون ڪيون. سيني چاچن ۽ سئوٽن جي پٽن ڪيڏا وس ڪيا تولاءِ. سيئي اجان تائين تنهنجا اميدوار آهن. يقين ڪر اهي سڀ تنهنجي حسن جا، سونهن جا ديوانا آهن، عاشق آهن شيدائي آهن ۽ تون حسن ۽ ذهن جي هيڏن خزانن سان پريل هوندي به هڪ اهڙي ماڻهو لاءِ پيئي تڙپين جنهن کي توسان پيار به ناهي، جنهن کي تنهنجي گهرج ۽ طلب ناهي چو ٿي پاڻ کي ارزان ڪرين جاني؟“

”تو سڀ سچ چيو آهي زهري، تنهنجي ڪنهن به ڳالهه سان منهنجو اختلاف ناهي پر......“

”پر ٻر ڪونهي، اڄوڪي رات مان هتي آهيان ۽......“

”وڏي مهرباني زهري.“

”مهرباني مجڻ جي ضرورت ناهي تون رڳو پاڻ تي ڪنٽرول ڪر.“

زهره اٿي تہ جان بيبي بہ پينگهي مان اٿي بيٺي. ٻئي اچي ڪتاب ڏسڻ لڳيون. جان بيبي شاهہ جو رسالو ڪڍي اچي پينگهي ۾ ويٺي تہ زهره بہ سندس پير ۾ ويهي چيو، ”ها، هي چڱو ٿي ڪرين، شاهہ کي پڙهہ تہ آرام اچيئي ۽ ڪا سڌي وات نظر اچيئي.“

”لطيف آرام ڏيندو، هو تہ ويتر باهيون ٿو ڏي ۽ اهڙا اهڙا ڏڱ ٿو ڏيکاري جو وڃي ٿيا خير.“

”الا، ڪيئن ڀلا، مثال؟“

جان بيبي رسالو کولي پڙهڻ لڳي:

محبت جن جي من ۾، تن تشنگي تار،
پيءُ پيالو اڄ جو، اڄ سان اڄ اٿيار،
پنهون پاڻ پيار، تہ اڄ سان اڄ اجهايان.

............

پسي جهاجهہ جمال جي، جنهين پيتي پڪ
اپر اڳاجهو ٿيو، سور انهين کي سڪ،
هڏ نہ پڳيس هڪ، سدا سائر سير ۾.

زهره رڙ ڪري چيو، ”بس جاني بس الا، واقعي تون سچ ٿي چوين، لطيف تہ ابا سچ بہ ٿاندن تان ٿو پنڌ ڪرائي.“

”اجان تہ ٻڌ،“

ڪوڙيون پچن ڪيچ، هوت نہ پچن هٿهين،
جن پنهونءَ سين پيچ، تن پيرن پنڌ وساريو،

زهره پينگهي مان اٿي سندس هٿن مان شاهہ جو رسالو کسي چيو، ”ڇڏ بابا، اسان جو ٿو مٿو ڦري، تنهنجا تہ وڃي ٿيا خير.“

رسالو ميز تي رکي ڪيسيٽ پليئر وٽ اچي ڪيسٽيون ڏسڻ لڳي. ٻنهي سهيلين جي هڪ ئي پسند هئي، محمد جمن. محمد جمن جي ڪيسٽ، پليئر ۾ وجهي آن ڪيائين ۽ پاڻ اچي جان بيبيءَ جي پير ۾ ويٺي محمد جمن جو سريلو آواز اڀريو:

پلڪ نہ رهي دل توريءَ، ور ميان خان بلوچا پلڪ نہ رهي،
ڏيندس ماس مروئن کي، مٿان ڪلهن ڪوري،
ڏک لاهيندس ڏيل جا، ساڻ عجيبن اوري،
ور ميان خان بلوچا پلڪ نہ رهي....

زهره اڪيون بند ڪري ٻڌي رهي هئي. جان بيبيءَ جي سڏڪن تي چرڪي اکيون کوليائين. هوءَ مڪمل روئي رهي هئي. زهره هڪدم اٿي ٽيپ بند ڪيو.

"جاني، هاڻي تہ مان سچ پچ توسان وڙهي پونديس. اهو وري کهڙو طريقو آهي ڪنهن سان پيار ڪرڻ جو، سو بہ هڪ طرفو ۽ ايڏو شديد!"

"........................."

"نيڪ آهي مان وڃي تي چاچيءَ کي چوان تہ هاڻي جانيءَ جي شادي تڪڙو ڪرايو تہ اسان جي جند ڇٽي پوي."

جان بيبي اکيون اگهي مشڪي چيو، "هاڻي تہ بس؟"

وري اداسيءَ مان چيائين، "لطيف بادشاهہ جو ڪلام، محمد جمن جو آواز پوءِ ڪنهن جون اکيون آليون نہ ٿينديون؟"

"ايترو باقائده روئڻ کي اکيون آليون ٿي چوين!! باقي اهو واقعي بہ وڏو سچ آهي تہ لطيف سائين جو ڪلام ۽ محمد جمن جو آواز هجي تہ پوءِ هرڪو روئي ڏيندو."

شموءَ اچي چيو "جيجيون، اوهان ٻنهي کي پيا سڏين."

جان بيبيءَ چيو، "زهري، اڄ تہ هتي آهين نہ؟"

"ها چيو تہ اٿم پر خدا ڪري تہ بابا موڪل ڏي."

"چاچا کي مان چونديس، منهنجو چوڻ ڪڏهن بہ نہ موٽائيندو."

"پاڻ تي ايڏو زعم ۽ بانور اٿئي؟"

"ها، بلڪل."

"پنهنجي حيثيت ۽ اهميت جي خبر بہ اٿئي پوءِ بہ هرويرو ڪٺي پاڻ کي بيوس بنايو اٿئي. ماڻهوءَ کي اتي ئي رهڻ گهرجي جتي سندس عزت ۽ اهميت آهي ۽ ڇوڪريءَ کي ان مرد سان شادي ڪرڻ کپي جيڪو ڪيس چاهي ٿو نہ کي ان سان جنهن کي هوءَ پاڻ چاهي ٿي."

ٻئي ڳڌجي امير بيبيءَ جي ڪمري ۾ آيون تہ مصطفيٰ خان وڃڻ لاءِ تيار ويٺو هو. زهره کي ڏسي چيائين، ”هلو پٽ، برقعو پاءِ.“

”چاچا، اڄ زهريءَ کي اسان وٽ رهڻ ڏيو.“

”چو پٽ، هيتري دير تہ توسان گڏ هئي، هتي سندس ماءُ جي طبيعت بہ ٺيڪ نہ آهي.“

”بس چاچا، اڄوڪي رات، سياڻي اسين پاڻهي ڪيس ڇڏڻ ينداسين.“

جان بيبيءَ چاڳ ڪندي ضد ڪيو تہ امير بيبيءَ بہ چيو، ”ادا، اڄ ڀلي زهره جانيءَ وٽ رهي باقي هتي ادي آمنہ وٽ ماڻهن جي ڪائي کوٽ ناهي.“

مصطفيٰ خان سيني سان موڪلائيندي چيو، ”ٺيڪ آهي اوهين سڀ ٿا چئو تہ پوءِ ڀلي زهري هتي رهي. باقي هتي آمنہ وٽ مون کي ڇڏائڻ وارو هڪڙو بہ ڪونهي.“

سيئي ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. سيئي کيس گاڏيءَ تائين ڇڏڻ آيا. گاڏي رواني ٿيڻ کان پوءِ جان بيبي زهره کي ڀاڪر پائي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي آئي.

”زهري، اڄ جي تون هتي نہ رهين تہ الائي مون سان ڇا ٿيئي ها؟“

”ڇا ٿئي ها، ڪجهہ بہ نہ ٿئي ها، بس ادي تاجان جي شاديءَ کان پوءِ ڪٽي چاڳ ڪرڻ شروع ڪيا اٿئي.“

جان بيبي ٺهڪ ڏيئي کلي پئي تہ ٻاهر ورانڊي ۾ وينل شمو ۽ آمي هڪ ٻي ڏانهن نهاري مشڪي پيون. شموءَ چيو، ”آمي، جيجي جانل ڪيترن ڏينهن کان پوءِ کليو آهي.“

”هئو ادي، جيجي جانل کي درماندي ڏسي منهنجو تہ ساهہ ٿي منجهاميو.“

”سچ چيو اٿن تہ مور کان لاڀ منو، سو ايئن ئي ڇائي کان نيپاڄ وڏيڪ منو آهي. مون بہ تہ جيجي جانل کي هٿن ۾ نپايو آهي منهنجي هانءَ جون خبرون تہ مون وٽ آهن.“

”هاڻي تہ خوش آهين نہ؟“
شموءَ مشڪندي چيو، ”اندو ڇا گهري، ٻہ اڪيون.“
وري بہ فڪرمند ٿي چيائين، ”پر جيڪا ڳالهہ مون کي ماري ٿي اها اتيئي آهي.“
آمي ٿڌو ساهہ ڪڍي چيو، ”هئو ادي، پر اها ڳالهہ جڙڻ ۽ نهڻ جهڙي آهي ئي ڪانہ، بس الله رڳو رحم ڪري باقي ملي واري پليتي ڪان پوءِ تورو فرق اتس.“
”ملون بہ الله جو آهي، شل رب جيجي جانل کي ساجهہ ڏي. آءٌ تہ الا ڊڄي ويئي آهيان تہ ٿيندو ڇا نيٺ، جيجي زهره آئي آهي مانَ اها ڪيس سمجهائي.“
”ماسي، ماسي!“
ختو ڪلندي ڊوڙندي آئي تہ پنيان ئي ملوڪان بہ ڊوڙندي ڪلندي آئي ۽ اچي پاڻ کي شموءَ جي پير ۾ اڇلايائين تہ شموءَ رڙ ڪري چيو، ”توڙ ٿهاٽيون ڇوريون، ڇا ٿي ٿيون ڇرڪ پيري ڇال ڏيو، اسان کي ٿيون ماريو!!“
”ماسي شمو، هينئر بہ ربو ملوڪيءَ لاءِ سوپاريون ڪڍي آيو هو ۽ هن پاڻ گيٽ تان ربوءَ ڪان سوپاريون ورتيون آهن.“
”پاڻ جڏهن منوءَ ڪان چيزون وننديو ۽ مارڪا ڪندي آهين تڏهن پلا مان ڪڏهن ڪنهن سان چغليون وڍيون آهن؟“
آميءَ مشڪي شموءَ کي ڏنو تہ شموءَ پنهنجي مرڪ لڪائي چيو، ”امان، اوهان جي جواني زور آهي.“
”اهو وري ڪيئن ماسي؟“
”امان، اسين اوهان وانگر گهوٽن سان لاڳيون ڪونہ ڏينديون هيونسين.“
ملوڪان ڦڪي ٿي چيو، ”ابير، ماسي شمو ڪيئن پئي ڳالهائي. اسين الائي ڪيئن ٿيون لاڳيون ڏيون؟“
”امان، اسين اوهان جي لاءِ ٿيون ڪريون. مڱڻي ڪان پوءِ مڱيندن اڳيان منهن اگهاڙا ايندي‌ون تہ وهانءَ مهل سهاڳ نہ ڪنديون، باقي اسان تہ شادي ڪان اڳ اوهان وانگر مڱيندن سان

لکي لکي کونہ ملنديون هيونسين."
"ماسي، اوهان جي زماني ۾ پابندي ۽ جهل پل بہ تہ نہ هئي. جيئن تي وڏيو تيئن تي ڪيو."
ان تان سيني ڪليو تہ شرارتڻ ختوءَ، شموءَ جي ڪاري رنگ ۽ وڏن ڏندن ڏي ڏسي چيو، "ماسي، تو تہ شاديءَ مهل ڏاڍو سهاڳ ڪيو هوندو؟"
ان تي جو ٺهڪ ٽڙيا تہ ستار ۽ جبار جيڪي ان مهل گهر ۾ آيا هئا اهي بہ مشڪندا وٺن آيا. جبار چيو، "چا تي پيون کلو؟"
ملوڪان کلندي چيو، "سائين، هيءَ ختو تيليءَ مان ٽنپ بنائي مچائي ويني آهي."
ستار چيو، "يلا زهري هتي آهي چا، گيٽ تي سوڍيءَ ٻڌايو."
جان بيبيءَ جي ڪمري مان ٺهڪن جو آواز ٻڌي ٻئي مشڪندا جان بيبيءَ جي ڪمري ۾ آيا تہ ٻئي هڪ ٻي کي وهاٽا هٽي ٺهڪ ڏيئي رهيون هيون. ستار کلي چيو، "اڙي اڙي هي چا؟"
جبار کلي چيو، "بنا ٽڪيٽ جي ريسلنگ پئي ٿئي."
زهره ڦڪي تي رئو مٿي تي رکيو تہ جان بيبيءَ کلي چيو، "ها بس ريفريءَ جي ضرورت هئي. اهي بہ يڪ نہ شد دو شد."
اهي ٻئي وٺن وينا تہ جان بيبي چيو، "ادا، اوهين ٻئي ڪيڏانهن هليا ويا هئا، چاچا مصطفيٰ خان آيو هو."
جبار چيو، "ها، هينئر امان ۽ بابا ٻڌايو. اسين ٻئي دوست جي شاديءَ تي ويل هئاسين."
"ادا، ٻڌائي چو ڪونہ ويا هئا؟"
"امان ۽ بابا کي تہ ٻڌائي ويا هئاسين، باقي هاڻي تون تہ الائي ڪهڙي خدائي ۾ تي رهين، نہ ٻڌين تي نہ ڏسين تي."
جان بيبيءَ زهره ڏي نهاريو تہ جبار کلي چيو، "زهريءَ ڏانهن چا پئي نهارين غلط تو چوان چا؟"
"ادا، ادي تاجان جي شادي کان پوءِ واقعي جاني اڪيلي ۽ اباڻڪي تي پئي آهي."
"زهري، تنهنجي ۽ جانيءَ جي دوستي مون کي تہ ڪڏهن بہ

سمجهه ۾ نه آئي؟“
جان بيبيءَ کلي چيو، ”چو پلا، کهڙو ڏکيو حساب آهي.“
”ڏکئي کان به ڏکيو حساب آهي. زهري جيڏي خوش مزاج، خوش گفتار ۽ کلڻي آهي تون ايڏي ئي بدمزاج، ملول ۽ اداس آهين.“
وري جان بيبيءَ جي اهل کندي سندس جيان ئي اداس بنجڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو ته جان بيبيءَ چڙي چيو، ”ادا جبار، توکي ته ايڪٽر ٿيڻ کپندو هو. وڏو آهين نه ته......“
جبار ٿهڪ ڏيئي سندس مٿي تي پيار مان ڌڪ هڻي چيو، ”هان، ايئن وڙهندي ڪر، ڳالهائيندي ڪر، هر وقت ماٺ ماٺ لڳي پئي آهين گهر جو ماحول ئي سوڳوار بنائي ڇڏيو اٿئي.“
”هرماڻهوءَ جو پنهنجو پنهنجو مزاج هوندو آهي. اوهان ۽ ادي تاجيءَ جو مزاج هڪ جهڙو آهي هر ڪنهن سان ڪچهري پوڳ مشڪرو ٿهڪ ۽ مان ۽ ادا ستار هڪ جهڙا آهيون. مزاج جو ماڻهو مليو ته واهه نه ته ماٺ پلي.“
زهره مشڪي دلچسپيءَ سان سندن ڳالهيون ٻڌي رهي هئي. جبار چيو، ”مان به تڏهن حيران آهيان تنهنجي ۽ زهره جي دوستيءَ تي ته ڪيئن ٿي!؟“
زهره کلي چيو، ”ايئن ناهي ادا، ضرور اسان جو مزاج ملي ٿو. نه ته ايئن ڪيئن گاڏي هلي؟“
”گاڏي نه، ٽريڪٽر.“
ان تان سيئي ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. شمو ۽ آمي به اچي ڪمري ۾ وينيون ته جبار چيو، ”شمو ۽ آميءَ جي دوستي به سمجهه کان ٻاهر آهي. شمو باهه ته آمي پاڻي، پر آهن سدائين گڏ ۽ خوش.“
سيئي کلڻ لڳا ته آميءَ خوش ٿي چيو، ”ڪيترن ڏينهن کان پوءِ سيني گڏجي کليو آهي. جيجي تاجان جي شاديءَ کان پوءِ ته اسين کلڻ لاءِ سڪي مئا هئاسين.“
”آمي، اهي ٿورا زهره جا مڃ.“
”بيشڪ سائين، جيجي زهره به هاڻي اهي ٿورا اسان تي

ڪندي ئي اچي تہ چڱو.“

”امي، بابا هاٺي بہ جڏهن گهر پهتو هوندو تہ امان ساڻس وڏو جهڳڙو ڪيو هوندو.“

ستار ڪلي چيو، ”چاچا مصطفيٰ جهيڙن جهڳڙن ڪي چڱيءَ طرح منهن ڏيئي ڄاڻندو آهي، اهو فڪر تون نہ ڪر.“

”فڪر جي ڳالهہ ناهي، باقي امان ڪي الائي ڇو ٿوري ٿوري ڳالهہ تي مونجهہ ٿيڻ لڳندي آهي.“

امير بيبي مشڪندي جان بيبيءَ جي ڪمري ۾ آئي.

”اوهين سيئي هتي محفل مچائي ويٺا آهيو ۽ مان هتي اڪيلي.“

ستار چيو، ”بابا ڪٿي آهي؟“

”اهو تہ اوطاق ۾ ڪي ماڻهو آيا آهن، اوڏانهن ويو آهي، ماني بہ تيار آهي هلو سيئي گڏجي کائو.“

جان بيبيءَ چرڪي واچ ڏني رات جا 9 ٿي رهيا هئا. سوچيائين. زهريءَ جي ڪري وقت ڪيترو تڪڙو گذري ويو، نہ تہ مان تہ پل پل تڙپي گذاريندي آهيان. سيئي اٿيا تہ ستار چيو، ”امان، پلي بابا بہ اچي.“

امير بيبيءَ چيو، ”مهمانن لاءِ ماني ويئي آهي، هاٺي پٺهين بہ ايندو هوندو.“

حمل خان بہ ڪلندو وٺن ئي آيو. سيني گڏجي ماني کاڌي. جان بيبي وري بہ زهره ڪي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي آئي تہ زهره چيو، ”جاني، تو تہ صفا کاڌو ئي ڪونہ ڇو؟“

”ها، اهو بہ تو ۽ امان جي ڊپ ۾ کاڌو اٿم نہ تہ هڪڙو گرهہ بہ نٿي وڻيو.“

”وري دورو پئجي ويو اٿئي ڇا؟“

”اهو دورو ناهي زهري، حقيقت اها آهي تہ مان ڪيس لمحي لاءِ بہ وساري نٿي سگهان. تنهنجي ڪري لڳي ٿو تہ وقت تڪڙو ٿو گذري نہ تہ اهو ساڳيو وقت مون کان لمحي لمحي جي قيمت بيقراريءَ جي صورت ۾ وصول ڪري گذرندو آهي. مون ڪي تہ

هاڻي ڪان ئي اهو ڏپ پيو ٿئي تہ سياڻي تون هلي ويندينءَ تہ منهنجو ڇا ٿيندو؟"

"جاني، مون توکي اڳ بہ چيو آهي تہ تون مج نہ مج پر آهين غلطيءَ تي. ڏس، تنهنجا پائر ڪيڏو ٿا توکي چاهين، تنهنجي ماٺ رهڻ سان انهن کي گهر جي فضا سوگوار ٿي لڳي. تون اهو ڇو نٿي سوچين تہ تون اڪيلي ان باهہ ۾ نٿي سڙين ۽ پڄرين پر تنهنجا ماءُ، پيءُ ۽ پائر بہ ان ساڳي باهہ ۾ سڙن ۽ پڄرن ٿا ۽ ان جي ذميدار تون آهين."

"زهري، مان تہ توکي سڀ ڪجهہ ٻڌايو آهي، هاڻي تنهنجي مرضي آهي جيڪا صلاح نصيحت ڪرين."

"جاني، چوڻ لاءِ تہ مون وٽ ايترو گهڻو آهي جو سڄي رات ڪٽي وڃي پر ڄاڻان ٿي تہ ان تي عمل ڪرڻ لاءِ تنهنجو قيدي روح ڪڏهن بہ توکي اجازت نہ ڏيندو."

"زهري، روح ڪٽي قيدي آهي، روح تہ آزاد آهي ۽ ان آزاد روح ئي مون کان ايڏي اڏار ڪرائي آهي جو ڌرتيءَ جو گولو هڪ نقطي جي شڪل وٺي رهيو آهي."

"روح آزاد هو، هاڻي نہ، هاڻي تہ هو ايڏو قابو آهي ۽ ڪنهن جي ڳڻن ۽ يادن جي زنجيرن ۾ ايڏو تہ جڪڙيل جو ساهہ ڪڻڻ بہ سندس لاءِ محال آهي ۽ ڌرتي توکي ان ڪري ئي نقطي جي شڪل ۾ نظر ٿي اچي جو تو پاڻ کي لاشعوري طور ڌرتي کان ڪٽي ڇڏيو آهي ۽ جنهن کي تون چاهين ٿي ان کي پنهنجي ئي وجود ۾ بند ڪري پاڻ سان گڏ ٿي هلائين. جڏهن تہ حقيقت ۾ هو تو سان گڏ ناهي، رڳو سوچن ۽ خيالن ۾ تون هن کي پاڻ سان گڏ ٿي سمجهين ۽ زندگي، سوچن ۽ خيالن جي آڌار نٿي گذاري سگهجي ۽ تنهنجي ان پاڻ هميري اڏار جي ڪاميابيءَ لاءِ مون وٽ دعا جا سگهارا تہ ڇا پر نبل لفظ بہ ناهن، تنهنڪري ان اڌوري بلڪہ ناڪام دعا لاءِ اجايا ٻڪ جهلڻ جو منهنجو ڪوبہ پروگرام ناهي. باقي ان هنڌ کان پرواز ڪرڻ کان ضرور اجتناب ڪجي جتي پرَ تہ ڇا پر ماڻهوءَ جو سڄو وجود رک ٿيڻ جو انديشو موجود هجي ۽

تنهنجو ارادو پڪ ان ئي پنيٽ مٿان پرواز ڪرڻ جو آهي ۽ ايئن ڪري تون نہ رڳو پاڻ سان پر پاڻ سان واڳيل هر ماڻهوءَ سان بيواجبي ٿي ڪرين، جنهن جو توکي ڪو حق ڪونهي.“

جان بيبي سندس ڳالهيون نهايت غور سان بنا ڪنهن جذبات جي ايئن ٻڌي رهي هئي جڻ سندس انهن ڳالهين سان ڪوبہ واسطو نہ هجي. يا تہ سندس دماغ مائوف ٿي ويو هو يا ڪيس ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي آئي. زهره اٿي ڪيس ياڪر پائي چيو، ”جاني، منهنجي ڳالهين توکي ڏک تہ نہ ڏنو؟“

جان بيبيءَ جون اکيون هنجن منجهان ٿوب هيون پر ان هوندي بہ مشڪي چيو، ”نہ زهري، تنهنجي ڪابہ ڳالهہ مون کي ڏکوئي نٿي سگهي. مان ڄاڻان ٿي تہ اهي سمورا لفظ تو پنهنجي دل چيري ڪڍيا آهن ۽ انهن ۾ سواءِ سچ جي ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي ۽ سچ ڪڏهن بہ نہ ڏکوئيندو آهي، جي ماڻهو پنهنجي خطا پاڻ قبول ڪري، سچ تہ روشني آهي جيڪا ڪوڙ واري ٻاٿ ۾ لڪل شئي ظاهر ڪري پڌرو ڪندي آهي سو....“

”...............!!“

”ٻڌ زهري، هينئر تنهنجيون ڳالهيون هڪ واڄ جيان مون کي ويڙهي وينيون آهن ۽ تحفظ جو هڪ اڄاتو احساس من ۾ اندر تائين لهي ويو آهي پر جڏهن تون پنهنجي گهر هلي ويندينءَ تہ اها واڄ منهنجي اڏنگهي سوچن جي طوفان ۾ اڇي هڪ ساعت ۾ ئي ڪک پن ٿي ويندي ۽ منهنجو وجود ساڳيو غير محفوظ، پاڻ وهيٽو ۽ ڇڙواڳ بنجي پولارن جي اننت وسعتن ۾ گم ٿي ويندو.“

”جاني، هاڻي ٻيو بہ سچ ٻڌ، مان، مان بہ هاڻي توسان ئي گڏ هر ان هنڌ پٽڪنديس جتي تون هوندينءَ، آڪاش جي اتاهين ۾ يا زمين جي اونهاين ۾ آءٌ توسان گڏ هونديس.“

”زهري، مان ڇري ناهيان، مان پاڻ بہ ڪوشش ڪريان ٿي پر الائي ڇو؟ من هر ان هنڌ وڃڻ جي خواهش ڪندو آهي، جتي طارق خان جي سرهي ساهن جي هٻڪار آهي. مون کي منهنجي انتهائي چاهہ، الهام جي قوت بخشي آهي، ڪيڏو عجيب آهي چاهہ! مان

جتي بہ هجان سوچي تي سگهان تہ اڄ هن ڪهڙا ڪپڙا پاتا هوندا!، هلڪا سرمئي يا خاڪي.... ڪهڙي پهر ۾ مان ڪيس ياد آئي هوندس!! پر ان ئي الهام سچ ڳالهائي مون کي چرڪايو بہ آهي تہ، هو تنهنجي پهچ کان پري آهي. تون ڪيس ايڏو نہ چاهہ، ايترو نہ سوچ جو پوءِ هر ڳالهہ تنهنجي لاءِ آزار بنجي پوي، پر مان ڇا ڪريان زهري، مان تہ ان مهل ئي پنهنجو وجود وڃايو هو جنهن مهل هو ادا مهراب خان سان گڏجي اسان جي گهر ۾ آيو هو ۽ هاڻي تہ منهنجي اندر ۾ رڳو سندس ئي نقش چٽيل آهن جن کي ميسارڻ جي قوت يقينن مون ۾ ناهي."

"جاني ايڏو وقت تہ نہ ٿيو آهي ۽ تون ايترو اڳيان وڌي ويئي آهين؟ نہ نہ هرگز نہ، توکي اهو نقش مٽائڻو پوندو ڇو تہ اهو مناسب جاءِ تي چٽيل ناهي، اهي نشان توکي ڌاهڻا پوندا ڇو جو اڃان اهي تازا آهن ۽ ڪين مٽائڻ آسان آهي....."

"....................."

"جاني، تنهنجو اندر ڪڏهن کان آرٽ گيلري ٿيو آهي، جو وتين ٿي جهڙا تهڙا نقش ۽ تصويرون ٽنگيندي ۽ لٽڪائيندي."

زهريءَ هن کي نارمل بنائڻ لاءِ چرچو ڪيو.

جان بيبيءَ بہ بظاهر تہ مرڪيو پر سندس مرڪڻ ۾ بہ ڪيئي سڏڪا هئا.

"زهري، توکي حق آهي تون جيڪو بہ چاهين چئي ٿي سگهين. مون کي تنهنجيءَ ڪنهن ڳالهہ ڪڏهن بہ ڏکويو ناهي نہ ئي ڏکوئي سگهندي ڇو جو مان چڱيءَ طرح توکي سڃاڻان ٿي تہ تون مون کان ڌار ناهين. تڏهن ئي تہ اڄ پنهنجو اندر تنهنجي اڳيان ايئن کوليو اٿم جيئن پنهنجو پاڻ اڳيان، مان توکي اهو بہ ٻڌائڻ چاهيان ٿي تہ توکي ٻڌائڻ کان اڳ مون ڪيڏو چاهيو هو تہ طارق خان جو هڪڙو هڪڙو نقش دل ۽ ذهن تان لهي وڃي ۽ مون اهي اڻ ڳڻيا لڙڪ هاريا هئا تہ من اهي نقش ۽ نشان ان لوڻاڻي ٻاڙي پاڻيءَ سان ڌوپجي، ڌهي وڃن پر شايد کي شروعاتي نقش ۽ نشان ئي آخري بنجي ويندا آهن، جيڪي ڌهي نہ سگهندا آهن ۽ منهنجي

لڙڪن سان بہ طارق خان جا چٽيل نقش ڌهي نہ سگهيا بلڪہ اجان چٽا ۽ گهرا ٿي ويا آهن.“

”پر توکي اهو ڪوبہ حق ناهي تہ تون چاچا حمل خان، چاچي اميران، ادا ستار، ادا جبار ۽ پنهنجي سڄي خاندان کي ڪنهن سزا جو مستحق بنائين. تنهنجو اهو عمل يقينن انهن جي بدناميءَ جو باعث ٿيندو، جنهن جو توکي ڪو حق ناهي، ڇا تون ايڏي خود غرض آهين، جو رڳو پنهنجي اڪيلي ذات، وجود لاءِ پنهنجي مرضيءَ تي هلين ۽ پنهنجي خوشيءَ لاءِ پنهنجي سڀني پيارن کي جيڪي توکي ساهہ ڪان وڌ چاهين ٿا انهن کي تون بدناميءَ جي ٿياس تي ٽنگي دنيا اڳيان نروار ڪرين؟ نہ جاني نہ، تون ايئن ڪڏهن بہ نٿي ڪري سگهين، ڇو تہ مان ڄاڻان ٿي تہ تون پاڻ کي ڪڏهن بہ خود غرض سڏائڻ پسند نہ ڪندينءِ.“

جان بيبيءَ سڏڪي چيو، ”خدا ڪري تہ آءٌ توکي مايوس نہ ڪيان، جنهن جو مون کي پاڻ تي ذرو بہ يقين ڪونهي پر تون جنهن کي خود غرضي ٿي ڪوٺين ان ۾ منهنجو تہ ڪوبہ غرض ڪونهي! هي مان جيڪو روئان رڙهان ٿي، توکي پنهنجو اندر ڏيکاريان ٿي ان ۾ بہ ڀلا منهنجو ڪهڙو غرض آهي؟ مان تہ نوکي پاڻ سان شامل ڪيو آهي تہ مون کي صلاح ڏي مشورو ڏي.“

”پر تون تہ ڪا صلاح ڪو مشورو مڃڻ لاءِ تيار ڪٿي آهين! تون جڏهن پنهنجي اندر واري قلعي جي حصار ۾ پاڻ کي قيد ڪري ان کي مضبوط ڪڙا ۽ تالا هڻي بند ڪيو ويٺي آهين تہ پوءِ صلاحن ۽ مشورن جا معصوم ۽ بي ضرر پيامبر اتي ڪيئن پهچي سگهندا؟ تنهنجي اڳيان تہ اهي دشمن جون فوجون آهن جن سان مقابلي لاءِ تون هر وقت مستعد ۽ تيار آهين. هينئر ڀلي تون پاڻ کي ان قلعي جي حصار ۾ محفوظ سمجهہ پر جڏهن اتي تنهنجو راشن پاڻي ختم ٿيندو تہ، تون انهن ساڳين پيامبرن لاءِ پنهنجا قابل اعتماد قاصد موڪليندينءِ پر پوءِ اهي پيامبر الائي ڪهڙين ڏسائن ڏانهن پيام ڪٽي ويل هوندا جن کي پوءِ ڪي بہ صدائون ۽ سڏ ورائي نہ سگهندا!“

جان بيبي بہ زهره جي مضبوط دلين اڳيان ٻڙجي جهوني وڻ جي پاڙ وانگيان زمين جي گهراين ۾ ڄڻ کپيل هئي.

”کهڙو ڪوٽ، کهڙو قلعو، مان تہ تنهنجي اڳيان ايئن پڌري پٽ آهيان جيئن ڪا بي اولاد بيواهہ ڏيرن هٿان بي گهر ٿي اگهاڙي آسمان هيٺان وينل هجي.“

اهڙي سنجيده ماحول ۾ بہ جان بيبيءَ جي ڏنل ان تشبيهہ زهره کان چرڪ ڪڍائي ڇڏيو. ڪلندي چيو، ”واهہ جاني واهہ، تنهنجي ڏنل انهيءَ تشبيهہ اڳيان تہ منهنجون صلاحون ۽ مشورا ايئن آهن جيئن ڪنهن ڪاريءَ جو بنا غسل ۽ ڪفن جي ڪڏ ۾ پوريل لاش.“

”چاٺان ٿي، تہ تو اها تشبيهہ ارادتن ڏني آهي پر ڪاريءَ جو اهو بي غسليو ۽ بي ڪفن لاش تہ منهنجي اندر ۾ پليل اها چڪ ۽ سڪ آهي جيڪا طارق خان لاءِ آهي، پر مان ان جو اظهار بہ بلڪل ايئن نٿي ڪري سگهان جيئن ڪا ڪنواري پيٽ ۾ پاليل پيار جي نشانيءَ کي گناهہ سمجهي لڪائي ۽ ڪنهن اڳيان ان جو ذڪر ڪري نہ سگهي. مون کي خبر آهي تہ منهنجو پيار اهو ناجائز ٻار آهي جنهن کي دنيا ۾ پهرين ساهہ کڻڻ کان اڳ گهٽيو ٿو وڃي ۽ ڪچري جي ڍڳ ۾ ڪتن حوالي ٿو ڪجي پر اها شايد ڪنهن کي بہ خبر ناهي تہ اهو ڪتن جو اڌ کاڌل ۽ چچريل لاش اهو بينر هوندو آهي، جيڪو احتجاج ڪندو آهي پنهنجي خاتمي جو ۽ اعلان ڪندو آهي پنهنجي هئڻ جو ۽ منهنجو پيار بہ شايد دنيا ۾ اهائي حيثيت ماٺي، پر..“

”جاني، اڄ تنهنجو اندر ڇهچ سائي فصل جيان جهومي پيو ۽ توکي ڪنهن بہ ٻوڏ ۽ طوفان جو خطرو ڪونهي نہ ئي اهو خوف آهي تہ پنجاب ان جو پاڻي روڪي ڇڏيندو...... پر پلي وقت گذري ۽ اها پوک پچي راس ٿئي پوءِ مان بہ ڏسان تہ تون ان لاباري مان خوشين جا ڪيترا ڪراڙ ٿي حاصل ڪرين؟“

”مون اها پوک ڪنهن بہ سگهاري لاپ لاءِ نہ پوکي آهي. ها، باقي اهو ضرور يقين اٿم تہ اها پوک جڏهن بہ پچندي ۽ ان جو

لابـارو ٿينـدو تـہ ڏڪـن، سـورن ۾ دردن جـا ضـرور ڪـراڙ حاصـل ڪنديس."

"۾ پـوءِ اهـي سـيئي ڳوٺيـون يـري طـارق خـان ڏي امـاڻي ڇڏجانءِ."

"نہ زهري، ايئن نہ چئو."

زهره واچ ۾ نهاري دانهن ڪئي، "اڙي ڏيڍ پيـو ٿئي، اڌ رات تہ هلي ويئي هاڻي مهرباني ڪري سمهہ."

جان بيبي ليٽي پئي تہ زهره لائيٽ بند ڪري سندس پر ۾ سـمهي پئـي. شـمو ۾ آمـي جيڪـي جـان بيبـيءَ جـي ڪمـري ۾ سمجهنديون هيون اهي وراندي ۾ ستيون. سانپائيءَ جو بانگ مهل شمو اٿي تہ آمي بہ ساٿس گڏ اٿي. ٻنهي اچي ختو ۾ ملوڪان کي اٿاريو ۾ پاڻ ٻئي ٻاهرين نل ڏانهن وضو ڪرڻ لاءِ ويون.

ملوڪان اڪيون مهٽيندي چيو، "سومل ۾ ستو پنهنجن گهرن ڏانهن وڃن ٿيون تہ ڇن مريو ٿيون وڃن، ورڻ جو نالو ئي ڪونہ ٿيون وٺن ۾ سڄو ڪم اسين ٻئي ڪريون."

"اڙي هل ڙي هل، نخرا نہ ڪر، جڏهن سومل صبح جو چانهہ پچائڻ لاءِ اٿندي هئي تڏهن بہ تہ تـون سـاٿس گڏ اٿنـدي هيـئين، ادا ربوءَ لاءِ ڪري هاڻي وري؟"

"وات تہ جهل، هينئر ٿيون ڪراڙيون ٻڌن ۾...."

"ڪونہ ٿيون ٻڌن ايترو پري ڪان."

ملوڪان رڌڻي جو دروازو کولي چيو، "ختو، اسين تہ ننڍيون آهيون پر هي ٻئي بہ ويچاريون گهٽو ٿيون ڪم ڪن، آميءَ جي حوالي تہ سڄي گهر جي استري آهي."

"استري ڪرڻ آهي بہ الاهي ڏکي!"

آمي ۾ شمو وضو ڪري نل تان وريون تہ ملوڪان ۾ ختو بہ نل وٽ هٿ منهن ڌوئڻ آيون، ختوءَ گرڙي اڇلائي چيو، "اڄ دير ٿي وئي آهي ملوڪي، پهرين تون چانهہ جو پاڻي تڪڙو چاڙهہ."

ملوڪان جلدي جلدي چانهہ جو پاڻي چلهي تي رکيو تہ ٻاهرين گيٽ تي ڪڙڪو ٿيو. ختوءَ مشڪي ملوڪان کي چيو، "وڃي در

ڪول عاشق پٽ ڪي.“

ملوڪان مشڪندي ڦڪي ٽيندي گيٽ کولڻ ويئي ته گيٽ تي منو ڪانئين جي پري ڪٽيو بيٺو هو. ملوڪان جو موڊ صفا خراب ٿي ويو. بنا ڳالهائڻ جي پنيان وري ختوءَ کي چيائين، ”ائي ختان، تنهنجو عاشق آيو آهي.“

منو ڪانيون ڪٽي اندر آيو ته سندس پنيان ئي ربو به ڪانئين جي پري پنيءَ تي ڪٽي اندر آيو. ملوڪان کي ويندي ڏسي چيائين، ”ڪيڏي مومل ڪيڏي؟“

ربوءَ جي آواز تي مشڪي ملوڪان پنيان نهاريو ۽ وري آئي ۽ ساڻس ڳالهيون ڪرڻ لڳي ۽ ختو منوءَ سان مارڪا ڪرڻ لڳي. شموءَ پري کان ڪين ڏٺو ٻئي جوڙا هڪ ٻي ۾ محو هئا. شموءَ ويجهي اچي چيو. ”اسان به گهوٽ ڪيا پر هھڙيون خواريون نه ڪيون. اوهين ته صفا ليڪو لنگهي ويون آهيو.“

سيني گڏجي چرڪ پريو. ملوڪان ۽ ختو رڌڻي ڏانهن پڳيون ۽ ربو ۽ منو گيٽ ڏانهن پڳا ته شموءَ چيو، ”ڪيڏيون ٿي نصيحتون ڪريان پر ڇورين تي اثر ايترو ٿو پوي جڻ منهن تي ڪتو ٻهي.“

ربوءَ گيٽ وٽ بيهي چيو، ”ماسي شمو، توکي ته پريمين سان الائي ڪهڙو وير آهي ٻه منٽ روح خوش ڪرڻ به نٿي ڏين؟“

”هل ڙي هل پريمي پٽ، اخبارن ۾ ڏسين نٿو پريمين جا ڳاڙها ڦوتو. روز ٿي سمجهايان پر ڪتي واري پڇ جيان اهي ئي ونگي جا ونگا.“

منوءَ ربوءَ کي ٻانهن کان جهلي وٺي ويندي چيو، ”ڇڏينس ڪٽي ربو، ڇريءَ کي ڇوربو ڇٺن گارين لاءِ ماسي شمو هاٽي سونت ۾ ڪتي؟“

هو ٻئي گيٽ کان ٻاهر نڪتا ۽ شموءَ گيٽ بند ڪيو. رڌڻي ۾ ختوءَ کلي ملوڪان کي چيو، ”منوءَ وارو پهاڪو جي ماسي شمو ٻڌي، هو ته ٻئي پڇي وجن پر مصيبت اسان ٻنهي لاءِ اچي.“

”پر ماسي شمو آهي وڏي حرامڙي، ڪيئن چيائين، ته اخبارن

۾ پريمين جا ڳاڙها ڦوٽو."

"هئو الا، سائين جبار جون آنڌل اخبارون ڏسندي آهي."

شمو رڌڻي ۾ آئي تہ ٻنهي جو ساهہ مٺ ۾ اچي ويو تہ هينئر ٿي دڙڪا ڏي پر هن معمول جيان پڇيو، "چانهہ تہ چاڙهي اٿوَ نہ؟"

ٻنهي جي پيٽ ۾ ساهہ پيو. ملوڪان چيو، "هئو ماسي ٿوري دير اٿس اچي ويهہ."

"امان، نماز جوٽڪر هٽي تي اچان... مون لاءِ سليماني چانهہ ڪڍي رکجو... نڙيءَ جي سور ڪان مران ٿي رات ڪان مڏهاڙ (زڪام) ٿيو اٿم."

"ماسي، اجا نماز نہ پڙهي اٿئي؟"

"ڪٿي امان."

"چو ماسي، قضا نہ ٿيندي؟"

شمو ٽڪڙو ٽڪڙو اندر وراندي ڏانهن هلي وئي تہ ملوڪان چيو، "اسان جي مٿي تي ٻيهي جاسوسيون ڪري پنهنجي نماز ٿي قضا ڪري ڇڏيائين."

"سليماني چانهہ وٺندي اٿس پوءِ روز زڪام جا بهانا ڪندي آهي."

"هئو، اڳ پاڻ چانهہ ڪاڙهيندي هئي نہ، سو سليماني چانهہ پيئڻ جي رَهَہ (عادت) ڪري ويئي آهي پر هڪڙي ڳالهہ تو جانچي آهي؟"

"ڪهڙي؟"

"روز سليماني چانهہ گهرڻ مهل نڙيءَ جي سور جي ڳالهہ ضرور ڪندي آهي. پوءِ سڄو ڏينهن نڙيءَ جي سور جو نالو بہ نہ وٺندي!!"

ٻئي کِلڻ لڳيون. چانهہ چکندي ختوءَ چيو، "ملوڪي، اڄ چانهہ مزي واري ناهي"

"قرآن؟" ملوڪان اکيون ڦاڙي دپ مان چيو.

"هئو الا!"

"پاٽي ڪڙهي ويو، اسان جي مارڪن ۾... سائين جبار تہ

الائي پيئي نہ پيئي!!“

ملوڪان پاڻ چانهہ کي چکي چيو، ”نہ ڙي، اڳوٽيءَ جهڙي ئي آهي. ڪوڙي، تو تہ ڏيڍاري منهنجي ساهہ ئي ڳاڙي ڇڏي.“

جان بيبي زهره جي سمهڻ کان پوءِ بہ يڪو جاڳندي رهي ۽ پوءِ الائي ڪيڏيءَ مهل سندس اک لڳي ويئي هئي پر هينئر بہ وري تڪڙو ئي جاڳي پيئي هئي، ڏنائين تہ اجا زهره مٺي ننڊ ۾ ستل آهي، ڪيس زهره تي ڏاڍو پيار آيو ۽ سندس معصوميت ۽ بي فڪريءَ واري ننڊ تي رشڪ پي آيس، هوءَ اٿي واش روم ڏانهن ويئي ۽ هٿ منهن ڌوئي آئي تہ اجا زهره ايئن ئي ساڳي پاسي تي ستل هئي. هوءَ آهستي ڪمري جو دروازو کولي ٻاهر نڪتي. ٻاهر ورانڊي ۾ آمي ۽ شمو نماز پڙهي رهيون هيون. جان بيبيءَ کي ڏسي آميءَ تسبيح هيٺ مصلي تي رکي چيو، ”چا آهي جيجي، طبيعت تہ سهي اٿئي سويل اٿي آهين؟“

هن ڪنڌ ڌوڻي هاڪار ڪئي. شمو اٿي ڪيس پر ۾ رکيل ڪرسيءَ تي ويهاري ڦيٽا وجهڻ لڳي. آمي بہ مصلي تان اٿي اچي ڪيس ڦيٽا وڌا. جان بيبي اٿي ۽ آهستي آهستي هلندي ورانڊي کان ٻاهر نڪتي ۽ هو ٻئي ڪيس دعائون ڪرڻ لڳيون. جان بيبي بي مقصد هيڏي هوڏي هلندي رڌڻي ۾ آئي. ملوڪان ۽ ختو چانهہ پي رهيون هيون. ٻئي ڦڪيون تي پيالا هيٺ رکي اُٿيون.

”جيجي، خير تہ آهي؟“

”ها خير آهي، ناشتي ۾ زهره لاءِ ڇا تيون بنايو؟“

”جيجي، سيون، بيضا، ڦلڪا...“

”شامي ڪباب آهن؟“

”هئو جيجي ڊيگ رکيا آهن.“

”اهي بہ گرم ڪري آڻجو، رات زهره کي ڏاڍو وڻيا هئا.“

”جيجي، چانهہ پيئين تي؟“

”ها، ڪمري ۾ ڪٽي آءُ.“

هوءَ آهستي آهستي هلندي پنهنجي ڪمري ۾ آئي تہ زهره اجا ستل هئي. هن واچ ۾ نهاريو ڇهہ پئي تيا. هوءَ آهستي آهستي

ويني ۽ شاهہ جو رسالو کڻي پڙهڻ لڳي:

گجر گهٽا گهائيا، پاٽا لڳس گهاءُ،
مينڊري ملاءِ، لڳس ڪان ڪپار ۾.

رسالو ويهاڻي تي رکي پاڻ سوچن ۾ هلي وئي. طارق خان سان گڏ ويندي سندس گاڏي ۾ ڏِڪو اچڻ سان پاڻ بچائيندي سندس ٻئي هٿ طارق خان جي ويڪرن ڪلهن تي رکڻ ۽ طارق خان جو ڪِلي ڏانهنس پنيان نهارڻ... اهوسڄو مهڪيل سفر اکين اڳيان ائين ريوائينڊ ٿي گذرڻ لڳو جڻ سندس اکيون اسڪرين هجن ۽ ذهن وي.سي.آر. هوءَ اکيون بند ڪري سوچن ۾ گم هئي تہ ختو چانهہ کڻي آئي، ٽِري تي رکيل ڪوپ جي کڙڪي تي جان بيبيءَ اکيون کوليون ۽ زهره بہ سجاڳ ٿي.

”جاني، ڪيڏي مهل اتي آهين؟“

”بس هينئر.“

”هينئر ڪتي، الائي ڪيڏي مهل جاڳي آهين... يا الائي ستي بہ آهين يا نہ؟“

”نہ نہ مان ستي هيس سچي بہ هاڻي اٿي آهيان.“

ختو اجان بيني هئي تہ جان بيبيءَ چيو، ”ٽِري تي رکيل ٿانوَن جو آواز نہ تيڻ کپي ۽ اهو مان الائي ڪيترا ڀيرا اوهان کي چيو ۽ سمجهايو آهي.“

”ها جيجي.“

زهره ڪر ڪڍي (آرس ڀجي) پلنگ تان اُٿي. ”زهري، هٿ منهن ڌوئي اچ تہ گڏجي چانهہ پيئون.“

زهره واش روم ۾ وئي تہ جان بيبي رسالو کڻي پڙهڻ لڳي:

ايريـــا م انگـــور، ســـتي ســـپرين جـــا،
ڪـــايو ڪـــايو ســـور، لُڇيـــو لوچيـــو اٿيـــان.
جيـــئن ســـي ڪـــوهيءَ نـــار، وهـــن واريءَ گاڏئـــان،
هينئـــڙو پريـــان ڌار، نبيريـــانس نـــہ نبـــري.

جان بيبي رسالو پڙهڻ ۾ محو هئي. زهره واش روم مان

نڪري وٺس آئي پر هوءَ الائي ڪٿي هئي. زهره ڪانئس رسالو ڪسيو ۽ هن چرڪي ڏانهنس نهاريو،

"هيڏي جاني، هاڻي سچي پچي وڙهي پونديسانءِ."

جان بيبي خاموش اٿي اچي چانهه پيئڻ لڳي. زهره چيو، "هينئن آءٌ بہ توسان گڏجي چانهه نہ پيئندس."

"هينئن ڪيئن؟"

"هيئن اداس اداس ۽ ماٺ."

دروازي ڏانهن ويندي چيائين، "آءٌ وڃان ٿي چاچا وارن سان گڏ چانهه پيئڻ."

جان بيبيءَ مشڪي اٿي ڪيس ٻانهن کان جهلي چيو، "پلا هاڻي تہ چانهه پيءُ."

زهره اچي ويٺي ۽ جان بيبي ٽي وي کولي اچي ساڻس ويٺي. وري اٿي چيائين، "ٽي وي تي محمد جمن جي ڪيسيٽ ٻڌون."

زهره ڪِلي پوڳ مان هٿ ٻڌي چيو، "نہ بابا، نڪو پٺائي ڪپي نڪو جمن، تو وٽ لڙڪن جا ناجائز ڪالا باغ ڊيم نهيا پيا آهن. اسان وٽ سنڌ ۽ بلوچستان ۾ پاڻي جو ڦڙو بہ ڪونهي، ٽي.وي ٽا ڏسون!!"

جان بيبي مشڪي پيئي، زي سئنيما تان فلم "اڪ بار ڦر ملو" هلي رهي هئي.

جان بيبيءَ خوش ٿي چيو، "زهري، هيءَ فلم ڏٺي اٿئي؟"

"نہ."

"ڏاڍي سٺي فلم آهي ڌيان سان ڏسجين."

ٻئي چانهه بہ پي رهيون هيون ۽ فلم بہ ڏسي رهيون هيون. ٿوري دير کان پوءِ آميءَ اچي چيو، "نيرن لاءِ جيجي اميران پئي سڏي."

جان بيبيءَ چيو، "امي، اسان ٻنهي جي نيرن هتي ڪٽي اچ."

"چاچي چا سوچيندي؟" زهره چيو.

"امي، امان کي چئو هڪ سٺي فلم پئي هلي اسين پنهنجي ڪمري ۾ نيرن ڪنديونسين."

”جاني، تون تہ هاڻي سڀ لاڳاپا لاهي ويٺي آهين ڇڻ، جو اهڙا ڪتا جواب پئي ڏين پر مان...
جان بيبيءَ پوڳ مان ڇڙي چيو،”ها ها، تون امان ۽ بابا اڳيان اهائي سلڇڻي ۽ سيبتي ٿي رهندينءَ، مياري مان ٿي ٿيندیس هاڻي تہ بس...“
آمي مشڪندي هلي وئي ۽ ٿوري ٿي دير ڪان پوءِ ختو ۽ ملوڪان نيرن ڪٺي ڪمري ۾ آيون، نيرن رکي پاڻ بہ فلم ڏسڻ ويٺي رهيون. ختوءَ چيو، ”جيجي جانل، هيءَ فلم تہ اڳ بہ آئي هئي نہ؟“
”ها، اڳ بہ هڪ نہ پر ٻہ ٽي ڀيرا آئي آهي.“
”آءٌ بہ چوان ڏٺل پئي لڳي... هن مائيءَ ڪي پنهنجي مڙس سان نہ پر اهو جيڪو فوٽو پيو بنائي ان سان پيار آهي.“
ملوڪان رڙ ڪري چيو، ”هئوڙي ختو، هيءَ فلم مون بہ اڳ ڏٺي آهي پوءِ اها مائي پنهنجي مڙس جي گهران ڀڄي ٿي وڃي ۽ پوءِ......“
ملوڪان فلم جي سڄي اسٽوري ٻڌائڻ لڳي تہ زهره چيو، ”فلم ڏسڻي اٿوَ تہ ماٺ ڪري ڏسو، سڄي ڪهاڻي ٻڌائينديون تہ فلم مان مزو ختم ٿي ويندو.“
جان بيبيءَ کِلي چيو، ”ها زهري، هي سدائين ايئن ڪنديون آهن، ادا وارا جڏهن ريسلنگ ڏسندا آهن تہ هي ٻئي جي اڳ سندن ڏٺل هوندي تہ رزلٽ ٻڌائي ڇڏينديون آهن، هڪ ڀيري ادا جبار پي ريسلنگ ڏٺي تہ ختوءَ ايندي ساڻ چيو، ”سائين ”راڪ“ سان دغا ڪري ”ٽرپل ايڇ“ ڪٽي ٿو وڃي.“ پوءِ تہ اڳيان ادا جبار هو ان ڏينهن کان وٺي ختو ٿي.وي ڪليل هوندو تہ ادا جبار جي ڪمري ۾ نہ ويندي آهي. باقي مان عادي آهيان...“
ختو ۽ ملوڪان ڦڪيون ٿي کِلڻ لڳيون، ”نہ جيجي هاڻي توبهہ زاري ڪونہ ڳالهائينديونسين.“
”آهي ڇا ڇوريون، ڇڏيو جيجين جي جند تہ نيرن ڪائين. اوهين وڃي رڌڻو سنياليو. اوطاق ۾ بہ ٻہ ٽي ماڻهو آيا آهن ۽

سائين ستار چيو آهي تہ چانھ ۾ نيرن موڪليو.“
هو اُٿيون تہ دروازو لاڪ ڪري ٻئي نيرن ڪرڻ لڳيون.
”جاني، هاڻي مان ويندس امان الائي ڪيئن ٿي هوندي.“
”چڏ ڇڏ، موڊ خراب نہ ڪر، شام جو وينديءَ بس.“
”نہ الا جاني، ايئن نہ ڪر نہ تہ پوءِ امان اصل بہ رات رهڻ نہ ڏيندي...... سويل ويندم تہ وري تڪڙو اچڻ ڏيندي.“
جان بيبيءَ اداس ٿي چيو، ”زهري، آءٌ صفا اڪيلي ٿي ويئي آهيان.“
”واقعي ادي تاجان جي شاديءَ کان پوءِ توتي وڏو اثر پيو آهي ۽ هاڻي بهانا ٿي ڳولين پناهن جا مون ۾ ۽ طارق خان ۾!!“
جان بيبيءَ چڻ ڇرڪي پئي، ”نہ زهري نہ، پناهہ تہ اهو ڳوليندو آهي جيڪو غيرمحفوظ هجي. مون کي ڪنهن بہ پناهہ ۽ تحفظ جي گهرج ناهي. باقي مان پنهنجي اڪيلائي ۽ تڪڙ جو بار لفظن جي صورت ۾ ڪڏهن بہ ٻين جي نانءُ منتقل نہ ڪنديس. ٿي سگهي ٿو تہ تو ائين محسوس ڪيو هجي پر حقيقت ۾ مان پنهنجي ئي وجود کي اڌيڙيندي آهيان! پورا پورا ڪندي آهيان پاڻ کي، ليڙون ليڙون ڪندي آهيان پنهنجي اندر کي، مان ڪڏهن بہ پنهنجو ڏوهہ ڪنهن ٻيڏوهيءَ تي نہ مڙهينديس.“
زهره کيس حيرت مان تڪيندي چيو، ”اوهہ جاني، تون پوڳ ۽ مذاق کي بہ ايڏا سنجيدگيءَ جا پوش ٿي پائين جو ماڻهو پاڻ بہ پوڳ ۽ سنجيدگي وارو فرق وساري ويهي اهو سوچي تہ مون واقعي بہ ڇا چيو هو؟ هينئر تہ تون مون کي ساڳي امتحان ۾ وجهي ڇڏيو آهي. ايئن ڇو ٿي ڪرين؟ گهڙيءَ ۾ ايڏي اوپري ٿي پري ڇو ٿي هلي وڃين جو نئين سر توسان متعارف ٿيڻو ٿو پوي ۽ پنهنجو تعارف ڪرائڻ لازمي سمجهجي. جاني، ايئن پاڻ کي اڪيلي نہ ڪر جو پنهنجي سڃاڻپ بہ وساري ويهي رهين؟“
جان بيبيءَ هنجون هاريندي رهي. زهره کيس ڀاڪر پائي چيو، ”ڇڳو، مان هينئر نہ ٿي وڃان نيڪ.“
۽ سندس لڙڪ اگهي چيائين، ”جاني، طارق خان کي تنهنجي

هن شديد ترين محنتن جي خبر ڪير ڏيندو؟“

جان بيبيءَ ڪيس ڏسي چيو، ”نہ زهري، مون کي ڪنهن بہ قاصد جي ضرورت ناهي، منهنجا جذبا سچا هوندا تہ ڪيس پاڻهي خبر پئجي ويندي. هونئن بہ چاهت سودو ۽ واپار تہ ناهي جو ڏي وٺ ڪجي.“

زهره ائين ماٺ ڪئي جڻ هار مڃيائين. زهره جي وڃڻ جو ٻڌي جيڪا سندس طبيعت بيچين ٿي هئي اها سندس نہ وڃڻ جي ٻڌي خودبخود بحال ٿي وئي ۽ هوءَ وري ساڻس کِلڻ ڪيڏڻ لڳي. ڏينهن جو ٻنهي سيني سان گڏجي ماني کاڌي ۽ حمل خان سميت گڏجي ڪچهري ڪئي. شام ٿي تہ زهره کانئس موڪل ورتي.

”جاني، هاڻي تہ کِلي موڪل ڏي.“

جان بيبيءَ مشڪي ساڻس ڀاڪر پائي چيو، ”زهري، مون توکي ڪيڏو ستايو ۽ تنگ ڪيو آهي، واقعي بہ تنهنجي ڳالهہ سهي آهي تہ مان ڪيڏي خودغرض ٿي پئي آهيان جو پنهنجي ذات جي خوشيءَ جو خيال ڪيم ۽ چاچي آمنہ جي بہ پرواهہ نہ ڪيم. بس مون کي معاف ڪجانءِ.“

زهره ڪيس ڀاڪر پائي چُميون ڏيئي چيو، ”حساس ۽ چري ڇوڪري، توکي ڪهڙي خبر تہ توسان گڏ گذاريل هڪ هڪ گهڙيءَ کي مان قيمتي سرمايو سمجهندي آهيان...... مان وري بہ تڪڙوئي ايندس نہ تہ تون سياڻي يا پرينهن اسان وٽ اچجين!“

جان بيبيءَ مشڪي هاڪار ڪئي تہ زهره تيار ٿي اچي حمل خان کي چيو، ”چاچا، هاڻي اجازت!“

”پٽ، ايڏي تڪڙ چو ٿي ڪرين، جانيءَ موڪل ڏني اٿئي؟“

”جي ها چاچا.“

امير بيبيءَ کِلي چيو، ”جانيءَ کان موڪل تہ وڏين منٿين سان ملي هوندي؟“

”واقعي چاچي، پر منهنجي جاني سمجهدار آهي.“

جان بيبيءَ مشڪي ڏانهنس نهاريو تہ ستار چيو، ”واقعي بہ ايڏي تڪڙ چو؟“

زهره اکيون هيٺ ڪري چيو، ”امان جي طبيعت نيڪ نہ آهي.“

ملوڪان اچي چيو، ”سائين ستار، سائين انور ٻاهر آيو آهي.“

زهره ٽڙندي چيو، ”ادا انور کي ضرور امان موڪليو هوندو.“

ستار، انور کي وٺي آيو جنهن سيني سان ڪيڪاري چيو، ”هلو زهري، امان رات ئي مون کي موڪليو ٿي پر بابا منع ڪئي هاڻي هل.“

امير بيبيءَ چيو، ”پٽ ٿوري دير ساهه ته پٽ، چانهه پيءُ.“

”چاچي، مان ڪو ايترو پري کان آيو آهيان جو ٿڪل هوندس.“

”پوءِ به ابا پنهنجو گهر آهي تڪڙ ڪهڙي، ٻيو وري ٻاهر ڇو بيٺو هئين اندر ڇو نه سڌو هلي آئين؟“

انور ڦِڪو ٿي ويهندي چيو، ”چاچي، ان لاءِ ته اندر ايندس ته دير ٿي ويندي، امان چيو هو ته تڪڙو اچجين.“ چانهه پي انور اٿيو ۽ ٻئي ڀاءُ ڀيڻ سيني سان موڪلائڻ لڳا. جان بيبيءَ سان ڀاڪر پائي زهره آهستي چيو، ”جاني پنهنجو خيال رکجانءِ.“

جان بيبيءَ مشڪي هاڪار ڪئي ته زهره مطمئن ٿي گاڏيءَ ۾ ويٺي.

## باب چوٿون

طارق خان جي اوطاق اڳيان سندس دوستن جون گاڏيون بيٺل هيون. علو، ڪارو، خدو ۽ جمعو چانهه پاڻي پيارڻ ۾ لڳا پيا هئا. اندر گهر ۾ طارق خان بندوقون، رائيفلون ڪٽي ڪارتوس، گوليون ۽ چاقو وغيره شڪاري ٿيلهن ۾ بند ڪري رهيو هو تہ شهناز، اڪبر کي ڪٽي آئي. طارق خان مشڪي اڪبر کي ڪنيو ۽ چميون ڏيڻ لڳو. شهناز چيو، "ڪيڏانهن جي تياري آهي؟"

"دوست آيا آهن شڪار تي ٿا وڃون."

"ڪهڙي پاسي، ادا مهراب خان ڏانهن؟"

"نہ، اوڏانهن هاڻي ايترو شڪار ئي ناهي ٻي پاسي ويندا سين."

"ٻي پاسي، ڪهڙي پاسي؟"

"معني تہ جيڏانهن بہ وڃجي توکي ان جو اڳوات اطلاع ضرور ڏجي."

کيس اڪبر ڏيندي چيائين، "ڪهڙي خبر، ڪيڏانهن نڪري وڃون. هينئر جوءِ جي خبر ڪانهي."

شهناز بہ ٿورو چڙي چيو. "پڇڻ ۾ ڇا آهي. جواب ڏيڻ ۾ خرچ ٿو اچي ڇا؟"

"چاچا حمل خان واري پاسي ويندا سين."

"ماسي اميران ۽ جانيءَ کي منهنجا سلام ڏجانءِ."

"مون سان گهڻا ماڻهو آهن سو، مان گهر ڏانهن نہ ويندس."

"واپسي ڪڏهن ٿيندي؟"

"شڪار مليو تہ سڀاڻي نہ تہ پرينهن."

"ادي حسن جان ڏي ويو هئين؟"

پيڻ جو نالو ٻڌي طارق خان ٿڙي پيو، "ها، ڪلهہ ويو هئس ۽ هاڻي بہ نڪرڻ کان اڳ اديءَ سان ملي پوءِ ويندس."

شهناز جي منهن جو پنو لهي ويو. چيائين، ”ادا شاهنواز به تنهنجي لاءِ ڪلهه آيو هو. اوڏانهن ويو هئين؟“
”نه.“
”پنهنجي پيڻ جي اچڻ جو بڌڻ شرط اوڏانهن ويو آهين باقي منهنجي ياءُ ڏانهن ڇو نه وئين؟“
”منهنجي پيڻ ڪي پنهنجي ياءُ سان ڇو تي ملائين، منهنجي پيڻ ته خاص منهنجي لاءِ ايندي آهي مون ڪي ڏسڻ، مون سان ملڻ ايندي آهي ۽ تنهنجو ياءُ ايندو آهي پنهنجي ڪم لاءِ، اهو وري به ايندو.“
”ڇا ادا، سواءِ پنهنجي ڪم جي هوئن نه ايندو آهي اسان وٽ؟“
”پنهنجو گهر اتس پلي اچي، پر تنهنجي ياءُ جا سدائين وڏا ڪم هوندا آهن. ڪڏهن سندس سجات سنگت وارن جو مال تو وجي ته ڪڏهن مائي! ڪڏهن ڪنهن ڪي نوڪري تي ڪپي ته ڪڏهن وري پوليس ۾ ڪم اتس، آءٌ به ماٺهو آهيان، منهنجا به گهٽائي پنهنجا ڪم آهن يا تنهنجي ياءُ جي ڪمن جي حوالي هجان هر وقت، ڇو ته هن جا ڪم ته ڪڏهن ختم ٿين ئي نٿا.“
”۽ پنهنجي پيڻ جي چوڻ تي ته سيني جا ڏڪئي ڪان ڏکيا به ڪم ڪرين ٿو.“
طارق خان ڪي وجڻ ۾ دير پي تي تيلن ۽ بڪسن ڪي بند ڪندي چڙ مان ڪيس ڏسي چيائين، ”وڏيڪ بڪواس نه ڪر، منهنجي پيڻ ڪڏهن به مون ڪي ڪو ڪم نه چيو، سندس گهروارو ادا سڪندر خان باحيثيت ۽ پهچ وارو آهي، باقي مان جڏهن به سنيري ڪيڏانهن ويندو آهيان ته تون سدائين بڪواس ڪري موڊ خراب ڪندي آهين.“
”ڪهڙو تي موڊ خراب ڪريان، تون جڏهن پنهنجي پيڻ جي گهر ڪان موٽندو آهين ته تنهنجو موڊ خراب هوندو آهي. هوءَ الائي ڇا ڇا اسان پينرن ۽ پائرن جي نالي توکي گهٽ وڌ بڌائيندي آهي جو....“

طارق خان گهٽي ڪاوڙ جي ڪري مشڪي پيو، ”ٻليءَ جي خواب ۾ ڇيڇڙا، تو ۾ جي ذرو بہ عقل هجي تہ تون ايئن نہ ڳالهائين، مان جڏهن بہ اديءَ وٽ ويندو آهيان تہ هوءَ سدائين مون تي ڪاوڙبي آهي تہ، تون شهناز جو خيال نٿو رکين، پر جيئن چوندا آهن نہ تہ جهڙي نيت تهڙي مراد....“

طارق خان ٽيلا ۽ بندوقون ڪٽي ڪمري ڪان ٻاهر نڪري علوءَ کي سامان گاڏيءَ ۾ رکڻ لاءِ سڏ ڪيو.

پاڻ وري بہ پنهنجي ڪمري ۾ آيو. عطر لڳائي اجرڪ ڪلهي تي رکي ٻاهر نڪتو. شهناز ڪاوڙيل ڪاوڙيل ڪمري ڪان نڪتي ۽ طارق خان گهر مان نڪري ويو.

حمل خان جي اوطاق ۾ طارق خان ۽ سندس دوست وينل هئا. ستار ۽ جبار ساڻن ملي اٿيا تہ طارق خان چيو، ”ڪيڏانهن ٿا اٿو.“

حمل خان کلي چيو، ”ڪو پاٽي ٻاٽي.“

”نہ چاچا، اسان وٽ ڪاڏو، پاٽي چانهہ سڀ ڪجهہ تيار آهي ۽ ٻورچي وغيره بہ ساڻ آهن. بس، اوهان کي سلام ڪرڻ آياسين هاڻي اسين اٿنداسين، چو تہ شڪار تي وڃڻو آهي.“

”ايئن وري ڪيئن ٿيندو؟“

”چاچا، ايئن ئي ٿيندو.“

”اها تہ بيواجبي ٿيندي.“

طارق خان ٿهڪ ڏيئي چيو، ”پوءِ ڀلا چاچا، ڪاڏي پاٽيءَ جي ادلي بدلي ۽ مٽاسٽا ٿا ڪريون.“

”اهو ڪيئن؟“

”چاچا، اسين جي اوهان جو ڪاڏو ڪائينداسين تہ اسان جو تيار ٿيل، ٻڌل ڪاڏو خراب ٿي ويندو جيڪو اسين پنهنجي پسند تي ٺهرائي آيا آهيون.“

”رڌل ڪاڏو بہ آندو اٿوَ؟“

”ها چاچا، اها ئي تہ ڳالهہ پيو ڪريان نہ!“

”پر مهرباني ڪري شڪار ڪان پوءِ ورندي اسان جي ماني ڪائجو.“

”چاچا، اسان جو پروگرام تہ اهو آهي تہ شڪار ڪرڻ ڪان پوءِ سڌا ڪراچي هليا وينداسين.“

”نہ ابا، ايئن نہ ٿيندو، اسان وٽان بہ گرهہ ڪائي پوءِ وڃجو.“

”ايئن تہ چاچا دير ٿي ويندي.“

”پوءِ پلا هينئر چانهہ تہ پيئو!“

حمل خان اٿيو تہ طارق خان بہ ساٿس گڏ اٿي ڪيس هٿ ۾ جهلي گاڏين ڏانهن وڌي آيو ۽ هڪ وڏي ڪليل لينڊ ڪروزر وٽ وڃي اچي ڪيس ڏيکاريندي چيائين، ”هي ڏس چاچا، هي سيئي ٿرماس تيار چانهہ ۽ ڪافي مان ڀريل آهن ۽ هي ڪاڏو.“

حمل خان ڏٺو تہ سڄي گاڏي راشن پاڻي ٿرماسن ۽ ٽفن باڪسز مان ڀريل هئي سو ڪلي چيائين، ”اهو تہ سڀ ٺيڪ پر آءٌ تنهنجي ڀڦيءَ کي ڪهڙو جواب ڏيندس، جڏهن ڪيس خبر پوندي تہ طارق خان آيو هو ۽ ٻاهران اوطاق مان ئي هليو ويو پوءِ تہ مون سان ڏاڍي جٺ ٿيندي.“

”ٺيڪ آهي پلا واپسيءَ ۾ ڀڦيءَ سان ملندس.“

اوطاق ۾ اچي طارق خان دوستن کي هلڻ لاءِ چيو. سيئي حمل خان، ستار ۽ جبار ڪان موڪلائي گاڏين ۾ چڙهيا. حمل خان ڪان اڳ ۾ ئي ستار ۽ جبار اندر حويليءَ ۾ وڃي ڳالهہ ڪئي هئي تہ طارق خان آيو ۽ هليو بہ ويو! حمل خان جيئن ئي اندر ڪمري ۾ آيو، امير بيبيءَ ناراضگي ۽ ڪاوڙ مان چيو، ”طارق خان کي اتان ٻاهران ئي ڏارين وانگر روانو ڪري آيو آهين، منهنجا پلا ڪهڙا مائٽ ٿا روز روز اچن جو اچي ايڏو تنگ ٿيو آهين جو خالي وات جي صلاح بہ طارق خان کي نہ هنيئي!“

”توکي تہ خبر آهي تون جيترو بہ ڪاوڙبي آهين اوترو وڌيڪ مون کي وڻندي آهين، باقي جي توکي ڪاوڙجڻ ۾ تڪليف ٿي ٿئي تہ ڪاوڙ کي قابوءَ ۾ رک. طارق خان چيو آهي تہ موٽندي هو توسان ملي ويندو. مون کي هي سور اڳ ئي سڄهيا ٿي سو پڪيون ٻوليون ڪيون اٿم ساڻس.“

امير بيبيءَ مشڪيو تہ حمل خان جو هانءُ ٺري پيو. جان

بيبيءَ کي بہ طارق خان جي اچڻ جي خبر پئجي ويئي هئي ۽ وري جو اهو ٻڌائين تہ هو حمل خان جي زور پرڻ تي واپسيءَ مهل وٽن ايندو تہ سندس دل عجيب بي ترتيب نموني ڌڙڪڻ لڳي. هوءَ بيچين ٿي وئي. معنيٰ مان کيس ياد بہ ناهيان، نہ تہ جيڪر ملڻ جو بهانو تہ هو، جي هو چاهي تہ.... پر نہ، کيس زور زبردستيءَ سان بابا واپس اچڻ جو چيو آهي نہ تہ هو هليو ٿي ويو، اتان ئي ٻاهران ئي ٻاهران. ڪيڏي حيرت جهڙي ڳالھ آهي تہ، بہ ماڻهو، هڪ کي ايڏي چاھ جو لمحي لمحي تڙپي ۽ پڄري ۽ ٻيو صفا بي خبر بي پرواھ، ڪا سڪ، نہ ڇڪ، کيس لطيف جي سٽ ياد اچڻ سان سڄي صورتحال واضح طريقي سان سمجھ ۾ اچي وئي تہ اها نرالي ۽ انوکي هلت رڳو هڪ مون سان ئي ناهي نہ ئي رڳو مان هڪ ئي اڪيلي دنيا ۾ چاھ ۾ چري آهيان جيڪا هڪ طرفي پيار ۾ گرفتار آهيان پر عاشق تہ جتي ڪٿي سوريءَ سزاوار آهن. هوءَ جهونگارڻ لڳي، ”هت سڪڻ بي عدد، هت پريںءَ پرواھ نڪا....“ کيس اڄ ئي لطيفؒ جو اهو فلسفو سمجھ ۾ آيو هو. سوچيائين، ”چاھ جي ڪا مند ڪا موسم ناهي ٿيندي (اها ڪنهن جي چواڻي پنجين موسم آهي) نہ ئي ڪو وقت مقرر ٿيندو آهي. محبت جو جذبو بہ ڪيڏو پاڻ وهيٽو ٿو ٿئي بغير ڪنهن رٿابندي جي. سيئي معاملا طئي ڪري ٿو ڇڏي ۽ ماڻهو خوابن جي ايوانن ۾ ڀٽڪندو ٿو رهي بنا سونت جي. مان بہ تہ ساڳين سپنن جي راھ تي هلڻ لڳي آهيان. پر هي ڪهڙي چريائي آهي؟ پلا اڪيلا جذبا بہ ڪڏهن سفر ڪري سگهيا آهن، همسفر بنا، سنسان رستن تي. پر دل منهنجي تہ انهن ڳالهين تي رڳو مرڪي ٿي ڏي ايئن چڻ چيڙائيندي هجي تہ چري، توکي ڪهڙي خبر تہ جذبا ڪهڙي چيز آهن! جذبو تہ هڪ لطيف احساس جو نانءُ آهي ان کان سواءِ ٻي ڪاٻہ سڃاڻپ ۽ نالو ئي نہ اٿس. اهي ٻي نانءُ جذبا جيڪي وڇوڙن ۽ ميلاپن جي لذتن ۽ اذيتن سان ٻڌل ناهن هوندا، جيڪي بنا ڇهڻ جي محسوس ڪري سگهجن. طارق خان سان پلا ڪهڙيون ملاقاتيون ۽ رهاڻيون ٿيون آهن؟ جو مان کيس پنهنجو ياڳ بنائي ڇڏيو آهي. بس هڪڙو ڇهاءُ؟

۽ سندس وجود جي خوشبو؟ جيڪا منهنجي هٿن ۾ ٻانهن ۾ شامل ٿي منهنجي ساهن ۾ سمائجي ويئي آهي ۽ منهنجي رڳ رڳ ۾ رت وانگيان گردش پئي ڪري! هيڪلو ماڻهو، تنها وجود جڏهن بنا اطلاع جي پيار جي منزلن ڏانهن هاڪاريندو آهي، بغير ان سوچ جي ته جنهن کي حاصل ڪرڻ، پائڻ جي تمنا آهي، اهو به پويان ئي رهيل آهي، بنا ڪنهن جنبش جي، وڪ ڪڍڻ جي اتيئي بيٺو آهي، پر پاڻ ڪيس پائڻ جي آس ۾ اڳتي ئي اڳتي هليو ويندو آهي ۽ جڏهن سندس تنها پيار انتهاين کي ڇهندو آهي... ۽ پوءِ به جڏهن سندس اميد تازي تواني بنا ٽڪ جي برقرار هوندي ته ان صورت ۾ اڳيان ڪيس انعام ۾ بليڪ هول جو پنوائتو مهاندبو ملندو آهي! جنهن جي ٻي انت ڪليل وات ۾ وڃڻ کان سواءِ ٻي ڪا وات نه رهندي آهي ۽ جتي ڪوبه رهنما رستو ۽ روشني نه هوندي آهي. جان بيبي کي به هن وقت بلڪل ائين محسوس ٿي رهيو هو ته هوءَ بليڪ هول جي چنبي ۾ ڦاسي ويئي آهي. طارق خان چيو هو ته هو واپسيءَ ۾ وٺن ايندو پر جان بيبيءَ کي ته سندس انتظار هينئر کان ئي نهايت شدت سان هو. حالانڪه اندر مان اها ميار ۽ ڏک ساڻس وڙهي گولڊ ميڊل حاصل ڪري ويا هئا ته، ڪيس طارق خان جو انتظار ڪنهن به صورت ۾ ڪرڻ نه جڳائي. جي، وٽس ماڻهپي جي ناتي سان انا ۽ خودداري جي ذري به ليهه آهي. پر هوءَ پنهنجي اندر سان ته بهرحال مخالفت ۽ مقابلو ڪرڻ جي قوت پرپور رکندڙ هئي، پلي جو سندس اندر ڪيس وڏي مارجن سان هارائي يا ته پوءِ هوءَ يقينن پنهنجي چاهت اڳيان مڪمل بيوس ۽ چت ٿيل هئي ۽ نه چاهيندي به طارق خان جو ڏاڍو انتظار ڪري رهي هئي، رات جو مانيءَ مهل حمل خان ۽ امير بيبيءَ طارق خان جو ڏاڍو انتظار ڪيو، پر جڏهن رات جا ٻارنهن به ٿي ويا ته، حمل خان چيو، ”شايد ڪين وڏو شڪار ملي ويو هوندو ۽ هو اتان کان ئي هليا ويا هجن شڪار جي خراب ٿيڻ جي ڊپ کان.“

امير بيبيءَ پراميد لهجي ۾ چيو، ”نه، طارق خان جڏهن چيو آهي ته ايندس، ته پوءِ پلي ڪيس لک شڪار ملن هو ضرور ايندو،

ايئن هليو نہ ويندو.“

حمل خان بي يقينيءَ مان چيو، ”الائي هاڻي اچي نہ اچي؟“

امير بيبيءَ مشڪي چيو، ”توکي ننڊ لڳي آهي تہ سمهي پئو، مان اجان جاڳان ٿي.“

رات جا ساڍا ٻارهن ٿيا تہ ملوڪان ۽ ختو ڊوڙنديون آيون، ”سائين طارق خان وارا آيا آهن.“

حمل خان ٽپ ڏيئي اٿيو. ستار ۽ جبار بہ اٿي اوطاق ڏانهن ويا. ملوڪان ۽ ختو وري ڊوڙي جان بيبيءَ جي ڪمري ۾ آيون جتي شمو ۽ آمي ستيون هيون ۽ جان بيبي شاهہ جو رسالو هٿ ۾ ڪٽي جاڳي رهي هئي. ٻنهي وٽس اچي گڏ ڳالهايو، ”جيجي، سائين طارق خان آيو آهي.“

جان بيبي ڇرڪ ڪائي اٿي ويٺي، ملوڪان ڦڪي ٿي چيو، ”جيجي ايڏو ڇرڪ ڪاڏئي، ستي هيئن ڇا؟“

جان بيبي اتاولائيءَ مان چيو، ”نہ، نہ ڇو؟“

”جيجي ڊيهو ڪاڏئي، مون سمجهيو اسان ننڊ مان اٿاريو اٿئي!!“

”نہ نہ جاڳيس پئي.“

سوچيائين، ”ننڊ بہ هاڻي پاڻ وهيٽي آهي وٽيس تہ اچي وٽيس تہ نہ اچي.“

“ ”
..................

جان ببيبيءَ جو من منجهامڻ لڳو، ”امان تہ ضرور مون کي سڏائيندي، پر مان نہ ويندي‌س، ڇو وجان. امان سان ملڻ آيو آهي اهائي ساڻس ملندي بس، منهنجي ڪهڙي ضرورت آهي ساڻس ملڻ جي، دوست بہ گڏ هوندس، تڪڙو بہ هوندو اتان ئي هليو ويندو بس امان سان ملي... پر هو ڇا سوچيندو، ڇوندو ڪلهہ منهنجي گهر ۾ رهي ڪائي پي سوڪڙيون پاڪڙيون ڪٽي آئي آهي ۽ اڄ پليڪار ڏيڻ بہ نٿي اچي!“

هوءَ ڇرڪي پئي. واقعي هن کي ڪهڙي خبر تہ مان سندس چاهہ ۾ ايترو اڳيان وڌي ويئي آهيان جو رسمي آڌرڀاءُ ۽ رک رکاءُ

تہ الائي ڪڏهن وچ مان پڙڪو ڪري اڏامي ويا آهن ۽ انهن جي جاءِ تي ازخود رسڻ، پرچڻ، هجتون ڪرڻ ۽ ميارون ڏيڻ واري پنهنجائپ مان پرُ جذبا والاري وينا آهن ۽ بنا پيچا پاڻمرادو اهي وچ وارا مرحلا جن ۾ صدين، جنمن جا فاصلا ۽ ورهين جا ويچا هئا اهي اندر جي انوکي طلب هڪ ئي ٽپ سان طئي ڪري چڏيا آهن ۽ هاڻي مان، مان نہ رهي آهيان پر سندس لاءِ اهو چيڪ بنجي ويئي آهيان جنهن ۾ مون پنهنجي جيون جو هڪ هڪ خوبصورت پل، هڪ هڪ مهڪندڙ لمحو ۽ دل جي ڌڪ ڌڪ سميت پنهنجي وجود جا سڀ رنگ، روشني ۽ خوشبو، پنهنجي جسم جي نرمي، لهجي جي مناس، ٿهڪ جو سُر، ساهہ جي سرهاڻ ۽ پنهنجي گداز انگ انگ جي چڪ ۽ سڪ سندس لاءِ ارپي رکي آهي ۽ هو جنهن مهل چاهي ڪيش ڪري ٿو سگهي..."

"جيجي جانل، جيجي اميران پئي توکي سڏي."

شموءَ ڪلندي اچي سندس ڪمري ۾ ڪيس ڇيو تہ هوءَ چرڪي پئي جڻ ڪنهن ڪيس ستن آسمانن جي اوچاين ۽ وسعتن مان ڇڪي هيٺ لاٿو هجي. هن شموءَ ۾ نهاريو تہ شموءَ مشڪي چيو، "ها جيجي، سائين طارق خان سويل کان پيو تنهنجي لاءِ پڇي.... ۽ اهو بہ چيائين آهي جي ستل هجي تہ نہ اٿارجوس."

جان بيبي واش روم ڏانهن ويندي سوچيو، "تو اچڻ جو چيو آهي ۽ مان سمهي پونديس، ايئن تون ڪري سگهين ٿو طارق خان، مان نہ..........."

هٿ منهن ڌوئي اچي ڊريسنگ ٽيبل اڳيان ويني. پاڻ کي نيڪ ناڪ ڪري اٿي تہ، طارق خان سندس ڪمري جي دروازي تي بيٺو مشڪي رهيو هو، سندس پويان ئي حمل خان، امير بيبي، ستار ۽ جبار بہ هئا جيڪي پڻ مشڪي رهيا هئا. جان بيبيءَ چرڪي رئو مٿي تي رکيو ۽ ڪيس پليڪار ڏني تہ طارق خان مشڪي چيو، "پڪي اميران اوهان کي آڻڻ لاءِ اٿي ٿي، چو تہ اسان اوهان جو ڏاڍو انتظار ڪيو هو پر مون کي تہ هي ڪمرو ڏسڻو هو تنهنڪري هلي آيس."

جان بيبيءَ رڳو مشڪي ڏنو. حمل خان ستار ۽ جبار سان گڏ اوطاق ڏانهن ويندي چيو، ”طارق خان جا دوست ڇا سوچيندا، تہ پنهنجي مائٽ کي اندر وٺي ويا ۽ اسان وٽ هڪڙو بہ نہ ويٺو، سو اوڏانهن ٿا وڃون.“

انهن جي وڃڻ کان پوءِ طارق خان، امير بيبيءَ ڏي نهاري مشڪي اندر ڪمري ۾ ايندي چيو، ”پڦي، جان بيبيءَ تہ پنهنجي ڪمري ۾ اچڻ ۽ ويهڻ جي صلاح بہ نہ هئين آهي پر........“

جان بيبيءَ ڦڪي ٿي هڪدم چيو، ”اوهہ معاف ڪريو، اچو اچي ويهو.“

۽ سوچيائين، ’واقعي هرڪا رسم وساري ويٺي آهيان طارق خان، پر مان پنهنجي هوش ۾ هجان تہ سڀ ياد ڪريان.‘ طارق خان ٿهڪ ڏيئي چيو، ”اچي تہ ويا آهيون باقي ويهڻ لاءِ وقت ناهي.“

۽ سندس ڪتابن جي شيلف وٽ اچي بيٺو. آڊيو ۽ وڊيو ڪيسٽيون ڏسي چوڻ لڳو، ”اوهان جي پسند تہ لاجواب آهي باقي بيون ڪهڙيون دلچسپيون ۽ مصروفيتون آهن؟“

طارق خان کي ويجهو ڏسي جان بيبيءَ جي دل جو ڌڙڪو خوشيءَ مان تيز ٿيڻ لڳو. جان بيبيءَ جواب ڏيڻ ۾ دير ڪئي تہ امير بيبيءَ مشڪي چيو، ”پٽ، تاجان جي شاديءَ کان پوءِ جاني تمام گهڻو اداس رهڻ لڳي آهي ۽ الائي ڇو پاڻ کي اڪيلي ٿي سمجهي. پنهنجي سيني سئوٽن مان ادا مصطفيٰ خان جي نياڻي زهره سان البتہ سندس دل لڳندي آهي. اها ايندي آهي تہ ڪجهہ خوش رهندي آهي پر ان جي ماءُ ادي آمنہ جي طبيعت بہ نيڪ نٿي رهي.“

طارق خان سندس ڳالهيون ٻڌندو ڪمري جي هڪ هڪ شئي کي هلندو ڏسي رهيو هو. پينگهي ۾ رکيل شاهہ جو رسالو ڏسي، ڪٽي خوشيءَ مان جان بيبيءَ کان پڇيائين، ”شاهہ کي پڙهندا آهيو؟“

جان بيبي اکيون جهڪائي چيو، ”تمام گهڻو پڙهندي آهيان!“

طارق خان کلي پوڳ مان چيو، ”سمجهندا بہ آهيو يا نہ؟“

جان بيبيءَ مشڪي چيو، ”سمجهڻ کان سواءِ پڙهڻ ڪهڙو،

مان طوطو ناهيان انسان آهيان."

ان تان امير بيبي ۽ طارق خان ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. طارق خان ڀرپور انداز سان ڪيس ڏسي چيو، "نہ صرف انسان پر مڪمل انسان آهيو اوهان."

امير بيبيءَ کلي چيو، "پٽ، جاني توکان گهڻو ننڍي آهي سو ڪيس "اوهان" نہ چئو."

طارق خان کلي چيو، "اها تہ خبر اٿم پڪي، پر ڪو ڪو ماڻهو اهڙو هوندو آهي جنهن جو حجاب ۽ دٻدٻو سندس احترام ڪرائڻ تي مجبور ڪندو آهي ۽ جان بيبي بہ انهن مان آهي."

امير بيبيءَ کلي چيو، "پر پٽ، ننڍن جو احترام نہ بلڪ...."

طارق خان سندس ڳالھ ڪٽي چيو، "پيار ڪبو آهي، ايئن نہ پڪي؟"

ان تي ٻئي کلي پيا ۽ جان بيبي حيران ٿي وئي. طارق خان رسالي کي ڏسي چيو، "بيا ڪهڙا نسخا آهن اوهان وٽ. اوهہ معاف ڪريو، تو وٽ."

وري بہ سيني کليو جان بيبي مشڪي ڪيس رسالا ڏيکاريندي چيو، "هي امان ۽ بابا جا آهن ۽ هي مون لاءِ ادا ستار ۽ ادا جبار آندا آهن."

طارق خان حيران ٿي چيو، "معني تہ سيئي لطيف جا عاشق آهيو."

امير بيبيءَ کلي چيو، "پٽ، پهرين تہ رڳو مان هيس ۽ مون تہ پنهنجي ڏاج ۾ ئي شاھ جو رسالو آندو هو ۽ ان کان پوءِ جانيءَ جي پيءُ کي شوق ٿيو ۽ هاڻي سيئي رسالا جانيءَ جي قبضي ۾ آهن. اسين بہ پڙهڻ لاءِ وٽانس ئي گهري ڪٽي ايندا آهيون."

طارق خان چيو، "تہ چئبو تہ جان بيبيءَ کي لطيف سمجهڻ جو ڏانءُ اوهان کان مليو آهي."

امير بيبيءَ چيو، "شروع ۾ تہ ضرور مون کي ڏسي ڪيس شوق ٿيو هو پر هاڻي جانيءَ کي لطيف بادشاھ سان عشق ۽ چاھ اسان سيني کان گهڻو مٿي آهي. نہ تہ تاجان بہ منهنجي ئي ڌيءَ آهي

پر ڪيس ڪڏهن به شاهه ڪي پڙهڻ جو شوق نه ٿيو. جاني مختلف آهي.“

جان بيبي اکيون جهڪائي ويٺي هئي. طارق خان چيو، ”پلا گنج آهي تو وٽ؟“

”نه اهو ڪونهي!“

”پٽ، توکي به شاهه پڙهڻ جو شوق آهي؟“

طارق خان مشڪي چيو، ”پڪي، جيئن اوهان کي ڏسي جان بيبيءَ کي شوق ٿيو، بلڪل ايئن ادي حسن جان کي ڏسي مون کي به شوق ٿيو ۽ هاڻي ته منهنجي لاءِ سڀ ڪجهه لطيف وٽ موجود آهي. خوش آهيان ته لطيف پڙهان، اداس آهيان ته لطيف پڙهان، منهنجي هر مرض جي دوا لطيف آهي.“ طارق خان جان بيبيءَ جي ڪيسيٽ پليئر وٽ اچي ڪيسٽيون ڏسڻ لڳو. محمد جمن جون ڪيسٽيون ڏسي نري پيو، ”جان بيبيءَ وٽ ته منهنجون سيئي ڪمزوريون موجود آهن، پلا محمد جمن جي نجي محفلن ۽ شاديءَ وارين محفلن جون ڪيسٽيون آهن؟“

”مون وٽ محمد جمن جون اهڙيون ڪيسٽيون ناهن!“

”محمد جمن عظيم فنڪار هو. مان ته سدائين دوستن کي دعوتون ڏيئي محمد جمن کي گهرائي محفلون ڪندو هئس، پر افسوس هو تڪڙو هليو ويو.“

حمل خان اچي چيو، ”تنهنجا دوست تڪڙ پيا ڪن پٽ طارق خان.“

طارق خان چرڪي چيو ”اوهه، واقعي انهن جو قصور ناهي، انهن جي صبر کي مون آزمايو آهي ۽ مان هتي جان بيبيءَ جي ڪمري ۾ سڀ ڪجهه وساري ويٺو هئس.“

پوءِ پنهنجي کيسي مان پئسا ڪڍي امير بيبيءَ ۽ جان بيبيءَ کي ڏنا ته انهن ونڻ کان انڪار ڪيو. طارق خان کلي چيو، ”پڪي، جان بيبي ته ننڍي آهي اوهان کي به سيئي رسم ۽ رواج وسري ويا آهن ڇا.“

حمل خان سميت سيئي ٺهڪ ڏيئي کلي پيا ۽ طارق خان ڪين

خرچي ڏيئي حمل خان سان گڏجي حويليءَ کان ٻاهر نڪتو ۽ حمل خان جي نوڪرن ربو، منو ۽ ياروءَ کي سڏي راشن واري گاڏيءَ ڏانهن وٺي آيو ۽ کين گاڏيءَ ۾ رکيل راشن لاهڻ لاءِ چيو تہ حمل خان چيو، ”هي ڇا ٿو ڪرين؟“

”چاچا، هاڻي تہ اسين شهر پيا وڃون پنهنجي گهرن ڏانهن هي راشن اسان ان لاءِ ڪنيو هو تہ متان شڪار نہ ملي ۽ اسان کي وڏيڪ رهڻو پوي پر شڪار تہ ويندي ساڻ مليو ويو هاڻي هي راشن اسان جي ڪهڙي ڪم جو؟“

حمل خان کلي چيو، ”ڇو پلا شهر ۾ کاڌو نہ ڪائبو آهي ڇا؟“

”چاچا، اتي کاڌو نہ ڪائبو آهي بلڪہ لوهہ جا چڻا چٻائڻا پوندا آهن.“

ربو، منو ۽ ياروءَ وارن ليند ڪروزر مان سڀ راشن لاٿو تہ طارق خان ۽ سندس دوست سيني سان موڪلائي روانا ٿيا.

طارق خان جا ڏنل پئسا اجان تائين جان بيبيءَ جي مٺ ۾ بند هئا، ڄڻ مٺ کلڻ سان اهي غائب ٿي ويندا. نوٽن مان اٿندڙ طارق خان جي عطر جي مخصوص مهڪ جان بيبيءَ کي روح تائين مهڪائي ڇڏيو هو. هن هڪدم ڪمرو لاڪ ڪري نوٽن کي ايئن سيني سان لاتو ڄڻ طارق خان جو وجود هجي. هن ڇرڪي نوٽن کي سيني کان ڌار ڪيو، ڪيس نوٽن کان بہ ڄڻ لڄ اچي رهي هئي. شرم کان ڳاڙهي ٿي وئي. ڪبٽ کولي زيورن واري خاني ۾ اهي نوٽ رومال ۾ ويڙهي ايئن رکيائين ڄڻ زندگيءَ جو سمورو سرمايو هجي. سوچيائين، ’هنن نوٽن کي مان ڪڏهن بہ خرچ نہ ڪنديس، توهين ٿوري ڪرڻي آهي پيار جي‘، سندس اندر ان ئي وقت کيس ٽوڪيو، ڪهڙو پيار؟ هن تہ اهي پئسا امان کي بہ ڏنا هئا ايئن چئي تہ، ڇا رسم رواج سڀ وسري ويا آهن؟ هن تہ اهي پئسا رسم موجب خرچيءَ طور ڏنا آهن، جن کي مان جيون جي حاصلات پئي سمجهان.... پر هنن نوٽن ۾ سندس خوشبو ۽ مهڪ هئڻ جو احساس بلڪہ ڇهاءُ بہ تہ آهي ۽ منهنجو چاهہ ڪڏهن بہ سندس ڪنهن بہ نقش کي مٽائڻ تہ ڇا، پر ڏنڌلو ڪرڻ جو بہ روادار

نہ ٿيندو، نہ ڪڏهن بہ نہ. هرگز نہ... هوءَ جذباتي ٿي وئي ٽڙپي شاهہ جو رسالو سيني ۾ چپن سان لاتو:

سوڍي سرنيو، هٿ ڪرنگهر سڪٿو،
راڻي جي رهاڻ ڪي، سڪي ساهہ پيو،
پسان ڪونہ ٻيو، توريءَ اکڙين سين.

محبت جو مزاج بہ قدرت عجيب بنايو آهي. ڪڏهن تہ ايڏي تارون تار هوندي آهي جو ڪنا ٻنا ٻوڙان ٻوڙ ڪري ڇڏيندي آهي ۽ اندر جي زمينن کي سيراب ۽ شاداب بنائي مهڪائيندي آهي ۽ وري ڪڏهن ڪڏهن تہ ايڏي سوڪ، اسات، تشنگي ۽ پياس هوندي آهي جو سڄي اندر ۾ ڪنڊا ۽ ٿوهر ايري پوندا آهن. جان ٻيبيءَ جي اندر ۾ بہ اهائي موسم هئي. اندر واريءَ اڄ سندس زبان ۽ نڙيءَ کي ايڏو تہ خشڪ ڪيو هو جو هوءَ بار بار پنهنجي خشڪ زبان پنهنجي خشڪ چپن تان ڦيرڻ لڳي. اڄ ۽ تاس ڪيس بيچين بنائي ڇڏيو هو. فرج مان يخ ٿڌي بوتل ڪڍي گلاس سامهون رکيل هوندي بہ هڪدم بوتل وات تي رکي گٽڪا ڪندي پيئندي وئي ۽ هينئر لطيفؒ جي بيت جو سراپا عڪس بنيل هئي جان ٻيبي.

ڪامان پچان پڄران، لڇان ۽ لوچان،
تن ۾ تونئنس پرينءَ جي، پيان نہ ڍاپان،
جي سمنڊ منهن ڪريان، تہ سرڪيائي نہ ٿيئي.

خالي بوتل ميز تي رکي هوءَ وڏا وڏا ساهہ کڻڻ لڳي. پاڻيءَ ڪيس ٽڪائي ڇڏيو هو پر اڃ اڃان برقرار هئي. پاڻي سندس اندر ۾ ائين غائب ٿي ويو هو جيئن ڪواڄايل ڪکر ڏڪاريل ڪوهستان جي ٻڙيانگ پوٺن موئيداڻ ۽ هنيداڻ مٿان ڪو دم بيهي حيرت ڪائي ڪجهہ لڙڪ هاري گذري گم ٿي وڃي. جان ٻيبيءَ اچرج مان خالي بوتل ڏي مشڪي ائين نهاريو جيئن ڪو سڏڙيو، شراب جي خالي بوتل ڏانهن نهاريندو آهي، بوتل جي تري ۾ پيل آخري ڦڙو نڙي ۾ اوتيائين تہ چڻ لطيف ڏانهن ڪئي:

محبت جن جي من ۾، تن تشنگي تار،
پيءُ پيالو اڃ جو، اڃ سان اڃ اٿيار،

پرين پاڻ پيار، تہ اڄ سان اڄ اجھائيان.

۽ هوءَ بيوسيءَ مان روئي پئي.

اکـڙين کـي نـہ کيـو، رت نـہ رنـائون،
ايـــي ڏنـــائون، ڦوڙائيـــا ســـپرين.

دروازي تـي نـک نـک تـي، هکـدم اکيـون اگهـي دروازو کوليـائين تہ شمو بيني هئي، ”جيجي، خير تہ آهي اڄ مون کان سواءِ ئي در اندران بند کري ڇڏيئي، ڊپ بہ کونہ ٿيئي؟“

اڳ جان بيبي کڏهن بہ اکيلي رات جو دروازو بند کري نہ سمهندي هئي، کيس ڊڄ ٿيندو هو، پر اڄ تہ ساڻس گڏ طارق خان هو ۽ کانئس سڀئي ڊپ وسري ويا هئا. شموءَ ڏانهنس نهاري مشکيو پر سندس روتل مک ڏسي سندس مرڪ غائب ٿي ويئي. هاڻي کيس پڪ ٿي ويئي هئي تہ جان بيبيءَ کي طارق خان ٿو بيچين ۽ بيقرار کري روئاڙي. هوءَ تجربيڪار ۽ سمجهدار عورت هئي. کائنس ڊپ مان ڇرڪ نڪري ويو.

”جيجي، تون اهو سڀ ڇگو نٿي کرين!!“

جان بيبيءَ ڇرڪ ڀري حيرانيءَ مان کيس ايئن ڏنو ڄڻ سات گهرندي هجي.

”مني، مون توکي پنهنجو کير پيارو آهي، پاليو آهي، مان توکي تنهنجي ماءُ کان بہ مٿي سجاڻ جي هام هڻي ٿي سگهان پر هن ڳالهہ ۾ مان تنهنجو پاسو نہ کٽندس ۽ اهوئي چوندس تہ اهو سڀ تنهنجي لاءِ سنو کونهي.“

جان بيبيءَ جا لڙڪ زاروزار کرڻ لڳا، کيس خبر پئجي ويئي هئي تہ شموءَ کيس سهي سڃاتو آهي. دل ۾ ڄڻ طارق خان سان شکوو کيائين، ’اوهہ طارق خان، مان تنهنجي پيار ۾ ايڏي ٽرانسپرنٽ ٿي وئي آهيان جو هر کو پيو منهنجو اندر مزي سان ڏسي وٺي‘، هوئن بہ کيس کنهن اهڙي ئي پيار کرڻ واري همدرد جي سخت ضرورت هئي جنهن جي کلهي تي کنڌ رکي هوءَ روئي سگهي ۽ کيس سڀ ٻڌائي سگهي. پيار جي هوئن بہ پنهنجي الڳ رياست هوندي آهي جنهن ۾ هو پاڻ ئي حکمران،

قانوندان ۽ سپهه سالار هوندو آهي. ان رياست جي عدالت ڪڏهن بہ
پريميءَ کي سزا نہ ڏيندي آهي. اتي جا جيل هميشہ پريت وارن
اڳيان رڪاوٽون پائڻ وارن سان پريل هوندا آهن. اتي جو بادشاهہ
ڪارو ۽ راڻي ڪاري هوندي آهي. جتي ڪارو ۽ ڪاري پاڻ کي
نهايت شان ۽ فخر سان متعارف ڪرائيندا آهن، اتي جو نائڪ
عاشق ۽ نائڪہ عاشقياڻي هوندي آهي ۽ اتي ڪلنائڪ واري پارٽ ۾
اهي سڀ اچي ويندا آهن جيڪي پريمين جي وچ ۾ ويڇا ۽ فاصلا
آڻيندا آهن ۽ جيڪي وڇوڙن جا موجد هوندا آهن ۽ ڪارو ۽
ڪاريءَ جا مخبر ۽ چاري هوندا آهن، جتي ڪاريءَ جو ڳاٽ وڍيل نہ
بلند هوندو آهي. جتي ڪاريءَ جي آجيان لاءِ دل جي ڌڪ ڌڪ کي
ڪنهن بہ اهڙي آڪسيجن جي پرواهہ نہ هوندي آهي جيڪا ماڻهن
جي ٽوٽين ۽ ٽنين آڌار هجي ۽ دل هر موسم ۾ ڌڙڪندي رهندي
آهي سرشاريءَ مان ۽ ان رياست ۾ خوف ۽ ڊپ وارو ٻج ڪڏهوڪو
رد ٿيل ۽ پوک لاءِ ناقابل قبول قرار ڏنل آهي.

جان بيبيءَ کي خوشي ٿي اهو راز جيڪو ڪائنس بہ جڻ لڪل
هو شموءَ اڳيان ظاهر ٿي ويو آهي. حالانڪہ 19 سالن جي نوجوان
ڪنواري ڇوڪريءَ لاءِ اها ڳالهہ نهايت خوف ۽ ڊپ جو باعث
هوندي آهي تہ سندس پيار پڌرو ٿي ويو آهي. پر جان بيبيءَ جي
انتهائي پيار ڪيس اها سگهہ ڏني هئي ۽ هوءَ هر امتحان لاءِ جڻ
تيار ٿي وئي هئي ۽ نهايت اطمينان سان سڪون جو ساهہ کڻي
شموءَ ۾ نهاري مشڪي ڏنو تہ شموءَ وٽ پنهنجي ڊپ ۽ خوف کان
سواءِ جان بيبيءَ جي حصي جو بہ سڄو ڊپ ۽ خوف سالم پهچي
ويو.

”نہ جيجي نہ، واسطو اٿئي رب جو، متان ڪا ابهري وک وڌي
اٿئي.“

شموءَ پنهنجي متي تان پوتي لاهي سندس پيرن تي رکي
چيو، ”جيجي، واسطو اٿئي مني مرشد جو، خاندان ۽ مائٽ تہ
هونئن ئي وڏي ڳالهہ آهن پر هتي تہ تنهنجي پنهنجي جند جان لاءِ بہ
ڪو لايائتو وٽج ڪونهي.“

جان بيبيءَ مشڪي شاهہ جو رسالو سيني سان لائي ايئن چئي پينگهي ۾ ويني ڄڻ سمنڊ جي پنوائتي ڪن مان صحيح سلامت نڪري ڪناري تي پهچي ويئي آهي.

”شمو، وڻج واپار، سودو، سٽو اهي ئي تہ فائدي ۽ نقصان جا ڪارڻ آهن ۽ مون کي ڪنهن بہ هار ۽ مات جو ڪو خوف ڪونهي ڇو جو مان ان ميدان ۾ لٿل ئي ناهيان جتي ريڙهہ پيڙهہ، اوڌار سوڌار جو ڪاروبار هجي ٿو....“

شموءَ ٻئي هٿ سندس پيرن تي رکي ڇڏيا.

”ايئن نہ ڳالهاءِ سهڻي، اهو سڀ تنهنجي منهن تي نٿو سونهين، اسين گهٽ ذات وارا جن وٽ سڀ جنس جي اڻ هوندي آهي، انهن وٽ بہ عزت ۽ غيرت واري جنس مانائتي ۽ ملهائتي آهي. اوهين تہ حاڪم آهيو جن جي عزت ۽ غيرت جا مثال ملڪان ملڪ مشهور آهن انهن جي حويليءَ اندر!!“

شموءَ کي خوف مان درڙي اچي ويئي، ”جيجي اميران جي ڪن تي پوي، تنهن کان اڳ ان ڳالهہ تان لهي وڃ منني، نہ تہ قيامتون اچي ويندِيون.“

جان بيبيءَ شموءَ جي هٿن هينيان پنهنجا پير سرڪائي ڪڍي متي پينگهي ۾ رکندي چيو، ”سنو ٿيو شمو، جو تون سمجهي ويئينءَ هاڻي.....“

”نہ جيجي نہ، مون منجهان اها اميد متان رکين. مان ڪڏهن بہ ان ڪم ۾ تنهنجو ساٿ نہ ڏينديس.... آءٌ پڙوي ڪونہ آهيان نہ ئي موڙي ڪٽڻي جو سوڪڙيون پاڪڙيون ۽ سلام پيام آڻينديس نيِنديس، منهنجو چيو مڃ نہ تہ آءٌ هلي وينديسانءِ ڇڏي.“

شمو باقائده روئڻ لڳي تہ جان بيبيءَ سندس متي تي هٿ ڦيرائي چيو، ”تون جي هتان هلي وينديءَ تہ آءٌ بہ هتي نہ رهنديس، اهو تون بہ ٻڌي ڇڏ!“

شموءَ هنجن منجهان توب اکيون متي ڪٽي ڪيس گهوري چيو، ”ڪيڏانهن ويندينءَ؟“

”جيڏانهن تون ويندينءَ.“

شمو لڙڪ پريل اکين سان مشڪي پئي.

”مون سان گڏ منهنجي گهر ۾ هلي رهڻ لاءِ توکي منهنجي برابر اچڻو پوندو جيڪو تي نٿو سگهي.“

”ڪيئن نٿو ٿي سگهي، تون منهنجي ماءُ آهين.“

”چڏ اهي اسارا پوڳ، ڪير ته بادشاهن ڪي به ٻانهيون پياريندڙيون آهن پر اهي ٻانهيون بادشاهن جون مائرون نٿيون سڏجن، انهن جي برابر نٿيون اچن.... تون چئو ته مون جيڪو به سمجهيو اهو غلط آهي تون اهائي اڳ واري بي فڪر جانل آهي.“

”مان ڪيئن چوان ته ائين ناهي، جڏهن ته مشهور چوڻيءَ جيان، ’اهو ٿي چڪو آهي، هاڻي ان جي ابتڙ ٿي نٿو سگهي‘ ۽ تون ته سڀ سمجهي ويئي آهين!“

آميءَ ڪمري ۾ ايندي ساڻ حيرت مان چيو، ”ابي، اجان اوهين ٻئي جاڳو پيون مان ته سامان ٿارڻ ۾ اڙجي ويئي هيس جيڪي سائين طارق خان ڏنا آهن.“

ٻنهي جا روتل منهن ڏسي آهستي اچي شموءَ جي پير ۾ ويٺي ته شموءَ چيو، ”هئو آمي، تو سچ ٿي چيو، مون ناحق مفت ۾ توکي ڳالهايو. ڳالهه اهائي هئي.“

آميءَ وڏو ساهه کڻي چيو، ”جيجي، اسين اوهان کي چوڻ ۽ سمجهائڻ جهڙا ناهيون باقي اوهان جا خيرخواهه ضرور آهيون.“

پينگهي جي پير ۾ ويهي سندس پيرن کي پيڻيون ڏيندي چيائين، ”جيجي، اها ڳالهه نهي ڪانه ٿي!!“

جان بيبي پينگهي مان اٿي بيٺي ته هو به ٻئي اٿي بيٺيون، هن ديوار واري گهڙيءَ ڏانهن ڏٺو ٽي پي ٿيا. هنن ڏانهن نهاري چيائين، ”هاڻي دروازو لاڪ ڪري بتيون بند ڪريو ۽ سمهو.“

”جيجي، پهرين تون سمهه پوءِ....“

”مون کي ٿورو پڙهڻو آهي.“

آميءَ پينگهي مان شاهه جو رسالو کڻي اکين تي رکي چمي ڪتابن واري شيلف ۾ رکي چيو، ”نه جيجي، هينئر پڙهڻ جي مهل ڪانهي، تون سمهه ته اسين به ٻئي سمهون، نه ته اسين به ويٺيون

آهيون توسان گڏ.“

جان بيبي اڇي پلنگ تي ليٽي تہ شمو سندس پيرين وارن ۾ آڱريون ڦيرڻ لڳي. اها جان بيبي جي ننڊپڻ کان عادت هئي نہ تہ ڪيس ننڊ ئي نہ ايندي هئي ۽ اها عادت بہ ڪيس شموءَ ئي ڏني هئي، جنهن تان ڪنهن ڪنهن مهل امير بيبي بہ ڪيس چڙي چوندي هئي، ”شمو، جانيءَ کي اهڙي عادت نہ ڏي جو هوءَ مجبور ٿي پوي، ڇوڪري آهي آخر پرڻجي ٻي گهر ويندي.“ شمو کلي چوندي هئي، ”آءٌ گڏ ويندس.“ ۽ امير بيبيءَ جي چوڻ کان پوءِ شموءَ ڪجهہ احتياط ڪيو هو، پر پوءِ بہ جڏهن بہ جان بيبي اداس يا تنها ٿيندي هئي تہ شمو سندس وارن ۾ هٿ گهمائڻ لڳندي هئي. آمي ٻاهران بہ وهاڻا ڪڻي آئي ۽ هيٺ قالين تي رکي دروازو لاڪ ڪيو، ”جيجي، بتي وسايان؟“

جان بيبيءَ بند اکين سان ”هون“ ڪيو تہ آميءَ لائيٽ آف ڪئي. جان بيبيءَ آهستي پنهنجي هٿن سان شموءَ جو هٿ پنهنجي وارن مان ڪڍي چيو، ”شمو، هاڻي تون بہ سمهي پئو.“

شمو ڪيس دعائون ڪري هيٺ رکيل وهاڻي تي مٿو رکيو، ”الله سائين توکي آرام ڏيندو جيجي.“

آمي بہ ”آمين“ چئي پاسو ورائي سمهي پئي. هو ٻئي ستيون ۽ جان بيبي جاڳندي رهي. زهري بہ ايئن ٿي چوي هي بہ ٻئي ساڳيون نصيحتون ٿيون ڪن! هن مشڪي ڏٺو، هي سڀ مون کي آئندي کان ڊيڄارڻ لاءِ ڪنهن خوفناڪ جن ۽ ڀوت جيان ٿيون سامهون اچن. هو شايد ايئن ٿيون سمجهن تہ هو جيئن خطرناڪ منظر پنهنجي لفظن ۾ چهري جي تاثراتن سان ڏيکارڻ ٿيون چاهين، مان بہ ايئن ئي ڏسي سگهنديس جيئن هو مون کي ڊيڄارڻ چاهين ٿيون پر منهنجي اڳيان تہ نہ انهن جي اکين مان ٽانڊا ٿا نڪرن نہ ئي سندن زبانون ٻاهر اوڳاڇينديون نظر ٿيون اچن! هو تہ اهي ئي ساڳيون معصوم ۽ بي ضرر بلڪ وڌيڪ پياريون ٿيون نظر اچن، جيڪي منهنجي لاءِ فڪرمند آهن پر ڪين ڪهڙي خبر تہ ”اڄ“ وارو فلسفو ڪلهہ يا آئندي لاءِ ڪارگر ۽ قابل قبول نہ هوندو آهي ۽

منهنجي لاءِ ”اڄ“ اهم آهي، جنهن ۾ مان طارق خان کي چاهيان ٿي، سڀاڻي ڇا ٿيندو؟ پر ”سڀاڻي“ بہ جڏهن ايندو تڏهن اهو بہ ”اڄ“ هوندو ۽ ”اڄ“ جيڪو منهنجي لاءِ اهم ۽ پيارو آهي، ڪيس روسي شاعر ”هو ديس“ جا شعر ياد آيا جيڪي ”اڄ“ سان نهڪندڙ هئا. هوءَ حيران ٿي سوچڻ لڳي، تہ ماڻهو جتي بہ هجي، آهي پر ان جا خيال ڪنهن بہ ڪنڊ، ڪنڊ جي ماڻهوءَ سان ملي ٿا وڃن. هي روسي شاعر يسوع مسيح کان بہ ٽيهہ سال اڳ جو آهي پر سندس خيال جيڪي هن پنهنجي شعر ۾ چيا آهن، سمايا آهن اهي اڄ بہ جان بيبيءَ لاءِ چڻ ڊال بنجي ويا هئا:

”زندگي مسلسل ملتوي ڪندو رهڻ ۽
ڪنهن جادوءَ جي باغ ۾ ڪڙڻ واري
خيالي گلابن جي خوشبوءَ جو منتظر رهڻ،
اسان جي فطرت جو هڪ هاڃو آهي.
افسوس، اسين ڪيڏا بيوقوف ماڻهو آهيون.“

جان بيبي گهر ۾ وينل چوڪري هئي پر ڪتابن سان چاهہ، ڪيس دنيا سان ڳنڍي دنيا وارن سان متعارف ڪرائي ڇڏيو هو ۽ ايئن هو دنيا جي ڪنهن بہ ڏاهي جي ڳالهہ سمجهي ۽ ورجائي سگهندي هئي. لطيف رحہ تہ ڪيس هيڪاري سجاڳ، اڪابر ۽ باهمت بنائي ڇڏيو هو، ڪيس ”دانتي“ جي ڳالهہ ياد آئي:

”هي سوچي ڇڏيو تہ اڄوڪو ڏينهن وري ڪڏهن بہ نہ ايندو ۽ زندگي حيرتناڪ رفتار سان اڳيان وڌندي پئي وڃي.“

ڪاليداس جي نظم بہ ڪيس چڻ آٿت ڏنو،

”تون اڄ تي ڌيان ڏي،
ڇو تہ اڄ ئي زندگي آهي،
اڄ جي لمحن ۾ سڀئي سچايون سمايل آهن،
پالنا جي خوشبو ۽ عمل جا پاسا موجود آهن،
ماضي رڳو خواب آهي ۽ خواب جي ڪهڙي قيمت آهي؟
تہ،
ڪاميابيءَ جون سڀئي عظمتون اڄ واري ڏينهن ۾ ظاهر آهن،

زندگي اڄ سڀني گذارجي تہ اهو هر لمحو
ماضي کي خوشيءَ جو حسين خواب ۽،
هر مستقبل کي اميد جي چادر عطا ڪندو.
تہ، اڄ تي ڌيان ڏي ۽ اڄ جو قدر ڪر،
۽، سڄ ۽ ان جي صبح کي سلام پيش ڪر."
جان بيبيءَ کي يسوع مسيح جي چوٽي بہ هاڻ تي تري آئي:
"يا خدا، اسان کي اهو سڀ ڏي جيڪو اڄ لاءِ اسان جي تقدير ۾ لکيل آهي."

جان بيبيءَ بہ سڀ ڪجهہ اڄ پائڻ ۽ چاهڻ واري پروگرام تي هلڻ جو پهہ ڪري ورتو هو، تنهنڪري ڪيس ڪوبہ سياڻي جو خوف ڊيڄاري نٿي سگهيو. پلي طارق خان کي سندس چاهہ جي خبر اڄ نہ هجي. هن لاءِ اهوئي ڪافي هو تہ هوءَ پاڻ طارق خان کي چاهي ٿي اندر جي تمام گهراين ۽ سچاين سان ۽ اها اڄ جي ڳالهہ آهي تہ هوءَ طارق خان سان ملي آهي، ڪيس ڏنو آهي ۽ ساڻس ڳالهايو آهي! بس، ڪيس اڳتي وڌڻ لاءِ اهوئي گهڻو هو تہ، هو بہ جڏهن ڪيس ڏسندو آهي تہ، هن جي اکين مان بہ پيار جو سمنڊ چوليون هڻندو نظر ايندو آهي، پوءِ اهو الائي سندس نظرن جو دوکو هو يا ڪا حقيقت بہ هئي، پر هن کي اڳتي وڌڻ لاءِ تہ ڪنهن بهاني جي ضرورت بہ نہ هئي. ڪيس "ايڊگر ايلن پو" جي نظم "ايلڊو ريڊو" يعني، "شهر تمنا" ياد پيو جنهن جو قصو هينئن آهي تہ، "هڪ بهادر جوڌو، نائٽ اويچي، اس ۽ چانوَ کان بيپرواهہ "ايلڊو ريڊو" جي ڳولا ۾ مستيءَ وارا گيت ڳائيندو چرين جيان گهوڙو ڊوڙائيندو هليو پي ويو، ڪيس ورهہ لنگهي ويا ۽ زندگيءَ جي شام اچي ويئي پر روءِ زمين تي ڪيس ڪوبہ اهڙو خطو نہ مليو جيڪو سندس خوابن جي شهر جهڙو هجي. آخر جڏهن سندس توانائي ۽ تازگي ختم ٿيڻ تي هئي تہ ڪيس هڪڙو ٻڍو "قوس زائر" مليو جيڪو سفر جون سختيون سهي ڳري پاڇي وانگيان ٿي ويو هو. ان پيرسن پوڙهي، پرونئن ۽ پلڪن جي جهالر هٽائيندي چيو، "اگر توکي ان شهر جادوءَ جي ڳولا آهي تہ چنڊ جي ٽڪرين جي پرين

پاسي پاڇولن جي ڊگهي ماتريءَ ڏانهن وڪ وڌاءِ، گهوڙو ٻوڙاءِ، اڳيان ئي اڳيان وڌندو وڃ!" جان بيبيءَ کي بہ چڻ اهو پوڙهو ڦوس زائر مليو هو جنهن کيس بہ نائٽ اويچيءَ وارو مشورو ڏنو هو جو هوءَ بہ اڳيان ۽ اڳيان چنڊ جي ٽڪرين جي پرين پاسي پاڇولن جي ماتريءَ ڏانهن وڌڻ جو پڪو ارادو ڪيو ويٺي هئي. بانگ جي آواز تي چرڪي پئي. هوءَ پاڻ تي پاڻ حيران هئي تہ هوءَ ڪيڏي مهل پلنگ تان اٿي هئي ۽ ڪيڏي مهل هن شاهہ جو رسالو کنيو هو جيڪو ٽيبل ليمپ جي روشنيءَ ۾ سندس اڳيان کليو پيو هو ۽ سندس نيٽن مان جر جاري هو:

ويٺي باريان بانگ سين، ڪوڙين اچ قنديل،
هيءَ هيءَ هنجون هاريان، منجهان سڪ سبيل،
متان مون کي ڇڏيئي، جاني لڳ جليل،
آهر تو اصيل، ويٺي ڪانگ اڏائيان.

هن هڪدم رسالو، ليمپ ۽ اکيون بند ڪيون ۽ ليٽي پئي تہ، هينئر شمو ۽ آمي ٻئي بانگ سان گڏ اٿنديون ۽ کيس جاڳيل ڏسي نصيحتن جو ڪلاس کلندو ۽ سندن ليڪچرز شروع ٿيندا جن جي ٻڌڻ ۽ نوٽ ڪرڻ لاءِ وٽس هينئر ڪو ذهن ڪا توانائي نہ هئي. بانگ جي آواز تي واقعي شمو ۽ آمي ٻئي اٿيون. جان بيبيءَ کي ستل ڏسي ٻنهي "شڪر" چئي ڪلمو پڙهي آهستي ڪمري کان ٻاهر نڪتيون تہ جان بيبي اٿي ويٺي. سڄي رات هوءَ ستي نہ هئي، پر پوءِ بہ کيس ڪا ننڊ ڪا ٿڪاوٽ نہ هئي. طارق خان بابت سوچڻ وارو عمل سندس لاءِ اهڙي قوت هئي جو هوءَ اوجاڳي جي باوجود چست ۽ تواني هئي:

جياريس سنيار، ڪوه ڪريندم گڏجي،
ويرو تار وجود ۾، پرينءَ جي پچار،
سي سڄڻ هون نہ ڏار، جي هينئڙي ۾ حل ٿيا.

هن اٿي ڪيسيٽ پليئر آن ڪيو ۽ پاڻ اچي پلنگ تي شاهہ جو رسالو سيني سان لائي ويٺي. محمد جمن جو سريلو آواز اڀريو:

تن ڳٺن ڳهر وڃائي، جوڳين مون سين جي ڪيا،

سامين مون سين جي ڪيا.
نندَ تنهين کي ناهه، جا آديسين اوناٿي،
جوڳين مون سين جي ڪيا،
سامين مون سين جي ڪيا.

محمد جمن جي آواز ۽ لطيف جي ڪلام جي سحر ڪيس گهر ڏيئي ڇڏي ۽ هوءَ ان گهر ۾ ڳڳاتجي ويئي ۽ الائي ڪٿان نندَ جي نازڪ پريءَ اچي سندس خوبصورت نيڻن ۾ بسيرو ڪيو ۽ چندن جي هندوري ۾ گلابن جي ڏور سان لوڏيو ۽ هوءَ سمهي پيئي. شمو نماز پڙهي سليماني چانهه پي وري بہ جان بيبيءَ جو اوسو ڪري سندس ڪمري ۾ آئي تہ هوءَ اڃان تائين ستي پيئي هئي. ڪيس خبر هئي تہ هوءَ سڄي رات جاڳي هوندي سو پلي ستي هجي. نيرن مهل امير بيبيءَ چيو، ”شمو، جاني اٿي آهي؟“

”نہ جيجي اڃان ستي پئي آهي.“

”ڇو؟“

”جيجي، رات دير تائين جاڳي هئي.“

”ڇو، طبيعت تہ سهي هيس نہ؟“

”جيجي، طبيعت تہ ٺيڪ هيس پر ڳالهين ۾ دير ٿي وئي، اسين بہ دير سان ستيون هيون سين، هوءَ تہ الائي ڪيڏي مهل ستي آهي.“

”ڪهڙيون ڳالهيون پي ڪيوَ، آڌيءَ تائين؟“

”سائين طارق خان جون ڳالهيون.“

شموءَ جي وات مان اها ڳالهہ اوچتو نڪري تہ ويئي هئي پر هاڻي امير بيبيءَ جي متوقع سخت ردعمل لاءِ پاڻ کي تيار ڪري رهي هئي تہ امير بيبيءَ بنا ڪنهن اهميت جي چيو ”طارق خان جون ڪهڙيون ڳالهيون، مان بہ تہ ساڻس گڏ هيس هن تہ ڪا اهڙي ڳالهہ نہ ڪئي هئي جيڪا اوهان سيني جون ننڊون ڦٽائي؟“

شموءَ سک جو ساهہ کڻي چيو، ”بس جيجي مڙيئي اهي ئي ڳالهيون هيون.“

ايئن چئي شمو اتان تڪڙو ئي ٽري ويئي ۽ امير بيبي اٿي

جان بيبيءَ جي ڪمري ۾ آئي تہ هوءَ اجا ستل هئي ۽ ڪيسيٽ پليئر آن هو ۽ ڪيسيٽ پوري ٿي وئي هئي. هن وڏي اهو بند ڪيو ۽ سندس نالي آهستي آهستي ڳالهائيندي ڪمري ڪان نڪتي.

”الائي ڪيڏي مهل ستي آهي؟“

آمي ۽ شمو وراندي جي ٻاهرين دروازي وٽ سس پس ڪري رهيون هيون تہ امير بيبي چيو، ”جان بيبيءَ جو ٽيپ ريڪارڊر ڪليل هو ڇا اهو سڄي رات جو ڪليل هو؟“

آمي ۽ شموءَ هڪ ٻي ڏي حيرت مان نهاريو.

”نہ جيجي، رات جو اسان جي اکيان تہ سمهي پئي هئي ۽ ٽيپ چالو نہ ڪيو هيائين.“

امير بيبيءَ الائي ڪهڙن خيالن ۾ هئي. انهن جي ڳالهہ ڪي بنا ٻڌڻ جي ڪمري ڏانهن هلي وئي، شموءَ فڪر مان چيو، ”آمي، رات تہ ٽيپ بند هو.“

آميءَ بہ ساڳئي فڪر مان چيو، ”هئو بند هو، اسان جي اکيان تہ سمهي پيئي هئي پوءِ شايد اٿي آهي ۽ هاڻي ئي ڪا ستي آهي صبح مهل.“

شموءَ جان بيبيءَ جي ڪمري ڏانهن ويندي چيو، ”پلي سمهي ننڊ پوري ڪري، آءٌ وڃي ٿي اتي ويهان متان ڪو ڪيس اٿاري.“

امير بيبيءَ وري بہ وَرُ ڏنو پر شموءَ ڪيس جاڳائڻ نہ ڏنو.

”جيجي، آءٌ ويني آهيان پلي پاڻ جاڳي.“

ڪمري جي گهڙيال جڏهن ڏهن جا گهنڊ وڄايا تہ جان بيبي چرڪي اٿي.

”ڏهہ ٿيا آهن، مان ايتري دير ستي هيس؟“

شموءَ اٿي چيو، ”واهہ جيجي واهہ، ايئن ڪي گڇيون ڪجن. اسان جي اکيان سمهي پوءِ سڄي رات جاڳي آهين؟“

”اهو وري ڪيئن، ڪنهن چيو؟“

”تنهنجو ٽيپ ڪليو پيو هو، جيجي اميران اچي بند ڪيو آهي، اسان جي هوندي ڪٿي تو چالو ڪيو هو؟“

جان بيبيءَ واش روم ڏانهن ويندي چيو، ”ها، واقعي سڄي

رات ننڊ نہ آئي هئي، پر هاڻي تہ گهڻو ستي آهيان، هاڻي تہ تون خوش آهين نہ؟"

امير بيبي آئي تہ جان بيبي واش روم کان ٻاهر نڪتي.

"چو جاني، رات ڇا ٿيو هيئي؟"

"ڪجهہ بہ نہ امان."

"شمو ٿي چوي تہ سڄي رات ستي ناهين؟"

"ها امان، بس ننڊ نہ آئي، پر پوءِ تہ گهڻي دير تائين ستي آهيان."

امير بيبي وڏي سندس نرڙ تي هٿ رکيو ۽ اهو اطمينان ڪري تہ، ٺيڪ آهي ڪيس ناشتي جو چئي هلي ويئي.

"اسان سيني نيرن ڪئي آهي، تون پلي پنهنجي ڪمري ۾ ئي ڪج."

ڏينهن جو جڏهن سيئي ماني ڪائي اٿيا تہ جان بيبيءَ ماءُ کي چيو، "امان، آءٌ زهريءَ ڏانهن ٿي وڃان؟"

"پلي وڃ پٽ، هتي تہ هاڻي تون صفا اڪيلي ٿي پيئي آهين ڄڻ، ڪنهن سان ٿي وڃين؟"

جان بيبيءَ ستار ڏانهن نهاري مشڪي چيو، "ادا ستار سان."

"ها ابا، بنا پڳهار جي ڊرائيور موجود هجي تہ، ٻيو ڇا کپي اوهان کي؟"

امير بيبيءَ مشڪي پيار مان ستار کي ڏسي چيو، "سچي بہ منهنجو پٽ اوهان سيني جو ڄڻ ڊرائيور آهي."

حمل خان ٺهڪ ڏيئي چيو "ها، بيشڪ هن بنا پڳهار واري ڊرائيور جا خرچ ڪو مون کان پڇي ڏسي."

سيئي کلڻ لڳا، جان بيبي تيار ٿي آئي، ساڻس گڏ شمو بہ آئي. ستار کلي چيو، "هلو، ميم صاحب."

امير بيبيءَ مشڪي چيو، "جاني، منهنجا ادي آمنہ کي سلام ڏجانءِ ۽ منهنجي ٻاران ڪيس پڇجانءِ ۽ چئجانءِ تہ آءٌ بہ هڪ ٻن ڏينهن ۾ ايندس."

"ها امان."

مصطفيٰ خان جي حويليءَ ۾ پهتا تہ گيٽ وٽ ئي کين سندن سئوٽ مظهر خان مليو. جيڪو انهن کي ڏسي خوشيءَ مان ٽڙي پيو.

”اڙي واه واه، نہ اچڻا نہ وڃڻا هي ماڻهو ڪٿان اچي نڪتا؟“

ستار سان ڀاڪر پائي مليو، شمو کيس پيرين پئي ملي. مظهر خان جان بيبي ڏي نهاريو جنهن کي برقعو پاتل هو ۽ نقاب هيٺ هئا. چيو، ”جان بيبيءَ سان تہ وڏا جهڳڙا ۽ رساما آهن زهريءَ جا.“

کين وني حويليءَ اندر آيو. آمنہ ٻاهر اڱڻ تي وڏي کٽ تي وينل هئي، کين ڏسي ڏاڍي خوشيءَ سان ساڻن ملي. مظهر خان اندر وڃي زهره کي ٻڌايو، اها ڊوڙندي ٻاهر اڱڻ ۾ آئي. ساڻس گڏ افروز بہ هئي. ٻئي جان بيبيءَ سان ڀاڪر پائي مليون. جان بيبيءَ آمنہ کي پنهنجي ماءُ جا سلام ڏنا. انهن جي اچڻ جو ٻڌي سرور خان ۽ اظهر خان بہ آيا. مصطفيٰ خان ٻڌو تہ اهو بہ آيو. سيني هڪ ٻي کان حال احوال ورتا. زهره کلي جان بيبيءَ جي هٿ کي جهلي ماءُ کي چيو، ”امان، هاڻي اسين وڃون؟“

مظهر خان کلي چيو، ”اسين معنيٰ؟“

”اسين معنيٰ، مان، افروز ۽ جاني!“

”جي نہ، جان بيبي هتيئي ويني آهي ايڏانهن نتي هلي.“

سيئي کلي پيا تہ آمنہ چيو، ”ڇڏ پٽ، ڇوڪريون آهن پلي پاڻ ۾ ڪچهري ڪن.“

”اسان بہ ان ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿينداسين، اسان جي شرڪت ممنوع تہ ناهي؟“

مصطفيٰ خان مشڪي چيو، ”پلي پٽ زهره، اوهين پلي پنهنجي ڪمري ۾ وڃو، هتي تہ جاني اوپرن جيان ويني آهي.“

”جيئي بابا!“

زهره کلي نعرو هنيو ۽ جان بيبيءَ کي ٻانهن کان جهلي پنهنجي ڪمري ۾ وني آئي. افروز بہ ساڻن مشڪندي ويئي. شمو اتي ئي تہ آمنہ کيس وهاريو، مظهر خان کلي چيو، ”شمو، تون ڇوڪري ناهين، امان چيو آهي تہ پلي ڇوڪريون وڃن. تون ويهہ!“

سيني ڪليو. شمو مشڪي آمنہ جي پيرن کي زور ڏيڻ لڳي. مظهر خان وارا ستار کي وٺي پنهنجي ڪمري ۾ آيا. مصطفيٰ خان شموءَ کان حمل خان وارن جي خير خيريت ۽ حال احوال وٺڻ لڳو.

ڪمري ۾ اچي زهره، جان بيبيءَ کي وٺي اچي پلنگ تي ويهاري چيو، ”خبر اٿئي جاني، اڄ مان ڪيڏي خوش آهيان.“

جان بيبيءَ جڙتو رسندي چيو، ”ها ها، خبر اٿم، ڪابہ خوشي نہ تي اٿئي.“

”چا، ڪيئن؟“

”پاڻ تہ تون ۽ افي هڪ ٻي ڏانهن اچو، وڃو ۽ گڏجو، باقي مون وٽ ايندي الائي چا تو ٿيئوَ؟“

افروز ڪلي چيو، ”توڪي وري ڪهڙي پيرن تي ميندي لڳل آهي جو نٿي اچين. باقي سچ پڇين تہ اسان ٻنهي اڄ بہ پي اهو پروگرام بنايو تہ گڏجي توڏانهن اينديونسين.“

جان بيبيءَ خوش ٿي چيو، ”واقعي. الا زهري، افي سچ ٿي چوي؟“

زهره چيو، ”ها، افي سچ ٿي چوي.“

افروز چيو، ”اسين تو جهڙا ناهيون جو پنهنجن کي وساري ويهون.“

جان بيبيءَ اداسي مان چيو، ”مان تہ الا، ڪيترا ڏينهن ٿي ويا آهن ادي تاجيءَ ڏانهن بہ نہ ويئي آهيان. هن بہ ادا وارن سان منهنجون شڪايتون ڪيون آهن. الائي چو گهر کان ٻاهر نڪرڻ تي دل ئي نٿي چاهي.“

افروز ٺهڪ ڏيئي چيو، ”جاني، زهريءَ ڪجهہ ڪجهہ تنهنجي دل جا قصا ٻڌايا آهن پر ڏنڌلا ۽ مبهم، هاڻي مهرباني ڪري تون پاڻ واضح ۽ چٽا ٻڌاءِ.“

جان بيبيءَ ڏچي حيرانيءَ مان زهره ڏي نهاريو تہ زهره سنجيدگيءَ مان چيو، ”ڏچ نہ جاني، مون ڪجهہ بہ نہ ٻڌايو آهي. باقي افي بہ توکان ۽ مون کان ڏار تہ ناهي!“

”ٻڌ جاني، مون ڪڏهن بہ توکان ڪجهہ لڪايو آهي، پيرن ۾

ڪندو لڳندو آهي تہ توکي ٻڌائيندي آهيان. باقي اها ڳالهہ واقعي آهي تہ آءٌ زهريءَ وانگيان توڙي گهڻو نہ ايندي آهيان... تون بہ تہ اسان وٽ نٿي اچين نہ! ادا ڪمال خان تہ ايئن ٿو چوي تہ جانيءَ جو چڙ اسان سان سگ ئي ڪونهي."

جان بيبيءَ ڪيس پاڪر پائي چيو، "اهو وري ڇا پيئي ڳالهائين، ڪيئن سگ ناهي، تو ۽ زهريءَ سان تہ منهنجو هڪ جهڙو سگ آهي. باقي سچ تہ زهري جا وڏا قرب آهن جو...."

زهره ٿهڪ ڏيئي سندس ڳالهہ اڌ ۾ جهليندي چيو، "نيڪ آ، نيڪ آ. منهنجا قرب تہ ڪيرٿر جبل جيڏا آهن پر تون بہ تہ ننڍڙا ننڍڙا مري ۽ مگٽر وارين ٽڪرين جيڏا قرب تہ مهرباني ڪري ڪندي ڪر جيئن هينئر ڪيا اٿئي. ٻڌ، تازي هڪ هٽ سان نٿي وڃي جانل."

ٿيئي ٿهڪ ڏيئي کلي پيون، مايون سندن لاءِ چانهہ وغيره کڻي آيون، ساڻن گڏ شمو بہ آئي، "جيجي جانل، سائين مصطفيٰ خان اوطاق ڏي هليو ويو ۽ جيجي آمنہ سمهي پيئي تہ آءٌ بہ اوهان ڏانهن هلي آيس!"

زهره کلي چيو، "پلي مائي شمو، ويهہ."

شمو وينٺي تہ سندس لاءِ مايون ڏار چانهہ ۽ ٻيو ڪجهہ کڻي آيون.

زهره شموءَ جي ٺري ۾ نهاري مائي کي چيو، "شريفان، شموءَ لاءِ ڪباب نہ آندئي؟"

"جيجي، اهي ٽڪيون سائين مظهر خان وارن کي اهڙيون تہ وڻيون.... مان اوهان لاءِ بہ مس مس ڪري لڪائي بچائي کڻي آئي آهيان."

زهره پنهنجي پليٽ مان بہ ڪباب کڻي شموءَ کي ڏيندي جان بيبيءَ کي چيو، "جاني، هي ڪباب تہ کائي ڏس!"

جان بيبيءَ ننڍو ٽڪر کائي چيو، "گهر ۾ ٺاهيون اٿو. ڪنهن، تو ٺاهيون آهن؟"

"ها، پر ڏس ڪيڏي لذيذ آهي!"

”واقعي سوادي آهي.“

افروز چيو، ”جاني، مان بہ گهر ۾ بنائيندي آهيان سيئي ڏاڍي شوق سان کائيندا آهن.“

زهره کلي چيو، ”توکي بہ تہ مون سيکاريا آهن، اهي بہ تنهنجي گهر اچي.“

افروز کلي چيو، ”۽ توکي بہ زي ٽي وي جي ”کانا خزانہ“ واري سجيو ڪپور سيکاريا آهن گهر ۾.“

ٽيئي کلڻ لڳيون. جان بيبيءَ کي بہ ڪباب ڏاڍا وڻي ويا هئا.

”سچي بہ ڏاڍا سٺا آهن.“

شموءَ کلي چيو، ”جيجي، ٻاهران آندل شين تي تہ رڳو ڏوڪڙ ٽا زيان ڪجن، گهر ۾ نهيل وڌيڪ سنيون آهن، ڪيئن بنايون اٿئي؟“

زهره کلي چيو، ”تون بہ شمو، کاڌي بنائڻ جي ماهر آهين، ٻڌاءِ پلا ايئن ڪير ترڪيب ٻڌائيندو آهي؟ ڪا خوشامند ڪا خدمت ڪريو.....“

”اڪين سان جيجي، جيڪو بہ چوين حاضر آهيان.“

اجان وڌيڪ ڪجهہ ڳالهائي تہ ستار، مظهر خان، اظهر، سرور ۽ انور سيئي ڪمري ۾ آيا. مظهر خان کلي چيو، ”اوهان ڪي وٽون نہ وٽون اسين تہ آيا آهيون.

زهره کلي چيو، ”ادا ستار کي پاڻ کان ڌار ڪري پوءِ ايئن چئو تہ پوءِ نيڪ آهي.“

سيئي ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا ۽ ڳالهين جو اڻکٽ سلسلو شروع ٿي ويو. شمو شريفان سان گڏ ٿانوَ ڪٽائي هلي وئي. مظهر خان جان بيبيءَ کي ڏسي ٿڙي پيو هو ۽ هر ڳالهہ ۾ ٽوٽڪا ۽ لطيفا ٻڌائڻ لڳو. سيئي ٺهڪ ڏيئي کلي رهيا هئا. جان بيبي ڪنهن ڪنهن مهل ٺهڪ تي ڏنو نہ تہ گهٽو ڪري مشڪي ٻڌي رهي هئي.

مظهر خان کلي چيو، ”مون تہ سڄي دنيا جي پوڳن ۽ ٽوٽڪن جا سنڌو وهائي ڇڏيا پر جانيءَ جي ڪل مهانگي آهي ابا.“

وري بہ سيئي کلڻ لڳا. ستار چيو، ”يار، سنڌو ئي سڪل آهي

تہ پوءِ جانيءَ تي کھڙي ميار؟“ ۽ پنھنجي واچ ۾ نھاري اٿي
چيائين، ”ھلو جاني، ست پيا ٿين.“
سيني کان جھڻ چرڪ نڪري ويا. زھره جان بيبيءَ کي ياڪر
پائي چيو، ”نہ ادا، اڄوڪي رات جاني ھتي آھي.“
”اھو تہ تو ۽ جانيءَ جو معاملو آھي.“
مظھر خان چيو، زھري غلط تہ نٿي چوي، ھاڻي بہ تہ زھري
اوھان وٽ رھي آئي آھي ۽ جان بيبي تہ اسان وٽ الائي ڪيترن
ڏينھن کان پوءِ آئي آھي.“
”نيڪ آھي آءٌ اڪيلو ٿو وڃان.“
ستار ويو تي تہ مصطفيٰ خان ۽ ڪمال خان ڪمري ۾ آيا. جان
بيبيءَ کي ڏسي ڪمال خان جي چھري جو رنگ ڳاڙھو ٿي ويو.
مصطفيٰ خان ستار کي ويندي ڏسي چيو، ”منھجو خيال آھي بلڪہ
صلاح آھي تہ اڄوڪي رات سيئي ھتي ٽڪي پئو.“ ڪمال خان کي
ڏسي سيئي اٿي بيٺا ھئا. ڪمال خان سيني سان ملندي چيو، ”چاچا،
ڪھڙي ولات مان آيا آھيون. ھونئن گھر تہ سڄ بہ پنھنجو ئي آھي
ٽڪڻ ۾ وڏي ڳالھہ ناھي پر افي کي تہ ھتي رھندي بہ ڏينھن ٿي ويا
آھن ۽ امان چيو آھي تہ ڪيس ھرويرو بہ وڃي اچان.“
”اوھان جي جيڪا مرضي.“
”ادا، اڄ نہ، اڄ تہ جاني بہ آئي آھي نہ.“
ڪمال خان جان بيبيءَ ڏانھن ڏک مان نھاري چيو، ”ھا افي، ۽
اسان وٽ تہ جان بيبي ڪڏھن پلجي بہ نہ آئي.“
جان بيبيءَ اڪيون ھيٺ ڪري چيو، ”ادا، مان ڪيڏانھن بہ
نٿي وڃان، ادي تاجيءَ جي شادي ٿي آھي تہ اوڏانھن بہ ڪونہ ويندي
آھيان باقي زھري.....“
”باقي زھري سان تہ ڪنھن جو مقابلو ئي ڪونھي ايئن نہ؟“
جان بيبيءَ افروز جي ڳالھہ جو چرچي ۾ جواب ڏيندي چيو،
”زھري بہ تہ مون ڏانھن بنا ڪنھن حساب ڪتاب، گلا ۽ ٿوري ٿڦڻ
جي ايندي آھي. تون ڪڏھن ايئن ملڻ آئي آھين مون سان؟ ڪڏھن
ڪا دعوت يا تقريب ھوندي آھي تڏھن ٿي اچين.“

ڪمال خان ۽ مظهر خان ٻئي جان بيبيءَ جا عاشق ۽ اميدوار هئا جن کي امير بيبيءَ جي حتمي ۽ فائنل فيصلي تہ، ”جان بيبي مان پنهنجي پيڻ جي پٽ کي ڏينديس.“ ڏڪارو ۽ مايوس ڪري سندس گهر جون واٽون وساري ڇڏيون. هيون ۽ پنهنجي چاچي حمل خان کي زال اڳيان مجبور ڏسي ماٺ تي ويا. پر اڄ جڏهن ڪمال خان گهٽن ڏينهن کان پوءِ اتفاقي طور جان بيبيءَ سان مليو تہ سندس ستل سور جاڳي پيا. مظهر خان جو تہ مگٽو تيل هو جيڪو پوڳن ۽ چرچن جي مضبوط ڪوٽ ۾ پناهہ ونڻ جي ناڪام ڪوشش ۾ رڌل هو. پر ڪمال خان کي جان بيبيءَ جون ڳالهيون ۽ ڪلڻ ڇڻ وري ساڳي دڳ تي آٽي رهيا هئا ۽ افروز سان ڳالهايل هر جملي کي هو پاڻ ڏانهن منسوب ڪري رهيو هو.

”نيڪ آهي اسين ٽورا ٽڦڻ وارن مان آهيون پر اوهان بہ تہ اسان تي ڪڏهن اڻ ڳٽيا ٽورا نہ ڪيا!!“

پوڳ چرچي واري ماحول ۾ ڪمال خان جو سنجيده لهجو سڀني محسوس ڪيو. افروز ڪلي ڇڻ ماحول کي ساڳيو خوشگوار بنائڻ چاهيو، ”جاني، تو بہ وڏا چاڳ ڪيا آهن، اسان ڪٽي گهٽو نہ پوءِ بہ ڪڏهن ڪڏهن تہ ايندا آهيون. ادا ڪمال خان واقعي بہ وڏو سچ چيو آهي تہ تو بہ تہ ڪڏهن اسان تي اڻ ڳٽيا ٽورا نہ ڪيا آهن.“

جان بيبيءَ ڏک مان صفا ماٺ هئي. ستار بہ خاموش هو. زهره ماحول جي سنجيدگيءَ کي ڏسندي جان بيبيءَ کي افروز ۽ ڪمال خان جي جملن کان بچائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، ”هيڏي افي، منهنجي ڳالهہ ٻڌ، بلڪل مون جيان ئي تون بہ جانيءَ کي چڱي طرح جاڻي سڃاڻي ٿي تہ هوءَ واقعي بہ ڪيڏانهن نہ ويندي آهي پر پوءِ بہ هوءَ اسان ٻنهي گهرن ڏانهن ايندي تہ آهي جڏهن تہ مان ۽ تون خاندان جي هر شادي ۽ تقريب ۾ شريڪ ٿينديون آهيون، جي ڪڏهن جانيءَ لاءِ خاص وجون تہ کهڙو ٽورو جانيءَ تي ٽيون ڪريون. جڏهن تہ هو خاص ماٺهو موڪلي بہ اسان کي گهرائيندي آهي. هاڻي ڇڏيو انهن ڏوراپن کي.“

مايون چانهہ ڪٽي آيون. ٻيا تہ سڀئي خاموش چانهہ پي رهيا

هٿا پر ڪمال خان تڪڙو چانهه پي ڪوپ ميز تي رکي اٿيو، ”هل افروز، دير ٿي وئي آهي.“

ستار به واچ ۾ نهاري چيو، ”هاڻي اسين به هلنداسين.“

زهره کلي چيو، ”اسان جا پائر ڏاڍا جذباتي آهن.“

ڪمال خان چيو، ”چا ۾ جذباتي آهيون. افيءَ کي به ڏينهن ٿيا آهن هتي رهندي. باقي تون چاڻ جاني چاڻي.“

ان تان سڀئي کلڻ لڳا. زهره چيو، ”واهه واهه چڱي ڳالهه ٿي، مان چاڻان جاني چاڻي باقي افي ۾ منهنجو ڪجهه به نه وڃي ايئن نه!“

افروز ڪيس پاڪر پائي چيو، ”زهري، هاڻي مان هلنديس.“

۽ جان بيبيءَ سان پاڪر پائي چيائين، ”جاني هاڻي مان تڏهن تو وٽ اينديس جڏهن تون اسان وٽ ايندينءَ.“

”چو نه اينديس ضرور اينديس. منهنجي چاچي جو گهر آهي.“

ڪمال خان چيو، ”ان چاچي جو گهر آهي جيڪو اوهان کي ياد ڪونهي؟“

ستار چيو، ”ايئن ته نه چئو يار، مان ۽ جبار ته سدائين چاچا سان ملڻ ايندا آهيون.“

ڪمال خان مشڪي چيو، ”تون ته ماٺ ڪر ستار يار مان ته جانيءَ کي ٿو ستايان.“

ڪمال خان جو موڊ صحيح ڏسي جان بيبيءَ به مشڪي چيو، ”چاچو مون کي هر دم ياد آهي، آءٌ ضرور ساڻس ملڻ اينديس.“

افروز برقعو پاتو ته ستار جان بيبيءَ کي چيو، ”جاني، هاڻي تون به اٿ.“

جان بيبيءَ اٿي ته، زهره سندس هٿ ۾ جهلي سٽ ڏيئي ويهاري چيو، ”تون ته ويهه، هينئر ته آئي آهين.“

ستار ٽهڪ ڏيئي چيو، ”اسين چئن وڳي آيا هئاسين ۽ هينئر اٺ پيا ٿين.... چئن ڪلاڪن کي جي تون ”هينئر“ ٿي چوين ته ڪمال آهي.“

مظهر خان ٽهڪ ڏيئي چيو، ”ڪمال ته آهي ۽ تنهنجي اڳيان بينو آهي.“

سيني ڪليو تہ مظهر خان چيو، ”اوهان جي شڪايتن تہ مون کان چرچائي وساري ڇڏيا.“

افروز تيار ٿي تہ سيئي گڏجي مصطفيٰ خان ۽ آمنہ وٽ آيا. ڪمال خان ۽ افروز ٻنهي سان موڪلايو، سيئي ڪين گاڏيءَ تائين ڇڏڻ آيا. افروز چيو، ”جاني، سياٽي تائين تہ هتي آهين نہ؟“

جان بيبيءَ کان اڳ زهره جواب ڏنو، ”ها ها، جاني هتي آهي.“

ستار ٿهڪ ڏيئي چيو، ”اسان جي ڳالهہ ۽ راءِ ڪي تہ ڪا اهميت ئي ناهي.“ ڪمال خان جان بيبيءَ ڏانهن نهاريو جيڪا مشڪي رهي هئي. دل ۾ چيائين، ”جاني، تون جي ساٿ ڏين ها تہ چاچي اميران ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهي ها. پر تو ئي مون کي پنهنجي لائق نہ سمجهيو ۽ تنهنجي نظرن مون کي نظرانداز ڪيو نہ تہ مان توکي حاصل ڪرڻ لاءِ هر حربو آزمايان ها.“ هو اچي جيپ ۾ ويٺو. افروز بہ ويٺي ۽ جيپ رواني ٿي. زهره، جان بيبيءَ کي هٿ ۾ جهلي پنهنجي ڪمري ڏانهن ويندي چيو، ”ادا ستار، چاچا وارن کي اسان جا لک لک سلام ڏجو.“

۽ هو ٻئي ڪلنديون ڪمري ۾ هليون ويون تہ ستار ڪلي مظهر کي چيو، ”يلا شمو مون سان گڏ هلندي يا اها بہ هتي رهندي؟“

سيئي ٿهڪ ڏيئي ڪلڻ لڳا تہ شموءَ بہ ڪلي چيو، ”سائين، آءٌ اوهان سان گڏ هلنديس، مون کي جيجي اميران چيو هو تہ جي جيجي جانل اتي رهي پوي تہ تون سائين ستار سان وري اچجانءِ.“

ستار، شموءَ کي وٺي سيني کان موڪلائي روانو ٿيو تہ مظهر خان مشڪندو زهره جي ڪمري ڏانهن ٿي آيو تہ زهره پنهنجي ڪمري کان ٻاهر نڪتي. مظهر خان کي ڏسي چيائين، ”ادا، مان اوهان ڏانهن پي آيس.“

”خير؟“

”ها خير، اهي ڪتاب ۽ رسالا تہ ڏيو جيڪي ڪلهہ آندا اٿوَ!“

”ڪهڙا؟“

”سنڌي، ٻيو وري ڪهڙي اسان کي انگريزي پڙهائي اٿوَ جو اهي پڙهون.“

جان بيبي بہ سندن ڳالهائڻ تي اٿي دروازي وٽ اچي بيٺي. مظهر خان چيو، ”سائين، اهو اسان جو قصور ڪونهي بلڪہ اسان جي گڏيل وڏڙن جو ڏوهہ آهي جن ڇوڪرين ڪي پڙهائڻ جي مخالفت ڪئي ۽ اسين سچي دل سان مڃون ٿا تہ اوهين ڏاڍيون ذهين آهيو ۽ جيڪر تمام گهڻو پڙهي وڃو ها. پر هاڻي معاف ڪريو، سوري.“

مظهر خان چرچي مان هٿ ٻڌي ڪنڌ هيٺ ڪري چيو تہ زهره سندس ٻڌل هٿن کي جهلي چمي ڏيئي چيو، ”هي ڇا ادا هٿ پيو ٻڌين؟“

جان بيبيءَ کلي چيو، ”اهائي اسان جي ڪمزوري آهي تہ اسين ڀائرن جا لاڏ ۽ حڪم مڃي ڪين مٿي تي چاڙهيون ٿا.“

”سچ تہ اوهين ٻئي ڏاڍيون ذهين آهيو. رڳو سنڌي پڙهڻ سان بہ سڄي دنيا جي معلومات رکو ٿيون. مان تہ سچ بہ ڪڏهن ڪڏهن زهره تي حيران ٿي ويندو آهيان. جڏهن دنيا جي باري ۾ سندس ڄاڻ، پاڻ کان مٿي ڏسندو آهيان.“

زهره خوشامد واري انداز سان ائڪٽنگ ڪندي چيو، ”اوهہ، منهنجو پيارو ڀاءُ ڪيڏو نہ حقيقت پسند ۽ سچو آهي.“

دروازي تان هٽي جاءِ ڏيئي چيو، ”اچو ادا اچي اندر ڪمري ۾ ويهي منهنجي باري ۾ وڌيڪ پنهنجي خيالن جو نيڪ اظهار ڪريو هتي ٻاهر ڇو بيٺا آهيو؟“

زهره جي اداڪاريءَ تي جان بيبيءَ کان وڏو ٽهڪ نڪري ويو، جيڪو ايڏو تہ خوبصورت هو جو مظهر خان حيرت مان ڪيس ڏسندو اچي اندر ڪمري ۾ صوفي تي ويٺو. زهره چيو، ”ادا، علم رڳو پڙهڻ سان نٿو ملي، اسان جو نبي بہ تہ امي هو.“

”زهره تہ بابا، پنهنجي تعريف تي جذباتي ٿي، وڌي وئي آهي. نبين کي تہ الهام ٿيندو هو وحي لهندي هئي. اهي امي ڪٿان ٿيا. انهن جو مثال ڇو ٿا ڏيو؟“

جان بيبيءَ مشڪي چيو، ”چڱو انهن جا مثال نٿا ڏيون! پر شاهہ لطيف وري ڪهڙو آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان پڙهي آيو هو.“

مظهر خان سندس ڳالهه جهلي چيو، ”معنيٰ تہ تعليم ضروري ناهي ايئن نہ؟ پوءِ تہ اسان جي وڏڙن جو بہ ڪو ڏوهہ ڪونهي ڇو جو علم تہ بنا تعليم حاصل ڪرڻ جي ئي ملي ٿو وڃي.“

جان بيبيءَ ڪلي چيو، ”پر هرڪو اسان جهڙو ذهين ڪونهي نہ ۽ اسين اهو ٿيون چاهيون تہ ڇوڪرين لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ ڇوڪرن ڪان بہ وڌيڪ اهم آهي، ڇو جو مرد پڙهيو تہ فرد پڙهيو عورت پڙهي تہ خاندان پڙهيو.“

”معنيٰ تہ تنهنجي اڳيان بہ هٿ ٻڌجن؟“

جان بيبي ۽ زهره کلي پيون تہ مظهر خان چيو، ”جاني، توکي تہ پڻائيءَ تي عبور حاصل آهي، توکان تہ ڊڄڻ کپي.“

”ڪير ٿو چوي؟“

”زهري ٿي چوي!“

”زهريءَ کي تہ بس، رڳو مون کي ڦڪو ڪرڻو آهي.“

”ڇو ڀلا، ڪيئن ٿي توکي ڦڪي ڪريان، سڄي خاندان ۾ توکان وڌيڪ ڪير ٿو شاهہ کي سمجهي؟“

مظهر خان متاثر ٿي چيو، ”سچ تہ وڏي ڳالهہ آهي. ننڍي عمر ۾ ايترو لطيف کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ.“

زهري کلي چيو، ”ادا، ڪتاب ۽ رسالا تہ ڏي نہ.“

مظهر خان اٿندي چيو، ”آڻيان ٿو.“

ٿوري ئي دير ۾ مظهر خان اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب کڻي آيو. زهره کي پنهنجو گهڻ پڙهڻ وري ٽڙپائي ويو.

”ادا، انگريزي نہ پڙهڻ سان ماڻهو دنيا اندر انڌو، ٻوڙو ۽ گونگو آهي صفا.“

”اهو تہ صحيح آهي بلڪل، پر انهن پڙهيلن کان تہ اوهين هزار ڀيرا وڌيڪ قابل آهيو، جيڪي يونيورسٽين ۾ پڙهڻ جي باوجود جاهل آهن. طوطي وانگر رٽي جڏهن ڪاپي ۽ سفارش سان پاس ٿي ٻاهر ٿا نڪرن تہ اهي جتي بہ هوندا، اتي بوجهہ ۽ آزار هوندا آهن ۽ اوهين...!!“

زهره رسندي چيو، ”نهيو نهيو، اسان کي جاهل رکي هاڻي

تعريفون نہ ڪيو.“

”اوهين جاهل نہ، گهڻ پڙهيل آهيو.“

جان بيبيءَ مشڪي چيو، ”زهر کي شگر ڪوٽيڊ تا ڪريون.“

ان ڳالهہ تان مظهر خان ايڏو تہ وڏو ٽهڪ ڏنو جو پنهنجي ڪمري ڏانهن ويندي مصطفيٰ خان بہ ٻڌي ورتو ۽ هو مشڪندو وٽن آيو. مصطفيٰ خان کي ڏسي جان بيبي نهي وئي.

”ڇا ڳالهہ آهي پٽ، ايڏو وڏو ٽهڪ ڏنئي؟“

”بابا، هي ٻئي ٽيون چون تہ اوهان اسان کي ڇو نہ پڙهايو؟“

مصطفيٰ خان پلنگ تي ويهندي چيو، ”پٽ، اوهان جون ميارون اکين تي، پر هڪ تہ هتي اهڙو ڪو اسڪول ئي نہ هو، جتي ڇوڪريون بہ پڙهي سگهن. ٻيو وري اسان جي خاندان جا قدر ۽ روايتون اهڙيون جو ڪنهن بہ نياڻي کي ڏور ڪٿي اسڪول وڃڻ جي اجازت نہ ملي، ڇو تہ سخت پردو هو. اسين جيڪي انهن روايتن جا رکپال آهيون، اهي ئي انهن کي ٽوڙيون ها تہ پوءِ ٻين اڳيان ڳالهائڻ لاءِ اسان وٽ ڇا بچي ها، ۽ اتي ڪهڙا لفظ اسان کي پناهہ ڏين ها، جتي اسان ڪين پنهنجي روايتن جي حفاظت جي تلقين يا نصيحت ڪيون ها!“

مظهر خان مشڪي مشڪي جان بيبيءَ کي ايئن ڏسي رهيو هو ڄڻ ڪيس شانڪاريندو هجي تہ، هاڻي جواب ڏي! پر هوءَ خاموش رهي. مصطفيٰ خان کي جڏهن جواب نہ مليو تہ هن وري چيو، ”اسان پوءِ بہ اوهان کي ايترو پڙهايو آهي جو اوهين دنيا کان واقف آهيو.“

جان بيبيءَ نهايت ادب مان آهستي چيو، ”اسان بہ تہ اهوئي ٿا چئون چاچا، تہ تعليم ماڻهوءَ جون نہ رڳو اکيون، ڪن ۽ زبان ٿي کولي پر ان جي دل ۽ دماغ کي بہ روشن ۽ وسيع ٿي ڪري ۽ ماڻهو کي پنهنجي عزت ۽ قدر بچائڻ لاءِ همٿون ٿي ڏي، واٽون ٿي ڏيکاري. نہ تہ جهالت واري اوندهہ ۾ جتي ماڻهو ٻيو تہ نهيو پنهنجي پاڻ کي بہ ڏسي نٿو سگهي تہ اهڙيءَ حالت ۾ هو پنهنجي زمين، زبان ۽ قوم کي ڇا بچائي سگهندو! نہ ئي ان اونڌائي

انڌڪار ۾ هو ڪنهن ڦورو، ڪنهن حملہ آور ڪي ئي ڏسي سگهندو ۽ پوءِ اهڙي صورتحال ۾ هو پنهنجي جسم جا حصا بہ وڃائي ٿو ويهي. انهن حصن ۾ اکيون، ڪن، زبان، دل ۽ دماغ سيئي اچي ٿا وڃن بلڪ پير بہ ۽ پوءِ اهو ماڻهو انڌو، ٻوڙو، گونگو ۽ لولو، لنگڙو بنجي هڪ ناقابل برداشت بوجھہ بنجي ٿو پوي."

جان بيبيءَ ماٺ ڪئي تہ مصطفيٰ خان اٿي سندس مٿي تي هٿ رکي چيو، "بيشڪ پٽ علم روشني آهي ۽ اها منهنجي اڳيان ويٺي آهي."

مظهر خان حيرت زده هو. زهره کلي چيو، "واهہ جاني واهہ، مان تہ اڳ ئي تنهنجي ذات جي معترف هيس پر اڄ تہ تو ڪمال ڪري ڇڏيو!"

مصطفيٰ خان مشڪندي ديوار واري گهڙيال ۾ نهاري چيو، "هاڻي نوَ پيا ٿين، ماني کهڙي مهل کائبي؟"

زهره کلي چيو، "بابا، مانيءَ پوءِ کائينداسين، جانيءَ کان اڃان وڌيڪ ٻڌو نہ!"

"نہ نہ، زهري وڌيڪ ڪجھ بہ نہ، چا؟"

مصطفيٰ خان ڪمري کان ٻاهر نڪتو تہ مظهر خان چيو، "ڪجھ بہ نہ چو، چا وڌيڪ ٻڌائڻ ۾ چوڻ لاءِ ڪجھ بہ ڪونهي؟"

جان بيبيءَ مشڪي شرارت مان چيو، "ٻڌائڻ لاءِ تہ تمام گهڻو آهي، پر جي اوهان ٻڌڻ جو ساهس ڌاريو، حوصلو رکو ۽ اهو بحث مشروط هوندو تہ ڪنهن بہ هنڌ تلخي نہ ٿيندي."

"ارشاد، ارشاد چا جي تلخي اسان هر تن گوش آهيون."

جان بيبي مظهر خان جي ان انداز تي ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳي ۽ مظهر خان جي دل ڊانوانڊول ٿيڻ لڳي. زهره کلي چيو، "بابا ڪيئن نہ ڪسڪي اٿي ويو."

"شايد چاچا بہ اٿڻ ۾ ئي عافيت سمجهي هوندي."

مظهر خان چيو، "اهو وري ڪيئن؟"

"اهو ائين، جو اسين جيڪي سندس ٻچا آهيون، سندس جسم جا حصا آهيون، انهن سان مقابلو ڪرڻ ۽ دوبدو ٿيڻ سندس لاءِ ئي

نقصان جو باعث ٿئي ها، ڇو جو هو پاڻ ئي ته آهن ان علم جي روشنيءَ کي روڪڻ ۽ پوش پائڻ وارا. ياد ڪونهي ڇا اوهان کي؟ اها ته ايتري پراڻي ڳالهه ناهي جو هتي ”حمل خان ڳوٺ“ ۾ ۽ هتي ”مصطفيٰ خان ڳوٺ“ ۾ جڏهن اسڪول منظور ٿيا هئا ته انهن اسڪولن جي کلڻ جي ڪنهن مخالفت ڪئي هئي؟ بابا ۽ چاچا وارن نه! ۽ پوءِ اهي اسڪول کلي نه سگهيا، هتي هينئر اسين پنهنجا پاڻ ۾ آهيون، ڪوبه ڌاريو وچ ۾ ڪونهي، ته ڇا اهو سچ ناهي؟ ته جي اهي اسڪول کلن ها ته ان ۾ غريب هاري ناري، ڪڙمي ڪاسبي، لورا لنگها پڙهي وڃن ها ۽ پوءِ انهن غريبن جو شعور جاڳي پوي ها ۽ ڪين اسان جي پيرن تي پوڻ کان روڪي ها ۽ اهي اسان جي اقتدار اڳيان رڪاوٽ بنجي پون ها. اهوئي سبب هو نه، ڳوٺن ۾ اسڪولن جي مخالفت ڪرڻ جو؟ باقي وڏ گهراڻن جا ڇوڪرا ته هونئن ئي ڳوٺن جي اسڪولن ۾ پڙهن ڪٿي ٿا. اوهان ۽ ادا وارا ٻــ تــ وڏن شــهرن جــي اســڪولن، ڪــاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ پڙهيا آهيو ته اهي غريب جن کي هڪڙي ويلي جي ماني به مشڪل سان ملي، اهي پنهنجي ٻارن کي ڪيئن پڙهائين ها؟“

مظهر خان جيڪو جان بيبيءَ کي غور سان ٻڌي رهيو هو، تنهن جان بيبيءَ جي ماٺ ٽٽڻ تي مشڪي چيو، ”ان جي معنيٰ ته تون پنهنجي وڏڙن جي خلاف سندرو ٻڌي بيٺي آهين؟“

”نه، بلڪل نه، اهڙو ڪوبه ارادو نه اٿم، ڇو جو ڄاڻان ٿي ته اهو ممڪن ئي ڪونهي.“

”ڇا لاءِ ممڪن ڪونهي؟“

مظهر خان کي جان بيبيءَ سان ڳالهائڻ ۾ مزو پئي آيو. هڪ ته گهٽ ڏينهن کان پوءِ هن ڪيس ڏٺو هو ۽ ٻيو ته هو اڪثر گهٽ ڳالهائيندي هئي، خاص ڪري سندس اڳيان ته بس ”هون“، ”هان“ ڪري ماٺ ٿي ويندي هئي. پر اڄ ته الائي ڪهڙن پورن ۽ خيالن ۾ هئي جو هر ڳالهه جو تفصيل سان جواب ڏيئي رهي هئي. جان بيبيءَ چيو، ”جي ٻڌي سگهو ٿا ته ٻڌايان، پر وري به شرط ساڳيو ته

تلخي ۽ ناراضگيءَ جو پهلو نہ نڪرندو.“
”معنيٰ تہ تون چاڻي ٿي پاڻ بہ تہ، اهڙين ڳالهين مان تلخيون ۽ ناراضگيون ڦٽنديون!“
جان بيبيءَ مشڪي چيو، ”هي هڪ ادبي ڳالهہ آهي ته سگهي ٿو تہ حاڪمن ۽ اقتدار تي فائز صاحبن لاءِ ڏک ۽ توهين جو سبب ٿئي.“
مظهر مشڪي چيو، ”پلي پڌاءِ، هتي ڪوبہ حڪمران ۽ صاحب اقتدار ڪونهي. مطلب تہ هن ڪمري ۾ توسان متفق ماڻهو ئي آهن هڪڙو مان ۽ ٻي زهري.....“
”ها جاني ها، وارو ڪر، پنهنجو هڪڙو ووٽ تہ هتي ئي ملي ويو آهي.“
مظهر خان چيو، ”ها جاني، مان تنهنجو ووٽ آهيان.“
جان بيبيءَ نهايت سنجيدگيءَ سان آهستي چيو، ”وڏو ماڻهو اهو آهي جيڪو ڪو نظريو ڏي ۽ هي ڳالهہ بہ متين ڳالهہ جي پنيرائيءَ ۾ ڪيل آهي ان ڪري ئي ياد بہ آئي اتم جو اڳيان سمجهدار ۽ قبوليندڙ سجاڳ ذهن وارا جيءَ وينا آهيو... فرانس جي عظيم فلسفي ۽ اديب ژان پال سارتر جي هڪ علامتي افساني ۾، زمين تي خدائيءَ جو دعويدار ”دجال“ انتهائي بڇڙي شڪل سان پڌرو ٿئي ٿو. ان جي غليظ جسم کي گنديون ۽ بگڙيل شڪلين واريون مکيون جهينگي رهيون هيون. هڪ نوجوان ڪائنس پڇي ٿو، ”هي ڇا آهن؟“ دجال جواب ٿو ڏي، ”هي اهڙيون مکيون آهن جيڪي اگر ڪنهن کي ڏنگ هڻن تہ اهي دردناڪ لمحن ۽ غريبن ۽ مظلومن جون رڙيون ۽ دانهون ٻڌي نہ سگهندا ۽ جيڪي ماڻهو امير ۽ غريب واري فرق تي دانهون ڪري زمين ۾ فساد ۽ انتشار پکيڙڻ چاهين ٿا ۽ ازل کان قائم طبقاتي نظام جي خلاف ماڻهن کي اياري اسان جي خدائيءَ کي شانڪارين ٿا. هي مکيون انهن کي بي حس بنائي ڇڏينديون آهن ۽ انهن جا ڪن ڪڏهن بہ ڏک جا نغمہ، الميہ گيت ٻڌي نہ سگهندا ۽ غريبن جون رڙيون ٻڌڻ کان عاري ٿي ويندا.“ سارتر جي ان علامتي افساني جي اها ڳالهہ مون

ڪي هن وقت ان ڪري ياد آئي آهي جو جڏهن ڏنم ته علم ۽ روشنيءَ لاءِ ڪيل رڙيون ڇو نٿيون ڪنهن جي ڪن تي پون يا ڏکيا بکيا ماڻهو جڏهن هنجون هاريندا آهن ته انهن ۾ ڇو اثر نه هوندو آهي؟"

زهره ۽ مظهر خان ڪيس خاموشيءَ سان ٻڌي رهيا هئا. مظهر خان چيو، "مان توسان سئو سيڪڙو متفق آهيان باقي اهو اعتراف ٿو ڪريان ته سڄي سرشتي کي اٿلائڻ منهنجي اڪيلي جي وس ۾ ناهي."

جان بيبيءَ مشڪي چيو، "ان ڪان وڌيڪ ٻيو ڇا کپي ته اوهان انهن غلط ڳالهين جي ننڌا تا ڪريو. هر غلط رسم ختم ڪرڻ ۽ هر غلط قانون ڊاهڻ اسان جي هٿ ۽ وس ۾ ناهي ته ان رسم ۽ قانون سان نفرت ڪرڻ ته اسان جي وس ۾ آهي.... اهو ٻه نه، جي نفرت ظاهر ڪرڻ ڏکي آهي يا ايئن ڪرڻ سان ڪنهن کي ذاتي نقصان ٿو ٿئي ته، پر ماڻهو پنهنجي دل ۾ ته ان کي ناپسند ڪري! اهوئي گهڻو آهي. اسان جي گهراڻن ۾، جتي غريب ماڻهو ۽ وهيٽ ۾ ڪو فرق نٿو سمجهيو وڃي اتي جي ڪو رحم ٿو ڪري ته وڏي ڳالهه آهي... پوءِ ٿي سگهي ٿو ته ڪو قلندر انهن بڇڙاين خلاف ٻاهر نڪري ٻه اچي نعرو هڻي."

"ڪاڏو تيار آهي. جيجي آمنه ئي سڏي."

شريفان ايئن چئي هلي وئي ته مظهر خان اٿندي چيو، "واهه جاني واهه، سنو تيو جو اڄ ايترو ڳالهايئي! مون کي ته ائين پي لڳو ڄڻ ڪنهن پروفيسر ڪان ڪلاس ۾ ليڪچر پيو ٻڌان."

زهره ڪلي چيو، "اتي جاني، امان ته الاء ڏاڍو ناراض ٿي هوندي مون تي ته جانيءَ کي ڪاڏي ۾ دير ڪرائي ڇڏي اٿم."

ٽيئي گڏجي ڪاڏي جي ڪمري ۾ آيا. ڪاڏو ڪائڻ ڪان پوءِ سيئي گڏجي آمنه جي ڪمري ۾ آيا ڪچهري ڪيائون ۽ اتي ئي چانهه ٻه پيتائون. مصطفيٰ خان واچ ۾ ڏسي چيو، "ٻارهن پيا ٿين، هاڻي وڃي آرام ڪريو."

زهره ڪلي چيو، "بابا، ادا انور وارا ڪيڏانهن ويا، جانيءَ جي

اچڻ جي خوشيءَ ۾ مون کان نہ پنهنجا سڄا سارا ٿي پائر ئي وسري ويا آهن."

ان تان سيئي کلي پيا. مصطفيٰ خان چيو، "پٽ، سندن دوست جي شادي آهي. اوڏانهن ويا آهن. سڀاڻي ايندا."

"آءٌ بہ چوان، هيڏي دير ٿي وئي آهي ۽ جانيءَ وٽ ڪوبہ نہ آيو آهي ڇو؟"

زهره اٿي ماءُ کي آرام جي گوري ڏني ۽ سڀ اٿيا. زهره جان بيبيءَ کي وٺي پنهنجي ڪمري ۾ آئي ۽ دروازو لاڪ ڪري پلنگ تي اچي ليٽيون. زهره چيو، "جاني، جيڏي مهل کان هتي آئي آهين هڪڙو منٽ بہ تنهائيءَ جو نہ مليو آهي. هاڻي ٻڌاءِ طارق خان جا قصا."

جان بيبيءَ جو ڪلنڊڙ مڪ ماٿ تي ويو.

"ڪهڙا قصا؟"

"طارق خان وري ڪو ڦيرو ڪو وَرُ ڪو چڪر هنيو؟"

"ها."

"واقعي، تولاءِ آيو هو؟"

"نہ، منهنجي لاءِ نہ آيو هو، هو پنهنجي دوستن سان گڏ شڪار لاءِ آيو هو."

"توسان مليو؟"

"اندر امان سان ملڻ آيو هو ۽ پوءِ منهنجي ڪمري ۾ بہ آيو."

"ڪا نئين ڳالهہ تہ نہ ٿي؟"

"ڪهڙي نئين ڳالهہ؟"

"طارق خان ڪو اهڙو اظهار ڪيو، جهڙو تنهنجي من ۾ آهي؟"

"نہ نہ، هن کي آءٌ ياد بہ ناهيان."

"ايئن تہ ٿي نٿو سگهي."

"ايئن ٿيو آهي."

"ڪمال جو ماڻهو آهي يعني، هتي سڪڻ بي عدد، هت پرين پرواهہ نہ ڪا."

”واقعي ٻہ زهري تون منهنجي دل سان گڏ تي سفر ڪرين!
بلڪل اها سٽ مون کي ٻہ ياد ايندي آهي اڪثر....“
زهره ٿهڪ ڏيئي چيو، ”متان نہ مڃين.“
”.................“

”بتي بند ڪريان هاڻي سمهڻ گهرجي، ها نہ؟“
”هاڻي مون کي ننڊ صفا گهٽ ايندي آهي. تون ڀلي سمهي
پئو مون کي هو پريان رسالا ۽ ڪتاب اورتي ڪري ڏي تہ پڙهان.“
”جاني، مان جڏهن کان توسان ملي آئي آهيان، ڏيان يڪوئي
توڏانهن اٿر پر امان جي طبيعت جي ڪري نڪري نٿي سگهان.
باقي سوچ جا سيئي دڳ توڏانهن تا وڃن.“
”افيءَ کي ٻہ ٻڌايو اٿئي؟“
”نہ، بلڪل نہ.“
”پوءِ ان مون کي ائين ڇو چيو؟“
”ڇا چيائين؟“
”مون کي دل جو تعنو ڇو ڏنائين؟“
”مان بس، اهو ڪيس چيو هو تہ هن ڀيري جاني ڪجهہ اداس هئي
تہ ڀاڻهي چيائين تہ دل ول جو معاملو تہ ناهي ۽ هينئر ٻہ توکي تعنو نہ ڏنو
هئائين پر ان ساڳي ڀوڳ واري نموني چيائين جيئن اڪثر هوءَ چوندي
آهي. باقي جاني، افي توکي ڏاڍو تي ڀائين. ڪلهہ ٻہ چيائين تہ، ڪاش
جاني، ادا ڪمال خان کي ملي ها ۽ اهو ٻہ چيائين تہ، اڄ ٻہ جي ادا ڪمال
خان ٻي ڪابہ قبول نٿو ڪري تہ اهو ٻہ رڳو جانيءَ جي ڪري.“
”..........“

”۽ سچ ٻہ اهوئي آهي تہ ادا ڪمال اڄ ٻہ واقعي تنهنجي
انتظار ۾ آهي. جاني، ادا ڪمال خان لاءِ ها ڪر نہ، چاچي اميران
کي ڇڏ. بس رڳو تون ها ڪر، مان سمجهان تي ادا ڪمال لاءِ اهوئي
گهٽو ٿيندو ۽ پوءِ هو اڪيلو ئي وڙهي سگهي ٿو.“
جان ٻيبيءَ زهري جي ان چريائيءَ تي ڪيس حيرت مان ڏسي
چيو، ”نہ زهري، توکي تہ سڄي خبر آهي، مان ادا ڪمال خان کي
نٿي قبول ڪريان.“

”چو؟“
”ان لاءِ تہ هو منهنجو آئيڊيل ناهي.“
”تنهنجو آئيڊيل.“
”طارق خان!“
”جيڪو ٻارن ٻچن وارو آهي ۽ بقول تنهنجي، تون ڪيس ياد بہ ناهين ۽ ادا ڪمال خان جنهن جي تون آئيڊيل آهين جيڪو تنهنجي لاءِ سوچي ٿو. جاني وڏڙن جو چوڻ آهي تہ، عورت کي ان سان شادي ڪرڻ گهرجي جيڪو ساڻس عشق ڪري ٿو، چاهي ٿو، نہ ان سان جنهن سان هوءَ پاڻ عشق ڪري ٿي، چاهي ٿي.“
” ............ “

”تون ماٺ چو ٿي ويندي آهين خبر اٿئي، ان مهل منهنجو ساهہ ٻوساٽجڻ لڳندو آهي، جو ڪجهہ بہ تنهنجي دل ۾ آهي چئو، ٻاهر ڪڍ! اتي گهر ۾ تہ ڪنهن سان بہ ڳالهائي نٿي سگهين، هتي مون سان تہ ڳالهاءُ، دل جو بار گهٽ ڪر، نہ تہ بيمار ٿي نفسياتي مريض بنجي ويندينءَ.“
”گهر ۾ شمو ۽ اميءَ کي خبر آهي.“
”چا، چا؟“ زهره جو وات حيرت مان ڦاٽي ويو.
”ها زهري، مون ڪتارسس واري راهہ ورتي ۽ پنهنجي قابل اعتماد ماين اڳيان پنهنجو ڏک، سور ۽ راز پڌرو ڪيو.“
”هاڻي تہ هو الائي ڪٿي ڪٿي اها خبر پهچائين. سچ چيو اٿن تہ جيڪو ماڻهو پنهنجو راز پاڻ نہ سنڀالي ۽ ٻي جي حوالي ڪري ان کي تاڪيد ڪري تہ تون سنڀال، اهو دنيا جو بيوقوف ترين ماڻهو آهي.“
”نہ زهري، چيم نہ تہ، اعتماد جوڳيون آهن. اهي پنهنجو سر ڪپائينديون پر راز کي راز ئي رکنديون.“
”توکي ڪهڙي خبر جاني، تون تہ هينئر انڌ جي گهوڙي تي سوار آهين، پوءِ پلي ان انڌ جي گهوڙي جي سنبن هينان ڪنهن جي عزت پيلجي يا غيرت، توکي ڪهڙي پرواهہ؟“
جان بيبيءَ چرڪي زهره ۾ نهاريو جيڪا ڪجهہ ڪاوڙيل ٿي لڳي.

”نہ زهري نہ، تون تہ مون کي ايئن نہ چئو. تون تہ مون کي مون کان بہ وڌيڪ ٿي سڃاڻين، ڇا مان اهڙي آهيان جو ڪنهن جي عزت ۽ غيرت داءُ تي لڳايان؟“

”تون پلي هينئر اهي لفظ چئو پر جاني، مان تہ، الله جو سنهن هاڻي توکان ڊڄڻ لڳي آهيان. تون عقلمند ۽ سمجهدار آهين، شاهہ کي بہ گهڻو پڙهين ۽ سمجهين ٿي ۽ ٻيا بہ گهڻا ڪتاب، رسالا ۽ اخبارون پڙهندي آهين ۽ تنهنجو علم مون کان گهڻو مٿي آهي، پر مون بہ ڪٿي پڙهيو هو تہ، مرد جي پنهنجي ڪابہ عزت ۽ غيرت نہ ٿيندي آهي. انهن جي عزت ۽ غيرت سندن گهرن ۾ رهندڙ سندن عورتون هونديون آهن. گهر جون عورتون اگر عزتدار، حيادار ۽ پردي واريون آهن تہ انهن جا مرد هن معاشري جا سرگرم رڪن، فرد هوندا آهن. پر جي الله نہ ڪري گهر جي ڪا عورت ماءُ هجي يا زال هجي يا ڌيءَ ۽ ڀيڻ، ڪا غلطي ڪري ٿي وجهي تہ اهوئي پراعتماد مرد ٻاهر توڪ نفرت وارين نظرن جو شڪار ٿي معاشري جي نظرن تان ڪري ويندو آهي. اهوئي منهنجو بہ نظريو بلڪ ذاتي راءِ آهي، ضروري ناهي تہ تون بہ ان سان اتفاق ڪرين ۽ متفق هجين. بلڪ ڇاڪاڻ ٿي تہ تون ان سان ضرور سخت اختلاف رکندي هوندينءَ.“

جان ٻيبيءَ زهره جي ڏکهي ڳالهہ غور سان ٻڌي نهايت بيپرواهيءَ مان چيو، ”منهنجو، تنهنجي ان ڳالهہ سان اختلاف رکڻ يا متفق ٿيڻ هاڻي ان لاءِ بہ ضروري ناهي تہ منهنجي هٿ ۽ وس ۾ هاڻي ڪجهہ بہ ڪونهي ۽ هاڻي مان ڪنهن جي صلاح، نصيحت ۽ مشورو بلڪل ايئن ئي قبول ڪري نٿي سگهان جيئن پريل گهڙو هڪ ڦڙو بہ پاڻ ۾ سمائي نہ سگهندو آهي، ڇو جو هو پنهنجي سموري گنجائش ختم ڪري چڪو هوندو آهي. يا تہ شايد اهي سڀ نصيحتون، صلاحون ۽ مشورا ايئن هلي گم ٿي ويندا آهن، جيئن ڪنهن پاڻيءَ جي پريل گهڙي کي ڪنان ڪو اوچتو پٿر اچي لڳي ۽ ان ۾ سوراخ ٿي پوي، جنهن جي مالڪن کي ڪا سڌ ئي نہ پوي ۽ گهڙو سڄو خالي ٿي وڃي. باقي تون اهو هرگز نہ سوچجانءِ تہ

مان پنهنجي انت کان بي خبر آهيان! سچي خبر اٿم، پنهنجي انهن راهن کان بہ چڱيءَ ريت واقف آهيان جن تي پير رکيو اٿم پر....."
"پر ڇا؟"
زهره جي ٽڪڙ تي جان بيبيءَ مشڪي چيو، "هالينڊ جي صديون پراڻي هڪ ڪليسا جي ڪتبي تي اڪريل هي لفظ ڇڻ منهنجي لاءِ ئي چٽيل آهن، ايئن ٿي ڇڪو آهي، هاڻي ان جي برعڪس نٿو ٿي سگهي."
زهره بہ مشڪي چيو، "19 سئو سال اڳ روسي فلاسافر ايپڪ ٽيٽسن بہ ائين چيو آهي تہ، 'خوشي حاصل ڪرڻ جو رڳو هڪ ئي طريقو آهي، سو اهو تہ اسين پنهنجي وس کان ٻاهر شين جي باري ۾ سوچڻ ڇڏي ڏيون."
جان بيبيءَ حالتن کان بيپرواهہ ٿي چيو، "برناڊشا چوي ٿو جي اوهان ڪنهن ماڻهو کي سيڪارڻ چاهيو ٿا تہ هو ڪڏهن بہ سکي نہ سگهندو، سو، تون بہ سيکارڻ ڇڏي ڏي زهري!"
"۽، چيني فلاسافر ڪنفيوشس چوي ٿو 'ڪاوڙ ڪرڻ وارو ماڻهو هميشہ زهر مان ڀريل هوندو آهي."
"مان ڪاوڙيل آهيان؟"
"نہ ڄاڻي، مان تہ بس مذاق ۾ ڏاهن جا قول جاري رکڻ پئي چاهيان."
ٻئي کلي پيون. جان بيبيءَ چيو، "زهري، طارق خان رات مون سان مليو هو!"
"هان، رات؟"
"ها، رات، ۽ هو هليو ويو پر آءٌ سڄي رات سمهي نہ سگهي هيس ۽ صبح کان دل تمام گهڻي بيچين پي ٿي ۽ مان تو وٽ هلي آيس."
زهره افسردگيءَ مان چيو، "جاني، تون تہ منهنجي ڪابہ ڳالهہ سمجهڻ ۽ قبولڻ لاءِ تيار ئي ناهين. تون پلي پنهنجي اندر کي ان گهڙي سان تشبيهہ ڏي جنهن جي تري ۾ ٽُن يا سوراخ هئڻ جي ڪري آهستي آهستي خالي ٿي ويو آهي. تنهنجو اهو احساس تہ

تون اندران خالي تيل آهين، بلڪل غلط آهي ۽ اها خالي گهڙي سان ڏنل تشبيهه تہ صفا توتي نتي نهي. باقي اهو تو بلڪل سچ چيو آهي تہ تون هڪ اهڙو پريل ۽ تارون تار گهڙو آهين جنهن ۾ ڪا هڪ بوند سمائڻ جي بہ گنجائش ناهي، تڏهن تہ منهنجي ڳالهين ۽ نصيحتن جا پريل سيئي پيالا اتلي هارجي تا پون."

" .................. "

"جاني، مهرباني ڪري تون پاڻ، پنهنجي زبان سان چئو تہ تون ڇا ٿي چاهين، طارق خان سان شادي؟"

" ................ "

جان بيبيءَ جون اکيون حيرت مان ڦاٽي ويون.

"چئو جاني چئو. حيران نہ ٿي، تون ڇا ٿي چاهين؟"

"جيڪو چاهيان ٿي اهو ڀلا ممڪن آهي؟"

"پوءِ چو ايئن پاڻ کي ڪٽي تياس تي ٽنگيو اٿئي. بنا ڪنهن مقصد ۽ حاصلات جي چو پئي پاڻ کي اڻ ڪيل ڏوهن تي سوليءَ جهڙي سزا ڏين؟"

هن جان بيبيءَ ڏي نهاريو جيڪا صفا ماٺ هئي.

"جاني، مان تہ صفا ڪنفيوز ٿي ويئي آهيان، سيئي پڙهيل ڪتاب ۽ ڏاهن جا نظريا ۽ فلسفا تنهنجي اڳيان ايئن گم ٿي وڃن ٿا جڻ مان انهن کي عام زمين سمجهي ڏٻڻ ۾ رکي وساري ويئي هجان ۽ يادگيري اچڻ تي انهن جو ملڻ محال هجي."

"نيڪ آهي زهري، آءٌ پاڻ تي ضبط ڪندس ۽ وسارڻ جي ڪوشش ڪنديس!!"

زهره خوشيءَ مان پنهنجو هٿ تاڙي وجائڻ لاءِ سندس اڳيان وڌائي چيو، "وعدو؟"

"وعدو نہ، ڪوشش."

جان بيبيءَ ساڻس تاڙي نہ ملائي. زهره چيو، "جاني، توکي نہ چاهيندي بہ ان ڳالهہ تان هٿ ڪڍڻو پوندو، ڇو جو پهرين ڳالهہ تہ هو شاديءَ وارو آهي، ٻي تہ سندس زال خوبصورت آهي ۽ ڪيس هڪ پٽ بہ آهي ۽ ٽين ڳالهہ تہ، بقول تنهنجي تہ هن کي پنهنجي زال

سان پيار آهي ۽ چوٽين ۽ اهڙ ڳالهہ اها جيڪا پڻ تنهنجي ئي چوڻ مطابق آهي تہ، هن کي توسان ڪوبہ چاهہ ڪونهي ۽ ان ڪان پوءِ تہ بہ اهي ڳالهہ ناهي جيڪا توکي هٿائي...... پر جي هو توکي چاهي بہ تڏهن بہ توکي اڳيان وڌڻ جو ڪو حق ڪونهي!!“

”سچ ٿي چوين زهري، مون کي تہ چا ڪنهن کي بہ اهو حق ناهي تہ ڪو ڪنهن جون خوشيون کسي!“

۽ گهٽيءَ رات ڪان پوءِ جڏهن هوءَ زهره سان ڳالهيون ڪري ڪري ستي تہ خوابن جي دنيا ۾ سائنس اختلاف ڪرڻ وارو ڪوبہ نہ هو. خواب جيڪي پنهنجي مرضيءَ وارا آهن، انهن جا پنهنجا قانون ۽ آئين هوندا آهن. اتي نہ تہ ڪي پابنديون نہ ئي ڪي رڪاوٽون هونديون آهن، ان رنگين ۽ سرهاڻين سان واسيل دنيا ۾ هوءَ پاڻ هئي ۽ طارق خان! صبح جو اٿڻ مهل زهره چيو، ”جاني، پلا هتي اسان وٽ ننڊ سهي آئي يا نہ؟“

جان بيبيءَ آرس موڙي مشڪي چيو، ”سمهڻ کان اڳ توکي چيو هيم نہ، تہ مان ڪيس وسارڻ جي پوري ڪوشش ڪنديس! پر رات تہ هو سڄي رات مون سان گڏ هو ۽ سڄي زندگي گڏ رهڻ جا وعده بہ ڪيائين تہ مون کان بہ سات ڏيڻ جا وچن ورتائين. پوءِ پلا مان ڪيس ڪيئن وساريندس. ڪو پلا ڪيس وڃي چوي تہ هو خوابن ۾ نہ اچي؟“

زهره حيرانيءَ مان ڪيس ڏسي رهي هئي جيڪا ڪيس ائين پي لڳي چڻ شرابن جا مٽ اوتي آئي آهي.

”خوابن تي پلا ڪهنجو اختيار آهي زهري. اهي تہ پاڻ وهيٺا آهن امير توڙي غريب جا، نہ تہ جيڪر غريب ڪڏهن بہ سنا خواب نہ ڏسي!“

زهريءَ چڙي چيو، ”خواب تہ ائين ئي تا تين. ماڻهو جيڪو ڪجهہ سوچي ٿو اهوئي خواب ۾ بہ ڏسي ٿو. خواب، شعور تہ چا، لاشعور کان بہ اڳتي تحت الشعور واري دنيا جا رهواسي آهن. واقعي انهن تي ڪنهن جو بہ اختيار ناهي. سو، تنهنجي ذهن تي بہ چويهہ ڪلاڪ طارق خان سوار آهي تہ پوءِ پلا خواب تون منهنجا

ڏسندينءَ چا؟ خواب تہ اھي ئي ڏينھن واريون سوچون آھن جيڪي سمھڻ مھل خواب ۾ روائيڊ تي ذھن جي اسڪرين تي تصويري خبر نامو پيش ٿيون ڪن جتي رڳو تون ۽ طارق خان محفوظ ھوندا آھيو، الله الله خير صلا.“

جان بيبيءَ ڪيس پاڪر پائي چيو، ”زھري، چڙي تي پوين منھنجي ڳالھين تي؟“

”چيڙائين بہ تہ پاڻ ئي تي نہ. چڱو اٿ. ھٿ منھن ڌوئو تہ نيرن ڪريون.“

نيرن ڪان پوءِ سيئي گھر جا ڀاتي گڏجي ڪچھري ڪرڻ لڳا. آمنہ بہ سرھي نظر اچي رھي ھئي. زھره چيو، ”ڏس جاني، امان بہ تنھنجي اچڻ سان ڪيترو خوش ٿي آھي. ايندي ڪر نہ الا، ڪيڏو مزو ٿو اچي تنھنجي اچڻ سان.“

زھره جي ڳالھہ مظھر خان ڪي بہ وٺي.

”سچ بہ امان اڄ چاڪ پئي نظر اچي.“

زھره ڪلي چيو، ”امان، جاني ڪي چئو نہ تہ ھوءَ اوھان لاءِ ڪري ايندي رھي!“

”ھيءُ بہ تہ پيءُ جو ئي گھر اٿس. پٽ جانل، تڪڙو تڪڙو ايندي ڪر.“

”ھا چاچي ضرورو ايندس.“

ڏينھن جو ماني کان پوءِ انور، اظھر ۽ سرور بہ آيا ۽ سيئي ڳالھيون ۽ بحث ڪرڻ لڳا. مصطفيٰ خان ۽ آمنہ ٿوري دير لاءِ پنھنجي ڪمري ۾ ليٽي پيا ۽ ٻيا سيئي اخبارن، رسالن، ڪتابن، فلمن ۽ دنيا جي سياست ۽ ادب تي ڳالھائڻ لڳا. زھره اٿي وڃي تصويرن جا البم ڪڍي آئي. سيئي ھڪ ٻي جي تصويرن تي ڪلي ڪلي راءِ ڏيندا رھيا. شريفان شام جي چانھہ ڪڍي آئي. جان بيبيءَ چرڪي واچ ڏسي چيو، ”اڄا تائين ادا ستار نہ آيو آھي؟“

”ڪيڏو عاليشان موڊ ھو، سڄو ستياناس ڪري ڇڏيئي؟“

سيني ڪلي زھره جي ڳالھہ جي تائيد ڪئي.

”جاني، اڄوڪي رات رھي پئو نہ.“

زهره جڻ التجا ڪئي.

”نہ نہ زهري، مون تہ امان کي ڪلهہ چيو هو تہ رات جوئي واپس اينديس پر.“

”پر ڇا؟“

”پر..... رات رهي پيس.“

”جاني، تون ڏاڍي سنگدل آهين. بي رحم آهين.“

زهره جا لفظ تير بنجي مظهر خان جي هانءُ ۾ کپي ويا. چرڪي جان بيبيءَ ڏي نهاريائين جيڪا مشڪي رهي هئي. سوچيائين، ”واقعي جاني تون سنگدل ۽ بي رحم آهين، مون توسان ڪيڏو پيار ڪيو... ڪيڏو تڙپيو آهيان تو لاءِ پر تو تي تہ ڪنهن بہ قسم جو اثر نہ ٿيو ۽ تون هر بار منهنجي سچن جذبن کي بيپرواهي ۽ بيدرديءَ سان لتاڙي ڇڏيو. هاڻي وري ڪهڙو توکي ان جو احساس آهي جو اڳيان سور سارجن. مان روز ايندو هئس ۽ تون روز پنهنجي ڪمري ۾ بند ٿي ويندي هئينءَ. توکي پنهنجي حسن تي غرور آهي جيڪو توکي جڳائي بہ ٿو پر تنهنجي ان بي رحم رويي مون کي ڪيڏو تڙپايو آهي تون تہ ان کان بہ لا علم آهين.“ هو زهره جي آواز تي چرڪي پيو، ”جاني، ادا مظهر خان صبح جو ئي چيو هو تہ اڄ شام جو زمين ڏانهن گهمڻ هلنداسين.“

”نہ زهري، زمينون اڳيئي گهميون آهن، هاڻي تہ ادا ستار بہ ايندو ئي هوندو.“

شريفان اچي چيو، ”سائين مظهر خان، اوهان جا دوست آيا آهن.“

مظهر خان نہ چاهيندي بہ اٿيو تہ انور وارا بہ اٿيا. زهره جان بيبيءَ کي وٺي پنهنجي ڪمري ۾ آئي.

”جاني، اسان جي ڳالهين تي ادا مظهر خان خبر اٿئي ڇا چيو؟ چئي اوهان ٻئي انوکيون آهيو، ڳالهين مان تہ اوهان جو ڍئو ئي نٿو ٿئي. رات بہ گهڻي دير تائين اوهان جو آواز اچي رهيو هو.“

”ڇا ڪمري کان ٻاهر آواز نڪري ٿو؟“

”پوءِ تون ڇا ٿي سمجهين، ڪمرو سائونڊ پروف آهي ڇا؟“

”واقعي تون سچ ٿي چوين؟“

”نہ نہ جاني مان پوڳ ٿي ڪيانءِ.“

جان بيبي سامت ۾ آئي. زهره چيو، ”اوهان تہ پاڻ ۾ بہ پيٽيون آهيو مان تہ هڪ ئي آهيان. پر مون ڪڏهن بہ پاڻ کي اڪيلي نہ سمجهيو. هميشہ مون توکي پنهنجو ويجهو پاتو. اسين تہ ٻئي ننڍپڻ کان وني گڏ آهيون. ياد اٿئي ننڍپڻ ۾ جڏهن مان اوهان وٽ ايندي هيس تہ واپسي مهل ڪيڏو ڪيٿو ڪندي هيس تہ مون کي هتي ڇڏي وڃو ۽ پوءِ مجبورن امان ۽ بابا مون کي ڇڏي ويندا هئا.... مان ڪيترا ڏينهن رهي پوندي هيس.“

”تڏهن تہ چوندي آهيان تہ ڪاش تون اسان وٽ ئي رهين ها هميشہ لاءِ.“

”ايئن تہ نہ ٿي سگهيو پر مون ڪڏهن بہ توکي پاڻ کان ڌار نہ پانيو. هاڻي بہ جڏهن تون اداس ۽ بيچين ٿي رهين تہ مان بہ هتي جڻ ساڳي ئي حالت ۾ آهيان. سوچي سوچي ٿڪجي پوندي آهيان پر پوءِ بہ اهڙي ڪا وات نظر نہ ايندي آهي، جتان مان توکي پار اڪاري سگهان. جاني، مان ڪنهن بہ صورت ۾ توکي ڏکاري ڏسي نٿي سگهان ۽ مان اها ڳالهہ بہ قطئي برداشت ڪري نٿي سگهان تہ تون ڪڏهن بہ ڪنهن بہ حال ۾ مجبور ۽ بيوس هجين.“

جان بيبيءَ جا لڙڪ اوتون ڏيئي وهڻ لڳا. زهره ڪيس ماٺ نہ ڪرايو، اٿي دروازو لاڪ ڪري اچي چيو، ”جاني، مان هينئر توکي ماٺ ڪرائي سگهان ٿي ۽ تون ماٺ بہ ٿي ويندينءَ پر مان ڄاڻان ٿي تہ اهي لڙڪ ۽ سڏڪا دٻائڻ سان تنهنجي اندر ۾ باهيون ۽ ٽانڊا ٿي پوندا. تنهنڪري ڀلي تون روئي پنهنجو اندر آجو ۽ هلڪو ڪر.“

جان بيبي ٿوري دير تائين سڏڪندي هنجون هاريندي رهي پوءِ اٿي واش روم مان هٿ مون ڌوئي اچي ويٺي. واقعي سندس اندر جو بار ڪجهہ ڪجهہ هلڪو ٿيو هو.

”جاني، ڪلهوڪا ڪپڙا پاتل اٿئي. منهنجا ڪپڙا توکي پورا ٿيندا پائيندينءَ؟“

”پورا ڪٿي ٿيندا، منهنجو قد توکان چار انچ مٿي آهي.“

”ها، خبر اٿم نہ تہ ڪر صبح جو وهنجارائي پهرائي نہ چڏيانءِ ها.“

ٻئي کلڻ لڳيون تہ دروازي تي هلڪو کڙڪو ٿيو. زهره اٿي دروازو کوليو تہ ستار ۽ مظهر خان بيٺا هئا. زهره کان ڇرڪ نڪري ويو.

”هي وري ڇا؟“

زهره جي گهراهٽ تي ستار ٺهڪ ڏيئي اندر ڪمري ۾ اچي چيو، ”واهہ واهہ، نہ دعا نہ سلام، اوهان وٽ مهمان جو آڌر اجهو ائين ڪبو آهي؟“

مظهر خان ٺهڪ ڏنو زهره ڦڪي ٿي چيو، ”اچو، ادا اچو.“

ستار کلي چيو، ”اچي تہ ويو آهيان تنهنجي حيراني ۽ گهبراهٽ جي باوجود.“

ستار کي ڏسي جان بيبي ٺڙي پئي. ”ادا، امان ۽ بابا تہ خوش آهن نہ؟“

”ها نيڪ آهن پر امان تہ تنهنجي لاءِ مورا پئي ڏي. مون کي صبح کان وني يڪو پئي چوي تہ وڃي جانيءَ کي وٺي آءُ، پر مون کي تہ پنهنجو شاندار استقبال سجهيو پي جنهن جو هينئر نظارو ڏنم بہ ان ڪري هاڻي آيو آهيان.“

سيئي کلڻ لڳا. جان بيبيءَ هڪدم خوش ٿي پنهنجو برقعو کنيو تہ زهره چيو، ”جاني تہ اسان وٽ ايڏي تنگ هئي جو......“

جان بيبي اهو محسوس ڪندي تہ سندس اتاولائي سيني محسوس ڪئي آهي تہ زهره کي ڀاڪر پائي چيو، ”زهري، مان هاڻي تڪڙو ئي ايندس.“

مظهر خان کلي چيو، ”تڪڙو معنيٰ سال کان پوءِ؟“

”جي نہ، معنيٰ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ.“

زهره بہ کيس ڀاڪر پاتا ۽ سيئي گڏجي مصطفيٰ خان جي ڪمري ۾ آيا. جان بيبيءَ جي هٿ ۾ برقعو ڏسي آمنہ چيو، ”پٽ وڃين ٿي ڇا؟“

”جي ها چاچي.“

”وري تڪڙو اچجانءِ پٽ.“
”جي ها چاچي انشاءَ الله.“
”هلو.“

ستار سيٺي ڪان موڪلائي چيو تہ مصطفيٰ خان ڪيس پنهنجي پير ۾ ويهاري چيو، ”هينئر نہ پٽ، ماني ڪائي پوءِ وڃجو.“

”چاچا، رات جو سفر ٿي ويندو نہ.“

”پوءِ چاهي رات ۽ جهنگ جو سفر تولاءِ نئين ڳالهہ تہ ناهي.“

”چاچا، مان پنهنجي لاءِ نٿو چوان! جاني رات جي سفر کان ڊڄندي آهي.“

”پوءِ رات رهي پئو نہ.“

”نہ نہ چاچا، اسان ايترو پري تہ نٿا وڃون. ٿورو پنڌ آهي پر جانيءَ کي ڪير سمجهائي.“

”نہ ادا مان ڪونہ ٿي ڊڄان.“

مظهر خان چيو، ”پوءِ يلا آءٌ گڏجي اوهان سان هلندس پنهنجي جيپ ۾ اوهان کي ڇڏي پوءِ وري ايندس.“

مصطفيٰ خان چيو، ”اهو ٺيڪ آهي.“

جان بيبي چيو، ”چاچا، آءٌ ڪانہ ٿي ڊڄان.“

مصطفيٰ خان چيو، ”سچ بہ منهنجو جاني پٽ بهادر آهي.“

جان بيبي خوش ٿي مرڪڻ لڳي ۽ پوءِ هو موڪلائي روانا ٿيا.

گهر اچي جان بيبي ماءُ پيءُ ۽ جبار سان ملي ڏاڍي خوش ٿي. امير بيبي بہ ڪيس خوش ڏسي پرسڪون ٿي ويئي.

”پٽ، هاڻي پلي تون آرام ڪر.“

پنهنجي ڪمري ۾ آئي تہ اهائي جان بيبي اهائي تنهائي ۽ بي سڪوني، پاڻ کي ٿڪل مسافر جيان پلنگ تي اڇلايائين. شموءَ اچي چيو، ”جيجي، ڪاڏو تيار آهي هيڪاري ڪائي پوءِ سمهي پئو.“

جان بيبي اهو سوچي تہ ڪجهہ ڪائي اچان نہ تہ ڪونہ ڪو پيو اٿارڻ ايندو. هوءَ اٿي ڪاڏي جي ڪمري ۾ آئي سيني سان گڏجي ماني ڪائي وري پنهنجي ڪمري ۾ آئي تہ شموءَ چيو، ”سنو ٿيو

جيجي جو گهر کان ٻاهر نڪتئينءَ ڪجهہ تہ فرحت آئي هوندئي.“
” “
...............

”جيجي بتي بند ڪريان؟“
”ها.“

شمو بتي بند ڪري هلي وئي ۽ هوءَ پلنگ تي ليٽي اکيون بند ڪري راتوڪي خواب جي باري ۾ سوچڻ لڳي. حيرت ناڪ خواب هو. طارق خان ڪيڏو پيار ڪري رهيو هو مون کي . ايئن پي لڳو ڄڻ جنمن کان گڏ آهيون. خواب ۽ حقيقت بہ ڌار مختلف دنيائون آهن. ٻئي نهايت ڀرپور ۽ روان دوان. ٻنهي جو هڪ ٻي سان ڪو غرض ڪونهي. حقيقت واري دنيا ۾ سڀ ڪجهہ پنهنجي ٻل تي ڪرڻو ٿو پوي جڏهن تہ خوابن جي دنيا ۾..... ڪيس ڪٿي پڙهيل خواب بابت چيل ڳالهہ ياد آئي جيڪا هن پنهنجي نوٽ بڪ ۾ اتاري هئي، ”خواب بہ عجيب شئي هوندا آهن. ڪنهن طلسم جيان خوابن جو سلسلو بہ ڪٿان ڪان بہ شروع ٿي سگهي ٿو. عمرو عيار جي زنبيل وانگيان هر ناقابل عمل سوچ، هر اهو خيال بلڪہ گمان جنهن جو حقيقي زندگي ۾ تصور بہ نٿو ڪري سگهجي، نهايت آسانيءَ سان ان ۾ جاءِ بڻائي ٿو وٺي ۽ ماڻهو امير حمزي جيان معرڪن تي معرڪا ماريندو هليو ويندو آهي ۽ شڪست ان لاءِ ڪنهن اڻڄاڻ سياري جي ٻوليءَ جو ڪو نامانوس لفظ هوندو آهي ۽ ناممڪن وارو لفظ تہ سندس ڊڪشنري مان ئي ڊهي ۽ مٽجي ٿو وڃي، بلڪل ايئن ڄڻ ان جو وجود ڪڏهن هو ئي نہ، پوءِ اهو خواب جيڪو جاڳيل اکين سان ڏٺو وڃي ۽ جنهن ۾ خواب جا جزئيات تائين طئي ڪرڻ جا مڙيئي حق حاصل هجن، اتي ان جو لطف ٻيڻو ٽيڻو ٿي ويندو آهي.“ ۽ اهو هن جو من پسند مشغلو هو. هو اکيون بند ڪري ڪجهہ ئي گهڙين ۾ هڪ ٻي مختلف دنيا ۾ پهچي ويندي هئي. جتي هوءَ رهندي تہ هئي پر پنهنجي پسند جي ڪردار ۾ ماپجي ويندي هئي جتي سڀ سندس مرضيءَ جي عين مطابق هوندو آهي. هوءَ جو ڪجهہ بہ چاهيندي هئي بغير ڳالهائڻ جي ڪيس ملي ويندو هو ۽ هوءَ ڪنهن راڻيءَ جيان صرف

سوچيندي هئي ته بنا تاڙي وڄائڻ جي تڪليف جي سندس تصوراتي غلام ۽ ٻانهيون اڻ چيل حڪم جي تڪميل ۾ رڌل ويندا هئا. اهائي ساڳي حالت هن وقت به هئي ۽ سندس اندر ۾ وڏي شان سان طارق خان براجمان هو ۽ هوءَ خوابن جي دنيا ڏانهن اڏامڻ لاءِ پر ساهڻ لڳي هئي. راتوڪي خواب کيس نشا ڏيئي ڇڏيا هئا. هن چاهيو بلڪه خواهش ڪئي هئي ته ڪاش اڄ به ساڳي طرح طارق خان خواب ۾ اچي، کيس راتوڪو خواب ياد ڪرڻ ۾ مزو پي آيو. هوءَ پاڻمرادو مشڪڻ لڳي:

پروس تيس پرياڻ، پرين وس نه پنهنجي،
لڳي ڪين لطيف چئي، چپر چاتيءَ ساڻ،
پرين ڏيکاري پاڻ، خوش ڪري ويا خواب ۾.

لطيف جو بيت سندس اندر ۾ بارڻ باري ويو. هوءَ ڇڻ لرزي وئي 'طارق خان تنهنجيءَ سڄات مون ڪان سيئي سگ وڃائي ڇڏيا آهن. رات جڏهن پنهنجي ويجهن سان گڏ هيس ته حيران ٿي ويس ته صرف هڪ تنهنجي لاءِ ڪري مان ڪيڏيون مائٽيون ۽ محبتون وڃائي ويني آهيان. سواءِ توکان ٻيو ڪنهن لاءِ به اندر ۾ ڇڪ ناهي. مان ڪيڏي اوپري ٿي لڳان سيني پنهنجن جي اڳيان، ڄڻ ستن سڱن مان هڪڙو به ساڻن سڱ ڪونهي. ڏنڌلي هڪ شبيهه لاءِ ڪيڏيون روشن اکيون ڇڏيون اٿم. پوءِ به خوش آهيان، ڪوبه پڇاءُ نه اٿم.' صبح جو اٿڻ ساڻ کيس مايوسي وڪوڙي ويئي. رات ڇو ڪونه طارق خان، خواب ۾ آيو؟ 'خوابن جي ماترين ۾ به پهرا آهن طارق خان، هاڻي مون سان ٻي ڪنهن هنڌ ملندو ڪر.' ايئن گهٽيون ئي راتيون گذري ويون پر طارق خان کيس خواب ۾ نه آيو. هوءَ زهره جي ڳالهه ياد ڪري مشڪڻ لڳي ته، تنهنجي ذهن تي چوويهه ڪلاڪ طارق خان سوار آهي، پوءِ پلا خواب منهنجا ڏسنديءَ ڇا؟ سوچيائين، هينئر جي زهره هتي هجي ها ته چوانس ها، ڏس، زهري ذهن تي ته هاڻي به هر لمحو طارق خان سوار آهي پر تڏهن به هو خواب ۾ نٿو اچي. اهو به شايد سندس انداز آهي مون کي تڙپائڻ جو.

وقت گذري ويو ان دوران هوءَ زهره ڏانهن به ويئي ته تاج بيبي ڏانهن به ويئي ۽ زهره ۽ تاج بيبي وٽس آيون به، تاج بيبيءَ جو ته خير پنهنجو گهر هو ۽ هوءَ ايندي ئي رهندي هئي پر الائي ڇو ڪيس تاج بيبي هر ڀيري ڪمزور ۽ اداس نظر ايندي هئي، سندس گهٽي پڇڻ جي باوجود هن ڪيس ڪجهه به نه ٻڌايو. سوچيائين، تاجي شايد مون کي پنهنجي حالت ۾ مست ۽ غلطان ڏسي ڪجهه نٿي ٻڌائي.... مان به ته هاڻي زهريءَ چواڻي خود غرض ٿيندي پئي وڃان تقريبن، پر هڪ ڏينهن جڏهن تاج بيبي آئي ته ٿوري پڇڻ تي ئي هن جان بيبيءَ جي اڳيان ڦاٽ ڪاڏو، "جاني، الائي ڇو هاڻي مان اهو پيئي محسوس ڪريان ته سردار اڳ جيان مون کي نٿو چاهي."

"ڪيئن تو اهو محسوس ڪيو؟"

"اهو ته مان ٻڌائي نٿي سگهان، پر هاڻي هو ڏينهن جو به گهٽ ٿو حويليءَ ۾ اچي ۽ رات جو به دير سان ايندو آهي."

"پڇيءَ سان ڳالهه ڪئي اٿئي؟"

"پڇي پاڻ به ته محسوس ڪري پئي ۽ هن پڻ هڪ به ڀيرا ڪيس سمجهايو به آهي، پر هن جو اهوئي جواب آهي ته گهڻا ماڻهو تا اچن، مصروفيت آهي."

"امان سان ڳالهه ڪئي اٿئي؟"

"نه، تون به نه ٻڌائجانءِ."

"پوءِ؟"

"پوءِ ڇا، جيڪو منهنجي قسمت ۾ هوندو اهوئي ٿيندو."

تاج بيبي انتهائي مايوس هئي. جان بيبيءَ ڪيس ڏٺو پيڻ جي اکين ۾ ڳوڙها ڏسي سراپجي وئي تڙپي پڇيائين. "ڇا ٿيو آهي تاجي، سهي ڇو نٿي ٻڌائين؟"

تاج بيبي ڇلڪي پئي، "جاني، الائي ڪير مائي آهي اوڏانهن ٿو وڃي."

"ڇا؟"

تاج بيبيءَ روئندي چيو،

”پڪي ڪيس گهٽوئي تي چوي ۽ ڳالهائي، پر ڪيس ڪنهن به ڳالهه جي پرواهه ڪانهي.“

جان بيبي صفا گلاب جيان ڪومائجي ويئي. هوءَ حساس هئي سوچيائين، تاجي اهڙي ماحول ۾ ڪيئن رهندي هوندي؟ ڪيئن رهي سگهندي؟ تاج بيبي اڳ ڪان ڪجهه ڏينهن وڏيڪ ترسي ته امير بيبيءَ ڪانئس پڇڻ چاهيو ته هوءَ مرڪي تنائي ويئي. ڪيس ونڻ لاءِ جڏهن سردار مهراب خان جي بدران عزيز جان آئي! ته سيني ڪي حيرت ٿي پر عزيز جان نهايت دانشمندي سان جواب ڏيئي تاج بيبي ڪي پاڻ سان گڏ وٺي ويئي ته، ”تاجان ڪي پنهنجي ئي گهر ڏانهن موٽڻ لاءِ ٻي ڪنهن جو به انتظار نه ڪرڻ ڪپي. پنهنجي گهر ڏانهن ماٺهو پاڻ ايندو آهي، مان، مهراب خان يا تاجان.“ ۽ جان بيبيءَ ڪي ويندي ويندي تاج بيبي نئين جار ۾ ڦاسائي ويئي ته، اها عورت ڪير آهي، جنهن ڏانهن سردار مهراب خان ويندو آهي؟ ۽ جڏهن ڪجهه وقت ڪان پوءِ عزيز جان اڪيلي وٺن آئي ته حيرت جون واٽون جرڪي پيون، پر عزيز جان جڏهن حمل خان سان ڪلي ملي ته سيني جڻ سڪون جو ساهه کنيو.

حمل خان چيو، ”ادي، خير ته آهي؟“

”ياءُ جي گهر ۾ پيڻ جو اچڻ حيران ڪندڙ آهي ڇا، جو سڀ حيران آهيو؟“ سيئي شرمنده ٿي ڪيس ويهارڻ لڳا. خير خيريت ڪان پوءِ امير بيبيءَ چيو، ”ادي، تاجان ڪي سڄا سارا ٻه مهينا ٿي ويا آهن، اسان ڏانهن نه آئي آهي!“

”اهوئي ته ٻڌائڻ آئي آهيان ته، تاجان خير سان اميد سان آهي.“

سيئي خوش ٿيا. جان بيبيءَ، عزيز جان سان ياڪر پائي انگل ڪيو، ”پڪي، آءٌ توسان گڏ ٿي هلان ادي تاجيءَ ڏانهن.“

”پلي پٽ، پر مان هڪ ٻيءَ ڳالهه لاءِ به آئي آهيان، ان لاءِ ته توکي مون سان گڏ هرويرو به هلڻو آهي.“

وري به سيئي چرڪي پيا، عزيز جان ستار ڏانهن نهاري مشڪي چيو، ”تون جي هلين پٽ، ته ڏاڍو سنو ٿئي.“

”اوهان حڪم ڪريو پڪي، سنو يا خراب مان هلڻ لاءِ تيار آهيان.“

عزيز جان، ستار جي مٿي تان پيار مان هٿ ڦيرائي سندس نرڙ تي چمي ڏيئي چيو، ”خبر اٿئي پٽ، تہ جڏهن مان ۽ مهراب خان جو پيءُ، تاجان جو سگ ونڻ آيا هئاسين تڏهن ادا حمل خان چيو هو تہ منهنجا پٽ اوهين پرڻائجو.“

حمل خان ۽ امير بيبيءَ کي اها ڳالهہ ياد آئي ۽ ٻئي ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳا.

”سو، اڄ مان پنهنجي ستار لاءِ هڪ ڇوڪري پسند ڪئي آهي، ان لاءِ آئي آهيان.“

سيئي حيرت ۽ خوشيءَ مان هڪ ٻي ڏانهن ڏسڻ لڳا. ستار ڪجهہ شرمائڻ لڳو. جبار کلي چيو، ”يقي، ڏاڍو سٺو ڪيو، هي همراهہ هاڻي حدون ٽپڻ وارو هو، ماٺ ۽ صبر جون.“

سيئي ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. ستار، جبار جي پنيءَ تي ڌڪ هنيو تہ ”دٻ“ جو آواز نڪتو. جان بيبيءَ کان وڏو ٽهڪ نڪري ويو، کلندي چيائين، ”ادا ستار خوشيءَ مان ويچاري ادا جبار کي ايڏو تہ ڌڪ هنيو آهي جو جگر ۽ ڦڦڙ مان بہ آواز نڪري ويو آهي.“

سيني کليو تہ جبار کلي چيو، ”اهو بدلو آءٌ ستار کان سندس شاديءَ ۾ وٺنديس.“

حمل خان سنجيدگيءَ مان پيڻ کي چيو، ”ادي، ڇوڪري ڪير آهي، ڪهڙي ذات ۽ خاندان جي آهي. ڪهڙي آهي؟“

”ادا، انهن سوالن جا جواب مان هينئر نہ ڏينديس، پلي اوهان ڇوڪريءَ کي ڏسو پوءِ.“

”آهي ڪٿي؟“

”آهي تہ ادا، مون وٽ منهنجي گهر ۾.“

”اوهان وٽ ڇو، پنهنجو گهر ۽ مائٽ نہ اٿس ڇا؟“

”اوهان کي ڇوڪري وڻي، پوءِ جون ڳالهيون پوءِ.“

عزيز جان پنهنجي ڳالهہ تي اٽل رهي. حمل خان چيو، ”عمر ڪيتري اٿس؟“

”جانيءَ جيڏي هوندي.“

شام جو عزيز جان سان گڏجي ستار ۽ جان بيبي مهراب خان

جي حويليءَ ۾ آيا. جان بيبيءَ گاڏيءَ مان لهندي ئي مٿي تاج بيبيءَ ڏانهن ڊوڙ ڪئي. تاج بيبي پلنگ تي ستي پئي هئي ۽ حوا ڪيس زور ڏيئي رهي هئي. جان بيبيءَ کي ڏسي هوءَ خوشيءَ مان اٿي بيني ته جان بيبيءَ پنهنجا چپ سندس ڪن تي رکي ڪيس مبارڪ ڏني ته هوءَ مشڪي پئي. عزيز جان ۽ ستار به اتي آيا. ستار خوشي مان نهاري ساڻس ڪيڪاريو ته سندس اکين ۾ لڙڪ تري آيا. ستار کلي چوي، "اڙي اڙي، هي ڇا، الله سائين توکي خوش ڪري، روئين ڇو ٿي؟"

"ادا، اوهان کي ڏسي اکيون پرجي آيون."

عزيز جان کلي هيٺ ويندي چيو، "اوهين ياءُ پينرون ڪچهري ڪريو، آءٌ وري ٿي اچان."

ٿوري دير ۾ مکڻي، ڦاپو ۽ شبي چانهه منايون کڻي آيون. ستار ۽ جان بيبيءَ سان ملي کلي چيائون، "مبارڪون هجن."

"خير مبارڪ."

"الله سائين، سائين مهراب خان جا ويڙها وڏائي آباد سلامت ڪري."

ستار تڪڙ مان پڇيو، "پڦي ڪٿي آهي؟"

"هيٺ آهي مهمانن وٽ."

جان بيبيءَ کي تجسس ٿيو ته متان اهي مهمان هجن جن لاءِ اسين آيا آهيون. سو پڇيائين، "ڪهڙا مهمان؟"

مکڻيءَ کلي چيو، "جيجي، هتي ته روز جرڳا، روز فيصلا آهن. سائين مهراب خان کي الله وڏي حياتي ڏي، الائي ڪٿان ڪٿان جا ماڻهو فيصلا کڻي ٿا اچن."

ڪجهه دير کان پوءِ عزيز جان آئي، "اٿو اٿو، تانوَ ڪٽو ۽ ٻاهر وڃي مهراب خان کي چئو ته اندر حويليءَ ۾ اچي."

مايون ٽري کڻي ويون ته جان بيبيءَ مشڪي چيو، "پڦي ڇوڪري ته ڏيکار؟"

"ڏيکاريائين ٿي صبر ته ڪر."

"پڦي، تون الفرڊ هچڪاڪ جي فلمن وانگيان يڪو تجسس

۾ رکي ويني آهين.“

”اهو وري ڪير آهي؟“

ستار ڪلي چيو، ”پڦي، جاني ۽ زهري جڏهن ملنديون آهن تہ هڪ ٻي سان ڳالهائڻ مهل علم جي پالوٽ ڪري هڪ ٻي کي متاثر ڪنديون آهن سو هتي بہ روانيءَ ۾ سندس زبان ٿڙي ويئي آهي شايد.“

جان بيبيءَ ٺهڪ ڏيئي چيو، ”نہ ادا بلڪل نہ، مان تہ ايئن ئي بس مزي خاطر اهو چيو، پر پڦي اها ڇوڪري آهي ڪٿي؟“

عزيز جان ڪيس هٿ ۾ جهلي اٿاري چيو، ”تون هل مون سان ۽ ستار پٽ، تون هتي وينو هج.“

”پڦي، پوءِ مون کي وٺي اچڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟“

”ڇو پٽ، زندگي تہ توکي گذارڻي آهي ان لاءِ توکي وٺي آيس تہ تون ڏسين ۽ پسند ناپسند جو اختيار بہ تو وٽ آهي.“

پوءِ هوءَ جان بيبيءَ کي هيٺ پنهنجي ڪمري ۾ وٺي آئي. اتي بہ عورتون وينل هيون. هڪ نوجوان ۽ خوبصورت ۽ ٻي وڏي عمر جي عورت هئي. عزيز جان ڇوڪريءَ ڏانهن اشارو ڪري چيو، ”جاني پٽ، هيءَ آهي حسنہ.“

جان بيبي ڇوڪريءَ کي ڏسي حيران ٿي وئي، هن پاڻ کي بہ آرسيءَ ۾ ڏٺو هو ۽ ڪيس ٻين بہ سندس حسن جو احساس ڏياريو هو پر هيءَ بہ گهٽ نہ هئي.

جان بيبي وڏي اڇي ساٽن ملي ۽ ڳالهيون ڪرڻ لڳي. ڇوڪريءَ سان گڏ سندس ماءُ بہ هئي. جان بيبيءَ کي حسنہ تمام گهٽو وڻي هئي پر ڳالهہ اجان بہ اتي جميل هئي تہ آهي ڪير؟ اها تہ ڪيس پڪ هئي تہ ڪنواري آهي ۽ سني خاندان جي آهي. نہ تہ ڪر پڦي عزيز جان ڇو پنهنجي خوبصورت نوجوان ۽ ڪنواري پائيٽي ستار لاءِ ڪيئن انتخاب ڪري ها؟ عزيز جان ستار کي بہ وٺي آئي. ڇوڪري اڪيون هيٺ ڪيو ويني هئي، سندس ماءُ اتي ستار سان ملي. ستار ٿوري دير وينو، چڳ پلائي ڪيائين ۽ پوءِ اتي تاج بيبيءَ ڏانهن هليو ويو. جان بيبيءَ جي دل گهٽوئي پي پڇڻ چاهيو

پر ڪيس مناسب نٿي لڳو. الائي ڪير آهن، پڦيءَ بہ ضرور ڪين پڇيو هوندو، وري مان بہ پڇان؟ ۽ اهو بار بار پڇڻ ۽ سوالن جو تڪليفده سلسلو ضرور ڪين ڏڪوئڻ جو باعث بڻبو. ڪمري جي ٻاهران حوا پي گذري، جان بيبيءِ کي اتي ڏسي اچي چيو، ”جيجي هتي اچي ويٺي آهين؟“

جان بيبيءَ مشڪي حسنہ کي ڏسي چيو، ”ها، پڦيءَ جي مهمانن سان ملڻ آئي آهيان.“

حوا ويٺي ٿي تہ ٻاهران شبيءَ ڪيس سڏ ڪيو. هوءَ ڪمري کان ٻاهر نڪتي تہ شبيءَ وات تي هٿ رکي کلندي ڪيس ٻانهن کان جهلي رڌڻي ۾ وٺي آئي.

”خبر اٿئي حوي، جيجي جانل ۽ سائين ستار ڇا لاءِ آيا آهن؟“

”نہ، ٻاقي سمجهي آءٌ بہ ويئي آهيان تہ!!“

”تہ ڇا؟“

”تہ اها ڇوڪري جيجي عزيزان، سائين ستار کي ڏيڻ ٿي چاهي.“

”ڪيڏي سهڻي آهي، ضرور وڏا عزت وارا هوندا؟“

”چري آهين ڇا، نہ تہ جيڪر جيجي عزيزان پنهنجي اهڙي لائق سهڻي ڀائٽي لاءِ سوچي ها؟“

”اها بہ ڳالهہ آهي پر....“

حوا ڪيس ڏک هڻي چيو، ”آهين تون بہ وڏي حرامڙي، سمجهي ويئي آهين.“

”ها بس ٿورو ٿورو.“

”ٿورو ڇو، تون ابا چٽي آهين.“

”پر مون کي تہ الا، جيجي تاجان جو ڏک ٿو ٿئي.“

”هئو الا، اجان شاديءَ کي مس سال ٿيو آهي ۽ سائين مهراب خان بختاور بہ....“

شبيءَ ڊڄي سندس وات تي پنهنجو هٿ زور سان رکي چيو، ”بس ڪر وات ڦاٽي، متان ڪو ٻڌي نہ وٺي محشر ئي رلي ويندئي اندي.“

”ڪونہ تو ٻڌي ڪو بہ بي حيا، منهنجا چپ ئي ڦٽي چڏيا اٿئي.“

”مڪٽيءَ جي تہ خبر اٿئي، ڪيئن نوس نوس ڪندي ٻليءَ جيان بنا آواز ڪرڻ جي ڪن ڏيندي ڦرندي آهي.“

”مڪٽي مٿي جيجي تاجان وٽ آهي پر جي ٻڌندي بہ تہ ٿوري ڪو سائينءَ وارن ڪي ٻڌائيندي. اسان جي پنهنجي آهي اسان کي موچڙا ڪونہ کارائيندي.“

حوا مشڪي هيٺ ويهي ڪير واري پتيلي جي پاسن ۾ تري ۾ لڳل ملائي چٽيندي چيو تہ شبيءَ بہ سندس پر ۾ هيٺ ويهندي ڪيس ڪن ۾ چيو، ”جيجي عزيزان بہ وڏي آڙيڪاپ مائي آهي. سائين مهراب خان جي نظر مان ئي سمجهي ويئي تہ ڇوريءَ تي بي ايمان ٿيو آهي.“

”تون تہ رڳو پنهنجون ئي ڳالهيون جوڙين؟“

”توکي ڪهڙي خبر ڇري، رات جو تہ آءٌ جيجي عزيزان کي زور ڏيندي آهيان نہ! سو سائين مهراب خان بہ يڪو ڇوريءَ جون تعريفون ٿو ڪري ماءُ اڳيان.“

”هئو الا سچ ٿي چوين شبي، ايندو آهي ماءُ ۽ ڌيءَ وٽ تہ ڪيتري دير وٽن هوندو آهي، ڏسين تہ ٿي ۽ جڏهن جيجي عزيزان پاڻ اچي ڪيس مٿي ماڙيءَ تي وجڻ جو چوندي آهي تڏهن مس مس اٿندو آهي.“

”آهي بہ تہ وڏي خاندان جي پوءِ بہ اچي مهينو پورو ٿيڻ وارو اٿن. اجان وينيون آهن ماءُ ڌيءَ.“

”تون تہ صفا ڪا مومن آهين شبي، هيڏا سارا راڄ تڪريا، شروع شروع ۾ ڪونہ ڏنا هيئي، ڪيڏا ماٺهو ايندا هئا، هاڻي مس وجي ڇڇيا ٿيا آهن. سو بہ سائين مهراب خان جي وچ ۾ پوڻ سان ماٺ ڪيائون نہ تہ وڙهي شيشا ٿين ۽ الائي ڪيترا مرن؟“

مڪٽيءَ جي جتي جي ڪر ڪر ۽ گهڪي تي ٻئي ماٺ ٿي ويون. شبيءَ دري مان نهاريو تہ هوءَ ٻاهرين گيٽ کان ٻاهر نڪتي پئي ويئي. ڦاپوءَ رڌڻي ۾ اچي چيو، ”حوا، توکي جيجي تاجان پئي سڏي.“

عزيز جان جي بيڊروم ۾ اڇي جان بيبيءَ چيو، ”پڦي، ٻڌاءِ تہ سهي آهن ڪير؟“

عزيز جان ساٽس ڳڻ پلنگ تي ويهي چيو، ”پٽ، هيءَ جنگي خان جي ڌيءَ آهي ۽ جنگي خان پنهنجي راڄ جو چڱو مڙس آهي. پر جيئن چيو تو وجي تہ پنهنجائپ ۽ مائٽي ۾ ئي شدو مدو، ڪنس، ضد ۽ ٻاھ هوندي آهي سو هيءَ بہ پنهنجي چاچي جي پٽ کي ڏنل هئي ۽ چاچي جي ڌيءَ وري سندس ڀاءُ کي ڏنل هئي. جنگي خان جو پٽ لائق ۽ عمر ۾ وڏو هو ۽ هنن جي ڌيءَ بہ عمر ۾ وڏي هئي سو اها شادي ٿي ويئي. حسنہ ننڍي هئي ۽ سندس گهوٽ بہ تڏهن ٻار هو. پر جڏهن اهو وڏو ٿيو تہ خبر پيئي تہ دماغ ۾ سهي ناهي. جنگي خان چيو تہ آءٌ پنهنجي سالم ڌيءَ چريءَ کي نہ ڏيندس، تہ سندس ڀائٽيا چڙي پيا، جنگي خان جو ڀاءُ گذاري ويو هو ۽ سندس ڀائٽين کي سندن مامن اٿاري ٻيهاريو تہ پنهنجو سڱ مڙسي ڪري وٺو. سو انهن ڇا ڪيو جو پنهنجون هڪ طرفيون تياريون ڪري شاديءَ جو ڪاڄ ڪري جڏهن جنگي خان وٽ نڪاح لاءِ آيا تہ جنگي خان ڪين موٽائي ڇڏيو. پوءِ تہ جنگي خان سان ڏاڍا جهيڙا ڪيائون اصل ٻاهيون ٻاري ڏنائون پر جنگي خان بہ مڙس هو مقابلا ڪيائين، پوءِ وري سندس ڀائٽين مامن جي چرچ تي هيڏانهن هوڏانهن جي چڱن مڙسن کي دانهون ڏنيون پر جنگي خان سڌو مهراب خان وٽ آيو ۽ اڇي ڪيس سڄي ڳالهہ ٻڌائي تہ تون ڇوڪرو بہ ڏس ۽ ڇوڪري بہ ۽ ٻنهي سان ڳالهاءِ پوءِ جيڪو بہ فيصلو ڪرين مون کي منظور آهي. مهراب خان ٻيءَ ڏر کي بہ گهرايو ۽ ڪين ڇوڪرو ڏيکارڻ لاءِ چيو اهي ڇوڪرو وٺي آيا. جنگي خان بہ ڇوڪري وٺي پنهنجي عيال سميت آيو. مهراب خان ڇوڪري ڏٺي جيڪا سونهن ۾ عقل ۾ دنگ هئي پوءِ وري ڇوڪرو ڏنائين جيڪو صفا چريو. ڀوڪ اصل ڪنهن قطار ۾ نہ هو. پوءِ مهراب خان ڇوڪري وارن کي چيو تہ اوهان جو ڇوڪرو شاديءَ جي لائق ناهي، تہ انهن چيو تہ ٻي ڀاءُ کي ڏيو، ان تي جنگي خان بہ چڙي اٿي بيٺو تہ رڍ ٻڪري ناهي جو هڪ کي نہ تہ ٻي کي ڏيان. مهراب خان

۽ ساڳي جنگي خان واري ڳالهہ ڪئي. ان تي پھرين تہ ھو چڙي پيا تہ سگ اسان جو آھي جنھن کي بہ ڏيون. پوءِ مھراب خان کين ٿڌي دماغ سان سمجھايو تہ، اوھان جو پنھنجو چاچو آھي. بنا سگ جي ۾ اوھان سگ ڏيو ھا تڏھن بہ وڏي ڳالھہ نہ ھئي پر اوھان کي تہ سگ جي بدلي سگ بہ مليو پوءِ اھا قدرت جي ڳالھہ تي پئي جو ڇوڪرو دماغ ۾ سنئون نہ نڪتو. ان ۾ ڪنھن بہ ماڻھوءَ جو ھٿ ۽ ڏوھہ نہ آھي اھا تہ خدا جي رضا ھئي. باقي پنھنجي چاچي سان ايئن وڙھي سگ ونڻ نيڪي ڪانھي. پوءِ اھي مڙيئي مھراب خان جو لحاظ ڪري ٿڌا ٿيا پر جنگي خان کي الائي ڪھڙو اچي خوف ٿيو، ڇوي ڇوڪرن جا ماما بڇڙا آھن ڪجھہ بہ ڪري ٿا سگھن سو مان نياڻي اوھان وٽ ڇڏي ٿو وڃان، پوءِ مھراب خان کيس مون سان ملڻ لاءِ ڪري اندر حويليءَ ۾ وٺي آيو. ھو ڏاڍو سنو ۽ نيڪ ماڻھو آھي. مون سان ملڻ ڪان پوءِ تہ بس ڇوڪريءَ جو ھٿ منھنجي ھٿ ۾ ڏيئي چيائين تہ ادي، اڄ ڪان اوھين منھنجي سڳي ڀيڻ جي برابر آھيو ۽ ھيءَ ڌيءَ اوھان جي آھي، جتي وڻيو جنھن کي وڻيو ڏيو، ماءُ بہ ساڻس گڏ آھي. ڇوڪريءَ کي ڏسڻ سان مون کي ستار ياد اچي ويو سو اوھان کي وٺي آيس..... ھاڻي تون ٻڌاءِ تہ حسنہ توکي ڪيئن لڳي؟"

عزيز جان پنھنجي ڏکھي ڳالھہ پوري ڪري مشڪيو تہ جان بيبيءَ بہ مشڪي چيو، "پڪي، مون کي تہ تمام گھڻو وڻي آھي. باقي امان ۽ بابا جو تہ اھوئي فيصلو ھوندو جيڪو اوھان جو آھي."

"۽ ستار؟"

"ادا ستار کي ڪيئن نہ وڻي ھوندي، سوال ئي پيدا نٿو ٿئي تہ حسنہ کيس نہ وڻي ھوندي." مھراب خان مشڪندو وٽن آيو تہ جان بيبيءَ کي ڏسي خوش ٿي چيائين، "اڄ پلا ھي ماڻھو پلجي ڪٿان اچي نڪتا آھن؟"

جان بيبيءَ اٿي ساڻس ملي.

"ڪنھن سان گڏ آئي آھين؟"

"ادا ستار سان."

”ستار ڪٿي؟“
”مٿي ادي تاجان وٽ.“
”هلو تہ پاڻ بہ مٿي هلون.“
ٻئي گڏجي مٿي آيا. مهراب خان ستار سان ملي اجان مس وينو تہ شبيءَ اچي چيو، ”سائين، سائين جنگي خان آيو آهي ۽ اوهان کي پيو سڏي.“
مهراب خان هڪدم ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ واپس اچڻ جو چئي وڃڻ لڳو.
ستار، مهراب خان جي خوشي ۾ تڪڙ ڏسي چيو، ”جنگي خان ڪير آهي؟“
جان بيبيءَ مشڪي چيو، ”اوهان جو سهرو.“
”ڇا مطلب؟“
”حسنہ جو پيءُ.“
”ڪير حسنہ؟“
”اها ڇوڪري جنهن کي ڏسڻ اسين آيا آهيون.“
ستار ڄڻ اطمينان جو ساهہ کنيو، ”او اڇا.“
”ادا، اوهان کي تہ حسنہ پسند آئي آهي نہ؟“
ستار مشڪي ”ها“ ڪئي تہ ٻئي ڀينرون کلي پيون. عزيز جان اينديءَ ساڻ مشڪي چيو، ”کهڙي ڳالهہ تي پيا سپ کلو؟“
جان بيبيءَ کلي چيو، ”پڪي، ادا ستار کي حسنہ پسند آئي آهي.“
عزيز جان ستار جي نرڙ تي چمي ڏيئي چيو، ”پوءِ ٺيڪ آهي، آءٌ ادا حمل خان ۽ ادي اميران سان ڳالهائينديس ۽ اهو بہ سنو ٿيو جو اڄ ادا جنگي خان بہ آيو آهي، ساڻس بہ ڳالهائينديس.“
رات تائين مهراب خان نہ موٽيو تہ ستار ۽ جان بيبيءَ سندس وڏيڪ انتظار نہ ڪيو ۽ هليا ويا.
رات جودير سان مهراب خان حويليءَ ۾ آيو ۽ سڌو عزيز جان جي ڪمري ۾ آيو جيڪا سندس انتظار ۾ جاڳي رهي هئي.
”پٽ، ڏاڍي دير ڪيئي، ستار ۽ جانيءَ بہ تنهنجو گهڻو ئي

انتظار ڪيو ۽ هليا ويا.“
”هليا ويا؟“
”ها پٽ، مون توکي گهرائڻ چاهيو پر انهن چيو تہ نہ، ماڻهن سان گڏ هوندو پنهنجو گهر آهي وري ايندا سين.“
”جاني تہ ناراض ٿي وئي هوندي، اها ڪٿي ايندي آهي؟“
”ناراض ٿي ڇا ڪندي ويچاري جاني، تون ڪين ڏسي بہ ويو هئين پوءِ بہ وري نہ آئين نہ ئي ادا جنگي خان کي مون ڏي وٺي آئين؟“
”امان، آءٌ هتي اوطاق ۾ ڪٿي هئس، ماڻهن سان گڏ هليو ويو هئس ٻاهر، باقي چاچو جنگي خان هتي ئي آهي سياڻي اوهان سان ملندو.“
”امان، هي ستار ۽ جاني اوهان سان گڏجي ڇو آيا.“
”مان ئي تہ ڪين وٺي آئي هئس.“
”ڇو، ڇا لاءِ؟“
”پٽ، ادا حمل خان تہ خير مون سان ڪڏهن بہ ان باري ۾ ڪا ڳالهہ ڪو ذڪر نہ ڪيو هو. سندس ٻئي پٽ پڙهيل ۽ لائق آهن. هرڪو ڪين سڏ ڪري سڳ ڏيندو پر مون بہ پنهنجو فرض سمجهيو ۽....“
”۽!!“
مهراب خان ساڳي حيرت مان پڇيو تہ عزيز جان مشڪي چيو، ”پٽ، تاجان جي سڳ جو بدلو تہ اڃان اسان تي رهيل آهي نہ!!“
”سو!!“
”سو مان ان لاءِ وٺي ويئي هيس تہ اهي اڇي حسنہ کي ڏسن!!“
”ڇا، ڇا؟“
عزيز جان ڪيس حيرانيءَ مان ڏسڻ لڳي.
”ڇو ابا، ڇا ڪيم، ڪا غلطي ڪيم ڇا، جو ايڏو حيران پريشان ۽ فڪرمند ٿي ويو آهين؟“

مهراب خان چڙ ۾ ڪاوڙ مان چيو، ”چو امان، مون کي ٻڌائڻ کان سواءِ انهن کي ونئي چو آئينءَ؟“

”توکي ٻڌايان ها تہ چا تون انڪار ڪرين ها؟“

”ها، مان انڪار ڪريان ها.“

”چو، چو انڪار ڪرين ها؟“

”امان، مون کي خبر آهي تہ تون مون کي چڱيءَ طرح سڃاڻين ٿي ۽ مان اهو بہ ڄاڻان ٿو تہ منهنجون اکيون منهنجو چهرو بہ توکي پڙهڻ ايندو آهي.

”ها تہ پوءِ؟“

”پوءِ اهو تہ، تو اهو سڀ پڙهي ۽ ڄاڻي ورتو ۽ منهنجي خواهش جي نڙي تي هميشہ وانگيان ننهن ڏيئي گهٽي ڇڏيئي ايئن نہ؟“

عزيز جان جو چهرو ڏک مان زرد ٿي ويو.

”مان توکي ايڏي ظالم ۽ قاتل ٿي لڳان پٽ، جيڪا ٻچن جي خواهشن ۽ خوشين جي دشمن هجي. مون تہ هميشہ توکي غلط راهہ تان هٽائي سڌي راهہ ڏيکاري آهي.“

”تنهنجي اڳيان هر اها راهہ غلط آهي جيڪا تنهنجي پاءُ جي گهر لاءِ صحيح ناهي، پر آءٌ ايئن نٿو سوچيان ۽ سمجهان، منهنجي لاءِ هر اها راهہ سڌي ۽ صحيح آهي جيڪا مان پنهنجي ذات لاءِ صحيح ٿو سمجهان. مامي جو گهر منهنجي لاءِ ايڏو اهم ناهي. مان پنهنجي مرضيءَ جي زندگي گذارڻ ٿو چاهيان.“

”بيشڪ تون پنهنجي مرضيءَ جي زندگي گذارڻ جو حق رکين ٿو، پر چا راڃن اڳيان تنهنجو اهو فيصلو صحيح هجي ها؟ اها ڇوڪري جيڪا تو وٽ ڇڻ سام ٿي آئي آهي ان تي تون نظر رکين يا ان کي تون پاڻ لاءِ رکين تہ هرڪو ايئن چوندو تہ ڇوڪري سهڻي هئي ان کي قبائڻ لاءِ سيئي چالون هليون آهي ۽ اها سڄي عزت جيڪا توکي سيني راڃن پنهنجو سردار ۽ وڏو سمجهي ۽ مڃي ڏني آهي اها ان سوچ هيٺان دٻجي وڃي تہ تو اهو سڀ پنهنجي مفاد لاءِ ڪيو آهي ۽ پوءِ سيني جي نظرن ۾ تون پروسي ۽ اعتماد جي قابل رهين ها؟“

”امان، آءٌ هاڻي ٻار ناهيان جو تنهنجي نصيحتن جي اگر جهلي هلان، نيڪ آهي تو منهنجي تربيت ڪئي سڀ سيڪاريو پر هاڻي دنيا جي اڳيان مان پاڻ فيصلا ڪندو آهيان ۽ انهن جون ذميداريون ۽ جوابداريون بہ ڪڻان ٿو ۽ هينئر جيڪا راڄن اڳيان منهنجي مجتا مجيل آهي اها بہ مان سمجهان ڄاڻان ٿو، پر ڇا مون کي خوش رهڻ جو ڪو حق ڪونهي. ٻڌاءِ پلا، جواب ڏي امان؟“

مهراب خان جو لهجو بدلحاظو پسي عزيز جان بہ چڻ چڙي پيئي.

”ڇا ۾ تون خوش ناهين ٻڌاءِ؟“

”بس امان، آءٌ خوش ناهيان مون چاهيو هو تہ هڪ ٻن ڏينهن ۾ مان توکي ٻڌائيندس پر تو تہ اهو موقعو ئي نہ ڏنو.“

”پٽ، تون جيڪو بہ ڪرين ها، سنو نہ ڪرين ها.“

مهراب خان ڪاوڙ مان اٿي چيو، ”توکي جيئن وڻي تيئن ڪر ۽ مون کي جيئن وڻندو ايئن ڪندس، ستار کي هي سگ ڏيڻ آءٌ نہ ڏيندس.“

عزيز جان حيرانيءَ مان کيس ڏسڻ لڳي.

”پٽ، تاجان اميد سان آهي، الله توکي ٻچڙو ڏيندو ۽ سيئي خوشيون ڏيندو!“

مهراب خان اتاولائي مان پڇيو، ”امان، سچي ٻڌاءِ تہ تون ان ڪري ستار کي وني آئي هيئن جو توکي منهنجي خبر هئي؟“

”ها، تون سچ ٿو چوين تہ مان تنهنجو چهرو، تنهنجون اکيون پڙهي ونندي آهيان، آءٌ واقعي بہ تنهنجو چهرو ۽ اکيون پڙهي پوءِ ادا حمل خان جي گهر ويئي هيس. مون تہ ان ڏينهن ئي سمجهيو هو جڏهن تو ادا جنگي خان کي حسنہ هتي ڇڏي وڃڻ جو چيو هو ۽ مون کي اهو ان مهل ئي چڱو نہ لڳو هو باقي هن ويچاري کي تہ پنهنجن جا خوف هئا سو هو اهو محسوس ڪري نہ سگهيو ۽ ڇوڪري تنهنجي حوالي ڪري ويو پر کيس ڪهڙي خبر تہ تنهنجي دل ۾ ڇا آهي؟ هن تہ مون کي پيڻ ڇئي پنهنجي ڌيءَ منهنجي حفاظت ۾ ڏني ۽ تون گهر ۾ آيل امانت ۾ خيانت ٿو ڪرين.

منصب اهي ئي هوندا آهن جن کي پنهنجو ڪوبہ مطلب ۽ لوڀ لالچ نہ هجي ۽ هو ايمانداريءَ سان حق جو فيصلو ڪن. هاڻي تہ مون کي اهو شڪ آهي تہ تو اهو فيصلو ايمانداريءَ سان ڪيو بہ آهي يا نہ! چو تہ تو پنهنجي غرض لاءِ پيءُ پٽوڙيو، ڏاڍي ڏک جي ڳالهہ آهي ابا."

عزيز جان جا ڳوڙها ڳڙي پيا، مهراب خان بيپرواهيءَ مان چيو، "هر انسان کي هڪ ئي ڀيرو زندگي ملندي آهي ۽ اهو سندس حق هوندو آهي تہ هو پنهنجي مرضي ۽ خوشيءَ سان اها زندگي گذاري."

عزيز جان پنهنجا ڳوڙها رهڙي اگهي چڙ مان چيو، "پوءِ تہ ڪيس هر ڏوهہ ۽ گناهہ ڪرڻ جي ڇوٽ ملڻ گهرجي، ڇو جو ان کي هڪ ڀيرو مليل زندگي پنهنجي مرضي ۽ خوشيءَ سان گذارڻي آهي.... ڏاڍو سنو پٽ، دل خوش ڪري ڇڏيئي، ماءُ جي اڳيان اهو سڀ ڳالهائيندي سنو بہ ڏاڍو تو لڳين."

عزيز جان جا آيل لڙڪ ڪاوڙجي ڪري خشڪ ٿي ويا هئا. مهراب خان ٿورو ڦڪو ٿيو تہ عزيز جان چيو، "مان ڄاڻان ٿي تہ حسنہ سهڻي آهي، پر ڇا هر سهڻي عورت جيڪا هن حويليءَ ۾ ايندي اها...."

امان، جان ٻيبيءَ جو نالو ورتم تڏهن بہ تو الائي ڇا ڇا چيو ۽ هاڻي بہ!!"

"ها پٽ، ان مهل بہ تون سهي نہ هئين، تنهنجو مڱڻو ان ئي گهر ۾ ٿيل هو. ڇا هو توکي ٻي غيرت ٿي نظر آيا تہ هوءَ پنهنجي هڪڙي مڱايل ڏيءَ ڇڏي وري ٻي ڏيءَ توکي ڏين ها؟ ۽ هينئر بہ تون غلط آهين! جيڪا نياڻي اسان وٽ پناهہ لاءِ، تحفظ لاءِ رهيل آهي هرهڪ ماڻهو ٻڌو آهي تہ اها سردار مهراب خان جي حويليءَ ۾ ڄڻ سام آهي، حفاظت ۾ آهي، پر جڏهن اهي ساڳيا ماڻهو ٻڌندا تہ اها سردار مهراب خان پاڻ لاءِ رکي آهي تہ هرڪو ايئن ئي سمجهندو تہ، ڪهڙو انصاف! ڪهڙو تحفظ؟ ڇوڪري جوان هئي خوبصورت هئي، ان ڪري ڪيس حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ قبضو ڪرڻ لاءِ

پاڻ وٽ رهايو هئائين! اها تہ بلڪل ايئن ڳالهہ ٿي تہ پڃري ۾ پوريل پکيءَ مٿان ڪيس جهلڻ لاءِ چار يا ڏہ وڌو وڃي! هوءَ تنهنجي گهر ۾ آهي ۽ توکي پڪ آهي تہ ادا جنگي خان انڪار نہ ڪندو ڇو جو تو راڄن ڪي منهن ڏيئي سندس ڏيءَ آجي ڪئي آهي پر دنيا ڇا چوندي؟"

مهراب خان ٿي پنهنجي ماءُ جي ان سچي ڳالهہ جو ڪوبہ اثر نہ پيو، "دنيا، دنيا، دنيا، پوءِ تہ ماڻهو ڪو قدم ئي نہ کڻي امان، توکي خبر هئڻ گهرجي تہ دنيا جو حافظو ڏاڍو ڪمزور آهي هو هڪ بہ ڏينهن سوچي پوءِ ساڳي ڳالهہ کي صحيح مڃي ويندا."

عزيز جان پاڻ کي بيوس سمجهڻ لڳي، "پٽ، مان ڄاڻان ٿي تہ هينئر منهنجا سيئي لفظ تنهنجي اڳيان ڪارگر ۽ اثرائتا ناهن ۽ توکي مڏن جڏن هٿيارن وانگي نظر ايندا ۽ مان ڄاڻان ٿي تہ جڏهن ماڻهو پنهنجي اکين تي پنهنجي پسند جو رنگ چاڙهيندو آهي تہ ان کي سچو عالم ساڳي رنگ ۾ رنگيل نظر ايندو آهي ۽ هينئر تون ايئن ئي آهين، رڳو هڪ نقطي تي نظر رکيو وينو آهين ۽ سچو جهان تنهنجي نظر کان غائب آهي! پر جڏهن تون اکيون کولي چؤطرف وسيع نظر رکندين تہ توکي خبر پوندي تہ ڪٿي ڪڏو آهي ڪٿي ڪاهي آهي.... مان اهو بہ ڄاڻان ٿي تہ توکي مڃائڻ لاءِ مون وٽ توکانسواءِ ڪابہ طاقت ناهي!..... اڄ مون اهو محسوس ڪيو آهي تہ، پٽ وڏو ٿي ويو آهي ۽ ماءُ پوڙهي ۽ مجبور."

عزيز جان اوتون ڏيئي ايندڙ لڙڪ لڪائي پنهنجي ئي ڪمري مان پاڻ ٻاهر نڪري ويئي ڪيس اڪيلو ڇڏي. سردار مهراب خان پلنگ تي ليٽيل هو. سندس اکيون مٿي ڇت ۾ کپيل هيون. 'مان سهمت آهيان تہ، ماڻهو ظاهري اک سان ڪو تماشو نہ ڏسي! ۽ جي واقعي ڪنهن کي پرکڻو آهي تہ اندر واري ماڻهو تي ڇڏي تہ اهو کهڙو ٿو فيصلو ڪري.' عزيز جان ڪيس اهڙي چار ۾ ڦاسائي ويئي هئي جتان نڪرڻ لاءِ فقط اها ئي هڪ راهہ هئي تہ هو پاڻ کي معتبر ڪونائي دستبردار ٿي وڃي. هن سوچيو، 'شايد پنهنجي خواهش کي پري کان ڏسڻ ئي مقدر آهي! منهنجو چنڊ هر پيري

ٻي جي اڱڻ تي ڇو ٿو اپري؟ ڇا اهو طئي آهي تہ، منهنجو ڪوبہ سپنو، ساپيا نہ ماڻيندو؟....' سندس اندر ڪيس ورندي ڏني، تي سگهي ٿو تنهنجو چنڊ تنهنجي ئي اڱڻ تي اپري ۽ اهي چنڊ جن کي تو پنهنجو سمجهيو هو اهي تنهنجا نہ هئا! اهي انهن جا ئي هئا جن جي اڱڻ تي اپريا. هن ڇڻ نئين عزم سان سوچيو، منهنجا خواب جن جي تعبير منهنجو مقدر آهي اهي مون کي حاصل ڪرڻا آهن، حاصل ڪرڻا پوندا يقينن، اهو فيصلو ڪرڻ منهنجي وس ۾ آهي ۽ مان پنهنجي خوابن جي تعبير پائيندس، هر حال ۾ هر صورت، هو جذباتي ٿي رهيو هو. ٿاهہ ڏيئي پلنگ تان اٿيو، هاڻي منهنجي پسند ۽ پروگرام جي ٻڙڪ ڪنهن کي بہ نہ پوندي.... منهنجو بہ حق آهي پنهنجي پسند ماڻڻ ۽ چوڙڻ جو!! عزيز جان ماٺ ماٺ وري بہ پنهنجي ڪمري ۾ آئي.

"امان، مون کي ٻي شادي ڪرڻ جو حق ڪونهي؟"

عزيز جان بيزاريءَ مان چيو، "ابا، توکي سيئي حق حاصل آهن، جيئن توکي وڻي تيئن ڪر، باقي تاجان جي ڪٿي قسمت، هن ويچاريءَ تہ الائي ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي، جنهن جي سزا هر بار تون ڪيس ٿڏي ڏيندو آهين. هاڻي مان تنهنجي معاملي ۾ هڪڙو حرف بہ نہ ڳالهائيندس. اجازت ڏين تہ ادا جنگي خان سان ڳالهايان! نٿو اجازت ڏين، نهيو ادا حمل خان ڏانهن ٿي چورايان تہ مون جيڪو بہ اوهان کي چيو اهو غلط هو، آءٌ بيوس آهيان."

مهراب خان چرڪي پنهنجي ان ماءُ ۾ نهاريو جنهن جا حڪم جنهن جو دبدبو، جنهن جا فيصلا اڄ بہ راڄن ۾ هلندڙ هئا ۽ جنهن جو ڏاڪو ماڻهن مٿان ڪائنس بہ مٿي هو. ان باحيثيت ماءُ جو هيٺو لهجو ٻڌي هو ڇڻ سراپجي ويو، صفا دهلجي ويو.

"امان، ڇا پيئي ڳالهائين، ڪا خبر بہ اٿئي. تون بيوس آهين، ڪير ٿو چوي؟ ڪهڙو تنهنجو حڪم رد ٿيو آهي؟ ڪهڙو تنهنجو ڪيل فيصلو بي عمل ٿيو آهي؟ ڪڏهن مون پنهنجي مرضي هلائي آهي؟ خدا جي واسطي امان مون کي ايئن ذليل نہ ڪر."

عزيز جان ساڳي هيٺائيءَ مان چيو، "ٻيو ڇا چوان؟"

مهراب خان چڻ تڙپي پيو، ”ايئن نہ چئو امان، مان توکان سواءِ ڪجھہ بہ نہ آهيان.“

ماءُ ۾ نهاريائين جنهن جا اسارا نير جاري هئا.

”ها امان، مان توکان سواءِ واقعي ڪجھہ بہ نہ آهيان، تون ئي وڏي تون ئي حاڪم آهين. هاڻي بہ جيڪو حڪم ڏيندينءَ اهو مجڻ منهنجو فرض آهي.“

عزيز جان روئندي ڪيس پاڪر پائي چيو، ”هڪڙي ڳالهہ تہ ٻڌاءِ پٽ، تون هر دفعي تاجان کي نظرانداز ڇو ڪندو آهين؟“

مهراب خان ڏکايل لهجي ۾ چيو، ”امان، تاجي ۽ مان صفا مختلف آهيون.“

”ڇا ۾؟“

”هر ڳالهہ ۾، پسند، مزاج، انداز، طريقو، پر تاجي ڪنهن بہ نموني سان منهنجي ڪابہ ڳالهہ نٿي سمجهي. هن جي اڳيان سندس مرضي ۽ خوشي ئي اهم آهي. بس امان آءٌ سڄي زندگي تاجيءَ سان گڏ گذاري نٿو سگهان، بلڪ نہ گذاريندس.“

ايئن چئي هو ڪمري کان ٻاهر ٿي نڪتو تہ عزيز جان وڌي ڪيس ٻانهن کان جهلي وري آڻي پلنگ تي ويهاري چيو، ”پٽ، مان تنهنجي ماءُ آهيان..... تون مون کان ڇو ٿو لڪائين؟“

مهراب خان روئڻهارڪي لهجي ۾ چيو، ”ڇا ڪريان امان، توکي منهنجي ڪابہ ڳالهہ سمجھہ ۾ نٿي اچي. تون رڳو دنيا ۽ دنيا وارن جا مثال ڏيئي تي مون کي ماٺ ڪرائين، مان ڪيئن تو گذاريان؟ ان جي توکي ڪا پرواهہ ناهي تہ پوءِ نهيو جيڪا منهنجي قسمت.“

پٽ کي ڏکارو ڏسي عزيز جان جو هانءُ مٺ ۾ اچي ويو. صفا ڦتڪي پيئي، ”اهو تون ڇا پيو چوين، مون کي توکان مٿي ڪوبہ ڪونهي، نہ ادا حمل خان، نہ سندس ٻار، نہ ئي سندس عزت، هينئر تون ماٺ رهہ، صبر ڪر، تاجان جي حالت بہ هينئر ڪو ڏک يا صدمو برداشت ڪرڻ جهڙي ناهي. پلي هوءَ ڇٽي خير سان پوءِ ڪيس سمجهائيندس!“

”نہ امان، سمجھائڻ ڪونهي مان....“

”نيڪ آهي پٽ، پر اهو سڀ هينئر نہ.“

مهراب خان ٻاهر ٿي ويو تہ عزيز جان چيس، ”ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“

”چاچا جنگي خان ڏانهن.“

عزيز جان ديوار ۾ لڳل گھڙيال ۾ نهاري چيو ”پٽ، ٿي پيا ٽين هو سمهي پيو هوندو تون متي وڃ.“

هن ڪوبہ جواب نہ ڏنو تہ عزيز جان هٿ ڪان جھلي ڪيس متي چڙهي آئي.

صبح جو جڏهن نيرن ڪان پوءِ جنگي خان اندر حويليءَ ۾ عزيز جان سان ملڻ آيو تہ عزيز جان ڪيس سڄي ڳالهہ ٻڌائي تہ مون پنهنجي ياءُ سان ڳالهہ ڪئي آهي جن حسنہ جو سڱ گھريو آهي، اها ڳالهہ ٻڌي هن خوشيءَ سان سڱ ڏيڻ لاءِ هاڪار ڪئي.

”ادي، مون تہ اڳ ئي حسنہ توکي ڏني هئي تہ جتي توکي وڻي اتي ڏي. هاڻي تہ اوهان مون کي پنهنجي خاندان ۾ شامل ڪيو آهي ٻيو مون کي ڇا کپي.“

عزيز جان، مهراب خان کي ٻڌائي پوءِ وري حمل خان ۽ امير بيبيءَ کي جنگي خان جي هاڪار ٻڌائي ۽ پوءِ اهي ٻئي جنگي خان، سندس زال ۽ ڌيءَ سان ملڻ آيا ۽ کين دعوت ڏيئي پنهنجي حويليءَ ۾ وٺي آيا. اتي ستار سان ملي جنگي خان ۽ سندس گھرواري ڏاڍا خوش ٿيا. پوءِ وري حمل خان پنهنجي سئوٽن مصطفيٰ خان، هاشم خان ۽ سندن پٽن سان صلاح ڪري ساڻن گڏجي مهراب خان وٽ آيا. اتي سيني گڏجي جنگي خان جي اڳيان اهو طئي ڪيو تہ مڱڻو ۽ شادي جنگي خان جي ڳوٺ ۾ ٿيندي ۽ پوءِ جنگي خان مهراب خان جي صلاح ۽ اجازت سان پنهنجي زال ۽ ڌيءَ کي پنهنجي ڳوٺ ۾ گھر وٺي ويو. اتي وڃي جنگي خان، مهراب خان ۽ حمل خان جي خاندان جي دعوت ڪئي. حمل خان، سندس پٽن، سئوٽن ۽ سندن پٽن اتي وڃي پهرين جنگي خان جي پائيٽن کي پرچايو، مهراب خان ساڻن گڏ هو پر سرگرم نہ هو. سيني خوش ٿي گڏجي

ماني ڪاڌي ۽ ٻي ٽي هفتي حمل خان وارا مهراب خان کي وٺي جنگي خان جي ڳوٺ آيا اتي اچي مڱڻي سان گڏ نڪاح ڪيائون ۽ اتي ئي سيني جي صلاح سان شادي ۽ رخصتي جي تاريخ طئي ڪري وري آيا. گهر پهچڻ ساڻ حمل خان جي گهر ۾ شاديءَ جون تياريون شروع ٿي ويون. شاديءَ ۾ اڃان ٻه مهينا هئا پر حمل خان ۽ سندس سئوٽن هينئر کان ئي راڄن ۾ دعوتون اماڻڻ شروع ڪري ڏنيون هيون ته متان ڪو دعوت ڏيڻ کان رهجي نه وڃي. امير بيبي ٻه جبار سان گڏجي ڪراچيءَ ۾ پنهنجي راڄ کي دعوت ڏيڻ آئي. پٽ جي شادي هئي دعوت ته سيني کي ڏبي خاص ڪري پنهنجي خاندان ۾ ته گهر گهر ۾ پاڻ وڃي ڪيس دعوت ڏيٺي هئي. اڳ ڌيءَ جي شادي هئي ته ڪيس پرواهه ئي نه هئي. جي ڪو آيو ته ان کي اڇٽو ئي هو ۽ جي نه آيو ته گلا ۽ ميار ان تي ته ڇو نه آيو! گهوٽ پاران ته دعوت هئي پوءِ ڇو نه آيا؟ ۽ پوءِ ونبا بدلا ۽ ميارون! پر هيءَ ته پٽ جي شادي آهي! رنل پرچائبا، ميٺڙين منٿن سان، ڪٿي زوريءَ به کين شاديءَ ۾ شريڪ ڪبو.

امير بيبي سيني کان اڳ پنهنجي ڀائرن جي گهر ويئي انهن کي دعوت ڏيئي پوءِ پنهنجي ڀيڻ نوربيبيءَ جي گهر آئي ته سيئي ڪيس ورائي ويا، ”ماسي، جاني ڇو نه آندئي؟“

سندس ڀاٽيڄين نذيران ۽ وزيران ساڻس رسندي چيو، ”اسين به ماسي ادا ستار جي شاديءَ ۾ نه اينديون سين.“

”ڇو نه اينديون؟“

جبار گهر ۾ اچڻ ساڻ هيڏي هوڏي ڏسي چيو، ”مير محمد ۽ طاهره ڪٿي آهن؟“

نوربيبيءَ ساڻس ڪلي ڪيڪاري چيو، ”ابا هت ته ڏي.“

”پر ماسي، اهي ٻئي ڪٿي آهن؟“

”ابا طاهره کي ٻخار هو سو ميرل ڊاڪٽر ڏانهن وٺي ويو اٿس.“

نذيران چيو، ”ماسي، جاني هونئن ته ڪٿي اسان وٽ نٿي اچي پر هينئر ڀاءُ جي شاديءَ جي دعوت لاءِ ته ڪيس اچڻ کپندو هو.“

امير بيبيءَ مشڪي چيو، ”جانيءَ چيو آهي تہ شاديءَ لاءِ خريداري ڪرڻ وينديس تہ مامن ۽ ماسيءَ وارن کي ستار جي شاديءَ جي دعوت ڏينديس.“

”او، ماسيءَ وارا آيا آهن، وڏا ڀاڳ اسان جا.“

مير محمد اندر گهر ۾ ايندي چيو ۽ طاهره ڊوڙ پائي اچي امير بيبيءَ سان ملي.

امير بيبيءَ طاهره کي ڀاڪرن ۾ ڀري چيو، ”نوري، طاهري منهنجي آهي.“

جبار پيار ڀريل نظرن سان طاهره کي ڏسي رهيو هو. امير بيبيءَ طاهره جي نرڙ تي هٿ رکي چيو، ”ڪيئن آهين پٽ؟“

”هاڻي تہ نيڪ آهيان ماسي.“

نذيران چيو، ”ماسي، طاهري تنهنجي آهي تہ جاني اسان جي آهي.“

نوربيبيءَ ڪيس چرٻ ڏيندي چيو، ”چڏيو ڪٺي ادي اميران جي جند، جانل منهنجي آهي مون وٽ ايندي. اوهين وجو سيئي وجي پاڻ ۾ ڪچهري ڪريو. اسان ٻنهي ڀيڻن کي چڏيو تہ ڪا پنهنجي ڏک سک جي ڳالهہ ڪريون.“

سيئي ڪلندا ٻي ڪمري ڏانهن هليا ويا. نور بيبيءَ چيو، ”ادي، ادا حمل خان آيو هو ان سڄي ڳالهہ ٻڌائي اٿم. چوڪري سني آهي؟“

”ها، چوڪري تہ صفا چنڊ جو ٽڪر آهي ۽ اهي سيئي ماڻهو ڏاڍا سنا ۽ عزت وارا آهن، ادا جنگي خان جي کهڙي ڳالهہ ٻڌايانءِ تون پاڻ اچي ڏسجانءِ. مان تہ ايئن ٿي چوان تہ الله سائين مون تي وڏيون مهربانيون ۽ وڙ ڪيا آهن.“

امير بيبي ۽ جبار، اها رات نور بيبيءَ وٽ رهيا. صبح جو مير محمد سان گڏجي ٻئي طارق خان جي گهر دعوت ڏيڻ آيا. طارق خان امير بيبيءَ کي ڏسي ايڏو تہ خوش ٿيو جو شهناز بہ ڪيس حيرانيءَ مان ڏسڻ لڳي. هڪ ٻي سان ڪيڪاري اچي ويٺا. امير بيبيءَ ڪيس ستار جي شاديءَ جي دعوت ڏني تہ طارق خان

ڪلي چيو، ”پڦي، آءٌ مهراب خان ڏانهن ويو هئس، اتي ستار جي مڱڻي ۽ نڪاح جو ٻڌي ڏک ٿيم ته اوهان مون کي ڪا خبر ئي نه ڏني.“

امير بيبيءَ سندس پٺيءَ تان پيار مان هٿ ڦيرائي چيو، ”پٽ، اهو سڀ ايترو ته تڪڙو ٿي ويو جو سواءِ گهر وارن جي ٻيو ڪو به شريڪ ٿي نه سگهيو هو. هاڻي شادي آهي ان ۾ سيئي اچي شريڪ ٿجو، منهنجو هٿ ونڊائجو.“

طارق خان ڪلي چيو، ”بيشڪ پڦي بيشڪ اسين حاضر آهيون.“

طارق خان، جبار ۽ مير محمد کان حال احوال وٺڻ لڳو ته پاڳيءَ اچي چيو، ”سائين، ٻاهر اوهان لاءِ ماڻهو آيا آهن.“

”پڦي اڄوڪي رات ته اسان وٽ آهيون نه؟“

”پٽ، تڪڙا آهيون، اڄ ئي ڳوٺ ويندا سين.“

”پڦي، ايئن زورآوري نه ڪريو، اوهين ڪٿي تا اسان وٽ اچو، اڄ ٽڪي پئو.“

امير بيبيءَ مشڪي شهناز کي ڏٺو، ”ها ماسي، هڪڙي رات رهڻ ۾ ڇا آهي؟“

طارق خان پاڳيءَ کي چيو، ”ڪير ماڻهو آهن؟“

”سائين، اهي ئي گل محمد وارا.“

طارق خان ڪلي جبار ۽ مير محمد کي چيو، ”اوهين به گڏجي مون سان اوطاق تي هلو، هي جيڪي همراهه آيا آهن اهي ٿي دوست آهن ۽ مون وٽ ٿيئي گڏ ايندا آهن. مان انهن کي مذاق ۾ بينجمن سسٽر چوندو آهيان، ٿيئي تعليم يافته، بحث جا ڪوڏيا ۽ اڪيون ڪليل سجاڳ ۽ سڄاڻ نوجوان آهن.“

مير محمد ڪلي جبار کي ڏسي چيو، ”جبار کي ته اهڙي سنگت کپي!“

”واقعي اهڙن نوجوانن سان ملڻ گهرجي.“

”طارق خان انهن کي وٺي اوطاق ۾ آيو. سيني هڪ ٻي سان ڪيڪاريو ۽ طارق خان انهن جو هڪ ٻي سان تعارف ڪرايو.

”هي زاهد آهي اليڪٽريڪل انجنيئر، ادب سان دلچسپي اٿس، ڪڏهن ڪڏهن ڪو مضمون بہ لکي وٺندو آهي. هي علي حسن پوليٽيڪل سائنس ۾ ايم.اي پيو ڪري ۽ هي گل محمد صحافي آهي، ملڪ جي بارينڊز ۽ ٿارينڊز.“

سيئي ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. گل محمد چيو، ”نيڪ آهي سائين طارق خان، اوهان جي ڳالهہ جو بہ جواب ڏبو پر پهرين هنن نوجوانن جي سڃاڻ ڪرايو.“

طارق خان کلي چيو، ”صحافي هئڻ جو رعب نہ ڏيکار.“

سيني کليو تہ طارق خان چيو، ”هي مير محمد ۽ هي جبار آهي. ٻئي منهنجا ويجها مائٽ آهن. مير محمد انٽر ڪرڻ کان پوءِ پنهنجو ڪاروبار ٿو هلائي ۽ جبار جيئن تہ شهر ۾ نٿو رهي پر تعليم شهر ۾ حاصل ڪئي آهي ۽ علي حسن صاحب وانگي پوليٽيڪل سائنس ۾ ايم اي آهي. اڃان وڌيڪ پڙهڻ جو ارادو رکي ٿو، سياحت ۽ سياست سان دلچسپي گهڻي اٿس. گهميو بہ گهڻو آهي ۽ ملڪي ۽ عالمي حالتن کان چڱي طرح واقف ۽ آگاهہ آهي. اڪثر ڪچهرين ۾ اسان ڪائنس گهڻو ڪجهہ ٻڌو آهي. چوندو آهي تہ ڪراچيءَ جا مقامي سنڌي بيحس آهن! باقي بلوچستان جي سنڌين سان سنڌن پيٽ برابر جي جوڙ ٿيندي.“

”بلوچستان جي سنڌين سان ڇو؟“

گل محمد چڻ راند جي پهرين رائونڊ جي گهنٽي وڄائي. جبار چيو، ”پهرين تہ مان اوهان کي اها ڄاڻ ڏيان تہ اسين ڪراچي ۽ بلوچستان جي سرحدن جا ڏٽي آهيون يعني اسان جون زمينون سنڌ ۽ بلوچستان جي باردر تي آهن. اسان جي زمين جو اڌ سنڌ ۾ تہ اڌ بلوچستان ۾ آهي ۽ اسين ٻنهي پاسن جا رهاڪو هڪ ئي سنڌي قوم جا ماڻهو آهيون. ايئن الائي ڪيئن هڪ ئي قوم کي ٻہ اڌ ڪيو ٿو وڃي، پر جيئن تہ هاڻي دنيا ۾ ڪنهن بہ قوم کي ٻن اڌن ۾ ونڊڻ جي حوصلہ شڪني ٿي رهي آهي بلڪہ ان جي ازالي جي ڪوشش پئي ٿئي. مثال، جرمني، ويٽنام ۽ هاڻي ڪوريا بہ...... هونئن هڪ قوم هئڻ جي باوجود مختلف علائقن ۾ رهندڙن جا

مزاج بہ مختلف هوندا آهن. جيئن اسين سرحدي ماڻهو هڪ ئي مزاج جا آهيون.“

”يعني ڪهڙي مزاج جا؟“

گل محمد هاڻي باقائده بحث ڪرڻ جي موڊ ۾ هو.

جبار مشڪي چيو، ”اهو ڳجهہ رهڻ ڏي.“

”اسين ڏاريا آهيون ڇا؟“

”اهڙي ڳالهہ ناهي، باقي هونئن بہ اسين سڀئي سنڌي مجموعي طرح سان بيحس آهيون!

”باقي انفرادي ڳالهہ ڪهڙي آهي؟“

”اها تہ، ڪو ڪو اوهان جهڙو جيءُ بہ ان اجتماعيت ۾ انفرادي سوچ ۽ عمل ڪري وجهندو آهي قوم جي ڀلائيءَ لاءِ.“

گل محمد مشڪي چيو، ”پڌ يار جبار، آءٌ ”اوهان“ وارو تڪلف ڪڏهن بہ پالي نہ سگهندو آهيان. هونئن بہ ماڻهو ايئن تڪلف واري جار ۾ ڦاسي ڪڏهن ڪڏهن اهم ڳڻ بہ وڃائي ٿو ويهي ۽ ان وقت تہ هيڪاري ڏکيائي ٿي ٿئي، جڏهن هڪ جيڏا ۽ هم عمر آهيون سو يار مون کي معاف ڪجانءِ!“

طارق خان کلي چيو ”۽ ساڳي ڳالهہ جڏهن مان چوندو آهيان تڏهن بہ مون کان معافي وٺندو آهين.“

ان تي سڀني ٽهڪ ڏنا. گل محمد چيو، ”سچي ڳالهہ اها آهي تہ اوهان جي بارعب پرسلنٽيءَ اڳيان مرعوب ٿي هرڪو اوهان کي ”اوهان“ چوڻ تي مجبور ٿيو پوي.“

جبار ۾ نهاري چيائين، ”يار، قومن جي ذهن ۾ اٿل پٿل ۽ انقلاب جو سبب بہ تہ شروع ۾ اها انفرادي سوچ هوندي آهي جيڪا اجتماعيت کي متاثر ڪري مٿس حاوي ٿي ويندي آهي. سائين جي ايم سيد جي سوچ بہ پهرين انفرادي هئي پر پوءِ اها تقرير ۽ تحرير ۾ اچي قوم جي زبان بنجڻ واري مرحلي ۾ اچي وئي آهي، تنهنڪري تون انفراديت کي ٿڌي نٿو سگين.“

جبار چيو، ”منهنجي راءِ اها آهي تہ جڏهن گڏجي هڪ پليٽ

فارم تي اچي ڪنهن هڪ جي واتان اسٽيج تي مجموعي سوچ لفظن جي صورت ۾ چوائيندا سين تہ اها سوچ انفرادي نہ، بلڪ اجتماعي سوچ هوندي. مان انفراديت کي ڌڏيان نٿو، پنهنجي ڇڙوڇڙ ٿي وڃڻ جي ڳالهہ ٿو ڪريان جيئن اسين آهيون. باقي اسان کي جيستائين اها طاقتور زبان نٿي ملي تيستائين رڳو ڪوششون ڪرڻ مان ڪو هڙ حاصل نہ ٿيندو. سائين جي ايم سيد جو نظريو ۽ فلسفو بہ تون پاڻ ٿو چوين تہ قوم جي زبان بنجڻ جي مرحلي ۾ آهي. مان بہ ايئن ئي ٿو چوان تہ اهو مرحلو تڏهن طئي ٿيندو، جڏهن سائينءَ جي سوچ اجتماعي سوچ بڻبي ۽ اها طاقتور زبان بہ تہ اسان منجهان ئي ڪنهن جي هوندي ڪي نہ! ادا گل محمد آءٌ بحث براءِ بحث جو قائل ناهيان نہ ئي لفظن جي جادوگري منهنجو مقصد آهي.“

گل محمد مشڪي چيو، ”ڪراچيءَ جا مقامي سنڌي ڪهڙي لحاظ کان بيحس آهن؟“

جبار بہ مشڪي چيو، ”اصل حقيقت اها آهي تہ اسين ڪراچيءَ جا سنڌي سياسي طور لاوارث آهيون، اسان جو ڪوبہ والي وارث ڪونهي. بلڪل ايئن ئي بلوچستان جي سنڌين جو بہ سياسي طرح سان ڪو پرجهلو ناهي. انهن جي حالت بہ ساڳي اسان جهڙي بلڪ اجان بہ خراب آهي. اهوئي سبب آهي جو اتي پنهنجا علائقا ۽ ڌرتي هوندي بہ اهي بيوس ۽ لاچار آهن. انهن جي زبان کي اتي جي زبان طور تسليم نٿو ڪيو وڃي. اتي جي ريڊيو ۽ ٽي وي تي بلوچي، بروهي ۽ پشتو کي وقت مليل آهي ۽ انهن جا پروگرام نشر ۽ ٽيلي ڪاسٽ ٿين ٿا، پر سنڌي ٻوليءَ کي ڪو وقت ڪو حق ناهي اتي. چو، انهن ٽن ٻولين ۾ ڪهڙي خاصيت آهي؟ جو سنڌي ٻولي کان انهن کي وڌيڪ اهميت ۽ حق مليل آهن؟ سنڌي ٻولي ڪيڏي عظيم ۽ قديم آهي ان کي ڇڏي اهو ڏسو تہ بلوچستان ۾ سنڌي ٻولي ٻي هنڌان آيل ناهي، اتي سنڌي ٻولي

ڳالهائيندڙ سنڌ مان ناهن آيا، اتي اهو غلط تاثر ڏنو وڃي ٿو تہ "سنڌي" معنيٰ سنڌ جا رهاڪو جڏهن تہ حقيقت ان جي برعكس آهي سنڌي ڳالهائيندڙ ان ئي ڌرتيءَ جو اولاد آهن جيڪي هزارين سالن کان پنهنجي قديم زرخيز ۽ خزانن مان ڀريل زمينن جا ڌڻي آهن. بلوچستان ۾ 26 ضلعا آهن، جن مان هرهڪ لسٻيلو، بولان، جعفرآباد، جهل مگسي، نصيرآباد ۽ سبي نج سنڌي ڳالهائيندڙ ضلعا آهن جڏهن تہ خضدار، مستونگ، ڪيچ، گوادر، خاران، ڪوهلو، ڊيرا بگٽي، موسيٰ خيل، پنجگور ۽ ڪوئيٽا ۾ بہ وڏي تعداد ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ رهن ٿا، يعني بلوچستان جي 26 ضلعن مان 18 ضلعن ۾ سنڌي بولي ڳالهائي ويندي آهي، پر تازي صورتحال اها آهي تہ بلوچستان ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن کي ايترو تہ پيڙيو ۽ هيسايو ويو آهي جو هو پاڻ کي سنڌي چوائيندي بہ ڊڄن ٿا تہ متان کنهن کي خبر پوي.... ۽ پوءِ لازمي طور سندن لاءِ نوڪرين جا دروازا بند ٿي ويندا. هونئن بہ بلوچستان ۾ کنهن وڏي پوسٽ تي پهچڻ سنڌي ڳالهائيندڙ لاءِ ممنوع آهي. اهو بہ سڀ نهيو پر هاڻي تہ اتي اها افسوسناڪ صورتحال آهي جو اهي مشهور سنڌي ذاتيون جيڪي چاتل سڃاتل آهن، اهي بہ خوف ۽ حراس مان پاڻ کي "بلوچ" تيون سڏائين. مثال، موندره، رونجها، چاموٽ ۽ ڪي ٻيا، ڪل ايندي آهي مون کي جڏهن هو پاڻ کي موندره بلوچ، رونجها بلوچ ۽ چاموٽ بلوچ چوندا ۽ لکندا آهن. رونجهن جو تہ لطيف بہ ذکر ڪيو آهي پر ڪين بلوچ نہ چيو آهي:

"واهين سڪا سانگ پري، چوٽاٽي سين چوٽ،<br>
ڏيو ڏان ڏڏن ڪي، سپڙ سخي ڏي،<br>
ان راهہ متي رونجهي، ماٽڪ اڇليا مينهن جيئن."

يا

پيو ليٽين لٽ، سڄيون راتيون سمهين،<br>
اٿي آڏيءَ نہ ڪرين، سپڙ ساڻ سهٽ،<br>
رونجهي رات اپٽيا، پيٽنئون پاٽيٽ،<br>
ميڙي تيان مٽ، چوندي پريا چارٽين.

لطيف بادشاهه ڪٿي بہ ڄام سپڙ ڪي جيڪو لس ٻيلي جو حاڪم هو ۽ جنهن جي وَراڻ "چوٽاڻي" ۽ ذات "رونجهو" هئي ان کي ڪنهن بہ هنڌ "بلوچ" نہ چيو آهي ۽ جيئن تہ هو لس ٻيلي جو حاڪم هو سو ڪيس "ٻيلي ڌڻي" چيو آهي باقي "بلوچ" نہ! ۽ اڄ اهي ئي رونجها الائي ڪهڙي احساس ڪمتري ۾ وڪوڙجي پاڻ کي "رونجها بلوچ" تا سڏائين ۽ ان مان ئي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هو ڪيتري پريشر ۾ آهن ۽ احساس محرومي ڪيتري آهي جو پنهنجي ذات سڏائيندي بہ ڪين ڄڻ تہ لڄ ٿي اچي."

زاهد چيو، "جبار بلڪل صحيح ٿو چوي مان بہ انهن ئي پٽن جو رهواسي آهيان ۽ واقف ۽ شاهد آهن انهن هاڃن جو."

جبار حيرت مان زاهد کي ڏٺو تہ هن چيو، "ها جبار، مان بلوچستان جو سنڌي آهيان ۽ اٿل ۾ ٿو رهان."

جبار ڪلي گل محمد ۽ علي حسن کان پڇيو، "۽ اوهان ٻئي؟"

گل محمد چيو، "آءٌ لاڙڪاڻي جو آهيان!" علي حسن چيو، "۽ آءٌ حيدرآباد جو."

گل محمد چيو، "زاهد، جبار جيڪو ڪجهه ٻڌايو آهي اهو تہ تو ڪڏهن بہ نہ ٻڌايو؟"

زاهد ڪلي چيو، "هن کان اڳ اهڙو موقعو ڪڏهن آيوئي نہ هو ۽ ٻيو تہ شايد آءٌ جبار جهڙو ذهين بہ ناهيان."

جبار ڪلي چيو، "سنو ٿيو ڪو يار تہ منهنجو بہ پرجهلو ٿيو!"

گل محمد مشڪي چيو، "اسين سيئي هڪ ٻي جا پرجهلا آهيون، باقي ڪراچيءَ جي سنڌين کي تو ٻيحس ڪهڙي حساب سان چيو؟"

طارق خان ٺهڪ ڏيئي چيو، "جبار، سنيال ڪجين صحافي چچڙ ٿيندا اٿئي."

۽ سيني ۾ نهاري طارق خان چيو، "منهنجو خيال آهي تہ جبار ۽ گل محمد کي هڪ هڪاٽي جو موقعو ملڻ گهرجي."

جبار ڪلي چيو، "صحافي آهن تہ واقعي مچڏو" ۽ پوءِ پوڳ مان ڪلي نعرو هنيو، "يا علي مدد!!"

سيئي کلڻ لڳا. گل محمد چيو، ”الائي ڇو، صحافي هن ملڪ ۾ بدنام آهن. جڏهن ته اهي صحافي ئي آهن جيڪي پنهنجي جان جوکم ۾ وجهي ۽ ڪڏهن ته وڃائي به سچ ۽ حقيقتون اڳيان آڻين ٿا.“

جبار کلي چيو، ”يار، تون گهرائيءَ ۾ نه وڃ. مون کي پنهنجي عزت پياري آهي.“

گل محمد رسندي چيو، ”وري ساڳي ڳالهه، ڇا اسين صحافي عزت وارن جون عزتون لاهيون ٿا؟“

طارق خان کلي چيو، ”جبار، صحافيءَ سان وير رکڻ جو مطلب ته سمجهين ٿو نه؟“

سيئي ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. گل محمد جو ٺهڪ سيني کان بلند هو. چيائين، ”معنيٰ، اسين واڳون آهيون؟“

جبار سنجيده ٿي چيو، ”اها ڳالهه لڪل ناهي ته سنڌي صحافيءَ جو ڪردار سدائين سنڌي قوم لاءِ عزت جو باعث رهيو آهي. پوءِ اهو ٻوليءَ جو مسئلو هجي يا پاڻيءَ جو، يا ڪو ٻيو قومي مسئلو، سنڌي صحافي سدائين سرخرو رهيو آهي.“

گل محمد کلي ساڻس هٿ ملائي چيو، ”ٿينڪ يو يار. ايئن حوصلو ڏي ته ڪا ڳالهه به بڻجي نه.“

علي حسن چيو، ”باقي جبار يار، مون کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي جڏهن تو زاهد کي پنهنجي علائقي سان تعلق هجڻ جي بنياد تي پنهنجو پرجهلو ڪوٺيو. جڏهن ته اسين سيئي سنڌي آهيون.“

جبار کيس بيتڪلفيءَ مان چيو، ”ٻڌ علي يار، اها به بلڪل ايئن ڳالهه ٿي، جڏهن هتي ڪنهن غير سنڌيءَ کان پڇبو آهي ته ”تون ڪير آهين؟“ ته هو چوندو آهي، ”پاڪستاني آهيان!“ جڏهن ته ملڪ کان ٻاهر اها سڃاڻپ تي سگهي ٿي، پر جڏهن هو ملڪ جي اندر آهن تڏهن ڪين پنهنجي علائقي ۽ قوم جي سڃاڻپ ڪرائڻ گهرجي جيئن، پنجابي، پٺاڻ يا ڪو ٻيو ۽ هاٽي ته برمي، بنگالي، افغاني، هندوستاني ۽ الائي ڪهڙا ڪهڙا رولو! ايئن ئي جڏهن اسين سنڌي به پنهنجا پاڻ ۾ هوندا آهيون ته علائقي جي باري ۾

پڇڻ، يا هڪ ئي علائقي جو هئڻ سان خوشي محسوس ڪرڻ فطري ڳالهہ آهي.“

علي حسن چيو، ”پر يار اها هڪجهڙائي ڪرڻ ۽ غير سنڌين وارا مثال ڏيڻ هتي نهي ننو؟“

”ڪيئن؟“

مير محمد جيڪو يڪو ماٺ ۾ جبار جي ڳالهين مان متاثر پي لڳو ان جبار کان اڳ جواب ڏنو تہ علي حسن چيو، ”ادا مير محمد، اهو ايئن جو ڪراچي ۽ حيدرآباد جو سنڌي هڪ ئي جهنم ۾ ٻري ٿو ۽ سندس لاءِ وڪ وڪ تي ساڳي ڏٻڻ آهي. ڇو جو اسان جا ڏک ۽ سک، مونجهارا ۽ حل، قيد ۽ نجات هڪ ئي آهي. مان جڏهن سنڌ جي حقن جي ڳالهہ ڪندو آهيان تہ اها سڀني سنڌين لاءِ هوندي آهي نہ ڪي رڳو حيدرآباد لاءِ.“

جبار مشڪي چيو، ”زاهد جو منهنجي علائقن سان واسطو هئڻ جي ڪري جيڪو پنهنجائپ جو احساس ايري ٿو اهو ساڳيو احساس توکي بہ ائين ئي ايرندو هوندو جڏهن توکي بہ ڪٿي پنهنجي علائقي جو ماڻهو ملندو هوندو! ان جو اهو مطلب ناهي تہ ڪو اهو احساس سوچ کي محدود ڪري ٿو. بلڪل هڪ قوم جا حق ان سان سلهاڙيل، ڳنڍيل هر ماڻهو جا حق هوندا آهن ۽ اهو هر ان ماڻهوءَ جو فرض آهي جيڪو باشعور آهي تہ هو پنهنجي ماڻهن ۾ سجاڳي آڻي ۽ کين پنهنجي حقن جي آگاهي ڏي.“

گل محمد مشڪي چيو، ”پر جڏهن هڪ ئي قوم جا ماڻهو ٻن صوبن يا ملڪن ۾ هجن تہ ڇا ڪرڻ کپي؟“

جبار چيو، ”اهوئي تہ منهنجو اصل موضوع آهي، تہ انهن کي اتي ئي پنهنجي حقن لاءِ جاکوڙ ڪرڻ کپي ڇو جو هو اتي ڪٿان ٻي علائقي مان آيل ناهن، پر هو تہ ڌرتيءَ جا فرزند آهن ۽ صدين کان پنهنجي زمين ۽ ٻولي سميت اتي رهيل آهن. گل محمد، تون جي هڪ سچو صحافي آهين تہ مان بہ پنهنجي قوم جو سچو ۽ وفادار فرد آهيان ۽ منهنجا جذبا تڏهن ٿهڪڻ تا لڳن جڏهن مان پنهنجي ماڻهن کي پنڌ پهڻ ٿيندي سيئي سور سهندي ڏسندو آهيان.

آءٌ چاهيندو آهيان تہ منهنجي سڄي قوم ايئن ئي تپي ۽ گرم ٿيئي ۽ ڪين پنهنجي ماڻهن جي ڏک ۽ بک جو سيڪ ايئن ئي اچي جيئن ڪنهن حساس قوم پرست کي ٿيندو آهي، پر مان جڏهن ان جو ابتو ردعمل ڏسندو آهيان تہ اها ڦهري سوچ ڪرُ ڪٽندي آهي تہ ضرور هيءَ قوم ايئن ئي پنڌ پهڻ ٿي دنيا لاءِ عبرت جو نشان بنجي پوندي ۽ لڪين ڪروڙين سالن کان پوءِ جڏهن اسان جي قوم جي پٽريل جسمن لاءِ ڪو پڇندو، سوال ڪندو تہ "هي ڪير هئا؟" تہ اتي ڪو باشعور ماڻهو چوندو. "هيءَ اها قوم هئي، جيڪا پنهنجي بقا ۽ زنده وجود لاءِ وڙهي نہ سگهي ۽ نابود ٿي وئي."

"ايئن تہ آهي واقعي!"

مير محمد جبار جو پرُ وٺايو، گل محمد چيو، "بڌ جبار يار، آءٌ اخباري دنيا جو ماڻهو آهيان، صحافي آهيان معنيٰ خبرن ۽ اطلاعن جي شهہ رڳ تي ويٺل، اهو ٿو اوهان کي اطلاع ڏيان تہ اڳ وارا ظلم ۽ هاجا تہ ان جي مقابلي ۾ ڪجهہ بہ ناهن جيڪي هاڻي ٿيڻ جا سانپاها ٿي رهيا آهن، انهن جو تہ ڪو مثال ئي نہ هوندو. قانون بنائي اسان جي ٻولي ۽ زمين ڪسي پيئي وڃي."

جبار نهايت سنجيدگيءَ مان چيو، "واقعي بہ توکي گهٽي معلومات هوندي پر هتي جيڪي اسان سان هاجا پيا ٿين ۽ اهي بي آواز زلزلا جيڪي اسان کي فزيڪلي ٽچ پيا ٿين اهي ڪي گهٽ اهميت وارا آهن ڇا؟ سڀ کان اهم ڳالهہ تہ اسين هتي ڪراچي ۾ ٿورائيءَ ۾ ناهيون! جيئن اسان کي ڏيکاريو ۽ ٻڌايو ٿو وڃي! هڪ تہ جڏهن ڳڻپ ٿيندي آهي تہ هٽ وٺي اسان کي گهٽ ڳڻيو ويندو آهي ۽ ٻيو تہ ايم اين اي ۽ ايم پي اي جا تڪ يا سيڪٽر ايئن پنهنجي مرضيءَ سان بنائيندا آهن جو اسان جي ڳوٺن ۽ علائقن کي ڇڙوڇڙ ڪري غير سنڌين جي علائقن سان ڳنڍي اسان جو زور، طاقت ۽ ووٽ غير اهم ڪري ڇڏيندا آهن، جنهن جي ڪري اسين ڪابہ سيٽ کٽي نٿا سگهون. هي همراهہ جيڪي 28، 29 سيٽون ڪراچي مان چالاڪيءَ سان صوبائيءَ جون کٽندا آهن، اها نسوري ناانصافي آهي، ڪراچيءَ جا تڪ صحيح بنايا وڃن تہ

جيڪر ڪيئي سيئون اسان ڪٿون! حيرت جي ڳالهہ اها آهي نہ ڪنهن بہ سنڌي سياستدان ان پاسي ڪڏهن ڪو ڌيان ۽ توجهہ نہ ڏني آهي. ڪراچيءَ جي سنڌين ڪي ڪڏهن بہ ڪنهن سنڌي سياستدان نظر هينيان نہ آندو آهي. پر جي هو ايڏانهن ڌيان ڏين تہ سندن ئي فائدو آهي. باقي اسين ڪراچيءَ جا سنڌي، انڌي جهڙي پيڪين تهڙي ساهرين وانگيان آهيون. سنڌي حڪومت ۾ هجن يا غير سنڌي ساڳي ڳالهہ آهي. هرڪو پنهنجا پيٽ ڀري هليو ويندو آهي. ڪيتريون سنڌي حڪومتون آيون؟ پر آيو ڪو غريبن جي حالت ۾ فرق؟ مان تازو ڀٽ شاهہ ويو هئس سڄي سنڌ پڙپانگ لڳي پئي آهي. روڊ جا ٻئي پاسا غربت جي واضح صورت ڏيکاري رهيا هئا. هر ماڻهو ڏتڙيل ۽ بيوس نظر آيو! حد اها جو لطيف بادشاهہ جيڪو سنڌ جو قومي شاعر قرار ڏنل آهي ان جي مزار مٿيءَ مان پريل، ميري ننڍڙڪي نظر آئي. مون کي تہ اتي لطيف نهايت هيڻو، غريب، اداس ۽ مايوس لڳو، پنهنجي شاعريءَ جي ابتڙ، جتي هو مست، سگهو ۽ اڏول آهي. ٻيو تہ ٺهيو پر اتي هڪڙو بہ اهڙو روڊ نہ هو جتان ماڻهو سڌو مين گيٽ کان سامهون بادشاهہ وٽ پهچي ڪيس سلام ڪري سگهي. خوبصورت روڊ ۽ پاسن کان گلاب هجڻ تہ خواب آهي، پر مزار ڏسي ائين لڳو جڻ جيئن سنڌ جي سجاڳ بادشاهہ غلام شاهہ بنايو آهي، ايئن ئي آهي باقي وقت گذرڻ سان هو ميرو ۽ گدلو ضرور ٿيو آهي. مطلب تہ جهڙا هيڻا ۽ غريب ماڻهو تهڙو ئي هيڻو ۽ غريب سندن شاعر، جڏهن تہ لطيف جي شاعري ۽ خيال کي پهچڻ لاءِ پوري پرٿوي ۾ ڪو هڪ بہ ناهي، پر سندس قوم جي بي حسيءَ کيس بہ ويچارو ۽ پروس بنائي ڇڏيو آهي. حالانڪہ سندس پنهنجي ڪمائي بہ ايتري آهي جيڪا سندس مزار کي وسيع ۽ خوبصورت بنائي پر ساڳي ڳالهہ تہ اڏول ۽ اڙٻنگ شاعر پنهنجي بي حس قوم جا ڪيتا پيو لوڙي."

سيئي جبار کي توجهہ سان ٻڌي رهيا هئا. گل محمد چيو، "چڱو ٿيو جو اڄ هتي آياسين جو هڪ پرجوش، غيرتمند ۽

خوبصورت نوجوان سان ملڻ جو شرف حاصل ٿيو.“
جبار چيو، ”عزت افزائيءَ لاءِ وڏي مهرباني.“
طارق خان جيڪو ڪين يڪو خاموشيءَ سان ٻڌي رهيو هو اهو اٿيو ته سڀئي اٿڻ لڳا. طارق خان چيو، ”اوهان ويهو مان اچان ٿو.“
طارق خان جي وڃڻ کان پوءِ علي حسن چيو، ”يار، اردو ٻوليءَ جي ڪري ته اسين ڏاڍا ڏکيا آهيون.“
گل محمد هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻي چيو، ”پاڪستان ۾ اردو ٻولي ڪنهن به حساب سان قومي ٻوليءَ جي حيثيت نٿي وٺي سگهي. قومي ٻوليون اهي ٿينديون آهن جيڪي ان ملڪ ۾ وسيل قومون ڳالهائينديون آهن. جيئن هن ملڪ جون قومي ٻوليون سنڌي، بلوچي، پنجابي، سرائيڪي ۽ پشتو وغيره آهن. دنيا ۾ ڪيئي ملڪ آهن جتي جيتريون ٻوليون ڳالهائيون وينديون آهن اهي قومي ٻوليون هونديون آهن جيئن سئيٽزرلينڊ ۾ چار قومون آهن ته اتي اهي چار ئي زبانون قومي زبان جو درجو رکن ٿيون. باقي انگريزي ته هونئن ئي انٽرنيشنل زبان آهي، ان تي ته جنهن کي به عبور حاصل هوندو اهو مفيد آهي. باقي هن ملڪ ۾ اردو کي استحصالي قوتن پنهنجي اقتدار قائم رکڻ خاطر قومي زبان بنايو آهي.“
جبار ڏک مان چيو، ”هن انفارميشن ٽيڪنالاجي واري صديءَ ۾ جتي انٽرنيٽ ۽ اي ميل جهڙا وسيلا ماڻهو کي ميسر آهن. ان ساڳي صديءَ ۾ سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي ٻوليءَ تي جديد هٿيارن سان ڪاري وارو پيو ٿئي. ڪمپيوٽرائيزڊ قومي سڃاڻپ ڪارڊز مان سنڌي ٻوليءَ جو خاتمو دراصل سنڌي ماڻهو جو سنڌ مان خاتمو آهي. سڃاڻپ ڪارڊز کي اردو ۾ ڪرڻ سان ظاهر آهي نج سنڌي نالا جن ۾ ڏ، ڄ، ڃ، ٻ، ڻ، ڳ ۽ ڱ هوندو جيئن وڏل، ڏونگر، ڄاروڪو، ڄيامو، ٻيروڪو، ٻبري، سڄڻ، ڏڱاڻو، اڱاريو، ڳهريلو، اڳڙا وغيره مطلب ته اهڙن نج سنڌي نالن ۽ ذاتين جي اسپيلنگ غلط هجڻ ڪري ڪورٽ، روينيو، ٿاڻو، پراپرٽي ۾ پرابلم ٿيندا. نالي

جي غلط اسپيلنگ هڻڻ ڪري ووٽر لسٽ جي آڌار تي ووٽ ڏيئي نہ سگهبو، فوتي ڪاتا تبديل ڪري نہ سگهبا، نالو، ذات، ديهہ، محلو، ڳوٺ، ڳلي، شهر، پوسٽ آفيس يا ان کان علاوه انفارميشن جيڪڏهن ان شخص جي پرائمري، ميٽرڪ، ڊوميسائيل جائيداد جي انفارميشن سان نٿي ملي تہ اهڙي سڄاڻپ ڪارڊ کي يا تہ جعلي تصور ڪيو ويندو يا ان کي قبول نہ ڪيو ويندو ۽ تنهنجي ٿي ڳالهہ وانگيان اسين ازل ابد کان ساهو آهيون."

علي حسن چيو، "نہ يار، هاڻي سهڻ جون حدون گذري ويون آهن. هاڻي ڪجهہ ڪرڻ کپي! بلڪہ ڪا تحريڪ هلائڻ گهرجي."

جبار چيو، "ڪير هلائيندو اهڙي تحريڪ؟ مون کي تہ ڪوبہ نظر نٿو اچي! اسان جي ليڊرن کي پنهنجن مفادن کان علاوه ٻيو ڪجهہ بہ نظر نٿو اچي، انهن تي ڪهڙ آسرا رکجن! هتي ڪراچيءَ ۾ تہ اهڙو ڪوبہ نٿو سجهي جيڪو سياسي طريقي سان اهڙي تحريڪ کي هلچل ۾ آڻي، اڳتي اوهان جي مرضي! ڪراچيءَ ۾ سنڌين سان ٿيل هاڃن کان تہ ڪوبہ سنڌي واقف ناهي. ڪراچيءَ جون سيئي قديم ۽ اصلي وسنديون سمورين بنيادي سهوليتن کان محروم آهن. تعليم ۽ صحت جو اتي ڪوبہ بندوبست ڪونهي، ڳوٺن ۾ ڪاليج ليول تي تہ نهيو پر مئٽرڪ ليول تي بہ تعليم جي سهوليت ناهي. باقي هڪڙي ڳالهہ تہ اوهين بہ مڃيندا تہ ڪوٽا سسٽم نافذ ٿيو پر ڪراچيءَ جي ڊٽزيل ۽ ابوجهہ مقامي سنڌين جو حال اجهو ساڳيو رهيو، "جنين لاءِ مياس، اهي ڪلهي ڪانڌي نہ ٿيا!" اوهان بہ اسان کي وساري ڇڏيو ۽ اسين رڳو ڪراچيءَ ۾ رهڻ ڪري، شهري ڪاتي ۾ اچي وياسين. يعني، "ڌوبيءَ جو ڪتو نہ گهر جو نہ گهاٽ جو." يعني ڪراچيءَ جي سنڌين کي اڪين جو ڏئو ۽ پيٽ جي بک آهي. عاليشان عمارتون، شاندار بنگلا، وڏيون اسپتالون، ڪاليج، يونيورسٽيون، شاپنگ سينٽر، عظيم پلازه، فلاءِ اوور الائي ڇا ڇا، منهنجو هڪڙو دوست ٻاهران آيو، ڪراچي کي ڏسي خوشيءَ مان چيائين، "تون وڏو خوشنصيب آهين جو ايڏي وڏي شهر ۾ تو رهين." چيم، هن شهر مون کي ڪجهہ بہ نہ ڏنو

البتہ مون کان کسيو سپ کجھہ آهي.“ چيائين، ”هيڏي ترقي، هيڏيون روشنيون، کلهہ جتي جهوپڙي هئي اڄ اتي عظيم پلازه آهي.“ چيم، ”ها کلهہ اتي منهنجي جهوپڙي هئي اڄ اتي پرائو پلازه آهي جتي پير رکڻ جڻ ڪاريءَ تي پير پوڻ جي برابر آهي ۽ منهنجي جهوپڙي بہ جهري وئي ۽ آءٌ دربدر ۽ جلاوطن ٿيو پيو هلان ۽ رلان. انهن روشنين ۾ منهنجو ڪهڙو حصو آهي؟ منهنجون وسنديون تہ اڄ بہ اونداهين جو مسڪن آهن. چيائين، ”شهر تہ سنڌ جو آهي ۽ ايئن ئي جي سنڌ جا سيئي شهر خوشحال ٿي ويندا تہ سڄي سنڌ خوشحال ٿي ويندي.“ چيم، ”مون کي سنڌ خوشحال نٿي گهرجي. مون کي سنڌي ٿا خوشحال گهرجن.“

جبار ماٺ ڪئي تہ سيئي هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏي سندس تائيد ڪرڻ لڳا. گل محمد مشڪي چيو، ”جبار، يار، ڏک نہ ڪرين تہ هڪ ڳالهہ چوان؟“

جبار چيو، ”ڏک ڪهڙو! پنهنجا پاڻ ۾ آهيون.“

گل محمد چيو، ”ڏس يار، سچ بہ پنهنجا پاڻ ۾ آهيون. تون چوين ٿو تہ ڪراچيءَ جا مقامي ماڻهو بيروزگار آهن. بکيا ڏکيا آهن! پر هتي ڪراچيءَ ۾ ڪٿان ڪٿان ڪان ماڻهو ايندا آهن. تون پاڻ بہ ڏسين ٿو تہ ٿڌي ۽ برفاني علائقن جا ماڻهو بہ هتي اچي تندورن ۾، لوهہ ڳارڻ وارن ڪارخانن ۾ سخت گرمي ۾ اس ۾ ڪڏن ڪوٽڻ ۽ جايون اڏڻ ۾ مشغول نظر ايندا آهن. ڇا ڪراچيءَ جي مقامي سنڌين ڪي اهي مزدوريون ۽ اهڙا ڪم بہ نٿا ملن؟ جو هو بکيا ۽ ڏکيا آهن!“

گل محمد ايئن مشڪي سيني ڏانهن نهاريو جڻ هن جبار کي لاجواب ڪري فتح ڪيو هجي. جبار ساڳي سنجيدگي سان جنهن سنجيدگي سان هو گل محمد کي ٻڌي رهيو هو چيو، ”نيڪ آهي گل محمد، تون بہ پنهنجي جاءِ تي صحيح آهين. پر يار، هر قوم جو پنهنجو ڏار مزاج ٿيندو آهي، جيئن انليٰءَ جا ماڻهو هر ڪم ڪن ٿا ۽ هو ڪنهن بہ ڪم ڪرڻ ۾ عار ۽ پنهنجي بيعزتي نٿا سمجهن ۽ اتي نوڪري نہ ڪرڻ وارو ڪلچر آهي. جڏهن تہ فرانس ۽ جرمنيءَ

جا ماڻهو انهن کان گهڻو مختلف آهن ۽ اهي پنهنجي پسند ۽ حيثيت مطابق ڪم ڳوليندا آهن. جرمني ميڪڊانلز ۾ ڪم ڪرڻ وارا اڌ کان مٿي غيرملڪي آهن، ڇو جو جرمنيءَ جا ماڻهو "ميڪڊانلڊ" ۾ ڪم ڪرڻ کي عيب ٿا سمجهن بلڪل ايئن ئي اسان جا ماڻهو بہ پنهنجي پسند ۽ مزاج جي خلاف ڪم نٿا ڪن. جيئن اوهان جي پاسي جو پهاڪو آهي تہ، "مرسون مرسون پر ڏيپ نہ چرسون!" سو، اسان جا ماڻهو بہ شايد ايئن ئي ٿا سوچين. هونئن قدرت بہ اسان تي ڪڏهن مهربان نہ رهي آهي. اسان جا ماڻهو قابل ۽ ذهين آهن پر انهن وٽ وسيلا ۽ موقعا ناهن!"

طارق خان اوطاق ۾ ايندي چيو، "اوهان جا بحث ختم ٿيا يا نہ؟"

گل محمد چيو، "طارق خان، سچ تہ جبار ڪراچيءَ جي سنڌين جو حق ادا ڪيو آهي. واقعي بہ اسين هڪ ٻي جي مسئلن ۽ حالتن کان بي خبر آهيون. ان جو احساس جيترو اڄ مون کي ٿيو آهي اوترو اڳ ڪڏهن بہ نہ ٿيو!"

زاهد ڪلي چيو، واقعي جبار وڻ وجائي ڇڏيا آهن. شال جيئرو هجي!"

مير محمد جذباتي ٿي "آمين" چيو. جبار مشڪي زاهد کي چيو "يار زاهد، شرمندو نہ ڪر!"

سيئي کلڻ لڳا. طارق خان جا نوڪر ماني کڻي آيا. ماني کائي سيئي هڪ ٻي کي وري ملڻ جي تاڪيد ڪري گرم جوشيءَ سان موڪلائي هليا ويا. گهر ۾ اندر اچڻ شرط، مير محمد جيڪو اوطاق ۾ يڪو ماٺ هو ڪلي چيو، "ماسي، جبار تہ دل خوش ڪري ڇڏي."

امير بيبيءَ مشڪيءَ چيو، "ٻيو وري ڪهڙو ٿو ڪم ڪري جبار، هڪڙو گهمڻ ٻيو بحث ڪرڻ."

سيئي کلڻ لڳا. طارق خان چيو، "ايئن ناهي پڦي، جبار لائق آهي."

طارق خان کين زوريءَ رات رهايو ۽ سڄي رات ڪچهري

ڪيائون. صبح جو موڪلائڻ مهل امير بيبيءَ شهناز کي ياڪر پائي اچڻ جي سختيءَ سان تاڪيد ڪئي، ”ابا طارق خان، ڏيءَ شهناز کي شاديءَ کان ڪجهه ڏينهن اڳ وٺي اچجين. ايئن نه جو سيالن جيان شاديءَ جي ڏينهن ديڳ رڌيءَ مهل وٺي اچين؟“

سيني ڪلي هڪ ٻي سان موڪلايو ته امير بيبيءَ گاڏيءَ ۾ ويهندي به طارق خان کي شهناز کي آڻڻ جو چيو ته طارق خان وڏو ٺهڪ ڏيئي چيو، ”ماسي، منهنجو فرض آهي ڪيس چوڻ، اچڻ نه اچڻ سندس مرضي، گهلي آءٌ به گاڏي ۾ ڪونه وجهندوسانس.“

وري به سيني جا ٺهڪ ٿڙي پيا.

## باب پنجون

حمل خان جي حويليءَ ۾ پٽ جي شادي جون وڏيون تياريون هيون. طارق خان ۽ شهناز جي اچڻ سان امير بيبيءَ جي دل باغ بهار هئي. "ڏسو، هاڻي منهنجو گهر ڪيئن نہ پيو سونهين."

امير بيبيءَ جا پائر صالح محمد ۽ فتح محمد ۽ ڀيڻ نور بيبي ٻارين ٻچين پهتل هئا. حمل خان جيئن تہ پاڻ اڪيلو ئي هو پر سندس سئوٽ پائرن ڪان بہ وڌ هئا. اهي بہ گهرن سميت حمل خان وٽ هئا. ڏاڍي رونق ۽ هل هنگاما لڳا پيا هئا. طارق خان رات جو آيو هو. شهناز ڪي اندر حويليءَ ڏانهن اماڻي پاڻ اوطاق ۾ هو. حويليءَ ۾ ماين جا هجوم ۽ ٻارن جو ڪا وڙو لڳو پيو هو ۽ اوطاق ۾ ايندي ساڻ طارق خان ستار ڪان پڇيو، "مهراب خان ڪٿي آهي؟"

ستار انهرو تي چيو، "ادا مهراب خان تہ الائي ڇو اسان وٽ هڪ پيرو بہ نہ آيو آهي!"

"ڇو، ڪهڙي سبب؟"

"الائي، مان بابا ۽ جبار وٽس بہ ٽي پيرا ويا آهيون."

طارق خان پنهنجي گاڏيءَ ڏانهن ويندي چيو، "نيڪ آهي مان هينئر وٽس وڃان ٿو."

ڪيس گاڏيءَ ڏانهن ويندي ڏسي پري ڪان حمل خان چيو، "ڪيڏانهن، وري ڪراچي پيو وڃين ڇا؟"

طارق خان کلي چيو، "نہ چاچا، مهراب خان ڏانهن پيو وڃان."

ويجهو اچي حمل خان انهرو تي چيو، "پٽ، شاديءَ ۾ هاڻي وڃي بہ ٽي ڏينهن بچيا آهن، مهراب خان اڃان منهن بہ نہ ڏيکاريو آهي."

"ان لاءِ ئي تہ پيو مهراب خان ڏانهن وڃان."

۽ طارق خان پنهنجي لينڊ ڪروزر ۾ روانو ٿيو ۽ ستار ۽

حمل خان ڪيس ويندو ڏسندا رهيا.

مهراب خان، طارق خان کي ڏسي خوشيءَ مان ٽڙي پيو ۽ ڪيس وٺي اندر حويليءَ ۾ آيو. عزيز جان ۽ تاج بيبي پڻ ڪيس ڏسي ڏاڍيون خوش ٿيون.

عزيز جان ساڻس ملي اداس لهجي ۾ چيو، ”پٽ، سنو ٿيو جو تون آئين، آءٌ صفا اپاڻڪي ٿي وئي هئس. اصل ڪابہ ڳالهہ سمجهہ ۾ ئي نٿي اچي.“

”پڪي، سوچيندو تہ روز آهيان اوهان ڏانهن اچڻ لاءِ پر هتي بہ هزارين ڪم آهن. روز نئون ڏيچڪو ۽ ڏمچر هوندو آهي.“

”بيشڪ پٽ، پر ڪڏهن ڪڏهن اسان ڏانهن اچڻ ڪي بہ ڪم ئي سمجهي ايندو ڪر.“

سيني سان خير خيريت ڪرڻ ڪان پوءِ مهراب خان ڪيس پنهنجي ڪمري ۾ وٺي آيو.

”ڪڏهن آيو آهين؟“

”هينئر صفا هينئر، ايندي ساڻ تنهنجي لاءِ پڇا ڪيم تہ خبر پئي تہ تون....“

طارق خان پنهنجي ڳالهہ اڌ ۾ روڪي مهراب خان کي بيحد اداس ۽ انهرو ڏسي چيو، ”ڇا ڳالهہ آهي مهراب خان، منهنجي ٻڌائڻ جهڙي هجي تہ ٻڌاءِ نہ تہ نهيو.“

”ايئن ڪيئن ٿو چوين طارق خان، مون ڪڏهن بہ توکان ڪا ڳالهہ لڪائي آهي؟ منهنجو ڪوبہ ڀاءُ ڪونهي، پر توسان ملڻ کان پوءِ مون ايئن ڀانيو تہ مان ڪڏهن بہ اڪيلو نہ آهيان. منهنجو بہ هڪ ڀاءُ آهي پر تون تہ مون کي ڀائرن کان بہ مٿي آهين.“

”پوءِ؟“

”امان سدائين مون سان بيواجبيون ڪندي ٿي اچي.“

”پڪي عزيز جان بيواجبيون ٿي ڪري، اهي بہ توسان، جيڪا منهنجي خيال ۾ ڪنهن غير سان بہ بيواجبي نٿي ڪري سگهي. توکي ضرور ڪا غلط فهمي ٿي آهي.“

”ٻڌ.....“

مهراب خان ايترو چئي ماٺ ڪئي تہ طارق خان سندس منهن ۾ نهاري چيو، ”ڇا آهي ايترو اداس ۽ نراس ڇو آهين؟“
مهراب خان ٿڌو ساهہ کڻي ڪنڌ صوفي تي لاڙي چيو، ”تاجان سان شادي ٿيڻ کان اڳ مون امان کي جانيءَ لاءِ چيو هو، پر امان پنهنجي ضد تي قائم رهي تہ تنهنجو مڱڻو ٿيل آهي.“
”اها ڳالهہ آهي بہ تہ سچي، جنهن گهر ۾ تنهنجو مڱڻو ٿيل هو اتان ئي ٻيو سڳ گهرڻ، آهي تہ عجيب بلڪہ ناممڪن ڳالهہ، پر تون تہ شاديءَ مهل ڏاڍو خوش هئين!“
”ها خوش هئس پر پوءِ خبر پئي تہ مون اهو نہ رڳو ٻين کي تي دوکو ڏنو پر پنهنجي پاڻ کي بہ، بلڪہ ڄڻ ڌتاريو هيم پاڻ کي..... تاجان ڪڏهن بہ منهنجي اندر ۾ جهاتي پائي نہ ڏٺو. منهنجي اهميت سندس اڳيان ڪجهہ بہ ناهي! هن اڳيان رڳو هوءَ پاڻ ئي اهم آهي! ۽ شايد امان جو بہ اهوئي خيال آهي.“
مهراب خان ماٺ ڪئي پر طارق خان بہ ماٺ هو. هن ڪجهہ بہ نہ ڳالهايو. وري بہ مهراب خان چيو، ”تاجان سان منهنجي شادي امان جي مرضيءَ ۽ پسند هئي. هاڻي جڏهن مان پنهنجي پسند جي شادي ڪرڻ چاهي تہ وري بہ امان مون کي هارائي ڇڏيو. امان چاهي تي تہ تاجان کان سواءِ منهنجي زندگيءَ ۾ ٻيو ڪوبہ نہ اچي، پر مان ڄاڻان ٿو تہ تاجان سان گڏ منهنجي زندگيءَ ڪيئن ٿي گذري!“
طارق خان جي اڳيان پنهنجي گهر جو نقشو اچي ويو. هن سوچيو، شهناز بہ مون کي ساڳي نموني رنجائيندي آهي. ڪنهن بہ عورت سان ڳالهايان يا ڪابہ عورت دانهن فرياد کڻي گهر ۾ ايندي آهي تہ هوءَ وڙهڻ شروع ڪري ڏيندي آهي. شڪ جو نانگ سندس اندر ۾ سدائين ڦڻ ڪڍي ويٺو هوندو آهي ۽ گهر ۾ ان چخ چخ جي ڪري هوءَ موچڙا بہ کائيندي آهي، ڪيس ياد آيو جڏهن هو پنهنجي دوست سردار نيڪ محمد خان جي گهر دعوت تي پي ويو تہ شهناز ساڻس وڙهي پيئي هئي تہ اوڏانهن نہ وڃ، ڇو تہ نيڪ محمد جي زال توتي عاشق آهي ۽ هن جڏهن وڃڻ چاهيو هو تہ هوءَ سندس اڳيان اچي بيهي رهي هئي ۽ جڏهن ڪيس ڌڪو ڏيئي زور سان

پري ڪيو هئائين تہ هوءَ پلنگ سان ٽڪرائي ڪري پيئي هئي ۽ سندس ٻانهن ڀڄي پئي هئي. ڪيس شهناز جون سڀئي زيادتيون ۽ بيواجبيون ياد اچڻ لڳيون. مهراب خان ڪيس تڪي رهيو هو حيرانيءَ مان. ڪيس چيائين، ”طارق خان، ڇا ڳالھ آهي تون ڇو ايڏو اداس ٿي ويو آهين؟“

طارق خان ڇرڪي پيو ۽ ٽڪڙو ئي پاڻ کي نارمل ڪرڻ خاطر مشڪي چيو، ”هڪڙي ڳالھ ٻڌاءِ مهراب خان، ماڻهو جيترو بہ مضبوط ۽ سگهو هوندو آهي ان کي سهڻ لاءِ اوترو ئي ملندو آهي. جنهن جي جيتري سهپ هوندي آهي، ڪيس سهپ جي مار بہ تيتري ئي ملندي آهي. اهو منهنجو ذاتي تجربو آهي... اهو مون سنو آهي، سهان پيو،“ مهراب خان ڪيس وڏيڪ حيرانيءَ مان ڏسي رهيو هو تہ هيڏو مضبوط، سگهارو، بهادر ۽ بيپرواھ ماڻهو بہ زيادتيون ۽ سختيون سهي ٿو؟ طارق خان چيو، ”چاچا حمل خان جو ان ۾ ڪهڙو ڏوھ آهي، ان جي پٽ جي شاديءَ ۾ ڇو نٿو وڃين؟“

مهراب خان ڏک مان چيو، ”ڪي خواهشون اهڙيون هونديون آهن جن جي پورو ٿيڻ جو ويساھ ماڻهوءَ کي پاڻ بہ نہ هوندو آهي ۽ پوءِ اهو ماڻهو پنهنجي جياپي جهڙين خواهشين کي نہ چاهيندي بہ اندر ۾ جبر سان رهائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، پر اهي زنده خواهشون اندر ۾ دٻجي نہ سگهنديون آهن ۽ بنا ارادي جي ٻاهر نڪري اينديون آهن، پنهنجي اڻ پورائيءَ جو ماتم ڪرڻ لاءِ.“

طارق خان گهٻرائجي چيو، ”ڇا ٿيو آهي مهراب خان؟“

مهراب خان ٿڌو ساھ کڻي چيو، ”مون وٽ هڪ فيصلو آيو هو، جيڪو مون ڪيو.“

”فيصلا تہ تو وٽ ايندا ئي آهن، اها ڪا نئين ڳالھ تہ ناهي.“

”طارق خان، هر فيصلو هڪجهڙو نہ ٿيندو آهي ۽ ڪي فيصلا تہ اسان جو پنهنجو فيصلو بہ ڪري ڇڏيندا آهن. ڇو جو انهن فيصلن ۾ ملوث ڪي چهرا هانءَ ۾ ڪپي دل اندر رهجي ويندا آهن ڇڻ سدا لاءِ.“

”او، ايئن ڪجهہ ٿيو آهي ڇا؟“

”ايئن ئي ٿيو آهي، جنگي خان جي ڏيءُ تي ڦڏو هو، جيڪا هتي مون وٽ حويليءَ ۾ رهي ۽ مان چڻ وڃائجي ويس!!“

”جنگي خان اهو، جنهن جي ڌيءَ سان ستار جي شاديءَ ٿي رهي آهي؟“

مهراب خان بي سڪوني مان چيو، ”ها، جنگي خان اهو ۽ ڌيءَ بہ اهائي.“

طارق خان آهستي چيو، ”پوءِ توسان ايئن ڇو ٿيو؟“

”اهو سڀ امان ڪيو، ٻي ڪنهن ڪي بہ اها جرئت ٿي نٿي سگهي!“

”او، پوءِ هاڻي ڇا ٿيندو؟“

”ڇا وري ڇا ٿيندو، سڀ ڪجهہ ٿي ويو آهي. باقي هاڻي شاديءَ ۾ آءٌ شريڪ نہ ٿيندس!“

”چاچا حمل خان ڇا سوچيندو، ان ويچاري کي تہ ڪابہ خبر نہ هوندي..... ادي تاجان تہ ويندي نہ؟“

”آءٌ نہ ويندس، ٻيو جيڪو بہ وڃي مرضيءَ وارو آهي. امان يا تاجان ٻئي ڀلي وڃن مان ڪنهن کي بہ جهليندس، روڪيندس ڪونہ.“

”ان ۾ چاچا حمل خان جو تہ ڪوبہ ڏوهہ ڪونهي.“

”ڏوهہ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي، مون ڪڏهن چيو آهي تہ مامو ڏوهي آهي. بس منهنجي دل نٿي چوي.“

طارق خان کي مهراب خان جو ڌڪ پيو ٿيو. چيائينس، ”تون بہ پنهنجي جاءِ تي درست آهين، پر تون نياڻو بہ آهين نہ وينديِن تہ دنيا ڇا چوندي؟“

عزيز جان جي اچڻ سان ٻئي ماٺ ٿي ويا. عزيز جان چيو، ”ابا طارق خان، آءٌ تاجان کي وني ٿي وڃان سندس طبيعت بہ سهي ناهي پر پوءِ پاڻ جي شادي اٿس سو، باقي تون مهراب خان کي وٺي اچجين!“

”ڀلي ڀلي ماسي..... “ طارق خان اداسيءَ مان دل جي مٿان چيو.

حمل خان جي حويليءَ ۾ سندس سئوٽن ۽ پائٽين ۽ امير بيبيءَ جي خاندان کان سواءِ سڄا راڄ آيل هئا. وڏي رونق لڳي پئي هئي. راڳ رس، مينديءَ جون محفلون، پوڳ چرچا، گهورون، هل ڌمچر لڳا پيا هئا. شهناز کي ڏسي جان بيبيءَ جي اندر ۾ طارق خان لاءِ تڙپ وڌي ويئي هئي. هو اڄان تائين حويليءَ ۾ اندر نہ آيو هو پر جان بيبي هر کڙکي تي چرکي تي پئي ۽ سندس دل ايئن ٿي ڌڙڪي پيئي جڻ طارق خان ساڻس وعدي موجب ملڻ پيو اچي. زهره سندس ڪيفيت چڱيءَ طرح سمجهي رهي هئي. هن سندس اکين جي تلاش ڏسي ورتي هئي. ”جاني، هتي طارق خان جي زال بہ آهي، مهرباني ڪري ڪابہ اهڙي حرڪت نہ ڪجين جو.....“

”زهري، هو تہ نيٺ اندر ايندو بہ نہ!!“

”ها تہ پوءِ؟“

”پوءِ مان الائي ڪيئن ٿينديس!“

”توکي ڪجهہ بہ نہ ٿيندو، پر جي تون پاڻ کي تماشو بڻائڻ چاهين ٿيءَ تہ تنهنجي مرضي.“

شهناز ٻنهي کي ڳالهائيندو ڏسي وٽن آئي.

”تاجان ڪٿي آهي؟“

زهره مشڪي سندس وڏيل پيٽ ڏانهن اشارو ڪري چيو، ”ادي تاجان جي حالت توکان بہ وڌيڪ خراب آهي، ڪيس ستون مهينو آهي، شايد هونئن بہ پهريون ٻار اٿس سو چٽڻ لاءِ تہ رسم موجب مائٽن وٽ ئي اچي ها، اوهان کي ڪائون مهينو آهي؟“

”مون ۾ اڃان دير آهي، پنجون مهينو اٿم، پر مون کي اها ڳالهہ ٻڌايو تہ چا هاڻي ڪنواريون ڇوڪريون بہ اهڙا سوال ڪرڻ لڳيون آهن؟“

”ادي، ايڪويهين صديءَ ۾ سڀ ممڪن آهي.“

۽ کلي تاجان جي ڪمري ڏانهن اشارو ڪري چيائين، ”ادي تاجان پنهنجي ڪمري ۾ آهي ۽ اوهين ٻئي لطيف جي سٽ، ”اڇو سورن واريون، ڪريو سور پچار“ جيان پاڻ ۾ وڃي سورن جون ڳالهيون ڪريو“

شهناز ڪلندي تاج بيبيءَ جي ڪمري ڏانهن هلي ويئي تہ زهره چيو، ”ڏنئي جاني، طارق خان کي پنهنجي زال سان پيار آهي ۽ تون.....“

”چڏ زهري، نيڪ آهي هن کي پنهنجي زال سان پيار آهي..... نيڪ آهي مجيم.... پر مون کي تہ هو....“

زهره سندس چپن تي هٿ رکي چيو، ”ڪجهہ بہ نہ....... وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ جاني.“

شاديءَ جي ڏينهن بہ مهراب خان ساڻن گڏجي جنگي خان جي ڳوٺ نہ ويو. پر رخصتيءَ مهل جڏهن حمل خان جو سڄو خاندان جنگي خان وٽ پهتل هو تہ طارق خان مهراب خان کي بہ وٺي آيو. کيس ڏسي سڀئي خوش ٿيا. حمل خان ۽ ستار کي تہ خوشيءَ مان لڙڪ تري آيا پر جبار جو موڊ کيس طارق خان سان گڏ ايندو ڏسي خراب ٿي ويو. کيس خبر هئي تہ طارق خان وٺي آيو اٿس. سوچيائين، ’اسان ڇا ڪيو اٿس؟ جو مڙيئي سڙيئي ڪاوڙيو آهي. وير وجهي نٿو اچي تہ نہ اچي.“

سڀيئي ڪنوار کي وٺي حمل خان جي حويليءَ ۾ آيا. ڪنوار کي ڏسي هرڪو سندس سونهن تي حيران هو. تاج بيبيءَ جي طبيعت اڄڻ جهڙي نہ هئي سو، ستار ڪنوار کي وٺي وٽس آيو. تاج بيبيءَ ياڻ ۽ ياجائيءَ کي ڏسي خوشيءَ مان روئي ڏنو. امير بيبيءَ وڏي ڪيس چمي ڏيئي چيو، ”تاجي، منهي روئين ڇو ٿي، ڏس تہ ستار جي ڪنوار چوڏيهن جو چنڊ آهي.“

جان بيبي ياڻ جي شاديءَ ۾ ڏاڍي خوش هئي. شاديءَ جي ٻي ڏينهن بہ اندر حويليءَ ۾ وڏي رش هئي. طارق خان کي ڪراچي وڃڻ جي تڪڙ هئي حويليءَ ۾ اندر نہ ويو. ٻاهران ئي شهناز ڏانهن چوايائين تہ، ”تيار ٿي اچ تہ هلون ٿا.“

شهناز سڀني سان موڪلائي، امير بيبيءَ سان گڏجي گيٽ وٽ آئي. امير بيبيءَ طارق خان کي ڳهرائي ساڻس ڪيڪاري چيو، ”پٽ، ستار جي ڪنوار نہ ڏسندين؟“

طارق خان ڪلي چيو، ”ڇو نہ ڦڦي، پر هينئر اندر حويليءَ ۾

جاءِ ڪٽي آهي. آءٌ پاڃائيءَ ڪي ڏسڻ لاءِ خاص ايندس."

"پٽ، سياٽي ساتاڙو (ستاوڙو) آهي اهو ڪائي پوءِ وجو."

"پڪي، اتي دوستن کي وقت ڏنل آهي ۽ ضرور پهچڻو آهي."

۽ هو شهناز کي وٺي روانو ٿيو. طارق خان، شهناز کي وٺي تہ اڳيان ڪراچي ڏانهن وڃي رهيو هو پر سندس سوچون پويان دوڙي رهيون هيون. هڪ تہ مهراب خان جي سوچ ۽ ٻيو جان بيبيءَ سان نہ ملڻ وارو اڻ لکو ڏک سندس اندر ۾ وراڪا ڏيڻ لڳو. هو پاڻ حيران هو تہ، ڇو اهو سڀ پيو محسوس ڪريان. گاڏيءَ جي جمپ ڪائڻ تي شهناز تڪليف جي ڪري ڇڙ مان چيو، "آهي ڇا پلا؟"

طارق خان کي سندس لهجي تي ڪاوڙ آئي، "ڇا، ڇا آهي، ڪراچي ناهي، جهنگ آهي جتي ڪوبہ سڌو رستو ڪونهي."

"اڳ بہ تہ هنن رستن تان آئي آهيان... پر اڄ تہ ڏڪا گهڻا آهن ۽ منهنجي لاءِ هي جمپ ۽ جهٽڪا سهي بہ ناهن."

طارق خان کي ڇڻ هوش آيو ۽ ڪيس پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو تہ هو سوچن ۾ وات جا سيئي ڪڏا ڪوبہ ۽ چڙهايون پلجي ويو هو ۽ شهناز جي حالت بہ وساري ويٺو هو. هن هڪدم گاڏيءَ جي اسپيڊ گهٽ ڪئي تہ شهناز چيو، "ايڏي اسپيڊ هئي ڇڻ کي پنيان مڙيا اٿئي."

طارق خان چڙي چيو، "تنهنجو جيترو بہ خيال ڪبو آهي تون اوترو دانهون ڪندي آهين. مون تہ توکي چيو بہ هو تہ هن حالت ۾ تون شاديءَ تي نہ هل، رستا خراب آهن پر....."

"ماسي اميران ڪيڏي پيار مان سڏيو هو...."

۽ پوءِ ٻئي ڄڻا سڄي وات تي ماٺ رهيا. طارق خان خاموشيءَ سان گاڏي ڊرائيو ڪري رهيو هو. الائي ڪيئن اوچتو طارق خان جي من ۾ جان بيبيءَ سان گڏ ڪيل اهو مختصر سفر ڪيئي هزار والٽ جي بلب جيان جرڪي پيو، جنهن ۾ هڪ هنڌ گاڏيءَ وڏو جمپ ڪاڏو هو. طارق خان کي اهو جمپ ياد آيو جنهن جي ڪري جان بيبي ڪرڻ واري هئي جنهن پاڻ کي بچائڻ لاءِ طارق خان جي

ڪلهن ۽ پنيءَ جو سهارو ورتو هو، پر پوءِ هڪدم ئي پاڻ سنڀالي پنهنجا هٿ پوئتي ڪري ڇڏيا هئا ۽ پوءِ طارق خان جي پنيان نهارڻ تي شرمائجي مشڪي ڏنو هو. طارق خان کي اها دلربا مشڪ ياد آئي تہ هو پاڻمرادو مشڪڻ لڳو.

جان بيبيءَ کي جڏهن خبر پئي تہ طارق خان ٻاهران ئي شهناز کي گهرائي وٺي ڪراچي هليو ويو آهي تہ سندس اندر اجهامي پيو. ڇو جو جڏهن شهناز ڪائنس موڪلايو هو تڏهن بہ سندس ڇريءَ دل الائي ڇو ڪيس ڏتاريو هو تہ، ايئن بنا اندر اچڻ جي هو ڪيئن هليو ويندو. حالانڪ سندس عقل ڪيس سمجهايو هو تہ، هيڏيءَ رش ۾ هو ڪيئن ٿو اندر حويليءَ ۾ اچي سگهي ۽ هاڻي جڏهن ڪيس پڪ ٿي تہ هو هليو ويو آهي تہ هوءَ ڇڻ اڪيلي ٿي وئي. سوچيائين، هينئر هو ٻئي ڪراچيءَ ڏانهن گڏ وڃي رهيا هوندا ۽ پوءِ ڪيس اهو مهڪيل سفر ياد اچي ويو جيڪو هن پنهنجي گهر ڪان مهراب خان جي گهر تائين طارق خان سان گڏ ڪيو هو ۽ هوءَ درماندي ٿي پنهنجي ڪمري ۾ اچي ليٽي پئي.

شاديءَ جي ٽئين ڏينهن ساتاڙي (ستاوڙي) جي رسم هئي. گهوٽ ۽ ڪنوار کي ساهرن ۽ مائٽن جي گهر وڃي دعوت کائڻي هئي، جنهن ۾ ٻنهي جا خاندان شريڪ ٿيندا ۽ انهن دعوتن جو خاص اسم هو "کير ۽ پٽ" يلي هزارين طعام هجن پر کير ۽ پٽ لازمي آهي ۽ گهوٽ ۽ ڪنوار کي اهو ضرور کائڻو آهي ۽ پوءِ ڪنوار کي ساهرن جي رڌڻي ۾ اچي اٽو، چانور، گيهہ، کنڊ ۽ ٻيو راشن توڻ لاءِ ڪڍي ڏيڻو آهي. ان رسم موجب ڪنوار کي گهر ڏجاڻي جو رتبو ڏيڻ هوندو آهي. امير بيبي ڏاڍو خوش هئي هڪ تہ سندس پٽ جي شادي هئي. ٻيو سندس ڀائر ۽ ڀيڻ خاندانن سميت سندس گهر ۾ پهريون ڀيرو گڏجي موجود هئا. جان بيبيءَ کي پنهنجي ناناڻن جي ڀيٽ ۾ پنهنجي ڏاڏاڻي سڳ سان وڌيڪ چاهہ هو، هوءَ پنهنجي ماروئن ۽ ماساتن جي ڪچهري ڪان پنهنجي سئوٽاڻي سڳ سان وڌيڪ خوش رهندي هئي. ڪيس ڪو ڇاڇو نہ هو حمل خان ۽ عزيز جان ٻئي پاڻ ۾ ڀاءُ ۽ ڀيڻ هئا ۽ عزيز جان کي

رڳو هڪ ئي پٽ هو سردار مهراب خان ۽ ايئن جان بيبيءَ کي کوبہ سئوٽ نہ هو نہ ئي مهراب خان کان سواءِ ڪو ڀقات ئي هو. زهره، افروز، زبيده، گل بيبي ۽ ڀين سئوٽين سان گڏ جان بيبيءَ کي ڪلندي ڏسي سندس ماسي نور بيبيءَ جون ڏيئرون نذيران ۽ وزيران کلنديون وٽس آيون.

”جاني تہ ابا، پنهنجي سئوٽين جي اڳيان اسان کي تہ ڄڻ ڏسي ئي نٿي، اسين تہ ڄڻ ڪنهن ليکي ۾ ئي نہ آهيون.“

سيئي ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳيون. زهره چيو، ”اديون، اسين اڄ وڃون پيا، ڪا شڪايت هجي تہ معاف ڪجو.“

وزيران کلي کيس ڀاڪر پائي چيو، ”نہ ادي، شڪايت ڪهڙي، اسان تہ ڀوڳ ٿي ڪيا. اوهان سئوٽين جي محبت کي الله قائم دائم رکي. اسين بہ سيئي اڄ ئي پيا وڃون.“

زهره چيو، ”اسان تہ ويجها آهيون هڪ ٻن ڏينهن ۾ پيا اچون وڃون اوهين چو ايڏي تڪڙ تا ڪريو؟“

وزيران کلي چيو، ”تڪڙ، خبر اٿئي اسين شاديءَ جي ٻي ڏينهن تي وياسين پر ماسي ساتاڙي لاءِ ڪري زوريءَ جهليو هو ۽ هاڻي تہ ساتاڙو بہ خير سان ڪلهہ ٿي ويو.“

جبار اچي کلي چيو، ”زهري، افي، هڙون ڪٺو، مظهر خان ۽ ڪمال خان آيا آهن اوهان کي وٺڻ.“

زهره جي وڃڻ کان پوءِ جان بيبيءَ جي اداسي چوٽ چڙهي ويئي، کيس لڳو ڄڻ سندس وجود هزارن حصن ۾ ورهائجي ويو هجي ۽ هر هڪ حصي کي طارق خان جي تلاش هجي ڇڪ هجي ۽ هوءَ پاڻ رڳو نتيجي جي انتظار ۾ هجي ۽ اهو بہ سندس من پسند هجي. هوءَ پنهنجي ڪمري ۾ پلنگ تي ستل هئي ۽ سندس من توڙي تن تي طارق خان ول جيان ويڙهيل هو. نذيران ۽ وزيران کيس ڳولينديون آيون.

”واهہ يئي واهہ، سندس سئوٽيون ويون تہ اڪيلي ليٽي پيئي آهي اسين تہ ڄڻ آهيون ڪونہ.....“

جان بيبيءَ بيزاري مان مشڪي چيو، ”متي ۾ هلڪو هلڪو

سور هيو تنهنڪري...."
طاهره ۽ سندس مامي جي ڌيءَ فرحت بہ ڪمري ۾ آيون.
فرحت چيو، "ادي، اسين بہ هاڻي وڃون ٿا."
جان بيبيءَ چيو، "فري، تون ۽ طاهري تہ يڪو ماٽ ماٽ آهيو."
فرحت کلي چيو، "ادي، اسان ٻنهي جي ڳالهائڻ جي ڪوتا ادي وزيران ۽ ادي نذيران ڪٽي ويون آهن."
ان تان سيئي ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳيون. جبار ڪمري ۾ اچي چيو، "ماسي تہ ايئن پئي تڪڙ ڪري جڻ ريل ڇٽي ويندي. گهر بہ پنهنجو گاڏيون بہ پنهنجون."
شموءَ اچي چيو، "جيجي فرحت کي جيجي اميران پئي سڏي."
فرحت هڪدم خوشيءَ مان اٿي چيو، "آءٌ جيتري دير هتي آهيان وچي پنهنجي پڦيءَ وٽ ويهان ٿي."
فرحت جي وڃڻ کان پوءِ جبار ٽيڏي اک سان طاهره ۾ نهاري چيو، "جاني، طاهري تہ اسان وٽ پهريون ڀيرو آئي آهي نہ؟"
"ها."
"پوءِ ڪهڙو پروگرام آهي، ڪيس گهمائڻ گهتائڻ جو."
"..........."

نوربيبيءَ اميربيبيءَ سان گڏ ڪمري ۾ ايندي چيو، "اجان وينيون آهيو، اٿو امان، سامان سڙهو، گندي ڪپڙو سنياليو، دير ٿي ٿئي. ڪراچي بہ پنهنجي هنڌ آهي."
جبار اتاولائيءَ مان چيو، "چو چو، ماسي، آهي ڇا؟"
"ابا هوڏانهن بہ گهر ڇڏي آيا آهيون. مير محمد چيو هو تہ ونڻ ايندس اهو بہ نہ آيو، اتي بہ الائي ڇا آهي."
جبار کلي چيو، "خير آهي خير ماسي، مير محمد کي خبر آهي تہ پنهنجي گهر ۾ آهن. تڪڙ ڪهڙي؟"
"ابا، ڏس تہ سهي ڪيترا ڏينهن ٿيا آهن."
جان بيبيءَ ۾ پيار مان نهاري چيائين، "پٽ، هاڻي تڪڙو ئي وري ايندا سين."

جان بيبيءَ جو هانءُ هتن مان تي نڪتو. امير بيبيءَ مشڪي طاهره کي ڏسي چيو، ”پهرين تہ آءٌ پنهنجي جبار لاءِ اينديس.“

جبار شرارت مان مشڪي طاهره کي ڏنو جيڪا پنهنجي ٻنهي وڏين پيٽن جي پيٽ ۾ مانيٽي ۽ خوبصورت هئي. ان شرمائي اکيون هيٺ ڪيون، جنهن تان نذيران ۽ وزيران وات ڦاڙي ٺهڪ ڏيڻ لڳيون. امير بيبيءَ پٽ کي چيو، ”پٽ، ماسهين وارن کي ڇڏڻ تون ٿو وڃين نہ؟“

”ها امان، پر منهنجو ارادو هو تہ اڃان هتي رهن ها.“

نوربيبيءَ کيس چمي ڏيئي چيو، ”صدقو وڃانءِ پٽ، هاڻي تہ پيا ايندا ويندا سين.“

امير بيبيءَ ويندي چيو، ”ادا وارا بہ تيار آهن؟“

جبار کلي چيو، ”بابا ۽ ادا ستار وارن جون مامي وارن سان ڪچهريون زور آهن.“

سيئي تيار ٿي تاج بيبيءَ ڪان موڪلائڻ آيا. تاج بيبيءَ چيو، ”وڃڻ ۾ تڪڙ چو تا ڪريو؟“

وزيران کلي چيو، ”هاڻي تنهنجي پٽ جي ڇٽيءَ تي ايندا سين ۽ ادا مير محمد جي مڱڻي لاءِ تہ تڪڙو ئي ايندا سين.“

فرحت پنهنجي پاءُ آصف ۾ نهاريو ۽ نور بيبيءَ جي عيال ڪانسواءِ اهي سيئي ڪانئن موڪلائي هليا ويا تہ نور بيبيءَ چيو، ”هاڻي تہ هلو، ادا وارا بہ هليا ويا هاڻي اوهان بہ ڪنوار سان ملي تڪڙو نڪرو.“

نذيران کلي چيو، ”ادا ستار کي تہ اسان پرسال ڏنو هو.“

نذيران جي ”پرسال“ چوڻ تي سيئي ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. جبار کلي چيو، ”نذيران، مذاق ڪونهي، ادا ستار جي شادي ٿي آهي ظاهر آهي پنهنجي ڪنوار وٽ هوندو ٻيو وري اسان سان ڪچهريون ڪندو ڇا؟“

”پوءِ بہ ائين، ڏينهن رات دروازو بند، اسين بہ مهمان آهيون.“

امير بيبيءَ کلي چيو، ”نذيران کي تہ آهن رڳو پوڳ ڪرڻا، منهنجو ستار ايئن ڪونهي، سڄو ڏينهن دوستن ۽ مامن ماروئن

سان گڏ آهي. هينئر بہ سڀ هلو، حسنہ اڪيلي هوندي.“
تاج بيبيءَ چيو، ”واقعي امان، حسنہ ڏانهن وڃو، هوءَ ڇا سوچيندي؟
نذيران ٿهڪ ڏيئي چيو، ”حسنہ اڪيلي ڪونهي، الا ادا ستار کي مون پاڻ پنهنجي اکين سان ڪمري ڏانهن ويندي ڏٺو آهي.“
جبار ٿهڪ ڏيئي چيو، ”ستار تو ڪنوار ڪان پري ٿئي، سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.“
نوربيبيءَ اٿندي چيو، ”هاڻي موڪل ڏيو، سچ ٿو لهي.“
جبار رسندي چيو، ”نيڪ آهي ماسي، آءٌ بہ اوهان کي اتي ڇڏي تڪڙو ئي موٽي ايندس.“
وزيران چيو، ”سوال ئي نٿو پيدا ٿئي تہ تون تڪڙو واپس اچين. ٿي چار ڏينهن تہ اسان وٽ رهندين.“
امير بيبيءَ چيو، ”رهڻ ۾ ڪجهہ ڪونهي، پنهنجو گهر اٿس پر هينئر هتي بہ ڪم گهڻو اٿس. مهمانن جو سلسلو اجان تہ يڪو هلندو. سو، تڪڙو موڪل ڏجوس.“
سيئي گڏجي ڪنوار جي ڪمري وٽ آيا. دروازو اندران بند هو. نذيران زور سان کڙڪو ڪيو. ستار دروازو کوليو تہ نذيران ۽ وزيران ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳيون. جبار طاهره ۾ نهاريو جيڪا پڻ مشڪي رهي هئي. نذيران چيو، ”مون چيو هو نہ، تہ ادا ستار پنهنجي ڪمري ۾ آهي.“
حسنہ مرڪي رهي هئي. سيئي ساڻس موڪلائي ٻاهر نڪتا، جان بيبي پنهنجي پناهہ گاهہ پنهنجي ڪمري ڏانهن هلي وئي. سيني ڇا ڳالهايو، ڇا چيو کيس ڪجهہ بہ ياد نہ هو. سندس ذهن تي بادشاهن جيان هلڻ وارو طارق خان سوار هو، هو آيو ۽ مان کيس ڏسي بہ نہ سگهيس!! سندس دل تقاضہ ڪرڻ لڳي، ڪنهن ڏينهن هو اچي در نڪائي ۽ چوي، آءٌ رڳو جانيءَ سان ملڻ آيو آهيان. کيس ڏسڻ آيو آهيان، پر ايئن حقيقت ۾ ڪٿي هو، هو سندس گهر جي دروازي تي آيو ۽ ساڻس بنا ملڻ جي هليو ويو ۽ پويان ٻہ اکيون پريشان ڪري ويو، ’توکي ان قهر جو احساس ڪيئن ٿئي؟ ۽

جيڪو منهنجي اندر ۾ آهي ان کي لفظن ۾ آڻڻ ممڪن ئي ناهي ۽ جيڪو قرب مليو ئي ناهي تنهن کان جدائيءَ جو تصور ڪرڻ ۽ هجتون ڪرڻ آهي نہ چريائي! طارق خان، آءٌ اها ئي چريائي پيئي ڪريان! چؤطرف تنهنجي وجود جي مهڪ آهي. تون، جيڪو منهنجو ناهين، ٻي جو آهين.... زهري.... او زهري، تون ٿي چوين تہ مان ڪيس وساري ڇڏيان! پر اها تہ توکي بہ خبر آهي تہ جڏهن دل بند ٿي ويندي آهي تہ ماڻهو مري ويندو آهي. منهنجي دل جي ڌڪ ڌڪ ۾ هو سمايل آهي. هن کي ڪڍي ڇڏيندس تہ دل بيهي ويندي.

سندس لڙڪن ڳلن تي ڪري ڪيس بہ حيران ڪري ڇڏيو.

اکين کي آهين، وڏا وجهہ وڙهڻ جا،
اپيون منڊي مامرو، جهيڙو نہ لاهين،
جيئن سي ڪکر اپ ۾، تيئن آگميون آهين،
جهڙ ڦڙ نہ لاهين، وسن ساوڻ مينهن جيئن.

## باب ڇهون

طارق خان پنهنجي گهر ۾ پنهنجي ڪمري ۾ پلنگ تي ليٽيل هو. ڪيس مهراب خان جون سيئي ڳالهيون ياد اچي رهيون هيون. هڪڙي ڳالهه تي اچي هو اٽڪي پيو. "مهراب خان جان بيبيءَ کي چاهي ٿو؟" ۽ اها ڳالهه سيني ڳالهين تي حاوي ٿي ويئي. مون ته ڪڏهن به سندس اکين ۾ جان بيبيءَ لاءِ چڪ نه ڏٺي! ڪيس پنهنجي گهر جا اهي سيئي گهڙيون ۽ لمحا ياد اچڻ لڳا ۽ لمحو لمحو هڪ منظر بنجي سندس اڳيان گذرڻ لڳو. جڏهن هن شاديءَ کان پوءِ مهراب خان جي دعوت ڪئي هئي ۽ تڏهن ته مهراب خان جي اکين ۾ رڳو تاج بيبيءَ لاءِ چاهه هو.... ڪيس جڻ اطمينان ٿيو اها ڳالهه اڳ جي هئي ۽ هن پرسڪون ٿي پاڻ کي پلنگ تي ڍرو ڇڏي ڏنو. وري ٽپو ڏيئي اٿيو ۽ ڪٻٽ کولي پنهنجا ڪپڙا ۽ ٻيو سامان پلنگ تي رکي سوٽ ڪيس ۽ سفري بيگ ۾ وجهڻ لڳو. شهناز ڪمري ۾ اچي چيو، "ڪيڏانهن؟"

"چاچا حمل خان وارن ڏانهن."

شهناز ناگواريءَ مان چيو، "ڇو اجان ته هاڻي ئي اسين شاديءَ تان ٿي آيا آهيون."

"پر مون ستار جي ڪنوار کي ڪجهه به نه ڏنو آهي نه، پڦي اميران ڇا سوچيندي؟"

شهناز ساڳي ڪروڌ مان چيو، "ڇا وري ڇا سوچيندي، تو هيترو سارو ڏنو مون جوڙا تحفا ۽ ٻجار ڏني باقي توکي هرويرو وڃڻو آهي ته ڀلي وڃ."

"هرويرو، معنيٰ؟"

"هرويرو معنيٰ، وڃڻ لاءِ اها وجهه ڪمزور آهي، باقي ٻهانن جي منڊ مئي ناهي."

"آءٌ وڃڻ لاءِ ٻهانا تو ڳوليان، ڇا لاءِ ٻهانا ڳوليندس، توکان ڊڄان تو جو....."

”چور کي تہ ڏپ هوندو آهي.“

طارق خان جو چهرو ڪاوڙ مان ڳاڙهو ٿي ويو ۽ سندس هٿ مٿي ٿيو ۽ زوردار چماٽ شهناز جو ڳل ڳاڙهو ڪري ويئي.

”مان جيترو بہ چاهيندو آهيان تہ گهر کان ٻاهر نڪرڻ مهل ڪوبہ جهيڙو يا بدمزگي نہ ٿئي پر تون ايڏي واهيات عورت آهين جو ماڻهو نہ چاهيندي بہ آپي کان ٻاهر نڪريو وڃي.“

چماٽ لڳڻ جي باوجود شهناز ۾ ڪو فرق نہ آيو. ”مون کي خبر آهي تہ تون ايڏانهن هر هر ڇو ويندو آهين، ڪڏهن شڪار ڪڏهن ڇا. جتي بہ ڪا سهڻي عورت ڏسندو آهين اتي ئي تنهنجو ٽاڪ هوندو آهي. هاڻي بہ جڏهن توکي خبر آهي منهنجي حالت جي تہ، ڪنهن مهل بہ اسپتال وڃڻو پوندو ۽ تون.“

”اڳ جڏهن مان ڪٿي هڪ رات بہ رهندو هئس تہ نهايت مجبوريءَ جي حالت ۾ نہ تہ ڪيئن بہ ڪري آءٌ گهر موٽندو هئس، پر هاڻي تون مون کي مجبور ٿي ڪرين تہ مان گهر ۾ نہ رهان. توکي اسپتال وٺي وڃڻ لاءِ نوڪر آهن گاڏيون آهن، ان کان سواءِ تنهنجا پائر ۽ ڀينرون آهن. وٺي ويندئي انهن جا بہ سيئي بوجها ۽ بار آءٌ کڻندو آهيان ۽ هاڻي تہ مون کي تنهنجي ڪابہ پرواهہ ناهي.“

هن سٽ ڏيئي سوٽ ڪيس ۽ بيگ ڪنيو، شهناز اڳيان در وٽ بيٺل هئي ان کي ڌڪي سان هٽائي ٻاهر نڪري ويو.

جان بيبي رڌڻي جي اڳيان ٻاهر اڱڻ ۾ ملوڪان ۽ ختوءَ سان گڏ ويٺي هئي. ٻاهرين گيٽ مان حمل خان ۽ جبار سان گڏ طارق خان کي ايندو ڏسي حيران ٿي ويئي. ڪيس پنهنجي اکين تي ويساهہ ئي نٿي آيو. پانيائين تہ معمول جيان ڪليل، جاڳيل اکين سان خواب پيئي ڏسان. حمل خان ڪلي چيو، ”جاني پٽ، آيل جي آڌر ڪرڻ جو رواج تہ اجان اسان وٽ آهي.“

ان تان سيني ڪليو. جان بيبيءَ چرڪي پنهنجي ڪلهن تي ڪريل رئو ڪٽي مٿي تي رکيو ۽ طارق خان کي پليڪار ڏنائين. ملوڪان ۽ ختو وات ۾ پنهنجا روا وجهي، ڪي ڪي ڪري جان بيبيءَ جي چرڪڻ تان کلڻ لڳيون. طارق خان شاندار انداز ۾ قدم

ڪٽندو سيني سان گڏ اندر وراندي ۾ آيو. امير بيبي کيس ڏسي خوشي مان اٿي ساڻس ملي. سيئي اٿي صوفن تي ويٺا. خير خيريت ڪانپوءِ طارق خان چيو، ”پڦي، ستار ۽ ڪنوار ڪٿي آهن؟“

”پٽ، ستار ڪنوار کي وٺي سندس مائٽن ڏانهن ويو آهي.“

”او پڦي، هينئر ته مان خاص ڪنوار کي ڏسڻ آيو هئس.“

جان بيبي جي چهري جو رنگ زرد ٿي ويو. سندس اندر ۾ ڄڻ ڪا شئي ڇڻڪي سان ٽٽي پئي. 'اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو، جڏهن خاص منهنجي لاءِ ايندو.' سندس اندر جو گونگو آواز سندس سڄي وجود کي ڌوڏي ويو. هن چرڪي طارق خان کي ڏٺو جيڪو پڻ کيس ئي پڙهي رهيو هو. جان بيبيءَ کي سندس جنون ٽوٽيون ٽنبي ڏنا ۽ هن محسوس ڪيو ته هو به کيس سمجهي رهيو آهي. امير بيبيءَ چيو، ”پٽ، ڪين ويندي به ڏينهن تي ويا آهن، اڄ رات يا سڀاڻي سويل هو ضرور ايندا.“

”پڦي، آءٌ ايترو وقت رهي نٿو سگهان.“

امير بيبيءَ ڏک ۽ ڏمر مان چيو، ”مان ته تنهنجي ئي آهيان، اسان کي جڏهن پنهنجي گهر ۾ رهائي سگهين ٿو ته اها هجت اسين به توتي رکي ٿا سگهون.“

ان تي سواءِ جان بيبيءَ جي سيني ڪليو. طارق خان چيو، ”بيشڪ اوهان کي هجت ڪرڻ جو حق آهي پر منهنجو مزاج ئي اهڙو آهي جو.....“

جبار مشڪي چيو، ”هاڻي بلڪه اڄ اوهان کي پنهنجي مزاج جي خلاف هتي رهڻو پوندو. مجبوراً ئي سهي. ڇو جو اڄ اسين اوهان کي ڪنهن به صورت ۾ وڃڻ جي اجازت نٿا ڏيئي سگهون.“

طارق خان کي جبار جي ان هجت تي پيار اچي ويو، ”جبار يار، ايڏي نوڙت ۽ انڪساري ڪري مون کي چاچا حمل خان وارن جي اڳيان شرمندو نه ڪر.“ جان بيبيءَ ۾ نهاري جيڪا خاموش ويٺي هئي چيو، ”باقي جان بيبي شايد منهنجي رهڻ ۾ راضي ناهي، تڏهن ته ماٺ آهي.“ اهو ٻڌي جان بيبيءَ کي ڄڻ ڪرنٽ لڳو. هوءَ جيڪا سندس قربت لاءِ پل پل سڪندي ۽ تڙپندي رهي آهي،

ان ڪي هو ايئن ٿو سمجهي، ڪير ٿو چوي تہ دلين جون راهون ملن ٿيون، ۽ جي هڪ دل تڙپي ٿي تہ ٻيءَ کي پتو پئجي ٿو وڃي، ايئن هجي ها تہ جيڪر طارق خان ايئن محسوس ڪري ها؟ جان بيبيءَ آهستي چيو، ”ماٺ جو مطلب مجبوري بہ آهي. امان، بابا ۽ ادا جبار جي جتي نٿي هلي اتي مان ڇا چوان.“

طارق خان ٿهڪ ڏيئي چيو، ”چاچا حمل خان، تنهنجا ٻار ڏاڍا ذهين ۽ باوقار آهن. هتي ڪراچيءَ وارا دوست بہ اڄان جبار کي وساري نہ سگهيا آهن.“

طارق خان جبار جي حوالي سان جان بيبيءَ کي ذهين ۽ باوقار چئي ڇڻ اڳتي وڌڻ جي قوت ڏني ۽ ڪيس لڳو ڄڻ ٻڏندڙ کي ٻوڙي جو سهارو مليو هجي ۽ هوءَ مشڪڻ لڳي.

رات جو مانيءَ کانپوءِ سڀني ڪچهري ڪئي ۽ دير تائين حمل خان ۽ امير بيبي بہ ساڻن گڏ هئا ۽ پوءِ اهي موڪلائي پنهنجي ڪمري ڏانهن سمهڻ لاءِ هليا ويا. ويندي ويندي حمل خان چيو، ”اسان پوڙها اوهان جوانن جو ساٿ ڏيئي نہ سگهنداسين، هاڻي اٿون ٿا.“

سڀني ڪليو، جبار چيو، ”جاني، تصويرون ڪٿي آهن؟

”ڪهڙيون؟“

”ستار جي شاديءَ جون.“

”اهي ۽ ٻيا سڀئي البم تنهنجي ڪمري ۾ آهن.“

”منهنجي ڪمري ۾ ڪٿي، تنهنجي ئي ڪمري ۾ هوندا آهن سڀني جا البم.“

”اوهان پاڻ ئي تہ منهنجي ڪمري ۾ آڻيندا آهيو ۽ مان سنڀالي وري اوهان جي ڪمري ۾ رکي ايندي آهيان. اوهان جا ڪتاب، اخبارون ۽ رسالا سڀئي منهنجي ڪمري ۾ ئي پکڙيل هوندا آهن.“

طارق خان مشڪي سندن ڳالهيون ٻڌي رهيو هو. جبار چيو، ”ڏسان ٿو وڃي پنهنجي ڪمري ۾. اتي جي نہ هوندا تہ پڪ ستار ساهرن ڏانهن ڪڻي ويو هوندو ڏيکارڻ..... پر خدا ڪري تہ هتي ئي هجن.“

طارق خان چيو، ”اهي تصويرون تہ ڏسڻ گهرجن.“
جبار پنهنجي ڪمري ڏانهن ويو تہ طارق خان ڪيس اداس ڏسي چيو، ”تون ڪيئن آهين، طبيعت تہ ٺيڪ اٿئي!“
”ها، مان ٺيڪ آهيان.“
”منهنجي اچڻ تي خوش ناهين؟“
”مان اوهان جي اچڻ تي خوش ناهيان، سچ تہ هر ماڻهو کي ٽيلي پيٿيءَ جو علم هئڻ گهرجي تہ جيڪر اهڙيون ڏک واريون ڳالهيون جنم ئي نہ وٺن.“
طارق خان حيراني مان سندس چهري جا تاثرات ڏسي رهيو هو. کيس محسوس ٿيو تہ سندس ڳالهہ کيس بيحد ڏکويو آهي.
”جاني، مون کي معاف ڪر، (هن الائي ڪهڙي جذبي هيٺ کيس اڏ نالي سان سڏيو.) ۽ منهنجي ان ڪوتاهيءَ کي پنهنجو سمجهي نظرانداز ڪري مون کي معافي ڏي!!“
جان بيبيءَ کي مات ڏسي چيائين، ”جاڻان ٿو تہ معافي جرم کي ختم نٿي ڪري سگهي، البتہ ان جي احساس کي گهٽائي ضرور سگهي ٿي. سچ بہ منهنجو مطلب توکي ڏکوئڻ نہ هو.“
جان بيبي مسلسل حيرانيءَ مان کيس ڏسي رهي هئي، هو ايڏو حساس آهي؟ صفا ٻار جهڙو معصوم، جڏهن تہ سندس باري ۾ ٻڌل ڳالهيون اهي ئي آهن تہ هو وڏو سرڪش، اوکو ۽ جبل جهڙو اڏول آهي. منهنجي هڪ عام جملي تي بہ پيو مون کان معافيون وٺي! کيس ڪهڙي خبر تہ منهنجي ساهہ جي رواني سندس نانءُ جي طفيل آهي. منهنجي رڳن ۾ هو رت وانگيان هلي ٿو، جنهن جي ياد کان سواءِ منهنجو لمحو بہ نٿو سرڪي. طارق خان جون اکيون سندس چهري ۾ کپيل هيون. ”شايد مون کي معاف ڪرڻ جو پروگرام ناهي.“
طارق خان جو ايترو چوڻ جان بيبيءَ جو چلڪي پوڻ، ”ايئن نہ چئو، خدا جي واسطي ايئن نہ چئو، مان ڪير آهيان اوهان کي معافي ڏيڻ واري. اوهان ڇا جي ٿا معافي وٺو؟“
جان بيبي جو چهرو اندر جي اجهل ڪيفيت جي ڪري ڳاڙهو

ٿي ويو هو. هوءَ بيحد جذباتي ٿي رهي هئي. ڪيس پنهنجي جذبات تي ڪنٽرول ڪرڻ ڏکيو پئي پاسيو. طارق خان جي اڳيان سندس روپ جا رنگ وکري رهيا هئا، سندس هي انداز ته حيران ڪندڙ هو. هر لمحي سندس حسن نئين طرح سان نکري اڳيان پئي آيو. طارق خان پنهنجي اندر ۾ اٿل پٿل محسوس ڪئي پر هڪدم پاڻ سنڀالي چيو، ”جيڪو ماڻهو ڏوهه ڪندو آهي اهوئي معافي وٺندو آهي.“

”اوهان ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟“

”تنهنجي دل ڏکوئڻ وارو.“

جان بيبي رڳو ڪيس ڏسندي ئي رهي. طارق خان سوچيو، ’اڄ هوءَ اڳ جيان شرمائي به نٿي. سندس اکين ۾ محبت جو سمنڊ ڇوليون پيو هڻي! پر، اهو پيار ته مان سندس نيڻن ۾ هميشه ئي پاڻ لاءِ ڏٺو آهي ۽ هر بار نظرانداز به ڪيو اٿم. هاڻي مون کي ڀرپور انداز سان ڪيس نظرانداز ڪرڻ کپي نه ته منهنجي ٿوري به همٿ افزائي ڪيس تمام گهڻو اڳيان وڌائي ڇڏيندي.‘ ۽ پوءِ ان کان وڌيڪ طارق خان ڪجهه سوچڻ به نه چاهيو ۽ مشڪي چيو، ”جبار گهڻي دير ڪئي آهي، الائي ڇو؟“

جان بيبي جي اندر ۾ مانڌاڻ متل هو. طارق خان سندس اڳيان پنهنجي ڀرپور وجيهه شخصيت سان وينو هو ۽ سندس وجود مان اٿندڙ مهڪ ڪيس مست بنائي رهي هئي. سارو وايو منڊل ڪيس خواب پاسي رهيو هو. ٻئي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون وينل، رات، خاموشي، ساهن جي سرهاڻ ۽ طارق خان جو شاندار خوبصورت وجود ۽ هوءَ...... ڪيس لڳو سندس اڳيان ڪو ديوتا وينو آهي ۽ هوءَ ڪا داسي ڪا پوڄارڻ هجي. سندس اندر اڇل ڏني ته پنهنجي پيار جي ٻيک مڱڻ جي اهائي مهل اٿئي! طارق خان کي سندس پنهنجي اندر تنبيهه ڪئي. ڪيس روڪيو، هن هڪدم پاڻ کي وکرڻ کان بچايو، ”جان بيبي“، ”جي!!“ هوءَ ڇرڪي پئي، طارق خان جو لهجو صفا غيرجذباتي ۽ رکو هو.

”جبار ته الائي ڪيڏانهن ويو آهي، تون هاڻي پنهنجي ڪمري ۾ وڃ، يا ته وڃي جبار کي موڪل.“

جان بيبيءَ جون پياسيون اکيون مسلسل ائين ڪيس ڏسي رهيون هيون ڄڻ صحرا جي سفر ۾ پياسي کي اوچتو ڪٿي ٿڌي مٺي پاڻيءَ جو چشمو ملي ويو هجي ۽ هو بنا وقت ضايع ڪرڻ جي ٽِڪيندو ۽ اوتيندو وڃي اندر ۾. ۽ هوءَ به پنهنجي اندر جي اجايل صحرا جي اڃ اجهائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهي هئي. جبار کي ايندو ڏسي طارق خان اٿڻ لڳي، غير محسوس ٿيندڙ چڙ ۽ ڪاوڙ مان چيو، "ڪيڏانهن رهجي ويو هئين جبار."

جبار به ڪجهه شرمندو ٿي چيو، "سيئي فوٽو ادا ستار ڪٽي ويو آهي. مون پنهنجو ڪمرو ۽ ادا ستار جو ڪمرو ذرو ذرو ڪري ڳوليو پر اتي نه هئا. هاڻي سياڻي تائين انتظار ڪرڻو پوندو."

"نٿي مليا ته ٿيو ايڏي دير ڪيئي."

جان بيبيءَ سوچيو، 'مون سان گذاريل لمحا ايڏا بور ۽ غيراهم آهن جو دير سان اچڻ تي جبار تي چڙي پيو آهي' طارق خان مشڪي جبار کي چيو، "ڪنوار بلڪه پاڃائيءَ جو ديدار شايد اڃان نصيب ۾ ناهي."

"خواهش ڪڏهن به آسانيءَ سان پوري نه ٿيندي آهي ۽ جيڪا پوري ٿيندي آهي اها خواهش نه هوندي آهي."

شمو ۽ ملوڪان واريون چانهه ۽ ڪافي کڻي آيون ته طارق خان کلي چيو، "مائي شمو، هي چانهه ۽ ڪافيءَ جو آخري دور آهي، هاڻي سمهڻ کپي."

ڪافي پيئندي چيائين، "ڪافي ناهڻ ڪنهن سيکاري آهي؟"

"سائين، جيجي جانل کي الله وڏي حياتي ڏي ان ئي سيني کي سيکاري آهي."

شمو ۽ آمي طارق خان ۽ جان بيبيءَ کي ڏسي رهيون هيون. جان بيبي ته ننهن کان چوٽيءَ تائين پيار ۾ ٻڌل هئي پر طارق خان جي اکين ۾ جان بيبيءَ لاءِ پري پري تائين ڪابه سڪ ۽ سڌ نظر نه آئي ۽ ٻئي اداس ٿي ويون ۽ اکين ئي اکين ۾ جان بيبي جو ڏک اورڻ لڳيون. ڪافي پي طارق خان اٿيو ته سيئي اٿيا. جبار ڪيس وني سندس لاءِ تيار ڪيل ڪمري ۾ وني آيو ۽ جان بيبي شمو ۽

آميءَ سان گڏجي پنهنجي ڪمري ڏانهن هلي آئي. هوءَ ڏاڍي اداس هئي، ايندي ساڻ پلنگ تي ليٽي پئي. 'سستو ۽ بي اگهه تيڻ سدائين منهنجي ئي حصي ۾ آيو آهي! هن تہ سدائين پنهنجي انا جو جهنڊو سر بلند رکيو آهي، پر سرنگون ٿيڻ منهنجو مقدر بہ ناهي!! منهنجي وجود جي اهميت اگر هن جي اڳيان هوندي تہ هو پاڻ ئي موٽي ايندو... پر صبر جون واديون مون کي پناهہ ڏيڻ کان چو ٿيون نابري وارين؟ اي انتظار، تون پنهنجي ضبط مان مون کي بہ ڪجهہ ڏي!! اي صبر، تون پنهنجي وشال هنج ۾ مون کي پناهہ ڏي!!'

حمل خان جي حويليءَ جي هڪ ڪمري ۾ پلنگ تي ليٽيل طارق خان هزارين سوچن ۾ وڪوڙيل هو. هو شهناز ۽ جان بيبيءَ جو موازنو ڪري رهيو هو. شهناز کي هن دنيا جو هر سک، آرام، سهوليت ۽ خوشي ڏني هئي جنهن هميشہ موٽ ۾ ڪيس شڪ، بيقراري، جهڳڙا ۽ بي سڪوني ڏني هئي. شهناز جون ڪيل سيئي زيادتيون ڪيس ياد اچڻ لڳيون ۽ جان بيبي، جنهن کي هن ڪڏهن پيار جي هڪ نظر سان بہ نہ ڏٺو هو پر سندس اکين ۾ اندر ۾ مون هميشہ پاڻ لاءِ پيار جو درياءُ مست ۽ موجزن ڏٺو. ڪيس مهراب خان جي شاديءَ کان وٺي پنهنجي گهر ۾ ڏٺل دعوت تائين هر منظر چٽو نظر اچڻ لڳو ۽ هر منظر ۾ جان بيبيءَ جو پيار انتهائن کي ڇهندڙ نظر آيو. مون کي ڏسي سندس چهري تي جيڪا اندلث ايري تي، اهي سيئي رنگ ڪنهن لاءِ هوندا آهن؟ مون لاءِ صرف مون لاءِ، مان انهن رنگن جو مفهوم سمجهان ٿو، محسوس ٿو ڪريان! پر مان مجبور آهيان جو ڪيس موٽ ڏيئي نٿو سگهان ۽ ڪيس رنجائي وجهندو آهيان. طارق خان کي پنهنجي وڏي حيثيت ۽ مقام جو احساس هو. ڪيس خبر هئي تہ جنهن بلند مسند تي هو وينل آهي ان جا بہ ڪي فرض ۽ تقاضائون آهن جن لاءِ قربانيون ٿيون ڏيٽيون پون. ڪيس ڪي لفظ ياد آيا شڪسپيئر جا، "جيڪي بلند جاين ۽ اُچن هنڌن تي بيٺل هوندا آهن اهي ئي گهڻو ڪري طوفانن ۽ واچوڙن سان منهن مقابل ٿيندا آهن."

طارق خان پنهنجا ٻئي هٿ مٿي جي هينان ڏيئي، مسلسل سوچي رهيو هو. ايئن ئي جان بيبي پڻ پنهنجي ڪمري ۾ سوچن ۾ گم ليٽي پئي هئي ۽ صبر ڪي ايڏو ٻاڏائڻ جي باوجود ڪيس پناهه ملي نہ سگهي هئي. 'مان ڪيئن طارق خان اڳيان پنهنجو اندر اٿلايان؟ هو تہ ارادتن پيو مون کي ڏڪي ۽ نظرانداز ڪري پر آءٌ پنهنجي دل کي ڇا ڪريان؟ جيڪا طارق خان ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ نالو ٻڌڻ نٿي چاهي. پر هو مون کي نظرانداز ڇو ٿو ڪري؟ ان ڪري تہ سندس شخصيت عام ناهي؟ هو راڄ جو چڱو مڙس ۽ وڏو زميندار آهي. دنيا اڳيان سندس وڏي ۽ بارعب شخصيت جي هاڪ ۽ ڌاڪ آهي؟ 'اوهہ طارق خان، آءٌ تنهنجي پيار ۾ ايئن وڃائجي ويئي آهيان جو پنهنجو پاڻ سان بہ منهنجو ڪو رابطو ناهي رهيو. مان گم ٿي ويئي آهيان طارق خان، مون کي بازياب ڪر. پر توکي ڪهڙي خبر تہ ٻرندڙ رڻ ۾ پير اگهاڙا هلڻ ۽ لڙڪ لاڙڻ جن جو مقدر هوندو آهي اهي ڪيئن جيئندا آهن؟ ڇا تون ڪڏهن بہ پنهنجي اندر جي اکين سان، احساس جي نظرن سان منهنجي اکين ۾ وسيل سپنو ۽ آس ڏسي نہ سگهندين؟' جان بيبيءَ جي اندر ۾ اداسيءَ پر پکيڙيا ۽ هوءَ وهاڻن ۾ منهن وجهي روئڻ لڳي. سڏڪن تي چرڪي شمو اٿي آئي ۽ خاموشيءَ سان رڳو سندس وارن ۾ هٿ ڦيرائڻ لڳي. جان بيبيءَ جي من چيو، هينئر مان سندس تصور سان ڪيڏان پيئي، هينئر مون کي ڪوبہ تنگ نہ ڪري... ۽ سندس اندر ۾ سڏڪن جي تال تي لفظ نچڻ لڳا:

ٻڌو ڪنهن ٻنڌاڻ، هينئڙو هوتاڻيءَ سين،
ڪاجا پيڙس ڪاڻ، نبيريانس نہ نبري. (شاهہ)

صبح جو نيرن مهل طارق خان ۽ جان بيبي ٻنهي جون اکيون ڳاڙهيون هيون، جيڪي ڪنهن بہ نوٽ نہ ڪيون يا شايد سيني نوٽ ڪيون ۽ ڪين جواب ڪان بچائڻ لاءِ ڪنهن بہ سوال نہ ڪيو يا شايد انهن ٻنهي ڳالهين مان ڪابہ ڳالهہ نہ هجي. سيئي نارمل طريقي سان نيرن ڪري رهيا هئا بس رڳو اهو فرق هو جو جان بيبيءَ جون نظرون طارق خان جون ڳاڙهيون اکيون ڏسي بار بار

پئي حيرت مان ڏانهنس اتيون ۽ طارق خان پنهنجي اکين تي، چپن تي، ڇهري تي، سڄي وجود تي سندس اکين جا نرم ڇهاءُ محسوس ڪري ٿي، هڪ وار سندس ڏانهن نه نهاريو هو. طارق خان جو اندر باهه ٻنيل هو ۽ هن نٿي چاهيو ته اها باهه جان بيبيءَ ڏانهن منتقل ٿئي يا هو ڏسي ۽ محسوس ڪري سگهي ۽ پوءِ پنيور ڪي باهه لڳي وڃي. نيرن ڪندي ئي طارق خان هڪدم ٿپ ڏيئي اٿيو. سواءِ جان بيبيءَ جي سڀني سوال ڪيو، "ڇو ايترو تڪڙو اٿيا؟"

طارق خان بيحد جذباتي ٿي رهيو هو، پر پنهنجي جذبات کي خوبصورت نموني سان قابو ڪري مشڪي چيو، "ستار ۽ ياڃائي شايد دير سان اچن، ان وچ ۾ مهراب خان وٽان چڪر ڏيئي ٿو اچان."

امير بيبيءَ پيار مان ڪاوڙجي چيو، آهي ڇا، ايڏي تڪڙ، نيرن به سهي نه ڪئي اٿئي! ٿوري دير ته ويهه."

طارق خان کي هاڻي هتي هڪ لمحو رهڻ به خطري کان خالي نٿي نظر آيو. اتاولائيءَ مان چيائين، "پڪي، شام تائين اچي ويندس."

امير بيبيءَ چيو، "مون کي به تاجان ڏانهن وڃڻو آهي ڪيس وٺي اچڻ لاءِ مان ته هاڻي به ڪيس وڃڻ نٿي ڏنو پر ادي عزيز جان چيو ته اجان ڪجهه ڏينهن آهن سو وٺي ويس."

"پوءِ ته مون سان گڏجي هلو."

حمل خان ڪلي چيو، "اها واهه جي ڳالهه ٿيندي، پڪي پائيتو گڏجي وڃو.

امير بيبيءَ مشڪي چيو، "نه اڄ نه، سڀاڻي يا پرينهن وينديس."

طارق خان پنهنجي ڪمري ۾ وڃي اجرڪ ڪلهي تي رکي ٻاهر آيو. حمل خان ۽ جبار ڪيس گاڏيءَ تائين ڇڏڻ آيا. طارق خان هليو ويو ۽ جان بيبي درماندي ٿيڻ لڳي. ڪيس سندس رويو عجيب وچڙائيندڙ لڳو. هو پنهنجي اکين سان مون کي ڇو بيعزت ڪري ويو، ڇا مان هڪ نظر ڪٽي ڏسڻ جي به لائق ناهيان، هن ڇو مون کي ايئن محسوس ڪرايو ته مان غيراهم آهيان، منهنجو پيار يڪ

طرفو آهي، لطيف جو بيت سندس هانءَ تي هري آيو ۽ هن بي اختيار مشڪي ڏنو:

چـــنن تـــونءِ مچـــن، پـــاءِ اميـــري ان ســـين،
جي هو اوڳڻ ڏينئي سسئي، تہ تون ڳڻ ڏيئي ڳن،
پانـــد جهليـــو پـــن، ان ســـونهاري ســـڳ ســـين.

هوءَ آهستي آهستي هلندي طارق خان جي ڪمري ۾ آئي. سجو ڪمرو سندس مخصوص خوشبوءَ مان ڀريل هو. هوءَ مست بنجي ويئي. سندس نظر طارق خان جي سوٽ ڪيس ۽ سفري بيگ تي پئي، هنن تي سندس هٿ لڳا هوندا! ۽ هن سوٽ ڪيس ۽ بيگ جي ڪڙن تي پنهنجا پياسا چپ رکي ڇڏيا. ڪمري ۾ واسيل خوشبو ڪيس وڪوڙي وئي، ڪيس ائين لڳو ڄڻ هوءَ سندس ٻانهن ۾ جڪڙيل آهي. هن چرڪي پنهنجا چپ پري ڪيا ۽ اتي ويهي سجي ڪمري کي ڏسڻ لڳي. پلنگ جي چادر گهنجيل هئي ۽ وهاڻا بي ترتيب هئا. هن ئي هنڌ تي هو سجي رات ستو هوندو ۽ هنن ئي وهاڻن تي هن پنهنجو مٿو رکيو هوندو:

پنهونءَ پيرڙيون، گهر گهمنديِ جي ڏنيون،
سي مون سيرڙيون، نت نهارڻ پيئيون.

سندس اندر ۾ طوفان اٿڻ لڳا. هن پاڻ کي طارق خان جي هنڌ تي اڇلايو ۽ وهاڻن کي ڀاڪر پائي سڏڪڻ لڳي. سجو بدن لرزي رهيو هئس، 'تنهنجي اکين جي آرسيءَ ۾ منهنجي تصوير ناهي ۽ مان لمحي لمحي ڪٿي پئي ڀٽڪان ۽ پاڻ سان گڏ توکي بہ روليان. دل چاهي ٿي تہ توکي بہ ڪجهہ پريشان ڪريان ۽ پاڻ سان گڏ توکي بہ تڙپايان ۽ پوءِ توکان پڇان تہ سيني جي اندر، دل جي آسي پاسي ڇا ٿو وهي واپري؟ پر توکي ايتري فرصت ڪٿي. تون تہ پاڻ وهيٺو آهين ۽ اهو منهنجو مقدر آهي تہ ذرن جي صورت ۾ وکري وڃان بنا ڪنهن دانهن ۽ احتجاج جي.' سندس لڙڪن جا بند پڃي پيا هئا ۽ هوءَ هلڪي هلڪي اوڇنگارن سان روئي پئي. در تي بيٺل طارق خان ڪيس ڏسي سراپجي ويو، هو جڏهن گاڏي ۾

ڪجهہ اڳتي وڌيو هو تہ کيس ياد آيو تہ مهراب خان لاءِ آندل عطر ۽ ٻيو سامان اتي ئي بيگ ۾ رهجي ويو آهي ۽ هو اهو کڻڻ لاءِ جيئن ئي واپس موٽيو تہ حمل خان ۽ جبار اوطاق ۾ مهمانن سان وينل هئا هو انهن کي ٻڌائي تہ، ڪجهہ کڻڻ پلجي ويو آهيان ڪٽي تو اچان ۽ هو اڪيلو ئي آيو هو ۽ ڪمري ۾ اچي اهو سڀ ڏسي رهيو هو جيڪو سندس ويساهہ کان ٻاهر هو. جان بيبيءَ کي ڪابہ خبر نہ هئي تہ، هوءَ جنهن جي اڳيان پنهنجو اندر پڌرو ڪرڻ جو چاهہ رکي ٽي اهو تہ ڪڏهوڪو سندس اندر ڏسي چڪو آهي ۽ هينئر منزل جي سنگ ميل جيان بيٺل هو، طارق خان آهستي آهستي بي آواز قدم کڻندو وٽس آيو ۽ پنهنجو مضبوط هٿ سندس ڪلهي تي رکيو. هن ڇرڪي پنيان نهاريو ڄڻ خواب پئي ڏسي، هڪدم اٿي بيٺي. ڪجهہ لمحا ڇلڪندڙ اکين سان طارق خان جي اکين ۾ نهاريائين ۽ پوءِ روئندي هيٺ سندس قدمن ۾ ويهي رهي، طارق خان دنگ رهجي ويو، هڪدم هيٺ جهڪي کيس ٻانهن کان جهلي اٿاريو ۽ هوءَ کيس ياڪر پائي سڏڪي پئي. طارق خان کيس پنهنجي مضبوط ٻانهن ۾ وڪوڙي سيني ۾ لڪائي ڇڏيو. اهو سڀ ڪجهہ ٿي لمحن ۾ ٿي ويو هو. طارق خان کي ڄڻ هوش آيو. هن جان بيبي کي پاڻ کان ڄڻ ڇني ڌار ڪيو ۽ پاڻ پري ٿي ويهي رهيو. جان بيبيءَ جو هوش تہ الائي ڪهڙين غفائن ۾ گم ٿي ويو هو. هوءَ ڊوڙي ائين وٽس آئي جيئن ٻاٽيءَ کان ڌار ٿيل مڇي ڦٿڪندي وري ٻاٽيءَ ڏانهن موٽندي آهي. ڄڻ ٻاڏائڻ لڳي، ”خدا جي واسطي مون کي پاڻ کان ڌار نہ ڪر.“

طارق خان ڪمري کان ٻاهر ويندي چيو، ”نہ جاني نہ، اهو سڀ غلط آهي، تون جيئن چاهين ٿي اهو ممڪن ناهي.“

جان بيبي اڄ ڄڻ ساڳي نہ هئي. اڄ سندس سڀ وقار، خوداري ۽ شرم الائي ڪٿي رهجي ويا هئا. هن طارق خان کي ٻانهن کان جهلي آڻي پلنگ تي ويهاريو ۽ پاڻ هيٺ تي ويٺي تہ طارق خان جهلي کيس پاڻ سان گڏ پلنگ تي ويهاريو. ٻئي هڪ ٻي ڏانهن نهاريندا رهيا. جان بيبي اکيون هيٺ ڪري پلنگ تي رکيل طارق

خان جي هٿ مٿان پنهنجو هٿ رکي چيو، ”مان توکان سواءِ جيئري رهي نہ سگهنديس.“

طارق خان سندس هٿ جي هيٺان پنهنجو هٿ سرڪائي ڪڍي چيو، ”اهو تنهنجو فيصلو آهي ۽ منهنجو فيصلو اهو آهي تہ......“

جان بيبيءَ هڪدم چرڪي سندس خوبصورت چپن تي پنهنجو ننڍڙو نازڪ گلابي هٿ رکي چيو، ”منهنجي موت جو فيصلو ٻلي ڪر، پر مون کي پاڻ کان ڌار ڪرڻ جو فيصلو نہ ڪجين.“

طارق خان پنهنجي چپن تان سندس هٿ هٽائي پنهنجي هٿن ۾ مضبوطيءَ سان جهلي پريشان ٿي اٿيو تہ جان بيبي بہ ساڻس گڏ اٿي بيٺي. سندس هٿ طارق خان جي مضبوط هٿن ۾ پڪوڙيل هو. طارق خان نهايت جذباتي ٿي رهيو هو، ”جاني ڏس، تون ۽ مان عام ناهيون. اسان ٻنهي کي پاڻ تي ضبط ڪرڻ کپي ۽ اسان کي ضبط ڪرڻو پوندو.... تون جي ائين ئي هوندينءَ تہ مان ڪڏهن بہ هن گهر ۾ نہ ايندس.“

جان بيبي چرين وانگي مشڪي پئي، ”مون کي پنهنجي پيار تي ڀروسو آهي تہ هو توکي ڪٿي بہ آرام سان رهڻ نہ ڏيندو.“

طارق خان ڪيس حيرانيءَ مان ڏسي رهيو هو. ڇڻ ڪيس سندس ذهني حالت تي شڪ ٿي رهيو هجي. هن هڪدم پاڻ کي سنڀاليو ۽ سوٽ ڪيس کولي ان مان عطر ۽ ٻيو سامان ڪڍي سندس ڏانهن ٻنا نهارڻ جي ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو. جان بيبي سندس اوچتي وڃڻ تي ائين تڙپي پيئي جيئن پياسي جي وات تان ٿڌي پاڻيءَ جو ڀريل ڪٽورو ڪسيو وڃي. هوءَ ڊوڙي ڪمري جي دروازي وٽ اچي بيهي ڪيس ويندو ڏسندي رهي ۽ سندس خوبصورت هلڻ ۽ قدم کڻڻ وارا انداز اندر ۾ چٽيندي رهي. تان جو هو گيٽ کان ٻاهر نڪري ويو. هوءَ ڪمري کان ٻاهر نڪتي تہ شمو ۽ آمي ڪيس حيرت مان تڪينديون رهجي ويون ۽ هو پنهنجي ڪمري ۾ هلي آئي ۽ دروازو لاڪ ڪري پاڻ کي مطمئن انداز ۾ پلنگ تي ايئن اڇلايو جيئن ڪو سٽائي وڏي رقم جو سٽو کٽي

خوش ۽ مطمئن گهر اچي سمهندو آهي. اڄ تہ وٽس سوچڻ لاءِ وڏا خزانا هئا. اڄ تہ هوءَ پاڻ ئي سڄي طارق خان جي خوشبوءَ مان واسيل هئي، بلڪ هوءَ پاڻ ئي طارق خان جي مهڪيل وجود جو هڪ مهڪيل حصو هئي. طارق خان جا سرها ساهہ ڪيس گهيريو ويٺا ها ۽ ڪوڏ منجهان لطيف جو رسالو ڪٽي چمي ڏيئي سيني سان لاتو ۽ ڪولي پڙهڻ لڳي:

اچيو مر اچن، باروچا پنيور ۾،
پنيءَ لڳي جن، ڪميٽي ماٺهو ٿي.

مهراب خان جي حويليءَ ۾ مهراب خان ۽ طارق خان ڪچهري ڪري رهيا هئا. طارق خان جڏهن ڪيس ٻڌايو تہ هو حمل خان وٽ آيل آهي تہ مهراب خان ڏک مان چيو، "وري هينئر ئي ويندين ڇا؟"

"نہ هينئر نہ، شام جو ويندس، ڇو جو ستار پنهنجي ڪنوار مائٽن ڏانهن وٺي ويو آهي ۽ آءٌ آيو ئي ستار جي ڪنوار ڏسڻ آهيان."

اهو ٻڌي سردار مهراب خان جي چهري تي ڏک جا ڪارا ڪڪر اچي ويا، جيڪي طارق خان ڏاڍا ۽ محسوس ڪيا.

"مهراب خان، آءٌ جيئن تہ شاديءَ ۾ ٻاهران ئي هليو ويو هئس ۽ رسم مطابق ڪنوار کي منهن ڏيکارٽي نہ ڏني هئي ان ڪري آيو آهيان نہ تہ......"

"مون تہ ڪجهہ بہ نہ چيو."

"ها، تون ڪجهہ بہ نہ چئي سڀ ڪجهہ چئي ويو آهين، پر مون وٽ موٽ لاءِ ڪي بہ لفظ ناهن."

"شڪار تي هلين ٿو؟" مهراب خان موضوع بدلايو.

"بندوق آندي تہ اٿم، جيڪا تنهنجي مرضي."

"منهنجي مرضي نہ، تنهنجي مرضي."

"پوءِ نيڪ آهي، مان شام جو اتان ٿي اچان پوءِ.... ڇو جو منهنجو سامان ۽ بندوق اتيئي آهي."

"اڳ تہ ڪڏهن بہ گاڏيءَ مان سامان نہ لاهيندو آهين؟"

"پر ڪلهہ چاچا حمل خان ۽ جبار زوريءَ سامان لاهي ڪمري ۾ رکرايو."

”سمجهيم، مامي کي اهو ڊپ هو تہ متان هليو وڃين، پر بندوقون تہ منهنجون بہ آهن.“

”اڄ نہ، پلا سياڻي؟“

اڄ تہ طارق خان جي حواسن تي جان بيبيءَ جو اڻ وسرندڙ روپ سوار هو. جان بيبيءَ جي پيار واري اظهار ڪيس ڪيپ چاڙهي چڙيا هئا. اڄ ڪيس مهراب خان جي ڳالهين ۾ ڪچهرين ۾ بہ مزو نہ پي آيو. هوئن بہ هاڻي مهراب خان گهٽو منڌل رهڻ لڳو هو. پر اڄ تہ طارق خان وٽ ڪيس دلاسي يا دڙڪي جا ڪي ٻول ئي نٿي ليبا. طارق خان بہ جان بيبيءَ وانگيان لطيف جو عاشق هو. وٽس گنج سميت ڪيئي لطيف جا نسخا هئا. مهراب خان سان ڳالهائيندي ڳالهائيندي سندس اڳيان جان بيبيءَ جو ڌوتل گلاب جهڙو چهرو اچي ويو ۽ سندس اندر ۾ لطيف جو بيت وڄ وانگيان وراڪا ڏيڻ لڳو:

هلو هلو ڪاڪ ڪنڌين، جتي گهڙجي نينهن،
نڪا رات نہ ڏينهن، سيڪو پسي پرينءَ کي.

۽ هن من ئي من ۾ مشڪي ڏنو. مهراب خان سندس جائزو وٺي رهيو هو.

”چا ڳالهہ آهي طارق خان، اڄ تون ڇڻ اڳيون ناهين.“

”چا ۾ اڳيون ناهيان؟“

”بس، الائي چو اڄ تون مون کي مختلف پيو لڳين.“

”جڏهن ماڻهو پنهنجي زندگي جو مالڪ پاڻ ٿي ويندو آهي، تڏهن ٻيا مسئلا ثانوي حيثيت وٺي ويندا آهن.“

”مثلاً؟“

”مثلاً ڏک، اداسيون، بيقراريون.“

”مان تہ اڃان بہ ڪجهہ سمجهي نہ سگهيو آهيان.“

”مان بہ اڳ سمجهي نہ سگهندو هئس!!“

مهراب خان مشڪيو تہ طارق خان چيو، ”گلاب پاڻ کي ڪنڊن جي وچ ۾ ڏاڍو محفوظ سمجهندو آهي، پر جڏهن ڪو پنهنجي پرواهہ نہ ڪندي، پاڻ کي زخمي ڪري ڦٽي، رتو رت

ڪري ڪيس پٺي ۽ ڇني ويندو آهي تہ پوءِ گلاب ڏاڍو خوش ٿيندو آهي تہ مان ڪيڏو اهم آهيان جنهن کي حاصل ڪرڻ خاطر ڪو پاڻ کي ڦٽي ٿو. ساڳي ئي ڪيفيت ڪنهن اهم ۽ سرڪش ماڻهو جي دل جي بہ هوندي آهي جيڪو پاڻ کي ناقابل تسخير سمجهندو آهي پر جڏهن ڪو ڪيس حاصل ڪرڻ خاطر پنهنجي انا، وقار ۽ وجود جي بہ پرواهہ نہ ڪندي بلڪہ ڪنهن ڳالهہ جو فڪر ۽ اونو نہ ڪندي پنهنجي احترام کي داءُ تي لڳائي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تہ اها دل بہ پاڻ کي اهم سمجهڻ ۾ حق بجانب هوندي آهي. خاص ڪري جڏهن ڪو بيحد اهم ماڻهو ان دل کي اهميت ڏي ۽ اهم سمجهي، باقي ان ڳالهہ ۾ ڪهڙو مزو تہ ماڻهو ڪنهن کي پسند ڪري ۽ ضد ڪري، بلڪ ٻار جيان ڪيٽو ڪري تہ اهو ضرور مون کي ملڻ گهرجي، ۽ پوءِ حاصل بہ ڪري وٺي بنا ان ڪوج جي تہ اڳيون بہ ڪيس پسند ڪري ٿو؟ اهم سمجهي ٿو يا نہ! اها تہ ٻنهي دلين جي توهين آهي." طارق خان تہ الائي ڪهڙي جذبي هيٺ اهي سڀ ڳالهيون ڪري رهيو هو پر سندس هڪ هڪ ڳالهہ مهراب خان جي اندر ۾ تکي تير جيان ڪپندي ويئي. طارق خان اهو محسوس ڪري چرڪي پيو تہ سندس ڳالهيون مهراب خان کي اداس ڪري رهيون آهن.

"ڇو مهراب خان ماٺ ڇو آهين."

"اڄ ڳالهائيندي تو هڪڙو ڀيرو بہ مون ۾ نہ نهاريو. بس، پنهنجي ئي پور ۽ رواني ۾ ايئن ڳالهائيندو وئين جيئن سنڌو مستيءَ ۾ اچي سڀ ڪجهہ وهائي ويندو آهي بنا ڪنهن سوچ جي تہ پويان ڪيڏيون دانهون، رڙيون ۽ ٻاڪاريون ڇڏيو پيو وڃي!"

"ڇا واقعي ايئن ٿيو آهي؟"

"مان تہ بهرحال "ها" نہ ڪندس باقي جي تو ڪي پنهنجا ڳالهايل لفظ ياد اچن تہ ضرور جانچجانءِ تہ انهن جي پهچ ڪٿي ڪٿي آهي."

"مون جيڪو بہ ڳالهايو آهي ان جو هڪ هڪ لفظ نہ صرف ياد اٿم پر انهن جي جوابداري قبول ڪرڻ لاءِ پڻ تيار آهيان."

”کهڙيون پيو جوابداريون قبولين، هاڻي مون کي شرمندو نہ ڪر.“

”مان اهو سڀ ان لاءِ چيو آهي تہ تون پنهنجي اداسي ختم ڪرين ۽ پاڻ کي نارمل ڪري اڳ جيان منهنجي لفظ لفظ تي مون کي جهلين ۽ اعتراض ڪرين.“

۽ واقعي مهراب خان نارمل ٿي ويو ۽ اٿي طارق خان کي پيار مان ڀاڪر پائي چيو، ”سچ بہ يار، آءٌ ضرورت کان وڌيڪ اداس رهڻ لڳو آهيان.“

”دوا هميشہ ڪڙي ۽ تلخ ٿيندي آهي. هيءَ تہ ڦهريون ڊوز هو. سنو ٿيو تو تڪڙو ئي محسوس ڪيو نہ تہ توکي کهڙي خبر تہ تو ڪيترن کي اداس ڪيو آهي؟“

”معافي يار معافي.“

طارق خان ٿهڪ ڏيئي ڪيس ڀاڪر پاتو تہ مهراب خان بہ جاندار ٿهڪ ڏيئي ڪيس زورائتا ڀاڪر پاتا. عزيز جان ڪمري ۾ آئي، مهراب خان کي کلندو ڏسي خوشيءَ مان سندس اکيون پرجي آيون جيڪي رئي سان اگهي چيائين، ”رب جا وڏا ٿورا لک احسان.... ڏٺي اوهان ٻنهي کي وڏي ڄمار ۽ خوشيون نصيب ڪري.“

مهراب خان ماءُ کي اکيون اگهندي ڏسي بيقرار ٿي اڳيان وڌيو ۽ سندس هٿ چمي چيو، ”ڇو امان، روئين ڇو ٿي؟“

”پٽ، ڪيترن ڏينهن کان پوءِ توکي کلندو ڏٺو اٿم.“

”ڏنئي مهراب خان، مون صحيح چيو هو نہ؟“

مهراب خان کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو، ”امان، مون کي معاف ڪر.“

عزيز جان ڪيس چمي ڏيئي چيو، ”الله توکي سدائين خوش ڪري پٽ.“

طارق خان ٻنهي ماءُ ۽ پٽ جو پيار ڏسي مشڪي رهيو هو. عزيز جان وڌي طارق خان جي نرڙ تي چمي ڏيئي چيو، ”پٽ، الله اوهان ٻنهي جون محبتون ۽ خوشيون هميشہ قائم رکي.“

”آمين“ طارق خان مشڪي چيو. شبيءَ اڇي چيو، ”ماني تيار آهي جيجي.“
عزيز جان چيو ”ابا هاڻي اٿو، هلو.“
طارق خان اٿندي چيو، ”اجان تہ آءٌ ادي تاجان سان بہ نہ مليو آهيان هوءَ ڇا سوچيندي.“
عزيز جان چيو، ”ماني کائي پوءِ ملجين.“
”طبيعت ڪيئن اٿس، ڀقي امير بيبي بہ سياڻي يا پرينهن ڪيس ونڻ لاءِ ايندي.“
”پٽ، طبيعت تہ نيڪ اٿس پر ڦهريات آهي سو ڏڄي ٿي. آءٌ چوان ٿي تہ ڀلي هتي هجي پر رواج آهي تہ ڦهريون ٻار ناناڻن وٽ ڄمندو آهي. سو ڀلي ادي اميران اڇي وٺي وڃينس.“
مانيءَ کان پوءِ طارق خان عزيز جان سان گڏجي مٿي تاج بيبيءَ وٽ آيو.
”ڪهڙا حال آهن ادي؟“
”ادا نيڪ آهيان، اوهان ڪيئن آهيو، ۽ ادي شهناز ڪيئن آهي؟“
”مان تہ نيڪ آهيان، باقي شهناز جو حال اوهان جهڙو ئي آهي.“
ان تان سيني ڪليو، عزيز جان چيو، ”تاجان جا مهينا پورا آهن ۽ شهناز جا اجان ٿورا آهن.“
طارق خان ڪلي چيو، ”ماسي، رڙيون تہ ائين ٿي ڪري جو ماڻهو پريشان ٿي وڃي.“
”پٽ تڪليف هونديس.“
”نہ ڀقي، ڊاڪٽر گهٽا بہ آهن تہ ويجها بہ آهن سو....“
تاج بيبيءَ چيو، ”ادا، اوهان کي امان جي هيڏانهن اچڻ جي خبر ڪيئن پئي؟“
”ادي، آءٌ جادوگر ناهيان. مان ڪلهہ آيو هئس چاچا حمل خان جي گهر ستار جي ڪنوار کي ڏسڻ، پر ستار پنهنجي ڪنوار کي وٺي ساهرن ڏانهن ويو آهي. مان رات اتي هئس ۽ هاڻي بہ اوڏانهن پيو وڃان.“

تاج بيبي پنهنجي اباڻي گهر جون ڳالهيون ٻڌي خوش ٿيڻ لڳي. ٿوري دير ويهڻ کان پوءِ طارق خان تاج بيبيءَ جي هٿ ۾ خرچي ڏيئي اٿيو تہ عزيز جان چيو، ”ابا، اهو روز روز ڇا ٿو ڪرين، نڪو مهمان آهين نڪو اوپرو، گهر جو ڀاتي آهين ايندي ويندي خرچيون پيو ڏين!“

طارق خان ٿهڪ ڏيئي چيو، ”ءِ ماسي، اوهان بہ هر ڀيري روڪيو ٿا.“

طارق خان هيٺ آيو تہ مهراب خان اتي نہ هو. شبيءَ ٻڌايو تہ ٻاهر اوطاق ۾ ماڻهو آيا آهن. طارق خان عزيز جان سان موڪلائي اوطاق ۾ آيو ۽ اتان مهراب خان سان موڪلائي روانو ٿيو. مهراب خان ڪي الائي ڇو طارق خان تي رشڪ اچڻ لڳو ۽ هو تيستائين گاڏيءَ کي ڏ-ندو رهيو جيستائين هو نظر پي آئي.

ستار ڪنوار کي وني آيو هو ۽ سيئي شام جي ڇانهہ پي رهيا هئا. امير بيبيءَ ستار کي ٻڌايو تہ طارق خان خاص ڪنوار کي ڏسڻ لاءِ آيو هو ۽ پوءِ اوهان نہ هئا هاڻي هو مهراب خان ڏانهن ويو آهي. جان بيبي من ئي من ۾ خوش هئي. ڪيس پڪ هئي تہ هو وري ايندو، ڇو جو هو ڇئي ويو آهي پر وڏي پڪ اها تہ سندس بيگ وغيره ڪمري ۾ رکيل آهن جن کي هوءَ الائي ڪيترا ڀيرا چمي ۽ هٿ لائي آئي هئي. سيئي ڳالهيون ڪري رهيا هئا پر هوءَ تہ خيالن ۾ گم ڇانهہ جا ننڍڙا ننڍڙا سرڪ پي رهي هئي. ڇانهہ پي خاموشيءَ سان اٿي ٻاهر اڱڻ ۾ آئي. وڻن وٽ اچي هيٺ مٿي نهارڻ لڳي. انب ۽ ڄمونءَ جي وڻ ۾ ڪانگن جو آکيرو هو جتي ڪانگن جو جوڙو چنهبون ملائي هڪبئي کي چميون ڏيئي رهيو هو. هوءَ مشڪي مشڪي کين ڏسي رهي هئي. هو دنيا کان بي نياز پيار ونڊي رهيا هئا. ڪويل جي ڪوڪ ڪيس پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪيو. هن نهاريو تہ انب جي وڻ تي گهرن ساون پنن ۾ گهري ڪاري ڪويل پنهنجون ڳاڙهيون اکيون ميڇي فل واليوم ۾ ڪوڪي رهي هئي. هونئن بہ ڪويل جي ڪوڪ سندس ڪمزوري هئي ۽ جي ڪنهن ڏينهن ڪويل نہ ڪوڪيندي هئي تہ هوءَ ماڻهوءَ ماڻهوءَ

ڪان پڇندي هئي ته، اج ڪويل چو نه ڪوڪيو؟ پر هينئر ته ڪويل مستيءَ منجهان ڪوڪي رهي هئي ۽ ڏور... ڪٿي وڻن سندس ساٿي به پوري قوت سان ڪيس ورندي ڏيئي رهيو هو، جنهن تي ويتر مست ٿي هن اجان به زور سان پي ڪوڪيو. جان بيبيءَ مشڪي سوچيو، 'منهنجي دل به ته ايئن ئي طارق خان لاءِ ڪوڪي ٿي. ڪويل آزاد آهي ۽ خوشقسمت به جو ڪوڪي ته سگهي ٿي ۽ مان؟' طارق خان ته سندس ڪابه حوصله افزائي نه ڪئي هئي پر هوءَ الائي چو ايڏي خوش ۽ مطمئن هئي! شايد پيار ان کي ئي ٿو چئجي! ۽ شايد پيار جو معراج اهوئي آهي ته پريتم وٽ پڪار پهچي! ورندي ۽ صلي جي آس رکڻ ته پيار جي سرشت ۾ ئي ناهي. ڪويل جي ڪوڪ سندس چاهه لاءِ وڏا ٽيڪا ۽ چاڙيون هئي. جيئن تي ڪويل ڪوڪيو تيئن تي سندس اندر طارق خان کي پڪاريو. 'طارق خان، ازل کان اهو دستور هليو پيو اچي، جيڪو پيار ڪندو آهي اهو ايئن هوندو آهي جيئن مان! ۽ جنهن سان پيار ڪيو ويندو آهي اهو اهڙو هوندو آهي جهڙو تون! ۽ اهو سلسلو بنا ڪنهن رنڊڪ جي هلندو پيو اچي ازل کان ۽ شايد ابد تائين ۽ سنگساري جي رسم قائم دائم بلڪه پرجوش هئڻ جي باوجود به پريم ۽ پريمي زنده رهند اپيا اچن هر جنم ۾. ۽ ڪهاڙين جي چانون هينيان وصل ۽ ميلاپ جا خواب گلابن جيان مهڪندا رهيا آهن هر دور ۾ پوءِ پلي تعبير لاءِ ڪيڏائي ڪنور ڪشت ڪرڻا پون، يا پوءِ ڪهاڙين جي چمڪات ۾ ڳترن جي صورت ۾ ڪين زوريءَ جون دستبرداريون ڪرائٽيون پون، پر تڏهن به روح جي اها مرڪ جيڪا پيار جي ديدار جو مقدر آهي اها ڪوبه جابر ڪسي نه سگهيو آهي، اج تائين پريميءَ جي چپن تان. پوءِ اها مرڪ بنا غسل ۽ بنا ڪفن جي مٺيءَ جي اونهاين ۾ دفن ٿي ويندي آهي رضاڪارانه طور، "اسلام عليڪم!" طارق خان جي آواز تي جان بيبيءَ چرڪي نهاريو ۽ سندس روح سرشاريءَ مان مرڪي ڏنو. جان بيبيءَ ڪيس اکين سان پليڪار ڏني ۽ هو ڪيس نظرانداز ڪرڻ جي حد تائين ڪنڌ ذوڙي اندر هليو ويو. اهو جواب آهي

پليڪار جو؟ وري پاڻ ئي مرڪي چيو، اکين سان ڏنل پليڪار جو جواب ڪنڌ سان ئي ڏبو آهي. طارق خان کي ڏسي سيني خوشيءَ مان اتي ڪيس پليڪار ڏيئي ڪيڪاريو. ستار اڳيان وڌي ساڻس پاڪر پائي مليو، حسنہ بہ ڪيس ڏسي مشڪي رهي هئي. حسنہ، طارق خان کي اڳ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هو پر سندس ڳالهيون مهراب خان جي گهر ۾ ۽ هتي بہ گهڻيون ٻڌيون هيون. هو ڪيس سندس تعريف کان وڌيڪ خوبصورت ۽ باوقار لڳو. طارق خان بہ اڳ ڪڏهن حسنہ کي نہ ڏٺو هو پر مهراب خان جون ڳالهيون ٻڌي ڪيس ڏسڻ جي خواهش ضرور ٿي هئي ۽ حسنہ کي ڏسي دل ۾ چيائين، 'واقعي مهراب خان جي ديوانگي ۽ ڪاوڙ بناسبب ۽ بناجواز جي نہ هئي ۽ واقعي مهراب خان تون خوش قسمت ناهين.' ڪيس ستار مهراب خان جي مقابلي ۾ وڏو ڀاڳوان ڀاسيو، طارق خان ڪيس مٿي تي هٿ رکي ڪيڪاريو. پوءِ سيئي گڏجي ستار جي ڪمري ۾ آيا. جان بيبي اتان ئي پنهنجي ڪمري ڏانهن هلي وئي هئي. طارق خان ستار جي ڪمري ۾ اچي ويهندي چيو، "پقي، منهنجو سامان تہ ساڳي ئي ڪمري ۾ آهي نہ؟"

"ها پٽ، هاڻي تہ اهو ڪمرو تنهنجو ئي آهي."

"پقي، خيال رکجو، ڪڏهن ڪڏهن رهي پوڻ وارا ماڻهو مشڪل سان قبضو ڇڏيندا آهن!"

حمل خان کلي چيو، "وعدو آهي، اسين توکان ڪڏهن بہ قبضو نہ ڇڏائينداسين."

"مان اچان ٿو." ۽ اڪيلو ئي پنهنجي ڪمري ۾ آيو. سندس ڪمرو، جنهن کي هو بي ترتيب ڇڏي ويو هو اهو سڄو ترتيب سان سينگاريل هو. پلنگ تي نئين چادر پيل هئي ۽ سائيڊ ٽيبل تي رکيل گلدان ۾ تازا گلاب ۽ موتيا پيل هئا. هن هڪڙو گلاب کڻي سونگهيو، "جاني، تون وڏهي حاصل ڪرڻ جي لائق آهين، پر توکي حاصل ڪرڻ لاءِ آءٌ ڪا وک بہ اڳيان نہ کڻندس. مان بہ پابند آهيان عزتن ۽ احترامن جو. وس پڄندي پنهنجو ويساهہ نہ وڃائيندس. تون منهنجو ساٿ ڏي جاني. مون کي وڪڙڻ نہ ڏي." هن

ڪٻٽ جي مٿان رکيل پنهنجو سوٽ ڪيس کنيو ته ان جي مٿان رکيل ننڍڙو نيرو لفافو اڏامي اچي سندس پيرن ۾ ڪريو. هن جهڪي لفافو کنيو. لکيل هو. ”تنهنجي لاءِ طارق خان“ ۽ طارق خان جي دل سٽڪي سان ڌڙڪي پيئي. هن ڪمري جو دروازو لاڪ ڪيو ۽ پلنگ تي ويهي لفافو کوليو:

’سمجهه کان ٻاهر ماڻهو، توکي سڏڻ، پڪارڻ مون لاءِ ڪڏهن به مشڪل نه رهيو آهي. منهنجي وجدان توکي مون لاءِ آسان بنائي ڇڏيو آهي ۽ توکي تمام سولائيءَ سان خيالن ۽ خوابن ۾ سڏي وٺندي آهيان. هينئر بس اهوئي چوڻو اٿم ته تون منهنجي دل ۾ منهنجي روح ۾ رهيل آهين. ڪيئن رهيو آهين؟ اهو مان پاڻ به نٿي ڄاڻان پر رهجي ويو آهين... هاڻي توکي اهو حق آهي ته مون کان لاتعلق ٿي پري ٿيءُ، مونکي نظرانداز ڪري منهنجي اذيتن ۾ اضافو ڪري سگهين ٿو ۽ منهنجي توهين ڪري مون کان منهنجي ئي ذات جو احترام کسي سگهين ٿو. اهي اختيار تڏهن کان توکي مليل آهن جڏهن کان آءٌ پنهنجي دل جي اڳيان بي اختيار ٿي ويئي آهيان.

فقط مان، جيڪا تنهنجي اندر جي افق تي ايرڻ جي قابل ناهيان.‘

طارق خان خط پڙهي سوٽ ڪيس ۾ رکيو ۽ ڪي گهڙيون ترسي اتي ئي ٽيبل تي رکيل قلم ۽ ڪاغذ کڻي لکڻ لڳو. ”توکي نظرانداز ڪرڻ جو حق پاڻيان ٿو ته ڪنهن کي به ڪڏهن به ملي نه سگهندو، ڇو جو توکي نظرانداز ڪرڻ ڪنهن جي وس ۾ ئي ناهي، تنهن ڪري اهو اختيار منتقل ڪرڻ جو ڪڏهن تصور به نه ڪجانءِ. آءٌ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪري چڪو آهيان ۽ ظاهر آهي ته پنهنجي راهه ۽ منزل جو تعين به ڪيو هوندم. تنهنجو رستو تنهنجي منزل تنهنجي راهه ۾ نيڻ وڇائي ويٺا آهن، جتي تنهنجي قدمن جي آجيان لاءِ گلاب پٿاريل آهن. ان مهڪيل راهه تي هلڻ ئي تنهنجي موتئي جهڙن پيرن کي پاڻ پوندو بنسبت ان پرائي راهه جي، جتي اوجاڳيل ڪنڊا ۽ ٿانڊا اجنبي مسافر جي تاڪ

۾ وات ڦاڙي وينا آهن ڪيس پسم ڪرڻ لاءِ.“ طارق خان هڪ ڀيرو وري بہ پنهنجي لڪٽيءَ کي پڙهيو ۽ پوءِ پنهنجي ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيو ۽ سوٽ ڪيس ڪولي انهن لاءِ آندل تحفا ۽ شيون ڪٽي ڪمري کان ٻاهر نڪتو. ستار جي ڪمري ۾ آيو تہ سڀئي سندس منتظر هئا سواءِ جان بيبيءَ جي! طارق خان مشڪي پهرين حسنہ کي شاديءَ جو تحفو سون جو سيٽ ڏنو، پوءِ ستار جي ٻانهن ۾ جرڪندڙ واچ ٻڌي ۽ حمل خان، امير بيبيءَ ۽ جبار لاءِ آندل تحفا کين ڏنا. ستار چيو، ”اوهان تہ مون کي شاديءَ ۾ بہ واچ ۽ منڊي ڏني هئي هاڻي وري بہ......“

طارق خان کِلي چيو، ”جيڪا شيءِ جنهن لاءِ هوندي آهي قدرت ان وٽ ئي پهچائيندي آهي.“

امير بيبيءَ مشڪي چيو،

”۽ سيني جون چيزون پهرين تو وٽ ڪيئن پهچنديون آهن؟“

سڀئي ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. جان بيبيءَ لاءِ طارق خان ڪجهہ بہ نہ آندو هو شايد تنهن ڪري هن سندس لاءِ پڇيو بہ نہ پر ٻين بہ ڪنهن جان بيبيءَ جي غير موجودگي محسوس نہ ڪئي! جان بيبي پنهنجي ڪمري ۾ سيني جا ٽهڪ ٻڌي رهي هئي. ختوءَ اچي ٻڌايو تہ طارق خان سيني کي تحفہ ڏنا آهن. هاڻ تہ ڪيس پڪ ٿي وئي تہ طارق خان سندس خط پڙهيو آهي جيڪو سوٽ ڪيس جي مٿان رکيل هو. هاڻي تہ طارق خان جي اڳيان وڃڻ لاءِ ڪيس همٿ ئي نہ هئي ۽ ڪيس ان اڻتڻ منجهائي رکيو. ”خط پڙهي هن ڇا سوچيو هوندو؟“

ختو وري آئي ”جيجي، توکي پيا سڏين ماني تيار آهي.“

”مون کي بک ڪانهي.“

”پوءِ بہ جيجي، سيني سان گڏجي ويهہ تہ سهي.“

جان بيبي کي الائي ڇو مٿس ڪاوڙ اچي ويئي، ”جيئن مان ٿي چوان ايئن وڃي چئو.“

ختو حيرانيءَ مان ڪيس ڏسندي هلي وئي. ٿوري دير کان پوءِ امير بيبي آئي.

”ڇا ڳالهہ آهي جاني، جيئن طارق خان آيو آهي تون ويني ئي ناهين. طبيعت تہ نيڪ آهي نہ؟“

”ها امان نيڪ آهيان.“

”پوءِ ڇو، سڌو سان بہ نہ آئين؟.“

”ٻک ئي ڪونهي امان تہ پوءِ؟“

”پوءِ بہ پٽ طارق خان ڇا سوچيندو، اٿ پٽ هل.“

”چڱو اوهين هلو، آءٌ اچان ٿي.“

امير بيبيءَ ڪيس پيار مان ٻچڪاريندي چيو، ”سنو ٻچو آهين نہ منهنجو، سگهو اچجين.“

جان بيبيءَ واش روم ۾ اچي پاڻ کي آرسيءَ ۾ ڏٺو ۽ ٿڌي پاڻيءَ جا ٻڪ پري منهن تي وجهڻ لڳي. هوءَ سڄي ٽپي باهہ تي ويئي هئي. ٿڌو پاڻي ڪيس مزو ڏيڻ لڳو. واش بيسن جي هيٺان وارو نل کولي پنهنجا پير ان جي هيٺان رکي ڇڏيا. ڪمري ۾ اچي، وارن کي ابتي سبتي ڦڻي ڏيئي ڪمري کان ٻاهر نڪتي. ورانڊي ۾ ماني رکجي ويئي هئي. سيئي وينا هئا. ڪيس ڏسي حمل خان چيو، ”آءُ پٽ آءُ.“

هوءَ آهستي آهستي اچي امير بيبيءَ جي پر ۾ ويني. سندس اکيون هيٺ هيون. طارق خان سندس بلڪل اڳيان سامهون وينو هو ۽ ڪيس ڏسي رهيو هو. سوچيائين، بغير ميڪ اپ ڪرڻ جي سندس ڌوتل مک هميشہ ايئن لڳندو آهي ڄڻ ماڪ ۾ وهنتل گلاب هجي! مانيءَ کان پوءِ سيئي اتي ورانڊي ۾ صوفن تي وينا هئا تہ طارق خان چيو ”هاڻي مان هلنديس.“

جان بيبيءَ چرڪي ڏانهنس نهاريو. امير بيبيءَ ۽ حمل خان، ٻنهي ڪورس ۾ چيو، ”ڇو هينئر ڇو؟“ ان تان سيئي کلڻ لڳا تہ جان بيبيءَ چيو، ”واقعي هينئر رات جو ڇو؟“

طارق خان ڪيس ئي ڏسي ۽ سندس ڪيفيت سمجهي رهيو هو پر ٻنا ڪنهن اهميت جي چيو، ”ها، مان هينئر ئي ويندس.“

ستار اتي چيو ”سوال ئي پيدا نٿو ٿئي تہ هينئر مان اوهان کي وڃڻ ڏيان.“

جبار کِلي چيو، ”جانيءَ جي ڳالهہ تہ ڪنهن بہ غور سان نہ ٻڌي چوي ٿي رات جو نہ وڃو!“ ستار کِلي چيو،

”هوءَ پاڻ رات جي سفر کان ڊڄي ٿي سو....“

سيئي ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا تہ طارق خان ستار کي ڏسي سنجيدگي سان چيو، ”نہ يار، آءٌ کلهہ کان آيل آهيان.“

”کلهہ اسين نہ هئاسين ۽ اڄ سڄو ڏينهن ادا مهراب خان جي حوالي ڪيوَ باقي رات تہ سائين ڪچهري ڪبي.“

حمل خان، امير بيبي ۽ جبار بہ اتي بيٺا. حمل خان چيو ”پٽ اڄوڪي رات رهي پئو.“

حسنہ جنهن طارق خان کي پهريون ڀيرو ڏٺو هو اها بہ چوڻ لڳي، ”ادا، اڄوڪي رات هتي رهي پئو.“

سيئي کلڻ لڳا. ستار کلي چيو، ”ڏسو ادا، منهنجي ڪنوار بہ پيئي اوهان کي جهلي!“

ان تي بہ سيني کليو پر جان بيبي يڪو حيران هئي. طارق خان مشڪي چيو، ”نيڪ آهي آءٌ ادي حسنہ جي ڪري رهي ٿو پوان.“

وري بہ سيئي کلڻ لڳا. حسنہ اکيون هيٺ ڪري مشڪڻ لڳي. وري سيئي ويٺا تہ حمل خان چيو، ”صوفن تي ٽنگون ٽڪي ٽيون پون هيٺ ٿا ويهون.“

هيٺ قالين تي وهاڻا ۽ طول آڏي رکيائون ۽ سيئي هيٺ ويٺا. جبار چيو، ”ستار، شاديءَ جون سيئي تصويرون ڪٽي ويو هئين. رات تہ آءٌ ڳولي ڳولي اڌ مئو ٿيو هئس؟“

”ها يار، واقعي مون کان غلطي ٿي جو نہ ٻڌايم.“

ستار اٿي وڃي پنهنجي ڪمري مان شاديءَ وارا سيئي البم کڻي آيو ۽ سيئي ڏسڻ لڳا. رات جو دير تائين ڪچهري ٿيندي رهي. حمل خان ۽ امير بيبي تہ موڪلائي سمهڻ هليا ويا. حسنہ کي بہ ننڊ اچڻ لڳي تہ طارق خان ستار کي حسنہ ڏانهن متوجهہ ڪري چيو، ”ستار هاڻي اوهان بہ ٻنهي کي موڪل آهي ۽ آءٌ بہ آرام ڪندس.“

ستار کلي اٿيو ۽ حسنہؔ کي وٺي پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو ويو.

جبار ڪلي چيو، ”مون کي تہ ننڊ ناهي باقي جانيءَ جي خبر ڪانهي.“

جان بيبيءَ پنهنجي ڪليل سجاڳ اکين جي ساک سان چيو، ”نہ مون وٽ ننڊ ڪٿي؟“

طارق خان چيو ”ننڊ تہ مون کي بہ ناهي، پر رات سمهڻ ۽ آرام لاءِ هوندي آهي.“

جبار ڪلي چيو، ”آهيون اهي ئي رات وارا ٽي ڪٺا.“

ان تان الائي ڇو جان بيبي کان ٽهڪ نڪري ويو جنهن جو ساٿ جبار جي وڏي ٽهڪ ڏنو.

طارق خان جان بيبيءَ کي ڏسي چيو ”شاهہ تہ پڙهندي آهين نہ؟“

”ها پڙهندي آهيان!“

”تہ پوءِ ٿي وڃي امتحان.“

”ڪهڙو امتحان؟“

طارق خان مشڪي چيو، ”لطيف جي بيتن تي ٿيئي ٿا بيت بازي ڪريون.“

جبار ڪلي هٿ ٻڌي چيو، ”مون کي تہ معافي ڏيو، مان ايڊوانس ۾ ئي هار ٿو مڃان.“

طارق خان چيو، ”ڇو ڀلا لطيف کي نٿو پڙهين ڇا؟“

”ايترو گهڻو نہ.“

”ڇو؟“

جبار کان اڳ جان بيبي چيو، ”ادا جبار کي شعر کان وڌيڪ نثر ۾ دلچسپي آهي.“

جبار ڪلي چيو، ”ايئن بہ ناهي لطيف جا اڪثر نسخا مون آندا آهن جيڪي جانيءَ وٽ آهن.“

طارق خان چيو ”تون وٽ گنج آهي؟“

جبار چيو ”نہ، اهو اڃان نہ ورتو اٿم.“

طارق خان بيساختہ چيو ”سنو ٿيو!“

جان بيبيءَ ۽ جبار حيرت مان ڪيس ڏنو جبار چيو، ”ڇو سنو ڪيئن ٿيو؟“

طارق خان ڳالھ ٽنائي چيو، ”جبار جي عدم دلچسپيءَ جي ڪري بيت بازي ملتوي ٿا ڪريون. هاڻي منهنجو خيال آهي تہ آرام ڪرڻ ڪپي.“

طارق خان اٿيو تہ جبار ۽ جان بيبي بہ اٿيا ۽ پري ديوار ڪي ٽيڪ ڏيئي وينل شمو ۽ آمي بہ اٿيون. طارق خان ڪلي چيو ”هنن شايد جان بيبيءَ ڪان اڳ نہ سمهڻ جو قسم ڪنيو آهي.“ ۽ ڪين شب بخير چئي پنهنجي ڪمري ڏانهن وڌيو تہ جبار بہ ڪين ”شب خير“ چئي پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو ويو. جان بيبي، شمو ۽ آميءَ سان گڏ پنهنجي ڪمري ڏانهن ٿي ويئي تہ طارق خان شموءَ ڪي سڏي ۽ پاڻ پنهنجي ڪمري ۾ اچي سوٽ ڪيس مان گنج ڪڍي ان ۾ پنهنجي ڪيسي مان جان بيبيءَ ڏانهن لڪيل پنو ڪڍي گنج ۾ رکيو! شمو اندر ڪمري ۾ آئي، ”جي سائين“ طارق خان گنج ڪي لفافي ۾ وجهي شموءَ ڪي ڏئي چيو، ”هيءَ شاھ جو رسالو آهي جان بيبيءَ ڪي وجي ڏي.“

شموءَ خوشيءَ مان وني اڪين تي رکي چمي چيو، ”سائين، جيجي جانل ڏاڍي خوش ٿيندي.“ ۽ ڪمري ڪان ٻاھر نڪري ويئي. جان بيبي شموءَ جو انتظار نهايت بيقراري سان ڪري رهي هئي تہ آخر ڪيس طارق خان ڇو سڏيو آهي، شموءَ اچي گنج ڏيئي چيو، ”جيجي، هي سائين طارق خان اوهان لاءِ ڏنو آهي... مني مرشد لطيف جو رسالو آهي.“

جان بيبي خوشيءَ مان وني لفافي مان ڪڍيو، گنج ڏسي حيران ٿي ويئي ۽ ڪيس طارق خان جا لفظ ياد آيا. ”سنو ٿيو گنج ناهي.“ گنج جان بيبيءَ جي خواهش هئي. هوءَ ڪولي ڏسڻ لڳي تہ اندارن پنو نڪري آيو. هن هڪدم گنج ٽيبل تي رکيو ۽ پنو پڙهڻ لڳي. جيئن جيئن پڙهندي ويئي تيئن تيئن سندس اندر ٻرندو ۽ چهري جو رنگ ڦرندو ويو. مايوسي، اداسي، چڙ ۽ ڪاوڙ، هن هڪدم ليٽر پيڊ ۽ قلم ڪنيو ۽ لکڻ لڳي. شمو سمهڻ واري هئي تہ جان بيبيءَ پنهنجي شاھ جي رسالي ۾ پنهنجو لکيل پنو وجهي ڪيس ڏيندي چيو، ”هي رسالو طارق خان ڪي ڏيئي، اتي ئي

دروازي جي ٻاهران بيهي رهج!“ شمو اوٻاسي ڏيئي اٿي ۽ رسالو وٺي اڪين تي رکي ڇمي، ڪمري ڪان ٻاهر نڪتي. طارق خان جي ڪمري جو دروازو بند هو. هن اجان مس هلڪي ”ٺڪ ٺڪ“ ڪئي تہ طارق خان هڪدم دروازو کوليو! شموءَ ڪيس رسالو ڏنو جيڪو وٺي هن هڪدم وري دروازو بند ڪري ڇڏيو. رسالو کولي پنو ڪڍي پڙهڻ لڳو، ”هر ماڻهوءَ کي اظهار جي آزاديءَ جو حق هئڻ گهرجي. مون اهو حق حاصل ڪيو. ائين ئي پنهنجي راهہ پاڻ پسند ڪرڻ، چوندڻ بہ ماڻهوءَ جو بنيادي حق آهي. ڪوبہ ماڻهو پنهنجي راهہ ۾ ڪندا ۽ ٽاندا نہ وڇائيندو آهي. پر جڏهن مقدر بضد هجي اهي سوغاتون ڏيڻ لاءِ تہ پوءِ ماڻهو تي اهو بہ فرض عائد ٿئي ٿو تہ هو پيرن تي قياس ڪري اڪين کي انهيءَ ڪندن ۽ ٽاندن وڇايل راهہ تي لاهي. ان موقعي تي اڪين جا بہ ڪي فرض آهن ۽ انهن کي بہ ادائگيءَ ۾ ڪوتاهي ڪرڻ نہ گهرجي ۽ اهي بہ مسافت طئي ڪرڻ ۾ هٿ ونڊائين. بهرحال اڪيون بہ ساڳي وجود جو ايئن ئي حصو آهن جيئن پير!!“ طارق خان پيرن بدلي اڪين کي ڪندن ۽ ٽاندن واري راهہ تي هلائڻ وارو فلسفو سمجهي ويو تہ هن ڪيس ڪندن ۽ ٽاندن تي هلڻ ڪان ديڄاريو ٿي ۽ هوءَ اتي اڪيون رکڻ لاءِ تيار آهي. هو پريشان ٿي ويو.

”جاني، تنهنجو قدر ڪرڻ مون تي واجب آهي ۽ مون تي رحم ڪرڻ توتي فرض.“

هن ساڳي ئي رسالي ۾ اهي سٽون رکي دروازو کوليو تہ شمو بيٺي هئي. طارق خان حيران ٿي چيو، ”چو شمو هتي ڇو بيٺي آهين؟“

”سائين، جيجيءَ چيو هو تہ اتيئي بيٺي هج!“

طارق خان ڪيس رسالو ڏيئي خاموشيءَ سان دروازو لاڪ ڪري ڇڏيو. جان بيبي بيقراري مان اچ وڃ ڪري رهي هئي. شموءَ ايندي ساڻ ڪيس رسالو ڏيئي هيٺ ويهندي چيو، ”هاڻي جيجي، آءٌ سمهان ٿي.“

آمي ڪونگهرا هڻي رهي هئي شمو بہ سندس پر ۾ سمهي

پيئي ۽ ٿوري دير ۾ ڪونگهرا هٽڻ لڳي. جان بيبيءَ رسالو ڪولي پنو ڪنيو. سندس سڄو بدن آتش دان بڻجي ويو.

طارق خان پلنگ تي ليٽيو پيو هو ۽ وهاڻي جي پير ۾ ڪن وٽ سندس ننڍڙي ٽيپ رڪارڊر تي محمد جمن جو گيت وڄي رهيو هو:

يار ڏاڍي عشق آتش لائي هي،
وي سانون لگ گئي بي اختياري،
سيني دي وچ نہ سمائي هي....

دروازي تي هلڪي نڪ نڪ تي. "شمو هوندي." هن اٿي دروازو کوليو. دروازي تي جان بيبي حسن جو شاهڪار بڻجي بيٺي هئي. طارق خان جون مٽيون منجهي ويون.

"اوه، هي ڇا؟"

طارق خان بس ايترو ئي اڪليو ۽ هوءَ اندر اچي دروازو بند ڪري ساڻس چنبڙي پئي. طارق خان مضبوطي سان جهلي ڪيس پاڻ ڪان ڌار ڪندي چيو، "جاني، اها تون مون سان بيواجبي تي ڪرين، ضروري ناهي تہ تنهنجي مرضي منهنجي بہ مرضي هجي. مان اهو سڀ نٿو چاهيان، جيڪو تون ٿي چاهين؟"

طارق خان جو ڳنڀير ڌيمو آواز ۽ لهجو صفا اوپرو ۽ کهرو هو. جان بيبيءَ بنا ڪنهن احساس جي سندس اکين ۾ نهاري چيو، "ڄاڻان ٿي تہ توکي پنهنجي عزت جو فڪر ۽ خيال آهي ۽ بيعزت آءٌ بہ ناهيان پر اهو تون بہ ڄاڻي وٺ تہ توکان سواءِ مري ويندس، بس."

هوءَ اچي روئڻ ۾ ڇٽڪي. طارق خان سندس ويجهو اچي چيو، "هينئر تون هن ڪمري مان نڪري وڃ، ان ڪان وڌيڪ ٻيو مان ڪجهہ بہ چوڻ نٿو چاهيان."

جان بيبيءَ هنجن هاڻا نيڻ کڻي چيو، "نيڪ آهي مان وڃان ٿي، پر هن ڪان پوءِ تون مون کي ڏسي نہ سگهندين، ڇو تہ مان ڪمري سان گڏ دنيا مان ئي نڪري ويندس."

طارق خان جهڙو شينهن مڙس بہ محبت جي انتها تي

گهبرائجي ويو. سندس هٿ جهلي چيائين، ”نہ جاني، تون ائين نہ ڪنديءَ.“ ڪيس وٺي اچي پلنگ تي ويهاري پاڻ بہ سندس پر ۾ ويٺو تہ جان بيبيءَ ٺمندڙ نيڻ کڻي چيو، ”مون کي رڳو ايترو ٻڌاءِ تہ مان واقعي توکي نٿي وڻان؟“

طارق خان سندس چنڊ چهري کي ڏٺو جنهن مان چاندوڪي ڦٽي سڄي ڪمري ۾ سهائي آڻي رهي هئي. نهايت سچائيءَ مان چيو، ”مان تہ چا، پر دنيا جو ڪوبہ مرد توکي ناپسند نٿو ڪري سگهي.“

”پوءِ چو مون کان لاتعلق ٿو رهين؟“

”مان مجبور آهيان.“

”چا ۾ مجبور آهين، ڪهڙي مجبوري آهي؟“

”چاچا حمل خان ۽ مهراب خان جون اکيون ٿيون آڏو اچن. مان پلا اهڙو آهيان جو سندن گهرن ۾ اچي... نہ هرگز نہ... مان ڪڏهن بہ نہ!!“

جان بيبيءَ سندس هٿ جهلي چمندي چيو، ”سيني جو خيال ڪرين ٿو، منهنجو نہ....“

طارق خان جيڪو سونهن جو شيدائي هو، اهو حسن کي باڏائيندي ڏسي تڙپي پيو. اندر جي اونهاين ۾ زوري دٻايل جذبي ڪر کنيو ۽ هن جان بيبيءَ جو هٿ جهلي پنهنجي چپن تي رکيو. طارق خان پاران پيار جي ان اعتراف جان بيبيءَ جي اندر ۾ پاتالن تائين ٿڌڪار پري چڏي. طارق خان ڪيس منٿ ڪئي تہ هوءَ هلي وڃي ۽ هوءَ خاموشيءَ سان سندس ڪمري کان ٻاهر نڪري وئي ۽ پنهنجي ڪمري ۾ اچي گنج سيني سان لائي ليٽي پيئي:

نيڻ نہ ننڊون ڪن، پڳو آرس اکڙين،
اجهاميو ٻرن، توکي ساريو سپرين.

## باب ستون

گھر ڏانھن موٽندي سڄي رستي ۾ جان بيبيءَ جي مهڪ ۾ ڇھاءَ ڪيس ٻي ڪنهن ٻـ پاسي ڏيان ۾ سوچڻ جي مهلت نـ ڏني. مهراب خان وٽ پهچي بہ هو اندر حويليءَ ۾ عزيز جان سان ملڻ نـ ويو ۾ اتان ئي مهراب خان سان موڪلايو، ”شڪار ٻي ڀيري ڪبو.“ چئي ڪراچي روانو ٿيو. سيئي واٽون سيئي رستا روشن ۾ مهڪيل هئا. سندس نيري رنگ جي لينڊ ڪروزر جيتري تيز رفتاريءَ سان ڪراچيءَ ڏانهن محو سفر هئي اوترو ئي تيز رفتاريءَ سان سندس سوچون پنيان جان بيبيءَ ڏانهن وڃي رهيون هيون. ”عجيب پاڻ وهيٺي آهي جاني. شايد پيار جو جذبو ٿيندو ئي پاڻ وهيٺو آهي.“ گاڏي حب ڊيم واري مٽين روڊ تي چڙهي ڪيس حب جو مٺو نيرو پاڻي ڏاڍو وڻڻ لڳو. هن سامهون نهاريو. ڪراچيءَ ڏانهن ويندڙ پاڻي نهايت خوبصورتيءَ سان چڪر ۾ ور ڪاٽي پي ويو. اڳ ڪان گهٽو ٿورو هو پر طارق خان هتان الائي ڪيترا ڀيرا آيو ۾ ويو هو پر اڄ ڪيس هي نظارو ڏاڍو حسين ۾ حيران ڪن لڳي رهيو هو. ڄڻ پهرين وار ڏسي رهيو هجي. هر منظر ۾ خوشي ۾ سونهن اوتجي ويئي هئي. پيار پنهنجو ڌار وجود رکي ٿو، جنهن ۾ اکيون ڪن، زبان ۾ هر اهو حواس هوندو آهي جيڪو ماڻهوءَ جي ظاهري وجود ۾ هوندو آهي. پيار جو ڏسڻ، ٻڌڻ، ڇهڻ، چکڻ، سونگهڻ ۾ لهجو ڌار خاصيت رکندڙ آهن. طارق خان کي اهو ساڳيو حب جو پاڻي جنهن کي هو بنا ڪا توجهہ ۾ اهميت ڏيڻ جي گذري ويندو هو، اهو بيحد حسين ۾ روشن نظر اچي رهيو هو. ”نيرو نيرو خوبصورت پاڻي. ڪيڏو خوبصورت منظر آهي.“ سندس اندر جي سونهن اوتون ڏيئي ٻاهرين نظارن جي، حسن کي دائميت بخشي رهي هئي. هن کي ساعتون گاڏي بيهاري اهو منظر ڏٺو ۾ پوءِ مشڪي گاڏيءَ کي اڏائيندو گهر پهتو. شهاز ڏاڍي ڪاوڙيل هئي.

”اڃان ٻہ اتي رهين پوين ها؟“

”هاڻي ايئن ئي ٿيندو.“

طارق خان بيپرواهي سان سندس پر مان لنگهي پنهنجي ڪمري ۾ آيو ۽ ڪٻٽ کولي ان ۾ سوٽ ڪيس ۽ سفري بيگ رکي پاڻ اچي پلنگ تي ليٽيو. سندس اکيون بند هيون. جان بيبيءَ جي ياد سندس سيني تي مٿو رکيو تہ هو مشڪي پيو:

ڪو جو ڪنهين پار، اکيون ڏسي آئيون،
ٿيون ديوانيون دل ۾، اپر لڳن آر،
تهان پوءِ قرار، ستيون ڪين سيد چئي.

ياڳي اچي سندس پيرن کي روز ڏيڻ لڳي. ”سائين، ٻہ راتيون لائي چڏيون!!“

”ها ياڳي، پهرين رات تہ ستار ۽ ڪنوار نہ هئا، هتي تہ سڀ خير آهي نہ ٻيو ڪو آيو ويو؟“

”سائين سڀ خير آهي. ماڻهو تہ گهڻا ئي پيا اچن وڃن پنهنجن ڪمن لاءِ اسان ڪين چيو تہ ٻاهر ويل آهن. ڪلهہ جيجي حسن جان بہ آئي هئي.“

”چا ادي آئي هئي. پوءِ؟“

”پوءِ سائين اوهين نہ هئا ۽ هوءَ هلي وئي.“

”شهناز تہ ساڻس ڳالهايو ٻولهايو تہ نہ!“

”بس سائين!!“

”چا بس سائين، وڙهي هئي چا، اديءَ سان؟“

”نہ سائين وڙهي ٻڙهي تہ ڪانہ هئي پر جيجي حسن جان ويني نہ، ٻيني پير هلي وئي.“

”غلطي تہ مون کان ٿي هئي جو اديءَ سان موڪلائي نہ ويو هئس، هوءَ منهنجو فڪر ڪري آئي هوندي. ٺيڪ آهي مان هينئر ئي تو وٽس وڃان.“

طارق خان وهنجي سهنجي تيار ٿي ٻاهر ٿي نڪتو تہ شهناز چيو، ”ڪلهہ تنهنجي ڀيڻ آئي هئي ۽ مون سان وڙهي وئي آهي.“

طارق خان ڪيس بنا جواب ڏيڻ جي گهر کان ٻاهر نڪري ويو.

طارق خان پنهنجي پيٽ حسن جان جي گهر پهتو حسن جان، جيڪا طارق خان جهڙي ئي خوبصورت ۽ باوقار هئي. اها اٿي پاڻ سان ملي ۽ کيس وٺي ڪمري ۾ آئي.

"مامو آيو، مامو آيو." ٻه خوبصورت ٻار ڊوڙندا طارق خان کي چنبڙي ويا.

طارق خان کين پاڪرن ۾ ڀري چميون ڏيئي چيو، "ڪهڙا حال آهن دوستو."

ستن سالن جي منير نهايت مهذب طريقي سان چيو، "نيڪ آهيون ماما."

"۽ تنهنجا ڪهڙا حال آهن تنوير يار."

ڇئن سالن جو تنوير شرمائڻ لڳو. کيس هنج ۾ ويهاري طارق خان پيٽ کي سنجيدگيءَ سان چيو. "ادي، ڪلهه منهنجي گهر آئي هيئين؟"

"ها، مان آئي هيس پر تون نه هئين..."

"آءٌ چاچا حمل خان وارن ڏانهن ويو هئس. بلڪل هاٺي ئي موٽيو آهيان، پڙم ته تون آئي هيئين سو هليو آيس."

"چاچا حمل خان وارا سيئي خوش هئا؟"

"ها، سيئي خوش هئا."

حسن جان اٿي تي ته طارق خان کيس ويهاريندي چيو. "ادي، هينئر آءٌ ڪجهه ٻه نه کائيندس، ويهه."

"ڪالهه شهناز ڪجهه ڳالهايو هو ڇا؟"

"مان ۽ شهناز پاڻ ۾ ڄاڻون تون وچ ۾ نه پئه."

"شهناز تڏهن خوش ٿيندي آهي جڏهن سندس پائر ۽ پيٽيون ايندا آهن."

"يلي خوش ٿئي. مان به تنهنجي اچڻ تي ڪيڏي خوش آهيان. اها ته قدرتي ڳالهه آهي."

"ادي، تون هر پيري سهي ويندي آهين، شهناز ان لائق ناهي جو تو سان گهٽ وڌ ڳالهائي."

"ڪير ٿو چوي ته هن مون سان گهٽ وڌ ڳالهايو آهي. هوءَ

تنهنجا خار ڪنهن تي لاهي؟ ظاهر آهي مان ئي تنهنجي پيڻ آهيان سو... باقي هوءَ دل جي خراب ناهي. تون منهنجو فڪر نہ ڪر، تنهنجي گهر ۾ اچڻ سان منهنجي ڪابہ بيعزتي نٿي ٿئي، اهو منهنجو پنهنجو گهر آهي. باقي تون شهناز جو خيال ڪندو ڪر. خاص ڪري هنن ڏينهن ۾، هينئر بہ تون هليو ويو هئين."

"مان جي هليو ويو هئس تہ پنيان گاڏيون، ڊرائيور، نوڪر ۽ سڀ ڪجهہ هو، باقي."

طارق خان اٿيو، حسن جان کيس گهڻو ئي ڪاڏي لاءِ روڪيو پر، طارق خان چيو. "ادي ماني تہ آءٌ هينئر گهر ۾ بہ نہ ڪائيندس، بس ٿورو آرام ڪريان، هتي ٻئي راتيون ڪچهريون ٿيون ۽ مان پوري طرح ننڊ ڪري نہ سگهيس."

حسن جان کيس نرڙ تي چمي ڏيئي دعائون ڪيس ۽ طارق خان سندس ٻئي هٿ وٺي اکين تي رکي چميا ۽ ڪانئس موڪلائي گهر آيو ۽ خاموش خاموش پنهنجي ڪمري ۾ آيو. پاڳيءَ اچي مانيءَ لاءِ پڇيو.

"نہ، ماني نہ ڪائيندس، اڪبر ڪٿي آهي. سويل بہ نہ ڏنم، هينئر ڪٿي اچينس."

"سائين، سويل ستو پيو هو ۽ هاڻي خدو گهمائڻ وٺي ويو اٿس."

پاڳيءَ کيس پيرن تي زور ڏيڻ چاهيا تہ هن پنهنجا پير پري ڪندي چيو، "مان ڪجهہ دير سمهڻ ٿو چاهيان. دروازو لاڪ ڪيو وڃ."

طارق خان سڌو سنئون پلنگ تي پير پير جي مٿان چاڙهي ليٽي پيو تہ جان بيبيءَ جو هر روپ ساڻس ڳالهائڻ لڳو. "مان توکان سواءِ جيئري رهي نہ سگهنديس، مان هن دنيا مان ئي نڪري ويندس."

"توکي اختيار آهي طارق خان! تون مون کي ڏڪاري منهنجي اذيتن ۾ اضافو ڪري ٿو سگهين."

جان بيبيءَ جي گذار جسم جو لمس کيس پاڪرن ۾ پرڻ لڳو.

هن اتي ڪبٽ کولي سوٽ ڪيس مان جان بيبي جا لکيل پنا ڪڍي وري اچي پلنگ تي ويهي پڙهڻ لڳو.

”سمجهہ کان ٻاهر ماڻهو... فقط مان جيڪا تنهنجي اندر جي افق تي اپرڻ جي لائق ناهيان.“

طارق خان مشڪڻ لڳو. ”تون ڇا جي لائق آهين اها مون کي خبر آهي.“ وري ٻيو پنو ڪڍي پڙهڻ لڳو. ”هر ماڻهو کي اظهار جي آزادي وارو حق ملڻ گهرجي. مون اهو حق حاصل ڪيو آهي. ايئن ئي پنهنجي راهہ پاڻ پسند ڪرڻ چوندڻ بہ ماڻهوءَ جو بنيادي حق آهي. ڪوبہ ماڻهو پنهنجي راهہ ۾ ڪنڊا ۽ ٽانڊا نہ وڇائيندو آهي. پر جڏهن مقدر بضد هجي اهو سوغاتون ڏيڻ لاءِ تہ پوءِ ماڻهوءَ تي بہ اهو فرض عائد ٿو ٿئي تہ هو پيرن تي قياس ڪري اکين کي انهيءَ ڪنڊن ۽ ٽانڊن وڇايل راهہ تي لاهي، ان موقعي تي اکين جا بہ ڪي فرض آهن ۽ انهن کي بہ پنهنجي فرض ۾ ڪوتاهي ڪرڻ نہ گهرجي ۽ اهي بہ مسافت طئي ڪرڻ ۾ ساٿ ڏين ۽ هٿ ونڊائين، بهرحال اکيون بہ ساڳي وجود جو بلڪل ايئن ئي حصو آهن جيئن پير.“

هي سٽون طارق خان کي ساڳي ئي نموني تڙپائي ويون جيئن پهريون پيرو پڙهڻ سان هو تڙپي پيو هو. ”جاني، آءٌ تنهنجو مطلب سمجهان ٿو، پر آءٌ ايئن ڪري نٿو سگهان. احتياط مون تي فرض آهي. توکي پري ڪندي جيڪا اذيت مون سٺي، ان جي ذري کان بہ جي تون واقف ٿئين تہ اتي هڪڙو پل بہ گذاري نہ سگهين پر اها پوڳنا لازم آهي تہ مان ئي پوڳيان اڪيلو.“

”حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪيان ذري....“

۽ جان بيبيءَ جون يادون ياڪرن ۾ پري پاسو ورائي سمهي پيو.

# باب اٺون

حمل خان جي حويليءَ ۾ جشن لڳو پيو هو. تاج بيبيءَ پٽ ڄڻيو هو. سردار مهراب خان کي پهريون پٽ ڄائو هو. پڳ جو وارث. مبارڪون منايون حمل خان جي حويليءَ ۾ اوتجي پيون هيون. عزيز جان، مهراب خان کي وٺي حمل خان جي حويليءَ ۾ آئي، سيئي خوش ٿي ساڻس ملڻ لڳا. حسن کي ڏسي مهراب خان سڀ وساري وينو ته هوءَ حمل خان جي ننهن ۽ ستار جي زال آهي ۽ ان سان به کينڪارڻو آهي متي تي هٿ رکي!! حسن جڏهن کيس پليڪار ڏني ته هو ڄڻ سجاڳ ٿيو. امير بيبي کيس وٺي تاج بيبيءَ جي ڪمري ۾ آئي.

تاج بيبي کين ڏسي مشڪي پئي. مهراب خان پينگهي ۾ ستل پنهنجو پٽ ڏسڻ لڳو.

عزيز جان خوش ٿي چيو، ”پٽ، هيءُ ته سچو تو جهڙو آهي.“

سيئي کلڻ لڳا. ستين ڏينهن حمل خان جي حويليءَ ۾ ڇٽيءَ جي رسم وڏي خوشي ۽ ڪاج سان ٿي ۽ ننڍڙي تي سندس ڏاڏي سهراب خان جو نالو رکيو ويو. چاليهن ڏينهن کان پوءِ تاج بيبيءَ جي چلي لاهڻ جي رسم ٿي ۽ کيس وهنجاريو ويو ۽ پوءِ عزيز جان تاج بيبيءَ ۽ ننڍڙي سهراب خان کي وٺي پنهنجي حويليءَ ۾ آئي جتي وڏي ڌوم ڌام سان عقيقي جي رسم ٿي. سيئي مائٽ ۽ دوست گڏ ٿيا، طارق خان به شريڪ ٿيڻ آيو هو، ٻي ڏينهن مهراب خان ۽ عزيز جان سان ملي تاج بيبيءَ کي مبارڪون ڏيڻ ۽ ننڍڙي سهراب خان کي ڏسڻ لاءِ متي آيو. تاج بيبيءَ جي ڪمري ۾ گهڙيو ته سندس پهرين نظر جان بيبي تي پئي. جان بيبي پڻ دروازي ڏانهن ئي ڏسي رهي هئي. ٻئي هڪ ٻي کي ڏسي ايئن بيهي رهيا ڄڻ پٿر جا بيجان مجسما هجن. ڪي گهڙيون بس هڪ ٻئي کي ڏسندا ئي رهيا. تاج بيبي اکيون بند ڪري ليٽيل هئي. ننڍڙي جي

روئڻ تي ٻئي چرڪي پيا ۽ تاج بيبيءَ ٻـ اکيون کوليون. طارق خان کي ڏسي اٿي ويٺي تـ طارق خان اڳيان وڌي ساٽس کنڪاري ڪيس ننڍڙي جون مبارڪون ڏنيون ۽ تاج بيبيءَ مشڪي خير مبارڪ چئي، جان بيبيءَ ڏي نهاريو جيڪا حيرت سان طارق خان کي تڪي رهي هئي. ”جاني، ادا طارق خان کي ويهار تـ سهي.“

جان بيبي چرڪي تـ طارق خان صوفي تي ويهي مشڪي چيو. ”هي منهنجو پنهنجو گهر آهي. هتي تـ جاني پاڻ مهمان آهي ۽ اسان کي سندس خدمت ڪرڻ گهرجي.“ جان بيبيءَ مشڪي چيو،

”هتي ڪوبہ مهمان ڪونهي، پنهنجا پاڻ ۾ آهيون.“

جان بيبي، تاج بيبيءَ سان گڏ پلنگ تي ويٺي. طارق خان ٽنگ ٽنگ تي چاڙهيو سامهون صوفي تي ويٺو هو. جان بيبيءَ جون اکيون طارق خان لاءِ آتيون ۽ اڃيون هيون سندس اندر ۾ لطيف جو بيت هرڻ لڳو:

وســـــن ۽ وهـســـــن، ڏهــــاڙي ڏســـــڻ لئـــــہ،
جيئن جيئن پرين پسن، تيئن تيئن نشا نينهن جا.

جان بيبي الائي ڪهڙن خيالن ۾ هئي ۽ طارق خان ڪيس ڏسي رهيو هو ۽ ڪمري ۾ خاموشي ڇانيل هئي. تاج بيبيءَ مشڪي چيو، ”چاهي جاني، ڳالهائين ڇو نٿي، اسين تـ بور پيا ٿيون.“

”ڇا ڳالهايان ڪو موضوع ئي نٿو سجهي.“

طارق خان کلي چيو، ”چڱو آءٌ ماسي عزيزجان سان ٿو وڃي ڪچهري ڪريان هتي تـ لفظ ۽ جملا ڏاڍا مهانگا آهن.“

”لفظ پنهنجو اگهہ پاڻ ڪٿين ٿا ۽ انهن جو قدر ۽ قيمت جنهن بہ بازار ۾ هٿ تي هوندو اتي ئي لهندا.“

”ان جي معنيٰ تـ هتي لفظن جو قدر ۽ قيمت ناهي، ان ڪري نٿا لهن؟“

ان تي ٻئي کلڻ لڳيون. تاج بيبيءَ چيو، ”ادا، هن ئي هفتي ۾ امان ۽ بابا وارا ادا جبار جي مڱڻي ڪرڻ لاءِ ڪراچي ايندا.“

اهو ٻڌي جان بيبيءَ جي چهري جو رنگ هيڊو ٿي ويو. طارق خان چيو، ”ڪٿي پڪي نور بيبيءَ جي گهر ۾؟“

"ها."

"تون بہ ابندينءَ نہ؟"

"نہ ادا، آءٌ اجان هلڻ جوڳي ناهيان."

طارق خان جان بيبيءَ ڏي نهاري مشڪي چيو، "ءِ جان بيبي تہ ضرور ايندي ياءُ جي مڳٽي ۾."

"نہ آءٌ ڪراچي نہ وينديس!!"

"چو؟"

طارق خان ۽ تاج بيبيءَ گڏ چيو تہ جان بيبيءَ ساڳي اداسي مان چيو، "بس منهنجي دل نٿي چوي."

تاج بيبيءَ حيرت مان چيو، "مڳٽيءَ ۾ تہ سيئي وينداء تون اڪيلي گهر ۾ ويهندينءَ؟"

"اڪيلي چو. مون زهريءَ کي چيو آهي اها بہ هتي مون وٽ هوندي ۽ بيون بہ مايون آهن."

"امان کي ڀڄائي سگهندينءَ، ادا جبار توکي هتي ڇڏيندو؟"

جان بيبيءَ چڙي چيو. "چو ڀلا، زبردستي آهي ڇا، مان نٿي وڃڻ چاهيان بس، نہ ويندس."

طارق خان ٻنهي ڀينرن جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو. جان بيبي کيس تمام مختلف ۽ انوکي لڳي. هن دل ۾ چيو، "ڪاش ڀاڄاني، تون مون کي اڳ ملين ها!؟" سندس هر انداز طارق خان جي اندر ۾ نقش ٿي رهيو هو. طارق خان موضوع بدلايو. "گنج پڙهيئي؟"

"ها."

"اهو مون خاص تنهنجي لاءِ ورتو هو."

تاج بيبي ٻنهي کي حيرت مان ڏسي رهي هئي، هو ٻئي هڪ ٻئي سان ڪيڏي پنهنجائپ مان ڳالهائي رهيا هئا! جڻ ٻنهي جون صديون جون سڃاتون هجن. طارق خان چيو، "گنج ۾ ۽ شاهہ بادشاهہ جي ٻين نسخن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟"

"گنج ۾ ڏکين لفظن جون معنائون نہ ڏيڻ واري ڪوٽ هر ماڻهو محسوس ڪندو، ڇو جو انهن جي ئي آڌار تي ماڻهو لطيف کي سمجهن ٿا."

”واقعي تو بنبادي ڳالهہ نوٽ ڪئي آهي ۽ اها وڏي ڪوٽ آهي گنج ۾. ڏڪين لفظن جون مسنائون نہ ڏيڻ جي ڪري گنج اڏورو آهي صفا.“

مهراب خان جي اچڻ سان ماحول اوپرو ۽ پرائو ٿي ويو چڻ ۽ جان بيبي جيئن اڳ طارق خان سان پنهنجائپ مان ڳالهائي رهي هئي اها محتاط ٿي ويئي. مهراب خان ايندي ساڻ پنهنجو پٽ پينگهي مان ڪٽي طارق خان کي ڏيکاري چيو. ”ٻڌائي سگهندين تہ سهراب خان ڪنهن جهڙو آهي؟“

”اجان تہ صفا ننڍڙو آهي. ٻار تہ هر سال شڪل بدلائيندو آهي.“

”پر هينئر ڪنهن جهڙو آهي؟“

طارق خان، سرخ سفيد تندرست ۽ خوبصورت سهراب خان ۾ نهاري چيو، ”هينئر تہ بس پيارو ۽ خوبصورت آهي.“

مهراب خان کلي چيو، ”جانچي ڏسينس، صفا جانيءَ جهڙو آهي.“

طارق خان کان هلڪو چرڪ نڪتو پر پاڻ سنڀالي ٻار کي غور سان ڏسي وري جان بيبيءَ کي ڏسي ٿهڪ ڏيئي چيائين، ”ها يار، واقعي سچ ٿو چوين.“

”سنو ٿيو جو مون تي ۽ تاجيءَ تي نہ ويو.“

جان بيبي شرمائڻ لڳي ۽ تاج بيبي انهري ٿي وئي. طارق خان ٻار کي ڏسي چيو، ”واقعي سهراب خان پنهنجي ماسيءَ جهڙو آهي.“

مهراب خان کلي چيو، ”ماسيءَ جهڙو نہ، ماسيءَ جهڙو خوبصورت آهي.“

شبي ۽ حوا چانهہ منايون ڪٽي آيون. سندن پنيان ئي عزيز جان بہ مشڪندي آئي.

”پٽ طارق خان، منهنجو پوٽو ڏٺئي؟“

”ها، ماسي ڏٺو اٿم تمام پيارو آهي.“

”ڪنهن جهڙو آهي؟“

طارق خان ٿهڪ ڏئو تہ سيئي کلڻ لڳا، عزيز جان حيران ٿي چيو ”سيئي ڳڏجي چو ٿا کلو؟“

”ماسي هينئر هينئر اسين اهائي ڳالهه ڪري رهيا هئاسين.“
”جانيءَ جهڙو آهي نه؟“
”امان، مون به ايئن ئي چيو آهي!“
عزيز جان مشڪي جان بيبيءَ ڏانهن ڏسي چيو، ”منهنجي جاني جهڙو ٿيندو ته چوڏهين جو چنڊ جهڙو ٿيندو.“
جان بيبي مشڪي اکيون هيٺ ڪيون ته طارق خان جون اکيون چوڏهين جي چنڊ مٿان ڪڪرن جيان ڇائنجي ويون. امير بيبيءَ ۽ جبار جي ڪلڻ جي آواز تي سيني ڇرڪي نهاريو، جبار ٿهڪ ڏيئي چيو ”سنو ٿيو سيئي هڪ ئي هنڌ ملي ويا.“
سيئي اتي ساٽن مليا. امير بيبيءَ چيو، ”سني وقت تي آيا آهيون. طارق خان به هتي آهي نه ته جيڪر صلاح اڌوري رهجي ها.“
طارق خان مشڪي چيو، ”حڪم ڪر پڦي.“
”پٽ، جبار جي مڱڻي لاءِ ايڏانهن اوهان ڏانهن ڪراچي اچڻو آهي نور بيبيءَ جي گهر، سو هاڻي سيئي گڏ آهيو، جيڪا صلاح ڪري تاريخ رکو. مرضيءَ وارا آهيو.“
طارق خان چيو، ”پڦي اوهين جيڪا به تاريخ رکو، آءٌ اوهان سان ٻڌل آهيان.“
مهراب خان ڪجهه بيزاريءَ مان چيو ”مامي، مون کي ڪجهه ڪم آهن سو...“
امير بيبيءَ چيو، ”پٽ، پلي تون پنهنجا ڪم لاهه پوءِ جيڪا تاريخ رکين اها نيڪ آهي.“
عزيز جان چيو، ”شادي ناهي جنهن ۾ گهڻا ڏينهن لڳندا مڱڻو آهي شريڪ ٿي وري اچجين.“
مهراب خان چيو، ”نيڪ آهي مامي، جيڪا تاريخ رکو آءٌ ايندس.“
امير بيبيءَ خوش ٿي چيو، ”ابا، سدا جڙيو هوندين.“
جبار کلي چيو، ”ويچاريون مائرون، دعائن لاءِ بهانا ٿيون ڳولين.“

مهراب خان کلي چيو، ”جبار تہ سائين، موج ۾ آهي.“

جبار ٽهڪ ڏيئي چيو. ”ادا مهراب خان، اهڙيون نونديڙيون موجون تہ وڏن ادن جي پيرن ۾ ايلڙاٽيون پائي ٽيون ليٽڙجن ۽ اسان ننڍا هڪ ئي موج تي ڪانيارا ٿي پئون؟“

طارق خان شاندار ٽهڪ ڏيئي چيو، ”جبار جي تازي صورتحال تي لطيف جو هي بيت ٺهڪي پيو اچي.

چندن چڪي آيو، ٻي ول وڃهي نہ وات،
ڪرهي ڪنور لتاڙيا، رائي پئي رات،
توڏي تنهن ول تات، جنهن ۾ بوءِ بادام جي.

طارق خان مشڪي بيت پڙهي مس پورو ڪيو تہ سيئي ٽهڪن ۾ ڇنڪي پيا. جان بيبي ڪي کلي کلي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. امير بيبيءَ کلي چيو، ”ڇڏيو ڪٽي منهنجي جبار جي جند.“

”ٻڌي، ڪراچيءَ جي ڇڪرن نيٺ رنگ لاتو؟“

جبار کلي چيو، ”جن کي ڏانوڻ ۽ پيئد پيل نہ هوندا آهن اهي ايئن ئي ڇڙواڳ ۽ رولاڪ هوندا آهن.“

وري بہ سڀ کلڻ لڳا، عزيز جان، جبار جي مٿي تان پيار مان هٿ ڦيرائي چيو، ”منهنجو ياٺيئو ارندو ناهي، رنداتو آهي پنهنجي ماسيءَ جي گهران ٿو ڪري، هاڻي سيئي گڏجي سندس مڱڻو خوشيءَ مان ڪريو.“

امير بيبيءَ مشڪي چيو، ”تاريخ ٻڌڻ وارا سيئي گڏ وينا آهيو، جبار جي پيءُ بہ اهو ئي چيو اٿم تہ مهراب خان، طارق خان ۽ ادي عزيز جان جيڪا بہ تاريخ رکن اها قبول آهي.“

مهراب خان، طارق جان ڏي نهاري مشڪي چيو، ”هن ئي هفتي جو ڪو ڏينهن رکجي؟ (جبار ۾ نهاري مشڪي) ڪيئن جبار، نيڪ آهي نہ؟ ديريون برداشت ٿي نہ سگهنديون!“

جبار ٽهڪ ڏيئي چيو ”اڄ تہ ٺوڪ تاڙ بہ پئي وڃي.“

سيني ڪليو تہ طارق خان چيو، ”نيڪ آهي هن ئي هفتي مڱڻو، ۽ پوءِ شادي بہ تڪڙو ئي ڪجي.“

جبار مشڪڻ لڳو تہ مهراب خان چيو، ”جبار، ڪجهہ تہ ڪڇ.“

جبار ڪلي چيو "وڏن جي وچ ۾ ڳالهائڻ گستاخي آهي."
مهراب خان ۽ طارق خان گڏجي چيو، "نيڪ آهي شاديءَ جي تڪڙ ڪانهي اها پلي دير سان ٿئي."
جبار ڪلي رڙ ڪري چيو، "نه نه بزرگو، هرگز نه."
سيني ڪليو ته مهراب خان چيو، "هاڻي وڏن جو ادب ڪيڏانهن ويو؟"
جبار ٺهڪ ڏيئي چيو، "ذاتي مفادن جي هيٺيان دٻجي ويو."
وري به سيئي ڪلڻ لڳا، امير بيبيءَ اتي ننڍڙي سهراب خان کي چمي ڏني جيڪو تاج بيبيءَ جي پر ۾ ستو پيو هو. ان عزيز جان کي چيو. "ادي تاجان ته هلي نه سگهندي؟"
"نه نه، تاجان هينئر سفر ڪري نه سگهندي."
ماني کائي امير بيبيءَ چيو، "هاڻي اسين هلنداسين."
طارق خان ڪلي چيو، "ڪيڏانهن ڪراچي؟"
ان تي سيني ڪليو. جان بيبيءَ جنهن ٿوري ٿوري دير کان پوءِ طارق خان ڏانهن پي نهاريو تنهن کان وڏو ٺهڪ نڪري ويو ته طارق خان جي اڳيان ڄڻ هر رنگ جا گلاب ڪڙي پيا.
جبار ڪلي چيو، "فرياد، فرياد جانيءَ جي ٺهڪ ۾ مون لاءِ ٺوڪ لڪل آهي."
امير بيبي، جبار ۽ جان بيبي وڃڻ لاءِ تيار ٿيا ته طارق خان به اٿندي چيو، "هاڻي آءٌ به هلندس."
عزيز جان چيو، "پٽ تون ته ويهه اڄ ئي ته آيو آهين."
"ماسي منهنجي اچڻ جو ته ڪاٿو ئي ڪونهي."
"پٽ، اسان ڏانهن ته اچين ئي نٿو. مهراب خان کي پٽ ڄمڻ جون مبارڪون به هتان ئي ڏيئي هليو وئين، ٻه قدم ڪٽي اسان وٽ نه آئين؟"
"تڏهن ڏاڍو مصروف هيس... هاڻي ضرور ايندس."
عزيز جان، جان بيبيءَ کي وڃڻ لاءِ تيار ڏسي چيو، "پٽ، تون به ٿي وڃين؟"
امير بيبي چيو، "جانيءَ کان سواءِ گهر صفا اڀاڻڪو آهي.

حسنہ بہ جڻ اڪيلي ٿي پئي آهي، مون کي چيائين امان، جانيءَ کي ضرور وٺي اچجانءِ، بہ ڏينهن جڻ بہ صديون ٿي ويون آهن.“

طارق خان سيني سان موڪلايو ۽ امير بيبيءَ وارن بہ موڪلايو. جبار اڳ ئي وڃي پنهنجي گاڏي اسٽارٽ ڪئي. جان بيبيءَ جون وڪون طارق خان ڪانسواءِ جڻ وڏيون ٿي نٿي. سندس قدم طارق خان کان ڏار وڃڻ لاءِ ناراضگيءَ جو اظهار ڪري اتي ئي جڻ چنبڙي پيا هئا. طارق خان پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويٺو. امير بيبيءَ گاڏيءَ ۾ چڙهندي پنيان نهاري چيو، ”جاني پٽ آءُ.“

جان بيبي چرڪي اچي گاڏيءَ ۾ ويٺي. طارق خان پنهنجي گاڏي اسٽارٽ ڪئي. جبار ارادتن پنهنجي گاڏيءَ کي طارق خان جي گاڏيءَ جي پنيان ڪيو. مهراب خان کي ٻنهي سلام ڪيو ۽ مهراب خان ٻنهي کي خدا حافظ چئي هٿ لوڏڻ لڳو.

## باب نائون

صبح جو سويل جبار جي مگٽي لاءِ ڪراچي وڃڻ جون تياريون هيون. جان بيبي تہ يڪوئي وڃڻ کان انڪار پي ڪيو پر اڄ صبح جو جڏهن هن انڪار ڪيو تہ امير بيبي مشڪي سوچيو، ”اوڏانهن ڪيئن وڃي. سندس بہ تہ مگٽو آهي ۽ ئي هفتي مير محمد سان، سو مگيندي جي گهر ڪيئن ويندي. مون کان وڌيڪ تہ جاني عقلمند آهي جو ايئن سوچيائين ۽ پوءِ ماٺ ٿي ويئي.“ زهره، جان بيبي جي نہ وڃڻ جو ٻڌو تہ چيو، ”چاچي، آءٌ بہ جاني وٽ ٿي ويهان، اوهين بہ تہ سياڻي ئي موٽي ايندءُ؟“

”نيڪ آهي پٽ، هتي بہ انتظام ڪرڻ ۽ سنڀالڻ لاءِ بہ ماڻهو کپي تون پلي جاني سان هج، سيئي جبار جي مگٽي لاءِ ڪراچي روانا ٿيا تہ جان بيبي زهره کي وٺي پنهنجي ڪمري ۾ آئي.

”جاني، تون ڪراچي ان لاءِ نہ ويئي آهين تہ اتي طارق خان هوندو؟“

”هاڻ اهي سيئي مرحلا گذري ويا زهري.“

”چا چا، ڪهڙا مرحلا؟“ ۽ جان بيبيءَ ڪيس سڀ ٻڌائي ڇڏيو.

”جاني، چا واقعي تو اهو سڀ ڪيو؟“

”ها زهري، حقيقت اها آهي تہ پيار ۾ ماڻهو پروس ٿي ويندو آهي. مان بہ پنهنجي وس ۾ ناهيان، منهنجون واڳون هن جي هٿ ۾ آهن. منهنجي پاڻ وهيڻائي الائي ڪهڙي اوڙاهہ ۾ گم ٿي ويئي.“

هن پنهنجي خط جو بہ ذڪر ڪيو ۽ طارق خان جا جواب بہ ڪيس ڏيکاريا. زهره پڙهڻ لڳي. ”توکي نظرانداز ڪرڻ جو حق ڪڏهن بہ ڪنهن کي بہ ملي نہ سگهندو. ڇو جو توکي نظرانداز ڪرڻ ڪنهن جي بہ وس ۾ ناهي. تنهنڪري اهي اختيار منتقل ڪرڻ جو تصور بہ نہ ڪجانءِ! آءٌ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪري چڪو آهيان، ظاهر آهي تہ پنهنجي راهہ ۽ منزل جو تعين بہ

ڪيو هوندم. تنهنجو رستو، تنهنجي منزل، تنهنجي راھہ ۾ اڪيون وڇائي ويٺا آهن. جتي تنهنجي قدمن جي آجيان لاءِ گلاب پٿاريل آهن. ان مهڪيل راھہ تي هلڻ ئي تنهنجي موتئي جهڙن پيرن کي ياٺ پوندو بنسبت ان پرائي راھہ جي جتي اوجاڳيل ڪنڊا ۽ ٽانڊا اجنبي مسافر جي تاڪ ۾ وات ڦاڙي ويٺا آهن ڪيس پسم ڪرڻ لاءِ.“ خط پڙهي زهره، جان بيبيءَ ڏانهن نهاريو جيڪا صفا وڪريل لڳي رهي هئي. ”ڏئي جاني، طارق خان تمام وڏو ماڻهو آهي. هن توکي ڪنهن بہ طريقي سان ڪٿي بہ، ڪو دلاسو نہ ڏنو آهي. مان تہ حيران آهيان تہ ڪهڙا لفظ چونڊيا آهن. سندس ڪنهن بہ لفظ ۾ تولاءِ ڪابہ پناھہ ناهي، ڪوبہ چار ناهي، ڪابہ زنجير ناهي، جنهن ۾ تون ڦاسي ۽ وچڙي پوين. سچ بہ جاني. طارق خان وڏو ماڻهو آهي. مهرباني ڪري جاني، هاڻي ڪيس وڌيڪ امتحان ۾ نہ وجهہ، نہ ئي.“

”زهري، هن ڪان اڳ پلا تو مون کي گهڻ سمجهايو آهي، مان پاڻ بہ سڀ سمجهان ٿي پر....“

”تو ڪيس ڪهڙو جواب ڏنو؟“

جان بيبي ڪيس پنهنجو جواب ٻڌائي، وري طارق خان جو جواب ڪيس ڏيکاريو. زهره پڙهڻ لڳي. ”جاني، تنهنجو قدر ڪرڻ مون تي واجب آهي ۽ مون تي رحم ڪرڻ توتي فرض آهي.“

زهره مشڪي پئي. ”طارق خان وڏو اڪابر آهي. هن توکان رحم گهريو آهي جاني. تون ان جو مطلب سمجهين ٿي؟ يعني مون تي رحم ڪر، منهنجي جند ڇڏ!“

جان بيبيءَ مشڪي طارق خان جي لکيل لفظ جاني تي آڱر رکي ڇڏي. زهره کلي چيو. ”ان ۾ ڇاهي، اهو تہ مان بہ توکي چوندي آهيان سيئي ويجها توکي جاني ئي چوندا آهن.“

جان بيبيءَ مشڪي چيو، ”تون يا خاندان وارا تہ منهنجي نالي جو اڌ ٿا ونو، جيئن ادي تاج بيبي کي تاجي ٿا چئو، پر طارق خان تہ ايڏو بي تڪلف ناهي جو اسان جا نالا اڌ وني هي تہ.“

”خوش فهميون وڏيون بلائون آهن جاني، انهن جي ڪڍ متان لڳين. متان پاڻ کي ئي وڃائي ويهين.“

”خوش فهميون بہ تہ ڪنهن بنياد تي بيٺل هونديون آهن.“
”۽ اهو بنياد ٺڪريءَ تي رکيل هوندو آهي، جنهن کي پاڙ نہ هوندي آهي.“
”زهري تون سدائين مون کي مايوس ڇو ڪندي آهين؟“
”جاني، مان توکي آرسي تي ڏيکاريان حقيقت جي، ان ۾ جي تون پاڻ کي مايوس تي ڏسين تہ اهائي حقيقت آهي. اهوئي سچ آهي. هيري ٽرومين جو چوڻ ڪيڏو سچ آهي تہ، ’مان ڪنهن کي بہ ڏک ۽ تڪليف نہ ڏيندس. صرف سچ چوندس ۽ ماڻهو سمجهندا تہ مان کين ڏک، ۽ تڪليف ٿو ڏيان.‘ اڳتي تنهنجي مرضي آهي. باقي طارق خان جي لفظن مان تہ اهوئي ٿو اندازو لڳائي سگهجي تہ هن کي توسان ڪوبہ چاهہ ناهي.“
”مان طارق خان جي اکين ۽ دل جي ليپي پڙهي تي ڄاڻان.“
جان بيبي کي مشڪندو ڏسي زهره کي تورو دپ ٿيو، ”جاني، تون پلي ڪل خدا توکي خوش رکي، پر هڪڙي ڳالهہ ضرور ٻڌ تہ پلي ڪيتري ئي مرڪ ڇپن تي سجايل هجي پر چهرو اندر جو عڪاس هوندو آهي. هينئر جيئن تنهنجو چهرو اندر جي آرسي بنجي سيني ڪيفيتن جا عڪس چٽا ڏيکاري رهيو آهي جيڪي اداس ۽ ٻسا آهن. تون پاڻ بہ ڄاڻين ٿي تہ تنهنجي اندر وٽ تولاءِ ڪابہ آٿت ۽ تسلي ناهي.“
جان بيبي بنا جواب ڏيڻ جي اتي ”گنج“ کڻي آڻي ڪيس ڏيکاريو. زهره خوشيءَ مان دانهن ڪري چيو، ”اڙي گنج، ڪڏهن ورتئي، ڪنهن آندو؟“ جان بيبي رڳو مشڪي رهي هئي. زهره ”گنج“ کي اٿلائي پٿلائي ڏٺو.
”ٻڌاءِ نہ ڪنهن آندو آهي؟“
”طارق خان.“
”ڇا. ڇا؟“
”ها، طارق خان ڏنو اٿم، ۽ چيائين تہ، خاص تنهنجي لاءِ آندو اٿم.“
زهره حيرت مان ڏانهنس نهاري رهي هئي ڪيس يقين ئي نٿي آيو.

”جاني، واقعي سچي؟“

”ايڏي حيرت ڇو ٿي ڪائين زهري؟“

”سچ بہ حيرت جهڙي، ڳالهہ آهي. معنيٰ هن جي دل ۾ بہ تنهنجي لاءِ نرم گوشو آهي!!“

”اهو تہ مان نٿي چئي سگهان.“

”ڪڏهن ڏنو آهي؟“

”جڏهن ادي حسنہ کي ”منهن ڏيکارڻي“ ڏيڻ آيو هو. رات جو اسان ڪچهري پي ڪئي تہ ادا جبار کان پڇيائين تہ اوهان وٽ گنج آهي ۽ جڏهن ادا جبار چيو تہ نہ، تہ هن مشڪي چيو، سڻو ٿيو، مان تہ حيران ٿي ويس تہ لطيف جو گنج گهر ۾ نہ هئڻ سڻي ڳالهہ ڪيئن ٿي! پر پوءِ جڏهن هن گنج ڏنو تہ ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي. گنج ۾ رکي ئي تہ پهريون خط هن موڪليو هو. يعني ”گنج“ اسان جو قاصد ٿيو، نہ بلڪ لطيف اسان جو ناصد ٿيو، ڇو جو پوءِ مون بہ ”رسالي“ ۾ پنو وجهي ڪيس موڪليو هو.“

”پوءِ تہ اوهين زور چئبا.“ ۽ پوءِ گنج کولي زور سان بيت پڙهڻ لڳي:

ڪوجــو لڳــس ڪــان، آريءَ جــي عشــق جــو،
نڪــري ٿــي نيشــان، ڇــڏي ســانگو ســاهہ جــو.

بيت پڙهي چيائين، ”لطيف تہ بابا خطرناڪ آهي. ڇوڪري، بيت تي عمل ڪري نڪري نشانبر نہ ٿجئين؟“

جان بيبيءَ جا لڙڪ زرڻ لڳا. لڙڪ ڏسي زهره ”گنج“ بند ڪري ڇڏيو.

”هي ڇا جاني؟“

”ڏنئي ڪونہ زهري تہ ڪهڙو بيت نڪتو!“

’واقعي جاني الا، مان بہ حيران ٿي ويس بيت پڙهي تہ ڄڻ لطيف توسان مخاطب هجي.“

”ها زهري، لطيف جو رسالو منهنجي لاءِ تہ فالنامو آهي ۽ مان ڏاڍا مزا وٺندي آهيان.“

”سچ جاني، تون جيتري ظاهري حسين آهين، اوتروئي تنهنجو

باطن بہ خوبصورت آهي. خدا جي واسطي پاڻ کي ضايع نہ ڪر.“

جان بيبي چڙي پئي. ”طارق خان کي چاهڻ سان آءٌ ضايع ٿي ٿيان باقي ماسي نوربيبي جي گهر ويندي تہ بچي ويندي؟ تون بہ صفا ڪا چري آهين زهري! مان ضايع ۽ ارزان تڏهن ٿينديس جڏهن طارق خان، کان علاوه ٻيو ڪجهہ سوچينديس. 'ساهڙ ڏاران سهڻي، اڏوتي آهي' منهنجو حال اهو آهي.“

”جاني، تون اهو سڀ ڇا ٿي چوين! تنهنجو مڱڻو بہ تہ هن ئي مهيني ۾ ٿيڻو آهي. تون انڪار ڪندينءَ؟“

”ايڏي طاقت جي مون ۾ هجي ها تہ پوءِ روئان ڇو ها، ڄاڻان ٿي تہ منهنجو مبهم انڪار امان کي ويتر ڪاوڙائي وجهندو، پر پوءِ بہ ڪوشش ضرور ڪنديس پاڻ کي بچائڻ جي.“

”ڪنهن جي لاءِ ڪوشش ڪندينءَ، ڪنهن جي لاءِ پاڻ کي بچائيندينءَ، طارق خان لاءِ؟ جاني، اهو سراب آهي. رج آهي.“

”آءٌ توکي چري ٿي نظر اچان زهري، جو فائدي ۽ نقصان، موت ۽ زندگي ۾ تميز بہ ڪري نہ سگهان؟ مان بيوقوف ناهيان، پر جڏهن فائدي ۽ نقصان کان مٿي ڪنهن منچ تي پهچي وڃبو آهي تہ پوءِ ان اتانهين تان سڀ ڪجهہ واضح ڏسي سگهبو آهي. اهو بہ ڏسبو آهي تہ ڪٿي رج ۽ ڪٿي وسندي آهي پر تڏهن بہ ڪنهن وات تي وڪ وجهي نہ سگهبي آهي ڇو جو جڏهن واڳون ئي پروس هجن تہ جنبش ڪرڻ جو سوال ئي نٿو نڪري، منهنجون واڳون طارق خان جي هٿ ۾ آهن، ۽ مان پاڻ بہ پئي ڏسي سگهان تہ منهنجون سيئي واٽون صحرا ڏانهن موڙيل آهن. اهڙي صحرا ڏانهن جتي تنهنجي چواڻي، ڪوبہ نخلستان منهنجي انتظار ۾ ناهي ۽ ان صحرا ۾ سراب کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي ۽ اتان نڪرڻ لاءِ ڪوبہ رستو ناهي، 'واقعي صحرا ۾ ڪنهن بہ مارڳ جي ايڊريس ۽ فون نمبر ناهي هوندو...' ۽ ڄاڻان ٿي تہ جتي ڪوبہ رستو ناهي هوندو ان صحرا ۾ هلڻ سان رڳو ڄمار ئي ضايع ٿيندي آهي ۽ مان اجان ڪجهہ جيئڻ ٿي چاهيان. رنگ، خوشبو، روشني، بادل، اندلٺ، چاندوڪي پنهنجي وجود ۾ اتارڻ ٿي چاهيان.“

جان بيبي جي ڪيفيت عجيب هئي. زهره ڏڪاري پئي لڳي.

”تون ڇا ٿي سمجهين، ڇا اهو درد جو صحرا اوچتو ئي اوچتو سک جو سمنڊ بنجي پوندو؟“

”ڄاڻان ٿي ايئن ڪونہ ٿيندو ۽ ’حشر جا ڏينهن نرڳ ۾ سيني ڪي روشني بخشي ڇڏيندا.‘“

”۽ مان بہ ڄاڻان ٿي جاني، تون عام ناهين، ذهين عالم آهين، توکي لفظن سان ڪڏهن بہ مجائي نہ سگهنديس ڇو جو تو وٽ مون کان وڌيڪ اثرائتا لفظ آهن، پر ايترو تون بہ ڄاڻ تہ تنهنجا هي ماتم ڪندڙ لفظ ڪڏهن بہ توکي دڳ لائي نہ سگهندا!!“

”واقعي زهري، منهنجو مقصد بہ مقدس لفظن کي واپرائي گدلو ڪرڻ هرگز ناهي... ۽ ماتم ڪندڙ تہ هونئن بہ پنهنجو پاڻ کي ئي ڦٽي ۽ زخمي ڪَري ٿا وجهن ۽ مان انهن پرجهل لفظن کي زخمي نہ ڪنديس ڇو تہ انهن کي چٽائڻ لاءِ مون وٽ پها ناهن ۽ پها تہ مون وٽ پنهنجي دل لاءِ بہ ناهن.“ شمو چانهہ ڪٽي آئي تہ پويان ڪمال خان بہ السلام عليڪم چئي ڪمري ۾ اندر گهڙي آيو تہ جان بيبي ۽ زهره ٻئي مشڪي اٿيون ۽ ڪيس ڪيڪاريو.

”ڪهڙا حال آهن جان بيبي؟“

”نيڪ آهيان، اوهان ڪيئن آهيو؟“

”مان نيڪ آهيان.“

”زهري، تون ۽ جان بيبي ٻئي منهنجون سئوٽيون آهيو، پر توسان تہ مان فري آهيان ۽ توکي اڏ نالي سان سڏيندو آهيان، پر جان بيبي سان...“

”ان ڪري جو جانيءَ جو حسن توکي بيباڪ ٿيڻ نٿو ڏي ۽ تون مرعوب ٿي محتاط ٿو ٿئين.“

ڪمال خان مشڪيو ۽ وري سنجيده ٿي چيائين، ”ان ڳالهہ کان علاوه اها بہ ڳالهہ آهي تہ جان بيبي اسان کي ڪڏهن بہ پنهنجو نہ سمجهيو. الا اسين سندس لاءِ سدائين اوپرا رهيا آهيون.“

”ايئن ڪيئن ٿا چئو. ايئن تہ اسين بہ چئي ٿا سگهون ڇو جو اوهين بہ نہ ايندا آهيو.“

”اهو سڀ تون ڄاڻين ٿي ۽ توکي خبر آهي تہ پنهنجو ۽ پرائو

ڪيئن ٿو سمجهجي. خير اڄ آءٌ ان ڪري آيو آهيان تہ متان چاچو حمل خان ايئن، سوچي تہ منهنجا سڀا پائٽيا ناهن ان ڪري مون ڏي نٽا اچن. نہ تہ تو تہ پنهنجي گهر جون راهون منهنجي لاءِ ايئن لٽي بند ڪري ڇڏيون آهن جڻ اتان ڪڏهن آءٌ گذريو ئي نہ هئس.“

زهره معاملي جي سنجيدگي سمجهي ويئي. ”ادا ڪمال خان، ايئن ڪيئن ٿو چوين تہ سڀا پائٽيا ناهيو، بابا ۽ چاچا هاشم خان سئوٽ هوندي بہ پائرن کان متي ٽا محبت ڪن ۽ تون...“

”مون کي سندن محبتن جي خبر آهي، آءٌ تہ جان بيبي سان ٿو ڳالهايان، جنهن منهنجي ارادن کي چٽيو!“ هر جذباتي ٿي رهيو هو. جان بيبي ڪنڌ هيٺ ڪري ٻڌي رهي هئي. ڪيس اهي سيئي لمحا ياد اچڻ لڳا، جڏهن هو سندس سگ گهرڻ لاءِ ايندو هو ۽ پوءِ ڪيس سڄو وقت اکين کان ٽرڻ نہ ڏيندو هو. پر الائي ڇو هو ڪڏهن بہ سندس اندر ۾ جاءِ جوڙي نہ سگهيو هو. جڏهن اميءَ بيبي ڪيس سگ ڏيڻ کان انڪار ڪيو تہ ڪيس ٿورو بہ ڏک نہ ٿيو هو. جڏهن تہ ڪمال خان اصل پڄي پُري پيو هو. زهره ٻنهي جي ڪيفيت سمجهي رهي هئي.

”ادا، تون چاچا وارن سان گڏ ڪراچي ڇو نہ ويو آهين؟“

”مون کي چاچا پاڻ هتي رهڻ لاءِ چيو آهي.“

”جيئن چاچي مون کي هتي جانيءَ وٽ ڇڏي ويئي آهي؟“

جان بيبي چيو، ”مون ٻڌو آهي تہ افيءَ کي ڪنهن زبردستي ڪراچي موڪليو آهي!“

ڪمال خان ٿهڪ ڏئي چيو، ”مون موڪليو اٿس زبردستي، مون کي اوهان ٻنهي جي سازش جي خبر پئجي وئي تہ اوهان ٻنهي اها صلاح ڪئي هئي تہ هتيئي رهبو، پر هُتي بہ تہ چاچيءَ کي ٻانهن ٻيلي کپي نہ! مون کي چاچيءَ ٻڌايو هو تہ، جاني ۽ زهري ٽٿيون هلن سو ظاهر آهي تہ افي بہ نہ هلندي پر مون کي اتي افيءَ جي ضرورت آهي. مون ڇا ڪيو جو افيءَ کي آٽي چاچيءَ سان گڏ گاڏي ۾ ويهاريو. افيءَ گهٽيون ئي رڙيون، ڪيون تہ، آءٌ جاني ۽ زهري سان ٿي گڏ رهان. مون مڙيئي ڪوڙ ڪيو تہ جاني ۽ افي ٻي گاڏي ۾ ٽيون اچن. منهنجي ڪوڙ جو چاچيءَ بہ مشڪي ساٿ ڏنو... هاڻي اتي وڃي خبر پوندس تہ، ڪاريءَ وارا ڪک آهن.“

جان بيبيءَ رڳو مشڪي ڏنو. زهره پهرين ٺهڪ ڏنا ۽ پوءِ وري ڏک مان چيائين، ”هاءِ اڙي، ويچاري افي سان ڪيڏي وڏي سازش ڪئي وئي آهي.“

جان بيبيءَ چيو، ”پر هوءَ تہ اچي اسان ٻنهي سان وڙهي پوندي، ڏسجانءِ.“

ڪمال خان کلي چيو، ”سو پاڻ ۾ ڄاڻو. باقي اسان تہ شروعات نهايت خوش اسلوبي سان ڪئي آهي.“

زهره ڏمرجي چيو، ”ادا ڪمال خان، تو بہ شيطان واري ڳڙ جي آڱر جيان جهڳڙي جي شروعات ڪئي آهي.“

ڪمال خان مصنوعي ڪاوڙ مان چيو، ”اوءِ اوءِ ادب ڪر ڇوڪري، آءٌ توکان چار سال وڏو آهيان. باقي هڪڙي ڳالهہ ٻڌي ڇڏ. جام اي لنڪن تو چوي تہ، شيطان اهڙو شريف ماڻهو آهي جو ڪڏهن بہ ان جاءِ تي نہ ايندو آهي جتي ڪيس پليڪار نہ ڏني وڃي ۽ سندس آجيان نہ ڪئي وڃي. اوهان وٽ تہ شيطان لاءِ هر وقت سو بسلاهيون سو آجيائون آهن.“

ٽنهي جا زوردار ٽهڪ ٽڙي پيا. جان بيبيءَ جو ٽهڪ، سندس ڳلن جي ڳاڙهاڻ، ڏندن جي چمڪات ۽ چپن جي تازگيءَ ڪمال خان کي وري ساڳي دڳ تي آڻي بيهاريو.

”زهري، جان بيبي تہ اسان جي آهي. اسان جي خاندان جو حق آهي. پو!!“

”ادا، ايئن تہ نہ چئو. هو وري کهڙو پرايا آهن. پهرين چاچي اميران اسان جي خاندان ۾ آئي هاڻي وري طاهره ايندي.... ۽....“

جان بيبي جي اندر ۾ الائي ڪهڙو طوفان متل هو. ماندي ٿي چيائين، ”زهري، ڇڏيو انهن پراڻن قصن کي!!“

ڪمال خان ۽ زهره ٻئي ڪيس ڏسڻ لڳا. ڪمال خان بي خبر ۽ زهره باخبر هئي ان ماندائيءَ جي.

شموءَ اچي چيو. ”سائين، ٻاهر اوهان کي پيا سڏين.“

ڪمال خان اٿندي چيو، ”هتي جو سڀ انتظام منهنجي حوالي ڪري پاڻ سيئي ڪراچي هليا ويا آهن. مظهر خان کي ڪيترو

جهليم تہ هتي ويهہ، پر هوشيار هو، چوي هتي ڪراچي ۾ جبار سان گڏ بہ ماٺهو ڪپي. جڻ چاچا حمل خان ۽ ستار ڪجھ بہ نہ ڪندا هن مڙس ڪي سيئي بوجها ڪٽٽا پوندا. هِتي تہ پاڻ گهٽو ڪم آهي ڪراچيءَ ڪان بيو؟"

ڪمال خان چڙ مان ڳالهائيندو ڪمري ڪان ٻاهر نڪري ويو. جان بيبيءَ کلي چيو، "ادا ڪمال خان کي ادا مظهر خان تي ڪيڏي ڪاوڙ آهي."

زهره کلي چيو، "سچ تہ چوي ٿو، ادا مظهر خان ڪي بہ مڙيئي رونشي ۾ مزو ٿو اچي."

وري جان بيبي ۾ نهاري چيائين "ڏنئي جاني، ادا ڪمال خان ڪي توسان ڪيڏو پيار آهي. توري توري تي سندس چهري جو رنگ بدلجي ٿي ويو. تون واقعي ظالم آهين جاني."

جان بيبي اداسي مان چيو، "اهي سيئي قدرت جا ڪيل آهن. ان مهل مون کي ڪهڙي خبر هئي تہ هينئن طارق خان ڇانئجي ويندو."

"ادا ڪمال خان ڪي تہ هاڻي شاديءَ جي نالي سان ئي چڙ ٿي وئي آهي. هينئر بہ چاچا هاشم خان جي طبيعت ٺيڪ نہ هئي ۽ ڪمال خان تي شاديءَ لاءِ زور پريو ويو پر هن اِنڪار ڪرڻ ۾ لمحو بہ نہ ورتو."

جان بيبي بنا ڪنهن پرواهہ جي "گنج" ڪٽي پڙهڻ لڳي:

جيئن جيئن جهلي جڳ، تيئن تيئن مون تاڪيد ٿي،
ڳهلو تو ڳالهيون ڪرين، ورسيو پٽي وڳ،
آرياڻي اورڳ، پنيوران ٻاهر ٿي.

# باب ڏهون

چاهڻ ۽ ٿيڻ بہ ڌار ڪائناتون آهن. انهن جو ملڻ مقدر وارن جي ميراث آهي. جيڪا سنڌڙين لاءِ ممنوع ۽ سڪندڙن لاءِ معراج آهي. چاهيو تہ جان بيبيءَ بہ ڪجهہ بيو پي پر ٿيو وري ڪجهہ بيو پئي. حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ ان ۾ ڏوهہ وري ڪنهن هڪ جو بہ ناهي. بلڪ اهو سرشتو ئي اونڌو اڏيل آهي، جنهن ۾ پريمي چاپن تہ ٿا پر ڪين وڌڻ ۽ ويجهڻ لاءِ تڙپڻ، ڦتڪڻ، لڇڻ، پڇڻ، ڪامڻ ۽ سڙڻ جي صورت ۾ ڪاڏو، خوراڪ ۽ راشن پاڻي ملندو آهي. هو نہ صرف زنده رهندا آهن پر مُري مَچي پوندا آهن. اهو اهڙو اسرار آهي جنهن جي اڳيان دانا ديوانا ۽ پوپا بيوس آهن. ان کان انڪار ناهي تہ حادثا هڪ ئي پل ۾ زندگيءَ جو رخ تبديل ڪري ڇڏيندا آهن، اهڙا حادثا جيڪي زندگي کي خوشگوار موڙ تي آڻين ٿا، اهي وري نصيب وارن کي نصيب ٿيندا آهن، هر ڪنهن کي پنهنجو قيمتي وقت ان جي انتظار ۾ برباد ڪرڻ نہ گهرجي. اهو بہ ذهن ۾ رکجي تہ جيئڻ لاءِ جتن بهرحال ڪرڻا ئي آهن.

”توسان جيڪو ٿئي پيو، افسوسناڪ آهي. ڏک تو ٿئي، نہ صرف تنهنجو پر پنهنجو بہ! جڏهن اسين ڇوڪريون هيئن بيوس ٿي ويندیون آهيون پر ان ڏک کي زائل ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ بہ لازم آهي. پلي محدود سهي، ڪجهہ نہ ڪجهہ طاقت ماڻهو وٽ ضرور آهي تہ هو جيئڻ چاهي تہ جي سگهي ٿو. جيستائين همٿ ۽ حوصلو سندس هٿن مان نٿو ڇڏائي تيستائين هو زمين تي ڦبائي پير رکي ٿو سگهي. همٿ وڃائڻ کان پوءِ مضبوط سوچون وڏيڪ بيحال ڪنديون آهن ۽ وڌڻ ۽ پائڻ واري امنگ کي بي رحم قاتل جيان کهي ڇڏينديون آهن. تو پنهنجي اندر جو اظهار حسب دستور چڱو ڪيو آهي ۽ مون وٽ چوڻ لاءِ اجان بہ گهڻو ڪجهہ آهي پر شرمندگيءَ جو احساس زبان کي جنبش

ڏيڻ کان قاصر آهي تہ آءٌ تنهنجو اندر ڏسڻ جي باوجود ڪجهہ ڪرڻ کان لاچار آهيان.“

زهره الائي ڪيڏي دير کان وٺي جان بيبي کي دلاسن جي تخت تي ويهاري سنڀالي ويٺي هئي، نہ تہ جيڪر اڄ زهره نہ هجي تہ جان بيبي کي الائي ڇا ٿي پوي. جبار جي مڱڻي کان ٻن هفتن کان پوءِ جڏهن اڄ نور بيبي پنهنجي ڏيئرن وزيران، نذيران ۽ ڀائرن سان گڏجي حمل خان وٽ باقائده جان بيبيءَ جو سڱ گهرڻ آئي تہ جان بيبي وائڙي ٿي ويئي ۽ ان ئي مهل زهره ڏانهن ماڻهو موڪليائين تہ، هينئر جو هينئر اچ ۽ هوءَ بہ بنا دير جي مظهر خان سان گڏجي وٽس هلي آئي هئي ۽ جان بيبي جي حالت ڏسي هوءَ پاڻ بہ ٻاتاڙجي ويئي هئي ۽ سندس من ۾ جيڪي بہ دلاسي ۽ آٿت جا لفظ محفوظ هئا اهي سيئي مٿس اوتي ڇڏيا پر جان بيبي جي دل ۽ دماغ تان اهي سيئي لفظ ايئن ترڪي ويا جيئن ڄميل سٽيءَ مٿان پاڻيءَ جا ڦڙا. هوءَ درماندي ٿيڻ لڳي. شام جو مظهر خان زهره کي وٺڻ آيو تہ، امان جي طبيعت نيڪ ناهي.

جان بيبي روئندي زهره کي موڪل ڏني. زهره جو من بہ ماندو هو جان بيبي جي حالت ڏسي.

”جاني، مان سڀاڻي وري بہ اچڻ جي ڪوشش ڪنديس. خدا ڪري تہ امان نيڪ هجي.“

زهره جي وڃڻ کان پوءِ جان بيبيءَ جي من ۾ ٻاهين جا ڪورا ٻرڻ لڳا. ڪيس محسوس ٿيو سندس سيئي خواب برف جا رانديڪا هئا جيڪي قاتل رسمن جي تنهڻ اُس ۾ پگهري ويا. بس هڪ آس هئي جنهن ڪيس روشنين کان ناتو ڇنڻ نٿي ڏنو نہ تہ اونداهين جي ايڏي طاقتور سَٿ هئي جو هوءَ جيڪر لمحن ۾ ڪاراڻ جو حصو بڻجي وڃي ها. هن شاهہ جو رسالو ڪنيو تہ شموءَ آمي ۾ نهاري آهستي چيو، ”روئي تہ ماڳهين پيئي هاڻي وري جو مرشد سائين جو رسالو ڪنيو آهيس، ڏسجانءِ تہ ڪيڏو ٿي روئي.“

آميءَ ڏک مان چيو، ”ادي، وڏن ماڻهن جا فيصلا آهن باقي هيءَ ڳالهہ نهندي ڪانہ!“

شموءَ ڊجي چيو، ”ايئن تہ نہ چئو آمي، الله کين جوڙيندو. باقي خدا ڪارڻي ڳالھہ آهي تہ، مير محمد ۾ ڪابہ گھٽتائي ڪانهي. هيءُ بہ سهڻي تہ هو بہ حسين آهي ماسات آهن پاڻ ۾ لانگا لٿل هو بہ ناهي جھڙپ جھڙا آهن. مير محمد سان جيجي اميران جو چاھہ بہ تہ ڪيڏو آهي. پٽن جيان ٿي پائينس.“

”ائي ادي، اي اڪين سان پڌرو آهي اگر سڄي چا ڪجي. ڳالھہ پڌري پٽ آهي، مان ۽ تون وري ڪھڙا پوش پايون.“

”الله ڪري تہ سائين حمل خان انڪار ڪري!“

”سائين حمل خان ٻڌو ٻانهون آهي جيجي اميران جو اهو ٿو انڪار ڪري!!“

ٻنهي مشڪيو.

”هئو سچ ٿي چوين، سائين حمل خان جيجي اميران جو عاشق آهي. اسان جيڪي اڳي قصا ٻڌا هئا ليلا مزني (مجنون) جا، هي بہ اهوئي قصو آهي. الله حياتي ڏين ڪيڏي اچي عمر ٿي اٿن پر اجان تائين جيجي اميران جو حرف حرف سائين حمل خان لاءِ جڻ الله جي وحي آهي. باقي آمي، آءٌ سائين ڪمال خان ۾ راضي هيس اتي تہ جيجي اميران نہ ڏني.“

”سائين ڪمال خان ۾ تہ جيجي جانل پاڻ بہ راضي نہ هئي.“

”ڪير ٿو چوي تہ راضي نہ هئي، ڪمال خان ڪان مٿي ڪير آهي سڄي خاندان ۾؟“

”سچي بہ سائين ڪمال خان ڪان مٿي هڪڙو بہ ڪونهي ۽ سائين مظهر خان بہ وڏا وس ڪيا، حيلا هلايا پر... هاڻي جيجي اميران پنهنجي پاڻيجي ڪي ڏيندي تہ سهي پر اها شادي نڪو هلي نڪو نهي.“

شموءَ ڊجي چيو، ”ائي آمي، ايئن تہ هر هر نہ چئو، الله ڪين اڏي ۽ جوڙي.“

آميءَ ڏک مان چيو، ”آءٌ ڪا مني آهيان چا، آءٌ تہ آمين ٿي چوان پر اندر وارو ڊپ ٿو ڳالهائي. پاڻهي ڏسجانءِ، نينگر بہ نندي جمعا بہ گھٽا.“

جان بيبي جي سڏڪن تي ڇرڪي ٻئي گھبرائجي ڊوڙي وٽس آيون.
”ڇا آهي جيجي؟“

شموءَ سندس هٿن مان رسالو وٺي ڇمي وهاڻي تي رکيو ته جان بيبي ٻئي هٿ اکين تي رکي باقائده روئڻ لڳي. آميءَ جو ته جڻ ساهه ٿي منجهاميو. جان بيبيءَ جا هٿ اکين تان هٽائي چمڻ لڳي، ”جيجي، اجان ته ڪجهه به نه ٿيو آهي رڳو هو آيا آهن.“

جان بيبي پنهنجون ڳاڙهيون تاندا اکيون مٿي ڪڻي چيو، ”آمي، امان هاڪار ڪندي ۽ بابا انڪار ڪري نه سگھندو.“

”تون پاڻ ڇو نٿي انڪار ڪرين!“

آميءَ ايڏي وڏي ڳالهه جنهن ڪي ٻڌي سندس پنهنجا ڪن به يقين نه ڪن ته اها ڳالهه سندس وات مان نڪتي ڪيئن. اها ڳالهه جان بيبي جي محبت ۾ نهايت آسانيءَ سان چئي ڏني.

جان بيبيءَ روئندي چيو، ”مان ته رڳو اهو امان کي مس چيو ته اجان شادي نٿي ڪريان ته ان جو نتيجو به اوهان پاڻ ڏٺو ته امان ڪيڏي جٺ ڪئي هئي.“

جان بيبيءَ اکيون اگھيون ته نذيران ۽ وزيران ڪلنديون ڪمري ۾ آيون.

”ائي، جاني ته هتي پنهنجي ٻالڪين سان ويٺي آهي ۽ اسين هتي ماسيءَ جي ڪمري ۾ پيا سندس انتظار ڪريون.“

جان بيبيءَ جون سڄيل ڳاڙهيون اکيون ڏسي نذيران ڪيس ڳرانڙي پائي چيو، ”جاني سهڻي ته اڳيئي گھڻو آهي ويتر اکين کي ڳاڙهاڻ سان قاتل بنائي ادا مير محمد کي قتل ڪرڻ جو ارادو ته نه ڪيو اٿئي، هو ته اڳيئي تنهنجي لاءِ ڪنو پيو آهي.“

ايترو چئي ٻئي ڀيڻرون ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳيون. شموءَ کي الائي ڇو اهي گفتا ٺوڪ لڳا.

”جيجيون، جيجي جانل کي صبح کان وٺي مٿي ۾ سور آهي. ان ڪري اکيون ڳاڙهيون ۽ سڄيل اٿس.“

نذيران وات ڦاڙي ٽهڪ ڏيئي چيو، ”اسان ڪڏهن ٿا چئون ته جانيءَ رنو آهي.“

شمو کان چرڪ نڪري ويو، ”روئڻ جانل جا دشمن!“
۽ پنهنجي ڳالهہ ڪي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ شموءَ اتي ڊريسنگ ٽيبل تان هيئر ڪريم ڪڍي جان بيبي جي وارن کي مالش ڪرڻ لڳي. نذيران ۽ وزيران اڃان تائين بيٺيون هيون، جان بيبي انهن لاءِ ڪري اٿي ٿي تہ ٻنهي سندس ڪلهن تي زور ڏيئي وري ڪيس پينگهي ۾ ويهاريو ۽ پاڻ پلنگ جي ويجهو آيون ۽ آميءَ سان مخاطب ٿيون.
”مائي، ڏيکار ڪهڙي ڪريم آهي“
آميءَ کيس ڪريم ڏيکاري تہ نذيران چيو، ”هي هُتي ڪراچيءَ ۾ مس ٿي ملي، هتي جهنگ ۾ ڪنهن آندي آهي؟“
آميءَ کي چڙ تہ آئي پر ضبط ڪري چيو، ”جيجي هتي جهنگ ڪٿي، غريبن لاءِ جهنگ آهي باقي سائينءَ وارن تہ هتي جهنگل ۾ منگل ڪيو آهي. چا تہ ناهي هتي!“
”سچي بہ، هتي اچي فرق ئي نٿو لڳي تہ ڪو ڪراچيءَ کان ٻاهر آهيون.“
نذيران حيرانيءَ مان چيو، امير بيبي جو آواز وراندي مان آيو، ”شمو، آمي، ختو، ملوڪان ڪٿي آهيو سڀئي؟“
شمو تہ جان بيبي ءَ کي مٿي ۾ زور ڏيئي رهي هئي. آمي ٻاهر وراندي ڏانهن ڀڳي.
امير بيبي اندر ڪمري ۾ اچي چيو، ”جاني پيٽيون تہ تنهنجي لاءِ نهاري تو وٽ آيون پر تون نہ آئيئن چو؟“
”جيجي، جيجي جانل کي مٿي ۾ سور آهي.“
جان بيبي کان اڳ شموءَ جواب ڏنو تہ امير بيبي ڪاوڙجي پئي، ”تون پلا چو، سدائين جانيءَ پاران جواب ڏيندي آهين؟ خبر اٿم تہ جاني کي پنهنجو ڪير پياريو اٿئي! پر پوءِ بہ لاڏ چاڳ جو ڪو چيهہ ڪا حد بہ آهي يا نہ؟“
وري آمي ۽ ختوءَ ۾ نهاري جيڪي سندس سڏ تي آيون هيون چيائين، ”سڀئي هتي جانيءَ وٽ ڳاهٽ آهيو هوڏانهن رڌڻي ۾ ملوڪان اڪيلي آهي... اوطاق ۾ ماڻهو آيا آهن... ستار ۽ جبار پيا

سڏين...“

امير بيبيءَ کي الائي کھڙي چڙ هئي سيئي ڳالهيون اچي جمع ڪيائين ختوءَ چيو، ”جيجي، مون تہ استري پئي ڪئي. اوهان جي سڏ تي آئي آهيان.“

۽ پوءِ سيئي رڏٽي ڏانهن هليون ويون. نذيران ۽ وزيران ٻئي پلنگ تان اٿي اچي پينگھي ۾ جان بيبي جي پير ۾ ويهي ڪيس پاڪر پائي چوڻ لڳيون، ”ماسي، اسان کي تہ ڪو بہ ڏک نہ ٿيو آهي، اوهان هرو ڀرو جانيءَ کي ماين اڳيان ڳالهايو!“

”مايون پرايون ڪونهن پٽ، انهن ئي ماين جي هٿن ۾ جاني ڄائي نپني آهي. انهن ئي تہ لاڏ ڏنا اٿس... هاڻي اوهين ڪراچيءَ مان آيون آهيو هڪ بہ ڏينهن لاءِ ۽ جاني لڪندي وتي اوهان کان!“

الائي ڇو امير بيبيءَ کي جان بيبي جون روتل اکيون ڏسي ڪاوڙ لڳي. جان بيبي ڏک مان ماءُ ۾ نهاري چيو، ”امان، ڪهڙو ٿي لڪندي وتان؟“

نذيران کلي چيو، ”ماسي. لاڏن ڪوڏن جي لائق نہ جاني آهي.“

امير بيبيءَ مشڪي چيو، ”اوهان جي مرضي، پلي ڪٽجوس سيئي لاڏ.“

ايئن چئي امير بيبي ڪمري مان نڪري ويئي. جان بيبيءَ جي پير مان شاهہ جو رسالو کڻي نذيران چيو، ”ٻڌو اٿئون تہ تون شاهہ جي عاشق آهين؟“

جان بيبيءَ روتل مک سان مشڪي چيو، ”رڳو مان ڇو، اوهين ناهيو ڇا؟“

ٻنهي کلي چيو، ”اسين سمجهون نہ عاشق ٿيون.“

”ڇو نٿيون سمجهو، ”شاهہ وٽ تہ اسان جي ڪوهستان جو لهجو ۽ لفظ آهن.“

وزيران چيو، ”تون بہ ان ڪري ٿي سمجهين جو ماسي پڙهندي آهي.“

”نہ رڳو امان پر بابا بہ لطيف کي پڙهي ٿو.“

هو ٻئي پينگهي مان اٿيون ۽ جان بيبي جا ڪتاب ۽

ڪيسٽيون ڏسڻ لڳيون. وڊيو ڪيسٽيون ابتائي سبتائي ڏسڻ لڳيون، هڪڙي ڪيسيٽ ڪڍي نذيران رڙ ڪئي، ”اڙي وزيري، فلم ”محبتين“

”هان!“

”الا، هي ڏس.“

”هي ڪيسيٽ ڪٿان آئي جاني؟“ نذيران جان بيبي وٽ اچي ڪيس ڪيسيٽ ڏيکاري چيو.

جان بيبيءَ چيو، ”شايد ادا ستار ڪيبل نيٽ ورڪ تان ريڪارڊ ڪئي آهي.“

”ها ها... ايئن ئي هوندو. اجان تہ ڪراچيءَ جي وڊيو شاپن تي بہ نٿي ملي. ماڻهو موڪلي موڪلي ٿڪي آهيان. چون ٿا تہ فلم ۾ اميتاڀ بچن ۽ شاهہ رخ خان جو زبردست مقابلو آهي.“ نذيران بس ڪئي تہ وزيران چيو، ”۽ چون ٿا تہ ايشوريا جو ڪم ٿورو آهي پر زبردست ڪيو اٿس.“ جان بيبي بنهي کي حيرت مان ڏسي رهي هئي. نذيران چيو، ”جاني هي ڪيسيٽ هلاءِ...“ ملوڪان چانهہ کڻي آئي تہ جان بيبي چيو، ”ملوڪان، اها ڪيسيٽ وي سي آر ۾ وجهہ.“

”ملوڪان بہ وي سي آر هلائي ڄاڻي ٿي؟“ ملوڪان مشڪندي چيو، ”وي سي آر هلائڻ ۾ ڇاهي!“

نذيران خار مان چيو، ”ڇاهي جي خبر پوئي جي جاني نہ سيکاريئي ها.“

ملوڪان ٺهڪ ڏيئي چيو، ”جيجي جانل تہ هي فلمون ٻلمون ڏسندي ئي ناهي. مون تہ سائين ستار ڪان سکيو آهي.“ ”ڇو ڀلا، توکي ڇو سيکاريائون؟ وي سي آر خراب ڪري وجهين تہ پوءِ؟“

جان بيبي چيو، ”ادا وارا سست آهن سو هنن کي سيکاري ڇڏيو اٿن تہ ڪيسيٽون ڪڍن ۽ وجهن!“

وي سي آر جي آواز تي سيئي مايون اينديون ويون، ختو، مومل، حنيفان، ستو ۽ جڏهن جان بيبي ڏٺو تہ هي فلم ڏسڻ ۾ محو آهن تہ پاڻ آهستي آهستي پنهنجي ڪمري کان ٻاهر نڪري آئي ۽ بي آواز قدم کڻندي ڏاڪڻ چڙهي مٿي ڇت تي آئي. سندس

من هن مشڪل گهڙيءَ ۾ طارق خان کي سڏڻ لڳو:

هينئڙي سڄڻ ساريان، ڪٿي هوندم هير،
اڇي لالن، نه ڏئين؟ مٿي پلنگن پير،
تي ورونهڻ وير، ڳجهه ڳرهيان ڪن سين؟

’طارق خان، مان تنهنجي آهيان. مون کي ٻين جي ٿيڻ کان بچاءِ! مان تنهنجي پيار ۾ ايترو وڌي ويئي آهيان جو گمنام راهون مون کي سجاڻڻ کان انڪار ٿيون ڪن. هنجن منجهان ٿوڀ اکيون ڪٽي هوءَ ائين ئي ڏور ويندڙ رستي کي ڏسڻ لڳي.

نيڻ نهارا مون ڪيا، مٿي واٽڙين،
ايند، مانءَ پسن، مٿان سڳر سپرين.

لڙڪن جي ڪري سندس اکيون ڏنڊليون ٿي ويون هيون پر پوءِ به ڏورانهين رستي تان مٿيءَ جا دوساڙا نظر اچڻ لڳس شايد ڪا گاڏي آهي، هوندي پوءِ ڇا؟ رستو آهي گاڏيون ته پيون ايندڙيون ويندڙيون آهن... هن پنهنجون اکيون هٿن جي ترين سان اگهيون ڪا گاڏي تيز رفتاريءَ سان گذري رهي هئي

”خدا ڪري ته طارق خان هجي!“ سندس دل چپن تي اچي ويئي. گاڏي تورو ويجهي آئي ته هن طارق خان جي نيري رنگ جي لينڊ ڪروزر سڃاڻي ورتي. ”اوهه منهنجا خدا، تون ايترو تڪڙو به ٻڌي سگهندو آهين!“ هوءَ حيرت مان ڏسي رهي هئي. گاڏيءَ جي رفتار ۾ ڪابه ڪمي نه آئي ۽ ساڳيئي تيز رفتاريءَ سان سندن پِر مان لنگهي مهراب خان جي ڳوٺ ڏانهن وڃي رهي هئي. هوءَ ويندڙ گاڏيءَ جي پويان ڇڏيل مٽيءَ جي دوساڙن ۽ دونهين ۾ وڪوڙجي گم ٿي ويئي جڏهن ته رستو ۽ ويندڙ گاڏي سندس حويليءَ کان گهٽو پري هئا پر هوءَ احساساتي سطح تي گاڏيءَ جي اتاريل ڌوڙ ۾ لتجي ويئي هئي. ’توکي منهنجي ڪابه پرواهه ناهي، جڏهن ته اڄ مون کي سنگسار ٿيڻ جي رسمي اجازت ملڻ واري آهي.‘ هوءَ ڇت تي پيل کٽ تي ويهي سڏڪڻ لڳي. شمو ڪيس ڳوليندي ڳوليندي ڇت تي مٿي آئي. ڪيس سڏڪندي ڏسي ڊوڙ

پائي وٽس آئي. ”اھوئي ڊپ ھو مون کي. سڄي گھر ۾ جڏھن توکي نہ ڏٺم تہ اھوئي شڪ تہ متي ھوندينءَ. منھنجي منٺي ڇو پيئي پاڻ کي ھروڀرو ڳارين؟“

”شمو، طارق خان کي مون ھينئر ڏٺو آھي. ھو ادا مھراب خان ڏانھن وڃي رھيو ھو.“

”ڏٺو ھوندئي جيجي. اھا ئي تہ واٽ اٿس سائين مھراب خان ڏانھن وڃڻ جي، سدائين اتان ئي تہ ويندو آھي.“

”اسان وٽ ھتي ڇو نہ آيو؟ جڏھن تہ ھتان کان ئي پي ويو. ايئن نٿي ٿي سگھيو تہ بس ٿوري دير لاءِ ئي اچي ھا. ايئن ڪيئن ھليو ويو؟“

”جيجي، سائين طارق خان عقلمند آھي. ڪيس خبر آھي تہ جيڪا ڳالھہ ٿيڻي ئي ناھي اھا...“

”ڇو اڻ ٿيڻي آھي. ڪيئن؟“

”منٺي، تون اڪيلي ئي پاڻ کي ڳارين ٿي، سائين طارق خان جو ذرو بہ توڏانھن ڌيان ڪونھي.“

سندس اکيان ھٿ ٻڌي چوڻ لڳي. ”سائين حمل خان ۽ جيجي اميران تہ ”ھا“ ڪري ڇڏي آھي ۽ ھڪڙي ھفتي کان پوءِ ھو مڱڻو ڪرڻ پيا اچن. سو خدا کي مڃ، نڪو پاڻ کي جلاءِ، نڪو مائٽن کي رنجاءِ. ٿيندو اھو جيڪو مائٽن فيصلو ڪيو آھي.“

جان بيبيءَ حيرت مان ڪيس تڪي چيو، ”بابا ”ھا“ ڪري ڇڏي؟“

”جيجي، تو بہ تہ پيءُ کي ڪجھہ بہ نہ چيو.“

”مون کي خبر ھئي تہ منھنجو چوڻ نہ ھلندو.“

”پوءِ ھاڻي مھرباني ڪري ڪچ پچ نہ ڪر، اچي ھيٺ سيني سان گڏجي ويھہ نہ تہ الائي ڇا سوچين. تنھنجو ماساتيون ڏاڍيون ڏنگيون آھن. ٿوريون مس اکيون ڳاڙھيون ڏٺائون يڪدم ٺوڪ ٺاڙ شروع ڪري ڏنائون. ھاڻي تہ الائي ڇا سوچين؟“

”ڇا سوچينديون، ڀلي جيڪو وڻين اھو سوچين.“

”آءٌ ڏجان ٿي جيجي، مون کي تنھنجي آئيندي کان خوف ٿو اچي.“

”هاڻي اهوئي ٿيندو جيڪو مان چاهينديس.“

”تون ڇا ٿي چاهين؟“

شموءَ جون اکيون خوف مان ڦاٽي ويون. جان بيبيءَ بيپرواهيءَ مان چيو، ”اها منهنجي مرضي.“

ڪاوڙ مان جان بيبي جون هنجون سڪي ويون ۽ هوءَ بغير جذبات جي ڏاڪٽيون لهندي هيٺ آئي. سيئي ورانڊي ۾ ويٺا هئا. نوربيبي کيس ڏسنديئي اٿي سئو جو نوٽ گهوري شموءَ کي ڏنو. جيڪو شموءَ وٺڻ نه چاهيندي به صفا بي دليءَ مان ورتو. نذيران کلي چيو، ”ڇو پلا شمو، اهڙي مرده نموني گهور ورتي اٿئي؟“

شموءَ ساڻيي انهرائيءَ مان چيو، ”جيجي، ورتي ته اٿم گهور، بيو ڇا؟“

نذيران کلي ٽوڪ مان چيو، ”واهه پئي واهه، هتي جون لنگهيون به وڏي ڳالهه آهن.“

جان بيبيءَ نذيران ڏي نهاري چيو، ”شمو منهنجي ماءُ آهي، مون سندس کير پيتو آهي ان لاءِ ڪڏهن به گٿو لفظ نه ڳالهائجانءِ.“

امير بيبيءَ حيرت مان ڏسي کيس چيو، ”جاني.“

”ها امان!“ ايئن چئي جان بيبي اٿي پنهنجي ڪمري ڏانهن هلي وئي ۽ اچي پاڻ کي پلنگ تي اڇلايائين. امير بيبي سندس پنيان ئي ڪمري ۾ آئي ۽ ايندي ساڻ ڪاوڙجي چيائين، ”آهي ڇا جاني، اهو ڪهڙو طريقو آهي؟“

”..........“

”ڇا سوچيندي ادي نور بيبي، تون اڳ ته اهڙي بداخلاق نه هيئن، ڪلهه ڪان جيئن اديءَ وارا آيا آهن تون ساڻن سئين منهن ڳالهائين به نٿي. ڪلهه هيئن جيڪو ماڻهو موڪلي زهره کي گهرايو هيئي اها ڳالهه به مون کي نه وڻي هئي. يڪو موڊ خراب اٿئي. آهي ڇا؟“

جان بيبي هڪدم پلنگ تان اٿي ماءُ جي سامهون اچي بيٺي. سندس اکين مان لڙڪ جاري هئا. امير بيبيءَ کيس ايئن وڪريل ڏسي هڪدم کيس ڀاڪر پاتو.

”چا ٿيو اٿئي جاني پٽ، ڇو پئي روئين، خدا جي واسطي مون کي ٻڌاءِ، منهنجو هانءُ ٿو ڦاٽي؟“

جان بيبي ماءُ جي سيني سان لڳي سڏڪي پيئي، ”امان، آءٌ ماسيءَ جي گهر ۾ راضي ناهيان.“

”امير بيبي هڪدم کيس پنهنجي سيني کان ڌار ڪري چيو، ”ڇو، ڇا جي لاءِ؟“

”بس منهنجي دل ايڏانهن نٿي چوي.“

امير بيبيءَ ڪاوڙجي چيو، ”ڇو تنهنجي دل ايڏانهن نٿي چاهي، ڪهڙي ڪمي آهي مير محمد ۾، انهن پنهنجي ڌيءَ جا اسان کي ڏني آهي اها ڪا اسان کي خون ۾ ملي آهي ڇا؟ تون ته پاڻ شهر ٿي وڃين.“

”امان...“

”ماٺ ڪر، وڌيڪ نه اسان کي خوار ڪر نه پاڻ کي.“

”...........“

امير بيبي کيس سڏڪندي ڏسي وڌيڪ ڪاوڙجي پيئي. ”آءٌ به جوان آهي ڇا، هي ويچاريون نذيران ۽ وزيران اڳيان پويان پيون هلن، ڇڻ پٽس جون نوڪرياڻيون آهن ۽ هيءَ شهزادي انهن کان لڪيو ۽ پڇيو وڃي، هٽ منهن ڌوئي منهنجي ڪمري ۾ آءُ.“

امير بيبي منداٺي مينهن جيان ڪڙڪاٽ ڪري سندس مٿان تريون ڏيئي وسي ڪمري کان ٻاهر نڪري ويئي. جان بيبيءَ هڪدم پنهنجي ڪمري جو دروازو لاڪ ڪيو ۽ اچي پينگهي ۾ ويٺي. ’چوندا آهن ته هي معاشرو مردن جو آهي ۽ مرد ظالم آهي، سخت آهي. پر عورت ته وڌيڪ ظالم ۽ آمر آهي. مون ته پنهنجي سڄي زندگيءَ ۾ امان جي حڪمراني ڏٺي آهي. خير، امان پلي پنهنجا نادر شاهي حڪم هلائي. مان به سندس جسم جو حصو آهيان. سندس ئي پيٽ ۾ وقت گذاريو اٿم.‘

هوءَ شاهه جو رسالو کڻي پڙهڻ لڳي. کيس هر صفحي ۾ طارق خان نظر اچڻ لڳو. هوءَ حيران ٿي رسالي کي تڪڻ لڳي. بيت ڪيڏانهن ويا؟ تصويرون، اهي به زنده هلندڙ ڦرندڙ. هن رسالو

۽ اڪيون بند ڪري ڇڏيا. 'طارق خان، توکي ڪهڙي خبر تہ مان ڪهڙن عذابن مان پئي گذران... ۽ تون ايڏو بيپرواهہ جو پر مان لنگهيو پيو وڃين!! پلي توکي سڪ نہ هجي پر اها تہ توکي پڪ آهي تہ هتي ڪو آهي، جنهن جو هر پل هر لمحو تنهنجي ياد ۾ ٿو گذري، تنهنجي انتظار ۾ ٿو گذري پر تنهنجي دل هتان لنگهندي ايتري بہ ست نہ ڏني تہ تون ڪي گهڙيون ئي سهي ترسي پوين ها. تو ۾ تہ ڪوبہ فرق نہ پوي ها پر منهنجي دل تہ ڪجهہ دير لاءِ پرڀي پوي ها، ڪڙي پوي ها ڪجهہ لمحن لاءِ، ڇو جو تون ئي تہ بهار آهين منهنجي دل جي ڪائنات جي. توڪان سواءِ رڳي خزان آهي ويراني آهي طارق خان.' هوءَ درماندي ٿيڻ لڳي. دروازي تي ڪڙڪو ٿيو. هن اکيون اگهي دروازو کوليو تہ شمو اندر آئي. هن دروازو لاڪ ڪري ڇڏيو. شمو کيس اهڙي حالت ۾ ڏسي پاڻ بہ روئڻ لڳي.

"جيجي، تنهنجي هن ڏک کان اڳ خدا مون کي موت ڏي تہ سورن کان ڇٽي پوان."

جان بيبي واش روم ۾ وڃي هٿ منهن ڌوئي آئي ۽ مشڪي چيائين، "ڏس شمو، هاڻي تہ بس؟"

"جيجي، اسان مسڪينن جي ڪا پهچ ناهي. جيجي اميران سگهي آهي. مرضيءَ واري آهي. پوءِ بہ تون پاڻ چئي ڏسينس."

"مون هينئر امان سان ڳالهايو آهي." شمو کيس حيرت مان ڏسڻ لڳي.

"ها شمو، پر امان مون کي ايئن لتاڙي، چيپاڙي ويئي جڻ هوءَ فاتح مان مفتوح هجان!"

"ڇا چيو جيجي اميران؟"

"امان مون کي زبان بند رکڻ جو حڪم ڏيئي ويئي آهي. "مون" کيس ڪهڙي خبر جڏهن زبان کي سختيءَ سان بند ڪبو آهي تڏهن جسم جو هر حصو زبان بنجي پوندو آهي. پلي آزمائي ڏسي امان."

شمو سندس پيرن تي ڪري پيئي، "جيجي الله کي مڃ. مرشد

لطيف کي مڃ. مير محمد تنهنجي لائق آهي متان ڪو ابهرو قدم کڻين جو هو شڪجي پوي!!“

جان بيبيءَ ڪيس پيرن تان اٿاري چيو، ”ڏس شمو ڪيترا پيرا چيو اٿم تہ منهنجي پيرن تي پئي مون کي گنهگار نہ ڪر. نيڪ آهي جيئن چوين تيئن ڪنديس، هاڻي تہ خوش؟ باقي مرشد لطيف کي مڃڻ جو چيو اٿئي تہ اهو تہ مان مڃينديس پر خبر اٿئي تہ اهو ڇا ٿو چوي؟“ شمو مرڪي چيو، ”مني، آءٌ اٽڪڙهيل ڇا ڄاڻان؟“

”لطيف بادشاهہ چوي ٿو، هرڪو ماڻهو پنهنجي مرضيءَ واري زندگي گذاري ۽ هر ڪنهن کي اهو حق آهي تہ جنهن کي چاهي تنهن کي پائي.“

”صدقو وڃان مرشد لطيف مٺان.“

جان بيبيءَ کي شموءَ جي ان بي ضرر جواب تان زهرہ ڏاڏي ياد آئي تہ هن مهل اها جيڪر هنن جملن جا ڪيترا ٺهڪندڙ ۽ نهڪندڙ جواب ڏي ها. د. تي ڪڙڪو ٿيو تہ شموءَ چرڪي چيو، ”اٿي گهوڙا مون کي جيجي اميران توکي سڏڻ لاءِ موڪليو هو، ۽ آءٌ تنهنجي حالت ڏسي سڀ ڪجهہ پلجي ويس. هاڻي جيڪي منهنجي لاءِ جنيون هونديون اهي بہ جڳ ڏسندو.“

دروازو کوليائين تہ امير بيبي کاوڙيل بيٺي هئي. ”شمو ماڻهو آهين ڇا آهين؟“

”جيجي...“

”جيجيءَ جي سڳي، موڪليو هيم تہ جانيءَ کي وٺي آءُ. خبر اٿم صلاحگير آهين جانيءَ جي پر ياد رک ڪابہ اونڌي ابتي صلاح جانيءَ کي ڏنئي تہ...“

”نہ جيجي نہ، رب مني جو سنهن آءٌ صلاحگير ناهيان. آءٌ تہ سڏيون متيون تي ڏيانس.“

”اٿي جاني، جيترو تنهنجي منهن ۾ ٿو نهارجي اوترو تي تون مٿي وڃين، آهي ڇا. ڪهڙو تاجو؟ ڪهڙو ماتم لايو ويٺي آهين، جيڏيءَ مهل ڏسجي لڙڪن جو شپڪو پيو پوي؟“

نذيران ۽ وزيران ڪمري ۾ ايندي ساڻ چيو، ”ماسي، جانيءَ

کي چو پئي دڙڪا ڏين؟“

امير بيبيءَ ڪاوڙ تي ضبط ڪري مشڪي چيو، ”ڪجهه ڪونهي پٽ، جاني صفا سست آهي.“

سيئي گڏجي ورانڊي ۾ آيون سيني لاءِ چانهه آئي ۽ سيني گڏجي پيتي. ٻاهرين گيٽ تي وڏو کڙڪو ٿيو. جان بيبيءَ جي دل ٺٽ سان ڌڙڪي پيئي. جبار جي ٺهڪ تي نهاريائين ته مظهر خان ۽ زهره اچي رهيا هئا. جان بيبي هڪدم ٽپو ڏيئي اٿي ۽ ڊوڙ ڪري زهره سان ياڪر پائي ايئن چنبڙي پيئي ڄڻ دشمن جي قيد مان ڪو پنهنجو آزاد ڪرائڻ آيو هجي. مظهر خان کلي چيو، ”جاني، تون سيئي رسمون ۽ رواج ڀلجندي نه پئي وڃين؟“

جان بيبيءَ ڦڪي تي ساٿس کيڪاريو. سيئي اٿي ساڻن کيڪارڻ لڳا. ڇانهه ته ماڳهين رکيل هئي. هي ٻه اتيئي وينا. جان بيبيءَ جي خوشي ظاهر ظهور، پڌري پٽ هئي. نذيران ۽ وزيران سندس جائزو وٺي رهيون هيون، خير خيريت کان پوءِ امير بيبيءَ چيو ”پٽ، خير سان آيا آهيو؟“

حمل خان جي چهري جو رنگ بدلجي ويو. سو چيائين، ’هي ڪهڙو طريقو آهي، منهنجا ٻچا منهنجي گهر آيا آهن انهن کان ٿي پڇي ته، خير سان آيا آهيو... انهن جو ته پنهنجو گهر آهي، جڏهن اچن، جيترا ڀيرا اچن؟‘

”چاچي، اسين آيا ته جانيءَ کي وٺڻ هياسين پر هاڻي ڀلي هي اديون ٻه گڏجي هلن، بابا جي دوست جي پٽ جي شادي ٿي آهي ۽ بابا انهن جي دعوت ڪئي آهي دعوت ته سياڻي آهي پر بابا اسان کي اڄ موڪليو آهي ته جانيءَ کي وٺي اچو ته زهري سان گڏجي انتظام ڪري ۽ ڪم سنڀالي.“

نور بيبيءَ چيو، ”پٽ، دعوت لاءِ تنهنجي مهرباني پر اسين اڄ نٿي وڃون پيا ڪراچي.“

امير بيبيءَ چيو، ”هرويرو اڄ چو ٿا وڃو؟ ڀلي نذيران ۽ وزيران جانيءَ سان گڏجي جانيءَ جا ڏاڏاٽا ڏسي اچن.“

مظهر خان ٻه نور بيبيءَ کي چيو، ”ها ماسي، چاچي نيڪ تي

چوي، اڄ نہ وڃو.“

امير بيبي جي ڀاءُ صالح محمد چيو، ”بابا، هتي رهندي اڄ اسان کي ٽيون ڏينهن آهي ۽ هُتي آءٌ پنهنجا ڪم ڇڏي آيو آهيان. سو اڄ تہ ضرور وڃبو. مان تہ ڪلهہ ئي ٿي ويس پر اميران جي ڪري رهجي ويس.“

نور بيبيءَ چيو، ”پٽ، اسان کي وڃي تياريون بہ ڪرڻيون آهن!“

مظهر خان چيو، ”ڇا جون تياريون؟“

”مير محمد جي مڱڻي جون!“

زهره ڇرڪي جان بيبي ڏانهن نهاريو جنهن جو چهرو ڏونهاڻجي ويو هو. مظهر خان بہ وائڙن جيان نهارڻ لڳو. حمل خان ڏک مان منهن ٻي پاسي ڦيرائي ڇڏيو.

”هلو جاني.“ جان بيبيءَ ماءُ ۾ نهاريو. ”ٻلي وڃ پٽ، ڇاڇهين سڏايو اٿئي ٻلي وڃ.“

جان بيبي ۽ زهره گڏجي ڪمري ۾ آيون. مظهر خان کي اتي ئي جبار ويهاري چيو. ”مظهر خان هاڻي تنهنجو بہ بلو ٽيڻ گهرجي.“

”نصيب، ڀاڳ، قسمت ۽ مقدر. اهي چارئي جڏهن گڏجي ميڙ ٿي مون ڏي ايندا تڏهن سوچيندس.“ مظهر خان اداس ٿيندي چيو.

نذيران کي مظهر خان وٽي ويو هو اها ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳي. جبار کلي چيو. ”اهي ئي تہ چارئي گڏجي تنهنجي ميڙ ٿي، تنهنجي مڱڻي تي آيا هئا. هاڻي شادي پنهنجي مڙسيءَ سان ڪندين سائين، انهن جو انتظار ڪرڻ بيڪار آهي.“

مظهر خان جي مڱڻيءَ جو ٻڌي نذيران جو چهرو چار ٿي ويو. مظهر خان چيو، ”ستار ۽ ڀاڃائي ڪٿي آهن؟“

امير بيبيءَ مشڪي چيو. ”ادا جنگي خان ڏانهن ويل آهن. ڪنوار جي ماءُ جي طبيعت ٺيڪ نہ هئي.“

مظهر خان کلي چيو، ”ستار لاءِ تہ هاڻي، پريان سندي پار جي مڙيئي منائي آهي.“

سڀئي کلڻ لڳا. صالح محمد اٿي چيو. ”هاڻي اسين هلنداسين.“ هو اٿيو تہ سڀئي اٿيا.

نذيران ۽ وزيران جان بيبيءَ سان موڪلائڻ سندس ڪمري ۾ ويون. نوربيبي به موڪلائي آئي. جبار ساڻس گڏجي ويو ۽ جان بيبي جي ڪمري ۾ ساڻس گڏ زهره ۽ مظهر خان وجي رهيا. مظهر خان ڏک مان چيو، ”چاچي اميران اسان جي خاندان کي تہ اک هينيان ئي نٿي آڻي. نيڪ آهي، پنهنجي پيڻ سان گڏجي ٿي پر اسين بہ پڇڻ ۽ صلاح ڪرڻ جا حقدار آهيون. چاچا حمل خان تہ نهيو، ستار ۽ جبار کي بہ ڪو خيال نہ آيو. ڪمال خان ٻڌندو تہ اهو جذباتي آهي، ان کي تہ گهٽو ڏک ٿيندو. پيو تہ ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ چاچي نٿي پڇي پر سڳ ڏيڻ وٺڻ ۾ پڇا جا حقدار بہ اسين ناهيون ڇا؟“

جان بيبي ڪيس حيرت مان ڏسي چيو، ”پڇڻ جا حقدار ڇا، اوهان تہ هر چيز جا حقدار آهيو، بابا تہ آهي ئي ايئن. امان جي پيڻ جو اسان ۾ ڇا وڃي؟“

زهره تہ هر ڳالهہ کان واقف هئي. اها ماٺ رهي. مظهر خان صفا بيخبر هو ان چڙڪي چيو، ”جاني ڇا پئي ڳالهائين؟“

زهره انهري ٿي چيو، ”ڪجهہ بہ ڪونهي ادا، جاني تہ آهي چري صفا.“

جان بيبي اُداس ۽ انهري اکيون هيٺ ڪري ويٺي هئي. مظهر خان چڙي زهره کي چيو، ”زهري، تون چو پئي جانيءَ جي پاران جواب ڏين. جاني ماٺ آهي؟“

جان بيبيءَ کي احساس ٿيو تہ هو ڇا ڳالهائي ويئي آهي. ايئن تہ سڄي خاندان ۾ ڦوٽ پئجي ويندي. سوچيائين، ’آءٌ پاڻ کي مير محمد کان بچايان ڪنهن لاءِ؟‘ سو آهستي چيائين، ”ڪجهہ بہ ڪونهي ادا.“

امير بيبيءَ جي اچڻ سان مظهر خان اٿي چيو، ”چاچي هاڻي اسين بہ هلون ٿا.“

امير بيبيءَ مشڪي چيو، ”ڀلي ابا، ادي آمنہ ۽ ادا مصطفيٰ کي منهنجا گهڻا گهڻا سلام ڏجو.“

جان بيبي پنهنجا ڪجهہ ڪپڙا بيگ ۾ رکيا. بيگ مظهر خان کنيو تہ امير بيبيءَ چيو، ”جاني، سياڻي وري اچجانءِ، آءٌ بہ اڪيلي آهيان.“

زهره برقعو پائيندي چيو، ”چاچي دعوت تہ سياڻي آهي. پوءِ جاني سياڻي ڪيئن ايندي؟“

”نهيو بابا، جيئن اوهان ڪي وڻي تيئن ڪريو.“

سيئي ڪلندا ڪمري ڪان ٻاهر آيا. حمل خان بہ سامهون ايندو مليو. جان بيبيءَ برقعو پائي جيپ ۾ ويهندي چيو، ”شمو ڪٿي آهي؟“ شمو ڊوڙندي اچي جيپ ۾ ويٺي ۽ جيپ رواني ٿي. حمل خان امير بيبيءَ جي هٿ ۾ جهلي چيو، ”هلو تہ پاڻ ٻئي سنگتي ڪچهري ڪريون.“

امير بيبيءَ مصنوعي ڪاوڙ مان پنهنجو هٿ ست ڏيئي ڇڏائي چيو، ”تون تہ صفا خواريو آهين، مايون ٿيون ڏسن ڇا چونديون؟“

حمل خان ٺهڪ ڏيئي چيو، ڇا وري، ڇا چونديون، انهن سيني کي اسان جي عاشقيءَ جي خبر آهي.“

ٻئي ڪلندا پنهنجي ڪمري ڏانهن هليا ويا. ختو ۽ ملوڪان رڌڻي واري دريءَ جي جاريءَ مان سڀ ڏسي ۽ ٻڌي رهيون هيون. ٻئي آهستي آهستي کلڻ لڳيون. ختوءَ چيو. ”ابا، ٻڌو ٻڌي چٽا آهن.“

ملوڪان جو ٺهڪ سڄي رڌڻي کي گونجائي ويو، ختوءَ زوراڻتو چنبو هڻي چيس. ”الله ماري، اسان کي موچڙا کارائيندينءَ؟“ ٻئي آميءَ کي پري کان ايندي ڏسي ماٺ ڪري ٿانوَ ڌوئڻ لڳيون.

## باب يارهون

طارق خان پنهنجي گهر ۾ پنهنجي پٽ اڪبر سان ڪيڏي رهيو هو، ياڳيءَ اچي چيو، ”سائين، جيجي نوربيبي ۽ سائين مير محمد آيا آهن.“

طارق خان اڪبر کي ياڳيءَ جي حوالي ڪري پاڻ ڊرائينگ روم ۾ آيو.

”ماسي، اوهان هت الائي ڪيئن پلجي اسان وٽ آيا آهيو!!“

نور بيبيءَ کِلي ساڻس ملندي چيو، ”ابا، تون به اسان جا چتر تورا ٿو چنين باقي ميارون نه ڏي.“

مير محمد کلي چيو، ”اسين ته ادا طارق خان کي چئي نٿا سگهون، چگو تيو امان چيو.“

طارق خان ٺهڪ ڏيئي چيو، ”واهه مير محمد خان واهه، پنهنجن سان ڪي ليکا ڪبا آهن؟ آءٌ ته آهيان مصروف... مون تي ميارون نه ڪندا ڪريو.“

”ابا، ڏک ۽ ميارون ته ڪبيون ئي پنهنجن سان آهن، پراون سان ته ساري قدم ڪٽبا آهن.“

”نيڪ آهي ماسي، آءٌ سڀ ميارون قبول ٿو ڪريان. هاڻي خبرون ٻڌايو، خير سان آيا آهيو؟“

نور بيبيءَ مشڪي چيو، ”مير محمد جو مڱڻو آهي ادا حمل خان جي گهر، ان جي دعوت ڏيڻ آيا آهيون.“

طارق خان جو هانءُ جڙ هيٺ هليو ويو. شهناز ٺهڪ ڏيئي چيو، ”جانيءَ سان؟“

نور بيبيءَ کلي چيو، ”ها جاني ئي ته آهي تاجان ته پرڻجي ويئي.“

شهناز مشڪي مير محمد ۾ نهاري چيو، ”ماسي پريءَ جو ٻچو مليو اٿئي.“

طارق خان تہ الائي کھڙن خيالن ۾ سوچن ۾ هليو ويو هو ۽ ان ٿوري وقت ۾ ڪيس جان بيبيءَ جون ڪيل سيئي ڳالهيون ياد اچي ويون ۽ هو ايئن ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺو هو ڄڻ مجرم هجي. نور بيبي ۽ مير محمد اتي گهڻي دير تائين ويٺا، ماني ڪاڌائون، ڳالهيون ٻولهيون صلاح صلي سڀ ڪيائون پر طارق خان ڄڻ ڪجهہ ٻڌي ئي نہ پيو. بس هان هون ئي ڪندو رهيو ۽ جڏهن هو موڪلائي ويا تہ هو پنهنجي ڪمري ۾ اچي دروازو بند ڪري پلنگ تي ليٽيو. ”چو پلاء مان ايئن بيچين ڇو ٿي ويو آهيان، اها تہ منهنجي پنهنجي ئي خواهش هئي تہ جانيءَ جي شادي ٿي وڃي. پوءِ هي ڇا؟ مون تہ ڪيس آڌيءَ رات جو پنهنجي ڪمري مان ڪڏي ڇڏيو هو ۽ ڪانئس لڪت ۾ رحم گهريو هو. رحم گهرڻ جو مطلب مان بہ ڄاڻان ٿو تہ هوءَ بہ چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿي. پوءِ هي سٽ، هي ڇڪ ۽ ڇهڪ وري ڪهڙا؟“ هو هڪدم اٿي ٻاهر نڪتو ۽ گاڏي ڪٽي سمنڊ ڪناري پهتو. سمنڊ جون ڇوليون ۽ ايندڙ ويندڙ ويرون ۽ لهرون ڪيس پاڻ ڪان بہ وڌيڪ بيقرار ۽ بيچين پاسيون جيڪي سندس پيرن ۾ اچي سندس آجيان ڪري رهيون هيون. هن سندن اتاولائي ۽ بي صبريءَ تي مشڪي ڏنو.

هونئن بہ جڏهن ڪيس ڪا پريشاني هوندي آهي تہ هو سمنڊ تي هليو ايندو آهي ۽ پنهنجي پريشاني ۽ فڪر سمنڊ تي اچي سندس وشال ۽ مهربان گهراين جي حوالي ڪندو آهي ۽ پوءِ هو پاڻ کي ڏاڍو تازو ۽ هلڪو محسوس ڪندو آهي. پر اڄ سمنڊ ڪناري اڪيلو ويٺل طارق خان ڪيڏو بيچين ۽ بيقرار هو... اڄ سندس انوکي ڪيفيت سمنڊ کي ڪجهہ بہ ڏيڻ لاءِ تيار نہ هئي. ڪيس سمجهہ ۾ ئي نٿي آيو تہ، هو ڇا ٿو چاهي؟ ۽ ڇو ٿو چاهي؟ سندس من ۾ وڏو مانڌاڻ متل هو ۽ هر ايندڙ ويندڙ وير سندس ذهن ۾ ڄڻ زلزلو ٿي آندو. الائي ڪيترو وقت گذريو ڪيس ڪا خبر ئي نہ پئي. ڪنارو ويران هو ۽ ويران ماحول ۾ ايندڙ ويندڙ لهرن جو شور هو يا سندس سيني اندر ڌڙڪندڙ دل جو شور هو، هو آهستي آهستي اٿيو ۽ اچي گاڏيءَ ۾ ويٺو. ڊرائيونگ ڪندي بہ سندس ڌيان جان

بيبي ڏانهن هو، پر هو خيريت سان گهر پهتو ۽ پنهنجي ڪمري ڏانهن ويندي ڪيس پنهنجو وجود بيحد وزني ۽ ڳرو لڳو. ڪمري اندر اچي هن پاڻ کي پلنگ تي اڇلايو. ياڳيءَ ڪيس ڪمري ڏانهن ويندي ڏسي ورتو هو. هوءَ ڊوڙندي آئي، ”سائين، ڪيڏانهن هليا ويا هئا ڪيترا ماڻهو آيا. وري به مير محمد آيو هو. سائين، اوهان ڏينهن جي ماني به نه ڪاڌي ۽ هينئر به رات جو هڪ پيو ٿئي...“

طارق خان ماٺ رهيو ته هوءَ به ماٺ ٿي ويئي ۽ سندس پيرن کي زور ڏيڻ لڳي. ”شهناز ڪٿي آهي؟“

”هوءَ ته سويل ڪاڌو ڪائي سمهي پئي آهي.“

”۽ اڪو؟“

”اڪبر ته سائين، نازو وٽ ستو پيو آهي.“

”...........“

”سائين، ماني آڻيان؟“

”نه.....“

”ڪافي بنائي اچان؟“

”...........“

ياڳي اٿي ويئي ته طارق خان اٿي واش روم ۾ ويو ۽ ٿڌي پاڻيءَ جا ٻڪ ڀري منهن تي اڇلائڻ لڳو. وري اچي هٿ منهن توال سان اگهي پلنگ تي ليٽيو. ياڳي ڪافي کڻي آئي. ٽري ٽيبل تي رکي پاڻ اچي طارق خان جي پيرن کي زور ڏيڻ لڳي.

”ياڳي، هاڻي رات گهڻي ٿي ويئي آهي تون به وڃي آرام ڪر.“

”نه سائين، هينئر مون کي ننڊ ڪانهي.“

طارق خان پنهنجا پير پري ڪندي چيو، ”رات گهڻي ٿي ويئي آهي ياڳي تون وڃي سمهي پئه.“

ياڳي ڪمري کان ٻاهر نڪتي ته طارق خان اٿي ڪمرو لاڪ ڪيو ۽ پلنگ تي ليٽي پيو. مون کي ته مڱڻي ۾ شرڪت به ڪرڻي آهي... ۽ جانيءَ کي رسم موجب تحفو به ڏيڻو آهي... ۽ اهو سڀ مون کي ڪرڻو آهي. سندس اندر مان بيوسيءَ جي خلاف چڻ

زوردار تحريڪ اٿي، ها، آءٌ جاني جي مڱڻي ۾ شريڪ ٿيندس ۽ ڪيس سوڪڙي بہ ڏيندس بنا ڪنهن جذبات جي.

نور بيبي وري بہ وٺن آئي هئي شهناز کي وٺي وڃڻ لاءِ پر شهناز جي حالت هلڻ جهڙي نہ هئي. ڪيس پنهنجو مهينو هو. طارق خان کي جڏهن بہ ٿي پيرا اچي مير محمد چيو، ضرور اچجو تہ، طارق خان ڪيس يقين ڏياريو تہ، مان شريڪ ٿيندس.

نور بيبي صبح جو ڪراچيءَ مان ڄڃ وٺي نڪتي.

هُتي زهره، جان بيبي کي سمجهائي سمجهائي ٿڪجي پيئي هئي. افروز تہ يڪو حيرانيءَ مان جان بيبي کي ڏسي رهي هئي تہ، ايترو روئڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي، ڇوڪريءَ کي ان مهل روئڻ گهرجي ڇو جو مائٽن جو گهر هميشہ لاءِ ڇڏڻ جي اها ريهرسل آهي پر هتي تہ صفا انوکو نمونو آهي. زهره کي ماڻهن کان ٽرندو ڏسي چيائين "زهري، جانيءَ جو هي نمونو تہ منهنجي سمجهہ کان ٻاهر آهي."

پهرين تہ زهره ٿورو ڇرڪي پئي پر پوءِ اهو سوچي تہ افروز بہ تہ ڪيس مون جيترو ئي پيائين ٿي. چيو، "افي، جاني ادا مير محمد ۾ راضي ناهي!"

"ڇو؟"

"بس."

"بس ڇو، ٻڌاءِ نہ مون کان ٿي لڪائين؟"

"جانيءَ کي طارق خان سان پيار آهي!!"

افروز حيرت مان دانهن ڪئي، "ڇا ڇا، جاني طارق خان سان ٿي پيار ڪري."

"ها."

"۽ طارق خان؟"

"ان جي تہ ڪيس بہ خبر ڪانهي، پر جيستائين مان ٿي ڄاڻان تہ طارق خان ايئن ناهي! حد تہ اها آهي تہ هن ڪيس لڪيو تہ، مون ني رحم ڪر!"

افروز حيرت، ڏک ۽ چڙ مان پرون چاڙهي چيو، "ڳالهہ ايتري

وڏي وئي آهي جو خط و ڪتابت پئي ٿئي ۽ آءٌ لاعلم آهيان، مون کي ڪا خبر ناهي. (ڏمر مان چيائين) چڱو ٿيو اوهان ٻنهي جي خبر پئي ته، مون کي ڏار ٿيون سمجهو!“

زهره کيس ڳراٽڙي پائي چيو، ”تنهنجي به ته پنهنجي ماساتين سان گهٽي گهرائي آهي. جاني وٽ ته ايندي ئي ناهين... مون وٽ به مس ڪڏهن ڪڏهن ٿي اچين.“

افروز پنهنجي ڪوتاهيءَ جو اعتراف ڪيو، ”ها زهري تون سچ ٿي چوين!“

۽ زهره کيس سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو ته ڪيئن جانيءَ پاڻ ساڻس پيار جو اظهار ڪيو ۽ ڪيئن کيس طارق خان سمجهايو.

”افي، حد ته اها آهي جو طارق خان کيس ڪوبه آسرو ۽ دلاسو نه ڏنو آهي. بلڪ کيس چٽي ڏنائين ته مان شاديءَ وارو آهيان، منهنجي واٽ تنهنجي واٽ کان ڌار آهي. پر الائي جاني جي مٿي تي ڪهڙو ڀوت سوار آهي جو لهي ئي نٿو ۽ هوءَ ڪجهه سمجهي ئي نٿي.“

”ايئن ته جاني پنهنجي زندگي تباهه ڪري ڇڏيندي. سندس ساهرن کي خبر پوندي ته ڪيڏي مصيبت ٿي پوندي.“

”ها افي، مون کي به اهوئي ڊپ آهي.“

”زهري، طارق خان آهي واقعي به پيار ڪرڻ جي لائق!“

زهره کيس حيرت مان ڏٺو ته ٺهڪ ڏيئي چيائين، ”الا، مون به پاڻ کي مس جهليو هو. سندس شخصيت ۾ ڪيڏي ڪشش آهي، اصل مقناطيسيت. مان ته چوان ٿي ته جيڪا به عورت کيس ڏسندي چقمق جيان ڇڪجي وٽس ويندي!!“

زهره سنجيدگي مان چيو، ”يوڳ ڇڏ افي، هلي جاني کي سمجهاءِ منهنجي ته ڪنهن به ڳالهه جو مٿس اثر نٿو پوي تون شايد کيس سمجهائي سگهين.“

”منهنجي ڇا مجال آهي بلڪ بازار آهي تنهنجي اڳيان... تون سندس رازدار آهين، گهڻ گهري آهين، مان ته اوهان ٻنهي جي اڳيان...“

”بڪواس ڇڏ افي، وري ساڳي ڳالهه...“
”ساڳي ڳالهه ڇو، تڏهن تہ آءٌ تو وٽ آئي هيس بہ ڏينهن رهي هيس تڏهن؟“
”تڏهن پهريون سڄو ڏينهن بلڪ آڌيءَ رات تائين ادا ڪمال گڏ هو ٻي ڏينهن جاني آئي مون سوچيو هو تہ توکي ٻڌايان تہ وري ادا ڪمال خان توکي ونڻ آيو ۽ تون هلي ويئين.“
”پٽ، سڀ ڪم نيڪ آهي نہ؟“ امير بيبيءَ ڪين گڏ ڏسي پڇيو، زهره مشڪي چيو، ”چاچي، اوهان ڪوبہ فڪر نہ ڪريو سڀ نيڪ آهي.“
امير بيبي ٻنهي جي ڪاڌين جي هيٺيان پيار مان هٿ ڦيرائي مشڪي پنهنجي ڪمري ڏانهن هلي وئي ۽ زهره ۽ افروز جان بيبيءَ جي ڪمري ۾ آيون. جان بيبي اکيون بند ڪري پينگهي ۾ ليٽي هئي ۽ آمي سندس پيرن کي زور ڏيئي رهي هئي. افروز، زهره کي اک ڀجي جان بيبي کي چيو، ”جاني، اٿي تيار ٿي، هاڻي تہ ادا مير محمد وارا ايندا هوندا... ساڻن گڏ ڄڄ هوندي. ڇا سوچيندا سيئي تہ اڄ مڱڻو اٿس ۽ ڪنوار پڙيانگ ويني آهي.“
جان بيبيءَ اکيون کولي ٻنهي ۾ نهاري چيو، ”ڪنوار، ڪير ڪنوار؟“
افروز کيس ڀاڪر پائي چيو، ”تون ٻيو ڪير!“
جان بيبيءَ شڪايتي نظرن سان زهره کي ڏٺو. ”جاني، مون افيءَ کي سڀ ٻڌايو آهي.“
ٻنهي کيس پينگهي مان اٿاريو تہ آميءَ انهري ٿي چيو، ”جيجيون، جيجي جانل اڃان تائين نيرن نہ ڪئي آهي. آءٌ سيني لاءِ هتي ٿي ڪٽي اچان.“
آمي ڪمري کان ٻاهر نڪتي تہ زهره دروازو لاڪ ڪيو. افروز جان بيبي کي ڀاڪر پائي چيو، ”جاني، مون کي زهريءَ سڀ ٻڌايو آهي پر اسان ڇوڪرين سان اهي هاجا تہ ڏينهن ۾ ڏهہ پيرا ٿين ٿا. پر مڄٿو پوندو تہ توسان ڪجهہ انوکي واردات ٿي آهي. طارق خان سان تون پيار تہ ڪري سگهين ٿي، ڇو جو هو پيار

ڪرڻ جي قابل آهي پر تون ڪيس حاصل نٿي ڪري سگهين، ڇو جو هو شاديءَ وارو آهي ۽ طارق خان ۽ شهناز ٻئي چاچي اميران جا ويجها مائٽ آهن. تنهنڪري تنهنجو هڪڙو هڪڙو وڏايل قدم چاچي اميران لاءِ آزاريندڙ ۽ رسوا ڪندڙ هوندو.“

زهره متاثر ٿي افروز ۾ پيار مان نهاري چيو، ”ڏس جاني، افيءَ ڪهڙي ڳالهه ڪئي آهي.“

دروازي تي ڪڙڪو ٿيو، زهره دروازو کوليو ته ملوڪان ۽ ختو ناشتو کڻي آيون. زهره چيو ”افي، پهرين ناشتو ڪري پوءِ ڏينهن جي سيٽنگ ڪنداسين.“

جان بيبي روبوٽ وانگيان سندن چوڻ تي هلندي رهي. پر جڏهن زهره ۽ افروز ڪيس تيار ڪرڻ ۽ سينگارڻ چاهيو ته هوءَ نابري واري بر ٿي ويئي. ”آهي ڇا پلا. هرويرو لاش کي سينگارڻ ٿيون چاهيو ته پوءِ نيڪ آهي... واقعي لاش ۽ جنازي کي به ته سينگارجي ٿو نه.“

هوءَ روئڻ لڳي ته ٻئي اتاوليون ٿي پيون. افروز ته ساڻس گڏ روئڻ لڳي. زهره پاڻ تي ڪنٽرول ڪري چيو. ”افي، تون ته بس ڪر... ۽ جاني. هڪڙي ڳالهه ڏيان سان ٻڌ. جي تو وٽ ان جو جواب آهي ته ڏي، نه ته پوءِ خاموش ٿي... توتي ڪوبه ظلم نٿو ٿئي، ادا مير محمد خوبصورت پڙهيل نوجوان آهي. سوال اهو آهي ته جيئن تون چاهين ٿي اها اڻ ٿيڻي آهي! پلا تون پاڻ ٻڌاءِ، ايئن ٿي سگهي ٿو؟ اهو به طارق خان جي سات ڪان سواءِ! ۽ طارق خان تمام عقلمند آهي. ڏسجانءِ هو تنهنجي مڱڻي ۽ شاديءَ ۾ شريڪ به ٿيندو!“

جان بيبيءَ هنجن هاٿيون اکيون کڻي ٻنهي ڏانهن نهاريو، افروز جو ته هانءُ ئي ڦاٽو هڪدم پنيري ٿي ويئي. زهره جي اندر ۾ به چريون ٿي لڳيون... ٻاهر شور ٿيو، ”ڄڃ اچي ويئي، ڄڃ اچي ويئي آهي.“ ملوڪان، ختو، سومل ۽ ستو ڊوڙنديون آيون.

”جيجيون، ڄڃ اچي ويئي آهي.“ زهره دروازو لاڪ ڪيو ۽ ٻنهي گڏجي جان بيبي کي تيار ڪيو. هوءَ اچي پينگهي ۾ ويني ته

زهره کيس اتان اتاري چيو، ”جاني، پلنگ تي ڪنڌ هيٺ ڪري ويهه! ڪراچي جون مايون ڏاڍيون هوشيار آهن. چا سوچينديون ته اڄ مڱڻو اٿس ڇهري تي شرم ۽ حيا جي ڳاڙهاڻ ته نهيو پر پوتي به سهي پاتل نه اٿس.“ هوءَ سندس چيو مڃي اچي پلنگ تي ڪنڌ هيٺ ڪري ويني. دروازي تي ڪڙڪو ٿيو، اڳيان نذيران ۽ وزيران، پويان زالن جو هجوم ڪمري ۾ ڌوڪي آيون. زهره ۽ افروز جان بيبيءَ کان ڌڪجي ايئن ڏار تي پري ٿي ويون جيئن ٻوڏ اچڻ تي ڪک پن هيڏانهن هوڏانهن لڙهي ويندا آهن. ماين جو شور، دهلن ۽ راڳن جي هل آسمان مٿي تي کڻي چڏيو هو جان بيبي بي يارو مددگار صفا ماٺ ۽ سانت هئي. سندس جسم ڪمري ۾ هو پر روح طارق خان سان رهاڻيون ڪري رهيو هو. ’طارق خان، منهنجي مات جو تماشو اچي ڏس!‘ ۽ جڏهن ڪيس پوتي پائڻ لاءِ خاندان جا بزرگ ۽ اهم مرد اندر ڪمري ۾ آيا تڏهن به ڪيس ڪا خبر پئجي نه سگهي ته پوتي پائڻ لاءِ آيل مردن ۾ طارق خان به شامل هو!!...
جيڪو جان بيبي کي ڏسي اڳيان وڌي نه سگهيو هو ۽ اتي ئي دروازي تي بيهي رهيو هو ۽ سندس اکيون جان بيبيءَ جي بند اکين کي ڏسي رهيون هيون جن جي پلڪن تي لڙڪ موتين جيان جرڪي رهيا هئا. خوبصورت ۽ دراز قد طارق خان هجومن ۾ به نمايان هو. زهره ۽ افروز کيس حيرت مان ڏسي رهيون هيون جيڪو بيحد بيقرار ۽ انتهائي بيچين ۽ بيزار نظر اچي رهيو هو. کين لڳو زبردستيءَ سان کيس پوتي پائڻ لاءِ آندو ويو آهي ڪيئن پوتي پيئي. ڪنهن پوڳ ڪيا. ڪنهن ٺوڪ هنئي جان بيبي کي ڪا خبر ڪا پرواهه نه هئي. نذيران ۽ وزيران وات ڦاڙي ٺهڪ ڏينديون رهيون. زالون ماني ۽ منائيءَ لاءِ ڪمري کان ٻاهر نڪتيون. ڪمرو آهستي آهستي خالي ٿيندو ويو ۽ جان بيبي وٽ وڃي زهره ۽ افروز رهيون. زهره جان بيبيءَ کي ڀاڪر پائي چيو، ”جاني، طارق خان آيو آهي تنهنجي مڱڻي ۾، هينئر تنهنجي ڪمري مان ويو آهي.“
جان بيبيءَ بنا ڪنهن تاثر جي کين ڏنو. ”ها جاني، طارق خان

آيو آهي. مون بہ تہ ايئن ئي چيو هو نہ، تہ هو نهايت عقلمند آهي ۽ ضرور تنهنجي مگڻي ۾ شاديءَ ۾ شرڪت ڪندو."

الائي ڇو جان بيبي مشڪي پئي. بنهي ڪي سندس مشڪ نارمل نہ لڳي. "ڇا آهي جاني، ايئن ڇو پئي مرڪين؟"

زهره ڊچي ڪيس ڏونڌاڙيو ۽ افروز بہ پريشان ٿي ويئي. جان بيبيءَ مشڪي چيو، "ڊڄو ٿيون تہ آءٌ چري ٿي ويئي آهيان... مون کي تہ لطيف جو بيت ياد اچي ويو هو."

بنهي اطمينان جو ساهہ کنيو. زهره چيو، "اوهہ جاني، تو تہ صفا ڊيڄاري ڇڏيو هو."

افروز چيو، "واقعي جاني، تو ڊيڄاري ڇڏيو هو، هاڻي ٻڌاءِ کهڙو بيت ياد آيو اٿئي؟"

زهره تنگ ٿي چيو، "ڇڏ افي بيت کي، جاني بيت پڙهندي ۽ روئي ڏيندي."

جان بيبي چيو، "نہ نہ، نٿي روئان. روئڻ بہ تہ وس ۾ نہ هوندو آهي. لڙڪ بہ وڏا ظالم ۽ پاڻ وهيڻا ٿيندا آهن زهري، باقي بيت ٻڌائڻ آءٌ بہ چاهيندس!"

بنهي گڏجي ڪورس جي انداز ۾ چيو، "ارشاد، ارشاد."

جياريس سنيار، ڪوهہ ڪرينـدم گـڏجي،
ويرو تار وجود ۾، پرينءَ جي پچار،
سي سڄڻ هون نہ ڏار، جي هينئڙي ۾ حل ٿيا.

بيت ٻڌي زهره ڪوبہ ريسپانس نہ ڏنو. افروز بہ رڳو "واهہ" ڪئي. بنهي ڄاتو ٿي تہ جي بيت بابت ڳالهائبو تہ هوءَ جذباتي ٿي پوندي. جان بيبيءَ ڏکهو ساهہ کڻي چيو. "روح ۾ ڪيڏي گهٽ ۽ ٻوسات آهي... آءٌ ڄڻ پنهنجو قيدخانو آهيان."

دروازي تي کڙڪو ٿيو، جان بيبي نهي پلنگ تي ويٺي. زهره دروازو کوليو تہ نذيران ۽ وزيران ٻين زالن سان گڏجي منائي کڻي کلنديون اندر آيون. نذيران کلي چيو، "اوهان سان بہ حد آهي مگڻي جي ڏينهن ڪنوار جو دروازو بند ڪيو ويٺيون آهيو." ۽ ٿال مان منائيءَ جو ڳنڍو کڻي پوڳ مان جان بيبيءَ جي وات ۾ زور

مَسَ وڌو، جان بيبي ان اوچتي حملي لاءِ تيار نہ هئي هڪدم وات ۾ آيل منائي ٿو... ٿو... ڪري اڇلائي ڇڏيائين تہ سيئي مايون ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳيون. زهره کي جان بيبي جي منائي ٿُڪڻ واري عمل گهبرائي وڌو. زبردستي مرڪي چيو، ”جانيءَ کي منائي اصل نہ وڻندي آهي.“

ماين کلي چيو، ”بس بس التي نہ ڪجانءِ ڪنوار، بس، سونڻ ٿي ويو.“

نذيران ۽ وزيران کلي زهره ۽ افروز جي اڳيان منائي رکي. بنهي نہ چاهيندي بہ ذرو ذرو ڪنيو. نذيران چيو. ”سياڻي اسان وٽ ڪراچي ۾ مڱڻي جو ڪاڄ آهي، اوهين تہ ٻئي هلنديون نہ؟“

زهره چيو، ”هتي اسان وٽ بہ تہ ماڻهن جا هشام آهن. ادي تاجان تہ پٽ ۾ ئي پوري آهي. چاچي اڪيلي ڪنهن ڪنهن کي منهن ڏيندي؟“

وزيران کلي حسنہ کي چيو، ”۽ ادي حسنہ تہ ادا ستار ۾ ئي پوري آهي.“ حسنہ کِلي چيو، ”مون کي تہ صبح کان وٺي جانيءَ جي ڪمري ۾ اچڻ جي مهلت بہ نہ آهي. اوهان جو ياءُ تہ مون صبح کان ڏنو ئي ڪونهي.“

سيني ٺهڪ ڏنا تہ نذيران ڏمر مان چيو، ”ان جي معنيٰ تہ تون بہ اسان سان گڏ نہ هلندينءَ؟“

افروز جيڪا يڪي حيران بيٺي هئي. ان، زبيده، گل بيبي ۽ ٻين سئوٽين ۾ نهاريو جيڪي ان مهل ڪمري ۾ داخل ٿيون هيون. چيو، ”ٻيون تہ سڀ هلنديون نہ!“

گل بيبي ۽ زبيده جيڪي ٻئي پاڙ ۾ گهريون سهيليون آهن، انهن نہ سمجهندي گڏجي چيو، ”ڪيڏانهن؟“ افروز چيو، ”ڪراچي ٻيو ڪيڏانهن!“

ٻنهي ڳالهہ سمجهي خوشيءَ مان چيو، ”ڪراچي ڏانهن وڃڻ کان ڪو نياڳو ئي انڪار ڪندو.“

زهره ۽ افروز ڇرڪي جان بيبيءَ ڏانهن نهاريو. جان بيبي سوچيو، ”واقعي نياڳي ئي تہ آهيان.“

نور بيبيءَ ڪمري ۾ اچي جان بيبي کي چميون ڏيئي چيو، ”آءٌ پنهنجي موتيءَ جي ڏاڻي کي جلدي ئي هميشہ لاءِ وٺي وينديس ادي اميران جو انتظار بہ نہ ڪنديس.“

ساڻس گڏ آيل امير بيبي مشڪي چيو، ”ادي، منهنجو جبار وڏيڪ تڪڙ پيو ڪري.“

سيئي کلڻ لڳيون. جبار ڪمري ۾ اچي چيو، ”ماسي، تڪڙ ڇو ٿا ڪريو؟“

نذيران ٿهڪ ڏيئي چيو، ”ماسي اميران ٿي چوي تہ جبار ٿو تڪڙ ڪري ۽ جبار ٿو چوي تہ امان ٿي تڪڙ ڪري.“

جبار وائڙو ٿي ويو، ”آءٌ ڪهڙي ٿو تڪڙ ڪريان. مون کي تہ ٻاهر چيائون تہ ماسي پيئي تڪڙ ڪري.“

نور بيبيءَ کيس پيار مان مٿي تان هٿ ڦيرائي چيو، ”پٽ، سياڻي هتي اسان جو ڪاڄ آهي تنهنڪري تڪڙا نڪرون، رات تہ هونئن ئي آهي، صبح جو تہ هُتي موجود هجون.“

زهره کلي چيو، ”هينئر بہ ادا جبار گڏ ٿو هلي ڇا؟“

اها ٽوڪ جبار کي پوري پوري لڳي. کلي چيائين ”زهري، سڀ ٿو سمجهان.“

”مون وري ڪهڙي ڳجهارت ڏني هئي!“

افروز کلي چيو، ”ادا جبار، هاڻي ان قسم جون ڳالهيون اچڻيون آهن، برداشت ڪرڻ جي پريڪٽس هينئر کان ئي شروع ڪر.“

جبار ڳالهہ سمجهي کلڻ لڳو. امير بيبي جبار جي ڪلهي تي هٿ رکي مشڪي چيو، ”ڇوڪريون، منهنجي جبار کي ڇو ٿيون تنگ ڪريو؟“

سيني کلي ڏنو. هڪ جان بيبي ئي اڪيلي هئي جنهن تي ماحول جي خوشگواريت جو ڪوبہ اثر نہ هو ۽ هوءَ مسلسل سوچن ۽ خيالن جي دنيا ۾ گم هئي. جتي هر گلي، هر موڙ ڪيس ٽڪائي ۽ منجهائي رهيو هو. ڪوبہ اهڙو در نہ هو جيڪو سندس صدا تي کلي ۽ جتان سندس من جي ڪشڪول ۾ ڪي حوصلي ۽ دلاسي

جا سچا ٻول چٽڪو ڪري پون ۽ بس... ڪو لمحو ئي ڪيس عافيت جو ملي سگهي... سچو نہ سهي ڪو ڪوڙو دلاسو ئي ڏتاري ۽ ڪيس وجود ۾ آيل زلزلن ڪان ڪي گهڙيون پناهہ ۾ رکي... حسنہ، جنهن کي اڃان تائين ان ڳالهہ جو واءُ بہ پيل نہ هو... اها حيرت مان جان بيبي کي ڏسي رهي هئي. هن مير محمد کي بہ ڏٺو. ساڻس ملي هئي ۽ ڳالهايو هو ۽ جان بيبي جو هيئن روئڻ يا هر ڳالهہ ۾ دلچسپي نہ وٺڻ جو سبب ڪيس صفا سمجهہ ۾ نٿي آيو ۽ جڏهن سيئي هليا ويا تہ هن جان بيبي کي ڀاڪر پاتو. جان بيبي جيڪا اڪيون هيٺ ڪري سوچڻ ۾ گم هئي تنهن اکيون مٿي ڪٽي ڪيس ڏٺو تہ رڙئي ڏٺو. حسنہ ڪيس چمي ڏيئي چيو، ”جاني، نيڪ آهي هر ڇوڪريءَ کي پنهنجي گهر ڇڏڻ مهل روئڻ ايندو آهي ڏک ٿيندو آهي پر تون...“

زهره اداسيءَ مان چيو، ”جاني تہ چري آهي صفا...“

حسنہ چيو. ”ادا مير محمد سان آءٌ هڪ بہ ڀيرا ملي آهيان. مون کي تہ هن ۾ ڪابہ خامي نظر نہ آئي ۽ وڏي ڳالهہ تہ جاني پنهنجي پائيندڙ ۽ پيار ڪندڙ ماسيءَ جي گهر پيئي وڃي.“

افروز چيو، ”بڌ جاني بڌ، ادي حسنہ جون ڳالهيون!“

حسنہ گهبرائجي چيو، ”مون ڪجهہ غلط چيو ڇا؟“

افروز ڪيس ڀاڪر پائي چيو، ”اڙي اڙي، تون ايئن ٿي سوچين، تون پاڻ کي اسان کان ڌار اوپري ٿي سمجهين ڇا. تون تہ اسان جي جسم جو حصو آهين!“

حسنہ خوش ٿي جان بيبي کي ڀاڪر پائي چيو. ”جاني، ڪراچيءَ جا سيئي مهمان هليا ويا آهن. هاڻي هي ڳرا ڪپڙا بدلائي ڇڏ.“

افروز کلي چيو، ”ادي حسنہ کي ذاتي تجربو آهي شادي ۽ مڱڻيءَ جي هن وزندار مخمل ۽ زريءَ وارن ڪپڙن جو.“

حسنہ کلي چيو، ”ڪجهہ ڪجهہ تجربو تہ توکي بہ آهي، پر...“

افروز ٺڪائيءَ مان مشڪيو تہ زهره ٺهڪ ڏيئي چيو، ”افروز کي پنهنجو مڱڻو وسري ويو هو.“

ان تي جان بيبيءَ بہ ٿورو مرڪيو. حسنہ ڪلي چيو، ”جاني جڏهن مرڪندي آهي تہ مون کي ايئن لڳندو آهي ڄڻ هر چيز پيئي مرڪي، پر جاني ان معاملي ۾ ٿوري شوم آهي. مان تہ جيئن آئي آهيان جاني کي کلندي گهٽ ڏٺو اٿم.“

افروز ۽ زهره جان بيبي کي شڪايتي نظرن سان ڏٺو جيڪا پلنگ تان آهستي اٿي پنهنجي ڪٻٽ مان ڪپڙا ڪڍي رهي هئي. هڪڙي هلڪي رنگ جو سادو جوڙو ڪڍي هن ڪٻٽ بند ٿي ڪيو تہ زهره ڪائنس اهي ڪپڙا کسي چيو، ”هي عام گهر وارا سادا ڪپڙا نہ هلندا جاني، اڄان تہ گهر مهمانن مان پريو پيو آهي.“

”پوءِ ڇا آهي، هنن ڪپڙن ۾ ڪهڙي خرابي آهي؟“

جان بيبي ناگواريءَ مان چيو تہ حسنہ چيو، ”نہ جاني، ماڻهو ڳالهيون ڪندا تہ الائي مڱٽي ۾ راضي ناهي جو...“

افروز گلابي رنگ جا پرت وارا ڪپڙا ڪٻٽ مان ڪڍي ڪيس ڏيندي چيو، ”هي وڳو پاءِ.“

”نہ بابا، هي نہ.“ جان بيبي انهن ڪپڙن کان ڇرڪي ايئن پري ٿي ڄڻ اهي بلائون آهن ۽ ڪيس ڏنگي وجهنديون. جان بيبي جي اهڙي طرح جي انڪار وري بہ حسنہ کي منجهائي وڌو. زهره کي خبر هئي تہ نوربيبيءَ جا آندل ڪپڙا ڪڏهن بہ هي نہ پائيندي، سو حسنہ جي موجودگيءَ کي محسوس ڪري خاموشي سان سندس پنهنجن ڪپڙن مان سرمئي ڪلر جو هلڪي پرت وارو سوٽ ڪيس ڏيندي چيو، ”وٺ جاني، هيءُ پاءِ!“

ايئن چوندي زهره جو لهجو ڪجهہ تلخ ٿي ويو هو ۽ اها هلڪي معمولي تلخي بہ حساس ڪومل جان بيبي هڪدم محسوس ڪئي ۽ زهره کي ڏٺو جنهن مشڪي چيو، ”ها جاني، هر ڳالهہ ۾ ضد چڱو ڪونهي.“

جان بيبي اهي ڪپڙا پائي آئي ۽ حسنہ جي مرڪڻ تي ڏانهن مرڪي نهاريائين تہ حسنہ ڪلي چيو، ”هاڻي ڏسو، جانيءَ جو موڊ بہ سهي ٿيو نہ، سويل يڪو بيزار بيزار ويٺي هئي.“

زهره ڪلي چيو، ”واقعي سويل بيحد ڳرا ۽ وزني ڪپڙا هئا.“

زهره جو ذومعني جملو جان بيبيءَ کي چرڪائي ويو. حسنہ اٿندي چيو، ”مان اوهان ٽنهي لاءِ ماني ڪٽي تي اچان.“

زهره کلي چيو، ”ادي حسنہ تہ اسان نٽانن مان اچي ڦاتي آهي.“

حسنہ ڪيس پاڪر پائي چيو، ”اوهين جڏهن مون ڪي ادي چونديون آهيو تہ مون ڪڏهن بہ پاڻ کي اوهان جي پاڄائي نہ سمجهيو آهي. بلڪ ايئن لڳندو آهي تہ مان پنهنجي گهر ۾ آهيان.“

افروز کلي چيو، ”ادي، تنهنجو گهر تہ هيءُ آهي!“

حسنہ مشڪي ڪنڌ هيٺ ڪيو. امير بيبيءَ جي ٺهڪ تي سيني نهاريو تہ امير بيبي سان گڏ طارق خان دروازي جي وچون وچ بيٺل هو. حسنہ مشڪي ڪيس پليڪار ڏني جان بيبي گهبرائجي ويئي. سندس ٽنگن مان ساھ چڏائي ويو، ڪيس لڳو تہ جي هو لمحو بہ بيهندي تہ ڪري پوندي، ۽ هوءَ هڪدم پلنگ تي ويهي رهي. زهره ۽ افروز حيرت مان طارق خان ڏي نهاري رهيون هيون جيڪو سرمئي رنگ جي شلوار قميص سوٽ ۾ انتهائي خوبصورت ۽ باوقار لڳي رهيو هو. طارق خان اندر ڪمري ۾ بنهي نوجوان، خوبصورت ۽ ذهين ڇوڪرين وٽ اچي. جيڪي ڪيس جان بيبي جي ويجهو لڳي رهيون هيون ۽ جن جي غير محسوس ٿيندڙ گهبرائٽ بڌائي رهي هئي تہ اهي ان قصي کان واقف آهن چيو، ”اوهان تہ مون سان ڪيڪاريو نہ، مان ئي ٿو اوهان سان ڪيڪاريان.“

بنهي مشڪي پليڪار ڏيئي ساڻس ڪيڪاريو، امير بيبيءَ جان بيبي ڏي نهاري چيو، ”چو پلا، جانيءَ مڱڻي جا ڪپڙا ڇو بدلائي ڇڏيا؟“

”چاچي، ڪپڙا وزني هئا سو...“

زهره جواب ڏيئي افروز ۾ نهاريو جيڪا طارق ڏانهن نهاري رهي هئي. طارق خان پنهنجي هٿ ۾ جهليل پيڪيٽ جان بيبيءَ جي پر ۾ رکي ڪيس مبارڪ ڏني تہ هن چرڪي ڏانهنس نهاريو. حسنہ، جان بيبي جي اکين ۾ شڪوه ڏسي حيران ٿي وئي.

”ويهہ پٽ...“ امير بيبيءَ ڪيس ويهڻ جو چيو تہ زهره ۽ افروز بہ چيو، ”ادا، ويهو.“

طارق خان اداسي ۽ افسردگيءَ سان مشڪي چيو، ”اوهين ٻئي هر ڳالهه دير سان ٿيون ڪريو، ڇا ڳالهه آهي؟“

سيني ڪليو، طارق خان صوفي تي وينو تہ سيئي صوفن تي وينيون. طارق خان چيو، ”پڪي، ادي حسن ڪي تہ آءٌ سڃاڻان ٿو. هي ٻئي معزز خواتين منهنجون ڏٺل ناهن، پر مان ڪين سڃاڻان ضرور ٿو.“

طارق خان جو ”معزز خواتين“ چوڻ تي سيني ڪليو سواءِ جان بيبيءَ جي، امير بيبيءَ مشڪي چيو، ”پٽ، هي زهره آهي ادا غلام مصطفيٰ خان جي ڌيءَ ۽ هي افروز ادا هاشم خان جي ڌيءَ آهي. ادا غلام مصطفيٰ خان ۽ ادا هاشم خان کي تہ تون سڃاڻين ٿو نہ؟ ٻئي جانيءَ جي پيءُ جا سئوٽ آهن پر پائرن ڪان بہ مٿي آهن. ايئن ئي هي ٻئي بہ جانيءَ جون تمام ويجهيون ۽ رازدار سهيليون آهن. جاني جيڪو مون کي بہ ٻڌائي نہ سگهندي آهي اهو هنن سان سليندي آهي!“

زهره ۽ افروز حيرت مان امير بيبيءَ ۾ نهاري رهيون هيون جيڪا سڀ سچ ٻڌائي رهي هئي. طارق خان وڏو ٽهڪ ڏيئي چيو، ”واهہ پڪي واهہ، ايڏو بهترين ۽ لاجواب تعارف ڪرايو اٿئي جو سيئي تڪلف ختم ٿي ويا آهن ۽ هاڻي آءٌ آسانيءَ سان ساڻن مخاطب ٿي سگهان ٿو.“

افروز کي طارق خان جي ٽهڪ حيران ڪري ڇڏيو تہ، ڪنهن ماڻهو جو کلڻ ايڏو بہ خوبصورت ٿي سگهي ٿو. امير بيبيءَ حسن کي پاڻ سان گڏ وني ويندي چيو، ”اسين ٻئي ماءُ ۽ ڌيءَ وڃون ٿا، هوڏي بہ وڏو ڪم پيو آهي.“

امير بيبي ۽ حسن جي وڃڻ کان پوءِ طارق خان چيو، ”ڪهڙا حال آهن جان بيبي، منهنجو تحفو قبول اٿئي؟“

جان بيبيءَ اکيون مٿي ڪٽي ڪيس ڏٺو. جن ۾ ڏک ڏمر، ڏوراپو، ڪاوڙ، هجت هئي. طارق خان سندس سيني جذبن کي نظرانداز ڪري چيو، ”پيڪيٽ کولي ڏس. متان تنهنجي پسند نہ هجي. جڏهن تہ مون کي يقين آهي تہ توکي ضرور وڻندو. ڇو جو تنهنجي ۽ منهنجي پسند ساڳي آهي.“

ٿنهي ڇرڪي ڪيس ڏنو ته مرڪي چيائين، ”ان جو ثبوت اسان ٻنهي کي پاتل هڪ ئي سرمئي ڪلر جا ڪپڙا آهن.“

زهره ۽ افروز جا بيساخته ٽهڪ ٻري ويا. طارق خان جون نظرون جان بيبي ڏانهن هيون. جيڪا سرمئي ڪپڙن ۽ هلڪي ميڪ اپ ۾ اداس اداس سرمئي ماحول جو بيحد خوبصورت حصو لڳي رهي هئي. طارق خان جا نيڻ جانيءَ جي اندر ۾ انتهائي اونهاين تائين لهي ويا. زهره ٻنهي جي ذهني ۽ دلي ڪيفيتن کان واقف هئي ڪين سنيالڻ خاطر ڪلي چيو، ”ها ها جاني، پيڪيٽ کول ته اسين به اوهان جي پسند ڏسون.“

افروز ته صفا مات هئي، اداس رنگ جي ڪپڙن ۾ ملبوس هي. خوبصورت جوڙو ڪيس ٻيءَ دنيا جي مخلوق لڳي رهيو هو. زهره اٿي جان بيبي جي پر ۾ ويهي پيڪيٽ کولڻ لڳي. جان بيبي جي حالت عجيب ٿي رهي هئي. هوءَ ڪڏهن طارق خان کي ته ڪڏهن زهره جي هٿن ۾ جهليل پيڪيٽ کي ڏسي رهي هئي. طارق خان پاڻ تي ضبط ڪرڻ جي پوري ڪوشش جي باوجود ڪجهه ڪجهه پريشان ٿيڻ لڳو. ”نه نه ادي، پيڪيٽ نه کول، پلي جان بيبي اڪيلائيءَ ۾ کولي!“

زهره پريشان ٿي پيڪيٽ پلنگ تي رکي ٻنهي ۾ حيرت مان نهارڻ لڳي. جيڪي ٻئي ڪيس ايبنارمل لڳي رهيا هئا. طارق خان هڪدم اٿي چيو، ”مون کي به پڪي نور بيبي وارن سان گڏجي ڪراچي وڃڻو هو پر مان محض هيءَ تحفو پهچائڻ لاءِ ڪري رکجي ويس. هاڻي رات پيئي گهڻي ٿيندي وڃي مون کي به هلڻ گهرجي.“ هو ايترو تڪڙو ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو جو زهره ۽ افروز ڪيس جهلي ۽ ڪجهه چئي به نه سگهيون.

افروز چيو، ”حيرت آهي اسين ڪيس جهلي به نه سگهيوسين.“

زهره به جڻ گهبرايل هئي. ”واقعي افي، طارق خان حيران ڪندڙ ماڻهو آهي!“ ”۽ پرڪشش به.....“

جان بيبيءَ جي سڏڪن تي ٻئي رڳو ڪيس ڏسنديون ئي رهيون.

”جاني، پلي جيترو وٽيئي اوترو روءُ. ٻي ڪابہ صورت ڪانهي منهنجي نظر ۾ تنهنجي اندر جي بار کي لاهڻ ۽ هلڪو ڪرڻ جي!“

زهره اداسيءَ جي چوٽ تي چڙهيل لفظ چئي ڏنا. افروز طارق خان جي شخصيت جي سحر ۾ ايئن وڪوڙيل هئي جو وٺانس ڪي بہ دلاسي يا دڙڪي جا اکر اڪلي نہ سگهيا.

”جاني، تنهنجو ڪوبہ ڏوهہ ڪونهي. طارق خان واقعي اهڙوئي آهي. هو پيار جي قابل آهي جاني!“

زهره ڪيس حيرت مان نهاري پريشان ٿي چيو، ”افي افي، سونت ۾ تہ آهين، ڳالهائين ڇا پئي. خبر بہ اٿئي ڪي نہ؟“

”ها ها، خبر اٿم بيهوش ناهيان.“

”لڳي تہ ايئن ٿو تہ بيهوش آهين.“

افروز، جان بيبيءَ وٽ اچي سندس ڪلهن تي هٿ رکي چيو، ”جاني روءُ، پلي جيترو وٽيئي روءُ. پر اهو سوچي تہ هن ڪان پوءِ ڪڏهن بہ نہ روئيندينءِ! ڇو جو تنهنجون ۽ طارق خان جون راهون ظالم تقدير ڇني ڌار ڪيون آهن. نہ تہ حقيقت ۾ تنهنجي ۽ طارق خان جي جوڙي ٻنجڻ ڪپندي هئي. پر، اوهہ.“

افروز جان بيبي ڪان وڌ درماندي ٿيڻ لڳي. زهره چڙي چيو، ”بڪواس نہ ڪر افي، قسمت ڪهڙو ظلم ڪيو آهي. اڄ هيڏانهن اچي ويهہ تہ طارق خان جو آندل تحفو ڏسون.“

افروز اٿي وٽس آئي تہ زهره ڪيس اکين ئي اکين ۾ دڙڪا ڏيڻ لڳي. افروز کي بہ پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو تہ، طارق خان جي جادوئي شخصيت ڪيس بہ خواهہ مخواهہ ڊسٽرب ۽ جذباتي ڪري ڇڏيو هو ۽ هن اچي جان بيبي جون ٿنگون پنهنجي هٿن سان مٿي پلنگ تي رکي چيو، ”جاني، سنئين ٿي تہ ويهہ.“

۽ پنهنجي رئي سان سندس لڙڪ اگهڻ لڳي. زهره اٿي دروازو لاڪ ڪيو. ”هينئر ٿيون مايون اڇن...

پيڪيٽ کوليائون تہ نازڪ نازڪ جرڪندڙ نڻگن وارو سونو سيٽ هو، افروز جي وات مان رڙ نڪتي. ”اوهہ، زبردست عاليشان.“

زهره هار ڪٽي مشڪي چيو، ”جاني، هي پائي ڏيڪار.“
جان بيبي هار ڪان ڇرڪي ايئن پري ٿي ڇڻ اهو ڪُنجارو هجي.
”نہ زهري، ڇري آهين ڇا؟“
افروز جي نظر پيڪيٽ ۾ پيل ڪاغذ جي پرزي تي پئي. هن اهو ڪنيو. جان بيبيءَ جي نظر بہ ايڏانهن ئي هئي هن جهٽپ ڏيئي افروز ڪان اهو پنو ورتو ۽ پڙهڻ لڳي.
”جاني،
مون ڪي وساري ڇڏ تہ مان بہ ڪنهن دڳ لڳان، منهنجا سيئي رستا دونهين ۽ ڏنڌ ۾ لتجي ويا آهن. منهنجي رستن تان تون پنهنجي نيٽن جا ڪڪر هٽاءِ تہ اهي واضح ۽ چٽا ٿين.“
زهره چيو، ”ڏنئي جاني، تنهنجي ڪري هو بہ پريشان آهي.“
افروز چيو، ”جاني، طارق خان جيترو ظاهري خوبصورت آهي سندس اندر ان ڪان بہ وڌيڪ خوبصورت آهي. ڏس، هن ڪيئن توکي پنهنجي راهن تان هٽڻ جو چيو آهي. حيرت آهي هو ڪيڏو ذهين آهي... منهنجي رستن تان تون پنهنجي نيٽن جا ڪڪر هٽاءِ تہ اهي واضح ۽ چٽا ٿين... واهہ طارق خان واهہ...“
دروازي تي ڪڙڪو ٿيو تہ جان بيبيءَ پنهنجي هٿ ۾ جهليل پنو پر واري ٽيبل جي خاني ۾ رکيو. زهره دروازو کوليو تہ شمو، ملوڪان ۽ ختو سندن لاءِ ماني کڻي آيون. ”طارق خان هليو ويو؟“
ماني ڏسي افروز کي طارق خان ياد آيو.
”نہ جيجي، سائين وارن مانيءَ لاءِ جهليو اٿس.“
”هاڻي هن کان پوءِ ڪراچي ويندو ڇا؟“
افروز وال ڪلاڪ کي ڏٺو رات جو هڪ ٿي رهيو هو.
”نہ نہ جيجي، هاڻي سڀاڻي ويندو.“
جان بيبي اطميناَن جو ساهہ کنيو. افروز بہ خوش نظر اچڻ لڳي مايون ڪمري کان ٻاهر نڪتيون تہ چيائين. ”زهري، ماني کائي پوءِ طارق خان سان ڪچهري ڪنديونسين!“
”هون... سيئي مرد وينا آهن بابا ۽ چاچا وارا ۽ هو هتي اچي

اسان سان ڪچهري ڪندو؟ چريائي اها بہ ههڙي. 'افي' پايان تي تنهنجي دماغ جا اسڪرو بہ ڍرا تي ويا آهن."

افروز ڦڪي تي چيو، "سچي زهري، طارق خان پنهنجي ۽ جاني جي سرمئي رنگ جي ڪپڙن ڏانهن ڏيان ڪيڏي خوبصورت انداز سان ڇڪايو هو!!"

"ها ها. هاڻي مات ڪري ماني کاءُ ٿڌي ٿي ٿئي."

سيئي هيٺ وڃايل دسترخوان تي اچي وينيون. جان بيبي اٿي واش روم مان هٿ منهن ڌوئي آئي. زهره ۽ افروز بہ اٿي واش روم ۾ هٿ ڌوئڻ آيون. هٿ ڌوئندي افروز زهره سان سرباٺ ڪيو.

"زهري. بيءَ ڳالهہ ڏانهن ڏيان ڏنئي؟"

"ڪهڙي ڳالهہ؟"

"سڄو ڪمرو طارق خان جي خوشبوءَ مان واسيل آهي، الائي ڪهڙو سينٽ ٿو لڳائي؟"

زهره مٺس ڪاوڙجي پئي، "الا افي، جانيءَ کان وڌيڪ تون طارق خان تي عاشق ٿي پيئي آهين!!"

افروز کلي کيس ڌڪ هڻي چيو، "بڪواس نہ ڪر!" ٻئي اچي دسترخوان تي وينيون ۽ ٽيئي گڏجي ماني کائڻ لڳيون.

## باب ٻارهون

طارق خان پنهنجي پيڻ حسن جان جي گهر ۾ پنهنجي ننڍڙن خوبصورت ڀاٽيجن منير ۽ تنوير سان کيڏي رهيو هو. حسن جان کيس مشڪي مشڪي ڪاغذي بادام ڇلي هٿ ۾ ڏيئي رهي هئي جيڪي وٺي هو پاڻ بہ کائي رهيو هو تہ ننڍڙن کي بہ کارائي رهيو هو. ”ادي، پڦي اميران توتي ڏمريل آهي.“

”مان ڇاڻان تي تہ هن ڇو ڏمر ڪيو هوندو؟“

”تون بہ تہ ٻنهي مڱڻين تي نہ ويئي آهين.“

”هوڏانهن وڃي نہ سگهي هيس باقي هتي ڪراچيءَ ۾ تہ ٻنهي ۾ شريڪ ٿي هيس.“

”۽ پڦي اميران کي ڏک ٿي اهو آهي تہ هُتي ڇو نہ آئي.“

”هوڏانهن تہ ننڍڙن جو پيءُ راضي نہ هو تہ ننڍڙا ڏکيا ٿيندا.“

”ادي...“

طارق خان هڪدم ماٺ ڪئي تہ حسن جان ڇرڪي ڏانهنس نهاريو جيڪو کيس اداس لڳو. حسن جان جنهن جي ساهہ پنهنجي هڪ اڪيلي ڀاءُ ۾ اٽڪيل هئي. اها تڙپي پئي.

”ڇا آهي ادا؟“

هو ڪائنس ننڍو هو پر هيءَ کيس پيار مان ”ادا“ چوندي هئي. طارق خان، پاڻ سنڀالي چيو، ”ادي پڦي اميران جي ڌيءَ جان بيبي ڏني اٿئي؟“

”مير محمد جي ڪنوار؟“

طارق خان کي جڻ دل ۾ ڌڪ لڳو. ”پڦي اميران جي ننڍي ڌيءَ ٿو چوان!“

”نہ، اها مون نہ ڏٺي آهي. ڇو؟“

”اها تمام گهڻو خوبصورت آهي ۽ سندس مزاج بہ اعليٰ آهي اها هتي پڦي نوربيبيءَ وارن وٽ ڪيئن رهي سگهندي؟“

”پنهنجا پاڻ ۾ آهن ڇو نہ رهي سگهندي!“

”بس مڙيئي ايئن لڳم.“

”تو ڏٺي آهي؟“

”ها، مون ڏٺي آهي.“

”ويندو آهين نہ چاچا حمل خان جي گهر!“

”چاچا حمل خان سدائين تولاءِ پڇندو آهي.“

”ها ادا، چاچا حمل خان آهي بہ ڏاڍو محبتي. جڏهن بہ ايندو آهي مون وٽ بہ ضرور ايندو آهي.“

طارق خان مشڪي چيو. ”تون بہ ادي هر بار ڪجھہ نہ ڪجھہ ڏيندي آهين سوکڙيءَ طور...“

”مان ڪهڙا تي خزانا ڏيانس، هن جون محبتون آهن جو ياد ڪري ايندو آهي.“

طارق خان شرارت مان مرڪي چيو، ”ادي، چاچا حمل خان ۽ پڦي اميران سوکڙيون ملڻ تي ڪيڏو تا خوش ٿين.“

ٻئي ڀيڻ ڀاءُ کلڻ لڳا. ٽيليفون جي گهنٽيءَ تي طارق خان اٿي رسيور کنيو ۽ ڳالهائي رکي ڇيائين، ”ادي، گهر ۾ ڪي ماڻهو آيا آهن... وڃان ٿو.“

”ڪير آهن؟“

”اهي ئي ڏٽي بخش ۽ صديق وارا.“

”هاڻي وري ڇا لاءِ آيا آهن؟“

”هاڻي ڪين موچڙا تا کپن.“

”ڇڏين ڪٽي. پرايون آهون نہ ڪڻ!“

”ادي، هاڻي آءٌ ڪونہ ڇڏيندوسان، حرامي، سيئي ٻچڙايون بہ پاڻ ڪن، نالا وري ٻين جا وٺن!“

”ڏٽي بخش جي ڀيڻ ڪلھہ مون وٽ آئي هئي تہ مان توکي سمجهايان تہ تون يونس کي معاف ڪر.“

طارق خان ڪاوڙجي چيو، ”هاجو آئي هئي؟ اها وڏي بيغيرت حرامزادي آهي مون وٽ بہ تہ روز ٿي اچي زاريون ڪري... پر پنهنجي پٽ جي غلطي نٿي مڃي، چوي ٿي تہ انهن جي چوري

بڇڙي آهي. هاڻي وري توکي تي ستائڻ اچي، باقي مون وٽ جي هاڻي آئي تہ چوٽيءَ کان جهلي ليٽڙائيندوسانس.“

حسن جان ڊڄي چيو، ”ادا، خدا جو واسطو اٿئي مائيءَ تي هٿ نہ کڻجئين.“

”مائي ئي تہ بڇڙي آهي، پهرين بہ جڏهن يونس کي ٻڌم تہ نياڻي ميڙ کٽي اچي پٽ کي ڇڏائي ويئي. وري بہ ان ئي حرامي يونس بڇڙائي ڪئي.“

”ڇوڪريءَ وارا ڇا ٿا چون؟“

”مون پاڻ ڇوڪريءَ سان ڳالهايو آهي. ٻيا بہ شاهد آهن تہ يونس پنهنجي سنگت سان گڏجي ڇوڪريءَ کي کڻائڻ جو پروگرام بنايو هو پر ڇوڪريءَ رڙيون ڪري پاڻ کي بچايو... اڃان بہ هاجو بيغيرت ٿي چوي تہ ڪيس ڇڏيان! هينئر بہ ڏٽي بخش ۽ صديق ان ئي دلي يونس کي ڇڏائڻ آيا آهن. مان وجي ٿو موچڙا هڻي اوطاق مان ٻاهر ڪيان!“

”ڇورو يونس آهي ڪٿي؟“

”اهو زمين ڏانهن آهي.“

”ڪهڙي زمين، حب واري يا ڪنڊ واري؟“

”اهي نہ، لوياچ واري...“

”ڪاٿ ۾ هنيو اٿئي؟“

”ڪاٺ ۾ ڪٿي، حرامي ڪلو پيو آهي ڪائي پيئي موجون ڪيو وينو آهي... باقي هاڻي مان ڪيس سُڪيءَ ۾ نہ تاريانس تہ چئجانءِ!!“

حسن جان ڇرڪي ڏانهنس نهاري ڪاوڙ مان چيو، ”مارينديس ڇا؟“

”ڪونہ ٿو مري...“

وري پيڻ ۾ نهاري مشڪي چيو، ”ادي، ڏٺو اٿئي، صفا وهڙو لڳو پيو آهي.“

حسن جان ڪيس ڪلهي تي چمي ڏيئي چيو، ”رحم ڪرڻ سني ڳالهہ آهي. ڇوڪرو واقعي غلط آهي پر سزا غلطيءَ کان وڏي آهي.

اڳ بہ موسي ويچاري کي ايئن ئي سڪيءَ ۾ تاريو هيئي!!“
”طارق خان مشڪي چيو، ”ادي، ان جي تہ سچي ڳالهہ توکي ٻڌائي هيم تہ هو ڪيئن سڪي ۾ بہ پاڻي وانگي تريو.“ حسن جان ڏک مان چيو، ”ڪٿي پاڻيءَ جيان تريو هو! تو ئي تہ ٻڌايو هو تہ پهرين پنهنجو پٽڪو مٿي هينيان رکي تريو هو ۽ جڏهن پٽڪو ليڙون ٿي ويو هئس تہ خالي مٿي سان... مهرباني ڪري هاڻي ايئن ڪنهن سان بہ نہ ڪجانءِ!“
طارق خان مشڪي چيو، ”پر ادي، ايئن ڪرڻ ضروري آهي... ان کان پوءِ موسي اهڙي ڪابہ حرڪت نہ ڪئي.“
حسن جان ڏک ۽ ڪاوڙ مان چيو، ”پوءِ ويچارو جيئرو ئي ڪٿي رهيو؟“
طارق خان حيرانيءَ مان چيو، ”چو. موسو تہ هاڻي مئو آهي، تاريم تہ ڪيترو وقت اڳ هوم.“
حسن جان ساڳي ئي انداز سان چيو، ”ان ئي وِيي تہ مئو آهي. ترڻ کان پوءِ تہ يڪو بيمار هو نہ...“
پاءُ ۾ نهاري ڪجهہ سختي ۽ ڪجهہ پيار مان چيو، ”نيڪ آهي ادا، ڏوهي ماڻهو سزا جي قابل آهي، ان کي سزا ملڻ گهرجي... پر ايئن بہ نہ جو...“
طارق خان چڙي چيو، ”ڳاٺن ۾ وڃن تہ خبر پوين، ڪٽ مار بہ پيٽ ڀري کائين ۽ ڏوڪڙ پئسا ڏار ڏين. پوليس تہ ماڻهن جو الهہ تلهہ ڪڍي ٿي ڇڏي!“ حسن جان پيار مان چيو، ”مون کي خبر ناهي ڇا؟ توکي رب وڏي حياتي ڏي... غريبن جو ڀلو تو ڪرين... پر پوءِ بہ ڏک هٽڻ مهل اک ۽ ڪک جو ڌيان رکجي.“
طارق خان ٺهڪ ڏيئي ساڻس موڪلائيندي چيو، ”نيڪ آهي ادي، هاڻي وڃان ٿو ۽ ڏٽي بخش ۽ صديق جي اک ۽ ڪک جو ڌيان رکندس!“
حسن جان مشڪي سندس نرڙ تي چمي ڏني ۽ طارق خان پيڻ جا هٿ اکين تي رکي چميا.
طارق خان تقريباً روز پنهنجي پيڻ سان ملڻ ايندو هو ۽ روز

بئي ياءُ ۽ پيڻ ايڏي سڪ ۽ پيار مان ملندا هئا جڻ گهڻي وقت کان پوءِ مليا آهن. منير ۽ تنوير اڱڻ ۾ راند ۾ رڌل هئا. طارق خان کين چميون ڏيئي گيٽ ڏانهن وڌيو تہ گيٽ تي کڙڪو ٿيو... رحميءَ ڊوڙ ڪري گيٽ کوليو... لالو بيٺو هو.

”ڇا هي لالو؟“

”سرڪار، سائين مهراب خان آيو آهي.“

طارق خان اچي حسن جان کي ٻڌايو. ”ادي، مهراب خان آيو آهي مان هلان ٿو.“

”خير تہ آهي؟“

”ها ها ادي، خير ئي هوندو. مهراب خان ڪراچي ۾ ايندو آهي تہ مون وٽ ضرور ايندو آهي باقي ٻي خبر تہ ساڻس ملي پوءِ پوندي.“

ٻنهي وري هڪ ٻئي جا هٿ مشڪي چميا... ۽ پوءِ حسب دستور منير ۽ تنوير کي سلوٽ ڪري ٻاهرين گيٽ کان ٻاهر نڪري ويو.

# باب تيرهون

جڏهن چاهبو آهي تہ وقت گذري وڃي تڏهن اهو نيهر بڏي بيهي رهندو آهي، پر جڏهن چاهبو آهي نہ گذري تڏهن اهو ڦنگ لڳائي هوائن سان گڏ اڏامڻ لڳندو آهي. امير بيبي بہ چاهيو ٿي تہ وقت ڪجهہ ترسي، آهستي گذري پر ڪيس ايئن پئي پاسيو تہ وقت مُٺ ۾ جهليل ريتيءَ وانگيان آگرين جي وٿين مان ڪيس بيوس بنائي ڪري رهيو هو. ڪيس پٽ ۽ ڌيءَ جون شاديون ڪرڻيون هيون جن لاءِ ڪيس وقت گهربو هو. نور بيبيءَ تہ چاهيو هو تہ پهرين مير محمد جي شادي ٿي پر حمل خان ۽ امير بيبي تي جبار پنهنجي شادي لاءِ ايڏو زور پريو جو اهي اڳ شادي جي تاريخ طئي ڪري آيا هئا. مڱڻي کي ست مهينا ٿي ويا هئا پر امير بيبي جي تيارين مڪمل ٿيڻ جو نالو ئي نہ پي ورتو. جيڏي بہ تياري ڪري اها ڪيس گهٽ پيئي لڳي. تاج بيبي بہ آيل هئي. ٻيون بہ سيئي چاچيون سئوٽيون آيل هيون. سيئي مصروف هيون ۽ جان بيبي سيني تيارين کان لاتعلق ٿيو پنهنجي ڪمري ۾ بند هئي. ان وچ ۾ طارق خان هڪڙو پيرو بہ وٽن نہ آيو هو. تاج بيبيءَ ٻڌايو هو تہ مهراب خان وٽ اڪثر ايندو آهي. اهي سيئي ڳالهيون ڪيس اندر ئي اندر ۾ ڳاري رهيون هيون. زهره وٽس ايندي ئي رهندي هئي ۽ هر بار ڪيس جان بيبي اڳ کان وڌيڪ پيار ۾ ٻڏل لڳندي هئي. اڄ بہ جڏهن زهره سندس شاديءَ جي ڪپڙن کي ٽانڪيو ٿي تہ جان بيبي روئڻ لڳي. زهره هڪدم ڪپڙا ڪٽي ڪبٽ ۾ رکي وٽس اچي ويٺي.

”ڪهڙا حال ڪري ڇڏيا اٿئي پنهنجا جاني، ڏس دنيا ايڏي ويران ۽ خشڪ ناهي جيڏي تون سمجهين ٿي. هيڏانهن هوڏانهن نهاري ڏس تہ سڀ ڪجهہ ساڳيو آهي. ڏينهن، راتيون، موسمون.“

”هوندو! پر مون کي نٿو لڳي تہ سڀ ڪجهہ ساڳي طرح آهي.“

”سڀ ڪجهہ ايئن ئي آهي جاني، ساڳيو آهي. توڪي بہ لڳڻ گهرجي. ٻاهر نڪري ڏس تہ بسنت رت ڪيڏو حسن وڪيريو آهي سيئي منظر ڪيڏا پيارا ۽ خوبصورت آهن.“

زهره ڪيس هميشہ جيان خوبصورت لفظن ۾ آٿت ڏيئي رهي هئي. ”جاني دنيا ۾ رهڻ لاءِ سڀ ڪجهہ سهڻو پوندو آهي. ڪوبہ جيئن چاهي ٿو ايئن نٿو ڪري سگهي پر هرڪو خوش آهي. ڪلي ٿو. ٿلي ٿو. خواهش ڪبي آهي پر پوري نہ ٿيڻ جي صورت ۾ بدلي طور دنيا تياڳ نہ ڪبي آهي. تون بہ ايڏي خود غرض نہ ٿيءُ، آخر ٻيا بہ تہ ماڻهو آهن. طارق خان ڪان سواءِ بہ، جيڪي توڪي چاهين ٿا. تنهنجو خيال رکن ٿا. انهن جو بہ توتي حق آهي. انهن ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي، جو تون ڪين ٿياس تي ٽنگيو ويني آهين. انهن جي خاطر ئي ٿورو ڪل مرڪ. ادا جبار ڇا سوچيندو تہ سندس شاديءَ ۾ تنهنجو ڪوبہ حصو ناهي. ڪلڻ ۽ مرڪڻ جي حد تائين بہ نہ!“

”نہ زهري نہ، مون ڪان ڪليو نٿو ٿئي.“

”تنهنجي مرضي.“ زهره ڏمرجي ڪمري ڪان ٻاهر نڪتي تہ جان ٻيبيءَ سوچيو، ”ڪڏهن ڪڏهن ڪي ٻي معنيٰ ڳالهيون ڪيڏي آٿت ڏينديون آهن، پر ڪهڙو فائدو؟ هو اهو سڀ ڪيئن ڪري؟ جيڪو هن پاڻ ڪرڻ نٿي چاهيو... چاهہ بہ تہ هن پاڻ نہ ڪيو هو. ڪير ڀلا ايئن چاهيندو تہ هو ان ڪي چاهي جنهن جي ملڻ جا امڪان ٻڙيءَ جيترا بہ نہ هجن. (ٻڙي بہ تہ بهرحال وجود رکي ٿي) چاهہ تہ بس، ايئن ئي پاڻ ئي پاڻ ڪڙڪپيتن جيان بنا ڪنهن تحرڪ جي جرڪي پوندو آهي. هاڻي بہ طارق خان کي ايندي ڪيئي مهينا ٿي ويا هئا، پر جان ٻيبيءَ تہ هر پل هر وک تي سندس انتظار ايئن بيچينيءَ سان پئي ڪيو ڄڻ هن ڪيس فون ڪيو هجي تہ، انتظار ڪجانءِ مان هينئر پيو اچان! ۽ هوءَ هر پل ياد ۾ آيل سندس خوبصورت شبيهہ اڳيان عقيدت مان سر نمايو عبادتن ۾ مشغول هئي. هوا جي ٿڌڙي جهونڪي ڪيس بيدار ڪيو ۽ هن دريءَ جا پردار پورا هٽائي ڏٺو. بسنت رت جوڀن تي هئي، چنچل ۽ ڪيچلي

هوا گلن کي چيڙي ڪين ويجهو تي آندو ۽ گل هڪ ٻي سان ياڪرين پيئي ٿهڪن ۾ ٻڏل هئا پر ڪيس لڳو، بسنت رت جو هر گل ۽ پن طارق خان جي اوسيئڙي ۾ وڇوڙي جا گيت ڳائي رهيو آهي. هوءَ ڪيئن خوش رهي؟ ڪنهن لاءِ ڪلي ۽ ٽهڪ ڏي؟ پر هوءَ ماتم ۽ سوڳ ۾ چو ڪري رهي آهي؟ وڙهي ۽ وچڙي ٻه چو پئي سيني سان؟ جڏهن اڳيان ڪوبه ڪپر ۽ ڪنارو نه هجي ته لهرن ۽ چولين سان چو وڙهجي؟ جان بيبيءَ سان به ايئن ئي ٿي رهيو هو... هن نه اڳيان وڌڻ ٿي چاهيو نه ئي پٺيان نهارڻ ٿي چاهيو. ڀلا ڪير جدا ٿيو آهي راهه کان؟ يا راهه جي مسافر کان! جو ياد جا ڏيئا ايڏي شدت ۽ پوري توانائيءَ سان جرڪي راهون پيا روشن ڪن. ڪنهن جو اوسيئڙو آهي؟ جڏهن ڪو گڏ رهڻ ئي نه چاهي. هليو وڃي پنهنجي مرضيءَ سان ته پوءِ ور ور ڪري پٺيان نهارجي ٻه ته نه. جدائيءَ جا اهي ئي منظر هئا جيڪي رات جو به ڪيس سمهڻ نه ڏيندا هئا. زهره سياڻي وري اچڻ جو چئي پنهنجي گهر هلي ويئي هئي ۽ جان بيبيءَ کي وري به سڄي رات يادن سمهڻ نه ڏنو چهڪ، چريون لڳندا رهيا. ماتم ٿيندو رهيو ۽ درد سڄي وجود تي ڇانئجي ويو. سڄي رات سندس وهاڻو هنجن مان پسجندو رهيو. هاڻي ته ڪيس پنهنجي روئڻ جو سبب پاڻ به سمجهه ۾ نٿي آيو. وري ڪيس ساڳي ڳالهه پي سمجهه ۾ آئي. ڪڏهن ڀلا طارق خان ساڻس ڪي واعدا وچن ڪيا هئا؟ ڪڏهن طارق خان پنهنجو اندر سندس اڳيان اٿلايو هو؟ هن ته نه ڪجهه چيو نه ٻڌو ۽ مان بس، ايئن ئي چڪجندي ويس. خيالن ئي خيالن ۾ ڪيس پنهنجي دل ۾ رهائي ڇڏيم، پاڻ ئي پاڻ من مندر ۾، آس جا ڏيئا ٻاريندي رهيس. اڄ اهي سمورا ڏيئا وسامي ويا آهن. مان ته پنهنجي اڻ پوري خواهش لاءِ دانهن ته ڇا آهه به ڪري نٿي سگهان. ڪيڏو چاهيان ٿي ته طارق خان منهنجي اندر مان نڪري وڃي. پر جڏهن دل ئي ڪيس زنجير ۾ سڪ ٻڌي ڇڏي ته پوءِ مان ڇا ڪريان؟ هن ٽڏو ساهه کڻي پنهنجي رئي جي پلوءَ سان پنهنجا گلابي ڳل رهڙي ڳاڙها ڪري ڇڏيان جتان لڙڪ لارون لار پي وهيا.

ڪڪر منجھہ ڪپار، جھڙ نيٽئون نہ لھي.
اڄ منھنجي من ۾، اَنا مينھن اپار،
آءُ سڄڻ لھہ سار، وره وڪوڙي آهيان.

اهي ڏينهن جيڪي امير بيبيءَ اڳيان اڏامي گذري رهيا هئا اهي ساڳيا ڏينهن جان بيبي جي نظر ۾ آهستي آهستي گذري رهيا هئا. انهن ڏيمي رفتار وارن لمحن جان بيبي کي احساس ڏياريو تہ لمحن جي سست خرامي طارق خان جي غيرموجودگي جو نتيجو آهي، ۽ هن ان ڳالھ کي اکين سان مڃي ورتو هو. تي سگھي ٿو طارق خان، تون بہ ايئن ئي محسوس ڪندو هوندين جيئن مان! پر ايئن ڪيئن ممڪن آهي. پر هڪڙي آٿت اٿم تہ، جڏهن ڏک بنا خواهش ڪرڻ جي ملي ٿا سگھن تہ سک بہ ضرور رحم ڪندا:

ڏني ڏينهن ٿيام، ڪوه چاٽان کھڙا پرين،
ولين جيئن وريام، گوندر غم پرين جا.

هو اکٿ سوچن ۾ گم هئي. زهره جيڪا جبار جي شاديءَ جي تيارين ۾ امير بيبي جو هٿ ونڊائڻ لاءِ ايندي ئي هئي اها ناشتي جي ٽري کڻي ڪمري ۾ آئي. ٽري ٽيبل تي رکي جان بيبيءَ وٽ آئي جيڪا بيحد اداس هئي. ”چوڪري بڌ، طارق خان جي عشق ۾ ڪيترا ميٽر بڌل آهين خبر تہ پوي تہ ڪنهن ٿوبيار جو انتظام ڪري سگھجي.“

زهره جي شرارتي انداز تي جان بيبيءَ بہ مشڪي چيو:
هوت نہ چنيءَ پوت، ڦاڙي جو ڦٽو ڪجي،
هاڙهي جو ٻروچ، ڏاڍي ڪنهن ڏک مڙي.

زهره مشڪي چيو، ”جاني ڏک جي نہ ڪري تہ تنهنجي هن بيت ۽ طارق خان جي روين تي مون کي بہ اتفاق سان بيت ياد اچي ويو آهي اهو ٻڌايانءِ.“

”ڏک کھڙو، بيت ٻڌاءِ.“

زهره مشڪي بيت ٻڌائڻ لڳي:
ڪيئن اڙايئي پاند، پلوءُ پرڏيهين سين،

متيون موڙهي سسئي، ڪيئي ڪوهيارو ڪانڌ،
رلـي پـانيئي رانـد، ڀـانيڻ عشـق ڀـروچ جـو.

جان بيبي ڪيس حيرت مان ڏسڻ لڳي. زهره چيو، ”جاني هاڻي تون پاڻ سان بيواجبي ٿي ڪرين. طارق خان جڏهن آڏيءَ رات جو لوڪ ستي بہ توسان پيار جا ٻہ ٻول نہ ٻوليا تہ هاڻي وري ڪهڙا آسرا؟“

جان بيبيءَ چيو:

جيڪـي فراقـان، سـو وصـالان نـہ ٿئـي،
اڃـي اوطاقـان، مـون ڪـي پـرينءَ پـري ڪيـو.

”زهري، اها ئي تہ تڙپ، تشنگي، لوچ پوچ ۽ درماندگي آهي جو منهنجي سندس ڪان سواءِ ساعت بہ نٿي سري. اسين آهيون بي صبرا نہ تہ لطيف چا تو چوي، خبر اٿئي؟“ زهره بي دليءَ مان چيو، ”چا تو چوي؟“

”لطيف ڪي وصل ۽ ميلاپ سان ڪو غرض ڪونهي. هو چوي ٿو تہ محبوب جي سڪ ۽ چڪ اندر ۾ ڀرپور ۽ برقرار رهڻ گهرجي. اها سڪ محبوب جي ملڻ سان تہ ماني ٿي ٿيئي، تنهنڪري لطيف چوي ٿو.

آءُ ڏوريـن م لهـين! پـرين هئـين پـري.

يا

هـڏ نـہ سـاهہ سـري، تـن تسـلي نـہ ٿيئـي.

”اهي تہ اسين آهيون جو هاءِ گهوڙا ڪري روئي رڙي دنيا اڳيان پڌر ٿيا وجهون، نہ تہ عاشق تہ ماٺ ۾ وڪري ٿا وڃن!!“

زهره سنجيدگيءَ مان چيو، ”۽ اهي وڪريل سهيڙجي نٿا سگهن جيڪي جيئن ئي ٻين جي آس جي سهاري ٿا ۽ ڪو بہ ڪنهن جي آس جي سهاري جيئي نٿو سگهي ڇو جو اهو اهڙو ڀنيٺ آهي جنهن ۾ ٻرڻ ۽ ڀڄرڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي. ڏکن ڪي نہ سڏ جاني. اهي تہ پان صدائن جا سڪايل آهن ڪڏ لڳي ويندئي.“

”ڏک ڪنهن جي بہ ڪڏ نہ ڏڪندا آهن. اهي تہ ماڻهو پاڻ ٿو ڳولي، تون ڪٿي مون ڪي ڏس!“

”جاني، توسان پڇڻ جو تہ مان خوابن ۾ بہ تصور نٿي ڪري سگھان. مان بہ صفا چري آهيان ناشتو صفا ٿڌو ٿي ويو.“

هن ٿري ڪٺي ٻاهر ويندي چيو، ”ناشتو گرم ڪرائي ٿي اچان.“

جان بيبيءَ صوفي تي ڪنڌ لاڙي ڇڏيو. ”ڪوجهي چاٽي وٺي تہ ڏرتي ڏبي وڃي، آسمانن ۾ ٽرتلا اچي وڃن، ايڏي ٿي مان تڙپان توڪانسواءِ طارق خان!“ هن هٿ وڌائي ٽيبل تان شاهہ جو رسالو کنيو ۽ پڙهڻ لڳي:

پلپــــل ۾ پليـــانس، پـــل نـــہ رهـــي پـــرينءَ ري،
جنهن جهوري ڪان جهليانس، جهجيو تنهن جهوريءَ پوي.

زهره ناشتو ڪٺي آئي ۽ ٽيبل تي رکي سندس هٿن مان رسالو وٺي ميز تي رکي چيو، ”سڌي ٿي ناشتو ڪر جاني، منهنجو تہ بڪ مان ساهہ ٿو وڃي. آهي ڇا؟ مان مهمان آهيان يا تون؟ توکي منهنجي خدمت ڪرڻ کپي يا مون کي تنهنجي؟ ذري بہ جي لڄ ۽ حيا شرم هجئي تہ ايئن نہ ڪرين.“

جان بيبيءَ جو موڊ زهره جي پيار ڀريل دڙڪن سهي ڪيو. مشڪي چيائين، ”نيڪ آهي بابا، هاڻي جي مان توڏانهن ايندس تہ سيئي قرض وياج سوڌا لاهيندس نيڪ!“

جان بيبي جو موڊ سنو ڏسي زهره ٺڙي چيو، ”ايئن جاني ايئن، مون سان وڙهندي ڪر... خدا جي واسطي ماٺ ٿي نہ ويندي ڪر... منهنجو ساهہ ٻوساٽجڻ لڳندو آهي.“

ٻئي گڏجي ناشتو ڪرڻ لڳيون. ملوڪان گرم گرم ڦلڪا ڪٺي آئي. جان بيبيءَ کي ناشتو ڪندي ڏسي خوش ٿي چيائين، ”جيجي زهره، تون ايندي آهين تہ جيجي جانل بہ ڪجهہ کائيندي آهي ۽ اسين بہ خوشيءَ مان کائيندا آهيون نہ تہ...“ پنهنجي ڳالهہ اڌ ۾ ڇڏي ڪمري کان ٻاهر نڪري ويئي. ملوڪان ۽ ختوءَ کي آمي ۽ شموءَ سڀ ٻڌائي ڇڏيو هو، ڇو جو هي بہ ٻئي سندن جهڙيون ئي وفادار آهن. سو، ملوڪان کي تہ هاڻي جان بيبيءَ کي ڏسڻ سان ئي روئڻ اچي ويندو هو... هينئر بہ سندس اکين ۾ لڙڪ ڀرجي آيا جيڪي لڪائڻ لاءِ هوءَ ڀڳي هئي. رڌڻي ۾ اچي اکيون اگهيائين تہ ختوءَ

گهٻرائجي چيو، ”چا هي ڙي ملوڪان. ٻڌائين چو نٿي؟“
”بس، جيجي جانل کي ڏسي...“
ختوءَ ٻه ساڳي ڪرب مان چيو، ”هينئر ٻه رنائين ٿي چا؟“
”نه... نه هينئر ته نيرن پي ڪيائين. پر هونئن ئي... ڏک تو ٿيئي جيجي جانل جو...“
ختوءَ ٻه انهري ٿي چيو، ”هئو الا ملوڪي، آءٌ ٻه صفا تو وانگيان جيجي جانل ۾ نهاري ٻه نٿي سگهان. شمو ۽ آمي وڏيون آهن ٻئي. الائي ڪيئن ٿيون ڪيس نصيحت ڪري سگهن.“
ختوءَ جون اکيون ٻه پرجي آيون. پيرن جي چاپ تي ٻنهي پنهنجون اکيون اگهيون. جبار رڌڻي جي در تي اچي چيو، ”ناشتو تيار آهي؟“
”جي هئو سائين، تيار آهي.“
جبار گيٽ تي بيٺلن کي سڏيو، ”ربو، يارو، منو اچو ناشتو کڻي وڃو.“
ملوڪان ۽ ختوءَ، سومل ۽ ستوءَ کي سڏيو. هو ٻه ٻئي آيون ۽ گڏجي ناشتو ڏيڻ لڳيون. ناشتو ڏيئي پاڻ ٻه چارئي گڏجي چانهه پيئڻ لڳيون. شموءَ اچي چيو، ”جيجي جانل ڏانهن نيرن ويئي آهي؟“
”ماسي، جيجي کي سويل ساريو اٿئي! خبر ٻه اٿئي ته گهڻو ٽيم ٿيو آهي يارهن پيا ٿين؟“
شموءَ انهري ٿي چيو، ”سچ ٿي چوين امان، آءٌ ته هتان، تو وٽان جيئن سانپائي جو سليماني چانهه جو ٿنو (ڊڪ) پري ويئي آهيان تيئن جيجي اميران وٽ هيس. هڪڙو ڪم، ٻيو ڪم... هيڏانهن وڃ، هوڏانهن وڃ. جليءَ کي وٺي آءٌ، صابيءَ کي سڏي اچ منهنجي ته ٽنگن ۾ ئي ٻڏيون پئجي ويون آهن.“
هيٺ ويهي ٽنگن کي منيون هٽندي چيو، ”مران ٿي الا...“
ختوءَ سندس ڏک ڪندي چيو، ”سچ ٿي چوين ماسي، ٿڪي پيئي آهين. نيرن ڪاءُ، جيجي جانل ڏانهن سويل نيرن موڪلي آهي.“

ملوڪان خوش ٿي چيو، ”ماسي آءٌ اوقراتا ڪٽي ويس تہ نيرن پي ڪيائين.“

شموءَ ٻئي هٿ مٿي ڪٽي دعا ڪئي، ”يا الله، جيجي جانل کي خوش رک، ساجهہ ڏي.“

زهره کي ٽري آڻيندي ڏسي ختوءَ ڊوڙ ڪري رڌڻي مان نڪري وٺانس ٽري ورتي.

”ائي، جيجي زهره پاڻ پيئي ٽانوَ ڪٽي اچي.“

زهره ڪلي ڪيس ٽانوَ ڏيئي چيو، ”پوءِ ڇا ٿيو ختو.“

”جيجي اسين آهيون نہ...“

”مائي شمو، هتي ويني آهين؟“ زهره رڌڻي جي دروازي وٽ اچي چيو. شمو نيرن ڪائي رهي هئي. گرهہ وات ۾ هئس. جواب ڏيڻ لاءِ ڳيت ڏنائين تہ، ان کان اڳ ملوڪان چيو، ”هينئر آئي آهي.“

”ڪٿان؟“

”جيجي اميران موڪليو هئس هيڏي هوڏي...“

زهره امير بيبي وٽ آئي جتي چار پنج سلائي مشينون رکيل هيون ۽ امير بيبي وهاڻن ۽ سوڙين جون وٺيون ۽ ڇيريون سبرائي رهي هئي. زهره کي ڏسي مشڪي چيائين، ”نيرن ڪئي اٿئي پٽ؟“

”ها چاچي صفا هينئر...“

امير بيبيءَ اٿندي چيو، ”پٽ، هاڻي هن ڪم جي نگراني تون ڪر، مان وري ٻين ڪمن کي منهن ڏيان.“

زهره مشڪي صابيءَ جي پر ۾ ويهندي چيو، ”چاچي هن ڪم کان بي فڪر ٿي وڃ.“

امير بيبيءَ سندس پيشانيءَ کي چمي ڏيندي چيو، ”رب وڏي ڄمار ڏي، هڪڙي هزارن جي برابر آهين. باقي افي، زبي ۽ گليءَ واريون تہ ڇڻ اوپريون آهن. نهارڻ بہ نٿيون اچن تہ...“

”چاچي، افي تہ مون سان گڏجي ٿي آئي پر ادا ڪمال جا ڪي شهري دوست آيا هئا ان لاءِ اچي نہ سگهي، اڄ تہ ضرور ايندي. باقي گل بيبي ۽ زبيده پنهنجي مرضي واريون آهن.“

امير بيبيءَ جي وجڻ کان پوءِ زهره صابيءَ کي چيو، ”ڏس صابي، ڪم جيترو بہ توکان تي سگهي اوترو ڪر پر صفائيءَ سان... تڪڙ ۾ ڪيل جهڙو تهڙو ڪم نہ ڪجي.“

صابيءَ کيس سبيل وهاڻا ڏيکاري چيو، ”هي سبيا اٿم، انهن ۾ صفائي ناهي ڇا؟“

زهره هڪڙو وهاڻو ڪڍي چيو، ”هي ڏس صابي، هتي مشين جو ٽانڪو وڏو رکيل آهي، ان کي ننڍو ڪر، ۽ هي بخيي جا ڌاڳا ۽ ڦرشل بہ ڪٽي ڇڏ.“

”گهٽي ڪم ۾ تہ ايئن ٿيندو آهي.“

”هڙو ڪم نہ هلندو صابي، مون اڳ ئي چيو اٿئي تہ ٿورو ڪم ڪر پر صفائيءَ سان هي تہ صفا بيڪار سبيو اٿئي، هن کي اديڙي ٻيهر سلائي ڪر.“

”جيجي، هي ڪيئن آهي؟“

ٻي مشين تي سلائي ڪندڙ جُليءَ کيس صوفن جون گاديون ڏيکاري چيو تہ زهره چيس، ”هي ڪجهہ ٺيڪ آهي پر اجان بہ بخيي جي سيڌ سهي رک.“

”السلام عليڪم ڪزن.“

ڪمال خان جي آواز تي زهره نهاريو تہ افروز ٺهڪ ڏيئي چيو، ”زهري، پنهنجي ڪزن کي تہ جواب ڏي.“

زهره اٿي ٻنهي سان ملي. ڪين جان بيبيءَ جي ڪمري ۾ وٺي آئي. جان بيبي ٻنهي کي ڏسي مشڪي پينگهي مان اٿي ڪين پليڪار ڏيئي ڪيڪاريو. ڪمال خان کي هلڪي گلابي رنگ جي گهنجيل ڪپڙن ۾ اداس اداس جان بيبي دل اندر لهندي محسوس ٿي، 'ڪاش جاني، آءٌ مير محمد جهڙو خوشنصيب هجان ها. جنهن جي نالي تون منسوب ٿي چڪي آهين.' افروز جان بيبي کي ڀاڪر پاتا تہ جان بيبي چيو، ”مان ۽ زهري يڪو پيا انتظار ڪريون ۽ اوهين اڄ آيا آهيو؟“

ڪمال خان اداس لهجي ۾ چيو، ”ڪير ٿو اسان کي ياد ڪري، اسين بس ايئن ئي پيا اچون.“

جان بيبيءَ کيس شڪايتي نظرن سان ڏسي چيو، ”ايئن چئي اسان جي سچن جذبن جي توهين تہ نہ ڪريو.“

”نيڪ آهي ڏوهہ سڀ اسان جي ڪاتي ۾ لکيا وڃن، ۽ نيڪيون اوهان جي حساب ۾ ڳڻيون وڃن هاڻي تہ خوش؟“

ڪمال خان ساڳي اداس لهجي ۾ جواب ڏيئي جان بيبيءَ ڏي نهاري سوچيو، ’منهنجا ٻڪ سدائين تو لاءِ دعا گهرندا رهيا ۽ تون بنا گهرڻ جي ڪنهن کي ملي ويئينءِ.‘ زهره ۽ افروز سڀ سمجهندي تہ ڪمال خان جڏهن بہ جان بيبيءَ کي ڏسندو آهي تہ ڪي گهڙيون ان ئي ڪيفيت ۾ رهندو آهي. سو سندس ڳالهہ جو جواب نہ ڏيندي جان بيبيءَ سان گڏجي پلنگ تي وينيون. جبار کي ڪمال خان جي اچڻ جي خبر پئي تہ هو تڪڙو تڪڙو جان بيبيءَ جي ڪمري ۾ آيو.

”يار ڪمال خان، مان توکي ڳوليندو وتان ۽ تون منهن بہ نٿو ڏيکارين؟“

ڪمال خان اتي ساڻس ياڪر پائي ملي چيو، ”آئوٽ آف سائٽ، آئوٽ آف مائنڊ. تنهنجو ڪو ڏوهہ ناهي جبار خان، ايئن ئي ٿيندو رهيو آهي. اک کان غائب تہ جبل بہ غائب، اسين بہ اکين کان اتريل ۽ غائب آهيون.“

جبار کيس حيرت مان ڏسي رهيو هو. سندس سمجهہ کان ٻاهر هو ڪمال خان جي اداسي ۽ ڏک وارو لهجو. ”ڇا ڳالهہ آهي ڪمال خان. ايئن ڇو پيو ڳالهائين؟“

ڪمال خان هڪدم پاڻ کي سنڀالي ورتو، ”اڇون تہ پيا، آيا تہ آهيون.“

جبار افروز سان ڪيڪاري چيو، ”افي، ڪمال تہ جڏهن بہ ايندو آهي پنهنجي جسم جي سڄي مناڻ گهر ۾ وساري ايندو آهي!“

ڪمال خان ٿهڪ ڏيئي جان بيبيءَ ۾ نهاري چيو، ”اسان جي جسم مان ڪنڌ ڪشيد ڪري اغوا ڪئي وئي آهي ۽ بازياب ٿيڻ جا ڪي امڪان ناهن ۽ تاوان ڏيڻ جي پوزيشن ۾ اسين ناهيون. هاڻي جي اوهان کي ڦڪا ۽ ڪڙا وٽون ٿا تہ حاضر آهيون.“

جبار ڪيس پاڪر پائي چيو، ”نہ يار، ايئن تہ نہ چئہ، تون منو آهين ماڪيءَ مصريءَ کان بہ وڌيڪ، پر جي تون ڪڙو هجين زهر جهڙو تہ بہ اسان جي اکين تي آهين. اسان کي قبول آهين.“

افروز زهره کي هٿ ۾ جهلي اٽاري چيو، ”هلو زهري، ادي حسنہ سان ملي اچون.“

”ها هلو، مان تہ صبح کان بہ تي پيرا وتس ويئي آهيان هوءَ جبار جي ڪنوار جي ڪپڙن کي ٽانڪڻ ۾ رڌل آهي.“

هو ٻئي ڪمري مان نڪري ورانڊي ۾ آيون. زهره افروز جي ڪن ۾ سرٻاٽ ڪيو، ”ادي حسنہ اميد سان آهي.“

”سچي، ڪائون مهينو اٿس؟“

”ڇهون مهينو اٿس. پيٽ بہ ٿورو اُڀريل اٿس سو ڍڪي پئي تي ۽ گهٽو ڪري مردن جي اڳيان نہ ٿي اچي.“ ٻئي ڪلنديون حسنہ جي ڪمري ۾ هليون ويون.

جبار، جان بيبيءَ جي ڪمري ۾ ڪمال خان کي چيو، ”يار، يڪو هفتو سڄو غائب هئين ڇو؟“

”ڀهرين آءٌ ڪراچي ويس، پوءِ ڪراچيءَ جا ڪي دوست هتي آيا، ايئن مصروف هئس.“

ملوڪان اچي چيو، ”سائين جبار، سائين حمل خان اوهان کي اوطاق ۾ سڏايو آهي.“

جبار اٿيو تہ ساڻس گڏ ڪمال خان بہ اٿيو. جبار ڪيس ويهاريندي چيو، ”ڪمال خان تون هتي ئي ويهہ آءٌ تڪڙو ئي اچان ٿو. شاديءَ جا ڪارڊ ڇپجي آيا آهن. انهن تي دوستن جا نالا لکڻا آهن.“

ڪمال خان وري صوفي تي ويهي رهيو. جبار ڪمري کان ٻاهر نڪتو تہ ڪمال خان جان بيبيءَ کي چيو، ”جاني، تون اڳ کان ڪجهہ ڪمزور پيئي لڳين ڇو، طبيعت تہ نيڪ آهي نہ؟“

جان بيبيءَ اکيون هيٺ ڪري چيو، ”مان تہ نيڪ آهيان، الائي افروز بہ ائين ئي پي چيو.“

”ڏس جاني، اسان ٻنهي ياءُ ۽ ڀيڻ جون نظرون ڪيڏيون حساس آهن تنهنجي لاءِ.“

جان بيبيءَ جي اندر بيچينيءَ جي لهر اٿي. هوءَ ڪمال خان جي عشق کان واقف هئي. کيس خبر هئي ته هو کيس انتهائي حد تائين چاهي ٿو ۽ موٽ ۾ هن کيس ڪڏهن به حوصلو نه ڏنو. هو ته اڪيلو ۽ تنها پاڻ ئي پاڻ ان راهه تي هليو هو ۽ جنهن ان راهه تي هلڻ لاءِ جان بيبي جو راضپو وٺڻ ضروري نه سمجهيو هو! هن سوچيو، هوءَ پاڻ به ته اڪيلي ۽ تنها طارق خان خان جي چاهه ۾ هلي آهي. هاڻي کيس احساس ٿي رهيو هو ته هن پنهنجي ئي خاندان ۾ پاڻ لاءِ چاهه جا ڪيڏا پريل بادل بنا ڪا اهميت ڏيڻ جي نڪرايا آهن ۽ هڪ رولاڪ ڪڪريءَ پويان پاڻ کي رولي ڇڏيو... پر اهو پڇتاءُ ته نه هو، هينئر به ڪمال خان جون پيار مان ٻڏل اکيون ڏسي کيس طارق خان جون تيز، گهريون، روشن اکيون ياد اچي کيس بيقرار ڪرڻ لڳيون، جيڪي جڏهن کيس ڏسنديون هيون ته سندس وجود جي آرپار لنگهي کيس پاڻ سان گڏ خوابن جي ماترين ڏانهن ڪاهي وينديون هيون. سندس اندر ۾ طارق خان جو چهرو جرڪي پيو ۽ جان بيبيءَ جو چهرو اندلٺ جا رنگ چورائڻ لڳو ۽ ڪجهه ئي لمحن کان پوءِ هوءَ اداسيءَ جي تصوير بنجي ويئي. ڪمال خان گهرين نظرن سان سندس جائزو وٺي رهيو هو. هن سوچيو، 'محبوب جا ڏک اسان ڪٺون جي هو اهو اعزاز اسان کي بخشي... محبتن جا ب عجيب سلسلا آهن... دل اسان جي بري روشني هن کي ملي، رت اسان جو هجي رنگ هن کي ملن، وجود اسان جو نپوڙجي، خوشبو هن کي ملي، اسين مرون ته پلي، زندگي محبوب کي ملي.' ڪمال خان ۽ جان بيبي، هڪ ٻئي جي سامهون خاموشيءَ سان وينل هئا. ڪمال خان اوچتو سوال ڪيو، "جاني، تون پنهنجي مڱڻي ۾ خوش آهين؟" جان بيبيءَ هيسيل هرڻيءَ جيان ڇرڪي چيو، "نه هجان پوءِ به ڪهڙو فرق ٿو پوي؟"

"ڇا مطلب آهي تنهنجو؟"

"ها، خوش نه به هجان تڏهن به ٿيندو ايئن ئي جيئن امان ۽ بابا چاهيندا."

"ڇا تون پنهنجا ڏک ڪنهن کي ڏيڻ پسند ڪندينءَ؟ منهنجي

لاءِ اهي بہ سوغاتون هونديون پر شايد تون محبت ڪرڻ وارن ڪي پنهنجي لائق نٿي سمجهين؟"

"ڪمال خان، مون کي وڏيڪ نہ ڏکوءِ!"

"معنيٰ تون اعتراف ٿي ڪرين تہ اڳ ڏکويل آهين..."

جواب ۾ جان بيبي ايئن مشڪيو ڄڻ روئي رهي هجي. سندس مرڪ ۾ لڙڪ تہ شامل نہ هئا بس، چمڪندڙ موتين جهڙن ڏندن جي ويجهو گلاب چپن جي ڪنڊ ۾ ڏک نمايان هو ۽ اڪيون ان ڏک جي ساک سچائيءَ سان ڏيئي رهيون هيون. روئڻهارڪيءَ مرڪ، نهايت سگهڙائپ مان ڏکن جي ڳري چادر سندس سڄي وجود تي وڇائي دل ۾ لڪل درد سميت سڄي وجود کي لڪائي ڇڏيو. "جواب ڇو نٿي ڏين؟"

ڪمال خان جو لهجو اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳو. جبار جي اچڻ سان ٻئي ماٺ ٿي ويا ۽ جان بيبي جواب ڏيڻ کان بچي ويئي. جبار ايندي ساڻ چيو، "هلو ڪمال خان، منهنجي ڪمري ۾ ٿا هلون. ڪارڊ اتي ئي رکيل آهن. تون پنهنجي دوستن ۽ واقفڪارن جا ڪارڊ پاڻ لکي ۽ ڪٽي وڃجانءِ."

ستار ڪمري ۾ اچي ڪمال خان سان ملي چيو، "مون کي هينئر جبار اوهان جي اچڻ جو ٻڌايو آهي افي ڪٿي آهي؟"

"اسان جي اچڻ جو ڪاٿو ئي ڪونهي يار!"

"تون سدائين ايئن ڇو چوندو آهين؟ اسين اوهان ڏانهن نٿا اچون؟ تون هينئر پنهنجي شادي ڪر، پوءِ ڏس تہ اسين ڪيئن سڄو ڪم سنڀاليون ٿا. تون پاڻ کي اسان کان ڌار ڇو ٿو سمجهين؟ سدائين ايئن ئي ڏک ۽ مهڻن ۾ ڳالهائيندو آهين. اسان تہ ڪابہ مهل گسائي ناهي چاچا هاشم خان سان."

"اهو تہ تون سچ ٿو چوين پر جنهن ڳالهہ لاءِ مون سوچيو هو ان کي اوهان اهميت نہ ڏني ۽ ان ڳالهہ کي مهڻو ۽ گلا ٿا سمجهو تہ مرضيءَ وارا آهيو."

ستار، امير بيبيءَ جو آواز ورانديءِ ۾ ٻڌي مشڪي چيو، "ٻڌ ڪمال خان، امان هينئر ٿي هتي اچي ۽ پوءِ تنهنجا ۽ امان جا حسب

دستور گلا ۽ عذر جا اڻکٽ سلسلا شروع ٿي ويندا.“
”چاچيءَ به هرويرو اسان سان بيواجبي ڪئي آهي.“
”افي ڪٿي آهي؟“ ستار موضوع بدلائڻ چاهيو. جان بيبي يڪي ماٺ هئي ان چيو، ”ادي حسنہ ڏانهن ويون آهن افي ۽ زهري.“
ستار ڪلي چيو، ”پوءِ تہ آءٌ پنهنجي ڪمري ڏانهن ٿو وڃان، تون منهنجي ڪمري ڏانهن هلين ٿو ڪمال خان؟“
جبار جيڪو ڪمال خان جي ڳالهين ۾ اداس ٿي ويو هو ان آهستي چيو، ”مان ۽ ڪمال خان منهنجي ڪمري ۾ ڪارڊن تي نالا لکڻ ٿا وڃون!“
ڪمال خان اٿندي چيو، ”پهرين ادي حسنہ سان ملي پوءِ ٿو اچان.“
”جلدي اچجين، ڳالهين ۾ ويهي نہ رهجين.“
ڪمال خان، ستار سان گڏجي سندس ڪمري ڏانهن ويو. جان بيبي اٿي ٻاهر ورانڊي ۾ آئي. جتي ملوڪان ۽ ختو ماني رکڻ جي تيارين ۾ هيون. جان بيبي کي ڪمري کان ٻاهر نڪرندي ڏسي ملوڪان چيو، ”جيجي، تون هتي ماني کائيندينءَ يا تنهنجي لاءِ ڪمري ۾ ماني آڻيان.“
”ڇري آهين ڇا، مان زهري، افي ۽ ادا ڪمال خان کان ڌار ماني کائينديس ڇا؟“
ختوءَ ڪلي چيو، ”ٻڌئي جيجي، ملوڪان جون ڦرڙيون ڳالهيون؟“
”الا جيجي، تنهنجي طبيعت اسان جون وايون بتال ڪري ڇڏيون آهن. صفا ٻاتاڙجي ويا آهيون. ويچاريون شمو ۽ آميءَ واريون تہ تنهنجي فڪر ۾ اصل وائڙيون ٿيون پيون هلن.“
”هينئر ٻئي ڪٿي آهن، صبح کان مون وٽ نہ آيون آهن.“
”جيجي اميران جي ڪمري ۾ آهن.“
جان بيبي هونئن تہ ارادو ڪري ستار جي ڪمري ۾ وڃڻ لاءِ ٻاهر نڪتي هئي پر وري پنهنجي ڪمري ۾ هلي آئي. ’تو مون کي

ڪيڏو تنها ڪري ڇڏيو آهي طارق خان، پريل جڳ ۾ توڪانسواءِ ڄڻ ڪو مٺ مائٽ يا سڳ سياڪو ڪونهيم. ڪا ته واٽ ڏي، ڪو ته ڏڳ ڏيکار مون موڙهيل ڪي! ڪيڏو ڏکيو آهين طارق خان. ڪاش! ڪجهه ڪندا تون پنهنجي وجود جي اوسي پاسي ڪان هٽائي ڇڏين ته ڪيڏي آساني ٿي پوي ها منهنجي لاءِ، ته به خير آهي مون ڪي ته تو تائين پهچڻ لاءِ رتوچاڻ ٿيڻو ئي آهي!' هو ڄڻ ڪنهن عزم سان اٿي ۽ پنهنجو موڊ فريش ڪري ستار جي ڪمري ۾ آئي. ڪمال خان، جبار جي ڪمري ڏانهن هليو ويو هو. زهره ۽ افروز ڪيس ڏسي خوش ٿيون. حسنه به خوش ٿي چيو، "آءُ جاني، هي ڏس ادا جبار جي ڪنوار جو ڳج ڪيڏو پيارو آهي ۽ هيءَ سوسيءَ جي سٿڻ."

جان بيبي خاموش، آهستي اچي وٽن ويٺي. "جاني، هن ڳج تي ڪهڙي رنگ جي سوسي نهندي؟"

"اوهان ڪهڙو رنگ چونڊيو آهي."

زهره چيو، "چاچيءَ ڳاڙهي سوسيءَ جو چيو آهي بلڪ گهرائي سبرائي به ڇڏي آهي پر ادي حسنه چوي ٿي ته نيري رنگ جي سوسي وڌيڪ خوبصورت لڳندي ۽ ادي حسنه به چاچيءَ وانگيان نيري رنگ جي سوسي گهرائي سٿڻ سبي ڇڏي آهي. هاڻي تون ٻڌاءِ ڪهڙو رنگ نهي تو؟"

جان بيبيءَ ڏٺو ته ڳج سان گڏ ڳاڙهي ۽ نيري رنگ جي سوسيءَ جون سٿڻيون رکيون هيون. حسنه مشڪي چيو، "ٻڌاءِ جاني، توکي ڪهڙو رنگ تو وڻي؟"

جان بيبيءَ اداسيءَ مان چيو، "مون کي نيرو رنگ پسند آهي پر ٿيندو ايئن جيئن امان چاهيندي ۽ ڳج واري سوٽ سان اهائي امان جي پسند واري ڳاڙهي سوسي ٽانڪبي!"

جان بيبيءَ جي لهجي ۾ اوتيل ڇڙ سيني محسوس ڪئي. زهره چرڪي پئي، "آهي ڇا جاني، هر ڳالهه جو چيڙو وجي ڇڙ ۽ اداسي سان ٿي ملائين! رنگن ۾ ڇا آهي، پلي جيئن چاچي چوي ايئن ئي ٿئي، سندس پٽ جي شادي آهي سندس ئي مرضي هلڻ گهرجي."

حسن مشڪي چيو، ”آءٌ تہ بئي سٽيون ٽانڪي ڇڏينديس!“
افروز ٺهڪ ڏيئي چيو، ”زنده باد ادي حسن، واقعي ايئن هئڻ گهرجي. جيڪڏهن مخالفت ۾ تنقيد مثبت آهي تہ سٺي ڳالهہ آهي. ان کي تسليم ڪرڻ گهرجي. ها ۾ ها ملائڻ سان مسئلا منجهي ٿا پون. اپوزيشن جو وجود پارليامينٽ لاءِ آڪسيجن جو درجو رکي ٿو!“
زهره کلي چيو، ”افي، ادا ڪمال خان ڪان پڙهندي آهين ڇا؟“
حسن ڳالهہ نہ سمجهندي چيو، ”طاهره کي تہ پاڻ مزو ملندو، جيڪو رنگ وٽندس اهو پائيندي.“
ملوڪان ۾ ختوءَ ماني رکڻ جو اطلاع ڏنو. جان بيبيءَ چيو، ”ادا ڪمال خان جبار جي ڪمري ۾ آهي نہ؟“
”هئو جيجي، اتي ئي آهي.“
”ٻنهي کي مانيءَ لاءِ سڏي اچو.“
سيني گڏجي ماني کاڌي، ڇانهہ تيار ٿي تہ اها وري سيني پنهنجي پنهنجي ڪمري ۾ گهرائي. ستار، جبار ۽ ڪمال خان ڪارڊن تي نالا لکي رهيا هئا تہ حمل خان اچي ٻڌايو تہ، طارق خان آيو آهي. ستار ۽ جبار هڪدم اٿيا. ڪمال خان جي طارق خان سان مهراب خان جي شادي ۽ جبار جي مڱڻي ۾ سواءِ رسمي ملاقات جي ٻي ڪا خاص ملاقات نہ ٿي هئي. باقي اها ڪيس خبر هئي تہ طارق خان، ستار ۽ ارن جو ويجهو مائٽ آهي، باقي ساڻس رسمي ملاقات دوران يا ستار ۽ جبار جي ڳالهين مان ۽ ساڻس بيحد محبت ۽ متاثر ٿيڻ مان ئي هو سمجهي ويو هو تہ طارق خان بيحد اهم ۽ غيرمعمولي شخصيت آهي. جبار چيو، ”ڪمال خان، هلين ٿو طارق خان سان ملڻ يا هتي ئي آهين؟“
”ضرور طارق خان سان ملاقات ڪبي.“
سيئي گڏجي اوطاق ۾ آيا. طارق خان انهن کي ڏسندي ئي ٽپ ڏيئي اٿي ساڻن مليو. سندس سيئي دوست بہ اٿي ساڻن مليا. طارق خان ڪمال خان ڏي ڏسي مشڪي چيو، ”هي نوجوان اوهان جو سئوٽ آهي نہ؟“ جبار مشڪي چيو، ”۽ بيحد پيارو بہ.“

ڪمال خان مرڪڻ لڳو. طارق خان کي دراز قد مضبوط هاٺي ڪاٺيءَ وارو خوبصورت ڪمال خان ڏاڍو وڻيو. جنهن جون چمڪدار اکيون سندس ذهانت جي گواهي ڏيئي رهيون هيون.

طارق خان مشڪي ڪيس چيو، "معاف ڪجو يار، مون کي اوهان جي نالي جي خبر ناهي. ايئن اوهان کي بہ منهنجي ناهي جي خبر نہ هوندي."

"منهنجو نالو ڪمال خان آهي ۽ مان اوهان جي نالي کان واقف آهيان."

طارق خان هلڪو ٽهڪ ڏيئي چيو، "منهنجو نالو هاڻي ٿي چاچا حمل خان يا ستار ۽ جبار ٻڌايو هوندو."

"منهنجي خيال ۾ تہ اوهان کي هڪ ڀيرو ڏسڻ کان پوءِ ڪوبہ وساري نہ سگهندو."

طارق خان مشڪي سندس مهرباني مڃي ۽ پوءِ سڀئي هڪ ٻئي سان حالي احوالي ٿيا. حمل خان اٿيو تہ طارق خان چيو، "چاچا، ڪنهن بہ تڪليف ڪرڻ جي ضرورت ناهي اسين بس، اوهان کي سلام ڪري اڳيان هلنداسين... دوستن جو شڪار جو پروگرام آهي. مهراب خان ڏانهن ويندا سين ۽ ساڻس گڏجي شڪار تي ويندا سين. گهٽا ڏينهن ٿي ويا هئا اوهان سان ملاقات ٿيندي. سو هليا آياسين."

ستار ۽ جبار آهستي اٿي هليا ويا. ڪمال خان چيو، "شڪار بہ هاڻي گهٽجي ويو آهي."

"واقعي صحيح ٿو چوين، مان تہ سالن ۾ ايندو آهيان."

ڪمال خان کي احساس ٿيو تہ سندس ڳالھ طارق خان کي ڏک ڏنو آهي. سو هڪدم چيو، "اوهان جي ڳالھ نٿو ڪريان... هي علائقا ۽ پٽ تہ اوهان جا پنهنجا آهن... آءٌ تہ ڌارين ۽ اوپرن جي ڳالھ ٿو ڪريان، جيڪي هتي اچي انڌيءَ ۾ شڪار ٿا ڪن... جن کي اسان جي پٽن ۽ علائقن جي سچائيءَ تي ڪوبہ قياس نٿو اچي چو جو انهن کي غرض بہ تہ ڪونهي نہ... باقي اسين پاڻ تہ ضرور اهو خيال ڪنداسين تہ اسان جا علائقا جانورن کان خالي ٿيندا پيا وڃن... پراون کي ڪهڙي پرواھ!!"

”ڪمال خان، مون کي خوشي ٿي تہ توکي ان ڳالهہ جو احساس آهي تہ اسان جا جهنگ ۽ جبل جانورن کان خالي ٿيندا پيا وڃن... اهو ساڳيو احساس مون وٽ بہ آهي ۽ مون تہ هاڻي تقريباً شڪار ڪرڻ بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ چاچا حمل خان ۽ مهراب خان وارا شاهد آهن تہ جبلن ۾ سرئن ۽ گڊن جا ڌڻن جا ڌڻ ڏسي بہ آءٌ هڪ يا ٻہ شڪار ڪندو آهيان... پر هي جيڪي عرب ۽ ٻيا غير ماڻهو اچن ٿا... مان تہ خير پنهنجي علائقن ڏانهن ڪين اک مٿي ڪٽي نهارڻ بہ نہ ڏيندو آهيان پر اسان جا ڪي ڪي بيغيرت ماڻهو لالچ ۾ پنهنجا پٽ سُجا ۽ علائقا ويران ۽ پٽڙيانگ پيا ڪن!“

طارق خان جي دوست سردار نيڪ محمد خان ڪلي چيو، ”ڪمال خان، هڪڙي ڳالهہ ضرور ذهن نشين ڪجين تہ، طارق خان جو ڪٽي بہ وڃڻ جانورن لاءِ وڏو تحفظ هوندو آهي... اسين ساڻس گڏ هوندا آهيون هو هڪڙو سرءُ ۽ گڊ يا هرڻ ماري سون ڪي بچائي ويندو آهي. جو جو طارق خان جنهن بہ پاسي ويندو آهي انهن علائقن جا نڙڪو شڪاري پنهنجي گراهڪن کي ان پاسي مهاڙ ڪرڻ بہ نہ ڏيندا آهن.“

حمل خان ٺهڪ ڏيئي چيو، ”بيشڪ... بيشڪ ٺيون ڏينهن بہ ٻہ ٽي اوپري قسم جا ماڻهو آيا هئا هتي مون وٽ اوطاق ۾، پڇيائون تہ پيلا سائين طارق خان جو هتي شڪار ڪرڻ جو پروگرام آهي؟ مون کي تہ ڪا بہ خبر نہ هئي سو، مون ڪين چيو تہ نہ...“

ان تان سيئي ڪلڻ لڳا. طارق خان ڪلي چيو، ”چڱو ٿيو چاچا جو اوهان کي منهنجي اچڻ جي خبر نہ هئي... هاڻي شڪار دوران جي ڪٽي غير ماڻهن جي شڪار پارٽي ملي تہ شڪار جو نالو ئي وساري ڇڏيندوسان.“

ستار ۽ جبار چانهہ ڪٽائي آيا تہ طارق خان اٿي حمل خان کي چيو، ”واپسيءَ ۾ الائي وقت ملي يا نہ... هينئر پلي دوست چانهہ پيئن ان وقت ۾ آءٌ اندر ملي اچان!“

حمل خان اٿيو ٻئي گڏجي اندر حويليءَ ۾ آيا. حمل خان ڪيس سڌو ئي امير بيبيءَ جي ڪمري ۾ وٺي ويو. امير بيبي طارق خان

ڪي ڏسي خوشيءَ مان وڏي ساٽس ملي.
”يلي ڪري آيا پٽ، ڪيترا ڏينهن تي ويا آهن جو منهن بہ نہ ڏيکاريئي.“
طارق خان ساٽس ملي. مشين هلائيندڙ ماين ۽ وڪريل ڪپڙن ڏانهن اشارو ڪري چيو، ”پڦي، هتي تہ پير رکڻ جي بہ جاءِ ناهي.“
امير بيبي ڪيس هٿ ۾ جهلي سندس لاءِ مخصوص ٿيل ڪمري ڏانهن وٺي ويندي چيو، ”پٽ، تنهنجو تہ پنهنجو بہ ڪمرو آهي.“
طارق خان ڪمري ۾ اچي چيو، ”پڦي هي تہ جيئن جو تيئن آهي. هتي يلا ڪوبہ نٿو رهي ڇا؟“
”پٽ، هي ڪمرو تہ تنهنجو آهي.“
”پڦي هينئر تہ مان شڪار لاءِ آيو آهيان. هڪ بہ منٽ ڳالهائي اٿندس!“
”تياريون تہ ڏسين پيو، جبار ۽ سندس پيءُ تہ تو وٽ آيا هئا.“
”ها پڦي، شاديءَ جا ڪارڊ مون ئي تہ ڇپائي ڏنا اٿن!“
”هئو پٽ، جبار ڳالهہ ڪئي هئي باقي جبار جي شاديءَ ۾ توکي اڳ اچڻو آهي شهناز کي وٺي باقي حسن جان نہ اسان سان مائٽي ئي نٿي ڪري.“
طارق خان ٿهڪ ڏيئي چيو، ”پڦي، پهرين تہ مون کي مبارڪ ڏي، مون کي ڌيءَ ڄائي آهي.“
امير بيبيءَ ۽ حمل خان جيڪو ان مهل ڪمري ۾ آيو هو حيرت مان چيو، ”ڪڏهن؟“
”هفتو ٿيو آهي... ۽ جبار جي شاديءَ ۾ وڃي مس مهينو بچيو آهي، شهناز ٺيڪ هوندي تہ وٺي ايندس نہ تہ نہ...“
”حسن جان سان تہ اسان جو سٽن سڱن مان ڇڻ هڪڙو بہ سڱ ڪونهي؟“
”پڦي مون اوهان جو ڏک ۽ ڏمر اديءَ کي ٻڌايو هو. ادي تہ ڇوي ٿي تہ هوءَ ٻنهي مڱڻن ۾ شريڪ ٿي هئي... ۽ هاڻي جبار جي شاديءَ ۾ آءٌ پاڻ ادي کي وٺي ايندس!“

”ونــي تہ آءٌ پاڻ ئي اينديس پر هوءَ رڳو اچي...“
”ضرور ايندي مون کيس چيو آهي تہ پڪي ڏمريل آهي.“
امير بيبيءَ مشڪيو تہ حمل خان چيو، ”طارق خان کي هتي چانهہ پياريو، هتي اوطاق ۾ نہ پيتي اٿس.“
طارق خان اٿي چيو، ”پڪي هاڻي ’ير تي ٿيئي چانهہ اتي ئي پيئندس.“
ٿيئي ڪمري کان نڪري ورانڊي ۾ آيا تہ سامهون حسن جي ڪمري مان جان بيبي، زهره ۽ افروز الائي ڪهڙي ڳالهہ تي کلنديون ٻاهر نڪتيون. سامهون طارق خان کي ڏسي ٿيئي حيرانيءَ مان هڪ ٻئي ڏانهن نهارڻ لڳيون. طارق خان کلي کين سلام ڪيو. زهره ۽ افروز ساڻس ملڻ لاءِ اڳيان وڌيون. جان بيبي جا قدم اتي ئي ڄڻ ڄمي ويا هئا. طارق خان وڌيون وکون کڻي وٽن آيو ۽ ساڻن کيڪارڻ لڳو. زهره کلي چيو، ”آيا آهيو يا وڃو پيا؟“
”آيو بہ آهيان ۽ وڃان بہ پيو...“
”بابا،“ جان بيبيءَ بي يقيني مان پيءُ ۾ نهاري چيو تہ حمل خان مشڪي چيو، ”پٽ، طارق خان شڪار تي پيو وڃي بس تنهنجي ماءُ سان ملڻ آيو آهي. ٻاهر سندس دوست انتظار ۾ ويٺا آهن.“
افروز خاموشيءَ سان رڳو طارق خان کي ڏسي رهي هئي جيڪو خاڪي، رنگ جي ڪپڙن ۾ نهايت وجيهہ ۽ شاندار لڳي رهيو هو. هن سوچيو، ’هن تي تہ هر رنگ سونهين ٿو... ڄڻ سيئي رنگ سندس لاءِ آهن!‘
طارق خان، جان بيبيءَ کي پريشان ڏسي چيو، ”واپسيءَ ۾ ڪوشش ڪندس هتي اچڻ جي.“ پوءِ مشڪي شاندار انداز ۾ سيني کي سليوٽ ڪري حمل خان سان گڏجي ٻاهر نڪري ويو. جان بيبي پنهنجي ڪمري ڏانهن مهاڙ ڪئي تہ زهره سمجهي ويئي تہ هاڻي تنهائيءَ جي ضرورت آهي. وڌي سندس هٿ جهلي چيائين، ”ڪيڏانهن؟“
جان بيبي ڄڻ هوش ۾ نہ هئي ڇرڪي چيو، ”ڇا ڪيڏانهن؟“

زهره ڪيس امير بيبي جي ڪمري ڏانهن وني ويندي چيو، ”هلو تہ ڏسون صابيءَ وارن ڪيترو ڪم ڪيو آهي؟“

ٽيئي گڏجي امير بيبي جي ڪمري ۾ آيون. ڪمري ۾ اچڻ سان جان بيبيءَ ڇرڪي ٻنهي ڏانهن نهاريو تہ افروز جي وات مان بي ساختہ رڙ نڪتي، ”اڙي هن ڪمري ۾ تہ طارق خان جي خوشبو آهي!“ زهره بہ حيرانيءَ مان چيو، ”ها، واقعي!“

صابيءَ مشڪي چيو، ”جيجيون، سائين طارق خان پهرين هتي آيو هو.“

”ڇو، ڪيئن؟“ جان بيبيءَ ڄڻ خيالن ۾ ڳالهايو.

”جيجي، هتي ويهڻ لاءِ جاءِ ڪٿي، سو جيجي اميران هوڏانهن وني ويئي هيس.“

جان بيبيءَ تہ ڪيس سندس لاءِ مخصوص ٽيل ڪمري ڪان ٻاهر نڪرندي ڏٺو هو. هوءَ ماءُ جي ڪمري مان نڪري تڪڙو تڪڙو طارق خان جي ڪمري ۾ آئي. سڄو ڪمرو طارق خان جي مخصوص خوشبوءَ مان واسيل هو. زهره ۽ افروز بہ سندس پٺيان ئي ڪمري ۾ آيون.

جان بيبي ٿڌو ساهہ کڻي صوفي تي ويني، ”هو الائي ڪيڏي مهل آيو هو؟ ۽ اسان کي ڪنهن ٻڌايو بہ نہ ۽ اسين بي خبر رهياسين، هو الائي ڪيتري دير هتي وينو رهيو!!“

”جاني، طارق خان ڪهڙي خوشبو لڳائيندو آهي؟“ افروز پڇيو.

”الائي؟“

”ضرور پڇجانءِ، مهرباني ڪري.“

زهره ٺهڪ ڏيئي چيو، ”آهي ڇا، ڄڻ جادوئي ڪمري ۾ آيون آهيو؟“

۽ ٻنهي جي اکين اڳيان پنهنجو هٿ گهمائي چيائين، ”هوش ڪريو بابا، هوش ڪريو!“

افروز ٺهڪ ڏيئي چيو، ”الا زهري، سچي بہ طارق خان طلسماتي شخصيت آهي... جانيءَ جو ڪو ڏوهہ ڪونهي.“

”افي، جانيءَ ڪان اڳ تنهنجي فاتحہ پڙهڻ گهرجي، هلو، هلو بئي هن ڪمري ڪان ٻاهر نڪرو، سچي بہ اوهان ٻنهي جي ذهني حالت تي مون ڪي شڪ ٿيڻ لڳو آهي.“

ٿيئي ڪمري ڪان ٻاهر نڪتيون. جان بيبي ڪمري جي دروازي تي هٿ رکي بيٺي تہ زهره سندس هٿ دروازي مان ڪڍي چيو، ”هن ڪمري کي تہ بابا، هاڻي مستقل تالو لڳائڻ ضروري ٿي ويو آهي.“

افروز زوردار ٺهڪ ڏنو ۽ جان بيبي بہ مشڪي پئي. سامهون ملوڪان کي ڏسي جان بيبيءَ چيو، ”ملوڪان، طارق خان جي اچڻ جو اسان کي ڇو نہ ٻڌايوَ؟“

ملوڪان، ختوءَ کي سڏ ڪندي چيو، ”ائي ختو، مون چيو هو نہ تہ جيجي جانل اسان تي ڪاوڙبي تہ ڇو نہ ٻڌايو. اها ئي ڳالهہ ٿي نہ؟“

”جيجي قرآن جو سنهن تہ سائين ستار وارن اسان کي رڌڻي کان ٻاهر نڪرڻ ئي نہ ڏنو... مٿي تي بيهي چانهہ وغيره ٺهرائي پوءِ ويا، ان مهل تائين سائين طارق خان اندر اچي ويو هو.“

حمل خان ۽ ستار اچي ٻڌايو تہ، جبار ۽ ڪمال خان بہ طارق خان سان گڏجي شڪار تي ويا آهن.

”جبار کي تہ شڪار ڪرڻ جو شوق ڪونهي پوءِ ڪيئن ويو؟“ امير بيبي پڇيو. ستار چيو،

”امان، طارق خان ٻنهي کي شڪار تي هلڻ جي صلاح هنئي تہ ڪمال خان هڪدم اچي پنهنجي جيپ اسٽارٽ ڪئي ۽ ڪمال خان کي ڏسي جبار بہ تيار ٿيو.“

امير بيبيءَ چيو، ”واپسي تہ رات جو ئي ٿيندي نہ؟“

”نہ امان، رات جو ڪٿي ايندا! سرء ۽ ڳڊ جو شڪار تہ ٿيندو ئي سج نڪرڻ کان پوءِ آهي. سو سڀاڻي ايندا سو بہ جي شڪار مليو تہ...“

ملوڪان دسترخوان هٿ ۾ کڻي آئي تہ حمل [illegible] راڄ ۾ نهاري چيو، ”رات جي مانيءَ جي مهل [illegible] آهي؟“

امبر بيبيءَ مشڪي چيو، ”سائين جن جي واپسي اوطاق مان مسين مسين ٿيندي آهي.“

حمل خان کلي چيو، ”طارق خان وارا نڪتا تہ وري ٻيا ماڻهو آيا انهن سان ويهڻو پيو.“

ستار اتي پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو ويو هو. ماني گهڻو ڪري سيئي گڏجي ورانڊي ۾ ڪائيندا هئا. حمل خان ۽ امير بيبيءَ جي اڳيان دسترخوان وڇائي ماني رکي، ستار ۽ جان بيبيءَ جي ڪمرن ۾ وڃي ڪين مانيءَ جو چئي آئي. ستار حسنہ سان گڏجي ورانڊي ۾ آيو. حسنہ کي ڏسي حمل خان چيو، ”پٽ، طبيعت ڪيئن اٿئي؟“

”نيڪ آهيان بابا.“ حسنہ، حمل خان ۽ امير بيبيءَ کي امان ۽ بابا چوندي هئي. جان بيبي، زهره ۽ افروز بہ گڏجي اچي دسترخوان تي وينيون. جان بيبيءَ چيو، ”ادا ڪمال خان ۽ ادا جبار وارا ڪٿي آهن؟“

ستار کلي چيو، ”اهي ٻئي طارق خان سان گڏجي شڪار تي ويا آهن.“

جان بيبيءَ چڙڪي زهره کي ڏنو ۽ افروز چيو، ”ايئن وري ڪيئن؟ ادا ڪمال خان تہ مون کي چيو هو تہ رات جو گهر هلنداسين.“

امير بيبيءَ افروز ڏانهن نهاري مصنوعي ڪاوڙ مان چيو، ”افي پٽ، تون ۽ ڪمال خان ٻئي اسان سان يڪو ٻيائيون ڪندا پيا اچو. زهره کي هينئر پورو هفتو ٿيڻ وارو آهي، جڏهن تہ ادي آمنہ جي طبيعت بہ چاڪ ناهي پوءِ بہ منهنجي لاءِ ڪري ويني آهي ۽ تون...“

”واهہ چاچي واهہ، اسين تہ جانيءَ جي سڳ تان رنل آهيون، انهن کي پرچائڻ نهيو، اجان بہ اسين مياري؟“

حمل خان وڏو ٽهڪ ڏيئي چيو، ”سنو پٽ سنو، چاچهين کي پورو تہ چيئي.“

جان بيبيءَ جي چهري جو رنگ ڳاڙهو ٿي ويو... غصو، ڏک ۽

الائي کهڙين ڪيفيتن جي ڪري، امير بيبيءَ مشڪي چيو، ”آهيو تہ بئي چاچو ۽ ياڻتي پورچيا پر هاڻي ماني کائو تڏي تي ٿئي.“

ماني کائي پنهنجي ڪمري ۾ اچي جان بيبيءَ افروز کان پڇيو، ”ادا ڪمال خان جي طارق خان سان هي پهرين تفصيلي سڃاڻ ۽ ملاقات آهي يا اڳ بہ ڪڏهن هو مليا هئا؟“

”نہ اڳ تہ منهنجي خيال ۾ ڪڏهن بہ سندن ملاقات نہ ٿي آهي. هاڻي خدا ڪري تہ طارق خان اسان جي گهر پيو اچي!“

”هوشيار جاني، پر ۾ ئي رقيب پيدا ٿي ويو اٿئي.“

”هو منهنجو آهي ئي ڪٿي، جو رقيبن جو خوف ڪريان.“

سڄي رات جان بيبيءَ کي ننڊ نہ آئي. پاسا ورائي ورائي ٿڪجي پئي سندس اندر واري بيچيني ڪيس پاڻ بہ عجيب لڳي. صبح جو سيئي نيرن ڪري مس اٿيا تہ ڪمال خان بيحد گهبرايل ۽ خوفزده تقريباً ڊوڙندو حويليءَ اندر آيو. سيئي وراندي ۾ ويٺل هئا. ڪمال خان کي اهڙي حالت ۾ ڏسي سيئي گهبرائجي اٿي بيهي رهيا! ڪمال خان جون اکيون قاتل ۽ ساهہ چڙهيل هو. حمل خان ۽ ستار سندس ڪلهي تي هٿ رکي پڇيو، ”خير تہ آهي؟“

ڪمال خان ساڳي خوف مان چيو، ”خير ئي تہ ڪونهي!!“

”چاهي، ٻڌائين ڇو نٿو؟“ سيئي ڪيس وڪوڙي ويا.

”طارق خان کي گولي لڳي آهي!!“

سيني کان رڙيون نڪري ويون. ”ڇا؟“

”آئي گهوڙا!!“

جان بيبيءَ ڏانهن ڪنهن جو بہ ڌيان نہ هو. هوءَ اها خبر ٻڌڻ ساڻ هوش ڇڏي ويئي هئي. ڪيس لڳو، سندس پيرن جي هيٺيان زمين ڪسڪي ويئي آهي... زمين آسمان ملي هڪ ٿي ويا آهن ۽ ڀونڪمپ جي ڪري زمين ڌرن جي صورت ۾ وڪري رهي آهي... ۽ هن اچي زمين تي ڦهڪو ڪيو. ڪرڻ جي آواز تي سيني نهاريو. زهره ۽ افروز نهايت گهبرايل هيون. سيني هڪدم جان بيبيءَ کي کنيو. مايون پاڻي ڪڻڻ لاءِ ڊوڙيون. ڪنهن کي بہ هوش نہ هو.

”گولي ڪيئن لڳي؟“

”ڪنهن هنئين؟“

ڪمال خان پنهنجو ساهه سنڀالي چيو، ”مون کي ته ڪا به خبر پئجي نه سگهي مان ته پنهنجي ئي جيپ ۾ هئس جبار طارق خان سان گڏ ويٺل هو.“

امير بيبيءَ گهبرائي چيو، ”جبار ڪٿي آهي. اهو ته خيريت سان آهي نه؟“

”ها، جبار ٺيڪ آهي، ۽ طارق خان سان گڏجي ڪراچي ويو آهي.“

ستار تشويش مان چيو، ”ڪهڙي صورتحال آهي، ڇا خطرناڪ؟“

”ڪجهه به چئي نٿو سگهجي!“

حمل خان چيو، ”ڇا دشمني آهي، گهڻا ئي سندس دشمن آهن.“

”چاچا، مان ته اجا ڪجهه به ٻڌائڻ جي پوزيشن ۾ ناهيان. بس طارق خان جي حالت سهي ناهي، الله خير ڪري.“

ستار به چڻ سڪتي ۾ هو. بس، سندس زبان مان اهي ئي لفظ نڪتا، ”الله خير ڪري...“

حمل خان ساڳي بيچيني مان پڇيو، ”گولي ڪيئن لڳي؟“

”چاچا، مون چيو نه ته آءٌ پنهنجي گاڏيءَ ۾ هئس... گوليءَ جي آواز تي گهبرائجي اڳتي وڌيس... ته طارق خان رت ۾ ٻڏل هو ۽ رت تيزيءَ سان وهي رهيو هو!!“

امير بيبيءَ ڏانهن ڪري گوڏن تي هٿ هڻي چيو، ”ائي گهوڙا، منيس، منهنجي بادشاهه پٽ کي ڇا ٿيو. ڪنهن جي نظر لڳي.“

ڪمال خان چيو، ”ٻيا ته سڀ گهبرائجي ويا هئا باقي سردار نيڪ محمد خان ۽ جبار مڙسي ۽ حاضر دماغي ڪئي جو هڪدم ڪيس سندس ئي لينڊ ڪروزر ۾ ليٽائي ڪراچي ڪٺائي ويا. مان به جيڪر ساڻن گڏ هليو وڃان پر رڳو اوهان کي ٻڌائڻ ضروري هو. هاڻي وڃان ٿو ڪراچي.“

امير بيبي ٻئي هٿ مٿي تي رکي ساڻي ٿي هيٺ پٽ تي ويهي رهي. حسنه کي ستار سندس ڪمري ڏانهن وڃڻ جو اشارو

ڪيو. هوءَ ڏاڍي گهبرايل هئي. جان بيبيءَ کي زهره، افروز ۽ مايون سندس ڪمري ڏانهن وٺي ويون. حمل خان صبر مان چيو، ”پٽ ڪمال خان، چانهه پاڻي ته پيءُ.“

”نه چاچا، سوال ئي پيدا نٿو ٿيئي! طارق خان جي حالت نيڪ نه هئي چاچا.“

امير بيبيءَ روئندي اٿي چيو، ”اسين به ٻئي توسان گڏجي ٿا ڪراچي هلون!“

ملوڪان چانهه پاڻي کڻي آئي. حمل خان پاڻيءَ جو گلاس کڻي ڪمال خان کي ڏيئي چيو، ”پٽ، هيءُ پيءُ“ ڪمال خان گلاس وٺي تڪڙ مان غٽ غٽ ڪري پي ويو ته حمل خان چانهه جو ڪوپ ڪنيو... ڪمال خان سختيءَ سان انڪار ڪندي چيو، ”نه چاچا نه... مون کي دير نه ڪرايو، هلو ٿا ته هلو، نه ته آءٌ وڃان ٿو.“

ماين امير بيبيءَ کي وڏي چادر آڻي ڏني اها پائي هن ستار کي چيو، ”پٽ، تون گهر ۾ هج. الله طارق خان کي وڏي ڄمار ڏي... اسين وڃون ٿا!“

ڪمال خان اڳ ئي گاڏي اسٽارٽ ڪري ويٺو هو. جيئن ئي حمل خان ۽ امير بيبي ويٺا ته گاڏي حويليءَجي گيٽ کان ٻاهر نڪري ويئي. ستار حسنه کي تسلي ڏيئي جان بيبيءَ جي ڪمري ۾ آيو ته جان بيبي مڇيءَ وانگيان تڙپي رهي هئي. سندس بي ترتيب ساهه ڏسي ستار گهبرائجي ڪمري کان ٻاهر نڪتو. زهره به ڊوڙ ڪري سندس پويان نڪتي، ”ادا، ڊاڪٽر کي وٺي اچ. پهرين ته ماٺ هئي پر هاڻي ساهه کڻڻ ۾ پيئي تڪليف ٿئيس.“

”ها، مان ڊاڪٽر وٺي ٿو اچان تيسين اوهين جانيءَ کي سنڀاليو.“

ستار حويليءَ ڪان ٻاهر نڪتو ته سامهون جيپ ۾ مظهر خان اچي رهيو هو. ستار کي گهبرايل ڏسي هڪدم پريشان ٿي وٽس آيو. ”خير ته آهي ستار؟“

”خير ڪٿي آهي يار، جانيءَ جي طبيعت نيڪ ناهي. ڊاڪٽر کي وٺي اچڻو آهي.“

مظھر خان پريشانيءَ مان چيو، ”ھلو... ھلو جلدي ڪر...“
مظھر خان پنھنجي جيپ ۾ وينو ستار بہ اچي ساڻس گڏ وينو. جيپ اڳيان ھلي تہ ستار چيو، ”مظھر خان غضب ٿي ويو آھي، طارق خان کي گولي لڳي آھي.“
مظھر خان جي ھٿن مان ڄڻ اسٽيئرنگ ڇڏائجي ويو. ”ڪيئن، ڪٿي، ڪڏھن؟“ ۽ پوءِ ستار کي جيتري خبر ھئي اھا ھن مظھر خان کي ٻڌائي.
”جانيءَ کي ڇا ٿيو آھي؟“
”طارق خان کي گولي لڳڻ جو ٻڌي ھوءَ ھيٺ ڪري پيئي.“
”جاني ھيٺ ڪري پيئي؟“
”ھا، زھري ۽ افي بہ ھيون ۽ مايون بہ... سيني ڪيس ڪٺي سندس ڪمري ۾ ليٽايو. حسن جي طبيعت بہ ٺيڪ نہ ھئي اھا بہ گھٽي گھٻرايل آھي مان ڪيس تسلي ڏيئي وري جاني وٽ آيس تہ ھوءَ صفا تڙپي رھي ھئي.“
”جاني حساس آھي، ايڏي وڏي ڳالھہ اوچتو ٻڌي صدمو ٿيو ھوندس.“
ٻئي ڊاڪٽر کي وٺي آيا. جان بيبيءَ جي حالت ۾ ڪابہ بحالي نہ آئي ھئي. ڊاڪٽر ڏسي چيو، ”ڪنھن ڳالھہ يا ڪنھن واقعي جو ذھن تي ٽينشن اٿس... يا تہ ڪو صدمو رسيو آھي.“ ڊاڪٽر ڪيس آرام جي انجيڪشن لڳائي چيو، ”جيترو بہ آرام ڪري اھو سندس لاءِ بھتر آھي. اوھان ڪيس چانھہ پاڻي يا دوا لاءِ نہ اٿارجو.“
مظھر خان جون نظرون جان بيبيءَ تي ھيون جيڪا نيم بيھوشيءَ جي حالت ۾ حسن جو شاھڪار لڳي رھي ھئي. ’جاني، ڪاش تون مون کي ملين ھا، تہ مان جيڪر پاڻ کي دنيا جو خوش قسمت انسان سمجھان ھا. مان تہ توکي گلن کان بہ وڌ پاڻيان ۽ سنڀاليان ھا. جاڻان ٿو تنھنجي طلب تنھنجي تمنا اجائي آھي، تنھنجو ملڻ محال آھي پر پوءِ بہ سڄي زندگي تنھنجي گھرج تنھنجي جستجو رھندي.‘ ”ھلون مظھر خان، ڊاڪٽر کي ڇڏي اچون.“ ستار جي آواز تي مظھر خان ڄڻ ڇرڪي پيو. ڊاڪٽر کي وٺي ٻئي ٻاھر نڪتا.

زهره افروز کي چيو جيڪا ڏاڍي پريشان ۽ ڊنل هئي، ”افي، هينئر تہ جاني آرام ۾ آهي الله سائين، طارق خان کي وڏي حياتي ڏي... نہ تہ جاني مري ويندئي!“

افروز درڙي ڪري دانهن ڪئي، ”نہ زهري... ہي ڪابہ ڳالهہ نہ سوچ! الله طارق خان کي وڏي حياتي ڏيندو، ڪيس ڪجهہ بہ نہ ٿيندو.“

افروز جون اکيون وسڻ لڳيون. زهره ڪيس حيرت مان ڏٺو تہ هوءَ چلڪي پيئي، روئيندي چيائين، ”زهري، مون کي غلط نہ سمجهجانءِ. باقي طارق خان کي جيئرو رهڻو آهي دنيا جي سونهن ۽ سوڀيا لاءِ. اهڙا ئي شاندار ماڻهو جيڪي ماڻهپي جو شان آهن. انهن کي دنيا ۾ رهڻ گهرجي.“

زهره پاڻ بہ دل ئي دل ۾ طارق خان جي حياتي ۽ صحتيابي لاءِ دعائون گهري رهي هئي.

افروز جي حالت تي ڪيس تعجب ٿي رهيو هو، جيڪا اکيون بند ڪري طارق خان لاءِ ڪجهہ آهستي ۽ ڪجهہ بلند آواز ۾ دعا گهري رهي هئي. زهره، جان بيبيءَ کي ڏٺو جيڪا سندس اڳيان طارق خان جي محبت جي جيئري تصوير بڻي ستي پيئي هئي ۽ سندس اکين مان ڪو ڪو لڙڪ نڪري ڪنن ڏانهن پي ويو... هاڻي ڇا ٿيندو؟ هُتي بہ الائي ڪهڙو حال هوندو؟ جاني بہ سجاڳ ٿي الائي ڇا ڪري؟ جان بيبي بيهوش مات ستي پئي هئي. لڙڪن جون بوندون وقفي وقفي ۾ ظاهر پئي ٿيون، زهره کي لطيف جو بيت ياد آيو:

> پاهر لڳهہ نہ ڪو، اندر جهور جهڙ وسي،
> وسائيندي وڇڙي، حب نہ جنين هوءِ،
> لالن جنين لوءِ، سي اوڪاڻين نہ اکيون.

# باب چوڏهون

طارق خان کي گولي لڳڻ واري خبر جهنگ ۾ باهہ وانگيان پکڙجي ويئي. هر هڪ جي مهاڙ ان اسپتال ڏانهن هئي جتي طارق خان داخل هو. سندس دوست، واقفڪار ۽ راڄ جا ماڻهو سيئي اسپتال ۾ ڳاهٽ ٿي رهيا هئا. اندر طارق خان سان ملڻ جي ڪنهن کي بہ اجازت نہ هئي. اسپتال جو لان ۽ ڪاريڊور طارق خان جي ماڻهن مان پريل هئا، جيڪي سندس وڏي حياتيءَ لاءِ دعائون گهري رهيا هئا. گهر ۾ شهناز کي تسلي ڏيڻ ۽ همٿائڻ لاءِ سندس پائرن، پينرن ۽ ٻين مائٽن سان گڏ امير بيبيءَ بہ هئي جيڪا کيس حوصلو ڏيئي رهي هئي. ۽ هتي پنهنجي گهر ۾ طارق خان جي اڪيلي، هڪڙي پيڻ حسن جان صدمي کان بيحال هئي. بہ ئي بہ تہ هئا پاڻ ۾ پاءُ ۽ پيڻ! ۽ ٻنهي جي پاڻ ۾ محبت بہ پهاڪي پيل هئي. حسن جان کي پنهنجو پاءُ پنهنجي جان کان بہ پيارو هو ۽ شايد پنهنجي ٻچن کان بہ پيارو هو جو اڄ کيس پنهنجي نندڙن پٽن منير ۽ تنوير جي بہ ڪا پرواهہ نہ هئي، جو جيئن ئي پاءُ جي اها خبر ٻڌائين هوش ۽ حواس وڃائي ويني. صفا بيهوش ٿي ويئي. ڪيترائي ڊاڪٽر آيا جن مس مس هوش ۾ آندس ۽ هوش ۾ ايندي ساڻ پاءُ جي گهر پهتي. شهناز کيس ڏسندي ئي چڙي پئي، ”تو پنهنجي پاءُ کي مون کان ڌار ڪرڻ لاءِ نيون راهون ڳوليون ۽ کيس صلاحون ڏيئي ايڏانهن موڪليندي هئينءَ، هاڻي ڏٺئي ان جو نتيجو؟“ حسن جان تہ ڄڻ ڪجهہ ٻڌوئي نٿي. هن جو تہ ڄڻ سڀ ڪجهہ لٽجي رهيو هو. هوءَ اکيون ڦاڙي سڄي گهر ۾ طارق خان کي ڳولي رهي هئي. امير بيبيءَ ڪاوڙجي شهناز کي چيو، ”هوش ڪر امان هوش ڪر، ڪنهن سان پيئي ڳالهائين، خبر بہ اٿئي يا نہ، حال تہ ڏس حسن جان جو اڃي ٻاڦ ٿي ويئي آهي. نهار تہ سهي، هوءَ تنهنجون ڳالهيون ٻڌي بہ ٿي ڪي نہ؟“ سيئي مايون حسن جان کي ڏسي روئڻ لڳيون.

امير بيبيءَ ڪيس ويهارڻ چاهيو پر ڪيس قرار ڪتي هو. وري هڪدم طارق خان جي گهر مان گهبرائجي ٻاهر نڪتي. ڪيئي مايون سندس پويان آيون ۽ ڪيس سندس گهر وٺي آيون. هوءَ پنهنجي هوش ۾ نـہ هئي سندس گهر وارو سڪندر خان ان مهل اسپتال مان آيو هو ان ٻڌايس، ”طارق خان جي حالت هاڻي خطري کان ٻاهر آهي.“

حسن جان اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. سڪندر خان پنهنجي خوبصورت، ذهين ۽ پرجهلي زال ۾ نهاريو جيڪا پاءُ جي ڏک ۾ صفا وڪري ويئي هئي. ”آءٌ خاص تنهنجي لاءِ اسپتال مان واپس آيو آهيان. مون کي خبر آهي تـہ توکي پيو ڪوبـہ دلاسو ڏيئي نـہ سگهندو. مون پاڻ طارق خان کي هوش ۾ ايندي ڏٺو آهي.“

”مون کي اسپتال وٺي هل!“ هوءَ مڙس اڳيان جهڻ ٻاڏائڻ لڳي.

”اسپتال ۾ تمام گهڻا ماڻهو آهن. اتي خاندان جي عورتن جي وڃڻ جي جاءِ ئي ناهي، پر آءٌ توکي پاڻ سان گڏ رات جو طارق خان ڏانهن وٺي ويندس. خدا ڪري تـہ ڊاڪٽر ساڻس ملڻ جي اجازت ڏين. هينئر تـہ آءٌ بـہ ڪيس پري کان ڏسي آيو آهيان.“

حسن جان هڪدم صدقي ۽ خيرات جا وهيٽ گهرائي پنهنجي گهر جي در تي کهائي ڇڏيا. حسن جان جو گهر ماڻهن سان ڀريل هو. پر هوءَ پاڻ کي تمام گهڻو اڪيلي سمجهي رهي هئي. ماين ڪائنس سوالن جي لانڍ لڳائي ڇڏي هئي. ”گولي ڪٿي لڳي آهي؟“

”گولي ڪنهن هنئين آهي؟“

”دشمني هئي يا اپا ڪان لڳي آهي؟“

جيترا وات اوترا سوال. حسن جان کي اجان پاڻ بـہ انهن سوالن جي جوابن جي خبر نـہ هئي تـہ هوءَ انهن کي ڪهڙا جواب ڏي.

جبار جڏهن اسپتال مان طارق خان جي گهر اها خبر ڪٺي آيو تـہ، طارق خان کي هوش اچي ويو آهي تـہ امير بيبي ساڻس گڏجي حسن جان جي گهر آئي.

”حسن جان پٽ، الله وڏو ڪرم ڪيو آهي طارق خان جي جان بچائي.“

جبار بہ ڪيس سڄي ڳالھہ ٻڌائي. ھوءَ سجدي ۾ وڃي رب جا شڪرانا مڃڻ لڳي.

امير بيبيءَ سوچيو، ’جھڙو طارق خان لائق آھي تھڙيئي سندس پيڻ، شھناز ۽ سندس مائٽن ڪي تہ الائي ڪھڙو ساڙ آھي ٻنھي ياءُ ۽ پيڻ سان؟‘ حسن جان ڪي چرين جيان سجدا ڏيندي ڏسي امير بيبي ماين ۾ نھاري چيو، ”امان، جتي باھہ ٻري اھوئي ھنڌ سڙي، ابي جي ڏيءَ آھي تہ فرق بہ ڏسو! ھتي طارق خان جي گھر ۾ ۽ ھتي حسن جان جي گھر ۾، شھناز رسي تہ پلي ست پچائي ڪائي ڏک ھتي آھي، ھتي رڳو ٽاڏوڙا آھن.“

امير بيبيءَ اٿي اچي حسن جان ڪي مصلي تان اٿاريو ۽ ڪيس ڪير وغيره زوري بہ ٿي ڏڪ پياري، وري جبار سان گڏجي طارق خان جي گھر آئي. حمل خان ۽ ڪمال خان اسپتال مان آيل ھئا. امير بيبيءَ چيو، ”سيئي اسپتال مان آيا آھيو ڇو؟“

حمل خان چيو، ”طارق خان جا ايڏا تہ دوست ۽ جان نثار آيا آھن جو اسان جيڪي سندس مائٽ آھيون اھي ڪنھن بہ ليکي ۾ ناھيون. ھڪڙو سڪندر خان اتي آھي باقي ٻيا سڀ سندس دوست آھن. سردار نيڪ محمد خان تہ طارق خان جي پلنگ تان ڦيرا ڏيئي پاڻ ڪي گھوري ۽ صدقو ڪري آيو آھي.“

امير بيبيءَ جي اکين مان لڙڪ ڪرڻ لڳا. ”بھادرن جا دوست بہ بھادر ھوندا آھن.“

وري جبار ۽ ڪمال خان ڏانھن نھاري چيائين، ”ابا اوھين ٻئي ھاڻي گھر ڏانھن وڃو، اتي بہ الائي ڪھڙو حال ھوندو، جاني تہ ان مھل ئي ڪري پيئي ھئي. مان تہ ايئن ئي ڪيس ڇڏي آئي ھيس. منھنجا تہ ھوش ئي خطا ھئا ان مھل، حسن جي طبيعت بہ سھي نہ ھئي، اھا بہ الائي ڪيئن ھوندي، سندس لاءِ بہ ھي صدمو نيڪ نہ ھو الله سائين، طارق خان کي وڏي ڄمار ڏي، اوھين گھر وڃي خير جي خبر ڏيو تہ انھن جي دل جاءِ تي اچي.“

طارق خان جي ھوش ۾ اچڻ سان ڄڻ سيني کي ھوش اچي ويو ھجي.

جبار چيو، ”امان، جيسين طارق خان کي مڪمل هوش نٿو اچي آءٌ ڪيڏانهن به نه ويندس، هو آءِ سي يو ۾ آهي مان ڪيئن ٿو ڪيس هن حال ۾ ڇڏي سگهان؟“

ڪمال خان چيو، ”چاچي، تون نيڪ ٿي چوين، هتي الائي ڪهڙو حال هوندو... مان وجان ٿو پر سپاٽي وري موٽي ايندس... مون کي به هتي آرام نه ايندو.“

ڪمال خان جي اڳيان جان بيبيءَ جو گلاب چهرو ۽ اهو منظر اچي ويو جڏهن جان بيبي طارق خان جي خبر ٻڌي بيهوش ٿي ڪري پيئي هئي! طارق خان جي سيريس حالت جي ڪري هو رڪجي ويو هو نه ته جان بيبي جو فڪر ڪيس پل پل هو، پر ماءُ پيءُ کي خاموش ڏسي هوبه ماٺ ٿي ويو هو. حمل خان چيو، ”پٽ، اڪيلو ڪيئن ويندين؟“

”اڪيلائي ڪهڙي، مان ڪو ٻار آهيان ڇا؟“

امير بيبيءَ چيو، ”هتي مهراب خان آهي. تون ۽ جبار گهر تان ور ڏيئي اچو.“

جبار ماءُ کي ٻڌايو، ”امان، ادا مهراب خان طارق خان لاءِ رت جون به بوتلون ڏنيون آهن. مون ۽ ڪمال خان به رت ڏيڻ چاهيو هو پر طارق خان کي رت ڏيڻ وارن جون ته قطارون لڳي ويون هيون.“

ڪمال خان متاثر ٿي چيو، ”سچ به طارق خان لائق مڙس آهي.“ اٿي چيائين، ”هاڻي مان هلان ٿو جبار پلي هتي ئي هجي.“

حمل خان اٿندي چيو، ”مان توسان گڏ ٿو هلان!“

ڪمال خان اچرج مان چيو، ”چاچا، ان لاءِ ٿا هلون ته مان اڪيلو آهيان، مان ته ڪراچي هميشه اڪيلو ئي ايندو آهيان.“ حمل خان چيو، ”ايئن نه، مون کي جانيءَ جو ذڪر آهي.“ ۽ ٻئي حمل خان ۽ ڪمال خان ڳوٺ هليا ويا.

## باب پندرهون

پورن ٻارهن ڪلاڪن کان پوءِ جان بيبي سجاڳ ٿي اکيون کولي هيڏي هوڏي نهارڻ لڳي. زهره، افروز، ستار، حسن ۽ مظهر خان وينل هئا. آمي، امير بيبيءَ سان گڏ ڪراچي ويئي هئي باقي شموءَ روئڻ سان پور ڪري ڇڏيا هئا. ملوڪان ۽ ختوءَ ڪي ٻه روئاڙي روئاڙي ساڻو ڪري وڌو هو. رڏٽي ۾ اچي شمو پار ڪيدي روئڻ لڳي ته سيئي روئڻ لڳيون. زهره رڏٽي ۾ اچي چيو، ”جاني جاڳي آهي، چانهه بنائي ڪٽي اچو.“

پهرين ته سيئي ڊوڙي جان بيبي جي ڪمري ۾ آيون. جان بيبي سيني ڏانهن حيرت مان نهاري رهي هئي. ڪيس وڏو شاڪ لڳو هو. ستار اچي ڪيس ڀاڪر پائي نرڙ چميو ته هوءَ سڏڪي پئي. سيني جون اکيون هنجن سان ڀريل هيون. زهره پنهنجون اکيون اگهي چيو، ”جاني، اهو ڏک سيني جو آهي، رڳو تنهنجو ڪونهي، ادا ستار ٻه ڏاڍو پريشان آهي. ان ڪي ٻه تسلي ڏي، پاڻ ٻه حوصلو ڪر، الله سائين چڱي ڪندو.“

حسن ڪيس چمي ڏيئي چيو، ”جاني پاڻ کي سنڀال.“ افروز جا لڙڪ صفا ٻي چپا ٿي ويا هئا. جان بيبي يڪي روئي رهي هئي. سندس بدن ايئن لرزي رهيو هو جڻ سرءَ جو سڪل پن هوا جي ور چڙهي ويو هجي. سندس دل ۾ ڌماڪا ٿي رهيا هئا ۽ ايئن ڏڙڪي رهي هئي جڻ پاسرائيون ٽوڙي ٻاهر نڪري ايندي. سيني اهوئي پي چاهيو ته هوءَ ڀلي روئي. اندر جو ٻار هلڪو ڪري. زهره ڪيس ڏسي سوچي رهي هئي، هن صدمي ته هن نازڪ ڇوڪريءَ جي اندر ۾ زلزلا آڻي ڪيس ڏوڏي ڇڏيو آهي... هيڏڙي معصوم نازڪ ۽ حساس جيءَ مٿان هيڏيون آزمائشون، هيڏا امتحان! ڇا، ان ڪري ئي محبت ڪي ظالم ۽ ڪنور ٿو چيو وڃي؟ جو ماڻهو کي نه پنهنجو خيال ٿو رهي نه ئي دنيا جي ڳالهين ۽ نظرن جو... ۽ بس

جي کو خيال ۾ ڏيان رهي ٿو تہ رڳو هڪڙوئي محبوب جو خيال ۾ ڏيان! 'بنا ڪنهن صلي ۾ فائدي جي بہ ماڻهو پيار جي ڪڏ تا رلن!! جي چاهہ ۾ ڪو چس ۾ فائدو هجي تہ الائي ڇا ٿي وڃي.' زهره، جان بيبيءَ وٽ آئي. "ادا ستار، توهان آرام ڪريو، جاني هاڻي ٺيڪ آهي."

مظهر خان حيرانيءَ مان جان بيبيءَ کي ڏسي رهيو هو. جان بيبي جو هر انداز سندس اندر ۾ نقش ٿي رهيو هو. زهره چيو، "ادا، اوهان ادا ستار کي وڃي تسلي ڏيو."

ستار ۽ مظهر خان ڪمري کان نڪتا تہ زهره ملوڪان کي چيو، "تورو گرم کير ڪٺي اچ." ۽ شموءَ کي اک جي اشاري سان ماٺ جو چئي جيڪا مسلسل روئي رهي هئي. شمو پنهنجي وات تي هٿ رکي روئڻ دبائي ڊوڙ ڪري ڪمري کان ٻاهر نڪري ويئي. زهره حسنہ کي چيو، "ادي، تنهنجي لاءِ بہ گهٽو ويهڻ سٺو ناهي، ڪمري ۾ وڃي تورو آرام ڪر."

سيني جي وڃڻ کان پوءِ افروز اٿي دروازو لاڪ ڪيو. جان بيبيءَ ٻنهي ۾ نهاريو. سندس نهار ۾ خوف هو. هوءَ وڏا وڏا ساهہ کڻڻ لڳي. "زهري، هاڻي ڇا ٿيندو، منهنجو تہ ساهہ ٿو بند ٿئي، ڪيڏي گهٽ آهي دروازو کولي ڇڏ."

افروز ڊوڙ ڪري دروازو کوليو ۽ بيقرار ٿي وٽس اچي سندس منهن تي پکڙيل وار هٽائي ڪيس پاڪر پاتو تہ هوءَ وري بہ روئڻ لڳي. زهره افروز کي هٽائي ڪيس اٿاري ڪمري کان ٻاهر وٺي آئي. "هل جاني، ٻاهر اڱڻ ۾ کلي هوا ۾ هلي ويهہ."

هو ٻئي ڪيس ٻاهر اڱڻ ۾ وٺي آيون. ماين ڊوڙي ڪٿون وڇايون. هو ٿيئي اچي وينيون پر جان بيبي کي سک نہ آيو. هڪدم ڪٽ تان اٿي، هو بہ ٻئي اٿيون. جان بيبي آهستي آهستي هلندي وراندي ۾ اچي طارق خان جي ڪمري ۾ آئي. ڪمرو اڃان تائين طارق خان جي خوشبوءَ مان واسيل هو. هن پاڻ کي پلنگ تي اڇلايو ۽ اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. وري اٿي زهره جا هٿ جهلي چرين جيان ٻاڏائڻ لڳي، "زهري، خدا جي واسطي مون کي ڪراچي

وٺي هل، نہ تہ مان هينئر جو هينئر تي دم ڏيانءِ!“

زهره ۽ افروز جون اکيون خوف مان ڦاٽي ويون. جان بيبيءَ جي حالت نهايت خراب هئي. زهره افروز کي چيو، ”وڃ افي، ادا ستار ۽ ادا مظهر کي چئو تہ ڊاڪٽر کي وٺي اچن، جانيءَ جي حالت ٺيڪ ناهي.“

افروز ڊوڙي ٻاهر ورانڊي ۾ آئي تہ ٻاهرين دراوزي مان حمل خان ۽ ڪمال خان اندر ورانڊي ۾ آيا. ڪين ڏسي افروز خوف مان سراپجي ويئي تہ، هو الائي ڇا ٻڌائڻ آيا آهن. ڪمال خان افروز کي گهٻرايل ڏسي اڳتي وڌي اچي پڇيو، ”ڇاهي افي، جاني تہ ٺيڪ آهي؟“ افروز بہ سوال ئي ڪيو، ”طارق خان ڪيئن آهي؟“

حمل خان وڌي اچي چيو، ”پٽ، الله جا وڏا ڪرم آهن، طارق خان ۾ هاڻي آسرو آهي.“

افرزو بنا ان سوچ جي تہ ڪو ڇا سوچيندو، لڙڪ لاڙڻ لڳي. حمل خان چيو، ”ستار ڪٿي آهي؟“ افروز جڻ هوش ۾ آئي، ”چاچا، جاني ٺيڪ ناهي!“

حمل خان پريشانيءَ مان چيو، ”ڪٿي آهي جاني؟“ ڪمال خان بہ گهٻرائجي زور سان پڇيو، ”ڇا ٿيو آهي جانيءَ کي، ڪٿي آهي؟“

ٻنهي جي آواز تي ستار ۽ مظهر خان ڪمري ڪان ٻاهر نڪتا، انهن کي ڏسي حيرانيءَ مان تڪڙا تڪڙا وٽن آيا، ”بابا، طارق خان جو ڪهڙو حال آهي؟“

”مظهر خان چيو، ”طارق خان ڪيئن آهي چاچا؟“

جواب ڪان اڳ سيني جون نظرون جان بيبيءَ ڏانهن ڪجي ويون، جيڪا زهره جي هٿن ۾ تڙندي ڻاٻڙجندي ڪمري ڪان ٻاهر نڪري رهي هئي. حمل خان وڌي ڪيس ياڪر پائي چيو، ”ڇا هي پٽ هوش ڪر.“

زهره چيو، ”چاچا، جانيءَ کي تسلي ڏي، طارق خان ڪيئن آهي؟“

ڪمال خان جان بيبي جي حالت ڏسي ڊڄي ويو. هڪدم اڳيان اچي زور سان چوڻ لڳو، ”جاني، طارق خان بلڪل ٺيڪ آهي،

اسين اهوئي ٻڌائڻ آيا آهيون تہ هو نيڪ آهي.“
ڪمال خان هڪدم طارق خان جي خيريت ٻڌائي جان بيبيءَ کي تسلي ڏني. جان بيبي غيريقيني انداز ۾ ڏسي رهي هئي. حمل خان چيو، ”پٽ، طارق خان نيڪ آهي، الله وڏي مهرباني ڪئي آهي.“
پوءِ سيئي گڏجي جان بيبي کي سندس ڪمري ۾ وٺي آيا. جان بيبيءَ کي تيز بخار اچي ويو هو ۽ هوءَ ڏڙڪي رهي هئي. زهره کيس پلنگ تي سمهارڻ چاهيو پر هن سڀني جي موجودگيءَ ۾ سمهڻ نٿي چاهيو. زهره سندس شرم ۽ هاٺوڪي ڪيفيت مان واقف هئي. کيس زبردستي پلنگ تي سمهاري مٿس ڪمبل وجهي ستار کي چيو، ”ادا، ڊاڪٽر کي وٺي اچو!“
حمل خان وڏي جان بيبيءَ جي نرڙ تي هٿ رکيو جيڪو تپي رهيو هو، ”ها پٽ، ڊاڪٽر وٺي اچ.“
ستار، مظهر خان ۽ ڪمال خان ڪمري کان ٻاهر نڪتا. حمل خان ڪجھ پڙهي کيس ڦيٽا وجھڻ لڳو. جان بيبيءَ ڪمبل هٽائي ويهي پڇيو، ”بابا، گولي ڪيئن لڳي، ڪنهن هنئين؟“
حمل خان کيس ڦيٽو وجهي چيو، ”پٽ، پهرين تہ مون کي بہ اهوئي شڪ هو تہ کيس ڪنهن دشمن گولي هنئي آهي پر جبار تہ ساڻس گڏ سندس ئي گاڏي ۾ هو تنهن ٻڌايو تہ، سڀني جون بندقون لوڊ ٿيل هيون، شڪار گاهہ تي پهچي پهرين طارق خان گاڏي مان هيٺ لٿو، ٻي پاسي کان مان لٿس سندس دوست جيڪي پويان وينل هئا انهن مان هڪڙو جيئن ئي گاڏيءَ مان ٽپ ڏيئي لٿو تہ ان جي بندوق چٽي، جيڪا طارق خان جي چيلهہ وٽان چمڙي چيري نڪري وئي. مڙئي رب ڪٽي رحم ڪيو نہ تہ ڳالهہ وڏي هئي.“
جان بيبي، زهره ۽ افروز ٽنهي جا ساهہ چڙهي ويا هئا اکيون ڦاڙي حمل خان جي ڳالهہ ٻڌي رهيون هيون. زهره فڪرمندي مان پڇيو، ”چاچا، ڪمال خان تہ شروع ۾ ايندي ايئن چيو هو تہ رت تمام گهڻو وهي رهيو هو سو...“
”ها پٽ، رت تہ تمام گهڻو ضايع ٿيو آهي، پر پوءِ تہ ان تي

قابو ڪري ويا ۽ رت جون بوتلون بہ يڪيون پي چڙهيون. مهراب خان بہ پنهنجو رت ڏنو، پر بابا، طارق خان وڏي ڳالهہ آهي سڄو ملڪ اسپتال ۾ پلٽيو هو. جبار ۽ ڪمال بہ رت ڏيڻ چاهيو هو پر رت ڏيڻ وارن جون تہ يڪيون قطارون لڳي ويون هيون. ماڻهن جو روئڻ پٽڻ ۽ دعائون گهرڻ. سبحان الله اهو لقاءُ تہ ڏسڻ جهڙو هو.“

افروز چيو، ”چاچا، گولي چمڙيءَ کي چيري ويئي هئي تہ پوءِ رت جو ايترو ضايع ٿيو؟“

”پٽ، چمڙي سان گڏ رڳون بہ تہ آهن، پهرين تہ ڊاڪٽرن صفا آسرو لاهي ڇڏيو هو...“

جان بيبيءَ کان هلڪي دانهن نڪري ويئي. حمل خان چيو، ”هتان کان ڪراچي تائين وچڻ ۾ رت وڏو زيان ٿي ويو هو... ۽ اتي پهچڻ کان اڳ هو بيهوش ٿي ويو هو. ڊاڪٽرن چيو تہ هوش ۾ اچڻ ضروري آهي. پوءِ مڙيئي ڪنهن جي دعا اگهي ويئي. هاڻي بہ ساڻس ملڻ جي موڪل نہ آهي. او پري شيشي مان بيهي ٿي ڏنوسين.

جان بيبيءَ کي سيءُ ٿي رهيو هو ۽ سندس جسم هلڪو هلڪو لرزي رهيو هو. زهره کيس سمهاري ڪمبل مٿان وڌو تہ ستار ڊاڪٽر کي وني آيو. ڊاڪٽر ڏسي چيو، ”بخار بہ اٿس ۽ ذهن تي صدمي جو اثر بہ آهي.“ انجيڪشن هڻي ڪمري کان ٻاهر اچي چيائين، ”مهرباني ڪري سندس اڳيان ڪنهن بہ قسم جي ڏک جي ڳالهہ نہ ڪجو.“

ڊاڪٽر کي ڇڏي جڏهن ستار ۽ سيئي جان بيبيءَ جي ڪمري ۾ آيا تہ جان بيبي ليٽيل هئي ۽ سندس اکيون بند هيون. زهره چيو، ”هينئر انجيڪشن جو اثر ٿيندو ۽ ننڊ پئجي ويندي. اوهين سيئي وڃي آرام سان ويهو.“ حمل خان چيو، ”آءٌ جانيءَ وٽ آهيان ۽ اوهين پل آرام ڪريو.“

”زهره چيو، ”چاچا، اوهان ڪراچيءَ کان آيا آهيو!!“

حمل خان پلنگ تي جان بيبيءَ جي پير ۾ ويهي چيو، ”آءٌ ٿورو ڦيٽا وجهانس پوءِ اوهان کي سڏيندس.“

سيئي وراندي ۾ اچي وينا. افروز چيو، ”ادا، اوهان ڇا ڏٺو ان مهل؟“

ڪمال خان وهاٽي تي ٽيڪ ڏيني ٽنگون ڊگهيون ڪري چيو، ”مان ته پنهنجي جيپ ۾ هئس طارق خان ته ڇڻ بجلي آهي گاڏي بيهندي ئي ٽپ ڏيئي لهي ويو. مون ته رڳو فائر جو آواز ٻڌو. طارق خان کي گولي لڳي ويئي هئي پر مون فائر ٿيڻ کان پوءِ به ڏٺو ته هو بيٺو هو. مان ڊوڙي آيس، سيئي گاڏين مان لهي ڊوڙندا آيا. مون ڏٺو ته طارق خان جي هڪڙي پاسي کان رت نل جيان وهي رهيو هو. منهنجي ته اکين اڳيان اونده اچي ويئي ته هي ڇا ٿي ويو آهي. جبار هڪدم حاضر دماغي ڪئي طارق خان کي جهلي ورتو، پر هو ڏاڍو وزني هو جبار جي هٿن مان هيٺ ٿي رهيو هو ۽ پوءِ سيني کيس جهليو. جبار چيو ته هڪدم کيس گاڏيءَ ۾ ليٽائي ڪراچي هلو! پر ابا، طارق خان شينهن آهي شينهن، اٺ ڏهه مڙس ٿيا تڏهن کيس کڻي گاڏيءَ ۾ رکيائون. مون کي ته ان مهل ليون لي فاڪ جي ڪارٽون خاڪن جو ڪردار فينٽم ياد اچي ويو، جنهن کي گولي لڳي ٿي ۽ سوين هزارين بونا گڏ ٿي کڻن تا پر نٿا کڻي سگهن. طارق خان کي کڻڻ مهل يقين ڪريو اهوئي ساڳيو منظر هو.“ سيئي ڏک ۽ حيرت مان ٻڌي رهيا هئا پر ان ڳالهه تي سيني مرڪي ڏنو. ڪمال خان چيو، ”طارق خان جي حيثيت ۽ اهميت ڏسڻي اُتو ته وڃي ڪراچيءَ ۾ ڏسو. مان ته الا حيران ٿي ويس، جنهن به ٻڌو ٿي روئندو اسپتال تي پهتو.“ مظهر خان چيو، ”ادا مهراب خان به شڪار مهل گڏ هو نه؟“

”ها، گڏ ته هو پر طارق خان سان سندس چاهه حيران ڪندڙ ۽ انتهائي گهڻو آهي. هو طارق خان کي اهڙي حالت ۾ ڏسي ڊڄي ويو. سندس رنگ صفا هيڊو ٿي ويو هو ۽ کيس ڪجهه سمجهه ۾ ئي نٿي آيو ۽ اتي اسپتال ۾ چوي پيو ته منهنجو سڀ رت طارق خان کي ڏيو، ٻه بوتلون ڏيڻ کان پوءِ به ۽ مان ته تڏهن حيران ٿي ويس جڏهن اسپتال ۾ طارق خان اکيون کوليون ته ادا مهراب خان خوشيءَ مان اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳو.“

مظهر خان چيو، ”طارق خان پاڻ بہ تہ ادا مهراب خان کي ڏاڍو چاهي ٿو.“

حمل خان جان بيبي جي ڪمري کان ٻاهر اچي زهره کان پڇيو، ”پٽ، حسن جي طبيعت ڪيئن آهي، هُتي اوهان جي چاچيءَ کي بہ سندس وڏو فڪر هو.“

”چاچا، پهرين تہ گهڻو گهٻرائجي ويئي هئي، پر هاڻي نيڪ آهي.“

سيني اتي ئي ماني کاڌي. ڪمال خان چيو، ”آءٌ سياڻي وري ڪراچي ويندس.“

ستار چيو، ”آءٌ بہ هلندس.“

حمل خان چيو، ”منهنجو بہ هاڻ اتي طارق خان وٽ ٽنگيل آهي. جانيءَ لاءِ ڪري هلي آيس.“

مظهر خان چيو، ”آءٌ بہ زهريءَ کي ونڻ آيو هئس.“

زهره کي جان بيبيءَ جي پريشانيءَ ۾ سڀ وسري ويو هو. چرڪي پڇيائين، ”ادا، امان ڪيئن هئي؟“

”نيڪ آهي پر توکي گهڻو ٿي ياد ڪري.“

زهره مشڪي چاڳ مان چيو، ”آءٌ امان جي لاڏلي آهيان.“

حمل خان پيار مان سندس مٿي تي هٿ رکي چيو، ”تون تہ اسان جي بہ لاڏلي آهين.“

زهره پنهنجي مٿي تان حمل خان جو هٿ ڪٽي اکين تي رکي چميو. افروز چيو، ”زهري تہ سيني جي لاڏلي آهي. باقي اسين.“

ڪمال خان مرڪيو، ”افيءَ کي پاڻ وٽائڻ جو لاعلاج مرض آهي.“

”چاچا، ادا کي سمجهاءِ نہ.“ افروز چاڳ ڪيو. ڪمال خان چيو، ”چاڳ ڇڏ، ننڍڙي ناهين.“

”مان ڇڻ سچي ٿي چاڳ ڪريان جو.“

شمو انهري ٻاهران اچي جان بيبيءَ جي ڪمري ڏانهن پئي ويئي تہ حمل خان حسن کي چيو، ”پٽ، شموءَ کجھ کاڌو پيتو بہ يا نہ؟“ حسن آهستي چيو، ”بابا، اسان تہ گهڻو ئي چيو پر چوي ٿي

تہ ڪاڏو نڙيءَ تان هيٺ لهي ٿي نٿو. جاني ڪائيندي تہ پوءِ ڪائيندس.“

حمل خان شموءَ ڏانهن نهاري چيو، ”جانيءَ ۾ ساهہ اٽس.“

شمو ڪمري ۾ اچي جان بيبيءَ جي پيرن کي زور ڏيڻ لڳي. زهره سندس پنيان ئي آئي. ”نہ نہ شمو، ايئن جاني جاڳي پوندي.“ شمو سڏڪي پيئي. ”اٽي شمو چاچا سڏئي ٿو.“ شمو حمل خان وٽ آئي. ”شمو، ويهي مانيءَ ڪاءُ اسان بہ سيني ماني ڪاڌي آهي.“ شمو سندس هٿ اکين تي رکيا، ”سائين اوهين اسان کي ساريندا، بيو ڪير آهي اسان جو.“

”ملوڪان، شموءَ لاءِ ماني ڪٺي اچ تہ منهنجي اڳيان ڪائي.“ شموءَ اکيون اگهي چيو، ”سائين، هي بہ سڀ نيرانيون آهن. ڏٺي نہ ڪائيندا تہ اسين... آءٌ ساڻن گڏجي ٿي ڪانوان.“ ۽ هوءَ ملوڪان سان گڏجي رڌڻي ڏانهن هلي ويئي.

رات جو ڪمال خان خير خيريت لاءِ پنهنجي گهر هليو ويو. صبح جو ڪراچي لاءِ تيار ٿي آيو ۽ ستار سان گڏ جان بيبيءَ جي ڪمري ۾ آيو. زهره ۽ افروز سندس وار ڪولي ڦٽي ڏيئي رهيون هيون. هوءَ ٻن ڏينهن ۾ سالن جي بيمار لڳي رهي هئي. پر اها ڪمزوري سندس حسن کي مات ڏيئي نہ سگهي هئي. لٽل چهرو گلابي چپ مضبوطيءَ سان پڪوڙيل، گهرن ڪارن وارن جي ويڙهي ۾ سندس چهرو ڪڪرن ۾ آيل چنڊ لڳي رهيو هو. ڪمال خان کي هوءَ مرجهايل گلاب لڳي رهي هئي. ”افي، جانيءَ ڪجهہ ڪاڌو آهي؟“

”مس مس ڪري هڪ بوائل بيضو بہ ٿي چمچا ڏاري جا زوريءَ ڪارايا اٿئون.“

ستار چيو، ”آءٌ اسر مهل آيو هئس تہ بابا ڦيٽا وجهي رهيو هو.“

هوءَ ظاهري ۾ تہ ناپر ۾ هئي پر سندس اندر ٻري رهيو هو. ستار ۽ ڪمال خان سيني سان موڪلائي ڪراچي هليا ويا. سوچيائين، ’ڪاش! آءٌ بہ ايئن تو وٽ اچان طارق خان.‘

زهره ۽ افروز ڪيس وهنجاري تيار ڪري ڇڏيو هو. حمل خان ۽ مظهر خان آيا. ڪيس تيار ڏسي حمل خان ٽڙي پيو، ”ڏس، هاڻي منهنجو ٻچو گل ٿي ويو آهي نہ.“

مظهر خان کيس حيرت مان ڏسي رهيو هو. هوءَ واقعي به ميندي کلرجي ڪپڙن ۾ گلاب جو ڏوتل گل لڳي رهي هئي. جان بيبيءَ جي اندر واري آند ماند کيس ظاهر ۾ به درماندو ڪرڻ لڳي. سيني جي موجودگيءَ ۾ سندس خيال ۾ سوچون طارق خان ڏانهن هليون ويون. 'الائي ڪيئن هوندو؟ ڪيڏي تڪليف ۾ هوندو؟ گولي لڳڻ ڪا معمولي ڳالهه ته ناهي! ايئن ته ناهي جو بابا ۾ ڪمال خان مون کي آئت ڏيڻ لاءِ غلط ڳالهايو هجي. نه ته جيڪر وري به ڪمال خان ڇو وڃي؟' ۾ پوءِ کيس اهو به وسري ويو ته اڳيان سندس پيءُ ۾ سئوٽ وينا آهن، هن بي ڏڙڪ چئي ڏنو، "بابا، سچ ٻڌاءِ، طارق خان ڪيئن هو؟"

زهره ۾ افروز کيس حيرت مان نهاري سندس همٿ تي حيران هيون. مظهر خان ڇرڪي ايئن نهاريو ڄڻ ڪو انڪشاف ٿيو هجي. حمل خان بنا ڪجهه محسوس ٿيڻ جي چيو، "پٽ، آءٌ ته پاڻ اسپتال ۾ هئس. جڏهن ڊاڪٽرن آسرو ڏيکاريو آهي تڏهن ته آيو آهيان. نه ته ڪٿي اچي سگهان ها؟" مظهر خان سوچيو، "طارق خان ڪيڏو خوشنصيب آهي، جنهن لاءِ هرڪو پريشان آهي... پر هو ته مون کي به وڻندو آهي. شايد جانيءَ کي به ايئن ئي وڻندو هوندو جيئن مون کي. پيو ته جانيءَ جو ويجهو مائٽ به آهي." شڪ جي بي مهار مست اٺ کي سندس دليلن ناڪيل وڌي ۾ کيس ويساهه آيو.

"جاني، ڏک ۾ صدمو هر ماڻهو کي رسندو آهي پر ان کي سهڻ، برداشت ڪرڻ به هڪ فن آهي، آرٽ آهي جيڪو تو جهڙن ذهين ۾ باوقار ماڻهن وٽ اڻ ميو هوندو آهي، هئڻ گهرجي. اهائي خصوصيت، اهڙن ماڻهن جي سڃاڻپ آهي، نه ڪي ايئن وڪري وڃجي جيئن تون هينئر آهين." جان بيبيءَ مظهر خان کي ايئن ڏنو ڄڻ ميار ڏيندي هجي، 'ڇا هيڏو وڏو ڏک ۾ صدمو برداشت ڪرڻ لاءِ هوندو آهي؟ اهو ته روح کي جسم کان ڌار ڪرڻ لاءِ ايندو آهي ۾ مان حيران آهيان ته زنده ڪيئن آهيان.' هن پلنگ تان هيٺ لهڻ لاءِ ٽنگون هيٺ ڪيون ته حمل خان خوش ٿي چيو، "ها ها، پٽ اٿي ڪمري کان ٻاهر نڪر..." زهره ۾ افروز کيس وٺي ٻاهر اڳڻ ۾

آيون. ٻاهر سڀ ڪجهہ ساڳيو هو، انب ۾ ڄموءَ جا وڻ بہ ساڳيا هئا ۽ کين هوا بہ ساڳي ئي طرح لوڏي رهي هئي. ڪويل ۾ ڪانگ جي لڪ لڪاٽي ۾ جهيڙو بہ ساڳيو هو ۽ ڪانگن کان بيپرواهہ ٿي ڪويل جو ٻي ڏيو ڪوڪڻ بہ ساڳيو هو. بهار پنهنجي عروج تي هئي. گل نهايت فراخدليءَ سان خوشبو وکيري رهيا هئا، سڄو اڱڻ مهڪي رهيو هو. اڱڻ جي خوشبو ۾ بهار جو پيرو ۾ ڦيرو بہ ساڳيو هو، ڪجهہ بہ نہ بدليو هو. جان بيبيءَ هيڏي هوڏي نظر گهمائي سوچيو، 'رڳو مان ئي ساڳي ناهيان... اندر ۾ پن ڇڻ جي رُت جوان آهي جنهن منهنجون سوچون، خيال ۽ خواب دل جي وڻ تان پنن جيان ڇاڻي ڇڏيا آهن ۽ دل جو وڻ خالي ٿارين ۽ سڪل ٿڙ جيان آهي ۽ مان ويران ۽ اجڙيل رهجي ويئي آهيان. اندر ۾ ڪوبہ جذبو ڪَرُ ڪڻي نٿو اٿي. اڄ مون پاڻ کي آرسيءَ ۾ ڏٺو تہ حيران ٿي ويس... منهنجي ڳلن جي شفق تي تنهنجي يادن جي ڏوڙ ڄميل هئي جن سندن لالاڻ کي دز ۾ ملائي ڇڏيو هو. منهنجا جرڪندڙ نيڻ اداس ۽ سوءَ ۾ آهن. منهنجا گداز گلابي چپ ماٺ ۽ هيسيل آهن ڇڻ اهي ئي مجرم هجن تنهنجي نانءَ اچارڻ جا. مان ڪيڏي بدلجي ويئي آهيان... اڄ مان پاڻ کي هوائن سان گڏ اڏامندڙ ڏوڙ وانگيان پئي ڀانيان جنهن جي ڪا منزل ڪو نڪاڻو ناهي... طارق خان توکانسواءِ مان پاڻ کي رستي تي انهيءَ دز جيان پيئي محسوس ڪريان جيڪا ٻين لاءِ بيزاري ۽ ڪوفت جو سبب هوندي آهي. تنهنجو هي صدمو سهڻ کان گهٽو مٿي آهي. جنهن منهنجي وجود جي بنيادن کي ئي لوڏي وڌو آهي، مان واريءَ جي ڪوٽ جيان ڍهي پٽ پوندس... منهنجو ڪو نانءُ نشان نہ رهندو... توکي جيئرو رهڻو آهي طارق خان! تون جيئرو رهندين. مان پنهنجي ڄمار ڏينهن راتيون توکي تي ڏيان!...' هوءَ خيالن ئي خيالن ۾ اڳتي هلي رهي هئي. زهره سندس ڪلهي تي هٿ رکيو تہ هوءَ ڇرڪي پئي. سامهون رڌڻي جي اڳيان ملوڪان ڏک مان ڪيس ڏسي رهي هئي. "جاني، ملوڪان کي ٻڌاءِ تہ تنهنجي لاءِ ڇا بنائي."

ملوڪان اڳتي اچي چيو، "جيجي، تنهنجي لاءِ ڇا رڌيان؟" جان

بيبي بي جان لاش جيان ڪيس ڏسندي رهي. ملوڪان لڙڪ اگهندي رڌڻي ۾ هلي وئي. افروز چيو، ”شمو ڪٿي آهي. صبح کان نظر ئي نٿي اچي؟“

”شموءَ کي ڪلهه کان بخار آهي. جاني ڪجهه به نٿي کائي ته هوءَ به نٿي کائي ۽ بيمار ٿي پئي آهي.“

”شمو به بيمار ٿي آهي؟“ جان بيبي چرڪي پيئي.

جان بيبي جي پڇڻ جو انداز زهره کي صفا ايبنارمل لڳو. ڪيس ڊپ ٿي پيو، ”جاني، ڊاڪٽر کي گهرايون؟“

”ها، پلي گهرايو، شمو بيمار آهي نه!“

”شمو لاءِ نه تنهنجي لاءِ!“

”منهنجي لاءِ ڇو، مون کي ڇا آهي؟“

”ڪائين پيئين نٿي ڪجهه به، ان لاءِ.“

”هُن به ته ڪجهه نه کاڌو هوندو!“

زهره ۽ افروز ڪيس حيرت مان ڏسي رهيون هيون، هن لڙڪ پريل نيڻن سان ٻنهي ۾ نهاريو، ”ها، هن به ته پڪوئي ڪجهه به نه کاڌو آهي.“

افروز جون اکيون پرجي آيون، زهره پاڻ سنڀالي مشڪي چيو، ”هو ڪير؟“

”طارق خان.“ سندس لهجي جي درد کي زهره يڪسر نظرانداز ڪيو، ”ڇو، هن پلا ڇو ڪونه کاڌو هوندو. ڪلهه به ادا ڪمال خان چيو هو ته ڪجهه نيڪ هو اڄ ته اجان وڌيڪ نيڪ هوندو... طاقت ۽ گلوڪوز جون ڊرپون لڳل هوندس، هو ٿوري ڪو تو وانگيان ڪمزور ٿي ويو هوندو!!“

هوءَ هڪدم نارمل ٿي ويئي. ”مون کي دلاسا ڏيئي ڌتارين ٿي. سچ ٻڌاءِ بابا وارن ڇا ٻڌايو آهي؟“

”خدا جو قسم ته چاچا وارن اسان کي به اهوئي ٻڌايو آهي جيڪو توکي.“

”الله ڪري ته هو نيڪ هجي. الله سائين منهنجي حياتي به ڪيس ڏي. مان هجان نه هجان. هو جيئرو هجي صدين تائين... جڳن تائين... جنمن تائين...“

زهره ۽ افروز خاموش خاموش ڪيس وٺي اندر آيون. زهره ڄاتو ٿي تہ وڏيڪ ساڳي ماحول ۾ رهڻ ۽ ساڳي موضوع تي گفتگو ڪرڻ سندس لاءِ نيڪ ناهي. صاف ظاهر آهي تہ هينئر سندس ذهني حالت نارمل نہ هئي ۽ ڪابہ اهڙي ڳالهہ يا جواب ڪيس هوش ڪان عاري ڪري سگهي ٿو. ورانديءَ ۾ اچي هن طارق خان جي ڪمري ڏانهن رخ ڪيو تہ زهره ۽ افروز هڪدم ڪيس ٻانهن کان جهليو، ”ايڏانهن ڪيڏانهن جاني، هلو تہ ادي حسنہ وٽ هلي ڪچهري ڪريون. ادا ستار بہ ناهي هوءَ اڪيلي هوندي. هاڻي تہ الله خير ڪيو آهي. سياڻي ٿائين چاچي بہ اچي ويندي... اتي بہ تہ چاچيءَ کي تنهنجو فڪر هوندو. چاچا ۽ ادا مظهر خان بہ ڏس تنهنجي لاءِ ڪيڏا فڪرمند آهن. ڪجهہ تہ خيال ڪر انهن جو بہ...“ زهره جا اهي لفظ جان بيبيءَ جي اندر ۾ لهي ڪيس ائين هوش ڏياري ويا جنهن ڪنهن ڏت شرابيءَ جي پيٽ ۾ آمريءَ جو ڪٽو پاڻي وجي ڪيس هوش ڏياريندو آهي. هن سوچيو، ”سچ تہ چوي ٿي زهري، مون کي بہ ايڏو خود غرض ٿيڻ نہ کپي. ٻيا تہ ٺهيو بابا ڪيڏو اباڻڪو ٿي ويو آهي. ”بابا ڪٿي آهي؟“

”چاچا ۽ ادا مظهر، ادا جبار جي ڪمري ۾ آهن.“ هوءَ اوڏانهن وڃڻ لڳي.

# باب سورهون

اسپتال جي آءِ سي يو جي بيڊ تي خوبصورت ۽ دراز قد طارق خان اکيون بند ڪيو ليٽيو پيو هو. ڪيس ڊرپ لڳل هئي. دل جي رفتار اطمينان بخش انداز سان هلي رهي هئي.البته بي پي ڪجهه هيٺ مٿي ٿي رهيو هو ڊاڪٽرن جي سختيءَ جي باجود ماڻهن جي پيهه ۾ ڪو فرق نه آيو هو، جيڪي اسپتال جي لان ۽ ڪاريڊور ۾ پنهنجي واري جو بيچينيءَ سان انتظار ڪري رهيا هئا. اڄ ڪيس آءِ سي يو مان ڊسچارج ٿي ڪمري ۾ منتقل ٿيڻو هو ۽ ڊاڪٽرن اهو شرط لڳايو هو ته، ڪمري ۾ به هڪ وقت ۾ هڪ ئي ماڻهو ملي سگهي ٿو. سردار مهراب خان چار ڏينهن ۽ چار راتيون آءِ سي يو ۾ ايندي ويندي پيرن ير گذاريا هئا. اڄ صبح جو طارق خان جي طبيعت بهتر ڏسي هو سندس گهر ڏي آرام ڪرڻ لاءِ ويل هو. جبار ته يڪوئي اسپتال ۾ هو. ستار ۽ ڪمال خان جي وڃڻ کان پوءِ حمل خان ۽ مظهر خان طارق خان کي ڏسڻ آيا هئا. امير بيبي، شهناز جي اڻوڻندڙ رويي جي ڪري گهڻو ڪري حسن جان وٽ ئي هوندي هئي جيڪا ياءُ جي ڏک ۽ غم ۾ اڌ چري ٿي پئي هئي. اسپتال ۾ وڃڻ جي خاندان جي عورتن کي اجازت نه هئي. حالانڪ حسن جان جو گهر وارو سڪندر خان نهايت روشن خيال ماڻهو هو ۽ حسن جان کي طارق خان جي آءِ سي يو ۾ بيهوشيءَ واري حالت ۾ اسپتال وني وڃڻ چاهيو پر حسن جان کي پنهنجي خراب طبيعت ۽ تڙپ هوندي به پنهنجي ياءُ جي ناراضگيءَ جو خيال هو ته جڏهن ڪيس خبر پوندي ته اوپرن ۽ پراون ماڻهن جي اڳيان سندس پيڻ اسپتال آئي هئي ته ڪيس ڏک ٿيندو ان ڪري هوءَ صبر ڪري ويني هئي. ان وچ ۾ نور بيبي ۽ مير محمد، امير بيبيءَ کي پنهنجي گهر ڏانهن وني وڃڻ لاءِ آيا هئا ته طارق خان جي گهر ۾ ماڻهن جي پيهه آهي ۽ هو سندن گهر ۾ وڌيڪ آرام سان رهي

سگهندي پر امير بيبيءَ اهوئي جواب ڏنو تہ، آءٌ طارق خان لاءِ آئي آهيان ڏکي يا سکي سندس گهر ۾ رهنديس!

رات جو طارق خان کي ڪمري ۾ منتقل ڪيو ويو هو. هاڻي هو مڪمل هوش ۾ هو ۽ هر اينڊڙ ويندڙ سان مشڪي ملي رهيو هو. گولي سندس گردي جي بلڪل پر مان لنگهي ويئي هئي. زخم گهرو هو پر ڊاڪٽرن چيو تہ شڪر ڪريو... گولي جي ٿوري بہ گردي سان ٽچ ٿي گذري ها تہ ڪم خراب هو، پر هاڻي خير آهي. شام جو امير بيبي سيني جي مخالفت جي باوجود تہ خاندان جون عورتون اسپتال نہ ويندين آهن، حمل خان سان گڏجي طارق خان کي ڏسڻ لاءِ اسپتال پهتي. طارق خان کيس ڏسي مشڪي پيو. امير بيبي طارق خان کي اسپتال جي پلنگ تي ليٽيل ڏسي روئي پئي. طارق خان جنهن جي چهري جو رنگ اڇو گلابي هو. اهو رت گهٽو ضايع ٿيڻ جي ڪري بدلجي اڇو هيڊو ٿي ويو هو. آواز بہ جهيڻو ۽ ڪمزور هو پر سندس همٿ پهاڙن جيڏي مضبوط ۽ لهجو جبلن جهڙو اڏول هو.

”پڦي، روئين ڇو ٿي، آءٌ تہ هاڻي نيڪ آهيان... ادي ڪيئن آهي؟“

”پٽ، الله توکي وڏي حياتي ڏي. باقي حسن جان جي زندگي توسان ٻڌل آهي.“

”پڦي، کيس تسلي ڏجانءِ. مان نيڪ آهيان.“

حمل خان امير بيبيءَ جي پير تي پنهنجي پير سان گهڪو ڏيئي چڻ تنبيهہ ڪئي ۽ چيو، ”ابا، ڏيءَ حسن جان کي اسان سيني دلاسا ۽ تسلي ڏني آهي. هوءَ تنهنجي ئي پيڻ آهي. نهايت مضبوط ۽ حوصلي واري.“

امير بيبيءَ بہ هڪدم پاڻ سنڀالي ورتو، ”هئو پٽ، حسن جان تہ بلڪل نيڪ آهي... توکي ڪنهن بہ فڪر ڪرڻ جي ضرورت ناهي.“

پوءِ ٻنهي زال مڙس طارق خان کي ڀاڪر وڌا. امير بيبيءَ چيو، ”الله توکي وڏي جمار ڏيئي چڱو ڀلو ڪري. سنو ٿيو توکي ڏنم ۽

هاڻي دل جاءِ تي اٿم. اڄ منهنجو ارادو ڳوٺ وڃڻ جو آهي. هُتي به جانيءَ جي طبيعت سهي ناهي!“

”ڇا ٿيو آهي جان بيبيءَ کي؟“ طارق خان ڇرڪي پڇيو.

طارق خان کي زخم ۾ گهڻي تڪليف هئي. سور لاهڻ لاءِ انجيڪشنز لڳيون پي پر انهن جو اثر ٿورو به گهٽ ٿي ٿيو ته سور وڌي ٿي ويو، پر جان بيبيءَ جي ناليءَ تي سندس جهيڻي آواز مان به پيار جهلڪي رهيو هو. ”پٽ، اوهان جي زخمي ٿيڻ جو ٻڌي هوءَ ته اسان جي هٿن ۾ ئي بيهوش ٿي ويئي... مان ۽ تنهنجو چاچوته هليا آياسين ڪراچي، جبار ته توسان گڏ هو ۽ هتي جانيءَ کي ستار ۽ سندس سئوٽين زهره ۽ افروز جي حوالي ڪري آيا آهيون.“

امير بيبي ۽ حمل خان ڪانئس موڪلائي هليا ويا، پر هن کي سوچن جي صليب تي اٽڪائي ويا. جان بيبيءَ جو خوبصورت چنڊ جهڙو چهرو سندس من جي نيپ تي ايري آيو. طارق خان اکيون بند ڪري سندس هر روپ پسڻ لڳو.

## باب سترهون

وقت ڪڏهن بہ بيهندو ناهي، پلي ڪو ايئن محسوس ڪري بہ پر حقيقت ۾ ايئن هوندو ناهي. ڪيڏا بہ طوفان، زلزلا، ٻوڏون، ڏڪار ۽ حادثا ٿين پر وقت بنا ڪنهن جي پرواهہ جي ايئن ئي لنگهي ويندو آهي، سندس لاءِ ڪابہ مهل اهم يا غير اهم نہ هوندي آهي. شادي هجي يا موت، ڪيس گذري ئي وڃڻو آهي. وقت نہ ڪنهن سان گڏ ٿهڪ ڏيندو آهي نہ ئي ڪنهن ساڻ ويهي لڙڪ لاڙيندو آهي. وقت انڌو، گونگو ۽ ٻوڙو آهي ۽ ڪيس گذرڻو ئي آهي پوءِ اها ماڻهو جي مرضي آهي تہ ڪيس مانائتو ڪري يا بيمانو بنائي، وقت جي قيمت ۽ قدر ڄاڻڻ وارا ڏاڍي فائدي ۾ هوندا آهن ۽ جن جي هٿن ۾ وقت جون واڳون هونديون آهن، انهن جي هٿن ۾ زماني جون واڳون هونديون آهن. امير بيبيءَ بہ شايد اهو سوچي تہ هلندڙ وقت نہ ڪنهن لاءِ بيهندو آهي نہ ئي انتظار ڪندو آهي. اُها وري بہ ڪراچي ۾ طارق خان سان ملي جيڪو اسپتال مان گهر اچي ويو هو ان سان صلاح ۽ مشورو ڪري ساڳيئي ڪارڊن واري تاريخ تي جبار جي شاديءَ جو سڏ، دعوت راڄن ڪي ڏياري موڪليائين. نور بيبي بہ پنهنجن پائرن سان گڏجي اچي جبار جي شاديءَ کان هڪ هفتو پوءِ جي تاريخ مير محمد جي شاديءَ جي طئي ڪرائي آئي هئي. ڪنهن ڪي ڄان بيبيءَ جو فڪر نہ هو. هرڪو پنهنجي تيارين ۾ مشغول هو. سواءِ گهر جي ٻانهين ۽ زهره ۽ افروز جي جيڪي سيئي ڪٺل پاٽيءَ واري تلاءَ ۾ ڦاٿل مڇين جيان پي ڦتڪيون ۽ تڙپيون. امير بيبيءَ جڏهن جان بيبيءَ کي پنهنجي پسند جا ڪپڙا ۽ ٻيو سامان وٺڻ لاءِ ڪراچي وڃڻ جو مشورو ڏنو تہ هن هڪدم قبول ڪري ورتو!! امير بيبيءَ خوشيءَ مان ڪيس ڀاڪر پائي چمي ڏني، ”صدقو وڃان پنهنجي گلاب پٽ تان، ايئن جيجل جو هانءُ ٺاريندو ڪر نہ...“

جان بيبيءَ زهره کي چيو، ”زهري، آءٌ ڪراچي ۾ رڳو طارق خان کي ڏسڻ تي وڃان، کهڙا ڪپڙا، ڇا جون خريداريون؟“
”جاني متان کو ممڻ مچائين؟“
جان بيبيءَ اداسيءَ مان چيو، ”زهري، طارق خان کي ڏسي ماڻ هاڻ ناپر ۾ اچي، هونئن تہ منهنجو هاڻ ڦاتي تو صفا سندس جدائيءَ ۾.“
جان بيبيءَ جو ڪراچي وڃڻ جو ٻڌي جبار خوشيءَ مان ٽڙي پيو.
”زهري، تون بہ جانيءَ سان گڏ هلين تي نہ؟“
”ها ضرور.“
”آءٌ تو اوهان سان گڏجي هلان!“
”ڪيئن نہ هلندين ادا، هينئر ڪراچي هلڻ لاءِ تہ...“
جبار زوردار ٽهڪ ڏنو، ”وڏي حرامڙي آهين زهري تون.“
ٻئي کلڻ لڳا. جان بيبيءَ جي چهري تي ڪا معمولي مرڪ بہ نہ اچي سگهي هئي. جبار چيو، ”خير، ايئن بہ ڪونهي. مون کي طارق خان ڏسڻو آهي ۽ ساڻس ڪجهہ ڳالهين جي باري ۾ صلاح بہ ڪرڻي آهي ۽ ڪيس سندس دوستن جا ڪارڊ بہ ڏيڻا آهن.“
جان بيبيءَ کي تہ ڪنهن بہ ڳالهہ جو ڪو فڪر ۽ الڪو نہ هو. زهره چيو، ”ادا، اتي رهنداسين ڪٿي، ادا مير محمد جي گهر ۾ تنهنجي دل جي انتهائي اچلن جي باوجود رهي نہ سگهبو، ڇو جو اسان سان گڏ جاني آهي.“
”تنهنجون سيئي ٽوڪون ٺيڪ نشاني تي پيون لڳن. سستر، ان جي باوجود مان توکي سڌو جواب ڏيندس تہ اسين مامي جي گهر رهنداسين... بس هڪڙي رات ئي تہ رهڻو آهي.“
”ياڳ وارا آهيو جو ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾ بہ مائٽ اٿو!“
”اهوئي تہ خاندان کان ٻاهر شادي ڪرڻ جو فائدو ۽ مزو آهي. هاڻي وري بہ جاني پيئي ڪراچي وڃي. منهنجو تہ ماسيءَ جو گهر بہ ٿيو تہ ساهرن جو بہ ۽ پيڻ جو بہ....“
”واهہ واهہ، هاڻي تہ ڪراچيءَ ۾ اسان جو بہ ٺُنهن اٽڪيو آهي.

جاني اوڏانهن ويندي تہ اهو گهر اسان جو ٿيندو، سئوٽ جي گهر ۾ وڃڻ ڪان اسان کي ڪير روڪيندو؟"

جان بيبي ۽ زهره جڏهن ڪراچيءَ ۾ جبار سان گڏجي پنهنجي مامي صالح محمد جي گهر پهتا تہ اهي انهن کي ڏسي ايڏو تہ خوش ٿيا جو زهره حيرانيءَ مان ڪين ڏسڻ لڳي. هوءَ گهڻو اڳ انهن سان گڏجي هڪ پيرو نوربيبيءَ جي گهر آئي هئي پر ڪيس ان گهر جو ماحول نہ وڻيو هو ۽ هو اتي هڪڙي رات ئي رهيا هئا. پر هتي سندن مامي جي زال ۽ بار ڪيس ذهين ۽ پڙهيل لڳا. سندن ماروٽ آصف چيو، "پڦي امير بيبي تہ پنهنجي پيڻ جي گهر ايندي آهي اوهين الائي ڪيئن پلجي اسان وٽ آيا آهيو؟"

سندس ماروٽ صفيہ کلي چيو، "ادا آصف تہ خوشيءَ مان رڳو ميارون ڏيڻ لڳو آهي."

سيئي کلي هڪ ٻي سان ملي اندر گهر ۾ آيا. آصف جون نظرون جان بيبي تي هيون جيڪا گهرن نيرن ڪپڙن ۾ اداس چهري تي گلاب رنگ چپن جي ڪنڊ ۾ هلڪي اڻ لکي مرڪ دٻائي ليو ناردوونچي جي مونا ليزا لڳي رهي هئي. جبار جڏهن کين ٻڌايو تہ جان بيبي خريداري ڪرڻ آئي آهي تہ صفيہ ڏاڍي خوش ٿي، "ادي، طارق روڊ تي هلنداسين..."

جان بيبيءَ چرڪي زهره کي ڏٺو ۽ پوءِ کيس طارق خان سان گڏجي ڪيل طارق روڊ واري خريداري ياد اچي ڪيس تڙپائڻ لڳي. شام جو خريداريءَ جو پروگرام بنايائون. جبار، هر شئي اعليٰ معيار جي وٺڻ ٿي چاهي. زهره سوچيو، 'طاهره تہ اعليٰ معيار جي ناهي اها جبار کي ڪيئن وڻي؟'

جبار، آصف کي چيو، "يار، هونئن زيور تہ سڀ امان جي پسند جا آهن، پر مان پنهنجي پسند جي هڪڙي منڊي ٿو وٺڻ چاهيان."

آصف کلي چيو، "يار، اهو شعبو عورتن جو آهي صفيہ سان صلاح ڪر."

صفيہ کلي چيو، "ادا، سونارا تہ هتي تمام سنا آهن... اوهان هلي ڏسو، ڪو ڊزائين اوهان کي وڻي تہ ونو نہ تہ پنهنجي پسند

جي ڊزائين ٻڌايو تہ اهي گهڙي ڏيندا.“
جبار چيو، ”آءٌ بہ ٿي پيرا امان سان گڏ آيو آهيان ۽ مون پاڻ بہ چڪر ڏنا آهن پر مون کي هتي جا سونارا سنا نٿا لڳن... سيني وٽ عام رواجي ڊزائين آهي.“
”ادا، هتي تہ اهي ئي سونارا آهن. اوهان کي منڊي لاءِ نيويارڪ وڃڻو پوندو.“
”ڇا لاءِ. اتي ڪهڙي خصوصيت آهي؟“
”ادا، اتي دنيا جو مشهور سونارو ڪارٽيئر رهندو آهي.“
ان ڳالهہ تان سيئي ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳا، جبار چيو، ”واقعي يار آصف تو سچ چيو تہ اهو عورتن جو شعبو آهي. هاڻي ڏسو صفيہ ڪٿان جو سونارو ڪوٺي آندو!“
سيني خريداري ڪئي. جان بيبي کي تہ ڪا دلچسپي نہ هئي. البتہ زهره مصروف هئي ڇو جو امير بيبيءَ ڪيس سامان جي لسٽ هٿ ۾ ڏيئي ڇڏي هئي. گهر اچي سيني پنهنجي خريداري ڏيکاري. صالح محمد چيو، ”جاني پٽ، تو ڇا ورتو. ڪجهہ ڏيکاريئي ڪونہ؟“
جبار ٽهڪ ڏيئي چيو، ”ماما، جاني ڪنجوس آهي. ڪجهہ بہ نہ ورتائين، البتہ مون ۽ زهره سندس لاءِ ڪافي خريداري ڪئي آهي.“
آصف ۽ صفيہ ٻئي هڪ ٻي ۾ نهاري مرڪي رهيا هئا. سندن ماءُ فاطمہ چيو، ”يا الاهي خير. ٻئي شرير مرڪي رهيا آهن.“
آصف ٽهڪ ڏنو تہ صفيہ کلي چيو، ”مون ۽ ادا آصف ادي جانيءَ لاءِ تحفو ورتو آهي.“
جان بيبيءَ ٻنهي ڏانهن حيرت مان ڏٺو. زهره مشڪي رهي هئي، فاطمہ کلي چيو، ”شاديءَ جو تحفو؟“
جان بيبيءَ جي چهري جو رنگ بدلجي ويو. جيڪو ڪنهن بہ طريقي سان خوشي ۽ شرم جو رنگ نہ هو جيڪو آصف چٽو محسوس ڪيو.
”نہ، امان، شاديءَ جو تحفو ڇو، جان بيبي اسان جي گهر جو آئي آهي.“
صفيہ زهره ۾ نهاري سليٽي رنگ جو پرت وارو سوٽ سندس

اڳيان رکيو. ”هي ادي زهره جي لاءِ...“
”اها وري ڪهڙي تڪليف، اوهين ته اسان وٽ اچو ڪونه؟“
صالح محمد سندس مٿي تي پيار ۽ شفقت مان هٿ رکي چيو، ”ايئن چو ٿي چوين پٽ، تون به اسان جو ٻچو آهين، مصطفيٰ خان سان ملاقات آهي، باقي گهر به ضرور اچبو، ڏار ته ناهيو اسان کان.“ جان بيبي کي به ساڳي رنگ ۽ پرت وارو سوٽ صفيه ڏنو.
زهره سندس اڳيان احترام سان سر نمائي سوچيو، ’ڪيڏا پيارا آهن سيئي جيءَ ۾ جايون جوڙيندي ويرم به نٿا لائين.‘
رات جي ڪاڏي ڪان پوءِ خوب ڪچهري ڪيائون. صبح جو نيرن ڪان پوءِ جبار آصف کي چيو، ”آصف يار هلو ته طارق خان سان ملي اچون.“
طارق خان جي نالي تي جان بيبي چرڪي چئي، ”ادا، اسين به طارق خان کي ڏسڻ هلنديونسين!“
زهره کي اها ته خبر هئي ته جان بيبي ڪراچيءَ ۾ آئي ئي طارق خان سان ملڻ آهي، پر اها ڪيس خبر نه هئي ته سيني جي اڳيان هينئن امالڪ طارق خان سان ملڻ جو چوندي. هوءَ حيرت مان ڪيس ڏسڻ لڳي. جبار بنا ڪنهن اهميت جي چيو، ”نيڪ آهي، پلي اوهين به ٻئي هلو.“
جبار ڪيڪ ۽ منايون طارق خان لاءِ ورتيون هيون اهي ڪٽي نڪتا. طارق خان جي گهر تي نظر پوڻ سان جان بيبيءَ جي اندر مان ڪا سوٽ اڀري... ڪيس طارق خان جي گهر ۾ رهڻ وارو لمحو لمحو ياد اچڻ لڳو. سندس اکين مان لڙڪ زرڻ لڳا. برقعي جي نقاب پويان وهندڙ گونگا لڙڪ ته ڪوبه ڏسي نه سگهيو پر سندس اندر مان نڪتل هلڪو سڏڪو ساڙس لڳو لڳ هلندڙ زهره کي چرڪائي ويو. هن هڪدم پنهنجي هٿ ۾ جهليل ٽشو سندس هٿ ۾ پڪڙائي پنهنجي هٿ جو هلڪو دٻاءُ سندس هٿ تي ڏيئي ڪيس پاڻ سنڀالڻ جي تنبيهه ڪئي ۽ هن به پنهنجا لڙڪ ٽشوءَ ۾ جذب ڪري ڇڏيا. گهر جو لان عبور ڪيائون ته سامهون ئي شهناز جي وڏي ڀيڻ مهناز بيٺي هئي، جنهن ڪين پليڪار ڏيئي ساڻن

ڪيڪاري ڪين طارق خان جي ڪمري ۾ وٺي آئي. طارق خان جي ڪمري جو دروازو ڪليل هو ۽ هو سامهون پلنگ تي سڌو ليٽيل هو ۽ سندس نظرون سامهون دروازي طرف هيون... هو گهٽو ڪمزور لڳي رهيو هو. جيئن ئي هي سڀ دروازي مان ڪمري اندر داخل ٿيا، طارق خان مشڪي اٿڻ جي ڪوشش ڪئي جبار ذري گهٽ ڊوڙي ڪيس اٿڻ کان منع ڪئي. طارق خان ڪلي سيني کي پليڪار ڏني.

”جبار يار، ٿورو ويهڻ ته ڏي، ڏس ڪيڏا معزز مهمان آيا آهن.“

طارق خان پاڻ کي ٿورو مٿي ڪيو ته جبار ۽ آصف سندس پني ۽ ڪلهن جي هيٺان به نرم وهاڻا رکيا طارق خان مهناز کي چيو، ”برقعا لهرائي ڪين آرام سان ويهار!“

مهناز مشڪي برقعن ڏانهن هٿ وڌايو ته ٻنهي پاڻ ئي برقعا لاهي پلنگ جي پير ۾ رکيل صوفن تي وينيون. طارق خان جون نظرون جان بيبي ڏانهن هيون، هوءَ ڪيس تمام گهٽو ڪمزور لڳي رهي هئي. ”ڇا ڳالهه آهي جان بيبي، ڪمزور ٿي وئي آهين؟“

جبار ڪلي چيو، ”اوهان جي زخمي ٿيڻ جو ٻڌي جاني بيهوش ٿي ڪري پئي هئي.“

”اوهه.“ طارق خان جو اندر تڙپي پيو. جبار ٻڌايو، ”مان، امان ۽ بابا هتي اوهان وٽ هئاسين هتي جانيءَ جي ڏاڍي خراب حالت هئي. هاڻي ته ڪجهه نيڪ آهي... نه ته اڳ هلڻ به وڏي ڳالهه هو ۽ جڏهن گهڻي دير تائين هوءَ بيهوش هئي ته ستار مون کي ٻڌايو ته ڊاڪٽر چيو هو ته صدمي ۽ ٽينشن جي ڪري سندس جان کي به خطرو ٿي سگهي ٿو.“

جيئن جيئن جبار ڳالهايو پي تيئن تيئن طارق خان جي چهري جو رنگ ڳاڙهو ٿي رهيو هو. سندس نرڙ جون رڳون اڀري آيون هيون. هن جان بيبي کي ڏٺو... ۽ سندس روئڻ اکيون هينئر به طارق خان کان لڪي نه سگهيون. 'او جاني، تو ته مون کي وڏي امتحان ۽ وڏي آزمائش ۾ وجهي ڇڏيو آهي. مان جيترو به توکان پاڻ کي پري ٿو ڪرڻ چاهيان ٿو اوترو ئي منهنجي ويجهو ٿي

اچين، پاڻ تي جبر ڪري توڪان ڌار ٿيڻ وارو عمل پانيان ٿو ڪامياب ٿي نہ سگهندو! ان ۾ تنهنجي محبت جو ڪمال تہ آهي ئي پر شهناز جي اڏنگي روش جو بہ وڏو هٿ آهي.'

مهناز جون اکيون طارق خان ۽ جان بيبي جي نظرن سان گڏ سفر ڪري رهيون هيون. هن طارق خان جي اکين ۾ جان بيبي لاءِ پيار جو سمنڊ ڇوليون هڻندي نهايت آسانيءَ سان ڏسي ورتو هو ۽ جان بيبيءَ جي جهڪيل اکين ۽ چهري تي لکيل طارق خان لاءِ پيار جو خط بہ سولائيءَ سان پڙهي ورتو هو. طارق خان مهناز کي ڏنو، "شهناز کي مهمانن جي اچڻ جي خبر آهي؟" مهناز ڇرڪي چيو، "نہ ادا." "ٻڌائينس وڃي." مهناز ڪمري کان ٻاهر نڪتي تہ طارق خان جان بيبي ڏي ڀرپور نگاهہ وڌي. ڪارن ڪپڙن ۾ سوگوار ۽ ڪمزور جان بيبي سندس اندر ۾ هيٺ تائين لهي ڪيس اداس ڪري ويئي. طارق خان پاڻ سنڀالي مشڪي زهره کي چيو، "ادي زهره، پنهنجي سهيليءَ کي سنڀالڻ ۾ ڪامياب نظر نٿي اچين؟"

زهره طارق خان کي پاڻ ڏانهن متوجہ ڏسي ڇرڪي پيئي. "ادا، ڪامياب تہ ٿي آهيان نہ تہ جيڪا جانيءَ جي حالت هئي ان تہ اسان کي ڏيڄاري ڇڏيو هو. پر الله مڙئي هيڏانهن هوڏانهن پنهنجي مهرباني ڪري ڇڏي."

جان بيبيءَ اکيون مٿي ڪٽي طارق خان ڏي نهاريو تہ ٻن وهاڻن کي ٽيڪ ڏيئي پلنگ تي ويٺل طارق خان کيس ئي ڏسي رهيو هو. جان بيبيءَ محسوس ڪيو تہ طارق خان جي اڄ ۽ اڳ جي نهار ۾ وڏو فرق آهي. اڳ طارق خان جون اکيون کيس تنبيهہ ڪري روڪينديون هيون، پر اڄ اهي پيار ڪري کيس سڏي رهيون هيون. جان بيبي تمام تر ڪمزورين جي باوجود ڪڙي پيئي. جبار چيو، "ادا، هاڻي اوهان ڪيئن ٿا پنهنجي طبيعت محسوس ڪريو؟"

"مان تہ چاهيان ٿو تہ هينئر اوهان سان گڏجي ڳوٺ هلان پر ڊاڪٽرن ڪمري کان ٻاهر نڪرڻ تي بہ پابندي وجهي ڇڏي آهي. هونئن تہ چون ٿا تہ دنيا سرجري ۾ وڏي ترقي ۽ ڪاميابيون ڪيون

آهن، پر هن هڪ ننڍڙي گوليءَ ڪين بيوس بنائي ڇڏيو آهي.“

سيئي ڪلڻ لڳا. آصف چيو، ”ادا گوليءَ کي پنهنجي اهميت جي خبر آهي تہ ڪنهن کي لڳي آهي سو ڏکي بنجي ويئي.“ وري بہ سيني ڪليو. شهناز ڪمري ۾ داخل ٿي تہ سيئي اٿي ساڻس مليا. هن صوفي تي ويهي ڪلي چيو، ”دير سان اچڻ لاءِ معافي... پر اها دير بہ ٻارن ڪرائي آهي.“

جان بيبيءَ ۽ زهره ڪيس ڏيءَ ڄمڻ جون مبارڪون ڏنيون جيڪا ڪين اڳ ڪان گهڻو ٿلهي ۽ تندرست نظر اچي رهي هئي. جبار مشڪي چيو، ”ادي، هاڻي تہ اوهان بلڪل ٺيڪ آهيو. منهنجي شاديءَ ۾ ضرور اچجو.“

جان بيبيءَ کي جبار جي اها ڳالهہ صفا نہ وڻي. سوچيائين، ’شهناز پلا ڪيئن شادي ۾ ايندي؟ ڇا طارق خان کي هن حالت ۾ ڇڏڻ تي سندس دل چوندي؟ هوءَ تہ طارق خان جي خدمت هٿن سان نہ پر اکين سان ڪندي هوندي.‘ پر شهناز تہ سندس سوچن جي ابتڙ جواب ڏنو، ”ها ادا، مان جيڪر اتي بہ شاديءَ تي اچان ها پر مون کي جابلو سفر جي اجازت اچان ڊاڪٽر نہ ڏني آهي. باقي هتي ڪراچيءَ ۾ تہ ضرور شريڪ ٿينديس.“ شهناز جي جواب تي جان بيبيءَ ڏک مان طارق خان کي ڏٺو جيڪو ڪيس ايئن ڏسي رهيو هو ڄڻ چوندو هجي، ”خير آهي جاني، ايترو بہ حساس نہ ٿجي جو اندر ڪاڇي وجي.“

شهناز مرڪي جان بيبيءَ ڏانهن نهاري چيو، ”جانيءَ جي شاديءَ جي تاريخ بہ طئي ٿيل آهي نہ؟“

جبار چيو، ”ها، منهنجي شاديءَ کان هڪ هفتو پوءِ.“

شهناز ڪلي چيو، ”پوءِ تہ معنيٰ گڏ شادي آهي. هڪڙي هفتي جي ڪهڙي ڳالهہ؟“

جان بيبيءَ کي ڄڻ ڪنهن اوچتو ٻرندڙ جبل جي وچ ۾ ڪٽي اڇلايو هجي. جنهن کي ڪرڻ کان پوءِ دانهن ڪرڻ جي بہ مهلت نہ ملي ۽ هوءَ چار ۽ رڪ تي وجي. طارق خان کي شهناز جي ڳالهين تي ايڏي چڙ آئي جو ڪيس زور سان چيائين، ”گهر ۾ پلا ڇانهہ،

پاٽي ڪاڏو وغيره آهي به يا نه؟“

جبار کي طارق خان جي ڪاوڙ بنهه سمجهه ۾ نه آئي. ”اسان ته هاڻي ئي نيرن ڪري پيا اچون ۽ اوهان سان ملي هينئر ئي ڳوٺ وڃڻو آهي.“

طارق خان جڻ تڙپي پيو، ”ڳوٺان ڪڏهن آيا آهيو؟“

”ڪلهه.“

”۽ اڄ ئي پيا وڃو؟“

”ها، هُتي به تمام گهڻا ڪم رهيل آهن. اوهان جي حوالي وارا ڪم به ته مون کي ڪرڻا آهن نه.“

ان ڳالهه تي طارق خان کان ٿهڪ نڪتو جنهن جي ڪري زخم ۾ سور ٿيس ۽ سندس چهري جو رنگ زرد ٿي ويو. جان بيبي گهٻرائجي اٿي بيهي رهي. طارق خان چيو، ”ڪجهه ڪونهي... شهناز، سور واري گوري ته ڏي...“

شهناز کي جان بيبيءَ جو انداز نه وڻيو. اٿي چيائين، ”ادا جبار، چانهه ته ضرور پيئبي.“

شهناز، چانهه جو چئي ۽ طارق خان کي نظرانداز ڪري جڻ جان بيبي کي اهو احساس ڏياريو ته، هي گهر ۽ طارق خان منهنجا آهن ۽ ڪمري کان ٻاهر نڪري ويئي.

شهناز جي وڃڻ کان پوءِ جان بيبي آهستي طارق خان کان پڇيو، ”گوري ڪٿي آهي؟“

زهره حيرانيءَ مان ڪيس ڏسي رهي هئي طارق خان ڏک مان چيو، ”مون کي ڪا خبر ناهي... ٿي سگهي ٿو پريان ٽيبل تي هجي.“

جان بيبيءَ ٽيبل تان مختلف گوريون ڪڍي ڏيکاريون، ”ڪهڙي آهي؟“

مهناز پاڻيءَ جو گلاس کڻي اچي جان بيبيءَ جي هٿ مان گوري کڻي طارق خان کي ڏيندي چيو، ”هيءَ آهي سور جي گوري.“

پاڻي جو گلاس اڃان طارق خان جي هٿ ۾ هو ته مهناز ڪمري کان ٻاهر نڪري ويئي. طارق خان گوري پيتي ته جان

بيبيءَ سندس هٿ مان خالي گلاس ورتو. گلاس وٺندي طارق خان جي آڱرين سان سندس آڱريون مليون، ٻنهي ڇرڪي هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو. طارق خان ته الائي ڪجهه محسوس ڪيو يا نه، جان بيبيءَ کي ته ايئن محسوس ٿيو ڄڻ سندس آڱريون بجليءَ جي اگهاڙين تارن سان ٽڪرائيون آهن. سندس سڄي بدن ۾ ڪرنٽ ڊوڙي ويو. ڪيس اهو سڀ ڏاڍو پيو وڻيو. ڪاش، آءٌ ايئن ئي طارق خان جي خدمت ۾ حاضر رهان. گلاس ٽيبل تي رکي هن طارق خان ڏي نهاريو ۽ سندس هانءَ تي لطيف جو بيت هري آيو:

ڪيچان آيو قافلو، چامن سندو چام،
ڏسندي ئي پنهونءَ کي، اکين ڪيو آرام،
ناتر ڇاپان نام، جي مون نيو پاڻ سين.

جبار واچ ۾ نهاري آصف کي چيو، ”سويل نه نڪربو ته پهچڻ ۾ دير ٿي ويندي.“

طارق خان مشڪي چيو، ”ڪهڙيون پيا لڪي لڪي صلاحون ڪريو؟“

آصف مشڪي چيو، جبار اٿڻ ٿو چاهي.“

”ايئن يلا ڪيئن، ماني کائڻ بنا ڪيئن ويندا؟“

ياڳي ۽ نازو چانهه مٺايون کڻي آيون. طارق خان چڙي چيو، ”ياڳي گهر ۾ هاڻي ته سستي جنات جيان واسو ڪري ويئي آهي. چانهه ۾ به ايڏي دير؟“

ياڳي مشڪي بيهي رهي. جبار پاڻ سان آندل ڪيڪ ۽ مٺائي ياڳيءَ کي ڏيئي چيو، ”هي طارق خان لاءِ آهي.“ طارق خان مهرباني مڃي ۽ ياڳي ۽ نازو اهي کڻي ڪمري کان ٻاهر ٿي نڪتيون ته طارق خان سڏ ڪيو، ”ياڳي تون وري اچج!“

ياڳي آئي ته طارق خان چيو، ”ڪٻٽ جي مٿان جيڪو شاهه جو رسالو آهي اهو کڻي آءُ.“

ياڳيءَ رسالو کڻي اکين تي رکي چمي آڻي طارق خان کي ڏنو. طارق خان رسالو وٺي جان بيبي کي ڏنو. ”هي منهنجي پاران قبول ڪر.“ جان بيبيءَ رسالو وٺي سيني سان لائي مهرباني مڃي.

طارق خان ياڳيءَ کي چيو، ”ڪپڻ ڪولي به اجرڪون ڪٽي اچ...“ هوءَ ڪٽي آئي ۽ طارق خان زهره ۽ جان بيبيءَ کي سڏي ڪين پاڻ اجرڪون اوڍايون. ٻنهي ڪيس حيراني مان ڏٺو.

زهره چيو، ”ادا، اها تڪليف ته نه ڪريو.“

جان بيبي ماٺ هئي. طارق خان چيو، ”دعا ڪريو ته مان جلدي نيڪ ٿي وڃان نه ته جيڪر هينئر مان اوهان کي ايترو تڪڙو وڃڻ ڪٿي ڏيان! ادي زهره کي ته ضرور ڪراچي ڏيکاريان ها.“

سيني ڪيس چڱ ڀلائيءَ جي دعا ڪئي. جبار اٿي ساڻس هٿ ملائي وڃڻ جي اجازت گهري. زهره ۽ آصف به ڪائنس موڪلايو. پر جان بيبيءَ جي دل ته طارق خان وٽان اٿڻ لاءِ تيار نه هئي.

گجر گاروڙين، اچيو اوڏي ابهي،
مٿان پيئي تن، ٻڌا پاڻ هٿن جي.

هوءَ طارق خان کي ڏسي رهي هئي ۽ طارق خان پڻ ڪيس ئي ڏسي رهيو هو. اڄ سندس اندر ۾ جان بيبيءَ پنهنجي چاهه جا مضبوط خيما ڪوڙي ڇڏيا هئا.

مومل کي مجاز جا، اکين ۾ انبور،
هٽي حاڪمن کي، پٽ نهاريو پور،
گهوٽ پهرين گهور، جي وياسي وڍيا.

زهره، جان بيبي کي ڏسي وري طارق خان ڏانهن نهاري چيو، ”ادي شهناز ڪٿي آهي؟“

شهناز ڪمري ۾ اچي ڪلي چيو، ”مان هيءُ آهيان، اوهين وڃو پيا؟“

زهره ۽ جبار چيو، ”اسان کي ڳوٺ به وڃڻو آهي.“

”هينئر چو، اڃان ته مون ڪچهري به نه ڪئي اوهان سان!!“

زهره ڪلي چيو، ”ادا جبار جي شاديءَ جي تڪڙ آهي، ان ڪري پيا جلدي وڃون، اوهان به ڪوشش ڪري اچجو، ته پوءِ اتي ڪچهريون ٿينديون.“

”رڳو جبار چو، جانيءَ جي به شادي آهي نه!!“

جان بيبيءَ چرڪي طارق خان کي ڏٺو، جيڪو ڪيس ڏسي

سندس ڪرب محسوس ڪري شهناز ڪي ناگواري مان ڏسي رهيو هو. زهره ماحول جي سنگيني محسوس ڪري چيو، ”شاديون گڏ تہ ناهن. پهرين ادا جبارجي آهي ۽ اسين گهوٽيتا آهيون، جبار جي شادي لاءِ دعوتون ڏينداسين، جاجي ڊوهينداسين، ڏمريل پرچائينداسين منٿن سان.“

وري ٺهڪ ڏيئي چيائين، ”ادي شهناز، اوهان ڪي بہ ڪو ڏمر هجي تہ اهو بہ ظاهر ڪريو، سٺو موقعو آهي.“

زهره جو لهجو الائي ڇو تلخ ٿي ويو هو. شايد جان بيبي جي محبت ۾ ڪيس لڳو هو تہ پهرين مهناز ۽ هاڻي شهناز هرويرو طارق خان جي اڳيان جان بيبي ڪي شاديءَ جي يادگيري ڏياري آهي. آصف ۽ جبار حيران هئا. طارق خان ڪي زهره جو ڳالهائڻ سٺو لڳو.

شهناز چيو، ”ڏک تہ ماسي اميران سان اوربا.“

زهره ڪي پنهنجي بيعزتي محسوس ٿي تہ مان شهناز اڳيان ڌاري آهيان ان ڪري هن امير بيبيءَ ڪي وچ ۾ آندو آهي. جبار زهره ڪي ماٺ ڏسي چيو، ”ادي شهناز، امان تہ ڳوٺ ۾ آهي. هتي اوهان جي اڳيان هي منهنجي سئوٽ آهي جيڪا اسان جي گهر ۾ جانيءَ جيان ئي لاڏلي ۽ خودمختيار آهي، اهائي اوهان جا ڏک، ۽ ميارون لاهيندي ۽ دعوتون ڏيندي.“

شهناز ڦڪي ٿي ڏک پچائي چيو، ”تاجان ڪٿي آهي، سرگرم تہ ان ڪي هئڻ گهرجي.“

جبار چيو، ”تاجان ڪي واقعي سرگرم هئڻ گهرجي. هڪ تہ سندس پٽ صفا ننڍڙو آهي ٻيو وري پڦي عزيز جان بہ هاڻي چاڪ نٿي رهي.“

شهناز چيو، ”ماسي عزيز جان ڪي ڇا ٿيو آهي؟“

”الائي، بس ڪمزور ٿيندي پيئي وڃي.“

شهناز ٺهڪ ڏيئي طارق خان ڪي ڏٺو جيڪو سندس ڳالهين تي بيزار ٿي رهيو هو، ”يلا، ادا مهراب خان جو ڪٿي چڪر وڪر تہ ڪونهي جو ماسي؟“

”شهناز، آهي ڇا؟“ طارق خان ڪيس دڙڪو ڏنو. سيني جي

منهن جا پنا لهي ويا. شهناز ڳالهہ ڦيرائي، ”اڙي اوهان منهنجي ڌيءَ سان مليا ئي ڪونہ!“ آصف چيو، ”آءٌ امان سان گڏ آيو هئس ڏسڻ.“

جبار چيو، ”آءٌ بہ ساڻس مليو آهيان.“ شهناز، جان بيبي ۽ زهره ۾ نهاريو جيڪي بيزار بيزار لڳي رهيون هيون. ”اوهان هلو تہ پنهنجي ڌيءَ سان ملايانوَ!“ سيني طارق خان سان موڪلايو. طارق خان، جان بيبيءَ کي ويندي ڏسي، جنهن ويندي ويندي بہ هڪ ڀيرو ڪنڌ ورائي ڪيس ڏٺو هو سوچيائين، ’ڪاش جاني، مان توکي پاڻ وٽ رهائي سگهان... توکي سيني ۾ لڪائي سگهان.‘ سيئي جڏهن طارق خان جي ڪمري مان نڪتا تہ طارق خان جي چپن تي لطيف جو بيت تري آيو:

اکين ۾ تي ويهہ، تہ واري آءٌ ڍڪيان،
توکي ڏسي نہ ڏيهہ، آءٌ پڻ نہ ڏسان ڪو بيو.

## باب ارڙهون

جبار جي شادي ۾ مينديءَ جون محفلون ڌوم ڌام سان جاري هيون. امير بيبيءَ چيو، ”پٽن جي شادين کان ڌيئرن جون شاديون ڏکيون آهن مائٽن لاءِ... پٽ جي شاديءَ ۾ ته رڳو خرچ ڪرڻو آهي... پر ڌيءَ جي ته نه رڳو چيزن پر لمحن جو به خيال رکڻو، ڪرڻو پوندو آهي. اندر ڪي به سنڀالڻو ته پوي، دل ڪي به قابوءَ ۾ رکڻو ته پوي.“ جان بيبيءَ جي جدائيءَ جو سوچي امير بيبيءَ جي حالت عجيب ٿي پئي. تاج بيبيءَ جي شاديءَ کان پوءِ جدائيءَ جو اثر امير بيبيءَ گهٽ محسوس ڪيو هو. هڪ ته سندس اڳيان ۽ ساڻس پاڇي وانگيان گڏ جان بيبي هئي ۽ ٻيو وري تاج بيبي شاديءَ ۾ خوش هئي. امير بيبي جو هاڻ اهو سوچي پيو ڏريو ته، متان، جان بيبي اتي گهاري نه سگهي؟ هوءَ ٻي مزاج جي آهي. نوربيبي ته خير ماسي اٿس ۽ ساڻس محبت به گهڻي ٿي ڪري، پر نذيران ۽ وزيران ڪجهه تکيون آهن!... هتي ايندڙيون آهن ته به جانيءَ تي ٺوڪ ٺاڙ پيون ڪنديون آهن، هُتي پنهنجي گهر ۾ ته الائي جانيءَ سان ڪهڙو رويو رکن! اڄ امير بيبيءَ کي جان بيبيءَ جي پيار ۾ اهي ٻئي تکيون ٿي لڳيون جن لاءِ اڳ هوءَ جان بيبي سان وڙهي پوندي هئي.

زهره ۽ افروز، جان بيبيءَ جي ڏاج ۽ سندس شاديءَ جون تياريون ايئن لکي ڪري رهيون هيون ڄڻ جرم پيون ڪن. جان بيبي جيئن ڪراچيءَ کان موٽي هئي رڳو ماٺ ۽ خاموش هئي. هوءَ ڪراچيءَ مان پنهنجي نيڻن جي ماڻڪين ۾ رڳو طارق خان کڻي آئي هئي. سو هن کي سواءِ طارق خان جي ٻيو ڪجهه به نظر نٿي آيو. پلنگ تي اڌ ليٽيل ڪمزور ۽ لتل طارق خان جو تصور ڪيس مضبوط جڪڙي ويٺو هو. اتي گهاريل لمحو لمحو، هڪ هڪ منظر بنجي نه ڄاڻ ڪيترا ڀيرا ريوائينڊ ٿي اڳيان اچي رهيو هو. گلاس

وڻندي سندس آڳرين جو طارق خان جي آڱرين سان ملڻ ۽ طارق خان جو کيس مشڪي ڏسڻ... شهناز جي ادنگين ڳالهين تي بيزار ٿيڻ ۽ سندس شاديءَ جي ذڪر تي چهري جو رنگ بدلجڻ ۽ شهناز کي ڌڙڪو ڏيڻ. اهي سڀ منظر تسلسل سان کيس ياد اچي رهيا هئا. اتي گهاڙيل هڪ هڪ لمحو سندس اندر ۾ امر ٿي ويو هو. ۽ هوءَ کيس وڏيڪ امرتا ڏيڻ جي ڪوشش ۾ هئي. مينديءَ جي محفلن ۾ سندس لاءِ به ڏار سيج بنائي کيس ويهاري شريڪ ڪبو هو. ڇو جو سندس شادي به ته جبار جي شاديءَ کان رڳو هڪڙو هفتو پوءِ ٿي ٿي رهي هئي. ان ڪري سڄي خاندان ۽ دوستن پاران ڪيل ميندين ۽ محفلون ۾ پنهي لاءِ گڏيل هونديون هيون. جڏهن به کيس رسم طور مندي ڏني ويندي هئي ته سندس چهرو عجيب سواليه نشان ٿي پوندو هو. ڇو، مون کي ڇو ٿا مندي لڳايو. ڇا مان ڪنوار آهيان؟ انهن سوالن تان سندس اندر ايڏو ته زوردار ڌماڪو ٿيندو هو جو هوءَ ڇرڪي سيني کي ڏسندي هئي... ڪنهن ٻڌو ته ناهي؟ مايون چونديون هيون، روز روز مندي لڳندي اٿس پر سندس هٿ ۽ پير ڦڪا ئي ڦڪا رنگ ئي نٿا ڪڻن! اهو سونئڻ چڱو ته ناهي! زهره ۽ افروز ڪلي چونديون هيون، ”اوهان جي ميندي ئي رنگ واري ڪانهي.“

مايون ٺهڪ ڏيئي چونديون هيون، ”هونئن به گهٽي اچي ۽ پوري ماڻهو تي مينديءَ جو رنگ نٿو اچي.“ باقي اهو ته رڳو زهره، افروز ۽ سندس گهر جون کيس چاهيندڙ ٻانهيون ئي ڄاڻنديون هيون ته اهو ڪهڙو راز آهي جو روز روز ميندي لڳڻ جي باوجود جان بيبيءَ جا هٿ ۽ پير ڇو نٿا رنگ ڪڻن! هڪ ته هوءَ ميندي لڳڻ کان اڳ پنهنجي هٿن پيرن تي ڪريم لڳائي ڇڏيندي هئي ۽ پوءِ ماين جي وڃڻ شرط پنهنجا هٿ ۽ پير نل جي هينيان رکي نل کي فل کولي ڇڏيندي هئي. زهره الائي ڪيئن دل کي مضبوط ڪري چيو، ”جاني، تون ايئن ڇو ٿي ڪرين؟ ڇو نٿي حقيقت کي مڃين ته تنهنجي شادي ٿي رهي آهي؟“

جان بيبي هنجن منجهان پريل نيڻ کڻي کيس ڏٺو، ”زهري،

تون تہ منهنجي اندر جي سيني موسمن کان واقف آهين. جيڪا بہ موسم هن جان ۽ تن تي اچي ٿي، تون تہ گواهہ آهين. آرسيءَ جيان ظاهر آهيان آءٌ تو اڳيان! ۽ تون اهو بہ ڄاڻين ٿي تہ مون ڪڏهن بہ هن ڪي پنهنجي جيون جو ساٿي بنائڻ جو تصور بہ نہ ڪيو آهي... ڇو جو چاهيندي بہ ائين نٿي ڪري سگهان. مان ڪيڏا ضبط جا بند ٻڌندي آهيان تہ منهنجي ڪابہ ڪيفيت ظاهر نہ ٿئي، وائڪي نہ ٿي... پر هڪ اهائي ڪيفيت آهي جيڪا نہ رڳو تون، پر شايد سيئي محسوس ڪري ٿا ونن ۽ اها بہ ان لاءِ تي ظاهر ٿئي جو ان طوفان ڪي جي ڪٿان بہ واٽ نہ ملي تہ اهو سيئي بند ڀڃي منهنجي دل ڪي ويڙهي سندس ڏڙڪڻ ڪي ٻوڙي ڇڏيندو. زهري، تون نہ هجين تہ هيءَ تنهائي هيءَ خاموشي جنهن ۾ ڪو سرٻاٽ بہ ڪونهي اها منهنجي زندگيءَ جو ويساهہ ئي ڪسي وٺي. اها ئي انتها آهي جڏهن ضبط جا بند ٽڪاءَ ڪري ٽٽي ٿا پون ۽ وجود ذرن ۾ ورهائجي ويندو آهي ۽ اهوئي لمحو هوندو آهي جڏهن مان توکي پريشان ڪندي آهيان. ڪو تہ هجي... ها زهري، ڪو تہ هجي جنهن اڳيان پنهنجو اندر اٿلايان، پڌرو ڪريان، اها تون آهين زهري فقط تون، جنهن جي حصي ۾ منهنجي دردن جي سهڻ جا ٻوجها آيا آهن. منهنجو توسان رڳو رت جو سڳ ناهي... روح جو بہ آهي. رت جو سڳ تہ نذيران ۽ وزيران وارن سان بہ آهي پر جڏهن روح نٿو ملي تہ اهو رت رڳن ۾ ڊوڙي ڊوڙي ٿڪائي تو وڃي پاڻ سان گڏ اسان ڪي بہ" زهره ڪيس رڳو تڪيندي رهي. جنهن جي بيقراري ۽ درماندگي جيئن پوءِ تيئن وڌندي ٿي ويئي. هاڻي سندس جسم ننڌ جي حوالي هودنو هو پر سندس دماغ جاڳندو هو. ان غنودگي واري حالت ۾ هن جا پنهنجي ذهن سان رابطا ٽٽي پوندا هئا. هوءَ پنهنجون ذميواريون محسوس تہ ڪري سگهندي هئي پر انهن ڪي توڙ پڄائڻ سندس وس کان ٻاهر هو. هوءَ پنهنجي وجود ڪي هر وقت باهہ ۾ ٻرندو محسوس ڪندي هئي. اڪين ۾ سواءِ طارق خان جي ٻيو ڪوبہ منظر نٿي ايري سگهيو ۽ ٻي ڪنهن لاءِ سوچيل هڪڙو لمحو بہ سندس لاءِ ڇڻ ڪندو ۽ ڇٽنگ بنجي پوندو هو ۽

سندس اندر ڪنڊن ۾ ٽانڊن مان پرجي ڪيس چيرڻ ۾ ساڙڻ لڳندو هو. ڪاٻه صورت نظر نٿي آئي سڪون جي. اهي معجزا، اهي ڪرشما جنهن ذات سان منسوب آهن اهو ته اهي سوڪڙيون ڏيڻ لاءِ آماده ئي ناهي، ته پوءِ سڪون ڪٿان ملي؟ ڪير ڏي؟ ڪيس اداسين جي چوٽ تي چڙهيل ڏسي زهره صفا عام نموني چيو، ”جاني، اداسي لاهڻ لاءِ ڪا ته ڪوشش ڪر، تون ته پاڻ ڪي انهن بلائن جي حوالي ويتر پئي ڪندي وڃين.“

”اداسين جي موسم ٻه ڏاڍي پاڻ وهيٽي ٽيندي آهي زهري، اها ڪنهن جي ٻه مرضي ۾ منشا تي نه هلندي آهي... نه ڄاڻ ڪيئن ڇانئجي ويندي آهي! سندس راهون نهايت پرڪشش ۾ وڻندڙ هونديون آهن. مون پاڻ کي انهن راهن تي ڇڏي ڏنو آهي ڏسان ته ڪيڏانهن ٽيون وني وڃن.“

شاديءَ جا هل هنگاما ڪيس تڙپائڻ لڳا. هوءَ عارضي پناهن پويان ڊڪي ڊڪي ننهن ڪان چوٽيءَ تائين چور تي پئي هئي. سندس عجيب حالت هئي. ڪيس ڪجهه ٻه سمجهه ۾ نٿي آيو. ماڻهن جي شور گوڙ ۾ ڪنهن ڪنهن مهل ڪيس غشيءَ جا اڻ لکا دورا پئجي تي وبا. جيڪي ڪوبه محسوس نٿي ڪري سگهيو. سمجهه ۾ نه ايندڙ وارتا تي سندس دل طارق خان کي ڪيڏو سڏيو ٿي. ’آءُ طارق خان، اچي مون کي پنهنجي وشال سيني ۾ لڪائي هن اٿوٽندڙ ماحول مان اڏائي ڪٽي وڃ!‘ پر هينئر طارق خان ڪٿي؟ هوءَ ڪيس ڪٿي ڳولي؟ شاهه جو رسالو ته هونئن ٻه سندس ساٿي هو پر ڪنهن ڪنهن وقت ته سندس رازدار ٻه ٿي پوندو هو، سندس اندر مان بيت اڀڙڪو ڏيئي ٻاهر نڪتو:

ڊاٿي گهٽا اچن، من سوڊي ونگيو،
ڪاجا لائي مينڌري، لالي ڪي لڳن،
راٺو اڪڙين، وساريان نه وسري.

جبار اچي ٻڌايو هو ته هاڻي طارق خان ٿورو ٿورو اٿي هلي ٻه ٿو پر شاديءَ ۾ شريڪ ٿي نه سگهندو. جان ٻيبي جي دل طارق خان جي ان ٿوري هلڻ وارن وکن ۾ وچڙڻ لڳي.

امير بيبيءَ چيو، ”شهناز ۽ حسن جان ته ايندين نه؟“

”ادي شهناز چيو آهي ته هوءَ ڪراچيءَ ۾ پنهي شادين ۾ شريڪ ٿيندي.“

”۽ حسن جان؟“

”ادي حسن جان جي طبيعت ٺيڪ نه هئي، مان ڪلهه وٽس ويو هئس ته ان مهل به ڪيس تيز بخار هو. گهڻو ڪمزور ٿي ويئي آهي.“

”هئو ابا، حسن جان جو حال مون وٽ ساريل آهي. طارق خان جي حادثي سندس ساهه ئي ڪڍي ڇڏيو هو. ڏينهن هيس جي بچي ويئي. پاڻُ ۾ ساهه اٿس. طارق خان جو زخم ڪيئن هو؟“

”امان جيئن اسان پهرين سمجهيو هو ته گولي رڳو چمڙي چيري ويئي آهي، پر ايئن ڪونهي زخم گهرو آهي. ريٺجي ته پيو پر اجان به ڪجهه وقت لڳندو.“

حمل خان جي حويليءَ ۾ سندس راڄ ڳوٺ جي ماڻهن ڪان سواءِ ٻيا به ماڻهو ۽ جنگي خان جو سڄو خاندان لٿل هو. زهره ۽ افروز جبار جي پيٽين جو پارٽ نهايت خوش اسلوبي سان سرانجام ڏيئي رهيون هيون. ٻيون به سيئي چاچيون، سئوٽيون پنهنجون ذميواريون نڀائي رهيون هيون. تاج بيبي جو هڪ ته پٽ ڏاڍو روئڻو هو سواءِ ماءُ جي ڪنهن سان به مات نٿي ڪيائين ۽ ٻيو وري عزيز جان جي خراب صحت ڪيس پريشان ڪري ڇڏيو هو ۽ ايئن سندس هڪڙو پير مائٽن جي گهر ۾ ته ٻيو پير ساهرن جي گهر ۾ هو. پر امير بيبيءَ کي سندس غيرموجودگيءَ جو ٿورو به احساس نٿي ٿيو. ڇو جو حمل خان جو سڄو خاندان سندس هٿ ونڊائڻ لاءِ موجود هو. پر جي ڪيس ڪو فڪر يا ڳڻتي هئي ته اها ته جان بيبي خوش ناهي. خوش ته ڇا پر هر وقت آليون اکيون مات ۽ اداس آهي. جان بيبيءَ جي شاديءَ جي تياري به مڪمل هئي. سڄي حويلي ڪل ٺهڪ ۽ مرڪن جي جهولن ۾ جهُولي رهي هئي. پر جان بيبي پنهنجي ڪمري ۾ شاهه جو رسالو سيني سان لائي پينگهي ۾ ستل هئي. شموءَ سندس لاءِ چانهه آندي.

”جيجي، جيجي تاجان ۽ جيجي عزيز جان آيون آهن.“
”پڦي آئي آهي؟“ جان بيبي ٽپ ڏيئي پينگهي مان اٿي.
”ها جيجي.“
”ڪٿي آهي؟“
”جيجي اميران جي ڪمري ۾.“ جان بيبي پنهنجي ڪمري مان نڪتي ۽ هڪدم امير بيبيءَ جي ڪمري ۾ هلي آئي. جان بيبيءَ کي ڏسي سيئي حيران ٿي ويون. هن ڪنهن جي بہ پرواھ نہ ڪندي ڊوڙي اچي عزيز جان سان ڀاڪر پاتا! عزيز جان بہ ڪيس سيني ۾ جهلي ورتو. امير بيبيءَ مشڪي چيو، ”جانيءَ کي پنهنجي پڦيءَ جي محبت ۾ اهو بہ وسري ويو تہ سندس شادي آهي. گهر ڄاڄين مان پريو پيو آهي.“
”پوءِ ڇا، پهرين تہ ڀاءُ جي شادي اٿس.“
”پوءِ بہ ڪو شرم حيا...“ امير بيبيءَ پوگ ڪيو تہ زهره ٺهڪ ڏيئي چيو، ”عقل، مت، شرم...“ افروز ڪيس ڏڪ هڻي ماٺ ڪرايو تہ زهره ڪلي آهستي چيو، ”آءٌ ڪا سڄ پوري ڪنديس ڇا؟“
ڪي سمجهيون ڪي نہ سمجهيون پر سيئي زالون ٺهڪ ڏيئي ڪلڻ لڳيون ۽ جان بيبيءَ جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. زهره چڙڪي ڪيس اٿاري چيو، ”هلو جاني...“
ڪمري ۾ اچي زهره چيو، ”جاني، تنهنجي اکين ۾ ڀريل لڙڪ ڏسي مايون الائي ڇا سوچين ان ڪري توکي وٺي آيس.“
عزيز جان جي طبيعت ٺيڪ نہ هئي. جڏهن گهر وڃڻ لاءِ اٿي تہ ساڻس گڏ تا بيبي بہ پنهنجو پٽ ڪٺي اٿي. ”پٽ تاجان، تون هتي ئي هج سياڻي جبار جو ونانهن آهي. ادي امير بيبي ڪراچي ويندي تہ تون گهر ۾ هج.“
”پر پڦي، تون بہ تہ ٺيڪ ناهين نہ!!“
”مون کي سنڀالڻ لاءِ ڪوڙ مايون آهن... مهراب خان بہ ٻاهر ويل آهي تون پلي هتي ئي هج.“
”مهراب خان ڪيڏانهن ويو آهي، هوندئن بہ الائي ڇو پيو اسان سان ٻيايون ڪري، شاديءَ ۾ بہ الائي ايندو يا نہ؟“ امير بيبيءَ جي

لهجي جي تلخي تي عزيز جان چرڪي پيئي. ”چو نہ ايندو شادي ۾، ضرور ايندو.“

”ادي ڪهڙي خبر، هي جي روز روز جون محفلون ٿيون ٿين... اندر نہ اچي پلي، ٻاهر مردن ۾ اچي ويهي... دنيا ڏسيس.“

تاج بيبي نندڙي سهراب خان ڪي ڪٽي ڪمري ڪان ٻاهر نڪتي جڏهن ڪمري ۾ وجي پاڻ ٻئي رهيون تہ عزيز جان انهري تي هوريان چيو، ”اميران، مهراب خان هاٽي تڪڙو تڪڙو سردار شاهنواز خان وارن ڏانهن ويندو آهي ۽ ڪڏهن تہ رات بہ رهي پوندو آهي جيڪا ڳالهہ منهنجي سمجهہ ڪان ٻاهر آهي.“

”هان!!“ اميران جي هانءَ ۾ چڻ مٺ لڳي.

”هئو ادي، اها ڳالهہ مون اڪيليءَ جي سهڻ ڪان جڏهن مٿي تي ويئي تڏهن توڪي ٻڌايم.“

امير بيبيءَ افسرده ۽ ڏڪاري تي چيو، ”تنهنجي طبيعت بہ ان ڪري ئي خراب ٿي رهي شايد...“

”هئو ادي، جيترو بہ سوچيان تي اوترو مٿي ۾ سور ٿو پوي هاٽي تہ مٿي جي سور واريون گوريون بہ اثر نٿيون ڪن.“

جبار جو ونانهن ڪراچيءَ ۾ ڌام ڌوم سان ٿيو. شهناز ۽ حسن جان اتي آيون هيون. طارق خان اجان گهر ڪان ٻاهر نہ نڪرندو هو. گهر ۾ تورو تورو پند ڪندو هو. لان ۾ آهستي آهستي هلندي طارق خان سوچيو، ’مون ڪي گولي لڳڻ واري حادثي ۾ شايد اها مصلحت پوشيده هئي تہ آءٌ جانيءَ جي شاديءَ ۾ شريڪ نہ ٿيان!! واقعي اها ئي بهتر راهہ هئي منهنجي لاءِ نہ تہ جيڪر ڪيڏين آزمائشن مان لنگهڻو پوي ها.‘

ونانهن جي ستين ڏينهن ڪراچيءَ ۾ جبار جو نڪاح، لانئون، سانٽ سونٽڻ ۽ سڀ رسمون جڏهن ٿي ويون ۽ چاچين ڪاچ وغيره ڪاڏو تہ امير بيبيءَ چيو، ”اسين هاٽي ڪنوار ڪي ونـي ڳوٺ ويندا سين.“

ميرمحمد موڪل ڏيندي چيو، ”ماسي اوهان جي مرضي، مون ڪي ڪوبہ اعتراض ڪونهي.“

نذيران ۽ وزيران منهن کي موڙو ڏيئي چيو، ”ايئن وري کيئن ٿيندو ماسي، رواج مطابق تہ گهوٽ کي ٽي راتيون ساهرن جي گهر رهڻو آهي؟“

”جهڙو وري واهُ تهڙي ڏجي پٽ، امان هُتي ڳوٺ ۾ شاديءَ جو ڪاج آهي. دنيائون وينل آهن ۽ اسين ڪنوار کي هتي ڇڏي وڃون؟“

”ادي، عقل ڪر ڏيئرن جي چوڻ تي نہ هل.“ هوريان نوربيبيءَ کي چيائين.

”ادي، توکي بہ تہ خبر آهي تہ گهوٽ ستاوڙي تي ڪنوار کي گهر وٺي ايندو آهي.“

”اڳ يلا هينئن ڪاج ڪان اڳ نڪاح ٿيندو هو؟ وقت سان رسمون بہ بدلجي ويندیون آهن. ڳوٺ ۾ آيل ڄاڃي ڪنوار کي ڏسڻ چاهيندا، ۽ جبار جو سڄو خاندان هُتي ڪاج ۾ مشغول آهي. هتي کي ٿورا آيا آهن. هاڻي جي تون هرويرو طاهره نٿي ڇڏين تہ تنهنجي مرضي، آءٌ جبار کي وٺي ٿي وڃان، اتي سندس بيحد انتظار آهي.“

امير بيبيءَ کي ڪاوڙيل ڏسي مير محمد ماءُ تي ڪاوڙجي پيو، ”آهي ڇا امان، ان ۾ نہ مڃڻ واري ڳالهہ ڪهڙي آهي؟“

نذيران انهري تي چيو، ”نيڪ آهي ماسي، تون پلي اسان تان راڄ ڪلائي وڃ! باقي اسين بہ مير محمد جي شاديءَ ۾ ايئن ئي ڪنداسين ۽ جان بيبيءَ کي بہ طاهري وانگي انهيءَ مهل ڪراچي وٺي ايندا سين!!“

”واهہ امان واهہ، هينئر ئي ادلا بدلا تي ڪرين، اڳتي الائي ڇا ڪندينءَ. جاني وڏي وڳر واري آهي منهنجي ماءُ، سندس چاچا ۽ سئوٽ سندس لاءِ مُياتا وينا آهن. اوهان کي مون سندس سڱ بہ سيني جون ميارون سهي ۽ سيني کي ڏک ڏيئي ڏنو آهي. اهي اڄ تائين جانيءَ لاءِ پيا روئن.“

مير محمد نذيران کي ڇڙٻ ڏيئي چيو، ”بس ڪر، تون ڪڏهن کان گهر جي وڏي ٿي آهين؟“

نذيران وات ڦاڙي ٺهڪ ڏيئي چيو، ”اڙي اڙي، سيئي ڪاوڙجي پيا آهن منهنجي پوڳ ڪي هڪڙو بہ سمجهي نہ سگهيو آهي. ڪمال آهي يئي!“

امير بيبي سندس ڳالهہ ڦيرائڻ واري فن تي حيران ٿي ويئي. نور بيبيءَ کي چيائين، ”ادي، سچ پچ تہ آءٌ هاڻي جانيءَ لاءِ ڏڄي ويئي آهيان. منهنجي معصومڙي جاني هتي!!“

سندس لڙڪ لڙي پيا. سيئي گهبرائجي وٽس آيا. نوربيبيءَ چڙ مان نذيران ڏ نهاريو.

”ادي اميران، چوين چا پيئي آءٌ اجان جيئري آهيان. منهنجو ميرل، جانيءَ تي ساهہ ٿو چڏي. هيءَ ڏيئرون سپاڻي موچڙو هٽي پرٽائي ٿي ڪيان، گهر تہ منهنجي ميرل ۽ جانل جو آهي.“

نڪاح کان پوءِ حمل خان سان گڏجي جبار طارق خان وٽ آيو. طارق خان خوشي مان اٿي کين پاڪر پائي مليو. ”يار جبار، معاف ڪجانءِ شاديءَ ۾ شريڪ ٿي نہ سگهيس.“

حمل خان چيو، ”پٽ الله سائين توکي تندرستي ڏي، اچڻ وڃڻ جون مهلون گهڻيون ئي ايندي‌ون.“ طارق خان پنهنجي ٻانهن تان واچ لاهي جبار کي پارائي.

”يار، ٻاهر اجان نٿو نڪران سو هي شاديءَ جو تحفو قبول ڪر.“ حمل خان ۽ جبار سندس لاءِ آندل اجرڪ کيس ڪلهن تي پاتي، ۽ تڪڙو ئي ڪائنس موڪلايائون تہ ڪنوار کي وني ڳوٺ وڃڻو آهي. جبار ايندي ساڻ تڪڙ ڪئي ۽ سيئي جلدي جلدي گاڏين ۾ چڙهيا ۽ ڪنوار کي وني روانا ٿيا.

## باب اوڻيھون

لکيو منجھہ نراڙ، سو انگ ڪياڙي نہ ٿيئي،
پـاڙيو وينـي پـاڙ، جيڪـو لکيـو لـوح ۾

جان بيبيءَ جي شاديءَ جو ڏينھن جيئن جيئن ويجھو ٿي آيو تيئن تيئن سندس اندر باھہ ٻنجندو ٿي ويو. الائي ڪيترا پيرا پاڻي پي چڪي ھئي. زھره کيس شربت ڏيئي چيو، ”بس جاني بس، خدا کي مڃ. ڪجھہ دير لاءِ ڪنھن لمحي لاءِ تہ سوچون دل تان ھٽاءِ!“

جان بيبيءَ ڇرين جيان مشڪي گلاس وٺي پي ڇيو
ڪامـــان پڇـــان پڇــــرا، لڇـــان ۽ لوڇـــان،
تـــن ۾ تـــونس پـــرينءَ جـــي، پيـــان نـــہ ڍاپـــان،
جي سمنڊ منھن ڪريان، تہ سرڪيائي نہ ٿيئي.

رات گھڻي گذري ويئي ھئي. زھره ۽ افروز جيئن مھينو اڳ آيون ھيون يڪيون ھتي جان بيبي جي ڪمري ۾ ئي ھيون ۽ ساڻس گڏ سمھنديون ھيون. ھينئر بہ ھوءَ سندن اڳيان تہ سمھي پيئي ھئي پر جڏھن کيس پڪ ٿي تہ ٻئي سمھي پيون آھن تہ ھوءَ جيڪا ننڊ سان سخت رنل ھئي آھستي اٿي اچي دريءَ وٽ بيٺي. دري جا ٻئي تاڪ کولي ٻاھر ڏسڻ لڳي. ٽڪل ۽ ساڻي چنڊ کي پنھنجو سفر پورو ڪرڻ جي تڪڙ ھئي ۽ ھو ڪڪرن کي لتاڙيندو اڳيان وڌي رھيو ھو. ٿڌ بہ وڌي ويئي ھئي، پر سندس اندر ۾ ٻريل آڙاھہ کيس باھہ جو ڪورو بنائي ڇڏيو ھو. ٿڌيون ھوائون کيس وٺي رھيون ھيون. ھن پنھنجي قميص جا اڳيان بہ ٻٽڻ کولي ڇڏيا. ٿڌ کي سيني جي اندر لاھڻ چاھيائين. ڪلھن تي رکيل پوتي سھٽ ڏيئي ھٽائي کٽي پلنگ تي اڇلايائين. وڏا وڏا ساھہ کڻڻ لڳي. سندس اندر ۾ واسو ڪري وينل اداسي ۽ ويرانيءَ کي پنھنجي ڍڙ ۽ درين تي قبضو ڪندي ڏسي سندس ھانءُ پرجي آيو. رات جو پويون پھر ھونئن بہ مات جو مسڪن ھوندو آھي، پر سندس اندر

جي ماندائيءَ ڪي هيءَ مات عجيب پي ڀاسي. هيءَ سڪوت ان ماتم سان هم آهنگ نہ هو جيڪو احساس جي وستيءَ ۾ برپا هو ۽ جنهن جا ساکي اهي سڏڪا هئا جيڪي پاڻمرادو سندس اندر مان اٿلي تي پيا. ڪيڏو ڪرب ۽ درد آهي اُنهن سڏڪن ۾ جڻ چاتي چيري ٽا نڪرن! سندس من چاهيو تہ انهن چپن تي هٿ رکي ڇڏي جتان اهي سڏڪا اوتجي رهيا هئا. پر هن اهڙي ڪابہ ڪوشش نہ ڪئي. ڪيس يقين هو تہ سڏڪا پوءِ بہ بند نہ ٿيندا! اداس چاندوڪيءَ ۾ وڻن جا پاڇا ڪيڏا ڏکيا ۽ ٻنوائتا ٿي ويا هئا. ڄڻ انهن اهو سڄو سانگ ڪيس ڏيکارڻ لاءِ سجايو هجي. وڻن جا پن ۽ ٽاريون هلڪي هلڪي هوا ۾ جهومي هڪ ٻي سان ٽڪرائي رهيا هئا. هن محسوس ڪيو ڄڻ اهي سندس بيوسيءَ تي خوشيءَ مان رقص ڪري تاڙيون وڄائي کلي رهيا آهن. ’اي دربدر هوائون، اي لاچار معذور درختو، آءٌ تہ پنهنجي پرينءَ لاءِ تي لڇان ۽ ڦتڪان اوهان ڪي چاهي؟ اوهين ڇو پيا ٻي مقصد جاڳو ۽ پٽڪو؟‘ سندس من لطيف جو بيت سندس وڪالت ڪندي هوائن ۽ وڻن ڪي ٻڌايو:

جي هيان هوت پنهونءَ سين، مون جيئن ملاقات،
ٻانهن وجهي وات، هوند ريهون ڪن رڃن ۾.

ڪيس ياد آيو تہ جڏهن هن پنهنجي ماءُ کي صاف صاف چيو هو تہ، ”مون کي اوهان جو فيصلو منظور ناهي.“ تڏهن امير بيبيءَ ڪيڏو پاڻ تي ضبط ڪيو هو ۽ بجاءِ ڪاوڙجڻ جي ڪيس نصيحت ڪئي هئي، ”جاني، توکي ڪابہ سمجهہ ناهي. ٻار جي زندگيءَ جو فيصلو مائٽ سوچي سمجهي ڪندا آهن ۽ اسان بہ سوچي سمجهي اهو فيصلو ڪيو آهي. هاڻي ان تي وڌيڪ سوچڻ تنهنجو نہ اسان جو ڪم آهي. نہ سوچيندي ڪر! حال ڏنو اٿئي؟ صفا ڇري لڳي پئي آهين.“

سندس اندر دانهن ڪئي. ’ها، مان ڇري آهيان ۽ مون کي پنهنجي اها ڇريائي وڻي ٿي. زندگيءَ جو فيصلو واقعي بہ سوچي سمجهي ڪبو آهي ۽ مان بہ پنهنجي زندگيءَ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان تي وڌيڪ سوچڻ سچ بہ اجايو آهي. ڇو جو اهو

فيصلو جيڪو بنا ڪنهن سوچ سمجهه جي لمحن ۾ تي ويو آهي ان تي وڏيڪ صديون سوچيان تہ بہ ساڳيو رهندو. هاڻي بہ جڏهن پنهنجي فيصلي تي نظرثاني ڪرڻ جو سوچيندي آهيان تہ دل ۾ رهڙون ۽ چير وڌن ٿا ۽ اندر چيهون چيهون ٿي پوندو آهي. اهڙا فيصلا ٻين ڪي پلي غلط لڳن پر پاڻ ماڻهو ڏاڍو پرسڪون ۽ مطمئن ٿي ويندو آهي. منهنجي دل جو ڪيل فيصلو غلط هجي يا سهي... مان نہ ان تان هٽنديس نہ ئي ان ڪي ڦيرائينديس!' ڪيس لڳو تہ سامهون محو رقص وڻن مان سگهارو ۽ سونهن پريو وجود نڪري سندس ڏانهن وڌيو ۽ سندس نازڪ ۽ ڪمزور وجود کي مضبوط ۽ سگهاريون ٻانهون ويڙهي ويون ۽ گرم چپ سندس گلابي ڪنوارن چپن جو رس چوسڻ لڳا. سندس ڪنن ۾ سرٻاٽ سرڻ لڳا، 'تون تہ منهنجي جان آهين، جان جانان آهين جاني، آءٌ تنهنجو آهيان جانو، صرف تنهنجو.' ڪيس لڳو تہ هوءَ طارق خان جي ويڪري مضبوط ڇاتيءَ ۾ لڪي ويئي آهي. سوچن ئي سوچن ۾ سندس مٿو هيٺ ٿيندو وڃي دريءَ سان لڳو! هوءَ ڇرڪي پئي. 'اي پرين، هاڻي مون تي قرب ڪر! هنن دورين تہ هيڪاري تنهنجي ويجهو ڪيو آهي، تنهنجا خيال لمحي لمحي تي حاوي آهن. مان ڇا ڪريان، ڪٿي توکي ڳوليان؟ تون پنهنجي سڃاڻپ ڪراءِ، ايئن اوپرو ٿي لڪي ويو آهين ڇڻ رڳو منهنجو ئي قصور هجي! سچ بہ تہ اهوئي آهي تہ تون پنهنجي شخصيت جي جادوءَ ڪان لاعلم آهين ۽ تنهنجيون اکيون جيڪي وارداتون ڪن ٿيون اهي بہ ضرور توکان مخفي آهن... پر مان تہ هاڻي ايئن پئي پرندي وڃان ڇڻ ريتيءَ جي ٻٽيل آهيان! هاڻي تہ لڙڪن جا ڪڙڪٻيتا بہ روشن ناهن. ڪهڙا ڏينا ٻاک ڦٽيءَ تائين ٻاريان؟' آهستي آهستي لطيف جو بيت جهونگهارڻ لڳي:

شمع ٻارينـدي شب، پرهہ ٻاڪون ڪيون،
موت مران تـي مينـڌ، راڻـا ڪارڻ رب،
تنهنجي تات طلب، ڪانگ اڏايم ڪاڪ جا.

ڪتين ڪر موڙيا، تيڙو ايا تيئي،
راڙو رات نہ آئيو، ويل تري ويئي،
ڪهہ سا ڪاٽي راتڙي، جا پرينءَ ريءَ پيئي،
من ڪي ڏنءُ ڏيئي، وجي ڍوليو ڍٿ قراريو.

ويني باريان بانگ سين، ڪوڙين اج قنديل،
هئہ هئہ هنجون هاريان، منجهان سڪ سبيل،
متان مون ڪي ڇڏيئي، جاني لڳ جليل،
آهر تو اصيل، ويني ڪانگ اڏائيان.

# باب ويهون

ڪراچيءَ مان نوربيبي ڇڄ وٺي اڪيو (ونانهن) ٻڌڻ آئي. شام جو اڪيو ٻڌڻ کان پوءِ نذيران ۽ وزيران ميندي جو ٿال ڪٽي جان بيبيءَ کي ميندي ڏيڻ آيون. جان بيبيءَ جا بنا مينديءَ جا ڪورا هٿ پير ڏسي زهره ۾ نهاري ڪجهہ حيرت ۽ ڪجهہ ٽوڪ مان چيو، ”اسان تہ ٻانيو هو روز روز ميندين ڪري جانيءَ جا هٿ پير رڇي ڪارا ٿي ويا هوندا... ۽ اسين رڳو رسم طور ذرڙي ميندي سندس هٿ ترىءَ تي رکنديوسين. پر هي ڇا؟“

زهره جان بيبي کي ڏنو جيڪا گوڏن ۾ منهن وجهي ويٺي هئي. ڇڻ اها جواب ڏيڻ ۾ سندس مدد ڪندي! نيٺ پاڻ ئي جواب جوڙيائين، ”اسان تہ مينديءَ جي ڊزائين لڳائڻ لاءِ ڪري هٿ پير ڪورا رکيا هئا، پر اوهان تہ ڪا ميندي هڻڻ واري آندي ئي ڪانہ!“

زهره کي پوري پڪ هئي تہ جان بيبي نذيران ۽ وزيران جي هٿان ميندي نہ ڏياريندي. سو پاڻ جان بيبيءَ جو خوبصورت نرم ڪير جهڙو اڇو هٿ جهلي سندس سفيد ترىءَ تي مينديءَ جو ذرو رکيو تہ جان بيبيءَ جو بيجان هٿ زهره جي هٿن ۾ ڏڪڻ لڳو! زهره پنهنجا لڙڪ پي سندس ڏڪندڙ هٿن ۾ ميندي هڻڻ لڳي. هن پنهنجا هٿ ايئن زهره جي حوالي ڪيا هئا ڄڻ چوندي هجي، ’ميندي لڳائڻ ۾ چاهي ٻلي هٿو، منهنجي هٿن تي اوهان جو اختيار آهي پر منهنجي دل تي تہ منهنجو پنهنجو اختيار آهي!!‘

سڄي حويلي ڇوڪرين جي هل ٺهڪن ۽ لورين لنگهين جي دهلن، گهنگهرن، راڳن ۽ ناچن مان ٻري رهي هئي. زهره ٻنهي هٿن کي ميندي لڳائي ڇڏي. جان بيبيءَ جو منهن گوڏن ۾ لڪل هو. زهره ميندي لڳائي سندس چهرو ڏسڻ چاهيو پر اها همت پاڻ ۾ ساري نہ سگهي. هن ڪيس سڄي رات روئندي ڏٺو هو ۽ ڪيس پڪ هئي تہ هينئر اکي جي پويان هوءَ روئي رهي هوندي. زهره پاڻ بہ

پنهنجي گهڻي ڪوشش جي باوجود نہ رڪجندڙ لڙڪ اتڻ ڪان اڳ پنهنجي گوڏن سان اگهي اتي تہ نذيران ٺهڪ ڏيئي چيو، ”بس، ٻن هٿن کي مينديءَ لڳائي تڪجي پئي آهين، نيڪ آهي پيرن کي اسين ٻئي ٽيون لڳايون.“ جان بيبيءَ ڇرڪي پنهنجا پير اندر ڪيا. زهره سوچيو، ’اوهان کي ڪهڙي خبر تہ هٿن کي مينديءَ لڳائيندي آءٌ ڪهڙي پلصراط تان گذري آهيان... اهو ٽڪ صدين جي سفر برابر آهي.‘ نذيران ٺهڪ ڏنو، ”اڙي، جانيءَ تہ پنهنجا پير ايئن هٽايا آهن ڄڻ اسان جي هٿن ۾ ٽانڊا آهن!“

زهره انهري تي چيو، ”هينئر ڇڏيو، ٽڏ بہ گهڻي آهي. هٿن جي مينديءَ لاهي پوءِ پيرن کي ڏبي.“ اڪيو ٻڌي نور بيبي پاڻ سان آندل ڄڃ وني ڪراچي رواني ٿي ۽ ستن ڏينهن کان پوءِ وري شاديءَ جي ڄڃ اچڻي هئي. جان بيبيءَ کي هميشہ لاءِ هن گهر کان وني وڃڻ لاءِ!

جان بيبيءَ جي جسم کي اپڻاڻ مليو پي ويو. زهره ۽ افروز ماين جي هجومن ۾ ساڻس چڱيءَ طرح ڳالهائي بہ نٿي سگهيون... هو ٻئي پريشان پريشان، پري پري کان ڪيس ڏسي رهيون هيون تہ متان هوءَ ڪا خرابي نہ ڪري وجهي.

اڄ جان بيبيءَ جي شادي جو ڏينهن آهي!! مهراب خان پنهنجي پٽ سهراب خان کي ڪلهي تي چاڙهي تاج بيبي ۽ عزيز جان سان گڏ آيل هو. امير بيبي ۽ حمل خان عرشن ۾ اڏامي رهيا هئا. جان بيبي کي تيار ڪري ڪنوار بنائي سندس ڪمري ۾ پلنگ تي اچي ويهاريائون! زهره ۽ افروز جو تہ ڄڻ ساهہ ٿي منجهاميو. جان بيبيءَ جو اطمينان ڏسي ٻئي خوفزده هيون. زهره کي جڏهن ڳالهائڻ لاءِ وٿي ملي تہ هڪدم جان بيبيءَ جي ڪن ۾ سرٻاٽ ڪيائين، ”جاني، نڪاح مهل انڪار ڪرڻو اٿئي تہ هينئر ئي ٻڌاءِ، نہ تہ چاچو ۽ چاچي مري ويندا.“

جان بيبيءَ اکيون ڦاڙي ڪيس ڏسي چيو، ”ڇو انڪار ڪريان، ڪهڙي ٻل تي نابري واريان؟ باقي طارق خان جا ٻنڌڻ تہ ازل ابد کان ٻڌل آهن، اهو سنبند قائم هوندو جيسين ساهہ جي آخري ڦوڪ

بہ منهنجي وجود ۾ رهندي، طارق خان منهنجي اندر ۾ وسيل رهندو! هو تہ خوشبو آهي جيڪا ڪنهن بہ پهري جي پابند ناهي... هو تہ روشني آهي جنهن کي ڪي بہ ريتون ۽ رسمون پوش پائي روڪي نہ سگهنديون؟ سمنڊ مان اٿندڙ لهر ۽ فطري حسن جي چال تي ڪنهن جو اختيار آهي؟" هوءَ جذباتي تي رهي هئي. زهره ۽ افروز کيس حيرت مان ڏسي رهيون هيون. "آهستي ڳالهاءِ جاني، متان تنهنجو آواز دروازي کان ٻاهر ڪو ٻڌي نہ وٺي؟"

"سچ تي چوين زهري، 'گل کي پنهنجي خوشبو رسوا ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو ملندو'؟"

جان بيبيءَ جي جواب تي افروز ڏکاري لهجي ۾ چيو، "جاني، جڏهن هي مضبوط ڏگهيون ديوارون چمڻ سان اسان جو مقدر ٿيون بڻايون وڃن تہ پوءِ ڪنهن بہ روشني ۽ خوشبو کي سڏڻ ۽ انتظار ڪرڻ بہ اسان جو حق ڪونهي. اسين جيڪي ڪوٺن ۾ پيدا ٿينديون آهيون اهي ڪوٺن ۾ ئي مري وينديون آهيون! اسان جي اکين، ڪنن ۽ زبانن کي بہ سڄي وجود وانگيان جنم ٽيپ مليل هوندي آهي." افروز جو هڪ هڪ لفظ چڻ سڏڪو هو.

نڪاح مهل جڏهن جان بيبيءَ بناڪنهن هٻڪ ۽ ڪٿ ڪٿا جي هاڪار ڪئي تہ سندس سيني چاهيندڙن سک جو ساهہ کنيو. مبارڪن جا مينهن وسي ويا. مهراب خان جڏهن جان بيبي کي ڪنوار جي روپ ۾ ڏٺو تہ سندس چهرو احساس محروميءَ جي ٻاهہ ۾ ڪارو اماڙي تي ويو! هو هڪدم ئي حويليءَ کان ٻاهر نڪتو. کيس لڳو تہ، جي هو وڌيڪ ٿوري بہ دير اتي ويهندو تہ جان بيبيءَ جو حيرتناڪ حسن ۽ سندس اندر وارو آڙاهہ کيس رک ڪري ڇڏيندو. 'ڪاش... ڪاش جاني تون منهنجو نصيب هجين ها تہ جيڪر اڄ جيئن آءٌ دربدر پيو هلان اهو پنهنجي ئي گهر ۾ تنهنجي حسن جي بارگاهہ منجهہ وينو هجان ۽ ڏينهن رات تنهنجي پوڄا ۽ عبادت ۾ گذاريان ها!' کيس پنهنجي من ۾ ٻوساٽ محسوس ٿي. هن ستار کي چيو، "يار، هاڻي آءٌ هلان ٿو!"

"چو، ادا اڃان تہ جانيءَ کي موڪل ڏبي نہ، تون تہ سندس پاءُ

آهين اسان جهڙو!!“ مهراب خان کي ستار جا لفظ ڪرٽ جيان ڪورڻ لڳا.

”ستار، طبيعت ڪجهہ بيقرار آهي... بس رڳو مامي کي ٻڌائي ڇڏجانءِ... باقي امان کي خبر نہ پوي! نہ تہ هوءَ اڳ ئي بيمار آهي متان پريشان ٿي وڃي.“

”مان گڏجي هلان؟“

”نہ نہ، تون هتي رهہ. مونسان گڏ ماڻهو آهن.“

جان بيبي رخصت ٿي ڪراچي آئي!! مير محمد جو ڪاج ڪراچيءَ ۾ هو. شهناز ۽ حسن جان آيل هيون. حسن جان، جان بيبيءَ جو چهرو ڏسي ڪيس تحفو ڏيئي دعا ڪئي. ”الله توکي خوش ۽ سکي ڪري.“ نور بيبيءَ خوشيءَ مان زور سان ”آمين“ چيو. شهناز جان بيبيءَ جو گهونگهٽ هٽائي ڪيس ڏنو، ”ماشاءالله، جاني تہ صفا حور پري آهي.“

نور بيبيءَ مشڪيو، ”پٽ، تون پاڻ بہ سهڻي آهين پر منهنجي جانيءَ کي نظر نہ هڻجانءِ!“

”ماسي، جانيءَ کي ستن پردن ۾ ويڙهي رکجانءِ، نظر هڻڻ وارا گهڻائي ايندا، جاني تہ واقعي خطرو آهي خطرو!!“

جان بيبيءَ سان گڏ سندس چاچي فاطمہ (افروز ۽ ڪمال خان جي ماءُ) بہ گڏجي آئي هئي. جنهن کي ڏار ڪمرو ڏنو ويو هو. آمي ۽ شمو بہ ساڻس گڏ هيون. شمو چيو، ”جيجي فاطمہ، ننڍڙين جيجين مان بہ جي ڪا آئي هجي ها تہ جيجي جانل کي ڪجهہ ڏيئي ٿيئي ها!“

فاطمہ چيو، ”ڏنو ڪونہ هيئي، اهي تہ ٻئي جانيءَ سان موڪلائڻ مهل روئي روئي بيهوش ٿي ويون هيون. هتي اچي ڇا ڪن ها؟ ويتر اچي جانيءَ کي بہ روئاڙين ها ٻيو ڇا. ان ڪري ئي تہ مون ٻنهي زهري ۽ افيءَ کي پاڻ سان نہ آندو.“

شمو ۽ آمي بہ سڏڪڻ لڳيون. فاطمہ چيو، ”مايون، ماٺ ڪريو. نور بيبيءَ جون ڏيئرون ڏنيون تہ اٿوَ، ڳالهہ مان ڳالهوڙو بنائي ڇڏينديون؟“

هوءَ ٿوري دير ۾ ئي کين سجاڳي ويئي هئي. انهن ٻنهي ڏڄي اکيون اگهي ڇڏيون.

رات جو جان بيبي مير محمد جو انتظار ائين ڪرڻ لڳي جيئن، 'ڪو شهنشاهه آخر تائين وڙهڻ کان پوءِ هٿيار ڦٽا ڪرڻ جو فيصلو ڪري سيئي دروازا کولي ۽ پوري شان سان تاج پائي اچڻ واري فاتح جو انتظار ڪندو آهي.' ڪيڏو بيحسيءَ وارو انتظار هو اهو! شايد تقدير جو فيصلو انهيءَ ئي ڪي ٿو چئجي. مير محمد جان بيبي ڪي پائي آڪاش سان همسري ڪري رهيو هو... جان بيبي ايڏي حسين آهي؟ اهو ته هن تصور به نه ڪيو هو... هو سندس سفيد، بي داغ ۽ گذار جسم ڏسي جڻ بيهوش پي ٿيو.

صبح جو جان بيبي مرجهايل گل جيان پي لڳي ۽ مير محمد پنوري جيان تازو ۽ سرشار.

هوءَ جڏهن وهنجي آئي ته آمي ۽ شمو سندس وارن کي خشڪ ڪري ڦٽي ڏيندي ڪيس اداس ڏسي سڏڪي پيون. جان بيبيءَ مرڪي چيو، "آهي چا پلا؟"

شمو ويتر اٿلي پيئي، "جيجي خدا جي واسطي ايئن نه ڪل، جيئن اندر اٿئي ايئن ئي ڳالهاءُ!"

نذيران ۽ وزيران جي ٿهڪن جي آواز تي لڙڪ اگهي ڪيس ڦٽي ڏيڻ لڳيون. نذيران ايندي چيو، "شمو، هاڻي هتي ته اسان کي ڇڏيو ته اسين به جانيءَ کي سينگاريون، ڪارايون، پياريون!!"

شموءَ جان بيبيءَ جي وارن مان ڦٽي ۽ هٿ ڪڍي پري ٿي بيهي چيو، "بسم الله جيجيون، پلي جيءُ... جيجي جانل اوهان جي آهي!"

فاطمه به جان بيبيءَ جي ڪمري ۾ آئي. ڪيس جان بيبيءَ جي چهري تي خوشي ۽ سڪون اٿلي مليو ته هو پاڻ به اداس ٿي ويئي. "جاني پٽ..." هن اجان ايترو چيو ته جان بيبي ساڻس پاڪر پائي سڏڪي پئي. نذيران ۽ وزيران بظاهر ته مرڪي رهيون هيون پر هڪ ٻي کي اک هڻي اشارا ڪري رهيون هيون. نذيران ٿهڪ ڏيئي چيو، "ماسي، اوهين ٻئي باقاعده روئڻ لڳيون آهيو."

فاطمہ جان بيبيءَ مان هٿ ڪڍي اڪيون اگهي چيو، ”پٽ، مائٽن جو گهر ڇڏڻ ڇوڪريءَ لاءِ قيامت ٿيندو آهي... روئڻ تہ ڪا ڳالهہ ئي ناهي. اوهين بہ جڏهن هي پنهنجو گهر ڇڏينديون پرڻجي تہ پوءِ خبر پوندئي!“

”پلي وجو، پر اسين هينئن جاني جيان ماتم ڪونہ ڪنديونسين. جانيءَ جو تہ جڏهن کان مڱڻو ٿيو آهي، اهائي انجهہ ڳتي تي اٿس!!“

انهن جي ڳالهين ۾ ڪيئي هزار معنائون هيون جن ۾ واضح ٽوڪ ۽ خار هو، جيڪو جان بيبي، فاطمہ، شمو ۽ آميءَ سڌو سنئون سمجهيو ۽ محسوس ڪيو. فاطمہ جيڪا جان بيبيءَ جي روئداد کان ناواقف هئي ان دل ۾ چيو، ”اوهان ڪي تہ مڙسن جي ڳولا آهي ڪٽي ٿيون مائٽن کي ڇڏيندي روئو!“

شموءَ سوچيو، ’جيجي اميران بہ جيجي جانل جي پيري صفا ڪاسائي ٿي وئي هئي. هتي نہ ڏي ها!... پيو ڪٽي بہ ڏي ها!‘ فاطمہ سوچيو، ’هتي جاني الائي گهاري بہ يا نہ... ڪٽي جانيءَ جو ماحول ڪٽي هي وڪ وڪ تي طعنن جي بازار...‘ فاطمہ ڪي تہ هي گهر ۽ ماحول صفا نہ وڻيو خار مان چيائين، ”مرضيءَ واري آهي اميران، پنهنجي پيڻ مٿان ڏيءَ قربان ڪيائين آهي.“

ستاوڙي لاءِ ستار ۽ مصطفيٰ خان، جان بيبي ۽ مير محمد ڪي ونڻ آيا. جان بيبي ڪين ڏسي پاڪر پائي روئڻ لڳي. فاطمہ تہ اصل تنگ ۽ بيزار جان بيبي جي لاچار مان ويني هئي، اها بہ ڪين ڏسي خوشيءَ مان اٺي بيٺي نور بيبيءَ کلي چيو، ”ادي فاطمہ تہ چڻ اسان وٽ قيد ۾ ويني هئي.“

”ادي پنهنجو گهر بہ ڏجياٽي بنا بيرُون هوندو آهي. افي بہ اجان تائين اميران وٽ ئي هوندي.“ ستار کلي چيو، ”ها چاچي افي اجان اسان وٽ آهي.“

گهر وڃڻ لاءِ جڏهن جان بيبي تيار ٿي تہ نذيران، وزيران ۽ ڪي سنڌن مائٽياڻيون بہ هلڻ لاءِ تيار ٿيون. موڪلائڻ مهل نور بيبيءَ فاطمہ، شمو ۽ آميءَ کي جوڙا ڪپڙن جا ڏنا.

گهر اچي جيئن ئي جان بيبيءَ جي نظر ماءُ ۽ پيءُ تي پئي هوءَ ڊوڙ ڪري ساڻن ڀاڪر پائي روئڻ لڳي. زهره، افروز ۽ حسنہ بہ آيون. مائٽن سان ملي پوءِ وري انهن سان ڀاڪر پائي ملي. زهره ۽ افرزو جون اکيون ڪيس عجيب انداز سان ڏسي رهيون هيون. تاج بيبي پنهنجو پٽ ڪڇ ۾ ڪٽي اچي ساڻس ملي. جبار ۽ طاهره بہ پنهنجي ڪمري مان ٻاهر نڪتا. ستاوڙي جي رسم ۾ ٻيا بہ سئوٽ ۽ ويجها مائٽ آيل هئا. هوءَ سيني سان ملي... فاطمہ امير بيبيءَ سان گڏ ورانڊي ۾ هيٺ قالين تي ويٺي تہ سيئي اتي اچي ويٺا. مير محمد، حمل خان ۽ امير بيبيءَ سان پيرين پئي مليو. نذيران ۽ وزيران بہ سيني سان مليون.

ڪاڏو آيو. ڪير ۽ پٽ ڏسي وزيران وات ڦاڙي ٺهڪ ڏنو، ”ماسي، ستاوڙي ۾ ڪير ۽ پٽ ڇو ضروري هوندو آهي؟“

امير بيبيءَ مرڪي چيو، ”پٽ اها محبت جي نشاني آهي ميلاپ جو اهڃاڻ آهي.“

ماني ڪائي سيئي اتي ئي ڪچهري ڪرڻ لڳا. جان بيبي زهره ۽ افروز سان گڏجي پنهنجي ڪمري ۾ آئي. زهره بلڪل عام لهجي ۾ چيو، ”جاني، ڪيئن آهين؟“

”ڀاڻ ڏس!“

هوءَ زهره کي اوپري ۽ خالي خالي لڳي رهي هئي پوءِ بہ هن سوال ڪيو، ”ادا مير محمد ڪيئن آهي؟“

“..........”

”چڱو ڀلا تون ٿڪي تہ ويهہ جاني!“

زهره کيس پلنگ تي ويهاريو. افروز ڏک مان چيو، ”اسين بہ رڳو تنهنجي لاءِ ويٺيون هيونسين. هاڻي تون هلي ويندينءَ تہ اسين بہ هليون وينديونسين.“

جان بيبي روئڻ لڳي تہ زهره چيو، ”افي، ان ۾ ڏک جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ جانيءَ کي الله پنهنجي گهر ۾ خوش رکي، اسان کيَ بہ ضرور پنهنجي ئي گهر ڏانهن وڃڻو آهي. ان ۾ ڇاهي؟“

افروز کي احساس ٿيو تہ هوءَ جان بيبيءَ کي ڏکوئي رهي آهي. سو کلي چيائين، ”واقعي زهره، تون تہ سچ ٿي چوين، آءٌ تہ الا صفا جذباتي آهيان... ادا ڪمال خان بہ مون وانگي ئي جذباتي آهي... جانيءَ جي شادي ۾ ڏنو هيئي، ڪيئن پئي ٿيو؟“

”نهيو نهيو افي، ظاهر آهي اهڙن موقعن جو اثر تہ پوندو آهي ۽ ماڻهو جذباتي ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ وقت سان گڏ هر ڪو نارمل ٿي ويندو آهي.“

زهره ويچاري جان بيبي تہ نهيو پر افروز مان اچي ڦاٽي هئي جيڪا جان بيبي سان ڪيل پنهنجو پيار ۽ ڪمال خان جو پيار هنڌ هنڌ تي بينر وانگيان ٽنگي بيٺي هئي. پر ان ۾ افروز جو بہ تہ ڪو ڏوهہ نہ هو. هوءَ نهايت معصوم ۽ جذباتي هئي ۽ زهره ڪيس سنيالي، سنيالي ٿڪجي پئي هئي.

افروز چيو، ”جاني، شهناز آئي هئي؟“

”ها...“

”۽...“

”۽ بيو ڪجهہ بہ نہ!“

”طارق خان ڪو تحفو وغيره موڪليو؟“

”نہ...“

”چو؟“

زهره چڙي رڙ ڪئي، ”آهي چا افي؟“

مير محمد دروازي تي اچي کنگهڪر ڪئي تہ ٻنهي چرڪي در ڏي نهاريو.

مير محمد کي ڏسي افروز کي طارق خان ياد اچي ويو. هوءَ سوچن جي دنيا ۾ مير محمد ۽ طارق خان جو موازنو ڪرڻ لڳي ۽ ٻنهي کي جان بيبي جي ور ۾ ويهاري ڏسڻ لڳي. سوچيائين، ’ڪيڏو وڏو فرق آهي طارق خان ۽ مير محمد ۾، زمين آسمان کان بہ وڏو فرق... جاني طارق خان جي لائق هئي.‘ افروز انهن خيالن ۾ هئي. زهره کلي چيو، ”ادا، کنگهہ اٿئي چا؟“

”!وهان کي هوشيار ڪرڻ لاءِ کنگهيو هئم.“

”اسين چور آهيون ڇا؟“
”پوءِ به اسان کان ڏار ٿي اڇي پيون ڪسڪن ۾ ڳالهيو!“
”ڪسڪا ڪهڙا؟ حال پڇي اورياسين.“
مير محمد ٿڪ ڏيئي کلي پيو ته نذيران ۽ وزيران به کلنديون آيون.
”اوهان جون ته سدائين ڌار ڪچهريون آهن!“
افروز جو ته ڪاوڙ مان منهن جو رنگ ئي ڦري ويو.
زهره کلي چيو، ”هاڻي اسان جي ڌار ڪچهرين واري رنگ ۾ اوهان پڻ وجهي ڇڏي آهي ۽ ماڳهين اسان کان جاني ئي ڌار ڪري ڇڏيوَ! هاڻي اسين ٿياسين پرديسي ۽ جاني اوهان جي ديسي، پيون ڪچهريون ڪجو!“
مير محمد پيار مان زهره ۾ نهاري چيو، ”نه ادي ايئن نه چئو اسين به اوهان جا، جاني به اوهان جي هتي ۽ هُتي ڪراچيءَ ۾ پيا اچجو ۽ ڪچهريون ڪجو!“
افروز ۾ نهاري جيڪا انهري ۽ اداس هئي چيائين، ”ادي افروز کي ته اسين شايد صفا نٽا وڻون جو ڳالهائي نٿي؟“
افروز چيو، ”ادا، اسين هتي مهمان آهيون اڄ ئي هليا ويندسين. باقي گهر به اوهان جو...“
جان بيبيءَ چرڪي ڪيس پاڪر پاتا. ”ڪيڏانهن ٿي وڃين افي؟ هي گهر تنهنجو آهي بيو ڪنهن جو به نه!“
افروز جون اکيون لڙڪن مان پرجي آيون. زهره کلي چيو، ”افيءَ سان به حد آهي الله جو سنهن!“
افروز لڙڪ اگهي چيو،”مون ڇا ڪيو آهي؟“
نذيران چيو، ”نهيو ابا نهيو، اسين ڌاريان آهيون سواءِ ماسيءَ جي بيو ڪير آهي هتي اسان جو؟“
مير محمد چڙي چيو، ”نذيري، ايترو گهڻو نه ڳالهائيندي ڪر... مان ته هن پيري هتي اوهان کي آٽڻ ۾ راضي ئي نه هئس.“
زهره کلي چيو، ”واهه ادا واهه، پنهنجا پاڻ ۾ آهيون پوڳ نڪاءُ پيو ٿيندو آهي باقي ادي نذيران کي جوش ۾ چاچي اميران

سان گڏ ادي طاهره وسري وئي!"

"السلام عليڪم!" ڪمال خان ڪمري ۾ آيو جان بيبي هڪدم اٿي ساڻس ملي. ڪمال خان مير محمد کي ابتو سبتو هٿ ڏيئي افروز کي چيو، "گهر هلڻو اٿئي، امان تيار ويٺي آهي."

افروز اٺندي چيو، "جاني، هتي گهڻا ڏينهن رهندينءَ؟"

نذيران چيو، "اسين سياڻي هليا ويندا سين!"

جان بيبيءَ مير محمد ۾ نهاريو ته هن چيو، "سياڻي چو، جڏهن به جاني هلي!!"

جان بيبيءَ آهستي چيو، "آءٌ ته اڃان هتي ئي آهيان!"

افروز چيو، "پوءِ مان به وري ايندس." زهره ڪمال خان ۾ نهاريو جيڪو پاڻ تي ضبط ڪيو بيٺو هو نه ته مير محمد کي ڏسي ته سندس تن بدن ۾ باهه لڳي ويئي هئي. زهره سندس ڪيفيت سمجهي رهي هئي. "ادا ڪمال خان ويهه ته سهي، افي، تون سچي پئي وڃين ڇا؟"

"ها..." زهره ڪيس هٿ جهلي سٽ سان ويهاري چيو، "چري آهين ڇا، جانيءَ لاءِ روئي روئي برا حال ڪيا اٿئي ۽ هاڻي جاني آئي آهي ته وڃين پئي؟"

جان بيبيءَ حيرانيءَ مان چيو، "افي، واقعي وڃين ٿي ڇا؟"

افروز ڏک مان ڪنڌ هيٺ ڪري چيو، "ڇا ڪريان!"

ڪمال خان جيڪو يڪو ماٺ بيٺو هو ۽ جان بيبيءَ کي ڏسي رهيو هو اهو چرڪي پيو، "افي، تون پلي جانيءَ وٽ ويهه آءٌ امان کي وٺي ٿو وڃان!" ايترو چئي هو تيزي سان ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو.

نذيران چيو، "جاني، تون سياڻي اسان سان گڏجي نٿي هلين ڇا؟"

"نه سياڻي نه... آءٌ اڃان به ٿي ڏينهن هتي رهڻ ٿي چاهيان."

مير محمد چيو، "نيڪ آهي تون پلي رهي پئه، آءٌ سياڻي هنن سيني کي ڪراچي ڇڏي پوءِ وري ايندس!"

نذيران چيو، "ماسي ته مهمانن ۾ اڙيل آهي ادي تاجان کي

سندس پٽ ڇُرڻ بہ نٿو ڏي اسين تہ مهمان آهيون اسان جي خاطر مدارات ڪير ڪندو؟“

زهره ڪلي چيو، ”اسين ڪنداسين اوهان جي خدمت، سا بہ اڪين سان!“

زهره، افروز جي هٿ ۾ جهلي ڪيس اتاري ٻاهر نڪتي جيڪا ڪاوڙيل هئي چيائين، ”زهري، هي وري ڪهڙي چريائي پئي ڪرين هنن ٽرڙين جي خدمت ڪندينءَ؟“

زهره ڪلي چيو، ”حضرت عليءَ جو چوڻ آهي تہ، شريفن لاءِ اها وڏي مصيبت آهي جو انهن کي شريرن جي خدمت ڪرڻ جي ضرورت پيش اچي ۽ هينئر اسان ٻنهي تي بہ اها مصيبت نازل ٿي ويئي آهي.“

”مون کي ضرورت ڪانهي خدمت ڪرڻ جي، تون ڪر تہ ڀلي ڪر!“

زهره ڏٺو تہ هينئر افروز جو پارو چوٽ چڙهيل آهي تہ سندس موڊ سهي ڪرڻ لاءِ ٻوڳ ڪيائين، ”مان ڇو تنهنجي ڀاڄائيءَ جي خدمت ڪريان؟“

”ڪير منهنجي ڀاڄائي آهي؟“ افروز صفا وائڙي ٿي ويئي.

”نذيران ٻيو ڪير!“

”خدا اهڙو خراب وقت ڪڏهن بہ اسان تي نہ آڻي!“ افروز کي درڙي اچي ويئي. ”نهاريائين تہ ايئن ئي پي ادا ڪمال خان ڏانهن جو ايئن لڳو تہ ادا ڪمال خان کي حاصل ڪرڻ جو سندس پڪو پروگرام آهي ۽ مردن جو ڇاهي! ڪير بہ وٺي....“

زهره کي ڪيس سٽائڻ ۾ مزو پي آيو ۽ افروز واقعي بہ سنجيدگيءَ مان چڙي رهي هئي.

”زهري، نذيران جي پروگرام تان هڪڙي ڳالهہ ياد آئي اٿم تہ، هڪڙي ننڍڙي واهيءَ خواب ۾ ڏٺو تہ اها هڪ زبردست درياهہ بڻجي وئي آهي. هن پنهنجو پاڻ رڻ پٽ ۾ ڇڏي ڏٺو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سڪي ويئي. نذيران بہ بلڪل ايئن ٿي سوچي شايد ۽ سندس انجام بہ ان ئي واهيءَ جهڙو ٿيندو.“

زهره ڪلي ڪيس پاڪر پائي چيو، ”بس بس افي، وڌيڪ چري تيڻ جي ضرورت ناهي، مون تہ مذاق تي ڪيو، نہ نذيران ان لائق آهي جو ڪيس پاڃائي بنائجي سو بہ ادا ڪمال خان جهڙي خوبصورت ۽ ذهين ماڻهو سان، نہ ئي ادا ڪمال خان خدا نہ ڪري اهڙو بيوقوف آهي جو ڪيس لفٽ ڪرائيندو.“

”جاني تہ الائي ڪيئن هنن سان رهي سگهندي. انهن جون شاديون چو نٿيون ٿين؟“

”مون کي ڪهڙي خبر، باقي ان جو جواب سندن افعالن ۾ موجود آهي.“

”طاهره بہ تہ سندن ئي پيڻ آهي پر اها تہ نيڪ ناڪ آهي ۽ هي...“

”ادا مير محمد بہ تہ سنو آهي باقي هي ٻئي...“

ٻئي ڏينهن سواءِ جان بيبيءَ جي مير محمد سيني آيلن کي ڪراچي وٺي ويو. جان بيبي مائٽن جي گهر ۾ اچي سک جو ساهہ کنيو. زهره ۽ افروز تہ هتي ئي هيون... ٻيا بہ سندس سئوٽ ۽ سئوٽيون ساڻن ملڻ آيا ويا پي. جان بيبيءَ کي مائٽن ۾ رهندي اڃا مس هفتو ٿيو هو جو نور بيبي نذيران ۽ وزيران سان گڏجي ڪيس وٺڻ آئي.

”ادي، هُتي بہ ماڻهو ڪنوار کي ڏسڻ لاءِ پيا اچن. سو آءٌ جانيءَ لاءِ آئي آهيان.“

سيني سان موڪلائيندي جان بيبي ايڏو تہ رنو جو سڀئي ڏڄي ويا. حمل خان ڪيس پاڪر پائي چيو، ”منا پٽ، ايئن ڪو ڪبو آهي؟ پنهنجي گهر پئي وڃين، جڏهن بہ دل چوئي مير محمد سان گڏجي اچجين!“ امير بيبيءَ ڪيس چميون ڏيئي چيو، ”جاني پٽ، هُتي بہ تہ تنهنجي ماءُ ئي تہ آهي.“

زهره ۽ افروز تہ واقف هيون سندس حال جون انهن روئي روئي ساڻس گڏ حشر ڪري ڇڏيا. جان بيبي شموءَ کي وٺي ڪراچي آئي تہ ٻي ڏينهن ئي طارق خان سندن دعوت ڪئي. جان بيبي اهو ٻڌي گهٻرائجي وئي، مان ڪيئن سندس سامهون

ويندس، سو بہ مير محمد جي زال جي حيثيت سان، تڙپي هڪدم مير محمد کي چيائين، ”آءٌ دعوت تي نٿي هلان، اوهين پلي سيئي وڃو!“

مير محمد ٺهڪ ڏيئي چيو، ”دعوت آهي ئي گهوٽ ڪنوار جي، پوءِ پلا گهوٽ بنا ڪنوار جي ڪيئن ويندو؟“ مير محمد پانيو تہ جان بيبي بہ مشڪي پوندي پر هوءَ تہ صفا ڊنل پي لڳي. نور بيبيءَ ڪمري ۾ اچي خوشيءَ مان چيو، ”پٽ، اجان تہ تون تيار بہ نہ ٿي آهين؟ هوڏانهن طارق خان ۽ شهناز جو ماڻهو متان ماڻهو پيو اچي تہ جلدي اچو.“ جان بيبيءَ چڙڪي مير محمد ڏانهن نهاريو جنهن چيو، ”امان، جاني دعوت تي هلڻ نٿي چاهي!“

”ڇو؟“

”الائي!!“

”ڇو جاني پٽ، چاهي؟“

”ماسي، منهنجي دل گهر کان ٻاهر نڪرڻ تي نٿي چاهي.“

نور بيبيءَ کيس چمي ڏيئي چيو، ”پٽ، طارق خان ڇا سوچيندو، اوهين شايد طارق خان کي ايترو نہ سڃاڻندا هجو!... پر طارق خان نہ رڳو خاندان ۽ برادري جو پر سڄي علائقي جو شان آهي... هو تہ رڪپال ۽ سهارو آهي سڀني جو... ۽ ٻي منجهس خربي اها آهي تہ هو پنهنجي غريب مائٽن کي اجان وڌيڪ عزت ۽ اهميت ڏيندو آهي. هيءَ جيڪا مير محمد جي دعوت ڪئي اٿس اها بہ اسان لاءِ وڏو مان آهي... سو اوهان سيئي گڏجي وڃون آءٌ گهر ۾ تي ويهان!“ نذيران ۽ وزيران تيار ٿي آيون... ”اڙي، اجان جاني ايئن ويٺي آهي؟“ نور بيبيءَ کيس پلنگ تان اٿاري چيو، ”اٿي پٽ، جلدي تيار ٿي آءُ.“

جان بيبي سندس چوڻ تي غائب دماغ ماڻهو جيان تيار ٿيڻ لاءِ اٿي تہ نذيران چيو، ”جاني، ڪهڙا ڪپڙا ٿي پائين؟“

جان بيبيءَ بيزاري مان چيو، ”ڏسان ٿي...“ هوءَ ڪٻٽ وٽ آئي تہ نور بيبي چيو، ”جاني جهڙا بہ ڪپڙا پائي سي ٺهندس. رڳو جلدي تيار ٿئي.“ ۽ اٿندي چيائين، ”اوهين بہ سڀ سنهس ڪمري

کان ٻاهر نڪرو تہ هوءَ تيار ٿئي. مير محمد ڪلي چيو، ”امان آءٌ بہ ٻاهر وڃان؟“

ان تان سيٺي ڪليو نذيران ٺهڪ ڏيئي چيو، ”اها تہ جانيءَ جي مرضي...“

نور بيبيءَ سنجيدگيءَ مان چيو، ”آءٌ پٽ ميرل، تون بہ ٻاهر اچ!“

سيٺي ٻاهر نڪتا تہ جان بيبيءَ شموءَ کي چيو، دروازو بند ڪر!“

شموءَ دروازو بند ڪيو تہ نور بيبيءَ ٻاهران زور سان چيو، ”دير نہ ڪجانءِ پٽ!“

جان بيبي ڪبٽ کولي ڪپڙا ڏسڻ لڳي. شموءَ زري سان ڀريل ميرون ڪلر جو سوٽ ڪڍي چيو، ”جيجي هي پاءِ.“ جان بيبي سندس هٿن مان وٺي زور سان پلنگ تي اڇلائي چڙيا. ”ڪونہ ٿي پايان هي زريءَ وارا ڪپڙا! بس ساده ساده ڪپڙا پائينديس.“

”مٺي، ڪنوار آهين، ماڻهو ڇا چوندا!“ شموءَ ايلاز ڪيا.

”ماڻهن کي جيڪو وٽي پلي اهو چون، باقي آءٌ طارق خان جي اڳيان ڪنوار بنجي نہ ويندس!“

هن ليمن ڪلر جو سادو سوٽ ڪنيو تہ شموءَ سندس پيرن تي ڪرندي چيو، ”نہ جيجي، هيءَ نہ... هي صفا ساده آهي. ٻيا تہ نهيو پر جيجي شهناز بہ شڪجي پوندي.“

”پوءِ ڪهڙا؟ تون ٻڌاءِ؟“ شموءَ هلڪي گلابي رنگ جو ڀرت ڀريل گگو سوٽ ڏيندي چيس، ”هي پاءِ، هي صفا سادو آهي، نڪو زري نڪو چمڪو. شاديءَ کان اڳ بہ تہ اهڙا ڪپڙا پائيندي هيئينءِ.“ جان بيبي اهي ڪپڙا پائي آئي. شموءَ نهاريو هوءَ گلابي ڪپڙن ۾ گلاب جي گل جيان مهڪي ۽ ٻهڪي رهي هئي. شموءَ سندس وارن کي ڦٽي ڏني. هن صفا عام سادي چوٽي ڪئي. هلڪو ميڪ اپ ۽ هلڪا زيور پائي دروازو کوليو. سيٺي ڪيس ڏسي حيران ٿي ويا. نور بيبيءَ ڪيس نظر جا ڦيٽا وجهي چيو، ”پٽ، شاديءَ وارن جوڙن مان ڪو پائين ها!!!“

شموءَ چيو، ”جيجي، مون بہ ايئن ئي چيو هئس پر چوي ٿي تہ اهي سڀ وزني آهن.“

نذيران چيو، ”شمو تہ ڪڏهن بہ جانيءَ کي ڳالهائڻ نہ ڏيندي آهي. بس هر ڳالهہ جو جواب وتس اڳ ئي تيار رکيو هوندو آهي.“ شموءَ جو منهن ڏک مان ڦري ويو. جان بيبيءَ ڪاوڙ مان چيو، ”شمو اهوئي ٿي ڳالهائي جيڪو مان ٿي چوان!“

مير محمد ٻاهران ايندي ساڻ پهرين تہ جان بيبي کي ڏسي ڇرڪيو پوءِ مشڪي چيائين، ”راڻي تيار ٿي ويئي!“ وزيران وات ڦاڙي ٺهڪ ڏيئي چيو، ”امان، ادا کي تہ اهو بہ خيال نٿو اچي تہ سندس ڪنواريون پيٽيون بيٺل آهن.“

مير محمد ٿورو ڦڪو ٿيو تہ نور بيبيءَ پيار مان جان بيبي ۽ مير محمد کي ڏسي چيو، ”سچي بہ منهنجا ٻئي ٻچا بادشاهہ ۽ راڻي آهن.“

مير محمد چيو، ”هلو هلو.. ٻاهر وري بہ طارق خان ماڻهو موڪليا آهن گاڏيءَ ساڻ!“

طارق خان جي گهر ۾ قدم رکندي ئي جان بيبيءَ جي مٿي ۾ چڪر اچي ويو. هن هڪدم پر ۾ بيٺل مير محمد جي ٻانهن ۾ هٿ وڌو. مير محمد کيس جهيلندي چيو، ”ڇا آهي جاني، نيڪ تہ آهين؟“

”ها نيڪ آهيان.“

ان وچ ۾ نذيران ۽ وزيران اڳيان مٿي ورانديءَ ۾ پهتيون ۽ سيني ڪان پنيان جان بيبي ۽ شمو ورانديءَ ۾ پهتيون تہ طارق خان سامهون ٻئي ٻانهون ڇاتيءَ سان ٻڌيو مشڪي رهيو هو. انهن کي ڏسندي ئي اڳيان وڌي کين ڀليڪار ڏيئي ساڻن مليو.

جان بيبي طارق خان کي ڏسي بيخود ٿي ويئي. سندس اندر مان پنهنجي بيوسيءَ تي اوچنگارون اچڻ لڳيون. طارق خان سندس ڪيفيت سمجهندي شهناز کي سڏ ڪيو، ”شهناز، ڪٿي آهن، مهمان اچي ويا آهن!“

جان بيبي ڇرڪي هوش ۾ آئي... پر سندس اکيون طارق خان ڏانهن هيون جيڪو پڻ ڪوشش جي باوجود پاڻ کي جهلڻ ۾

ڪامياب ٿي نہ سگهيو هو ۽ ٽڪ ٻڌي ڪيس ئي ڏسي رهيو هو. ڄڻ ٻئي صدين جي پياس اجهائي رهيا هئا. مير محمد شموءَ سان ڳالهائي ڪلي رهيو هو، جيڪا ڏاڪڻ چڙهندي آتڙي پئي هئي، پر نذيران ۽ وزيران ٻئي طارق خان ۽ جان بيبيءَ جي نظرن سان ڳنڍ هلندي هڪ ٻئي ڏانهن نهاري رهيون هيون. شهناز ننڍڙي اڪبر کي آڱر مان جهلي وٽن آئي، "ڀلي ڪري آيا سيئي!"

طارق خان ڄڻ ڇرڪي پيو. شهناز سيني سان ملي چيو، "بينا چو آهيو؟" ويهو نہ."

نذيران ڪلي چيو، "ادا طارق خان ويهڻ جو چوي تہ ويهون."

مير محمد ڪلي صوفي تي وينو. "اسان تہ ويهي ٿا رهون بنا چوڻ جي."

طارق خان مرڪي چيو، "پنهنجو گهر اٿو، مان نيڪ ناهيان ۽ شهناز هاڻي آئي آهي." سيئي وينا تہ شهناز چيو، "ڏاڍي دير ڪيوَ؟"

وزيران چيو، "جانيءَ دير ڪئي آهي تيار ٿيڻ ۾ اسين تہ ٻئي ڪڏهوڪيون تيار هيوسين."

شهناز ڪلي جان بيبي کي ڏسي چيو، "جاني، توکي تيار ٿيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي، توکي تہ الله سائين نهايت پيار مان تيار ڪيو آهي." شهناز جي ايئن چوڻ سان سيني جون اکيون جان بيبي ڏانهن کڄي ويون جيڪا اکيون هيٺ ڪيو وينِي هئي، مشڪي چيو، "مهرباني ادي، پر اوهان وڌيڪ خوبصورت آهيو."

"منهنجي هاڻي ڪهڙي خوبصورتي، ٻن ٻارن جي ماءُ آهيان."

طارق خان ميرمحمد کي چيو، "پڦي نور بيبي چو نہ آئي؟"

"امان چيو تہ گهر اڪيلو آهي مان ٻي ڀيري وينديس."

طارق خان جان بيبي ڏانهن نهاري مشڪي چيو، "خوش آهيو، اوهان تہ مون کان نہ پڇيو مان تو پڇان." جان بيبي ڇرڪي پئي، "مان نيڪ آهيان، اوهان ڪيئن آهيو؟"

"مان هاڻي فرسٽ ڪلاس آهيان."

"ادا، اوهان هوڏانهن نہ سهي هِتي تہ اچي سگهيا ٿي پر پوءِ بہ اوهان منهنجي شادي ۾ نہ آيا."

مير محمد جي ان چوڻ تي طارق خان چرڪي جان بيبي ڏي نهاري چيو، ”ايئن ڪونهي يار، اتي جيڪر گهڻن ماڻهن سان ملڻو پوي، گهڻي دير ويهڻو پوي ان ڪري نہ آيس.“

شهناز چيو، ”اجان بہ مڪمل نيڪ ڪونهي. ڪاڏو بہ پورو نٿو کائي.“

جان بيبيءَ طارق خان کي ڏنو جيڪو نهايت ڪمزور لڳي رهيو هو. ’ڪاش طارق خان مان تنهنجي خدمت ڪري سگهان ها. ڪاش آءٌ خودمختيار هجان ها هينئن بيوس نہ هجان ها، جو جتي دل نہ چوي اتي سڄي ڄمار لاءِ قيد آهيان... الائي ڇو ايئن ٿيندو آهي تہ اهي جيڪي اسان جي ڀاڳ ۾ هوڻئڻ گهرجي، جيڪي اسان جي اندر جا رهواسي آهن، اهي اسان جي قسمت ۾ نہ هوندا آهن. ايئن ڇو ٿيندو آهي؟ الائي ڇو... هونئن بہ سک سان ناتو عارضي هوندو آهي ۽ ڏک سان دائمي ناتو ٿيندو آهي جيڪو سڄي ڄمار لاءِ هوندو آهي. ۽ اهو ئي دائمي ناتو قائم ٿيو آهي توسان طارق خان، جيڪو سڄي ڄمار هلندو... اهو منهنجو وچن آهي ۽ مان پنهنجي وچن نڀائڻ لاءِ مجبور آهيان.‘ سيئي ڳالهين ۾ محو هئا. طارق خان سندس چهري جا تاثرات پڙهي رهيو هو. سندس اندر جان بيبيءَ جي اندر جي بنا لفظن واري اظهار جو جواب ساڳئي طرح ڏيڻ لاءِ آتو هو پر هن سختي سان پنهنجي اندر کي دڙڪو ڏنو، ’نہ ايئن ڪڏهن بہ نہ ٿيندو. مان ڪڏهن بہ سندس زندگيءَ ۾ اچڻ جي ڪوشش نہ ڪندس.‘ نذيران ۽ وزيران انهن ٻنهي ڏانهن حيرت مان نهاري رهيون هيون.

نذيران سوچيو، ’اهو آهي جانيءَ جو اسان کان پري رهڻ جو سبب.‘ وزيران سوچيو، ’جانيءَ جو ذري ذري تي روئڻ هاڻي سمجهہ ۾ آيو آهي.‘ ڪاڏو ڪائي سيئي ڳڏجي وينا. شهناز پنهنجي ننڍڙي ڌيءَ هنج ۾ کڻي آئي. ”جاني، تو تہ منهنجي ڌيءَ نہ ڏٺي آهي نہ؟“

جان بيبيءَ مشڪي وتانس ننڍڙي کي وٺي چمي ڏني. ”نالو ڇا اٿس؟“

”نازيہ.“

نذيران ۽ وزيران بہ نندڙي کي ڪٽي چميون ڏيڻ لڳيون. طارق خان اٽيو ۽ شهناز کي سڏيائين. ”هنن کي ڇاتي ڏين؟“ شهناز حيرت مان چيو، ”ڇا ڏيان، مون تہ شادي ۾ گهٽو ئي ڏنو هو. پر ماسي نور بيبيءَ مون کي بس عام ڪپڙن جو جوڙو ڏنو هو.“

”پڪي نوربيبي کي ڇڏ، جان بيبي کي ڇا ٿي ڏين؟“

”ڇا ڏيان، تون ٻڌاءِ.“

شهناز چڙ مان چيو تہ طارق خان ڪاوڙجي پيو، ”ڇا مطلب آهي تنهنجو؟“

”تون چئو، ڇا ڏيان جانيءَ کي؟“

”اهو بہ مان ٻڌايان؟“

”تنهنجي دل گهٽو ٿي چاهي انهن کي ڏيڻ لاءِ.“

”پوءِ نيڪ آهي، آءٌ ئي ڏيندس. تون عزت جي لائق ئي ناهين. مون چاهيو ٿي تہ تنهنجي هٿان ڏياريان پر هاڻي مان پاڻهي ڏيندس.“

شهناز سندس ڪمري ڪان ٻاهر نڪتي. طارق خان پنهنجو ڪٻٽ کولي هڪڙو نندڙو ۽ ٻيو وڏو بڪس ڪڍيو ۽ ٻئي ڪٽي ٻاهر آيو. شهناز اتي نہ هئي. طارق خان ايندي ساڻ ٻئي بڪس جان بيبي جي اڳيان رکي مشڪي چيو، ”هي اوهان جي شاديءَ جو تحفو جيڪو مون تي قرض هو.“

جان بيبي پهرين تہ ڇرڪي پئي پوءِ آهستي چيائين، ”ڪو بہ قرض ناهي اوهان تي. الله اوهان کي نيڪ ڪري.“

مير محمد خوش ٿي چيو، ”ادا طارق خان کي سوکڙيون ڏيڻ جو وڏو شوق آهي.“

نذيران کلي چيو، ”اهو بہ پنهنجي پسند جي ماڻهن کي.“

ان تان ڀاءُ ۽ ڀيڻيون ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. جان بيبي ماٺ هئي ۽ طارق خان سندس عام لفظن ۾ ڏنل جواب ۾ وچڙيل هو، ’ڪو بہ قرض ناهي اوهان تي.....‘ شهناز ڪجهہ سوٽ ڪٽي آئي، پهرين جان بيبي کي ۽ پوءِ نذيران ۽ وزيران کي ڏنائين. طارق خان کلي چيو، ”شموءَ لاءِ ڪجهہ بہ نہ؟“

شهناز مشڪي بڪسن ۾ نهاري ٿوڪ مان چيو، ”اوهان شموءَ ڪي ڪجهہ بہ نہ ڏنو، ڪمال آهي؟“

”جيجي الله سائين اوهان کي حياتي ۽ چڱ ڀلائي ڏي. اوهان جو ئي پيا ڪائون ۽ اوچون.“

شهناز مرڪي چيو، ”نہ مائي شمو، مون مذاق ٿي ڪيو اوهان لاءِ بہ آهي.“

شموءَ کي ڪپڙن جو جوڙو ڏنائين ۽ هو دعائون ڪرڻ لڳي. نذيران ۽ وزيران جون نظرون يڪو طارق خان جي ڏنل بڪسن ڏانهن هيون. الائي ڇا هوندو انهن ۾؟

جان بيبيءَ جون آتيون اکيون سواءِ طارق خان جي پيو ڪجهہ بہ ڏسڻ لاءِ تيار نہ هيون، پر هوءَ کين زبردستي جهلون پائي ويني هئي. ڪچهري ڪندي رات گهٽي گذري ويئي هئي. مير محمد واچ ۾ ڏنو، ”هاڻي صبح ٿيڻ وارو آهي.“

ڳالهہ ڪل جهڙي هئي پر ڪنهن بہ نہ ڪليو. نذيران ۽ وزيران تنگ وينيون هيون. شهناز بہ ٻئي بار سمهاري اڇي ويني هئي ۽ اوٻاسيون ڏيئي رهي هئي. باقي طارق خان ۽ جان بيبي جا روح هڪ ٻئي سان محو گفتگو هئا. جان بيبي جي اکين جو تہ ڊئو ئي ٿي ٿيو طارق خان کي ڏسڻ مان. کيس پنهنجي چريائي پاڻ پي نظر آئي. هن جو انت ڇا ٿيندو؟ پر آءٌ تہ پنهنجي انجام کان واقف آهيان. هن چرڪي طارق خان کي ڏنو جيڪو کيس ڏسڻ سان گڏ سوچن ۾ غلطان هو. جان بيبيءَ سوچيو، هو سوچ ۾ ٻڏل آهي؟ ڪاش، مان اهو سڀ ڄاڻان ها... ايئن تہ ناهي جو هو منهنجي ڪري پريشان آهي. سوچي ٿو... مان کيس پريشان ٿي ڪريان؟...

هن چرڪي مير محمد ۾ نهاريو جنهن مشڪي چيو، ”هلون؟“

جان بيبيءَ آهستي مٿي کي هاڪار ۾ لوڏيو. طارق خان چرڪي چيو، ”چو؟“

مير محمد ڪلي اٿندي چيو، ”هاڻي اميد تہ وڏيڪ ويهڻ لاءِ ڪوبہ نہ چوندو.“

شهناز اوٻاسي ڏيئي اٿندي چيو، ”ٻارن کي ڏسان... نازو ۽

پاڳي تہ شموءَ سان مارکن ۾ پوريون آهن."

"سيئي اٿيا شهناز کانئن موڪلائي ٻارن ڏانهن هلي ويئي.

نذيران ۽ وزيران گڏجي چيو، "شموءَ کي ونـي ٿيـون اچـون." ۽ اندر رڌڻي ڏانهن هليون ويون. طارق خان صوفي تـي ويهندي چيـو، "معـاف ڪجـو، آءٌ ٻـاهر دروازي تـائين اوهـان کـي ڇـڏڻ لاءِ هلـي نـہ سگهندس."

مير محمد اندر ويندي چيو، "شموءَ کي ونڻ ويـون آهـن، پـاڻ بـہ وڃي ويهي رهيون آهن."

مير محمد جي وڃڻ کانپوءِ جان بيبيءَ بـہ صـوفي تـي ويهندي چيو، "دروازي تائين هلڻ لاءِ آءٌ بہ ڪڏهن اوهان کي نہ ڇڏيندس."

"ان لاءِ تہ نيڪ ناهيان؟"

"نہ، ان لاءِ تہ اوهان اهم آهيو."

"توکان بہ مٿي؟"

"مان ڇا آهيان؟"

"اها مون کي خبر آهي تہ تون ڇا آهين؟"

جان بيبيءَ چرڪي چيو، "مان ڇا آهيان!"

طارق خان پنهنجو ڪنڌ صوفي جي پنـيءَ تـي لاڙي چيـو، "هر سوال جو جواب هجي ها تـہ ڪـوبہ اتـاولو ۽ اداس نـہ رهـي ها. 'ڪـي اهڙا سوال هونـدا آهـن جن جا جواب عرشن ۾ هونـدا آهـن جن کـي هيٺ لهندي لهندي ايڏي دير ٿي ويندي آهي جو انتظار ڪندڙ جـون اکيـون پٿر جـون ٿـي وينديون آهن پر اهي بي رحم جواب پـوءِ بـہ پنهنجي مرضيءَ سان سفر ڪندا آهن' آهستي آهستي."

جان بيبي ڪيس حيرت مان ڏسي رهي هئي جيڪو بوسڪيءَ جي ڪپڙن ۾ هميشـہ وانگيـان خوبصورت دلڪشن ۽ باوقـار لڳـي رهيو هو. پر اڄ ڪيس اڳ کان گهڻو مختلف لڳي رهيو هو. طارق خان جون اکيـون بند هيـون ۽ هو ٿڪـل ٿڪل لڳـي رهيـو هـو. جـان بيبي هڪدم سندس هٿ جهلي چيو، "طبيعت تہ ٺيڪ آهي نہ اوهان جي؟"

طارق خان اکيون کولي پنهنجو هٿ سندس هٿن مان ڪڍي

چيو، "ٽڪل آهيان، الائي ڇو."

جان بيبيءَ صوفي تان اٿي چيو، "مون ٽڪايو آهي اوهان کي، هيتري دير تائين مون کي ويهڻ نہ ڪپندو هو. اوهان جي طبيعت نيڪ ناهي... مان تہ ڪا صفا چري آهيان."

طارق خان هڪدم اٿي سندس سامهون بيهي اکين ۾ نهاري چيو، "تون غلط ٿي سوچين جاني، ايئن ناهي جيئن تون سوچين ٿي. ٿڪڻ جا ٻيا بہ گهڻا سبب آهن توسان گڏ ويهندي پلا آءٌ ٿڪجي پوندس؟"

طارق خان جي سوال کيس سرشار ڪري ڇڏي، "اوهان ويهو." هن کيس صوفي تي ويهڻ جو چيو تہ طارق خان کلي چيو، "مهمان کان اڳ ميزبان ويهي؟"

ٻئي هڪ ٿي صوفي تي ويٺا تہ نذيران، وزيران ۽ مير محمد کلندا آيا. طارق خان چيو، "ڇا تي ٿا کلو؟" مير محمد کلي چيو، "شمو، پاڳي ۽ نازوءَ هڪ ٻئي سان پوڳ ٿي ڪيا."

شمو بہ کلندي آئي پنيان پاڳي ۽ نازو بہ آيون نذيران ۽ وزيران حيرانيءَ مان طارق خان ۽ جان بيبيءَ کي ڏسي رهيون هيون. ٻين تہ الائي محسوس ڪيو بہ يا نہ، طارق خان چيو، "ڇا ڳالهہ آهي نذيران ۽ وزيران، ٻئي خيالن ۾ گم ٿي ويون آهيو؟"

نذيران چيو، "اسان جيتري دير هوڏانهن ويا هئاسين اوهان کهڙي ڪچهري ڪئي؟"

سوال تہ صفا اڻنگهو هو پر طارق خان کلي چيو، "ڇڏي بہ پاڻ وچو ۽ حساب ڪتاب بہ پاڻ ونو، سنو انصاف آهي."

"هاڻي موڪل ڏيو." مير محمد اٿيو تہ سيئي طارق خان سان موڪلائي ٻاهر نڪتا.

طارق خان جا جان بيبي کي ڏنل ٻئي بڪس شموءَ وٽ هئا. گاڏيءَ ۾ ويهندي نذيران چيو، "شمو، هيڏانهن ڪر بڪس تہ ڏسون طارق خان جانيءَ کي ڇا ڏنو آهي؟"

شموءَ جان بيبي جي منهن ۾ نهاريو جتي ڪوبہ تاثر نہ هو. نہ انڪار نہ اقرار. شموءَ چيو، "جيجي، پلي گهر هلي ڏسو."

نذيران شموءَ جي هٿن مان بڪس ڦري چيو، ”ڏسان ٿي، ڪائي ڪونہ ٿي وڃان.“

جان بيبيءَ آهستي چيو، ”نذيري، گهر هلي ڏسج.“

نذيران پيڪنگ ڦاڙيندي چيو، ”هتي ڏسڻ ۾ ڇا هي؟“

مير محمد جيڪو جيپ ڊرائيو ڪري رهيو هو ان نذيران کي ڇڙٻ ڏيئي چيو، ”نذيري، آهي ڇا، بڪس شموءَ کي ڏيئي آرام سان ويهہ.“

ٻئي پيٽيون گهر تائين ماٺ رهيون. گهر ۾ ايندي ساڻ ٻئي پنهنجي ڪمري ڏانهن هليون ويون. سڄي رات جان بيبيءَ جي حواسن تي طارق خان سوار هو. مير محمد جي وجود سان سندس ڪوبہ واسطو ۽ مطلب نہ هو. ڪنهن ڪنهن مهل مير محمد جي ٻانهن يا ٽنگ ڪيس لڳي ٿي تہ هوءَ ڇرڪي پري ٿي ٿي ويئي. هوءَ الائي ڪيتري دير تائين طارق خان جي نظرن جي گرمي پنهنجي ڇپن، ڳلن ۽ پوري وجود تي محسوس ڪري رهي هئي. اکين جي تہ عيد ٿي ويئي هئي ڪيس ڏسڻ سان. صبح جو نور بيبيءَ ايندي ساڻ چيو، ”پٽ، رات پيٽين کي رسائي ڇڏيئي؟“

”مون تہ ڪنهن کي بہ نہ رسايو آهي.“

”رات نذيريءَ ۽ وزيريءَ ٻڌايو تہ جانيءَ اسان کان طارق خان جون ڏنل سوکڙيون لڪائي ڇڏيون.“

”مون لڪايون؟“ ٽيبل تي پيل بڪسن ڏانهن اشارو ڪري، ”هي رکيا آهن بڪس... مون ڪٿي لڪايا آهن؟“

نور بيبيءَ خوش ٿي چيو، ”پٽ، ڪٿي آٿي مون کي ڏيکار.“ وري شموءَ کي چيائين، ”وڃ شمو، نذيري ۽ وزيريءَ کي وٺي آءُ.“

شموءَ هيٺ ليٽندي چيو، ”جيجي، رات جو اوجاڳو آهي سو مٿو ٿو ڦريم.“

نور بيبيءَ دڙڪو ڏيئي چيو، ”آءٌ ٿي چوانءِ تڏهن ٿي سمهين، وڃ، وٺي اچين، ڪاوڙيون وينيون آهن.“ شمو ڪرڪندي اٿي ڪمري مان نڪري ويئي.

پنهنجي ڪمري ۾ نذيريءَ چيو، ”وزيري، اسان ٻڌو تہ اڳ بہ

هو تہ جاني طارق خان کي پائين تي پر رات تہ اڪين سان ڏنوسين بہ!!“

”ها الا، مون ڪي تہ طارق خان تي پي حيرت ٿي. سندس نظرون يڪو جانيءَ تي هيون. جڻ بي ڪنهن کي ڏسي ئي نہ پيو.“

”الائي ڇا ڏنائين اتس جو جاني ڏيکارڻ لاءِ تيار ئي ناهي.“

”هوندو ڪو خط پٽ ٻيو ڇا؟“

”هيڏن بڪسن ۾ خط پٽ؟“

”ڪپڙا وپڙا بہ هوندا انهن ۾ خط بہ هوندو ٻيو وري ڇا؟“

شموءَ ڪمري ۾ ايندي ساڻ چيو، ”جيجيون، اوهان کي جيجي نور بيبي پئي سڏي.“

”ها ها تون وڃ، اسين اچيون ٿيون.“

شمو ٻاهر نڪتي تہ وزيران چيو، ”اها شمو ڇبري بہ وڏي رازدار اٿس.“

”ها بڪس وڪس کولي ڏسي، هاڻي ته اسان کي سڏ ڪرائي ڏيکاري.“

”پوءِ بہ ڏسڻ ۾ ڇاهي، هل تہ هلون.“

ٻئي انهريون ڪمري ۾ آيون، نور بيبيءَ کلي چيو، ”اچو، اچو ڏسو ڀيڻ اوهان لاءِ ڪري بڪس رکي ويٺي آهي. اڃان کوليائين بہ ناهي.“

انهن ڏنو تہ اڃان بڪس بند هئا بس جيئن نذيران هڪڙي بڪس جي پيڪنگ ڦاڙي هئي اها ئي ڦاٽل هئي. اهو ڏسي ٻنهي جو موڊ سهي ٿيو. نذيران ٺهڪ ڏيئي چيو، ”اسان تہ پوڳ ٿي ڪيا جانيءَ سان.“

جان بيبي ايئن لاتعلق ويٺي هئي جڻ انهن بڪسن ۾ سندس اڇي نہ وڃي ۽ هو ٻئي ايئن بڪس کولڻ لڳيون جڻ سندن هجن. شموءَ کي تہ وڏا جڪ پي آيا پر مانڪي ڪين ڏسي رهي هئي.

جان بيبي سندن حرڪت کي بنا ڪنهن تاثر جي ڏسي رهي هئي. پهرين ننڍو بڪس کوليائون، تہ ان مان سون جو نازڪ نازڪ موتين وارو خوبصورت سيٽ نڪتو. سيني جا وات ڦاٽي ويا.

”هٺ، ڪيڏو خوبصورت سيٽ آهي؟“

”جاني، ٿورو پائي تہ ڏيکار!!“ نور بيبيءَ چيو تہ، ”جيجي جانل...“ جي نالي تي سيني ڇرڪي دروازي ڏانهن نهاريو تہ ملوڪان ۽ ختو بينيون هيون.

جان بيبيءَ خوشيءَ مان رڙ ڪئي، ”اوهين ... ڪنهن سان آيون آهيو؟“

”اسان سان...“ جبار طاهره سان گڏ ڪلندو ڪمري ۾ آيو.

نور بيبي، نذيران ۽ وزيران ڪين ڏسي خوشيءَ مان ٿڙي پيون. ساڻن گڏجي جبار بس ٿوري دير جان بيبيءَ سان وينو ۽ پوءِ انهن سان گڏجي ڪمري ڪان ٻاهر نڪتو. شموءَ اٿي در بند ڪندي چيو، ”هچائن مان جند آزاد ٿي.“ جان بيبي ماءُ پيءَ ۽ سيني جي خيريت پڇي جيڪا ٻڌائي ملوڪان پنهنجي پوتيءَ جي پلوءَ تي ٻڌل ڳنڍ ڇوڙي جان بيبي کي لفافو ڏيئي چيو، ”جيجي، هي خط جيجي زهره ڏنو آهي اوهان لاءِ.“ جان بيبي جهڙپ ڏيئي خط وٺي پڙهڻ لڳي:

”جاني، خط لکڻ جي ڪا خاص ضرورت تہ نہ هئي، بہ ٿي ڏينهن اڳ ئي تہ گڏ هيوسين. پر جڏهن ملوڪان ۽ ختوءَ ٻڌايو تہ جانيءَ ڏانهن ٿيون وڃون تہ بس مڙيئي بہ اکر لکڻ تي دل چيو. جاني، تون چوندينءَ تہ وري بہ نصيحتن جو ڪلاس شروع ڪيو اٿئي، پر هڪڙي ڳالهہ ضرور ڌيان ۾ رکجانءِ تہ تنهنجو وجود رڳو تنهنجو ناهي، ان ۾ اسين بہ شامل آهيون بلڪل ايئن جيئن منهنجو وجود رڳو منهنجو ناهي. اسان جڏهن پنهنجي وجود کي بي سکون ۽ بيقرار ڪندا آهيون تہ درحقيقت اسين اها سزا پنهنجي پيارن کي ڏيندا آهيون. اهي پيارا جيڪي اسان سان پيار تا ڪن. جاڻان ٿي تہ هينئر توکي نصيحت جي نہ محبت جي ضرورت آهي. اها بہ ان جي جنهن کي تون چاهين ٿي ۽ جيڪا مشڪل ئي نہ بلڪہ ناممڪن آهي. ڇو تہ هن کي پنهنجي ذميوارين جو احساس آهي ۽ هو ڪڏهن بہ پاڻ کي ان اعلامنچ تان هيٺ لاهڻ جي ڪوشش نہ ڪندو جنهن تي هو وينل آهي بلڪ جتي کيس ويهاريو ويو آهي، تمام تر ذميوارين ۽ چاهتن سان، مان تہ هڪ دفعو

سندس گهر وڃڻ کان پوءِ ئي ڪيس سجاڳي ويئي آهيان ۽ تون اڃان بہ الائي ڪهڙن آسرن ۾ آهين. لطيف بادشاھ مان چوندي آهيان تہ آهي ئي تنهنجو، ان ڪي تہ ضرور پڙهندي هونديءَ، ڀلا سچ پچ ٻڌاءِ تہ لطيف ڪڏهن تنهنجي حوصلہ افزائي ڪئي آهي ان معاملي ۾ ؟

ڏنا ڏونگر نوڻ، جان مون پاڙيسي پڇيا،
تان هيڪليون هلن جي، سي تاڪن سندي توڻ،
ان پونءَ سندي پوڻ، ڪوڙين منجهان ڪو لهي.

۽ مون ڪي ٻيو اهو بہ ڊپ آهي تہ متان تنهنجو چهرو، جيڪو سڀ ڳالهائي ٿو، ٻڌائي ٿو، اهو ڪير پڙهي نہ وٺي. تون پاڻ تي ڪنٽرول ڪر ۽ نارمل رھ.“

هوءَ خط پڙهندي ويئي ۽ لڙڪن جي ٻوڏ ڪيس اندر ۾ ٻوڙيندي رهي. هوءَ سڏڪن سان روئڻ لڳي. ملوڪان، ختو ۽ شمو ساڻس گڏ روئڻ لڳيون. ملوڪان پنهنجون هنجون اگهي چيو، ”جيجي، اسان جي تہ هٿ ۾ ڪجھ بہ ڪونهي، جان آهي اها اوهان تان قربان آهي.“

ختوءَ روئندي سندس پيرن کي زور ڏيندي چيو، ”جيجي آءٌ تنهنجي لڙڪن تان بہ صدقو آهيان.“

شموءَ ٻنهي کي دڙڪا ڏيندي چيو، ”مايون، ڇڏيو جيجيءَ جي جند، آهي ڇا اوهان کي؟“

جان ٻيبيءَ چيو، ”امان ۽ بابا وارا ڪيئن آهن، ادي تاجي آهي يا هلي ويئي؟“

ملوڪان چيو، ”سائين وارا ٺيڪ آهن، جيجي تاجان ٻي ڏينهن ئي هلي ويئي، جيجي حسن کي ٻار جا سور هئا.“

جان ٻيبيءَ اتي قلم ۽ ڪاغذ ڪڍي لکڻ لڳي:

”مني زهري، تنهنجا ٻول اڳ جيان ئي امرت جل آهن. اهي مون کي لمحي جيئڻ جو درس تا ڏين، جيارڻ جو سبب تا بنجن. واقعي هو جتي وينل آهي اتان هڪڙو انچ بہ هيٺ لهڻ لاءِ تيار ناهي، پر مون بہ ڪڏهن چاهيو آهي تہ هو هيٺ لهي. ’مان تہ هونئن بہ اها ڌوڙ آهيان جيڪا سندس پيرن تي پوي تہ هو هڪدم

ان کي چنڊي پنهنجا پير پاٽيءَ سان ڌوئي ڇڏي، منهنجو وجود بس اها اهميت تو رکي سندس اڳيان. مون کي حيرت اها آهي تہ منهنجي محبت جتي بہ پڌري ۽ ظاهر ٿي ٿئي اتي مون لاءِ ڀيو تہ ٿهيو پر همدردي ۽ رحم بہ ناهي... اهو وڏو الميو آهي پيار لاءِ. باقي مان توکي اهو ٻڌايان تہ هو منهنجي حالت کان هاڻي بيخبر ناهي، ۽ لڳي ٿو تہ جتي مان رهان ٿي اهي بہ هاڻي بيخبر ناهن! خاص ڪري نذيران ۽ وزيران تہ اسان ٻنهي جي نگاهن سان گڏ سفر ڪري سمورو راز پروڙي ورتو آهي ۽ اها واردات سندس ئي کيل دعوت ۾ ٿي آهي. پر مون کي تہ انهن جي ڪابہ پرواهہ ناهي... باقي اها ضرور خوشي اٿم تہ مان ڪيس سولائي سان خوابن ۽ خيالن ۾ سڏي وٺندي آهيان ۽ منهنجون تنهائيون محفلن ۾ تبديل ٿي ويندون آهن."

ملوڪان ۽ ختو ٻئي جان بيبي وٽ رهيون ۽ شمو سندس خط کڻي جڏهن جبار ۽ طاهره ويا ٿي تہ ساڻن گڏ ڳوٺ رواني ٿي. هفتي کان پوءِ ستار ۽ آمي آيا. ستار کي حسنہ جون دوائون وٺڻيون هيون. آميءَ زهره جو خط جان بيبيءَ کي ڏنو.

"جاني، مان تہ صفا ڊڄي ويئي آهيان. نذيران ۽ وزيران نهايت خطرناڪ بلائون آهن. هاڻي ڇا ٿيندو؟ متان هو توکي بدنام ڪن يا گهر زهر ڪري ڏين. متان ادا مير محمد کي خبر پوي. باقي طارق خان تو تائين پهچڻ لاءِ ڪڏهن بہ قدم نہ کڻندو. ڇو جو تون اهو ماڳ آهين جيڪو اڳ ئي ڪو ماڻي چڪو آهي. تون شادي شده آهين ۽ مير محمد تنهنجو مڙس آهي ۽ اهائي حقيقت آهي تون پاڻ بہ تسليم ڪر."

جان بيبي خط پڙهي مشڪي پئي. 'زهري، مير محمد پهريون مرد آهي جنهن جي منهنجي بدن تائين پهچ آهي. اسان ٻئي گڏ رهون ٿا هڪ ٻي جي جسم کي ڇهون ۽ محسوس بہ ڪندا آهيون پر اسان جا روح ڌار آهن. نہ پر حقيقت اها ئي تہ 'اسان جا جسم بہ ڌار آهن. ڇو تہ جڏهن هو مليل بہ هوندا آهن تڏهن بہ هو پاڻ ۾ ڳالهائيندا ناهن نہ ئي ڪڏهن پاڻ ۾ ڪا ڪچهري ڪيائون نہ ئي

يوڳ، مذاق، کل ۽ ٺهڪ ڏيندا آهن. يعني هو مليل هوندي به رنل ۽ ڪاوڙيل هوندا آهن.' ايئن ڪٽي چئو تہ نڪاح وارو ناٽڪ رچائي مجبور ڪري مون کي ساٽس گڏ سمهاريو ويو آهي ۽ مان بنا ڪنهن احتجاج جي سندس ضرورت پوري ٿي ڪريان... بس اهوئي اسان جو تعلق ۽ لڳ لاڳاپو آهي هڪ ٻي سان... 'مان ماٺ آهيان ۽ چاٽان ٿي جڏهن ماڻ جا آنا ڦٽندا آهن تہ انهن مان تلخيون ئي جنم وٺنديون آهن.' ها، آءٌ لطيف کي پڙهندي آهيان... بلڪ اڳ کان گهڻو پڙهندي آهيان. لطيف حوصلہ افزائي ڪري ٿو يا نہ، جواب لاءِ سر سهڻي ڪافي آهي.

ڏم ڏهـــاڙي ڏي، ســـندا ميهـــر مهڻـــا،
جهليم تـي جهـوليءَ ۾، پلئہ پـائي سـي،
مرجـان چاليهہ چئـي، سـگان سـپرين جـي.

ڏم ڪتنئـي ڏيـنهن، وينــو جــي وللــين،
مچــڻ مــارڳ لائيــا، هــڏن متــي هينــئن،
قول پڇندس ڪيئن، جي ٻڌم ٻيلاين سان.

هاڻي اميد تہ لطيف کي سمجهڻ ۾ مدد ملي هوندئي. باقي طارق خان سچ بہ اوچي منچ تي آهي ۽ فارسيءَ جو هي شعر جيڪو اسان ٻنهي گڏجي پنهنجي ڊائرين ۾ لکيو هو:

هرڪــہ بـــہ افــلاڪ، رفتــارش بــود،
بــر زمــين رفــتن چــہ، دشــوارش بــود.

ائين ئي هو آسمانن ۾ هلندڙ آهي ۽ ڪيس زمين تي هلڻ ڏکيو لڳندو. پر مون بہ ڪڏهن اها خواهش ڪئي آهي تہ هو مون سان وک ملائي هلي. اها ريکا تہ جمندي ئي ڊهيل آهي. هينئر مون کي روسي شاعر "اوانوف" جو نظم هتي لکندي مزو پيو اچي.

'اسان بہ ٽڙ آهيون، جن کي وچ چمڪائي رهي آهي، اڌ رات جو اونداهي جهنگ ۾ بہ جرڪندڙ جيون آهيون، اسان بہ پيچڙ تارا آهيون جي ياڳ جي بہ چانگي ٻاڻ تي اوندهہ ۾ اڏري رهيا آهيون. اسان بہ ڪميت آهيون جن جون واڳون ساڳي هٿ ۾ آهن ۽ جي

ساڳي اڙيءَ سان اڳتي وڌي رهيا آهن. اسان به نيڻ آهيون، جن جي نهار ساڳي آهي، ساڳئي سپني جا به ترندڙ پنک آهيون. اسان ان سنگ مرمر جي سماڌيءَ تي بن درختن جا پاڇاوان آهيون، ساڳئي صليب جون به ٻانهون آهيون. خبر اٿئي زهري، ته هينئر جڏهن مون کيس ڏٺو ته چاهيم ڪاش، وقت کي زنجيرون پئجي وڃن. ڪاش، اهي لمحا امر ٿي وڃن پر ايئن ممڪن ڪٿي هو، ۽ آءٌ موٽي وري ڪنسنٽريشن ڪيمپ ۾ هلي آيس. تنهنجي ان ڳالهه جو کهڙو جواب ڏيان ته، مان پاڻ تي ڪنٽرول ڪريان، نه زهري، جيڪا ڳالهه منهنجي وس ۾ ناهي ان جي تلقين نه ڪر. منهنجو چهرو سچ به منهنجي اندر جي آرسي آهي، مان ڪجهه به ڪنهن کان لڪائي نٿي سگهان، هو ڏسي ۽ پڙهي وٺندا سڀ ڪجهه ٿورن ئي ڏينهن ۾. مون کي حيرت رڳو ان ڳالهه تي آهي ته هاڻي منهنجا خواب به اڏامي ويا آهن، شايد ان ڪري جو رات سندس يادن جي غلام بنجي ويئي آهي. اکيون بند آهن، ننڊ اچيئي نٿي. مهرباني ڪري زهري، تون پاڻ کي پريشان نه ڪر، تون ته منهنجي پناهه گاهه آهين. تون به جي ڪمزور ٿي ويندينءَ ته مان ڪٿي لڪنديس، ڪٿي پناهه وٺندس. منهنجا قيدي جذبا تو وٽ اچي ڦلارجن ٿا. انهن جو ڀرم رکڻ ۽ سنڀالڻ تنهنجو ظرف آهي، فرض نه!'

جان بيبيءَ ساڳئي طرح ملوڪان جي پوتيءَ جي پلئه تي خط ٻڌي ڳنڍ ملوڪان جي هٿ ۾ سنڀالي ڏني. ستار دوائون وني آميءَ کي جان بيبي وٽ ڇڏي ملوڪان ۽ ختوءَ کي وٺي هليو ويو.

آمي، جان بيبي جي گهرن، ڊگهن خوبصورت وارن کي ڦڻي ڏيئي رهي هئي ته جان بيبيءَ چيو، ”آمي، طارق خان کي ڏسڻ ويندينءَ؟“

آميءَ جا هٿ ڏڪي ويا. ڏانهنس نهاريائين. سندس چهرو وارن جي ڪڪرن ۾ چنڊ جيان چمڪي رهيو هو. ”چو جيجي؟“

”بس... ايئن ئي... ڏسڻ ۾ چاهي؟“

”چا چوندا سيئي؟“

”سيئي ڪير؟“

”جيجي نور بيبي ۽ جيجي شهناز.“

”اهي ڇا چونديون؟ ڇو چونديون؟ تنهنجي دل نٿي چوي ڪيس ڏسڻ لاءِ؟“

”جيجي، آءٌ ته ڪٽي تنهنجي لاءِ ڪري...“

جان بيبي تڙپي پئي، ”منهنجي لاءِ؟ تنهنجي پنهنجي دل نٿي چوي؟“

آميءَ مشڪي چيو، ”تنهنجي لاءِ نه مني، پاڻ لاءِ ٿي وجان پر...“

”پوءِ وڃين ڏسي اچ نه...“

”تو لاءِ پڇي ته ڇا چوان؟“

”چوينس ته جيئري آهي.“

طارق خان ٻاهر لان ۾ ويٺو هو. آمي جيئن ئي گيٽ کان اندر آئي، طارق خان خوشيءَ مان اٿي بيٺو، ”آءُ آمي آءُ.“

آمي تقريباً ڊوڙ ڪري وٽس آئي ۽ پيرين پئي ساڻس ملي. طارق خان لان چيئر تي ويٺو ۽ آمي هيٺ ڇپر تي ويهي رهي، ”سائين، اوهان جي طبيعت ڪيئن آهي؟“

”نيڪ آهيان، تون ڪيئن آهين. ڪڏهن آئي آهين. شمو ڪٿي آهي؟“

”سائين شموءَ کي جيجي اميران گهرايو هو. اها ويئي ته ڇوريون ملوڪان ۽ ختو آيون اهي ويون ته آءٌ جيجي جانل لاءِ ڪري آيس...“

”تنهنجي جيجي ڪيئن آهي، خوش ته آهي؟“

آميءَ طارق خان ۾ نهاري چيو، ”سائين نيڪ ته آهي پر.....“

”پر ڇا؟“

طارق خان اتاولائيءَ مان پڇيو ته آميءَ آهستي چيو، ”سائين مون کي ڇيائين ته، منهنجي لاءِ پڇي ته چئجانءِ ته جيئري آهي!“

طارق خان ڇرڪي آميءَ کي ڏٺو، ”آمي، پنهنجي جيجيءَ کي سمجهاءِ.“

”ڇا سمجهايان سائين، هاڻي ته هوءَ سمجهڻ ئي نٿي چاهي... اسين ڳالهايون ٿا ته اسان کي ماٺ ڪرائي ٿي ڇڏي... اسين گولا غلام بيوس آهيون سائين.“

طارق خان خيالن ئي خيالن ۾ پريشان ٿي ويو. ”مان ايندس پاڻ... ڪيس سمجھائڻ لاءِ.“

آمي اٿي تہ طارق خان ڪيس خرچي ڏني. ”اندر گھر ۾ هل، ماني کاءُ.“

آميءَ پئسا گگي جي ڪيسي ۾ وجھي چندڪر ڏيئي هيٺ لائي چيو، ”سائين مانيءَ مان جوڙ آهيان. بس رڳو اوهان ڪي ڏسڻ آئي هيس.“

جان بيبي ڪي جڏهن آميءَ اچي ٻڌايو تہ، هو پاڻ ڪيس سمجھائڻ ايندو. تہ هوءَ پهرين تہ عرشن ۾ اڏامڻ لڳي پوءِ جهٽڪي سان وري ساڳي هنڌ آئي، هو منهنجي لاءِ ٿوري ڪو اچي ٿو، هو تہ مون کي سمجھائڻ لاءِ ايندو تہ مون کي پريشان نہ ڪر.

جبار اچي ٻڌايو تہ ستار کي پٽ ٿيو آهي... سڀني خوش ٿي ڪيس مبارڪون ۽ ڪيرون ڏنيون.

جبار کلي چيو، ”آءٌ ڪو لنگهو آهيان جو ڪير ونان!“ سڀيئي پيسا آميءَ کي اُڇلائي ڏيئي چيائين، ”موج ڪر آمي موج ڪر.“

آمي پئسا ميڙي خوشيءَ مان دعائون ڪرڻ لڳي.

جان بيبي جبار سان گڏ هلڻ لاءِ تيار ٿي تہ نذيران ۽ وزيران بہ تيار ٿيون.

## باب ايڪيهون

محبتن جي سفر ۾ جڏهن تنهائيون مقدر بنجي وڃن ٿيون تہ سڄو وجود تڙپي ٿو پوي ۽ پوءِ رُت بدلجڻ جو احساس ئي ڪٿي ٿو رهي. جڻ اها ڪنهن ٻي دنيا جي موسم هجي. جيڪا انهن ئي ماڻهن لاءِ آئي آهي. اسان جي موسم تہ جڏهن بہ ايندي اسان کي ضرور آگاهہ ڪندي. آگاهہ ڇا، ان کي تہ جسم جي رڳ رڳ محسوس ڪري جاڳي پوندي... پر هاڻي هيءُ جيڪو صحرا جوسفر شروع ٿيو آهي، ان کي تہ ختم ٿيڻ ڏجي، پر ڪيئن؟ هيءُ سفر تہ ريتيءَ جا ذرا ڳڻي ڳڻي پورو ڪرڻو آهي، گذارڻو آهي ۽ ايترا تہ منهنجي جيون جا سال، مهينا، هفتا، ڏينهن، پر پل بہ ناهن!! هي درد جو صحرا تہ مون کي ڳهڻ لاءِ، ڳورڻ لاءِ پر پيو ساهي ۽ روح جي چؤگرد سندس حصار سوڙهو ٿيندو پيو وڃي... مون کان تہ جيئڻ جو حوصلو پيو کسڻ چاهي هي دشت جو وحشي ۽ منهنجي روشن اکين اڳيان انڌيرو سيني سازشن سان شامل ٿي مون کي مات ڏيڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيٺو آهي. ڇو ٿيندو آهي اهو سڀ ڪجهہ؟ ۽ حساس ماڻهن لاءِ ئي اهي سڀ سزائون ڇو آهن، هي تنهائيون تہ ڪٿجي ئي ويندیون آهن ڪنهن جي ساٿ ڏيڻ سان، ڪنهن جي گڏ هلڻ سان... پر هيءَ دل بہ مڃي نہ! دل کي تہ صرف هن جي ئي تلاش آهي، ڳولا آهي، ڳهرج آهي.

جيئن سو هرڻ هماءُ، سرگردان سنسار ۾،
هو پڳ نہ ڏري پٿئين، هي ڏڙ سر ڏري نہ ساهہ،
جيڪس تن وتاءُ، سسئي سور پرايا.

بسنتي رت ڳهہ ڳتن، ويس وڳن ۽ هار سينگار سان سنوارجي آيل هئي. جان بيبيءَ جي اندر واري دنيا ۾ ان بهار جي رت جي ڪابہ خوشبو ڪوبہ رنگ اثر انداز ٿي نہ سگهيو هو. جان بيبيءَ سوچيو، ڇا هر ڇوڪريءَ سان اهوئي الميو هوندو آهي تہ هوءَ مائٽن

توڙي ساهرن جي گهر ۾ بي گهر هوندي آهي، جلاوطن هوندي آهي يا رڳو مان' جنهن جو ڪوئي گهر ڪونهي. هوءَ ڏاڪڻيون چڙهندي ڇت تي آئي هئي ۽ ڇت جي چارين وارن سوراخن مان هوءَ ٻاهر جا نظارا ڏسي رهي هئي. نذيران ۽ وزيران ته ڇئور جيان ڪيس چنبڙيل هيون. ستار جي پٽ جي ڇٽي ۽ عقيقي ڪان پوءِ طاهره جي چونڊ تي جبار ڪيس ماءُ ڏانهن وٺي تي ويو ۽ نذيران ۽ وزيران به وڃڻ لاءِ تيار ٿيون ته جان بيبيءَ سک جو ساهه کنيو.
”جاني، اسان سان گڏجي هل نه.“

جان بيبيءَ کان اڳ امير بيبيءَ نذيران کي جواب ڏنو، ”پٽ، جاني پلي به ٿي ڏينهن هتي هجي.“

جبار چيو، ”ماني کائي پوءِ ٿا هلون.“

زهره ۽ افروز به ٻين سئوٽين سان گڏجي ڇٽي ۽ عقيقي ۾ آيون هيون، پر نذيران ۽ وزيران جي ڪري وري هليون ويون ۽ جان بيبيءَ اهو سوچي کين موڪل ڏني هئي ته نذيران وارين جي وڃڻ کان پوءِ کين وري گهرائيندس. هوءَ انهن ئي سوچن ۾ هئي ته ڏورانهن واٽن تان ڏوڙ اڏامندي ڏٺائين... سوچيائين، 'اڳ طارق خان نيڪ هوندو هو ته ايندو ويندو هو ۽ مان به هر گاڏيءَ جي آواز ۽ سندس اٿاريل ڏڌڙ تي ڇرڪي پوندي هيس... پر هي ته وهنڊڙ رستو آهي طارق خان جي گاڏي نه ايندي ته رڪجي ۽ بيهي ٿوري ويندو، گاڏيون ته ايئن ئي پيون ايندييون ۽ ويندييون.' هوءَ بي خياليءَ مان رستي کي ڏسڻ لڳي. ”اڙي، هي ته طارق خان جي گاڏي آهي.“ هن طارق خان جي نيري لينڊڪروزر سڃاڻي ورتي.
”اڙي هيءَ ته اسان ڏانهن پئي اچي.“

جان بيبيءَ کان خوشيءَ مان دانهون نڪري ويون ۽ هوءَ ڊوڙندي به به ڏاڪڻيون لهندي هيٺ آئي ۽ پنهنجي ڪمري ۾ وڃڻ بجاءِ ورانڊي جي ٻاهرين دروازي تي اچي بيهي رهي. ڏاڪڻ تان تڪڙو تڪڙو لهڻ ڪري سندس ساهه پرجي آيو هو ۽ ڇاتي هيٺ مٿي ٿي رهي هئي. هيءَ ٽُڪ ڳوري تڪڙيون ڳيتيون ڏيئي پاڻ کي سنڀالي رهي هئي ته طارق خان شاندار انداز ۾ هلندو حمل خان

سان گڏ اندر حويليءَ ۾ گهڙيو. ڪيس ڏسندي جان بيبيءَ جا نيڻ ننهن ڪان چوٽيءَ تائين نري پيا. هوءَ بي ساخته مرڪي پئي. سندس گلاب چپن تي آيل مرڪ طارق خان جي اندر جي اونهاين تائين نار وجهي ويئي. هو مشڪندو وٽس آيو. جان بيبيءَ پليڪار ڏيئي ساڻس ڪيڪاريو. طارق خان مشڪي ڪيس ورندي ڏيئي پنهنجي هٿن ۾ جهليل شاپنگ بيگز لاپرواهيءَ مان سندس هٿن ۾ ڏيئي پاڻ حمل خان سان گڏ اندر هليو ويو. جان بيبي ڪيس اندر ويندو ۽ پنهنجن هٿن ۾ جهليل شاپنگ بيگز ۾ حيرانيءَ سان ڏسڻ لڳي ۽ بجاءِ پنهنجي ڪمري ۾ وڃڻ جي جتي نذيران ۽ وزيران فلم ڏسي رهيون هيون، هوءَ ان ڪمري ۾ آئي جيڪو طارق خان لاءِ مخصوص هو. جتي هن طارق خان جي بيماريءَ دوران لڙڪن، سڏڪن ۽ دعائن جا دريا وهائي ڇڏيا هئا. اندر اچي هن شاپنگ بيگز پلنگ تي رکيا ۽ پاڻ اتي ئي ويهي رهي. هوءَ سوچن ۾ گم هئي ته ختوڪلندي وٽس آئي. "جيجي، جيجي اميران پئي اوهان کي سڏي. جيجي، سائين طارق خان سان ملي آهين نه، مون رڏٽي واريءَ دري جي ڄاريءَ مان ڏٺو هو. جيجي، الله سائينءَ اوهان جون دعائون ٻڌي ڪيس چڱو ڀلو ڪيو آهي."

جان بيبيءَ چيو، "تون وڃ، آءٌ اچان ٿي."

سندس پير ۾ رکيل شاپنگ بيگز مان طارق خان جي مخصوص خوشبو نڪري ڪيس مست بنائي رهي هئي. "سندس هٿن ۾ ئي ته جهليل هئا." هن شاپنگ بيگز تي پنهنجا گداز گلاب چپ رکي ڇڏيا ته انهن مان اٿندڙ خوشبوءَ ڪيس پاڪرن ۾ پري سندس روح کي مهڪائي ڇڏيو. 'هو جنهن به چيز تي هٿ رکي ٿو اها خوشبودار ٿي پوي ٿي ته هو پاڻ ڪيڏو خوشبودار هوندو؟'

بــر مڙوئـــي بـــوءِ، ڇپـــر ڇِٽـــون مڪيـــون،
ٻهـــ ٻهـــ ٿـــي ينيـــور ۾، هنـــڌ مڙيئـــي هـــوءِ،
راڻـــين وري روءِ، گونـــدر لٿـــا گـــولئين.

امير بيبيءَ جي ڪمري ۾ وينل طارق خان الائي ڪهڙيءَ ڳالهه تان ٺهڪ ڏنو ۽ ڪمري ۾ ايندڙ جان بيبيءَ جي پيرن ۾ ڏاڻ

پئجي ويا. كيس دروازي تي بيهندو ڏسي. امير بيبيءَ مشڪي چيو، ”اچ پٽ، بيهي ڇو رهي آهين؟“

طارق خان كيس ڏنو ۽ هوءَ امير بيبيءَ جي پير ۾ اچي ويٺي. نذيران ۽ وزيران بہ طارق خان جي اچڻ جو ٻڌو، اهي بہ جان بيبي جي پنيان ئي ڪمري ۾ آيون ۽ طارق خان سان ڪيڪاري سندس طبيعت جي باري ۾ پڇڻ لڳيون. جان بيبي يڪي ماٺ هئي. امير بيبيءَ چيو، ”جاني، تون تہ اچي ماٺ ڪري ويهي رهي آهين، نہ طارق خان کي پليڪار ڏنئي نہ ئي طبيعت جي لاءِ پڇيئي.“

جان بيبيءَ طارق خان کي ڏٺو. طارق خان کلي چيو، ”ڦڦي، جان بيبي تہ ايندي ساڻ وراندي ڪان ٻاهر ملي هئي.“

حمل خان کلي پيار مان جان بيبي کي ڏسي چيو، ”منهنجو جاني پٽ ڏاڍو سلڇڻو آهي.“

نذيران ۽ وزيران هڪ ٻي ڏانهن معنيٰ خيز نظرن سان نهاريو. ’ماءُ کي بہ خبر ڪانهي... سيني ڪان اڳ ملي آهي طارق خان سان. ضرور کيس اچڻ جي خبر هئي. تڏهن ئي تہ ڪراچي هلڻ ڪان انڪار ڪيو هئائين...‘ ۽ پوءِ ٻنهي جون نظرون طارق خان ۽ جان بيبيءَ جي نظرن جو تعاقب ڪرڻ لڳيون. جبار ۽ طاهره بہ آيا. طارق خان اٿي جبار سان نهايت گرم جوشيءَ سان مليو. ٻئي ويٺا تہ جبار چيو، ”ادا، الله سائين اوهان کي نئين زندگي ڏني آهي. مون کي تہ هاڻي بہ اهو حادثو خوابن ۾ بہ ڇرڪائي ٿو ڇڏي ۽ تڏهن تہ هتي هينئن وري اچڻ جو تصور بہ نٿي ڪري سگهيس.“

”ها يار، تو ۽ ڪمال خان وڏي مڙسي ڪئي، لڪ ٿورا اوهان ٻنهي جا.“

”ادا، اهو وري ڇا پيا چئو... مون سان ايئن حادثو ٿيئي تہ اوهين ڪجهہ نہ ڪريو ها.“

”خدا نہ ڪري اوهان سان ڪڏهن ايئن ٿيئي... الله سائين اوهان کي سدائين پنهنجي حفظ ۽ امان ۾ رکي.“

ستار ٻاهران تڪڙو تڪڙو آيو، ”مون کي رٻوءَ ٻڌايو تہ طارق خان آيو آهي... مون کي ويساهہ ئي نٿي آيو!!“ طارق خان کلي اٿي

ساٽس مليو ۽ ڪيس پٽ چمڻ جون مبارڪون ڏنيون.
ستار پنهنجي ڪمري ۾ ويو ۽ پنهنجي پٽ کي هنج ۾ کڻي آيو. طارق خان ننڍڙي کي پنهنجي هٿن ۾ کڻي چمي ڏيئي چيو، ”نالو ڇا رکيو اٿوَ؟“
نالي ٻڌائڻ کان اڳ سيئي کلڻ لڳا. طارق خان کين حيرانيءَ مان ڏسڻ لڳو. ستار مرڪي چيو، ”حمل خان.“ وري به سيئي کلڻ لڳا. طارق خان جو ٺهڪ نمايان هو.
”جبار جي ڏِپ کان؟“
”مون به ايئن ئي چيو آهي ته ادا ستار منهنجي ڏِپ مان تڪڙو ئي اهو نالو رکيو ته متان مان پنهنجي پٽ تي اهو نالو رکي ڇڏيان.“
طارق خان کلي چيو، ”هونئن به ان نالي تي ستار جو حق آهي.“
”هينئر ادا ستار کي ڏيءَ تي ۽ مون کي پٽ ته پوءِ حق جي خبر ڏيانس ها!“
سيئي کلڻ لڳا. ستار ٺهڪ ڏيئي چيو، ”پوءِ هاڻي ڪيئن، ٺڏو يا ڪوسو؟“
سيئي ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. طارق خان کلي چيو، ”چاچا حمل خان جي اڳيان به ننڍڙي کي ان نالي سان سڏيو ٿا؟“ ستار کلي چيو، ”نه نه، ننڍڙي جو ٻيو نالو مرتضيٰ خان آهي.“
جبار جان ٻيبي کي چيو، ”جاني، تنهنجي شادي جون تصويرون ڪٿي آهن؟“
جان ٻيبيءَ گهٻرائجي طارق خان کي ڏٺو. جبار چيو، ”تو وٽ ناهن ڇا؟“
”مان ڇا ڪريان انهن کي...“ جان ٻيبيءَ تقريباً ڇرڪي چيو.
”طاهره جبار کي چيو، ”اوهان وٽ هونديون: ادي جاني ته ڦهرين ئي ڏينهن بنا ڏسڻ جي ڏيئي ڇڏيون هيون.“
”۽ هُتي ڪراچيءَ وارا سيئي البم ادا مير محمد وٽ آهن.“ نذيران چيو.

”ها ها، نيڪ آهي. ياد آيا. جبار يادگيري اچڻ سان اٿي پنهنجي ڪمري ڏانهن ويو ته جان بيبي جنهن جو ساهه ٿي منجهاميو، اٿندي چيائين، ”اوهان تصويرون ڏسو، مان اچان ٿي.“

ايئن چئي هوءَ ڪمري کان ٻاهر نڪري ويئي سواءِ طارق خان جي ڪوبه محسوس ڪري نه سگهيو ته هوءَ تصويرون ڏسڻ نٿي چاهي. جبار تصويرون کڻي آيو سڀئي خوشيءَ مان تصويرون ڏسڻ لڳا.

امير بيبيءَ چيو، ”جبار وٽ ته جيڪا به شئي ويندي آهي اها چڻ اڪونج کُن ۾ هليو وڃي.“

حمل خان کلي چيو، ”ڪيترا پيرا چيو اٿئون ته تصويرون ڏيکار، شڪر جو طارق خان آيو ۽ تصويرون ڏنيونسين.“

امير بيبيءَ چيو، ”پٽ، جبار جي شاديءَ جا فوٽو ته ڏنا اٿئي نه؟“

طارق خان کلي چيو، ”ها پڪي، اهي ته مون اوهان کان به اڳ ڏنا هئا. اتي ڪراچيءَ ۾ ڏٺاري پهرين جبار اتي مون کي ڏيکاريا هئا.“

تصويرون گهٽيون هيون هر ڪو ڪٽي ڏسي رهيو هو. تصويرن ۾ مير محمد جي خوشي ڏسڻ وٽان هئي. جان بيبي ته هونئن ئي قيامت آهي. شاديءَ جي ڳاڙهي وڳي ۽ ڳهه ڳٽن ۾ ته هيڪاري حشر مچائي رهي هئي. سڀني کي پنهنجون تصويرون ڏسڻ جو ئي شوق هو. سڀئي پنهنجون تصويرون ڏسي رهيا هئا. گهوٽ ڪنوار کان سواءِ حمل خان ۽ امير بيبيءَ جون تصويرون به گهٽيون هيون. جن ۾ هو هڪ ٻي ڏانهن نهاري مشڪي رهيا هئا. طارق خان کلي چيو، ”چاچا حمل خان ۽ پڪي ته هينئر به سڀني تي زور آهن.“

ٻئي ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. امير بيبيءَ چيو، ”پٽ، اها سڄي شرارت جبار جي آهي. اسان ٻنهي کي هڪ ٻي جي اڳيان بيهاري چوي کلو...“

ستار ۽ حسنه، جبار ۽ طاهره جون تصويرون به هيون، تاج

بيبي جون پنهنجي پٽ ۽ عزيز سان گڏ تصويرون هيون. ننڍڙي سهراب خان جي تصوير طارق خان خوش ٿي ڪٽي پيار مان چيو، ”اڙي، اڙي، منهنجي سنگتيءَ جي به تصوير آهي.“ زهره ۽ افروز جون به تصويرون گهڻيون هيون، جن ۾ زهره ڪنهن ڪنهن هنڌ مشڪي ۽ کلي به پيئي پر افروز ته هر تصوير ۾ اداس ۽ روئڻهارڪي هئي. هڪ تصوير ۾ ته هوءَ لڙڪ اگهي رهي هئي. نذيران نرڙ ۾ گهنڊ وجهي چيو، ”زهره ۽ افروز ته ڄڻ ڏک تي آيل آهن. افروز ته اجان به زور آهي.“

امير بيبيءَ کي سندس نمونو نه آئڙيو، ”ايئن ته نه چئو نذيري، هنن ٻنهي سئوٽين جو جانيءَ منجهه ساهه آهي. ڏنو ڪونه هيئي، مون کان به وڌ رنيون هيون جانيءَ کي موڪلائڻ مهل.“

جبار کلي چيو، ”نذيري، اسين سڀئي پنهنجي ڏاڏاڻي سڱ لاءِ ڪنا پيا آهيون.“

سڀئي کلڻ لڳا. ٻين تصويرن ۾ ڪٿي ملوڪان ۽ ختو ٽانوَ ڌوئي رهيون آهن ته ڪنهن تصوير ۾ يارو ۽ ربو ڪانئين جون پريون ڪٽي اڇي رهيا آهن. ڪٿي منو پيو ڪانيون ڦوڙي، ڪٿي شمو ۽ آمي سگريٽ پي رهيون آهن ته ڪٿي ٻئي لڙڪ اگهي رهيون آهن. هڪ تصوير ۾ جبار جو وات ڦاٽل هو. سڀئي ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. جبار کلي چيو، ”خبر اٿوَ، ان مهل آءٌ شاهه جي وائي ڳائي رهيو هئس.“

سڀئي ٺوري ٺوري ڳالهه تي ٽهڪ ڏيئي رهيا هئا. طارق خان وينل ته سيني سان گڏ هو ۽ کل ۾ سندن ساٿ به ڏيئي رهيو هو، پر سندس اکيون ۽ اندر جان بيبيءَ کي ڳولي رهيا هئا. جيڪا تصويرن کان پڇي پنهنجي ڪمري، پنهنجي پناهه گاهه ۾ اچي لڪي هئي. هوءَ اهي تصويرون اڪيلي پاڻ به ڏسي نه سگهي هئي. اها ڪيئن ٿي اهي تصويرون طارق خان جي اڳيان ڏسي سگهي، جنهن ۾ هوءَ مير محمد جي ڪنوار بڻيو ويٺي هئي. تصويرون ڏسي پوريون ڪيائون ته ٻاهر ورانڊي ۾ ڪاڏي رکڻ جو اطلاع ٿيو. جان بيبيءَ کي به سڏيئن، هوءَ خاموش اچي امير بيبي جي پر ۾

وينـي. سندس سامهون ئي طارق خان وينل هو. ڪاڏو ڪاٿي وينا ته ٿوري دير ۾ چانهه آئي، چانهه پي چڏيائون ته امير بيبيءَ چيو، ”جبار، پٽ هاڻي ته اوهان کي وڃڻ ۾ دير پئي ٿيئي.“

جبار هڪدم ٽپو ڏيئي اٿي چيو، ”اڙي، ادا طارق خان کي ڏسي، مون کي پنهنجا پروگرام ئي وسري ويا.“

”ڪيڏانهن وڃڻو اٿوَ چا؟“

”پٽ، جبار طاهريءَ کي وٺي پيو ڪراچي وڃي. ننڍڙي جي جمڻ تي جان بيبي، نذيران ۽ وزيران آيون هيون انهن کي مون ڇٽيءَ ۽ عقيقي لاءِ جهلي ڇڏيو هو. هتي ادي نور بيبي به اڪيلي هوندي، جاني ته نٿي وڃي باقي هي وڃن پيا.“ امير بيبي چيو.

طارق خان جون هانءُ جان بيبي جي وڃڻ جو سوچي ٻڏي ويو هو سو جانيءَ جي نه وڃڻ جو ٻڌي، سامت ۾ آيو. جبار، نذيران ۽ وزيران ۾ نهاري چيو، ”هلو...“

نذيران وات ڦاڙي ٺهڪ ڏيئي چيو، ”هينئر ئي، اڃان ته ادا طارق خان هاڻي ئي آيو آهي.“

جبار چيو، ”اوهان جي مرضي...“

امير بيبيءَ چيو، ”نه پٽ، سويل نڪرو، پنڌ وڏو آهي. رات ٿي ويندي.“

”ٿوري دير ويهون ٿا.“ نذيران چيو ته طاهره جيڪا جبار سان گڏ اٿي هئي اها وري ويهڻ لڳي.

جبار چيو، ”ويهين ڇو ٿي اٿ، واقعي امان جي ڳالهه سهي آهي رات ٿي ويندي.“

نذيران ۽ وزيران ٻچڙا ٻوٽ ڪري اٿيون ۽ اهي سيني کان موڪلائي ٻاهر نڪتا ۽ جان بيبي وري به پنهنجي ڪمري ڏانهن هلي وئي. ستار جو پٽ يڪو اتي ئي ستو پيو هو اهو جاڳي روئڻ لڳو. ته ستار مشڪي ڪيس کنيو. امير بيبيءَ پيار مان چيو، ”هونئن روئڻو ناهي بک لڳي هوندس.“

ستار پنهنجي پٽ کي پنهنجي ڪمري ڏانهن کڻي ويو. طارق خان چيو، ”ادي حسنه ڪٿي آهي؟“

”پٽ، بخار اٿس...“
”پوءِ مان ٿو وٺس هلان.“
طارق خان امير بيبيءَ سان گڏجي ستار جي ڪمري ۾ آيو. طارق خان کي ڏسي حسن اٿي ساڻس ڪيڪاريو. طارق خان نناڙي جي هٿ ۾ خرچيءَ جا پئسا ڏيئي چيو، ”ادي، اوهان آرام ڪريو، اسين ٻاهر ورانڊي ۾ ٿا ڪچهري ڪريون.“ ٻاهر ورانڊي ۾ اچي صوفي تي ويٺو. حمل خان ۽ امير بيبيءَ به ساڻس گڏ اچي ويٺا.
”پڦي، جان بيبي يڪو غائب ٿي وئي آهي.“
”هئو پٽ، سندس طبيعت ٺيڪ نٿي رهي.“
”ڇا ٿيو اٿس؟“ طارق خان ايئن ڇرڪي پڇيو جوڪيس به حيرت ٿي ته، مان ڇو ايڏو اتاولو ٿيس؟ هي ڇا سوچيندا؟ پر هنن ڪجهه به نه سوچيو. امير بيبيءَ چيو، ”الائي ڇا اٿس... جيئن شادي ٿي آهيس يڪي ماٺ ماٺ آهي.“
طارق خان کلي اٿي چيو، ”هلو ته سندس ڪمري ۾ ٿا هلون!“
سڀئي گڏجي جان بيبيءَ جي ڪمري ۾ آيا. هوءَ طارق خان کي پنهنجي ڪمري ۾ ايندي ڏسي ڇرڪي پينگهي مان اٿي... رنڊل رنڊل ۽ ماٺ جان بيبي، طارق خان کي ايڏي ته وٺي جو ڪائنس بي ساخته ٽهڪ نڪري ويو. ”ڇا پلا... مهمانن کي ڇڏي وڃڻ جي نئين ريت هاڻي هتي ايجاد ٿي آهي ڇا؟“ طارق خان صوفي تي ويهندي چيو ته حمل خان ۽ امير بيبي کلي پيا. جان بيبيءَ طارق خان کي ايئن ڏٺو ڄڻ چوندي هجي. ’واقعي تون اڃان تائين مون کي سمجهي نه سگهيو آهين.‘ گهرين ڪارين اکين ۾ اداسي پري ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو. امير بيبيءَ چيو، ”ڏنئي پٽ، جاني ته ڄڻ سپني سان رنڊل آهي.“
حمل خان جو چهرو ڏڪارو ٿي ويو. ملوڪان اچي چيو، ”سائين، اوهان لاءِ اوطاق ۾ ماڻهو آيا آهن.“ حمل خان ڪمري کان ٻاهر نڪتو ته امير بيبي به ايئن چئي ڪمري مان نڪتي ته، ”ڏسان ته سهي نناڙي کي ڪير پياريو آهي.“ انهن جي وڃڻ کان پوءِ طارق خان جان بيبي ۾ انتهائي پيار مان نهاري آهستي چيو، ”بيني ڇو

آهين جاني، هتي اچي ويهه.“

هن پنهنجي پر ۾ صوفي تي ڏڪ هڻي چيو تہ جان بيبي آهستي هلي سندس سامهون پلنگ تي ويٺي. طارق خان کي سمجهہ ۾ ئي نٿي آيو تہ هو ڳالهہ کي ڪٿان شروع ڪري، ”لطيف کي تہ پڙهندي آهين نہ؟“ ”ها.“

”ڪهڙو سُر وڏيڪ ٿي پڙهين؟“

”سيئي... پر گهڻو سسئي، سهڻي، آسا، رپ ۽ رامڪلي.“

”چو، اهي سُر وڏيڪ چو پڙهندي آهين؟“

”اوهان کي ڪهڙو سُر وڏيڪ ٿو وڻي؟“

جان بيبيءَ جواب ڏيڻ بدران سوال ڪيو تہ طارق خان ٿهڪ ڏيئي ماٺ ٿي ويو. جان بيبيءَ چيو، ”چو يلا... جواب چو نٿا ڏيو؟“

”جواب ڏيڻ سان پاڻ وائکو ٿي پوندس.“

”هروڀرو جي خول ۾ رهڻ ٿا چاهيو؟“ طارق خان چرڪي ڪيس ڏسي چيو، ”جاني نہ رڳو مون کي پر توکي بہ انهيءَ خول ۾ رهڻ کپي، خول نہ، پر حقيقت جو قلعو.“

جان بيبي جڻ چڙي پيئي، ”ڪهڙي حقيقت جو قلعو، حقيقت اها ئي آهي جيڪا گذري پئي ۽ جيڪو ڀوڳيون پيا؟“

”اهي ئي حقيقتون قلعي بند ڪرڻيون آهن.“

”حقيقتن کي قلعي بند ٿا ڪريو، حيراني آهي. جڏهن تہ حقيقتون مجڻ لاءِ هونديون آهن، لڪائڻ لاءِ نہ...“

طارق خان کيس سمجهائيندي چيو، ”اهي سڀ جن کي تون حقيقتن جو نالو ٿي ڏين اهي جڏهن ذميوارين جو لباس ٿيون پائين تہ اهي مصلحتون ۽ سمجهداريون ڪوٺائين ٿيون.“

”معنيٰ حقيقت کي حقيقت چوڻ ۽ مجڻ چريائي آهي.“

”مان تہ نہ چوندس، پر دنيا اڳيان ان جو ٻيو ڪوبہ نالو ناهي، اڄ اسين ٻئي...“

”اوهان پاڻ کي چو ٿا شامل ڪريو؟“

طارق خان مشڪي چيو، ”نهيو يلا تون...“

”رڳو مان چو؟“

جان بيبيءَ کي پاڻ تي ڪنٽرول ڪرڻ ڏکيو پي ٿيو. طارق خان سندس ڪيفيت سمجهي اٺي چيو، ”دير پئي ٿئي...“ جان بيبيءَ حيرانيءَ مان چيو، ”اڄ ويندا ڇا؟“

”ها!“

جان بيبي جڻ تڙپي پئي هڪدم اٿي بيٺي. امير بيبيءَ جي آواز تي هن پاڻ سنڀاليو ۽ طارق خان به اطمينان جو ساهه کنيو. امير بيبي ايندي ساڻ چيو، ”پٽ، چانهه ڪٿي پيئنديئن؟“

طارق خان چيو، ”پڪي، مون کي وري اڄ ئي ڪراچي وڃڻو آهي.“

ستار ۽ حمل خان به پنيان ئي آيا. ”اڄ ته اسين توکي وڃڻ نه ڏينداسين.“

”مان اڪيلو ته ناهيان، مون سان گڏ ٻيا ماڻهو به ته آهن.“

”اهو سڀ ٺيڪ آهي پر تنهنجي صحت اڃان اهڙي سهي ناهي جو تڪڙا تڪڙا هيڏا سفر ڪرين! سڀاڻي آرام سان وڃجئين.“

طارق خان خاموشيءَ سان اٿي ساڻن گڏجي جان بيبيءَ جي ڪمري کان ٻاهر نڪتو.

رات جي مانيءَ کان پوءِ امير بيبي چيو، ”پٽ، دل ته گهڻي ٿي چاهي توسان ڪچهري ڪرڻ لاءِ پر توکي ويهڻ کان وڌيڪ آرام جي ضرورت آهي. اڄ به جيئن آيو آهين ڀڪو وينو آهين هاڻي هلي پنهنجي ڪمري ۾ آرام ڪر.“

هوءَ ڪيس وٺي سندس ڪمري وٽ آئي ۽ ڪيس دروازي وٽ ڇڏي هلي وئي. طارق خان اندر ڪمري ۾ آيو. جان بيبيءَ کي ڏٺل شاپنگ بيگز جيئن جو تيئن پلنگ تي رکيل ڏسي حيران ٿي ويو. ڪمرو بند ڪري اچي پلنگ تي وينو. ’جاني، هي مون خاص تنهنجي لاءِ آندو آهي سڀ ڪجهه... پوءِ تون هتي رکي ڇو وئي آهين؟ کوليا به نه اٿئي ڇو؟ ڇا توکي قبول ناهن؟‘ هن اٿي دروازو کوليو، شموءَ کي ويندي ڏٺائين، شموءَ جي نظر به طارق خان تي پئجي وئي. هوءَ ڊوڙي وٽس آئي.

”جي سائين.“

طارق خان اداسيءَ مان چيو، ”ڪجهه به نه...“

۽ دروازو بند ڪري آهستي آهستي هلندو اچي پلنگ تي ليٽي پيو. ٻئي ٻانهون مٿي هينان رکي سوچڻ لڳو. ’آءٌ ته خاص جانيءَ کي سمجهائڻ آيو آهيان پر اجان مقصد ڏانهن هڪڙي وک به وڌائي نه سگهيو آهيان! مان ڪيس ڪيئن قائل ڪري سگهندس؟ ڪوشش ته بهرحال مون کي ڪرڻي آهي ۽ اها ڀرپور ڪندس.‘

سوچيندي ڪيس گهڻي دير ٿي ويئي هئي. دروازي تي هلڪو ڪڙڪو ٿيو. هو ڇرڪي اٿيو. دروازو کوليائين ته جان بيبي هئي. جان بيبيءَ ڪمري جي اندر اچي پاڻ ئي دروازو لاڪ ڪيو ته، طارق خان جڻ دانهن ڪئي، ”هي ڇا آهي؟“

جان بيبيءَ نهايت سڪون ۽ آرام سان مشڪي چيو، ”ڏڄڻ ته مون کي گهرجي جو تنهنجي ڪمري ۾ آئي آهيان تون ڇو ٿو ڏڄين؟“ ڪيس اوهان چوڻ به وسري ويو.

طارق خان اچي پلنگ تي ويٺو ته هوءَ به ساڻس گڏ اچي پلنگ تي ويٺي. طارق خان شاپنگ بيگن ڏانهن اشارو ڪري چيو، ”هي ڇو هتي رکيا اٿئي. هي ته مون تنهنجي لاءِ آندا آهن؟“

”.........“

هوءَ ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺي هئي. طارق خان پنهنجو مٿو هيٺ ڪري سندس ڇهري ۾ جهڪي نهاريو ته هوءَ ڇلڪي پيئي، ”طارق خان، آءٌ توکان سواءِ رهي نٿي سگهان.“

هوءَ اٿي بيٺي ته طارق خان به اٿيو ۽ ڪيس وري پلنگ تي ويهاري سمجهائڻ لڳو، ”جاني، هڪڙي ڳالهه ڌيان سان ٻڌ... اڳ ته رڳو مان شاديءَ وارو هئس، پر هاڻي ته تون به شاديءَ واري آهين... اسان ٻنهي تي ڪي ذميواريون آهن... اسين ٻئي نهايت اهم ۽ عزت وارا آهيون. اسان ٻنهي کي اهو مڃڻو پوندو ته اسين ڏار ٿيون ۽ اسين هڪ ٻي...“

جان بيبي ڇرڪي هڪدم اٿي ڪٻٽ جي مٿان قرآن پاڪ ڪڍي اچي سندس هنج ۾ رکي چيو، ”هي ڪلام الله تنهنجي هنج ۾ آهي انهيءَ جي صدقي مون کي پاڻ کان ڌار نه ڪر. مان ٻيو ڪنهن جي

به ناهيان، مان رڳو تنهنجي آهيان. مون کي ٻيو ڪجهه به نٿو گهرجي صرف تنهنجو پيار کپي بس... ٻيو ڪجهه به نه. مان تنهنجي آهيان، ڪهڙي شادي ڪهڙي...“

طارق خان قرآن پاڪ کي چمي ڏيئي مٿي ڪٻٽ تي رکي سندس پر ۾ ويهندي چيو، ”جاني، هينئر تون هوش ۾ ناهين... شاديءَ جي باري ۾ ڪجهه به نه چئجين. مير محمد نهايت سٺو ۽ اشراف نوجوان آهي. تون سندس امانت آهين ۽ مان سندس امانت ۾ خيانت جو سوچي به نٿو سگهان.“

”مان ڪا چيز آهيان جو سندس امانت آهيان! هن ڪڏهن تو وٽ مون کي امانت رکيو هو جو تون خيانت نٿو ڪري سگهين... مان، مان آهيان ۽ مون کي ڪوبه توسان پيار ڪرڻ کان روڪي نٿو سگهي!“

طارق خان کيس ڏنو هوءَ کيس معصوم ۽ بيوس نظر آئي. طارق خان کي ڄڻ مٿس ترس اچي ويو، هن سندس جهڪيل چهرو سندس ڪاڏيءَ هينيان پنهنجي سڄي هٿ جي ڏسڻي اڱر سان مٿي ڪيو ته هوءَ سڏڪي ساڻس چنبڙي پئي ۽ طارق خان به پاڻ کي سندس حوالي ڪري ڇڏيو. جان بيبي ان مهل چاهيو ته الائي ڇا ڇا هو پر هوءَ طارق خان کي مڪمل طريقي سان فتح ڪري نه سگهي هئي. طارق خان کيس پاڻ کان ڌار ڪري سندس ٻرندڙ چپن تي پنهنجا ٿاندن جهڙا چپ رکي ڇڏيا. اهو سڀ ڪجهه ايترو ته اوچتو ٿي ويو هو جو طارق خان پاڻ به حيران هو ۽ کيس اهو به وسري ويو هو ته هن اهو ڏکيو سفر خاص ان لاءِ ڪيو هو ته هو کيس سمجهائي، مجائي ان ڳالهه تان لاهيندو، پر هي ڇا ٿي ويو؟ ۽ پوءِ کيس ڪمري کان ٻاهر ڪڍي دروازو لاڪ ڪري ڇڏيائين. جان بيبيءَ پنهنجي ڪمري ۾ اچي ايئن پاڻ کي پلنگ تي اڇلايو ڄڻ شراب جا هزارين پيگ پي آئي هجي. شمو ۽ آمي کيس حيرت مان ڏسي رهيون هيون، پر هوءَ بيپرواهيءَ مان سمهي پئي. صبح جو اجا مس نيرن ڪئي هئي ته زهره مصطفيٰ خان سان گڏجي وٽس آئي. جان بيبي زهره کي ڏسي خوشيءَ مان ڪڙي پئي ۽ زهره، جان

ببيي ۽ طارق خان کي هڪ ئي دسترخوان تي ويٺل ڏسي حيران ٿي ويئي. زهره ۽ مصطفيٰ خان سان سيئي اتي مليا ۽ ٻنهي طارق خان کان سندس طبيعت جي باري ۾ پڇيو. ۽ پوءِ جان ببيي، زهره کي وٺي پنهنجي ڪمري ۾ آئي، "جاني، طارق خان ڪيڏو ڪمزور ٿي ويو آهي."

جان ببيءَ مرڪي چيو، "نہ نہ، هاڻي تہ ماشاءالله نيڪ آهي. گاڏي بہ پاڻ ڊرائيو ڪري آيو آهي ڪراچي کان."

زهره کيس حيرت مان تڪيندي چيو،"ڇا ڳالهہ آهي جاني، تون ڏاڍي خوش پئي نظر اچين؟"

"ها زهري، اڄ آءٌ ڏاڍي خوش آهيان. اڄ مون کيس پنهنجو بڻائي ورتو آهي!"

"ڇا؟"

"ها."

۽ پوءِ هن زهره کي سڄي ڳالهہ ٻڌائي ڇڏي. ڳالهہ ٻڌي زهره حيران ٿي وئي ۽ الائي ڇو کيس جان ببيي خوش نصيب پاسي جنهن نيٺ پنهنجو پيار حاصل ڪيو.

"جاني، مان تہ هاڻ الا ڏجان تي تہ ڇا ٿيندو؟"

"هاڻي اهوئي ٿيندو جيڪو مان چاهينديس."

"تون ڇا ٿي چاهين، اهو مون اڳ بہ ڪيترائي ڀيرا توکان پڇيو آهي."

"آءٌ طارق خان کي ٿي چاهيان."

"اهو جواب بہ تو اڳ ڏنو هو ۽ ..."

"۽، ان کان ٻيو ڪوبہ جواب مون وٽ ناهي زهري، تون ڪنهن بہ مرڻ واري کان وڃي پڇ تہ توکي ڇا کپي تہ هو اهوئي جواب ڏيندو تہ، زندگي. زهري، اڄ تہ تون مون کي آئندي جا خطره ياد نہ ڏيار. اڄ تون مون کي ڇڏي ڏي تہ پنهنجي ان پيار جو لطف ۽ مزو وٺان سوچن ۽ حقيقتن ۾، جيڪو مون کي ڪيڏي انتظار، پوڳنا ۽ تپسيا کان پوءِ مليو آهي. اڄ مون کي ٻي ڪابہ ڳالهہ ياد ناهي، نہ ئي تون مون کي ياد ڏيار."

”جاني، اهو تہ توکي ياد آهي نہ، تہ تنهنجي شادي ٿيل آهي.“

اجان جان بيبي کو جواب ڏي، ڪليل دروازي جي هڪ ٽاڪ تي آڳر سان ڪڙڪو ٿيو. ٻنهي ڇرڪي نهاريو دروازي تي طارق خان بينو هو. زهره هڪدم پنهجي پوتي سنڀالي مٿي تي رکي چيو، ”اچو ادا.“ طارق خان ڪمري ۾ اچي چيو، ”مون اوهان کي چيو هو تہ اوهين پنهنجي دوست کي سنڀاليو پر...“ هن ارادتن پنهنجي ڳالهہ اڌ ۾ ڇڏي ڏني. جان بيبي مرڪي رهي هئي. زهره مشڪي چيو، ”ادا، ڇرين کي سنڀالڻ ڏاڍو مشڪل آهي. مان پنهنجي هار مڃان ٿي مون کي معاف ڪريو.“

طارق خان صوفي تي ويهي کلي چيو، ”نہ نہ ادي، ايترو تڪڙو شڪست نہ مڃ، اجان تہ اوهان تي وڏا ڪم آهن منهنجا.“

”ڪهڙا؟“

”ادي مهرباني ڪري، هاڻي بہ اوهان جانيءَ کي سمجهايو تہ هرويرو مون کي مجبور نہ ڪري! ان لاءِ جيڪو مان نٿو چاهيان، مان جيڪر اهو سڀ اوهان سان نہ ڳالهايان ها جي مون کي اها خبر نہ هجي ها تہ جاني اوهان کي ذري ذري خبر ٻڌائيندي آهي ۽ اوهان ڪيس نصيحت ڪريو ٿيون...“

ستار جي اچڻ ڪري سيئي ماٺ ٿي ويا. طارق خان اٿي چيو، ”هاڻي مان هلندس!“

”سڌو ڪراچي؟“ ستار پڇيو.

”نہ، مهراب خان سان ملي پوءِ ڪراچي ويندس.“

۽ پنهنجي خاص انداز سان مشڪي ٻنهي کي سلام ڪري ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو.

# باب ٻاويهون

هن جو پيار اڄڪلهه جو نہ هو، اهو تہ جڻ ازل ابد کان هو. هاڻي تہ هوءَ بنا ڪنهن ڊپ ۽ لڪ جي ٿوڪيندڙ اڳيان چئي ڏيندي هئي تہ طارق خان سان منهنجو سنٻنڌ ارواحن کان بہ اڳ هو. اهڙيءَ مهل هوءَ بيخوديءَ مان لطيف جو بيت جهونگارڻ لڳندي هئي:

نڪا ڪن فيڪون هئي، نڪا هونگ نہ هون،
سڄڻ تنهن ساعت ۾، پيتي ڏنوسون،
مون تن تڏهانڪون، ملي ملاقات ڪئي.

بيت پڙهندي الائي ڇو هوءَ بيساختہ ٺهڪ ڏيئي ڪلي پوندي هئي تہ سندس موتين جهڙا ڏند ويتر جرڪي پوندا هئا. نذيران ۽ وزيران تہ جلڻ ۽ پڄرڻ ۾ ئي پوريون هونديون هيون. هن جي سونهن هن جو وقار ڪسڻ تہ سندن وس ۾ نہ هو، باقي مير محمد کي اڪيلو ڏسي هو زهر اوڳاڇڻ لڳنديون هيون، ”ادا، جاني تہ هاڻي ٻاهرين پٽرن کان بہ ٻاهر ٿي وئي آهي.“

”ڇا ٿي ڪري؟“

”هڪ تہ تنهنجي لاڏ متي ٿي چاڙهي ڇڏيو اٿس.“

”اوهان پاڻهي تہ لاڏن سان پرٽائي آندي آهي.“

”وٺي تہ توکي هئي نہ، ميڙيون منٿون تہ تو ڪرايون هيون نہ!!“

”ها، مون کي وٺي تي... پر اڄ جيڪي ڳالهيون ٻڌايو ٿيون تہ هوءَ اڳ ئي اهڙي هئي ۽ ور ور ڪري پيون اڳوڻيون ڳالهيون ٻڌايو، اهي اڳ ڇو نہ ٿي ٻڌايوَ؟“

”اسان تہ ماسيءَ جو لحاظ ڪيو هو ۽ پاڻيوسين تہ مانَ شادي کان پوءِ سڌري وڃي پر هيءَ تہ ويران وير وڌ آهي.“

”وڃي تہ ڪيڏانهن بہ نٿي، آهي تہ گهر ۾ ويٺي سڄو ڏينهن پوءِ؟“

”ها ها، وجي ڪيڏانهن بہ نٿي پر گهرائي تہ سيني ڪي ٽي سلام آٽڻ نيڻ لاءِ، اهي موڙيون ڪٽڻيون شموءَ ۽ آمي جو آهن وٽس.“

مير محمد پنهنجي ڪمري ڏانهن ڏٺو تہ جان بيبي حسن جو شاهڪار بٽي پينگهي (جيڪو سندس ڏاج ۾ مليو هو) ۾ ويٺي هئي. ميرون ڪلر جي مخمل جي ڪپڙن ۾ هوءَ چنڊ جيان جرڪي رهي هئي. سندس مينديءَ رتا نازڪ ۽ سفيد پير آميءَ جي هنج ۾ هئا جن جي آڱرين مان هوءَ زور ڏيئي نڪاءَ ڪڍائي رهي هئي ۽ سندس ڪارن ينين وارن ڪي شمو تيل لڳائي رهي هئي. هوءَ پاڻ مسواڪ هٽي رهي هئي ۽ هر هڪ ٽڪ اڇلائڻ لاءِ چلمچي پي گهريائين، جيڪا مشڪي مشڪي آمي ڏيئي رهي هئي. اهو منظر ڏسي مير محمد مشڪي پيو. هوءَ ڪيس وٽندي بہ تہ اوتروئي هئي نہ! پينرن جون ڳالهيون بہ پنيءَ ڏانهن اڇلائي ڇڏيندو هو. اڳ جان بيبي هر ڳالهہ جو ڪين جواب ڏيندي هئي پر هاڻي ٻڌي رڳو مشڪي ڏيندي هئي. شاهہ جو رسالو تہ اڳيئي سندس ويجهو ساٿي هو. بس، تنهن سان حال اوريندي روئي ڏيندي هئي ۽ جڏهن بہ شاهہ جو رسالو پڙهڻ لاءِ ڪڍندي هئي تہ سندس ٻانهين جي منهن جا پنا لهي ويندا هئا. ”وري شاهہ جو رسالو ڪنيو اٿس، هاڻي ڏسجانءِ ڪيترو ٽي روئي.“ هاڻي نہ رڳو سندس پيءُ جو گهر پر سندس مڙس جو گهر بہ هن جي هلت ۽ روين جو رهيگ، سونهون ۽ طبيعت شناس بنجي ويو هو. مير محمد ان ۾ ئي خوش هو تہ هو جان بيبيءَ جو مڙس آهي. جان بيبي ڪي هن گهر ۾ نذيران ۽ وزيران ساهہ سڪائي، تپائي ڇڏيو هو ۽ جڏهن انهن جا سگ اچڻ لڳا تہ هوءَ سرهي نظر اچڻ لڳي. نور بيبيءَ جڏهن سندس موجودگيءَ ۾ مير محمد کي چيو، ”ابا، پيٽين جو بہ ڪو بلو ڪر.“

”امان، آءٌ واڪ ڏيئي تہ سگ نہ آٽيندس.“

”ابا سگ تہ آيا آهن.“

”ڪهڙا؟“

”هارون پنهنجي پاءُ امير لاءِ چيو آهي زيبو پنهنجي ڏير هاشم لاءِ چيو اٿم.“

”سڳ تہ سنا آهن امان، پنهنجا ئي آهن، ها ڪري ڇڏ!“

”ابا، پر ڏيئڻ لاءِ بہ سڀ سئي سڳو ڪپي ٿو، تنهنجو پيءُ تہ ڪونهي جو!!“

نوربيبي مڙس لاءِ روئڻ لڳي. جان بيبيءَ سندس لڙڪ اگهي چيو، ”ماسي، ان جو فڪر نہ ڪر. منهنجا زيور ۽ ڪپڙا گهڻا آهن، اهي مان ڏينديس. بيو بہ سڀ ڪجهہ بابا وارا ڪندا.“

۽ پوءِ وزيران جي امير سان ۽ نذيران جي هاشم سان نهايت ڌام ڌوم سان شادي ٿي، ۽ ٻنهي امير بيبي ۽ جان بيبي کين وڏا ڏيج پوت ڏيئي شان مان سان پرڻايو. ٻنهي ڀينرن جا گهر ماءُ جي گهر جي ويجهو ئي هئا. شادي جي شروعاتي ڏينهن ۾ سندن ويجهن عزيزن پاران گهوٽ ڪنوار جون دعوتون ٿيون هيون. امير بيبي ٻنهي پاڙيجين جي گهوٽن سميت دعوت ڪئي. اهي ئي ڏينهن هئا جيڪي جان بيبيءَ ڪي هن گهر ۾ اڪيلائي ۽ سڪون جا مليا، نہ تہ شاديءَ جي ٻي مهيني ئي ٻنهي ڀينرن جي اچ وڃ لڳي پئي هئي. نذيران تہ پنهنجي مڙس سان نهندي ئي نہ هئي. روز ماءُ جي گهر ويني هوندي هئي. وزيران جو بہ اهوئي حال هو. شاديءَ کي اجان مس سال بہ نہ ٿيو هو جو وزيران ٻار پيٽ ۾ کڻي اچي ماءُ وٽ ويني. گهٽيون ئي ميڙيون آيون ويون پر چوي تہ مڙس بہ هتي اچي رهي باقي آءٌ اوڏانهن ڪانہ ويندس. نذيران بہ پنهنجي ڏيرياڻي زيبو سان نهندي نہ هئي. زيبو ڏاڍي سني مائي هئي ويچاريءَ وڏا وس ڪيا تہ ٻئي ڀائر گڏجي رهن پر هن نہ مڃيو. شاديءَ ساڻ ٻنهي ڀائرن کي ڪاڏي پيتي کان ڌار ڪيائين ۽ هاڻي هڪ ئي گهر ۾ بہ رڌڻا هئا. زيبو ان ۾ بہ خوش هئي تہ نذيران ساڻس هڪ ئي گهر ۾ رهي ٿي ٻئي ڀائر صبح شام هڪ ٻئي کي ڏسي ۽ ملي تا سگهن. ان سڄي عرصي ۾ جان بيبيءَ جي سواءِ نذيران ۽ وزيران جي شادين جي جتي هوءَ طارق خان سان هڪ بہ ڀيرا ملي هئي، اهو بہ سراسري ماڻهن جي هجومن ۾ باقي ان سڄي سال ۾ هڪ دفعو بہ هوءَ طارق خان سان ملي نہ سگهي هئي. البتہ جان بيبيءَ جي گهر پرسان رستي تان طارق خان جي گاڏي

روز لڳهينديي هئي ۽ ايئن هو روز پنهنجي اکين جي اڄ اجهائينديي هئي. طارق خان جو رستو شروع کان وٺي اهوئي هو. نه ڪي جان بيبي جي شادي کان پوءِ هن اهو رستو اختيار ڪيو هو. (جيئن بعد ۾ الزام لڳا) طارق خان جو گهر مين روڊ کان ڪجهه اندر هو ۽ مين روڊ سان ملائڻ وارو سندس اهوئي رستو هو.

جان بيبيءَ جي شاديءَ کي ٽي سال ٿي ويا هئا. پر ڪيس اڃا ڪو اولاد ٿي نه سگهيو هو. ان دوران حيرت جي ڳالهه اها ٿي جو شهناز، حسن جان، تاج بيبي ۽ حسنه کي ڏيئرون پيدا ٿيون هيون. جان بيبيءَ کي نذيران ۽ وزيران اولاد نه ٿيڻ تي ٽوڪون به هڻنديون هيون. نذيران ته ايتري قدر به چوندي هئي ته، ”منهنجي شاديءَ کي ته اڃا سال به نه ٿيو آهي ۽ مان اميد سان آهيان جاني ته الائي ادا مير محمد کي ڇڏي به ٿي يا هو نالي ۾ ئي نهال آهي.“

نور بيبي به ڏيءَ جي ڳالهين تي ٿهڪن ۾ ٻڏي ٿي وئي، پر جان بيبيءَ کي انهن ڳالهين جو ڪوبه اثر نه ٿيندو هو. زيبو، جان بيبيءَ کي ڏاڍو پيائيندي هئي، ۽ سندس لاءِ ڪري هر هر ايندي به هئي ته ڪيس پنهنجي گهر هلڻ جي دعوت به ڏيندي هئي. هڪ ڏينهن ڳالهين ئي ڳالهين ۾ زيبوءَ چيو، ”ادي جاني، اڄ ادا طارق خان اهڙي ڳالهه ڪئي جو...“

جان بيبي ڇرڪي پئي. پوءِ ڪيس خبر پئي ته طارق خان زيبو جي مڙس انور لاءِ ايندو آهي. انور کي هو پاڻ سان گڏ وٺي ويندو آهي هيڏي هوڏي ڪم ڪار جي لاءِ... هاڻي ته هيڪاري جان بيبيءَ کي زيبوءَ سان وڌيڪ مزو اچڻ لڳو. هوءَ ڪائنس طارق خان جون ڳالهيون ٻڌندي، پڇندي هئي. زيبو نهايت عقلمند ۽ رحم دل عورت هئي ۽ هن جان بيبيءَ جو اندر ڏسي ورتو هو ۽ اهو شڪ، پڪ ۾ بدلجي ويو ته جان بيبي طارق خان کي چاهي ٿي، هڪ ڏينهن زيبو چيو، ”ادي جاني، ادا طارق خان منهنجي مڙس کي وٺڻ لاءِ اسان جي گهر آيو هو (مشڪي) سندس گهٽائي نوڪر آهن پر اسان وٽ پاڻ ايندو آهي. منهنجي ۽ منهنجي مڙس جي ساٽس ٿوري گهٽي مائٽي به آهي پر هو اسان تي مهربان آهي. اسان وٽ

اڇي ٿو، ويهي ٿو، ڳالهيون ٻوليون ڪري ٿو... سو اڄ چيائين ته ادا سڪندر خان ۾ مون تي حڪومت ڪاوڙيل آهي.“

نذيران نڪ کي موڙو ڏيئي چيو، ”ها ها، تو وٽ ادا طارق خان جي گهٽي اڄ وڃ آهي.“

زيبوءَ ڪاوڙجي چيو، ”ڳالهائين ڪيئن ٿي نذيري؟ ادا طارق خان منهنجو ٽڻ ڏائڪ ياءُ آهي.“ نور بيبي چيو، ”ڪاوڙجين ڇو ٿِي زيبو، نذيران ڇا چيو آهي؟“

”ماسي نور بيبي، سمجهي پوءِ ڏيءَ جي ڪَورَ ڪر.“

”اما زيبو، ننڍڙي آهي نوا ڪونه اٿس.“

”ها ننڍي آهي اڃان وات مان ٿڃ جي بانس ٿي اچي.“

نذيران ڪاوڙجي چيو، ”خبر اٿم ته تڃ ڏائڪ ياءُ اٿئي. پر مان به ڏسان ٿي تماشا سڀ، انڌي ڪونه آهيان. طارق خان تو وٽ اچي ٿو ۽ تون وري جانيءَ وٽ ٿي اچين. اهي سلام پيام پنهنجا بند ڪر.“

”تون پنهنجو وات بند ڪر، آءٌ موڙيون ڪٽڻي ناهيان... اهي عيب ثواب پاڻ ۾ ڳول... تنٽ قس تي مڙس کي آگونو ڏيکاري اچي ٿي ويهين... آءٌ پنهنجي مڙس، گهر ۾ ٻارن ٻچن واري آهيان.“

زيبوءَ جو پارو چوٽ چڙهي ويو هو. جان بيبيءَ ڪيس شربت پيارين‌دي چيو، ”زيبو جيڪو جهڙو سو تهڙو. ڏس آءٌ ڪيئن ماٺ آهيان.“

”جاني، هاڻي آءٌ هت ڪونه ايندي‌س.“

”ڇونه ايندينءَ؟“

”بس، آءٌ به گهران واندي ناهيان... مون کي پيٽ چوندي آهين ته منهنجي گهر ايندي ڪر هتي آءٌ پنهنجي بيعزتي ڪرائڻ نٿي اچان!!“

نور بيبي نذيران کي ٻاهر وٺي وئي هئي پر زيبوءَ جو اُچي آواز ۾ چيل سمورا لفظ نذيران جي ڪن تي پئجي ويا، سو ٺهڪ ڏيئي چيائين، ”ايئن ته پاڻ سنو ٿيندو... ڪم ئي سولو ٿي پوندو.“

”ڪهڙو ڪم؟“ جان بيبيءَ دروازي وٽ اچي چيو ته زيبوءَ ئي

جواب ڏنو، ”جاني، تنهنجي نٽان تي چوي ته آءُ دلي آهيان موڙي
ڪٽڻي آهيان جيڪا توکي ۽ طارق خان کي سلام پيام تي ڏيان.“
جان بيبيءَ نذيران ۾ جوهر وجهي نهاريو جيڪا وري به سندس
ڪمري جي دروازي وٽ آئي هئي. چيو، ”نذيري، آءُ توکان به گهڻ
آهيان ۽ طارق خان خدوءَ کان به ويل آهي؟“
نور بيبي ۽ نذيران جا وات حيرت مان ڦاٽي ويا. نور بيبيءَ
چيو، ”چا پئي ڳالهائين جاني.“
جان بيبي ڏک مان چيو، ”واقعي سهي ٿا چون ته ماسي ماءُ
ناهي. جڏهن نذيريءَ وات پي هنيو ته ان کي ڪجهه به نه چيئي،
مون کي ٿي چوين ته چا پئي ڳالهائين. ماسي چوندا آهن، پنهنجي
ٻڌي، پٽ به پيرن هينان آهي. نذيران پانئين ٿي ته هوءَ جيئن به هلي
ٿي ڪنهن کي خبر ناهي، ٿڪي واري خدوءَ اڳيان پنهنجي عزت
ٿي وڃائي چا ماڻهو انڌا ٻوڙا ۽ گونگا آهن؟ زيبوءَ کان پڇ ته چا تو
لوڪ چوي.“
”چا تو لوڪ چوي ٻڌاءِ زيبو!“
”ماسي، تون اسان جي وڏي آهين، مون کان چا ٿي پڇين،
سڄي خبر اٿئي. سڀ ٿي ڄاڻين.“
مير محمد جي اچڻ تي سيني ماٺ ڪئي. طارق خان کي
زيبوءَ ٻڌايو ته نذيران واريون چون ٿيون ته طارق خان اڳ ته ايڏا
چڪر نه هڻندو هو، هاڻي ور ور تو رستي تان گذري اهو جانيءَ لاءِ
تو گذري. اهو ٻڌي طارق خان اهو رستو ئي بدلائي ڇڏيو. هاڻي هو
پنهنجي پيڻ حسن جان جي گهر جي پنيان ويندڙ رستي تان گذرندو
هو ۽ ايندي ويندي پيڻ کان ٿي ويندو هو. زيبو روز جان بيبي وٽ
ايندي هئي. ٻه ٽي ڏينهن ٿيا ته هوءَ نه آئي ته جان بيبي مير محمد
کان موڪلائي نور بيبيءَ سان گڏجي زيبوءَ جي گهر آئي. زيبوءَ
کي بخار هو. جان بيبيءَ کي ڏسي خوشيءَ مان اٿي بيهي رهي.
”گهڻا ڏينهن ٿي ويا هئا، نذيران کان تنهنجي لاءِ پڇيم به پر چيائين
ته نيڪ آهي، سوچيم الائي ڏمري آهي الائي چا... ڏسي اچان.“
زيبو پنهنجي گهر ۾ جان بيبيءَ کي ڏسي ايڏي ته خوش ٿي

هئي جو ڪيس بخار ئي وسري ويو هو. ”بس، بهانو ڪيو هئم ته ڏسان تون اچين ٿي يا نه...“

نور بيبيءَ اٿندي چيو، ”پٽ جاني، آءٌ هاڻ هلان ٿي سنڌن جي سور ڪان ويهي نٿي سگهان. گهر پري ڪونهي ٻن وڪن تي آهي زيبوءَ سان گڏجي اچجين.“

نور بيبيءَ ڪي زيبوءَ ويهڻ لاءِ چيو پر هوءَ هلي وئي. جان بيبيءَ کي اندر پلنگ تي ويهاري زيبو ٻاهر نڪتي ۽ پنهنجي مڙس انور کي چيائين، ”جاني پهريون ڀيرو اسان وٽ آئي آهي. ماني کائڻ کان سواءِ نه ڇڏينديسانس سو ڪاڏو ٻاهران آڻج سنو.“

”ڇا ڇا آڻيان؟“

زيبوءَ هري هري ڪلي چيو، ”خبر اٿئي، نه رڳو جاني پر سندس سڄو خاندان ڪاڌي کائڻ جو وڏو شوقين آهي. سو مڙيئي گهٽيون چيزون آڻجين. تڪا، ڪباب، شامي، ڪليجي، مغز فرائي، مڇي، برياني، تافتان، نان ۽ مٺي ۾ به ٽي چيزون!“

”ابير ڙي!!“

انور جو حيرت ڀريو آواز ڪجهه بلند ٿيو، ”آهستي ڳالهاءِ، هوءَ زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو اسان وٽ آئي آهي.“

ٿوري دير کان پوءِ نذيران به پنهنجي مڙس هاشم سان گڏجي آئي. نذيران چيو، ”اڄان جاني هتي آهي، مان هينئر امان جي گهران پئي اچان. مير محمد پي تنهنجي لاءِ پڇيو.“

زيبوءَ چيو، ها، ”اڄان جاني هتي آهي ادا ميرل ڪان ته پڇائي آئي هئي پوءِ ڇا لاءِ تو پڇي؟“

نذيران نڪ کي موڙو ڏيئي چيو، ”امان، مڙس تو سندس پڇي، سزا ٿيون ڏيوس ته وڃي ڏيوس.“

نذيران جي وڃڻ کان پوءِ زيبوءَ دسترخوان وڇائي سندس اڳيان ڪاڌو رکيو. هر چيز جان بيبيءَ جي پسند جي هئي. ”زيبو، هيتري هلاڪيءَ جي ڪهڙي ضرورت هئي، پنهنجو ئي گهر آهي جيڪو به گهر ۾ رڌل هو اهوئي کڻي اچين ها. هيڏو خرچ ڇو ڪيئي، مان ته ساڌو ڪاڌو کائيندي آهيان.“

زيبوءَ کلي چيو، ”ها ادي، ماسي نور بيبيءَ جي گهر ۾ ته ضرور سادو کاڌو ئي کائين، باقي هتي چاچا حمل خان وٽ ته روز سڄا ٻڪر ٿا پچن. اسين به هڪ ڀيرا آيا آهيون.“

هوءَ کاڌو کائڻ لڳي. زيبوءَ کي به گڏجي کائڻ جو چيائين پر هوءَ نه ويٺي. جان بيبي اهڙي ته مزي سان کاڌو کائي رهي هئي جو اڳيو پليء ڊاول هجي پر سندس وات ۾ جيڪر پاڻي پرجي اچي. پهرين مانيءَ جو ننڍڙو گرهه ڀڳل گوشت مان پري وات ۾ وجهي مٿان فراءِ تيل ڪليجيءَ جي ٻوٽي ۽ ٿورو ڪباب ۽ شاميءَ جو ننڍڙو ٽڪر ٿورو بصر ۽ سلاد ۽ آٿاڻ (اچار) مان آگر ٻوڙي وات ۾ وجهي مٿان دهيءَ جو ڍڪ پي گرهه چٻاڙڻ لڳي ۽ هر گرهه ايڏو ئي پر تڪلف کائي رهي هئي جو ڏسڻ وارا دنگ رهجي وڃن. بلڪ ڏندين آڱريون اچي وڃن. ايئن ئي هڪ هڪ گرهه ايڏي هلاڪيءَ سان هوءَ کائي رهي هئي. هونئن به جان بيبيءَ جو سڄو خاندان کاڌي جي معاملي ۾ پڙ هو. هو کاڌي کائڻ جا ڏاڍا شوقين هئا. گوشت جي ٻوٽيءَ يا مڇيءَ جي ڪوري خراب وڍيل هوندي ته به وڏو اعتراض ڪندا آهن بلڪ ڪاوڙجي پوندا آهن. جان بيبي ماني کائي اٿي، هٿ ڌوئي آئي ته زيبوءَ ٽوال ڏنس. هوءَ هٿ اگهي رهي هئي ته زيبوءَ جو سڄو گهر معطر ٿي ويو.

”السلام عليڪم.“

طارق خان جو آواز ٻڌي جان بيبي ايئن ڇرڪي پئي جو سندس هٿن مان ٽوال ڇڏائجي هيٺ پٽ تي وڃي ڪريو. طارق خان شاندار ٺهڪ ڏيئي وٽس آيو. ٻئي هڪ ٻئي سان ڪيڪاري ويٺا ته زيبو ايئن چئي ٻاهر نڪتي، ”آءٌ ته جانيءَ جي اچڻ جي خوشيءَ ۾ پنهنجي ٻارن مڙس کي به وساري ويٺي آهيان.“

جان بيبيءَ مشڪي طارق خان ۾ نهاري چيو، ”منهنجي خبر هيئي، يا ايئن ئي آيو آهين!“

”هيءَ ملاقات صفا اتفاقي ٿي آهي. آءٌ انور جي گهر ايندو آهيان ۽ هينئر به انور لاءِ آيو آهيان... ٻاهر ويٺو اٿم.“

جان بيبي اکيون هيٺ ڪري سوچن ۾ گم هئي. طارق خان

جون نظرون سندس گلاب چهري تان نثار تي رهيون هيون. جان بيبي چيو، ”معنيٰ هاڻي ملاقات لاءِ زيبوءَ جي گهر اچڻ ضروري آهي؟“

”ايئن به ڪونهي.“

”معنيٰ؟“

”معنيٰ ادي زيبوءَ جي گهر اچڻ منهنجي معمولات ۾ شامل ناهي.“

جان بيبيءَ بيخوديءَ مان چيو، ”هاڻي شامل ڪر!“

”حڪم تي ڏين؟“

جان بيبيءَ هلڪو ٽهڪ ڏيئي جهڪيل ڪنڌ مٿي ڪنيو ته سندس دلدار چپڳ سندس چهري تي ايئن ڪري پيئي جڻ لمحي لاءِ چنڊ کي گهري ڪڪري گهيري وئي. طارق خان کي ان وقت هوءَ ايڏي وڻي جو ڪيس پاڻ تي ڪيل زبردستيءَ وارو ضبط وسري ويو. هن پنهنجي هٿ سان بي اختيار چپڳ هٽائي چيو، ”هي نانگ ڏنگڻ لاءِ پاليا اٿئي؟“

جان بيبي ايئن شرمائي جڻ طارق خان کيس ازل ابد کان ايئن ئي پيار ڪندو آيو آهي.

”پاڻ ئي ته انهن کي ڇيڙين ٿو!“

طارق خان سندس بيمثال حسن ۾ جڻ وڃائجي ويو. غيرارادي طور هن جان بيبيءَ جا هٿ پنهنجي مضبوط هٿن ۾ لڪائي ڇڏيا ۽ هوءَ ڪٽيل ڏار وانگي سندس هنج ۾ ڪري پئي. زيبوءَ هڪ ڀيرو اندر ڏٺو، پر هو ٻئي پاڻ ۾ ايئن مست هئا جو زيبوءَ جو اهو معمولي ليچ ڏسي نه سگهيا ۽ زيبو به جڻ سندن ماهر محافظ هجي ۽ ايئن چوڪي ڏيڻ لڳي جڻ اهو ڪم صدين کان ڪيس سونپيل، حوالي ٿيل ۽ ارپيل هجي. زيبو چاهيندي به ته ٻنهي کي اوترو ئي هئي. طارق خان ۾ ته سندس ساهه اٽڪيل هو. طارق خان پاڻ به ته اهڙوئي عزت ۽ غيرت وارو هو ۽ زيبو ۽ سندس مڙس انور کي وڏيون عزتون ۽ مان ڏيندو هو. زيبو طارق خان جي گهر ۾ به ايندي ويندي هئي ۽ کيس خبر هئي ته شهناز، طارق خان جي

زندگي زهر ڪري ڏني آهي ۽ سدائين متس اجايا شڪ ۽ الزام مڙهيا آهن ۽ پنهنجي ئي گهر ۾ اتاولو رهندڙ هي شاندار ماڻهو، جي سندس گهر ۾ ڪي آسيس پريون گهڙيون گهاري ٿو ته هوءَ پنهنجي جان به ڏيئي اهي گهڙيون ڪيس فراهم ڪندي. هن ڪي خبر هئي ته نذيران هر وقت ان موقعي جي تاڙ ۾ آهي ته هوءَ ڪيئن طارق خان ۽ جان بيبي کي پڪڙي!

هاڻي ته هو هفتي ۾ به ٽي ڀيرا زيبوءَ جي گهر ۾ ملڻ لڳا هئا. جان بيبيءَ جو مير محمد ۽ نور بيبي سان رويو سنو هو ۽ هوءَ چاهيندي هئي ته اهي خوش رهن پر نذيران ۽ وزيران روز ڪنهن نه ڪنهن بهاني ساڻس وڙهي پونديون هيون ۽ ٽوڪ ۽ طعنا ته روز جو معمول هئا، پر هاڻي جان بيبيءَ کي سندن ٽوڪن ۽ طعنن تي ڪل ايندي هئي. اڄ به جڏهن جان بيبيءَ سينگارجي تيار ٿي آميءَ سان گڏجي زيبوءَ جي گهر وڃي رهي هئي ته نذيران چيو، ”امان ته هونئن ئي سنڌن جي سور کان هلي نٿي سگهي پر جاني ته ڪوڙي وات سان به امان کي هلڻ لاءِ نٿي چوي.“

جان بيبيءَ وڏي پوتي پائي چيو، ”زيبوءَ جو گهر وري ڪهڙو ولات ۾ آهي جو لشڪر وني وڃان، آمي مون سان گڏ آهي.“

نور بيبيءَ ڪٽ تان ليٽي ئي چيو، ”پوءِ به امان، لورين لنگهين ٽي ڪهڙو پروسو... نذيران سان گڏ جي وڃ. ماڻهو مون کي ٽا چون ته تنهنجي ننهن ايڏي حسين حور پري آهي جو ڪيس زمين به چڪ وجهي ٿي کائي، اها اڪيلي ٿي گهمي ڦري.“

”ماسي، نذيران جي وات ۾ لنديون بلائون آهن. آءٌ ڏسي وائسي تنهنجي لاءِ ڪري ماٺ آهيان نه ته هوءَ زيبو جي گهر ۾ سدائين ملهه لاءِ سندرو ٻڌي بيٺي آهي.“

جيسين هو جواب ڏين تنهن کان اڳ جان بيبي سٽ ڏيئي چادر جو پلوءُ ڪلهي تان ورائي رواني ٿي ۽ هي ماءُ ۽ ڌيءَ ڪيس ويندي ڏسنديون رهيون... سندس باوقار هلڻ ۽ وکون کڻڻ وارو شهزادين جو انداز ڪين اندر ۾ وڍ وجهڻ لڳو. هوءَ زيبوءَ جي گهر پهتي ته طارق خان پلنگ تي آهليو اڪيون دروازي ۾ وجهيو وينو

هو. هوءَ اعتماد سان قدم کڻندي وٽس آئي. آمي زيبوءَ سان ڪينڪاري ڪمري جي ٻاهران دروازي جي پر ۾ هيٺ فراسيءَ تي ويهي رهي. طارق خان ايئن ئي ليٽي ليٽي جان ٻيبيءَ ۾ نهاريو. گهري ناسي رنگ جي پرت پريل ڪپڙن ۾ هوءَ اپسرا لڳي رهي هئي. طارق خان جي ايئن نهارڻ تي هوءَ ڳڳاٽجي ويئي. طارق خان پنهنجي ٻانهن وڌائي سندس هٿ جهلي ڪيس سٽ سان پنهنجي پر ۾ ويهاريو ته هوءَ سندس مٿان ڪري پئي. ٻئي ٿهڪ ڏيئي ڪلڻ لڳا ۽ آميءَ جو اندر نرڻ لڳو.

# باب ٽيويهون

وقت کي اسين جنهن به ماڻ ۾ ماپي ۾ ماپيون ۽ ڪٽيون ... وقت کي پاڻ ان جي ڪا غرض ۽ لوڙ ناهي هوندي. هن کي گذرڻو آهي. ڪهڙيون به حالتون، موسمون، محبتون، خوشيون هجن هن کي وجهڻو ئي وجهڻو آهي. پيا ته الائي ڪيئن اهو ويندڙ وقت گذاريندا هوندا؟ باقي جان بيبي جو سڄو وقت طارق خان جي حوالي هو. مير محمد سان گڏ ته هوءَ رهندي به هئي ۽ ساڻس گڏ سمهندي به هئي. پر اها پاڻ مير محمد کي به خبر هوندي هئي ته هوءَ ساڻس گڏ ناهي. هو جڏهن به ڪيس پاڻ ڏانهن منهن ڪري سمهڻ جو چوندو هو ته هوءَ ڪيس ايئن حيرت مان ڏسندي هئي ڄڻ ڪيس پنهنجي ڪنن تي ويساهه ئي نه ايندو هجي ۽ هوءَ ايئن ئي ٻي پاسي منهن ڪري سمهي پوندي هئي. مير محمد سندس اوپري ۽ رُکي انداز کي سندس غرور سمجهي نظرانداز ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳندو هو ۽ پاڻ به لاپرواهه ۽ مغرور رهڻ لڳو. هن سمجهيو ٿي ته ايئن هو جان بيبيءَ جي غرور کي مٽيءَ ۾ ملائي ڪيس جهڪائي سگهندو. ايئن ئي هو پنهنجي غرور ۾ مگن رهيو ۽ ڪيس خبر ئي نه پئي ته جان بيبي جيڪا اڳ ئي سندس نه هئي هاڻي سندس گمان کان به وڌيڪ پرائي ٿي ويئي هئي. جان بيبيءَ سوچيو، ’ڪي ماڻهو سفر ۾ گڏ هلڻ جي قابل نه هوندا آهن ۽ ڪي رستا تنها ڪٽجي نه سگهندا آهن.‘

جان بيبي پنهنجي ڪمري ۾ اڪيلي ويٺي هئي. طارق خان سان ملندي ڪيس هفتو ٿي ويو هو. طارق خان ڪراچيءَ کان ٻاهر ويل هو. رات ئي پنهنجي گهر آيو هو ۽ وري رات ئي زيبوءَ جي گهر اچي ڪيس چيائين، ”جانيءَ کي چئو ته سڀاڻي مون سان ملي!“ ۽ ان ئي مهل زيبوءَ اچي ڪيس طارق خان جو پيغام ڏنو هو. هاڻي هوءَ اڳ ئي زيبوءَ جي گهر نه ويندي هئي. پهرين ماڻهو موڪلي

پڪ ڪندي هئي تہ طارق خان آيل آهي. پوءِ ويندي هئي. پر اڄ تہ هن پاڻ کيس گهرايو آهي. هن مشڪي ڏنو، طارق خان، اهو سڄي هفتي جو ناغو توکي بہ بي آرام ڪري ويو آهي! هوءَ هاڻي طارق خان جي ايڏي تہ عادي ٿي ويئي هئي جو درماندي ٿيڻ لڳي، 'طارق خان، يا تہ اڄ يا تہ پوءِ چڏي ڏي تہ مان اڳ وانگيان تنها پٽڪان' سوچيائين، 'دل ۾ اڪيون جنهن ڪي چوندبيندبون آهن انهن ڪي مقدر چو ٿو رد ڪري؟ مقدر جو دل ۾ اڪين سان ايڏو شديد اختلاف چو ٿيندو آهي؟ جو جڏهن اهي ڪو خوبصورت وجود صدين جي تلاش کان پوءِ ڳولي لهنديون آهن تہ مقدر جي چونڊ چو هميشہ انهن جي خلاف هوندي آهي؟' اڄ سندس دل ڏاڍي بيقرار هئي. آمي ڳوٺ هلي وئي هئي ۽ جان بيبيءَ هتان ڪراچيءَ مان ئي مديءَ کي گهرائي ورتو هو. مدي آمي کان تمام گهڻو هوشيار ۽ تيز هئي. آمي نور بيبيءَ وارن کان ڊڄندي هئي. پر مدي ذهين ۽ ڳالهائڻ جي آفت هئي ۽ مياري هوندي بہ زبان جي زور تي پاڻ کي بي ميار ڪري ويندي هئي. ههڙي دشمنيءَ واري ماحول ۾ جان بيبيءَ کي ضرورت بہ اهڙي ئي هوشيار ۽ مضبوط ماڻهو جي هئي ۽ مدي سندس لاءِ زوراٽو مورچو ٿي بيٺي هئي. جان بيبي مديءَ کي زيبوءَ جي گهر موڪليو هو پر اڃان طارق خان نہ آيو هو. هوءَ رسالو کڻي پڙهڻ لڳي:

هـڏ نـہ سـاهہ سـڌير، دل درمانـدي دوس ري،
پـائي ويـڙا، پريـت جـو زوراور زنجيـر،
جـيءُ جسـو جـاڳير، هـاڻي ملـڪ هـوت جـي.

جيئن جيئن جان بيبيءَ جي تڙپ وڌي ٿي تيئن تيئن هو رسالو اٿلائي پٿلائي پڙهڻ ٿي لڳي:

سـڪي مـون سـگ ڪيـو، لڪـي وچـان لـوڪ،
متـان مـون ڪـي چـڏئين، هِتـي هُتـي هـوت،
نـالي تـو بلـوچ، سـيس منجهــ سـرتئين.

رات تائين هوءَ تڙپندي رهي پر طارق خان نہ آيو. وعدي جي باوجود هو زيبوءَ جي گهر نہ آيو هو... هو وعدو ڪري ۽ نہ اچي

ايئن تي نٿي سگهيو. ڪيس خوف وڪوڙي ويو. وعده خلافي طارق خان جي سرشت ۾ ئي نہ هئي. هن جڏهن بہ وعدو ڪيو اهو ضرور پورو ڪيائين... مير محمد زمينن ڏانهن ويل هو. هوءَ آهستي پلنگ تي اچي ستي، مدي سندس پيرن وارن ۾ آڱريون ڦيرائڻ لڳي. رات ٿيڻ واري هئي. جان بيبيءَ جون خوابيده اکيون طارق خان کي تلاش ڪري رهيون هيون. مديءَ چيو، ”جيجي ٿورو آرام ڪر.“

”خبر اٿئي مدي، تہ جڏهن اکيون کليل هونديون آهن تہ طارق خان پري ڏسڻ ۾ ايندو آهي، پر جڏهن اکيون بند ڪري سمهندي آهيان تہ هو صفا ڳڻ هوندو آهي.“

ڪهان تان ڪيچان پري، سمهان تان سر هيٺ،
ٻاروچي سين ڏيٺ، جيڏيون جيهيءَ پر ٿي.

مديءَ فڪرمندي مان چيو، ”جيجي هاڻي وڌيڪ سوچ نہ سمهين پئو.“

جان بيبيءَ مشڪي وري لطيف جو بيت پڙهيو:

گونـدر هـٿ نــہ پيــر، ورهـــہ منجهـــين پيـــو،
ڪــڙه ۾ قطــارون ڪــري، ســورن لايــا ســير،
مون جيئن گهاري ڪير، هيڪلي ريءَ سڄڻين.

مديءَ کيس خوش ڪرڻ لاءِ مشڪي چيو، ”جيجي، توکي تہ خبر آهي تہ لطيف گهوٽ جي آءٌ بہ عاشق آهيان ۽ هر سال سندس ميڙي تي حاضري ڏيندي آهيان ۽ مون وٽ بہ سندس رسالو آهي ۽ پڙهندي بہ آهيان پر جيجي، پڙهڻ سان تہ پنهنجي اندر کي ڦٽڻو ۽ ڦتڪائڻو آهي پيو چا! آءٌ تہ الا هاڻي کيس پڙهان ئي نٿي...“

جان بيبيءَ اتاولي ٿي چيو، ”مدي، هر چاپ تي، هر کڙڪي تي چو ٿي ڇرڪان؟ ڀلا هن گهر ۾ سندس اچڻ ممڪن آهي؟“

.................. ” “

”مدي، طارق خان ڇو نہ آيو؟“

”الائي ڇو جيجي، پر اها تہ توکي بہ خبر آهي تہ کيس هزارين ڪم آهن. شينهن ۽ شهباز جا لقب بہ کيس ماڻهن مڙيئي ڪو نہ ڏنا آهن.“

جان بيبي مغرور ٿيڻ لڳي. مسرور لهجي ۾ چيائين، ”مدي، اڳ ڪٿي سوچيو هوم ته آءُ ساڻس ملي سگهنديس. هاڻي جڏهن نٿي ملان ته ساعت به نٿي سري.“

ٻاهرين دروازي تي ڪڙڪو ٿيو ۽ چاپري ۾ سٽل نور بيبيءَ هڪل ڪئي ”مدي، ٻاهر نڪر، ڏس ته متان ميرل آيو هجي.“

مدي ڊوڙ ڪري ٻاهر نڪتي. دروازو کوليائين ته انور گهٻرايل بيٺو هو. ”مير محمد آهي؟“

”نه، زمين ڏانهن ويو آهي. خير ته آهي؟“

”نه، خير ڪونهي. طارق خان ، سڪندر خان ۽ سندس ماڻهن کي پوليس پڪڙي ويئي آهي!!“

”هان!!“ مديءَ ڪان دانهن نڪري ويئي. نور بيبي کٽ تان ٽپ ڏيئي اٿي در وٽ آئي انور کي گهٻرايل ڏسي پاڻ به گهٻرائجي ويئي. ”چاهي ابا، خير ته آهي؟“

ماسي، پوليس طارق خان ۽ سڪندر خان کي جهلي ويئي آهي.“

”هان، آئي گهوڙا! ڪيئن؟ ڪٿان، ڪيڏيءَ مهل؟“ نور بيبيءَ ڪان دانهون نڪري ويون.

”ماسي، ٻي ڪابه خبر ڪانهي، هڪڙو ماڻهو اهو اطلاع ڏيئي ويو آهي.“

مديءَ ڊوڙي اها خبر جان بيبيءَ کي ٻڌائي. جان بيبيءَ کي چڻ سڪتو ٿي ويو. مدي سندس اهڙي حالت ڏسي گهٻرائجي ڪمري ڪان ٻاهر نڪتي، ”جيجي... جيجي جانل کي ته اچي ڏس!“

نور بيبي آئي ته جان بيبي بنا رت جي صفا سفيد لڳي پئي هئي. گلابي چپن کي چڻ نپوڙي ڪنهن اڇو ڪيو هجي. سندس اکيون سمنڊ ۽ چپ صحرا مثل پاسي رهيا هئا ۽ چهرو صفا غير جذباتي ۽ ماٺ هو. نور بيبي صفا ڊڄي ويئي، ڪمري ڪان ٻاهر نڪري سڏ ڪرڻ لڳي.

”وزيري... او وزيري...“

وزيران پنهنجي ڪمري مان روماني ناول هٿ ۾ جهلي بيزار

بيزار ٻاهر نڪتي.

"وزيري، اچي ڏس ته جانيءَ کي ڇا ٿيو آهي."

هوءَ جان بيبي جي ڪمري ۾ آئي ته جان بيبي هوش ڪان سواءِ بينل هئي. وزيران گهبرائجي چيو، "ڇا ٿيو اٿس؟"

"بي ته ڪا خبر ڪانه اٿم باقي هينئر انوءَ اچي ٻڌايو آهي ته طارق خان ۽ سڪندر خان کي پوليس جهلي ويئي آهي. اهو شايد ٻڌائين آهي..."

وزيران وري پنهنجي ڪمري ڏانهن ويندي چيو، "تون وڃي آرام ڪر امان، جاني پاڻهي ٺيڪ ٿي ويندي."

مدي جان بيبيءَ کي زور زبردستيءَ سان پلنگ تي ويهاري پاڻ پار ڪدي روئڻ لڳي، "اي منهنجي دادلي جيجيءَ کي الائي ڇا ٿيو آهي... منهنجي وڏي وڳر واري اڪيلڙي جيجيءَ کي الائي ڇا ٿيو آهي. منهنجي پرديسڻ جيجل، آءٌ توتان صدقو آهيان گهور آهيان."

نور بيبي ڪمري ڪان ٻاهر نڪتي ته مديءَ فرج مان بوتل ڪڍي اچي ڪيس منهن ۽ مٿي تي پاڻي ڇنڊڻ لڳي پر جان بيبي ۾ اجان ڪو فرق نه آيو هو. مدي ڏاڍي ذهين عورت هئي. هوءَ دنيا ڏسي آئي هئي. وڏن وڏن ماڻهن جي گهرن ۾ ڪم ڪيو اٿس. سمجهي ويئي ته جان بيبيءَ کي وڏو صدمو رسيو آهي. روئي چوڻ لڳي، "جيجي، طارق خان کي پوليس ڪڍي ويئي آهي! سائنس وڏيون دشمنيون آهن، الائي ڪهڙو سائنس حشر ڪن... تون ماٺ ڇو آهين"؟ روئين ڇو نٿي؟"

مديءَ جي ٻاڪارڻ تي جان بيبيءَ جي جسم ۾ وري ساهه سرڻ لڳو. سندس بدن ۾ ڏڪڻي تيڻ لڳي... مدي گهبرائجي اٿي، هوءَ ڪرڻ واري هئي ته هن ڪيس جهلي وري پلنگ تي ويهاريو. جان بيبي اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي... سندس روئڻ تي مديءَ جو هانءُ ٽي ڦاٽو پر هن ڪيس روئڻ ڏنو. جان بيبيءَ جي خوبصورت اوچنگارن سان ڪمرو ٻرڻ لڳو. مديءَ سوچيو، "اسان غريبن کي ڏکن ته هونئن ئي پرڻ ڪري ڇڏيو آهي، پر هي هيڏا حاڪم سڪيا

ماڻهو ٻه ڏکن سورن مان پريا پيا آهن، موت جو ڀوءُ ته بس مڙيئي سڙيئي دنيا تي طاري آهي، نه ته زندگيءَ ۾ ان کان ٻه ڏکيا وقت آهن.“

مدي جيڪا دبئي ۾ ڪم ڪرڻ دوران عربن سان گڏجي لنڊن به گهمي آئي هئي، اها اهڙيون ئي سرت پريون سوچون رکندي هئي. جان بيبي روئي روئي ساڻي ٿي ويئي هئي. مديءَ کيس پاڻيءَ جو گلاس ڏنو اهو پي جڏهن سامت ۾ آئي، ”مدي، زيبوءَ کي وٺي اءُ.“

مدي ٻاهر نڪتي ته جان بيبيءَ دعا لاءِ هٿ مٿي ڪنيا، سندس اندر دانهن ڪئي، ’هاڻي سدائين جدائين لاءِ دعائون گهرج! ڇو جو وڏو وير آهي اثر کي قبوليت واري دعا سان!...‘

زيبو روئندي آئي. ”آءٌ هينئر ادي حسن جان جي گهران پئي اچان... اتي ٻي ڪابه خبر ناهي آئي، باقي ادي حسن جان جي طبيعت نيڪ ناهي! هوءَ ٿوري ٿوري دير ۾ بيهوش ٿيو ٿي وڃي. گهٽا ئي ڊاڪٽر آيا آهن پر... الله خير ڪندو.“

جان بيبيءَ ڏانهن نهاريندي زيبو کي وڏيڪ روئڻ پي آيو جيڪا ڇرين جيان روئي رهي هئي.

”زيبو، آءٌ ادي حسن جان ڏانهن ٿي هلان...“

”نه، هينئر هوءَ پنهنجي هوش ۾ ئي ناهي تون به اتي وڃي الائي ڪيئن ٿيئين.“ جان بيبي وري اوچنگارن سان روئڻ لڳي.

”يا الله، ادي حسن جان کي پنهنجي مڙس ۽ ٻارُ جي وڏي وڇوڙي کان بچاءِ.“

## باب چوويهون

طارق خان ۽ سڪندر خان جي گرفتاري معمولي واقعو نہ هو. انهن جو ملڪي سياست ۾ وڏو اثر ۽ هٿ هو. سندن دوستن جو وسيع حلقو هو ۽ هينئر هو ڊي پي آر ۾ گرفتار ٿيا هئا ۽ سندن مٿان بغاوت جو ڪيس داخل هو. سڪندر خان، جيڪو طارق خان جو سئوٽ ۽ پيٽيو هو ۽ جيڪو بلوچستان جو وڏو ٽرانسپورٽر هو. سندس گاڏيون ايران ۽ افغانستان جي سرحد تائين هلنديون هيون، تنهنڪري انهن تي اهو الزام لڳو تہ اهي جبلن ۾ لڪي وڙهندڙن، جيڪي حڪومت سان وڙهي، خاص ڪري فوجي جٿن ۽ قافلن تي حملي ڪرڻ جا ڏوهاري آهن انهن جي مدد ڪري رهيا آهن ۽ انهن ڪي جبلن ۾ راشن پاڻي ۽ هٿيار بارود پهچائي رهيا آهن. سندن سيئي دوست ڪراچي پهچي ويا هئا. مهراب خان تہ ماڳهين طارق خان جي گهر ۾ رهيل هو. سڪندر خان جا دوست سندس اوطاق ۾ ٽڪيل هئا. حمل خان، امير بيبي ۽ جبار نور بيبي وٽ هئا.

رات جو طارق خان جي اوطاق تي سندس دوستن ۽ چاهيندڙن جون سندن آزاديءَ ۽ ڪيس بابت گڏجاڻيون ٿينديون هيون. سڄو مهينو ڊوڙ ڊڪ ڪان پوءِ مسين مسين ساڻن ملاقات جي اجازت ملي ۽ سردار مهراب خان، سردار نيڪ محمد خان ۽ ڪي ٻيا سندن گهرا دوست ڪوئيٽا جيل ۾ ساڻن ملاقات ڪري آيا هئا! ٻنهي گهرن ۾ روج راڙو، قرآن خوانيون ۽ صلواتون پڙهڻ جاري هيون. جيئن ئي مهراب خان جو ملاقات ڪان موٽڻ جو هل هليو تہ سيئي دوست ۽ راڄ وارا ايئن ڊوڙيا جيئن پياسو پاڻيءَ لاءِ پڃي. سيني ڪي اهو ڊپ هو تہ سڄي مهيني ڪان پوءِ ڪو ماڻهو ساڻن مليو آهي، الائي ڪهڙا حال هوندن! الائي... عزيز جان جيڪا حسن جان وٽ ٽڪيل هئي ان هڪدم مهراب خان ڪي پاڻ وٽ گهرايو. حسن

جان جا تہ روئي روئي برا حال هئا. مهراب خان کيس تسلي ڏيئي چيو، ”ادي، مون تي ويساهہ ڪر، آءٌ ساڻن ملي آيو آهيان! هو بلڪل نيڪ آهن... شينهن مڙس آهن اهي سختيون سندن اڳيان ڪهڙي ٿيون حيثيت رکن؟ مهلون مڙسن تي ئي ايندريون آهن... جيلون، قيد بند تہ شينهن جا اعزاز آهن.....“

حسن جان اڃا روئڻ ۾ ڇتڪي تہ ڳوٺ جون سيئي زالون وڏي آواز سان روئڻ لڳيون. عزيز جان ماين کي دڙڪو ڏيئي چيو، ”امان، ماٺ ڪريو! حسن جان جو ٿيون هاڻ ڦاڙيو... پاڻ تہ سيڪا گهرن مان ڪائي ڳوري آئي آهي، هن جي پيٽ ۾ ان جو داڻو بہ نہ ويو آهي. بس ڪريو امان دعا ڪريو...“ سيئي مايون ماٺ تي ويون. مهراب خان حسن جان جي مٿي تي هٿ رکي چيو، ”ادي، دعا ڪر.“ ۽ پاڻ پنهنجون هنجون لڪائي ٻاهر نڪتو. مهراب خان کين ڏسي آيو هو ۽ سندن ڳالهيون ڪري جذباتي ٿي ويو هو. ٻاهر نڪري لڙڪ اگهيائين تہ عزيز جان بہ ٻاهر اچي سندس ڪلهي تي هٿ رکي پڇيو، ”پٽ، توکي ساڻن ملڻ ڏنائون؟“

”ها امان، آءٌ پاڻ پنهنجي اکين سان ڏسي آيو آهيان. هو نيڪ آهن.“

”پٽ، چيائون تہ ايئن پي تہ جيڪو ساڻن ملاقات لاءِ ايندو اهو بہ گرفتار ٿيندو.“

”امان، اهو خوف حراس اجايو ڪنهن پکيڙيو هو. باقي امان سختي مٿن گهٽي آهي.“

طارق خان جي اوطاق ۾ ماڻهن جا هشام اچي ڪنا ٿيا هئا. کين مهراب خان جو انتظار هو. جيڪو ايندي ساڻ سڪندر خان جي گهر هليو ويو هو... ۽ عزيز جان کيس سڏايو هو حسن جان کي دلاسو ۽ تسلي ڏيڻ لاءِ.... ماڻهو بيقرار هئا. اسحاق چيو، ”ڪيڏو ڏپ هو جڏهن مهراب خان وارا ملاقات لاءِ ڪوٺيا پي ويا. سيني پي چيو تہ کين بہ دوستي جي ناتي جهلي ڇڏيندا پر...“

”پر، ادا، شينهن جا سنگتي بہ شينهن هوندا آهن. ڏس، ڪيئن وجي سندن جان نثار دوست ساڻن ملي ڇاتي، ڇاتيءَ سان لائي آيا؟“

رمضان جذبات ۾ اچي روئي ڳالهائي رهيو هو تہ سيئي روئي پيا. ماڻهن ۾ بيقراري هئي تہ مهراب خان پاڻ اچي اسان کي سندن حال ٻڌائي. مهراب خان جيئن ئي اوطاق ۾ آيو سيني اتي سندس استقبال ڪيو. مهراب خان چيو، ”دوستو، اسين شينهن سان ملي آيا آهيون.“

ماڻهو اچي روئڻ ۾ چڙيا.

”اتي ڪين وڏين سختين سان مقابلو آهي. ڪين ايذاءِ تا ڏنا وڃن. شروع ۾ تہ ڪين ويهڻ ۽ ننڊ ڪرڻ جي بہ اجازت نہ هئي... هاڻي ڪيس هلي تو ۽ هن مهيني ڪين ڪوئيٽا جيل کان مڇ جيل ۾ آندو ويندو... ايذين سختين جي باوجود سندن چهرن تي مرڪ هئي ۽ انهن اوهان سيني کي سلام چيا آهن.“

سيني وينلن جذباتي ٿي، ”وعليڪم سلام.“ چيو ۽ روئي سندن چوٽڪاري لاءِ دعائون گهرڻ لڳا.

جبار چيو، ”فوجي حڪومت جو اهوئي اصول هوندو آهي تہ ايندي ساڻ قوميتن کي چيپاٽي سندن ليڊرن کي جيلن ۾ وجهي سندن مٿان هر قسم جا ظلم ۽ ڏاڍ ڪري ڪين هيسايو وڃي.“

آصف چيو، ”هن ملڪ جو نظام شروع کان ئي اونڌو رهيو آهي. هڪ تہ هتي فوج کي ناجائز طريقي سان ايڏا تہ اختيار ۽ پاور ڏنا ويا آهن جو هو جيڏي مهل چاهين سياستدانن کي ڳچڙ کان جهلي پنهنجي بوٽن هينان چيپاٽي، لتاڙي تا ڇڏين ۽ اسان جا ڪي سياستدان جن اڳيان پنهنجي عزت ۽ غيرت جي بہ ڪا حيثيت ناهي هوندي اهي ماڻهن جو ويساهہ ۽ اعتماد بہ پاڻ سان گڏ ٻوڙي ڇڏيندا آهن ۽ ڪجهہ ٿورا بااصول، سچا ماڻهو ڏاڍ جي جنڊ ۾ ناحق پيسجي ويندا آهن.“

زاهد، علي حسن ۽ گل محمد جيڪي طارق خان جا عاشق هئا شيدائي هئا اهي صفا جذباتي ٿي ويا.

گل محمد چيو، ”جيلن ۾ لڪي وڙهندڙ بہ چريا تہ ناهن جو گهر بار ۽ آزادي ڇڏي اتي سختيون تا ڪاٽين! انهن جون بہ ڪي گهرجون ۽ ڪي مطالبا آهن. ايڏانهن چو نٿو ڌيان ڏنو وڃي؟ فوج

جي دماغ ۾ اها هوا ڀريل آهي ته هو سڀ ڪجهه آهي پر سندن اهو غرور رائيءَ تي رکيل آهي هو ڪجهه به ناهن! عوام جا پگهاردار نوڪر آهن!... چون ٿا اسين ملڪ جا محافظ آهيون سرحدن جا رکپال آهيون. اهائي ته سندن نوڪري آهي پگهارون ۽ ٻيون رعايتون ان لاءِ ئي ته آهن پر اهي ڏوڙ محافظ ۽ رکپال آهن! ٿورو به زور ۽ دٻ تي اچين ته هٿيار ڦٽا ڪيو اگهاڙا ٿي قيدي بنجي وينا آهن.“ گل محمد نهايت جذباتي ٿي رهيو هو. اتي زور سان اوطاق جي ٻاهر تڪ اڇلائي اچي وينو.

علي حسن چيو، ”جڏهن عظيم سويت يونين ٽٽي سگهي ٿو، ان جو زوال اچي سگهي ٿو ته پوءِ سڀ ڪجهه ممڪن آهي. هتي به ته پنج يونٽ هئا هڪڙو وڏهي ڏار ٿيو، باقي بچيل سورن ۾ آهن. 1940ع واري قرارداد کي به اسين پٿر تي ليڪ ٺٽا سمجهون پر ان ۾ به جيڪي حق مليل آهن اهي ته ملن نه! پاڻ پلي آئين ختم ڪن، سپريم ڪورٽ تي حملا ڪن ۽ توهين ڪن سڀ جائز آهي اسين پنهنجا حق گهرون ته غدار ۽ باغي!!“

زاهد چيو، ”طارق خان ۽ سڪندر خان وارن ڪهڙي غداري ۽ بغاوت ڪئي آهي، انهن پنهنجن ساٿين جو ساٿ ڏنو آهي، جيڪي انفرادي نه پر اجتماعي حقن لاءِ وڙهي پنهنجون حياتيون وڃائي رهيا آهن.“

گل محمد چيو، ”اها ڳالهه ناهي زاهد، استحصالي قوتون هر ان سگهاري اهڃاڻ کي مٽائڻ چاهينديون آهن، جيڪو سندن اڳيان مهاڏو اٽڪائڻ جو ساهس ڌاري ٿو.“

جبار چيو، ”جبلن ۾ وڙهڻ وارا ڪي ڌاريا ته ناهن، رت آهن اسان جو. انهن کي جي ڪجهه پهچايون ٿا ته اهو اسان جو فرض ۽ انهن جو حق آهي.“

گل محمد چيو، ”پر استحصالي قوتن اڳيان اهو وڏو پوائنٽ آهي ته جيئن ته اهي فوجي جٿن جي مٿان حملا ٿا ڪن لحاظا اهي غدار آهن ملڪ جي خلاف وڙهن ٿا. ڇا بکيو ماني ۽ اڃيو پاڻي نه گهري؟ جي گهري ٿو ته ملڪ جي خلاف ٿو وڙهي؟ يعني انهن جي

مرضيءَ تي هلجي تہ محب وطن نہ تہ غدار... جيئن 4 آگسٽ 1945ع تي هيروشيما تي ايٽم بم ڪرائڻ واري جهاز جو پائليٽ ميجر ايٿرلي هو. پهرين تہ هو ”هيرو“ جي روپ ۾ موٽيو پر ڪجهہ ئي ڏينهن کان پوءِ هو ولن بنجي ويو. حڪومت آمريڪا پنهنجي اڳوڻي هيرو ميجر ايٿرلي کي جيل ۾ رکي نٿي سگهي تنهنڪري ان کي ”چريو“ چئي فوجين جي ”پاگل خاني“ ۾ قيد ڪري ڇڏيو. واڪو جي پاگل خاني مان يورپ ۽ آمريڪا جي ڪيترن ئي دانشورن ۽ صحافين کي هڪ ڊگهي جدوجهد ڪرڻي پئي هئي. ميجر ايٿرلي کي چريو ان لاءِ قرار ڏنو ويو هو جو هيروشيما تي نيوڪليائي بم ڪيرائڻ ۽ پنهنجي اکين سان لکن جي شهر کي خاڪ ۽ رک ٿيندو ڏسڻ کان پوءِ هو پنهنجي پاڻ کي ڪڏهن بہ معاف ڪري نہ سگهيو. آخر هيروشيما جي ڏتڙيلن لاءِ چندا ۽ عطيہ جمع ڪرڻ شروع ڪري ڏنا ۽ هيروشيما جي ميئر ڏانهن معافي ناما موڪلڻ لڳو ۽ هيروشيما جي ٻارڙن کان پنهنجي گناهن جو اعتراف ڪرڻ لڳو. هن پاگل خاني مان گڏايندرز کي جيڪي خط لکيا اهي ڇپجي چڪا آهن. انهن خطن جا مهاڳ برٽريندبرسل لکيا آهن تہ، ’جي هي خط ڪنهن چرئي جا لکيل آهن تہ ان چرئي مٿان سوين عقلمند، صحيح الدماغ صدقي ڪري ٿا سگهجن.‘ يعني جڏهن ميجر ايٿرلي انهن جي چوڻ تي گناهہ ڪري تہ ”هيرو“ هو پر جڏهن هن ان گناهہ جو اعتراف ڪيو تہ هو ”چريو“ ٿي ويو. اهوئي قانون آهي جتي ڪٿي استحصالي قوتن جو.“

”... ۽ طارق خان وارن کي بہ سچ چوڻ جي سزا ملي آهي... سوچڻو اهو آهي تہ هاڻي ڇا ٿيندو؟ هاڻي تہ مچ جيل ايندا نہ؟“ علي حسن چيو.

جبار ڏک مان چيو، ”ڪوئيٽا ۽ مچ جيل ۾ ڪهڙو فرق آهي، ڳالهہ اهائي آهي تہ مقدمو وڙهڻو آهي، جنهن جو نتيجو اڳواٽ تيار آهي...“

علي حسن جون اکيون حيرت مان ڦاٽي ويون، ”ڦاسي؟“

جبار ڪنڌ هيٺ ڪري ڏک مان چيو، ”هو اهوئي ٿا چاهين.“

مهراب خان جيڪو انهن جون ڳالهيون ڌيان سان ٻڌي رهيو هو اهو لفظ "قاسي" تي چڙڪي پيو. "نہ نہ... ايئن نہ ٿيندو. اسان جو ڪيس مضبوط آهي ۽ اسان جا وڪيل سينئر ۽ قابل آهن سو حڪومت اهو وڏو قدم نہ کڻندي. چو جو هو ايڏي مضبوط ناهي. هاڻي سياسي ماڻهن ڪنڌ متي کڻڻ شروع ڪيو آهي ۽ سنڌ ۽ بلوچستان جي اديبن، شاگردن ۽ صحافين ان سلسلي ۾ قدم کنيو آهي. حڪومت بہ وقت کي گهٽو گهلي نہ سگهندي، مٿان اليڪشن جا مطالبا پيا ٿين سو ايئن نہ ٿيندو."

گل محمد، علي حسن ۽ زاهد حيرت مان مهراب خان کي ڏسڻ لڳا جنهن اهڙي ڳالهہ ڪئي هئي جنهن ڏانهن سندن ڌيان ئي نہ هو. گل محمد مهراب خان سان هٿ ملائي چيو، "سائين اوهان ڪوهستاني زور آهيو! اسين صحافي جيڪي ملڪي صحافت ۾ آهيون ۽ اوهان جن جو بظاهر ان سان ڪو واسطو ناهي پر اوهان جو تجربو ۽ تجزيو سچ آهي ۽ ٺيٺو آهي."

مهراب خان هلڪو مشڪي چيو، "اسان کي اسان جي حالتن اهو سڀ ڪجهہ سوچڻ تي مجبور ڪيو آهي. جيئن 1971ع ۾ هڪ يونٽ محسوس ڪيو هو تہ، يا تہ سڀ ڪجهہ يا تہ ڪجهہ بہ نہ.... هنن کي اڳ بہ نوروز خان جي پٽن، پائٽن پاڙيجن جي شهادت قبي ويئي آهي ان ڪري هو هتي بہ جيڪر ساڳي دوکي سان ويساهہ گهاتي ڪن ها پر هاڻي حالتون بلڪل مختلف آهن."

زاهد متاثر ٿي چيو، "واهہ سائين واهہ، دل خوش ڪري ڇڏيئي."

علي حسن چيو، "اها تہ سڀ ڳالهہ سهي، پر اليڪشن ڪرائڻ وارا آرڊر ملڪ جي اندران نہ پر ٻاهران ٿا اچن! ان ۾ اسان جي ڪهڙي نجات؟ يا انهن کي ڪهڙي خبر طارق خان ۽ سڪندر خان جيل ۾ آهن؟"

جبار چيو، "نہ سائين، ايئن ناهي. سپر پاور يا اهي سيئي ملڪ جن جي هٿيارن جي مارڪيٽ ٽين دنيا جي ملڪن ۾ تيز آهي، انهن جون اکيون ۽ ذهن بہ انهن ملڪن جي حالتن تي نهايت تيز

آهن. انهن کي خبر آهي تہ جبلن ۾ وڙهندڙ ڪير آهن ۽ انهن جون گهرجون ڪهڙيون آهن؟ ۽ هو ڪيترو مضبوط آهن؟ ۽ پوءِ اهي ئي، جبلن ۾ وڙهندڙن لاءِ سخت يا نرم رويو رکڻ لاءِ آرڊر جاري ڪن ٿا يا انهن سورهين لاءِ پرڪشش پيشڪشون ڪن ٿا.“

”واقعي؟“ گل محمد، علي حسن ۽ زاهد هڪ ئي آواز ۾ چيو تہ مهراب خان چيو، ”ها، انهن وڙهندڙن وٽ واقعي بہ پرڪشش پيشڪشون اينديون آهن تہ جيئن هو پنهنجي عظيم مقصد تان هٽي وڃن پر اهي بهادر ويڙهاڪ گولين ۽ بارود جي ڌماڪن ۾ اڏائي دونهون ۽ رک ڪري ڇڏيندا آهن اهي پرعيش آڇون.“

جبار چيو، ”جڏهن اڳيان مقصد هجي، اهو بہ عزت ڀرئي جياپي جو تہ پوءِ هر ڪا چيز ثانوي حيثيت وٺيو ٿي وڃي. ڪهڙا عهدا ڪهڙي دولت. باقي هيروڪين حالتن ۾ فوج تي مون کي ڊاڪٽر سرگيءَ جي ناول ”ڪامريڊ تلياڦيف جو ڪيس“ جو هڪ ٽڪرو نهندڙ پيو لڳي تہ، ’تنهنجو وس پڄي تہ جيڪر دنيا جون سڀ آرسيون ڀڄي ڇڏين جيئن تون انهن ۾ پنهنجو پاڻ ڏسي نہ سگهين ۽ اسان جون اکيون آرسيون آهن ۽ تون انهن کي ناس ڪرڻ ٿو چاهين. تون اسان جي لونڊڙين ۾ گوليون هڻي انهن اکين کي مٽائڻ ٿو چاهين جن ۾ تون پاڻ کي ڏسي رهيو آهين ۽ پاڻ ئي اٽلو فتويٰ ڏيئي رهيو آهين.“

”گل محمد چيو، ”اوهين واقعي شينهن مڙس آهيو جو ههڙي بوساٽ واري ماحول ۾ بهارن ۽ خوشبودار جهوٽن جهڙيون ڳالهيون ۽ عمل پيا ڪريو، جن جي ساڻ سان قيدين جا زنجير ٽٽڻ جا امڪان ٿا پيدا ٿين بلڪ ڏسجو تہ اهي زنجيرون ڪيئن نہ ٽڙڪات ڪري ٽٽي ٿيون پون!“

گل محمد جذباتي ٿي رهيو هو. علي حسن چيو، ”پر يار، حقيقت ۾ اسين پنهنجي خراب حالتن جا پاڻ بہ ذميوار آهيون. اسان کي پنهنجي حقن جي ڄاڻ هجي تہ سوال ئي پيدا نٿو ٿيئي تہ ڪو اسان سان بيواجبي ڪري. بيواجبيون تڏهن ٿينديون آهن جڏهن ظالم کي خبر پوندي آهي تہ مظلوم پنهنجي حقن کان لاعلم آهي.

هونئن بہ اسين صفا بيحس آهيون مان تازو لاهور ويو هئس. اتي پهچي ايئن لڳو ڄڻ يورپ جي ڪنهن شهر ۾ آيو آهيان، ساوڪ، سڪ، ترقي شيشي جهڙا شفاف سڌا چمڪدار روڊ، انارڪلي بازار ۾ هڪڙو ننڍڙو افغاني ڇوڪرو اجان مس آيو تہ پوليس ان کي ايئن مارڻ ۽ لوڌڻ لڳي ڄڻ ڪتو هجي ۽ هتي اسان وٽ؟ اتي اقبال ۽ داتا جون مزارون ڏسي حيران ٿي ويس. ڇا تہ صفائي ۽ سونهن آهي ۽ هتي اسان جو لطيف بادشاهہ جيڪو شاعر بہ آهي تہ اولياءُ بہ يعني اقبال ۽ داتا ٻنهي جو نعم البدل، سنڌ حڪومت پاڻ پنهنجي پيسي ۽ اهو پيسو جيڪو لطيف بادشاهہ جي پيتين مان نڪري ٿو اهو خرچ ڪري لطيف جو مزار، باغ ۽ ڪراڙ ڍنڍ جي صفائي خوبصورتي بحال ڪري وڌائي تہ ڪيس ڪير روڪي؟"

جبار چيو، "اهو سڀ نيڪ. پر اسان ڪي پنهنجن جي آزاديءَ لاءِ ڇا ڪرڻ کپي؟"

"اجان تہ ڪيس هاڻي شروع ٿيو آهي."

"پر گواهن جي گرفتاري، خريداري ۽ غائب ٿيڻ جا امڪان بہ تہ آهن."

مهراب خان چيو، "اسان وٽ ان جو بہ انتظام ۽ طريقو آهي."

# باب پنجويھون

طارق خان ۽ سڪندر خان کي جيل ۾ يارھون مھينو اچي پورو ٿيو ھو. سڄي علائقي ۾ سوگواريت طاري ھئي. ان سڄي عرصي ۾ سندن راڄ ۾ ڪابہ خوشيءَ جي محفل ۽ ڪاڄ نہ ٿيو ھو. پنھنجا تہ پنھنجا پر ڏارين ۾ بہ ڪا خوشيءَ جي تقريب نہ ٿي ھئي. جان بيبي تہ صفا اڌ چرين جيان ھلندي ھئي. روئڻ ۽ دعائون، ٻيو ڪم نہ ڪو ڪار! ھاڻي تہ مير محمد بہ تنگ نظر اچڻ لڳو ھو. نور بيبي ۽ سندس ڌيئرن تہ ھاڻي ڪلي عام ھر ڪنھن سان سندس گلائون ڪنديون ھيون. ھاڻي تہ جان بيبي جو سڄو وقت زيبوءَ وٽ گذرندو ھو، جتي ڪيس طارق خان جي وجود جي خوشبو ايندي ھئي ۽ ساڻس گھاريل سيئي گھڙيون جيئريون جاڳنديون ڪيس ياڪرن ۾ پري ويھنديون ھيون. ڪڏھن ڪڏھن ھوءَ حسن جان جي گھر بہ ويندي ھئي جيڪا ياءُ ۽ مڙس جي غم ۾ ڳري ڪندا ٿي ويئي ھئي. امير بيبي ۽ عزيز جان بہ وقفي وقفي ڪان پوءِ ايندريون ھيون. مھراب خان، حمل خان، ستار ۽ جبار وارا تہ ڪوئيٽا ۽ مچ جيل جي چڪرن ۾ پورا ھئا. ڪمال خان بہ ساڻن گڏ ويندو ھو. ھڪ ٻہ ڀيرا مظھر خان بہ ويو ھو. گل محمد وارا بہ ايندا ويندا ھئا... ھر ماڻھو جي ذھن تي انھن جي ئي سار ۽ فڪر سوار ھو. ڪوبہ نارمل طريقي سان پنھنجو ڪم ڌنڌو ڪري نٿي سگھيو. رات وارين ڪچھرين جا انداز بدليل ھئا. اڳ وارن پوڳ مشڪرن جي جاءِ تي ھاڻي دعائون ۽ صلاحون ۽ حڪمت عمليون ھونديون ھيون. مھراب خان جي ذھن تي ڏاڍو ٽينشن ھو. ڪيس سڪون جي تلاش ھئي. تاج بيبي تہ ايئن بيزار ھئي جڻ مھراب خان سندس ڏوھي آھي. ھوءَ ايئن سمجھي رھي ھئي تہ مھراب خان ڪيس ھروڀرو اھميت نٿو ڏي... ۽ بجاءِ مھراب خان کي پنھنجو ڪرڻ جي، ھوءَ ڪيس ويتر پري ڪري رھي ھئي. ھاڻي مھراب خان جو وقت

گهٽو ڪراچي، ڪجهه ماءُ سان ۽ ٻيو شاهنواز خان جي حويليءَ ۾ گذرڻ لڳو. سردار مهراب خان جي ذهن تي آيل بار ۽ ٽينشن جيڪو طارق خان جي گرفتاري ۽ پنهنجي گهر ۾ تاج بيبي جي بيپرواهيءَ واري رويي سبب هو اهو سڀ سردار شاهنواز خان جي حويليءَ ۾ لهڻ لڳو. اتي وڃي سندس سڄي بيقراري، قرار ۾ ۽ ساري بي سڪوني، سڪون ۾ بدلجي ويندي هئي. سردار شاهنواز خان، سردار سهراب خان جو گهرو دوست هو. شروع کان ٻنهي گهرن جي هڪ ٻي ڏانهن اچ وڃ رهندي هئي. پر هڪ ڏينهن جڏهن سردار مهراب خان، سردار شاهنواز خان جي خوبصورت نياڻي کي ڏٺو تہ ڏسندو ئي رهجي ويو. هو تہ سدائين حسن پرست، سونهن جو سودائي هو. پوءِ تہ سردار شاهنواز خان جي حويلي ۾ سندس ٽاڪ ٻنجي ويو. ڪراچيءَ مان ايندي ساڻ پنهنجي ماءُ سان ملي ڪيس طارق خان وارن جون خبرون چارون ٻڌائي تيار ٿي سردار شاهنواز خان جي حويليءَ ڏانهن هليو ويندو هو ۽ اهي بہ سندس اچڻ تي ڏاڍا سرها ٿيندا هئا. هونئن بہ سردار مهراب خان پنهنجي پاسي جو وڏو سردار هو. سندس راڄ سردار شاهنواز خان جي راڄ کان تمام وڏو هو. عزيز جان کي ان ڳالهہ جو واءُ تہ پئجي ويو هو پر جڏهن اتي جي ڪن ماين اچي ڪيس ٻڌايو تہ سردار شاهنواز خان پنهنجي ڌيءَ مهراب خان کي ڏي ٿو تہ هوءَ باهہ ٻنجي ويئي. جيئن ئي مهراب خان حويليءَ ۾ آيو، هوءَ مٿس وسي پيئي، "واهہ پٽ، اسان کي گهر ۾ نہ اچڻ جو سبب طارق خان جي مسئلي ۾ اڙجڻ ٿو ٻڌائين پر اڙيو وڃين سردار شاهنواز خان جي حويليءَ ۾ آهين!"

مهراب خان کي جڻ خوشي ٿي تہ پلي ڪيس خبر پيئي، نهايت اطمينان سان جواب ڏنائين، "امان، پلا هڪڙي ڳالهہ جو جواب تہ ڏي."

"چئو..."

"چا مون کي خوش رهڻ جو، پرسڪون رهڻ جو حق ڪونهي؟"

”ڇو نہ حق آهي.“

”پوءِ؟“

”پوءِ ڇا، توکي پنهنجي زال آهي ٻار آهن، پوءِ ڇو پراون گهرن ۾ ٿو سڪون ڳولين؟“

”گهر ۾ هجي ها تہ ڇو وڃان ها ٻي پاسي؟“

”اها تنهنجي مرداڻي فطرت آهي، ٻيو ڪجهہ بہ ناهي! نہ تہ تنهنجي زال سهڻي آهي بہ رانديڪن جهڙا ٻار آهن تنهنجي ريجهائڻ ۽ آرام ڏيڻ لاءِ، ڇا اهي تنهنجي لاءِ ڪافي ناهن؟“

”امان، تون منهنجي اکين جي ماڻڪين ۾ نهار، پوءِ سچ ٻڌاءِ تہ منهنجون ماڻڪيون پرسڪون آهن؟“

”ڇو سڪون ناهي انهن ۾، ڪو سبب، ڪا وجهہ؟“

”اڳ تہ گهڻائي سبب هئا. پر هاڻي ڪو سجهي ئي نٿو، رڳو بيقراري آهي. بس، امان، مان هتي تڙپان ٿو. مون کي ڪو سڪون ڪونهي.“

”۽ تنهنجي ان بيقراريءَ، بي سڪونيءَ جو حل سردار شاهنواز خان جي حويليءَ ۾ آهي، ايئن نہ؟“

عزيز جان ڪاوڙجي چيو تہ مهراب خان ڇرڪي ڪيس ڏٺو.

عزيز جان چيو، ”تون ايئن ٿو سمجهين تہ مون کي تنهنجي ڪابہ خبر نٿي پوي. مان ماءُ آهيان، تنهنجي هر حرڪت، هر نهار حساب ۾ رکندي آهيان.“

سردار مهراب خان ڏک مان چيو، ”۽ منهنجو بيقراريون بي سڪونيون تنهنجي هر حساب ۽ نهار کان ٻاهر آهن، اڻ ساريل آهن. اڳ تہ ايئن ٻڌو هوسين تہ ماءُ جي اندر ۾ اولاد جو اندر رهيل هوندو آهي ۽ ماءُ کي ان لاءِ ڪنهن کان بہ پڇڻ جي ضرورت نہ پوندي آهي. پر تون ڪهڙي ماءُ آهين، جنهن جي اڳيان اولاد جو هر قدم، هر نهار ۽ هر لرزش تہ حساب ۾ هوندي آهي پر اولاد جي خلش، درماندگي ۽ تڙپ مخفي آهي... ها، منهنجي بيقراري جو حل سردار شاهنواز خان جي گهر ۾ آهي! سنو ٿيو تون پاڻهي سمجهي ويئينءَ ۽ مان لفظن جي تلاش، کان بچي ويس!“

”ڇا ٿو چوين پٽ؟“
”امان، آءٌ سردار شاهنواز خان جي ڌيءَ سسئي سان شادي ڪرڻ ٿو چاهيان!! ۽ ان لاءِ تون مون سان گڏجي هلي سڱ گهرنديءَ!“
”نه نه، مان ڪڏهن به نه هلنديس! مان پنهنجي پاءُ جي اڳيان ڪڏهن به پاڻ کي لڄارو نه ڪنديس.“
”نيڪ آهي! تون پنهنجي پاءُ اڳيان شرمندي نه ٿي، آءٌ پاڻ ئي سڀ ڪجهه ڪندس. باقي منهنجي مخالفت نه ڪجانءِ، جي مون سان پيار اٿئي ته....“
عزيز جان ٽڙپي پيئي ۽ سندس اکيون پرجي آيون، ”شاباس هجئي پٽ، اهي لفظ ڳالهائڻ تي. مون کي توسان پيار ناهي ته ٻيو ڪنهن سان آهي؟“
”هر ڳالهه ۾ منهنجي مخالفت ٿي ڪرين، ان کي مان ڇا سمجهان، پيار يا....“
”مان تنهنجي مَني ناهيان پٽ، پر مون کي دنيا کي ڏسڻو پوي ٿو ته...“
”ها، تون رڳو دنيا کي ڏسندي رهه، مان پلي ڪيئن به ٿيان... دنيا جو حافظو تيز ناهي امان، دنيا اڳيان هر اهو قدم ڪامياب آهي جنهن جي وڏڻ سان ڪين ڪوبه نقصان نٿو رسي. دنيا هميشه کلندڙ سان گڏ آهي ۽ تمام ٿورا آهن جيڪي روئندڙ سان گڏ روئن ٿا.
بهرحال مون ته اهو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ته مان سڄي زندگي تاج بيبيءَ سان گڏ گذاري نٿو سگهان. مون کي اهڙي ساٿيءَ جي ضرورت آهي، جيڪو مون کي سمجهي، منهنجو خيال رکي، منهنجي پرواهه ڪري ۽ سنڀالي.“
ايئن چئي مهراب خان، عزيز جان جي ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو. ٻاهر ورانڊي ۾ ويٺل حوا، شبو، مرڪئين، سوڍي ۽ مکڻي جيڪي ڪمري جو دروازو ڪليل هئڻ ڪري سڀ ٻڌي رهيون هيون اهي حيرانيءَ مان مهراب خان کي پنيرو ويندو ڏسنديون رهيون جيڪو ٻاهرين گيٽ کان ٻاهر نڪري ويو هو. سوڍيءَ چيو، ”الا، مون کي جيجي تاجان جو ايڏو ته ڏک ٿو ٿئي جو بس ناهي.“

”بس ڙي ڪر بس مائي، سائين مهراب خان ٻڌو تہ اهڙا موچڙا ڪائيندينءَ جو جڳ ڏسندو.“

سوڍيءَ ڊپ مان اکيون مٿي ڇڪي جيڪي ڏندن ۾ جهلي ڇڏي.

مرڪئينءَ چيو، ”جيجي تاجان بہ جيئن آئي آهي جڻ پرائي آهي، ڪنهن سان سنئين منهن ڳالهائي بہ نٿي.“

مڪڻيءَ چيو، ”هري مايون هري (آهستہ) اوهان ڪي چا آهي، اسين اڌاري ساهہ پيا ڪٽون انهن ڪي مٿان ڏچي ۾ وجهو... سائينءَ وارا تہ سيني ڪي هڪ لٺ سان تا ڪاهين، سڪن سان گڏ آلا بہ تا باهہ ۾ سڙن سو مايون مهرباني ڪري وات جهليو.“

مرڪينءَ چيو، ”آءٌ غلط تي ڳالهايان چا؟“

حوا ڪلي چيو، ”مرڪئين تہ الا اهڙا موچڙا ڪائيندي جو راڄ بہ ڇڏائي نہ سگهندس!!“

شبيءَ وڏو ٽهڪ ڏيئي چيو، ”هئو الا گامو سچار، مات ڪر.“

مرڪئينءَ مٿس چنبو الاري چيو، ”تون سيني ڪان ننڍي آهين... وچ ۾ نہ پئو!“

شبيءَ ڪلي چنبي ڪان بچي چيو، ”پاءُ اٿي جو آءٌ بہ ڪاوان ٿي.“

سيئي آهستي ڪلڻ لڳيون ۽ بلڪل آهستي، ڪسڪن، سرٻاٽن ۾ ڳالهائڻ لڳيون.

## باب چويهون

جان بيبيءَ جي اندر ۾ تہ هر پل طارق خان وسيل هو، پر هينئر تہ جيئن تڏ تيئن وڌ وانگيان طارق خان مٿس اوهيڙا ڪري وسي رهيو هو. هوءَ جيئن ستي آهي هڪڙي لمحي لاءِ بہ سندس اک نہ لڳي هئي. بس پلنگ تي اکيون بند ڪري طارق خان جي خيالن ۾ ستي هئي، 'مان جڏهن اکيون بند ڪري تصور ۾ گم ٿي ويندي آهيان تہ آهستي قدمن جي چاپ ٻڌي مون کي تنهنجي اچڻ جي خبر پئجي ويندي آهي. مون سدائين پنهنجي ڪنن جي قريب تنهنجا سرٻاٽ ٻڌا آهن... جان... جانان... جانو... جانم... جان جانان... جان بهاران... جاني... جاني... جاني... تنهنجي ڌيمي ۽ مٺم لهجي واري گفتگو مون کي هميشہ پنهنجي گهيري ۾ وٺي ڇڏيندي آهي ۽ تنهنجون سگهاريون ٻانهون مان سدائين پنهنجي وجود ۾ ويڙهيل پائيندي آهيان ۽ تنهنجي چپر جيڏي ڇاتيءَ منجهہ آءٌ سدائين وڃائجي ويندي آهيان. توکي تہ الائي ياد هوندو يا نہ... پر مون کي تنهنجي آڱر جي منهنجي تپيل چپن کي ڇهڻ واري مستي ۽ ڪيچل ۽ ان مهل واري تنهنجي حسين مرڪ اڃان وسري نہ سگهي آهي. وچ وارن وڏن فاصلن جي باوجود مون توکي سدائين پنهنجي ويجهو پاتيو آهي. جڏهن تنهنجي قدمن جي چاپ ٻڌي اکيون کوليندي آهيان يا تنهنجي سرٻاٽن تي شرمائي توکي ڏسڻ چاهيندي آهيان ۽ ان ڪوشش ۾ جڏهن اکين جا ڇپر مٿي کڻندي آهيان تہ منهنجي چوڌس اهائي گهري خاموش، ٻاٽ ۽ ڪاراڻ هوندي آهي ۽ ان وقت منهنجو جيءُ جهرڪا ڪري جهري پوندو آهي. مان ٻاهر تہ توکان سدائين پري رهي آهيان پر اندر ۾ توسان گڏ رهندي آهيان. رسندي، پرچندي آهيان. ان کان علاوه منهنجو ٻيو اندر بہ هوندو آهي جيڪو توکي رڳو پيار ڪندو آهي ۽ اهو اندر نظر ۾ ايندڙ فاصلن کي اصل نہ ليکيندو آهي. منهنجو ٻيو اندر

ڏاڍو سرڪش ۽ باغي آهي، توکي هر وقت، هر پل قريب ڏسڻ چاهيندو آهي ۽ هو توکي خوابن، خيالن ۾ هٿ لائي ڇهڻ ۽ محسوس ڪرڻ ٿو چاهي. ان سرڪش ۽ باغي اندر کان آءٌ پاڻ به گهڻو ڊڄندي آهيان ته متان ٻاهر نڪري سڀ ڪجهه برباد نه ڪري وجهي. ڇو جو هن کي ڪائنات ۾ توکان ۽ مون کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نظر نه ايندو آهي. بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ته ڪيس مان به نظر نه ايندي آهيان بس رڳو تون ئي تون هوندو آهين:'

ڪتـــين ڪـــر موڙيـــا، ٽيـــڙو ايـــا ٽيئـــي،
راڻـــو رات نـــه آئيـــو ويـــل، ٽـــري ويئـــي،
ڪهـــ سـا ڪـاٽي راتـڙي، جـا پـرينءَ ريءَ پيئـي،
مـون کـي ڏنءُ ڏيئـي، وجـي ڍوليـو ڍٿ قراريـو.

وينـي ٻاريـان ٻانـگ سـين، ڪـوڙين اڄ قنـديل،
هئـه هئـه هنجـون هاريـان، منجهـان سـڪ سـبيل،
متـان مـون کـي ڇـڏيئين، جـاني لـڳ جليـل،
آهـــر تـــو اصـــيل، وينـــي ڪانـــگ اڏائيـــان.

ٻانگ تي چرڪي اٿي ۽ حيرانيءَ مان پنهنجي هنجن مان ترچندڙ چهري تي پنهنجو گلابي هٿ ترين ڦيرائڻ لڳي. وري ڏنائين ته سندس وهاڻو لڙڪن جي ٻوڏ ۾ اچي پُسجي ويو هو.

ســـتي ســـنيريو مر، ڪـــو ڳـــڻ ٻـــاروچن جـــو،
ڪنـــڌ وهـــاڻو پنـــو، هريـــو هـــٿ ٽيـــوم،
ســـڄڻ يـــاد پيـــوم، جـــاڙ جيـــان تـــي جيـــڏيون.

هن پنهنجي پير ۾ نهاريو، مير محمد پاسو ورائي ستو پيو هو. اڄ سندس اندر مان لطيف، لڙڪن سان گڏ چوليون ڏيئي رهيو هو:

تـون جنـين سـين آهـين، تنهـن سـين ڇـن مَ سـگ،
پـري پرائـي پـرڪ سـي، وجـي اڙايئـه انـگ،
جتـي جاڳنـدو ڏم، تـت ڪنـڌ متـائون نـه ڪٽـي.

مشڪي جڻ پاڻ کي ورندي ڏنائين:

السـت ارواحـن کـي، جـڏه چيـائون،
ميثاقـان ميهـار سـين، لـڌيون مـون لائـون،
سو موتي ڪيئن پانهون، جو محفوظان معاف ٿيو.

خوشيءَ مان سندس اندر جهونگارڻ لڳو:

سـاهڙ جـا سـينگار، مـون اڄ لڪيـا اڳـي هئـا،
نڪـا ڪـن فيڪـون هئـي، نڪـا ٻـي پڇـار،
نـه ڪـو سج نـه چنڊ ڪـو، نـه ڪـاڏو ڏوڪـار،
ملڪنئـان مهنـد هئـي، تـوڏيءَ جـي تنـوار،
محبـت سـاڻ ميهـار، لايـائين لطيـف چئـي.

هوءَ آهستي پلنگ تان لهي ٻاهر اڱڻ ۾ آئي. اجان اونڌه لڳي پئي هئي. ٻاهر ڏاڍي ولهه هئي. رات ساري رات سندس اکين سان گڏ ماڪ وسي هئي. هر شئي آلي ۽ پُسيل هئي. هوءَ گلن جي ٻوٽن وٽ اچي بيٺي جيڪي هن پاڻ نهايت پيار مان پوکيا هئا. ماڪ مان تر هڪڙو گلاب چني پنهنجي ڳلن ۽ چپن تان گهمائڻ لڳي. سندس هانءُ ڀرجي آيو:

پيئـي جـا پريـات، سـا مـاڪ مَ پسـو ماڙهـا،
روئـي چـڙي رات، ڏسـي ڏکـوين کـي.

طارق خان جو چهرو چنڊ جيان سندس من جي نيڻ تي ايري آيو. 'طارق خان، توکي اهو چوندي سونهان نه ٿي ته منهنجي نازڪ ۽ حساس وجود سان ڏک واري ناقابل برداشت لفظ جو تعارف توئي ڪرايو آهي... نه نه... ايئن چوڻ ڪنهن به صورت ۾ منهنجي من کي منظور نه ٿيا، پر گوارا به ناهي. تو ڪتي پيار ڪيو هو! اهو نه منهنجو اڪيليءَ جو ارادو هو' ۽... هوءَ سڏڪي سڏڪي روئڻ لڳي:

ڏنـي ڏيـنهن ٿيـام، ڪـوه ڇاڻـان ڪهـڙا پـرين،
سهسـين سـج الهـي، واجهائينـدي ويـام،
تـن ريءَ سـال پيـام، جـن ريءَ سـاعت نـه سهان.

هوءَ هري هري هلندي وري بہ ڪمري ۾ آئي. مير محمد گهري ننڊ ۾ ستو پيو هو. هوءَ پنهنجو وهاڻو پلنگ تان کڻي صوفي تي رکي ليٽي پيئي. مير محمد جي اک کلي. جان بيبيءَ کي صوفي تي ستل ڏسي ٽپو ڏيئي اٿي وٽس آيو. سندس نرڙ تي هٿ رکيائين جيڪو ٻري رهيو هو.

”توکي تہ بخار آهي جاني.“

جان بيبيءَ پنهنجون ڳاڙهيون ٿاندا اکيون مٿي کڻي چيو، ”بس ٿورو مٿي ۾ سور آهي.“

مير محمد ماءُ ۽ ڀيڻن جي چوڻ تي تہ هو پر ڪيس جان بيبيءَ سان چاهہ بہ وڏو هو. هونئن بہ جڏهن هوءَ ڳالهائيندي ڳالهائيندي خيالن ۾ هلي ويندي هئي تہ هو مشڪي چوندو هو، ”جان، ڪيڏانهن ٿي هليو وڃين مون کي ڇڏيو؟“

۽ جڏهن هوءَ ڇرڪي سندس لاءِ ڪري مرڪي چوندي هئي، ”ڪيڏانهن بہ نہ تنهنجو وهم آهي.“ ان مهل زبردستي واري چپن تي سجايل مرڪ سندس اندر ٻاري ڇڏيندي هئي پر اها ساڳي مرڪ مير محمد جو اندر ناري ڇڏيندي هئي. ڏک ۽ غم سهڻ هو، نهايت حساس جان بيبي کي متعارف ڪرائي، اهو ڪڏهن بہ مير محمد نہ چاهيو هو. هينئر بہ هو ڪيس بخار ۾ ڏسي تڙپي پيو هو. جان بيبي کيس تڪڻ لڳي، هينئر هي ڪيترو سنو پيو لڳي... نہ تہ جڏهن ماءُ ۽ ڀيڻين جي چوڻ تي مون سان کهرو ڳالهائيندو آهي تہ ڪيڏي ڀُري پوندي آهيان. مون تہ ڪڏهن بہ ساڻس نفرت ڪرڻ جو سوچيو بہ ناهي... سندس اکين مان لڙڪ زرڻ لڳا ۽ هوءَ پنهنجي هٿن سان انهن کي زور زور سان رهڙي اگهي صوفي تان اٿي ويٺي. مير محمد گهٻرائجي ويو، ”چو جانان، ڇا پيو ٿئي؟“

”ڪجهہ بہ نہ... بس هلڪو مٿي ۾ سور آهي.“

”چانهہ نهرائي آڻيان؟“

”نہ نہ، هينئر سڀ ستا پيا آهن. تڪليف نہ ڏين.“

”شمو تہ آهي، ان کي اٿاريان؟“

”ها، اٿارينس.“

مير محمد ڪمري مان نڪري ورانڊي ۾ آيو. شمو، نور بيبيءَ جي ڪٽ جي پير ۾ هيٺ بي خبر ستي پئي هئي. مير محمد ڪيس اٿاريو نہ، هوءَ ڇرڪي گهبرائجي اٿي ويٺي.

”ڇا آهي سائين، جيجي جانل تہ ٺيڪ آهي نہ؟“

”ها ها، اها ٺيڪ آهي. پر توکي ڇا آهي، نماز لاءِ بہ نہ اٿي آهين!“

”ائي گهوڙا، هاڻي مون نياڳيءَ کان نمازون بہ ٿيون وڃن.“

هوءَ ڇرڪي ٻل ڏانهن ٿي ڀڳي تہ مير محمد چيو، ”توکي جاني ٿي سڏي!“

هوءَ ٻل ٻدران ڊوڙندي ڪمري ۾ آئي تہ جان بيبي اکيون بند ڪيو پينگهي ۾ ليٽي هئي.

”ڇا آهي جيجي، ٺيڪ تہ آهين؟“

”ها شمو ٺيڪ آهيان. چانهہ ٺاهي اچ.“

جان بيبيءَ بند اکين سان جواب ڏنو تہ مير محمد هيٺ جهڪي پڇيو، ”طبيعت گهڻي تہ خراب ناهي امان ڪي اٿاريان؟“

”نہ نہ ماسيءَ کي نہ اٿارجانءِ، آءٌ سهي آهيان.“

سوچيائين، ماسي ايندي تہ اچي نصيحتن جا دفتر کوليندي، دنيا جا مثال ڏيندي ۽ منهنجو متو اڳ ئي پيو سور مان ڦاٽي.

مير محمد ڪمري کان ٻاهر نڪتو تہ سوچيائين، ’هاڻي مون کي چپن ۽ اکين تي ضبط جا پهرا لڳائڻا پوندا. اندر جي ٻاهہ جو ذرو بہ سيڪ ڪيس نہ اچڻ گهرجي. ايئن ئي هي آهون ۽ لڙڪ ٻيهي ۽ سڪي سگهندا جيڪي پڌرا ٿي مون کي ڪلڻ هاب ٿا ڪن، تماشو ٿا بڻائين!!‘

پيئـي تــي پيمــال، ســا منــڊ مــري نــہ جيئــي،
بــري هـــن پنيـــور ۾، هـــڏ نـــہ ڳرهـــي حـــال،
لالـــن جـــو لطيـــف چئـــي، وســـاري نـــہ وصـــال،
پـري ڪجـانءِ پـال، هـي ڏاهـہ ڏورينـدي ڪيتــرو؟

## باب ستاويهون

’ڪڏهن ڪڏهن ايئن ڀ ٿيندو آهي جو خواب اڃا نيڻن جي ڳلين ۾ مس ڪيڏندا آهن تہ تعبيرون پڪل ميوي جيان جهول ۾ اچي ڪرنديون آهن. دعائون بند چپن ۾ جميلِ هونديون آهن ۽ مرادون هٿن جي ٻڪن ۾ مرڪي ۽ جرڪي پونديون آهن. بنا ڪنهن اڳواٽ اطلاع ڏيڻ جي دل جي اڱڻ تي خوشين جا گل ٽڙن، اکين ۾ اندلٺ جا رنگ لهن، چپن تي گلاب مهڪي پون، وجود مور جا رنگ لڪائي نرت جا سينگار ڪري تہ ماٿهو صفا ٻاتاڙجيو وائڙو ٿيو پوي. اکين اڳيان وچايل رنگين منظر، ويساهہ ڪان ٻاهر نظارا هوش حواس ٻہ سات ڇڏيو وڃن!‘ ويساهہ، ڪويساهہ اميد، نااميد آس جا ويڙها اڏيون ڇڏين ماڻهوءَ جي چوڦير، ايئن ئي جان ٻيبي اداس نراس شاهہ جو رسالو هٿ ۾ ڪنيو پڙهي رهي هئي.

لـوڏي لڪـين اڇـن، روءِ راڻـي جـي ناهـ ڪـو،
هيــڪ اڪيــون ٻيــا انگــڙا، پــر ۾ تــا پچــن،
سي ڪيئن مينترا مڇن، جي تو سوڍا سوريءَ چاڙهيون.

ڪــو اچـي مــون چــوءِ، تــہ اجهــو راڻــل آئيــو،
تہ پهـرين پيـرين تـنهن پُئـان، پـرينءَ گـڏجان پـوءِ،
ســوڍل ســانگ ســندوءِ، الله اورانهــون ڪــري،

هن اٿي ڪيسيٽ پليئر آن ڪيو:

جيئـري زيـارت جــي مــان هــوءِ پــرينءِ ســين،
جيئري زيارت......

شمو ڊوڙندي ڪمري ۾ گهڙي. خوشيءَ مان سهڪندي سهڪندي ٻڌايائين، ”جيجي جيجي، سائين طارق خان وارا آيا آهن.“

جان ٻيبي ٽپ ڏيئي پينگهي مان اٿي. سندس رئو پينگهي ۾ ئي رهجي ويو هو ۽ هوءَ مٿو اگهاڙو ايئن اٿي ڀيني جو شمو صفا

ڊڄي ويئي.

"ها جيجي، سائين طارق خان وارا آيا آهن... ٻاهر دهلن ۽ شرناين ملڪ مٿي تي کڻي ڇڏيو آهي... ٻڌ ٻڌ جيجي، هتي به پيو دهلن ۽ شرناين جو آواز اچي."

واقعي هتي به دهلن ۽ شرناين جو آواز اچي رهيو هو. جان بيبي ڇڻ خوشيءَ مان هوش وڃائي ويني هئي. 12 مهينن جو ڪرب ناڪ وڇوڙو، جنهن جي پل اپل ۾ اهڙيون هاجيڪار خبرون به پئي آيون ته جيل ۾ انهن تي تمام گهڻي سختي ۽ ٽارچر آهي ۽ سندن زندگيءَ جو به ڪو ڀروسو ناهي... ۽ هڪ ڏينهن جڏهن جان بيبيءَ ٻڌو ته، طارق خان جي زندگي قيد ۾ وڃي به سگهي ٿي ته هوءَ ته صفا ديواني ٿي ويئي هئي ۽ غائبانه طور پاڻ کي طارق خان جي مٿان گهوري صدقو ڪري خدا کان دعا گهري هئي ته سندس حياتي طارق خان کي ملي وڃي... سو هينئر هو پنهنجي حواسن ۾ نه هئي. ايئن ئي مٿو اگهاڙو ڊوڙ ڪري ڪمري کان ٻاهر نڪتي. نور بيبي ۽ سندس ڌيئن به طارق خان وارن جي اچڻ جو ٻڌو هو. اهي جان بيبي کي ههڙي چرين جهڙي حالت ۾ ڏسي هڪ ٻي ۾ نهاري مشڪڻ لڳيون. نور بيبيءَ خار مان چيو، "امان، پاڻ کي سنڀال... دنيا ڇا چوندي؟ طارق خان ٻارن ٻچن گهر ۽ زال وارو آهي. خوش ٿين ته اهي پلي ٿين، آپي مان نڪري، هوش وڃائي ته پلي شهناز وڃائي جنهن جي چوٽي الله ٽڏي ڪئي آهي. جنهن جي سر جو تاج ۽ سهاڳ ڏٽيءَ صحيح سلامت بچائي گهر آندو آهي. ور لاءِ وريتيءَ کي ايئن هئڻ گهرجي جيئن هينئر تون آهين. تنهنجي سر جو تاج، تنهنجو ور ته مير محمد آهي، جنهن کي پڇين به نٿين."

طارق خان جي آزاديءَ تي جان بيبيءَ جي بيمثال خوشي ڏسي نور بيبيءَ سيئي پنهنجا اڳيان پويان خار لاهي رکيا. جان بيبي کين ايئن ڏسڻ لڳي ڄڻ هوءَ دشمن جي مورچي ۾ اچي ويئي هجي جتي چهڪن ۽ چاڪن جا فائر مٿس کلي ويا هجن، هوءَ صفا وائڙي ٿي ويئي ۽ طعنن جي مينهن ۾ ڀُسجندي، ڀڄندي پنهنجي پناهه گاهه پنهنجي ڪمري ڏانهن وڻي ڀڳي. پويان نذيران ۽ وزيران ايئن

وات ڦاڙي ٺهڪ ڏيڻ لڳيون جيئن ٻار چرئي کي پٽر هٽي خوش ٿيندا آهن (اهي ٻه ڪيچرا ٻار) جان ٻيبيءَ جي ڪمري ۾ سندن وات ڦاٽا ٺهڪ چٽرن ٺوڪن جا تير ٿي برسڻ لڳا. شموءَ جي اکين ۾ ڏک منجهان هنجون تري آيون جيڪي لڪائي هوءَ جان ٻيبي جي ڪمري ۾ آئي. جان ٻيبي اوچنگارون ڏيئي روئي رهي هئي. شمو ڏک مان ٻس، ماٺ ماٺ سندس پني تي هٿ ڦيرائي ماٺ ڪرائڻ لڳي. جان ٻيبي هڪدم اٿي ۽ تيار ٿي شموءَ سان گڏ ڪمري کان ٻاهر نڪتي ۽ ٻاهرين گيٽ ڏانهن وڌي ته نور ٻيبيءَ چيو، "ڪيڏانهن ٿي وڃين ڏيءَ؟"

جان ٻيبيءَ بنا نهارڻ جي پنيري ئي جواب ڏنو، "زيبوءَ جي گهر ٿي وڃان!"

نذيران نڪ کي موڙو ڏيئي صفا آهستي چيو، "جڻ طارق خان هيڏن هجومن مان سندس لاءِ زيبوءَ جي گهر ايندو! جو هيءَ زال سينگارجي ڪنوار بنجي ٻيئي وڃي."

نذيران جا لفظ جان ٻيبيءَ ڄڻا ئي ڄڻا ٻڌي ورتا. لاپرواهيءَ مان شموءَ سان گڏجي اڳيان ٻه وکون ڪنيائين ته نور ٻيبي چيو، "امان، اسين ٺهيو پڇڻ جي لائق ناهيون پر پنهنجو حق نڪاحي مڙس اٿئي ان کان ته پڇي ويندي ڪر؟"

جان ٻيبيءَ نرڙ ۾ گهنج وجهي چيو، "هئو ماسي، تنهنجون ڌيئرون ٻه حق نڪاحي مڙسن کان موڪلائي ٿيون جيڏانهن تيڏانهن وڃن. مڙسن جي موڪل سواءِ وک ٻه نٿيون ٻاهر ڪڍن!!"

شموءَ کي وٺي جو ڪل آئي اها نور ٻيبيءَ جي ڊپ کان جهلي، لڪائي گيٽ کان ٻاهر نڪتي ۽ کي، کي ڪندي ڪلندي جان ٻيبيءَ سان گڏجي زيبوءَ جي گهر پهتي. زيبو جان ٻيبي کي ڏسي خوشيءَ مان ڊوڙ ڪري ڀاڪر پائي ساٽس ملي.

"لک لک مبارڪون هجنئي جاني، طارق خان جي اچڻ جون."

جان ٻيبي نهال ٿيڻ لڳي. بي اختيار زيبوءَ کي چمي ڏيئي ورتائين. زيبو ڪيس حيرت مان ڏسڻ لڳي.

"ها زيبو، تون چميءَ جي لائق آهين. تو مون کي طارق خان

جي اچڻ جون مبارڪون ڏنيون آهن. نہ تہ گهر ۾ تہ مون لاءِ طعنن جا طوفان هئا جن کان بچڻ لاءِ تو وٽ آئي آهيان“

زيبو ڪيس ڏک مان ڏسڻ لڳي ۽ شموءَ ڪيس سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو.

طارق، خان ۽ سڪندر خان جي اچڻ جي خوشيءَ ۾ سڀئي پنهنجا پرايا راڄ اچي مُچ ٿيا هئا. محفلون لڳي ويون هيون. زيبو چيو، ”جاني، طارق خان جي گهر هلنديءَ مبارڪون ڏيڻ؟“

جان بيبي چرڪي پيئي شموءَ چيو، ”جيجي جانل ايئن ڪيئن اوڏانهن ويندي!“

”پوءِ ڪيئن ويندي؟“

جان بيبي آهستي چيو، ”ٻڌ زيبو، سياڻي ٿائين امان ۽ بابا وارا بہ اچي ويندا. آءٌ انهن سان گڏجي وينديس يا تہ ماسي نور بيبي سان گڏجي وينديس.“

”ڪيڏيءَ مهل؟“

”رات جو.“

”رات تہ هاڻي اچي ٿي آهي.“

جان بيبيءَ پنهنجي ٻانهن تي ٻڌل واچ ۾ نهاريو تہ رات جا 9 ٿي رهيا هئا. ”اوهہ، واقعي گهڻو ٽائيم ٿي ويو آهي. هاڻي آءٌ هلان ٿي.“

زيبوءَ کلي چيو، ”ايئن ڪيئن ويندين؟ ماني تيار آهي ڪائي پوءِ وڃ.“

”نہ نہ، هينئر تہ صفا بک ڪانهي.“

”خوشيءَ مان بک مري ويئي آهي!“

جان بيبيءَ چادر مٿي تي پائي هلڪو ٽهڪ ڏيئي چيو، ”ها، واقعي خوشيءَ مان بک مري ويئي آهي.“

”السلام عليڪم.“ طارق خان جو خوبصورت ڳنڀير آواز آيو. جان بيبيءَ چرڪي سامهون نهاريو. طارق خان کي ڏسي هوءَ غيريقيني انداز ۾ ڪيس ڏسڻ لڳي.

”ها، مان آهيان! ويساهہ نٿو اچي ڇا؟“

طارق خان جو ايترو چوڻ، جان بيبي ڊوڙ ڪري اچي ساڻس ياڪر پائي چنبڙي پئي. طارق خان بہ بنا ڪنهن پرواھ ڪرڻ جي ڪيس زورائتا ياڪر پائي پاڻ ۾ لڪائي ڇڏيو.

زيبو ۽ شمو ٻئي ڪمري کان ٻاهر نڪري ويون. طارق خان ۽ جان بيبي ٻئي هڪ ٻي جي چيلھ تان ٻانهون ورائي ياڪر ئي ياڪر ۾ اچي پلنگ تي وينا. جان بيبي مسلسل ڪيس ڏسي رهي هئي.

شــڪر گڏياســون ســپرين، جيئــري جــاني يــار،
وينـــي جـــن وٽ ۾، ڪـــوڙين ٿيـــا قـــرار،
ڏٺـــي ڪـــرم ڏار، پـــاڙون تـــن پـــرين ســين.

جياســـون جـــوڙ تـــي، نـــانگو ڏنوســين نــت،
چونچــو هـــو چـــت، ڪلـــي ســو بـــاغ ٿيـــو.

جان بيبي کي ڏسڻ مان ڊءُ ئي نٿي ٿيو. سڄي سال کان پوءِ هن پنهنجو پهريون پيار ڏٺو هو، پنهنجي زندگيءَ ۾ اچڻ وارو پهريون مرد، جنهن جي پهرين ئي ڪڙڪي تي دل ۾ چيريون چمڪي پيون هيون، جنهن سندس دل ۾ حرارت پيدا ڪئي هئي.

طارق خان ڪيس پنهنجي وڌيڪ قريب ڪندي مشڪي چيو، ”چا پيئي ڏسين جاني، يقين نٿو اچي چا اجان تائين؟“

”اهو منهنجو يقين ئي هو جنهن من کي ڌهڻ نہ ڏنو!“

طارق خان سندس هٿ کي جهلي چمي ڏيندي چيو، ”ڪيئن آهين جان، چا هيترا ڏينهن مون کان سواءِ بہ جيئري رهي سگهينءَ؟“

”جيئري آهيان تڏهن تہ تنهنجي اڳيان زنده سلامت ويني آهيان.“

”مون کي تہ ماري وڌو اٿئي جانان، لمحو لمحو تنهنجي يادن جي نيهرن ۾ بڌل هئس حقيقي قيد ۽ نيهر تہ برداشت ڪري تي سگهيس پر تنهنجي ياد جا نيهر تڙپائي ٿي ويا. بيڪار بي ڪمو ڪري ڇڏيو اٿئي. هڪ پل بہ وسارڻ تہ چا پر ياد کي جهڪو ۽ هلڪو ڪري بہ نٿي سگهيس.“

جان بيبي طارق خان جي ڪليل اعتراف اڳيان سرشار ٿيڻ لڳي... سندس ڪلهي تي ڪنڌ رکي ڳل سان ڳل لائي چيائين، ”تون شايد اهو سوچيندو هوندين تہ ان اڙانگي سفر سان تنها رڳو تون ٻڪين پيل آهين، پر مان بہ تہ لمحو لمحو، پل پل توسان همسفر هيس. توسان گڏ تہ ڪيئي احساس هوندا حوصلو ڏيڻ لاءِ پر مون وٽ تہ ڪجهہ بہ نہ هو!“

”چو، ڇا اهو احساس توڪي حوصلو ڏيڻ لاءِ ڪافي نہ هو تہ هي (پنهنجي ويڪري ڇاتيءَ تي هٿ رکي) هيڏو سارو وجود دل و جان جي سچاين سميت تنهنجو آهي. هينئر بہ خبر اٿئي. آءٌ ماڻهن مان ٿمٿار، پريل اوطاق ڇڏي صرف تولاءِ آيو آهيان! مون کي خبر هئي تہ تون هتي منهنجو انتظار ڪندي هوندينءَ.“

جان بيبي هيترن اعترافن اڳيان، جن جو هن ڪڏهن تصور بہ نہ ڪيو هو (يا شايد ڪيو هيائين) حيرت زده هئي اڳ هن ڪيترو چاهيو هو، ڪيڏو من ئي من ۾ پاڪاريو هو تہ، اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو جڏهن طارق خان رڳو منهنجي لاءِ ايندو! اڄ اهوئي ڏينهن آيو آهي جو طارق خان خاص جان بيبي لاءِ آيو هو. هوءَ نهايت جذباتي ٿي رهي هئي. پنهنجو مٿو سندس ويڪري ڇاتيءَ تي رکي سڏڪي پئي. طارق خان ڇرڪي هڪدم سندس گهرن وارن ۾ جهلي سندس چهرو مٿي ڪري سندس چپن تي پنهنجا چپ رکي ڇڏيا! هو پاڻ بہ ڏاڍو جذباتي ٿي رهيو هو. وڇوڙي ۾ دورين ڪيس بہ هارائي وڌو هو!

”چو جاني، روئين چو ٿي. ڇا توکي منهنجي محبتن تي شڪ آهي. خبر اٿئي تہ محبت ڇا آهي؟“

”نہ، مون کي ڪابہ خبر ناهي تہ محبت ڇا آهي. منهنجي نظرن ۾ تہ محبت تنهاين ۾ تڙپڻ جو نانءُ آهي... سچ بہ تنهائيون ماڻهو کي فنا ڪري ڇڏينديون آهن، اڏوهيءَ جيان مٽي ڪري ڇڏينديون آهن ۽ ماڻهوءَ جي پنهنجي عزت، حيثيت، وقار سڀ مٽيءَ ۾ ملي مٽي ٿي ويندا آهن. اهو مون سال جي تنهائين ۾ هيڪل گهاري ذاتي تجربو ڪيو آهي تہ محبت ڪا مند ناهي جيڪا هر پل

بدلجندي رهندي آهي، محبت هڪ احساس آهي جيڪا ڄاڳري ٻير جي ڏنگر جيان انگڙا هٽي رهڙي سڄي زندگي پنهنجي هئڻ جو احساس درد جي صورت ۾ ڏيندي ۽ محسوس ڪرائيندي ٿي رهي. محبت روح جيان لافاني آهي. ان ڪان وڌيڪ آءٌ ڪجهه به نٿي ڄاڻان.“

طارق خان انتهائي خوبصورت جان بيبيءَ جي بيحد حسين ذهن تي حيرانيءَ مان ڪيس تڪي رهيو هو.

”چو جان، چو پلا، ايتري مايوس چو آهين؟“

”مايوسي ماڻهو پاڻ تي پاڻ نٿو طاري ڪري. پر اها پاڻمرادو ئي حالتن سان صلاح ڪري ايندي آهي... منهنجون حالتون، اهو گهر جتي مان رهان ٿي ۽ ان گهر جا ڀاتي اهي سڀ مون کي مايوس بنائڻ جو ڪارڻ آهن. بلڪ انهن جو ارادتن مون سان رويو مون کي اذيت ڏي ٿو... اهوئي سبب آهي جو مان مايوس آهيان.“

طارق خان تڙپي پيو. هو پاڻ به ته گهائل مان اتيت هو، محسوس ڪري ٿي سگهيو جان بيبي جي حالت، هن پيار مان سندس جهڪيل مٿي ۽ خوبصورت وارن ۾ پنهنجون آڱريون ڦاسائي ٻي هٿ جي آڱر سندس ڪاڏيءَ هينيان رکي سندس چهرو مٿي ڪيو هوءَ روئي رهي هئي. طارق خان آهستي چيو، ”نه روءُ جاني، ڄاڻان ٿو ته تنهنجو ڏوهه آهي نه منهنجو... هي ڪنهن ٻي جو ڪيل جرم آهي جنهن جي سزا اسين ٻئي برداشت ڪري رهيا آهيون... بلڪ ڀوڳي رهيا آهيون... رات گهٽي پيئي ٿيئي. ماڻهو منهنجو انتظار ڪري رهيا هوندا...“

سندس اکين ۾ نهاري مشڪي پنهنجي رومال سان سندس لڙڪ اگهي چيائين، ”اسين وري به پنهنجي پيار ۽ محبت جي فلسفي تي ڳالهائينداسين، پر تنهنجي اطمينان لاءِ اهو ضرور چوندس ته جڏهن ڪان توسان مليو آهيان مون پنهنجي شادي شده زندگيءَ جي سيني سالن ۾ لمحي لاءِ به توکي پاڻ ڪان ڌار ڪرڻ جي باري ۾ نه سوچيو آهي. فقط ان لاءِ ته توکي مون سان پيار آهي.“

جان بيبي گهري عقيدت ۽ محبت مان طارق خان کي ڏنو ڇڻ سندس اکين ۾ پاڻ لاءِ پيار ڳولڻ ۽ پڙهڻ چاهيندي هجي ۽ ايئن ڪندي سندس اکيون جن نظرن سان ٽڪرايون انهن ۾ گهڻي وقت کان پوءِ تپش ۽ اوپرائپ بدران قرار ۽ پنهنجائپ هئي جيڪا محبت جو اهڃاڻ آهي. طارق خان اٿيو ته هوءَ به اٿي بيني. بئي هڪ ٻي جي آمهون سامهون بيٺل هئا ٻنهي جا هٿ هٿن ۾ جهليل هئا. ٻاهران شموءَ کنگهڪر ڪئي، در کليو ۽ نذيران اندر داخل ٿي. هو ايئن ئي بيٺل هئا. رڳو هڪ ٻي جا هٿ ڇڏي ڏنائون. جان بيبيءَ کي الائي ڇو نذيران تي چڙ آئي، "ڇا آهي نذيري؟"

نذيران کي طارق خان جي موجودگيءَ جو احساس هو سو ٺهڪ ڏيئي چيائين، "ادا طارق خان سان ملڻ سندس گهر ويا هئاسين سيئي... اتي نه هو، چيائون ته اوطاق ۾ آهي پوءِ خبر پئي ته اوطاق مان به اٿي ويا آهن. منهنجي دل چيو ته زيبوءَ جي گهر ۾ هوندا."

طارق خان کلي چيو، "واقعي اتي جيڪر تنهنجي ملاقات طارق خان نه ٿي سگهي ها ڇو جو طارق خان هتي آهي."

نذيران ساڻس ڪيڪاري چيو، "الله سائين اوهان کي خيريت سان واپس آندو."

"هاڻي آءٌ هلان ٿو."

ايئن چئي طارق خان ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو. نذيران چيو، "جاني، ڪو ته ماڻهوءَ ۾ شرم حيا هئڻ گهرجي!"

"اوهان وٽ ته شرم ۽ حيا جا ڏوڏا آهن ايئن نه؟"

جان بيبي ڪيس بلڪل عام نموني جواب ڏنو. ڇڻ نذيران کيس طارق خان سان نه پر مير محمد سان گڏ آڌيءَ رات جو ڏنو آهي.

"پوءِ به ڪجهه ته هئڻ گهرجي... تون پنهنجو نه سهي طارق خان جو ته خيال ڪر، هو عام ناهي جيئن تون کيس هينئن زيبوءَ جي گهر سڏائين ٿي! اتي وڃي ڏس ته سهي ڪيڏي دنيا آئي آهي.

وڏا وڏا سردار ۽ عام ماڻهن جيان هار ۽ مناپون ڪٽي آيا آهن مبارڪون ڏيڻ لاءِ."

"مون کيس هتي نه سڏايو هو."

"پوءِ هو هيڏن ماڻهن کي ڇڏي هتي زيبوءَ سان ملڻ ايو هو؟"

"ملڻ ته مون سان ئي آيو هو، پر مون نه گهرايو هئس ۽ اهائي وڏي ڳالهه آهي."

جان بيبيءَ نهايت خماريل لهجي ۾ چيو ته نذيران چرڪي کيس ڏٺو. جان بيبي کيس نشي ۾ ٻڏل لڳي رهي هئي. هن زيبوءَ سان موڪلايو ته زيبوءَ چيو، "نه جاني نه، تو ته ماني به نه کاڌي آهي."

"ماني ته پلي هاڻي آءٌ سڄو هفتو نه کاوان!"

"پوءِ به جاني، آڌيءَ رات جو رڳو شمو سان اڪيلي وڃڻ نه ڏينديس پلي سليم جو پيءُ اچي، پوءِ ٻئي گڏجي توکي گهر ڇڏڻ تا هلون!"

"شمو به چوين ٿي ۽ اڪيلي به چوين ٿي! آڌيءَ رات جو نذيران به ته اڪيلي آئي آهي مون سان ته پوءِ به شمو گڏ آهي."

نذيران فخر مان چيو، "منهنجو ته هي پنهنجو گهر آهي جيڏي مهل اچان، جيئن اچان منهنجي مرضي آهي."

زيبوءَ خار مان چيو، "هي گهر ته تنهنجو پنهنجو آهي پر رستا ۽ ڳليون ته تنهنجا پنهنجا ناهن جتان تون آڌيءَ رات جو اڪيلي اچين وڃين ٿي، هينئر به ته تون ادا طارق خان جي گهران پيئي اچين ۽ اهو ته ڪيترو پري آهي... مرد به اڪيلا مس اچن!!"

زيبوءَ جي ٽوڪ تي نذيران پڙڪي پيئي، "ها ها، آءٌ ته رستن ۽ ڳلين ۾ عشق ڪندي وتان ايئن نه؟"

زيبوءَ نذيران کي نظرانداز ڪري جان بيبيءَ کي ٻانهن کان جهلي وٺي ويندي چيو، "هل جاني، مان ۽ سليم تا توکي گهر ڇڏي اچون."

هن پنهنجي 10، 11 سالن جي پٽ ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

جان بيبي جيڪا طارق خان جي پيار جي نشي ۾ الوٽ هئي ان زيبوءَ سان گڏجي ويندي سوچيو، 'آءٌ تنها ڪٿي آهيان، پرينءَ جو پور جو مون سان گڏ آهي. هي رستا ۽ ڳليون تہ ڇا، آءٌ ڪائنات ڪي لتاڙي وڃڻ جي بہ سگهہ رکان ٿي.'

ٻري تہ ٻيلي گهٽا، سائي پڇي سڪ،
رفاقت رجن ۾، ڏونگر ڪاري ڏڪ،
آريءَ جو اهڪ، مون رهنما راه ٿيو.

# باب اٺاويهون

ممڻ تہ خير تڏهن کان ئي متل هو جڏهن نذيران، جان بيبي ۽ طارق خان کي هٿ هٿن ۾ جهليندي ڏٺو هو. پوءِ ان ۾ لاٽ بدران جيئن پوءِ تيئن واڌ ايندي ويئي. تان جو حمل خان، امير بيبي، ستار ۽ جبار جيڪي طارق خان ۽ سڪندر خان کي سندس آزاديءَ جون مبارڪون ڏيڻ آيا هئا اهي جڏهن ڳوٺ وڃڻ لاءِ تيار ٿيا تہ جان بيبي بہ ساڻس گڏ هلڻ لاءِ اٿي بيٺي. امير بيبيءَ چيو، "پٽ، هينئر تون ويهہ، مير محمد ڪونهي پلي اچي پوءِ تون ساڻس گڏجي اچجين."

جان بيبي روئيندي چيو، "نہ امان، هتي تہ منهنجو هاڻي ساهہ ٿو منجهامي، هانءُ ٿو ڦاٽي، مون کي وٺي هلو نہ تہ آءٌ مري ويندس!"

سيئي ڇرڪي پيا. ستار سندس منهن ۾ چتائي ڏسي جبار کي چيو، "جبار، جانيءَ جو حال تہ ڏسين ٿو نہ؟"

"ها."

"ڪيڏي ڪمزور ٿي ويئي آهي!!"

حمل خان ڏک مان چيو، "صفا ڳري ويئي آهي، اکين جا تارا بہ ڪارا ٿي ويا اٿس."

امير بيبي ڄڻ مجرم هجي. ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺي هئي. نور بيبيءَ ڪمري ۾ ايندي، حمل خان جا لفظ ٻڌي ڇڏيا هئا، "ادا، اسان وٽ جانيءَ کي نڪو ڏک آهي نڪو بک. الائي ڇو جيئن هتي آئي آهي، هن گهر کي پنهنجو گهر سمجهي ئي نٿي."

جبار چڙي چيو، "ماسي، رهي تہ پيئي آهي، پوءِ گهر کي ڪيئن نٿي پنهنجو سمجهي؟ گهر کي مٿي کلهن تي کڻي تہ پوءِ؟"

ستار چيو، "ماسي، سئو ڳالهين جي هڪڙي ڳالهہ، جانيءَ جو

حال تون پاڻ پنهنجي اکين سان ڏسي پوءِ انصاف جو فيصلو ڪر ته، جاني جهڙي اسان وٽ هئي اهڙي ٺي آهي؟“

نذيران ۽ وزيران طاهره سان گڏ ٿهڪ ڏينديون ڪمري ۾ آيون. طاهره ٻاڙهي ڳٽ لڳي پيئي هئي. خوشي ۽ رت سندس منهن مان ٽمي رهيا هئا. جان بيبي سڏڪن سان روئي رهي هئي. جبار جي نڙيءَ جون رڳون تاڻجي ويون.

”ڏک ۽ سک جو فرق نٿا سمجهي سگهون ته جاني ۽ طاهريءَ کي پيٺي ڏسو؟“

جبار جي چوڻ تي نور بيبي ۽ سندس ڌيئرن جي منهن جا پنا لهي ويا. ستار چيو، ”لڙڪ ۽ سڏڪا مڙيئي سڙيئي نٿا اچن! اهي اندر کي چيري زخمي ڪري سچو رت ست ساڻ ڪٽي ٿا نڪرن! جنهن مهل ڪان اسين آيا آهيون جاني يڪو پئي روئي ۽ طاهريءَ کي ڏسو، ڪل مان ڏاپي ٺي نٿي. اسين ارها ناهيون خدا ڪيس خوش ڪري.“

نور بيبيءَ مشڪي طاهره کي ڀاڪر پائي چمي ڏيندي چيو، ”منهنجي طاهري ته آهي ٺي ڪل راڻي.“

امير بيبيءَ جو چهرو ڏک مان زرد ٿي ويو. هوءَ پاڻ تي انتهائي ضبط ڪري رهي هئي. آهستي چيائين، ”ادي، لڙڪ ۽ مرڪ ٻه ڌار منزلون آهن. نيڪ آهي... جيڪو جنهن جو ڀاڳ! منهنجي جانيءَ کي لڙڪ مليا ۽ تنهنجي طاهري کي مرڪ ملي سنو فيصلو ٿيو... انصاف ٿيو.“

سڏڪندڙ جان بيبي جي مٿي تي چمي ڏيئي، ”پٽ، هينئر جي اسين توکي وٺي ويندا سين ته مير محمد پائيندو ته مائٽ سگهه سان وٺي ويا آهن. حالانڪ نور بيبي موڪل ڏيئي ٿي سگهي پر نهيو جيڪا انهن جي مرضي... تون مير محمد سان گڏجي اچجين!“

امير بيبي کي جان بيبي سان ڳالهائڻ ڪيس دلداري ڏيڻ لاءِ لفظ ملڻ مشڪل ٿي ويا هئا ۽ جڏهن سيئي موڪلائڻ لڳا ته جان بيبي اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. طاهره خوش خوش پنهنجو سوٽ ڪيس ڪٽي آئي ته جبار چيو، ”تون پلي رهي پئو، آءٌ توکي وري اچي وٺي ويندس!“

نور بيبيءَ جي منهن تي چڻ هيڊ هارجي ويئي. طاهره بہ خوفزده ٿي ويئي. نذيران ۽ وزيران حيران ۽ پريشان هيون. امير بيبيءَ جبار کي چڙٻ ڏني، ”طاهري هتي ڇو رهي پوي هيءُ تہ سندس گهر ڪونهي، سندس گهر تہ هُتي آهي.“ ۽ طاهره ۾ نهاري جيڪا هڪ ئي لمحي ۾ بيحال ٿي صوفي تي ويهي رهي هئي ۽ هلڪي هلڪي سڏڪي بہ رهي هئي. چيائين، ”اٿي امان، اٿي هل.“

سيئي افسرده افسرده ۽ انهرا هليا ويا. جان بيبي شموءَ سان گڏجي پنهنجي ڪمري ۾ آئي ۽ ڪمري جو دروازو بند ڪري ڇڏيائين.

نور بيبي پنهنجي ڌيئرن سان گڏجي پنهنجي ڪمري ۾ آئي تہ نذيران چيو، ”امان، جبار کي ڏنو هيئي، ڄڻ پرائو هجي.“

”ها امان، آءٌ تہ ان مهل صفا ڏڄي ويئي هيس جڏهن هن طاهريءَ کي چيو تہ پلي رهي پئو.“

وزيران ۽ نذيران ماءُ سان سس پس ڪرڻ لڳيون. وزيران چيو، ”امان، جيجي حليمان کان جيئن ادا مير محمد لاءِ ڪتمني پڙهائي آندي هيئي تيئن ئي ادا جبار لاءِ بہ آڻ نہ!“

”جبار لاءِ بہ تہ گڏ ئي آندي هيم. طاهريءَ کي ڏني هيم پوءِ الائي جبار کي کارايائين ڪي نہ!!“

نذيران خار مان چيو، ”طاهري تہ آهي ئي اهڙي... صفا سست.“

وزيران چيو، ”ماسي اميران تہ الائي ڪهڙا ملان لڌا آهن جو مڙس ۽ پٽ سيئي ٻڌل اٿس.“

”ڏوڙ ٻڌل اٿس. مهراب خان تو هاٿي هٿن مان وڃينس، تنهن کي رڳو جهلي؟“

نور بيبيءَ جي واتان، ڏک مان اها ڳالهہ نڪري ويئي جيڪا ڪيس پيٽ ڪري امير بيبيءَ ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائڻ واري وعدي تي ٻڌائي هئي. نذيران ۽ وزيران جا وات حيرت مان ڦاٽي ويا.

”ڇا؟“

”هئو، ادي اميران مون سان ڳالهہ ڪئي.“

نذيران هٿ مٿي ڪڻي چيو، ”خدا ڪري تہ ادا مهراب خان شادي

نور بيبيءَ جي منهن تي چٹ هيڊ هارجي ويئي. طاهره به خوفزده ٿي ويئي. نذيران ۽ وزيران حيران ۽ پريشان هيون. امير بيبيءَ جبار کي چڙٻ ڏني، ”طاهري هتي ڇو رهي پوي هيءُ ته سندس گهر ڪونهي، سندس گهر ته هُتي آهي.“ ۽ طاهره ۾ نهاري جيڪا هڪ ئي لمحي ۾ بيحال ٿي صوفي تي ويهي رهي هئي ۽ هلڪي هلڪي سڏڪي به رهي هئي. چيائين، ”اٿي امان، اٿي هل.“

سيئي افسرده افسرده ۽ انهرا هليا ويا. جان بيبي شموءَ سان گڏجي پنهنجي ڪمري ۾ آئي ۽ ڪمري جو دروازو بند ڪري ڇڏيائين.

نور بيبي پنهنجي ڌيئرن سان گڏجي پنهنجي ڪمري ۾ آئي ته نذيران چيو، ”امان، جبار کي ڏنو هيئي، ڇٹ پرائو هجي.“

”ها امان، آءٌ ته ان مهل صفا ڏجي ويئي هيس جڏهن هن طاهريءَ کي چيو ته پلي رهي پئو.“

وزيران ۽ نذيران ماءُ سان سس پس ڪرڻ لڳيون. وزيران چيو، ”امان، جيجي حليمان ڪان جيئن ادا مير محمد لاءِ ڪتمني پڙهائي آندي هيئي تيئن ئي ادا جبار لاءِ به آڻ نه!“

”جبار لاءِ به ته گڏ ئي آندي هيم. طاهريءَ کي ڏني هيم پوءِ الائي جبار کي ڪارايائين ڪي نه!!“

نذيران خار مان چيو، ”طاهري ته آهي ئي اهڙي... صفا سست.“

وزيران چيو، ”ماسي اميران ته الائي ڪهڙا ملان لڌا آهن جو مڙس ۽ پٹ سيئي بڌل اٿس.“

”ڏوڙ بڌل اٿس. مهراب خان تو هاٹي هٿن مان وڃينس، تنهن کي رڳو جهلي؟“

نور بيبيءَ جي واتان، ڏک مان اها ڳالهه نڪري ويئي جيڪا ڪيس پيٹ ڪري امير بيبيءَ ڪنهن کي به نه ٻڌائڻ واري وعدي تي ٻڌائي هئي. نذيران ۽ وزيران جا وات حيرت مان ڦاٽي ويا.

”ڇا؟“

”هئو، ادي اميران مون سان ڳالهه ڪئي.“

نذيران هٿ مٿي ڪٺي چيو، ”خدا ڪري ته ادا مهراب خان شادي

۾ زور ڏيئي رهي هئي. مير محمد ايندي ساڻ چيو، "شمو، تون ڪمري کان ٻاهر نڪر!"

"سائين، جيجي جانل کي متي ۾ ڏاڍو سور آهي."

"نيڪ آهي، پر تون ٻاهر وڃ!"

شمو ٻاهر نڪتي تہ مير محمد جان بيبيءَ ۾ نهاريو جيڪا اکيون بند ڪري پلنگ تي ليٽيل هئي. "ماسي وارن سان گڏ تون بہ ويئينءَ تي ڇا؟"

"ها."

"ڇو؟"

"بس."

"بس ڇا، هتي تنهنجي دل مڙيئي نٿي لڳي!!"

"................"

"تون ڀلا چاهين ڇا ٿي؟"

"............."

"ٻڌين نٿي ڇا؟"

"ٻڌان پيئي."

هن منهن تي آيل پنهنجا ڀنيا وار پنيان هٽائي چيو تہ متي ۾ سور هئڻ جي ڪري سندس چهري تي تڪليف مان گهنج پئجي ويا جيڪي مير محمد کي بيزاريءَ جا لڳا. هن ڪاوڙجي چيو، "پوءِ جواب ڇو نٿي ڏين؟"

"ڪهڙو جواب ڏيان. مان ڇا ٿي چاهيان، تون وٽ ان جو ڪهڙو جواب آهي؟"

"هاڻي تون زيبوءَ جي گهر نہ ويندينءَ!!"

مير محمد پنهنجي پر ۾ ڳجهو هٿيار آزمايو ۽ سمجهيو هو تہ هوءَ ان روڪ تي آپي کان ٻاهر نڪري ويندي، پر جان بيبي نهايت نارمل انداز ۾ چيو، "نيڪ آهي، نہ وينديس."

"تون ڀلا اوڏانهن ويندي ڇو آهين؟"

"............"

"جواب ڇو نٿي ڏين؟"

”ان لاءِ تہ گھر جي گھٽ ۽ ٻوسٽ مان نڪري ڪجھ لمحن جي لاءِ تازي هوا ۾ ساھ کڻان.“

”اتي تازي هوا ڪنهن مان ايندي اٿئي؟“

”ڪنهن مان بہ، پر ايندي ضرور اتم.“

”هتي ڪهڙي گھٽ ۽ ٻوسٽ آهي؟“

”هتي طعنن، ٽوڪن ۽ بهتانن جو جيڪو دونهون آهي. ان ۾ منهنجو ساھ ٿو گھٽجي ۽ ٻوساٽجي.“

”ان دونهين کي هٽائين ڇو نٿي صفائي ڏيئي؟“

هن مير محمد ۾ نهاري مشڪي چيو، ”ڪنهن جي اڳيان صفائي پيش ڪريان، نذيران ۽ وزيران اڳيان، يا تو ۽ ماسيءَ جي اڳيان؟ جيڪي ڪجھ ڏسو ۽ ٻڌو ٿي ٿا بس جيئن هو ڇون ٽيون اهوئي ٻڌو ۽ سمجھو ٿا!“

”ڇا ٽيون اهي ڇون، ڇا تو آءٌ سمجھان؟“

”اها توکي خبر هوندي.“

”ڏس جاني، آءٌ انڌو ناهيان. تون جيئن آئي آهين هن گھر کي پنهنجو ئي نٿي سمجھي. ڪابہ دلچسپي ناهي توکي هن گھر ۽ گھر جي ڀاتين سان.“

”هن گھر جي ڀاتين جي تہ وڏي دلچسپي ۽ چاھ آهي مون سان، ايئن نہ؟ آءٌ هن گھر ۽ گھر ڀاتين سان ڪيئن ڀلا واسطو نٿي رکان؟ ٻڌاءِ تہ سهي! مان جڏهن کان هتي آئي آهيان سدائين مون سان اوپرن جيان هليا آهيو سيئي تو سميت! پر پوءِ بہ مان گھر سان واسطو رکيو آهي! مان هتي آيس تہ گھر جي صورتحال ابتر هئي. تنهنجي ڀيڻين کي سواءِ گھمڻ ڦرڻ ۽ فيشن ڪرڻ جي ٻيو ڪو ڪم ڪار نہ هو. مون هن گھر جي حالت سڌاري. تنهنجون ٻئي ڀيڻيون جيڪي مون کان عمر ۾ گھٽيون وڏيون هيون ۽ ڪنواريون هيون انهن جون شاديون ڪرايم، ان جي باوجود طعنا ٿا ملن تہ گھر سان دلچسپي ناهي. ٻيو تہ نهيو پر اڄ گھر ۾ جيڪي گل ٻوٽا آهن، گلاب ۽ موتيا ٿا ڪڙن اهي بہ تہ مون پاڻ پنهنجي هٿن سان لڳايا آهن. باقي تنهنجون ڀيڻيون پنهنجن مڙسن

سان نتيون نهن تہ اها منهنجي زميداري يا ڪوتاهي ناهي.“

”بڪواس نہ ڪر، منهنجي پيٽن جا شگاڻ تي مون ڪي ڏين! تون پاڻ پنهنجي مڙس سان نهيل آهين؟“

جان بيبي ڪي الائي ڇا تي پيو هڪدم چڙي پيئي. ”مون سان گهٽو ڪاوڙجي ڳالهائڻ جي ضرورت ناهي. مان جهڙي بہ آهيان هن گهر ۾ رهي پيئي آهيان ۽ توسان گڏ هڪ ئي پلنگ تي سمهندي آهيان... انهن جيان هر هڪ جي پنيان ڏڪا نتي جهليان.“

مير محمد جو دماغ ڦري ويو! هڪدم جان بيبيءَ تي ڏڪن ۽ چماٽين جو وسڪارو لائي ڏنائين. شمو جيڪا دروازي جي ٻاهران ئي بيٺل هئي اها آوازن تي ڊوڙي اندر ڪمري ۾ آئي ۽ اهو ناقابل ويساهہ منظر ڏنائين جنهن جو ڪڏهن هن تصور بہ نہ ڪيو هو. هوءَ ڊوڙندي اچي مير محمد جي پيرن تي پيئي ”سائين، خدا جو واسطو اتوَ. ڇا ٿا ڪريو!“

مير محمد شموءَ کي ٺڏو هٽي ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو. جان بيبي پلنگ تي اونڌي منهن پيئي هئي. شموءَ ڊوڙي وڃي سندس منهن مٿي ڪنيو، جيڪو ڏڪن ۽ چماٽين جي ڪري لال گلال ٿي رهيو هو. جان بيبيءَ مٿو مٿي ڪٽي چيو، ”دروازو بند ڪر!“

شموءَ اٿي دروازو بند ڪيو. ٻئي حيران ۽ ماٺ هيون. ٿوري دير کان پوءِ ئي دروازي تي کڙڪو ٿيو. نور بيبي جو آواز هو. ”در کول!“

شموءَ جان بيبي ۾ نهاريو. ”نہ کولجانءِ!“

شمو حيرانيءَ مان ڪيس ڏسڻ لڳي. دروازي تي لڳاتار کڙڪا ٿيندا رهيا. نور بيبي جو ڪاوڙيل آواز شموءَ جي ڪن تي پيو، ”شمو، در ڇو نٿي کولين؟ کول در نہ تہ مير محمد کان تنهنجي سڻ ۾ ٻليون نہ وجهرايان تہ چئجانءِ!“

شموءَ خوفزده ٿي جان بيبي کي ڏٺو جنهن پنهنجي پريشان خشڪ اکين کي رهڙيو تہ متان انهن ۾ ڪو لڙڪ ڦڙو هجي ۽ سندس ڪمزوريءَ جي منادي گهمائي.

”جيجي، آءٌ در کوليان ٿي! انهن جو ئي ته گهر در آهي.“ شموءَ ڏجي چيو ته، جان بيبي مٿي کي هلڪو هاڪار ۾ ڏوڏيو ۽ شموءَ وڏي هڪدم دروازو کوليو ته نوربيبي مينهن واءِ ٿي ڪمري ۾ گهڙي، ”ڇا ٿيو آهي جاني، تون ۽ مير محمد وڙهيا آهيو ڇا؟“

”.............“

”ڏس پٽ، مڙسن سان هڪ جهڙائي ڪانه ٿي نهي نڪا ئي وات خوري ڪرڻ ٿي سونهين.“

”.............“

”مير محمد چيو آهي ته جانيءَ وٽ ادب صفا ڪونهي.“

(هونئن ته هوءَ مير محمد کي ميرل سڏيندي هئي پر مختلف حالتن ۾ هوءَ سندس سڄو نالو وٺندي هئي)

”.............“

”پٽ، مڙس ڪاوڙيا به آهن پر وري پرچي به پوندا آهن. مون کان پڇ، مون مير محمد جي پيءُ وٽ ڪهڙو وقت گذاريو هو. پوءِ به صبر ڪيم، بار جڻيم ۽ نڀايم هو ته هليو ويو ۽ اڄ آءٌ ٽڏي چتر تي ويٺي آهيان. ميرل به پي وانگيان سگهو آهي پر دل ۾ ڪجهه به ڪونه اٿس.“

”...................“

”ادي اميران جي گهر جون ٻانهيون ڏاڍيون ڏنگيون آهن. هي جيڪي واري واري سان تو وٽ ايندڀون آهن، آءٌ انهن ۾ به راضي ناهيان. هيءَ شمو به گهٽ ڪانهي مان ته ڇوان ٿي ته ڪيس به موڪلي ڇڏ ته راڄ ئي ٺري پوي.“

جان بيبيءَ پنهنجون ٽانڊا اکيون ڪٽي ڪيس ڏسي چيو، ”رڳو شمو جو آءٌ به هلي ٿي وڃان!!“

نور بيبيءَ کي هڪ ئي لمحي ۾ جبار جون اهي اوپريون ۽ کهريون اکيون ياد اچي ويون جن سان ڏسي هن طاهره کي هتي ئي رهڻ جو چيو هو. هوءَ صفا گهٻرائجي ويئي.

”نه پٽ نه، تون ڪيڏانهن ٿي وڃين، تنهنجو ته هيءُ گهر آهي.“

”گهر، هون۔ جتي منهنجي ڪا هجت ڪا اهميت ناهي!“

”ڇو تنهنجي اهميت ناهي، ڪهڙي توکي هجت ناهي!“

”ڇڏ ماسي اهي ڳالهيون ته پاڻ به سڀ سمجهين ٿي باقي هن گهر ۾ هڪڙو چانهه جو ڪوپ بنائڻ جي هجت به مون کي ڪانهي. شموءَ کي جي ڪنهن به چيز لاءِ موڪليان ٿي ته نذيران ۽ وزيران ڪيس رڏٽي مان لوڏي ٿيون ڪڍن!!“

”نذيري ۽ وزيريءَ کي ته آءٌ هينئر ٿي موچڙا هڻان... هي گهر تنهنجو آهي جيئڻ وٽيئي هار هور.“

نذيران ڪمري ۾ اچي چيو، ”جاني، ادا ميرل سان وڙهين آهين ڇا؟“

“............”

وزيران چيو، ”جانيءَ جو جواب به ڏاڍو مهانگو آهي نذيري.“

”هئو، مان ڄاڻان ٿي.“

نور بيبيءَ شموءَ کي ڏسي جيڪا حيران پريشان سيني کي ڏسي رهي هئي چيو، ”وڃ شمو، جانيءَ لاءِ سني چانهه ناهي آءُ.“

شموءَ جان بيبي ۾ نهاريو ته نور بيبيءَ ڪاوڙجي چيو، ”ايڏانهن ڪيڏانهن ٿي نهارين، آءٌ ته ڄڻ ڪتو آهيان تنهنجي اڳيان.“

جان بيبيءَ آهستي چيو، ”چانهه نه، شمو پاڻي پيار.“

سندس اندر ٻري رهيو هو. نور بيبيءَ ڪيس پاڪر پائي چمي ڏيندي چيو، ”پٽ، گهر ڦٽائبا ناهن، جوڙبا آهن.

جان بيبيءُ پاڻي پي نهايت چڙ مان چيو، ”ها ماسي، آءٌ گهر نه ڦٽائيندس! تون ڊڄ نه، دل جاءِ ڪر. آءٌ جبار سان ڳالهه نه ڪنديس ته هن مون کي ماريو آهي. تون خاطري رک ماسي، منهنجي ڪري تنهنجي طاهره تو وٽ موٽي نه ايندي. سندس گهر نه ڦٽندو. هاڻي مهرباني ڪري مون کي اڪيلي ڇڏ!“

جان بيبي جڏهن ڪاوڙبي هئي ته انهن جا نالا سڃا وٺندي هئي. هونئن به گهٽو ڪري اڌ نالو وٺڻ پيار جي علامت آهي. نذيران سندس ڳالهه تي نڪ کي موڙو ڏيئي چيو، ”اهڙي ڳالهه نه ڪر جاني، اسان کي طاهريءَ جو فڪر ڪونهي. هوءَ تو وانگر اودي بودي نٿي ڪري جو....“

نور بيبيءَ کيس ڏک ھٽي چيو، ”پنھنجي زبان بند ڪر نذيري، وڌيڪ وات نہ ھڻ، تون بہ خاشل زال آھين. ٻئي وڃو، گم ٿيو نڪرو ڪمري مان.“

ھو ٻئي ڪاوڙجي نڪري ويون تہ نور بيبيءَ بہ اٿندي شموءَ کي چيو، ”ٻڌ شمو، وڌيڪ جانيءَ جا ڪن نہ پرجين. تيل لڳائينس تہ آرام ڪري.“

نور بيبي ڪمري کان ٻاھر نڪتي تہ جان بيبيءَ جو اندر جيڪو ٻرندڙ جبل جيان منجھہ ئي منجھہ ۾ رجھي رھيو ھو اھو ڦاٽڻ لڳو ھو پنھنجي بيعزتيءَ تي، خار ۾ ڪاوڙ مان سندس اکيون خشڪ ھيون. ھوءَ بيقرار ٿيڻ لڳي.

ٻاھر لڳھہ نہ ڪوءِ، اندر جھور جھڙ وھي،
وسائيندي وڄڙي، حب جنھين کي ھوءِ،
لالن جنين لوءِ، سي اوڪاٽين نہ اکيون.

سندس ٻاھہ جھڙي اندر ۾ طارق خان جو چھرو ڏورِنڪي پيو، ’ڏس پرين، اڄ مون تنھنجي نانءُ تي مار کاڌي آھي. اڄ ھن مون تي بيپرواھيءَ مان ھٿ کنيو آھي... مون کي تنھنجي نانءُ تي مليل سڀ سزائون منظور آھن، اکين تي آھن. وقت جي ڦرندڙ ڦيٿن مون کي انھن روين سان متعارف ڪرايو آھي جن جي باري ۾ مون ڪڏھن سوچيو ۽ تصور بہ نہ ڪيو ھو. ھي خوبصورت چھرن وارا ماڻھو، جيڪي خلوص جا دعويدار آھن اھي سڀ وقت جا پوڄاري ۽ موقعي پرست آھن. اھي پنھنجي ذات خاطر ٻين جي جذبن کي اورانگھي چٽي اڳيان ھلي ويندا آھن. پر تون، طارق خان تون ڏسجانءِ، متان ڪو روح جي آرسيءَ تي ٻين سان گڏ پٿر اڇلائين، پوءِ تہ منھنجي وجود جون ديوارون ئي پورا پورا ٿي ڍھي پري پونديون. مير محمد جي ڪيل تلوار جي وار کان بہ تنھنجو اڇلايل گل وڏو گھاءُ ڏيندو. متان مون کي نظرانداز ڪرين طارق خان، نہ تہ آءٌ فنا ٿيڻ ۾ دير ئي نہ لائيندس!‘

# باب اوڻيهون

طارق خان وارا ڪيس جي تاريخ تي ويندا هئا، پر هاڻي ڪيس زور چڙهي ويو هو. بلڪ پوين پساهن ۾ هو. سياڻي سويل وري ڪين ڪوئيٽا وڃڻو هو. سيئي دوست طارق خان جي اوطاق تي گڏ ٿيا هئا. مهراب خان، جبار، زاهد، علي حسن، گل محمد، آصف ۽ ٻيا ڪچهري ڪري رهيا هئا. مهراب خان چيو، "هاڻي ته خانه پوري آهي تاريخ تي وڃڻ جي."

آصف چيو، "پوءِ به ڪهڙي خبر، دشمن ڪيترو به ڪمزور هجي دشمن ئي آهي. مان اجان به دعائون گهرندو آهيان جڏهن به ڪوئيٽا ويندا آهن."

طارق خان ڪلي چيو، "ها يار، واقعي دعائون جاري رهڻ گهرجن."

گل محمد چيو،"سائين اوهان جي آزادي اجان به مون کي خواب تي لڳي. ڪيئن آزاد ٿيا، يڪو حيرت ۾ آهيان. حالانڪہ آءٌ سڄي صورتحال کان واقف آهيان."

مهراب خان ڪلي چيو، "حڪومت کي خبر هئي ته اليڪشن ۾ ڪين ڪي سگهارا هٿ ئي مٿي چاڙهي سگهندا، پر اها سندن خوشفهمي آهي ته اسين سندن مدد ڪنداسين."

علي حسن چيو، "اليڪشن به اهڙي ملڪ جي جنهن ۾ مينڊيٽ نان مينڊيٽ جو پتو ئي ڪونهي سڀ هٿرادو ۽ اڳوات طئي ٿيل هوندو آهي."

گل محمد ٺهڪ ڏيئي چيو، "اسان جي هڪڙي صحافي دوست هڪ ڪالم لکيو آهي ته، 'بيوقوفن جي جنت ۾ ته هر طرح جي خير خيريت آهي پر زميني حقيقتون ايڏيون ته پنوائتيون ۽ ناقابل ترديد آهن جو انهن جي هڪڙي جهلڪ ئي نند ڦٽائڻ لاءِ ڪافي آهي ۽ ملڪ به اهڙو جيڪو گورنر جنرل، وزيراعظم، صدر سادو، صدر

فيلڊ مارشل، صدر بغير 58 بي، صدر بمع 58 بي ۽ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر کان وٺي چيف ايگزيڪيوٽو تائين سڀ ڏسي چڪو آهي. فيوڊل، مڊل ڪلاس، بيورو ڪريٽ، جنرل، نگران ۽ مهربان تلوار کان تير تائين، هر ڪان شينهن تائين اسلام جي هن قلعي جا چا نہ ڏنو پر نتيجو؟"
سيئي کلڻ لڳا. "واهہ جو تجزيو ڪيو اٿس." مهراب خان چيو تہ جبار چيو، "سچ بہ هن ملڪ جي آئيندي جي تصوير اهڙي تہ ڊجاريندڙ آهي جنهن کي ڏسي ايلفرڊ هچڪاڪ جون هارر فلمون بہ پوڳائي پاسن ٿيون."
زاهد چيو، "جتي بہ حقدار کان حق کسيا ويا آهن اتي دير بدير ان ظلم جا اگرا نتيجا نڪتا آهن. هتي بہ پهرين ئي ڏينهن کان حقدارن کان حق کسڻ شروع ٿيا آهن تہ پوءِ ان جو نتيجو بہ اهوئي ٿيڻو آهي جيڪو اهڙن موقعن تي تاريخ ڏيکاريندي آهي. هونئن بہ جَو پوکي ڪڻڪ لڻڻ وارا خواب چريا ئي ڏسندا آهن."
علي حسن چيو، "۽ اها ٻيرن کان ٻير گهرڻ واري چريائي اسين بہ تہ پيا ڪريون.ان جو نتيجو وري ڪهڙو نڪرندو؟"
جبار کلي چيو، "اڀ اکين اڳيان ٻڌرو آهي اگر سُجي چا ڪجي! ۽ اهو تہ پيا پوڳيون."
ماني اچڻ تي ماٺ ٿي. ماني کائڻ کان پوءِ چانهہ جو دور هليو ۽ پوءِ سواءِ مهراب خان جي سيئي هليا ويا. جبار، جان بيبيءَ جو فڪر ڪري آيو هو ۽ وٽس ئي رهيل هو. اوطاق ۾ جڏهن طارق خان ۽ مهراب خان وڃي رهيا هئا تہ مهراب خان چيو، "طارق خان، اڄ آءٌ پنهنجي ڪم لاءِ آيو آهيان. هڪڙي صلاح ڪرڻي آهي."
طارق خان خوش ٿي چيو، "حڪم ڪر مهراب خان، آءٌ حاضر آهيان."
"آءٌ شادي ڪرڻ ٿو چاهيان!!"
مهراب خان ايڏي تڪڙ ۾ چيو جڻ دير ڪرڻ سان اهي لفظ وڃائجي ويندا.
طارق خان کان حيرت مان دانهن نڪري ويئي. "چا؟"

”ها طارق خان، مون کي گھر ۾ سڪون ناهي!“
”چو، تنهنجا گڏڙن جهڙا پيارا پيارا ٻار آهن ۽....“
”اهو سڀ ٺيڪ، پر پوءِ بہ جيئن آءٌ چوان ٿو حقيقت اها ئي آهي مون کي سڪون ڪونهي.“
”ڪٿان ٿو ڪرين؟“
”سردار شاهنواز خان جي گهران.“
”ٺيڪ آهي، تنهنجي مرضي... باقي مان ڪڏهن بہ توکي ٻي شادي ڪرڻ جي صلاح نہ ڏيندس، ماسي عزيز جان کي خبر آهي؟“
”ها، آهي.“
”اها ڇا ٿي چوي؟“
”امان تہ سخت ناراض آهي مون سان. پر آءٌ شادي ڪندس!“
طارق خان مشڪي چيو، ”تون جڏهن سڀ معاملا ۽ مرحلا طئي ڪري آيو آهين تہ پوءِ ڪهڙا مشورا ۽ ڪهڙيون صلاحون!“
”واقعي بہ... پر اهو سڀ اوچتو ئي اوچتو ٿي ويو. مان گهر ۾ بيسڪون ۽ بيچين هئس ۽ سردار شاهنواز خان جي حويليءَ ۾ ويندو هئس. پر جڏهن مون اوچتو سردار شاهنواز خان جي ڌيءَ کي ڏٺو تہ منهنجو اهو ارادو جيڪو اڳ مبهم هو تہ مون کي شادي ڪرڻ کپي، سو واضح ٿي ويو. طارق خان، آءٌ گهر ۾ ڏاڍو تنگ آهيان. ڪجهہ ڪجهہ تہ توکي بہ خبر آهي سو رب ڪٿي مون ڏي نهاريو ۽ راهہ نڪري آئي.“
”سردار شاهنواز خان تہ سڳ ڏي ٿو نہ؟“
”ها، هو راضي آهي. پر امان چوي ٿي تہ هو ڪڏهن بہ اتي سڱ ڪرڻ لاءِ نہ ويندي سو، تون هلي امان کي سمجهاءِ راضي ڪر!“
”ايئن وري ڪيئن ٿيندو. چاچا حمل خان،ڀڦي امير بيبي، ستار ۽ جبار ڇا سوچيندا، تہ آءٌ بہ شامل آهيان! نہ يار ايئن مون کان ڪين ٿيندو.“ مهراب خان مشڪي چيو،
”توکي تہ شامل ٿيڻو ئي آهي ۽ ٿيندين!“
طارق خان بہ سندس وانگيان ئي مشڪي چيو، ”مهراب خان،

آءٌ توسان هر ڳالهہ ۾، لٹ ذڪي ۾، جنگ ويڙهہ ۾ شامل آهيان پر يار هينئر مون کي معاف ڪر!"

"چو... چو معاف ڪريان. هي موقعو ئي تہ آهي ساٿ ڏيڻ جو. ايئن ڪيئن هٿ ڪڍائي ٿو وجين؟"

"هٿ ڪڍڻ جي ڳالهہ ڪانهي مهراب خان، سڱ مائٽيءَ جون هجتون ۽ ميارون آهن. ادي تاجان ڇا سوچيندي، تہ سندس شاديءَ ۾ هيڏي ڳانٽ سان انيهر تي آيو هو ۽ هاڻي وري بي شاديءَ ۾ تنهنجو انيهر تي وڃان! نہ يار هتي تہ ساٿ نهي ئي نٿو. ڇو جو دوستي، مائٽي لحاظ ڳڏ اچي ٿيا آهن. توڪي تہ هونئن بہ سردار شاهنواز خان سڱ ڏي پيو پوءِ هرويرو مون کي ڇو ٿو ليچارين! اهي ميارون مون تي سڄي زندگي هلنديون. لطيف چواڻي، ڪچن وڏا پلاند، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا... سو يار، مون کي معافي ڏي."

طارق خان نهايت سنجيدگيءَ سان سندس اڳيان هٿ ٻڌا تہ مهراب خان سندس هٿن کي پنهنجن هٿن ۾ جهلي ٺهڪ ڏيئي چيو، "خدا جو قسم طارق خان، مون کي پڪ هئي تہ تون اهوئي جواب ڏيندين پر پوءِ بہ مون پنهنجي قسمت کي آزمايو ٿي جيڪا سدائين مون تي نامهربان رهي آهي."

"ڏس مهراب خان، مان ۽ تون صفا هڪ آهيون ۽ ٻنهي سان حالتون هڪجهڙوئي مذاق پيون ڪن. منهنجي گهر جي حالت بہ تو وٽ ساريل آهي، حساب ۾ آهي تہ مان اتي ڪيترو خوش ۽ پرسڪون آهيان. پر پوءِ بہ ماٺ آهيان."

"تون پلي ايوب صابر تي، مون ۾ ايڏي سهپ ناهي."

"تنهنجي مرضي."

"منهنجي مرضي شادي ڪرڻ جي آهي. شاديءَ ۾ تہ شريڪ ٿيندي نہ؟"

طارق خان ٺهڪ ڏيئي چيو، "ان جي بہ پڪ ناهي!"

مهراب خان ٺهڪ ڏيئي چيو، "اها مون کي پڪ آهي تہ تون ضرور شريڪ ٿيندين!"

جبار آيو تہ جان بيبي جو ئي فڪر ڪري هو ۽ ڪيس ڏسڻ ۽

تسلي ڏيڻ پر جان بيبيءَ جي ڪرنڊڙ صحت ڏسي پريشان ٿي ويو.

”جاني، توکي ڇا آهي ڇو پيئي ڳرندي وڃين؟“

جان بيبيءَ پاڻ تي جبر ڪرڻ جي جڻ ابتدا ٿي ڪئي، ”نيڪ ته آهيان ادا، ڇا آهي مون کي؟“

”شمو، جانيءَ کي ڇا آهي؟“

شمو جيڪا پاڻ به ڪيس نيڪ نٿي لڳي ”توکي ڇا آهي شمو؟“

شمو جيڪا پڻ جان بيبيءَ جي رنگ ۾ رنگجي ويئي هئي مئل آواز ۾ چيائين، ”سائين ٻئي نيڪ آهيون ڏسين ته پيو!!“

”ها ڏسان پيو.“

نور بيبيءَ جي ڪمري ۾ اچي چيائين، ”ماسي، جانيءَ کي ڇا آهي؟“

”پٽ ڪجهه به ڪونهينس!“

”پوءِ ڳرندي ڇو پئي وڃي ماٺ ڇو آهي؟“

”الائي پٽ اسان کي ته ڪجهه نٿي ٻڌائي. تون پاڻ پڇي ڏسينس!“

”مون کي ٻڌائي ها ته توکان ڇو پڇان ها!“

جان بيبي جڏهن کان زيبوءَ جي گهر وڃڻ بند ڪيو هو تڏهن کان هوءَ ڪمزور ٿيندي پي ويئي. مير محمد جي جهڳڙي کان پوءِ ته هن سيني سان ڳالهائڻ ۽ ملڻ ڇڏي ڏنو هو. ڪيس پنهنجي بيعزتي ۽ بيحرمتي جو ايڏو ڏک ۽ احساس هو جو هن پاڻيو ٿي ته زمين ڦاٽي ته هوءَ ان ۾ پيهي وڃي. ڪاڻ پيڻ به صفا نالي ماتر هو جيڪو به شمو ڪيس الائي ڪهڙن حيلن سان کارائيندي هئي. ڪيترا پيرا زيبو ڪيس وٺڻ آئي پر هن هلڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. طارق خان نهايت حيران ۽ پريشان رهڻ لڳو هو ته، ”ڇو آخر ڇو، بغير ڪنهن سبب جي هوءَ پيئي ايئن ڪري؟“

زيبو به پريشان هئي، ”ادا آهي ته الائي ڇا پر هوءَ مون کي نيڪ اصل نٿي لڳي بيحد ڪمزور ۽ پريشان آهي.“

طارق خان پريشان ٿي پيو، ”توکي ڇو نٿي ٻڌائي ته ڪيس ڪهڙي پريشاني آهي؟“

”آءٌ تہ ادا، وس ڪري ويني آهيان ڪجهہ بہ نٿي ٻڌائي تہ مان ڇا ڪريان؟“

۽ پوءِ هن زيبوءَ جي گهر اچڻ بند ڪري ڇڏيو. زيبوءَ جڏهن کيس ٻڌايو تہ هاڻي طارق خان سندس گهر نہ ايندو آهي تہ هوءَ چرين جيان کيس ڏسڻ لڳي، ۽ پوءِ تہ هيڪاري هوءَ بيقرار رهڻ لڳي. مير محمد سان تعلق ان ڏينهن ئي ٽٽي ويو هو جنهن ڏينهن مير محمد مٿس هٿ کنيو هو، هو ڌار ٻي ڪمري ۾ سمهندو هو. نور بيبيءَ وڏا وس ڪيا هئا تہ جان بيبي ساڳي ڏگ تي اچي پر هوءَ تہ هاڻي پنهنجي ئي وس کان ٻاهر هئي ۽ جبار جڏهن چيو تہ، ”اڄ آءٌ گهر ويندس.“ تہ هوءَ ساڻس ياڪر پائي ايئن رني جو سيئي پريشان ٿي ويا.

”ادا، آءٌ بہ امان ۽ بابا ڏانهن ٿي هلان!“

جبار کيس ياڪر پائي مٿي تي چمي ڏيئي چيو، ”ها ها، ضرور چو نہ. آءٌ تو توکي وٺي هلان هينئر پاڻ سان گڏ، پر تون روئين ڇو ٿي ايترو؟“

پر هوءَ روئندي ئي رهي. شمو بہ سيني کان لڪائي ساڻس گڏ، ساڻس جيترو ئي روئي رهي هئي ۽ جبار رڳو حيران پريشان هو. مير محمد آيو تہ جبار کائنس جان بيبيءَ کي وٺي وڃڻ جي موڪل ورتي جيڪا هن ٿورا دير ڏيئي ڇڏي ۽ هوءَ جبار سان گڏجي پنهنجي اباڻي گهر ڏانهن رواني ٿي جتي سندس لڙڪن مرڪن جي قيمت هئي. جتي سندس گهايل هانءَ لاءِ لاتعداد پها هئا. پر سندس اندر جي اهائي پڪار هئي:

وِيچ مَ ٻڪي ڏي، الا چڱي نہ ٿيان،
سڄڻ مانَ اچي، ڪرلاهو ٿي ڪڏهن.

## باب ٽيهون

جان بيبي کي مائٽن ۾ ايندي اڃي ٻه مهينا پورا ٿيا هئا. سندس سيئي سئوٽ ساٽس ڪيترا ڀيرا ملڻ آيا ته ڪيس ٻه پاڻ سان گڏ وٺي ويا. زهره ۽ افروز ته ٻه ٻه ٽي ٽي راتيون رهي ٿي ويون. ٻنهي جون شاديون ٿيڻ واريون هيون پر پوءِ ٻه ٻئي ساٽس ملڻ اينديون هيون. جان بيبي سندن شادين ۾ مڪمل ڀرو وٺي رهي هئي ۽ وٽن ٻه ٻه راتيون رهي ٿي آئي. سيئي لن خوشگوار تبديليءَ تي خوش هئا پر سندس ڪمزوريءَ تي حيران هئا.

”جاني، شاديءَ کان پوءِ ته هر ڇوڪري ٿلهي ٿي ٿئي ۽ تون اڳ کان ٻه سنهي ٿي ويئي آهين ڇو، ساهرن جي گهر ۾ ماني کانهي ڇا؟“

آمنه جيڪا سيني ڳالهين کان لاعلم هئي ان جان بيبيءَ کي انهري ۽ اداس ڏسي ڪيس ڪلائڻ چاهيو ته جان بيبيءَ سندس دل رکڻ لاءِ ڪري مشڪيو ۽ زهره ۾ نهاريو جيڪا ڪيس ڏک مان ڏسي رهي هئي.

”امان، جاني پاڻ کي سمارٽ رکڻ لاءِ ڊائيٽنگ ٿي ڪري.“

مظهر خان کلي چيو، ”واقعي جاني.“

۽ جان بيبي رڳو ڪيس ڏسندي رهي. هاڻي هوءَ ايئن منجهيل حساب وانگي لڳندي هئي جنهن کي سواءِ زهره ۽ افروز جي ٻيو ڪوبه نٿي سمجهي سگهيو. البته افروز جي ماءُ فاطمه جيڪا نور بيبيءَ جي گهر ۾ ٻه ٽي راتيون رهي آئي هئي، اها اڪثر چوندي ئي هئي ته، ”اميران اسان کي ته نه ڏني پر ڏيءَ کي ڪو ڍنگ جو گهر ته ڏي ها!“

ان ڏينهن نور بيبي ڪيس وٺڻ آئي ته اتفاق سان مصطفيٰ خان ۽ ڪمال خان وارا ٻه اتي هئا جن ڪيس شادين جون دعوتون ڏنيون. مصطفيٰ خان چيو، ”ادي، جانيءَ کي هينئر اسان لاءِ ڪري ڇڏي وڃ!“

امير بيبيءَ کي جان بيبي سڀ ڪجهہ، ذرو ذرو ٻڌايو هو جنهن جو ٻي پي هاءِ رهڻ لڳو هو. سو جڏهن نور بيبيءَ مصطفيٰ خان کي چيو، ”ادا، جانيءَ کي هي پريو ٻيو مهينو اچي ٿيو آهي هتي!“

امير بيبيءَ بس رڳو ايترو ئي چيو، ”ادي نور بيبي، جاني کي اجا ٻہ ٽي ڏينهن ڇڏي وڃ تہ ڪجهہ ساهہ ڪڍي!“

امير بيبي جنهن جو آواز ۽ لهجو هميشہ بارعب ۽ بردبار هو اهو اداس ۽ جهيڻو پسي مصطفيٰ خان ۽ ڪمال خان ڇرڪي پيا. ڪمال خان کي ڪمزور ۽ اداس جان بيبي اڳ کان ٻہ گهڻو وڻي. نور بيبي امير بيبيءَ جي کهري جواب تي ڏمرجي هلي ويئي ۽ جان بيبي جي هاڻ ۽ ذهن تان جڻ ڳري ڇپَ لهي ويئي. زهره جي شاديءَ ۾ وجي هفتو ٻچيو هو. جان بيبي سندن ئي گهر ۾ هئي ۽ ڀرپور حصو وٺي رهي هئي. مظهر خان ٺهڪ ڏيئي چيو، ”جانيءَ جي شاديءَ پيري زهريءَ جون هلاڪيون ڏسي اسان تہ ايئن ڀانيو هو تہ زهريءَ جي ڪمائي ڪُٽ تي ويندي پرنہ سائين جانيءَ ٻہ پاڻ کي ملهايو آهي.“

جڏهن شاديءَ جي ڏينهن جان بيبي سات سونئڻ واري ٽالهي جهلي دروازي تي اچي بيٺي تہ زهره جي گهوٽ مراد ٺهڪ ڏيئي پنهنجي ڇيچ جان بيبيءَ کي ڏانوڻ وجهڻ لاءِ ڏيئي چيو، ”آءٌ پنهنجي بيمثال ساليءَ کي ناڪام نہ ڪندس... ٻلي جيت هن کي ملي ٻلي مات مون کي ملي. باقي منهنجي ڪنوار تہ مون کي ئي ملندي!“ سيئي ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا.

ٻن هفتن کان پوءِ افروز جي شادي هئي ۽ جان بيبيءَ بلڪل ساڳي ئي نموني حصو ورتو جيئن زهره جي شادي ۾، جان بيبي هاشم خان جي گهر ۾ هئي. افروز جي خوشين جي ڪا حد ئي نہ هئي، ”جاني، منهنجي دل تي چوي تہ منهنجي شاديءَ جو ڏينهن پري ٿيندو وڃي ۽ تون اسان وٽ ئي رهيل هڄ.“

جان بيبيءَ ڏجي سندس ڇپن تي هٿ رکي چيو، ”نہ افي، ايئن نہ چئو، الله سائين تنهنجي شادي خير سان ڪري ۽ تون خوشيون ماڻ.“

باقي ڪمال خان لاءِ اهي سمورا ڏينهن ڪنهن امتحان کان گهٽ نہ هئا جيڪي جان بيبيءَ سندس گهر ۾ گذاريا هئا. صبح و شام ٻپهر، جان بيبيءَ سندس اکين تي لاڏ تي ڪيا. گهٽا ڪم ڪار هوندي بہ هو گهڙيءَ گهڙيءَ اندر حويليءَ ۾ پي آيو. جان بيبيءَ کي ڏسڻ سان کيس آرام بہ آيو پي تہ تڪليف بہ پي ٿيس پر هو بيوس هو ۽ سندس هر عمل بي ساختہ هو. سندس اندر جان بيبي سان ئي مخاطب هو.

”جاني، هاڻي جڏهن تون پرائي تي ويئي آهين... پر دل تہ اصل ان ڳالهہ کي مڃي ئي نٿي. ماڻهو جي دل تہ هڪ آهي، ان ۾ هڪ ئي وقت، هڪ ئي ماڻهو رهي ٿو سگهي. ۽ منهنجي دل بہ هڪ آهي ۽ ان ۾ بہ هڪ ئي ماڻهو رهيل آهي، اها تون آهين، جاني، فقط تون.' جان بيبي بہ هاڻي ڪمال خان جي مسلسل سچاين جي معترف تہ هئي پر هوءَ کيس ڪجهہ ڏيڻ کان قاصر هئي، لاچار هئي. زهره ۽ افروز ٻنهي جون شاديون روايتي جوش و خروش سان ٿي ويون. ٻنهي جوڙن جون دعوتون حمل خان ڏار ڏار بہ ڪيون تہ گڏيل بہ ڪيون. حمل خان جي دعوت ۾ جڏهن زهره ڪنوار بڻجي آئي تہ جبار ٿهڪ ڏيئي چيو، ”مون کي خبر هجي ها تہ زهري ڪنوار بڻجي ايڏي خوبصورت ٿيندي تہ آءٌ ڪڏهن بہ ماسي نور بيبيءَ جي گهران شادي نہ ڪريان ها...“

ان تي سيئي ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. زهره جي گهوٽ مراد کلي چيو، ”جبار تہ رقيب نڪتو، هاڻي آءٌ زهره جو ڪائنس پردو ڪرائيندس!!“

وري سڀ ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. بس هڪ جان بيبي ئي، خاموش هئي جيڪا سدائين محفلن ۾ بہ تنها هوندي هئي ۽ تنهاين ۾ بہ سندس پنهنجي پرينءَ سان محفلون متل هونديون هيون. زهره جي نصيحتن جا ڪلاس چوويهہ ڪلاڪ ڪليل هوندا هئا. هينئر بہ جڏهن مرد ڪچهري ڪرڻ لڳا تہ زهره ۽ افروز جان بيبيءَ جي ڪمري آيون. اهو ڪمرو جيڪو اڳ سندن ٽهڪن سان ٻُريل هوندو هو. اڄ کين ميارون ڏيندو نظر آيو، 'اوهين جانيءَ کي ٽهڪن

ڏانهن موٽائي نہ سگهيون ۽ آءٌ اداس آهيان ۽ منهنجي فضا ۾ هاڻي رڳو سڏڪا ٿا سُرن.' ڪمري جي ويراني ڏسي زهره کي چرڪ نڪري ويو. سندس اندر مان سڏڪو پلٽيو ٿي تہ هن ڪمال ڪاريگريءَ سان مٽس مشڪ جو ريپر چاڙهي ڇڏيو، "جاني، هاڻي اسين ٻئي اڳ وانگيان ڊوڙ ڊوڙ تو وٽ اچي نہ سگهنديونسين. هاڻي اسان ڇڙواڳ بي مهارن ۽ بي لغامن کي مهارون ۽ لغام لڳي چڪا آهن. سو ٻيلي، هاڻي پاڻ کي سنڀالجانءِ، وڪرڻ نہ ڏجانءِ."

افروز کي تہ چوڻ لاءِ ڪجهہ سجهيو ئي نٿي، "جاني، اسين ڪراچيءَ ۾ تو وٽ ايندا سين!"

جان ٻيبيءَ چرڪي چيو، "هاڻي تہ مون کي ڪراچيءَ کان ڊڄ ٿو ٿيئي."

زهره چيو، "ڪراچيءَ کان ڇو ٿو ڊڄ ٿيئي؟ اتي تنهنجو پنهنجو گهر آهي. توکي اتي وڃڻو آهي اسين بہ هاڻي اتي اچي ٿيون سگهون!"

جان ٻيبيءَ ڏک مان مشڪي پيئي. "منهنجو پنهنجو گهر..."

زهره چيو، "جاني، طارق خان سان نہ ملڻ وارو تنهنجو فيصلو، طارق خان لاءِ تہ عجب ۽ حيرت جو باعث بڻيو ئي هوندو پر منهنجي خيال ۾ تو اهو سنو ئي ڪيو. ڪنهن بہ ڪارڻ جيڪو تون ٻڌائڻ پسند نہ ٿي ڪرين ۽ جيڪو شايد تو لاءِ تڪليف ده هجي پر اهو فيصلو صحيح آهي."

"نہ زهري نہ، اهو فيصلو ناهي اهو منهنجي ساهہ جي روانيءَ ۾ خلل آهي، منهنجي موت جي پرواني تي دستخط آهي، بليڪ وارنٽ آهي. مان مري ويندي س..."

افروز جا لڙڪ لارون ٿي وهڻ لڳا. منظر ڏاڍو ئي ڳنڀير ۽ روئڻهارڪو هو پر زهره ساڳي ئي زهره هئي. سمجهدار ۽ معاملي فهم. افروز کي اکين سان ڇيڀي چيائين، "افي، ميڪ اپ خراب ٿي ويندئي ۽ ادا نثار سڃاڻڻ کان انڪاري ڪري اڪيلو هليو ويندو."

افروزو ٿشو سان آهستي لڙڪ اگهڻ لڳي. زهره جان ٻيبي کي ڀاڪر پائي چيو، "جاني، جڏهن کان تون آئين آهين ڀڪو پراسرار

آهين. ڪجهہ بہ ڪلي طريقي سان نٿي ٻڌائين. بس اهائي رٽ اٿئي تہ، ڪراچي نہ وينديس... ۽ ادا مير محمد بہ هڪ پيرو بہ نہ آيو آهي. رڳو ماسي نور بيبيءَ جا لا حاصل ور ۽ چڪر آهن. ٻڌائين چو نٿي تہ ڇا آهي؟ اتي ڇا ٿيو آهي؟ جو تنهنجي ماٺ جي تالن مٿان وڏيڪ ماٺ جا تالا لڳي ويا آهن!“

جان بيبي سوچيو، ’ڇا ٻڌايان تہ مون کي مير محمد ماريو آهي!! مان ڪڏهن بہ پنهنجي شخصيت جي توهين نہ ڪنديس...‘

جان بيبيءَ کي ماٺ ڏسي افروز چيو، ”جاني، ڪراچي ان لاءِ نہ وينديءَ تہ اتي متان ڪنهن جاءِ تي طارق خان سان ٽڪراءُ ٿي وڃي؟ يا ان لاءِ تہ طارق خان سان ئي نٿي ملان تہ پوءِ ڪراچي وڃي ڇا ڪريان!“

زهره ڪلي چيو، ”افي ڪراچي ايڏو وڏو شهر آهي جو ماڻهو ڪنهن سان ملڻ چاهي تہ بہ ملي نٿو سگهي ۽ جي نہ ملڻ چاهي تہ پوءِ ملڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.“

افروز چيو، ”جاني، طارق خان وري توکي سڏايو هو؟“

”ها.“

”پوءِ؟“

”پوءِ بہ آءٌ نہ ويس.“

”اوه!“

زهره چڙي افروز جو نقل ڪيو. ”اوه. اوه وري ڇا؟ سڻو ڪيائين، هاڻي جاني صحيح طريقي سان زندگي گذاري سگهندي. ٻن ٻيڙين ۾ سوار ماڻهو ڪڏهن بہ پار نہ پڄندو آهي.“

”هڪڙي ٻيڙي بہ تہ هجي نہ!“

جان بيبيءَ تمام تر اداسين ۽ مايوسين مان صفا آهستي چيو پر زهره ٻڌي ورتو.

”ڇو ٻيڙي ناهي تنهنجو گهر، ادا مير محمد تنهنجي ٻيڙي ئي تہ آهي!“

”۽ اها ٻيڙي اهڙي سمنڊ ۾ آهي جتي نذيران ۽ وزيران جهڙيون ستن منهن واريون زهريليون بلائون آهن. جن منهنجي

زندگيءَ ۾ زهر ڀري ڇڏيو آهي. مون اهو ته اوهان کي ٻڌايو آهي ته مون طارق خان سان ملڻ ڇڏي ڏنو آهي.“

”۽ ٻيو جيڪو تو نه ٻڌايو آهي اهو ڇو نٿي ٻڌائين؟“

زهره وچ ۾ ڳالهايو ته افروز چيو، ”زهري، تون ڇڏ ته سهي جاني پنهنجي ڳالهه پوري ڪري. ها جاني پوءِ، تون طارق خان سان نٿي ملين پوءِ...!“

”پوءِ به اهي الزام هٽنديون آهن ته تون ملڻ وينديءَ آهين.“

”انڌيون آهن ڇا، تو ته چيو آهي ته تون گهر کان ٻاهر نٿي نڪرين؟“ افروز چيو.

”حالانڪ نذيران پاڻ اتي رهيل آهي. ڪيس خبر آهي ته هاڻي هو زيبوءَ جي گهر نه ايندو آهي. پر پوءِ به چونديون آهي ته طارق خان لاءِ گهرن جي ڪا ڪوٺ آهي ڇا؟ ٻيو ته نهيو پر گهر ۾ جيڪو به پنهنجو پرائو، ويجهو، ڏوريچو ايندو آهي ته ان لاءِ به.

چونديون آهن ته سڀ تنهنجا عاشق آهن... اڳ ته ڪڏهن اسان وٽ تڪڙو تڪڙو نه ايندا هئا. حالانڪ آءٌ ڪنهن سان ملندي به ناهيان، پنهنجي ڪمري ۾ ئي بند هوندي آهيان... حد ته اها آهي جو گهر جي پرسان لنگهيندڙ ڦيريءَ وارا ۽ ريڙهي وارا جيڪي بيهي واڪ ڏيندا آهن انهن لاءِ به چونديون آهن ته اهي تنهنجي لاءِ ٿا اتي بيهن ۽ واڪ ڏين. اڳ طارق خان جي گاڏي به گهر جي پر واري رستي تان ويندي هئي ۽ اهو رستو منهنجي شاديءَ کان به اڳ هو سندس. ۽ پوءِ ڪيس به چيائون ته اتان جانيءَ لاءِ ڪري گذرندو آهي ۽ پوءِ هن رستو بدلائي ڇڏيو.“

”ڪيڏيون ذليل آهن.“ افروز جي وات مان بي ساخته لئز نڪري ويو.

”ان جهنم ۾ ٻرڻ کان بهتر آهي ته آءٌ پاڻ کي ماري ڇڏيان!“

ٻنهي ڇرڪي سندس وات تي هٿ رکي ڇڏيا.

”جاني... جاني اهو ڇا پئي ڳالهائين؟“

”ڇا ڪريان، اتي ويندس ته هاڻي ٻيو چاروئي ڪونهي.“

افروز چيو، ”ادا مير محمد ڇا ٿو چوي؟“

جان بيبي جي اڳيان اهو منظر اچي ويو جڏهن مير محمد متس هٿ کنيو هو... ۽ جيڪا ڳالهه هن زهره ۽ افروز کان محض ان ڪري لڪائي هئي تہ پوءِ هوءَ پنهنجي نظرن تان پاڻ ڪري وجي ها ۽ پوءِ جيئڻ وڏي مشڪل سان ٿيئي ها. هونئن بہ نظرن تي چڙهڻ لاءِ صديون ٿيون گهرجن پر نظرن تان ڪرڻ لاءِ تہ بس ڪجھہ لمحا ئي ڪافي آهن.

جان بيبي کي ماٺ ڏسي وري بہ افروز چيو، ”ٻڌاءِ نہ جاني، ادا مير محمد ڇا ٿو چوي؟ نذيران ۽ وزيران ۾ تنهنجو ڇا وڃي، جيئن بہ هجن مرن ٻچن.“

جان بيبيءَ چڙي چيو، ”اهو تہ انهن کان بہ گهٽ آهي. صفا هلڪين زالن جهڙي سوچ اٿس! مون تي تہ اصل ڀروسو نہ اٿس. منهنجي تہ هٿ مان پاڻيءَ جو گلاس بہ نہ ٿو وٺي.“

”ڇو؟“

”ڇو؟“

”ڊڄي ٿو تہ آءٌ ڪيس جادو يا منڊ ڪنديس...“

زهره ۽ افروز ٻئي توبہ ڪرڻ لڳيون، ”توبہ، ايڏي ڪريل سوچ!“

”جان بيبي ڏک مان چيو، ”الله سائين اوهان کي خوش رکي ۽ اوهان جون خوشيون قائم دائم ڪري. مون کي منهنجي حال تي ڇڏي ڏيو، هاڻي اوهان جو وقت نهايت قيمتي آهي اهو مون تي ضايع نہ ڪريو. هر ماڻهوءَ جي نصيب ۾ جيڪو هوندو آهي اهوئي ڪيس ملندو آهي. لکيو ڪڏهن بہ نٽو ٽري. لطيف بہ تہ اهوئي ٿو چوي:

لکيو منجھہ نراڙ، سو انگ ڪياڙيءَ نہ ٿيئي،
پاڙيو وينـي پاڙ، جيڪو لکيو لوح ۾.

يا،

جتي جيتريون، لکيون لوح قلم ۾،
تتي تيتريون، گهڙيون گهارڻ آئيون.

زهره ڏکاري تي پيئي، ”نہ جاني، ايئن نہ چئو، تنهنجو بہ زندگي جي خوشين ۾ حصو آهي. اهو حق توکي ضرور ملندو. تون هرويرو ايڏي مايوس ڇو آهين؟ ڇو اڌوري اڌوري ٿي رهين طارق خان سان پيار ڪرڻ وارو عمل تنهنجو ارادتن ۽ طئي ٿيل پروگرام جي تحت نہ هو. اهو تہ بس بهار جي هڪ خوشبودار جهونڪي جي حيثيت ٿو رکي تنهنجي زندگيءَ ۾ ۽ اُن هڪڙي جهونڪي جي آڌار تي زندگي نٿي گذاري سگهجي. تنهنجي پنهنجي ڀرپور زندگي آهي، تنهنجو گهر ۽ مڙس آهي، ان ۾ جي ڏک بہ آهن تہ انهن کي منهن ڏيڻ ضروري آهي ۽ ڏکن کي ٽڏڻ هڪ فن آهي ۽ مون کي يقين آهي تہ جي تون هڪ طرفي ٿي انهن کي منهن ڏينديءَ تہ ضرور ڪامياب ٿينديءَ ڇو جو آءٌ توکي سڄاڻان ٿي ۽ ڄاڻان ٿي تہ تون وڏي ڏاهي آهين!“

”۽ آءٌ اهو ڄاڻان ٿي زهري، تہ هينئر تنهنجي خوشگوار لهجي ۾ ادا مراد جي پيار جو پل ۽ رس آهي نہ تہ اڳ تون...“

افروز ٽهڪ ڏيئي چيو، ”واقعي جاني، هاڻي زهري ڏاڍي خوش مزاج ٿي وئي آهي لڳي ٿو ادا مراد پنهنجي جسم جي مناس زهريءَ تي اوتيندو آهي.“

زهره سنجيدگيءَ مان چيو، ”جاني، تون مون کي پنهنجي جان کان بہ وڌ عزيز آهين. تون خوش ناهين تہ مان بہ خوش رهي نٿي سگهان. مراد چوندو آهي تہ تون جڏهن ٽهڪ ڏيئي کلندي آهين تہ پوءِ هڪدم ڇو ماٺ ٿي ويندي آهين؟ جاني، مان جڏهن کلندي آهيان تہ مون کي تون ياد ايندي آهين. سوچيندي آهيان تہ هينئر تون جتي بہ هوندينءَ ضرور تنهنجي اکين ۾ لڙڪ هوندا پوءِ اهي ظاهر هجن يا مخفي، جاني اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو جڏهن منهنجي سوچن ۾، يادن ۾ تنهنجو کلندڙ مک هوندو؟“

افروز جي اکين مان لڙڪ تري آيا. جان ٻيبي جون اکيون هنجن منجهان ٽوپ ٿي رهيون هيون. ”زهري، تون واقعي سچ ٿي چوين. آءٌ پاڻ بہ پيئي پاڻ کي اڌوري محسوس ڪريان. هر ماڻهو

پاڻ کي مڪمل ڪرڻ جي چاهنا رکي ٿو... ڇو جو مڪمل ماڻهو ئي مڪمل طريقي سان زندگي گذاري سگهي ٿو. مان به بين ماڻهن کان مختلف ناهيان. جڏهن به ڪو اهڙو موقعو مليو، آءٌ لڪي انهيءَ پل صراط تان گذري پاڻ کي مڪمل ڪري وٺنديس! واقعي گهر آهي. ملڪيت آهي سڀ ڪجهه آهي ان جي باوجود آءٌ پاڻ کي نامڪمل ٿي سمجهان. پاڻ کي مڪمل ڪرڻ واري خواهش رڳ رڳ ۾ سور بنجي ڊوڙي رهي آهي."

"تون طارق خان کي ڪڏهن به وساري نه سگهنديندءِ، اهو ته آءٌ به ڄاڻان ٿي پر..."

"واقعي زهري، مان ان ماڻهوءَ کي ڪڏهن به وساري نه سگهنديس. جيڪو منهنجي روح ۾ رهي ٿو پر جيڪو منهنجي ڀاڳ ۾ نه هو. هن جو خيال ته منهنجي هٿن جي لڪيرن ۾ آهي پر هن جو نانءُ انهن لڪيرن ۾ ڪٿي به موجود ڪونهي، ڪيڏي عجيب ڳالهه آهي ۽ هاڻي ته مان سوچي رهي آهيان ته واقعي ڪيڏي انوکي ڳالهه آهي ته هڪڙو ماڻهو مقدر نه هجي پر ان جو خيال هر گهڙي دل ۾ هجي، هن جو عڪس ذهن ۽ روح تي حاوي هجي، ڪيڏي حيرت جهڙي ڳالهه آهي. شايد ان کي ئي محبت ٿا چون. اهوئي محبت جو نانءُ آهي ۽ هڪڙي ڳالهه اوهين به ٻڌو، ته شاديءَ کان پوءِ مون ڪيس وسارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي! مون چاهيو هو ته اها ٻاهه جيڪا منجهه ئي منجهه ۾ مون کي ساڙي رهي آهي اها وسامي وڃي. ۽ مون پنهنجي لڙڪن سان ان کي وسائڻ جي ڪوشش به ڪئي هئي پر مير محمد، نذيران، وزيران ۽ ماسي نور بيبيءَ ان ٻاهه کي پنهنجي مڪمل توانائيءَ سان ڦوڪون ڏيئي ڀڙڪائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. حالانڪ مون هاڻي ساڻس ملڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي ۽ اهو به ڪيس ٻڌائڻ بنا... پر هاڻي مان اهوئي ڪنديس جيئن منهنجي دل ٿي چوي ۽ ايئن ئي زندگي گذاريندس، جيئن گذارڻ چاهيان ٿي!"

هو ٻئي ساڻس موڪلائي هليون ويون ۽ شوءَ هيڪلي رهجي ويئي. هونئن به محبت جو احساس هميشه تنهائي ئي گهرندو آهي

۾ مطلوب جا خواب اڻندو آهي. دل ۾ چيائين، ’طارق خان، مون توکي ايڏو چاهيو جو محبتن جا سيئي خزانا ڪٽي ويا... منهنجي محبت جي پهرين ۾ آخري وک تون آهين... ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته منهنجي زندگيءَ ۾ اچڻ وارو پهريون شخص تون آهين ۾ ان جي اڳيان ٻيو ڪوبه ڪونهي... هاڻي ته هتي آهيان... تون جيڪو اڳ ئي بلندين تي آهين جيڪو ناقابل يقين واقعي وانگر منهنجي محبتن جو معترف ٿي ويو هئين، جنهن ڪي مون جنون ۾ اچي رسايو آهي... عقل موجب تنهنجو موٽڻ معجزو آهي پر مون ڪي پروسو آهي ته جي منهنجي پيار ۾ ايڏي طاقت آهي ته تون مون ڏي وري ايندين! يا ته پوءِ آءٌ ان وقت جو انتظار ڪريان چو جو ڄاڻان ٿي ته سڄو قصور، سڄي خطا، سڄو ڏوهه منهنجو آهي، پر ان مهل حالتون ئي اهڙيون هيون جو مون پاڻ سان گڏ توکي به سوليءَ تي لٽڪائڻ مناسب سمجهيو هو. اڄ به مان هتي ماٺ آهيان پر منهنجون اکيون ڳالهائينديون آهن. ڇهري تي وکريل دونهون سڀ سلي ٿو، احساس ٿو ڏياري ته، پلي لک پيرا ڏوهي هجون پر آهيون اوهان جا. فقط اوهان جا ئي، دل جي ڪنڊن مان ڪا هڪڙي ڪنڊ اهڙي به هئڻ گهرجي جتي منهنجي خطا، عطا سمجهي سنڀالي وڃي. اوهان جي وڏي شخصيت مان اسان کي به اهڙي ئي توقع آهي. مون ڪڏهن به توسان ڪو انگل نه ڪيو آهي پر حوصلن ۾ همٿن جون ڪهاڻيون به ڏاڍيون عجيب هونديون آهن. ڪڏهن ته اميد جي تخت تي آسودگيءَ سان ٽنگ تي ٽنگ چاڙهي شان سان ويهاريندون آهن ته ڪڏهن نااميديءَ وارو اهڙو ٿڏو هڻنديون آهن جو سڄو وجود زلزلن جي وات ۾ اچي ويندو آهي ۾ زندگيءَ سان ڳنڍيل هر طلب ياجوج، ماجوج جي ور چڙهيو وڃي ۾ هر گهڙي پلصراط کي لڏندڙ قدمن سان پار ڪرڻ جي جدوجهد ۾ مصروف نظر اچڻ لڳي ۾ پوءِ اها حد به ايندي آهي جتي پهچي ساهه گهٽجڻ ٿو لڳي. اکيون اوندهه چونڊينديون آهن ۾ ڌرتي ٻاٽ جو ويس پائي ڊيڄاريندي آهي. ماڻهن سان گڏ رهندي، هلندي به ائين پيو پاسي ڄڻ تنهائيءَ جي قيد ۾ آهيان. طارق خان، توکان سواءِ زندگي جنم

ٽيپ آهي جيڪا بنا جرم جي ملي آهي. ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ گهارڻ لاءِ. اي فاصلن تي رهڻ وارا محبوب، تنهاين جا نيلا نانگ وڪ وڪ تي ڏنگين ٿا ۽ ساڻن وڙهڻ لاءِ مون وٽ ڪوبہ همٿ جو هٿيار ڪونهي... ڇو جو تون ناهين، ڪليل اڪين ۽ جيئري احساس سان پاڻ کي ڪيئن ماريان؟ منهنجي ساٿ ڏيڻ لاءِ رڳو تنهنجا خيال ۽ خواب آهن، جن جي ٻل تي زنده آهيان. جڏهن تہ ماڻهو همدرديءَ جي پوش ۾ طعنن ۽ ٽوڪن جا اهڙا تہ تير وسائيندا آهن جو اندر سڄو ڇاڻي ڇاڻي ٿيو وڃي. پر پوءِ بہ ان سرهي سفر جو ساهيو اوس آهي جنهن جو دنگ تو وٽ آهي. ڇاڻان ٿي تہ منهنجي ڀاڳ جو لکيو بلڪل اهڙوئي هوندو جيئن ڪو ابهم ٻار سليٽ تي آڏيون ابتيون لڪيرون ڪڍي جنهن جو ڪوبہ مطلب ۽ مفهوم نہ هوندو آهي، پر پوءِ بہ آءٌ پنهنجون مرضيون هلائڻ جي ڪوشش ضرور ڪنديس. پوءِ ڀلي زندگيءَ جي ڏٻڻ ۾ ڪنيل وڪ اڳتي ٿيڻ بجاءِ اندر زمين ۾ گهڙندي وڃي. اوسيئڙو صرف منزل جي پڪار جو رهندو. منهنجا ڪن سدائين ڪنات رهندا سريلي سڏ لاءِ:

ڪن تي ڪيچين ڪچيو، ڪيچ مَ تا ڪچن،
اشـــارتون ان جـــون ســـڪو تـــان ســـڄن،
وٿـــان ويهـــي تـــن، ســـڻ تـــہ ســـوز پـــرائين.

# باب ايڪٽيهون

سردار مهراب خان جڏهن شادي ۽ نڪاح جي تاريخ سردار شاهنواز کان وٺي ۽ طئي ڪري اچي پنهنجي حويليءَ ۾ بنا ڪنهن رک رکاءُ ۽ پرواهہ جي سيني جي اڳيان عزيز جان کي ٻڌايو تہ، هيءَ تاريخ آهي شادي ۽ نڪاح جي، تہ سڄي حويلي ڄڻ لرزي ويئي. ٻانهيون ۽ دايون سيئي حيران پريشان ٿي ويون. تاج بيبيءَ کي ان ڳالهہ جو واءُ ڪجهہ تہ اڳ ئي پئجي ويو هو. پر ڪيس ذرو بہ يقين نہ هو تہ مهراب خان کو واقعي ٻي شادي ڪندو، ۽ ايئن تڪڙو ئي ڪندو! هن پانيو هو تہ هو رڳو ڪيس ڊيڄارڻ ۽ ڪيس جهڪائڻ لاءِ ٿو نمونا ڪري. پر اڄ جڏهن ڳالهہ واضح صورت ۾ سچي ثابت ٿي تہ ڪيس بيهوشيءَ جا دورا پوڻ لڳا. عزيز جان وٽ اچي ٻئي ٻار سندس اڳيان سٺي اچلائي روئي چيائين، "پڦي، ڪٿو پنهنجا ٻار آڻ وڃان ٿي پنهنجي گهر."

عزيز جان ڪيس پاڪر پائي دلاسو ڏيندي چيو، "ڪهڙي پنهنجي گهر ٿي وڃين؟ تنهنجو گهر تہ هيءُ آهي پٽ، ۽ هيءُ گهر توکان ڪوبہ ڪسي نٿو سگهي، مهراب خان بہ نہ!!"

۽ سندس اکين مان لڙڪ ڪري پيا تہ تاج بيبي اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. ٻار بہ پريشان ٿي روئڻ لڳا. عزيز جان ٻارڙن کي ڇاتيءَ سان لاتو تہ تاج بيبي بہ سندس ڇاتي منجهہ لڪي روئڻ لڳي، ٻئي پڦي، ڀائٽي ۽ ٻار روئڻ لڳا. اهو منظرو اهڙو هو جو ڪنور کان ڪنور ماڻهو بہ پنهنجا لڙڪ جهلي نہ سگهي سو سيئي مايون اوڇنگارن سان روئڻ لڳيون. سردار مهراب خان اندر حويليءَ ۾ آيو تہ حويليءَ ۾ روڄ راڙو لڳو پيو هو. ڪاوڙجي چيائين، "هي ڇا آهي؟"

عزيز جان اتي اچي چيو، "پاڻ ئي روئاڙيو اٿئي، وري پاڻ ئي پيو پڇين تہ آهي ڇا؟"

”ڇا ڪيو آهي مون، ڪهڙو ظلم ڪيو اٿم- ڇا ڪسيو اٿم ڪنهن ڪان، جو ايڏو روڄ راڙو مچائي قيامت ڪري ڇڏي اٿوَ؟“

”ڏس پٽ، تون جيڪو بہ ڪرين پيو...“

”امان، خدا جي واسطي وڏيڪ نصيحتون نہ ڪر! آءٌ شاديءَ جي تاريخ طئي ڪري آيو آهيان. اڄ شعبان جي 3 تاريخ آهي، 25 تاريخ تي منهنجو نڪاح آهي. ڪو هلي نہ هلي ڪوبہ فرق نٿو پوي!!“

عزيز جان پٽ ۾ نهاريندي رهي جيڪو ڪيڏي ڪنورتا سان زهر ٻڏل لفظن جا لڳاتار وار ڪري رهيو هو بنا اهو ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي تہ انهن جي پهچ ڪٿي ڪٿي آهي ۽ اهي ڪهڙا هاڃا ڪندا.“

”نيڪ آهي پٽ، تون مرد آهين، هن گهر جو بلڪ راڄ جو سربراهہ آهين، سردار آهين... توکي روڪڻ واري آءٌ ڪير آهيان! هڪ ٻيڙي عورت؟“

مهراب خان ڇرڪي ماءُ ۾ نهاريو ۽ سندس پيرن تي ڪري پيو، ”امان، مون تہ توکي سڀ کان اول ٻڌايو هو ۽ شامل ٿيڻ لاءِ بہ چيو هو. پر تون شامل نہ ٿيءَ تہ مجبور تي ويس اهو سڀ اڪيلي سر ڪرڻ لاءِ...“

تاج بيبيءَ ڪنڌ هيٺ ڪري لڙڪ اگهي ڇڏيا. ٻار، ”بابا بابا“ ڪري کيس چنبڙي پيا جن کي ڪٽي هو چميون ڏيڻ لڳو. عزيز جان چيو، ”طارق خان کي خبر آهي؟“

”ها.“

”ڇا ٿو چوي؟“

”بس، جيڪو بہ چيائين پر مون کيس اهوئي جواب ڏنو جيڪو توکي ڏنو اٿم.“

تاج بيبي هڪدم اٿي عزيز جان کي چيو، ”پڦي، آءٌ پنهنجي مائٽن جي گهر وينديس!“

جيسين عزيز جان جواب ڏي تنهن کان اڳ مهراب خان سپاٽ لهجي ۾ چيو، ”منهنجو ارادو ڪنهن کي بہ گهر کان ٻاهر ڪڍڻ جو ناهي. اڳتي هرڪو مرضيءَ وارو آهي!“ ايترو چئي مهراب خان ماءُ جي ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو.

عزيز جان چيو، ”ڏس پٽ تاجان، تنهنجي گهر ڇڏڻ سان ٻيا ٻه وڏا مسئلا پيدا ٿي پوندا. خدا جي واسطي اهڙو ڪوبہ اُبهرو قدم نہ کڻجين جو بعد ۾ پڇتائڻ بنجي پوي. مهراب خان نہ رڳو سردار آهي پر هن گهر جو خودمختيار مرد آهي. ڪيس جهڪائڻ اسان ٻنهي عورتن کي جڳائي نٿو! ايئن ڪرڻ سان ٿي سگهي ٿو تہ هو اسان کان ڏار ٿي وڃي ۽ جي هو ڏار ٿيڻ چاهيندو تہ پلا اسين ٻئي ڪيس روڪي سگهنديوسين؟ ۽ پوءِ نقصان ڪنهن کي ٿيندو؟ توکي ۽ مون کي نہ! ۽ اهو مرد جنهن کي گهر ۾ عزت ۽ اهميت هوندي آهي اهو وڏيڪ حوصلن ۽ سمجهدارين سان پنهنجون ذميواريون سنڀالي ۽ نڀائي، سگهي ٿو ۽ مهراب خان کي مون ايئن ئي پاليو آهي.“

تاج بيبيءَ روئندي چيو، ”پڦي، هي ڏينهن تہ آءٌ امان ۽ بابا وارن وٽ رهان نہ! هتي تہ منهنجي دل ٻہ اڌ ٿي پوندي.“

”ڀلي پٽ، آءٌ پاڻ توکي ونئي هلنديس. ادا حمل خان ۽ ادي اميران سان بہ ڳالهائڻو اٿم... هونئن بہ ادي اميران جي طبيعت نيڪ نٿي رهي سو متان توکي ۽ ٻارڙن کي روئندي ڏسي وڌيڪ بيمار نہ ٿي پوي؟“

”پر پڦي، آءٌ اڄ ئي وينديس!!“

”هئو پٽ، آءٌ توکي اڄ ئي ونئي ٿي هلان.“

حمل خان وارن وٽ مهراب خان جي شادي ڪرڻ واريون اڏامندڙ خبرون تہ اينديون هيون جن سندن ذهنن جي پولار تي تشويش ۽ فڪر جي ڏنڌ چاڙهي ڇڏي هئي پر پوءِ بہ انهن ڪنهن کان بہ ان جي تصديق يا ترديد نہ چاهي هئي ۽ پنهنجي اندر ۽ ٻاهر واري فضا ۾ اداسي ۽ افسردگي ويڙهي هلندا رهيا. پر اڄ جڏهن تاج بيبي ٻارن سميت روئندي عزيزجان سان گڏجي وٽن آئي ۽ جڏهن عزيز جان نهايت تدبر ۽ وقار سان ۽ تاج بيبيءَ اوچنگارن سان روئندي ان خبر تي تصديق جي مهر ثبت ڪئي تہ سڄو وايو منڊل ڏک ۽ ڏمرجي ڪڪرن سان سٽجي ويو ۽ ذهن ڪورا ٿي ويا... وٽن ڳالهائڻ لاءِ ڪو اکر، ڪو لفظ ۽ ڪو جملو نہ رهيو. جان

بيبيءَ جو هانءَ تہ اڳ ئي پريل هو، اها تاج بيبيءَ سان ياڪر پائي روئڻ لڳي. باقي سيئي گهرياتي ايئن ماٺ هئا جڻ سڀو ڏوهہ سندن هو ۽ اها سڄي واردات سندن ئي هدايتن تي ٿي هئي. امير بيبي جا نيڻ سندس جيان ئي ماٺ هئا. ڪو هڪ لڙڪ بہ منجهانئن نہ ڳڙيو. پر جڏهن تاج بيبيءَ جا ٻارڙا ڪيس ”ناني، ناني“ چئي چنبڙي پيا تہ هُن روئي ڏنو. عزيز جان ياءُ ۾ نهاريو جنهن جو سرخ سفيد چهرو لڙڪ ضبط ڪرڻ ڪري صفا ڳاڙهو ٿي ويو هو. عزيز جان چيو، ”هي صدمو رڳو اڪيلو اوهان جو ناهي... مان بہ شريڪ آهيان ان ۾... باقي اهو منهنجو وعدو آهي تہ اها حويلي جنهن ۾ اسين سڀ مهراب خان، آءٌ تاجان رهون ٿا، اها تاجان جي ملڪيت آهي ۽ رهندي.“

”ان سان ڪهڙو ٿو فرق پوي. ڳالهہ آهي ماڻهو جي، اهو جي حويليءَ ۾ نہ ايندو تہ خالي حويليءَ ڪي تاجي ڇا ڪندي؟ ايئن تہ هوءَ اسان وٽ بہ رهي سگهي ٿي... سندس ڪمرو اڄ بہ جيئن جو تيئن سينگاريل آهي!“

”ايئن ناهي ادا، مهراب خان تاجان سان تعلق خدا نہ ڪري ختم تہ نہ ڪيو آهي. ٻہ شاديون تہ بابا بہ ڪيون هيون! پوءِ امان ۽ اسان ٻنهي ياءُ ۽ ڀيڻ ۾ ڪهڙو فرق آيو هو؟ اهائي حويلي، اهوئي بابا ۽ اهي ئي اسين لاڏلا ۽ بابا جي اکين جو نور هئاسين.“

”اها تہ اسان جي ويڳي ماءُ سني هئي ۽ اسان ڪي امان ڪان بہ وڌيڪ چاهيندي هئي ۽ ڪيس ڪو اولاد بہ نہ ٿيو هو.“

”پڪي، ڪو سبب، ڪا وجهہ بہ تہ هوندي نہ... بس ائين ئي مڙيئي سڙيئي ڪيئن ٿو شادي ڪري مهراب خان!؟“

جبار ڪان رهيو نہ ٿيو ۽ اهو بہ خيال نہ ڪيائين تہ سندس وڏا پيءُ ۽ پڪي ڳالهائي رهيا آهن. حمل خان ڪيس ماٺ ڪرائي چيو، ”وجائون ۽ سبب انهن ڪان پڇبا آهن جيڪي جوابن جو ذميواريون ڪڻن! جڏهن تہ مهراب خان ڪيتري وقت ڪان وني لاتعلق رهيو آهي اسان ڪان...“

عزيز جان چيو، ”جبار پٽ، سبب تہ ضرور وٽس بہ هوندا! بلڪ

آهن جن جي ايثار ڪرڻ ۽ ڪلڻ سان تي سگهي ٿو وڏيڪ تلخيون، دوريون ۽ ڪشيدگيون پيدا ٿين. باقي اها ڳالهه ظئي آهي بلڪ دنيا ۾ مجي ٿي تہ هو نهايت ذهين، بردبار ۽ سهپ وارو آهي. بي واجبي تہ هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن سان بہ نہ ڪئي آهي.“

امير بيبيءَ لرزندڙ آواز ۾ چيو، ”هيءَ جيڪا کهڻ جهڙي بيواجبي تاجيءَ ۽ ٻارن سان پيو ڪري اها ڪنهن جي کاتي ۾ ويندي؟“

عزيز جان پٽ جي پيار ۾ اهو بہ وساري ويٺي هئي تہ اڳيان تاج بيبيءَ جا پيءُ ۽ ماءُ آهن. ”بيشڪ ادي اميران، تون سهي ٿي چوين. پر هيءَ مهل مون لاءِ اوهان ڪان بہ وڏيڪ ڏکي ۽ ايذائيندڙ اهي. ڇو جو مهراب خان جي ماءُ جي حيثيت ۾ مياري آهيان تہ تاجان جي پڦيءَ جي حيثيت ۾ ڏکي بہ آهيان.“

جان بيبي سڏڪندڙ تاج بيبي ۽ ٻارن ڪي پنهنجي ڪمري ڏانهن وٺي ويئي. تہ حمل خان چيو، ”ادي، آءٌ چاهيان ٿو تہ مهراب خان جي شادي ڪرڻ تائين تاجي ۽ ٻار ڀلي اسان وٽ هجن تہ چڱو!“

امير بيبي يڪو ماٺ هئي. جبار ماءُ ۾ نهاريو جنهنجو چهرو ڪيس بدليل لڳو. ”امان، صبح جو گوري کاڌي هيئي؟“

”نہ ابا، ڀلجي ويئي آهيان.“

”جانيءَ سان بہ حد آهي، چيو بہ اٿم تہ امان کي گوري يادگيريءَ سان کارائجانءِ پر...“

”جانيءَ جو ڏوهہ ڪونهي ابا، هن آڻي ڏني هيم پر صبح جو الٽي پي آيم سو...“

”طاهري، امان جي گوري ۽ پاڻي کڻي آءِ.“

عزيز جان چيو، ”اميران، دل وڏي ڪر، الله سڀ چڱي ڪندو... تاجان جو فڪر ڪرڻ تنهنجو نہ منهنجو ڪم آهي. تاجان منهنجي آهي ۽ ان جي عزت ۽ اهميت گهٽ ڪرڻ جي ڪنهن ۾ بہ طاقت ناهي. مهراب خان تہ اهڙو ناهي پر جي هو بہ اڳيان ايندو تہ تاجان جي عزت ۽ اهميت کي گهٽائي نہ سگهندو. ادي اميران، تون

هرويرو هانءُ نہ هار! تون ڏسجانءِ مهراب خان پاڻ اچي تاجان ۽ ٻارن کي وٺي ويندو!“

عزيز جان وڃڻ مهل چاهيو تہ تاج بيبي ۽ ٻار بہ ساڻس گڏ هلن پر امير بيبيءَ جي صحت جو خيال ڪري کين ڇڏي ويئي. ٻارن تہ گهڻو ئي ”بابا، بابا“ چئي ساڻس گڏ وڃڻ چاهيو پر تاج بيبيءَ کين نہ ڇڏيو.

مهراب خان جي شاديءَ ۾ سندس مائٽن جي عدم موجودگيءَ جون سڀ ڪسرون دوستن لاهي ڇڏيون. حالانڪہ مهراب خان کين گهڻو ئي جهليو هو تہ ايڏي ڌوم ڌام جي ضرورت ناهي، نہ ڪريو... ڇو جو اها سندس پهرين شادي ناهي! پر انهن نہ مڃيو. ايئن ئي محفلون ۽ خوشيون، ايئن ئي ڪاڄ ۽ دنيا کي دعوتون هيون جيئن پهرين شاديءَ ۾ هيون. سردار شاهنواز خان تہ ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ ٻڌل نہ هو. هن کي تہ سردار مهراب خان تي ڪپيو جيڪو ڪيس مليو هو. هن تہ ڪنهن بہ ڳالهہ جو ڪوبہ خيال نہ ڪيو هو. اهو بہ نہ سوچيائين تہ مهراب خان جي ماءُ بہ شاديءَ ۾ شريڪ ناهي تي!

مهراب خان ڪنوار کي وٺي جڏهن حويليءَ ۾ آيو تہ سندس ڪنوار جي آجيان لاءِ حويلي ۾ ڪوبہ اهتمام نہ هو. نہ ئي ڪيس عزيز جان حسب رواج ڪنوار جي آجيان لاءِ بيٺل نظر آئي. ڪيس ياد آيو تہ جڏهن هو تاج بيبيءَ کي وٺي حويليءَ ۾ آيو هو تہ عزيز جان ڪيس وٺي آڻڻ جي باوجود کين حويليءَ جي دروازي تي بيهاري الائي ڇا ڇا آڻي تاج بيبيءَ جي مٿان صدقو ڪري گهوري غريبن کي ڏيئي پوءِ ڪيس اندر حويليءَ ۾ وٺي آئي هئي... مهراب خان مشڪي ڪنوار کي وٺي ماءُ جي ڪمري ۾ آيو. عزيز جان پٽ کي نرڙ تي چمي ڏيئي ڪنوار کي ڌهري پارائي سندس آجيان ڪئي. مٿين ماڙي تہ تاج بيبي جي حوالي هئي. هيٺين ڪمرن مان هڪڙو ڪمرو سجائي عزيز جان کين ڏنو. نئين ڪنوار سان آيل ٻانهيون مهراب خان موٽائي ڇڏيون هيون. عزيز جان ڪنوار جي خدمت لاءِ سوڍي ۽ مڪڻي کي مقرر ڪري، پاڻ ڪنوار کي وٺي سندس لاءِ سجايل ڪمري ۾ وٺي آئي. مهراب خان ماءُ جي ڪيفيت

ڪان واقف هو. سو بلڪل مان هو پر پنهنجي خواهش ۽ پسند پائڻ واري خوشي سندس چهري مان ڦٽڪيو پي ٻاهر نڪتي. مرڪ سندس چپن تي ائين قبضو ڪري ويني هئي ڄڻ ڪيس ڊپ هجي ته متان اڳ وانگيان لمحن جي مهمان نه ٿي وڃي. عزيز جان ڪين سندن ڪمري ۾ پهچائي پاڻ وري پنهنجي ڪمري ۾ آئي. مهراب خان جي چهري تي پکڙيل خوشي ۽ چپن تي سجايل مرڪ ته ڪيس گهٽو ئي آرام ۽ سڪون ڏنو پي پر سندس اندر ۾ حمل خان جي گهر جي هر ياتيءَ جو اداس چهرو اچي ڪيس تڙپائڻ ۽ بيقرار ڪرڻ لڳو. سندس اکين ۾ لڙڪ تري آيا. ”جيجي، ماني تيار آهي ڪٿي رکان؟“

شبيءَ جي آواز تي چرڪي عزيز جان پنهنجا لڙڪ اگهيا ته شبيءَ وڏين ماين جيان چيو، ”جيجي، الله سائين، سائين مهراب خان کي وڏي حياتي ڏي. فڪر جي ڪهڙي ڳالهه آهي، جيجي تاجان لاءِ به گهٽائي سک ۽ پيار آهن سندس ٻچن کي الله وڏي جمار ڏي ڪين ڪنهن جي پرواهه آهي؟“

ننڍڙي شبيءَ جي ڏنل وڏي آٿت عزيز جان کي قرار ڏيڻ سان گڏ ايڏي ته حيراني ۽ خوشي ڏني جو هن شبيءَ کي سڏي سندس مٿي تان پيار مان هٿ ڦيرائي ڪيس خرچي ڏيندي چيو، ”شبي، ايڏيون پياريون ڳالهيون نه ڪندي ڪر، نظر لڳي ويندئي.“ ۽ سندس پراڻن ميرن ڪپڙن کي ڏسي چيائين، ”وڃ وجي نوان ڪپڙا پاءِ... نئين ڪنوار ڇا سوچيندي؟“

شبي خوشين ۾ جهومندي رڌڻي ڏانهن هلي ويئي ۽ عزيز جان پاڻ کي پرسڪون پائڻ لڳي.

# باب پنٹيهون

ماڻهوءَ جو مزاج موسمن جي حقيقتن کي بہ ڦيرائي ڇڏيندو آهي. ماڻهو خوش آهي تہ هر مند مشڪندڙ ڏيک ڏيڻ تي لڳي. پر ساڳيون گلن سان مهڪيل خوشبودار رتون، جن تي ٺهڪ ڏبا آهن بلڪ جن جي اچڻ تي مبارڪون ڏبيون آهن. اهي ساڳيون رنگين ۽ سرهيون رتون جڏهن ماڻهو جو من اداس ۽ آتما بي شانت هوندي آهي تہ تڙپائڻ لڳنديون آهن ۽ بهارن تي بہ پن ڇڻ جو گمان ٿيڻ لڳندو آهي. هيءَ بسنت رت بہ حمل خان جي حويليءَ ۾ پن ڇڻ واري اداسيءَ جي تصوير بنيل هئي. ڪويل جي ڪوڪ بہ ستائڻ جو سبب ٿي بڻي، جنهن تي اڳ سيئي هڪ ٻئي ڏانهن مشڪي نهاريندا هئا... ان لاءِ هاڻي اهي ريمارڪس هئا، "ڪيڏو ٿي وات هٽي سڃو ڏينهن، مات ئي نٽي ڪري."

حويليءَ جا مڪين مات ۾ منڌل هئا. ڪم ڪرڻ وارا، ٻانها ٻانهيون، نوڪر چاڪر جيڪي اڳ نبنگ ٽپا ڏيندا ڪل ٺهڪ ۾ ٻڌل هوندا هئا، اهي سونپيل ڪم ڪري رهيا هئا. ختو ۽ ملوڪان ٻنهي جون شاديون ٿي ويون هيون ۽ ٻنهي کي هڪڙو هڪڙو ٻار هو جيڪو حويليءَ جي قانون ۽ قائدي موجب وڏيون مايون نپائينديون ۽ تاتينديون هيون. ختو ۽ ملوڪان جن جو ڪلڻ مان ڍءُ نہ ٿيندو هو ۽ سڃو ڏينهن وات ڦاڙي ٺهڪ ڏينديون هيون اهي نل وٺ آهستي پڻ پڻ ڪري ٽانوَ ڏوئي رهيون هيون.

"ختو، سائين مهراب خان جي شاديءَ کي اڃي ٻيو مهينو ٿيو آهي پر اجان تائين جيجي تاجان ۾ ٻار هتي ئي آهن."

"جيجي عزيز جان تہ الائي ڪيترا پيرا آئي آهي پر پوءِ بہ..."

"پر جيجي جانل جي قسمت تہ جيجي تاجان کان بہ خراب ٿي... جيجي تاجان جي پڦي سندس مٿان گهور ٿي ٿيئي، ڪيس ٻار بہ آهن سندس مڙس راڄن جو ڏٽي آهي... باقي جيجي جانل جي ساهرن ۾

حال ڪونهي. سندس مڙس، سس ۽ نڻانيون سيئي هڪجهڙا ڪوڙا ۽ بڇڙا آهن."

"جيجي جانل جي ماسيءَ بہ تہ ملوڪي، گهٽائي چڪر ڏنا آهن ڪيس وني وڃڻ لاءِ."

"ڪيئن وجي، ڪٿي وجي؟ ٻڌيون تہ اٿئي جيجي جانل جون ڳالهيون."

"مون ڪي تہ الا، جيجي اميران جي ڳڻتي آهي. ٻنهي ڌيئرن جو ڏک اتس ڳرندي پيئي وڃي."

"جيجيءَ واريون بہ شايد ماءُ جي ڪري پنهنجي گهرن ڏانهن نٿيون وجن!!"

"ماءُ ڪي ڇڏي ڪيئن وجن؟"

ٻئي ٽانوَ ڌوئي اٿيون تہ گيٽ مان نور بيبي ۽ مير محمد ڪي ايندي ڏٺائون. ملوڪان پنيري تي سرٻاٽ ڪيو، "هيئن جي سائين سهراب خان اچي تہ؟"

"هئو الا، نہ تہ ڪر جيجي اميران بہ نيڪ ٿي وجي. باقي هنن جي اچڻ جي ڪنهن ڪي تي خوشي ٿيئي!"

ختوءَ بہ پنيري تي چيو تہ ڪيس نونٽ هٽي چيو، "وات قاٽي، آهستي ڳالهاءُ، ٻڌي نہ ونن."

نور بيبيءَ ڪين ڏسي چيو، "مايون، پنيريون نہ ٿيون، مون ڪان اچي پيتي ونو ڳري آهي."

ٻئي ڊوڙي وٽس آيون.

امير بيبي پلنگ تي ليٽيل هئي. پر ۾ رکيل ڪرسيءَ تي حمل خان وينو هو تہ نور بيبي ۽ مير محمد ڪمري ۾ آيا ۽ ڪيڪاري صوفن تي وينا. چگيلائي ڪرڻ ڪان پوءِ نور بيبيءَ ڳالهہ شروع ئي هينئن ڪئي، "ادي اميران، توکي رب سائين وڏي ڇمار ڏي... آءٌ تہ هُتي بہ تنهنجي ئي فڪر ۾ آهيان... پر هينئر ڪيئن بہ ڪري مون ڪي جاني ڏي تہ گهر وني وڃانس!"

امير بيبيءَ جهيڻي ۽ هيٺي لهجي ۾ چيو، "ادي، پلي جانيءَ ڪي وني وڃ. پوءِ ڪنيس ياڳ."

جان بيبيءَ کي سڏايائون، هوءَ آئي ۽ نور بيبي سان کيکاري سندس پير ۾ اچي ويني، ”پٽ، آءٌ تو لاءِ آئي آهيان. مون سان گڏجي هل!“

جان بيبيءَ حيرانيءَ مان ماءُ ۽ پيءَ کي ڏٺو. امير بيبيءَ ڪمزور آواز ۾ چيو، ”هئو پٽ، تون پلي ماسهين سان گڏجي وڃ. ڏس ته نور بيبيءَ ڪيڏا وَرَ ڏنا آهن.“

”امان تنهنجي طبيعت؟“

”آءٌ نيڪ آهيان پٽ.“

جان بيبي حيران هئي ته سندس ماءُ سيني حالتن کان باخبر هوندي به ڪيڏي آسانيءَ سان ڪيس وري ساڳئي جهنم ۾ اماڻي رهي آهي. ماءُ جي نازڪ طبيعت جي ڪري هوءَ ڪجهه ڳالهائي ۽ ضد ڪري به نٿي سگهي... ٻن ڏينهن کان پوءِ هوءَ روئندي سيني سان موڪلائي شموءَ کي وٺي نور بيبي ۽ مير محمد سان گڏجي ڪراچي هلي ويئي.

جان بيبي جي وڃڻ سان ماحول جي سوگواريت ۾ هيڪاري شدت اچي ويئي هئي. تاج بيبي ۽ ٻار به جڻ اباڻڪا ٿي پيا هئا. سهراب خان ته هاڻي ٿورو ٿورو ڳالهائي به پي سگهيو، اهو ته صبح جو اٿڻ ساڻ اهوئي سوال ڪندو هو، ”امان، ماسي جاني؟“

۽ تاج بيبي پنهنجا ۽ جان بيبي جا سور گڏي لڙڪن ۾ وهائڻ ٻي ڪوشش ڪندي هئي پر اندر ۾ تاڪ ڪري ويٺل ڏک جي ايئن لڙڪن سان گڏ وهي وڃن ها ته اڄ هرڪو خوش هجي ها. ماءُ کي روئندي ڏسي ننڍڙو سهراب خان ويتر پريشان ٿي پوندو هو، ”هلو امان، هلو.“

”ڪيڏانهن؟“

”بابا، ماسي جاني!“

۽ هوءَ سهراب خان جي ڳالهين تي گهبرائجي ٻارن کي کڻي ٻاهر اڱڻ ۾ آئي جتي حمل خان ۽ امير بيبي کٽن تي ويٺا هئا ۽ ستار جي پٽ ۽ ڌيءَ سان وندري رهيا هئا. تاج بيبي آهستي اچي ماءُ جي پير ۾ ويني ته امير بيبيءَ ڪائنس ننڍڙي ڌيءَ نيلم وٺي

پنهنجي هنج ۾ ڪئي، جيڪا حمل خان جي هنج ۾ وينل ستار جي ڏيءَ زمرد سان گڏ ويهڻ جو ضد ڪرڻ لڳي. حمل خان ۽ امير بيبيءَ مشڪي ٻنهي کي هيٺ پٽ تي وڇايل قالين تي ويهاريو ۽ هو ٻئي خوش ٿي کيڏڻ لڳيون. ستار جو پٽ حمل خان، جنهن کي گهر ۾ مرتضيٰ خان چوندا هئا ۽ مهراب خان جو پٽ سهراب خان جنهن کي شهزادو چوندا هو، اهي پاڻ ۾ لڪ لڪاٽي ۽ هڪ ٻي کي جهلڻ واري راند ۾ مصروف ٿي ويا ۽ پنهنجي سريلن ٽهڪن ۽ مستين سان ماحول کي ڀرپور خوشگوار بنائي رهيا هئا. سيئي مرڪي رهيا هئا. حسن ۽ طاهره اندر ڪمرن ۾ هيون ٻاهرين گيٽ مان ستار ۽ جبار اندر آيا ته سندن پٺيان ئي سفيد وڏي پوتيءَ ۾ ويڙهيل عزيز جان ۽ سردار مهراب خان اندر داخل ٿيا! سيئي حيران ٿي ويا. ٻانهيون دايون حيرت مان وات ڦاڙي ڏسي رهيون هيون. ملوڪان اندر رڌڻي ۾ هئي. ختوءَ اهو ناقابل يقين منظر ڏٺو ته ڊوڙندي رڌڻي ڏانهن ڀڄي، ”آئي ملوڪي، سائين مهراب خان آيو آهي!“

”قرآن!“ ملوڪان جي هٿن ۾ جهليل ٿانوَ هڪ ٻئي سان ٽڪرائجي ويا.

”هئو، قرآن جو سنهن...“

ٻنهي جي اکين ۾ خوشيءَ مان لڙڪ پرجي آيا ۽ ٻئي رڌڻي جي جاريءَ واري دريءَ مان ٻاهر اڱڻ ۾ ڏسڻ لڳيون. سردار مهراب خان کي ڏسي حمل خان ۽ امير بيبي اٿي بيٺا، مهراب خان ٻنهي سان پيرين پئي مليو. تاج بيبيءَ به اٿي عزيز جان سان کيڪاريو. عزيز جان مشڪي حمل خان ۽ امير بيبيءَ سان ملي. ماڻ ڊوڙي ڪرسيون ۽ ڪٿون ڪٽي هنڌ وڇايا. سيئي ويٺا. مهراب خان جا ٻار ”بابا، بابا“ چئي اچي ساڻس چنبڙيا... سهراب خان چڙي کيس ڏک هڻڻ لڳو، ”بابا، ايتلا ڏينهن تتي هئا؟“

مهراب خان کين ڀاڪرن ۾ ڀري بيتحاشه چميون ڏيڻ لڳو. ملوڪان رڌڻي جي دريءَ تان هٿني لڙڪ اگهي چيو، ”سائين مهراب خان ٻارن لاءِ کيڏو اڪنديل آهي ۽ ٻار به پيءَ لاءِ کيڏو سڪايل آهن.“

ختوءَ به رئي جي پلوءَ سان هنجون اگهي چيو، ”هئو الا، جيڪي ٻچن کان پيئر ڏار ٿيون ڪن، تن کي الله پڄندو.“

اتي ئي ميزون لڳائي چانهه شربت اچي ويا، طاهره ۽ حسنه به آيون ۽ اچي ساڻن مليون. عزيز جان چيو، ”جاني ڪٿي آهي؟“

”اها پنهنجي گهر هلي وئي....“ امير بيبيءَ کان اهي لفظ وڏي تڪليف سان اڪليا هئا.

”مون کان موڪلايائين به نه... ايئن هلي وئي!“

”هوءَ ڪٿي ٿي وئي. مون ته موڪليو اٿس زوريءَ... روئندي وئي آهي.“

حمل خان اکيون مٿي ڪٽي ٽڌو ساهه پريو ته مهراب خان چرڪي ڪيس ڏنو، ”چاهي ماما ڪا ڳالهه آهي ڇا؟“

”نه بابا، بس مڙيئي هانءُ پرجي آيو هئم.“

عزيز جان ياءُ ۽ ياجائيءَ ۾ نهاريو ٻئي هيٺا ۽ ڏڪويل پي لڳا. ”ادا حمل خان، مهراب خان ادي اميران کي به ڏسڻ آيو آهي پر اصل ۾ هو تاجان کي ونڻ آيو آهي.“

حمل خان ۽ امير بيبي پنهنجي ٻنهي ڌيئرن جي خراب قسمت تي هونئن ئي ڏڪويل هئا انهن ڪابه ڳالهه، ڪوبه شرط ۽ اعتراض نه ڪيو ۽ تاج بيبي ۽ ٻارن کي ساڻن گڏ موڪلي ڏنو.

ٻنهي ڌيئرن جي وڃڻ کان پوءِ ٻئي اداس اڪيلا ٿي ويا هئا. اولاد، خاص ڪري ڌيءَ سڪي آهي ته مائٽ به زمين تي ٽڪيل هوندا آهن پر جي اولاد ڏکي آهي ته پوءَ مائٽ به پولارن ۾ ٽنگيل ٿا رهن. امير بيبيءَ جي طبيعت جيئن پوءِ تيئن ڪرندي ٿي وئي. حمل خان جي سمجهه ۾ ڪابه ڳالهه نٿي آئي. هو ڪمري کان ٻاهر نڪتو. ستار جي ڪمري ۾ ٻارڙن جا ٽهڪ، آواز ۽ هل پي ٻريا جيڪي ماحول جي بيحد گهٽي اداسيءَ کي ٽوڙڻ جي هر ممڪن طريقي سان ڪوشش ڪري رهيا هئا.

ستار حسنه کي چيو، ”امان جي صحت مسلسل ڪرندي پيئي وڃي... بابا ته ڏاڍو ئي پريشان ۽ ڊسٽرب آهي. مون کي ته اهو ڊپ آهي ته متان امان جي فڪر ۾ بابا به بيمار نه ٿي پوي.“

”واقعي هاڻي ته بابا ڪاڏو به گهٽ تو ڪائي بلڪ ڪڏهن ته ڪائيندو ئي ناهي. جڏهن امان تورو گهڻو ڪائي ٿي تڏهن هو به ٿي گرهه ڪائيندو آهي.“

جبار، ستار جي ڪمري ۾ آيو ۽ ويهندي چيائين، ”امان جي حالت ته هتي جي ڊاڪٽرن کان نٿي سڌري، بلڪ منهنجو خيال آهي ته هو سمجهي ئي نه سگهيا آهن ته آهي ڇا!“

”بس رڳو دوائون ڏيو ڏيو ٿا لکن ۽ اسين به چرين جيان پيا دوائن لاءِ ڪراچيءَ ڊوڙون! ان کان بهتر آهي ته امان کي ڪراچي وٺي هلون.“

”مان به اهوئي سوچي تو وٽ آيو آهيان ته امان کي ڪراچي وٺي هلجي ۽ اتي وڏا وڏا ڊاڪٽر ۽ اسپتالون آهن انهن کي ڏيکارجي ۽ جي هو صلاح ڏين ته اتي ئي داخل ڪجي...“

امير بيبي مسلسل ڪراچي وڃڻ کان انڪار ڪندي رهي.

”پريشان ڇو ٿا ٿيو، آءٌ نيڪ آهيان، ڪيڏانهن ڪراچيءَ ۾ وڃي بيقرار ٿيان!! هاڻي ته بيچيني ۽ گهبرائٽ به ناهي. ساهه ۾ تڪليف به گهٽ آهي ننڊ به اچي ٿي ڪاڏو به ڪجهه ڪانءُ پيئي.“

اها ته حمل خان کي خبر هئي ته هوءَ ڪيترو سمهندي ۽ ڪائيندي آهي. هوءَ ته پٽن کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪري زبردستي مرڪڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. پر حمل خان جنهن جي زندگيءَ جو مقصد ئي جڻ امير بيبي کي ئي خوش ڪرڻ هو، اهو ڪيس گهڻو ئي خوش ڪندو هو پر امير بيبي ته جڻ ڪلڻ ۽ خوش رهڻ پلجي ويئي هئي. پر پوءِ به هوءَ پنهنجي عاشق ۽ وفادار جيون ساٿي کي خوش ڪرڻ لاءِ زوريءَ مرڪي به ڏيندي هئي ته حمل خان کي خوشيءَ مان ڳوڙها ڳڙي پوندا هئا.

جان بيبي گهر پهتي ته مير محمد ساڻس ڪاوڙيل رهڻ لڳو پر هن کي به ڪيس پرچائڻ جو ڪو شوق نه هو. هوءَ ته پنهنجي ئي پورا پورا ٿيل ذات کي ميڙڻ سهيڙڻ ۾ ئي پوري هئي جيڪا هن ئي گهر ۾ هن ئي ماڻهو هٿان پرزا پرزا ٿي هئي. هوءَ ته پنهنجي ماءُ جي چوڻ تي آئي هئي نه ته انڪار ڪرڻ ۾ گهٽي دير ٿئي ها! ۽

اهو پنج اکري لفظ (ا ن ڪ ا ر) زبان مان نڪرڻ ۾ پلا کهڙي تڪليف ڏي ها؟ هوءَ اداس ماٺ ۾ تنها رهيل هئي اتي، شمو هيڏانهن هوڏانهن حسن جان ۽ زيبوءَ ڏانهن ايندي ويندي هئي پر طارق خان ڏانهن ڪڏهن به نه ويئي.

نذيران زيبوءَ سان وڙهي پنهنجي مڙس سان گڏجي ماءُ وٽ رهڻ لڳي هئي. وزيران ته اڳ ئي مڙس کي ڇڏي آئي هئي. ٻنهي کي هڪڙو هڪڙو ٻار هو. زيبو جان بيبيءَ سان ملڻ اڪثر ايندي هئي. پر هاڻي سندن ڳالهين ۾ طارق خان جو ذڪر ڪنهن ڪڙاني ٿيندو هو. البته زيبوءَ ڪيس بنا هبڪ اهو ٻڌايو هو ته طارق خان نه رڳو ساڻس ناراض آهي پر مٿس ڪاوڙيل به آهي! جان بيبيءَ جي هاڻ ۾ وڍ پوڻ لڳا. لطيف جو بيت من تي تري آيس:

ريءَ قـريبن قـوت ڪيـو، ويـنـي ورهـ چـران،
ان عــذابان اڳهــين، مــادر چــو نــه مــران،
اديـون جـو نـه اوهـان، سـو مـان سـور سـرتيون.

اندر پنهنجي ڪمري ۾ ويهي شاهه جو رسالو پڙهي رهي هئي ته نور بيبيءَ اچي چيس، ”امان، اتي ڪونيءَ مان ٻاهر نڪر، هل گهم ڦر، صفا ٻاڻ ڪي پوري ڇڏيو اٿئي. گهر ڪان ٻاهر قدم به نٿي ڪڍين؟“

الائي ڪيئن نور بيبيءَ کي مٿس رحم اچي ويو هو... يا الائي ڇا!

ڏينهن ايئن ئي ٻسا ٻسا ۽ بي رنگ گذري رهيا هئا. انهن ئي اداس ۽ بي رنگ ڏينهن ۾ امير بيبي کي اوچتو دل جو دورو پئجي ويو!! ۽ هوءَ اوچتي ئي سيني کان گهٽو ڏور هلي ويئي!... سندس ٻئي ڏيئرون روئنديون پٽينديون پهچي ويون. جان بيبيءَ جي ٻارن ۽ اوسارن تي ته اوپرن جا هاڻ تي ڦاٽا،

”جيجل، موڙ کي ايڏانهن اماڻي پوءِ ڏتاري هلي ويئينءَ!“

امير بيبيءَ جو پنهنجو راڄ ۽ خاندان به وڏو هو ساهرن جو راڄ ۽ خاندان سان گڏ گهڻائي راڄ اچي ڪٺا ٿيا هئا. صالح محمد جي ڏيءَ صفيه چيو، ”پڪيءَ لاءِ ته ڄڻ سڄي دنيا اچي پلٽي آهي.“

نذيران فخر مان چيو، ”ماسي ڪا عام عورت ٿوري هئي، هوءَ ته حڪمران هئي سربراهه هئي.“

صفيه کي سندس ٻناڪ هٽڻ تي ايڏو خار آيو جو ايڏي وڏي ڏک جي باوجود هوءَ سندس پير مان اٿي وڃي ٻي پاسي ڏانهن ويٺي، ۽ جڏهن جنازي کڻڻ مهل آخري ديدار ڪندي جان بيبيءَ ماءُ جي ٻي جان پيشانيءَ کي چمي ڏيندي چيو، ”اي منهنجي جيجل ماءُ، منهنجي پرجهل رازدار امڙ، تون ايئن ڪيئن ٽڪڙو ٿي مون کي اڪيلي ڇڏي پئي وڃين... مون کي به پاڻ سان گڏ وني وڃ مني امان...“ ۽ پوءِ هوءَ بيهوش ٿي ڪري ويئي... ۽ پوءِ عورتون ته عورتون پر مرد به اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳا. تاج بيبيءَ ته جيئن جنازي کي جهليو ته سندس هٿن مان مس مس جنازو ڪڍيائون. ستار ۽ جبار جا به برا حال هئا. باقي حمل خان جي ڏک ۽ صدمي سان ته ڪنهن جي به پيٽ نٿي ٿي سگهي. سندس حال اهو هو جو هو ڪنهن کي به ٻڌي ۽ ڏسي نٿي سگهيو. نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ جنازي کي ڪلهو به ڏنو ته امير بيبيءَ کي سندس آخري آرام گاهه تي پهچائڻ لاءِ ساٿس گڏجي قبرستان به ويو هو ۽ پوءِ گهر اچي ڪيس ڪو هوش نه رهيو هو. عزيز جان پاڻ به اڳ ئي نيڪ نه هئي ۽ ڪيس امير بيبي جي موت ۽ حمل خان جي حالت ويتر بي حال ڪري ڇڏيو هو.

امير بيبيءَ جو چاليهو ٿي ويو هو ۽ وقت سيني کي سنيالي ڇڏيو هو پر امير بيبيءَ جي ڀرپور وجود جو احساس اجان تائين گهر ۾ موجود هو پر سندس جسماني غير موجودگيءَ وڏو فرق آندو هو. سندس اوچتي موت وسندڙ آباد گهر کي ويران بنائي ڇڏيو هو. حالانڪ ٻيا ته سيئي ساڳيا ئي هئا ۽ موجود ٻڻ هئا پر امير بيبي جي وڃڻ هڪ خلا پيدا ڪري ڇڏيو. ويران گهر ۾ هر چيز ٻي ترتيب پي لڳي جڻ امير بيبي انهن جي ترتيب ۾ شامل هئي. سيئي ماٺ ۽ اداس هئا. ڪوبه ڪنهن کي تسلي نٿي ڏيئي سگهيو. زهره ۽ افروز به وقفي وقفي سان وٽن ايندين پي رهيون. طارق خان به امير بيبيءَ جي مرڻ کان وني چاليهي تائين وٽن ايندو ويندو

رهيو هو. ڪيس بہ امير بيبيءَ جي وڃڻ جو وڏو صدمو ٿيو هو. پر هو اڄان تائين اندر حويليءَ ۾ هڪڙو پيرو بہ نہ آيو هو. حالانڪ ڪيس تاج بيبيءَ سان بہ عذرخواهي ڪرڻي هئي جيڪا اڄان تائين مائٽن جي گهر ۾ هئي. پر هڪ تہ اندر حويليءَ ۾ ماين جي گهٽائيءَ ڪري ۽ ٻيو جان بيبي جي ڪري نٽي ويو. هن جان بيبيءَ جي اڳيان ڪڏهن بہ نہ اچڻ جو تهيو ڪري ڇڏيو هو. جان بيبيءَ کي مير محمد جي مارڻ واري خبر هئي هڪ تہ امير بيبيءَ کي هئي ۽ ٻيو شموءَ کي ۽ بس... هاڻي بہ جڏهن طارق خان ٻاهر اوطاق ۾ آيل هو تہ شموءَ چيو، ”امي، سائين طارق خان بہ ڪو ٻاهران ئي ٻاهران هليو ٿو وڃي؟“

”پوءِ ڇا ڪري. ڏوهہ بہ تہ سچو جيجي جانل جو آهي. پاڻ ئي تہ ڪيس رسايائين آهي. سندس لاءِ تہ سائين طارق خان اندر حويليءَ ۾ ايندو هو... صدقو وڃان جيجي اميران مٿان، اها بہ ناهي تہ پوءِ هو اندر حويليءَ ۾ ڪنهن لاءِ اچي، ڇو اچي؟“

شموءَ ڏک مان نرڙ تي هٿ هڻندي چيو، ”ائي امي، توکي کهڙي خبر... آءٌ جيجي جانل سان گڏ آهيان. سندس رت ئي رڳن ۾ سڪائي ڇڏيو آهي سندس ساهرن، هوءَ زيبوءَ جي گهر ويندي هئي اتي سائين طارق خان بہ ايندو هو، پوءِ تہ منهنجي جيجل ماءُ، جيڪو نذيران ۽ وزيران ممڻ مچايو هو... توبہ زاري نيٺ مير محمد کان ڪيس مار ڏياريائون.“

”ائي منيس، مير محمد جيجي جانل کي مار ڏني؟“

اميءَ جي وات مان رڙ نڪري ويئي.

”هئو الا، ٻيو ڇا؟“

”مون سان بہ ڳالهہ نہ ڪيئي؟“

”ڇا ڪريان، جيجي جانل جهليو هو.“

”الله شل مير محمد جا هٿ سڪائي ڏويون ڪندو... الائي ڪيئن ريشم جهڙي، گلن جهڙي راڻيءَ تي پڙوي هٿ کنيا... مار شات ڪيائين.“

امي جهوليون جهلي مير محمد کي پٽڻ، پاراتا ڏيڻ لڳي.

شموءَ ڏک هٽي چيس، ”بس ڙي مائي، کو ٻڌي نہ وٺي.“

”ٻڌي تہ يلي منهنجي در تان ڏنل مينهون کولي وڃي.“

جان بيبي آهستي آهستي وکون کڻندي وٽن آئي. ڪارن ڪپڙن ۾ سوڳوار حسن قيامت لڳي رهيو هو. جان بيبيءَ کي ڏسي ٻئي اٿيون پر هوءَ بنا ڪنهن نهار جي هلندي حمل خان جي ڪمري ۾ آئي تہ هو اڪيلو هو. ڪائنس چرک نڪري ويو، چو پلا ادا وارن بابا کي اڪيلو ڇڏيو؟ حمل خان اکيون بند سوچن ۾ غلطان ليٽيو پيو هو. سندس اکين جي پوڇٽين مان هنجون نڪري ڪنن ڏانهن وهي رهيون هيون جيڪي ڏسي جان بيبي گهٻرائجي ويئي، ”بابا، بابا هي ڇا؟“

حمل خان چرڪي اکيون کوليون ۽ رومال سان پنهنجون اکيون اگهيون. ”بابا، اسان کي چوندو آهين تہ نہ روئو، روئڻ سان وڃڻ وارن جي اڳيان هنجن جا درياءَ اچي ويندا آهن ۽ کين تڪليف ٿيندي آهي، جنهن جي ڪري هو خواب ۾ نہ ايندا آهن؟“

”..................“

جان بيبيءَ کيس ياڪر پاتا تہ هو سڏڪي پيو، ”پٽ، هوءَ منهنجي زندگيءَ جي ساٿي هئي. اوهين اسان جو اولاد شاهد آهيو تہ اسين ڪنهن لمحي لاءِ بہ هڪ ٻي سان نہ ناراض ٿياسين نہ ئي ڏار ٿياسين، سدائين گڏ هڪ صلاح رهياسين.“

”اها تہ پاڻ سني ڳالهہ آهي بابا، تہ توکي کوبہ پڇتاءُ ۽ برشٽي ناهي.“

جان بيبيءَ جو پنهنجو اندر اڌ هو. پر اهو سوچي هن پنهنجا گر گرم لڙک اندر جي باهہ ۾ اوتي ڇڏيا تہ جي منهنجا لڙک ڪرندا تہ هو وڌيک روئي پوندو. هن هڪدم پيءُ جا ٻئي هٿ جهلي پنهنجي اکين تي رکي چميا تہ اهي ٻري رهيا هئا. جان بيبيءَ ڪان دانهن نڪري ويئي، ”بابا، اوهان کي تہ بخار آهي!“

”نہ پٽ، بخار وخار ڪجهہ کونهي بس مڙيئي هيٺائي آهي... نيک ٿي ويندسين!!“

”....................“

جان بيبيءَ وڏيڪ ڳالهائڻ مناسب نہ سمجهيو ۽ سندس پر ۾ ويهي ڪيس مٿي ۾ هٿ گهمائي هلڪا هلڪا زور ڏيڻ لڳي ۽ حمل خان جون اکيون آهستي آهستي ٻوٽجڻ لڳيون جيڪي امير بيبيءَ جي وڃڻ کان پوءِ اوجاڳن جون رهيگ ٿي ويون هيون پر اولاد جي هٿن جو پيار پريو لمس پائي ننڊ جي وادين ۾ گهڙي پيون. جان بيبي پيءُ جا هلڪا هلڪا ڪنگهرا ٻڌي نهايت اطمينان سان اٿي، 'ياخدا، بابا کي آرام ۽ صبر ڏي ڪيس وڏي ڄمار ڏي.' سندس اندر پيءُ کي دعائون ڪرڻ لڳو ۽ هوءَ آهستي ڪمري جو دروازو بند ڪري ٻاهر نڪتي.

"جيجي، سائين ڪيئن آهي؟"

"شمو، بابا کي ڪجهہ بخار بہ آهي پر هينئر الله جي مهربانيءَ سان ننڊ پئجي ويو آهي. تون هتي ئي دروازي وٽ هج. ڪنهن کي اندر وڃڻ نہ ڏجانءِ، نہ ئي شور ڪرڻ ڏجانءِ. ادا ستار ۽ ادي تاجان جي ٻارن کي هيڏانهن اچڻ نہ ڏجانءِ. سمهندو تہ الائي ڪيتري دير پر هينئر شڪر جو ڪجهہ آرام اچي ويو اٿس."

شمو اتي ئي در وٽ هيٺ ويهي رهي ۽ جان بيبي تاج بيبي جي ڪمري ڏانهن هلي ويئي جتي سندس ٻارن جو شور لڳو پيو هو.

# باب ٽيٽيھون

وقت وڏي ڪان وڏي ڳهاءُ جو مرهم هوندو آهي. امير بيبيءَ جي وڃڻ وقت جن جا هانءَ ڦاٽا ٿي اهي سيئي سندس پهرين ورسيءَ تي پرسڪون هئا. ۽ آئي ويئي سان چڱي طرح ملي رهيا هئا. بس، رڳو هڪڙو حمل خان هو جيڪو، اڳوٽيءَ جهڙو نہ هو. هن اهو سڄو سال امير بيبيءَ جي ياد ۾ گذاري پاڻ کي ايڏو تہ هيڻو ۽ ڪمزور ڪيو هو جو هو هاڻي اوطاق تائين وڃن جهڙو ۽ اتي وڃي ويهڻ جهڙو بہ نہ هو! سيئي سندس مائٽ ۽ ويجها دوست ڪيس ڏسڻ ساڻس ملڻ لاءِ اندر حويليءَ ۾ سندس ڪمري ۾ پي آيا. حمل خان جي ڪمري جو هڪڙو دروازو اندر حويليءَ ۾ ٿي کليو تہ ٻيو دروازو ٻاهرين پاسي حويليءَ ڪان ٻاهر ٿي کلو. سو هينئر خاص ورسيءَ جي موقعي تي اندريون دروازو بند ڪري ٻاهريون دروازو کوليو ويو هو. پر جڏهن ڌاريا ملڻ وارا نہ هوندا هئا تہ ٻاهريون دروازو بند ڪري اندريون کوليندا هئا ۽ جان بيبي، تاج بيبي، عزيز جان ۽ سيئي سندس ويجها اڇي وٽس وينا ٿي. عزيز جان بہ هاڻي گهڻو وقت پاڻ وٽ گذارڻ لڳي هئي.

ڪلهہ ورسي خير سان گذري ويئي هئي. صبح جا 11 ٿي رهيا هئا. رات ڪلهوڪي ڏينهن ۽ رات جي ٿڪل حمل خان اجان تائين ناشتو نہ ڪيو هو. جان بيبي ڪيس ناشتو ڪرائي رهي هئي. پهرين تہ حمل خان ضد ڪيو تہ، ”ناشتو نہ، صرف چانهہ جو هڪڙو ڪوپ پيار...“ پر جان بيبي زوريءَ ناشتو ڪرائڻ لڳي هئي. هڪڙو ٻاقيل بيضو ۽ بہ ٽي چمچا دليہ جا ڪارائي، سندس هٿ ۾ چانهہ جو ڪوپ بنائي ڏيئي ڪيس، سلائيس ڪارائڻ لڳي ۽ ڪيس وندرائڻ لاءِ ستار ۽ تاج بيبيءَ جي ٻارن جون شرارتون ۽ مستيون ٻڌائي کلائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي تہ ٻاهرين پاسي واري دروازي مان ستار اندر اچي چيو، ”بابا، ادا طارق خان اوهان سان ملڻ آيو آهي!“

جان بيبيءَ آهستي پنهنجي هٿ ۾ جهليل سلائيس پليٽ ۾ رکي ڪمري کان ٻاهر ٿي نڪتي ته ڪمري ۾ اچي طارق خان سلام ڪيو، ”اسلام عليڪم چاچا.“

حمل خان ڪيس جواب ڏنو. جان بيبي ڪيس آهستي پليڪار ڏيئي ڪمري کان ٻاهر ٿي ويئي ته حمل خان چيو، ”پٽ، ڪيڏانهن؟“

”بابا، چانهه پاڻي موڪليان.“

”مون کان ته پٽ، اڪيلي ناشتو نه ٿيندو.“

هن هٿ ۾ جهليل ڪوپ ۽ سلائيس جو ٽڪرو پليٽ تي رکي چيو ته جان بيبي سندس پر ۾ رکيل ڪرسيءَ تي وري ويهي رهي. ستار وراڻدي واري در مان اندر ويندي چيو، ”آءٌ ٿو آڻيان.“

ستار جي وڃڻ کان پوءِ جان بيبيءَ سوچيو، ’هي ماڻهو جيڪو مون کي سڄي دنيا کان وڌ پيارو آهي پر مون ئي ڪيس ايڏو رنجايو، رُسايو ۽ ڪاوڙايو آهي جو هن مون سان منهنجي ماءُ جي عذرخواهي به نه ڪئي!... پر هن کي منهنجي ڪهڙي پرواهه هن ته بابا، ادا وارن، ادي تاجان سان عذرخواهي ڪري ڇڏي!‘ طارق خان گهرين نظرن سان جان بيبيءَ کي ڏسي رهيو هو، جيڪا ڪارن ڪپڙن ۾ چنڊ جيان چمڪي رهي هئي. هوءَ اڪيون هيٺ ڪري حمل خان کي ناشتو ڪرائي رهي هئي. طارق خان کي الائي ڇو متس ڪاوڙ اچي ويئي.

صورت گهڻا سپرين، ٽاڻا سندن ٿوهه،
ريلو ڏيئي روح، ڪائي سو ڪامي مري.

طارق خان حمل خان کي چيو، ”چاچا، ڪجهه ته گهمو ڦرو، ڪمري کان ٻاهر نڪرو.“

حمل خان اداسيءَ ۾ هيٺائي مان چيو، ”پٽ، تن مان طاقت ڇڏائجي ويئي آهي.“

جان بيبيءَ ڪوپ ۾ چانهه وجهندي چيو، ”ڪاڏو به ته نٿا ڪاڻو نه...“

حمل خان مشڪي چيو، ”طارق خان، جانيءَ کي سمجهاءِ، ڪاڏو وڃندو ته ماڻهو ڪائيندو نه.“

طارق خان جان بيبيءَ کي ڏٺو. هوءَ بہ ڪيس ئي ڏسي رهي هئي، ڪيترن ڏينهن... بلڪ سال کان بہ مٿي عرصي کان پوءِ ٻنهي هڪ ٻي کي ڏٺو هو. جان بيبيءَ جو عشق تہ ويران وير وڌ هو، پر طارق خان کي البتہ اهو ڏک ۽ غصو هو تہ ڇو؟ هن ڪيس بنا سبب ٻڌائڻ جي ايئن يڪطرفو نہ ملڻ جو فيصلو ڪري ڪيس تڙپايو آهي.
هو سخت ڪاوڙيل هو. جان بيبيءَ جي نهارڻ تي هن هڪدم پنهنجون اکيون ڦيرائي ڇڏيون. جان بيبيءَ جو جيءُ جهري پيو.
'طارق خان، تون تہ منهنجي مجبورين کان واقف آهين. مان جيئن بہ ڪريان... تون مون کان نظرون نہ ڦيراءِ... مون کي معاف ڪري ڇڏ، ڇو تہ منهنجو هر عمل منهنجي هاڃيڪار حالتن جو مرهون منت آهي، طفيل آهي. طارق خان، ڪجهہ تہ ڳالهاءِ! ڇاڪاڻ تہ تون سخت ڪاوڙيل آهين ۽ اهو تنهنجو حق آهي پر ايئن ماڻ رهڻ سان تہ پيار جو گمان ٿو ٿيئي، پر مون بہ تہ پاڻ کي وڏين ڏکين ديوارين ۾ قيد ڪري ڇڏيو آهي. ڪنهن جي اچڻ لاءِ ڪو رستو ئي ڪٿي ڇڏيل آهي.' حمل خان چانهن جو ڪوپ جان بيبيءَ جي هٿ ۾ ڏيئي چيو، "طارق خان، پٽ آئون تہ ناشتو ڪائيندي بہ تڪجي پيو آهيان. اوهين ٻئي ماٺ ڇو آهيو؟"
طارق خان سوچيو، 'ماڻهو جي اختيار ۾ سڀ ڪجهہ آهي سواءِ محبوب جي....'
جان بيبيءَ ڪمري مان خاموشي ٽوڙيندي چيو، "گهر ۾ سڀ خير آهي، ٻارڙا ڪيئن آهن؟"
طارق خان مختصر جواب ڏنو، "سڀ خير آهي..."
"اڪبر تہ هاڻي وڏو هوندو، وڙهي تہ نٿو پيڻ سان؟"
"شيطان آهي ون نمبر، وڙهندو آهي ٻنهي ڀينرن سان!"
جان بيبي ڇرڪي پيئي. حمل خان بہ لاعلم هو، "پٽ، توکي تہ هڪ نياڻي آهي نہ؟"
طارق خان مشڪي چيو، "چاچا، مون کي ٻي ڌيءَ بہ ڄائي آهي."
حمل خان هلڪو ڪليو. جان بيبيءَ آهستي چيو، "ٻي ڌيءَ جي

چمڻ جي اسان کي خبر نہ هئي...“

”اوهان کي تہ ڪنهن جي بہ خبر ناهي!“ طارق خان ايترو آهستي چيو جڻ پاڻ کي ٻڌائڻ چاهيائين پر جان بيبي جيڪا سندس ويجهو سندس ئي خوشبوءِ ۾ ويڙهيل ويني هئي ان ٻڌي ورتو ۽ ڏانهنس نهاريائين تہ طارق خان اٿندي چيو، ”چاچا، اوهان ڀلي آرام ڪريو. آءٌ اوطاق ڏانهن ٿو وڃان... ۽ پوءِ مهراب خان ڏانهن ويندس ۽ پوءِ اتان ئي ڪراچي هليو ويندس.“

جان بيبي حيرت مان چرين جيان ڪيس تڪڻ لڳي... ’سستو ۽ بي ملھ ٿيڻ تہ سدائين منهنجي حصي ۾ آيو آهي. تو تہ ڪنهن بہ لمحي انا جو جهندو نہ جهڪايو.‘

”پٽ، هينئر ئي نہ وڃ، ٿورو آرام ڪر. ڪالهوڪو سڄو ڏينهن هلاڪين ۾ ماڻهن سان اٿ ويهہ ڪندي، ملندي ۽رات بہ مهمانن جي ڪري اوجاڳيل آهين. ستار ۽ جبار مون کي سڀ ٻڌايو آهي.“

”بابا سهي ٿو چوي، ”جان بيبي ائين ڦتڪي چيو جڻ ڪيس ڪک جو سهارو مليو هجي.

”ها...“ طارق خان بنا نهار جي ڪيس ساڳيو مختصر جواب ڏنو.

’وچوڙن جي ڪاهين ۾ رهندي. هو بہ مون وانگيان لفظن کي رڳن ۾ جمع ڪرڻ جو رهيگ ٿي ويو آهي ۽ ائين ماپي توري ٿو ڳالهائي جڻ ڊڪشنري جا لفظ ڪيس جواب ڏئي ويا آهن.‘

ستار ڪمري ۾ اچي چيو، ”هلو ادا...“

”ڪيڏانهن؟“ طارق خان صفا حيران ٿي ويو.

”اندر پنهنجي ڪمري ۾ هلي آرام ڪريو. ڪلهہ راتوڪي رات کان تڪل آهيو. آءٌ ڪمري جي صفائي ڪرائڻ ويو هئس. ڪلهہ مايون ٻايون گهٽيون آيون هيون نہ... پر اوهان جو ڪمرو بلڪل صاف آهي. لڳي ٿو اتي ڪوبہ نہ ويو آهي. هلو!“

”پڪيءَ کان پوءِ اندر حويليءَ ۾ وڃڻ لاءِ منهنجا تہ قدم ئي نٿا اٿن. هينئر هتي بہ چاچا جي لاچار مان هليو آيس!“

”پٽ، اندر وڃي آرام ڪر، اهو سڀ ڪجهہ پيو هلندو.“

حمل خان اهي لفظ الائي ڪيئن چيا ۽ پلنگ تي رکيل وهاڻي

تي ٽيڪ ڏيئي آهلجي پيو. جان بيبي اتي ويٺل رهي ۽ ستار طارق خان کي وٺي سندس لاءِ مخصوص تيل ڪمري ڏانهن هليو ويو. طارق خان واقعي گهڻو ٿڪل هو. ڪلهه ورسيءَ جي ڏينهن ڪيس گهڻن ئي دوستن ۽ سڄاتلن کي سنڀالڻو ۽ وقت ڏيڻو پيو هو رات به سڄي رات مهمانن جي اچڻ جو سلسلو جاري رهيو هو. ڪمري ۾ ايندي ساڻ هو پلنگ تي اچي ويٺو. ستار ڪمري کان ٻاهر نڪتو ته هو پلنگ تي ٽنگون ڊگهيون ڪري ليٽي پيو.

جان بيبي پيءُ وٽ ويٺي هئي. جبار جي اچڻ تي اتي چيائين، ”ادا، بابا وٽ ويهڻ آيو آهين نه؟“

”ها ها، آءٌ ته بابا وٽ ويهڻ ئي آيو آهيان چو؟“

”بس، مون وٽ ڪرڻ لاءِ ڳالهيون ئي ڪونهن. مان به ماٺ بابا به ماٺ.“

جبار ڪلي چيو، ”اتي اتي... ماحول ئي اداس ٿي ڪري ڇڏين. هاڻي وري اچي ڏسجانءِ ته بابا ڪيئن نه کلي ڳالهيون ڪري رهيو هوندو.“

حمل خان مشڪيو ته جان بيبي به مشڪي ٻاهر نڪتي. پنهنجي ڪمري ۾ اچي پاڻ کي پلنگ تي اڇلايائين. طارق خان جو رويو سندس سمجهه کان ٻاهر هو. هن ايئن چو، مون سان رکو رکو ڳالهايو؟ واقعي به هو منهنجي مجبورين کان غافل آهي؟ ان ڪري ئي مون سان اوپرن جهڙي هلت هليو آهي. هڪڙي ڳالهه هوءَ وضاحت سان محسوس ڪري رهي هئي ته هو سندس لاءِ محبت ۽ چاهت آهي ئي، بنا ڪجهه پڇڻ جي خاموشيءَ ۾ سندس توهين ڪري؟ بغير ڪا معلومات وٺڻ جي ساڻس اهو رويو اختيار ڪري؟ باقي اهو ته سچ آهي ته، ’اجڙيل ماڻهوءَ کان هرڪو ڏور رهڻ چاهيندو آهي. اجڙيلن جي قربت به ته اجاڙي ڇڏيندي آهي! سندس من ڪيس ئي چيو،‘ جڏهن رابطي جي زنجيرن جون سيئي ڪڙيون ٽٽي پونديون آهن ته صلح جا دروازا ڪڏهن به نه کلندا آهن. پر تون ڀرين پنهنجي پاڻ کان ته پڇ، ته تون طارق خان سان واقعي سيئي ناتا ٽوڙڻ ٿي چاهين؟ محبت جي مقدر ۾ سڪون ڪونهي، محبت

جي مقدر ۾ نهراءُ ڪونهي. باغي جذبا چوڏهين جي چنڊ جيان محبت جي سمونڊ ۾ ڪُن ۽ طوفان جو سبب بنجن ٿا. جتي قرار آهي اتي محبت ناهي! يعني سنئون سڌو گذارو آهي.'

ڪمري ۾ ليٽيل طارق خان کي ٽڪ هوندي به ننڊ نه پئي. جان بيبيءَ جون سوچون، يادون هيون، 'جاني آءٌ، جيڪو پنهنجي گهر ۾، پنهنجي چت ۽ چانوَ ۾ تنهڻ اس ۾ وينل هئس جنهن ڪي ڪنهن ٿڌي چانوَ جي اصل قدر ۽ قيمت جي ڪا خبر نه هئي. تنهن کي پنهنجي پيار جي گهري ٿڌي چانوَ جو احساس ڇو ڏياريئي؟ ۽ پوءِ بنا ڪنهن سبب جي وري تپيل رڻ ۾ ڇو اڇلايئي؟ جاني، تون خوبصورت آهين حسين آهين، توسان پيار ته ڪري سگهجي ٿو پر اعتبار نه... تون اها پيار جي باهه آهين جيڪا ٻاري ته سگهجي ٿي پر ٺاري نه... شايد ڪنهن بيقرار روح سڄي جيون لاءِ مون کي خدا کان صدين جي صدائن جي عيوض گهري ورتو آهي!!!' طارق خان پاسو ورائي سنو ٿي ته دروازي تي کڙڪو ٿيو! سٽي ٿي چيائين، "ڪير آهين؟"

"شمو آهيان سائين."

"اندر اچ."

"سائين، ننڊ ۾ ته نه هئا؟" شموءَ اندر ڪمري ۾ اچي چيو.

"نه نه، جاڳان پيو."

شمو سندس پيرن کي زور ڏيڻ لڳي. "ڪيئن آهين شمو؟"

"نيڪ آهيان سائين."

"اڳ کان گهڻو لٽل آهين."

"سائين، گهر جا ڏٺي خوش ناهن ته اسين ڪيئن خوش رهنداسين؟ جيجي اميران تان صدقو وڃان اها اسان کي ڇڏي ويئي. جيجي تاجان جي مٿان پهاڄ جو ڏک آيو ۽ آءٌ جنهن ۾ نهاري جيئان ۽ تڳان اها جيجي جانل ڏکي آهي."

طارق خان چرڪي شموءَ کي ڏٺو، "ها سائين، جيجي جانل ڏکي آهي، ڏاڍيءَ ڏکي آهي. سيني کان ڏکي آهي." شمو پنهنجا لڙڪ اگهڻ لڳي.

”ڪيئن ڏکي آهي؟“

طارق خان عام نارمل انداز ۾ پڇيو. شموءَ سڏڪا ڀري ٻڌايو، ”سائين، ڇا ٻڌايان، جيجي جانل زيبوءَ جي گهر ايندي هئي سو مير محمد جا ڪن سندس پيٽين ايئن ڀري ڇڏيا جو هڪ ڏينهن نہ ڳالهہ نہ مهاڙ مير محمد ايندي ساڻ جيجي جانل کي مارڻ شروع ڪري ڏنو...“

طارق خان جهٽڪي سان اٿي پلنگ تي ويهي رهيو. ڪاوڙ ۾ سندس نرڙ جون رڳون اڀري آيون هيون. ”ڇا، مير محمد، جانيءَ کي مار ڏني؟“

”ها سائين هن منهنجي ڳلن جهڙي نازڪڙيءَ کي ماريو، مون ڏينهن ڇُڪيءَ جي اڳيان. آءٌ اڳيان آيس تہ مون کي ٿڏا هنيائين... ان ڪري ئي جيجي جانل زيبوءَ جي گهر نہ ايندي هئي. بلڪ ڪيڏانهن بہ نہ ويندي هئي.“

”اوه، پوءِ تو اها ڳالهہ مون کي اڳي ڇو نہ ٻڌائي، آءٌ خوامخواهہ جانيءَ تي ناراض ٿيو آهيان.“

”سائين، مون کي جيجي جانل جهليو هو. پر هن اها ڳالهہ ڪنهن سان بہ نہ ڪئي آهي. سواءِ پنهنجي ماءُ جي ۽ سائين وارن کي بہ ڪا خبر ڪانهي! هينئر بہ آءٌ ڪائنس لڪائي تي ڪريان. ٻڌندي تہ مون تي گهڻو ناراض ٿيندي. سائين، اها ڳالهہ عزت جي تہ ناهي!“

طارق خان بيقرار ٿي چيو، ”وڃ شمو، جانيءَ کي وڃي چئو تہ هونئن تہ اڄ آءٌ ڪراچي هليو ويس پر اڄ رات آءٌ خاص سندس لاءِ ٽڪندس مون سان ضرور ملي!“

هن شموءَ کي خرچي ڏني جيڪا هن ونڻ کان انڪار ڪيو تہ طارق خان مشڪي چيو، ”مائي شمو، هي رشوت نہ انعام آهي منهنجي هانءُ تان بار لاهڻ جو.“

هوءَ پئسا ڳڳي جي کيسي ۾ وجهي ڪمري کان ٻاهر نڪتي.

طارق خان ايئن ئي پلنگ تي ويٺو هو، ”جاني، تو منهنجي لاءِ مار کاڌي آهي- مان تہ ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو تہ مان ايڏو

خوشنصيب آهيان جو تو جهڙي شهزادي منهنجي لاءِ رسوا ٿيئي مار کائي... جاني مان تنهنجو ڏوهي آهيان. پر مان اڄ ڏاڍو خوش آهيان.“

جان بيبي پينگهي ۾ ويهي شاهه جو رسالو پڙهي رهي هئي ۽ سندس اکين مان جر جاري ٿو:

جيڪي فراقان، سو وصالان نه ٿيئي،
اچي اوطاقان، مون کي پرينءَ پري ڪيو.

’ٻڌ سائين، اسان جي وجود جا سيئي رنگ، سڀ سرهاڻيون، اکين جا لکيل قصا، جن تائين خوابن جي پهچ نه هجي، دل جي صحيفي تي لکيل سيئي حرف، سيئي سڪ، هر چاهت، هر جذبو تنهنجي نانءُ تي ئي اچي دنگ ٿو ڪري. ان کان گهٽي ته توکي ٻه طلب نه هوندي منهنجي زندگي جيترو مون توکي ارپيو آهي.‘

هن پنهنجي بيقراريءَ کي جھڻ دڙڪو ڏنو، ’بي صبر نه ٿيءُ! تنهنجو وجود هن جي اکيان جي اهميت رکي ٿو ته هو پاڻ توڏانهن ايندو. آس، نراس جا ڏينهن ته پيا گذرندا... چاهه ته هوندئن ٻه بنا ڪنهن صلي جي سورج مکي جيان نادان ٿو ٿيئي. هر شام جو سج لهڻ کان پوءِ همٿون وڃائي ويهي ۽ هر صبح سج جو پهريون ڪرڻو کيس زندگي بخشي ڇڏيندو آهي. الائي ڇو پيار جو هي ڏتاريندڙ ڏيئو ٻرندو ئي ڇو ٿو رهي؟ ڪيڏو ٻه کيس پنيان ڏڪجي وسائڻ جي ڪوشش ڪجي پر هو وڏيڪ شدت پڙڪو ڏيئي ٻري پوندو آهي. اڄ طارق خان حويليءَ ۾ اندر آيو آهي ۽ هيٺئر ڪمري ۾ آرام ڪري رهيو آهي. پر هو مون کان ايڏو ته رنل ۽ ڪاوڙيل آهي جو مان ته ڇا پر منهنجي ياد يا خيال ٻه سندس ويجهو اچي نه سگهندا هوندا.‘

هن لطيف جو رسالو فالنامي جيان کوليو ته کيس هي بيت مليا:

راڻا نـه ڇاڻـان، ڪيـئن وڏوڙئـين ولهـا،
پيئـي کهـه کـتن تـي، ٿيـا پلنـگ پراڻـا،

جـــايون گـــل جبـــات وڻ، تـــو ريءَ کوماڻـــا،
ڏريـــان ئـــي ڏونـــرا تيـــا، ور ريءَ وهاڻـــا،
مينـــڌرا ماڻـــا، تـــوريءَ کنـــڌيس کـــن ســـين؟

راڻـــا نـــہ جاڻـــا، کيـــئن وڏوڙئـــين ولهـــا،
اڇـــي کـــاڪ کنـــڌين ۾، پرچـــي ڏي پاڻـــا،
ســـوڍل ســـياڻا، گجهـــہ ڳرهيـــان ڳـــالهيون.

هوءَ مشڪي پئي. مان تہ ڪيس پاڻ رسايو آهي. ڪائنس ڇا پڇان؟

شموءَ ڪمري ۾ اچي جڏهن ڪمرو لاڪ ڪيو تہ هوءَ ڪيس حيرت مان ڏسڻ لڳي. تہ شموءَ ڇو بنا چوڻ جي دروازو لاڪ ڪيو آهي؟ شمو وٽس اچي هيٺ قالين تي وٺي ۽ ڪيس سڄي ڳالهہ ٻڌائي ڇڏيائين. ”تو ڇو پلا سڀ ٻڌائي ڇڏيو، ڪنهن جي اجازت سان تو مون کي ايئن وائکو ڪيو آهي.“ جان بيبي ڪاوڙجي پيئي.

”جيجي، هو بہ تہ تو وانگيان ئي درماندو هو...“

”توکي ڪهڙي خبر، مڙيئي سڙيئي تي ڳالهيون ڪرين.“ جان بيبيءَ بيزاريءَ ۾ چڙ مان چيو.

”جيجي، مڙيئي نٿي ڳالهايان... آءٌ ڪيس ڏسي آئي آهيان! ڪيس اهو ڏک آهي تہ تو بنا ٻڌائڻ جي ساڻس ملڻ ڇو بند ڪيو هو... هاڻي هو خاص تنهنجي لاءِ اڄوڪي رات هتي ٿو رهي.“ جان بيبيءَ جو ڪڙهندڙ روح ناپر ۾ آيو ۽ هوءَ سڪون سان ليٽي پيئي. منهنجا چنڊ، آءٌ تنهنجو هالو آهيان تنهنجي ئي چوڻير قرڻ ئي منهنجو مقصد ۽ مثبت جذبو آهي. مان پلي پاڻ کي ڪيترو بہ توکان پري ڪريان ۽ توسان ملڻ کان روڪيان، پر اهو غيرفطري عمل ليکبو! فطري عمل اهوئي آهي تہ توسان ملان، توکان ڏار ٿيڻ جو تصور بہ منهنجي روح کي ڇينهون ڇينهون ڪري ٿو وجهي.

اهو سڄو ڏينهن ڪمري ۾ آرام ڪندي هن گذاريو ۽ شام جو اوطاق ڏانهن هليو ويو ۽ حمل خان سان بہ ڪجهہ دير ڪچهري

سندس ڪمري ۾ ڪيائين. حمل خان بہ خوش هو تہ اجان طارق خان هتي آ ـي ۽ وجڻ جي ڳالھ نٿو ڪري. رات جو اوطاق ۾ ئي ماني ڪائي. سمهڻ لاءِ اندر پنهنجي ڪمري ۾ آيو. جبار ڪيس ڪلندو اندر وٺي آيو هو. ”ادا، اوهان جي هتي رهڻ جي ڪري بابا ڪيترو خوش آهي.“

”اهيئي تہ چاچا حمل خان جون محبتون ۽ ڪششون آهن، جيڪي اسان کي بہ گهر کان بي گهر ڪري وينيون آهن.“

رات جا بہ ٿي رهيا هئا. سيئي گهر جا ڀاتي ۽ رهيل مهمان سمهي پيا هئا. روز واري معمول جيان تہ ڪيس بہ هن مهل سمهڻ کپندو هو پر اڄ کيس ڪيئن ننڊ اچي؟ هوءَ پينگهي ۾ ٽنگون هيٺ ڪري، گوڏن تي نوننيون ٽڪائي هٿن جي پيالي ۾ چهرو جهلي ويٺي هئي. طارق خان ڪمري جي لائيٽ ڪولي جاڳي رهيو هو.

”اجان بہ هوءَ نہ آئي آهي!“

هن واچ ۾ نهاريو اڍائي ٿي رهيا هئا. ’شايد نہ اچي! هوءَ سڄو ڏينهن بہ تہ هڪ پيرو بہ نظر نہ آئي هئي. شموءَ تہ ضرور کيس چيو هوندو. چاچا حمل خان جي ڪمري ۾ بہ ڪيتري دير ويٺو هئس پر هوءَ نہ آئي هئي؛ جان بيبيءَ جي اچڻ واري اميد طارق خان جي نظر ۾ نارڪوٽڪ ڪائي ڪڏهن بہ نہ اٿڻ لاءِ سمهي پيئي هئي. لهذٰا انتظار ڪرڻ اجايو ۽ بيڪار آهي!! هُو پلنگ تان اٿي صوفي تي اچي ويٺو ۽ پر واري ٽيبل جي خاني مان قلم ۽ ڪاغذ ڪڍي ڪجھ لکڻ چاهيو. هڪڙو پنو ڪڍي ان تي لطيف جو بيت لکيائين:

سـڪ تنهنجـي سـپرين، جيـئن تـران تيـئن تـار،
تـون ئـي رهيـو روح ۾، تـون ئـي اڪـين بـار،
پـرين تنهنجـا پـار، مـون واجهائينـدي ورهـ ٿيـا.

بيت پڙهي وري اهو ڪاغذ مٺ ۾ پڪوڙي اتي ئي رکي ڇڏيائين. وري بيو پنو ڪڍي ان تي اجان ”جـ....“ ئي لکيو هيائين تہ در تي هلڪو ڪڙڪو ٿيو. هن چرڪي ڪاغذ کي مٺ ۾ پڪوڙي هيٺ اڇلائي، اٿي دروازو کوليو. جان بيبيءَ اندر ايندي ٽيوب لائيٽ بند ڪري زيرو بلب آن ڪيو. هن کي خبر هئي تہ روشنيءَ

۾ هو ضررو سندس چهري جا سڀ رنگ پڙهي وني ها. قلب جي واردات ۾ هوندئن به سيئي حواس حساس ٿي پوندا آهن. طارق خان دروازو بند ڪري ڪيس پاڪرن ۾ پري بيقراري مان پنهنجا پياسا چپ سندس شاداب چپن تي رکي ڇڏيا.

”جان، منهنجي جان، منهنجي زندگي مون کي معاف ڪر منهنجي ڪري تو ڏک ۽ تڪليفون سٺيون آهن. مون به وري توکي ڏک ڏنو... مان تنهنجو ڏوهي آهيان... مجرم آهيان... مون کي معاف ڪر!“

جان بيبيءَ ڇرڪي ڪيس ڏٺو. هي هيڏو اهم ماڻهو، هيڏي وڏي شخصيت، جيڪو منهنجو پيار آهي، جنهن لاءِ منهنجي رڳ رڳ تڙپندي آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ منهنجو روح دعائون گهرندو آهي... جنهن لاءِ مون پاڻ کي رسوا ڪيو، بي وقعت ڪيو. اهو پيو مون کان معافيون وٺي؟ سو به بيگناهيءَ جي عيوض؟“ هن هڪدم پنهنجي نازڪ هٿن ۾ سندس مضبوط هٿ جهليا ۽ اکين تي رکي چمڻ لڳي. ”نه سائين، لفظ معافي تنهنجي چپن تي اصل نٿو سونهين! مان تنهنجي طلبگار آهيان، تون منهنجي طلب آهين. مون کي پنهنجي محبت اڳيان شرمسار نه ڪر گهنگار نه ڪر!“

طارق خان ڪيس پنهنجي اندر ۾ سمائڻ لاءِ آتو هو... بيتاب هو. هن جنهن مهل کان ٻڌو هو ته مير محمد ڪيس ماريو آهي، هو لمحو لمحو تڙپندو رهيو... ۽ اها تڙپ هينئر سندس بيتحاشه چمين مان عيان ٿي رهي هئي. جان بيبي سندس پيار ۾ ايئن شرابور هئي جن مينهوڳيءَ جي مست مند اوچتو دنيا کان لڪي در درين مان اوتجي آئي هئي. سندس سيئي پياسون لاهڻ ۽ ڪيس پُرُ ڪرڻ لاءِ هوءَ سڄي رات پڃندي ۽ ٺرندي رهي هئي ان اواڳي موسم جي چلولاين ۽ ڪيچلاين ۾. ۽ بانگن کان اڳ هوءَ پنهنجي ڪمري ۾ هلي آئي. شموءَ ڪيس در کولي اطمينان جو ساهه کنيو ۽ سمهي پئي. جان بيبي پنهنجي پلنگ تي اچي ليٽي ته مشڪي پيئي ۽ سڪون سان پاڻ کي صفا ڍرو ڇڏي ڏنائين. سوچيائين، ’اڳ جڏهن

هن ئي پلنگ تي سمهندي هيس تہ ڄڻ ٽانڊن تي هوندي هيس ۽ اڄ... اڄ تہ منهنجي هينيانءِ پاسن کان گلاب وچايل آهن، موتيا پٿاريل آهن.“ هن سڪون جو ڊگهو ساهہ کنيو تہ پاڻ مان طارق خان جي خوشبو اچڻ لڳس. سندس وجود سان ئي تہ ملي آئي آهيان... هوءَ پنهنجي هٿن، ٻانهن ۽ ڇاتيءَ کي سونگهڻ لڳي... مان تہ ڄڻ مان نہ رهي آهيان! تون تي وئي آهيان... نہ پر اسين ٻئي هڪ ٿي ويا آهيون! تو منجهہ بہ ضرور منهنجي ئي خوشبو هوندي ۽ ضرور تون بہ هينئن سونگهيندو هوندين! هوءَ ڊگهي مرڪ ڇپن تي سجائي پاسو ورائي سمهي پئي. صبح جو طارق خان سويل ئي نيرن ڪري سيني سان موڪلائي مهراب خان ڏانهن هليو ويو هو. هن کي تہ پيار جا ڪيپ چڙهيل هئا نشا هئا. شموءَ بہ ڪيس نہ اُٿاريو هو ۽ جڏهن تاج بيبي ڪيس اٿارڻ آئي تہ بہ شموءَ اٿارڻ کان روڪيو، ”جيجي، رات دير سان ستي آهي پلي ننڊ پوري ڪري.“

تاج بيبيءَ مشڪي چيو، ”سهراب خان پيءُ ۽ ڏاڏيءَ سان گڏجي هليو ويو آهي نہ تہ جيڪر جانيءَ کي دير سان سمهڻ جا پار ڏي ها.“

شموءَ کلي چيو، ”اهو تہ جيجي جانل کي ڇڳن کان جهلي اٿاريندو آهي پلي ستن ننڊن ۾ ستل هجي.“

”۽ جاني بہ تہ سندس پٽڪڙا هٿ پاڻ پنهنجي وارن ۾ وجهرائيندي آهي.“

”جيجي، ننڍڙو مرتضيٰ خان ڏاڍو سياڻو آهي.“

”ها، ان کي الله حياتي ڏي سندس طبيعت ۽ طريقو صفا بابا جهڙو ئي آهي. ايئن ئي مانيٺو ۽ سمجهدار.“

تاج بيبي پائيتي جي تعريف ڪندي نري پيئي، ”نالي جو بہ تہ اثر ٿيندو آهي نہ؟ الله سائين ڪيس بابا جو نالو نصيب ڪري ۽ راس ڪري!“

”هئو جيجي، چوندا آهن تہ نالي جي ڇاليهن پتي ملندي آهي. سو مائٽ کي اولاد تي نالو سوچي سمجهي رکڻ گهرجي.“

”بيشڪ.“

ايئن چو تيندو آهي تہ جيڪو ماڻهو وڻندو آهي ان جي هر چيز وڻندي آهي... ان جي پسند جو رنگ، لباس مان اٿندڙ خوشبو ۽ جتان هو اٿي ويندو آهي اها جاءِ ڇو جرڪڻ لڳندي آهي؟ جن ڪاغذن کي هو بيڪار ڪري اڇلائي ڇڏيندو آهي اهي ڇو ايڏا اهم ۽ قيمتي لڳندا آهن جو انهن کي ڪٺي چمڻ ۽ سيني سان لائڻ تي دل چوندي آهي.

هن مشڪ منهنجي خيال کي ڏڪي ڇڏيو شايد هي منهنجي چريائي هئي جو مون اهي جو سڀ ايئن [illegible] طارق خان مون تہ توسان ڪڏهن بہ نہ ملڻ جو فيصلو ڪيو هو ايئن جيئن ماڻهو پنهنجي حلق نان هٿ ڪٽي ويندو آهي اپگهات ڪري مار م منهنجي فيصلي تي اٽل هيس پر جڏهن تہ سڌيو تہ [illegible] پن [illegible] اسري سو وٺي پهچي ويس.

# باب چوٿيهون

ورسيءَ تي آيل جان بيبيءَ کي وري بہ نور بيبي حمل خان کان موڪل وٺي گهر وٺي آئي هئي. نور بيبي سدائين جان بيبيءَ جي ڪمزورين مان فائدو وٺندي آئي آهي. اڳ امير بيبي ٺيڪ نہ هئي تہ ان کان موڪل ورتائين ۽ هاڻي جڏهن حمل خان ٺيڪ نہ هو تہ هوءَ ڪائنس ئي جان بيبيءَ کي چورائيندي هئي. هاڻي بہ هوءَ پيءُ جي چوڻ تي آئي هئي پر سندس لاءِ هتي ساڳيا ڪاريءَ وارا ڪک هئا. هتي ڪيس ڪا عزت ڪا اهميت نہ هئي. هوءَ رهيل تہ مير محمد جي گهر ۾ ئي هئي پر ٻنهي جي سرد جنگ جاري هئي. هاڻي نڪا جان بيبيءَ کي سندس پرواهہ هئي نہ ئي هو ڪيس پڇندو هو. پهرين دليون ڌار ٿيون، پوءِ پلنگ ڌار ٿيا ۽ هاڻي ڪمرا ئي ڌار هئا. جان بيبي هتي اچي وري بہ ساڳي طرح طارق خان کان لاتعلق ٿي ويئي هئي! پر دل بي اختيار تہ سندس لاءِ ئي سڪندي ۽ ڪيس ئي سڏيندي رهندي هئي ۽ هاڻي تہ ڪيس بہ پڪ هئي تہ هو بہ سندس لاءِ ساڳئي نموني سڪندو ۽ سڏيندو هوندو.

لائـي جـو ويـا، سـو منجهـين ٿـو مـڇ ٻـري،
سو اجهامي ڪٿان، جنهنجو سوريندل سپرين.

نور بيبي عام ذهن جي مائي هئي، جنهن لاءِ ڪابہ ڳالهہ ڪوبہ عمل چرڪائيندڙ نہ هو. جان بيبي طارق خان سان ملندي هئي تڏهن بہ خير هو ۽ جڏهن هوءَ طارق خان سان نٽي ملي تڏهن بہ شڪر هو. روڪ ٽوڪ يا فضيلت واري نصيحت نہ اڳ وٽس هئي نہ هاڻي. نذيران ۽ وزيران جيئن بہ ڪن اهو سندس اڳيان صحيح هو ۽ جان بيبي جيئن بہ ڪري اهو غلط آهي. باقي هوءَ وڏيڪ شايد ان ڪري بہ نہ چينيندي هئي تہ ڪيس طاهره جو ڏاڍو فڪر هو ۽ هوءَ جبار جي غصي کان بہ پلي پٽ واقف هئي. مير محمد جيڪو اڳ بہ روزي نماز جو پابند هو ۽ جيڪو جان بيبيءَ جي حسن جو ديوانو

تہ هو پر ان حسن جي نزاڪت ۽ آتش کي سنڀالڻ سندس وس ۾ نہ هو ۽ جان بيبيءَ جي رويي سبب هو صفا ڪٽر مذهبي ٿي ويو ۽ هاڻي سندس گهڻو وقت مسجدن، مجلسن ۽ وعظن جي حوالي هو بلڪہ سڄو ئي وقت هو اتي ئي گذاريندو هو ۽ هاڻي تہ تبليغي جماعتن سان گڏجي مهينن جا مهينا تبليغي دورن تي هوندو هو. وقت جي ڦٽڪن سيني کي لتاڙي پٽ ڪري ڇڏيو هو. جان بيبيءَ جي ٻاهر نڪرڻ تي تہ ظاهري ڪابہ پابندي نہ هئي پر هوءَ ڪيڏانهن بہ ويندي نہ هئي. اڄ جڏهن هوءَ وهنجي سهنجي ٻاهر اڱڻ تي پيل کٽ تي ويٺي هئي ۽ شمو سندس وارن کي ڦڻي ڏيئي رهي هئي تہ نذيران ٻاهران ايندي چيو، ”ڏاڍيون تياريون آهن، طارق خان سان ملڻ تي وڃين ڇا؟“

نذيران سندس ٻي انتها سونهن تي جلندي ڪيس بہ جلائڻ چاهيو ۽ جان بيبي جيڪا الائي ڪيتري وقت کان طارق خان سان نہ ملي هئي، جنهن طارق خان سان پنهنجي شديد محبت کي محض هنن سيني جو ۽ گهر جو خيال ڪندي پنهنجي اندر ۾ دٻائي پاڻ کي اندر ئي اندر ۾ پُر پُري مٽيءَ وانگيان پوري رهي هئي اها پڙڪي پيئي، ”وات نہ هڻندي ڪر مونسان. انڌي آهين ڇا، آءٌ گهر کان ٻاهر قدم رکان ٿي؟“

نذيران ٺهڪ ڏيئي چيو، ”توتي ڪهڙو ڀروسو آهي. امان ويچاريءَ جي نظر ڪمروز آهي، ادا مير محمد تہ گهر ۾ ٽڪي ئي ڪونہ. اسين ٻئي ڀيڻيون گهر جي ڏيتي ليتي ۾ ئي پوريون آهيون يا اگهي سگهي ٻار کي ڪيڏانهن وٺي وڃون، شموءَ جهڙي هڇا مائي توسان گڏ آهي، توکي ڪهڙي پرواهہ؟“

جان بيبي جي گهر جو ماحول اهڙو هو جو هن ڪڏهن بہ گهر ياتين کي وڙهندو يا تکو ڳالهائيندو بہ نہ ٻڌو، نہ ڏٺو هو. سو ڪيس تہ وڙهڻ ڳالهائڻ ايندو ئي ڪونہ هو. بس ايترو ضرور چيائين، ”تون پاڻ تہ وڏي ڀروسي واري زال آهين... جيڪو توکي نہ سڃاڻي ان سان وڃي ڳالهاءِ!“

”۽ تون پاڻ تہ سائين ڇا ڳالهہ ڪجي... طارق خان پڇيئي نٿو

نہ تہ ڪر تون تہ ساڻس جيڪر پڇي بہ وجين!!“
مير محمد الائي ڪٿان اچي گھر ۾ گھڙيو... جنھن نذيران جا اھي لفظ چٽائيءَ ٻڌي ورتا ھئا. ھو جيئن ئي ڪاوڙجي جاڙ ٻيبيءَ ڏانھن وڌيو ٿنئو سندس اڳيان اچي بيٺي. ھو ڪاوڙ مان ڏڪي رھيو ھو لڙرندڙ لفظن ۾ چيائين، ”نڪري وڃ منھنجي گھر مان جاني، تون منھنجي زال ناھين الا توکي قبول نٿو ڪريان!!“
نور ٻيبي جيڪا چاپري ۾ ويٺي ھئي ۽ سڀ ٻڌي رھي ھئي. اھا ھڪدم ڪري اڳڙ ۾ آئي، ”ابا ميرل ھوش ڪر بابا گالھين ڪئين پيو اھين، آءٌ جاني ڪي طلاق تو ڏيان طلاق تہ....“
نور ٻيبيءَ سندس وات تي زوڙائتا ھٿ رکي چيو، ”خبردار، جو اڳتي اھي لفظ ڪڍيا اٿئي قرآن جو واسطہ الله رسول وڏيڪ نہ ڪيڄ....“

حالت ڏسي اهي سڀ ڏک، سور ۽ درد ايئن هڪ ٿي ٻيٽ سان اندر ڳوري ڇڏيا ڇڻ اهي اندر ۾ پريل زهر لاءِ ترياق هجن ۽ مشڪي چيائين، ”بابا، اهو تہ هاڻي تبليغي دورن تي ويندو آهي نہ...“
”ماشاءَالله.“

هن سڀ کان پهرين حسنہ سان گهر ڇڏڻ جي ڳالهہ ڪئي تہ هن روئي ڏنو، ”جاني، تون جهڙي خوبصورت آهين اهڙو خوبصورت تنهنجو ڀاڳ نہ ٿيو ۽ اهو تہ مون شروع کان ئي محسوس ڪيو، جڏهن مون تنهنجي ماسي ۽ ماساتيون ڏٺيون هيون.“

طاهره کي بہ خبر پئجي ويئي هئي، پر هوءَ ڇهن مهينن جي اميد سان هئي جنهن جي ڪري بيپرواهہ ٿي ويئي... پوءِ تہ ستار ۽ جبار کي بہ خبر پئجي ويئي هئي. جبار طاهره کي چيو، ”مير محمد کي اپارڻ ۾ تنهنجي ماءُ ۽ ڀيڻين جو وڏو هٿ آهي.“
”مان تہ هتي آهيان، مون کي ڪهڙي خبر!“
”طاهره کي چو تو ڳالهائين؟ هن جو ڪهڙو ڏوهہ آهي؟ بس، منهنجي قسمت ئي اهڙي هئي. ڪنهن جو بہ ڏوهہ ناهي.“ جان بيبي طاهره لاءِ ڍال بنجي ويئي.

حمل خان کي بہ آهستي آهستي خبر پئجي ويئي هئي ۽ سندس ڳرڻ ۽ ڪمزور ٿيڻ جي رفتار ۾ تيزي اچي ويئي. جبار کيس علاج لاءِ ڪراچي وٺي ويو پر نور بيبيءَ جي گهر نہ، طارق خان جي گهر! طارق خان کين ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پاڻ ئي کيس وڏن ڊاڪٽرن ڏانهن وٺي ويو هو. ڊاڪٽرن چيو تہ، کيس هاءِ بلڊ پريشر ۽ ذهن تي ٽينشن جي شڪايت آهي. طارق خان حمل خان جي علاج ۽ خذمت ۾ وسان نہ گهٽايو. سٺي علاج ۽ بيماريءَ جي تشخيص ڪري حمل خان جي طبيعت بهتر ٿيندي ويئي، نيٺ کيس ڊاڪٽرن ڳوٺ وڃڻ جي اجازت ڏني.

حمل خان چيو، ”طارق خان، پٽ تنهنجا تورا آٿ تہ ڀاڄمار لاهي نہ سگهان، تو منهنجي خذمت پٽن کان بہ متي ڪئي آهي.“
”چاچا، ايئن تہ مون کي لڄارو نہ ڪريو!“

۽ جڏهن ڳوٺ وڃڻ لاءِ تيار ٿيا تہ طارق خان بہ ساڻس گڏ وڃڻ

لاءِ تيار ٿيو. حمل خان کيس گهٽو ئي جهليو ته، ”پٽ، اها وري هلاڪي کهڙي ٿو ڪرين.“
”چاچا، جبار جي گاڏيءَ ۾ ڏڪا ۽ جمپ گهڻا آهن. منهنجي گاڏيءَ ۾ اوهان سهي نموني ڳوٺ پهچي ويندا نه ته پوءِ سڄي خذمت ضايع ٿي ويندي.“
سيئي ٺهڪ ڏيئي کلي پيا. ۽ پوءِ حمل خان طارق خان سان گڏ سندس ليند ڪروزر ۾ وينو ۽ جبار پنهنجي پجيرو ۾ سندن پويان نڪتو.
موسم ڏاڍي خوشگوار ۽ معشوق هئي. هلڪي هلڪي پُر (ڦوار) پئجي رهئي هئي. حمل خان کي ڪراچي ويندي 16، 17 ڏينهن هو. اڄ تاج بيبي به ٻارن کي وٺي پيءُ جو احوال وٺڻ آئي هئي. تاج بيبي پيڻ جي ڏکن کان واقف هئي ۽ کيس سندس ڏک پاڻ کان به مٿي ٿي رهيو هو. شام جا چار ٿي ويا هئا. سيئي چانهه پي اڱڻ ۾ اچي وينا هئا. شام وڏيڪ گهري ٿي رهي هئي جان بيبي ٻاهر اڱڻ ۾ ستار ۽ تاج بيبيءَ جي ٻارن سان لڪ لڪاٽي کڏي رهي هئي. تاج بيبي، طاهره ۽ حسنه ڪتن تي ويهي کين ڏسي ۽ کلي رهيون هيون. جان بيبي جي اکين تي پٽي ٻڌل هئي ۽ هو ٻارڙن کي ڳولي جهلڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. نيلم ۽ زمرد ته صفا ننڍيون هيون جان بيبيءَ چيو، ”ٻارڙين کي سنڀاليو، لتاڙجي نه وڃن!“
ننڍڙو سهراب خان ته ڪڏهن سندس رئي ته ڪڏهن چولي کي چڪي پڄي ٿي ويو، سيني جا ٺهڪ ٻري رهيا هئا. جان بيبي پنهنجي گهر ۾ اچي نيڪ ٿي ويئي هئي ۽ سندس سرخ ۽ سفيد رنگ ڪارن ڪپڙن ۾ جرڪي رهيو هو ۽ سندس وارن جون چڳون چهري تي اچي کيس ستائي رهيون هيون. مايون رڌڻي جي دروازي اڳيان تڏي تي وينل هيون ۽ محظوظ ٿي رهيون هيون.
ختوءَ آهستي چيو، ”جيجي جانل صفا جهڙي انديا جي هيروئن.“
ملوڪان چيو، ”انديا جي هيروئنن جا ٻوٿ ڏٺا اٿئي... سيئي ڪارڙيون ۽ بندريون، جيجي جانل ۾ نهار ته سهي، قد بت، رنگ

روپ تہ ڏسينس... الا جيڪر جيجي، جانل دنيا جي حسن جو مقابلو ڪٽي وجي!“

ڊش اينٽينا ۽ ٽي وي جي ڪري هنن ۾ بہ وڏي سرت ۽ سمجهہ اچي ويئي هئي.

”جيجي جانل هاٽي ڪارا ڪپڙا گهٽو ٽي پائي انهن ۾ تہ صفا جهڙي مڏوبالا.“

”هئو الا مون کي بہ ايئن ئي لڳندي آهي ڪارن ڪپڙن ۾.“

ٻارن جي هل ۽ سنهڙن ٺهڪن مان اڳڻ ٻري رهيو هو ۽ سهراب خان ۽ مرتضيٰ خان کي جهلڻ مهل جان بيبيءَ جو خوبصورت ٺهڪ فضا ۾ جلترنگ ڇيڙي ٽي ويو... گيٽ ٽي ڪڙڪو ٿيو ماين ڊوڙي گيٽ ڪوليو، اڳيان طارق خان جي لينڊ ڪروزر ۽ پٺيان جبار جي پجيرو اندر داخل ٿيون. ٻارن نعرا هنيا، ”ڏاڏا سائين اچي ويا... نانا سائين اچي ويا...“ جان بيبيءَ ڇرڪي پنهنجي اکين تان پٽي هٽائي تہ سندس نظر سڀ کان پهرين طارق خان ٽي پيئي... جنهن جي نظر پڻ گيٽ مان گهڙنديئي جان بيبيءَ ٽي پيئي هئي جنهن جي اکين ٽي پٽي ٻڌل هئي ۽ رئو ڪلهن ٽي ڪريل هو ۽ هو پڻ مشڪي مشڪي ڪيس ڏسي رهيو هو. جان بيبي ڊوڙ ڪري حمل خان وٽ آئي ۽ ساٽس چنبڙي پيئي. سيئي ڪيڪارڻ لڳا. جان بيبي مشڪي طارق خان کي پليڪار ڏيئي ڪيڪاريو. سيئي حمل خان کي وٺي سندس ڪمري ۾ آيا. ستار بہ ٻاهران ڊوڙندو آيو ۽ اچي حمل خان کي ڀاڪر پاتائين، طارق خان ڪلي چيو، ”ستار ۽ جان بيبي تہ صفا ننڍڙن ٻارن جيان چاچا حمل خان سان مليا آهن!“

”پٽ، اولاد پلي ڪيڏو بہ وڏو ٽي وجي مائٽ اڳيان ننڍڙو ئي آهي.“ حمل خان ستار جي نرڙ ٽي چمي ڏيندي چيو.

طارق خان اداس ٽي چيو، ”واقعي چاچا، اسان کي تہ ماءُ پيءُ جي محبت جو تہ سواد ئي ڪونہ آيو آهي، آءٌ ۽ ادي صفا ننڍڙا هئاسين تہ ٻئي هليا ويا. انهن جي محبت، آسرو ۽ سهارو ڇا آهي؟ اهو چس تہ اسان کي آيو ئي ڪونہ.“

حمل خان مشڪي چيو، ”۽ ان جو عيوضو الله سائينءَ اوهان

ڪي اهو ڏنو جو هاڻي اوهين پاڻ سيني جا آسرا آهيو."
"واقعي... واقعي." سيئي ڪنڌ ڌوڻڻ لڳا.
جان بيبيءَ جو تہ اندر پي نريو. طارق خان پنهنجي ساڄي ۽ کابي وينل مرتضيٰ خان ۽ سهراب خان سان ملندي چيو، جيڪي بلڪل وڏن جيان ماٺ، سنجيده ادب ۾ وينل هئا. "دوستو، ڪهڙا حال آهن؟" هو مشڪڻ لڳا. سهراب خان جي پنيءَ تي هلڪو هٿ هڻي چيائين، "پلا سردار سهراب خان جا ڪهڙا آهن؟" ننڍڙو سهراب خان شرمائڻ لڳو تہ طارق خان ڪيس چمي ڏيئي چيو، "پلا سردار سهراب خان جي بابا جو ڪهڙو حال آهي."
پيءُ جي ذڪر تي سهراب خان ٽڙي ويو، "منهنجو بابا تہ مست لڳو پيو آهي!"
ان تان سيني جا پرپور ٽهڪ ايئن گونجيا جو ٻاهر بيٺل مايون بہ حيران ٿي اندر آيون. حمل خان جي اکين ۾ تہ ڪلي ڪلي پاڻي پرجي آيو هو. جان بيبي تہ طارق خان کي ڏسي گلن جيان ڪڙي پيئي هئي. ۽ پيءُ کي خوش ڏسي تہ هيڪاري گلاب بڻجي ويئي هئي. "بابا، هاڻي اسين اوهان جي ڪمري جا سيئي دريون ۽ دروازا بند ڪري ڇڏينداسين."
جان بيبيءَ کي خوش ڏسي وري حمل خان پي ٽڙيو، "چو پٽ، ڇا لاءِ؟"
"ان لاءِ بابا، تہ هاڻي ڪوبہ ڏک، غم ۽ بيماري اوهان جي ويجهو اچي نہ سگهي."
جان بيبي جا موتين جهڙا ڏند گلابي چپن جي هالي سميت طارق خان جي هانءُ ۾ گهڙي کُپي ويا. هن سوچيو، 'خوشبوئن جون ماڙيون آهن زمين جي آخري حدن کان ڪائنات جي دنگ تائين سڀ ڪجهہ آهي بس رڳو تون ناهين. (تنهنجي گهرج آهي)'
طارق خان کي خيالن ۾ ڏسي جان بيبيءَ سوچيو، 'مون وٽ تہ تنهاين ۾ وڏا ميڙ هوندا آهن. مان تہ دل ۾ توسان ڪچهريون ڪندي آهيان. هينئر تہ تون منهنجي سامهون آهين (ٻيو مون کي ڇا گهرجي!)'

”جاني، هيڏي آءِ.“ حسن جي آواز تي ڇرڪي جان بيبي اٿي ۽ ڪمري کان ٻاهر بينل حسن وٽ آئي. ”جاني، بابا وارن ڏينهن جي ماني ته نه ڪاڏي هوندي؟“

”ها، واقعي پنج پيا ٿين. ڪراچيءَ مان ته مانيءَ کان اڳ نڪتا هوندا.“ جان بيبيءَ واڇ ڏني.

ستار اچي چيو. ”چانهه وغيره نه موڪلجو، تيئي ماني کائيندا. جلدي تيار ڪري موڪليو.“

جان بيبي ۽ حسن رڌڻي ڏانهن هليون ويون.

ماني کائي اٿيا ته طارق خان چيو، ”چاچا، هاڻي موڪلاڻي ڪانهي.“

”واهه ابا واهه، هينئر آيو آهين وري هينئر ئي پيو وڃين؟“

”چاچا، مهراب خان ڏانهن ويندس. پوءِ سياڻي ڪراچي ويندس!“

”نهيو پٽ، جيڪا تنهنجي مرضي. سچ به هاڻي تنهنجي اسان سان ڪهڙي مائٽي ۽ سڱ آهي... جيڪا هجتون ڪري مياروں ڏيئي رهائيندي هئي اها ته پاڻ ئي هلي ويئي.“

حمل خان جي اکين مان لڙڪ ڪريا ته سيني روئي ڏنو. طارق خان هڪدم ماحول کي سنڀالڻ چاهيو. ”چاچا، ايئن ته نه چئو... ايئن ته مون کي ٿا ڏکويو! اهڙي ڪابه ڳالهه ناهي... نهيو آءٌ رهي ٿو پوان. باقي پڪي اميران کان علاوه به هتي منهنجا ڪيئي سڱ مائٽيون آهن اوهان سان...“

رات جو دير تائين سيني ڪچهري ڪئي. جان بيبيءَ جي ته عيد ٿي ويئي هئي. رات جو دير سان طارق خان پنهنجي ڪمري ۾ آيو. جيڪو جان بيبيءَ جي مخصوص خوشبوءَ مان مهڪي رهيو هو.

”جاني، تو پلي کهڙي به ڪارڻ مون سان ملڻ ڇڏي ڏنو آهي، پر مون کي پنهنجي دل مان ڪيڻ لاءِ زندگي نه، زندگيون کپن اهو يقين مون کي ان محبت ڏنو آهي جيڪا تو مون سان ڪرين ٿي، جيڪا آءٌ توسان ڪيان ٿو ۽ جنهن تي مون کي فخر آهي، جان بيبي

پنهنجي ڪمري ۾ شاھ جو رسالو ڪڍي پڙھڻ لڳي.

ذاتـــر مـــون ڏيڪـــاريو، هـــوتن جـــو حضـــور،
پـــرين پـــرچڻ جـــو ڪيـــو، موتـــائي مـــذڪور،
ايءَ دوستن جو دستور، جيئن چنان چنن ڪينڪي.

مون کي طلاق ملڻ جي خبر ته الائي ڪيس آهي ڪي نه؟

ڪنهن ٻڌائي هوندس؟ ڪير ٻڌائيندو؟ نذيران وارين ته ان خبر کي دٻا لٽ ڪري لڪائي ڇڏيو هوندو. زيبوءَ جي گهر ته هو ويندو ئي ناهي. پوءِ؟ آءٌ پاڻ ڪيس وڃي ٻڌايان ته، ٻڌو، مون کي طلاق ملي ويئي آهي؟ يا شموءَ سان چوائي موڪليان، ته وڃي ٻڌائي ته، مون کي طلاق تي ويئي آهي!... ايئن ته ڪڏهن به نه ٿيندو... خدا ڪري ته هو پاڻ ئي پاڻ ٻڌي وني... ۽ ڪيس خبر ئي پئجي نه سگهي هئي ته هن اها خبر پاڻ ئي پاڻ ٻڌي ورتي آهي! جڏهن حمل خان ڪراچي ويو هو ۽ نور بيبيءَ جي گهر ۾ نه رهيا هئا اتي حمل خان طارق خان کي ٻڌايو هو ته، ”مير محمد اها ذليل حرڪت ڪري چڪو آهي. جنهن جي ڪري اسين اوڏانهن نه وياسين هتي هلي آياسين.“ جبار ته اها ڳالھ طارق خان کي ٻڌائڻ ۾ راضي نه هو پر حمل خان کي هو جهلي نه سگهيو هو. ڪمري ۾ طارق خان سوچي رهيو هو، اڄ رات ته هو الائي اچي يا نه اچي... سندس ذهن تي به ته اهو دٻاءُ ضرور هوندو... ڇو دٻاءُ هوندو؟ ڪهڙو هن جو مير محمد سان عشق هو جو... نيڪ آهي عشق ته نه هو پر نڪاح جو ناتو ته هو. ۽ نڪاح ٽٽڻ... طلاق ٿيڻ به ته معمولي واقعو ناهي نه!... جتي پيار ناهي، چاھ ناهي، عزت ناهي، اهميت ناهي اتي اهو ناتو معمولي ئي ليکبو آهي، رهيو ته ڇاهي، ٽٽو ته ڇاهي! پر مون کي الائي ڇو اهو يقين آهي ته ڪيس ذرو به ڏک نه ٿيو هوندو... جان بيبيءَ جو ڏنل اهو ٺهڪ جيڪو اڄ هن حمل خان جي ڪمري ۾ ڏنو هو، اهو ڇهري سميت سندس اڳيان اچي سندس ڇپن کي به مرڪ بخشي ويو. جانيءَ جا اهي جاندار ٺهڪ ساڪي آهن سندس

اندر جي موسم جا تہ اتي موسم بهاران آهي... ڪاش اڄ رات جو منهنجو جان بهاران مون وٽ اچي، منهنجي وجود تي ساڳي موسم وڇائي ڇڏي... ڪاش هو هينئر اچي! دروازي تي ڪڙڪو ٿيو! اوه، منهنجي جان... هن هڪدم دروازو کوليو... جان بيبي ايندي سان، ساڻس ٻڪجي ويئي.

"جاني آيو جوءِ ۾، ٿيو قلب قرار،
وهلو وڇان ئي ويو، ڪري غم گذار،
نظارو نروار، پيءُ پسايو پانهنجو.

# باب پنجٽيهون

حياتي اوکي هجي يا سوکي بيهندي ناهي. زندگيءَ جو وهڪرو جاري ساري رهڻو آهي. جيون جي سمنڊ ۾ جتي سنڌو اچي ملندو آهي، اتان ماکيءَ مصريءَ جا وٽا ۽ ڪٽورا پري پيئڻ وارا ڪي ٿورا ئي ڀاڳ وارا هوندا آهن نہ تہ زندگيءَ جي زهر جا پريل مٽ ڏاڍا ارزان ۽ وافر آهن ۽ متارا هر دور جا اڳرا اڳريل آهن، پلي ڪيڏو بہ گهٽتن ۾ وهه اوتجي تڪڻ لاءِ تيار هوندا آهن. جان بيبيءَ جي ڍُڪ بہ انهن زهر پياڪن ۾ هئي. طارق خان سان سندس محبت عالم آشڪار هئي. ڪيئي زهر پريون نظرون سندس مٿان الارون ڪرڻ لڳيون هيون. پر هن تہ سڀ ڪجهہ پنيءَ پنيان اڇلائي ڇڏيو هو. انن، ڏهن ڏينهن کان پوءِ طارق خان جي اچڻ وارو معمول سيني لاءِ چرڪائيندڙ ۽ حيران ڪندڙ هو... ۽ طارق خان تڪڙو تڪڙو ۽ ور ور ڪري اچڻ سيني کي ڪکڻ لڳو هو. حمل خان خوش هو تہ هاٽي جان بيبي اڳ کان گهڻو خوش آهي ۽ طارق خان هر پيري سوکڙين، پاکڙين مان گاڏي پري ايندو هو. جنهن ڪري سواءِ جبار جي سيني جي منهن تي سرهائي اچي ويندي هئي. طاهره پنهنجي پٽ سان پنهنجي ڪمري ۾ ڪيڏي رهي هئي تہ جبار ڪاوڙجي ڪمري ۾ آيو، ”مير محمد بي غيرت هو جنهن جي ڪري سڀ پيو ٿيئي...“

”ڇا ڪيو آهي منهنجي ياءُ، پنهنجي پيڻ کي نٿو ڏسين؟“

طاهره پنهنجي پٽ مجتبيٰ خان جي ٻل تي جواب ڏنو تہ جبار جو هٿ اپو ٿيو ۽ طاهره جو ڳل ڳاڙهو ٿي ويو. ”بڪواس نہ ڪرين... تنهنجي ماءُ، تنهنجون ڀيٽيون ۽ ياءُ سيئي هڪجهڙا بيغيرت ۽ بيحيا آهن. سڄو ڏڇو انهن جو پيدا ڪيل آهي. باقي جانيءَ کي تہ آءٌ ڏسندس!!“

هو ڪاوڙ ۾ ڪمري کان باهر نڪري ويو ۽ طاهره کي هڪ ئي چمات تي خدا ياد اچي ويو.

طارق خان جڏهن پاڻ سان جبار جو رکي منهن ملڻ وارو رويو ڏنو تہ هن کيڙن، منائين ۽ ٻين سامانن جو ڍڳ حمل خان جي اڳيان رکندي چيو، ”چاچا، منهنجي اچڻ سان هاڻي گهر ۾ اها خوشي نٿي ٿيئي جيڪا اڳ هوندي هئي. هوندئن بہ ته ڏينهن مهمان رحمت ۽ چوٿين ڏينهن زحمت هوندو آهي.“

”ايئن ڪيئن ٿو چوين پٽ!“

”خير... پر مان هڪڙو عرض ڪندس جي اگهايو تہ چوان!“

”چئو پٽ چئو.“

”چاچا، منهنجو هاڻي هتي، اوهان وٽ اچڻ وڃڻ گهڻو پيو ٿئي... دوست بہ گڏ هوندا آهن، شڪار وغيره لاءِ بہ ايندا آهن... سو آءٌ هتي اوهان جي پر ۾ پنهنجو گهر بنائڻ ٿو چاهيان!!“

حمل خان چرڪي چيو، ”چو پٽ، هي بہ تہ تنهنجو ئي گهر آهي، جدايون چو ٿو ڪرين يار؟“

ستار ايندي ساڻ ڪلي چيو، ”چاهي بابا، ڪير ٿو جدايون ڪري؟“

”پٽ، بڌ تہ سهي، طارق خان چا پيو ڳالهائي، چوي ٿو تہ هتي سندس اچڻ وڃڻ تي خوشي ناهي ٿيندي ۽ مهمان رحمت آهي ۽ زحمت آهي الائي چا، سو چوي ٿو تہ هتيئي پنهنجي لاءِ ڌار گهر بنايان، چو تہ سندس ۽ سندس دوستن جي ڪري اسان کي تڪليف ٿي ٿئي!!“

”چو ادا، ائين چو؟“

”يار ستار، مون اهوئي چاچا کي چيو تہ شڪار، فيصلا ۽ مهراب خان جي ڪري ۽ ٻيو وري هاڻي چاچا کي ڏسڻ لاءِ بہ هتي بار بار اچڻ ٿو ٿيئي سو چاهيان ٿو تہ پنهنجو گهر بنايان تہ اوير سوير سولائيءَ سان اچان ۽ وڃان.“

ستار دل ئي دل ۾ خوش ٿيڻ لڳو تہ، طارق خان ضرور وڏو ۽ سٺو گهر بنائيندو ۽ اهو اسان جو ئي ٿيندو.

”ادا، جيڪا اوهان جي مرضي!“

جبار جڏهن ٻڌو تہ تپي باھ تي ويو، ڪاوڙجي ستار کي

چيائين، ”ستار، بابا تہ ڪٽي وڏي عمر جو آهي بيمار آهي، تون تہ ڪجھہ عقل ڪر!“

ستار ڪي سندس بي ادبيءَ واري لهجي ۽ لفظن تي ڪاوڙ اچي ويئي، ”ڳالهائين ڪيئن پيو جبار، آءٌ تنهنجو وڏو ڀاءُ آهيان.“

”ڇا چيو اٿم، اهوئي تہ طارق خان کي گھر بنائڻ جي اجازت تو ڇو ڏني؟“

”پوءِ ڇا ٿيو، ڪهڙو نقصان آهي ان ۾ اسان جو. زمين اسان جي آهي گھر بہ اسان جو ٿيندو؟“

”ڪڏ جي تري ۾ وڃي گھر، مون کي هتي طارق خان جو گھٽو اچڻ وڃڻ نٿو وڻي!“

”ڇو نٿو وڻي؟“

”جاني بہ هاڻي اسان جي هٿن کان ٻاهر نڪرندي ٿي وڃي. بابا تہ ڪجھہ سمجھي ئي نٿو!!“

جبار ڏک مان چيو تہ ستار ڇرڪي چيو، ”هيڏي جبار، بابا جي طبيعت سهي ناهي. توکي تہ پاڻ بہ خبر آهي تہ ڊاڪٽرن تہ توکي ئي چيو آهي تہ سندس دل جو معاملو نيڪ ناهي ۽ هاڻي رڳو کيس خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو.“

”ها خبر اٿم!“

”پوءِ ماٺ ڪري ويھہ!“

جبار ماٺ ڪئي تہ ستار بہ مطمئن ٿي ويو. طارق خان پاران وڏا ۽ ڳرا ڳرا تحفا هاڻي وڏن کان وٺي ننڍڙن ٻارن تائين سڀني لاءِ ڌار ڌار ايندا هئا ۽ جان بيبي جو تہ خوشيءَ مان زمين تي پير ئي نہ ٽڪندو هو. حمل خان پنهنجي ڪمري ۾ گھٽو ڪري گورين جي اثر ۾ ڳھر ڪري ستل هوندو هو، اتي جان بيبي ۽ طارق خان جون ڳھريون ملاقاتون ٿينديون هيون ۽ طارق خان لاءِ مخصوص ٿيل ڪمرو تہ ٻنهي جي پناهہ هو. جيڪو سندن دلين وانگيان سندن رازدار هو.

طارق خان جي جاءِ حويليءَ کان ٿورو پرتي زور شور سان ٺهي رهي هئي. مصطفيٰ خان وارن کي بہ خبر پيئي هئي. اهي بہ

آيا پر حمل خان ۽ ستار کين مطمئن ڪري ڇڏيو. زهره پنهنجي مڙس مراد ۽ ٽن سالن جي پٽ اسد سان گڏجي آئي هئي.

”جاني، هيءَ وري ڪهڙي بيهودي حرڪت ڪئي اٿئي؟“

”زهري، بيا چون ٿا تہ پلي چون پر تون نہ چئو... آءٌ ڦٿجي پوندیس!“

جان بيبيءَ ڏک مان چيو تہ زهره کيس پاڪر پائي چيو، ”جاني، سچ تہ تنهنجو ڪو ڏوھ ناهي. جڏهن قسمت اهڙو ڪسب هلائيندي آهي تہ پوءِ تو جهڙي سمجهدار ۽ باوقار ماڻهوءَ وٽ بہ ميارون ڊوڙون پائي ايندیون آهن ۽ هاڻي هتي جيڪو طارق خان جاءِ بنائي ويهندو تہ اهو اسان جي خاندان لاءِ هڪڙي قسم جي خواريءَ جو جهنڊو هوندو... بس، ان ڪري ئي توکي چيو اٿم.“

”ڪهڙي خواريءَ جو جهنڊو، ادا مهراب خان بہ آيو هو ان بہ بابا ۽ ادا ستار کي چيو تہ پلي طارق خان هتي جاءِ بنائي. باقي ادا جبار کي تہ...“

”جاني، جبار جيترو ذهين آهي اوتروئي جذباتي بہ آهي. تون کائنس هوشيار رهجين. مان تہ هاڻي هن حال ۾ تو وٽ اچي نہ سگهنديس!“

زهره پنهنجي وڌيل پيٽ ڏانهن اشارو ڪري چيو تہ جان بيبيءَ لاپرواهيءَ مان چيو، ”افي ڪٿي آهي، صفا مون کي وساري ڇڏيو اٿس؟“

”ان ويچاريءَ سان تہ ويڌن آهي جاني. هڪڙو ٻار ڄڻي ٿي ڪڍي تہ ٻيو ٿو پيٽ ۾ پويس... ويچاري ڪيڏانهن بہ نڪري نٿي سگهي. تون ڇو نٿي وٽس وڃين. الا، ايڏي تہ خوش ٿيندي جو بس ڪانهي!!“

”ها، آءٌ ضرور وٽس ويندس. پر بابا جي طبيعت جي ڪري نٿي نڪران، تو وٽ بہ هاڻي ڪٿي ٿي اچان؟ باقي افي ٻار ۾ وقفو ڇو نٿي ڪري؟ طاهره وانگي.“

”طاهره جي ماءُ ۽ پيڻيون هوشيار آهن، شهر ۾ ٿيون رهن اهي طاهره کي سنڀالي ڄاڻن ٿيون، باقي اسان جا حال اهي آهن. ايئن ئي

پيو گاڏي ڪاتو هلندو!"
"چو چو، تون وري ڪهڙي ٽي جهنگ ۾ رهين. هتي به ڊاڪٽرياڻيون ايندبون آهن سڄي خبر اٿوَ باقي مڙيئي ٽي ڳالهيون ڪرين. گوريون ته هتي به ملن پيون سيئي لنگهيون لوريون به پيون ڪائين. ملوڪان ۾ ختو به ڪائين پيون."

ٻئي ٺهڪ ڏيئي ڪلڻ لڳيون. ملوڪان ۾ ختو چانهه رکي ويون ته زهره چيو، "جاني، هتي گهر ۾ ته تون طارق خان سان ملي ٽي سگهين ۾ ملين پيئي پر جڏهن سندس جاءِ تيار ٽي ويندي ۾ هو پنهنجي جاءِ ۾ رهندو، ته پوءِ تون ساڻس ملي ڪيئن سگهندينءِ؟"

جان بيبيءَ وات ۾ بسڪٽ وجهي بيپرواهيءَ مان چيو، "ملڻ ۾ چاهي!!"

زهره ڪيڪ ڪائيندي چيو، "واقعي تو لاءِ هاڻي ڪابه ڳالهه وڏيءَ مشڪل ناهي رهي."

"ها، ان بيت وانگيان ته، سوريءَ چڙهڻ، سيج پسڻ، ايءُ ڪم عاشقن..."

زهره بسڪيت ڪائي چيو، "جاني، ڪيڪ ۾ بسڪٽ ٻئي زبردست آهن، ڪنهن آندا آهن؟"

"طارق خان!" جان بيبيءَ مشڪي چيو ته زهره چرڪي پيئي.

"جاني، خدا جو قسم ته هاڻي آءٌ توڪان ڊڄان ٽي الائي چا ٽيندو؟"

طارق خان جي جاءِ جڏهن تيار ٽي ته هن سيني جي دعوت پنهنجي نئين جاءِ ۾ ڪئي. جبار بهانو بنائي دوستن ڏانهن نڪري ويو. باقي ٻيا سيئي شريڪ ٿيا. طارق خان مهراب خان، عزيز جان، تاج بيبي ۾ سسئي ڪي به وني آيو هو. طارق خان ڪراچي مان ماهر باورچي آندا هئا. ڪاڌو زبردست هو، دعوت عاليشان ٽي ۾ رات جو راڳ جي شاندار محفل ٽي جيڪا صبح تائين هلي... صبح جو طارق خان سيني وڏن ننڍن ڪي سوڪڙيون ڏيئي ساڻن موڪلايو. گهر اچڻ ساڻ جان بيبيءَ ڪي الائجي چو متي ۾ شديد سور پئجي ويو... تيل، ٽڪيون، گوريون زور پر ٻنپهرن تائين

سور برداشت کان ٻاهر ٿي ويو. جبار ته جيئن ڪلهه دوستن ڏانهن ويو هو اڃان نه موٽيو هو. ستار به ٻاهر نڪري ويو هو. شموءَ جان بيبيءَ جي تڪليف ڏسي، ڊوڙندي طارق خان ڏانهن پڳي، "سائين جيجي جانل کي ڏاڍو متي ۾ سور آهي."

طارق خان پريشان ٿي اٿي بيٺو، "ڇا جي ڪري متي ۾ سور پيو اٿس. رات ته سڄي رات نيڪ هئي پوءِ ڇو ٿيو اٿس، ڪنهن ڳالهيو ٻولهايو ته نه هئس؟"

"نه سائين، ڳالهايو ته ڪنهن به نه هئس... پر سائين متي ۾ تمام گهڻو سور اٿس."

طارق خان هڪدم حويليءَ ۾ آيو. جان بيبيءَ جي ڪمري ۾ ستار، حسنه ۽ مايون هيون. حمل خان کي دل جي تڪليف ڪري نه ٻڌايو ويو هو. طارق خان ڪمري ۾ ايندي ساڻ چيو، "مون کي هينئر شمو ٻڌايو آهي. ڊاڪٽر کي آندو اٿوَ؟"

"آءٌ ته هئس ئي ڪونه، هينئر آيو آهيان ته حسنه ڳالهه ڪئي."

طارق خان جان بيبيءَ ۾ نهاري چيو، جيڪا تڪليف گهٽي هئڻ جي ڪري بيچين ٿي رهي هئي.

"مان ڊاڪٽر وٽي ٿو اچان."

توري ئي دير ۾ طارق خان ڊاڪٽر کي وٺي آيو. جنهن اچي انجيڪشن هڻي دوائون وغيره ڏنيون.

ستار چيو، "ادا، اوهان رات کان ٿڪل آهيو. ڊاڪٽر کي آءٌ ٿو ڇڏڻ وڃان."

ڊاڪٽر کلي چيو، "هاڻي آءٌ به پنهنجي گاڏي ٿو وٺان پوءِ اوهان کي واپس پهچائڻ جي تڪليف ڪانه ٿيندي."

طارق خان کلي چيو، "ها يار، اهو احسان اسان تي ضرور ڪجو!"

ستار ڊاڪٽر کي وٺي ڪمري کان ٻاهر نڪتو ته طارق خان پلنگ جي پير ۾ رکيل صوفي تي ويهي رهيو. حسنه ٻارن جي روئڻ تي هلي ويئي. حسنه جي وڃڻ کان پوءِ طارق خان اٿي جان بيبي جي متي تي آهستي هٿ رکي پڇيو، "هاڻي تڪليف ڪيئن آهي؟"

جان بيبيءَ اکين جا خوبصورت ڇپر مٿي کنيا. ”هاڻي ڪجهه بهتر آهي. پر اوهان ڇو تڪليف ڪئي؟“

”جان، مهرباني ڪري مون کي امتحان ۾ نه وجهندي ڪر!“

”ڪهڙا امتحان؟“

”اهيئي، جيئن هينئر مٿي ۾ سور پيو اٿئي. ڏس، مان ڪيڏو پريشان آهيان. مهرباني ڪري جلدي ٺيڪ ٿي وڃ نه ته...“

”نه ته؟“

”نه ته آءٌ به بيمار ٿي پوندس!“

جان بيبيءَ هڪدم ڇرڪي ويهي سندس ڇپن تي هٿ رکي ڇڏيو، ته طارق خان سندس هٿ جهلي بيساخته چمي ڏني ۽ مشڪي اچي صوفي تي ٽيڪ ڏيئي ويٺو. حسنه ماين ڪان چانهه وغيره کڻائي آئي، ”ادي، پنهنجو ئي گهر آهي تڪليف نه ڪندا ڪريو. آءٌ صفا هينئر پي آيو آهيان.“

حسنه کلي چيو، ”ادا، اسان کي خبر آهي ته اوهين پنهنجي گهر وارا آهيو.“

طارق خان شاندار ٺهڪ ڏنو ۽ حسنه ۽ جان بيبي به کلي پيون. طارق خان چانهه پيئندي حسنه ۾ نهاري مشڪي چيو، ”جاني سنا بهانا ڪري ڄاڻندي آهي.“

”ڪهڙا بهانا؟“

”اهيئي جيئن هينئر مٿي جي سور جو بهانو ڪيو هيئي.“

”هي بهانو آهي؟“

”بيو نه ته... هاڻي ڪٿي آهي مٿي وارو سور؟“

حسنه کلي چيو، ”ادا، مٿي ۾ ته تمام گهڻو سور هئس، پر انجيڪشن جي ڪري جهڪو ٿيو هوندس.“

”ادي، اوهين ٺا ڇئو ته ڪٽي مجون ٺا.“

حسنه کلي ڪمري کان ٻاهر نڪتي ته جان بيبي ڇاڳ ڪندي چيو، ”مان مري وينديس، تڏهن به بهانو چئجان!“

طارق خان تڙپي سندس ڇپن تي هٿ رکيو ته جان بيبيءَ سندس هٿ کي جهلي چمي ڏني.

”حساب برابر ڪري ڇاڻين ٿي جانان!“

۽ مشڪندو سندس ڪمري کان ٻاهر نڪتو ته ٻاهرين دروازي مان جبار اندر داخل ٿيو! طارق خان کي جان ٻيبيءَ جي ڪمري مان مشڪندي نڪرندو ڏسي سندس منهن ڳاڙهو پيئرو ٿي ويو ۽ هو وري پنيرو ٿي ٻاهر نڪري ويو. طارق خان جي چهري تي آيل مرڪ هڪ ئي پل ۾ غائب ٿي ويئي. جبار کي وري ويندو ڏسي ڏک ۽ فڪر ۾ سندس چهرو سپاٽ ٿي ويو. حمل خان جي ڪمري ۾ آيو جتي ستار به هو. طارق خان ڪانئن موڪلايو ته ستار چيو، "ادا، بابا کي ڪجهه بخار آهي."

"ڊاڪٽر جي ضرورت آهي، آڻيان؟"

"نه پٽ، ڊاڪٽر جي ضرورت ناهي، نيڪ آهيان."

طارق خان ٻيني ئي ٻيني ساڻن موڪلايو.

"چو پٽ، هينئر آئين هينئر ئي پيو وڃين!"

"چاچا، سويل آيو هئس..."

"بابا، اسين اندر هياسين!"

"پٽ تنهنجي جاءِ ته ڏاڍي سٺي آهي، سيني کي وڻي آهي."

"مهرباني چاچا، هاڻي اوهان جي واري اهي جاءِ ڏسڻ جي."

"انشاءالله پٽ، ضرور ڏسبي."

طارق خان وري به ساڻن موڪلايو. ستار ڪيس گاڏيءَ تائين ڇڏڻ هليو.

## باب چٽيهون

طارق خان جي جاءِ تي اچڻ ۽ ساڻس ملڻ جان بيبيءَ لاءِ قطئي مشڪل نہ هو. ساڻس گڏ حويليءَ جون سيئي مايون ۽ نوڪر هئا جيڪي سندس جانثار هئا ۽ ڪيس اتي پهچائي ۽ سلامتيءَ سان واپس آڻيندا هئا. مهراب خان تائين بہ طارق خان ۽ جان بيبيءَ جون ٿڙيون ڦڙيون ۽ اڏامندڙ خبرون پهچڻ لڳيون هيون. هن جي اندر ۾ طارق خان لاءِ محبت جو اٿاهہ سمنڊ هو تہ جان بيبي جيڪا سندس پهريون پيار ۽ گهرج هئي ان لاءِ بہ وٽس پيار پريو نرم گوشو هو، ۽ اها بہ ڪيس خبر هئي تہ طارق خان گهر ۾ خوش ناهي ۽ جان بيبي سان بہ ناانصافي ٿيل آهي. هونئن بہ ماڻهو جن سان پيار ڪندو آهي انهن جا گناهہ بہ ثواب پاسندا آهن. مهراب خان بہ اهي ڳالهيون ايئن لنوايون ڇڏ هن ٻڌيون ئي نہ هيون يا انهن سان سندس ڪو واسطو ئي نہ هجي. اڄ بہ جڏهن طارق خان وٽس آيو تہ هو ساڻس ايئن سڪ مان ياڪر پائي ڪلي مليو ڄڻ ڪيس ڪنهن بہ ڳالهہ جي خبر نہ هجي. طارق خان اندر حويليءَ ۾ عزيز جان سان ملڻ آيو تہ اها ڪيس بيمار ۽ جهيڻي نظر آئي.

”ڇا آهي ماسي، طبيعت نيڪ ناهي ڇا؟“

عزيز جان ساڻس ڪيڪاري پلنگ تي ويهندي چيو، ”بس پٽ، عمر سان گڏ صحت بہ موٽ تي ڪائي. بس، الله پنهنجيءَ هلنديءَ هلائي تہ لک شڪر.“

طارق خان صوفي تي ويهندي چيو، ”اهو وري ڇا ڀيئي چوين ماسي، اوهان جي عمر ڇا ۾ وڏي آهي! الله سائين اوهان کي وڏي حياتي ۽ تندرستي ڏي.“

”طارق خان، امان کي سمجهاءِ، امان هاڻي مون کي ڊيڄاري ٿي.“ مهراب خان ماءُ جي پر ۾ ويهي ڪيس ياڪر پائي چيو تہ عزيز جان مشڪي چيو، ”پٽ، الله سائين اوهان ٻنهي کي وڏي ڄمار ۽

صخت ڏي ۽ پاڻ ۾ اڳ کان بہ متي محبتون ڏيئي ٻچن سان خوش رکي. منهنجو ڇا آهي، سنو وقت گذاريم. هاڻي اوهان ٻچن جي هٿن ۾ وڃان تہ سون تي وڃان!"

طارق خان صوفي تان اٿي اچي پلنگ تي سندس پير ۾ ويهي چيو، "ماسي، ماءُ بنا زندگي گذارڻ ڪيڏي ڏکي ۽ اڌوري آهي اها مون کي خبر آهي. ماءُ اهو گهاٽو وڻ آهي جيڪا پاڻ ڪاڙهڻ ۾ ڪڙهي ٻچن کي ڇانوَ ڏيندي آهي ۽ جيڪي ٻار ماءُ جي هنج ۾ پلجي وڏا ٿا ٿين انهن کي ڪنهن جي بہ پرواهہ نہ هوندي آهي، ڇو جو اهي مڪمل ۽ بااعتماد ٿيندا آهن ۽ دنيا ۾ دستياب ٿيندڙ پيار ۽ محبت انهن لاءِ اڻ ڏٺل ۽ انوکي چيز نہ هوندي آهي. آءٌ ڇهن سالن جي عمر ۾ يتيم ٿيو هئس ۽ سڄي زندگي ماءُ جو وڇايل، گم ٿيل پيار ڳوليندو رهيس ۽ شايد زندگيءَ جي پڇاڙڪن پساهن تائين ڳوليندو رهندس ڇو جو اهو منهنجو ويساهہ آهي تہ جنهن جي ماءُ ٻاروتڻ ۾ گذاري ويندي آهي اهو پيار جو ايڏو تہ پياسو ۽ ترسيل هوندو آهي جو جيون جي آخري لمحي ۾ بہ پياسو ئي رهندو. ڇو جو ماءُ هوندي ئي نہ تہ پوءِ اهو ڀرپور پيار ڪيس ڪير ڏيندو؟"

عزيز جان پيار مان سندس ڪلهي تي هٿ رکي چيو،"الله سائين توکي وڏي حياتي ڏي. هاڻي توکي ڇا جي پرواهہ آهي. لکن جو آسرو ۽ اميد آهين. رب توکي ٻچڙا ڏنا آهن سهڻي پيار ڪرڻ واري زال اٿئي. توکي ڇا جي غرضي آهي سوين سلامي اٿئي. اڃان بہ رب وڌيڪ عزتون بخشيندوءِ."

طارق خان ڇرڪي مهراب خان کي ڏٺو جيڪو پڻ اداس ٿي ويو هو. ڇو جو ڪيس خبر هئي تہ هو گهر ۾ ڪيترو خوش آهي. طارق خان مرڪي چيو، "آمين، آمين. مهرباني. باقي هاڻي اوهان پنهنجي عمر جي ڳالهہ نہ ڪجو."

"طارق خان، خبر اٿئي، امان مون کان فقط پندرهن سال وڏي آهي، ۽ اهو فرق وقت گذرڻ سان تہ هيڪار ختم ٿي ٿو وڃي جڏهن اولاد وڏو ٿي ويندو آهي. ڇو جو پندرهن سورهن سالن جو فرق تہ

پائرن ۾ پيئرن ۾ به ٿي ويندو آهي. سو هاڻي اسين ماءُ ۾ پٽ نه بلڪ پاءُ ۾ پيڻ ٿا لڳون!"

"واقعي به مهراب خان، ماسي تنهنجي ماءُ نه بلڪ پيڻ لڳندي آهي. چو جو هاڻي توکي به مون وانگيان پريا پئجي ويا آهن."

ٽنهي ڪليو. تاج بيبي ۾ سسئي به ٻارن سميت اچي وينيون هيون. ڪجهه دير ڪچهري ڪرڻ کان پوءِ طارق خان اٿي چيو، "هاڻي آءٌ هلندس."

مهراب خان به ساڻس گڏ اٿي چيو، "اڄ ته اسان وٽ ٽڪي پئو يار."

"نه يار، اڄ منهنجو ارادو ڪراچي وڃڻ جو آهي. هتي جاءِ تي به ٽي ڏينهن رهيو آهيان سو..."

۾ سيني سان موڪلائي مهراب خان سان گڏجي حويليءَ کان ٻاهر آيو ته مهراب خان انهرو ٿي چيو، "طارق خان، امان جي طبيعت نيڪ ناهي، بلڪ گهڻو نيڪ ناهي."

طارق خان سنجيدگي مان چيو، "مون به محسوس ڪيو آهي. ماسي واقعي نيڪ ناهي. پوءِ ڪيس ڪراچي وٺي هلون؟"

"منهنجو به اهوئي خيال آهي... رات جو ساهه ۾ تمام گهڻي تڪليف ٿيندي اٿس."

"۾ اتي اسپتال ۾ هوندي ته آڪسيجن ۾ ٻيون به ڪيئي سهوليتون آهن اتي، جنهن جي ڪري حالتن کي منهن ڏيئي تو سگهجي."

"ڏسان ٿو."

"پوءِ آءٌ ٻيهان، گڏجي هلون!"

"ايئن ڪٿي امان راضي ٿيندي يار، هينئر پلي تون وڃ ٿي سگهي ته آءٌ به تنهنجي پنيان ئي اچان... پر تون هوندين ته ڪراچيءَ ۾ ئي، ڪراچيءَ کان ٻاهر هليو ته نه ويندين نه؟"

"نه، آءٌ ڪيڏانهن به نه ويندس. اوهان جو انتظار ڪندس."

# باب ستٽيهون

گهر اچي طارق خان بيحد مصروف ٿي ويو. پر ڪيس عزيز جان جو الڪو يڪوئي لڳو پيو هو. ”اسان جون مائرون اولاد جي سک خاطر ڇا ڇا نہ ڪنديون آهن پر جڏهن ڪين پاڻ کي ڪو ڏک ۽ تڪليف ايندي آهي تہ هو مشڪي لڪائي ڇڏينديون آهن تہ متان اولاد کي ڪا تڪليف ۽ هلاڪي ٿيئي ۽ پوءِ هو ايئن ئي گِري گِري ختم ٿي وينديون آهن. ماسي عزيز جان پڦي امير بيبيءَ وانگي مهراب خان جي تڪليف جو سوچي ڪڏهن بہ ڪراچي نہ ايندي، هن کي آٽڻو پوندو. هو مهراب خان سان ڪڏهن بہ اچي نہ سگهندي. مون کي ئي وڃڻو پوندو وري...“

ڀاڳيءَ اچي چيو، ”سائين، سائين مهراب خان جو ماڻهو آيل آهي اوطاق ۾ وينو آهي.“

طارق خان جي هٿ ۾ جهليل ڪافيءَ جو مگ ڇلڪي پيو ۽ سندس زبان مان هي لفظ اتلي پيا تہ ”يا الله خير ڪجانءِ.“

هڪدم اٿيو ۽ تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻي اوطاق ۾ آيو تہ سردار مهراب خان جو ڪمدار ڏٽي بخش غمزده وينو هو. طارق خان کي ڏسڻ سان اٿي بينو، ”سائين وڏي امان برقعو مٽائي ويئي.“

ڏٽي بخش لڙڪ لاڙيندي ٻڌايو تہ طارق خان ڇڻ ڏڏي ويو ۽ سندس اکين مان هنجون شپڪا ڪري ڪرڻ لڳيون.

”اوه، انالله وانا عليہ راجعون.“

طارق خان اتي باز جيان پهچي ويو. مهراب خان ساڻس ڀاڪر پائي روئڻ لڳو. ديدار ڪرڻ مهل تہ وڏا دردناڪ منظر هئا. عزيز جان رڳو سردار مهراب خان جي ماءُ نہ هئي، هوءَ تہ پاڻ راڄن جي سردار هئي ۽ مهراب خان جي موجودگي ۾ بہ ڪيئي فيصلا سندس لاءِ ايندا هئا ۽ هوءَ پاڻ ڪندي هئي. ماڻهو ايئن اچي پلٽيا هئا جو

لٽ هنئين پٽ تي نٽي پيئي. اصل تہ چنڊڻ جي بہ جاءِ نہ هئي. سڪندر خان ۽ حسن جان بہ آيا هئا ۽ ساڻن گڏ شهناز بہ آئي هئي جو جو طارق خان تہ بڌڻ شرط هليو ويو ۽ ڪيس اهو چئي،نہ تون اديءَ وارن سان اڇجانءِ. حمل خان کي دل جي تڪليف هئڻ ڪري پيڻ جي موت جي خبر نہ ٻڌائي ويئي هئي. ٻيا سيئي گهر جا ڀاتي آيا هئا، ستار ۽ جبار جون تہ اکيون روئي روئي سُڄي ويون هيون، تاج ٻيبي ۽ جان ٻيبيءَ جي دانهن تي تہ ڊِليون پُرزا تي ٿيون، جان ٻيبي پڦيءَ جو آخري ديدار ڪرڻ مهل بي هوش ٿي ويئي هئي، سندن پڦي هئي بہ تہ اهڙي ئي شفيق، مهربان ۽ سندن لاءِ پنهنجي اڪيلي ۽ لائق پٽ سردار مهراب خان سان ذري ذري تي اٽڪي پوڻ واري ۽ ڪين مان متائون ڏيڻ واري هئي. ڏاڍا دل ڏاريندڙ لمحا هئا. ديدار ڪندي جڏهن سردار مهراب خان پنهنجي پرجهل، ڪلهي شريڪ ماءُ جي بي جان نرڙ کي چمي ڏني تہ سخت ڪان سخت دل ماڻهو بہ اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳا... جنازي ڪڻڻ مهل جڏهن سردار مهراب خان اوڇنگارون ڏيندي چيو، ”اڄان پلي امان گهر ۾ هجي، ٿوري دير چڏيو تہ گهر ۾ رهي!“

تہ طارق خان پاڻ تي انتهائي ضبط ڪري روئڻ جهلي ڪائنس جنازي ڪڻڻ جي موڪل ورتي هئي. دفن ڪرڻ ڪان پوءِ رات جو جبار، جان ٻيبي ۽ طاهره کي گهر وني ويو... چو جو سيني جي وجڻ ڪري حمل خان پريشان ٿي ويو هو. ستار مهراب خان وٽ ئي رهيو هو ۽ جبار بہ صبح جو وري آيو هو. سڪندر خان ڪلهي ڪانڌي تي ڪراچي هليو ويو هو. حسن جان ۽ شهناز اتيئي رهيل هيون. ٽيجهي تي وري بہ سڪندر خان آيو تہ شهناز بہ طارق خان ڪان موڪل وني انهن سان گڏ ڪراچي هلي ويئي. طارق خان ڏهن ڏينهن تائين مهراب خان سان گڏ تڏي تي ويٺل رهيو. ڪفن دفن ڪان وني لنگهڻي ۽ ٽيجهي ۽ ڏهين تائين سيئي خرچ طارق خان پاڻ ڪيا. مهراب خان چيو، ”مون کي ڪنهن بہ لمحي ياءُ جي ڪمي محسوس ٿيڻ نہ ڏنئي طارق خان، آءٌ تنهنجو شڪرگذار آهيان.“

”شڪرگذاريءَ وارو لفظ واپس وٺ مهراب خان، انهن مان

اوپرائپ واضح ٿي نظر اچي. مون ڪڏهن به توکي پاڻ کان ڌار نه سمجهيو آهي ۽ ماسي ته منهنجي به ماءُ هئي.“

عزيز جان جي تڏي تي جنهن به مهل طارق خان جبار جي سامهون ٿي آيو ته جبار هڪدم پاسو ورائي هليو ٿي ويو. ڪنهن به مهل هو طارق خان سان گڏجي تڏي تي نه وينو. طارق خان جو چهرو ان مهل ڏک مان ڳاڙهو ٿي ٿي ويو. مهراب خان اهو سڀ ڏسي ۽ محسوس ڪري رهيو هو. ”چا ڳالهه آهي طارق خان، تون ۽ جبار هڪ ٻئي سان ناراض آهيو چا؟“

طارق خان انهرو ٿي چيو، ”مان ته ناراض ناهيان پر الائي چو جبار مون کان لنوائيندو آهي؟“

مهراب خان ڪنڌ هيٺ ڪري خاموش ٿي ويو ته طارق خان ڏک مان چيو، ”جبار اگر منهنجي اتي گهر بنائڻ تي ناراض آهي ته مان ڪيس گهر ڏيئي هليو ٿو وڃان!“

مهراب خان اداس لهجي ۾ چيو، ”آءٌ جبار کان معلوم ڪندس پر... خير نيڪ آهي... سڀ نيڪ ٿي ويندو!“

مهراب خان اهي لفظ ايئن ورتا جو ڪيس به انهن تي ويساهه نه آيو هو، ”مامي جي طبيعت نيڪ ناهي... اجان ته امان جي وڃڻ جو به ڪيس نه ٻڌايو ويو آهي.“

طارق خان اٿندي چيو، ”مان به اتان چاچا وٽان ٿي پوءِ ڪراچي ويندس.“

”آءٌ به مامي ڏانهن ويندس پر رڳو ماڻهن جي جهور گهٽ ٿيئي ۽ ٻيو وري ڊڄان ٿو ته متان مامي کي ڏسي روئي نه پوان... بلڪ روئي پوندس. هڪ جهڙائي آهن نه.“

”واقعي چاچا حمل خان ۽ ماسي عزيز جان هم شڪل آهن.“

مهراب خان رومال سان هنجون اگهي چيو، ٽرو ڪاپي... رڳو هي مرد ۽ هوءَ عورت هئي... اهوئي فرق هو!!“

۽ هو باقائده روئڻ لڳو... طارق خان ڪيس ڀاڪر پائي چيو، ”يار، واقعي به اهي ڳالهيون وسارڻ جون ناهن... نه ئي ايئن چوڻ سان ته، نه روءَ. ته هنجون بيهي وينديون. پر يار هي سڄو ڪاروبار

هاڻي اڪيلي توکي ئي سنڀالڻو آهي. ماسي نہ رڳو تنهنجي ماءُ هئي پر تنهنجو پيءُ، ڀاءُ ۽ ڀيڻ بہ هئي هاڻي اهيئي سيئي ڪردار توکي نڀائڻا آهن.“

اندران حويليءَ مان حوا ۽ سڪان ڊوڙنديون آيون، ”سائين سائين، جيجي سسئيءَ کي ڌيءَ ڄائي آهي.“

مهراب خان جي روتل هنجن هاڻي ڇهري تي مرڪ اچي ويئي. طارق خان بہ مرڪي چيو، ”ماسي عزيز جان وري اچي ويئي آهي... نياڻيءَ تي ماسيءَ جو نالو رکجين!“

مهراب خان رومال سان لڙڪ اگهي خوش ٿي چيو، ”ها، امان اچي ويئي آهي... ڪيس ڪيڏو انتظار هو تہ سسئي کي پهرين ڌيءُ ٿيئي ڪيس بہ ڀيڻ نہ هئي مون کي بہ ڪا ڀيڻ نہ هئي ۽ جڏهن تاج بيبيءَ کي ڌيءَ ٿي هئي تڏهن بہ ڏاڍي خوش ٿي هئي... وڏيون خوشيون خيراتون ۽ شادمانا ڪيا هئاسين، توکي تہ سڀ خبر آهي. هاڻي بہ جڏهن سسئيءَ کي هڪ ٻي پنيان بہ پٽ ٿيا هئا تہ چيائين، هن ڀيري هرو ڀرو ڌيءَ ڄڻجين سسئي ۽ اسان سيني ڏاڍو ڪليو هو تہ ڄڻ ڌيءَ ڄڻڻ سسئي جي هٿ ۾ آهي. مان امان جو ئي نالو رکندس طارق خان، ۽ خدا ڪري تہ هوءَ امان جهڙي ئي ٿيئي.“

۽ وري بہ سندس اکيون لڙڪن مان ڀرجي آيون. طارق خان پنهنجي رومال سان سندس اکيون اگهي چيو، ”تون ڀلي اندر حويليءَ ۾ وڃ، آءٌ هينئر وڃان ٿو پوءِ وري تڪڙو ئي ايندس.“

ستار بہ ڀڄو هو اهو بہ مهراب خان وٽ آيو، ”ادا، ڀڦيءَ جي اچڻ جون مبارڪون هجن.“

۽ ستار بہ روئي پيو. طارق خان کي وڃڻ لاءِ تيار ڏسي چيائين، ”ادا، ڪيڏانهن پيو وڃين؟“

”ڪراچي ٿو وڃان پر چاچا حمل خان سان ملي پوءِ!“

”مان بہ گهر ويندس، جبار هتيئي آهي ۽ آءٌ سڀاڻي وري ايندس!“

ستار طارق خان سان گڏجي گاڏيءَ ۾ وينو.

# باب انٽيھون

عزيز جان جي ورسي تي ويئي ھئي پر اجان تائين حمل خان کي سندس وفات جو نہ ٻڌايو ويو ھو. ھو جڏھن بہ پيئڻ لاءِ پڇندو ھو تہ کيس اھوئي جواب تي ڏنو ويو تہ ھوءَ گھر ۾ ترکي کري پيئي آھي، جنھن جي کري سندس ڄنگھ ڀُڄي پيئي آھي ۽ ھو گاڏيءَ ۾ ويھي ھتي اچي نٿي سگھي. تہ ھو ضد کرڻ لڳندو ھو، "تہ پوءِ مون کي وٽس وٺي ھلو، آءٌ تو اوڏانھن وڃان." ھو اٿڻ جي ڪوشش کندو ھو تہ سندس ساھ پرجي ويندو ھو ۽ ھو وسامي وري ليٽي پوندو ھو.

اڄ سندس طبيعت گھڻي خراب ھئي. سيئي سئوٹ، پائيتا ۽ پاٽيجو مھراب خان وٽس ئي ھئا سيئي کيس ڪراچي وٺي وڃڻ لاءِ تيار ھئا. پر ڊاڪٽر، حمل خان جي ڪمري کان ٻاھر نڪري چيو، "سائينءَ جي حالت ھينئر سفر ڪرڻ جھڙي ناھي... ٿورو انتظار ڪريو... بي پي تمام گھٽو وڌيل آھي... خدا ڪندو تہ رات تائين حالت ڪجھ بھتر ٿيندي ۽ پوءِ فيصلو ڪري سگھبو تہ ڪراچي وٺي وڃجي يا نہ. باقي ھن مھل قطئي بہ نہ... آءٌ اجازت نٿو ڏيئي سگھان کيس ڪراچي وٺي وڃڻ جي."

حمل خان ان دوران ڪيئي ڀيرا عزيز جان لاءِ پڇندو رھيو. سيني پنھنجا لڙڪ لڪائي کيس چيو پي تہ، بخار اٿس رات تائين اچي ويندي. مھراب خان ستار کي چيو، "طارق خان کي مامي جي طبيعت جي باري ۾ ٻڌائڻ ضروري آھي ستار، نہ تہ کيس ڏک ٿيندو. مامي کي الله وڏي حياتي ڏي... باقي ھاڻي الله ۾ وڏو آسرو آھي نہ تہ..."

"واقعي ادا، ٻڌائڻ تہ ضروري آھي... باقي ھتي فون نہ ھئڻ جي ڪري ڪيڏي مصيبت آھي ذري ذري لاءِ ماڻھو پاڻ وڃي اتي پھچي باقي ٻيو طريقو ڪونھي. ڏسان ٿو... ڪو ماڻھو موڪليان."

”نہ پوءِ تون چئہ، آءٌ تو موڪليان.“

جبار چڙي چيو، ”طارق خان ڪي ٻڌائڻ چو ضروري آهي. اسان مري ويا آهيون، جو بابا جو علاج ۽ خدمت نٿا ڪري سگهون. چو يلا اچي طارق خان ڪي مٿي تي ڪنيو اٿوَ!“

ستار تہ جبار جي خيالن ڪان واقف هو پر مهراب خان جنهن کي ڪجهہ تہ خبر هئي پر ايتري حد جي خبر نہ هئي. سو ڪيس حيرانيءَ مان تڪڻ لڳو.

”چو جبار، طارق خان تي چو ايڏو ڪاوڙيل آهين؟“

مهراب خان بلڪل ايئن سوال ڪيو هو ڪيس ڪولڻ لاءِ چڻ هو صفا لاعلم هجي. پر جبار ماٺ رهيو هو. شايد موقعي جي مناسبت سان... رات جو حمل خان جي طبيعت انتهائي خراب ٿي ويئي ۽ هو بيهوش ٿي ويو. سيئي روئڻ پٽڻ لڳا. ڊاڪٽر بہ سندس حالت ڏسي گهبرائجي ويو. ”بابا، زندگي خدا جي هٿ ۾ آهي هاڻي دوا نہ دعا جي ضرورت آهي، منهنجي خيال ۾ تہ برين هيمريج ٿي ويو اٿس. بس دعا ڪريو.“

حمل خان جي ڪمري ۾ مڪمل ماٺ هئي. ڪنهن ڪنهن مهل جان بيبيءَ جا سڏڪا ماٺ کي ٽوڙي ٿي ويا. مهراب خان جو حڪم هو تہ، ”جنهن کي بہ روئڻو آهي، اهو ڪمري ڪان ٻاهر نڪري روئي.“ حمل خان جي ساهہ ۾ ٽورو ڪرڪو هو، ٻاهر ستار ۽ جبار ڪيئي ڦندرون (ڊڳا ۽ ٻڪرون) صدقي ۽ خيرات جون ڪهائي چڏيون هيون. مهراب خان ڏار پنهنجي مامي تان خيرات ۽ قرآن خوانيون پي ڪرايون. جان بيبيءَ تہ الائي ڪيترا پئسا گهوري صدقو ڪري پيءُ جي مٿان واري غريبن کي ڏنا هئا. رڌڻي ۾ سوڍيءَ اچي چيو، ”شمو، سائين حمل خان کي ساهہ ۾ تڪليف تہ تمام گهڻي آهي. جهڙي سڪرات اٿس!“

شموءَ چرڪي ڪيس ڌڙڪو ڏيندي چيو، ”سوڍي، خدا تنهنجي منهن ۾ ڇار وجهي، سائين حمل خان کي ٿي سڪرات جو چوين. الله پناهہ ڏي. سڪرات وارا ماڻهو مون بہ ڏٺا آهن، تو بہ ڏٺا آهن، باقي سائين حمل خان جي ساهہ ٻارن ۾ ئي گيرئون ٽيئي. الله چوٽڪارو ڏيندس.“

سوڍيءَ ڊجي چيو، ”آءٌ تہ بينوائي، بيشئي آهيان. هيترا خيرات ۽ صدقا پيا ٿين سو سڪرات ڪٽي هوندي. اي الله تون سائين حمل خان کي چڱيلائي ڏي.“

سوڍي رڌڻي مان ٻاهر نڪتي تہ ملوڪان چيو، ”سائين حمل خان جي چڱيلائي تہ اڪين سان اڳيان پڌري آهي، جڏهن هو اڪري پار پوندو، تڏهن ساربو... باقي سائين طارق خان کي اجان تائين نہ ٻڌايو اٿن اها بيواجبي ٿا ڪن.“

”هئو امان اهي سيئي ڪم سائين جبار جا آهن، ٻيو ڪير بہ ڪونهي.“

ختوءَ چڙي چيو، ”سائين بہ مشادو (تماشو) آهي. سائين طارق خان جون آندل چيزون کائي، پيئي ۽ واپرائي باقي مٿان رڳو رعب ۽ ڏڏرو...!“

ملوڪان سندس وات تي هٿ رکي چيو، ”ائي گڏهہ، وات بند ڪر، نہ تہ سائين جبار کي سڄاڻي تہ ٿي!“

”ها ها، سڃاڻانس ٿي سڃاڻانس، منهنجي رت ۾ جيڪا ڏردل تارڻي اٿس اها پلي تاري ڇڏي، هينئر بہ جيڪي سائين جبار کي سليٽي رنگ جا ڪپڙا پاتل آهن اهي بہ تہ سائين طارق خان جا آندل آهن.“

ملوڪان ڊجي اٿي رڌڻي جي دريءَ مان نهاري چيو، ”چوين تہ ويچاري ختو سڀ سچ ٿي... چا چا نہ ڏنو آهي سائين طارق خان، نہ تہ اسين اڳ بہ هتيئي هيوسين... رڳو نالي جا وڏا هئا باقي ملڪيت ايڏي وٽن نہ هئي، اسين بہ سڌ مرنديون هيوسين نئين ڪپڙي لاءِ. هاڻي تہ سائين طارق خان کي الله وڏي حياتي ڏي، جيجي جانل جي صدقي اسان بہ سيني لاءِ سڀ ڪجهہ ٿو آڻي.“

ختوءَ چيو، ”هئو الا، ٻيو تہ سڀ ٺهيو پر ٻيڙيون، تمباڪ، سنگريٽ، ناس ۽ مشوڪ (نسوار) بہ اتان ڪراچيءَ مان ٿو وٺي اچي سيني لاءِ ڌار ڌار يادگيري ڪري.“

شمو اتيئي رڌڻي ۾ ستي پيئي هئي ۽ ٻنهي جون ڳالهيون ٻڌي رهي هئي. اٿندي چيائين، ”سچ ٿيون چئو امان، مون تڪي

مهانگيءَ لاءِ بہ سائين طارق خان سوئٽر (سوئيٽر) ۾ شال وني آيو.“
شموءَ جي اوچتي وچ ۾ پيئي ڳالهائڻ تي چرڪي پيون.
”ماسي، تو تہ اسان کي هڏ ڏيهو ڪارايو آهي.“
شموءَ چرڪي اٿندي چيو، ”ائي گهوڙا... آءٌ اچي سمهي پيس. سائين حمل خان جو الائي ڪهڙو حال آهي.“
ملوڪان جو اکيون لڙڪن مان پرجي آيون. ”ماسي، تون جيجي جانل کي چئو نہ تہ، سائين طارق خان لاءِ ماڻهو موڪلي، الا، مون کي تہ اهڙو ڏک ٿو ٿئي سائين طارق خان جو...“
”امان، اسين ڀانها، سندن هٿن پيرن جو مير، انهن جي ڪير ٿو ٻڌي؟ باقي سائين جبار کي تہ ڏسو پيون... چڙهي گهوڙي تي بيٺل آهي. سائين طارق خان کي ڏسي ٿو تہ چڻ رت تي نظر ٿي پويس. باقي الله نہ ڪري سائين حمل خان کي ڪجهہ ٿيو تہ پاڻهي خرچن جي خبر پوندس! نہ تہ اڳ ڪيس ڪو پتو ڪا خبر ئي نہ هيس جيجي اميران پيري تہ ڪيئن نياز ٿيا ڪيئن ختما ۾ مانيون ٿيون، ڪيئن ماڻهو ٿا ڪائين ڪٿان راشن ٿو اچي، ڪيترو ٿو هلي.“
”هئو ماسي، اسان جي پيٽين ڪانهي... اسان بي پهچن جو اچي نہ وجي. پاڻ چاڙن پنهنجا ڪم، باقي اسين سندن لاءِ دعاڳو آهيون تہ شل ڪوسو واءُ بہ نہ لڳين.“
”آمين.“
”آمين.“

حمل خان کي ڏسڻ ۾ پڇڻ وارن جو ڪاٿو ئي نہ هو. سندس خاندان کان علاوه بہ جنهن کي بہ سندس نازڪ طبيعت جي خبر ٿي پيئي سو پي آيو. هينئر بہ ماين جو سڄو اٿالو گيٽ مان اندر آيو تہ هيءَ سيئي رڏٽي مان نڪري سندن رهنمائي ڪري ڪين اندر وني وجڻ لڳيون. صبح جي ٻانگن کان اڳ حمل خان جي قوڪ چني. (دم ڏنائين) رڙين ۾ دانهن سان زمين آسمان هڪ ٿي ويا... حمل خان جو وڏو ڪٽنب هو. ٻار ٻچو رڙيون ڪري روئڻ لڳو. راڄن جا راڄ اچي گڏ ٿيا هئا. هونئن تہ چاڻ ڪراچيءَ ۾ بہ سيني ماڻهن کي ڪيل هو پر طارق خان کي چاڻ ڪرڻ لاءِ مهراب خان

خاص پنهنجيءَ جيپ ۾ ماڻهو موڪليو هو، ته متان طارق خان اهو خيال ڪري ته ڪيس به عام جيان چاڻُ ڪرائي وئي آهي. طارق خان پنهنجي زال ۽ ٻارن سوڌو پهچي ويو. طارق خان جو وڏو پٽ اڪبر هاڻي سمجهدار هو ۽ قد بت به نڪتل هئس، ۽ سندس ٻئي ڌيئرون به سمجهدار هيون. ٻنهي ڌيئرن کان پوءِ گهڻي دير سان ڪيس ٻيو پٽ ٿيو هو، جيڪو ڏهن سالن جو هو. سڪندر خان ۽ حسن جان به آيل هئا. طارق خان ايندي ساڻ سڄو انتظام سنڀالي ورتو. ڪفن، دفن، لنگهڻي سڀ خرچ طارق خان جو هو. ٽيجهي ۾ جڏهن مهراب خان ۽ ستار ڪفن دفن جا پئسا ڏيڻ چاهيا ته هو ڪاوڙجي پيو! ”مان ڪو ڌاريو آهيان؟ جو منهنجو ڪفن ڏنل قبول نه ٿيندو، نه رسندو؟ سچ به اوهين مون کي ڌاريو ٿا سمجهو، جو چاچا حمل خان ايترو بيمار ٿيو ته اوهان مون کي اطلاع ئي نه ڪيو! مان جيڪو سندس لاءِ پلپل فڪرمند هيس پر وڏن ڪمن ۾ ڦاسي پيو هئس، جنهن جي ڪري ايترا ڏينهن لڳي ويا هئا نه ته آءٌ روز اچڻ وارو هئس. خير نيڪ آهي...“

مهراب خان ۽ ستار کيس حيرت مان ڏسڻ لڳا. مهراب خان کيس ڀاڪر پائي چيو، ”واقعي طارق خان اسين تنهنجا مياري آهيون. اسان کان ڪوتاهي ٿي ويئي آهي اسان کي معاف ڪر. واقعي به جيتري تو مامي جي خذمت ڪئي آهي اوتري...“

”ڇڏ يار، وري پيو ٻيايون ڪرين، چاچا جي خذمت ڪري مون اوهان تي ٿورو نه ڪيو آهي جنهن جو معافيون پيو ونين، باقي آخري ڏينهن ۾ اوهان مون کي ياد نه ڪيو اهو ڏک ضرور رهندو. هاڻي وري هي پئسا به پيا ڏيو ته آءٌ پاڻ کي ڇا سمجهان، پنهنجو يا پرايو؟“

ستار چيو، ”ايئن ناهي ادا، تون ته اسان کي ويجهن کان به ويجهو آهين پر چوندا آهن ته ڪفن پلي پٽ ڏين!“

”اهو تڏهن ٿو ٿيئي جڏهن ڪو مجبوريءَ مان ڏي. مون ته پنهنجو پيءُ سمجهي سڀ ڪجهه ڪيو آهي.“

”پر ادا...“

مهراب خان وچ ۾ چيو، ”ڇڏ ستار، ضد نہ ڪر، طارق خان صحيح ٿو چوي.“

ٿيجهي تائين طارق خان بارين ٻچين رهيل هو. سڪندر خان ۽ حسن جان ٻي ڏينهن ئي هليا ويا هئا. شهناز بيزار بيزار هئي جنهن مان ظاهر هو تہ طارق خان ڪيس زوري وٺي آيو هو. نل تي ٿانوَ ڌوئيندي ملوڪان چيو، ”ٻڌڙي ختو، جيجي شهناز کي تہ ضرور جيجي جانل جي سڄي خبر هوندي؟“

”ضرور هوندي، هيترا سال ٿي ويا آهن سڄي زماني کي خبر پئجي ويئي آهي هن کي ڪيئن نہ خبر هوندي!“

”هئو سچي، چاءِ بنائن ڪان پوءِ تہ سائين طارق خان ڪيترا ڏينهن هتي رهي ٿو، هئو نہ؟“

”هئو ٻيو ڇا، ڏسين نٿي، انڌي آهين ڇا، جيجي شهناز ڪيئن نهاريندي آهي جيجي جانل ڏانهن؟“

”۽ جيجي جانل ڪيڏو پائيندي آهي ڪين. سائين طارق خان جي ٻارن ۾ تہ جڻ ساهہ اٿس. پيءُ گذاري ويو اٿس، نيڪ بہ ناهي، يڪو روئي پيئي. راڄ اچي مُڇ ٿيا آهن، مُياتي آهي پر تڏهن بہ انهن جي ڪاڏي لاءِ پڇندي ۽ سار لهندي آهي.“

سومل جيڪا ٿانوَ ڌوئندي سڀ ٻڌي رهي هئي تنهن اکين مان آيل لڙڪ اگهي ڇاتيءَ تي زور سان هٿ هڻي چيو، ”هاءِ هاءِ، جيجي جانل جي قتل ياڳ لاءِ... ڪونج گدڙن ڪاڏي... ڪيڏانهن منل منهن واري جيجي جانل، ڪيڏي ريڙهي جهڙي ٻوٽ وارو مير محمد. گهوڙا... گهوڙا رڻ ماتام.“

- سيئي مايون جان بيبيءَ جي محبت ۾ ٻڌل هيون، روئڻ لڳيون. سومل تہ هونئن ئي جذباتي هئي ۽ گهڻو وقت ٿيو هئس جو پنهنجي ڳوٺ ويئي هئي پنهنجي ماءُ جي بيماريءَ جو ٻڌي ۽ پوءِ سندس ماءُ گذاري ويئي ۽ ايئن هو جان بيبيءَ جي ڏکن کان گهڻو واقف نہ هئي ۽ هتي اچي ڪيس سڀ خبر پئي هئي. ملوڪان چيو، ”هاڻي ڇا ٿيندو؟“

سومل ڇڙ مان چيو، ”ڇا وري ڇا ٿيندو، جيڪا سائين جبار جي

مرضي هوندي اهوئي ٿيندو. هاڻي حويليءَ جو ڌڻي بہ اهوئي ٿيندو.“

شمو جيڪا سندن ئي پر ۾ ويهي ماٺ منوڙيءَ ۾ سگريٽ پي رهي هئي تنهن هڪدم جذباتي ٿي سگريٽ کي فرش تي زور سان دٻائي چيو، ”چو، ڪيئن حويليءَ جو ڌڻي سائين جبار ٿيندو، رب شل وڏي حياتي ڏي سائين ستار کي پڳ تہ سندس ئي مٿي تي ٻڌبي!!“

”اها تہ اسان کي بہ خبر آهي. پر وري سون پاڻ ئي ڏسجانءِ تہ حڪم ڪير ٿو هلائي!“

سومل پنهنجي ڳالهہ جي گهٽتائي ٿيندي ڏسي جذباتي ٿي ويئي هئي. شموءَ چيو، ”امان زور ٿورا ڏي. آءٌ بہ پيئي آهستي ڳالهايان...“

سوڍي اندران ڊوڙندي آئي، ”اتي شمو اتي، جيجي جانل تي سڏ ڪري.“

شمو ڦٽڙاٽ ڏيئي اٿي تہ سومل ڪاوڙجي چيو، ”آهي ڇا ماسي سوڍي، جيڏيءَ تيڏيءَ مهل ايئن تڦڙڪ تڦڙڪ ڪندي تي اڇين اسان کي تہ هڏ ڏيڄاريو هيئي.“

شموءَ بہ ٺڏو ساهہ کڻي چيو، ”هئو سوڍي، آءٌ بہ ڏڄي ويئي هيس.“

سوڍيءَ وڏي آواز سان چيو، ”اوهان کي ڇاهي مايون، هُتي اسان کي ٿيون دڙٻون ملن!“

صبح جو طارق خان پنهنجي زال ۽ ٻار وٺي ويو تہ جان بيبي ڄڻ اڪيلي ٿي ويئي. حالانڪ اڃا سڄو خاندان وٽن ئي هو پر طارق خان جي وڃڻ کان پوءِ هوءَ پاڻ کي رڃ جو حصو ڀانئڻ لڳي هئي، ’طارق خان، امان ۽ بابا ٻئي هليا ويا آهن. منهنجون طاقتون، منهنجا زور ۽ ٻل اهي ئي هئا. ڇپر ڇانوَ هئا منهنجا، هاڻي تہ آءٌ ٻنا ڇانوَ جي، رڻ جي وچون وچ رهجي ويئي آهيان، اڃايل، تاسيل ۽ پياسي؛ رڃ جي اڪٺ سمونڊ ۾ رليل ۽ پٽڪيل، نہ ڄاڻ ڪيتريون يادون هڪ ئي وقت ذهن تي حملا آور ٿيون هيس... ڪهڙا ڪهڙا

چهرا اکين اڳيان رقص ڪرڻ لڳا هئا. اندر ئي اندر ۾ ڪيس مايوسيون ڳڙڪائڻ لڳيون هيون. سندس سڀ منصوبا ڇڻ ڏڙانگ ڪري ڊهي پيا هئا... 'الائي ڪهڙن گناهن جون سزائون پيون ملن ڏڙا ڏڙ... ۽ مياورن چئور جيان چنبڙيل آهن. منهنجي گهر جا ياتي ايئن ٿا مون ڏي نهارين ڇڻ آءٌ پرائي آهيان ۽ ٿورا ڏينهن رهڻ جو چئي گهٽا ڏينهن رهي پئي آهيان. ۽ جتي "منهنجو گهر" چئي رهايو ويو هو اتي جون يادون وهه اوڳاڇيندڙ بلائن جيان ذهن تي مسلط آهن ۽ ارڙ نانگ جيان وات ڦاڙي منهنجي ڪڏ آهن مون کي سالم ڳهڻ لاءِ... او منهنجا خدا، آءٌ ڪيڏي تنها آهيان.' هوءَ آهستي آهستي هلندي طارق خان جي ڪمري ۾ آئي، تہ پاڻ مراد لفظ سندس زبان مان اُڇي، بلند آواز سان نڪرندا رهيا، "تنهنجو وجود بهار جي آمد آهي تون وڃين ٿو تہ بهار هليو ٿي وڃي!"

"هو ڪو گل هو ڇا، جو بهار سان گڏ هليو ويو."

زهره جيڪا سندس پنيان ئي آئي هئي ۽ ڪيس ڳالهائيندي ٻڌي جواب ڏنو هو. جان بيبيءَ چرڪي پويان نهاري ڪيس چيو، "گل تہ نہ هو پر سندس وڃڻ سان رونق ضرور هلي وئي آهي."

"هاڻي رونق وري ڪڏهن ايندي؟"

"الائي..."

زهره ڪيس وٺي سندس ڪمري ۾ آئي تہ هوءَ ساڻس ياڪر پائي روئي پئي.

"زهري، بابا مون کي پاڻ سان گڏ ڇو نہ وٺي ويو؟ مون کي هتي تڙپڻ ۽ ڦتڪڻ لاءِ ڇو ڇڏي ويو؟ ڪنهن جي آسري، ڪنهن جي سهاري مون کي اڪيلو ڇڏي ويو آهي؟"

زهره سندس وارن ۾ هٿ گهمائي پيار مان چيو، "جاني، ٿورو آرام ڪر، روئي روئي ٿڪجي پئي آهين."

"واقعي زهري، مان ٿڪجي پيئي آهيان هن زندگيءَ مان بہ!"

زهره چرڪي ڪيس ڏنو، "نہ جاني، ايئن نہ چئو، مان تہ توسان گڏ آهيان. تون جيئن بہ ڪرين صحيح يا غلط، مان توسان گڏ آهيان تنهنجي پنيرائي ڪرڻ لاءِ، ڇو جو مان توسان پيار ٿي ڪريان ۽

پيار اڳيان واقعي بہ ماڻهو مجبور آهي. تنهنجو ڪو ڏوهہ ناهي بہ مجبور آهين... ۽ هڪڙو دلاسو ۽ ڏي اهو بہ آهي، منهنجي خيال ۾ تہ ادا ستار بہ توسان پيار ڪري ٿو! ۽ هو بہ ضرور تنهنجا اوڳڻ ڳڻن ۾ ئي ڳٺيندو هوندو ڇو جو اها وري سندس مجبوري هوندي."

"زهري، منهنجو آسرو، منهنجو ڏي تہ اهوئي آهي جنهن جي نانءُ تي آءٌ تڳان ٿي جيڪو منهنجو جياپو آهي. زهري، هو ڇئي تہ ايئن ويو آهي تہ هاڻي چاليهي تي ايندس، پر ڏسجانءِ هو ڏهن پندرهن ڏينهن ۾ وري ايندو! ڇو جوهاڻي تہ ڪيس منهنجي ڳڻتي ۽ فڪر ڪرڻو آهي. بابا تہ هليو ويو زهري، منهنجو ذهن هينئر منهنجي قابوءَ ۾ ناهي."

زهره ڪيس ڏٺو. ڪيس سندس ذهني حالت تي شڪ ٿيڻ لڳو.

"ڪنهن ڪي ڇئي ويو آهي، تون ساڻس ملي آهين ڇا؟"

"نہ، هن شموءَ سان مون ڏي تسلي موڪلي هئي. مون کي خبر آهي تہ هن کي منهنجو فڪر آهي ۽ اهو مون کي يقين آهي تہ هُتي بہ ڪيس منهنجو فڪر هوندو!"

# باب اوڻيتاليهون

جان بيبيءَ جي مسئلي تي سڪندر خان جي گهر ۾ طارق خان سان سندس پيٽ وچڙيل هئي. ”ادا، پڦي اميران، جنهن سان اسان جو سڱ هو، اها گذاري ويئي. پوءِ تون چاچا حمل خان لاءِ ويندو هئين اهو بہ گذاري ويو، وقت پر لڳائي اڏامندو گذري ويو ۽ گذري پيو... هاڻي تہ تنهنجا ٻار بہ اچي جوان ٿيا آهن ۽ تنهنجو هوڏانهن وڃڻ نہ رڳو پرائن پر پنهنجن کي بہ سنو نٿو لڳي. ڪڪي ٿو هر ڪنهن کي... جو تون جيئن پوءِ تيئن ڪراچيءَ کان بہ مٿي ٿو هوڏانهن رهين. سئو سڄڻ سئو دشمن... دنيا تہ توريءَ مان گهٽي ڪري ٿي وجهي. رڳو ڳالهہ جو سرو هٿ اچي، پڄاڻي پاڻهي بنائي وٺندا آهن... هاڻي تہ جيڪي خبرون اچن ٿيون انهن تہ منهنجي ننڊ ڦٽائي ڇڏي آهي... سڄو وقت اڌڪن ۾ ٿو گذري.ڏينهن ۾ ڏهہ ڀيرا تنهنجي گهر تي فون ڪريان... اڪبر کي الله وڏي ڄمار ڏي چوندو آهي... پڦي، چئو تہ بابا کي وٺي اچان. تنهنجا ٻار ڏاڍا سمجهدار ۽ حساس آهن. هاڻي مهرباني ڪري پنهنجي گهر ۾ ويهہ، ٻارن کي وقت ڏي.“

طارق خان ڪاوڙجي چيو، ”مون ڪهڙي گهر ۽ ٻارن سان زيادتي ڪئي آهي. ڪٿي مون ڪوتاهي ڪئي آهي، ڇا جي پرواهہ آهي انهن کي، ڪهڙي شئي جي ڪمي آهي وٽن؟“

”پلي ٻي ڪنهن بہ چيز جي ڪمي نہ هجي ڪين، پر تنهنجي ڪمي شدت سان تا ٻار محسوس ڪن. نندا ڪٿي ماءُ جي اثر ۾ آهن پر اڪبر جيڪو سيني ۾ حساس آهي اهو هر وقت تنهنجي ڪمي محسوس ڪري ٿو ۽ مون سان اظهار ڪري ٿو تہ، ”بابا تہ هاڻي اسان کي بلڪل وساري ٿو ڇڏي.“

”منهنجون بہ ڪي مجبوريون آهن.“

”هونديون، باقي هاڻي جيڪي اتي جون خبرون هتي اچن

ٿيون انهن تہ منهنجو سک آرام ڦٽائي ڇڏيو آهي.“
”کهڙيون ڳالهيون، منهنجو اتي پنهنجو گهر آهي... مان ٿوري کو انهن جي گهر ٿو وڃان!“
حسن جان کي ياءُ جي ورندي ڏيڻ وارو انداز نہ وڻيو، ”ٻڌ ادا، ستار ڪٽي ماڻ آهي...“
”ماڻ ڇا! هو تہ مون وٽ ايندو ويندو آهي، ڪل، پوڳ، مشڪرو سڀ ۾ شامل آهي...“
”نيڪ آهي هو توسان نهيل آهي... باقي جبار جون ڳالهيون سڌيون ناهن. ۽ هاڻي هو صاف صاف ڳالهائڻ لڳو آهي...“
”ڇا ڳالهائڻ لڳو آهي. اهوئي نہ، تہ طارق خان کي مارينڊس، آءٌ کو ڊڄان ٿو جبار کان جو ڊڄي ويهي رهندس!!“
”نہ نہ، تون پلي نہ ڊڄ. ۽ پنهنجي جان خدا نہ ڪري ان هچا جي پنيان وڃائج.“
”.............“

حسن جان روئندي چيو، ”ادا، واسطو اٿئي رب جو، منهنجو هڪڙو ئي اباڻو سڱ تون آهين... خدا جي واسطي ان هچا مان جند ڇڏاءِ!“
طارق خان ڪاوڙجي چيو، ”هچا... هچا... هچا، اها هچا ناهي بچاءُ آهي منهنجو ادي، ڇا واقعي توکي خبر ناهي تہ منهنجو گهر منهنجي لاءِ جهنم آهي، جتي مان ہہ گهڙيون سک جون نٿو گذاري سگهان ۽ ان تپندڙ دوزخ کان پري وڃي ڪجهہ سڪون ٿو حاصل ڪريان تہ اهو ہہ اوهان کي نٿو وڻي. ۽ جي اها اوهان جي مرضي آهي تہ آءٌ ہہ پنهنجي مرضيءَ وارو آهيان!!“
”نيڪ آهي طارق خان تون واقعي پنهنجي مرضيءَ وارو آهين... باقي اها ڳالهہ نہ وسار، تہ تون رڳو حسن جان جو ياءُ ناهين ۽ رڳو ان کي ئي پيارو ناهين، منهنجو ہہ سئوٽ آهين، ياءُ آهين، مون کي ہہ اوتروئي پيارو آهين ۽ اهو مشورو آءٌ ہہ توکي ڏيندس تہ هاڻي اوڏانهن وڃڻ خطري کان خالي ناهي، نہ ويندو ڪر، ڇو جوهاڻي مهراب خان ہہ ڪاوڙيل آهي تہ، تو سندس ہہ کو خيال نہ

ڪيو.“ سڪندر خان جيڪو نهايت بردباري سان ڪين ٻڌي رهيو هو تنهن ڪيس سمجهائڻ چاهيو.

حسن جان چيو، ”۽ ادا، تون بہ حد ٿو ڪرين، مهيني ۾ ڏهہ چڪر ٿو هٽين اتي جا، هاڻي ڳالهہ لڪل ناهي پڌري پٽ آهي تہ...“

”آءٌ پوءِ بہ ويندس!!“

طارق خان عجيب انداز ۾ ضد وانگيان چيو تہ سڪندر خان چيو، ”نيڪ آهي، تون پلي وڃ، پوءِ آءٌ ۽ حسن جان بہ توسان گڏ ٿا هلون. اڪيلو توکي اوڏانهن وڃڻ نہ ڏينداسين.“

”نہ، مون سان ڪوبہ نہ هلندو... اها تہ منهنجي بيعزتي ٿا ڪريو. ڇا مان اهڙو ناڪارا آهيان جو منهنجي حفاظت لاءِ ٻين کي سوچڻو پوي؟“

”طارق خان اها تنهنجي سوچ غلط آهي تون قيمتي آهين، اڻمول آهين، جنهن کي وڃائڻ اسين افورڊ ڪري نٿا سگهون! وڌيڪ تنهنجي مرضي...“

”منهنجي مرضي اها آهي تہ، آءٌ ويندس، آءٌ پنهنجي حفاظت پاڻ ڪري سگهان ٿو.“

طارق خان ڪاوڙ مان ڳاڙهو پيلو ٿيندو حسن جان جي گهر کان ٻاهر نڪري ويو تہ حسن جان سڪندر خان اڳيان روئندي چيو، ”منهنجي ياءُ جي پنيان وڃ، نہ تہ آءٌ تنهنجا ٻار چڏي پنهنجي ياءُ جي ڪڍ هلي ويندس۔“ ”ڏسين تہ پئي پنهنجي ياءُ جا انداز.“

”هن کي مائيءَ ديوانو بنائي ڇڏيو آهي. ڪيس ڪنهن بہ نقصان ۽ خطري جي خبر ئي نٿي پوي. تون وڃ، خدا جي واسطي تون سندس پنيان وڃ.“

سڪندر خان پنهنجي پرجهل زال اڳيان وڃڻ لاءِ راضپو ڏيکاريو ۽ هن مطمئن ٿي گهوڙا اڳهيا.

طارق خان پنهنجي جاءِ تي پهتو تہ سڪندر خان بہ سندس پنيان ئي پهچي ويو.

”چو پلا ادا، اوهان هتي چو آيا؟“ طارق خان ڪيس ڏسي حيران ٿي ويو. سڪندر خان پنهنجي گاڏيءَ مان بندوق ڪڍي چيو، ”گهڻا

ڏينهن ٿي ويا هئا هن پاسي شڪار لاءِ ايندي، هونئن تہ شڪار لاءِ منهنجي جُوءِ خضدار ۽ ڪنراچ آهي پر... پڇين ڇو ٿو، نہ اچڻ ڪپندو هو ڇا؟“

طارق خان کي خبر هئي تہ هو ڇو آيو آهي. ڪيس پنهنجي سئوٽ ۽ پيٽيئي تي ڏاڍو پيار آيو ۽ ٿهڪ ڏيئي ڪيس اندر وٺي آيو. ستار، سڪندر خان جي اچڻ جو ٻڌو تہ اهو بہ ساڻس ملڻ آيو.

”ادا، اوهان تہ اسان جي پاسي اصل اچوئي نٿا، الائي ڇو؟“

”ها يار، مصروف آهيان تمام گهڻو. ان ڪري نٿو اچڻ ٿيئي نہ تہ اوهان جي پاسي وارو شڪار گهڻو هر ڪائيندو آهي، ايڏانهن اچڻ لاءِ...“

رات جو سڪندر خان جي دعوت ستار ڪئي هئي، طارق خان ۽ سڪندر خان کي هو پنهنجي حويليءَ ۾ وٺي آيو. طارق خان کان تہ ڪنهن جو بہ پردو نہ هو. سڪندر خان سان سندن مائٽي تہ طارق خان جيتري هئي پر هو وٽن ڪڏهن بہ اندر حويليءَ ۾ نہ آيو هو. شادي، غميءَ ۾ ايندو هو تہ ٻاهران ئي مردن سان ڳالهائي هليو ويندو هو. ستار سيني کي سڪندر خان سان ملايو. حسنہ، طاهره ۽ جان بيبيءَ سڪندر خان سان کيڪاريو... ماني ڪائيندي سڪندر خان چيو، ”جبار ڪٿي آهي؟“

ستار اکيون هيٺ ڪري آهستي چيو، ”شايد چاچا مصطفيٰ خان وارن ڏانهن ويو آهي.“

مانيءَ مهل ستار جو پٽ مرتضيٰ خان ۽ جبار جو پٽ مجتبيٰ خان ۽ ٻيا بہ سيئي ننڍا وڏا ٻار هئا. مانيءَ کان پوءِ ٻارڙا اٿي ويا ۽ جڏهن سيئي وڏا گڏجي چانهہ ۽ ڪافيءَ تي ڪچهري ڪري رهيا هئا تہ سڪندر خان جان بيبيءَ ۾ نهاري چيو، ”مير محمد وارن ٻاران کو اچي وڃي ٿو؟“

ستار چيو، ”ماسي تہ ايندي آهي طاهره لاءِ ڪري باقي مير محمد بابا جي فاتحہ کان پوءِ وري نہ آيو... هيترا سال ٿي ويا آهن هڪ ڀيرو بہ اسان وٽ نہ آيو آهي.“

”ماسي نور بيبي ڇا ٿي چوي؟“

”ماسي ايندي تہ طاهره لاءِ آهي پر چوندي هر پيري ايئن آهي تہ جانيءَ لاءِ آئي آهيان ڏيو تہ وٺي وڃانس... هاڻي ماسي بہ وڏي ٿي ويئي آهي مت ۾ ڪانهي.“

طاهره جو منهن ڦري ويو.

”پوءِ اوهان ڪيس ڪهڙو ٿا جواب ڏيو؟“

”جواب اسان جي هٿ ۾ ڪونهي، جاني چوي ٿي تہ ڪيس طلاق ملي ويئي آهي.“

ستار جان بيبيءَ ۾ نهاري ماٺ ڪئي جيڪا ان موضوع ڪلڻ تي بيزار ٿي رهي هئي. طارق خان بہ اوپرن جيان سڪندر خان کي ڏسي رهيو هو. سڪندر خان چيو، ”ستار، ماسي نور بيبيءَ مت ناهي ڇڏي، هوءَ سيڌي وات تي پئي اچي. هاڻي جي اچي تہ صلح ڪري ڇڏيو! هڪڙي طلاق وڏي ڳالهہ ناهي.“

جان بيبي ٽپ ڏيئي اٿي تہ سڪندر خان چيو، ”ادي، ڪيڏانهن؟“

”وري اچان ٿي ادا!“

سڪندر خان هلڪو ٽهڪ ڏيئي چيو، ”ادي، جي منهنجون ڳالهيون اوهان کي نٿيون وڻن تہ ٺيڪ آهي... ٻيو موضوع ٿا ڪڍون! پر تون ويهہ تہ سهي!“

جان بيبي ويٺي تہ سڪندر خان چيو، ”ادي، ڪڏهن ڪڏهن سٺي صحت لاءِ ڪڙيون دوائون بہ پيئڻيون پونديون آهن. ۽ منهنجي خيال ۾ تہ جڏهن مرض وڌڻ جا امڪان وڌي وڃن تہ اهي ڪڙيون ڦڪيون ڦڪڻ وڌيڪ فائديمند هونديون آهن. پوءِ بہ خير...“

طارق خان کي سڪندر خان جي ڳالهين تي چڙ اچي رهي هئي. جڏهن ٻئي سيني زالن ٻارن کي خرچيون ڏيئي موڪلائي پنهنجيءَ جاءِ تي پهتا تہ طارق خان چيو، ”اتي پلا مير محمد جي وڪالت ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟“

”مير محمد جي ڪهڙي وڪالت ڪيم، سچي ڳالهہ ڪيم. ڦقي اميران ۽ چاچا حمل خان ٻئي گذاري ويا آهن. ستار ۽ جبار ٻئي زالن ۽ ٻارن ٻچن وارا آهن. هيءَ هيڪلي هتي پئي آهي. شاديءَ

واري آهي پنهنجي مڙس جي گهر ۾ وڃي تہ سٺو يا غلط؟“
”توکي تہ سچي خبر آهي، پوءِ بہ سڀ چئي ڏنئي؟“
”ها، ان لاءِ تہ ان ۾ سيني جي چڱائي آهي. انهن جي بہ، تہ اسان جي بہ!“
”هوءَ گهر ڇڏي آئي آهي ان کي بہ تہ وڏو وقت ٿيو آهي پوءِ؟“
”پوءِ ڇا، مير محمد تہ ٻي شادي نہ ڪئي آهي.“
طارق خان جو موڊ صفا خراب هو. پوءِ بہ سڪندر خان لاءِ ڪري جيڪو عام نہ هو سندس معزز مهمان هو چيو، ”شڪار تي هلندين؟“
”نہ.“
”ڇو، تون تہ شڪار ڪرڻ لاءِ آيو آهين نہ؟“
”نہ، آءٌ توکي ونڻ آيو آهيان. مون سان گڏجي هل!“
طارق خان کيس حيرت مان ڏسڻ لڳو تہ سڪندر خان مشڪي چيو، ”ها، مون سان گڏجي هل، نہ تہ سياڻي تنهنجي پيڻ هتي هوندي!“
”ڇا؟“
”ها، هن اهو مون کي پاڻ چيو آهي تہ منهنجي ياءُ کي وٺي اچ، نہ تہ آءٌ تنهنجا ٻار ڇڏي پنهنجي ياءُ ڏانهن هلي ويندس.“
طارق خان مشڪي چيو، ”اديءَ کي خبر آهي پوري تہ هوءَ منهنجي ڪمزوري آهي.“
ٻ هو سڪندر خان سان گڏجي ڪراچي روانو ٿي ويو.
جبار گهر ۾ گهڻو ڪاوڙيل هو. ستار کي چيائين، ”دعوت ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. ڇو تون انهن کي حويليءَ ۾ وٺي آئين؟“
”ها سائين، اسين تنهنجي عقل تي ٿا هلون. جيڪا تند هٿ سان ڇڃي ان کي ڪاتيءَ سان ڇو وڍجي... سڪندر خان پاڻ چيو آهي تہ جانيءَ کي ماسي نور بيبيءَ سان گڏ ڇڏيو... هڪڙي طلاق ۾ ڇا آهي، ان جي ڪا حيثيت ناهي.“
”هو ٿا اسان کي عقل سيکارين، اسين ڄاڻون اسان جو ڪم ڄاڻي، وڏا آيا آهن اسان کي صلاحون مشورا ڏيڻ وارا.“
”سڪندر خان جو ڪهڙو ڏوهہ آهي؟“

”اھو ته. تون به مڃين ٿو ته طارق خان ڏوهي آهي، پوءِ ان کي چو گھر ۾ گھرايئي؟“

”سڪندر خان جي ڪري!“

”سڪندر خان به هن جو ياءُ آهي. دعوت ڪرڻ جي ڪابه ضرورت نه هئي.“

”اي سائين، جند چڏ اسان جي. زهر مان پريو پيو آهين سڄو!“

”ها، آءٌ زهر مان پريو پيو آهيان. تون پلي ماڪي ٿيو پيو هل... آءٌ طارق خان کي نه ڇڏيندس ته جيئن ڪيس وٺي تيئن ڪري پلي. تون پلي اکيون بند ڪر، منهنجو اکيون کليل آهن. باقي جانيءَ کي چئي ڇڏ، ته حويليءَ کان جي هڪڙو قدم به ٻاهر ڪيندي ته سندس خير ڪونهي.“

”ڇڏ جبار ڇڏ، رڳو پاڻ کي جوش ڏيئي جلاءِ نه. تون وڏو ناهين... مان آهيان وڏو ۽ ذميوار، مياري ٿيندس ته به آءٌ، توکي ڪير ڪونه چوندو؟“

جبار ڪاوڙ مان زمين تي زورائتا قدم رکندو دڙا هڻندو پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو ويو.

سڪندر خان، طارق خان جي خبرچار رکندو هو پر هو پاڻ بيحد مصروف هوندو هو ۽ ڪيس خبر ئي پئجي نه سگھي ته هو وري حمل خان جي ڳوٺ هليو ويو آهي.

طارق خان جي پهچڻ سان سندس جاءِ تي رنگ رچي ويندا هئا. هينئر به سيئي دوست ۽ اوسي پاسي وارا وٽس آيل هئا. رات جي ماني کائي سيئي ساٿس ملي ۽ موڪلائي هليا ويا هئا. طارق خان اڃي ستو ته خدو ۽ گلو سندس پيرن ۽ ٽنگن کي زور ڏيئي رهيا هئا ته منو ۽ ياروءَ وارا آيا.

ياروءَ چيو، ”سائين، ملوڪان چني ڏني اٿم!“

”ڪٿي آهي؟“

ياروءَ کيسي مان لفافو ڪڍي کيس ڏنو، ”سائين، هيءَ چني ملوڪان ڏني آهي!“

طارق خان مشڪي خوشبودار نيرو لفافو وٺي پنهنجي کيسي

۾ وجهي ڇڏيو. جڏهن سيئي سمهي پيا تہ طارق خان لفافو کڏي کوليو. جان بيبيءَ جو خط هو ۽ خط مان جان بيبيءَ جي مخصوص خوشبو اچي رهي هئي. طارق خان خط پڙهڻ لڳو،

”منهنجا فقط منهنجا،

چاڻان ٿي تہ مون وانگيان مجبور آهين، پر اها پڪ اٿم تہ مون وانگيان بيقرار ناهين. منهنجو هڪڙو پل هڪڙي گهڙي توکانسواءِ نٿي گذري، ملندي تہ سيني سان آهيان پر اکيون سيني کان لڪائيندي وتان تہ متان اتي توکي کو ڏسي نہ وني، ايئن ئي اتاولي ۽ بيقرار هلان پئي، رلان پيئي رڻ ۾... اهي آهن حال منهنجا... اڄ تہ تو وٽ مهمان آهن. ٻڌاءِ، صلاح ڏي تہ اڄوکي رات کيئن گذاريان؟ چو ڀلا پنهنجو ملڻ جيئن پوءِ تيئن ڏکيو پيو ٿيندو وڃي؟ جڏهن تہ منهنجي خواهش آهي تہ منهنجي ساهہ بہ تنهنجي ٻانهن ۾ وڃي. ڏس، آءٌ موت بہ آئيڊيل، پرڪشش ۽ تصوراتي ٿي چاهيان. ادا جبار جون اکيون هر روز نوان ٽاندا پري اٿنديون آهن... پوءِ ڇا آهي، وڏ ۾ وڏ جلائي رک کنديون نہ، ٻيو تہ سندس وس کان ٻاهر آهي... منهنجون راتيون منهنجا ڏينهن، منهنجو پل پل تنهنجو آهي ان ۾ ٻيو کنهن جو بہ اچي نہ وڃي، پوءِ الائي ڇو ادا جبار ٿو مداخلت کري.“

طارق خان خط وري کيسي ۾ وڌو، ’چري آهين صفا، ايئن ٿي سوچين؟ ۽ ايئن لکندي آهين ڄڻ اڄان تائين اسان مليا ئي ناهيون ۽ اسان جا وجود اڄان اڻ ڇهيل، کنوارا آهن. خبر تہ توکي بہ سڄي آهي تہ تو پنهنجي شديد چاهت جو ويڙهو ايڏو تہ مضبوط منهنجي وجود تي ويڙهيو آهي، جو منهنجون سيئي راهون هڪ ئي راهہ سان وڃي ٿيون ملن ۽ اسا راهہ فقط تو ڏانهن ٿي وڃي.‘ ۽ هو پرسکون ٿي سمهي پيو.

# باب چاليهون

جبار يلي ڪيترو بہ ڳالهائيندو هجي، ڪاوڙجندو هجي پر طارق خان جڏهن بہ ايندو هو ۽ ستار ڪي سندس اچڻ جي خبر پوندي هئي تہ هو ساڻس ملڻ ايندو هو. باقي جبار جي ڪري هو ڪيس پنهنجي حويليءَ ڏانهن وٺي وجي نٿي سگهيو، باقي پنهنجن ٻارن ۽ جبار جي ٻارن ڪي پاڻ سان گڏ وٺي ايندو هو. جن ڪي طارق خان ڳريون خرچيون ۽ تحفا ڏيندو هو ۽ سيئي خوش ٿي هليا ويندا هئا. هاڻي تہ سيني جا ٻار وڏا ٿي ويا هئا. ستار ۽ جبار جا ٻار طارق خان سان ڏاڍو پيار ڪندا هئا. تنهن ڏينهن ستار جو وڏو پٽ مرتضيٰ خان ۽ جبار جو وڏو پٽ مجتبيٰ خان ٻئي جان بيبي جي ڪمري ۾ ساڻس گڏ وينا هئا. مرتضيٰ خان چيو، ”پڦي، چاچا طارق خان هاڻي اسان وٽ ڇو نہ ايندو آهي؟“

”الائي، پوءِ چاهي اوهين تہ ساڻس ملي ايندا آهيو نہ!“

مجتبيٰ خان چيو، ”پڦي، بابا ڪي الائي ڇا آهي، اسين تہ سندس اڳيان چاچا طارق خان جو نالو وٺندي بہ ڊڄون ٿا... مس نالو ٿا وٺون تہ ڪاوڙجي پوندو آهي.“

جان بيبي پنهنجي ٻنهي خوبصورت جوان ڀائيٽن جون ڳالهيون حيرت مان ٻڌي رهيون هئي.

”پڦي، ڪلهہ اسان چاچا طارق خان سان ڏاڍيون ڪچهريون ڪيون.“

”پڦي، چاچا طارق خان ڪيڏو خوبصورت، قداور ۽ باوقار آهي... الله ڪري تہ آءٌ بہ چاچا طارق خان جهڙو خوبصورت ٿيان.“

سورهن سترهن سالن جي مجتبيٰ خان جي معصوم خواهش تي جان بيبي ۽ مرتضيٰ خان مشڪي پيا. مرتضيٰ خان چيو، ”پڦي، چاچا طارق خان چوي ٿو تہ سندس وڏو پٽ اڪبر ڪائنس بہ قداور آهي.“

جان بيبي مشڪي پيئي. اڳئين پيري جڏهن طارق خان پاڻ سان گڏ اڪبر کي وٺي آيو هو تہ ستار دعوت ڏيئي ڪين حويليءَ ۾ وٺي آيو هو. تڏهن اتفاق سان هي ٻئي جبار سان گڏجي ڪراچي ويل هئا. ۽ ايئن هي اڪبر سان ملي نہ سگهيا هئا ۽ تڏهن جان بيبي اڪبر کي ڏسي حيران ٿي ويئي هئي تہ هو صفا پيءُ جهڙو ئي خوبصورت ۽ دراز قد هو ۽ ڪيس شهناز تي ڏاڍو رشڪ آيو هو تہ ٻئي خوبصورت قداور مرد شهناز جا ئي آهن. هڪڙو مڙس ۽ ٻيو پٽ!

رات جو اڌائي وڳي جان بيبي خوشبوئن سان وهنجي سهنجي سينگارجي تيار ٿي شمو، آمي، سومل ۽ ختوءَ سان گڏجي منوءَ کي اڳيان ڪري طارق خان جي جاءِ تي آئي هئي تہ يارو، طارق خان جي ماڻهن سان گڏ پهرو ڏيئي رهيو هو. جان بيبي بنا ڪنهن ڊپ ۽ خوف جي ايئن طارق خان جي ڪمري ۾ ويئي جيئن زال، مڙس جي ڪمري ڏانهن بنا ڪنهن پرواهہ جي ويندي آهي. طارق خان عطر ۾ هٻڪاريل سندس ئي انتظار ۾ دروازي ۾ اکيون وجهيو وينو هو. ڪيس ڏسندي ئي مشڪي ٻئي ٻانهون کولي ڇڏيائين. جان بيبي تقريبن ڊوڙ ڪري اچي سندس ويڪري ڇاتيءَ تي مٿو رکيو تہ طارق خان پنهنجي ٻنهي ڪليل ٻانهن جو گهيرو سندس وجود تي تنگ ڪري ڇڏيو. جان بيبيءَ ساڻس چاڳ ڪندي چيو، ”يلا اڪبر منهنجي لاءِ پڇندو آهي؟“

”اڪبر چوي ٿو تہ بابا، منهنجي نندي امان کي گهر ڇو نٿا وٺي اچو!!“

جان بيبيءَ چرڪي سندس ڇاتيءَ تان مٿو ڪڍي سندس اکين ۾ نهاريو تہ طارق خان سندس اکين کي چمي ڏيندي چيو، ”مني، ٻين جي راءِ جي توکي ڪهڙي ضرورت آهي. آءٌ تہ تنهنجو آهيان.“ ۽ جان بيبي سندس ويڪري ڇاتيءَ ۾ لڪي ويئي هئي.

روز آڌيءَ رات جو جان بيبيءَ جو طارق خان وٽ اچڻ سندس معمول هو ۽ جيترا ڏينهن طارق خان اتي ترسيل هوندو هو، ان معمول کي مينهن واءُ بہ روڪي نہ سگهندا هئا. جان بيبيءَ کي

جبار جي ڪاوڙين ۾ ڌمڪين جي خبر هئي ۾ هوءَ پاڻ به سندس ڳالهيون پنهنجي ڪنن سان ٻڌي چڪي هئي پر هوءَ انڌ جي اهڙي گهوڙي تي سوار هئي، جنهن جون واڳون سندس ته ڇا، ڪنهن به هٿ ۾ نه هيون. يا سندس محبت جي هٿ ۾ هيون جنهن ڪي اکيون، ڪن ۾ سمجهه نه ٿيندي آهي. جان بيبيءَ جي اڳيان ڪابه ڳالهه اهم نه هئي. سندس نظر ڪنهن تي به نه ٻڌندي هئي. مظهر خان ۾ ڪمال خان ته اڄ تائين سندس اميدوار ۾ سندس فقط هڪڙي اشاري جا منتظر هئا. مظهر خان ته زال ۾ ٻارن وارو هو پر پوءِ به جان بيبي سندس اولين خواهش ۾ پيار هئي، جنهن تان هو اڃان تائين هٿ ڪڍي نه سگهيو هو... باقي ڪمال خان جو انوکو ۾ خاموش پيار ته سيني ڪان ڏار هو. هن اڃان تائين شادي نه ڪئي هئي، ڪنوارو هو ڇڻ وري ڪو نئون سوئيمبر ٿيندو ۾ جان بيبي سيني ڪي رد ڪري سندس ڪنڌ ۾ ٻانهن جا هار پائيندي ۾ ڪيس مشڪي قبول ڪندي. جڏهن ڪان جان بيبي مير محمد ڪان اڌوري طلاق پائي موٽي آئي هئي تڏهن ڪان ڪمال خان جو اڇڻ وڃڻ وٽن وڌيڪ ٿي ويو هو. مظهر خان به ساڳي نموني پنهنجي اکين جا ڪٽورا چاهت مان تارون تار ڪري ٻيهر نئين سر وٽن ايندو هو ۾ هاڻي ان ڊوڙ ۾ جان بيبيءَ جو ماروٽ آصف به شامل ٿي ويو هو، جيڪو پڻ وقفي وقفي ڪان پوءِ وٽن ايندو هو پر جان بيبيءَ جي اکين جون ماڻڪيون ”نو ويڪنسي“ جو سائن بورڊ لٽڪائي وينيون هيون، سندس اکيون ۾ دل ”مادام تساءُ“ جو ميوزيم بنيل هيون. جتي رڳو طارق خان جون تصويرون ۾ مجسما هئا. اهي به ميڻ جا نه پٿر جا پڪا ۾ پختا. جن تي حالتون ۾ موسمون صدين جا سفر ڪن تڏهن به اثرانداز ٿي نه سگهن!

۾ جبار سندس نظرن ۾ افغانستان جو ملان عمر هو. (جنهن مهاتما گوتم ٻڌ جي قديم، عظيم ۾ جبلن جيڏن مجسمن ڪي ٿوڙڻ جو ناقابل معافي گناهه ڪيو هو.) هوءَ چري هئي، ديواني هئي، سودائي هئي طارق خان جي، ڪيس پنهنجي ان جان جو ڪو الڪو نه هو جيڪا هوءَ ڪڏهوڪي طارق خان تان صدقو ڪري گهوري چڪي هئي.

اڄ وٽن ڪوبہ مهمان نہ هو ۽ رات جو جڏهن سيئي سمهي پيا تہ جان بيبي جاڳي پئي ۽ طارق خان لاءِ پاڻ کي سينگارڻ لڳي. هوءَ جڏهن مڪمل طارق خان جي پسند وٽان تيار ٿي مطمئن انداز ۾ پاڻ کي آرسيءَ ۾ ڏسڻ لڳي تہ شموءَ کلي آهستي چيو، ”مني هڪڙي تون پاڻ سهڻي بيو وري سينگار تي اهڙا ڪرين جو هاڻي تہ سائين طارق خان کي ڪراچي ئي وسري ويئي آهي.“

آميءَ خوش ٿي چيو، ”شمو، نظر تي هٽين جيجي جانل کي، ڇپ ڪاري!“

شموءَ کلي چيو، ”نظر لڳندي آهي بدنظرن جي... منهنجي نظر ڪڏهن بہ منهنجي منيءَ کي نہ ڪڏهن لڳي آهي نہ هاڻي انشاءالله لڳندي. تون پنهنجي ڪر جو يڪي ٽڪ ٻڏي پيئي ڏسين!“

آميءَ ڇرڪي ڇپ تان آڱر ڦيري جان بيبي جي وارن تان ڦيرائي چيو، ”تو نام خدا.“

شموءَ کلي چيو، ”ڇڏڙي آمي جيجيءَ کي تي ٿُڪن مان پرين؟“

۽ هوءَ جڏهن هٻڪارون ڪندي طارق خان جي جاءِ تي پهتي تہ طارق خان سرشار ۽ معطر سندس منتظر هو. ٻئي ايئن مليا ڄڻ صدين جا سڪايل هجن. ٻڪين پئجي ويا. پوءِ جان بيبي حسب معمول ستي ئي ستي پنهنجا پير طارق خان جي پيرن جي مٿان رکيا ۽ سڄي ڏينهن جي واردات ڪيس ٻڌائڻ لڳي. طارق خان سندس خوبصورت اکين ۾ پاڻ کي ڏسي مشڪي مشڪي سندس مترنم آواز ۾ ڳالهيون ٻڌي رهيو هو. جان بيبيءَ جو لهجو ڪڏهن مدهم تہ ڪڏهن اُچو پي ٿيو. طارق خان جي اندر ۾ چمن ڪري پيا هئا جن ۾ گلاب، پنورا، ڪويلون اندلنون هيون! هو مدهوش ٿي رهيو هو. سندس اکيون نشي مان ڳريون ڳريون ٿي هيٺ جهڪي رهيون هيون سندس چپ، چپن تي آهلجي پيا. ۽ جڏهن ڪاريءَ رات ۾ جان بيبيءَ جي جسم جي چاندوڪي ڪمري ۾ پکڙجي پيئي تہ طارق خان مشڪي چيو، ”جان جانان، تنهنجي جسم جي ”فري ڪوئنسي“ روشنيءَ سان تي ملي!“

جان بيبيءَ ساڻس چنبڙي چيو، ”اهو وري ڪيئن؟“

”جان، تون پاڻ ڏس، ڪمري ۾ ڪابه لائيٽ آن ناهي پوءِ به ڪمرو روشن آهي، جرڪي رهيو آهي. جان، تون ڏس ته سهي.“

جان بيبيءَ پنهنجي جسم ڏانهن نهاريو ۽ شرمائي طارق خان جي اجرڪ پنهنجي مٿان وجهي ڇڏي. طارق خان ٿهڪ ڏيئي ڪيس پاڻ ۾ لڪائي ڇڏڻ چاهيو ته، دروازي جي ٻاهران هلڪو شور ٿيو ۽ پوءِ طارق خان جي جانثار گل محمد، دروازي تي ڪڙڪو ڪري ڳالهايو،

”سائين، جلدي دروازو کوليو!!“

ٻئي پلنگ تان ٽپو ڏيئي اٿيا.

”ڪير؟“

طارق خان هڪدم ريوالور ڪڍي هٿ ڪئي، ته گل محمد خوف ۽ عاجزي مان چيو، ”سائين، آءٌ گلو.“

ٿوري ئي دير ۾ طارق خان ريوالور سڌو ڪري دروازو کوليو، ”خير؟“

”نه سائين! خير ڪونهي. جبار ڪلاشنڪوف کڻي نڪتو آهي. ربوءَ ٻڌايو آهي.“

طارق خان هڪدم اندر آيو ۽ گهبرايل جان بيبيءَ کي چيائين، ”جاني، ڇا ٿي چوين؟“

”مان توسان گڏ هونديس!“

محبت ماڻهو کي ڪيڏو مضبوط ۽ بيڌپو بنائيندي آهي! جو ڪيڏي ڪمزور عورت هجي اها به دنيا جي وڏين وڏين طاقتن ۽ قوتن اڳيان دوبدو مقابلي ۽ تڪرار لاءِ تيار ٿي ويندي آهي ۽ اها ئي پيار جي قوت هئي جنهن جان بيبيءَ کي ايڏو وڏو قدم کڻڻ لاءِ آماده ڪيو هو ۽ اڪيلي بنا ڊپ ڊاءُ جي هوءَ هر خطري سان منهن ڏيڻ لاءِ اڳري اڳيان اچي ويئي هئي ۽ بنا هٻڪ جي ايڏو وڏو فيصلو نه صرف ڪيائين پر زبان سان چئي به ڏنائين!

”آءٌ ڪڏهن به جبار سان مقابلو نه ڪندس جاني، هليو ويندس هتان!“

”مان توسان گڏ هلنديس!“

”تون هتي ايندي آهين، منهنجي خيال ۾ ته ان جي جبار کي خبر به آهي، سو مان توکي تنهنجي گهر ڇڏي پوءِ هليو ويندس، جبار جي جوءِ ڇڏي.“

”نه نه، جبار جي اکين ۾ هينئر رت تريل هوندو، تون جلدي هتان نڪرڻ جي ڪر!“

جان بيبيءَ پنهنجي چادر ڪنئين ۽ طارق خان پنهنجي اجرڪ ڪٽي ڪلهن تي رکي ڪمري کان ٻاهر نڪتو ته ٻاهرين ديوار کان ٻاهر هوائي فائرنگ شروع ٿي ويئي هئي. گلوءَ چيو، ”يا الائي خير.“

گيٽ تان نبو ڊوڙندو آيو. طارق خان کي تيار ڏسي چيائين، ”سائين، فائرنگ اسان جا ماڻهو ڪري رهيا آهن اوهان جي حفاظت لاءِ ته هو بي ڊپو ويجهو اچي نه سگهي.“

”نيڪ آهي نبو، پر جبار کي ڪوبه نقصان نه رسائجو. خيال سان فائر ڪجو!“

طارق خان ڏاڍو پريشان ۽ ٽينشن ۾ هو. فائرنگ تيز ٿيندي ويئي، ”شايد جبار پهچي ويو آهي.“

طارق خان گاڏيءَ ۾ وينو ته جان بيبي به اچي ساڻس گڏ ويٺي. طارق خان پنهنجي ماڻهن کي هڪل ڪئي، ”گلو... خدو... نبو... رمون... ويهو، پنهنجي گاڏين ۾. جبار سان مقابلو ناهي ڪرڻو!!“

هو سيئي ڊوڙي پنهنجي پنهنجي گاڏين ۾ چڙهيا. طارق خان جي گاڏي جيڪا وچ وانگي نڪتي هئي اڃا مس ٿورو اڳيان ٿي ۽ سندس ماڻهن جون گاڏيون به سندس گاڏيءَ جي پويان ئي هيون ته جبار طارق خان جي جاءِ تي پهچي ويو، پر اتي ڪوبه نه هو. سندن ٻانها، ٻانهيون جيڪي جان بيبيءَ سان گڏ آيا هئا، اهي ته ان ئي مهل لڪي لڪي وري حويليءَ ۾ پهچي ويا هئا. جڏهن کين خبر پئي ته جبار هيڏانهن پيو اچي. کين خبر هئي ته جان بيبي ڪڏهن به طارق خان کي اڪيلو وڃڻ نه ڏيندي... جبار ايندي ساڻ طارق خان جي جاءِ تي انڌاڌنڌ، ڇتي فائرنگ شروع ڪري ڏني هئي اتي، جتي پکي پکڻ به نه هو... هن

ڪلاشنڪوف جا الائي ڪيترا برسٽ هنيا هئا... جن جي ڪري جاءِ جا در دريون ڇاڻي ڇاڻي بنجي ويا ۽ هر چيز ناس ٿي ويئي.

ڪراچيءَ جي حد اندر اچي طارق خان جنهن جي نرڙ جون رڳون اپريل هيون ۽ هو ڏاڍو پريشان نظر اچي رهيو هو... هن ڪڏهن به هيئن جان بيبيءَ کي ڪٽڻ جو تصور به نہ ڪيو هو. سوچيو به نہ هو تہ ڪو هو هيئن ڪيس پڄائيندو!! هي ڳالھ تہ ٻنهي خاندانن لاءِ بيعزتيءَ جو باعث هئي. عورت جي خاندان لاءِ تہ هونئن ئي ڪارو ٽڪو هو، پر طارق خان پاڻ لاءِ بہ ان کي عزت نٿي سمجهيو... هيءَ تہ سڀ ڪجھ ڊرامائي انداز ۾ ٿي ويو هو. جنهن لاءِ طارق خان صفا تيار نہ هو، هو ڪيئن ٿي ايئن ڪري سگهيو تہ مهراب خان ۽ حمل خان جي حويلين ۾ وڃي سندن گهر جي پاتيءَ جي حيثيت وٺي پوءِ وري... وڏيڪ سوچڻ سندس برداشت کان بہ ٻاهر هو. هن گاڏي روڪي جان بيبيءَ ۾ نهاريو جيڪا پڻ پريشان ۽ هيسيل پئي لڳي پر سندس چهرو نهايت مطمئن هو.

"جاني!"

"جيءُ."

"هاڻي تنهنجي ڪهڙي مرضي آهي؟"

"جيڪا تنهنجي مرضي." جان بيبي سندس سوال تي پهرين تہ ٿورو ڇرڪي هئي پر پوءِ نهايت اطمينان سان جواب ڏنو هيائين.

"آءٌ توکي پنهنجي گهر يا زمينن وارن گهرن ڏانهن نٿو وٺي وڃڻ چاهيان!!!"

"................"

"منهنجي اڪين اڳيان مهراب خان ۽ ستار خان جون اکيون ۽ عزتون آڏو آهن... تون جي چاهين تہ آءٌ توکي مهراب خان جي حويليءَ ۾ وٺي هلان ۽ ڪيس حقيقت ٻڌائي تنهنجي جان جي خاطري وٺان."

"نہ نہ، بلڪل نہ. مان اتي وڃڻ نٿي چاهيان. هيئنئر تہ ادا مهراب خان تائين بہ خبر پهچي ويئي هوندي" جان بيبيءَ کان ڇڻ دانهن نڪتي.

”پر آءٌ توکي پنهنجي گهر وٺي نہ ويندس.“

”پوءِ....؟“

”پوءِ جيئن تون چوين!“

”مون کي جي پاڻ کان ڌار ڪرڻ چاهين ٿو تہ بس، مون کي پنهنجي هٿن سان هٿي ئي هن ريوالور مان هڪڙي گولي هٽي ڇڏ! خس ڪم جهان پاڪ!“ هن سندس کيسي مان ريوالور ڪڍي ڪيس ڏيندي چيو.

”نہ جاني...“ ۽ هو پنهنجي ريوالور کي جان بيبيءَ جي هٿن ۾ حيراني مان ڏسڻ لڳو.

”پوءِ ڪٿي تو ڇڏڻ چاهين؟“

هن جان بيبي جي هٿ مان ريوالور وٺي چيو، ”جاني، هينئن منهنجي ڪيسي مان ڪنهن جي طاقت نہ آهي جو منهنجو ريوالور ڪڍي ۽ اج تائين هن تي ڪنهن بہ هٿ نہ رکيو آهي اج مان ايڏو پريشان ۽ بي خيالو آهيان جو تو منهنجي ڪيسي مان ريوالور ڪڍي ورتو... خير... هاڻي وڌيڪ دير نہ ڪندس، اسان جو مائٽ آهي علي نواز خان، مڙسن جو مڙس، پڪي اميران جو بہ ساڻس ويجهو سڱ آهي. ان مهابي تنهنجو بہ مائٽ آهي. منهنجو خيال آهي تہ اتي هلجي. مان نٿو چاهيان تہ هو چون تہ اسان جي ٻانهن پڃائي گم ڪري ڇڏيائين آهي. منهنجو خيال آهي تہ علي نواز خان وٽ ستار ۽ جبار آيا بہ آهن ۽ مهراب خان جي بہ ساڻس عليڪ سليڪ آهي.“

طارق خان جي ذهن تي ڏاڍو ٽينشن هو، ميارن جو بہ ۽ ڪيس ڏک بہ ڏاڍو ان واقعي جو هو جيڪو هن اصل بہ ڪرڻ نٿي چاهيو پر تي ويو هو جبار جي بيوقوفيءَ سان. هن چاهيو ٿي تہ پنهنجي گهر کان علاوه ٻي ڪنهن بہ محفوظ ۽ مانائتي جاءِ تي جان بيبيءَ کي پهچائي. علي نواز خان وٽ جڏهن طارق خان آيو تہ هن پنهنجون ٻئي ٻانهون کولي طارق خان کي پنهنجي سيني سان لڳايو. ”هي پهر تہ ڪو ڀاڳن ڀريو آهي جو ڪيترن ورهين کان پوءِ طارق خان مون وٽ آيو آهي.“

طارق خان کيس مختصر لفظن ۾ سڄي ڳالهہ ٻڌائي تہ، علي

نواز خان جان بيبيءَ کي متي تي هٿ رکي ڪيڪاري، ٻنهي کي وٺي اندر بنگلي ۾ آيو.

”طارق خان، هي تنهنجو پنهنجو گهر آهي. جيترا ڏينهن، جيترو وقت چاهين رهي سگهين ٿو. ڪنهن به فڪر ڪرڻ جي ڪا ضرورت ناهي.“

جان بيبيءَ کي پنهنجي زال ۽ ٻارن وٽ ڇڏي، پاڻ طارق کي وٺي هڪڙي ڪمري ۾ آيو. ڪمرو هر طرح سان سينگاريل ۽ آراسته هو... ڪمري ۾ اچڻ سان طارق خان پلنگ تي ويهي چيو، ”علي نواز خان، متي ۾ ڪجهه سور آهي!“

”مان ڄاڻان ٿو، مان آهيان نه! ڪاڏو ڪائي گوري وغيره ڪائي آرام ڪريو.“

طارق خان واچ ۾ نهاريو ڏينهن جو هڪ ٿي رهيو هو... ماني سيني لاءِ گڏ رکي ويئي هئي... طارق خان ڪان هڪڙو گرهه به نه ڪاڏو ٿيو... جان بيبيءَ سيني جي زور ڀرڻ تي هڪ به گرهه ڪاڏا. طارق خان کي علي نواز زوريءَ ڪجهه کير وغيره پياري گوري ڪارائي هئي. جنهن جي ڪري کيس ٿورو آرام اچي ويو هو.

رات جو علي نواز خان طارق خان سان گڏ سندس ڪمري ۾ ئي ستو هو... آڌيءَ رات جو علي نواز خان محسوس ڪيو ته طارق خان جي ساهه کڻڻ جي رفتار ڪجهه تيز آهي. هو هڪدم ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ لائيٽ آن ڪيائين ته طارق خان جي حالت نيڪ نه هئي. هن هڪدم ڊاڪٽر کي فون ڪيو. سيئي گهر جا ڀاتي جمع ٿي ويا.

طارق خان جي حالت ڏسي جان بيبيءَ جي حالت به خراب ٿي ويئي ۽ هوءَ نيم بيهوشيءَ واري حالت ۾ طارق خان جي مٿان هنجون هارڻ لڳي. طارق خان جي حالت وڌيڪ خراب ٿيندي ويئي. ڊاڪٽر ايندي ساڻ چيو، ”سائينءَ جو بي پي هاءِ آهي جنهن جي ڪري کيس فالج ٿي ويو آهي! ڇا کيس اڳ ڪڏهن بلڊپريشر جي شڪايت هئي ۽ هو ڪهڙيون دوائون کائيندو آهي؟“

ٻين ته ڪنهن کي به خبر نه هئي پر جان بيبيءَ کي به ان باري ۾ ڪا خبر نه هئي. ڊاڪٽر کيس انجيڪشن لڳائي ڊرپ چاڙهي ڇڏي.

سڪندر خان کي، طارق خان جي جان بيبي ڪٺڻ جي خبر پئجي ويئي هئي ۽ جڏهن اهو حسن جان ٻڌو ته اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي، ”منهنجي ياءُ کي ڳولي اچ، منهنجو سڪيلڌو ياءُ الائي ڪهڙن حالن ۾ هوندو، الائي ڪٿي هوندو. اهي ته هئائي اهڙا، سڄي خبر هين پوءِ به اڪيون نپي ڪائيندا رهيا. منهنجي دادلي ياءُ سان الائي ڪهڙي هلت هليا ۽ جان بيبي ڳچيءَ ۾ ٻڌي ڏنائون.“

سڪندر خان جيڪو ڏاڍو پريشان ۽ فڪرمند هو، تنهن چڙي چيو، ”ها، تنهنجو ياءُ ڪم به ته اسان سان صلاحون ڪري تو ڪري نه، جو اسان کي خبر هجي ته هو ڪٿي آهي. ڪهڙي حال ۾ آهي... مون کي توکان وڌيڪ فڪر آهي...“

ٻاهرين گيٽ تي بيل وڳي، زروءَ ڊوڙي گيٽ کوليو. علي نواز خان جي مرسڊيز بينز پورچ ۾ اچي بيٺي. سڪندر خان وڌي ساڻس مليو. هو سڪندر خان سان ملي وڌي اچي حسن جان سان مليو. هو ڪجهه پريشان لڳي رهيو هو. سڪندر خان چيو، ”علي نواز خان، اسين ته پريشان آهيون پر تون به پيو پريشان لڳين، خير ته آهي؟“

”ادا سڪندر خان، طارق خان مون وٽ آهي!“

”اوهان وٽ؟“ حسن جان ۽ سڪندر خان ڪان گڏ رڙ نڪري ويئي.

”جي ها، هو ڪلهه ڏينهن جو مون وٽ آيو هو...“

”اڪيلو؟“

”نه، مائي به آهي.“

”پوءِ؟“

”پر رات جو اوچتو طارق خان جي حالت خراب ٿي ويئي، ڊاڪٽر آيو جنهن چيو ته فاليج ٿي ويو اٿس، آءٌ اهو سڀ ٻڌائڻ اوهان وٽ آيو آهيان.“

اهو ٻڌي حسن جان جي حالت بگڙجڻ لڳي ته سڪندر خان ۽ علي نواز خان کيس تسلي ڏني. سڪندر خان کيس سهارو ڏيئي اندر ڪمري ۾ وني وڃي ڇيائين، ”تون آرام ڪر، آءٌ علي نواز سان گڏجي تو طارق خان ڏانهن وڃان.“

”مان بہ گڏجي تي هلان!“

”نہ، اهو ٺيڪ ناهي. تون ڪيس ڏسي روئنديئہ ۽ متان هن جي حالت وڌيڪ خراب ٿئي پهرين آءٌ ڪيس ڏسي اچان پوءِ پلي تون بہ هلي ڏسجانءِ.“

سڪندر خان، علي نواز خان سان گڏجي سندس گهر آيو. طارق خان جي حالت صحيح نہ هئي. سو سڪندر خان، علي نواز خان سان صلاح ڪري هڪدم ڪيس اسپتال ۾ داخل ڪيو. جان بيبي علي نواز خان جي بنگلي ۾ ئي رهي. اسپتال ۾ سڪندر خان ۽ علي نواز خان جي ماڻهن جو سخت پهرو هو. ڇو جو ڪين ڊپ هو تہ مهراب خان ۽ جبار وارا متان طارق خان کي اسپتال ۾ ڪو نقصان پهچائين. ڇو جو ٻانهن جي پويان نڪتا تہ ضرور هوندا. پر انهن مان ڪوبہ پڌرو نہ ٿيو ۽ طارق خان کي اسپتال ۾ رهندي اڇي هفتو پورو ٿيو هو. سڪندر خان سوچيو، ڪتو يا ٻلو وڃي ٿو تہ ان جي ڳولا بہ ڪجي ٿي. هي تہ هيڏو ماڻهو آهي بلڪ عورت، سندن عزت، غيرت. تنهن جي پنيان بہ ڪونہ آيو. پر سڪندر خان کي يڪو اهو الڪو هو تہ پلي هينئر ماٺ هجن پر پلوءُ ضرور ڪندا، ٺيڪ آهي پلي ڪن پر پهرين طارق خان جي حالت تہ سڌري. اسپتال ۾ طارق خان جي حالت حيرت انگيز انداز ۾ سڌرڻ لڳي ۽ هو اٺن ڏهن ڏينهن ۾ ٺيڪ ٿي وري علي نواز خان جي گهر آيو. ڊاڪٽر جو چوڻ هو تہ ذهن تي غير معمولي دٻاءَ ۽ ٽينشن جي ڪري بي پي هاءِ ٿي هئي جنهن جي ڪري اهو سڀ ٿيو، پر الله جي مهربانيءَ سان اٿيڪ معمولي هو، جنهن جي ڪري هاڻي ڪابہ فڪر جي ڳالهہ ناهي پر هاڻي ڪوشش ڪري ذهن تي ٽينشن نہ رکي ۽ پنهنجو بي پي نارمل رکي ۽ هفتي ۾ بي پي ضرور چيڪ ڪرائي. طارق خان جو وڏو پٽ اڪبر جنهن جي عمر 22 سال هئي ان کي جڏهن پيءُ جي خبر پئي تہ اهو بہ ڏسڻ آيو. طارق خان پٽ کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. حسن جان بہ پاءُ کي ڏسڻ آئي هئي پر هن جان بيبيءَ سان ڪيڪاريو بہ ڪونہ. گهر اچي جڏهن سڪندر خان ڪيس چيو، ”ان مهل ٻين ماڻهن جي اڳيان ساڻس ڪيڪارڻ ۾ ڇا هو؟“

”بس، هن کي ڏسي الائي ڇو مون کي چڙ اچي ويئي هئي تہ،

جيئن هن ادا کي جهليو تہ چڏڻ جو نالو ئي نہ ورتائين... ڪٿي وڃي ادا کي پهچايو اٿس... اڃان بہ آءٌ ساڻس ڪيڪاريان؟"

علي نواز خان جي گهر ۾ رهندي طارق خان ڪي ڪافي ڏينهن ٿي ويا هئا ۽ جڏهن بہ طارق خان وڃڻ جي ڳالهہ ٿي ڪئي تہ علي نواز خان سنهن قسم ڏيئي ڪيس ويهاري ٿي ڇڏيو. هاڻي تہ طارق خان بلڪل نيڪ هو ۽ اتان وڃڻ جو پڪو ارادو ڪري چيائين، "علي نواز خان، تنهنجا ٿورا تہ آءٌ لاهي نہ سگهندس، باقي هاڻي مهرباني ڪري اجازت ڏيو."

"ٿورن جي ڳالهہ نہ ڪر طارق خان، مان تہ تنهنجي ٿورن ۾ ڳچيءَ تائين ڳتل آهيان ڇا ڇا نہ ڪيو آهي تو مون لاءِ... ويندين ڪيڏانهن؟"

"پنهنجي ئي گهر."

"ڪراچيءَ ۾؟"

"نہ، ڪراچيءَ کان ٻاهر وارين زمينن ڏانهن."

"اتي حفاظت جو انتظام آهي؟"

"ها، مڪمل."

"مون کي تہ يار، تون اڪين ڪان بہ هلڪو آهين، وڌيڪ جيڪا تنهنجي مرضي."

علي نواز خان جي گهر جون عورتون جن جو طارق خان کان پردو نہ هو اهي سيئي گڏجي جان ٻيبيءَ کي وٺي گاڏيءَ تائين آيون. طارق خان، علي نواز خان سان زورائتا ڀاڪر پائي موڪلايو ۽ طارق خان جي لينڊ ڪروزر علي نواز خان جي گيٽ مان نڪري وئي.

# باب ايڪيتاليهون

سڀني زندگيءَ جي تڙپ، گهرج، چاهه، جنهن لاءِ هر پهر جون نظرون تلاشون ڪن، من جي هر موضوع جو عنوان، اندر جي ايوانن جو محور، احساساتي سطح تان اٿندڙ اهڙو اتساهه جيڪو وڪ وڪ مسرور ڪٽڻ جو ڪارڻ هجي، روح جي گهراين تائين لٿل خواهش جيڪا رڳ رڳ ۾ موسيقيت جو روپ وٺي ابديت جو درجو ماڻي، جنهن جي ساٿ ۽ قرب اڳيان دنيا جون سڀئي نعمتون تڇ ڀاسن، جنهن کي پائڻ، جنهن وٽ پهچڻ لاءِ باهه جون، زهر جون ڪيئي پل صراطون عبور ڪرڻ به آسان لڳن، اهوئي محبوب ملي وڃي، اوچتو ئي اوچتو ته حقيقت جي هر ساعت سپني سمان لڳندي آهي ۽ پنهنجو پاڻ کي ڇهندڙيون پائجن، ساپيا ۾ اچڻ لاءِ جتن ڪرڻا پون. اهائي ڪيفيت هئي اڄ ڪلهه جان ٻيٻيءَ جي طارق خان جي زمينن واري بنگلي ۾ رهندي، لمحو لمحو طارق خان سان گڏ گذرندو ڏسي ڪيس پنهنجو ڪنيل قدم درست پائڻ جو سئو سيڪڙو يقين ٿيڻ لڳندو هو. ۽ پنيان رهجي ويل سمورا ڇتا منظر ڌنڌلا ۽ غير واضح نظر اچڻ عجيب نه لڳندا هيس. پويان ڇڏي آيل سڀني عزتن، غيرتن ۽ محبتن جو ملهه ڪوڏين کان به گهٽ سمجهڻ سندس لاءِ صفا سولو ٿي پيو هو. طارق خان جي ٻانهن ۾ جهولندي ڪيس ساري ڪائنات جهومڻ لڳندي هئي. ڏينهن ۽ رات جو هڪ هڪ پهر طارق خان سان گڏ گهارڻ سندس اهو خواب هو جنهن جي تعبير لاءِ دعا گهرندي به ڪيس بي يقيني ويڙهي ويندي هئي ۽ دل دانهن ڪندي هئي ته اڻ ٿيڻي، ٿيڻ واري انوکي گهرج چريائي آهي، ديوانگي آهي. پر اڄ اهي سڀئي خواب سڀئي سپنا اڻ گهريل دعا جي صدقي حقيقت جو روپ وٺي چڪا هئا. ۽ هوءَ پاڻ به ان خوبصورت منظر جو حسين حصو هئي. طارق خان جون چاهتون جيڪي اڳ غير واضح ۽ مبهم هيون اهي ڪيڏيون واضح ۽ چٽيون ٿي ويون هيون. طارق خان جي وارفتگي ۽

بي تحاشہ پيار پائي هوءَ پنهنجو پاڻ تي رشڪ ڪرڻ لڳي هئي.

طارق خان ڪيس چا چا نہ ڏنو،

آءٌ طعني سوڌي تنهنجي، تون طعنو ئي مون،
سو ڪي سريو سون، جو سرتيون ڪنهن نہ سريو.

شروع ۾ طارق خان جي سيني دوستن دعوتون ڪيون هيون ۽ طارق خان سان گڏ هلندي هوءَ پاڻ کي آڪاشن تي اڏامندي پائيندي هئي. طارق خان کي جان بيبي آڻڻ تي ڪيترن ئي جهڳڙن کي منهن ڏيڻو پيو هو. گهر ۾ اڳ تہ رڳو شهناز هئي هاڻي سندس پنج جوان بار هئا. ٽي پٽ ۽ ٻہ ڌيئون. جيڪي شهناز ڄڻيا هئا ۽ جيڪي ساڻس سوال ڪرڻ جي پوزيشن ۾ هئا. طارق خان جو سيني کان ننڍو پٽ حميد جنهن جو قد بت ۽ چهرو سندس ئي جهڙو هو ۽ جيڪو هوبهو طارق خان پاڻ هو. اڪثر سندس دوست کلي چوندا هيس، ”طارق خان، پنهنجي نوجواني پاڻ ڏس، ساڳيو قد بت، ساڳيو چهرو، ساڳيو انداز، ساڳي چڙ ۽ ڪاوڙ.“

جنهن کي طارق خان پائيندو بہ تمام گهٽو هو. تنهن کي جڏهن طارق خان جان بيبي ڏانهن وني وڃڻ چاهيو تہ هو ٻر ٿي ويو، ”بابا، مون کي ڪابہ ضرورت ناهي ان عورت سان ملڻ جي جنهن اسان کان اسان جو بابا ڌار ڪيو!!“

”تنهنجو بابا هيءُ توسان گڏ آهي. ڪنهن ڌار ڪيو آهي؟“

رات جو جڏهن طارق خان جان بيبيءَ سان پنهنجي ٻارن جون ڳالهيون ڪندو هو تہ هوءَ تڙپي پوندي هئي.

”چا مان ڪڏهن بہ انهن سان ملي نہ سگهنديس؟“

”اڪبر تہ ايندو آهي؟“

”ان کي الله حياتي ڏي باقي ٻيا بہ تہ آهن، ناديہ، نازيہ، سجاد ۽ حميد؟“

طارق خان ٿهڪ ڏيئي چيو، ”ناديہ ۽ حميد ٻئي هڪجهڙا جوشيلا ۽ چيڙاڪ آهن، منهنجي خيال ۾ تہ، انهن کان بچڻ جي ڪوشش ڪجانءِ، ملڻ جي نہ.“

جان بيبيءَ سندس چھري کي ڏنو جيڪو پنهنجي ٻارن جي محبت ۾ سرشاريءَ وچان ٻهڪي رهيو هو.
”ڇا ڪندا مون کي ماريندا نہ. مان مرڻ لاءِ تيار آهيان، پر مون کي انهن سان ملاءِ.“
”سياڻي تہ تنهنجو سمنڊ تي وڃڻ جو پروگرام آهي نہ؟“
جان بيبيءَ خوش ٿي چيو، ”ها ٻڌو اٿم تہ چوڏهينءَ جي رات، چنڊ سمنڊ تي لهي ايندو آهي.“
”۽ سياڻي چوڏهين جي رات آهي.“
”۽ مان ۽ تون هونداسين.“
هن چاڳ ڪندي پنهنجونڪ طارق خان جي نڪ سان رڙهائيندي چيو تہ طارق خان ڪيس پاڪر پائي پاڻ ۾ سمائي ڇڏيو.
ٽپهريءَ جو گهرا نيرا ڪپڙا پائي سينگارجي جڏهن جان بيبي طارق خان جي اڳيان اچي بيٺي تہ هن سندس چهرو پنهنجي ٻنهي وڏن هٿن جي پيالي ۾ جهلي چيو، ”چوڏهينءَ جو چنڊ ڪڙي نہ ڪڙي منهنجو چنڊ تہ مون وٽ ڪڙيل آهي ۽ پيو چاندوڪي پکيڙي.“
”توهان بہ نيرا ڪپڙا پاتا آهن؟“
طارق خان کي گهرا نيرا ڪپڙا پاتل ڏسي جان بيبي حيران ٿي ويئي.
”ڏس جانو، ٻنهي جون دليون هڪ ئي ڳالهہ ٿيون سوچين.“
سمنڊ تي پهچندي کين شام ٿي ويئي هئي ۽ اها ڳالهہ تہ طئي آهي تہ سمنڊ ڪناري شام جو لهندڙ سج جو منظر مسحور ڪندڙ آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ شفق جا سمورا رنگ اندر ۾ لاهڻ تي دل چوندي آهي. اهوئي سڀ ڪجهہ جان بيبيءَ سان ٿي رهيو هو. سچي زندگيءَ جو حاصل جڏهن ساڻ هجي تہ پوءِ اندر جا سيئي رنگ، روشيون ۽ خوشبو پيار جي رنگ ۾ رلجي وايو منڊل ۾ اندلٺ بنجي ايري پوندا آهن. ان مهل عام منظر بہ نکري ٿا پون ۽ اماوس جي ڪاريءَ رات ۾ بہ ڪيئي چنڊ ڪڙي پوندا آهن ۽ هن چاندوڪيءَ رات جو لطف ڪو جان بيبيءَ کان پڇي،
”ڇا پيئي ڏسين؟“

اکھاڙن پيرن سان سرمئي مٽيءَ تي هلندي جان بيبيءَ کي تکيندي طارق خان پڇيو تہ جان بيبي جيڪا ان خوبصورت سحر انگيز منظر ۾ وڃائجي ويئي هئي ان بنا کنهن توجهہ جي چيو، ”ڪجهہ بہ نہ!“

”تہ پوءِ ڪجهہ سوچيندي هوندينءَ.“

”ايئن بہ ناهي.“

”ها، ظاهر آهي، جي تو ۾ سوچڻ جي حس هجي ها تہ اڄ هتي نہ هجين ها!“

ايترو چئي طارق خان وڏو شاندار ٺهڪ ڪنڌ مٿي ڪري پولار ڏانهن اڇلايو.

جان بيبيءَ جي نرڙ تي ڪاوڙ جون مبهم ريکائون اڀريون، ”ڇا مطلب آهي؟“

”سمجهين ويئي آهين تہ وضاحت ڪهڙي!“

جان بيبي ساٽس رُسي تيز تيز هلندي اڳيان هلي ويئي. طارق خان ڪيس ويندو ڏسندو رهيو. سرمئي سرمئي ريتيءَ ۾ سندس سفيد پير چانديءَ جيان لڳي رهيا هئا ۽ سندس باوقار هلڻ جي انداز تي طارق خان جو هانءُ نري پيو. هو تيز تيز هلندو وڏيون وکون کٽي وٽس پهتو، ”لک لهي تي لوڏ.....“

جان بيبي وري اڃان وڌيڪ تيز هلندي ڪائنس ڏور ٿي چيو، ”ڪونہ ٿي ڳالهايان توسان، نہ ڳالهاءِ مون سان.“

”مون سان نہ ڳالهائيندين تہ پوءِ ڪنهن سان ڳالهائيندينءَ؟“

طارق خان ڊوڙي اڳيان اچي بيٺو. جان بيبيءَ سندس اکين ۾ نهاريو جنهن ۾ هن پاڻ لاءِ پيار جو سمنڊ، حقيقي سمنڊ کان بہ وڌيڪ چوليون هڻندي ڏٺو ۽ جيڪي ڪيس ڏسي نشہ آور ٿي رهيون هيون. پر الائجي ڇو سندس هانءُ پرجي آيو ۽ سندس خوبصورت اکين ۾ ڪجهہ ڪجهہ نمي اچي ويئي.

”سچ بہ، ٻيو ڪنهن سان ڳالهائينديس آءٌ تہ پنهنجا سيئي پيارا پويان ڇڏي آئي آهيان.“

طارق خان جنهن کي ڪيس ستائڻ ۾ مزو پئي آيو اهو سندس

سنجيدگي تي پريشان ٿي ويو. ”ڇا پيئي ڳالهائين جانو، تون تہ منهنجي جان آهين، زندگي آهين جانان، پوءِ مذاق بہ نٿي سمجهين- مان تہ تنهنجو آهيان سچو تنهنجو. مون سان اڄ ڇي پڇتايو اٿئي ڇا؟“

هاٽي جان بيبي پريشان ٿي ويئي هئي، ”اهو ڇا پيو ڳالهائين. تون تہ منهنجي دل جي دنيا جو حڪمران آهين، توکان ڇا لڪل آهي منهنجو ٻڌاءِ، آءٌ تہ چاهيان ٿي تہ....“

۽ هوءَ اکيون بند ڪري لطيف جو بيت جهونگارڻ لڳي:

اکــين ۾ تــي ويهـــ، تـــہ آءٌ واري ڍڪيـــان،
تـوکي ڏسـي نــہ ڏيهـــ، آءٌ نــہ پسـان ڪـو ٻيـو.

سمنڊ جو سڄو ڪنارو خالي هو. هو تمام پري نڪري آيا هئا. طارق خان سندس بند اکين تي چپ رکي ڇڏيا. تنها سمنڊ ڪناري، چانڊوڪيءَ مان وهنتل پاڻيءَ ۾ پري ڪان هڪ ٻي جي آمهون سامهون بيٺل نيرن ڪپڙن ۾ ملبوس هي جوڙو آسمان مان لٿل خوبصورت مخلوق لڳي رهيو هو. ٻنهي جا پاڻي ۾ پيل اگهاڙا پير ۽ ڇهرا چمڪي رهيا هئا. جان بيبيءَ ڇرڪي اکيون کوليون.

”جان، اڄان ڪيترو هلنديونءِ، هاٽي تہ ٿڪجي پيئي آهين.“

هن جان بيبيءَ جي پريل ڇاتيءَ ڪي ڏنو جيڪا ٽڪڻ ڪري هيٺ مٿي ٿي رهي هئي. هن وڏا ساهہ کڻي چيو، ”واقعي مان هلي هلي ٿڪجي پيئي آهيان.“

۽ ڏور بيٺل گاڏيءَ ڏانهن ڏسي، جيڪا ننڍڙي رانديڪي وانگيان لڳي رهي هئي دانهن ڪئي، ”اڙي، مان او... ايترو پري ڪان هلندي آئي آهيان؟“

”هاٽي پلا گاڏيءَ تائين هلي سگهنديونءِ يا توکي کڻي هلان!“

طارق خان کلي پنهنجون مضبوط ٻانهون ڏانهنس وڌايون تہ هوءَ شرمائجي ويئي، ”هاٽي ايئن بہ ڪونهي؟“

طارق خان جي اندر ۾ سندس اهو انداز ڪتڪتايون ڪري ويو ۽ بود م پرجي سندس هٿ ۾ جهلي گاڏيءَ تائين ڊوڙائيندو آيو. هوءَ بہ کلندي، ٽهڪ ڏيندي ساڻس گڏ ڊوڙندي گاڏيءَ تائين آئي.

”بئي اڪيلا آهيون، ڪيڏو مزو آهي.“

”واقعي، آءٌ ڪڏهن به اڪيلو نه ويندو آهيان ڪيڏانهن به. ٻه ٽي ماڻهو ته ضرور مون سان گڏ هوندا ئي آهن. اڄ ته مان خاص تنهنجي لاءِ ئي... بلڪ پنهنجي لاءِ اڪيلو آيو آهيان.“

”ها، نه ته تو وارو گلو ته اصل نڪرڻ ڏيندو ئي ناهي.“

طارق خان گاڏيءَ مان ٽوال ڪڍي هڪڙو جان بيبيءَ کي ڏنو ٻيو پاڻ ڪٽي پنهنجا پير اگهندي ڪلي چيو، ”هينئر به گاڏيءَ جي پنيان ڪيڏو ڊڪيو هو، ڏنو ته هيئي.“

”۽ صالو به ته ايئن ئي آهي نه.“

”ڏنئي جان جانان، منهنجي جانثارن کي!“

طارق خان مستيءَ مان سندس اکين ۾ جوه پائي ڏسي چيو ته هوءَ سفيد ڪبوترن جهڙا پنهنجا پير اگهي چنڊ کي ڏسي رهي هئي. جيڪو اوقعي به هڻ مهل ڪيس ايئن لڳي رهيو هو ڄڻ هاڻي بلڪل هينئر ئو سمنڊ ۾ ٽٻي هڻي. طارق خان ڪلي چيو، ”چنڊ ڏسڻ مان ڍءُ نٿو ٿيئي ڇا؟“

”نه بلڪل نه، ڪيڏو حسين نظارو آهي. جيئن ٻڌو هئم بلڪل ايئن ئي پيو لڳي.“

”طارق خان ڪيس ڏسي سائيڊ مرر ڏانهن اشارو ڪري چيو، ”جان پلا ٿورو هن ۾ ته نهار.“

جان بيبيءَ نهاريو ته پان کي ڏنائين. طارق خان ٺهڪ ڏيئي چيو، ”منهنجو چنڊ اهو آهي، منهنجو ڍءُ هن کي ڏسڻ مان نه ٿيندو آهي.“

جان بيبي ڪلي گاڏيءَ ۾ ويني ته طارق خان ڊرائيونگ سيٽ تي ويهندي چيو، ”هاڻي ڪيڏانهن هلجي؟“

جان بيبيءَ پنهنجي پنين وارن ۾ بڪل ۽ پنون لڳائيندي مشڪي چيو، ”واڳ ڏٽي، تنهنجي وس، آءٌ ڪا پاڻ وهيٽي...“

طارق خان ڪلي چيو، ”واڳون ته سيئي تنهنجي هٿ ۾ آهن جان، تون پاڻ وهيٽي آهين جيڏانهن چئو تيڏانهن هلان.“

جان بيبي هڪدر جذباتي ٿي اسٽيرنگ تي رکيل سندس هٿن

مٿان پنھنجا چپ رکي چيو، ”تنھنجي محبتن اڳيان سجدو ڪرڻ تي دل چوندي آھي. موڪل ڏي تہ سجدو ڪريان!“
”تون پنھنجي دل جي چوڻ تي جيترا وڻيئي اوترا سجدا ڏي. آءٌ تہ ڏينھن رات تنھنجي ئي ٻلي آھيان.“
”ڪٿي ھوندو آھين مون وٽ ڏينھن رات. الائي ڪٿان ڪٿان فيصلن جا سڏ ايندا آھن اوڏانھن ويندو آھين ۽ گھر ٻہ تہ ويندو آھي، ۽ مان ھتي اڪيلي تڙپندي تي رھان.“
طارق خان اسٽيئرنگ تان ھٿ ڪڍي ٻانھن ورائي ڪيس ڀاڪر پائي پنھنجي ويجھو ڪري چيو، ”ڪم ڪارين ۾ اڙيل ھوندو اھيان تڏھن، نہ تہ آءٌ ھونئن پنھنجي جانان ڪان پري رھي ڪٿي ٿو سگھان. پوءِ ٻہ ڏينھن جو ڪٿي ٻہ ھجان رات جو ضرور تو وٽ ايندو آھيان.“
جان بيبيءَ شرمائي ڪيس ڏک ھنيو ۽ طارق خان شاندار ٺھڪ ڏيئي گاڏي اسٽارٽ ڪئي.
رات جو دير سان ٻئي جاءِ تي پھتا. سيئي نوڪر ڊوڙي آيا ۽ شاپنگ بيگز، پيڪيٽ ۽ ٿيلا ڪڍي اندر رکڻ لڳا.
”ٻيو تہ ڪجھہ نٿي کپيو نہ؟“
”مون کي تہ ڪنھن ٻہ شئي جي ضرورت نہ آھي. تون زبردستي سڀ خريد ڪندو پيو وڃين!“
طارق خان مشڪي ڪيس ڏنو جيڪا تڪل تڪل ڏاڍي پياري لڳي رھي ھئي.
”جڏھن خوبصورت ساٿي گڏ ھجي تہ ھر خوبصورت چيز خريد ڪرڻ تي دل چوندي آھي. ۽ ان مھل خريداري ڪرڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو آھي.“
رات جو سندس ٻر ۾ سمھي انگل ڪندي جان بيبيءَ چيو، ”تون تہ ھيڏانھن ھوڏانھن ھليو ويندو آھين ۽ ڏينھن جو اڪيلي آءٌ ڏاڍي اداس ٿي ويندي آھيان.“
طارق خان ڪيس ڀاڪرن ۾ ڀري چيو، ”ھي جو مايون آھن، انھن ڪان راڳ ۽ ڳيچ ٻڌ. اھي ڏاڍيون حرامڙيون آھن، پوڳ

مشڪرا ۽ نقل بہ ڏاڍا ٺيون ڇاڻن... توکي تہ ماين جو وڏو تجربو آهي. هتي اوپري اوپري ڇو آهين، هي تہ تنهنجو پنهنجو گهر آهي نہ!“

جان بيبيءَ سندس اکين ۾ اکيون وجهي چيو، ”هي منهنجو گهر آهي؟،

”پيو نہ تہ!“

جان بيبي سندس ٻانهن مان اٿي ويني. ڇڻ ڪا اٽيٽيءَ ڳالهہ ٻڌي ورتي هيائين. ”يلا هي گشان ۽ مدي ڪٿي آهن. ڪٿي ٿيون رهن؟“

طارق خان بہ اٿي ويهي چيو، ”توکي ڪين ڇا؟“

”ها، اهيئي منهنجي مزاج ڪان وڌيڪ واقف آهن.“

”شمو ۽ آميءَ ڪان بہ وڌيڪ؟“

جان بيبيءَ جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا جن کي لڪائڻ لاءِ هن پنهنجي ڪليل وارن کي پويان ڪري هٿن جون تريون اکين تان گهمائي لڙڪ اگهي چيو، ”شموءَ وارين جون ڳالهيون ڇڏي ڏيو.“

”ڇئو تہ اهي بہ ڪٿي تو وٽ آٽيان!“

جان بيبي ڇرڪي پيئي. ”نہ نہ انهن ويچارين جا تہ الائي ڪهڙا حال هوندا.“

”شمو آئي هئي، ستار ۽ ادي حسنہ سان گڏجي آصف وارن جي گهر. ڪين ڪا خريداري ڪرڻي هئي.“

جان بيبيءَ جذباتي ٿي چيو، ”توکي ڪنهن ٻڌايو؟“

”مون پاڻ شموءَ کي ڏٺو هو ۽ ساڻس ڳالهايو هو!“

”ڪٿي؟“

”زيبوءَ جي گهر.“

”اتي ڇو ويو هئين؟“

”انور لاءِ ويو هئس. اتي هاٽي جانيءَ سان ملڻ جو آسرو ڪونهي.“

جان بيبيءَ کي ياڪر پائي پاڻ سان گڏ سمهاري ڇيائين. ”منهنجي جان تہ هتي آهي. مون وٽ. مون سان گڏ.“

جان بيبيءَ وري اتي چيو، ”اتي تہ سڀ خير هو، تو پڇيو هو؟“

طارق خان وري کيس سمهاري چيو، ”ها ها، سڀ خير هو. مون پڇيو هو هڪڙي هڪڙي جٽي لاءِ. ننڍي وڏي لاءِ.“

طارق خان جان بيبيءَ جي اڪيلائي ڏور ڪرڻ لاءِ پنهنجي دوستن جون سندن زالن سميت دعوتون ڪندو هو. اهي سڀئي جان بيبيءَ جي حسن ۽ وقار کان ڏاڍو متاثر هيون ۽ اڪثر دعوت کان سواءِ بہ ساڻس ملڻ اينديون هيون ۽ کيس بہ پاڻ سان گڏ وٺي وينديون هيون،

”ڪيئن پلا جان، هاڻي پلا ماڻهن مان تنگ تي آهين يا اڃان بہ ڪپن!“

جان بيبيءَ کلي چيو، ”اهي تہ آهن اڇٽا وچٽا.“

طارق خان ٺهڪ ڏيئي چيو، ”پوءِ پلا ڪير ٽا توکي مستقل ڪپن؟“

جان بيبيءَ سندس ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي چيو، ”تون، ٻيو ڪوبہ نہ.“

۽ سندس هانءُ تي بيت هري آيو:

سڄڻ ڏنو جن، تن ڳچيءَ ڳهہ ڪيو،
ٻيون ڪوهہ ٻجهن، قدر ڪيميا ان جو.

طارق خان جڏهن بہ ڪراچيءَ ويندو هو، هو اباڻڪي ٽي ويندي هئي ۽ پوءِ سندس اهوئي پراڻو ساٿي لطيف جو رسالو هوندو هو. طارق خان پنهنجي ڪراچيءَ واري گهر ۾ رکيل سيئي شاهہ جا نسخا کيس هتي آڻي ڏنا هئا. ۽ هوءَ سيئي نسخا کولي بيتن جي پيٽ ڪندي هئي طارق خان جون محبتون سندس چپن تي ابدي مرڪ جو سبب بنجنديون هيون. اڄ بہ صبح ساڻ طارق خان ڪراچي ويل هو ۽ هوءَ رسالو پڙهي رهي هئي:

تورا ڪي تورا، مون تي ماروئڙن جا،
پلائيءَ پيرا، ڳٽي ڳٽيان ڪيترا.

جان بيبيءَ هي بيت پڙهيو تہ طارق خان جي حوالي سان هو،

پر لفظ ”ماروئڙن“ تي ڪيس پنهنجو گهر ياد اچي ويو ۽ سندس اکين منجهان لڙڪ لارون ٿي وهڻ لڳا.

چڪـي پـيـر چـاڪ، ونهـين ويـڙهيچن جـا،
واجهائيـنـدي وصـال کـي، فنـا ڪيـا فـراق،
سـيئي سـاريم سـومرا، تـر جنهـين تـاڪ،
مـاروءَ جـي اوطـاق، گهـٽـو اکـنـدي آهيـان.

ڪيس پنهنجي گهر ۾ گهاريل هڪ هڪ پل هڪ هڪ لمحو ياد اچڻ لڳو. يادون اکين اڳيان منظر بنجي گذرڻ لڳيون، ماءُ پيءُ، ستار ۽ جبار سان چاڳ لاڏ ڪوڏ، ٺهڪ، ضد، رسڻ، پرچڻ، مچائڻ هارائڻ... زهره سان ڪيل وڏا ۽ ڏگها بحث جن منجهه رڳو پيار ئي پيار هوندو هو، افروز جو ساٿس هر ڳالهه ۾ متفق ٿيڻ، مظهر خان جون اباٽڪيون طلبگار اکيون، ڪمال خان جي چوٽ چڙهيل پريت، سڏيندڙ پياسون نظرون ۽ سڪ ۽ ڏمر ۾ وهنتل وجود، مهراب خان جي پوش پاتل اجهل اچل پري چاهت، تاج بيبيءَ جا پيار پريا جهڳڙا، رساما ۽ ساٿس ڪيچلون ۽ ٻوڙون، عزيز جان جا اٿميا پيار ۽ شفقتون... پر شمو، آمي، ملوڪان، ختو، ستو، سومل، سوڍيءَ جون ڪم عقليون ۽ معصوميت پريون غلطيون... پر پنهنجي گهر جا پڪي پڪڻ وڻ ٽڻ سيئي ياد اچڻ لڳا. هوءَ الائي ڪيتري دير تائين هنجون هاريندي رهي:

نـه خبـر نـه خـواب، نڪـو اونـي آئيـو،
هتـي جـو هـٿ ڪنهـين، ڏنـو ڪونـه جـواب،
حميـرن حسـاب، ڪـوه چاڙـان ڪيـئن ٿيـو.

سندس اکين ۾ اوتيل سانوڻ اوهيڙا ڪري وسڻ لڳو هو. هوءَ پنهنجن لاءِ درماندي ٿيڻ لڳي:

الله اونـــي آٽئـــين، جـــي نياپـــا نـــين،
آءُ انهـين جـي آهيـان، تـوٽـي مـون نـه مڇـين،
مـس منهنجـي هـٿ ۾، ڪاغـذ ڪـي آٽـين،
لـڙڪ نـه لکڻ ڏيـن، ڪريـون پـون قلـم تـي.

هنجون بي حساب وهي رهيون هيون... مايون ماني تيار ٿيڻ جو اطلاع ڏيڻ آيو. ڪيس بيتحاشه روئندي ڏسي پريشان ٿي ويون، ڊوڙي وٽس آيون.

"ڇا آهي جيجي،خير ته آهي؟"

شريفان جيڪا عمر ۾ سڀني کان وڏي هئي ان وٽس اچي پڇيو. ساران، جليءِ عاشي حيرت مان در وٽ بيهي ڪيس ڏسڻ لڳيون. جان بيبيءَ چڙڪي اکيون اگهي چيو، "ڪجهه ڪونهي، خير آهي."

"جيجي، ماني تيار آهي."

"ڪٿي اچو.!"

شريفان واريون جيڪي ڪائنس مانوس نه هيون اهي وڌيڪ ڪجهه به پڇي نه سگهيون. جان بيبيءَ جو تڪلف ڪين ويجهو اچڻ جي اجازت نه ڏيئي رهيو هو. هوءَ اٿي واش روم ۾ هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ ويئي ته ساران آهستي چيو، "سائين طارق خان به ڪمال جو ماڻهو آهي؟"

جليءَ دسترخوان وڇائيندي چيو، "ڪيئن، ڇا ۾؟"

"سردارن، رئيسن جي ڪوٽن حويلين مان شهزادي ڪٽي آيو آهي."

"پوءِ تون سائينءَ کي ڇا ٿي سمجهين؟"

"آءٌ ته الا، جيجي جان بيبيءَ کي جيترو به ڏسان ٿي سندس سونهن تي اوتروئي حيران ٿي ٿيان. الا، دنگ آهي حسن جو به."

"سائين طارق خان پاڻ ڪيڏو سهڻو آهي، انڌي آهين ڇا، ڏسين ڪانه ٿي... اهو اهڙي ئي پري آڻيندو يا تو مون جهڙي ڪاري ڪشاهيگ؟"

جليءَ ساران سان گڏ رڌڻي ڏانهن ويندي ٺهڪ ڏيئي ڪيس ڌڪ هنيو، ته ساران دانهن ڪندي چيو، "ڪنجري، ڪهڙا خار ٿي مون مان لاهين جو ايڏو ڌڪ هنيو اٿئي؟"

"چتي، گار نه ڏي سائين طارق خان ٻڌندو ته ڪل ئي لاهي ڇڏيندئي."

”هئو الاءِ سائينءَ کي گار ڏيڻ تان ڪيڏي ڪاوڙ ايندي آهي. اسان کان تہ گاريون ئي وساري ڇڏيون اٿس. هاڻي بہ جڏهن آءٌ پنهنجي گهر وئي هئس تہ ياچائيءَ وڙهندي اهڙيون گاريون ڏنيون جو آءٌ بس ڪيس ڏسندي ئي رهيس مر مر ڪندي، ڪابہ ڊنگاتي گار سجهي ئي ڪونہ. نہ تہ آءٌ اهڙيون وجهاتيون گاريون ڏيندي هيس ڪيس جو هوءَ روئي ڏيندي هئي.“

بئي ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳيون.

شام جو جان بيبي وهنجي تيار ٿي ٻاهر اڱڻ تي پيپل وڏي ڇپر ڪٽ تي ويهي طارق خان جو انتظار ڪري رهي هئي. مايون ڪٽ جي پر ۾ ميز رکي سندس لاءِ چانهہ ڪٽي آيون. جان بيبي ڪريم ڪلر جي پرت واري گگي سوٽ ۾ مهاراڻي لڳي رهي هئي. سندس ڪپڙن جو رنگ، سندس پنهنجي ئي جسم جي رنگ سان ميچ ٿي رهيو هو. هوءَ پنهنجي بيحد خوبصورت مينديءَ رتل پيرن کي هلڪو هلڪو لوڏي لطيف جو بيت جهونگاري رهي هئي:

شڪر گڏياسون سپرين، جيئري جاني يار،
وينـي جن جي وٽ ۾، ڪوڙين ٿيا قرار،
ڏٺي ڪر مَ ڏار، پاڙون تن پرين سين.

ٻاهريون گيٽ کلو، طارق خان جي گاڏي اندر آئي. طارق خان گاڏيءَ مان لهي مشڪندو شاندار انداز ۾ هلندو وٽس آيو. پويان گشان ۽ مدي موڙيون ڪڇن ۾ ڪنيون جيئن جان بيبيءَ کي سامهون ڏنائون ڊوڙنديون وٽس آيون.

”ائي، صدقو وڃان، پنهنجي جيجي جانل تان.“

جان بيبي بہ ڪين ڏسي خوشيءَ مان ٽپ ڏئي کٽ تان لهي بيٺي. بئي اچي ساڻس پيرين پيئي مليون ۽ ٻنهي جي اکين مان لڙڪ ڪرڻ لڳا. جان بيبيءَ جي اکين ۾ بہ لڙڪ تري آيا، طارق خان جنهن جون نظرون جان بيبيءَ جي مٿان پروانن جيان گهورجي رهيون هيون اهو تڙپي پيو. هڪدم رومال ڪڍي سندس لڙڪ اگهي ڇڏيا.

”آهي ڇا پلاءِ مدي ۽ گشان!“ طارق خان ڪين دڙڪو ڏنو.

”جي سائين.“

”مون اوهان کي پنهنجي جان کي خوش ڪرڻ لاءِ آندو آهي يا روئارڻ لاءِ؟“

۽ پوءِ ڪيس پنهنجي پر ۾ ڪٽ تي ويهاري چيو، ”جاني، تو گشان ۽ مديءَ کي آٽڻ جي خواهش ڪئي هئي نه، ڏس مان ڪين وٺي آيو آهيان... پوءِ به روئين ٿي؟“

گشان اکيون اگهي چيو، ”هنجن جو چا آهي سائين، خوشيءَ ۾ غميءَ ۾ ڳڙيو پون.“

مديءَ مشڪي چيو، ”مون نه الا، جيجيءَ کي ڏسي خوشيءَ مان رنو آهي.“

گشان خوشيءَ مان چيو، ”آءٌ نه دعا گهرندي هيس جيجي جانل، سائين طارق خان کي ملي، ٻئي هڪجهڙا سهڻا آهيو نه!“

طارق خان وڏو ٽهڪ ڏيئي چيو، ”هل حرامزادي گشي، سچي وات ۾ ڪوڙ هٽندي آئي آهين.“

گشان ٽهڪ ڏيئي اکين تي هٿ رکي چيو، ”سائين، مني نور جو سنهن نه مون کي سائين مهراب خان جي شاديءَ ۾ اوهان ٻنهي جو هڪ ٻي ڏانهن نهارڻ به اجان تائين نه وسريو آهي، هاڻي حساب ڪريو؟“

طارق خان، جان بيبي ۽ مديءَ جا ٽهڪ هڪ ئي وقت فضا ۾ گونجيا.

”جاني، ٻڌين پيئي گشان جون ڳالهيون، ايڏي پراڻي ڳالهه به ياد اٿس.“

”سائين، عام ڳالهيون وسري ٿيون وڃن باقي خاص ماڻهن جون خاص ڳالهيون نه هانءُ ۾ چنجي ٿيون وڃن. مون کي به سڀ ياد آهي سائين، “مديءَ به ڪلي چيو نه گشان چيو، ”اسين ٻئي سدائين اوهان جي پيار جون ڳالهيون ڪنديون هيوسين سائين.“

”اوهان کي ڪيئن اسان جي خبر پئي؟“

”سائين، عشق ۽ مشڪ لڪي سگهيا آهن ڪڏهن؟“

ٻئي وات ڦاڙي ٽهڪ ڏيڻ لڳيون. طارق خان شريفان وارين

ڏانهن اشارو ڪري چيو، جيڪي سيئي سندن ڳالهين تي ڪلي رهيون هيون.

”اسان وٽ تہ هي ويچاريون گگدام آهن. اوهين تہ ٻئي وڏيون شيطان افلاطون آهيو.“

گشان ڪلي ماين ڪي ڏسي چيو، ”سائين، هتي پليڪار جي رسم ناهي ڇا؟“

”ڇو، ڇا ٿيو آهي؟“

”سائين، اسين هيڏيون ساريون ٻہ مايون آيون آهيون هنن ڪان هڪڙي پليڪار بہ نہ ٿي پڇي؟“ شريفان ٻوڙي اچي ساڻن ڪيڪاريو تہ ٻيون بہ اچي ڪيڪارڻ لڳيون، ”اديون، اجان تہ اوهان سائينءَ وارن سان پي ڳالهايو نہ، سو اسين وچ ۾ نہ پيوسين!“

جان ٻيبيءَ سنجيدگيءَ مان چيو، ”اوهين ٻئي بابا جي گهر ويندڀون آهيو، اهي سڀ ڪيئن آهن؟“

”اسين اوڏانهن تہ گهٽو نہ ويندڀون آهيون باقي خير خيريت جي خبر پئجي ويندي آهي. ءِالله جي مهربانيءَ سان سيئي نيڪ آهن.“

گشان چيو، ”باقي جبار پنهنجي زال سان ٺو نهي، ءِ ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ هو ٻي شادي ٺو ڪري، باقي ٻيا خوش آهن سڀ ٻارن ٻچن سان!“

”ادي تاجيءَ ڏانهن ويندڀون آهيو؟“

”ها جيجي، اوڏانهن سائين مهراب خان ڏانهن تہ ايندڀون ويندڀون آهيون. جيجي تاجان جا ٽيئي ٻار ماشاءَالله وڏا آهن جيجي سسئي جا ٻار اجان ننڍا آهن.. باقي سڀ خوش آهن پاڻ ۾ گڏجي هڪ ئي پليٽ ۾ ڪائيندڀون آهن ٻئي جيجيون ءِ ٻار بہ ٻنهين جا ڏاڊو ٽا هڪ ٻي ڪي ڀائين. الله وڏي حياتي ڏين ڇڻ هڪ ئي ماءُ جا آهن.“

گشان خوش ٿي ٻڌايو تہ طارق خان انهرو ٿي چيو، ”گشان، مهراب خان ڪيئن آهي؟“

گشان بہ انهري ٿي چيو، ”سائين، نيڪ تہ آهي، پر اڳوڻو مزو ڪونهي!“

”چا مطلب، طبيعت تہ نيڪ اٿس نہ!“ طارق خان چرڪي ڏڪ مان چيو.

”طبيعت بہ گھڻو نيڪ نٿي رهي.“

”چا اٿس؟“

”سائين، اسان کي تہ گھڻو نٿا ٻڌائين باقي اڳ ڪان گھڻو ڪمزور ٿي ويو آهي.“

طارق خان سوچيو، ’ظاهر آهي واقعو عام تہ نہ هو جيڪو هضم ٿي سگھي. هيءَ تہ زندگيون ڳڙڪائيندڙ واقعو آهي... پرمان سمجهان ٿو تہ ڪيس سڄي معاملي جي ڪجھہ ڪجھہ خبر اڳوات ئي هئي باقي مهراب خان آءٌ تنهنجو مياري آهيان پر مجبور بہ آهيان. مون ڪڏهن بہ ايئن نہ سوچيو هو جيئن ٿي ويو آهي. جبار صفا ٻاراٽي ڪئي.‘ سيئي افسرده ۽ اداس ٿي ويا هئا. طارق خان جان بيبي ۾ نهاريو جيڪا بيحد اداس هئي.

”جاني، تنهنجي طبيعت تہ نيڪ آهي نہ؟“

”آءٌ نيڪ آهيان.“

مدي چيو، ”اسين جڻ جيجي جانل کي اداس ڪرڻ آيون آهيون.“

گشان وات ڦاڙي ڪلي ماين کي چيو، ”اديون، ڪو پاٽي ڪو چانهہ جو ٻُتو ڏيو تہ اسين بہ جاءِ تي اچون.“

سيئي کلي پيا. مايون سندن لاءِ چانهہ پاٽي ڪٽي آيون.

گشان ۽ مديءَ جي اچڻ سان جان بيبي وندري پئي هئي. ڏينهن جو جڏهن طارق خان ٻاهر ويل هو ۽ گشان ۽ مدي جان بيبيءَ جي هٿن پيرن تي مينڌي لڳائي رهيون هيون تہ جان بيبي چيو، ”گشان، طارق خان جي گھر ويندي آهين؟“

”ها جيجي، سائين طارق خان اسان کي وڏيون عزتون ڏيندو آهي.“

مديءَ چيو، ”جيجي، سائين طارق خان هاڻي چو نٿو توکي پنهنجي گھر وٺي اچي؟“

”سندس مرضي آهي، آءٌ چا ڪريان!“ جان بيبيءَ اداسيءَ مان چيو.

گشان چيو، ”جيجي، وججانءِ بہ نہ اوڏانهن!“

”چو نہ وجان اوڏانهن؟“

گشان، جنهن جا هٿ مينڌي مان پريل هئا تنهن پنهنجي هٿن جي پني نڪ تان گهمائي چيو، ”توبہ زاري جيجي، اڳ تہ جيجي شهناز چڙاڪ هوندي هئي پر سندس ڌيءَ ناديہ تہ اٺ رتيون ماءُ کان مٿي آهي. هتي تون سکي ٿڌي ڇتر تي ويٺي آهين. اوڏانهن متان وڃين جيجي، اڌرو پڌرو دوزخ جو دونهون آهي.“

”ها جيجي، گشان جي ڳالهہ صحيح آهي. سائين طارق خان هتي آهي تہ اتي هاڻي دروازو ئي نٿا کولين. جيڪو وٽندو اٿن ان کي دَرِ کوليندا آهن باقي اسان جهڙو تہ در کڙڪائي کڙڪائي سُڪي مري موٽي ويندو آهي.“

طارق خان جي اچڻ تي ماٺ ٿي ويون تہ طارق خان کلي چيو، ”ماٺ تہ ايئن ڪئي اٿوَ جڻ ڪڪڙ تي وڄ ڪري آهي.“

ٻئي وات ڦاڙي ٽهڪ ڏيڻ لڳيون.

”هي پلا ڇا آهي، ايندي ساڻ مينديءَ جي ٿڦو ٿڦ لڳائي ڏني اٿو.“

”سائين، جيجي جانل جا مينڌي رتا هٿ پير سونهندا بہ تہ ڪيڏو آهن.“

گشان ۽ مديءَ جي ڪري هاڻي پوڳ مشڪرا، راڳ گانا ۽ ناچ نخرا پيا هلندا هئا. شام جو گشان جان بيبيءَ جي پنين وارن کي ڦٽي ڏيئي رهي هئي ۽ مدي سندس مينديءَ رتل هٿن پيرن جي ننهن کي نيل پالش لڳائي رهي هئي ۽ جان بيبي ٻنهي جي پوڳن تي ٽهڪ ڏيئي کلي رهي هئي. طارق خان ڪمري ۾ آيو، جان بيبيءَ جي گهنٽين جهڙن ٽهڪن تي مشڪندو اچي سندس پير ۾ ويٺو. ”جاني تہ هاڻي ڏاڍي خوش آهي.“

گشان ٽهڪ ڏيئي چيو، ”سائين، ڪيئن نہ خوش ٿيندي، اسان سان جيجي، هتي جون مايون شريفان واريون ڏنيون اٿوَ؟ سدائين منهن لٽل، پوٿ سڄيل، وات بند، ڄڻ وات ۾ مگ اٿن کوليندون تہ زري ويندا، نون ۾ پراٺيون، ڏوتن ۾ اڏوتيون، نہ ڳالهائڻ جو

ڍنگ نہ هلڻ جو طريقو ۽ سائين خوش تہ، مهمان تيون ڪارائين.“
جان بيبي ۽ طارق خان کلي رهيا هئا. طارق خان مصنوعي ڪاوڙ مان چيو، ”اي گشي حرامڙي، خبردار جو منهنجي ماين جو نالو ورتو اٿئي؟“
گشان کلي اٿي ۽ پوءِ شريفان، ساران، جلي، عاشي ۽ هاجوءَ جي هلڻ، اٿڻ ويهڻ ۽ ڳالهائڻ جا نقل ڪرڻ لڳي. جان بيبي تہ کلي کلي طارق خان جي مٿان آهلجي تي ويئي. طارق خان بہ کلي رهيو هو. ”وڏي حرامڙي آهين گشان، بيو ڪنهن ڪنهن جا تي نقل ڪري ڄاڻين؟“
”سائين نقل ڪهڙا، بس اوهان کي تي کلائي خوش ڪريان.“
مديءَ ٺهڪ ڏيئي چيو، ”سائين گشان ڪوڙي آهي نمبر ون، سيني جا نقل ۽ ويچارا ڄاڻي تي.“
گشان مديءَ کي ڌڪ هڻي چيو، ”سائين، مدي پاڻ وڏي ڪوڙي آهي.“
مديءَ ٺهڪ ڏيئي گشان کان پري ڀڄي چيو، ”الله جو سنهن سائين، گشان نہ رڳو اسان پنهنجن جا پر نومڙين ۽ ديدارن جا بہ ويچارا ۽ نقل ڪندي آهي.“
گشان مصنوعي نموني ڊڄندي چيو، ”ائي گهوڙا، هاڻي تي مدي هچاخور موچڙا ڪارائي.“
طارق خان کلي چيو، ”ٻڌاءِ ٻڌاءِ گشان، ڪنهن ڪنهن جا تي نقل ڪري ڄاڻين؟“
مديءَ وچ ۾ ڳالهائيندي چيو، ”سائين، الله جو سنهن جيجي نور بيبي جي تہ سڄي گهر جا تي نقل ڪري. ۽ انور ۽ هاشم جا بہ!!“
گشان ڪيس ڌڪ هڻي پاڻ کان پري ڪيو جيڪا کلي کلي سندس مٿان اڇي ڪري هئي.
”سائين، خدا جو سنهن تہ مدي بہ سيني جا نقل ڄاڻندي بہ آهي تہ ڪندي بہ آهي.“
طارق خان کلي چيو، ”مون کي خبر آهي، مدي توکان بہ وڏي حرامڙي آهي... نيڪ آهي ٻئي ٻڌايو؟“

۽ پوءِ گشان ۽ مديءَ پٽڪا ٻڌي، ٽوپيون پائي، پوتيون بدلائي اهڙا اهڙا نقل ڪيائون جو طارق خان کي ٻہ کلي کلي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. جان بيبيءَ کي تہ کلي کلي کنگهہ اچي ويئي. ”ائي منيس.“ گشان ڊوڙ ڪري پاڻي کڻي آئي. شريفان واريون تہ کلي کلي زمين تي ڦٿڙيون پي. طارق خان کلي چيو، ”ٻئي آهيو تہ آڙيڪاپ، وڏيون بدمعاشون پر جي انهن کي خبر پئي جن جا نقل ڪريو ٿيون تہ ٻئي اهڙا موچڙا کائينديون جو يا ڇمار ياد ڪنديون.“

مديءَ پاڻ کي هيٺ تڏي تي اڇلائي سهڪندي چيو، ”سائين، موچڙا کائون تہ ڀلي کائون، پر هينئر اوهان کي تہ کلايوسين.“

صبح جو نيرن کان پوءِ طارق خان چيو، ”هلو تہ زمينن تان چڪر هڻي اچون.“

طارق خان ڪٻٽ مان ڪيمرا ڪڍي چيو، ”ڀلا فوٽو ڪڍي ڄاڻو ٿيون؟“

”سائين، مدي تہ مووي بہ بنائي ڄاڻي ٿي.“

”واقعي مدي؟“

”ها سائين.“

”ڪنهن سيکاريئي؟“

”سائين، جڏهن دبئي مان عربن سان گڏجي لنڊن ويئي هيس تہ اتي انهن سيکاريو هو.“

”تنهنجو مڙس بہ گڏ هو نہ؟“

”هئو سائين ۽ انهن جي بہ فيملي هئي.“

”واه، فيملي!!“

طارق خان کليو تہ گشان ٺهڪ ڏيئي چيو، ”سائين، لنڊن ڏسڻ کان پوءِ تہ مديءَ جو مٿو ئي ڦري ويو آهي ۽ جيڪو بہ انگريزي جو لفظ ايندو اٿس اهو اسان جي مغز ۾ وهائي ٿي ڪڍي. وزير کي بہ منسٽر چوندي آهي.“

”اها تہ سني ڳالهہ آهي. مدي، تنهنجو مڙس تہ وري دبئي هليو ويو آهي نہ؟“

”ها سائين، نہ تہ هيترا ڏينهن هتي هجان ها!“

طارق خان کلي چيو، ”تون چو نہ هجين ها، تون تہ هتي هجين ها پر تنهنجو مڙس بہ هتي هجي ها.“

سيئي کلڻ لڳا. طارق خان ٻاهر نڪتو. ماين ڪاڏا وغيره گاڏيءَ ۾ رکيا. سڄو ڏينهن جان بيبيءَ کي زمينون گهمائيندي، ڏيکاريندي اچي شام ٿي. ٻاهر جا منظر ڏاڍا خوبصورت هئا. سج لهڻ وارو هو. آسمان تي شفق چانيل هئي. جنهن جي ڪري ٻنيون وڌيڪ خوبصورت لڳي رهيون هيون. ٽيوب ويل هلڻ جو آواز ڏاڍو مٺو ۽ سريلو لڳي رهيو هو. طارق خان جان بيبيءَ کي هٿ جي اشاري سان ڏيکاريندي چيو، ”جان، او.... هو پريان جيڪي تتر ۽ پکي نظر پيا اچن، نہ، اهي سڀ مون هتي ڇڏيا آهن. هاڻي تہ وڌي گهڻا ٿي ويا آهن.“

ٿوري ٿوري دير کان پوءِ ڪيمري جو فليش ڪين جرڪائي ٿي ويو. طارق خان مدي کان ڪيمرو وٺي چيو، ”هاڻي مان ٿو اوهان جا فوٽو ڪڍان.“

۽ جڏهن هو بار بار جان بيبيءَ جا ئي فوٽو ڪڍندو رهيو تہ مديءَ ٺهڪ ڏيئي چيو، ”سائين، اسين تہ پوز ٺاهي ٺاهي ٿڪجي پيوسين... هاڻي تہ الائي ڪاپي بہ هوندي ڪي نہ.... باقي اسان کي تہ ڪيمرو ٽڪ بہ نٿو هڻي.“

گشان چيو، ”بس ڙي ڪر، ڪارڙي ٻوٿ واري. اسان جا فوٽو نڪرندا تہ خبر ئي نہ پوندي تہ اونڌا آهن يا سڌا؟“

طارق خان جان بيبيءَ جو فوٽو ڪڍي چيو، ”مان تہ ڇا ڪيمري جي اک بہ جاڻيءَ ٿان هٽي تہ ٻين جا فوٽو نڪرن نہ!!“

جان بيبيءَ طارق خان کان ڪيمرو وٺي مديءَ کي ڏيئي چيو، ”هاڻي اوهان جي مرضي آهي جيئن بہ ڪريو!!“

مديءَ ڪيمرو وٺي ڏنو تہ جان بيبيءَ طارق خان کان ڪجهہ پڇندي سندس ٻنيان ڪنڌ کان پنهنجو مٿو اڳيان ڪيو ۽ اهو پوز مديءَ کي اهڙو وڻيو جو هن فوٽو ڪڍي ڇڏيو. طارق خان ٺهڪ ڏيئي چيو، ”ڪيمري کي بہ مون وانگيان جانيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو وڻي ئي نٿو.“

مديءَ ٺهڪ ڏيئي چيو، ”الا سچي سائين، جيجي جانل جيئن بہ

جتي بہ بيهي تي اهو منظر ۽ جاءِ خوبصورت ٿيو ٿا وڃن.“ جان بيبيءَ مديءَ کان ڪيمرو ورتو.

”اَءٌ تي اوهان ٻنهي جا فوٽو ڪڍان.“

مديءَ ڊوڙ ڪري گشان کي پاڪر پاتا. ”جيجي هڪڙو فوٽو هيئنئن ڪڍ!“

۽ ايئن انهن جا ڪجهہ فوٽو ڪڍيائين تہ طارق خان چيو، ”سياڻي رات جو دوست اچڻا آهن. تياري ڪجو!“

”سائين، بورچي تہ اوهان جا پنهنجا آهن.“

”تون ۽ مدي بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ بنائجو.“

”حاضر سائين.“

”راڳ جي محفل بہ ٿيندي.“

”سائين، اڳ محمد جمن ايندو هو تہ ڪيڏيون محفلون لڳنديون هيون.“

”واقعي محمد جمن جو تہ ڪوبہ ثاني ڪونهي باقي سندس پٽ شفيع محمد بہ سٺو ٿو ڳائي اهو بہ ايندو ۽ ٻيا بہ فنڪار هوندا. منهنجي دوستن جون زالون بہ اينديون. هونئن تہ اهي پردو نہ ڪنديون آهن پر مون جانيءَ لاءِ ڪري عورتن جي دعوت ۽ محفل ڌار ڪئي آهي.“

”مديءَ چيو، ”سائين، اهي گشان جا گيت ۽ ناچ ڏسي حيران ٿي وينديون.“

طارق خان چيو، ”تون بہ تہ ڳائيندينءَ نہ!“

”مديءَ ڦڪي ٿي چيو، ”اَءٌ تہ سائين... جهڙو حال حبيبان....“

صبح جو طارق خان ڪراچي ويو ۽ واپسيءَ ۾ پنهنجي ٽنهي پٽن اڪبر، سجاد ۽ حميد کي وٺي آيو. اڪبر تہ اڳ ئي جان بيبيءَ سان مليو هو. سجاد ۽ حميد پهريون ڀيرو ملڻ آيا هئا. سجاد تہ طارق خان سان گڏجي اندر جان بيبيءَ سان ملڻ لاءِ تيار ٿي ويو پر حميد چيو، ”بابا، آءٌ اندر نہ، هتي اوطاق ۾ ويهندس!“

”اندر ڇو نٿو هلين؟“ طارق خان مشڪي چيو.

”................“

طارق خان ڪيس ڳراٽڙي پائي چمي ڏني، ”پنهنجي بابا جو بہ

چيو نہ مجيندين راڻا؟“
حميد هڪدم اٿي بيٺو ۽ آهستي چيو، ”هلو بابا...“
طارق خان پنهنجي ننهي پٽن سان گڏجي جان بيبيءَ وٽ آيو.
”اچ جاني، اچي منهنجي پٽن سان مل!“
جان بيبي خوشي مان اٿي بيهي رهي ۽ ننهي کي چميون ڏيئي ساڻن ڪيڪاريائين. اڪبر ۽ سجاد تہ ساڻس ڳالهيون ٻوليون ڪرڻ لڳا پر حميد يڪو ماٺ هو ۽ اکيون کڻي مٿي ڇت کي گهوري رهيو هو يا تہ دريءَ کان ٻاهر نهاري رهيو هو. هن هڪ ڀيرو بہ جان بيبيءَ ڏانهن نہ نهاريو. جان بيبيءَ کيس ڏٺو، سندس وڏيون اکيون، وڏي ڇاتي، ڀريل بدن، هٿ، ٻانهون، ڪرايون.... سڄو پيءُ جهڙو هو.
”پٽ حميد، تون خوش تہ آهين.“
حميد، ڏانهنس نهارڻ بنا ڪنڌ لوڏي هاڪار ڪئي. طارق خان مشڪي اڪبر ۽ سجاد ڏي نهاري کين اک هڻي مشڪي چيو، ”منهنجو بهادر ۽ سعادتمند پٽ ادب ٿو ڪري ماءُ جو. ائين آهي نہ حميد؟“
“.................”
جان بيبيءَ چيو، ”ڇڏيو منهنجي پٽ کي، تنگ نہ ڪريو.“
”بابا، هلو تہ اوطاق ۾ هلي تا ويهون!“ حميد تنگ ٿي چيو.
”پٽ ٿوري دير هتي تا ڪچهري ڪريون. جاني بہ اڪيلي آهي.“
حميد ڪمري کان ٻاهر دروازي جي سامهون وينل مدي ۽ گشان کي ڏٺو تہ سيني جون نظرون اوڏانهن ئي ويون. طارق خان کيس چيو، ”ٻاهر ڇو وينيون آهيو؟“
ٻئي ڊوڙي اندر ڪمري ۾ آيون. مديءَ کلي چيو، ”سائين، ڀلي ماءُ پٽ ڪچهري ڪن.“
”اوهين بہ ڀلي ويهو...“ طارق خان کين ويهاريو ۽ هو ڳالهين ۽ ٻوڳن ۾ شروع ٿي ويون سيئي کلڻ لڳا. جان بيبيءَ ڏٺو تہ ٽيئي پٽ طارق خان جهڙا ئي قداور، خوبصورت ۽ شاندار هئا. جان بيبيءَ الائي ڇو پاڻ کي محفوظ سمجهڻ لڳي.

# باب ٻائيتاليهون

طارق خان سان رهندي جان بيبيءَ کي ستون سال اچي ٿيو هو. ان دوران طارق خان جي ننهي پٽن سان سندس ملاقات ٿي ويئي هئي ۽ هاڻي ته طارق ننهي پٽن کي هفتي هفتي وٺي به ايندو هو ۽ اڪبر ۽ سجاد ته پاڻ به پيءُ سان ملڻ هلي ايندا هئا. حميد به هاڻي جان بيبيءَ سان ڳالهائڻ لڳو هو. پر حميد کي جان بيبيءَ جي اجاين خرچن ۽ ٺاٺ ٺنگر تي چڙ ايندي هئي. ڪيس سندس اهي نمونا نه وڻندا هئا.

”اهو وري ڪهڙو طريقو آهي جو روز ٻڪر ٿو ڪسجي!“

صبح ساڻ ٻڪر کي ڪهندو ڏسي اڪبر کي چيائين ته اڪبر مشڪي چيس، ”بابا جي مرضي.“

”بابا جو ڪهڙو ڏوهه آهي، ڇا ڪري بابا؟ هيءَ مائي به ته گوشت لاءِ چِتي پيئي آهي. ٻوڙ الڳ، سَجي الڳ، شامي ۽ ڪوفتا ڌار. روز جو اهو معمول آهي. هتي وارا ٻڪر ته هاڻي ختم آهن!!“

اڪبر مشڪي چيو، ”مڇي ۽ ڪڪڙ جو حساب ڪتاب اٿئي!“

حميد ڏک ۾ چيو، ”هيءَ مائي ته بابا کي اڏوهيءَ جيان اچي لڳي آهي. ناديه سچ ٿي چوي ته اسان جي هتي واري سڄي گهر جو خرچ هڪ پاسي ۽ هن هڪڙيءَ جو خرچ ٻي پاسي ۾ رکجي ته هن جو خرچ وڌيڪ آهي.“

اڪبر مشڪي چيو، ”تون به حضرت عمر بن العزيز جي چيل ان ڳالهه جيان ٿو چوين جيڪا هن حجاج بن يوسف لاءِ چئي هئي ته، قيامت جي ڏينهن جڏهن الله سائين سڄي دنيا جا گناهه ساهمي جي هڪڙي پڙ ۾ رکندو ۽ حجاج بن يوسف جا گناهه ٻي پڙ ۾ رکندو ته حجاج جو پڙ ڳرو ۽ وزني هوندو.“

حميد چيو، ”اسان سان به هاڻي اهائي ويڌن ٿي رهي آهي. جيڪا ويچاري سنڌ سان هر دور ۾ پيئي ٿيندي اچي. باقي اهو

طئي آهي تہ بچڙو ۽ بيواجبي ڪندڙ ضرور بيعزتو ٿيندو، جيئن حجاج بن يوسف بچڙو آهي.“

”حميد، ادب ڪر، پيو نہ تہ بابا جو تہ خيال ڪر نہ!“

”بابا جو خيال ئي پيو ڪريان!“

”بابا ڪي انهن خرچن جي ڪهڙي پرواهہ؟ جان بيبي نہ هئي پوءِ بہ اهي ماڻهو اهي دعوتون، اهي محفلون جاري هيون. هن هڪڙيءَ جو ڪهڙو ٿو فرق پوي؟“

”پلي بابا ڪي پرواهہ نہ هجي، پر هيءَ بہ تہ انڌ ۾ خرچ نہ هلائي.“

اڪبر مشڪي ڪيس ستائڻ چاهيو، ”حميد، هاڻي تہ سگريٽ بہ پيئي ٿي!!“

”ها ها، خبر اٿم. اهي بہ گولڊليف ۽ ٽرپل فائيو، هونئن تہ بابا مردن ڪي بہ سگريٽ پيئڻ تان ڳالهائيندو هو ۽ هاڻي هن لاءِ ڪارٽن جا ڪارٽن ٿو آڻي.“

گشان اچي چيو، ”اوهان ڪي سائين طارق خان پيو اندر سڏي.“

حميد گشان جي آڱرين ۾ ٽرپل فائيو ڏسي چڙي چيو، ”گشي، تون بہ وڏي چمچي آهين.“

گشان ڊڄي چيو، ”مون ڇا ڪيو آهي سائين!“

حميد ڪاوڙ مان ڪيس اکيون ڏيکاري چيو، ”پڪو اچي رهي پيئي آهين، عيش جو آهن...“

”سائين اسان جو ڪهڙو وس آهي! اسين تہ سائين طارق خان جا تعبيدار آهيون.... اچي چڱن ڪان وٺي ويندو آهي.“

حميد چڙي چيو، ”هل هل... اسين اچون ٿا.“

جان بيبي صوفي تي ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي سگريٽ جا سوٽا هڻي رهي هئي تہ طارق خان ڪمري ۾ اچي چيو، ”هاڻي پنهنجو سگريٽ وساءِ!“

جان بيبيءَ اڳ ئي ڪيس ڏسنديئي سگريٽ ايش ٽري ۾ دٻائي ڇڏيو هو ۽ گشان بہ پنهنجو سگريٽ پير ۾ رکيل ايش ٽري ۾ وسائي ڇڏيو هو.

طارق خان چيو، ”گشان، جانيءَ کي سگريٽ ڇڪڻ تو ۽ مديءَ سيکاريا آهن نہ، اڳ تہ ڪيس سگريٽ جي دونهين تان بہ ڪنگهہ ٿيندي هئي؟“

طارق خان کي پراڻي ڳالهہ ياد اچي ويئي هئي. جڏهن هو پهريون ڀيرو جان بيبيءَ کي پاڻ سان گڏ پنهنجي گهر وٺي وڃڻ لاءِ مهراب خان جي گهر وٺي وڃي رهيو هو ۽ جڏهن شموءَ گاڏيءَ ۾ سگريٽ پيتو هو تہ جان بيبيءَ کي ڏاڍي ڪنگهہ ٿي هئي ۽ پوءِ هن گاڏي بيهاري شموءَ کي گاڏيءَ مان هيٺ لاهي سگريٽ پيئڻ جو چيو هو ۽ جان بيبيءَ کي پاڻي پياري سامت ۾ آندو هو ۽ جڏهن پاڻي جو گلاس وٺندي جان بيبي جو هٿ سندس هٿن سان ٽڪرايو هو تہ هوءَ ڪيڏي گهبرائجي ويئي هئي... ڳالهہ ياد اچڻ سان طارق خان مشڪي پيو ۽ جان بيبيءَ کي ڏسڻ لڳو.

گشان چيو، ”سائين، جيجي جانل کي گردي ۾ سور پيو هو، ان لاءِ مون ۽ مدي ڪيس سگريٽ ڇڪايو هو. جنهن جي ڪري ڪيس فائدو بہ ٿيو هو.“

طارق خان مشڪي جان بيبي کي چيو، ”جاني، ياد اٿئي جڏهن آءٌ توکي مهراب خان جي گهر وٺي وڃي رهيو هئس ۽ واٽ تي گاڏيءَ ۾ شموءَ جي سگريٽ ڇڪڻ تان توکي ڪنگهہ ٿي هئي؟“

جان بيبي مشڪي چيو، ”اهي يادون ئي تہ جياپو هيون تڏهن...“

”۽ هاڻي؟“

”هاڻي تہ سڀ ڪجهہ ملي ويو آهي، پر اڃان بہ هڪڙي ڳالهہ رهيل آهي!“

”ڪهڙي؟“

”جڏهن مون کي پنهنجي گهر وٺي ويندين تڏهن آءٌ مڪمل ٿينديس، ۽ پائينديس تہ مون کي منزل ملي ويئي آهي.“

”متان اتي وڃڻ سان مليل منزل ڪسجي وڃئي!“

”مان اتي وڃي شهناز جي پيرن پئي ڏوهہ بخشائينديس! معافي وٺندس... هوءَ ضرور مون کي معاف ڪندي...“

”ڪجهہ ساهي پٽ، اها بہ حسرت تنهنجي پوري ڪندس. پر هينئر تون اڌوري آهين؟“

طارق خان جڏهن ڏک مان چيو تہ هوءَ جڻ ڇرڪي پيئي ۽ گهشان جي اڳيان ئي ڪيس چنبڙي پيئي.

”نہ، هرگز نہ... آءٌ مڪمل آهيان، پوري آهيان... مون ڪي ٻيو ڪجهہ بہ نٿو گهرجي رڳو تون ٿو گهرجين... جيڪو مون وٽ آهي منهنجو آهي...“

”هوءَ بيحد جذباتي ٿي رهي هئي. طارق خان کلي چيو، ”بس... بس... بس... هاڻي نيڪ آهي.“

مديءَ اچي چيو، ”سائين، بہ گاڏيون ماڻهن مان ڀرجي آيون آهن.“

”گل محمد ڪٿي آهي؟“

”سائين اهو انهن سان ملي ٻاهر گيٽ وٽ اوهان لاءِ بيٺو آهي.“

طارق خان ٻاهر گيٽ تي گل محمد سان مليو، ”سائين سڀڻ آهن.“

طارق خان اوطاق ۾ آيو. سيني سان ڪيڪاري خير عافيت ڪري ڇانهہ پاڻيءَ کان پوءِ ڪانئن خبرون چارون پڇيون، سيني کان جيڪو عمر ۾ وڏو هو ان ڳالهايو، ”سائين، منهنجو نالو صادق آهي آءٌ ذات جو....“

”آءٌ سيني کي سڃاڻان ٿو!“

”الائي سائين، مو سمجهيو متان نہ سڃاڻندا هجو.“

طارق خان چيو، ”تون صادق، ڏٽي بخش جو پٽ ۽ غوث بخش جو پوٽو آهين نہ؟“

سيئي کلڻ لڳا.

”سائين اوهان تہ اسان کي پشتن کان سڃاڻو ٿا.“

”ها، آءٌ سيني کي سڃاڻان ٿو... خبرون ٻڌايو، ڪيئن اچڻ ٿيو؟“

صادق چيو، ”سائين، اسان جو فيصلو آهي خضدار ۾، سائين مهراب خان ڏانهن بہ ويا هياسين! ان بہ اچڻ لاءِ هاڪار ڪئي آهي. هاڻي اوهان وٽ آيا آهيون.“

”فيصلو ڇا جو آهي؟“
”سائين، اسان جي هڪڙي ماڻهوءَ کان هڇا ٿي ويئي آهي!“
”ڪهڙي؟“
”سائين، هو چور ته آهيئي ڄائيءَ رات کان وٺي پر مينهن، ڍڳي ۽ ٻڪريءَ جو ۽ اتي به هو اهائي چوري ڪرڻ ويو هو، پر انهن ڪارپ جو ڏوهه مڙهيو اٿس!“
”اوهان جا پنهنجا ذات ڀائي آهن؟“
”نه سائين، ذات ڀائي ناهن باقي انهن سان مئي جيئري رت ڀت ۾ آهيون.“
”پوءِ؟“
”پوءِ جيڪا اوهان سرهيالن جي مرضي!“
”ٻيا منصب ڪير آهن؟“
”اسان ته سائين ٻنهي پاسن جي وڏن کي چيو آهي، سائين مهراب خان، سائين شاهنواز خان، سائين ستار خان، سائين سڪندر خان ۽ اوهان... باقي انهن جا سڀ ڇڱا مڙس ايندا.“
”انهن پاران ڪير ايندا؟“
”انهن جا به وڏا اوهين سڀ آهيو سائين، انهن به اوهان جي نالن تي هاڪار ڪئي آهي.“
رات ٽڪي اهي صبح جو هليا ويا ۽ طارق خان کي ڇڻ صدين جي سلسلن ۾ وڇڙائي ويا. ’هي هيترا سال مهراب خان ۽ ستار سان نه مليو آهيان! مياري ته آهيان سندن... بيشڪ پر... ميار ڪيئن لهندي؟ ڪوبه ته اڳيان نه آيو، نه ئي ڪنهن ميار مڙهي... پر آءٌ پاڻ کي پاڻ چوان ٿو ته انهن جو مياري آهيان!! ۽ اها ميار مون کي لاهڻ گهرجي! ۽ مان لاهيندس!... هو معتبر آهن، عزتدار آهن... مون ڪاٽ هنيو آهي سندن عزتن، غيرتن جو... حقيقت اهائي آهي ته آءٌ مياري نه پر ڏوهي آهيان انهن جو!‘ هن جڏهن سڄي ڳالهه جان بيبيءَ کي ٻڌائي چيو، ته خضدار ويندو ته هوءَ ڏڪي ويئي. ”نه نه، تون اوڏانهن نه ويندين!“
”ڇو نه وڃان؟“

”الائي اتي چا ٿئي! مان ڀڄان ٿي، الله سائين توکي وڏي حياتي ڏي. بس تون ايڏانهن نہ وڃ!“

طارق خان کيس سمجهائي تسلي ڏني، ”ڏس، جان، تون تہ مون کي سڃاڻي ٿي تہ آءٌ ڪڏهن بہ لڪي زندگي نٿو گذاري سگهان، نيڪ آهي مان انهن جو مياري آهيان... پر منهنجو راڄ ۽ اهي سيئي راڄ جن جا فيصلا آءٌ ڪندو آهيان، انهن کي تہ آءٌ ڇڏي نٿو سگهان! مون کي تہ هر حال ۾ اتي پهچڻو آهي! چا بہ ٿي پوي، آءٌ تہ اتي ويندس!!“

جان بيبيءَ جي منهن ۾ نهاريائين جيڪا هراسيل هرڻي وانگيان ڇرڪيل هئي، سندس ڪلهي تي پيار مان هٿ رکي چيائين، ”جان، دل ننڍي نہ ڪر، آءٌ اڪيلو ناهيان!“

۽ جڏهن طارق خان خضدار وڃڻ لاءِ تيار ٿيو تہ جان بيبي تڙپي ساڻس روئندي چنبڙي پيئي. طارق خان کيس پاڪرن ۾ پري چيو، ”جان، ڪوبہ فڪر نہ ڪجانءِ. منهنجا ماڻهو تہ گهٽائي آهن هتي تنهنجي حفاظت لاءِ پر منهنجي دوست سردار نيڪ محمد خان بہ زور پريو آهي تہ سندس ماڻهو بہ پلي هتي پهرو ڏين! تون ڪابہ ڳڻتي نہ ڪجانءِ، تون هر طرح سان محفوظ آهين. ڪنهن جي بہ طاقت ناهي جو هن پاسي ميري نهار بہ ڪري سگهي!“

جان بيبيءَ روئندي حيرت مان شڪايتي نظرون ڪڻي چيو، ”منهنجو تہ ساهہ بہ توتان صدقو آهي. آءٌ ڪو پنهنجو فڪر ٿي ڪريان جو ايڏيون خاطريون ٿو ڏين، مون کي تہ تنهنجو فڪر آهي، آءٌ تہ تنهنجي لاءِ...“ هوءَ جملو پورو ڪري نہ سگهي ۽ رومال منهن تي رکي روئڻ لڳي. طارق خان جو چهرو مختلف جذباتن جي ڪري ڳاڙهو ٿي ويو هو. هن آهستي چيو، ”جاني، ايئن تہ تون مون کي وڌيڪ پريشان ٿي ڪرين ۽ مان اتي بہ پريشان رهندس...“ کيسي مان رومال ڪڍي سندس اکيون ۽ چهرو اگهي کيس پيار ڪري ٻاهر نڪتو! ٻاهر بيٺل سيني ماين سان موڪلائي گيٽ کان ٻاهر نڪري ويو، مايون زور زور سان کيس دعائون ڪرڻ لڳيون، ”جيڏانهن پير، تيڏانهن خير.“

طارق خان جي وڃڻ کان پوءِ جان بيبي درماندي ٿيڻ لڳي،
”گشان، مدي...“

”جي جيجي.“ ٻئي ڊوڙنديون اندر ڪمري ۾ آيون جن جي چهرن تي فڪر نمايان هو.

”اوهان کي خبر آهي ته طارق خان خضدار ويو آهي ۽ اتي ادا مهراب خان ۽ ادا ستار به ايندا!!“

”ها جيجي، ٻڌو اٿئون... الله خير ڪندو.“

جان بيبي ڏاڍي پريشان هئي. گشان، مدي ۽ سيئي مايون سندس دلجوئي ڪرڻ لڳيون. ٻاهرين گيٽ تي ڪڙڪو ٿيو. مدي ڊوڙندي ويئي. گيٽ کوليائين ته پاڻ سردار نيڪ محمد خان بيٺل هو. مدي ڪيس سڃاڻندي هئي هڪدم پيرين پئي ملي، سردار نيڪ محمد خان چيو، ”مدي، ٻيا ته خير آهن نه؟“

”جي سائين...“

”مدي، ياجائيءَ کي وڃي چئو ته ڪوبه فڪر نه ڪري. هتي طارق خان جا ماڻهو ته آهن پر منهنجا ماڻهو به طارق خان جي غير موجودگيءَ ۾ هتي پهرو ڏيندا. ڪنهن به پريشانيءَ جي ضرورت ناهي.“

سردار نيڪ محمد خان جيڪو طارق خان سان موڪلائڻ به آيو هو ته پنهنجا ماڻهو پهچائڻ به پاڻ پهتو هو، ان جان بيبي کي تسلي ڏيڻ به ضروري سمجهي. رات ٿيڻ واري هئي جان بيبيءَ کيس گهڻو ئي مانيءَ لاءِ روڪڻ چاهيو پر هو نه رڪيو چيائين، ”مدي، ياجائيءَ کي چئو وڃي ته رات ٿيڻ واري آهي ۽ مان رات ٿيڻ کان اڳ طارق خان جي زمين ڇڏڻ ٿو چاهيان.“

۽ هو مدي ۽ گشان کي خرچيون ڏيئي هليو ويو. سندس گاڏيءَ کي ويندو ڏسي مديءَ چيو، ”گشان، مڙسن جا دوست مڙس هوندا آهن. سائين طارق خان موجود ناهي ته ڏس ڪيئن سائين نيڪ محمد خان تڪڙ ۾ پيو وڃي، جڻ ٻيرن هينيان تتر اچي ويو هجيس.“

گشان متاثر ٿي چيو، ”واقعي غيرتن جا پندار آهن سائين نيڪ محمد خان ۾.“

بنهي اچي سندس ڏنل خرچي شريفان جي اڳيان جان بيبيءَ کي ڏيکاري. شريفان رڏٽي ۾ اچي چيو، "اڳ سائين نيڪ محمد خان اسان کي خرچيون ڏيندو هو اڄ هي بئي ڪٽي ويون."

جليءَ چيو، "ماسي، اسين ايئن ڪتي ٽيون هنن جيان مردن سان ڳالهايون! ڪهڙيون ٽيون روز اسان کي خرچيون ملن؟ ڪنهن ڪزاني عيد براد تي ها نه تہ... هي تہ امان، شهر جون ٻليون آهن، جهڙيون ٻلاريون... ڏسين نٿي، ڪيئن بئي ٻانهون هٽنديون اوطاق ڏانهن وينديون آهن."

"جُلي، او جليخان!" گشان جي سڏ تي جُلي ڇرڪي اٿي، "هانءَ... هانءَ ادي..."

"ونو، اوهين بہ ناس ٻيڙي ڪريو." گشان رڏٽي ۾ اچي ڪين پيسا ڏيندي چيو تہ جُليءَ ڦڪي تي چيو،

"هي وري ڇا جا پئسا آهن؟"

"سائين نيڪ محمد خان اسان کي خرچي ڏني هئي نہ، ان مان اوهان جو حصو آهي."

شريفان لڄاري ٿي چيو، "اسان جو انهن پئسن ۾ ڪهڙو حصو آهي، اهي تہ اوهان ٻنهي کي مليا آهن."

گشان ڪليءَ دل سان ٺهڪ ڏيئي چيو، "ادي، پئسو تہ هٿ جو مير آهي، هِتان آيو هُتان ويو. ڪيترا ڏينهن پيٽ پريندو."

مديءَ جي سڏ تي گشان هلي ويئي تہ شريفان ۽ جلي هڪ ٻي سان نظرون بہ ملائي نہ پي سگهيون. ساران، عاشي ۽ زرو ٻنهي ۾ نهاري کلڻ لڳيون.

# باب ٽيتاليهون

مهراب خان پنهنجي حويليءَ ۾ فيصلي تي خضدار وڃڻ لاءِ تياري ڪري رهيو هو. تاج بيبي ۽ سسئي سندس خدمت ۾ هڪيون ٽڪيون حاضر هيون. مهراب خان جو وڏو پٽ سهراب خان جيڪو هاڻي جوان هو پيءُ جي برابر قد هئس ان ڪمري ۾ ايندي چيو، ”بابا،مامو ستار آيو آهي.“

”نيڪ آهي، پلي اتي ويهي، آءٌ اچان ٿو.“

سهراب خان حيرت مان چيو، ”بابا، مامو هتي نه اچي ڇا؟“

”پلي اچي بابا، ڇا هي مڪين جا پتا پيو ڪدين!!“

سهراب خان ڪمري کان ٻاهر نڪتو ته سسئي به هلي وئي. مهراب خان تاج بيبيءَ کي چيو، ”خبر اٿئي تاجان، ته فيصلي ۾ طارق خان به اچي رهيو آهي!!“

تاج بيبيءَ جو چهرو هيڊو ٿي ويو سوچيائين، هن ڪان اڳ هيڏي وڏي عرصي ۾ ڪڏهن به مهراب خان، طارق خان جو نالو به نه ورتو آهي، هينئر ٿو ترسيل بادل جيان برسي طعنن جو وسڪارو ڪري ۽ اڳيون پويون ڪسرون سيئي لاهي رکي؛ مهراب خان ڪيس ماٺ ڏسي چيو، ”مون جيڪو چيو آهي اهو ٻڌو اٿئي؟“

”جي ها، ٻڌو اٿم.“

۽ انتظار ڪرڻ لڳي سندس ورنديءَ جو ۽ قوت جمع ڪرڻ لڳي ان ورنديءَ کي برداشت ڪرڻ جي. پر ڪمال حيرت سان مهراب خان نهايت ٻاجهاري لهجي ۾ چيو، ”تاجان، طارق خان منهنجو جگري يار آهي، هن جيترو مون کي چاهيو ۽ مون لاءِ ڪيو، اوترو ڪو ڀاءُ به ڀاءُ لاءِ نه ڪري. سندس هن طرح مون کان جدا ٿيڻ... ۽ هاڻي مان ساڻس ڪيئن ملي سگهندس؟ دنيا ڇا چوندي، تو وارو ڀاءُ جبار ۽ ماسات مير محمد ٻئي هڪجهڙا ڀاڙيا ۽ گاندو آهن. مون کي خبر آهي ته هو جيڪر ڪڏهن به اهڙو قدم نه کڻي ها، پر جبار ڪيس ائين ڪرڻ تي مجبور ڪيو. پوءِ به هن

ٻانهن کي پاڻ سان گڏ ونئي وڃڻ نٿي چاهيو... مون سان انهن ماڻهن ڳالهيون ڪيون آهن جيڪي ان مهل طارق خان سان گڏ هئا، انهن ٻڌايو ته پوءِ به هو ٻانهن کي پاڻ سان گڏ نٿي کڻي ويو، بلڪ هن ٻانهن کي مون ڏي ئي آڻڻ چاهيو... اوهان زالن جون اهي نمونيءَ ٻازيون آهن جن مون ڪان منهنجو پڳ مٿ يار ذار ڪيو.“

ستار ڪمري جي دروازي وٽ اچي سلام ڪيو ته مهراب خان چيو، ”اچ ستار، اچي ويهه.“

ستار ساڻس مليو، تاج بيبيءَ سان ڪيڪاري صوفي تي وينو. سيئي وينا ته ستار واچ ۾ ڏسي چيو، ”ادا، تيار آهيو نه دير پيئي ٿئي.“

”هلون ٿا، پر ستار خبر ته اٿئي نه ته اتي طارق خان ايندو.“

ستار ڪنڌ هيٺ ڪري چيو، ”ها، خبر اٿم.“

”پوءِ؟“

”پوءِ جيڪا اوهان جي مرضي.“

”مان ته اتي ويندس ۽ اهو به ٻڌي ڇڏ ته اتي طارق خان مون سان ڪينڪاريو ته آءٌ ڪينڪاريندس!“

”ڇو؟“

”ڇو ته ان قدم کڻڻ تي آءٌ طارق خان کي سچو مياري نٿو سمجهان! ان ۾ اهي سڀ مياري آهن جن طارق خان لاءِ اهڙو ماحول بڻايو جو هو اهو سڀ ڪرڻ تي مجبور ٿي پيو.“

“ ”
...............

”طارق خان اندر حويليءَ ۾ ايندو رهندو هو، ڪهڙو پردو هو ڪائنس؟ ٻڌ ستار، جڏهن طارق خان اتي جاءِ ٺنائي هئي ته ٻڌاءِ سيئي حويليءَ جون عورتون وٽس اتي جاءِ تي وينديون هيون نه؟ روز وٽس ڪاڌي جون دعوتون ۽ محفلون ٿينديون هيون ۽ جبار پاڻ جي نه ويندو هو ته سندس زال ۽ ٻار ته اتي ويندا هئا نه؟ ڪائي پي سوڪڙيون پاڪڙيون کڻي وٽائنس ايندا هئا نه، انهن کي ڇو نٿي جهليائين؟... پوءِ اوچتو ڪهڙو جن پيو هئس جو مڙس ڪلاشنڪوف کڻي طارق خان کي مارڻ لاءِ ٿي ويو. مون سان ڪا

صلاح ڪو مشورو ڪيائين؟ ڪا خبر، ڪا ڳالھ ڪن تي ئي نہ هنيائين! پنهنجي مرضيءَ پنهنجي ئي متي ڪتي جيئن وڏيوس تيئن ئي ڪيائين ۽ اهڙي موقعي تي هو ڀلا ڇا ڪري ها سواءِ هلي وڃڻ جي! ۽ هوءَ بہ پنهنجي جان بچائڻ لاءِ سندس پنيان ڀڄي نڪتي ۽ هلي ويئي ساڻس ڳڏ! باقي اها ڳالھ جبار ڪي بہ ٻڌل هجي تہ هو مڙس هو، بهادر هو منهنجو بہ خيال ڪيائين تہ چاچا حمل خان جو بہ... نہ تہ جي اتي مقابلو ڪري ها تہ جبار ڪي ڳترا ڳترا ڪري ڇڏي ها، آءٌ ڪيس سڃاڻان تو چڱيءَ طرح سان، بهرحال مان تہ اتي...."

"ادا، آءٌ تنهنجي هر ڳالھ ۾ ٻڌل آهيان."

فيصلي جي هنڌ مهراب خان ۽ ستار پنهنجي ماڻهن سان پهتا تہ صادق، عمر ۽ احمد وارن سندن آجيان ڪئي ۽ وڏي ڪين آڌر ڪيائون ۽ انهن کي وٺي سندن لاءِ وڇايل هنڌن ۽ طولن وٽ ويهاريائون... ٻنهي راڄن جي ماڻهن جا ڪٽڪ اتي پهتا هئا.

صادق چيو، "اڃان سائين طارق خان وارا نہ آيا آهن."

احمد چيو، "اهي تہ ڪراچيءَ مان ايندا نہ، ۽ ڪراچي تہ ولايت آهي."

گاڏين جي آواز تي مهراب خان چرڪي پيو، هو طارق خان جي لينڊڪروزر جو آواز چڱيءَ طرح سڃاڻندو هو ۽ ڪيس عرصو ٿي ويو هو اهو آواز ٻڌندي. طارق خان جي گاڏي اڏامندي اچي اوطاق جي اڳيان بيٺي. بوسڪيءَ جي ڪپڙن ۾ طارق خان هميشہ جيان خوبصورت، شاندار ۽ باوقار گاڏي مان لٿو. ساڻس گڏ ٻيا بہ اٺ ڏھ ماڻهو گاڏيءَ مان لٿا. پنيان ئي بہ ٻيون گاڏيون بہ آيون انهن مان بہ اوترائي ماڻهو لٿا. جيڪي سيئي طارق خان جي اڳيان پويان ۽ پاسن کان بيهي رهيا. صادق وارن طارق خان کي ڀليڪار ڏيئي ساڻس ڪيڪاري ٻين بہ سيني سان ڪيڪاريو ۽ کين اوطاق ۾ وٺي آيا. اتي وينل سيئي، سواءِ مهراب خان ۽ ستار جي اتي طارق خان سان مليا. طارق خان، مهراب خان وارن جي ڀي پاسي اچي وينو.

صادق چيو، "سائين، سائين سڪندر خان اڃان تائين نہ آيو آهي!"

طارق خان چيو، ”هتي ڪيس اچڻو هو ۽ هن مون کي به چيو هو ته هلندس پر ڪيس اوچتو ضروري ڪم تي پيو ۽ هو اچي نه سگهيو. مون کي چيائين ته مان سندس پاران معذرت ڪري ڇڏيان.“

سيني چيو، ”نه سائين، معذرت جي ڪهڙي ڳالهه؟“

فيصلو شروع ٿيو، ٻنهي ڌرين جي منصفن ٻڌو... طارق خان محسوس ڪري رهيو هو ته مهراب خان جي دل ۾ سندس لاءِ نفرت ناهي! ڇو جو هو سندس هر ڳالهه تي هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏي تائيد ڪندو رهيو ۽ ايئن ٿي ستار جي ڇهري تي به ڪا ڪاوڙ ۽ ڪروڌ نه هو. طارق خان جي دل ۾ سندن لاءِ اٿاهه پيار، عقيدت ۽ احترام اوتجي پيو. ٻنهي ڌرين جون ڳالهيون ٻڌڻ کان پوءِ سيني گڏجي اهو فيصلو ڪيو ته، ڇوڪرو ڇور، ٻچڙو ۽ نيت جو ڪارو آهي، موٽ ۾ ڪيس ڏنڊ ۽ پيڻ جو سگ ڏيڻو پوندو. فيصلي کي ٻنهي ڌرين اکين سان قبول ڪيو ۽ پوءِ ٻنهي ڌرين کي پاڪر پارائي کير ڪنڊ ڪيو ويو ۽ ٻنهي ڌرين تي هڪ ٻي جي دعوت ڪرڻ لازم ڪيائون ۽ پوءِ سيني گڏجي ماني کاڌي ۽ جڏهن سيئي اٿي هڪ ٻي سان موڪلائڻ لڳا ته طارق خان اوچتو ئي اٿندي مهراب خان وٽ آيو ۽ ايندي ساڻ پاڪر پاتائين. مهراب خان به ڪيس پاڪر پاتا، سيئي ماڻهو ڪين حيرت مان ڏسي رهيا هئا. مهراب خان ۽ طارق خان ٻنهي جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا، جيڪي ٻنهي هڪ ٻي کان لڪائي ڇڏيا پر ڏسڻ وارن جانچيندڙن ڏسي ورتا هئا. طارق خان ستار سان به پاڪر پائي مليو ۽ ٽنهي هڪ ٻي سان خير خيريت به ڪئي ۽ طارق سيني سان موڪلائي اچي گاڏيءَ ۾ ويٺو ۽ روانو ٿي ويو. مهراب خان سندس گاڏيءَ جي اٿاريل دوساڙي کي آخر تائين ڏسندو رهيو ۽ پوءِ پاڻ به اچي گاڏيءَ ۾ ويٺو. ستار پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويٺو ۽ اهي به سيئي روانا ٿيا ته صادق چيو، ”اهي آهن وڏن ماڻهن جون وڏايون، خونن کان مٿي ڳالهيون ۽ مياروُن هيون. پر ڏٺوَ، ڪيئن مليا هئا پاڻ ۾. ڄڻ ڪا ڳالهه ئي نه هئي!!“

احمد چيو، ”واهه واهه بيشڪ، سچ ٿو چوين صادق، اسان جهڙا

هجن تہ ڪتن جيان وڙهي پاڻ ۾ چانبوٽ تي لڳڙ ليڙون ڪري وجهون.“

”وڏا بہ حق تي ٿا وڏا ٿين، نہ تہ آءٌ، تون نہ فيصلا ڪريون ڇو؟“

نورل اٿي سٿڻ جا گهنج ٺاهيندي چيو تہ احمد چيس، ”آءٌ تہ الا، اڃان تائين حيرت ۾ آهيان تہ هو ڪيئن هڪ ٻي سان ٻاڪر پائي مليا؟“

صادق چيو، ”جيڏا اٺ تيڏا لوڏا...“

”بيشڪ ابا بيشڪ.“ نورل مٿي تي رومال ٻڌندي چيو تہ احمد چيو، ”ويهہ چاچا، ڪيڏانهن ٿو وڃين، اڃان تہ سيئي وينا آهن.“

نورل اوطاق جي در کان ٻاهر ڪانگهارو اڇلائي چيو، ”ابا، ڏٻرو ڍور سويل پلاٽي.“ سيئي کلڻ لڳا.

# باب چوئيتاليهون

طارق خان جي ڪراچيءَ واري بنگلي ۾ اڳ واري چهل پهل ۽ گهما گهمي نہ هئي اوطاق ۾ علو، ڪارو، نبو ۽ خدو پتا ڪيڏي رهيا هئا. اڪبر جي اچڻ سان سيئي پتا اڇلائي اٿي بيٺا.

”جي سائين.“

”ڪجهہ بہ نہ، اوهين پلي ڪُڏو اتيا چو آهيو!“ اڪبر اداسيءَ مان چيو تہ هو بہ اداس ٿي بيٺا ئي رهيا. اڪبر وري بہ ايئن ئي خيالن ئي خيالن ۾ اوطاق ڪان ٻاهر نڪري ويو تہ علوءَ چيو، ”هن پيري سائين طارق خان ڪي بہ گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن هتي ايندي.“

”هاڻي تہ سيئي فيصلا بہ اوڏانهن ئي ٿو ڪري ۽ سندس سيئي دوست بہ اوڏانهن ئي ٿا وڃن.“

”سيني ڪي خبر پئجي وئي آهي تہ سائين طارق خان اوڏانهن آهي. پوءِ هتي چو اچن؟“

”سائين طارق خان ناهي تہ مزو ئي ڪونهي. ڪيترا ماڻهو ايندا هئا، ڪيترا ڪاڏا ۽ خرچيون هونديون هيون ۽ اسان جي پڪي پڙي (ڊوڙ) پئي پوندي هئي. هيڏانهن وڃو، هوڏانهن وڃو، هن ڪي وني اچو، هن ڪي آڻيو... هاءِ هاءِ، هاڻي تہ لڪ ئي لِڇي ويا آهن... ابور ابور...“

خدوءَ ٿڌو ساهہ پري چيو تہ علوءَ چڙٻ ڏنس، ”آهي ڇا خدو، ٿڌا ساهہ پون دشمنن تي، هتي سائين طارق خان جي اوطاق ۾ ڇو تو ٿڌا ساهہ پرين، سونت ۾ آهين، چريو آهين ڪي سياڻو؟“

”اڙي ٿڌا ساهہ ڪونہ ٿو ڪڍان ڙي- ڏک مان هانءُ پرجي آيو هيم.“

”هانءُ پرجڻ سان ٿڌا ساهہ ٿا پرجن، اها وري نئين ٻڌياسين.“

نبوءَ اڍنگي نموني کلي چيو تہ خدوءَ خار مان ڪيس ڏسي چيو، ”اتي جو گهوٻاتو. کل بہ مڙس جي شاهيگ آهي جو پلي پيو کلي،

سچ چيو اٿن تہ ڪنهن جو روئڻ بہ راحت تہ ڪنهن جي کل بہ خواري... سو نبو تو واري کل بہ خواري آهي، نہ کلين تہ سٺو.“

”تون پاڻ تہ ڏاڍو سهڻو آهين، هئو نہ، تو پنهنجي ٻوٽ ۾ نهاريو آهي جو ٻين تان ٿو کلين... وات ڏنو ٿئي پنهنجو جهڙي ڪُتي جي ڏر.“

نبوءَ چڙي چيو تہ ڪاروءَ چيو، ”اڙي بس ڙي نبو، آهي ڇا پلا؟“

نبوءَ چڙي چڙٻ ڏيئي چيو، ”اڙي تون پاڻ ڪهڙو وڏاندرو آهين جو سيني کي ٿو مات ڪرائين!“

خدوءَ ڏک مان چيو، ”ڇڏ ڪٽي ڪارو، ڇري کي چوربو چئن گارين لاءِ. بيحيائي وڏي بادشاهي آهي. نڪو وڏي جو ادب نہ لحاظ.“

نبوءَ پنهنجو ٿوال ست ڏيئي ڪٽي اوطاق مان نڪرندي چيو، ”سائين طارق خان ڪونهي تہ سيئي وڏاندرا ساماٽا آهن.“

۽ ڪلهي تي رکيل ٿوال سان هنجون اگهندو ٻاهر نڪتو تہ ڪاروءَ کي بہ سندس ڏک ٿيو.

”خدوءَ کي بہ ٻيو ڪم ڪونهي پوءِ سدائين ڇرئي کي چوري ڪاٺ ڪلهي تي ڏيندو آهي.“

علوءَ چيو، ”تون ڪو گهٽ آهين، وچ ۾ لٻ لٻ ڪرڻ جو تہ ماهر آهين.“

حميد جي اچڻ تي سيئي ماٺ تي ويا. حميد اچڻ ساڻ چيو، ”علو، مون سان گڏ هل!“

”حاضر سائين.“

حميد گاڏي اسٽارٽ ڪئي تہ علو ڊوڙ ڪري گاڏيءَ ۾ وينو ۽ گاڏي هلي ويئي. خدوءَ کلي چيو، ”سائين حميد سان گاڏيءَ ۾ چڙهڻ لاءِ بہ وڏي استادي تي کپي. علو ٿو پڇي نہ تہ اسان منجهان ٻيو جيڪو بہ هجي منهن پر وجي ڪري.“

پاڳي هوڏانهن ئي ٻُتڪندي آئي، ”سائين طارق خان ڪونهي تہ اسان جا مغز بہ جاءِ تي ڪونهن.“

”ڇا هي ماسي؟“

”ابا، ڪا ناس ڪا ٻيڙي آڻي ڏينم.“
”ابي ماسي، هي هيڏا سارا ڏڳ ناس ٻيڙين جا سائين طارق خان آڻي ڏنا هئا اهي سڀ ختم ٿي ويا؟“
”ابا، سائينءَ ڪي ايندي ٻہ ٽہ ڏس ڏينهن ٿيا آهن. ڪو حساب ڪتاب بہ اٿو نہ رکو مانيءَ تي زور اٿوَ“ ياڳيءَ لڙڪ اگهندي چيو تہ ڪارو بہ ڦڪو ٿيو.
”هئو ماسي، الا سچ ٿي چوين.“
ڪارو ياڳيءَ کان پئسا وٺي هليو ويو ۽ ياڳي وري ائين ئي ٻُٽڪندي اندر گهر ۾ آئي.
”ايئن تہ اڻ گُهريو ماءُ بہ پٽ کي نٿي ڏارائي... هي بہ سيئي ٻختاور دَنگ دمائي وينا آهن. سيئي هڪ جهڙا ضدي. اسين مسڪين، ساهہ بہ اڌاري ڪٽون اهي ڪين ٿا سمجهايون، تن کي پڇي ڪير ٿو!“
نازوءَ نہ سمجهندي چيو، ”ڇا پيئي ڳالهائين ماسي!“
ياڳيءَ انتهائي مايوسيءَ مان چيو، ”امان، پنهنجن ياڳن کي ٿي پٽيان ٻيو ڇا!“
”الله الله ڪر ماسي، ڳالهائين ڪيئن ٿي؟“
”ڇا ٿي ڳالهايان امان، چوندا آهن نہ هڪڙن ڇٽيا ٻين کي وٺيا، ڪالهہ ويئي هيس جيجي حسن جان جي گهر، بيمار آهي گهڻو، ياءُ جي غم ۾ ڳري ڪندا ٿي ويئي آهي. الله ساجهہ ڏي سائين طارق خان کي...“
شهناز جي اچڻ تي ٻئي ماٺ ٿي ويون.
”حميد ڪيڏانهن ويو آهي ياڳي؟“
”جيجي، ٻاهر نڪري ويو آهي.“
اڪبر ايندي ساڻ چيو، ”ڇو امان، حميد ۾ ڪم اٿئي ڇا؟“
”نہ ابا، بس مڙيئي سڙيئي ڳاڏيون ڪٽيو الائي ڪيڏانهن ٿو نڪري وڃي.“
اڪبر بہ ڪنڌ هيٺ ڪري ماٺ هو. هوءَ ناديہ جي ڪمري ۾ آئي.

"امان، حميد ڪٿي آهي؟"

"گاڏي ڪٽي ويو آهي."

"بابا جي نہ اچڻ ڪري حميد هاڻي صفا چڙواڳ ٿي ويو آهي."

ماءُ ۾ نهاري چڙي چيائين، "امان، بابا کي گهر ۾ رهڻ تو نہ ڏنو..."

شهناز ڪيس حيرت مان نهاري چيو، "ڳالهائين ڪيئن پيئي ناديہ، مون ڇا ڪيو آهي، هو تہ شروع کان وٺي ايئن ئي رنن جي پنيان هو."

"ڏس امان، هاڻي اسين ننڍا ناهيون، سڀ ڪجهہ سمجهون، ٻڌون ۽ ڏسون ٿا. پر اجان جڏهن اسين ننڍا هئاسين تڏهن بہ تنهنجو بابا سان جهڳڙو لڳو پيو هوندو هو. بابا اجان گهر ۾ مس قدم رکندو هو تہ تون شروع ٿي ويندين هيئينءَ."

"نادو، آءٌ ماءُ آهيان تنهنجي..."

"خبر اٿم تہ ماءُ آهين، پر بابا سان يڪيون بيواجبيون ڪيون اٿئي!! هو ڪتان ڪتان ٿڪي ٽٽي گهر ايندو هو تہ تون ڪيس زالن جا طعنا ڏيندي هئينءَ! اهو بہ نہ ڏسندي هئينءَ تہ هو ڪيڏي ڏکي سفر تان موٽيو آهي ۽ پوءِ بابا ائين ئي ٽڪل ٽڪل پنهنجي ئي گهر مان نڪري ويندو هو. ڪڏهن پڦيءَ جي گهر تہ ڪڏهن ڪنهن جي گهر... باقي جان بيبي تہ وڏي حرامزادي آهي، ان تہ شروع کان وٺي بابا جي جند نہ ڇڏي نيٺ وٽس آئي ۽ هاڻي هوءَ ڪيس اسان ڏانهن اچڻ ئي نٿي ڏي..."

نازيہ اندر ڪمري ۾ اچي چيو، "ڪيترا ڏينهن ٿي ويا آهن بابا کي ڏسندي!"

۽ سندس اکيون پرجي آيون. روئندي چيائين، "آءٌ تہ بابا لاءِ ڏادي اڪندي آهيان."

اڪبر ڪمري ۾ آيو تہ نازو اکيون اگهي رهي هئي، "ڇا آهي نازيہ، روئين ڇو پيئي؟"

"ادا، نازيہ بابا کي ياد ڪري ٿي روئي!"

اڪبر اداسيءَ مان چيو، "پوءِ هلو بہ تہ نٿا نہ! هلو تہ گڏجي بابا ڏي هلون ۽ کيس جان بيبيءَ سميت وٺي اچون!!"

نادیہ چڙي دانهن ڪئي، ”مان هن گهر ۾ ڪڏهن بہ جان بيبي ڪي برداشت نہ ڪري سگهنديس!“

اڪبر ڪاوڙجي چيو، ”پوءِ بابا لاءِ روئو بہ نہ! هاڻي جان بيبي کان سواءِ بابا گهر نہ ايندو!“

شهناز ڇرڪي ٻارن ڪي ڏنو ۽ پنهنجي ڪمري ڏانهن هلي ويئي ۽ اچي پاڻ ڪي پلنگ تي اڇلايائين ۽ سوچن جي سچي ۽ ارڏي دنيا ۾ هلي ويئي. جڏهن کان طارق خان گهر نہ آيو هو سيني جي روين ۾ نرمي ۽ تبديلي اچي ويئي هئي. سواءِ نادیہ جي جيڪا ڪپر جيان هر وقت جان بيبيءَ لاءِ زهر مان ڀريل ۽ ڏنگڻ لاءِ تيار هوندي هئي. ۽ هن حميد ڪي بہ پاڻ سان شامل ڪيو هو جيڪو ڪائنس گهٽو ننڍو ۽ سندس اثر ۾ هو. شهناز ڪي طارق خان سان ڪيل بيواجبيون ۽ زيادتيون فلم جيان هڪ هڪ منظر اڳيان گذرڻ لڳيون. طارق خان جو ساڻس انتهائي پيار ۽ سندس هر فرمائش مرڪي پوري ڪرڻ، ويس وڳا، ڳهہ ڳٺا آڻي ۽ ڪيس زوريءَ پارائي ڏسي خوش ٿيڻ ۽ جتي ڪٿي ساڻ وٺي ويندي، گهمائيندي، ٿڪ ڏيندي سي ياد اچڻ لڳا ۽ هوءَ پاڻ ڪي اندر ئي اندر ۾ مياري مجڻ لڳي. ’واقعي مون ئي ڪيس سمجهي نہ ڄاتو ۽ سندس پنهنجو ئي گهر تپائي ڏنم، مان ئي ساڻس وڙهندي ۽ ڪيس ڇيڙائيندي هيس. مان ئي ڏوهي آهيان!!‘ کيس طارق خان جي خوبصورت شبيهہ سامهون اچي ويئي ۽ ياد آيس تہ هو گهر ۾ سدائين اداس ۽ اباڻڪو هوندو هو ۽ آءٌ غلط مطلب ڪڍندي هيس تہ هو گهر ۾ خوش نٿو رهي... هوءَ اٿي ڪمري کان ٻاهر آئي اڪبر کي چيائين، ”پٽ، اوهان جو پيءُ رٺل آهي، کيس پرچائي گهر آڻيو.“

اڪبر حيرانيءَ مان ماءُ ڪي تڪڻ لڳو، ”امان، آءٌ تہ ڀڪو اهوئي پيو چوان پر مون ڪي ڪير مڃي ئي نٿو!!“

”مائيءَ ڪي بہ وٺي اچو، مون ڪي ڪو اعتراض ڪونهي.“

نادیہ ڪاوڙ مان ويندي چيو، ”سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.“

”پوءِ پلي پيئي سڪ بابا لاءِ.“

”هلو هلو، آءٌ بہ اوهان سان گڏجي ٿي هلان.“

سيئي ماءُ ڪي حيرانيءَ مان ڏسڻ لڳا. نادیہ بہ دروازي تي بيهي رهي.

”ها، آءٌ بہ هلان ٿي.“ شهناز ڏک مان چيو تہ نازيہ بہ روئي چيو، ”امان، آءٌ بہ هلان ٿي.“
اڪبر چيو، ”ڪلهہ گل محمد آيو هو جنهن ٻڌايو تہ بابا جي طبيعت بہ سهي ناهي.“
سيئي چرڪي پيون، نازيہ، ناديہ جي هٿ ۾ جهلي چيو، ”نادو، ڪنهن سان ٿي ضد ڪرين بابا سان، چري آهين ڇا؟“
ناديہ ڪاوڙجي پنهنجو هٿ سٽ سان سندس هٿ مان ڇڏائي چيو، ”مون کي ٿي ايئن چوين مان توکان وڏي آهيان، منهنجو ادب ڪر، مان چري آهيان باقي تون پاڻ وڏي ساراتي آهين.“
شهناز چيو، ”نادو، ايڏو ضد ۾ ڪروڌ تنهنجي صحت لاءِ بہ نيڪ ناهي. توکي مون کان وڌيڪ جان بيبيءَ ڏک نہ ڏنو آهي! پر جڏهن آءٌ ٿي هلان تہ پوءِ تنهنجي نہ هلڻ جو تہ ٽُڪ ئي ڪونهي، بلڪہ اهميت ئي ناهي، تنهنجو پيءُ ڇا سوچيندو تہ نادو ٿي ڪيس مڃائي، هن کي دنيا مڃائي نہ سگهي تون ڇا آهين.“
شهناز کي طارق خان جي جيون ساٿي ٿيڻ وارو فخر مرڪائڻ ۾ جرڪائڻ لڳو.
اڪبر مرڪي چيو، ”نادو، ٻڌئي امان جو فيصلو، تو نازيءَ کي تہ دڙڪو ڏيئي دٻايو تہ، آءٌ وڏي آهيان مان تہ توکان وڏو آهيان پر تون جڏهن مون سان بي ادبي ڪندي آهين تڏهن ڀلا مون توکي ڪڏهن دٻايو يا ڇينڀيو؟“
شهناز اڪبر کي ٿڦڪي ڏيندي چيو، ”منهنجو پٽ تہ، پنهنجن لاءِ منو مصري، برف جا ڳڙا! آهي باقي ناديہ جي رڳن ۾ تہ رت بدلي زهر ٿو ڊوڙي!“ سيئي کلڻ لڳا. ناديہ ڊوڙ ڪري پنهنجي ڪمري ڏانهن هلي ويئي ۽ ويندي سان ڪمري جو دروازو وڏي نڪاءُ سان بند ڪيائين تہ هي ٺيئي ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا.

# باب پنجيتاليهون

طارق خان جڏهن کان فيصلي تان مهراب خان وارن سان ملي موٽيو هو تڏهن کان بيحد اداس رهڻ لڳو هو. سندس اندر ۾ پڇتاءَ جو ڪارو وات ڦاٽو بليڪ هول پاڻ ئي پاڻ جنم وٺي چڪو هو. جان بيبي مطمئن هئي تہ طارق خان، مهراب خان ۽ ستار سان ملي ۽ ساٽن ڪينڪاري آيو آهي ۽ انهن بہ ساٽس ڪينڪاريو آهي. هن الائي ڪيترا ڀيرا ڪائنس پڇيو، ”ادا مهراب خان ۽ ادا ستار تہ ڪليءَ دل سان مليا هئا نہ؟“

”اهي سڀ سنا آهن، عاليشان آهن. مان ئي غلط آهيان، مون کان ئي ڪوتاهيون ٿيون آهن.“

طارق خان جو اندر ايڏو تہ گهرو ۽ وسيع هو جو بليڪ هول سان گڏوگڏ سندس اندر جي هڪڙي پاسي اوچتو ئي اوچتو ڪورو پيدا ٿي ويو هو، جنهن ۾ تازيون ۽ پراڻيون ڳالهيون ۽ واقعا ڪانين ۽ ڪوئلن جيان ٻارڻ بنجي ٻرڻ لڳا هئا. جان بيبي پرسڪون هئي تہ طارق خان سندس پنهنجن سان ملي آيو آهي ۽ هاڻي سندس لاءِ بہ راهون کلي ويندیون ۽ ملڻ ناممڪن ناهي. . هوءَ دل ئي دل ۾ پنهنجن سان ملڻ جا ساهيا ڪرڻ لڳي. جبار تہ مونسان ڪڏهن بہ ڪونہ ڳالهائيندو، پوءِ بہ مان ڪيس ڏسي تہ سگهنديس. زهره ۽ افروز بہ ضرور ناراض هونديون... پر ڪين پرچائڻ وري ڪهڙو ڏکيو آهي! گشان ڪراچي ويئي هئي جنهن اچي ٻڌايو هو تہ، جبار ٻي شادي ڪري ڇڏي آهي ۽ طاهره روئندي ٻارن سميت ماءُ وٽ آئي هئي پر ستار وري بہ ڪين وٺي ويو هو. جان بيبيءَ سوچيو، جبار تہ طاهره تي فدا هو، هن تہ پيار جي شادي ڪئي هئي پوءِ ٻي شادي ڇو ڪيائين؟ ڪيئن ڪيائين؟ ضرور ذهن تي دٻاءُ هوندس. هاڻي تہ سندس ٻار بہ وڏا هوندا... طارق خان سندس چهري جو جائزو وٺي رهيو هو چيائين، ”ڇا آهي جان، ڪهڙين سوچن ۾

خيالن ۾ آهين، ضرور گهر جون سوچون هونديئي؟“
”جبار جي باري ۾ ٿي سوچيم!“
”موز کي خبر هئي تہ تون ضرور پنهنجي گهر پهچي ويئي هونديئينءَ!“
”واقعي، مان هينئر اتي هيس!“ سندس ذهن تي بيت هري آيو.

کنڌ لنگهيندي کاڻ، پيم پنهوارن سين،
اتي عبداللطيف چئي، رنو سڀ رهاڻ،
هن هيٺائيءَ هاڻ، منهن متانهون نہ کڻان.

سوچيائين، هيءُ بيت جي طارق خان کي ٻڌايان تہ ضرور کلي پوي ۽ چوي جي نہ تڏهن بہ سوچي ضرور تہ، ڪتي مارئي جيڪا پنهنجي لڄ بچائي مارن کاڻ تڙپندي رهي ۽ اُچي ڳاٽ وٽن ويئي ۽ ڪٿي آءٌ جيڪا مائٽن جا ڪنڌ جهڪائي ٽڪو ڏيئي آئي آهيان... باقي هڪڙي ڳالهہ ضرور مون ۽ مارئيءَ ۾ هڪجهڙي آهي تہ هوءَ بہ اباڻن لاءِ اڪنڊيل هئي تہ آءٌ بہ سڪيل آهيان. هوءَ شان سان ظاهري ڪين ياد ڪري ٿي سگهي ۽ مان طعنن جي خوف کان ڪين ڳجهہ ۾ ٿي سڏيان.
”جيجي وهنجڻ جو پاڻي تيار آهي!“ مديءَ اچي چيو.
جان بيبي اٿي ٻاهر آئي ۽ مدي سندس وار کولڻ لڳي. وار کوليندي مديءَ ٺهڪ ڏنو، ”جيجي، خبر اٿئي، متي ۾ اچا وار پئجي ويا اٿئي!“
”چا؟“
جان بيبيءَ کان دانهن نڪري ويئي، ”پوءِ هاڻي چا ٿيندو؟“
”فڪر جي ڪهڙي ڳالهہ آهي جيجي، هاڻي تہ اهڙا اهڙا خضاب آيا آهن جو بس ئي ناهي.“
”ڪير آڻيندو؟“
”آءٌ آڻينديس.“
طارق خان آهستي آهستي ٻاهر آيو هو ۽ سندن ڳالهيون ٻڌي رهيو هو. طارق خان جي آواز تي جان بيبي ڇرڪي پيئي ۽ مديءَ وات ڦاڙي ٺهڪ ڏنو. مديءَ جي ٺهڪ تي، گشان بہ ڊوڙي رڌڻي مان ٻاهر نڪتي ۽ کلندي وٽن آئي.

”مدي، ايڏو ٿهڪ ڇا تي ڏنو اٿئي؟“

مديءَ کيس سڄي ڳالھ ٻڌائي ته گشان حيرت مان چيو، ”ائي گهوڙا، جيجي جانل کي به اڇي اڇا پيا آهن! پَرِيَنَ (اڇن وارن) کي ڪٿي الله انڌو ڪري رلايو آهي. نه عمر ڏسن نه پيو...“

طارق خان چيو، ”ان ۾ حيرت جي ڪهڙي ڳالھ آهي، وقت به ته ڏسو، ڪيڏو گذريو آهي!“

”ها سائين، اها ته ڳالھ آهي.“

ٻاهرين گيٽ تي کڙڪو ٿيو، گشان گيٽ کوليو ته اڪبر، سجاد، حميد ۽ پويان ٽي برقعن واريون زالون اندر داخل ٿيون. طارق خان انهن کي ڏسنديئي اڳيان وڌيو. ٽيئي پٽ پاڪر پائي پيءُ سان مليا. ماڻ برقعن جا نقاب مٿي ڪنيا اهي شهناز، ناديه ۽ نازيه هيون، طارق خان مشڪي شهناز کي پليڪار ڏني ۽ پنهنجي ٻنهي ڌيئرن کي پاڪر ۾ ڀري سندن پيشانين تي چميون ڏنائين ته نازيه روئي ڏنو. جان بيبي هڪدم پنهنجا ڪليل وار پويان ڪري ڪٽ تان اٿي ۽ حيرت مان سيني کي ڏسڻ لڳي. طارق خان کلي چيو، ”جاني، اڇي منهنجي خاندان سان مل!“

جان بيبي سيني سان ملي، شهناز سان ملندي ئي هوءَ ڏڪي ويئي. شهناز چيو، ”ڏاڍو سنو ڪيئي، طارق خان کي اسان کان ڌار ڪري!“

اهو ٻڌنديئي جان بيبي بنا ڪنهن جي پرواھ ڪندي ته سيئي مايون ڏسن پيون ۽ اهي ئي دنيا ۾ ڳالهيون ڪنديون... نه ئي پنهنجي عزتدار گهراڻي ۽ پنهنجي محبوب ۽ باوقار شخصيت جي پرواھ ڪيائين، هوءَ هڪدم شهناز جي پيرن تي ڪري پيئي، ”مون کي معاف ڪر، آءٌ تنهنجي گناهگار آهيان، ڏوهي آهيان.“

طارق خان کان ڇرڪ نڪري ويو. شهناز جهڪي کيس مٿي ڪرڻ چاهيو، ان کان اڳ اڪبر هڪدم وڌي کيس اٿاريو. ناديه جيڪا جان بيبيءَ کي تيز تکي نظرن سان ڏسي رهي هئي ۽ حميد جيڪو ناراض پي لڳو اهي ٻئي اڪبر کي ايئن ڏسڻ لڳا ڄڻ چوندا هجن ته، پلي پيئي هجي پيرن ۾! اهوئي سندس مقام آهي.

جان بيبيءَ جي اکين مان جر جاري هو. طارق خان جو جڻ هانءُ ٿي منجهاميو، ڪيس خوش ڪرڻ لاءِ ڪلي چيائين، ”روئين ڇو ٿي جاني، هي سڀ تنهنجا پنهنجا آهن، ڏس، توسان ملڻ آيا آهن!“

حميد ۽ ناديہ بنا ڪنهن سوچ جي چيو، ”بابا، اسين اوهان لاءِ آيا آهيون.“

طارق خان ٺهڪ ڏيئي ڪين پاڪر پاتا، جڻ ماحول ڪي پاڻ جيان ئي خوبصورت ۽ خوشبودار بنائڻ چاهيائين.

”بيشڪ اوهين مون لاءِ آيا آهيو، پر مون سان گڏ جاني بہ تہ آهي آءٌ اڪيلو تہ ناهيان.“

اڪبر چيو، ”بابا، گهڻا ڏينهن ٿي ويا هئا اوهان کي اسان ڏانهن ايندي وري گلوءَ بڌايو تہ اوهان نيڪ ناهيو، تنهنڪري هليا آياسين.“

طارق خان سيني کي وني اندر آيو. اڪبر فڪر مان چيو، ”بابا، هاڻي اوهين ڪيئن آيو ۽ طبيعت ڇو خراب ٿي رهي؟“

طارق خان مشڪي چيو، ”پٽ، هاڻي اوهان جو پيءُ پوڙهو ٿي رهيو آهي!“

”ڪير ٿو چوي؟“

”آءٌ ٿو پاڻ چوان.“

حميد پنهنجي پيءُ جي مضبوط ڪسرتي بدن ڏي نهاري جذباتي ٿي چيو، ”بابا، اوهان اگر پوڙها آهيو تہ اهڙي پوڙهائپ سان هزارين جوانيون قربان.“

طارق خان ڪيس سڌي پنهنجي پر ۾ ويهاري چمي ڏيئي چيو، ”جنهن پيءُ جا سيئي بار جوان ٿي وڃن اهو پاڻ بہ جوان هوندو؟“

اڪبر چيو، ”بابا، واقعي بہ اوهان کي اچا وار هڪدم ئي پئجي ويا آهن ڇو؟“

”تڏهن ئي تہ چيو اٿر تہ هاڻي اوهان جو بابا پوڙهو ٿي ويو آهي.“

ناديہ جذباتي ٿي چيو، ”بابا، اوهان بار بار پاڻ کي پوڙهو ڇو ٿا چئو.“

طارق خان ڪلي جان بيبيءَ کي ڏنو جيڪا ڪائنس نهايت پري

وينل هئي، ”ٻڌين پيئي نہ جاني، منهنجي پيارن ٻچن جون پياريون ڳالهيون.“

جان بيبيءَ مشڪي پر ۾ وينل شهناز ڏي نهاريو جنهن جي اکين ۾ هن پنهنجي لاءِ نفرت بدران نرمي ڏٺي ۽ هوءَ ڇڻ مطمئن ٿي ويئي. رات جو سمهڻ مهل ڏار ڪمري ۾ ناديہ ماءُ سان وڙهي پيئي.

”چو امان، جان بيبيءَ کي معاف ڪيئي؟“

شهناز نرميءَ سان کيس سمجهائيندي چيو، ”ڏس نادو، مون گهر ۾ ئي اوهان سڀني کي سمجهايو هو تہ، اوهان جي پيءُ جو گهر کان ٻاهر رهڻ لاءِ ڪجهہ آءٌ بہ ذميوار آهيان ۽ ڪجهہ ڪجهہ قصور منهنجو بہ آهي ۽ جان بيبي تہ پنهنجي، سڄي ڪائنات ڇڏي آئي آهي.“

”ڏوڙ ڪائنات، غريب ۽ عام مير محمد کي ڇڏي، خوبصورت ۽ اهم بابا وٽ آئي آهي. ڪائنات وري ڪهڙي ڇڏي اٿس؟“

حميد چيو، ”ناديہ صحيح ٿي چوي امان.“

”آءٌ تہ ايئن ٿي چوان تہ عقل ڪري جان بيبيءَ کي بہ پاڻ سان گڏ پنهنجي گهر وني هلو تہ اوهان جو پيءُ بہ اوهان وٽ ايندو، نہ تہ پوءِ پنهنجي پيءُ لاءِ تڙپي تڙپي ايئن ئي پيا وتس ايندا جيئن هينئر آيا آهيو.“

”امان سهي ٿي چوي، باقي ناديہ کي تہ آهي رڳو وڙهڻو ۽ ڇڪ ڇڪان وارو ماحول پيدا ڪرڻو.“

اڪبر چڙي چيو تہ ناديہ ٻوٿ سڄائي ويهي رهي.

نازيہ کيس پاڪر پائي چيو، ”نادو، توکي بابا نٿو کپي؟“

”تون تہ ڇڏ، تومان اڃي ڦاٽا آهيون.“ ناديہ پاڻ منجهان نازيہ جو پاڪر ڪڍي چيو تہ طارق خان اندر ڪمري ۾ اچي چيو، ”نيڪ طرح سان سنل آهيو نہ؟“

طارق خان کي ڏسي سڀئي ادب مان اٿي وينا جيڪي مڙيئي سڙيئي ٽنگون هيڏانهن هوڏانهن ڪري ليٽيا پيا هئا.

اڪبر اٿي چيو، ”جي بابا، صحيح سنل آهيون.“

”هڪڙي ئي ڪمري ۾ ڇو اچي اُج مُج تي ستا آهيو، جاءِ سوڙهي تہ ناهي؟ حميد ۽ سجاد اچي مون سان منهنجي ڪمري ۾ گڏ سمهن!“

”بابا، اسين هتي نيڪ آهيون، ڪمرو وڏو آهي.“ ٻنهي جواب ڏنو. ٻارن ۽ شهناز جي موجودگيءَ ۾ طارق خان، جان بيبيءَ کان ڌار ستو.

صبح جو نيرن مهل جان بيبي انهن لاءِ وڏا اهتمام ڪيا ۽ پاڻ ئي سيني کي نيرن ڪرايو هئاسين. ناديہ کي خار پي آيا، ”اسان جي پيءُ جو ڪاڏو اسان کي ايئن تي ڪارائي ڇڻ سندس پيءُ جو آهي.“

ٻنپهرن جو ڪاڏو ڪائيندي ناديہ جو نظرون يڪيون جان بيبيءَ تي هيون جيڪا ٻڪر جو ڪوئيلن تي پڪل گوشت ۽ ڪڪڙ جون پڳيل ٻوٽيون ڪائي رهي هئي. ناديہ پر ۾ وينل حميد کي نونڻ هٽي جان بيبيءَ ڏانهن متوجهہ ڪيو تہ هو بہ جان بيبي کي ڏسڻ لڳو ۽ ٻئي هڪ ٻي ۾ نهاري مشڪڻ لڳا. ”هيءَ تہ ڪاڏي جي چِتي آهي.“

طارق خان جيڪو اڳ بہ گهٽو ڪاڏو ڪائڻ جي خلاف هو ۽ پنهنجي جسم کي صحيح رکڻ لاءِ صبح جو واڪ بہ ڪندو هو تہ مختلف ورزشون بہ ڪندو هو. هاڻي تہ هو اڳ کان بہ گهٽ ڪاڏو ڪائيندو هو. اهو ناديہ ۽ حميد ۾ اڻ لکي نموني نهاري مشڪي رهيو هو، جيڪي هڪ ٻي ۾ نهاري رهيا هئا ۽ جن کي تصور بہ نہ هو تہ ڪين طارق خان ڏسي رهيو آهي. طارق خان سوچيو، ’هي تہ ٻار آهن انهن کي ڪهڙي خبر تہ جانيءَ جو سڄو خاندان ڪاڏي مهل ايئن ئي انڌو اونڌو آهي.‘ ڪيس پراڻي ڳالهہ ياد آئي، جڏهن هن حلوائيءَ کان خاص آرڊر ڏيئي تڏي جيڏو حلوو نهرائي حمل خان ۽ امير بيبي ڏانهن آندو هو تہ حلوو ڏسي هو ايڏو تہ هٻڇ ۾ اچي ويا هئا جو هرڪو پاڻ لاءِ ڌار ڌار ڪٽي وڃڻ لڳو! ۽ طارق خان لطف اندوز ٿي رهيو هو ۽ ٺهڪ ڏيئي چيو، هي تہ مون اوهان لاءِ آندو آهي!! طارق خان انهيءَ سوچ ۾ هو تہ ناديہ چيو، ”بابا، ڪاڏي مان جلدي هٿ ڪڍي ڇڏيو اٿوَ، جان بيبيءَ جو ساٿ تہ ڏيو.“

حميد ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳو ته اڪبر ڪين اکين ئي اکين ۾ چيڻ لڳو. نازيه ۽ سجاد خاموشيءَ سان ڪاڏو ڪائي رهيا هئا. شهناز طارق خان ۾ فڪر مان نهاري رهي هئي جيڪو ڪيس اڳ کان ڪمزور لڳي رهيو هو. سوچيائين، 'مون ئي ساڻس بيواجبيون ڪيون آهن، هاڻي جي هو خوش آهي ته آءٌ سندس خوشين جي وچ ۾ نه پونديس، هو جيئن به جنهن ۾ به خوش آهي، خوش رهي، باقي خدا ڪري ته منهنجا ٻچا به منهنجو ساٿ ڏين'. ٻي صبح جو سيني طارق خان کي جان بيبيءَ سميت گهر هلڻ لاءِ چيو ته طارق خان ٽاري ڇڏيو، "مان سياڻي اوهان وٽ ايندس."

اڪبر چيو، "بابا، جان بيبي کي به وني اچجين."

ڏينهن، جي مانيءَ کان پوءِ هو سيئي ڪراچي هليا ويا ته جان بيبيءَ مشڪي چيو، "تنهنجا ٻار ڏاڍا تيز آهن."

"نادية ۽ حميد نه، ۽ آءٌ توکي انهن کان ئي بچائڻ خاطر اوڏانهن وني نٿو وڃان هاڻي ته بس."

"پوءِ چاهي، منهنجا به ٻچا آهن، باقي الله حياتي ڏي اڪبر کي ان جو ته ڪوبه مٽ ڪونهي، ويندي ويندي به مون کي چيائين ته سياڻي بابا سان گڏ اوهين به اچجو."

"ها، اڪبر کي ته منهُنجو به ڏاڍو خيال آهي. ور ور ڪري ٿي پڇيائين، ته بابا ايترو ڪمزور ڇو ٿي ويا آهيو."

جان بيبيءَ انگل ڪندي چيو، "سچ ته چوي ٿو. تو به ته پنهنجو ڪاڏو هاڻي صفا گهٽائي ڇڏيو آهي."

"پورو ته ڪائيندو آهيان."

گشان اچي چيو، "سائين، اوهان جو ڊاڪٽر دوست آيو آهي."

طارق خان اٿيو ته جان بيبيءَ چيو، "توکي جيڪا به تڪليف هجي اها ڪيس ضرور ٻڌائجانءِ، مون کي ته نٿو ٻڌائين صفا!"

"هو پاڻ به شايد ان لاءِ آيو هوندو!"

اوطاق ۾ ڊاڪٽر نثار ساڻس ملندي چيو، "ڪهڙي تڪليف اٿئي يار، ڪمزور پيو لڳين؟"

"مون سان پيار ڪرڻ وارو هر ماڻهو اهوئي ٿو سوال ڪري.

مان پاڻ بہ تہ پاڻ کي آرسيءَ ۾ ڏسندو آهيان. اتي تہ ڪل خير آهي."

"ان جي پاڻهي خبر پئجي ويندي چيڪ اپ ۾ تہ ڪل خير آهي يا..."

بئي ٺهڪ ڏيئي کلي پيا.

"يار هڪڙو مسئلو آهي تہ، هاڻي مٺي ۾ سور اڪثر رهي ٿو!"

چانهہ وغيره پيئڻ کان پوءِ بي پي چيڪ ڪندي ڊاڪٽر پريشان ٿي چيو، "طارق خان، تنهنجو بي پي تمام گهڻو وڌيل آهي، ڪنٽرول ڇو نٿو ڪرين؟"

"مون تہ يار، هاڻي بيضا، مکڻ، لوڻ سڀ ڪائڻ ڇڏي ڏنا آهن..."

"اهو تہ درست، پر دوا وغيره کائڻ بہ ضروري آهي."

"ٺيڪ آهي، اسين تنهنجي حڪم کان ٻاهر نہ ويندا سين."

"ءِ ها، سفر بہ ڏکيا ۽ ڊگها ناهن ڪرڻا، جن جي ڪري ٽينشن وغيره ٿيندو آهي."

"اهي تہ اسان جي پنهنجي وس ۾ ئي ناهن نثار يار، دوستن جا پيغام ايندا آهن جن کي ٽارڻ ۽ رد ڪرڻ اختيار ۾ ئي ناهي هوندو. گاڏيءَ جي ڊرائيونگ سيٽ تي ويهون ٿا تہ گاڏيءَ پاڻهي دوستن ڏانهن ڊوڙڻ لڳندي آهي."

"نہ نہ طارق خان، هاڻي ايئن ٿيڻ نہ گهرجي... آرام ضروري آهي نهايت. جيئن چوندا آهن تہ چنگيز خان جي سڄي زندگي گهوڙي جي پنين تي گذري آهي، تيئن مان بہ ڄاڻان ٿو تہ تنهنجي سڄي زندگي گاڏيءَ جي ڊرائيونگ سيٽ تي گذري آهي پر هاڻي گاڏيءَ کي بہ اوهان سان پيار ڪرڻ کپي نہ تہ آءٌ ڪي ماڻهو مقرر ڪري ڏيندس جيڪي تنهنجي گاڏين ۾ ڪانہ ڪا خرابي ڪندا رهن..."

طارق خان ٺهڪ ڏيئي چيو، "نہ يار، اهو ظلم نہ ڪجانءِ، باقي اوهان جي چوڻ تي پنڌ ڪرڻ جي ڪوشش ضرور ڪندس!"

ماني کائڻ کان پوءِ ڊاڪٽر نثار ڪائنس موڪلائيندي چيو، "سڀاڻي آءٌ وري بہ ايندس دوائون وغيره کڻي."

۽ هو پنهنجي نيري رنگ جي پجيرو ۾ هليو ويو ۽ طارق خان اندر گهر ڏانهن ويو ته صالوءَ ڊاڪٽر نثار کي ويندي ڏسي چيو، ”گلو، ڊاڪٽر جي پجيرو ڏني اٿئي؟“

”ها، ڏني اٿم. پر توکي اها خبر آهي ته ڊاڪٽر کي اها پجيرو سائين طارق خان ڏني آهي.“

”هان، الا، ڪيڏي ڙي شاندار گاڏي آهي. صفا جهڙي هوائي جهاز... اڙي سائين طارق خان اهڙي گاڏي چو ڏني؟“

گل محمد زورائتو ٺهڪ ڏيئي چيو، ”سچ چيو اٿن ته، ڏي ڏاتار... ڦاٽي پاندار جي...“

”منهنجي... کهڙي ٿي ڦاٽي، تون ڙي گلو، هميشه مون کي گاريون ٿو ڏين.“

”هينئر ته تو پاڻ کي پاڻ گار ڏني آهي.“

”تون ئي ته گاريون ڏيندو ۽ ڏياريندو آهين نه.“

”تون به ته ٺٺ ڦوس تي ڏمرجيو ٿو پوين نه؟“

”اها ٺٺ ڦس آهي؟“

”يار، پنهنجا پاڻ ۾ آهيون، سهين ٿو تڏهن ٿو آءٌ به پوڳ مشڪرا ڪريان، نه سهندي ته نهيو.“

صالو رسامو وساري کلڻ لڳو.

## باب چائيتاليهون

جان بيبيءَ جي دل ۾ الائي ڇو اها ڳالھ پڳل ريڪارڊ جي سئيءَ جيان اٽڪي پيئي هئي ته جي هوءَ طارق خان جي، گهر ۾ سندس زال ۽ ٻارن سان رهي پوندي ته ڪيس طارق خان جي زال جو رتبو ملي ويندو ۽ لفظ "پاڇوڪڙ" جيڪو سندس مٿي ني کهري وڏي پوتي جيان پاٿل، ويڙهيل هو. جيڪو هيڏي وڏي وقت جي طوفانن ۾ به ذرو سرڪي نه سگهيو هو اهو ليڙون ليڙون ٿي ايئن رک ٿي ويندو جيئن "پُرزُ" ڇٽنگ تي ٿيندو آهي. ۽ دنيا اڳيان عزت بحال ٿيڻ ۾ ويرم ئي نه لڳندي ۽ ويل وقت جو ازالو ٿي ويندو. هتي رهندي ڪيس ائين محسوس ٿيندو هو ڄڻ هوءَ مهذب ذاڙيل هجي ۽ طارق خان جو قيمتي وجود ۽ اٿملھ پيار چورائي ڪاٽ هٽي ڪٽي آئي آهي. جنهن ڪي دنيا اڳيان پڌرو ڪندي ڊپ ۽ لڄ ٿيندي هجي. پر جي هوءَ ڪراچي واري گهر ۾ سندس زال ۽ ٻارن سان گڏ رهندي ته ساڳيو طارق خان جو وجود ۽ پيار سندس ايئن ئي پنهنجو هوندو جيئن هوءَ سمجهڻ چاهيندي هئي.

"هاڻي ته ڪو مسئلو ئي ڪونهي. هاڻي ته هو پاڻ چئي ويا آهن ته هُتي اچي رهو، پوءِ پلا تون مون ڪي اوڏانهن وني ڇو نٿو وڃين؟"

رات جو طارق خان سان گڏ سمهندي جان بيبيءَ انگل ڪيو ته طارق خان اداسيءَ مان چيو، "تون نٿي سمجهين جان، ايئن ناهي جيئن تون سمجهين ٿي. اتي رهڻ تولاءِ ڏکيو ٿي پوندو!"

"پلي ڏکيو ٿئي، آءٌ سڀ برداشت ڪنديس. بس مون ڪي اوڏانهن وني هل."

"اتي سڪندر خان ۽ ادي به آهن. ماسي نور بيبي ۽ مير محمد به آهن. تون پاڻ سوچ، اتي رهندي سٺا لڳنداسين؟"

جان بيبي چڙڪي پيئي. هوءَ سڀ ڪجھ وساري ويني هئي.

چڻ طارق خان کيس ڪراچيءَ مان ڇڄ وٺي اچي شادي ڪري وٺي آيو هو.

”تون نڪاح به ته نٿو ڪرين نه؟“

”مون پڇا ڪرائي آهي، مير محمد طلاق نٿو ڏي.“

”هن جي طلاق نه ڏيڻ سان سڄي زندگي طلاق نه ٿيندي؟“

”ٿيندي.“

”ڪيئن؟“

”ڪورٽ مان حاصل ڪبي. ڇئو ته ڪورٽ وڃان؟“

”نه نه هرگز نه، آءٌ توکي ڪڏهن به پنهنجي حوالي سان دنيا جي اڳيان نه آڻيندس.“

طارق خان کيس ياڪرن ۾ پري ڇيو،”هتي پلا توکي ڪهڙو ڏک آهي؟“

جان بيبي کيس حيرت مان ڏسي ڇيو، ”تون ڪهڙي ڏک جي ڳالهه ٿو ڪرين، تون جي مون سان گڏ آهين ته مان باهين ۽ ٿاندن جا سمنڊ اورانگهي دوزخ ۾ هلڻ لاءِ به تيار آهيان. هينئر ته آءٌ جنت ۾ آهيان پر تنهنجي لاءِ ته مان سڀ ڪجهه برداشت ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“

”اهو ته سڀ سهي، پر حقيقت اها آهي ته تون منهنجي زال ۽ ٻارن سان گڏ رهي نه سگهندينءَ!“

”چو، ڇو نه رهي سگهنديس، مان جڏهن نه وڙهنديس ته هو مون سان ڇو وڙهندا، جيڪي هتي اچي مون کي ڇئي ويا آهن ته هُتي اچي اسان سان گڏ رهه.“

”تنهنجي مرضي آهي باقي آءٌ راضي ناهيان.“

”تون پلي راضي نه هج، مون کي وٺي هل.“ جان بيبي چاڳ ڪيو.

”جيڪا تنهنجي مرضي، آءٌ ته پنهنجي دل جي اڳيان مجبور آهيان ۽ اهو تون به ڄاڻين ٿي تڏهن ته مون تي ايڏا پريشر وجهين ٿي.“

طارق خان مشڪي سندس منهن ۾ نهاريو جيڪا خيالن ئي

خيالن ۾ طارق خان جي گهر پهچي ويئي هئي ۽ گهر جي ايوانن ۾ گهمندي، ڦرندي، اڏندي، ڪڏندي رهي هئي. سوچن ۾ هوءَ ايڏي تہ معصوم ۽ پياري لڳي رهي هئي جو طارق خان بس ڪيس ڏسندو ئي رهيو. ٻئي ڄڻ تہ محو هئا. دروازي جي ٻاهران گشان ۽ مديءَ جي ٺهڪن تي ڄڻ ٻئي سجاڳ ٿيا.

”چاهي؟“

”سائين، چانهہ آندي اٿئون.“

”هينئر؟“

”جيجيءَ فرمائش ڪئي هئي.“

”اڇو.“

ٻئي چانهہ جي ٽري کڻي اندر ڪمري ۾ آيون.

”سائين، يڪي ماٺ هئي.“

”گشان، پنهنجي جيجيءَ جون ڳالهيون ٻڌيون تئي؟“

”جي سائين، ڪهڙيون؟“

گشان ۽ مدي چانهہ رکي هيٺ پلٿي ماري ويٺيون.

”يڪو ضد اٿس تہ ڪراچي هلون.“

”سائين، ناراض نہ ٿيو تہ هڪڙي ڳالهہ چوان.“

”اوهين ٻئي وڏيون حرامڙيون آهيو. ڪڏهن بہ اهڙي ڳالهہ نہ ڪنديون آهيو جنهن تي ماڻهو ناراض ٿي پوي.“

”پوءِ بہ سائين...“

”دير نہ ڪر گشي حرامڙي چئو.“

”سائين، آءٌ ايڏانهن جيجيءَ جي رهڻ ۾ راضي ناهيان.“

طارق خان وڏو جاندار ٺهڪ ڏنو تہ جان بيبيءَ يوڳ مان گشان کي پوندو ڏيندي چيو، ”لک لعنت هجئي گشي، پنهنجي سائين کي خوش ڪرڻ لاءِ ٿي ايئن چوين.“

”نہ الا جيجي، آءٌ پنهنجي دل جي ڳالهہ ٿي ڪريان.“

”۽ مدي، تون.“

”آءٌ بہ جيجي، گشان واري ڳالهہ ڪنديس.“

”جمهوريت جي اهائي تقاضا آهي تہ بہ ووٽ هئا جيڪي ٻئي

مون کي مليا هاڻي تون سچي سياستدان وانگر پنهنجي شڪست مڃي ويهي رهه!“

طارق خان ڪلي چيو ته جان بيبي يوڳ مان ناراض ٿي ويهي رهي.

”سياڻي ڀٽ شاهه هلنداسين.“

”مان ته الا سچي به ڏمرجي پيئي هيس پر هاڻي مرشد جي نانءُ تي سيئي رساما ختم.“ جان بيبي ٽڙي پيئي. طارق خان ٽهڪ ڏيئي چيو، ”مون تنهنجي نَس لڌي آهي.“

”تو منهنجون سيئي نسون لڌيون آهن.“

سيئي ڪلڻ لڳا.

”سياڻي سويل هتان نڪرڻو آهي. چو جو واپسي به سياڻي ئي ٿيندي.“

”آءٌ اتي راڳ ٻڌڻ ٿي چاهيان.“

”نه، مان توسان گڏ اتي رات رهي نٿو سگهان، اتي سيئي دوست ۽ سڃاتل آهن. نه ته اڳ هر جمعي جي رات آءٌ لطيف بادشاهه جي دربار ۾ راڳ ٻڌندي گذاريندو هئس، پر هاڻي نه... گشان ۽ مدي، ٻئي ٻڌي وٺو، ٻانگن مهل هتان نڪري وڃڻو آهي.“

”جي سائين.“

صبح جو سويل هو نڪتا ته ٻن ادائي ڪلاڪن ۾ ڀٽ شاهه پهچي ويا. ’ڪوڙين ڪن سلام، اڇي اڳڻ ان جي...‘ سچو ڏينهن اتي رهيا. جان بيبي شاهه جي روضي تي اچي جذباتي ٿي پيئي. لڙڪ اصل جهل ئي نه پيا ڏين. جڻ لطيف سندس اڳيان وينو سندس محبتن مان محظوظ ٿي رهيو هجي هوءَ سندس ڪٽهري کي ايئن چميون ڏيئي رهي هئي جڻ اهي لطيف جا هٿ پير هجن. شام جو جڏهن طارق خان سندس ويجهو اچي وينو ته هن اکيون بند ڪري لطيف کي ٻاڏايو، ”مرشد، هي جيڪو مون سان گڏ باوقار مڪمل مرد وينو آهي ان جو محبتون سدائين منهنجي لاءِ وقف ڪجانءِ.“

”جاني، هاڻي هلو دير پئي ٿئي.“

جان بيبي چرڪي پيئي، ”اجان ٿوري دير ويهان ٿي!“ هن جڻ منٿ ڪئي.

”ڄاڻان ٿو، توکي به مون وانگيان لطيف مان ڍئو نه ٿيندو. وري انشاءَالله تڪڙو ئي ايندا سين.“

جان بيبي جي دل لطيف اڳيان پنهنجن محبتن کي رنگ رنگ جا ويس پارائي ڪيس ريبڻ ۽ ريجهائڻ لڳي. لطيف ته بس رڳو سندس حسين صورت ۾ نهاريندو ۽ مشڪندو رهيو. هو پاڻ به ته حسن جو شيدائي هو:

ڪٽي نيڻ خمار مان، جان ڪيائين ناز نظر،
سورج شاخون جهڪيون، ڪوماڻو قمر،
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ديکيندي دلبر،
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين.

۽ حسين جان بيبيءَ جي روشن دل جي گهرجن کي ڄڻ تسلي ڏيڻ لڳو:

مر ته آئين مڱڻا، مامَ پروڙي مون،
جيڪا ڳالهه ڳالهائين، سا سڀ سمجهيسون،
تنهن ۾ تسح تون، جيڪي پويئي پٽ ۾.

جان بيبيءَ جي دل لطيف جي پيرن ۾ چنبڙي پيئي. پر پنهنجي محبوب جي سڏ جي ورندي ڏيڻ به ته سندس بي اختيار دل جو فرض هو. تنهن هڪدم لطيف جي پيرن منجهان پنهنجا هٿ ڪڍيا ۽ ڪنهري جي چوڦير طواف ڪري چميون ڏيئي ٻاهر نڪتي.

”شاهه حبيب جي روضي تي هلين ٿي؟“

هوءَ ڄڻ چرڪي پيئي، ”ضرور، مرشد جي پيءُ کي سلام نه ڪرڻ به ته...“

هوءَ سڌي شاهه حبيب جي مرقد تي آئي، فاتحه پڙهي ٻاهر نڪتي ۽ سيني قبرن تي لڳل ڪتبا ۽ لکيل تحريرون پڙهڻ لڳي. غلام شاهه ۽ نور محمد شاهه ٻئي مرشد لطيف جا عاشق سريلا راڳي پر هي ڇا؟ جان بيبي چرڪي بيهي رهي.

”هيءُ نور محمد شاه جي قبر تي لکيل شاه جو بيت تہ غلط لکيل آهي...“

۽ ٻئي مشڪي لطيف جو بيت جهونگاري ان بيت کي غلط لکڻ وارن جي مذمت ڪرڻ لڳا ۽ سندن دليون گڏ اُچارڻ لڳيون:

پاٽيءَ متي جهوپڙا، مورک اچ مرن،
ساهان اوڏو سپرين، لوچي تان نہ لهن،
دم نہ سڃاڻن، ڏانهون ڪن منين جيئن.

گهر پهتا تہ جان بيبيءَ جي ذهن تي رڳو لطيف ئي لطيف هو، هوءَ اهو سوچي مشڪي پيئي تہ جي طارق خان کي منهنجي لطيف سان ايڏي شديد محبت جي خبر پوي تہ هو جيڪر مون کي ڪاري ڪري ماري وجهي!!

طارق خان هر هفتي ڪتي نہ ڪتي جان بيبيءَ کي گهمائڻ وٺي ويندو هو ۽ واپسي ۾ سندس پسند ۽ وڻند تي ڀرپور شاپنگ وغيره بہ ڪرائي ايندو هو. طارق خان سان گڏ انتهائي خوش رهندي ۽ پنهنجي مرضيءَ واري زندگي گذاريندي جان بيبي ڪجھ ڪجھ ٿلهي ٿي ويئي هئي، جنهن ڪري هوءَ وڌيڪ خوبصورت ۽ باوقار لڳندي هئي. سندس هلڻ اڳ کان بہ وڌيڪ طارق خان کي وڻڻ لڳو هو. هوءَ هلندي هلڪو لوڏو ڏيندي هئي تہ طارق خان کي لڳندو هو ڄڻ ڪائنات لڏي ۽ جهومي رهي آهي:

آئين جا لڏو لوڏ، ايءَ پَر گهاتوئڙن جي...

اڪبر ۽ حميد پيءُ سان ملڻ آيا هئا. حميد کلي چيو، ”بابا، اهو ڪهڙو سبب آهي جو اوهان پيا ڪمزور ٿيو ۽ جان بيبي پيئي ٿلهي ٿيندي وڃي.“

طارق خان ٿهڪ ڏيئي جان بيبي کي ڏٺو، جنهن جي چهري جو رنگ بدلجي ويو هو.

اڪبر پيءُ ۾ نهاري فڪر مان چيو، ”واقعي بابا، اوهين مسلسل پيا ڪمزور ٿيندا وڃو ڇو؟“

”اڙي اڙي يار، مون کي ڊيجاريو تہ نہ.“

سيئي کلڻ لڳا. حميد فخر مان چيو، ”ڪير ماءُ جو لال اوهان

ڪي ڊيڄارڻ جي جرئت ڪندو. سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.“

صبح جو اڪبر ۽ حميد طارق خان ڪي پاڻ سان گڏ هلڻ جو چيو ته طارق خان چيو، ”آءٌ اتي رات نٿو رهي سگهان. جاني هتي اڪيلي ٿيندي.“

”بابا، ٻئي گڏجي اسان ٻان هلو نه!“

”نه، اڪبر يار، آءٌ هينئر اوهان سان گڏ هلان ٿو پر رات جو موٽي ايندس.“

طارق خان اندر ڪمري ۾ آيو ته جان بيبي سندس پويان هلي آئي، انهري انهري ۽ اداس، ”آءٌ ٿلهي آهيان؟“

طارق خان ڪيس هٿ ۾ جهليو ته هن هٿ ڇڏائي چيو، ”مون کي ڇو نٿو وٺي وڃين؟“

طارق خان وري به ڪيس هٿ ۾ جهلي پاڻ ڏانهن سٽ ڏيندي چيو، ”تون هيڏانهن ته اچ موٽو، ڊبل روٽو.“

ٻئي ٽهڪ ڏيئي کلي پيا ۽ جان بيبي ”نا“ ڪري سندس سيني سان لڳي ويئي.

طارق خان پنهنجي ٻنهي پٽن سان گڏجي ڪراچي هليو ويو. رات جو دير سان آيو. صبح جو سندس ڪي دوست شڪار جو پروگرام بنائي آيا. طارق خان جان بيبي کي چيو، ”متي ۾ سور اٿم، پر دوستن کي جواب ڪيئن ڏيان!“

۽ هو ساڻن گڏ شڪار ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. ٻنپهرن جو هو سيئي تڪڙا واپس آيا طارق خان جي طبيعت نيڪ نه هئي. ڪيس متي ۾ سور وڌي رهيو هو. دوستن چيو، ”اسپتال ٿا هلون، ڪراچي...“

طارق خان جي حالت ڏسي جان بيبي به ساڻس گڏجي اسپتال آئي. ڊاڪٽرن چيو، ”بي پي گهٽو وڌيل آهي، ڪيس ايڊمٽ ڪريو، نه ته فاليج ٿيڻ جو خطرو آهي!!“

دوستن ڪيس اسپتال ۾ ايڊمٽ ڪيو، جان بيبي ساڻس گڏ اسپتال ۾ رهي ۽ سندس دوست گهر اطلاع ڏيڻ ويا. ٿوري ئي دير ۾ طارق خان جا ٽيئي پٽ ۽ سڪندر خان پنهنجي ٻن وڏن پٽن

تنوير ۽ منير سان گڏ پهچي ويا. ان دوران طارق خان جي طبيعت نيڪ ٿي ويئي هئي. سڪندر خان، طارق خان جو هٿ پنهنجي هٿن ۾ جهلي چيو، ”فڪر جي ڪا ڳالهہ ناهي. بلڊپريشر ڪجهہ وڌيل هو. ٻيو مڙيئي خير آهي.“

طارق خان سندس هٿن مٿان پنهنجو هٿ رکي چيو، ”اڪبر، سجاد ۽ حميد ڏاڍا پريشان آهن.“

منير ۽ تنوير اڳيان وڌي چيو، ”ماما، اسين آهيون نہ.“

جان بيبي جي ڪنهن کي بہ پرواهہ نہ هئي. جڏهن طارق خان جو فڪر گهٽ ٿيو تہ سڪندر خان جان بيبيءَ کي تسلي ڏني تہ سندس لڙڪ ڪري پيا. سڪندر خان کلي چيو، ”ادي، الله سڀ خير ڪيو آهي.“

حميد دل ۾ چيو، ”اسان جي خاندان جون عورتون ڪٿي ٿيون مردن سان گڏ ٽڪن! هن کي تہ بابا ايڏي چوٽ ڏني آهي جو... بابا جا دوست بہ تہ ڪيس ڏسڻ ايندا ۽ هيءَ....

”جانيءَ اڃان تائين ڪجهہ بہ نہ کاڌو آهي، شام ٿيڻ واري آهي.“

طارق خان جا لفظ ٻڌي جان بيبي چلڪي پيئي، ”نہ نہ... مون کي ذري بہ بک ناهي...“

سڪندر خان هڪدم کاڌو گهرايو، طارق خان مشڪي چيو، ”صبح کان وٺي ڪجهہ بہ نہ کاڌو اٿئي. هاڻي تہ مان نيڪ آهيان، هاڻي تہ کاءُ... رات پيئي ٿئي.“

طارق خان جو پيار پسي وڏيڪ روئڻ لڳي تہ سڪندر خان چيو، ”ادي، ايئن تنهنجي روئڻ تي طارق خان تي پريشر پوندو. مهرباني ڪري هڪ بہ گرهہ جيڪي بہ وٺن کاءُ تہ طارق خان کي بہ آرام اچي.“

هوءَ سڪندر خان جو چيو مڃي کاڌو کائڻ لڳي. حميد جون تيز نظرون کيس گهوري رهيون هيون، ’بابا جي ڏک تہ ماري ڇڏيو اٿس، ڪيئن نہ پيئي ڀرپور نموني کاڌو کائي.‘

هفتي کان پوءِ طارق خان کي جڏهن اسپتال مان ڊسچارج

ڪيائون تہ سڪندر خان ۽ اڪبر ڪيس جان بيبيءَ سميت سندس ڪراچيءَ واري گهر ۾ وٺي آيا. طارق خان کي سندس ڪمري ۾ سمهاري جڏهن جان بيبيءَ لاءِ ڌار ڪمرو تيار ڪيائون تہ طارق خان چيو، ”جاني پلي منهنجي ڪمري ۾ مون سان گڏ هجي!“

سڀئي خاموش ٿي ويا. گهر ۾ اچي طارق خان جي حالت وڌيڪ سڌري رهي هئي. حسن جان هر روز پاءُ کي ڏسڻ ايندي هئي پر جان بيبيءَ سان سندس رويو نيڪ نہ هو. هوءَ شروع کان وٺي ڪيس ڏوهي سمجهندي آئي هئي، جنهن سندس پياري پاءُ کي ڪائنس ۽ ٻارن کان ڌار ڪيو. حسن جان پنهنجي ٻنهي وڏن پٽن منير ۽ تنوير جي نالي طارق خان جون ٻئي ڌيئون ناديہ ۽ نازيہ ڪيون هيون، ۽ سندس وڏي ڌيءَ انيلا اڪبر جي نانءُ هئي. هاڻي تہ سڀئي ٻار جوان هئا. منير ايڊووڪيٽ هو ۽ تنوير ڊاڪٽر. حسن جان جڏهن بہ طارق خان سان ٻارن جي شادين جي ڳالهہ ڪندي هئي تہ هو ڪيس هميشہ اهوئي جواب ڏيندو هو، ”ٿورو واندو ٿيان تہ پوءِ...“

۽ شادين ۾ وڏي رڪاوٽ شهناز پاڻ بہ هئي، جنهن پنهنجي پيڻ مهناز سان گڏجڻ ٿي چاهيو. ان چڪوچڪ ۾ ٻار وڏا ٿي ويا هئا پر حسن جان ان جو ذميوار جان بيبي کي سمجهندي هئي. جنهن طارق خان کي هڪ هنڌ ويهڻ ئي نٿي ڏنو. هڪ ڏينهن طارق خان دستور موجب ڊاڪٽر ڏانهن ويل هو، جان بيبي ۽ حسن جان طارق خان جي ڪمري ۾ ويٺل هيون.

حسن جان چيو،”ادا کي الله وڏي حياتي ڏي، هاڻي نيڪ آهي ۽ آءٌ چاهيان ٿي تہ هاڻي ٻارن جون شاديون ڪريون.“

”پلي ادي، پر منهنجو خيال آهي تہ اجان پلي نيڪ ٿئي پوءِ... متان وري...“

حسن جان کي الائي ڇو چڙ اچي ويئي. ”معتبر گهراڻن جون معتبر عورتون پنهنجي مائٽن ۽ مڙسن جا گهر آباد ڪنديون آهن. نہ ڪي برباد ۽ تون....“

شهناز جي اچڻ تي حسن جان ماٺ ٿي ويئي ۽ اٿندي چيائين،

”ادا الائي ڪيڏيءَ مهل اچي آءٌ هاڻي گهر تي وڃان!“
حسن جان هلي ويئي تہ شهناز چيو، ”تون ماني ڪيڏيءَ مهل کائيندينءِ؟“
”پلي هو اچن.“
”هو الائي دير ڪن يا ڇا، اسپتال جي ڳالهہ آهي. هينئر تي پيا تين تون ماني کاءُ.“
جان بيبي ماٺ هئي. شهناز اٿي ويئي ۽ سندس لاءِ پاڻ مانيءَ جي ٿري کڻي آئي، جان بيبي ڪيس پاڻ لاءِ ماني آڻيندي ڏسي حيرت مان اٿي ۽ ڪائنس ٿري ورتي، ”ادي، اوهان تڪليف ڇو ڪئي؟“
”ڪا ڳالهہ ناهي.“
شهناز ڪمري کان ٻاهر نڪتي تہ ناديہ چيو، ”امان، تون تہ اسان کي تي خوار ڪرين، ڪهڙي ضرورت هئي پاڻ ٿري کڻي وڃڻ جي؟“
”ڏس نادو، اوهان جو پيءُ گهر ۾ آهي تہ ڪيڏي رونق ۽ سوجهرو آهي ۽ هو هتي تڏهن آيو آهي جڏهن جاني آئي آهي. جاني جي هتي نہ رهي تہ هو ڪڏهن بہ هتي نہ رهي.“
”۽ جانيءَ اسان جو پيءُ ڪهڙي حالت ۾ اسان کي ڏنو آهي؟“
”ان ۾ جانيءَ جو ڪهڙو ڏوهہ آهي، بيماري تہ خدا پاران ايندي آهي.“
”خدا ڪنهن کي بہ بيمار نہ ڪندو آهي، ماڻهو پاڻ پنهنجي ڪرتوتن سان ٿيندو آهي. ۽ بابا کي جان بيبيءَ بيمار ڪيو آهي. الائي ڪهڙا ٽينشن ۽ پريشر تي وجهيس.“
شهناز، جان بيبي جي ڪمري ڏانهن اشارو ڪري آهستي چيو، ”آهستي نادو، هوءَ ٻڌي پيئي...“
ناديہ چڙي اڃان تيز آواز ۾ چيو، ”ٻڌي تہ پلي ٻڌي، آءٌ ڪا ڊڄان ٿي ڇا؟“
شهناز ڪيس ٻانهن کان جهلي ڪمري ۾ وٺي ويئي. جان بيبي سڀ ٻڌي ورتو هو ۽ اندر ئي اندر ۾ سڙي ۽ پڄري رهي هئي. گهر

۾ سواءِ شهناز ۽ اڪبر جي ڀين جو رويو جان بيبيءَ سان سٺو نہ هو. سجاد ۽ نازيہ ڳالهائيندا تہ گهڻو نہ هئا پر اهي ٻئي ناديہ جي اثر ۾ هئا ۽ سندس ها ۾ ها ملائي سات ڏيندا هئا. باقي حميد ۽ ناديہ ٻئي جان بيبي جا پڪا دشمن هئا ۽ ڪين اها پڪ ذهن تي چئور جيان چهٽي ويئي هئي تہ، جي هو جان بيبيءَ کي گهر مان ڪڍي ڇڏيندا تہ سندن پيءُ وري اڳوٽي وانگيان سندن ٿي ويندو!! جان بيبيءَ سمجهيو ٿي تہ گهر اچي هوءَ پاڻ کي گهر جو فرد ثابت ڪندي... پر ان گهر جي ٻن ڇيڙاڪ ڀاتين ڪيس قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري اهو ثابت ڪيو تہ هوءَ پرائي ۽ ناقابل قبول آهي ۽ اسين بنا مقابلي گهر جا وارث آهيون. انهيءَ اٽوٽندڙ تاثر پريل گهر ۾ هوءَ پاڻ کي طارق خان جي موجودگيءَ جي باوجود تنها سمجهڻ لڳي ۽ جڏهن سندس اندر جي مضبوط ۽ حوصلي مند عورت ٿڪي پيئي تہ دل جون محروميون لڙڪ بنجي ڪرڻ لڳا. 'طارق خان مون تہ ڪڏهن بہ ڏوراپو نہ ڏنو پر جي لڙڪن جا ڇپ ڪلي پيا تہ مان ڇا ڪريان!!'

طارق خان هاڻي بيمار رهڻ لڳو هو ۽ جوان ٻارن جي موجودگيءَ ۾ ۽ راڄ وارن ۽ دوستن جي پيهہ پيهان ۾ هو سواءِ رات جي ٻيو ڪوبہ وقت جان بيبيءَ سان ملڻ لاءِ نٿي ڪڍي سگهيو ۽ هوءَ طارق خان سان ڳالهائڻ لاءِ ۽ ساڻس اندر جو حال اورڻ لاءِ تنها پنهنجي ان ڪمري ۾ تڙپندي رهندي هئي جيڪو طارق خان جي ڪمري جي پر ۾ هو. هوءَ سڄو ڏينهن اڪيلي ۽ تنها رهندي هئي. پر ڏينهن جو تنها رهڻ واري ڪسر هوءَ رات جو طارق خان سان گڏ رهي پوري ڪندي هئي.

"جان، اڪيلي تنگ تہ نٿي ٿئين نہ؟"

جان بيبي سڄي ڏينهن جي اڻ تڻ ۽ بيزاريءَ جو اظهار سندس بي انتها پيار جي آڌار ڪري وٺندي هئي، "توکان سواءِ سائين، آءٌ ڪجهہ بہ ناهيان، اڌوري آهيان صفا!!"

طارق خان ڪيس اباڻڪي ڏسي مشڪي پيو... هو ان سڄي صورتحال کان ناواقف هو جنهن سان جان بيبي منهن مقابل هئي.

طارق خان کيس پاڻ ۾ لڪائي چيو، ”منا ماڻهو، آءٌ ٿورو نيڪ ٿيان پوءِ وري ٿا پنهنجي گهر هلون!“

جان بيبي سندس سيني سان لڳي روئي پيئي، ”الله سائين توکي نيڪ ڪري.“

”ڇو جاني ڇو، روئين ڇو ٿي؟“

”بس، مڙيئي هانءُ ڀرجي آيو.“

ڏينهن جو طارق خان جون مائٽياڻيون ۽ سڄاتل عورتون جڏهن طارق خان سان ملي پوءِ جان بيبيءَ سان ملڻ سندس ڪمري ۾ ايندڙيون هيون ته ناديہ مٿن چڙي پوندي هئي.

”ڇو ڀلا ماسي، جانيءَ جي ڪمري ۾ وڃڻ فرض آهي ڇا؟“

شهناز جي ماسات زينب جڏهن جان بيبيءَ سان ملي سندس ڪمري مان نڪتي ته ناديہ آڏي پڇا شروع ڪري ڏنس.

”پوءِ ڇاهي، جي ويس ته ڇا ٿي پيو، ڪا ارب خطا ڪيم ڇا؟“

”هن اسان سان ايڏا ڦهر ڪيا ۽ تون...“

”امان، تون اڃان ننڍي آهين ماٺ ڪر، جڏهن ادي شهناز کيس معاف ڪيو آهي ته...“

”اها ڀلي معاف ڪري، پر آءٌ ڪڏهن بہ معاف نہ ڪنديس ان ڀاڄوڪڙ کي...“

”ڪنواري ڌيءَ آهين، ڳالهائين ڪيئن ٿي، هوءَ ڪنهن سان ڀڄي آهي، طارق خان سان نہ، ٻي ڪنهن عام ماڻهو سان ته نہ، ۽ هوءَ جڏهن پنهنجا حاڪم مائٽ ڇڏي آئي آهي ته هاڻي کيس مان ڏيڻ اوهان جو ڪم آهي.“ زينت ڪاوڙجي کيس سمجهايو.

”هن کي ڏنو اٿئي، اسان سان ڪيئن ٿي هلي، ڄڻ نوڪر آهيون سندس، دسترخوان وڇائي سندس ڪمري ۾ ٿا ڪارايونس، جريدو ڪاڏو ڪائي ٽنگ تي ٽنگ چاڙهي ٿي سگريٽ پيئي. شرم بہ نٿو اچيس سگريٽ ختم ٿيندا اٿس ته ادا اڪبر کي چوندي آهي ۽ اهو آڻي ڏيندو اٿس. نہ ته اڳ ته بابا پاڻ کيس آڻي ڏيندو هو. ڦِڪي بہ نٿي ٿئي ته اسان جي خاندان ۾ ته ڪو مرد بہ سگريٽ نٿو پيئي ۽ هوءَ...“

”امان، اهي سگريٽ ۽ نشا بہ ماڻهو پريشانيءَ مان ئو ڪري ڇڏينس ڪٽي.“

جان بيبي پنهنجي ڪمري ۾ ويٺي هئي تہ مدي ۽ گشان ساڻس ملڻ آيون تہ جان بيبي خوشيءَ ۽ ڏک مان چيو، ”اوهين ڪٿي آهيو بئي، آءٌ تہ ماڻهو موڪلي موڪلي ٿڪي آهيان. نظر ئي نٿيون اچو، ڇو؟“

ٻنهي ڊپ مان هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي چيو، ”جيجي هتي سائين طارق خان جي گهر جو ڪم واريون ٻيون مايون آهن... اسين تہ هتي هينئر بہ توکي ۽ سائين طارق خان کي ڏسڻ آيون آهيون. اڳ بہ بہ ٽي ڀيرا آيون هيوسين پر...“

”پر ڇا؟“

”ڇڏ ڪٽي،جيجي انهن ڳالهين کي...“

”پوءِ بہ...“

”جيجي، اسان تنهنجي لاءِ پڇا ڪئي تہ ناديہ چيو تہ ستي آهي. وري بي ڀيري آيوسين تہ چيائين تہ وهنجڻ ويئي آهي. هينئر بہ بنا پڇا جي تڙ تڪڙ ڪري تنهنجي ڪمري ۾ گهڙي آيون آهيون.“ بئي جواب ڏيئي رهيون هيون.

ناديہ اچي چيو، ”ڪيئن پلا اڄ مدي ۽ گشان پيون ڏسڻ ۾ اچن. اسين تہ سڏي سڏي ٿڪجي پئون پوءِ بہ نٿيون اچو.“

”جيجي، اسين بہ نوڪرين وارا ماڻهو آهيون. سائين طارق خان جي سر لاءِ ڪري هوڏي زمينن واري گهر بہ ويون هيوسين. هاڻي وري بہ ڪمن ۾ لڳي ويون آهيون. گهر ۾ هجون تہ اچون. اهي پيٽ لاءِ ڌڪن ۾ آهيون. هينئر بہ سائين طارق خان کي ڏسڻ لاءِ آيون آهيون.“

”۽ اچي جانيءَ جي ڪمري ۾ تيون سس پس ڪريو؟“

”جيجي، سس پس ڪهڙي تيون ڪريون، سائينءَ کي ڏسي وري جيجي جانل سان ملڻ آيون آهيون.“

”بئي جانيءَ جون رازدار آهيو نہ...“

جان بيبيءَ چيو، ”اهو وري ڪهڙو ڳالهائڻ جو طريقو آهي جو...“

ناديہ چڙي چيو، ”تون مون سان نہ ڳالهائيندي ڪر.“

جان بيبيءَ بہ چڙي چيو، ”پوءِ منهنجي ڪمري ۾ ڇو آئي آهين؟“

ناديہ ٺهڪ ڏيئي چيو، ”منهنجو ڪمرو... واھ واھ...“

گشان ۽ مدي آهستي اٿيون ۽ ڪمري کان ٻاهر نڪري ويون. نازو ۽ ياڳي جان بيبيءَ لاءِ ماني ڪٺي آيون. ناديہ بہ ٻاهر نڪري ويئي. جان بيبيءَ ٿري ۾ ڏٺو. دال ۽ ڀاڄي هئي. الائي ڪيترن ڏينهن کان يڪو سندس لاءِ دال ۽ ڀاڄي اچي رهي هئي.

جان بيبيءَ چيو، ”ڪاڏو ڪٺي وڃو، مون کي بک ڪانهي.“

شهناز اچي پڇيو، ”ڪاڏو ڇو نٿي کائين، واپس ڇو ڪيو اٿئي؟“

”نٿو وڻي.“

”ڇو نٿو وڻي؟“

ناديہ جيڪا سندس پٺيان ئي آئي هئي ان چيو، ”هتي جا سيئي ٻڪر ختم ڪري آئي آهي. ڇوي ٿي تہ هتي بہ روز ٻڪر کھو!“

شهنا چيو، ”جاني، هڪڙي وقت بہ دال ۽ ڀاڄي نٿي کائي سگهين؟“

”..................“

ناديہ چيو، ”ڪاءُ نہ ڪاءُ... اسان وٽ تہ اهوئي آهي!“

جان بيبي سڄو ڏينهن ماني نہ ڪاڌي... رات جو بہ اهوئي ڪاڏو هو. جيڪو بہ هن موٽائي ڏنو. طارق خان وٽ ساڻس ملڻ وارن جي پيھ لڳي پيئي هئي ۽ جان بيبي جو ملڻ ساڻس ممڪن نہ هو. ڪيس بک بہ گهٽي لڳي هئي. پيھر ڪيس ڪنهن بہ ڪاڌي لاءِ نہ پڇيو هو... الائي ڪيئن ڪيس اهو وقت اهاءُ جيان روشن ٿي جرڪي ياد اچي ويو، جڏهن هوءَ پھريون ڀيرو طارق خان جي گھر دعوت تي ويئي هئي جيڪا هن مهراب خان جي شاديءَ کان پوءِ ڪئي هئي ۽ هوءَ جڏهن اها دعوت ڪائي پنهنجي گھر آئي هئي ۽ طارق خان جي يادن ۾ سندس بک مري ويئي هئي ۽ هن جڏهن ماني نہ ڪاڌي هئي تہ امير بيبيءَ ڪيس ڪير پيارڻ لاءِ ڪيڏو زور

پريو هو ۽ ڪيڏا حيلا ڪيا هئا ته، ماني نٿي کائي ته ڪير ته پيئي... خالي پيٽ ڪيئن ٿي سمهي! ايئن پلا ننڊ ڪٿي ايندي، ۽ اڄ هن سڄو ڏينهن... صبح کان رات تائين ڪجهه به نه کاڌو آهي پر... وري ڪيس ڪنهن به اچي نه پڇيو ته، هيءَ نه ته هيءَ کاءُ! زهره جا چيل ٻول ذهن جي اُداس دالانن ۾ زخمي پکيءَ جيان ڦيريون ۽ گولاٽيون کائڻ لڳا جيڪو ڏکيل آهي ۽ ڪٿان به واٽ نه ملڻ ڪري ساڳي ساڳي هنڌ تان وري وري پيو ڦرڙاٽ ڪندو ڪنجهندو گذرندو هجي ۽ ان وقت پوڻ ۾ ڳالهايل لفظ اڄ سندس اڳيان مڪمل سنجيدگيءَ ۾ ملبوس ڪنهن معتبر شخصيت وانگيان اچي بيهي رهيا هئا. 'مان به ڏسان ته تون ان لاباري مان خوشين جا گهڻا ڪراڙ ٿي حاصل ڪرين!' ۽ پوءِ ساڳين دالانن ۾ سندس پنهنجو جواب به پڙاڏن جيان ٻرڻ لڳو، 'ڏکن ۽ سورن جا ڪراڙ ضرور حاصل ڪنديس. واقعي زهري، اچي ڏس، ته مون ان مهل به بلڪل صحيح چيو هو. اڄ مون وٽ ڏکن سورن جو پلو فصل لٿو آهي ۽ ڪيئي ڪراڙ آهن.' رات جو طارق خان سان ملي ته طارق خان حسب معمول پهريون اهوئي سوال ڪيو، "ڏينهن جو ڇا کاڌئي؟"

"...................."

"جواب نٿي ڏين، ڇو؟"

"سڄو ڏينهن کاڌو نه کاڌم."

"ڇو، ڇو نه کاڌو کاڌئي، طبيعت ته نيڪ اٿئي نه؟"

طارق خان کان ڇڻ دانهن نڪتي ۽ هو سندس هٿن، ڇهري ۽ نرڙ تي پنهنجا هٿ رکي ڏسڻ لڳو، "بخار ته ڪونه اٿئي، پوءِ ڇا آهي؟"

"ڪجهه به ڪونهي. نيڪ آهيان بلڪل." جان بيبيءَ ڏک مان چيو طارق خان سندس لهجي ۽ لفظن تي ڇرڪي پيو.

"نيڪ به آهين، پوءِ ماني ڇو نه کاڌئي سڄو ڏينهن؟"

طارق خان سندس ڇهري ۾ نهاريو، جنهن ۾ اداسي ڪمزوري نقاهت ڀرپور نهڪ ڏيئي پنهنجي هئڻ جو اعلان ڪري رهيون هيون.

”يڪوئي دال ياجي آهي، وٺي ئي نٿي.“
”يڪي دال ياجي چو؟“
”الائي!“
طارق خان جي نرڙ جون رڳون ابري آيون، ’جانيءَ کي اها سزا مون سان پيار ڪرڻ جي عيوض پيئي ملي؟‘ اڪبر کي گهرائي چيائين، ”علوءَ کي وٺي اچ!“
”چو بابا، هينئر چو؟“ اڪبر پنهنجي واڇ ۾ نهاري حيرت مان چيو جتي رات جو هڪ ٽي رهيو هو.
طارق خان ساڳي چڙ مان چيو، ”ڪم آهي، تون سڏينس ته سهي.“
اڪبر، علوءَ کي ٻاهرين دروازي کان وٺي آيو. طارق خان پنهنجي کيسي مان پئسا ڪڍي علوءَ کي ڏيندي چيو، ”علو، وڃ تڪا ڪباب ۽ چڪن فرائي وٺي اچ ۽ ها مڇي فرائي به آڻج.“
”حاضر سرڪار.“
علو پئسا وٺي هليو ويو. اڪبر ڪاوڙجي ناديه وٽ آيو.
”تون سمجهين ٿي ته تون جانيءَ کي بکون ۽ تڪليفون ڏيئي گهر مان نڪرڻ تي مجبور ڪندينءَ. اها تنهنجي چريائي آهي، هڪ ته هو ڪيڏانهن ويندي ۽ ٻيو سڀ کان وڏي تنهنجي ناداني اها آهي ته هوءَ بابا جهڙي عظيم شخصيت کي انهن تڪليفن تي چڙي ويندي جنهن لاءِ هوءَ الائي ڇا ڇا سهي آئي آهي. سندس قدر ڪرڻ ته نهيو، ماڳهين!! ۽ هوءَ ايڏي صابر به ناهي. ذري ذري خبر بابا کي ڏي ٿي. پر منهنجو خيال آهي ته ان ۾ به سندس ڪو قصور ڪونهي. بابا ڪائنس پاڻ سڄي ڏينهن جي پهر پهر، پل پل جون خبرون پڇندو آهي. ۽ هينئر به بابا سندس لاءِ تڪا ڪباب ۽ الائي ڇا ڇا گهرايا آهن. تون اهڙيون ڪريل حرڪتون ڪرڻ ڇڏي ڏي. جيڪي رڳو بابا کي رنجائي ۽ ٽينشن ڏياري ٿيون سگهن.“
ناديه بيوسيءَ مان چڙي چيو، ”خدا ڪو ان آفت مان اسان جي جند آزاد ڪندو.“
”ان کي ڪيڏڻ کهڙو ڏکيو ڪم آهي، فقط هڪڙي ننڍڙي پستول جي گولي!!“

حميد نهايت اطمينان سان چيو ته ناديه دانهن ڪئي، ”نه حميد نه!“

اڪبر ڪاوڙجي چيو، ”نهيو نهيو حميد، وڏيڪ نه ڳالهاءِ. خبر اٿم ته ناديه چوٽ تي چاڙهي ڇڏيو اٿئي. باقي اوهين ٻئي ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏيو، ته جانيءَ کي تڪليف ڏيئي اوهين ٻئي بابا کي پيا تڪليف ڏيو، ۽ ان جو نتيجو سنو نه نڪرندو، اهو ٻڌائي ٿو ڇڏيانوَ.“

”بابا کي ڪجهه به نه ٿيندو.“ حميد چيو ته ناديه نفرت مان چيو، ”جڏهن کان آئي آهي، لوٽ مار شروع ڪري ڏني اٿس. جيڪي به مايون وٽس اچن ٿيون، ڪن کي پيسا ته ڪن کي ڪپڙا ٿي ڏي. ڄڻ پٽس جي ملڪيت آهي جا پيئي لٽائي ۽ مايون به سڀ حرامزاديون وٽس ئي وڃي مرنديون آهن ۽...“

”پوءِ پلا ڪوبه ساڻس نه ڳالهائي اڪيلي ماٺ هجي؟“

”تون جو ويندو آهين ادا، ڪچهريون ڪرڻ پوڳ مشڪرا ٻڌائڻ. ٺهڪ ته وڏا ايندا آهن جانيءَ جي ڪمري مان تنهنجا ۽ هن جا!!“ حميد ٺوڪ مان چيو ته اڪبر چيس، ”ها، آءٌ ته ويندو آهيان پر تون به ويندو ڪر. چوندي آهي ته حميد پنهنجي پيءُ جهڙو آهي ۽ تولاءِ پائيندي به گهڻو آهي.“

حميد پنهنجي بوٽ جي نوڪ مٽي ڪري چيو، ”منهنجو هيءُ ويندو؟“

اڪبر اداسيءَ مان چيو، ”اوهان جي مرضي آهي، ٻئي جيئن ڪريو. باقي جيڪو به ڪريو پيا اهو بابا کي نقصان ڏيڻ لاءِ پيا ڪريو.“

ناديه مشڪي چيو، ”ادا اڪبر ڪيڏو مختلف آهي اسان کان.“

”ها، آءٌ مختلف آهيان، تڏهن ته اوهان ٻنهي جي بداخلاقين تي خاموش آهيان.“

شهناز اچي چيو، ”ابا، هڪ ته اوهان جي پيءُ جي ماڻهن ڪري اڳ ئي دير ٿي ويئي آهي ٻيو وري اوهين پاڻ ۾ بحث پيا ڪريو. هاڻي وڃو پنهنجي پنهنجي ڪمرن ڏانهن وڃي سمهي پئو.“

پرتي وينل ياڳيءَ چيو، ”اسان چئي ٿتا سگهون پر هي ننڍا چڳي ٿتا ڪن. الله اڪبر ڪي حياتي ڏي نه ته الائي ڇا ٿئي.“
نازوءَ ڏک مان چيو، ”هئو ماسي، هوءَ به ويچاري ماني تي ڪائي ٻيو ڇا ٿي ڪري.“
”ايئن ته امان، تون به نه چئو، ماني ته ڇا، چوي روز دعوت هجي.“
”هئو ماسي، ڪپڙا به روز نوان ٿي پائي، هڪڙا درزيءَ کان ڪٽي ٿي ٻيا ڏي ٿي.“
”هئو امان، سائين طارق خان تو چاڳ ڪرائيس، پلي ڏهه پيرا ڪري.“
طارق خان جي طبيعت مسلسل ڊاڪٽرن جي توجهه ۽ علاج جي ڪري بهتر هئي جنهن جي ڪري ماڻهن جي جهورَ به گهٽ هئي ۽ جان بيبي ڏينهن جو به طارق خان سان گڏ رهندي هئي. اڪبر، سجاد ۽ نازيه ته جان بيبيءَ جي موجودگيءَ ۾ به طارق خان وٽ ايندا هئا پر حميد ۽ ناديه جڏهن جان بيبي وهنجڻ ويندي هئي تڏهن ايندا هئا.
ناديه چيو، ”بابا، اسين ته توکي ڏسڻ لاءِ سگهي ٿا وجون جاني يڪو دروازو بند ڪري ويني آهي.“
”اڪبر، نازيه ۽ سجاد به ته ايندا آهن تڏهن ته دروازو بند نه هوندو آهي. اوهان ٻنهي کي جهليندي ته ناهي نه؟“
ناديه چڙي چيو، ”جهليندي ڇو بابا، گهر به اسان جو ته اوهين به اسان جا آهيو.“
”ها، آءٌ به اوهان جو گهر به اوهان جو آهي، پر جانيءَ به ته مون سان گڏ آهي نه، ته هي گهر ۽ مان جانيءَ جا به آهيون.“
ناديه جي منهن جو رنگ بدلجي ويو، ”بابا، هاڻي اوهان کي اسان سان ايڏو پيار ناهي.“
حميد چيو، ”هن گهر ۾ جانيءَ جو ڇا وجي بابا؟“
طارق خان نهايت سنجيدگيءَ مان چيو، ”هن گهر ۾ جانيءَ جو به حصو آهي. هوءَ منهنجي ڪري حقدار آهي هن گهر جي، ايئن

ڪيئن ٿو چوين حميد، ادب ڪر.“ حميد ڪاوڙجي ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو ته طارق خان ناديه کي سمجهائيندي چيو، ”ڏس پٽ، تون هاڻي وڏي آهين ۽ حميد کان ته گهڻو وڏي آهين، ڪيس سمجهاءِ، نه کي مٿي ايارينس.“

”بابا، مان ٿي ڪيس ايارين؟ هو ته ڪلهه کان وني ايڏو ڪاوڙيو آهي جو چوي ٿو ته پسٽل جي هڪڙي گولي جانيءَ لاءِ ڪافي آهي. اڃان مان ڪيس جهلي ويٺي آهيان.“

طارق خان جو بي پي هاءِ ٿيڻ لڳو هو پر پوءِ نهايت نرميءَ سان چيائين، ”نيڪ آهي، اوهين مون کي هتي رهڻ نٿا ڏيو، ته مان وري به هليو ٿو وڃان.“

ٻي ڏينهن طارق خان اڪبر کي چيو، ”پٽ، مون کي ۽ جانيءَ کي زمين واري جاءِ تي ڇڏي اچ.“

اڪبر اها ڳالهه ڪاوڙجي اچي سيني کي ٻڌائي، ”نيڪ آهي، اوهين جانيءَ کي گهر ۾ رهڻ نٿا ڇڏيو نه؟ هاڻي بابا به گهر ڇڏي ٿو وڃي.“

”هان!!“

”هان؟“ سيني کان رڙيون نڪري ويون.

شهناز چيو، ”نادي، تون پنهنجي پيءُ جي دشمن آهين.“

۽ پوءِ سيني طارق خان کي جهلڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر هو نه رڪيو، هليو ويو.

زمينن واري جاءِ تي اچي جان بيبيءَ سڪون جو ساهه پٽيو.

”اف توبه، ڦاسي گهاٽ جي ڪوليءَ مان نڪري آئي آهيان.“

طارق خان جي ڪنڌ ۾ پيار مان ٻانهون وجهي چيائين ته طارق خان چيو، ”جانو، توکي به ڪجهه برداشت ڪرڻ کپندو هو.“

”برداشت ڪرڻ لاءِ به اتي رهڻ ته ڇڏين نه؟“

هتي اچي طارق خان ڏاڍو اداس رهڻ لڳو هو. اڪبر ۽ سجاد ايندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن حميد به ايندو هو. پر حميد هتي طارق خان جي اڳيان به جان بيبي سان بي ادبيءَ مان ڳالهائيندو هو جيڪو طارق خان کي اصل نه وڻندو هو.

”حميد جاني تنهنجي ماءُ آهي، ادب ڪندو ڪر.“

حميد مشڪي هلي ويندو هو. جان بيبيءَ گشان ۾ مديءَ کي گهرائي ورتو هو.

گشان مشڪي چيو، ”جيجي، مون توکي چيو هو نہ تہ اتي تون رهي نہ سگهندينءَ!“

”واقعي گشان اوهين ٻئي صحيح چونديون هين پر اوهين بہ تہ اتي مون وٽ نہ ايندين هيون.“

”ڇا ٻڌايان جيجي، سائين طارق خان جي وڏي ڏيءَ اچڻ ئي نہ ڏيندي هئي.“

”جيجي، هاڻي وري نہ وڃجانءِ اوڏانهن.“

جان بيبيءَ درڙي کائي نڪ تان آڱر گهمائي ڪنن کي جهلي چيو، ”توبہ زاري، منهنجي بہ پر منهنجي ابن ڏاڏن جي بہ توبہ زاري!!“

گشان وڏو ٽهڪ ڏيئي چيو، ”جيجي هڪڙي ڳالهہ آهي چئو تہ ٻڌايان؟“

”ٻڌاءِ، ڪلين ڇو ٿي؟“

”جيجي، هڪڙو ماڻهو هو جيڪو روز هڪڙي ڪنڌي مينهن وٽان گذرندو هو. مينهن جي سڱن جا وَرَ، وَٽَ ۽ پُورَ ڏسي سوچيندو هو تہ ان ۾ منهنجي ڪرائي پوري ٿي ويندي... سو هڪ ڏينهن مينهن سٺل هئي سو ڇا ڪيائين جو مينهن جي سڱن جي ڳولائيءَ واري گهيري ۾ ٻانهن وجهي ڇڏيائين. مينهن جاڳي ۽ وٺي جو سٽ ڏنائينس تہ همراهہ جي ٻانهن ڦچي پيئي. ماڻهن چيس تہ اها کهڙي چريائي ڪيئي، جو ٻانهن هٿي ڦچائي ويٺو آهين. همراهہ ڪنجهندي جواب ڏنو، ادا، ٻانهن ڀڳي تہ گهوري هانءَ جي هُرُ ڇُرُ تہ لٿي... سو جيجي، تو بہ اهوئي ڪم ڪيو...“

۽ وٺي ٽنهي ٽهڪ ڏنا. طارق خان جان بيبي کي کلندو ڏسي پاڻ بہ کلندو آيو. ”ڇا ڳالهہ آهي، سيئي ٽيون کلو؟“

”هي ٻئي وڏيون حرامڙيون آهن.“

طارق خان کلي سندس پر ۾ ويٺو.

”الله سائين اوهان کي نيڪ ڪيو آهي. مون مرشد لطيف جو سلام باسيو هو. هتي ڪڏهن تا هلو؟“

طارق خان کلي چيو، ”زالن کي گهمڻو هوندو آهي ته پيرن جا سلام باسينديون آهن.“

گشان چيو، ”سائين، اولياءَ ڪٿي ستا آهن. الله جا پيارا...“

”مون پلا ڪڏهن، ڪٿي به هلڻ کان انڪار ڪيو آهي جو سلامن جا تا بهانا ڳولجن!“

”ايئن ته نه چئو. اهي اوليائن جون ئي مهربانيون آهن جو اوهان نيڪ ٿيا آهيو.“

”پوءِ پلا ڪڏهن؟“

”جڏهن اوهان جي طبيعت نيڪ هجي.“

”مان ته نيڪ آهيان بلڪل.“

” ..................“

”پوءِ پلا سڀاڻي هلون؟“

طارق خان هيٺ جهڪي جان بيبيءَ جي منهن ۾ پيار مان نهاري چيو ته جان بيبي شرمائجي ويئي.

”جيڪا اوهان جي مرضي.“

”پر تياري ايئن ئي سويل ڪجو اڳ وانگيان.“

”ڊرائيور ته پيو هوندو نه؟“

”نه، تون ساڻ هجين ۽ ڊرائيور پيو هجي، سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.“

جان بيبي ڏچي چيو، ”پوءِ نٿا هلون.“

”تيار به پاڻ ڪيو اٿئي ۽ هاڻي وري!!“

”چڱو چڱو هلون ٿا.“

لطيف جي دربار ۾ اچي ساڳي جان بيبي ۽ ساڳي ديوانگي هئي.

منـــو جــئن نـــالوءِ، تيـــئن مـــون وڏو آســـرو،
ڪو در ناهه جهوءِ، مون پيا در گهٽا نهاريا.

طارق خان کي بہ اتي اچي آرام تہ گهٽو آيو، پر واپسي ۾ ڪيس هلڪو هلڪو مٿي ۾ سور پيو. پر هن جان بيبيءَ جي پريشانيءَ جي ڪري نہ ٻڌايو.

گشان چيو، ”سائين، اڄ تہ سيئي گاڏيون اسان جي گاڏيءَ کان اڳتي نڪرنديون ٿيون وڃن، اڳ تہ ڪڏهن بہ ايئن نہ ٿيو؟“

”ها، ڪڏهن ايئن بہ ٿيندو آهي.“

گهر پهچي جڏهن مٿي جو سور گهٽو وڌي ويو تہ ڳالهہ ڪيائين. گل محمد کي گهرائي چيائين، ”گلو، مون کي ڪراچي وٺي هل.“

”حاضر سائين“

پر ڏسندئي ڏسندي سور ويو وڌندو. موبائل فون گل محمد کي ڏيئي چيائين، ”ڊاڪٽر نثار کي چئو تہ هليو اچ ۽ اڪبر کي بہ چئو تہ اچي.“

جان بيبي روئندي قرآن شريف پڙهندي ڦيٽا وجهندي رهي. صفا سونت مان پي نڪتي. گل محمد ٻنهي کي فون ڪري سڄي صورتحال ٻڌائي پر ان وچ ۾ فاليج جو اٽيڪ ٿي ويو. ڊاڪٽر نثار بہ آيو اڪبر بہ آيو. ڊاڪٽر اتان ئي ايمبولينس ڪٺي آيو هو ۽ هڪدم ڪيس ڪٺائي اچي اسپتال ۾ ايڊمٽ ڪيائين. جان بيبي اتي ئي اسپتال ۾ رهي. سيئي مائٽ ۽ راڄ وارا پهچي ويا. پر هن پيري فاليج جي ڪري طارق خان جو آواز بند ٿي ويو هو ۽ هو ڳالهائڻ کان قاصر هو. سيئي پار ڪدي روئڻ لڳا.

”شينهن جي گجگوڙ بند ٿي ويئي آهي.“

”خوبصورت آواز ماٺ ٿي ويو آهي.“

”اعليٰ گفتگوءَ جو ڏٽي چپ آهي.“

اسپتال جي لان ۾ سردار نيڪ محمد خان ٻڌائي رهيو هو، ”جڏهن طارق خان ڪاوڙجي ڳالهائيندو هو تہ ماڻهوءَ جي رڳن ۾ رت ڄمي ويندو هو.“

طارق خان جي حالت سڌرندي ويئي پر سندس آواز ڪلي نہ سگهيو هو. گهر آيو جان بيبي ساڻس گڏ هئي. شهناز ۽ ٻار طارق

خان سان چنبڙي روئڻ لڳا.

سڪندر خان چيو، ”روئو نہ، دعا ڪريو، الله سڀ خير ڪندو. ايئن روئي تہ طارق خان کي ويتر پريشان ٿا ڪريو.“

حسن جان جي حالت ياءُ کي ڏسي خراب ٿي ويئي. ان مهل ئي اسپتال ڪٺي ويا. جان بيبي کي ڏسي ناديہ دانهون ڪري چوڻ لڳي، ”تون ڏائڻ آهين. اسان جي پيءُ جي هيءَ حالت تو ڪئي آهي.“

طارق خان ڳالهائي تہ نٿي سگهيو پر ٻڌي تہ سڀ ڪجهہ رهيو هو اهو پريشان ٿيڻ لڳو. اڪبر پنهنجا لڙڪ روڪي، ناديہ جي وات تي هٿ رکي کيس اندر وٺي ويو.

”نادي، خدا کي مڃ، جانيءَ کي ٿي ڏائڻ چوين پر گهٽ تون بہ ناهين.“

”مون کي تو ڏائڻ چوين؟“

”هئو توکي تو چوان.“

شهناز اچي چيو، ”نادي، وڌيڪ وات نہ هڻ، نہ تہ هاڻي آءٌ ڌڪ هڻندي سانءِ.“

جان بيبيءَ جي حالت عجيب هئي. کيس ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿي آيو. روز نئون سڄ نوان امتحان ڪٺي ٿي آيو. طارق خان جي حالت جيئن جو تيئن هئي. جان بيبي ڪمري ۾ اڪيلي اداس ويٺي پنهنجو تجزيو پاڻ ڪري رهي هئي. ’مان روز پنهنجي اعمالن جي ۽ پنهنجي گناهن جي نئين سر سنڀال ڪندي آهيان، جائزو وٺندي آهيان، پنهنجي عملن جو ڏوهن جو. مون سواءِ پيار ڪرڻ جي ٻيو تہ پانيان ٿي ڪجهہ بہ نہ ڪيو آهي. پر شايد ائين ڪونهي! مون کي هاڻي يقين ٿيندو پيو وڃي تہ ڪو تمام وڏو گناهہ ضرور مون کان سرزد ٿيو آهي جنهن جي سزا ختم ئي نٿي ٿيئي... زندگيءَ جي خوشين جا لامتناهي، اڻ کٽ سلسلا انهن ئي قافلن سان ملندا آهن جن جون راهون ڪنهن الهامي پيغام وسيلي انهن اڻ کٽ سلسلن سان ملنديون آهن ۽ آءٌ يقينن وحيءَ وارن سان وابستہ ناهيان جَن جون وابستگيون خوش نصيبن سان هونديون آهن.‘

... پر ايئن بہ تہ ناهي نہ!خوشنصيبي طارق خان آهي، جيڪو منهنجو آهي، جنهن کي خوشنصيبيءَ منهنجو ڪيو ۽ بدنصيبي

ڪسي پيئي. مون وٽ شايد بيلنس آهي، خوش، بد جو ۽ نصيب ته پاڻ ڪجهه به ناهي.'

جڏهن به طارق خان وٽ ماڻهو نه هوندا هئا ته هو اشاري سان جان بيبيءَ ڪي گهرائي وٺندو هو. طارق خان جي زبان ۽ اڌ جسم تي فاليج جو حملو ٿيو هو. ڪيس ڪاڏو به اڪبر ڪارائيندو هو. ۽ جي ماڻهو نه هوندا هئا ته جان بيبي ڪارائيندي هئي. طارق خان عجيب حيرت ۾ ڪيس ڏسندو هو ۽ جان بيبيءَ ڪي ڳوڙها ڳڙي پوندا هئا. هو چاهيندو هو ته جان بيبي سندس اڳيان ڪاڏو ڪائي ۽ اڪبر به ايئن ئي ڪندو هو جو سندس ڪاڏي سان گڏ جان بيبيءَ جو ڪاڏو به آڻيندو هو ۽ هوءَ ۽ طارق خان ڪي ڪاڏو ڪارائي پوءِ سندس اڳيان ئي پاڻ ڪاڏو ڪائيندي هئي ته طارق خان ڏاڍو خوش ٿيندو هو. ناديه ۽ حميد جو رويو جان بيبيءَ سان سخت ڪان سخت تر ٿيندو پي ويو. هاڻي ته حميد، جان بيبيءَ جي بي عزتي ڪندي به نه ٽرندو هو.

رڏٽي ۾ چانهه پيئندي جڏهن گشان چيو، ”ماسي ياڳي، جيجي جان بيبي ته نسوري ويل ۾ آهي.“ ته ياڳي صفا ڏڪي ويئي ۽ ڊپ مان هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳي ته گشان چيو، ”ماسي، ڪوبه ڪونهي. تنهنجون اکيون به آپريشن ڪرائڻ ڪان پوءِ به صحيح ناهن، دوا ته وقت تي وجهندي آهين نه؟“

”هئو امان، سچ تي چوين نظر جو مزو اصل ڪونهي. دوائون، ٽيپا، سڀ پيئي وجهان پر اجان يڪو ڏنڊ آهي، باقي ڏنم تي ته ڪو آهي ته نه.“

وڏو رڏٽو بنگلي جي ٻاهران هو سو گيٽ مان يا بنگلي مان جيڪو به ايندو ويندو هو اهو پڌرو هوندو هو.

ياڳي چيو، ”هئو امان اهو سچ آهي ته جيجي جان بيبيءَ سان بيواجبي اهي پر هوءَ به حد تي ڪري.“

”چا تي ڪري؟“

”امان ڏس، سائينءَ جو حال ڪهڙو آهي پر هيءَ به ذري پرزي ڳالهه سائين ڪي ٻڌايو ڇڏي.“

”هئو ماسي، اها ته ڳالهه آهي. پر هوءَ ويچاري ڪنهن سان ڏک اوري، ڪنهن ڪي به ته ساٿس ملڻ نتا ڏين.“

”کھڙو قيد ۾ آهي امان، سيڪو ٿو ساٿس ملي. هر ڪنهن کي ٿي گهرائي توکي ٻه ته هينئر گهرايو آهي نه! باقي جيڪي زالون مڙسن جون سئوکياٽيون هونديون آهن اهي سئو سهي ٻه ٻڙڪ ٻاهر نه ڪڍنديون آهن. وات اڌ حڪيم آهي امان، سني ڳالهه ڪري ته سائين ٻه خوش ٿئي.“

”پر ماسي، سائين طارق خان ته سندس ئي ڳالهين تي خوش ٿيندو آهي... ماسي تون ٻه پري نه ڳالهاءِ، چاين واري آهين، مون کي هينئر گهرايو آهي ته پلا ڪو مون کي هي ملڻ ڏيندا، روز جيان هتان ئي ڏڪا ڏيئي لوڏي ڇڏيندا، ٻيو وري ڇا، الله سائين شل سائين طارق خان کي خوش چڱو ڀلو ڪري اسان جو ڇاهي؟“

”هئو امان، الله خوش ڪري سائينءَ کي باقي اندو ڇا گهري ٻه اڪيون، اسان کي ٻيو ڇا کپي؟“ حميد کي رڌٽي ڏانهن ايندو ڏسي ٻئي ايئن چپ ٿيون ڄڻ ڪڪڙ تي وڄ پيئي هجي. حميد رڌٽي ۾ اچي گشان کي ڏسي ڪاوڙجي پيو.

”ڇا آهي گشي، ڦت ڦت ڪندي جانيءَ ڏانهن ٿي پُترين، ڪيترا ڀيرا چيو اٿم ته نه ايندي ڪر. پلا موچڙا لڳندئي پوءِ ويهي رهندينءِ؟“

”سائين، مون کي ته سائين طارق خان گهرايو آهي علو موڪلي.“

”ها ها، خبر اٿم ته دعوت ڪان سواءِ ايندي ئي ناهين، پر ٻڌي ڇڏ منهنجي ڳالهه، بابا کي جي ڪجهه ٿيو ته مان سيني کي گولين سان اڏائي ڇڏيندس.“

گشان هٿ ٻڌي ليلڙائي چيو، ”سائين منهنجي زاري جو وري هتي اچان.“

”ٺيڪ آ ٺيڪ، پر جانيءَ کي هينئر چئي وڃ ته هوءَ پنهنجا ٽپڙ گول ڪري. نتي ڪپي اسان کي هاڻي هڪ لمحي لاءِ ٻه...“

ايترو چئي هو زمين ۾ زور زور سان قدم رکندو، دڙا هڻندو گيٽ ڪان ٻاهر نڪري ويو.

شهناز اچي چيو، ”حميد ڇا چئي رهيو هو، ڇاتي ڪاوڙيو هو؟“

گشان ڌڄندي چيو، ”جيجي، اسين مسڪين اوهان جي پيرن

جي پٽي، اسان جو وڏن ۾ اچي نہ وجي.“
”پر حميد ڇا ٿي چيو؟“
”جيجي، مون کي تہ گهٽو ئي ڳالهايائين پر جيجي جانل لاءِ چيائين تہ، وجہ. جوينس تہ پنهنجا ٽپڙ گول ڪري، اسان کي نٽي ڪپي.“
شهناز سوچن ۾ پئجي ويئي ۽ آهستي آهستي قدم کڻندي اندر هلي ويئي تہ گشان چيو، ”ماسي ڀاڳي، هي روز روز جو جهيڳڙو سائين طارق خان لاءِ چڱو ڪونهي.“
ڀاڳيءَ پريشان ٿي چيو، ”هيءُ جيڪو نندو چئي ويو آهي، ڳالهائي ويو آهي ان جو ڇا ٿيندو؟“
نازوءَ ڏجي چيو، ”الله جو سنهن، سائين حميد جيئن چوي ٿو، ايئن ئي ڪري بہ ٿو.“
گشان چيو، ”الله حياتي ڏي سائين اڪبر کي وڏو تہ اهو آهي نہ.“
”نہ امان، حميد ۽ ناديہ ٻئي زور آهن سڄي گهر تي.“
گشان ٿڌو ساهہ کڻي چيو، ”هئو امان، سائين اڪبر ٿڌو ماٺهو آهي.“
ڀاڳيءَ چيو، ”ٿڏائيءَ جي ڳالهہ ناهي، حد ڪان ٻاهر ٿو پائئين پائرن ۾ پينرن کي.“
گشان پريشانيءَ مان اٿندي چيو، ”هينئر جهڙو نمونو مون ڏٺو آهي سائين حميد جو ان مان تہ لڳي ٿو جيجي جانل هتي رهي نہ سگهندي.“
نازوءَ چرڪي چيو، ”نہ گشان نہ ايئن نہ چئو، سائين طارق خان کي الله حياتي ڏي، جيجي جانل پوءِ ڪيڏانهن ويندي؟“
گشان چيو، ”آءٌ بہ اهوئي پئي سوچيان. هوءَ تہ سيئي رند ڏاهي آئي آهي.“
ڀاڳيءَ چيو، ”الله ئي ايئن نہ ڪندو. مايون، وائي تہ سوائي واريو.“
”ماسي، اپ اڪين سان پڏرو آهي اگر سڄي ڇا ڪجي!“
”دعا ڪريو دعا، تہ سڀ سٺائي ٿيئي.“

# باب ستيتاليھون

ماڻھوءَ سان ٿيندڙ ڪنور ڪان ڪنور وارتا تي ڪڏھن بہ فطرت ڏمر نہ ڏيکاريندي آھي. نہ ڪا ڌرتي ڏبندي آھي نہ ئي آسمانن ۾َ ڪي ترتلا ٿيندا آھن. پوڳڻا، پوڳيندڙ جي حصي ۾ ايئن اچي ويندي آھي سندس مرضيءَ جي خلاف، جيئن ماڻھوءَ جي مرضيءَ جي خلاف سندس جسم ۾ اڻ وڻندڙ تبديليون ايندڻون آھن. نظر ڪمزور ٿي ويندي آھي. ڏند پجي پوندا آھن، وار اچا ٿي پوندا آھن ۽ چھرو گھنجن مان پرجي ويندو آھي، ماڻھو بہ تہ ٻڍو ٿيڻ نہ چاھيندو آھي نہ! ايئن ئي پوڳنا بہ ڪيس پوڳڻي پوندي آھي. البتہ پوڳڻ وارو پاڻ تہ گھڻو ڪجھہ محسوس ڪندو آھي. بھار ۾ بہ پن ڇڻ جو احساس ۽ چانوَ ۾ بہ ڪاڙھو محسوس ٿيڻ ۽ ايئن پانئڻ تہ وڻ بہ پن ڇاڻي چانوَ ڏيڻ ڪان نابري واري ويٺا آھن، ديوارون بہ پنھنجي چانوَ چوُڦير ڦيرائي، چانوَ لڪائي ڪيس اُس ۾ ويھارڻ ٿيون چاھين... پر آسمان بہ سندس مٿي تان چانوَ ھٽائي تنھائي جي رج ۾ رولن تو چاھي! پر حقيقت ۾ ايئن ھوندو ناھي. باقي ان مھل ماڻھو جا اھڙا احساس ۽ سڀ محسوسات ئي سندس لاءِ وڏو ورثو، ثمر، ھاجيڪار، مايوسيءَ جا ڪارڻ ھوندا آھن، جنھن ۾ ڪو تڳي ويندو آھي تہ ڪو ڊھي پوندو آھي. جان بيبي بہ اندر ۾ پري پجي پئي ھئي ۽ سندس قوت برداشت ڇڻ ختم ٿي ويئي ھئي. ھوءَ روز اھو ارادو ڪندي ھئي تہ پلي چا بہ ٿي پوي پر ھوءَ طارق خان جي اڳيان ڪجھہ بہ نہ ڪچندي. پر جڏھن اڪيلائيءَ ۾ طارق خان ڪيس اباڻڪي ڏسي سواليہ نظرن سان ڏسندو ھو تہ ھوءَ بيوس بنجي پنھنجي ھانءُ جو پريل ٿانءُ سندس اڳيان اٿلائي ڏيندي ھئي ۽ جنھن سان پيار ڪبو آھي اندر جي انتھائي گھراين سان تہ ان جي ذري، پرزي ۽ معمولي تڪليف بہ ماڻھو پنھنجي موت ڪان وڌيڪ مشڪل لڳندي آھي ۽ ڏکوئيندي آھي، پر ھتي تہ پيار جو نہ

پر عشق جو معاملو هو صدين تي محيط ۽ جنمن تي ڀاري- جان بيبيءَ کي تہ توري تڪليف نہ پر اذيتن سان واسطو هو ۽ طارق خان جهڙو دنيا جو مجيل ذهين ۽ عقلمند نہ رڳو سڀ محسوس تي ڪري سگهيو، پر هو تہ جان بيبيءَ سان ٿيندڙ ظاهريْ اذيتن جون وارداتون پنهنجي اکين سان بہ ڏسي رهيو هو. ۽ ايئن سندس هالت گهرو حالتن جي ڪري ويتر بگڙي رهي هئي. ڊاڪٽر حيران هئا تہ هيترين دوائن ۽ پرهيز جي باوجود هو نيڪ چو نٿو ٿئي، سندس بي پي چو نٿو ڪنٽرول ٿئي؟ طارق خان جان بيبيءَ جا هريا نيڻ ۽ اباٽڪو مک ڏسي پريشان ٿي پوندو هو. اڄ بہ جڏهن نہ چاهيندي بہ جان بيبيءَ جي وات مان پاٽمرادو اهي لفظ نڪتا تہ، ”حميد تو چوي تہ، پنهنجا ٽپڙ ٽاڙي گول ڪر!“ اهو ٻڌي طارق خان ڪاوڙ مان ٻاڙهو ٿي ويو ۽ هن اٿڻ ۽ ڳالهائڻ چاهيو! ان ڪوشش ۾ هو ساٽو ٿي پيو سندس حالت خراب ٿيڻ لڳي. جان بيبي گهبرائجي ڪمري کان ٻاهر نڪتي. ناديہ کي ڏسي چيائين، ”اڄ، اچي ڏس تہ تنهنجي پيءُ کي ڇا ٿو ٿئي؟“

”ڇا ٿيو آهي بابا کي، ڇا ڪيو اٿئي بابا کي؟“

۽ ڊوڙي طارق خان جي ڪمري ۾ آئي طارق خان جي حالت خراب هئي ۽ هو وڏا وڏا ساه ڪٽي رهيو هو. ناديہ ڊوڙي وري ڪمري کان ٻاهر نڪتي، ”بابا کي الائي ڇا پيو ٿئي!“

سيئي ڊوڙندا آيا. اڪبر هڪدم فون ڪري ڊاڪٽر کي گهرايو. ڊاڪٽر اچي ڪيس ڏسي ٻاهر اچي چيو، ”اڪبر خان، سائينءَ جي ذهن تي ڪهڙو ٽينشن آهي، ڇا ڳالهہ آهي جو سندس بي پي وڌي ٿو وڃي ايترو، وري بہ ڪيس اسپتال ۾ ايڊمٽ ڪرڻو پوندو. گهر ۾ تہ نيڪ نٿو ٿئي!“

طارق خان وري بہ اسپتال ۾ داخل ٿيو. جان بيبي گهڻو ئي چاهيو تہ هوءَ بہ طارق خان سان گڏ اسپتال ۾ رهي پر حميد سختيءَ سان چيو، ”نہ، تنهنجي هلڻ جي ڪا ضرورت ناهي، اسان جو پيءُ آهي، اسين ڪيس سنڀالي ۽ سندس خدمت ڪري سگهون ٿا ۽ جڏهن امان اسپتال ۾ نٿي وڃي تہ تون ڪير آهين بابا سان گڏ رهڻ واري؟“

طارق خان جي طبيعت اسپتال ۾ اچڻ سان هڪدم سڌرڻ لڳي. بي پي نارمل حد تائين اچي ويو ۽ ساهه جي تڪليف به تمام گهٽ ٿي ويئي بلڪ بلڪل صحيح ٿي ويئي هئي، آڪسيجن وغيره ڏيڻ جي ڪري. ۽ جڏهن کيس هوش آيو ته هو اڪين ئي اڪين ۾ سيني گهر ياتين کان جان بيبيءَ لاءِ پڇڻ لڳو. اڪبر چيو، ”خير آهي بابا، سڀ خير آهي، اوهان نيڪ ٿيو ته گهر تا هلون!“

هو ڇڻ بار کي ڌتاريندو هجي. عقل جو اڪابر طارق خان سندس اکين جي گوٺ ناٺ کي وڏيڪ اهميت ڏيئي رهيو هو سندس لفظن جي پيٽ ۾.

جان بيبيءَ وڏا حيلا هلايا، اسپتال وڃڻ لاءِ پر ڪوبه کيس حميد جي ڊپ کان اسپتال وٺي نه ويو. هوءَ جنهن جي آسري تي آئي هئي اهوئي نه هو:

بيلي ناهه پنيور ۾، تنهن سسئي جو سهي،
ڏمر ڏيرن من ۾، ڪندا ايئن ڪهي،
لنگهائي لطيف چئي، ڪٽج ڄام ڪهي.
هي معذور هڏ مئي، تون ڪانڌم وڄج ڪيڏاهين.

لطيف جو رسالو پڙهندي هوءَ چلڪي پيئي. سندس اکين مان لڙڪ ايئن وهڻ لڳا جيئن مينهن کان پوءِ ڇت جا نارا وهن لڳندا آهن. کيس اڪيلي ڏسي همٿون به ساٿ ڇڏي ويون هيون، ڪميڻن ماڻهن جيان! پوءِ به طارق خان جي ٻل تي اکيون اگهي اٿي، ”نازو، گشان ۽ مديءَ کي ته وٺي اچ.“

ناديه جيڪا سندس ڪڌ بدنصيبيءَ جيان هوندي هئي ان چيو، ”خبردار نازو، جو اوڏانهن ويئي آهين، حميد کان ٽنگون ڀڃرائي ڇڏيندي سانءِ! نٿيون ڪپن اهي حرامزاديون اسان کي.“

”ناديه، مان جنهن جي سر لاءِ هتي رهيل آهيان هيءَ گهر ان جو آهي، ۽ مان ان گهر ۾ رهي به سگهان ٿي ته ڪنهن کي گهرائي به سگهان ٿي.“

”اوه، اهو ته نئون انڪشاف ٿيو.“

شهناز اچي چيو، ”چاهي نادي؟“

”امان، جاني ٿي چيو تہ هي سندس گهر آهي ۽ هو جنهن کي چاهي گهرائي، سڏائي ٿي سگهي.“

”صحيح تہ چوي ٿي جاني، ٻيو ڪهڙو گهر آهي سندس، هيءُ ئي تہ آهي.“

”امان، امان!“

”دانهون نہ ڪر نادي، جيئن مون چيو آهي، جيئن جاني ٿي چوي اهو ئي صحيح آهي.“

جان بيبي حيرت مان شهناز کي ڏسڻ لڳي جيڪا ڪنهن ديوتا جو پوتر روپ وٺي سندس اڳيان بيٺي هئي ۽ جان بيبي ڪنهن داسيءَ جيان سندس قدمن ۾ ويهي رهي. شهناز هڪدم ڪيس اٿاري ٻاڪر پاتو.

”جاني، تون ڪوبہ فڪر ۽ غم نہ ڪر. آءٌ آهيان نہ.“

۽ جان بيبي اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. شهناز پنهنجي رئي سان سندس لڙڪ اگهڻ لڳي.

ناديہ چڙي چيو، ”امان، تو وري ڪهڙو بابا کي سک ڏنو هو، جو جانيءَ جو رويو توکي ڏکوئيندو، اوهين ٻئي بابا جون دشمن آهيو.“

ناديہ وقتي رهي هئي. حميد اسپتال مان پريشان گهر ۾ گهڙيو تہ ناديہ وڌي چيو، ”بابا ڪيئن آهي حميد؟“

”بابا ٺيڪ ناهي.“

”ڇا ٿيو آهي بابا کي؟“

”خبر ئي نٿي پوي، ڊاڪٽر بہ سندس طبيعت جي باري ۾ ڪجهہ نٿا چئي سگهن.“

ناديہ روئي جان بيبي ڏانهن اشارو ڪري چيو، جيڪا الائي ڪهڙي خوف مان لرزي رهي هئي. ”هن نياڳي جانيءَ اسان جو بادشاه پيءُ ڪهڙن حالن ۾ ڪيو آهي.“

شهناز حيران هئي. حميد ڪاوڙجي جان بيبيءَ کي ڏنو جيڪا حميد جي ڪاوڙيل اکين جي تپش نہ سهندي سڪل پن جيان ڏڪي ۽ ڪاري ٿي رهي هئي.

”جاني، تون پنهنجي پروگرام ۾ مڪمل ڪامياب ويئي آهين چو تہ تون اسان ڪان بابا ڪسڻ ۾ مڪمل ڪامياب ٿي ويئي آهين. هاڻي مهرباني ڪري اسان جي گهر ڪان ٻاهر نڪر. نظرن تان ٽري وڃ. هاڻي مان تنهنجي صورت هن گهر ۾ هڪڙو پل بہ ڏسڻ نٿو چاهيان.“

حميد جو آواز بہ طارق خان جهڙو هو ۽ هو طارق خان وانگيان ئي ڪاوڙ مهل جهڪو ۽ ڏيمو ڳالهائيندو هو. شهناز هڪدم اڳيان وڌي چيو، ”هوش ڪر ابا هوش ڪر، ڳالهائين چا پيو؟“

حميد واقعي بہ هن مهل هوش ۾ نہ هو. چرين جيان جان بيبيءَ جي ڪمري ۾ گهڙي سندس چيزون ٻاهر اڇلائيندي چيائين، ”نڪري وڃ هينئر جو هينئر... نہ تہ آءٌ توکي شوٽ ڪندس.“

هو جان بيبيءَ جي ڪمري مان انتهائي غصي جي حالت ۾ نڪتو تہ شهناز چيو، ”ابا، جاني ڪي ڪهڙي حساب ۾ گهران ٿو ڪڍين، هن ڪي تہ تنهنجو پيءُ پاڻ وٺي آيو آهي... توکي پنهنجي پيءُ جو بہ خيال ڪونهي؟“

حميد تہ چڻ ڪجهہ ٻڌي ئي نہ رهيو هو تڪڙو تڪڙو پنهنجي ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳو تہ جان بيبي جنهن جي حالت جو اندازو لڳائڻ هينئر هر ڏاهي ۽ باشعور ماڻهو لاءِ بيحد مشڪل هو. هوءَ بدحواسيءَ مان پنهنجي ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳي تہ شهناز هڪدم ڪيس ٻانهن کان جهلي روڪي چيو، ”ايڏانهن اندر نہ وڃ جاني، تون حميد کي نٿي سڃاڻين، هينئر خدا جي واسطي حميد جي نظرن تان هٽي وڃ.“

جان بيبيءَ گهبرائجي چيو، ”ڪيڏانهن وڃان؟“

”ڪيڏانهن بہ پر هينئر تون هلي وڃ، پوءِ آءٌ توکي وري گهرائيندس.“

جان بيبي پريشان پريشان هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي. شهناز پريشاني ۽ گهبرائٽ ۾ چيو، ”ياڳي، نازو، ٻئي وڃو، جانيءَ کي ڪيڏانهن بہ وٺي وڃو. حميد شايد بندوق ڪڍڻ ويو آهي.“

جان بيبي ڊپ مان ڌوڙندي ياڳي ۽ نازوءَ سان گڏجي گھر کان ٻاهر نڪري ويئي. اهو گھر جيڪو سندس محبوب جو هو. دنيا کي پناهون ڏيندڙ طارق خان جو گھر ۽ اڄ ان ئي گھر مان سندس پياري محبوبہ بنا پناهہ جي نڪتي پي ويئي. شايد بندوقن جي ڇاڇي ۾ نڪرڻ سندس مقدر هو، جلاوطن ٿيڻ يا بي گھر ٿيڻ، هيءَ تہ سندس نہ وطن هو ۽ نہ گھر. ان بي عنوان دربدري کي کهڙو نانءُ ڏجي، جيڪا هر ڀيري کيس وايو منڊل ۾ بنا آڪاش ۽ ڌرتيءَ جي لٽڪائي ڇڏيندي آهي. ڏٺيءَ هوندي ننڌٽڪي گھر هوندي بي گھر. جان بيبيءَ کي ياڳي ۽ نازو ڏڪنديون ڌوڙائينديون پنهنجي گھر وٺي آيون.

”جيجي، سائين حميد جيئن چوي ٿو ايئن ڪري بہ ٿو. هاڻي اڃا بہ مهينا بہ نہ ٿيا هوندا جو ويچاري قاسوءَ کي پير ۾ گولي هنئين اٿائين بنا ڪنهن ڏوهہ گناهہ جي، ويچارو اڃان تائين پير جهليو وينو آهي. نڪو داد ٿيس نڪو فرياد.“

جان بيبي ڪجهہ بہ نہ ٻڌي رهي هئي. هوءَ ايڏي تہ پريشان، خوفزده ۽ غائب دماغ هئي جو هيڏي هاڃي تي سندس اکين ۾ ڪو هڪ لڙڪ بہ اچي نہ سگهيو هو، شايد لڙڪن کي اچڻ لاءِ بہ ڪجهہ وقت کپي ٿو ۽ ايترو وقت تہ جان بيبي کي طارق خان جي گھر مان نڪرڻ لاءِ بہ ملي نہ سگهيو هو. ياڳيءَ کيس پنهنجي گھر ۾ کٽ تي نئين رلي وڇائي ويهاريو تہ هوءَ اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. رات ٿيڻ واري هئي هن ياڳيءَ جي گھر ۾ ماني تہ ڇا پاڻيءَ جو ڍڪ بہ نہ پيتو هو. سيئي کيس منٿيون ڪري ٿڪ ٿي پيا هئا. رات جو هن چيو، ”گشان ۽ مديءَ کي وٺي اچو.“

ياڳي ۽ نازو حميد جي ڊپ کان کيس اتي پهچائي ڇڏي وري هليون ويون هيون. ياڳيءَ جي ننهن قاپوءَ چيو، ”جيجي، گشان ۽ مديءَ وارن جا گھر اسان کان گهڻو پري آهن. مان تہ ڪڏهن اوڏانهن نہ ويئي آهيان، باقي منهنجي مڙس کي خبر آهي ان کي موڪليان ٿي تہ وٺي اچين.“

جان بيبي کيس شڪرگذار نظرن سان ڏسڻ لڳي. قاپوءَ جو

مڙس رمون، گشان ۽ مديءَ کي وني آيو، جيڪي جان بيبيءَ کي اتي ڏسي پريشان ٿي ويون ۽ حقيقت ٻڌڻ کان پوءِ اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳيون. جاٰن بيبيءَ سپاٽ لهجي ۾ چيو، ”اوهين مون کي پنهنجي گهر وٺي هلو.“

گشان هنجون اگهي چيو، ”حاضر جيجي، اکين تي، پر اسان جو گهر پري آهي. مان رڪشو وٺي ٿي اچان.“

مُدي صفا ماٺ ۽ خاموش بنا آواز جي لڙڪ هاريندي رهي. گشان رڪشو وٺي آئي ته جان بيبي هلڻ لاءِ اٿي بيٺي. جيڪا عام گهر جي شيفون واري رئي ۾ هئي ۽ ايئن ئي اڌ اگهاڙي مٿي سان طارق خان جي گهر مان نڪتي هئي. مدي ۽ گشان کيس ان حالت ۾ ڏسي نئين سر روئڻ لڳيون. پاڳيءَ جي ننهن ڦاپوءَ کيس وڏي چادر آڻي مٿي تي پارائي. هوءَ پنهنجو وجود ان ۾ لڪائي گشان ۽ مديءَ سان گڏ اچي رڪشي ۾ ويٺي.

رات جو دير سان طارق خان جي حالت اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جي وڏي ڪوشش سان سڌري. صبح جو اڪبر ٽڪو ڪٽو گهر آيو ته شهناز ڏک مان اڪبر کي سڄي حقيقت ٻڌائي ته اڪبر پريشان ٿي ويو ۽ ڪاوڙجي چيائين، ”حميد پلا ماڻهو آهي، ڇا آهي پاڻ کي سمجهي ڇا ٿو، جيئن ٿو ساڻس پيار ڪجي، عزت ڏجي، تيئن ٿو هو چوٽ چڙهي.“

”ابا، هو ته بندوق کڻي آيو هو... ان مهل جي آءٌ کيس ٽڪڙ ڪري گهر کان ٻاهر نه ڪڍان ها ته هو صفا کيس ماري وجهي ها!!“

اڪبر ڏک مان چيو، ”ويئي ڪيڏانهن، هاڻي ڪٿي آهي؟“

”پاڳيءَ جي گهر، پاڳي کيس پنهنجي گهر ۾ ڇڏي پوءِ ٽڪڙو ئي موٽي آئي هئي.“

”اوه، حميد چرئي کي بابا جو به خيال نه آيو. صفا بيشرم آهي حميد، هاڻي هو لنگهن جي گهر ۾ هوندي؟“

”ڇا ڪريان پٽ؟“

”پاڳي، او پاڳي.“ اڪبر سڏيو.

”جي سائين.“
ياڳيءَ کان اڳ نازو ڊوڙندي آئي، ”ياڳي ڪٿي آهي؟“
”ياڳي وڏي عمر جي ڪري آهستي آئي، ”جي سائين...“
”هلو.“
”ڪيڏانهن سائين؟“
”ڪيڏانهن وري ڪيڏانهن، جاني تنهنجي گهر ۾ آهي نه؟“
”جي هئو سائين، منهنجي گهر ۾ آهي، پوءِ ڪيڏانهن وڃي وڃانس ها؟“
”وڃي هل مون کي پنهنجي گهر.“
اڪبر ياڳيءَ سان گڏجي سندس گهر آيو ته اتي جاني نه هئي، ڦاپوءَ چيو،”سائين، هوءَ گشان ۽ مديءَ سان گڏجي سندس گهر ويئي آهي.“
”پوءِ هلو انهن جي گهر.“
”سائين مون ته انهن جو گهر ڏٺوئي ڪونهي. رات جو به منهنجو مڙس انهن کي وٺي آيو هو جيجي جي چوڻ تي.“
”رمون ڪٿي آهي؟“
”سائين ڪم تي هليو ويو آهي.“
”اوه، پيو ڪنهن انهن جو گهر ڏٺو آهي؟“
”سائين، اهي هتان اسان وٽان لڏي الائي ڪٿي وڃي مسواڙ جي جاءِ ۾ رهيا آهن.“
اڪبر وري گهر آيو ته شهناز پڇيو، ”جاني ڪٿي آهي، ملي آيو آهين، وٺي ڇو نه آئين؟“
”امان، اتي جاني نه هئي.“ اڪبر مايوسيءَ مان چيو ته شهناز جون اکيون الائي ڪهڙي خوف مان ڦاٽي ويون، ”ائي گهوڙا، پوءِ ڪيڏانهن ويئي؟“
”گشان وارين جي گهر ۽ انهن جو گهر سواءِ رمونءَ جي ٻيو ڪنهن به نه ڏٺو آهي.“
ڪجهه ياد ڪري تڪڙ مان اٿندي چيائين، ”تي سگهي ٿو ته علوءَ کي به خبر هجي.“

شهناز ڪنهن خطري جي پيش نظر ڪيس ٻانهن مان جهلي چيو، ”بيهه، ابا ٻڌ، هينئر ٺي وني نه اچجين، هينئر حميد الائي ڇا ڪري؟“

اڪبر ڪاوڙ مان پنهنجي ٻانهن ڇڏائي چيو، ”امان تنهنجون ڳالهيون ٺي پنهنجيون آهن، مان هينئر تو وني اچانس پوءِ ڏسان تو حميد ڇا ٿو ڪري! چوينس ٻچو، اهي ٻين سان مقابلا ڪيا هوندئي.“

شهناز روئندي چيو، ”ابا خدا کي مڃ، تون سياڻو آهين، هو ٻي چيو، مست آهي... آئون تي توکي صحيح صحيح ٻڌايان... تون پلي ڪيس وني اچ، پر هو اڄ ڪيس مارڻ کان سواءِ نه ڇڏيندو، اڄ هو سندس خون ڪندو يا ته ٻئي پائر پلي پاڻ ۾ اٽڪي شيشا ٿيو. منهنجو چيو ته نڪو تون ٿو مڃين نه ڪي هو... مون کي زهر ذري آڻي ڏيو، پوءِ ٻئي مرضيءَ وارا آهيو، جيئن وڻيو تيئن ڪريو.“

اڪبر ٻئي هٿ مٿي تي رکي صوفي تي ويهي رهيو.

گشان جي گهر اچي جان بيبيءَ ڪجهه سڪون جو ساهه کنيو. گشان ۽ مدي ٻئي ماٺ ۽ خاموش سندس پيرن کي زور ڏيئي رهيون هيون ۽ جان بيبي جي نيڻن مان گونگا ڳوڙها ڳلن تان ڳڙي رهيا هئا.

مٿي منجهان مينهن، پسيو پاٽيءَ جيئن وهي،
مون پانيو نينهن، چيون چيري سنديون.

گشان اتي طاق تان تيل جي شيشي ڪڍي آئي ۽ پنهنجون انجهيون اگهي ڪيس مٿي ۾ تيل لڳائي مالش ڪرڻ لڳي. ”جيجي، ڪجهه ته ڪاءُ، آئون ته منتون ڪري مئي آهيان.“

جان بيبيءَ ڪيس حيرت مان ڏٺو، ڄڻ چوندي هجي، ’مئل به ڪڏهن ماني کائيندا آهن؟‘ گهٽي زور پرڻ تي تنگ تي سندس هٿ پنهنجي مٿي مان ڪڏي ڪين تنها ڇڏڻ جو ڇئي، ليٽي پيئي. هو به ٻيئي سندس کٽ جي پر ۾ پٽ تي سمهي پيون. جان بيبي کي طارق خان جو ڪيس پيار مان تڪيندڙ چهرو ياد اچي ويو ۽ ساڻس گڏ لطيف جو بيت پڻ ياد آيو:

ڏاتــر مــون ڏيکــار، هــوتن جــو حضــور،
پــرين پــرچڻ جــو کيــو، موٽــائي مــذکور،
ايءُ دوستن جو دستور، جيئن چنان چنن کين کي.

سجي رات سندس اکيون وسنديون رهيون، دل سڏکندي رهي تڙپندي روئندي رهي:

کـاٽيون لوڻيـون اکيـون، کنيـون کيـن کچـن،
منيـون مـاٺ نــ کـن، هيـون رهـن نــ هـوت ريءُ.

زندگيءَ جي ڪتاب جو هڪڙو هڪڙو باب ماٺ ۽ خاموشيءَ سان ختم ٿي رهيو هو. بنا ڪنهن گوڙ گهمسان جي، بنا ڪنهن احتجاج ۽ فرياد جي پهرين هڪ آس هئي هڪ سهارو هو، اهو بہ اٽڪڻ ين، اٺمٽ اونداهين ۾ لڪي وڃائجي ويو ۽ هٿن ۾ رڳو ويل وقت جو ڪشڪول هو. جنهن ۾ ڪجھ يادون ڪجھ لفظ ڪڙڪي رهيا هئا. اهوئي حصو هو سندس گهاريل جيون جو. سيئي ڏيئا اجهامي ويا هئا پر ڪيس پڪ هئي تہ ان ٻاٽ ۾ بہ اکيون سندس انتظار ۾ ٻري رهيون هونديون. اکيون ڪولي نهاريائين، رات ڪيڏي ڪاري، ڪيڏي سرد ۽ ڪيڏي ڏکاري آهي:

”تون ڇو ايترو ڏکاري آهين، جدائيءَ جي رات،
مان بہ تہ پوڳيان پيئي توسان گڏ،
تون اڪيلي ٿوري آهين، جو ايڏي ڏکاري آهين؟“

هر ساھ سندس ياد ۾ سوڳوار ٿي گذري. رات تہ ڪنجي ئي نٽي. خيالن جا پاڪر بہ ننڊ نٽا آٽين. پر ننڊ تہ مون سان گڏ ٿاجي ۾ ويهي پيئي اوسار ڪري:

نہ نہ، مون کي قيامت تي اعتقاد ناهي!
جدائيءَ جي رات کان وڏيڪ آهي ڇا روز جزا؟

هونئن ڏسجي تہ جدائيءَ جي رات بہ هڪ رات آهي، پر گذارڻ کان پوءِ ٿي خبر پوي تہ قيامت کان بہ ڏکي آهي.

پــاڙي نــاهي پــروڙ، تــہ کــا رات رنجـائي گـذري،
ٻــانيڻ ٻــاروچن جــي، گهــائي وڏي گهــور،

پلٽـيس پنهـونءَ ڄـام ڄـا، پـورن مٽـان پـور،
هــڪ سسـئي ٻيـا سـور، ويـا پٽينـدا پـاڻ ۾.

سياري جي سرد ڏگهي رات جو لمحو لمحو پنهنجي هئڻ جو حساب ڪتاب جان بيبي کان پڪو پختو وٺي رهيو هو. نيٽن مان جر جاري هو ۽ سوچن جو سفر الائي ڪٿان ڪان ڪٿان منزلون ماريندو هليو ويو هو، پنهنجي گهر ۾ طارق خان سان ڪيل پهرين ملاقات کان وٺي ساٽس گڏجي پنهنجي گهر کي هميشہ لاءِ ڇڏي اچڻ وارا سيئي منظر بيحد واضح ۽ چٽا سندس اکيان گذرڻ لڳا. ايترو واضح ۽ چٽا... ڄڻ جيئرا جاڳندا هجن ۽ هوءَ هٿ لائي ڇهي ۽ کين جهلي بہ سگهي... هڪڙي منظر ۾ طارق خان کلندو، مهڪندو سندن حويليءَ جي گيٽ مان گهڙي ٿو ۽ کيس ڏسي ڏانهنس وڌي اچي پنهنجن هٿن ۾ جهليل شاپنگ بيگز سندس هٿن ۾ ڏيئي مشڪي اندر ٿو وڃي. هوءَ ان منظر ۾ ايڏي تہ اندر هلي ويئي هئي جو هڪدم اٿي ويني ۽ پنهنجون ٻانهون وڌائي کيس ياڪر پائڻ چاهيائين، پر هوءَ لڙڪن ۽ سڏڪن جي سمونڊ ۾ پيهي ويئي:

ڪـا ڪجـاه ور، ڪميٽـيءَ تـي ڪيڇـا!
آءٌ اوهـان جـي آهيـان، ٻـانهي ٻاروڇـا،
دلاسـي دوسـا، مٽـان مـون کـي ڇـڏيو.

صبح جو طارق خان جي حالت وڌيڪ بهتر ٿيندي ويئي تہ طارق خان جي گهر جي سوڳوار ماحول ۾ ڪجهہ سرهائي آئي. اڪبر اچي ٻڌايو تہ ”اسپتال ۾ بابا ٿورو سوپ پيتو آهي.“

گشان جي گهر ۾ صبح جو گهٽي ڇوڙ کان پوءِ اوجاڳيل جان بيبيءَ اڌ ڪوپ چانهہ جو پيتو. سڄي رات جون اوجاڳيل ۽ روتل اکيون بيحد ڳاڙهيون ۽ سڄيل هيون. گشان ۽ مدي سندس خوبصورت پر ڏڪاري ۽ روتل چهري ۾ نهاري بہ نٿي سگهيون.

”گشان، مدي.“

”جي جيجي.“

”اصل ۾ اوهين ڪٿي جا آهيو، هتي ڪراچيءَ جا تہ ناهيو،ڪٿي ٿا رهو؟“

”جيجي، اسين اصل لسٻيلي جا آهيون، اتل ۾ ٿا رهون.“

”اتي هاڻي ڪير آهي؟“

”جيجي، اتي سڄا راڄ آهن اسان جا منهنجا چاچا، ماما، پڦيون، ماسيون پر سڀئي اوڏانهن آهن... هتي ته اسين ٿورا نوڪرين جي سانگي، ڪمن لاءِ آيا آهيون.“

”مون کي اوڏانهن وٺي هلو.“

”جيجي“، گشان ۽ مديءَ جون حيرت مان اکيون ڦاٽي ويون.

جان بيبيءَ ٻوساٽ مان چيو، ”گشان، مون کي ڪراچيءَ مان ٻاهر ڪڍو، منهنجو ساهه ٿو گهٽجي.“

”جيجي، اڄوڪو ڏينهن ته هتي آرام ڪر.“

”آرام!!“ جان بيبيءَ روئندي روئندي مشڪي ڏنو.

”جيجي، اوڏانهن بسيون وينديون آهن. اهي به ڪتارا.“

”پوءِ ڇا هي؟“

”جيجي، تون انهن بسن ۾ وينديءَ؟“

جان بيبي جي پنبٽين ۾ اٽڪيل لڙڪ ڪري پيا ۽ هو ٻيئي به روئڻ لڳيون.

”جيجي، هن حالت ۾ تون ڪيئن ڏکيو سفر ڪري سگهندينءَ، اڄ نه جيجي اڄ نه!“

”يلا هن هنڌ ڪان پري، هتيئي ڪراچيءَ ۾ اوهان جو ڪو ٻيو مائٽ رهي ٿو؟“

”ها جيجي، منهنجي نڻان جو گهر آهي ڪراچيءَ ۾ لاسي ڳوٺ ۾.“

”اهو هتان ڪان پري آهي؟“

”ها جيجي گهڻو پري آهي.“

”مون کي هينئر ئي اوڏانهن وٺي هلو.“

”ڇو جيجي، اوڏانهن ڇو؟“

”بس، مان هنن ڪان پري وڃڻ ٿي چاهيان.“ هن بيقراريءَ مان چيو.

مديءَ رڪشو وٺي آئي. ٽيئي چڙهيون رڪشي ۾ وينيون.

”گشان، منهنجو پتو ڪنهن کي بہ نہ ڏجانءِ.“

”جي جيجي، ڪنهن کي بہ نہ ڏينديس.“

گشان ۾ مدي ٻئي بس ماٺ رڳو ڪيس ڏسي رهيون هيون. اڳ جن کي ماٺ ايندي ئي نہ هئي، اڄ تن کان لفظ ئي نٽي ليپيا، اڪليا. هلندي رڪشي ۾ برقعي جي رهيگ جان بيبيءَ چادر جو پلوءُ پنهنجي ڇهري تي وجهي ڇڏيو.

”ڇو ڪير سڃاڻي، ڇو ڪير ڏسي؟“

هو جي سور سڄڻ، سي مون پينگهي ۾ پرايا،
سانديياس سڪن، سورن ڪارڻ سرتيون.

هن گشان ۾ مديءَ کي بہ ڇيو تہ اهي بہ پنهنجا منهن ڍڪي ڇڏين انهن بہ پنهنجي پوتين سان پنهنجا منهن ڍڪي ڇڏيا. رڪشو تيز رفتاري سان ٻي ويو. ڪراچيءَ جو شهر، انٽرنيشنل شهر، دنيا جو مشهور ۾ پڌرو شهر، وڏيون وڏيون عمارتون، وڏيون بازارون ۾ وڏي رش ۾ رونق، وڏا ۾ ويڪرا روشن روڊ (۾ ننڍيون سڪڙيل ميريون دليون.) جان بيبيءَ کي انهن مان ڪنهن سان بہ ڪو مطلب ۾ سروڪار نہ هو. هن جون اکيون بند ۾ منهن ڍڪيل هو. هوءَ ڪجھ بہ ڏسي نہ رهي هئي. جڏهن ڪنهن سان ڪو واسطو ئي نہ هو تہ ڏسڻ مان ڪهڙو فائدو؟ ڪنهن ڪنهن هنڌ ناجائز اسپيڊ بريڪر جي ڌڪي تي هوءَ لڏي ٿي ويئي. پر اهي ڌڪا انهن ڌڪن کان وڌيڪ تہ تڪليفده نہ هئا جيڪي هوءَ اڳيان ڏسي رهي هئي. رڪشو ڪڏهن ننڍي تہ ڪڏهن وڏي روڊ تي ٻي آيو. هڪ هنڌ هڪڙي ايمبولينس رڪشي کي ڪراس ڪري اڳيان نڪري ويئي. هنن ٽنهي جا منهن ڍڪيل هئا. ڪين خبر ئي پئجي نہ سگهي تہ ايمبولينس ۾ طارق خان هو، جيڪو اسپتال ۾ سندس ڇوڻ جي باوجود تہ جان بيبيءَ کي وٺي اچو ۾ ڪيس ايندي نہ ڏسي پاڻ کي زوريءَ ڪٽائي پئي جان بيبيءَ ڏانهن آيو.

اسپتال ۾ طارقڙ خان جي حالت نيڪ تہ هئي پر بلڪل نيڪ نہ هئي. ڊاڪٽرن ڇيو هوتہ، ”سائين جي طبيعت سڌري تہ آهي پر اجان پلي هڪ بہ ڏينهن اسپتال ۾ هجي.“

پر طارق خان جي طبيعت جيئن ئي ڪجهه بهتر ٿي سندس اکيون سيني کان ۽ خاص طور تي اڪبر کان جان بيبيءَ لاءِ پڇڻ لڳيون. اڪبر سندس اکين جا سوال سمجهندي به جواب ڏيڻ جي پوزيشن ۾ نه هو ۽ گهبرائڻ ۽ ٽٽائڻ لڳو. طارق خان ڇڻ سمجهي ويو ته ضرور ڪجهه ته ٿيو آهي جو سندس اندر ايڏو بيچين ۽ بيقرار آهي. هن هڪدم گهر هلڻ جو ارادو ڏيکاريو. اڪبر ڊچي سردار نيڪ محمد خان کي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو، هو به نهايت، گهڻو پريشان ٿي ويو، طارق خان کي گهڻو ئي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيائين پر ڪيس به پنهنجا لفظ پراثر نه لڳا ۽ طارق خان کي هو مڃائي نه سگهيو.

ڊاڪٽرن چيو، "نيڪ آهي، ڀلي سائين هينئر گهر وڃي، ٿي سگهي ٿو اتي سندس طبيعت بهتر ٿيئي باقي هينئن ضد ۽ ڇڪتاڻ سندس لاءِ صحيح ناهي."

اڪبر سوچيو، "گهر وڃي جيڪا حالت بهتر ٿيندي اها مون کي خبر آهي."

گهر اچي جڏهن طارق خان جان بيبي کي نه ڏٺو ته هڪدم شهناز جي ٻانهن کي سٽ ڏئي سڪ جهلي اکين سان جان بيبي جي ڪمري ڏانهن اشارو ڪري سندس لاءِ پڇيو ته شهناز گهبرائجي اڪبر ڏانهن نهاريو. اڪبر چيو، "بابا، جاني کي صبح جو بخار ٿي پيو هو. ڊاڪٽر ڏانهن وئي اهي."

وري به طارق خان اشاري سان پڇيو ته، "ڪنهن سان گڏجي وئي آهي؟"

اڪبر کان ڪوبه جواب نه جڙيو ۽ هو بهانو ڪري ڪمري کان ٻاهر نڪتو، "ڏسان ٿو، چاچا نيڪ محمد وارا آهن يا هليا ويا."

مائٽن کي خبر پئي ته طارق خان اسپتال مان گهر آيو آهي ته اهي به سيئي گهر آيا پر طارق خان جون نظرون جان بيبي جي خوبصورت، پياري وجود کي تلاشينديون رهيون. سيني جي موجودگي ۾... جڏهن شام به گهري ٿيڻ لڳي هئي ۽ جان بيبي وٽس نه آئي ته جان بيبي جي ڪمري ڏانهن اشارو ڪري چيائين،

”مون کي اوڏانهن وني هلو.“ سيئي ڏجي ويا. اڪبر چيو، ”بابا، ڪٽڻ ساڻ اوهان کي تڪليف ٿيندي.“

هن شينهن وانگيان بنا لفظن جي هڪل ڪئي ۽ سيئي ڪيس جان بيبي جي ڪمري ۾ وني آيا. هو پريشان ٿيڻ لڳو. شهناز کي اشارن سان جان بيبي جو ڪبٽ کولڻ لاءِ چيائين. اڪبر ڊوڙي ڪبٽ کوليو تہ سندس ڪپڙا هيٺ ڪري پيا. طارق خان چرڪي پيو ۽ ڪپڙن ڏانهن اشارو ڪري پاڻ ڏانهن آٽڻ جو چيائين. اڪبر سيئي هيٺ ڪريل ڪپڙا ڪٽي آٽي طارق خان کي ڏنا. طارق خان سيئي ڪپڙا پنهنجي هنج ۾ رکي انهن مان برقعو ڪڍي ڏيکارڻ لڳو. اهو ڏسي اڪبر ۽ شهناز بہ گهبرائجي ويا پر دروازي تي بيٺل سندس سيئي ٻار پريشان ٿي ويا. اڪبر ماءُ کي اکين ئي اکين ۾ سڀ ڪيس ٻڌائڻ جو چيو. شهناز ڏجي وئي. اڪبر ماءُ کي آهستي چيو، ”امان، بابا کي ٻڌائڻ ضروري آهي، جيڪا بہ ڳالهہ آهي اها بابا کي ٻڌائي ڇڏ. نہ تہ ايئن تہ هو وڌيڪ پيو پريشان ٿئي تہ الائي ڇا ٿي ويو آهي؟“

شهناز ڏجي اڪبر کي چيو تہ تون ٻڌاءِ.

طارق خان کي مونجهہ ٿيڻ لڳي تہ اڪبر هڪدم اڳيان اچي چيو،

”بابا، ڪجهہ بہ ڪونهي. جان بيبي ٺيڪ آهي بلڪل. بس حميد سان جهيڙو ٿيو هو جنهن جي ڪري هو گهر ڇڏي ويئي آهي. هتي ئي آهي مون کي خبر آهي تہ هوءَ ڪٿي آهي. آءٌ هينئر ئو وني اچانس.“

سرد ماحول ۾ اها خبر طارق خان جي وجود ۾ رت گرم ڪرڻ واري لهر ڊوڙائي وئي. ۽ سندس حالت سڪتي جهڙي ٿي وئي. شهناز جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا ۽ هن طارق خان جي ڪلهن تي هٿ رکي ڇڏيا ۽ هڪ بي عنوان ۽ هلڪي آٿت انهن هٿن مان طارق خان جي وجود ۾ منتقل ٿي وئي. هن اکيون مٿي ڪٽي شهناز کي ڏٺو سندس اکيون ڳاڙهيون ۽ چهري تي ڏک نمايان هو. شهناز آهستي آهستي سندس ڪلهن تي پنهنجن هٿن جو دٻاءُ وجهي زور ڏيڻ لڳي.

جان بيبي گشان جي نڻان مهران جي گهر ايندي ساڻ چيو،
گشان، مدي منهنجو ساهه ٿو بند ٿئي. مون کي هتان ٻاهر ڪڍو. پنهنجي ڳوٺ وٺي هلو، ڪيڏانهن به پر ڪراچي کان ٻاهر نڪرو.“
گشان ڪيس هٿ ٻڌندي چيو، ”جيجي، خدا کي مڃ ٿورو ويهه ته سهي.“
مدي ته سندس پيرن تي هٿ رکي رڳو روئندي رهي. مهران ان اپسرا کي ڏسي حيران هئي. هن اڳ ڪڏهن به جان بيبي کي نه ڏٺو هو. ايڏي حسين عورت! هيءَ هن دنيا جي مخلوق لڳي ئي ڪانه ٿي. وري شان ۽ انداز سبحان الله، منهنجا رب تون سڀ ڪجهه ڪري سگهين ٿو. ماشاالله ماشاالله‘. مهران ڪجهه مذهبي قسم جي عورت هئي، پوتي کي نماز جي نقاب جيان ويڙهي سبحان الله چوڻ لڳي. جان بيبي جي بيچيني ۽ بيقراري عروج تي پهچي ويئي،
”گشان، خدا کي مڃ. آءٌ تي توکي هٿ ٻڌان. الله جي واسطي مهرباني ڪري مون کي پنهنجي ڳوٺ وٺي هل.“
پنهنجي اڳيان ڪيس هٿ ٻڌندي ڏسي گشان ۽ مدي جا هانءَ ٿي ڦاٿا. سندن اڳيان جان بيبي جا مائٽن ۾ گذاريل ڏينهن ۽ طارق خان وٽ ياڳ پريا دادلائي وارا ڏينهن اچي ويا. مدي سندس هٿ جهلي جيڪي ڏڪي رهيا هئا چمي ڏيندي چيو، ”جيجي، اٿل واري بس به هتان نٿي وڃي. اها به لي مارڪيٽ مان ويندي آهي. لي مارڪيٽ به هتان کان گهڻو پري آهي اتي پهچڻ لاءِ به ڪا ٽيڪسي يا رڪشو ڀاڙٽو پوندو.“
جان بيبيءَ پنهنجي ٻانهن ۾ پيل هيرن لڳل سونيون چوڙيون ۽ ڪنگڻ ڪڍي کين ڏيندي چيو، ”هن مان ته ڀاڙو ٿي ويندو نه؟“
گشان ۽ مدي اهو ڏسي سراپجي ويون. هڪدم وري ڪيس چوڙيون ۽ ڪنگڻ پارائي چيائون، ”جيجي، ان کان اڳ خدا اسان کي موت نه ڏي. اسان سڄي زندگي اوهانجو ڪاڏو آهي، ۽ هاڻي!!“
مديءَ هڪدم جذباتي ٿي پنهنجي بريزر مان ننڍڙو پرس ڪڍي

”نہ گشان نہ، نکو آءٌ وهنجا تي نکو کپڙا تي مٿايان بس هلو جلدي.“

”جيجي،ادا چاڪر رڪشي لاءِ ويو آهي.“

”لي مارڪيٽ ڪيترو پري آهي؟“

مدي اوچنگارون ڏئي پار ڪڍڻ لڳي، ”جيجي ڪي ڪهڙي خبر هنڌن، جاين جي رڪشن ۽ بسن جي!!“

در جي ٻاهران رڪشي جي بيهڻ جو آواز ٿيو.

جان بيبي هڪدم اٿي ڦاپوءَ جي ڏنل چادر مٿي تي پاتي تہ مهران، پرت ۽ ٿڪن سان پريل وڏي چادر ڪٽي آئي، ”جيجي، اها ڪتي جهڙي چادر مٿي تان لاهي هيءَ پاءِ هيءَ پوءِ بہ هن ڪان سٺي آهي... تنهنجي لائق جي تہ ناهي پر....“

”مهرباني، هي چادر سادي آهي سٺي آهي.“ جان بيبيءَ ڪيس پنهنجي چادر ڏيکاري پيار مان چيو، ”جيجي، اها کهري آهي هيءَ نرم ۽ ملائم آهي.“ مدي ڦٽڪي ٻٺي

”پلا مدي، هي پرت ۽ ٿڪن واري چادر پائڻ جو وقت آهي؟“

۽ انهن سان گڏ اچي رڪشي ۾ ويني لي مارڪيٽ ۾ پهچي رڪشي مان لهي بس وٽ ايون. بس ۾ ڏاڍي رش هئي. گشان ۽ مدي ڪيس وٺي ڊرائيور واري پاسي کان چڙهيون. زالن رڙيون ڪيون.

”ائي هي گهوڙيون تہ اسان کي چلي ٿيون مارين!!“

جان بيبيءَ جو منهن ويڙهيل هو. بس جي اندر مختلف بانسون، حبس ۽ بدبو هئي.

”ائي امان، اکيون ڪولي هل. پردي واري آهين تہ پاڻ لاءِ ڌار گاڏي وٺ.“

جان بيبيءَ چرڪي پنهنجو پير مٿي ڪنيو جيڪو الائي ڪنهن جي پير تي اچي ويو هو.

گشان زالن کي ڌڪيندي بنا پرواهہ جي اڳتي اچي ڊرائيور کي چيو، ”ادا اسان سان گڏ، اسان جي جيجي آهي ان لاءِ ڪا سيٽ ڏيو. اسين ٻئي بيهي بہ لس تائين وينديون سين.“

مديءَ جان بيبي جي پنيان سندس ڪلهي وٽان منهن ڪڍي چيو، ”ادا، پئسا جهجها وٺين تہ بہ ڏيون پر اسان جي جيجيءَ کي سيٽ ڏيو.“

ڊرائيور جان بيبيءَ کي ڏٺو جيڪا ڏک، بک ۽ روئڻ جي باوجود ساڳئي خوبصورت، باوقار بيٺي هئي. رش ۾ پيهہ پيهان ۾ سندس منهن تان چادر هٽي وئي هئي. ڊرائيور چرڪي پيو. لڳو چڻ بس ۾ چنڊ ڪڙي پيو آهي. سوچائين، ”هي ماڻهو رش ۾ بس ۾ سفر ڪرڻ وارن مان ناهي. هن کي ڪنهن وڏي مجبوري هتي آندو آهي.“ هن هڪدم پنهنجي پر واسي سيٽ خالي ڪرائي.

”امان، هتان اٿي، سيٽ خالي ڪر.“

”چو ابا چو سيٽ خالي ڪريان؟“

”امان، هن کي جاءِ ڏي.“ ڊرائيور جان بيبي ۾ نهاري چيو تہ مائي ڪاوڙجي پئي، ”چو ابا، مون ڪوڙ پڇاٽي نڪرين جا پئسا ڏنا آهن ۽ هن سچا سون جا!!“

”گهٽو نہ ڳالهاءِ امان، هرڪو ماڻهو هڪ جهڙو ڪونهي. سيٽ خالي ڪر.“

مائي اٿي تہ گشان چيو،

”ادي، اسين بہ بيٺيون آيون تون...“

”هاٺي چڏ چڏ چالاڪي.“

جان بيبي کي تہ اهڙو ڪوبہ تجربو نہ هو اها حيران حيران بيٺي هئي تہ گشان، مدي ۽ ڊرائيور کيس گڏجي چيو، ”ويهہ سيٽ تي“ ۽ هوءَ چرڪي ويهي رهي ۽ بس رواني ٿي. سيٽ جي پٺي تي مٿو ٽيڪي سوچيو، ’مان ايترو چوندس تہ خدا جي هيڏي وڏي دنيا ۾ مون لاءِ ڪابہ ڪنڊ پناهہ لاءِ ناهي!

سندس اربين کربين تارن مان منهنجي لاءِ هڪڙو بہ تارو ناهي؟ جنهن منجهہ لڪان / پناهہ وٺان.‘ هوءَ اندر ۾ ٻڏندي وئي. ٽنل ذهن تي ماضي جون تصويرون دونهون بنجي رقص ڪرڻ لڳيون، دونهين جي اندر گهڙي، هن هر شبيهہ سان پاڪر پائڻ چاهيو پر هو ٺهڪ ڏيئي سندس اڳيان سرڪي ويون. ۽ هوءَ جيڪا

ويساهه ۽ اعتماد جي اڏوهي ڪاڏل ڏاڪڻ تي پير سنڀالي رکي رهي هئي اها هڪ ئي ڏڪي سان اونڌي منهن اونڌاهين جي اونهاين ۾ وڃي ڪري.ڪيس پنهنجو ڪوبہ فڪر نہ هو رڳو طارق خان جو اونو / الڪو / غم ۽ فڪر هو. پاڻ جنهن جي ڪا بہ منزل نہ هئي، دربدر خاڪ بسر هئي پر سندس سڄو اندر طارق خان سان پريل هو سندس سڀ دعائون ۽ پيار سيئي سوچون ۽ خيال طارق خان لاءِ هئا. هُو ڪيئن هوندو؟ منهنجي خبر ڪيس پوندي تہ ڪيئن ٿيندو؟' لڙڪ سندس نيڻن مان مسلسل وهندا رهيا. ماڻهن جي وچ ۾ تماشو بڻجڻ نہ چاهيندي هن پنهنجو چهرو چادر ۾ ڍڪي ڇڏيو. 'وقت جن کي جدا ڪري ڇڏيندو آهي، دل انهن کان غافل نٿي رهي. هي وقت، ڏينهن راتيون، پهر، ڪلاڪ، منٽ، سيڪنڊ، پل، لمحا، لمڪا سڀ چاٽيءَ ۾ سنهڙن داڻن جيان هوندا آهن. ٿورو بہ چرڻ ڦرڻ سان اهي هيٺ ڪري پوندا آهن ۽ ماڻهو جي اڳيان اڇي يادن کي نئون تازو ڪندا آهن. هينئر منهنجي اڳيان بہ اهي پل چاٽيءَ مان ڇٽي پيا آهن، پر مان ڏسان تي تہ انهن ۾ ڪابہ اهڙي ياد ناهي جيڪا مون کي پڇتاءُ ڏي. وقت توکي مون کان پري تہ ڪيو آهي، پر ڪسيو ناهي. ۽ اهو غرور ئي منهنجي همٿ آهي.' بس جي اڳيان ڪو ٻلو يا ڪتو اچي ويو هو. ۽ بس بريڪ هنيو سيني مسافرن کي جهٽڪو آيو پر جان بيبي گهبرائجي اٿي بيٺي.

"ڇا ٿيو جيجي؟" گشان ۽ مديءَ وٽس اچي پڇيو. جان بيبي بس آهستي رڳو ايترو چيو، "طارق خان الائي ڪيئن هوندو؟"

گهر ۾ طارق خان جي حالت خراب کان خراب تر ٿيندي پئي وئي. گهڻائي ڊاڪٽر آيا، هر ڪو مايوسي مان ڪنڌ هيٺ ڪري ڪمري کان ٻاهر نڪرڻ تي لڳو. هو جان بيبيءَ جي ڪمري ۾ جان بيبيءَ جي پلنگ تي ئي ليٽيل هو.

اڪبر جا لڙڪ لارون ٿي پيا وهيا. حميد ۽ سڄاد بہ پنهنجي هوش ۾ نہ هئا. حميد ڊانهن ڪري ڊاڪٽرن کي چيو، "چاچا، نثار، اوهين سڀ ماٺ ڇو آهيو، بابا کي اسپتال ڏانهن ڇو نٿا وٺي وڃو؟"

”نہ بابا نہ، بلڪل نہ... سائينءَ جو بي پي صفا لو آهي ايترو گهٽ جو ڪيس هلڪو لوڏو بہ نہ ٿو ڏئي سگهجي. اسپتال وٺي وڃڻ لاءِ ڪيس هيٺ مٿي ڪرڻو پوندو.“

ڊاڪٽر نثار تہ رڳو روئي رهيو هو. ڊاڪٽر سهيل، حميد کي سمجهائڻ چاهيو جيڪو مسلسل روئي رهيو هو. وري بہ سيئي طارق خان وٽ آيا جتي ڊاڪٽر ماجد وينو هو. طارق خان اکيون بند ڪيو صفا سانت ليٽيل هو. ڊاڪٽرن جون اکيون مٿس ڪتل هيون. خوبصورت، دراز قد، وڏي هاٿي ڪاٺي واري طارق خان مان سڄو وڏو ڊبل بيڊ ڀريو پيو هو. ڪيس ڊرپ چڙهي پئي هئي ۽ اي سي جي، نبض جي رفتار سڀ ڊاڪٽرن جي نظر ۾ هيون. نبض ۽ ڊرپ نهايت سست رفتاري سان هلي رهيون هيون. اوچتو ٻئي هلڻ بند ٿي ويون. ڊاڪٽرن ڇرڪي هڪ ٻي ڏانهن نهاريو. هڪ بہ اڳتي وڌيا تہ ڊاڪٽر ماجد چيو، ”نہ نہ، سائينءَ کي وڌيڪ تڪليف نہ ڏيو.“

۽ اوچنگارون دٻائي ڊوڙ ڪري ڪمري ڪان ٻاهر نڪتو، ۽ وڏيون وڏيون اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳو. حميد ڇرين وانگيان ڀيءُ سان پاڪر پائي ڪيس چميون ڏيڻ لڳو. اڪبر ۽ سجاد هيٺ زمين تي ڪري پيا ۽ گوڏن ۾ هٿ هڻي پٽڻ لڳا. سڄي حويلي ۾ پٽڪار پئجي وئي. اندر ٻاهر ماڻهو دانهون ڪري منهن مٿان پٽڻ لڳا.

گـل چنـو گرنـار جـو، پـٽڻ ٽيـون پٽـين،
سهسـين سـورٺ جهڙيون، اپيـون اوسارين،
چوٽـا چـارڻ هـٿ ۾، سـر سـينگاريو ڏيـن،
نـاريون نـاڏ ڪـرين، راجـا رات رمگيـو.

گـل چنـو گرنـار جـو، دٻڪـي ويـا دئـار،
بـابون دايـون ٻانهيون، پٽيـون ڪـين پـار،
پئـي رهيـا پـٽ ۾، سـورٺ جـا سـينگار،
راڻـين ۾ راڙو ٿيـو، پـٽن پئـي پچـار،
ههـڙا راءُ ڪنگهـار، ڪـين ٿينـدا ڪـڏهن.

اوطاق ۾ لطيف بادشاه جا فقير جيڪي سندس بيماريءَ جو ٻڌي ڪيس ڏسڻ آيا هئا اهي "شاه جو رسالو" ڪڍي پڙهڻ لڳا. مسجد جو پيش امام جيڪو ڦيٺا وجهڻ آيو هو اهو روئندو حويليءَ کان ٻاهر نڪتو،

"اِناللهٰ واِنا عليه راجعون."

اٿل ڏانهن ويندڙ بس سست رفتاريءَ سان منزل طرف روان دوان هئي. جان بيبيءَ جون اکيون سڄيل ۽ چهرو سپاٽ هو. جنهن مهل طارق خان هن دنيا کي تياڳ ڪرڻ لاءِ ماڳهين دنيا ئي ڇڏي ڏني بلڪل ان مهل جان بيبيءَ جي دل ۾ ڇڻ ڪو زورائتو ڌڪ لڳو. هوءَ گهٻرائجي اٿي بيٺي. سيئي سندس عجيب حالت ڏسي ڏانهنس متوجہ ٿيا. گشان ۽ مدي بہ پريشان ٿي ويون. "ڇا ٿيو آهي جيجي؟"

جان بيبي ڇڻ ڪنهن کي ڏسي ئي نٿي سگهي. "گشان ڇا ٿيو آهي؟"

"جيجي، آءٌ توکان پيئي پڇان، اٿي ڇو آهين؟"

جان بيبي ڇرين جيان سيني ۾ نهاري ساڻي ٿي وري ويهي رهي.

"گشان، ڪجهہ تہ ٿيو آهي. منهنجي هانءَ ۾ ڇڻ گرز گڇي ويو آهي."

گشان ڏک مان چيو، "جيجي، ڪاڏو بہ تہ گهٽا وقت نہ ڪاڏو اٿيئي."

هوءَ وري بہ سيني کان بي خبر ٿي ويئي. سندس نظرون اڳيان اڻ ڇاتل رستي تي هيون ۽ سندس خيال ۽ سوچون نهايت تيز رفتاريءَ سان طارق خان ڏانهن پي ويون. انهن سوچن جو رخ طارق خان کي ساڻ ڪڍي پنهنجي گهر ڏانهن ڪيائين. پنهنجو گهر، جتي سندس ماءُ پيءُ، پائر پيڻ، چاچا سئوٽ ۽ پڦي ۽ پڦات هئا. ڪيس هڪ هڪ ماڻهوءَ جو چهرو ۽ ساڻن ڪيل لاڏ ۽ ڪوڏ ياد اچڻ لڳا. زهره ۽ افروز، مظهر خان ۽ ڪمال خان، ڪمال خان جون تيز، چنيون سڪايل ۽ پياسيون نظرون، واضح نظر اچڻ لڳيون ۽ طارق خان، طارق سان مون پيار ڪيو ۽ مون سان؟ مون سان سچو ۽ بي انتها پيار ڪمال خان ڪيو. بس جي ڌڪي تي هوءَ وري سجاڳ ٿي، گشان ۽ مدي کي ڏٺو جن کي

پڻ ڪن مسافرن جي لهي وڃڻ ڪري ويهڻ جي جاءِ ملي ويئي هئي ۽ بس جي ڌڪن ۽ لوڏن تي ڪين ننڊ اچي رهي هئي. اهو سوچي تہ مان انهن وٽ پيئي رهڻ وڃان، ڪيس ياد آيو جڏهن هڪ پيري هن ساڳي ئي طارق خان واري سلسلي جي شروعات ۾ شموءَ کي چيو هو تہ، ”تون جي هلي ويندينءَ تہ آءٌ بہ توسان گڏ هلنديس.“ تڏهن شموءَ ڪيس ورنديءَ ۾ چيو هو، ”جيجي، مون سان گڏ مون وٽ هلي رهڻ لاءِ توکي منهنجي برابر اچڻو پوندو جيڪو تي نٿو سگهي.“ من ۾ چيائين، ”اچي ڏس شمو، اڄ مان تنهنجي برابر اچي ويئي آهيان ۽ تو جهڙن وٽ رهڻ لاءِ پيئي وڃان.“ هڪدم سندس اڳيان طارق خان جو چهرو سندس پرپور وجود سميت اڳيان اچي ويو. چڻ سڄي بس طارق خان مان پرجي ويئي. توکي کهڙي خبر طارق خان! تہ آءٌ کهڙي رستي تي پيئي سفر ڪريان! جنهن جي ڪابہ منزل ڪوبہ ماڳ ناهي:

ڪوہ چاٽان ڪوہ ٽيو، ڪيڏانهن تي وڃان،
هٿ ڪرايون آڳريون، موڙيو سڀ پيچاءِ،
بين گهر گهجان، مون هاري هوت وڃايو.

’طارق خان، آءٌ تنهنجي بل، تنهنجي طاقت تي پيئي وڃا مون کي ڳولجانءِ/تلاش ڪجانءِ، آءٌ تنهنجي آهيان طارق خان، فقط تنهنجي،

پيئي ٽيئي پامال، سا منڌ مري نہ جيئي،
بري هن پنيور ۾، هڏ نہ ڳرهي حال،
لالن جو لطيف چئي، وساري نہ وصال،
پري ڪجاءِ پال، هيءَ ڏاهہ ڏوريندي ڪيترو.

ڪيس پاڻ سان ٿيل وڏي هاڃي جي ڪا خبر چار نہ هئي ڪيس ڪابہ سڌ ڪوبہ پتو نہ هو تہ سندس دنيا لٽجي ويئي آهي. هوءَ جنهن لاءِ پنهنجي گهر، خاندان ۽ پڇاڙيءَ ۾ سندس ئي گهر مان نڪتي آهي اهو پاڻ سندس لاءِ دنيا مان ئي نڪري ويو آهي! اڄ تہ ڪيس وار چوڙي ڪارا لٽا پائي ماتم ڪرڻ گهرجي، پر هوءَ بي خبر، لاپرواهيءَ مان بس جي دريءَ کان ٻاهر ويندڙ منظر ڏسڻ لڳي.

بس کي هلندي بہ ڪي ڪلاڪ ٿي ويا هئا. واٽ وارين جهوپڙي هوٽلن وٽ بس بيهندي پيئي ويئي. ماڻهو بس مان لهي چانهہ پاڻي ۽

ڪاڏو ڪاٿيندا رهيا. گشان ۾ مدي به بس مان لهي جان بيبيءَ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه وٺي پي آيون. هينئر به بس هڪڙي هوٽل تي بيٺي ته گشان ڪيس چانهه آڻي ڏني. هن جيئن ئي چانهه جو ڍڪ پيتو ڪيس الٽي اچڻ لڳي ۽ هن چانهه ورائي گشان کي ڏني. طارق خان جي وڃڻ وارو الميو عام ته نه هو جو سندس وجود محسوس ڪري نه سگهي، جنهن جي اندر رڳ رڳ ۾ رت جي بدلي طارق خان پي هليو ۽ گوشت جي هر ريشي ۾ طارق خان سمايل هو اهو وجود ڪيئن بنا سوڳ جي عام طرح سان ڪاٿي پي سگهندو! اهو ته ڪجهه به قبول ڪري نه سگهندو! اچلائي ٻاهر ڪڍڻ جي چيز ڪڍڻ کي ڏيندو. بس وري هلڻ لڳي.

”هاڻي ڪيترو پري هوندو اوهان جو ڳوٺ؟“ جان بيبيءَ سڪل سيٽ تي پاسو ورائي چيو ته گشان ڏک مان چيو، ”اجان پري آهي.“

شام ٿي رهي هئي. معنيٰ ته هي سفر رات جو به هلندو!! اوه رات جو اونداهيءَ جي سفر کان ته آءٌ ڊڄان ٿي. نئين سر لڙڪ ڳڙي پيس جو جڏهن زهره وارن کان پنهنجي گهر ويندي دير پي ٿين ته ستار چيو هو ته، ”رات جي سفر ۾ جاني ڊڄي ٿي سو اسين سويل ئي ويندا سين.“ بس جي سيٽ کيس گهڻو تنگ ڪري رهي هئي پر اها تڪليف کيس مليل اجگر تڪليفن جي مقابلي ۾ ته ڪجهه به نه هئي... شام جو وڻن ۾ جبلن جون چانئون ڊگهيون ٿي رهيون هيون. سڀ سندس ڏيکارڻ جا سات سونهڻ ٿي رهيا هئا پر اڄ کيس اهي ڏيکاريندڙ منظر نظر جي هينيان ئي نه پي آيا. سندس من ۾ ته طارق خان ساڻس گڏ هو:

سڄ الٽي سسئي، رت ورنو روءِ،
پهي نه پانڌي کو، جنهن ڪر پڇي لوءِ،
موڙهي وڃي توءِ، موٽڻ جي ڪانه ڪري.

هوءَ ته ان زعم ۾ پي ويئي ته طارق خان کيس ڳولي موٽائي ايندو يا هزارين ماڻهو هزارين رستن، واٽن، راهن، ڊڳن، چارن، رندن ۽ مارڳن ڏانهن اماڻي کوجي ۽ پيري موڪلي وڃي. کيس لهي ونندو ۽ هوءَ سرخ روءُ موٽي ايندي. پر طارق خان ته سيئي لاڳاپا لاهي، آسرا پلي هليو ويو هو:

## ج ـ ع مُنگهاٽيءَ جو ناول، ’رُج‘ منهنجي نظر ۾

ياد ٿو پوي ته جون 2007ع ۾ برادرم تاج بلوچ ٽي ناول موڪليا هئا ته انهن کي پڙهي انهن مان بهترين ڪتاب جي چونڊ ڪريان. انهن ٽنهي ڪتابن ۾ محترم ج.ع مُنگهاٽيءَ جو ناول ’رُج‘ به شامل هو. اهي ٽيئي ڪتاب پڙهي، مون ناول، ’رُج‘ کي پهريون نمبر ڏنو هو. لکيو هوم،

”مون ٽيئي ڪتاب (ناول) دلچسپي ۽ غور سان پڙهيا آهن. منهنجي نظر ۾ ج.ع مُنگهاٽيءَ جو ناول، ’رُج‘ پهرئين نمبر تي عاليشان ناول آهي. اهو ٽيڪنيڪ (technique) ڪهاڻي (fiction) ڪردار نگاري (charactrization) ۽ منظر نگاريءَ جي لحاظ کان اعليٰ درجي جو ناول آهي. آئون ته ايترو به چوندس ته سنڌيءَ ۾ مون ههڙا اعليٰ پائي جا ناول گهٽ پڙهيا آهن. آءٌ ته ان حد تائين به چوندس ته هن ناول کي دنيا جي سموري ڪائنات ۾ (فرينچ، انگريزي ۽ اسپنش ٻولين سوڌو) بهترين ادب سان برميچي سگهجي ٿو. ڪيس لک شاباسون هجن. منهنجي خيال ۾ اهو ناول حڪما حڪمي پهرئين نمبر تي بهترين ناول آهي.“

سنڌي ڪلچر جي پس منظر ۾ جان بيبي ۽ طارق خان جا ڪردار ايڏا سگهارا ۽ موزون آهن جو مُنگهاٽيءَ جي تصوراتي دنيا کان به مَٿيرا آهن. مون کي ڪزنزاڪيس جي يوناني ڪلچر جي پس منظر ۾ خلقيل ڪردارن جو حوالو ياد ٿو اچي. ان جي باوجود ٻوليءَ جي خوبصورتيءَ تي مُنگهاٽي ڪزنزاڪيس کان گهڻو اڳتي آهي. رڳو هڪڙو ئي مثال ڏيندس، جڏهن جان بيبيءَ جو هي گفتو لوڏي ٿو ڇڏي، ’ڪي ماڻهو سفر ۾ گڏ هلڻ جي قابل نه هوندا آهن ۽ ڪي رستا تنها ڪٽجي نه سگهندا آهن.‘ اهڙا خوبصورت جملا سموري ناول ۾ ٽڙيا پکڙيا پيا آهن.

سراج

12- آگسٽ 2009ع
ڪراچي

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.